خوابن جي تشريح

مصنف

سگمنڊ فرائيڊ

سنڌيڪار

بيدل مسرور بدوي

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

خوابن جي تشريح

مصنف

سگمنڈ فرائيڈ

(انگريزي ترجمو: جيمس اسٽريچي)

سنڌيڪار

بيدل مسرور بدوي



سنڌي ادبي بورڊ

چام شورو، سنڌ

2020ع

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو۔

ڪتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ

چاپو پهريون نومبر 2020ع

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

هيءُ ڪتاب ميڪ پينا فليڪس اينڊ پرنٽنگ پريس حيدرآباد مان سيد سڪندر علي شاهه سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

چپائيندڙ پاران

يورپ جي معروف ليکڪ سگمنڊ فرائيڊ جو خوابن جي نظرين تي مشتمل جڳ مشهور ڪتاب (THE INTERPRETATION OF DREAMS) پنهنجي موضوع جي لحاظ کان هڪ نئون ۽ اهم ڪتاب ليکجي ٿو جيڪو سن 1900ع ۾ ڇپيو. سگمنڊ فرائيڊ آسٽرين نيورولاجسٽ ۽ سائڪو ٿئالاجسٽ هو. سگمنڊ فرائيڊ 6 مئي 1856ع ڏاري آسٽريا ۾ جائو ۽ 23 سيپٽمبر 1939ع ۾ لنڊن ۾ گذاري ويو. هُو پهريون مُحرڪ آهي، جنهن خوابن جي تشريح جو تجزيو ڪري، خواب جي اهميت بابت ڪيترين ئي ڳالهين جو جائزو ونڊي انهيءَ کي ميڊيڪل نقطءِ نگاه ۽ تجربن جي بنياد جي حاصل مقصد کي پيٽي انهن خواب ڏسندڙ ذهني مريضن جو علاج سائڪالاجسٽ طور تي ڪيو.

سنڌي ادبي بورڊ شروع کان ئي ادب، تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت تي اعليٰ درجي جا معياري ڪتاب شايع ڪندو رهيو آهي. ان کان علاوه پرڏيهي ادب جي ڪيترن ئي معياري ڪتابن جا به بورڊ سنڌيءَ ۾ ترجما ڪرائي، انهن کي شايع ڪري پاڻ ملهايو آهي. هن ڪتاب جي به اهميت ۽ افاديت کي پرکيندي، بورڊ طرفان اُن کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائي ڇپرائڻ جو فصيلو ڪيو ويو ۽ سنڌي ترجمي جو ڪم سنڌي ادب جي نامياري ليکڪ ۽ مترجم محترم بيدل مسرور صاحب جن کي سونپيو ويو جنهن هِن ڪتاب جو ترجمو **"خوابن جي تشريح"** جي نالي سان سولي سنڌيءَ ۾ ڪري بورڊ جي حوالي ڪيو.

محترم بيدل مسرور صاحب پرڏيهي ادب جي هِن معياري لکڻي کي انتهائي سهڻي انداز ۾ سنڌي لفظن جو ويس پهرائي، سنڌي ادب ۾ ترجمي جي اهميت ۾ اضافو ڪرڻ سان گڏوگڏ سنڌي ادب ۾ خواب جي اهميت کي پڻ اجاگر ڪيو آهي. ترجمو ڪرڻ وارا تخليقڪار پنهنجي مشاهدي مان چون ٿا، ته ترجمي ڪرڻ جو عمل ٻيهر تخليق ڪرڻ برابر آهي، تنهنڪري مترجم کي ٻي ٻولي

جي فطرت، مزاج ۽ اُن جي ادبي سياءَ جي واقفيت هئڻ گهرجي. اِهي سڀ خوبيون هِن ڪتاب ۾ نمايان نظر اچن ٿيون.

سنڌي ادبي بورڊ سنڌ جي اهڙي علمي ۽ ادبي خزاني کي شايع ڪري منظرعام تي آڻڻ لاءِ شروع کان ڪوشان رهندو پيو اچي. موجوده وقت ۾ بورڊ جي مانواري چيئرمين جناب مخدوم سعيدالزمان 'عاطف' صاحب جن جي خاص دلچسپيءَ تحت اداري طرفان نوان ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن. سندن علمي ۽ ادبي گهراٽي سان وابستہ هئڻ سبب، بورڊ طرفان اڻڇپيل مسودا اوليت جي بنياد تي شايع ڪري منظرعام تي آڻڻ لاءِ بورڊ جي پبليڪيشن ڪميٽي جي ميمبر صاحبان جي مشاورت سان بورڊ جي اشاعتي سلسلي کي ترقي ونڊڻ لاءِ نت نوان پروگرام جوڙيا آهن.

انهيءَ سلسلي کي مدنظر رکندي، عالمي سطح جي هِن اهم ڪتاب کي بورڊ طرفان شايع ڪري منظرعام تي آڻڻ ۾ اِن سلسلي جي ڪڙي آهي. جنهن جو پهريون ڇاپو آڻ بورڊ جي مانواري چيئرمين جناب مخدوم سعيدالزمان 'عاطف صاحب جن جي ايامڪاريءَ ۾ رهنمائيءَ ۾ شايع ڪري سُرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان.

اميد آهي تہ اسان جي هن ڪاوش کي ادب جي ساڃاهہ وندن وٽ ساراهيو ويندو.

26۔ ربيع الاول 1442هـ
13۔ نومبر 2020ع

سيد سڪندر علي شاهہ
سيڪريٽري

فهرست

انتساب 9
پيش لفظ 11
تاريخوار سوانحي خاڪو 19
باب پهريون خوابن جي مسئلن سان سائنسي ادب جو رويو/ تعلق: 23
1. خوابن جو جاڳندڙ حياتيءَ سان تعلق: 28
2. خوابن جو مواد، خوابن ذريعي يادگيرين جو اڇڻ: 32
3. ترغيب ۽ خوابن جا ماخذ/بنياد/ذريعا: 41
الف: باهرين (خارجي) دماغي جوش واري حواسي حالت: 42
ب. اندروني/داخلي جذبات اُپارينڊڙ احساس: 48
پ: جسماني جيون گهرڙن جي اندروني ترغيب: 51
پ: نفسياتي ترغيب جا بنياد/ماخذ: 57
4. جاڳڻ کانپوءِ سپنا وسري ڇو ويندا آهن؟ 60
5. خوابن جي نفسياتي خاصيتن جي سجاڻپ/فرق: 64
6. خوابن ۾ اخلاقي شعور: 79
7. خوابن جا نظريا ۽ انهن جو ڪم: 87
8. خوابن ۽ ذهني بيمارين جو پاڻ ۾ تعلق: 98
ضميمو 1909ع 102
ضميمو 1914ع 103
باب ٻيو خوابن جي تعبير جو طريقو: 104
نمائنده خواب جو تجزيو: 113
باب ٽيون خواب، خواهشن جو پورائو ڪندڙ هوندو آهي: 126
باب چوٿون خوابن ۾ تاثر جو بگڙجي وڃڻ: 136
باب پنجون خوابن جو مواد ۽ ماخذ: 160
1. خوابن ۾ تازو ۽ غير متعلق مواد: 162
2. خوابن جي بنياد ۾ پالڪپٽي جو مواد: 182
3. خوابن ۾ جسماني جيوگهرڙن جو بنياد: 205
4. مثالي يا خاص قسم جا خواب: 221

الف: اگهاڙپ جا پريشان ڪندڙ خواب: 222
ب: پيارن جي موت جا خواب: 227
پ: ڪجهه ٻيا مثالي خواب: 241
ت: امتحاني خواب: 243
باب ڇهون خواب جو عمل: 245
1.اختصار ڪرڻ يا گهٽائڻ جو عمل: 247
2. گم ٿي وڃڻ جو عمل: 260
3. خوابن ۾ نمائندگيءَ جو مقصد: 264
4. نمائندگيءَ ۽ مقصد تي غور ويچار: 282
5. خوابن ۾ علامتن ذريعي اظهار: 286
6. ڪجهه مثالي خواب: 289
7. ڪجهه مثال: 300
الف. خوابن ۾ ڳٽڻ: 305
ب. خوابن ۾ تقريرون/گفتگو: 307
8. بي معنيٰ خواب: 311
9. خوابن ۾ ڏاهپ واريون سرگرميون: 317
10. خوابن ۾ اثرانداز ٿيندڙ جذبا: 326
11. ثانوي جائزو نظرثاني: 346
باب ستون خوابن جي عمل جو نفسياتي پهلو: 360
1. خوابن جو وسري وڃڻ: 362
الف. تشريح متعلق وضاحتون: 371
1. موت کائڻ وارو عمل: 378
3. خواهش جو پورائو: 392
4. خوابن ذريعي احساسن جو اُپار، خوابن جو ڪم، فڪر ۽ ڳڻتيءَ جا خواب: 411
5. ابتدائي ۽ ثانوي عمل (ٻيهر ڏهائڻ وارو عمل/ ضبط): 423
7. لاشعور ۽ شعور، (سُرت، بي سُرتيءَ جي حقيقت): 440

انتساب

هن ڪتاب جي ترجمي جو پورهيو
پنهنجن انهن سمورن سپنن جي نالي،
جن ماضيءَ جي يادن کي محفوظ رکيو آهي،
۽ حال ۽ مستقبل جي معاملن کان آگاهي پئي ڏني آهي.
۽ جن سدائين
پاڻ سمجهڻ/سجاڻڻ جي ساڃاهه پئي دني آهه ..
۽
فقير مسرور جي سموري (گذاري ويل، جيئري ۽ ايندڙ) ڪهول،
پوٽن، پوٽين، ڏوهٽن ۽ ڏوهٽين ۽ سندن اولاد جي نالي.

بيدل مسرور

خوابن جي تشريح

پيش لفظ

"مون کي پنهنجا خواب سڀاڻ
تہ مان توکي تنهنجي من اندر جي ڀالهين کان واقف ڪريان."
(پاف Pafaff)

جاڳ، نند ۽ خواب

هن سڳوري ڌرتيءَ تي جاڳ، جيون آهي يا ڪٿي ائين چئجي تہ ڪائنات ۾ جيترو به جيون نظر ٿو اچي اهو جاڳ آهي. مطلب تہ جيون آهي تہ جاڳ آهي، پر جاڳ آهي تہ ساڻ نند به آهي. جيڪا وري دنيا جي سمورين نعمتن کان وڌيڪ املهہ ۽ پياري آهي، پر اها نعمت ڪڏهن ڪڏهن سسئي جي نند جيان ندوري به ٿي پوندي آهي. ان ڪري ماڻهوءَ کي اهو به طئي ڪرڻو پوندو تہ وڌيڪ املهہ ڪهڙي شيءَ آهي؟ جاڳ يا نند؟

خوابن جي حوالي سان ڏسجي تہ خود نند به هڪ عجب قسم جو "جاڳ جيون" آهي، پر اهو مسلسل جاڳ وارو امر جيون آهي، ۽ ائين ئي وري قيامت کانپوءِ به هڪ "جاڳ جيون".

ڪيهي چال چلي ٿو ڌڻي جيڏيون يار منهنجو
وَنَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ، ساري ڀالهہ سلي ٿو

"سچُو" سيڪنهن صورتين، اهڙيءَ طرح هلي ٿو.[1]

ڪائناتن جي سرجيندڙ پنهنجي عظمت ۽ اثبات جو ڪهڙو نہ عجب سانگ سجايو آهي، جو هن ڌرتيءَ جي گولي تي، سجاڳيءَ جو عرصو مختصر رکيو اٿس، جڏهن تہ نند جي عُمر ان کان وڌيڪ ڏگهي خلقي اٿس، شايد انڪري "ڏاهن" نند کي به جاڳ واري حالت (عبادت) ۾ گهاريو آهي. جنهن لاءِ شاهہ سائينءَ فرمايو تہ:

سي ستا ئي سُنهن، نند عبادت تن جي.

ان جو مطلب ٿيو تہ جاڳ، سجاڳيءَ يا بيداري دوران انساني سوچ ويچار ۽ غور فڪر واري لياقت يا صلاحيت، نند ۾ به جاڳ، جيون جو بامراد و ۽ نهايت تخليقي ۽ تخيلاتي جهان اڏيندي آهي ۽ اهڙيءَ صورت ۾ خود نند به هڪ عجب قسم جي جاڳ جيون جي علامت بڻجي ويندي آهي، پر اها نمونيا، تيز بخار يا شيزوفرنيا ۽ زنانين بيمارين ذريعي پيدا ٿيندڙ دنيا نہ هوندي آهي. چاکاڻ تہ جديد سائنسي ترقيءَ جي باوجود هاڻي به گهڻا ماڻهو انهن جسماني ۽ جنسي بيمارين کي جن پوت يا شيطاني عمل جو نتيجو يا دشمني يا سحڻائپ ۾ ڪرايل تعويذن جو ردعمل سمجهندا آهن. جڏهن تہ اهي جنسي ۽ ذهني بيماريون هونديون آهن جن جو علاج ممڪن آهي.

"روبرٽ" (Robert, 1886) لکيو آهي تہ "ذهني تخيلاتي عڪس، دماغ جي وسعت کانسواءِ به خوابن ۾ اپرندا آهن. ٿي سگهي ٿو تہ اهي تنتي سرشتي جي ترغيب جو نتيجو هجن.

شاهہ ولي الله جو خيال آهي تہ انسان جي اندر هڪ لطيف بخار موجود آهي، جو انسان جي چئن خلطن جي خلاصي جي پيدائش آهي، اهي چار خلط هي آهن: سودا، صفرا، بلغم، خون: ليڪن انهن ۾ خون جو حصو البت سوايو آهي. تہ هن ڪري

---

[1] (فَإِذَا سَوَّيْتُهُ وَنَفَخْتُ فِيهِ مِن رُّوحِي فَقَعُوا لَهُ سَاجِدِينَ: پوءِ جڏهن ڪيس ٻڌائي برابر ڪريان ۽ سڄهس پنهنجو روح ٿوڪيان تڏهن ڪيس سجدو ڪندڙ ٿي ڪري پئو. (الحجر: 15_29)

ائين چئي سگھجي ٿو تہ اھو "لطيف بخار" خون جي خلاصي مان ٻڌجي ٿو ۽ ھي چار خلط وري چئن عنصرن (اربع عناصر) يعني ھوا، متي، باھ ۽ پاڻي ۽ مان جڙيل آھن. ھي بخار جو ھڪ سفيد ڪوھيڙي مثل ھڪ مليل شيءِ آھي سو ساري ڪثيف جسم ۾ پکڙيو پيو آھي ۽ جسم جي ھر حصي کي پنھنجي ڪم ۾ لاڻ لاءِ ھيءَ ئي جوابدار آھي.

جيستائين اھو انسان يا حيوان جي جسم ۾ آھي تيستائين اھو انسان يا حيوان جيئرو آھي ۽ اھو جڏھن جسم کان جدا ٿئي ٿو تہ انسان مري ويجي ٿو. انھيءَ لطيف بخار کي اسان "نسمو" سڏيون ٿا.

موت جي وقت اھو "نسمو" آھي جو جسم کان جدا ٿي ويجي ٿو ۽ جنھن سبب موت واقع ٿئي ٿو اصلي روح جو تعلق پوءِ بہ نسمي سان قائم رھي ٿو "نفس ناطقہ" جي اھا ھڪ جبلي تقاضا آھي تہ سندس تعلق جسم سان اھڙو رھي جھڙو معدني، نباتي، حيواني ۽ انساني صورت جو تعلق جسم سان رھي ٿو. انسان جي مرڻ کان پوءِ نسمو جسم جون قلبي ۽ دماغي قوتون پنھنجي ھوائي جوھر ۾ قائم رکيو ايندو آھي، ۽ قبر ۾ عذاب يا ثواب بہ انھيءَ نسمي سان کيس ڏنو ويندو آھي.

ميونخ جي ماھر نفسيات "گروپي" (Gruppe_1906) خوابن جي "تفريق ۽ تقسيم" بہ انھيءَ ئي ترتيب سان ڪئي آھي، جيئن "مئڪروبس" (Macrobius) ۽ "آرٽيميڊورس" (Artemidorrus) خوابن کي پن حصن ۾ ورھايو آھي. جن مان ھڪڙا اھي جيڪي "حال ۽ ماضيءَ" جي اثر ھيٺ ھوندا آھن، پر انھن ۾ مستقبل جي متعلق ڪا نشاني موجود نہ ھوندي آھي. انھن ۾ اوجاڳو يا بي خوابيءَ (Insomnia) بہ شامل ھوندي آھي. جيڪا خيال جي سڏي سنئين يا ان جي مخالف نمائندگي ڪندي آھي. جئين: "بک يا پريل پيٽ" واري حالت ۾ ٿيندو آھي.

فرائيڊ لکيو آھي تہ: خواب، ڪنھن "مافوق الفطرت منشور" طرفان نہ ايرندو آھن. پر "انساني روح جي قانون جي پوئواري" ڪندا آھن. بھرحال ھاڻي بہ اھو ئي سچ آھي تہ خواب، الھام جيان ساڳين خصلتن جھڙو ھوندو آھي. خواب، ستل ماڻھوءَ جي ذھني سرگرميءَ کي بيان ڪندو آھي، حالانڪ ھو ستل ئي ھوندو آھي.

ان حوالي سان جاڻڻ گھرجي تہ ننڊ واري "جاڳ جيون" جي صورت ۾ مراقبي، ذڪر يا عبادتن ذريعي استغراق ۾ ھوندو آھي ۽ اھا حالت عملي مسخرات ڪرڻ کان بہ مختلف آھي. ڇاڪاڻ تہ ان قسم جي غير رسمي عبادتن ۾ ماڻھو پنھنجي ذھن کي ھڪ خيال تي مرڪوز ڪندو آھي. جڏھن تہ ننڊ دوران آيل سھڻن سپنن جو تعلق رڳو انسان جي ننڊ سان آھي. ھا البت اھا ڳالھہ قبول ڪرڻ جوڳي آھي تہ اھڙين بيمارين ۽ مراقبي واري عڪسبنديءَ ۾ ھڪجھڙائي ٿي سگھي ٿي.

پر ھافنر (Haffner_1887) لکي ٿو تہ: "..... ماڻھو پنھنجي شيطاني خوابن جو پاڻ ئي ذميوار آھي."

مان سمجھان ٿو تہ فرائيڊ شايد اسان جي دور بابت چيو ھجي تہ: ھڪ ڏينھن طبي ماھرن کي پنھنجو ڏيان "خوابن جي نفسياتي علاج جي طريقي" ڏانھن ضرور ڏيڻو پوندو." ڇاڪاڻ تہ ھاڻي جڏھن سائنس جي ھر شعبي جون نت نيون کوجنائون عمل ۾ آيون آھن تہ اڄ جو حضرت انسان آپي کان ٻاھر اچي ويو آھي، ۽ اھڙي انسان جو ذھني، نفسياتي علاج تمام ضروري آھي، الائي تہ ڇو ھن کي اھڙا ڊيڄاريندڙ خواب بہ نہ ٿا نظر اچن جن جي ڪري منجھس کوسڙا رواچي ويجي.

عام طور تي اھو ئي ڏٺو ويو آھي تہ خواب جيون (Dream life)، جاڳ جيون جي عڪسن، خيالن، سوچن، منصوبن، مشڪلاتن، ڪوششن، ناڪامين، ڪاميابين، وفائون، بي وفائين، سزائن، جزائن ۽ ٻين بہ گھڻين ڪيفيتن ۽ ردعمل تي ٻڌل ٿئي ٿو ۽ جي ننڊ آھي تہ شعوري زندگيءَ جي زباني (Oral) عمل جو تصويري ردعمل، ڪنھن سھاڻي سپني جي صورت ۾ اظھار جي ٿو ويجي. پوءِ تہ ننڊ وڌيڪ اھم ڇٻي جو ان ۾ ھڪ مڪمل خواب جيون (Dream life) بہ آھي، جنھن جي ساري ڪائنات رڳو تصور ۽ يادن جي عڪسن سان تمتار ٿيل ملي ٿي.

"بيننني" (Benini.189) لکي ٿو تہ: "اسان جون چند خواھشون، جيڪي ٿوري وقت لاءِ نھايت ضدي ۽ سگھاريون ھونديون آھن تہ ٿوري وقت ڪانپوءِ وساڻل وساڻل، اجھاڻل اجھاڻل، پر بار بار جاڳنديون بہ رھنديون آھن. جھونا، پراڻا ۽ دفن ٿيل جوش جذبا، توڙي اھي شيون ۽ ماڻھو بہ، جن کي ٻيھر ڏسڻ يا ملڻ جي پڪ نہ ھوندي آھي، ور ور ڪري پيا ياد ايندا آھن."

مائوري (Maury_1878) جو چوڻ آهي تہ: "اهي اسان جون خواهشون ئي آهن جيڪي اسان سان ڳالهائڻ ٽيون ۽ عمل ڪرڻ جي قابل بنائن ٽيون، جيتوڻيڪ اسان جو شعور اسان کي پوئتي ماضيءَ ۾ وڃي نہ ٽو وڃي، ان هوندي بہ ڪڏهن ڪڏهن اسان ۾ گرمجوشي پيدا ڪندو رهي ٽو مون وٽ منهنجون غلطيون آهن ۽ منهنجون بچڙيون ۽ بدمست خواهشون آهن، جڏهن مان جاڳندو آهيان تہ انهن سان جهيڙڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان، ۽ انهن جي اڳيان گهٽو ڪري، نہ جهڪڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهيان، پر منهنجي خوابن ۾ مان سدائين انهن جي اڳيان آڻ مڃي وٺندو آهيان، يا مان بنا ڪنهن ڊپ، ضمير جي ملامت يا پنهنجي عمل تي پڇتاءَ جي، سندن دٻاءَ هيٺ عمل ڪرڻ لڳندو آهيان.... اهو نظارو جيڪو پهرين منهنجي ذهن جا ور کولي نہ سگهندو آهي ۽ ان کي خواهشن جي ذريعي، نهايت چتائيءَ سان پيش ڪندو آهي، جن کي مان محسوس ڪندو آهيان ۽ منهنجو "غير حاضر هجڻ" بہ ڪڏهن تڪليف وارو احساس ڏيڻ جي ڪوشش نہ ڪندو آهي."

"مائوري" جي چيل لفظن کان ڪجهہ وڌيڪ ئي، سپنا پنهنجو اظهار بلڪل نيڪ ۽ هوبهو ڪري سگهندا آهن:

"اهڙيءَ ريت خوابن ۾ ماڻهو آتم ۾ اظهاريل پنهنجي سموري، پيدائشي اگهاڙپ ۽ افلاس سان بيئل هوندو آهي، جيترو جلدي هو پنهنجي خواهشن جي ڏهني توڙي جسماني اوسر لاءِ سرگرميءَ جي مشق کي ملتوي ڪندو آهي، تہ هو انهن سمورن جوشيلن جذبن جي خلاف هڪڙو راندیڪو ٻڌجي پوندو آهي، ۽ جڏهن جاڳندو آهي تہ پنهنجي شعور، عزت ۽ ڊپ جي ذريعي ان کان پاڻ بچائيندو آهي."

ڪاش! مون "مائوري" جا چيل اهي لفظن اڳ ساڃاهيا هجن ها، تہ پنهنجي سوين قيمتي خوابن کي ائين پٽيءَ پويان نہ اڇلائي ڇڏيان ها. حالانڪ ان سلسلي ۾ آمريڪي نجومڻ "ساره فريبر" بہ مون کي منهنجي خوابن جي وقعت جو احساس ڏياريندي، منهنجي سپنن جي منطقي ارتقا کي تحريري صورت ڏيڻ لاءِ سدائين پئي زور پريندي رهي آهي پر مان پنهنجي شخصيت جي شعور، عزت ۽ معاشرتي اخلاقي دٻاءَ جي ڊپ جي سبب خوابن کي لکڻ کان ڪيهائيندو رهيو آهيان، ۽ شايد ان ڪري ئي اسان جا ڪيترائي دانشور دوست ان جبلت جي دٻاءَ سبب پنهنجي اندر تي پوندڙ اولڙن ڏانهن، پنهنجي نايابسپنن ڏانهن ڏيان ڪونہ ٿا ڏين، جڏهن تہ:

سپ جاڻن ٿا.....
جاڳ ۾ توڙي نند ۾.....
ڪ وک تي وکريل سپنا
ڪٿي آئيندي جو اولڙو سپنا تہ ڪٿي عزم جو اعلان سپنا،
خمار سپنا، سُرور سپنا، امنگن جو اظهار سپنا،
ٿهڪ سپنا، روح سپنا، دردن جو درمان سپنا،
مغموم، مفتون، مفهوم سپنا،
ساڃپائن جي اوسيئڙن ۾ مڪار سپنا، مجاز سپنا،
سالڪ جا ساڪار سپنا، عارف جا عرفان سپنا،
قابل جا هوشيار سپنا ۽ جابر جا دشوار سپنا،
پر قاتل جا قتال سپنا، بتال سپنا، بدچال سپنا،
نظرين جا ڪي سوال سپنا، ڪي جواب سپنا،
فطرت جا ڪي حساب سپنا،
تنهنجا منهنجا سانجهي سپنا، سادا، سولا سانده سهڻا سم سپنا،
من جي ميري چادر تي رنگبرنگي ڏاڪڻ سان اٽيل سپنا،

سچل سپنا، بيدل سپنا، باهو شاهه قلندر سپنا،
ڏيان سپنا، گيان سپنا، جاڳ ۾ سپنا، نند ۾ سپنا،
فراق سپنا، وصال سپنا، تلاش سپنا، خيال سپنا،
امن امنگن، اظهار سپنا،
ساپياڻون ساربندڙ سپنا،
درد جي ڏاڳي سان اٽيل سپنا،
خوشين سان ٿهڪندڙ سپنا،
وصال سپنا، ڪمال سپنا،
برهه جي بازار سپنا،
سپنن جو سينگار سپنا،
سنسار سپنا ۽ ان هر موڙ تي مامور سپنا....

اهو ڪو نهايت بدنصيب ماڻهو آهي يا ڏهني مريض آهي جيڪو سپنا نه ٿو ڏسي. ڇاڪاڻ ته جيئن نند جو اڇو تندرستيءَ جي نشاني آهي. تيئن سپنا ڏسڻ به تندرستيءَ جي نشاني آهي. ان حوالي سان پنهنجو پاڻ ۾ جهاتي پائي پڇو گهرجي ته ڇا مان تندرست به آهيان يا....؟

خواب توڙي جاڳ جيون جي انهن سمورين ڪيفيتن جو اظهار علم ادب ۽ تاريخ جي ورقن تي اُتاريل آهي پر ان جيون جي جاڳ ۽ ان سپني جي سرجنا جو پاڻ ۾ لاڳاپو ڪهڙو آهي؟

جيون ڇا ٿو طلبي؟
جاڳ ان جو ڪيترو پورائو ٿي ڪري؟
ڇا اها جاڳ جيون جي سنپورٽتا جو سبب بڻجي ٿي؟
نند ڇا ٿي ڇاهي؟
سپنو ڇا ٿو ڇاهي.
اهو ڇا ٿو ثابت ڪرڻ گهري؟
۽ اهڙن سوين سوالن ڏانهن ڇا اسان ڪڏهن ڏيان ڏنو آهي؟

جيڪڏهن نا ته نفسيات جو مطالعو ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. هي علم نه رڳو انهن سوالن حل ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو پر ساڻئي وقت ان جي مطالعي جي ذريعي. فطرت جي هن عجب رنگ دنيا ۽ سندس انهيءَ چرپر مان. وقت وچوٽيءَ ۽ حادثن جو اهو حياتياتي مطالعو ڪري سگهجي ٿو. جنهن سان "خلق ۽ خالق" جو اهو ادراڪ حاصل ٿي سگهي ٿو جنهن لاءِ انسان جنم جنم پٽڪندو رهيو آهي.

"نفسيات" ئي اهو موضوع آهي. جنهن جي ڳوڙهي مطالعي سان سمورا علم نظريا. عمل ۽ جاڳ هڪ نئين روشني ۽ تازگي بخشيندڙ احساس سان جيئڻ جو پيغام بڻجي وڃن ٿا.

ان ڏس ۾ دنيا جا سمورا علم خاص طور تي "علم انسان" (Anthropology) "فلسفي" (Philosophy) توڙي "مرض وديا" (Pathology) وغيره به تمام گهڻيون ڪامياب ڪوششون ڪيون آهن. پر "نفسيات" (Psychology) جي متعلق انساني جاڳ جا دروازا ايان پيڪڙيل آهن. حالانڪ هڪڙو "نفسيات" جو علم ئي اهڙو آهي جيڪو "ازل کان ابد" تائين جي سمورين تحريڪن کي سمجهڻ ۾ وڏي ۽ واضح مدد ڏئي ٿو.

مان ان چوڻ ۾ ٿوروبہ وڌاءَ نہ ٿوپايان تہ "پاڻ سجاڻڻ" جي مشڪل منزل بہ وڏي حد تائين انساني نفسيات تي غور فڪر ڪرڻ ذريعي آسانيءَ سان حاصل ٿئي ٿي. خاص ڪري "علم نفسيات" جي حوالي سان "خوابن جي تجزين" جي مطالعي سان تہ انسان تي رهندو گهڻو ڪجهہ عيان ٿي وڃي ٿو.

ان ڏس ۾ فرائيڊ جو چوڻ آهي تہ: "اسان مسئلن، سوچ يا ڪلپنا جي انهن وسيع مسئلن کي ميڙ يا صحيح دڳ سان ڏسڻ جي تيستائين قابل نہ ٿي سگهنداسين، جيستائين خوابن ۾ انهن تعبيرن کي سمجهڻ پنهنجو پهريون فرض ڪري نہ سمجهنداسين."

حالانڪ "سپنا ۽ ان جون سايپائون" خود ڊاڪٽر دلچسپ موضوع رهيو آهي، جنهن جي ڪري بازار ۾ ڪيترائي "خواب نامہ" بہ وڪرو ٿي رهيا آهن، جيڪي ٿورو ڪي گهڻو مذهبي، سماجي ۽ معاشي صورتحال جي آگاهيءَ سان وابستا آهن، پر "خوابن جي نفسياتي جائزي" جي مطالعي سان "نند ۽ جاڳ" واري جيون متعلق مادي توڙي روحاني طور پيدا ٿيل غلط فهميون ڪافي دور ٿي وڃن ٿيون.

مان "جيسن" (Jessen.1855) جي ان قسم جي گڏ ڪيل خوابن جو حوالو ڏيندس، جيڪو ٿي سگهي ٿو تہ اهي ٿورو يا گهڻو حادثاتي، حواسن جي اپاريا ترغيب جي عملي مقصد جي ڳولها ۾ مددگار ثابت ٿين. لکي ٿو تہ:

"هر آواز خوابي تصويرن جي تعلق کي، بنا فرق جي ساڃاهيندو ۽ اپاريندو آهي. گجگوڙ جو ڪن ڦاڙيندڙ آواز تصويري طور تي اسان کي جنگ جي ميدان ۾ پيهاري سگهي ٿو. ڪڙ جي ٻانگ، ٿي سگهي ٿو تہ خود ماڻهوءَ جي ڊپ مان ڪيل رڙ جي صورت اختيار ڪري وٺي. دروازي جو چرڙاٽ، ٿي سگهي ٿو تہ ڪات هٽندڙ چور واري خواب ۾ تبديل ٿي وڃي. جيڪڏهن رات جو اسان جي بستري جي چادر وغيره لهي وڃي يا ڪري پوي تہ ٿي سگهي ٿو تہ خواب ۾ اسان پاڻ کي اگهاڙو گهمندي يا پاڻيءَ ۾ ڪرندي ڏسندا هجون. جيڪڏهن اسان بستري تي آڏا ٽيڏا ستل هونداسين ۽ اسان جا پير پلنگ يا ڪٽ جي ڇيڙن کي لڳندا هوندا تہ ٿي سگهي ٿو تہ اسان خواب ۾ پاڻ کي پاڻيءَ رستي سامان نيٺ واري ڪنهن بندرگاه يا ڪنهن جبل جي ايڪپري حصي تي بيٺل ڏسندا هجون. يا ڪنهن سامونڊي ڪناري تان ڪرندي ڏسندا هجون. جيڪڏهن اسان جو ڪنڌ وهاٽي جي هيٺان اچي ويو هجي تہ اسان ڪنهن وڏي ۽ باهر وڌيل پهاڙ جي هيٺان ڏهيل ڏسندا هجون ۽ ان جو وزن محسوس ڪندا هجون. تخم منيءَ جو ڍڳ يا ڊير، خواب ۾ عيش يا لست ڏياري سگهي ٿو. عام قسم جو سور بہ پنهنجي بيمار هجڻ، حملي ٽيڙ يا زخمي ٿي پوڻ جا خيال پيدا ڪري سگهي ٿو...."

ڪمال تہ اهو آهي تہ الله پاڪ انسان جي کوپڙيءَ ۾ جيڪو ميجالو رکيو آهي، ان جي گوناگون ڪارنامن جي هاڻ تي عقل ئي دنگ رهجيو وڃي. چا تہ سوچن ۽ خيالن جي اڏام آهي! چا تہ عضون جي چرپر آهي! چا تہ حواسن جو ادراڪي اسرار آهي!

شاهہ ولي الله (1702ع ـ 1764) پنهنجي ڪتاب "حجت الله البالغہ" جلد اول صفحي 34 تي لکي ٿو تہ: "قبر واري دنيا کي بہ هن خوابن واري دنيا تي قياس ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن قبر واري عالم کي "عالم روبا" سڏيو وڃي تہ بيجا نہ ٿيندو فرق فقط هي آهي تہ خوابن واري دنيا مان ماڻهو جلدي سجاڳ ٿي هن مادي دنيا ڏانهن واپس اچي ٿو ليڪن قبر واري دنيا ۾ هن کي اها نند هوندي آهي جنهن مان هو قيامت کان اڳ جاڳي نہ سگهندو. جيڪڏهن ماڻهوءَ کي نند کان پوءِ سجاڳي نہ ٿئي تہ هو ان خواب کي حقيقت ۽ سچي ڳالهہ سمجهندو ۽ جو ڪجهہ ڏسي ٿو تنهن تي ذرو بہ شڪ نہ آڻيندو."

(شاهہ ولي الله جي تعليم ليکڪ پروفيسر غلام حسين جلباڻي، سنڌيڪا اڪيڈمي ڪراچي: 2007ع، ص 65)

جهوني حڪيم "برداخ" (Burdach_1838) جنهن جا سان نهايت ٿورائتا آهيون، جنهن خوابن جي ڳالهہ کي هڪدم سمجهي وٺڻ جي معاملي ۾ انتهائي احتياط کان ڪم ورتو آهي. جنهن پنهنجي ڪامل يقين سان جيڪو انڪشاف ڪيو آهي، ان جو حوالو هتي ڏيڻ ضروري آهي:

"خوابن ۾ به روزمره واري زندگي ئي نظر ايندي آهي، پنهنجي سمورين محنتن مشقتن، خوشين ۽ مسرتن سان، جنهن ۾ سڪ به آهي ته ڏک به، پر اها ٻيهر نه ملندي آهي، جڏهن ته خوابن جو مقصد اسان کي انهن ڏکوئيندڙ معاملن کان چوٽڪارو ڏيڻ آهي، حالانڪ اسان جو سمورو ذهن، گهڻين ئي شين سان پريل رهندو آهي، ۽ اسان جڏهن ڪنهن گهري ڏک وچان پڇي پري پوندا آهيون يا جڏهن اسان جي ادراڪ جي سموري طاقت ڪنهن مسئلي ۾ منجهي پوندي آهي، ته ان وقت، سپنا، اسان جي طبيعت جي سهپ کان وڌيڪ ڏنگ يا اهڙيون علامتون اختيار نه ڪندا آهن، حالانڪ اهي طريقا ۽ علامتون، حقيقت جي نمائندگي به ڪندا آهن."

آ. ايڇ فيختي (I.H.Fixhte_1864) به ساڳئي خيال کان، اصل ۾ ان کي "اعزازي خواب" چيو آهي، ۽ انهن جي تشريح ڪندي چوي ٿو ته: "اهي روح جي طرفان پاڻمرادو شفا ڏيڻ واري فطرت جي، ڪجهي احسانن مان هڪ هوندو آهي."

"والڪيلٽ" (Volkelt, 1875) لکي ٿو ته: "خاص طور تي اها ڳالهه پڌ غير معمولي آهي ته بالڪپڻي جون يادگيريون، خوابن ۾ ڪيئن نه نهه پهه اچي ٿيون وڃن ۽ ڪيئن نه پنهنجو رستو ناهي، نڪري نروار ٿين ٿيون. خواب اسان کي انهن شين متعلق به مسلسل ياد ڏيارينداً رهندا آهن، جيڪي گهڻو ڪري اسان لاءِ غير اهم هوندیون آهن. جن تي اسان سوچڻ ڇڏي ڏيندا آهيون.

پاف (Pfaff.1868) لکيو آهي ته "مون کي پنهنجا خواب سڌاءِ ته مان توکي تنهنجي من اندر جي ڳالهين کان واقف ڪريان.

ظاهر ته متيءَ مان ٺهيل انسان جو حوالو آهي، پر فطرت جي فرواني ۽ سبب هن، ان متيءَ مان ٺهيل انسان ئي، سڀ سياڪا ستي، وقت ۽ وچوتيءَ جا سمورا سنڌا متائي ڇڏيا آهن. شاهه سائينءَ چواٽي ۽ ته:

پيهي جان پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ،
ته نه ڪو ڏونگر ڏيهه ۾ نه ڪيڇيڙن کاڻ،
پنهون ٽيڙيس پاڻ، سسئي تان سور هڻا.

علم نفسيات، "پاڻ" ۾ پيهي ڏسڻ جو علم آهي، "پاڻ" مان "پاڻ" کي پسڻ جو علم آهي ۽ جيڪڏهن کو دين اسلام جي دائري ۾ داخل آهي ته پوءِ ان کي پنهنجي سسئيءَ وانگر ڏونگر ڏورڻ بابت بلڪل به ڳڻتي نه ڪرڻ گهرجي، چاڪاڻ ته اها سنڊس جبلتن جي ڪارفرمائي آهي، جيڪا سماجي طور ان جهڙي ئي انسان ۽ سنڊس دنيا سان وابستا آهي.

"هلڊيبرانڊ" (Hildebrandt, 1875) ڪيڏو نه درست لکيو آهي ته "جيون شڌ ته سپنا شڌ."

"برداخ" جو چوڻ آهي ته "خواب ڏسڻ، ذهن جي هڪ فطري سرگرمي آهي، جيڪا انفرادي خوبيون يا گڻن جي قوت تائين محدود نه هوندو آهي، ان ۾ ذاتي شعور جي ڪري به خلل نه پوندو آهي ۽ جيڪا شخصي عزم يا ارادي جي ذريعي به ڪي هدايتون حاصل نه ڪندي آهي، پر اها حواسي مرڪزن جي آزادگيءَ سان عمل ڪندڙ ڦڙتي هوندي آهي." اڳتي لکي ٿو ته "سپنا، زندگيءَ جي يڪسانيت جي خلاف ڍال آهن، اهي تخيل کي بندشن کان آزاد ڪري تا ڇڏين، ان ڪري تي سگهي ٿو ته اهي روزمره جي سمورين تصويرن جي وجود کي مونجهاري ۾ به مبتلا ڪندا هجن، ۽ نوجوان ماڻهن جي نه رڪجندڙ شدت ۾ بار جي فرحت ڏيندڙ راند سان رڪاوٽ پيدا ڪندا هجن. سپنن ڏسڻ بنا اسان پڪ سان تمام جلدي پوڙها ٿيڻ لڳندا آهيون.

۽ اهو سڀ ڪجهه سمجهڻ لاءِ هڪ ته نفسيات ۽ فلسفي جو علم حاصل ڪرڻ ضروري آهي ۽ ٻيو ته ان علم جي ذريعي غور فڪر جي درين کي کولي رکڻ ضروري آهي، ته جيئن "درست ۽ غلط" جي پيٽ ڪندڙ فضا سان ذهن جا پيڪڙيل تاڪ ڪلي سگهن چاڪاڻ ته ان فضا ۾ ئي سپنا به سرجن ٿا ته ساپيائن لاءِ پٽڪن به ٿا.

انساني زندگيءَ ۾ سپنن جي تمام وڏي اهميت آهي. جديد سائنسي سهوليتن سبب، سپنن جي نفسياتي مطالعي متعلق ڪيترين ئي نيون نيون کوجنائون ٿيون آهن، پر ان کوجنا جو پهريون محرڪ "سگمنڊ فرائيڊ" آهي، جنهن هڪ سوءَ سال اڳ جڏهن سپنن جي "روحاني ۽ الهامي" تشريح ڪرڻ وارن جو زور به تمام گهڻو هو تڏهن "ذهن ۽ عضون" جي چرپر مان

پيدا ٿيندڙ رحجانن جي باري ۾ "سگمنڊ فرائيڊ" هن قسم جي نئين، نرالي، غير معمولي ۽ ڪشالي واري ڪم ۾ هٿ وڌو. ۽ مون تي مولا ڪا ٻاجهه پيلائي ڪئي آهي جو ڪجهه عرصو اڳ، نفسيات جي مختلف انگريزي ڪتابن جي مدد سان "خوابن جي نفسياتي علت شناسي" تي "سپنن جو سنسار" نالي ڪتاب تيار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هوس. جيڪو ايجان اشاعت جي مرحلن ۾ ئي هو ته سنڌي ادبي بورڊ، "سگمنڊ فرائيڊ" جو انگريزيءَ ۾ الٿو ڪيل ڪتاب "خوابن جي تشريح" (THEINTERPRETATION OF DREAMS) سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري ڏيڻ جو حڪم ڪيو ۽ مون هڪدم قبول ڪيو.

فرائيڊ لکي ٿو ته: خوابن جي بنيادن/ ماخذن جو مڪمل ڳاڻيٽو چئن قسم جي بنيادن کي قبول ڪري ٿو ۽ اهي پڻ خوابن جي پنهنجي درجي بنديءَ ۾ استعمال ٿيڻ ٿا، جيڪي هن ريت آهن:

1. ٻاهرين (خارجي) دماغي جوش واريون حواسي حالتون (External Sensory excitations) (Objective).
2. اندروني (داخلي) دماغي جوش واريون حواسي حالتون (Internal Sensory excitations) (Subjective)

1. اندروني (عضوياتي) جسماني ترغيب: (Internal (Organic Somatic Stimuli.

2. ترغيبن جا خالص مافوق الفطرت اثر قبولينڊڙ نفسي بنياد (Purely Psychical Sources of Stimulation)

"سگمنڊ فرائيڊ جي انساني عضون ۽ ذهن جي تحقيق تي ٿيل ڪم جي باري ۾ مٿس "جنس" (Sex) تي لکڻ جو الزام به لڳايو ويو هو. جڏهن ته دنيا سندس مرهون منت آهي ته هن انسان جي ان خيال کي رهنما رستو ڏيکاريو آهي جنهن سان، شڪ شبهي جي مرض ۾ مبتلا ٿيڻ بجاءِ تندرست جاڳ جيون گذارڻ جو ساهس پيدا ٿئي ٿو.

فرائيڊ لکي ٿو ته: "خواب، خواب ڏسندڙ جي زندگيءَ جي ڪنهن به حصي مان، پنهنجو مواد پاڻ چونڊيندا آهن، خواب رڳو اهو مهيا ڪندا آهن ته انسان جو ذهن خيالن سان پريل هڪ ريل گاڏي آهي، جنهن ۾ سفر ڪندڙ خيال، خواب واري ڏينهن جي تجربي سان سلهاڙجي ويندا آهن. يعني تازا تاثر، نقش يا نشان، ڪنهن پراڻي تاثر سان منسلڪ ٿي ويندا آهن، يا ائين چئي سگهجي ٿو ته خيالن جون سموريون ريل گاڏيون، خوابن جي پليٽ فارم تان هلڻ شروع ٿين ٿيون."

سگمنڊ فرائيڊ 1856ع ۾ موراويا ۾ جائو. چئن سالن کان ويندي پياسي سالن جي عمر تائين سندس گهر ويانا ۾ ئي هو. 1983ع ۾ هٽلر جي آسٽريا تي حملي، کيس لنڊن ڏانهن پناهه وٺڻ تي مجبور ڪيو جتي هو ساڻئي سال ئي وفات ڪري ويو. سندس پيشو شروع کان ئي، انساني تنتي سرشتي جي حوالي سان ڪيترن ئي سالن جي، انساني جسم جي تشريح توڙي انهن جي عضوياتي تحرڪ جي انتهائي بهترين ڪم تي ڦهليل رهيو آهي. هو اٽڪل ٽيهن سالن جو هو جو پئرس ۾ "چارڪوٽ" جي نگراني ۾ رڪجهه عرصو پڙهڻ بعد، پهريون پيرو سندس دلي لاڙو نفسيات طرف ٿيو جنهن کانپوءِ ويانا ۾ پين ڏهن سالن تائين علاج معالج جو ڪم ڪندي (پهرين پنهنجي مربي ساٿيءَ "بريئير" سان گڏجي) پنهنجي اندر "تحليل نفسي" جو خيال پيدا ٿيندي محسوس ڪيو. شروعات ته هن ساڻي ۽ سادي علاج جي طريقي سان ڪئي، جيئن هو ڪنهن اعصابي مريض جي دماغ جي چند چاڻ جي سلسلي ۾ ڪندو هو. پر ان عمل سبب جلد ئي بيمار توڙي صحت مند ماڻهوءَ جي دماغ جي عام قسم جي ڪمن متعلق به سندس علم ۾ وڏو اضافو ٿي ويو. فرائيڊ، ماڻهوءَ ۾ نندپڻ کان عام رواجي انداز سان وڌندڙ جنسي جبلتن متعلق به خيالن جو اظهار ڪيو. خاص طور خوابن جي جاچ پڙتال جي آڌار تي، جڏهن روزاني زندگيءَ جي سوچن ۽ ڪمن تي اثر ڇڏيندڙ لاشعوري دباءَ جي بنيادي ڪوجنا دوران، سندس آڏو آيا. فرائيڊ جي زندگي ڪن غير معمولي واقعن سان پرپور نه رهي آهي پر سندس خيالن، نه رڳو ڪيترن ئي خاص اصولن ۽ ضابطن کي صورت بخشي آهي پر ويهين صديءَ جي ڏاهپ جي سموري فضا کي به فڪري سوچ سان مالا مال ڪري ڇڏيو آهي.

خوابن جي هن تشريح جي حوالي سان فرائيڊ جو انتهائي اهم اپياس "ٻارن جي خوابن" ۽ عورتن جي "هيجاني روگ" (Hysteria) دوران جڙندڙ تصورن متعلق آهي هن نفسيات جي دنيا ۾ نفسياتي چيد (Psycho_ Analesis) جو

تصور ڏنو جنهن متعلق ائين چئي سگهجي ٿو ته هن جي نفسياتي ڇيد واري اصطلاح جديد ادب ۾ سماجي ۽ انسان جي حوالي سان سوچڻ جو موقعو فراهم ڪيو آهي. پر سڀ کان وڌيڪ اهم ڳالهه اها آهي ته خواب جي تشريح **ڪيئن** ڪرڻ گهرجي؟ ان ڏس ۾ فرائيڊ تجزيي جو ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي.

ترجمو ڪرڻ ڪيترو ڏکيو ڪم آهي ۽ سو به نفسيات جي ڪتاب جو! ان دقت کي ترجمو ڪندڙ ئي محسوس ڪري سگهن ٿا. ۽ مان ته اهو ماڻهو آهيان جو ڪلي ۽ دل سان ان ڳالهه جو به اعتراف ڪندي به نه ٿو ڪيڀايان ته مون کي نه انگريزي ڳالهائڻ ايندي آهي نه ئي لکڻ ڏاڻ ايندي آهي، پڙهڻ ۾ به ڇگو خاصو ڏڏ آهيان. پر پنهنجي وطني ٻولي ۽ لاءِ پر خلوص ڪوشش ڪرڻ ۾ مون ڪڏهن قباحت نه سمجهي آهي. نفسيات جي انگريزي ڪتابن تان ڪيل سنڌي توڙي اردو ترجمن ۾ گهٽو ڪري نفسيات جي ڪيترن لفظن جو ترجمو ڏنل نه هوندو آهي. جنهن جاءِ تي ساڳيو ئي انگريزي لفظ لکي. ان جي معنيٰ وارو لفظ نظرانداز ڪيل هوندو آهي. ان حوالي سان مون خاص طور جرمني، فرينچ، ڊچ ۽ نفسيات جي ڊڪشنرين مان لفظن جون معنائون تلاش ڪري هن ڪتاب ۾ شامل ڪيون آهن. عام پڙهندڙ کي معنائن تلاش ڪرڻ جي خفي کان بچائڻ لاءِ مون جاءَ بجاءِ اصل لفظ به متن سان گڏ رکيا آهن. ان هوندي به ڪتاب ۾ ڪم آندل تمام اهم لفظن جي ڊڪشنري به شامل ڪئي آهي.

پڙهندڙن جي آسانيءَ لاءِ ڪجهه نشانيون به مقرر ڪيون ويون آهن، جيڪي هن ريت آهن.

1. (ف۔س) هن جو مطلب آهي ته هي حصو اصل ڪتاب ۾ فرانسيسي زبان ۾ ڏنل آهي. جنهن جو انگريزي ترجمو حاشيي ۾ ڏنل آهي، جنهن کي هلندڙ ترجمي جي متن سان گڏ رکيو ويو آهي.
2. (ج۔س) هن جو مطلب آهي ته هي حصو اصل ڪتاب ۾ جرمني زبان ۾ ڏنل آهي، جنهن جي حاشيي ۾ ڏنل انگريزي ترجمي کي متن سان گڏ رکيو ويو آهي.
3. ڪجهه جاين تي طويل حاشين کي به پڙهندڙن جي آسانيءَ خاطر متن سان گڏ رکيو ويو آهي.
4. ڪتاب جي مواد سان رڳو ليکڪن ۽ انهن جي سن ۽ ڪتابن جي صفحن جو حوالو ڏنل آهي.
5. ب.م= بيدل مسرور (سنڌيڪار)

الله پاڪ جي جوڙيل هن جنسار مان اوڻايون ڪيڙ وارا به بيشمار آهن. تنقيد جي مُڏي ڪاتي ڪٽي ويهندڙ اهڙي لشڪر کان پاسو ڪندي، مان سڃاڻ نقادن کي اهو عرض ضرور ڪندس ته هن ڪتاب جي ترجمي جي سلسلي ۾ ٿي ويل ڪمين ڪوتاهين بابت منهنجي رهنمائي ضرور ڪن. مان ته سدائين الله پاڪ ذوالجلال جي ڪرم نوازي جو طالب رهيو آهيان، ان ڪري اميد آهي ته منهنجو هي علمي پورهيو پڙهندڙن کي ضرور پسند ايندو. مان الله پاڪ جي ڪروڙين احسانن مان هن ضخيم ڪتاب کي ترجمو ڪرڻ جي پال پلائڻ تي به سندس پاڪ پروريءَ جو ٿورائتو آهيان جنهن هر ساهه پساهه ۾ مون نبل انسان جي مدد فرمائي آهي ۽ مددگار ماحول مهيا ڪري ڏيڻ جي عنايت پئي ڪئي آهي. آئيندي به مٽس ننگ آهي.

مان پنهنجي هارن سائرس مسرور، پارس مسرور، تخليق مسرور، ڪليات مسرور ۽ خاص طور زال بينا مسرور جو به ٿورائتو آهيان، جنهن مون کي نوبڪلو ٿي ڪم ڪرڻ جو ماحول مهيا ڪري ڏنو.

بيدل مسروربدوي

سچل گوٺ
ڪراچي سن 10.10.2016

تاريخوار سوانحي خاکو:

(هي سوانحي خاکو فرائيڊ جي دانشوراڻي ارتقا جي حوالي سان، نهايت مختصر ۽ خاص واقعن تي مبني آهي)

- 1856ع 6، مئي تي موراويا جي شهر فرئي برگ ۾ پيدائش.
- 1860ع ۾ سندس خاندان ويانا ۾ سڪونت پذير ٿيو.
- 1865ع ۾ ثانوي اسڪول ۾ پڙهائيءَ دوران ڪسرت گاهه ۾ داخل ٿيو.
- 1873ع طب جي شاگرد جي حيثيت ۾ ويانا يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿيو.
- 1876ع کان 1882ع تائين بروڪيءَ جي نگرانيءَ هيٺ ويانا جي انگ وديالا (Gymnasium) ۾ ڪم ڪيو.
- 1877ع ۾ انگ وديا (Anatomy) ۽ مرڪزي تنتي سرشتي (Physiology) متعلق سندس پهريان ليک شايع ٿيا.
- 1881ع طب جي معالج جي ڊگري حاصل ڪيائين.
- 1882ع ۾ "مارٿا برنئيس" سان مڱڻو ڪيائين.
- 1882ع کان 1885ع تائين ويانا جي جنرل اسپتال ۾ ڪم ڪيائين، خاص طور ميجالي جي تشريح ڪيائين ۽ سندس ڪجهه مضمون شايع ٿيا.
- 1884ع کان 1887ع تائين علاج جي سلسلي ۾ ناريل جي ست مان تيار ڪيل بيهوش ڪندڙ دوا (Cocaine) جي استعمال تي تحقيق ڪيائين.
- 1885ع ۾ يونيورسٽيءَ ۾ اعصابي بيمارين جي علاج" جي موضوع تي استاد مقرر ٿيو.
- 1885ع (آڪٽوبر)، 1886ع (فيبروري) پئرس ۾ چارڪوٽ (Charcot) جي نگرانيءَ ۾ "اعصابي نظام جي خال جي علاج" واري اسپتال (Salpetriere) ۾ ان علاج متعلق علم حاصل ڪندي گذاريائين، جنهن جي ڪري پهريون پيرو هن جو لاڙو "رحم جي روگ" (Hysteria) ۽ مصنوعي انداز ۾ مورچل / خوابيده بنائڻ (Hypnosis) طرف ٿيو.
- 1886ع مارٿا برنئيس سان شادي ڪيائين ۽ ويانا ۾ خانگي طور تنتي سرشتي جي خلل سبب پيدا ٿيندڙ بيمارين جي علاج جو ڪم شروع ڪيائين.
- 1886ع کان 1893ع تائين ويانا جي ڪاسووز (Kassowitz) جي اداري ۾ لڳاتار ست سال، اعصابي بيمارين، خاص طور ٻارن ۾ مغز يا "ميجالي جي بي حسي" (Cerebral Palsies) تي ڪم ڪيائين، گڏوگڏ سندس ڪيترائي مضمون به شايع ٿيا. ان زماني ۾ ئي اعصابي بيمارين جي علاج سان گڏ نفسياتي علاج جي طريقي ڏانهن به سندس دلچسپي پيدا ٿي.
- 1887ع ڪيس پهرين ڏيءَ جائي، سندس نالو "ميٿلڊي" (Methilde) رکيو ويو.
- 1887ع کان 1892ع دوران برلن جي "ولهيلم فليس" (Wilhelm Fliess) سان دوستي گنڊيائين ۽ ساٺس لکپڙهه ڪيائين. ان دوران فرائيڊ جا هن ڏانهن لکيل اهي خط سندس مرڻ کانپوءِ 1950ع ڌاري شايع ٿيا، جنهن ۾ سندس خيالن جي ارتقا تي روشني پوي ٿي.
- 1887ع ۾ منڊيڻ، يعني هٿراڏو طور تي بيهوش ڪرڻ جي (Hypnotic) تجويزن تي ڪم ڪيائين.
- 1888ع معروف نفسيات جي ماهر برابر جي حوالي سان منڊيڻ (هٿراڏو انداز سان بيهوش ڪرڻ) ذريعي، رحم جي روگ جي جذباتي حملي جو علاج (Cathartic treatment of Hysteria) ڪيائين، بعد ۾ "برابر" (Breuer) واري، منڊيڻ جي طريقي کي ڇڏي، پنهنجي خيال مطابق ڪم ڪيائين.

- 1889ع ۾ برنهيم (Bernheim) ۾ نينسي وٽ سندس صلاحن ۽ طريقن سکڻ لاءِ ويو ان سال کيس پهريون پٽ ڄائو جنهن جو نالو "مارٽن" (Martin) رکيو ويو.
- 1891ع ۾ "ترجمانيءَ جي قابليت جو نقصان" (Aphasia) جي عنوان سان مقالو لکيائين ۽ کيس ٻيو پٽ ڄائو جنهن جو نالو "اوليور" (Oliver) رکيائين.
- 1892ع ۾ کيس ننڍو پٽ ڄائو "ارنسٽ" (Ernst).
- 1893ع ۾ برائر ۽ فرائيڊ جا ڪتاب "خيالن جي ابتدائي ڏي وٺ" (Preliminary Communication) شايع ٿيا، جنهن ۾ رحم جي روگ جي نظريي (Trauma theory of hysteria) ۽ "جذباتي حملي جي علاج" (Cathartic treatment) بابت اظهار ڪيل آهي. ان سال کيس ٻي ڌيءَ پيدا ٿي، جنهن جو نالو "صوفي" (Sophie) رکيو ويو.
- 1893ع کان 1898ع تائين "رحم جي روگ"، خيالن يا سوچ جي غلبي" (Obsessions) ۽ "فڪر ڳڻتي" (Anxiety) تي تحقيق ڪيائين ۽ ننڍا ننڍا مضمون لکيائين.
- 1895ع ۾ برائر سان گڏجي "رحم جي روگ" تي اڀياس لکيائين، جنهن ۾ مريض جي معاملن جي جاچ کي پنهنجي طريقي سان بيان ڪيائين، گڏوگڏ "تحليل نفسيءَ" جي پهرين چند چاڑ به شامل ڪيائين.
- 1893ع کان 8196ع تائين "برائر" ۽ فرائيڊ جي خيالن ۾ آهستي آهستي اختلاف پيدا ٿيو. فرائيڊ، اعصابي خلل، سبب پيدا ٿيندڙ ڏهاءَ ۽ ان جي بچاءَ جي نظريي کي متعارف ڪرايو ۽ ان کي، آپي (Ego) ۽ جنسي طلب (Libido) جي، وچ ۾ تضاد جو نتيجو ظاهر ڪيو.
- 1895ع ۾ تجرباتي نفسيات جي منصوبي تي ڪم ڪيائين، جنهن ۾ نفسيات جي ماهر "فليس" (Fliess) ڏانهن لکيل خط به شامل ڪيائين، جيڪي پوءِ 1950ع ڌاري پهريون پيرو شايع ٿيا. ان کان علاوه نفسيات جي حوالي سان، تنتي سرشتي جي علمي اصطلاحي جاڙ بابت هڪ اٽپوري ڪوشش ڪيائين. پر فرائيڊ جي بعد جي نظرين ۾ انهن جو اهجاڙ وڌيڪ نظر ٿو آچي. ساڳئي سال کيس ٻي ڌيءَ "اينا" (Anna) ڄائي.
- 1896ع ۾ تحليل نفسيءَ (Psychoanalysis) کي متعارف ڪرايائين. ساڳئي سال سندس والد (اسي سالن جي جمار ۾) گذاري ويو.
- 1897ع: فرائيڊ جو "ذاتي تجزيو" (Selfanalysis): "ڪنهن صدمي يا تشدد سبب لڳندڙ ذهني ڏک بابت نظرين" (Trauma theory) ۽ "ٻاراڻن جنسي رجحانن" (Infantile Sexuality) ۽ "پاڻ سان پيار تي مبني موه" (Oedipus Complex) کي ترڪ ڪرڻ يا تياڳڻ ۾ وڏي رهبري ڪندڙ قدم هو.
- 1900ع ۾ هن خوابن جي تعبير کي مڪمل ڪيو جنهن جي آخري باب ۾ ذهن جي عملي ڪمن جهڙوڪ: لاشعور (Unconscious)، خوشي حاصل ڪرڻ جي اصول (Pleasure Principle) جي شدت بابت ڪيل ڳوڙهو غور فڪر موجود آهي.
- 1901ع ۾ "روزمره زندگيءَ ۾ نفسياتي علاج" (Psychopathology of every day life) لکي، خوابن جي ڪتاب ۾ شامل ڪيائين، ته سندس "نظريا" رڳو مرض جي نوعيت جاڻڻ لاءِ نه پر عام رواجي ذهن واري ماڻهوءَ جي علاج لاءِ به ڪارآمد آهن.
- 1902ع ۾ غير معمولي استاد جي حيثيت ۾ مقرر ٿيو.
- 1905ع ۾ جنسي نظريي تي ٽي مضمون لکيائين، جنهن ۾ پهريون پيرو جاڻايائين ته ماڻهوءَ ۾ "جنسي جبلت" (Sexual instinct) جي ارتقا ننڍپڻ کان وڏي ٿيڻ تائين ٿيندي رهي ٿي.
- 1906ع ۾ نفسيات جو معروف ماهر "جونگ" (Jung) سندس تحليل نفسي جو حامي ٿيو.

- 1908ع دوران "سالس برگ" (Salzburg) ۾ تحليل نفسي تي پهرين بين الاقوامي گڏجاڻي ٿي.
- 1909ع ۾ فرائيڊ سان گڏ "جونگ" کي به آمريڪا ۾ تقرير ڪرڻ لاءِ سڏايو ويو.
- 1910ع ۾ "پاڻ سان پيار واري ڪيفيت/ نرگسيت" (Narcissism) جي نظريي جو پهريون پيرو ۽ اوچتو اظهار ٿيو.
- 1911ع کان 1915ع تائين تحليل نفسيءَ (Psychoanalysis) جي طريقي تي مضمون لکيائين.
- 1911ع ۾ نفسيات جي نامور ماهر "ايڊلر" کان علحدگي اختيار ڪيائين. ساڳئي سال هڪ نفسياتي مريض تي تحليل نفسيءَ جو تجربو ڪيائين، جنهن جو ذڪر "ڊاڪٽر شيربر (Dr.Scherber) جي آتم ڪهاڻيءَ" ۾ درج آهي.
- 1912ع ۽ 1913ع ۾ "سڃاڻپ جي علامت" (Totem) ۽ "حرام يا ناجائز رسم" (Taboo) جي حوالي سان تحليل نفسيءَ کي "انساني علم" (Anthropology) جي معاملن سان لاڳو ڪيائين.
- 1914ع ۾ "تحليل نفسيءَ جي تواريخي تحريڪ" تي، "جونگ" کان جدا ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. جنهن ۾ ايڊلر ۽ جونگ جي تضاد کي به شامل ڪيائين. ساڳئي سال هن پنهنجو آخري ۽ وڏو تواريخي دستاويز "بگهڙ ماڻهو" (Wolf Man) لکيو. جيڪو 1918ع تائين شايع نه ٿيو.
- 1915ع ۾ نظرياتي سوالن جي بنياد تي، "مافوق الفطرت نفسياتي" (Meta Psychological) اثرن جي موضوع تي پارنهن مضمون لکيائين. جن مان رڳو پنج محفوظ ٿي سگهيا آهن.
- 1915ع کان 1917ع تائين، "تعارفي تقريرون" جي عنوان سان ڪتاب مرتب ڪيائين، جنهن ۾ پهرين مهاپاري لڙائيءَ دوران سندس خيالن جو وڏي پئماني تي اظهار ٿيل آهي.
- 1919ع ۾ جنگ جي ڪري "اعصابي مونجهارن" جي پيدا ٿيڻ سبب "پاڻ سان پيار واري نظريي" کي لاڳو ڪيائين.
- 1920ع ۾ سندس پيو نمبر ڏيءَ انتقال ڪري ويئي. ساڳئي سال "خوشيءَ کان به مٿانهين نظريي" (Beyond the pleasure Principle) کي پيش ڪيائين، جنهن ۾ ڇٽيءَ ريت ۽ بي ڊپائيءَ سان "ورجاءَ جي پابنديءَ" (Compultion to repeat) ۽ "موت جي جبلت" (Death instinct) تي پنهنجي نظرين جو اظهار ڪيائين.
- 1921ع ۾ مجموعي نفسيات جي سلسلي ۾ ڪم ڪيائين، جنهن ۾ "آپي" (Ego) جي ابتدا کان ونڊ، ترتيبوار تجزياتي اپياس ڏنو اٿس.
- 1923ع ۾ "آپي" (Ego)ءِ "هستيءَ" (Id) جي وضاحتن تي نظرثاني ڪيائين، جنهن ۾ دماغ جي ساخت ۾ ڪم جي باري ۾ ٻيهر ۽ نهايت وڏي پيماني تي وڏو ورڇ ڪري، ان کي هستيءَ (Id) آپي (Ego) ۽ ماڻهپي (Super Ego) جي معاملن کي سمجهايو اٿائين. ساڳئي سال ناسور (Cancer) تي ڪم جي ابتدا به ڪيائين.
- 1925ع ۾ "عورتن اندر جنسي رحجانن جي ارتقا" متعلق خيالن تي نظرثاني ڪيائين.
- 1926ع ۾ ڪهن "لاڙي، جذبي يا سوچ کي روڪيندڙ ذهني عمل" (Inhibitions)، ان جا اهجاڻ (Symptoms) ۽ "ڳڻتيءَ" (Anxiety) متعلق اپياس ڏنائين ۽ ڳڻتيءَ" بابت مسئلن متعلق خيالن تي نظرثاني ڪيائين.
- 1927ع ۾ مذهبي تصور متعلق بحث جي حوالي سان "تصور جو مستقبل" (The Future of an Illusion) لکيائين، سماجي ڪم جي سلسلي ۾ فرائيڊ جو هي پهريون ڪم هو جنهن لاءِ هن پنهنجي حياتيءَ جا باقي سال به وقف ڪري ڇڏيا هئا.
- 1930ع ۾ هن "تهذيب ۽ ان جون بي اطمينانيون" (Civilization and its Discontents) لکيائين، فرائيڊ جي هيءَ اهو وسيع اپياس آهي، جنهن ۾ هن "هاجو رسائيندڙ جبلت" (Destructive Instinct) جو خاص ڪري "موت جي جبلت" (Death Instinct) جي حوالي سان اپياس ڏنو آهي.

- ساڳي سال فرائيڊ کي فرئنڪفرٽ شهري حڪومت طرفان ڪيس "گوئٽي" انعام سان نوازيو ويو. ۽ هن ئي سال سندس والده جو 95 سالن جي ڄمار ۾ انتقال ٿي ويو.
- 1933ع ۾ هٽلر جرمني تي قبضو ڪيو ۽ فرائيڊ جي ڪتابن تي، برلن ۾ پابندي لڳائي ڇڏي.
- 1934ع کان 1938 تائين جي عرصي ۾ فرائيڊ حضرت "موسيٰ عليہ السلام ۽ توحيد" (Moses and Monotheism) متعلق مقالو لکيو. جيڪو سندس حياتيءَ ۾ ئي ظاهر ٿيو.
- 1936ع ۾ سندس اسي سالن جو جنم ڏينهن ملهايو ويو. اعليٰ سماجي رڪن جي نمائندي طور اليڪشن لڙيائين.
- 1938ع هٽلر، آسٽريا تي ڪاهه ڪئي. فرائيڊ. ويانا ڇڏي لنڊن هليو ويو. آخر ۾ "تحليل نفسيءَ جو خاڪو" (Outline of Psycho Analysis) لکيائين. جيڪو اڻپورو ئي رهجي ويس. پر اهو تحليل نفسي جو انتهائي ڳوڙهو اپياس آهي.
- 1939ع ۾ 23 سيپٽيمبر تي سندس لنڊن ۾ انتقال ٿيو.

باب پهريون

خوابن جي مسئلن سان سائنسي ادب جو رويو/ تعلق
SCIENTIFIC LITERATURE DEALING WITH THE PROBLEMS OF DREAMS

هنن صفحن ذريعي مان اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس تہ اهو "نفسياتي طريقو" ئي آهي جنهن سان "خوابن جي تعبير" ڪرڻ ممڪن ٿي سگهي ٿي، ۽ جيڪڏهن اهو طريقو استعمال ڪيو وڃي تہ هر "خواب" جو "نفسي ستاءُ" خود بخود ظاهر ٿي پوندو جنهن کي پنهنجي هڪ الڳ معنيٰ هوندي آهي ۽ خود هن جاڳندڙ شعوري زندگيءَ طرفان ذهني تحرڪ جي سپرد ڪيل مرڪزي نڪتي کي سمجهڻ لاءِ دلچسپيءَ جو سبب بڻجي پوندو آهي.

ان ڪانسواءِ انهيءَ عملي معاملن جي بہ تشريح ڪندس، جيڪي خواب جي انوکي ۽ مبهم هجڻ جي ڪري مونجهارو پيدا ڪندا آهن. جيڪي خاص طور انهن نفسي قوتن جي فطري عمل مان نتيجا حاصل ڪرڻ وقت پيدا ٿيندا آهن. جيڪي متفق طور تي يا گڏيل مخالف عمل ذريعي، خواب جي تخليق ٿيڻ جو سبب بڻجندا آهن.

ان حوالي سان منهنجو هي ليک، خوابن جي ان نڪتي تائين ضرور پهچندو جتي خواب جو مسئلو تمام وڏن مونجهارن ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي. خوابن جو حل، اصل ۾ ڪنهن ٻئي قسم جي مواد تي منحصر هوندو آهي.

مان پهرين هن موضوع تي، انهن ليکڪن جي ڪيل ابتدائي ڪم جو ذڪر ڪندس، جنهن ڪانپوءِ اڄ جي تجرباتي دنيا جي تازي صورتحال مطابق، خوابن جي مسئلن جو ذڪر ڪندس. ان قسم جي موضوعن تي بحث مباحثي جي سلسلي ۾ مون، ڪنهن بہ موقعي تي پڻي ڪاڻ ڏني آهي. ان ڏس ۾ هزارن سالن جي ڪوششن جي باوجود، خوابن جي معاملن کي واضع ڪرڻ جي تجربن تي تمام مختصر اڳيرائي ٿي آهي. حقيقت اها آهي تہ ادب ۾ ان کي عام انداز سان بہ ميڙتا ڏني وئي آهي، پر انهن جي حمايت ۾ غير ضروري مثال بہ ڏنا ويا آهن. اهڙين لکيتن ۾ ڪيترا ئي جوش ۽ غصو ڏيارينڊر مشاهدا بہ پيش ڪيل آهن تہ انهن ۾ دلچسپيءَ جو بہ گهٽو مواد موجود آهي، پنهنجي موضوع جي لحاظ کان اسان اهي بہ ڪٽي سگهون ٿا، پر انهن ۾ معمولي قسم جي اعتبار جوگي ڳالهہ بہ موجود نہ آهي جا خواب جي ڪنهن فطري ضرورت کي ڇهي سگهي يا خواب جي پيرولي‌ءَ جي پيڇيءَ ۾ مدد ڪري سگهي، ۽ ايان تائين اها ڳالهہ ڪنهن پڙهيل لکيل (اٽواقف) جي علم کان بہ دور ئي آهي.

ٿي سگهي ٿو اهو پڇيو وڃي تہ "خوابن جي باري ۾ آڳاٽي وقت جي اوائلي ماڻهن جا ڪهڙا خيال هوندا هئا؟ ۽ انهن، سندن زماني يا روح متعلق جوڙيل نظرين تي ڪهڙا اثر ڇڏيا؟"[1].

اصل ۾ هي موضوع ايترو تہ دلچسپ آهي جو نہ چاهيندي بہ مان ان کان پاسو ڪري نہ ٿو سگهان. مان پنهنجي پڙهندڙن کي، هن معاملي ۾ نہ رڳو "سر جان لوباڪ" (John Lubbock Sir)، "هربرٽ سپينسر" (Herbert Spencer)، "اي بي ٽيلر" (A.B.Tylor) ۽ ٻين جي ٽيل معياري ڪم کان بہ آگاهہ ڪرڻ ٿو چاهيان پر مون ان ۾ ان ڳالهہ جو اضافو ڪيو آهي تہ: "اسان مسئلن، سوچ يا ڪلپنا جي انهن وسيع مسئلن کي مجوڙ يا صحيح دڳ سان ڏسڻ جي تيستائين قابل نہ ٿي سگهنداسين، جيستائين خوابن جي تعبير کي پنهنجو پهريون فرض ڪري نہ سمجهنداسين."

---

[1] هي حصو 1914ع ۾ شامل ڪيل آهي.

ان ۾ شڪ نہ آهي تہ خوابن متعلق، آڳاٽي زماني جي خيالن جو پڙاڏو، ماضيءَ جي يادگار طريقن تي هلندڙ هاڻوڪن ماڻهن جي رويي ۾ بہ نظر اچي ٿو، جيڪي ان کي هڪ حقيقت جيان قبول ڪن ٿا.[1] تہ "خواب، عام انساني دنيا کان مٿانهين ڪنهن قوت سان وابسطہ نہ هوندا آهن، جن لاءِ کين يقين آهي تہ اهي "خدا ۽ شيطان" طرفان "الهامي ۽ شيطاني" پڌرائي ڏيندڙ هوندا آهن." اهڙو تہ ڪو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي، جاڪاڙ تہ خواب، "خواب ڏسندڙ لاءِ هڪ اهم مقصد آهي." جيڪو سندن مستقبل جي اڳ ڪٿيءَ جي باري ۾ وٽن مروج آهي. خواب جي ستاءَ ۾ تمام گهڻين مختلف شين يا ڪنهن خاص قسم جي علامتن جو نظر اچڻ، انهن ماڻهن لاءِ مشڪل ضرور پيدا ڪندو آهي. بهرحال خواب جي ستاءَ متعلق ساڳي نوعيت جو جواز وٽن وضع ٿيل بہ هوندو آهي، پر پوءِ بہ انهن لاءِ ضروري ٿي پوندو آهي تہ هو انهن اهم ۽ معتبر ماڻهن تي مشتمل ٽولي جي پروسي جوڳي درجي بنديءَ ۽ تقسيم تي يقين ڪن. خوابن جي سلسلي ۾ داناءَ ماڻهن، ڪنهن حد تائين پنهنجي انفرادي فطرت مطابق، آڳاٽي دور جي جيڪا سوچ اختيار ڪئي آهي، اها عام طور تي "پيشنگوئيءَ" جيان آهي.

"ارسطوءَ" جي بن ڪمن ۾، جيڪي سندس سپٿن سان سلهاڙيل آهن، سي اڳ ئي نفسيات جي ايپياس جا موضوع رهيا آهن. اسان ڏٺو آهي تہ "خواب خدا جي طرفان موڪليل نہ هوندا آهن ۽ نہ ئي اهي الهامي نوعيت جا هوندا آهن، پر اهي خود "روحاني" (Daemonic) هوندا آهن. جاڪاڙ تہ فطرت ازل کان "الهامي نہ پر روحاني" رهي آهي. خواب، ڪنهن مافوق الفطرت منشور طرفان نہ اپرندا آهن، پر انساني روح جي قانون جي پوئواري ڪندا آهن. بهرحال هاڻي بہ اهو ئي سچ آهي تہ خواب، الهام جي ساڳين خصلتن جهڙو هوندو آهي. خواب، ستل ماڻهوءَ جي ذهني سرگرميءَ کي بيان ڪندو آهي، حالانڪ هو ستلئي هوندو آهي."[2]

ارسطوءَ خوابن جي دنيا جي ڪجهہ خصلتن کان واقف هو مثال طور هن جاتو ٿي تہ خواب، ننڊ دوران ماڻهوءَ جي اندر پيدا ٿيل تمام معمولي ۽ نندڙين ترغيبن کي بہ وڌائي وڏو ڪري پيش ڪندو آهي. "جنهن تي ماڻهو سوچيندو آهي" مثال طور "هن ڏٺو تہ هو باهہ تي پئي هليو جيڪا نهايت ساڙيندڙ هئي." ان جو مطلب تہ سندس بدن جي ڪنهن حصي ۾ تمام معمولي گرمي پيدا ٿي هوندي[3] ۽ انهن حالتن ۾ هو ان نتيجي تي پهچندو آهي تہ خواب ڪنهن معالج ڏانهن وڃڻ تي آماده ڪندڙ نہ آهي، جڏهن تہ اها سندس جسم ۾ تبديليءَ جي پهرين نشاني هي، جنهن جو مشاهدو ڪيس جاڳ واري حالت ۾ ڪو نہ پئي ٿيو.[4] ارسطوءَ کان اڳ، جيئن اسان جاڻون ٿا تہ آڳاٽي زماني جا ماڻهو خواب کي، "خوابيده ذهن جي پيداوار" نہ سمجهندا هئا پر انهن کي ڪن الهامي اختيارين ذريعي متعارف ڪرايل خيالن جي حوالي سان ڏسندا هئا، جيڪي اڳ ۾ ئي بن مخالف نظرين تي مبني هئا، جن مان اسان تواريخ جي ان عرصي دوران، خوابن تي اثرانداز ٿيندڙ "خيال" ڳولهي سگهون ٿا، جيڪي پاڻ ئي پنهنجو اظهار آهن. سچي ۽ سڏل خواب جي وچ ۾ اهو فرق ڪيو ويو تہ اُهي خواب ڏسندڙ ۾ گرمجوشي پيدا ڪرڻ يا ايندڙ وقت جي ڪنهن پيشنگوئيءَ لاءِ اڀرن ٿا ۽ اسڏل، پاڪنديءَ ۽ فضول قسم جي خوابن جو مقصد ڪيس گمراه ڪرڻ ۽ تباهہ ڪرڻ آهي."

ميونخ جي ماهِر نفسيات "گروپي" (Gruppe_1906, 2, 930) خوابن جي "تفريق ۽ تقسيم" بہ انهيءَ ئي ترتيب سان ڪئي آهي، جيئن "مئڪروبس" (Macrobius) ۽ "آرٽيميڊورس" (Artemidorrus) خوابن کي بن حصن ۾ ورهايو آهي. جن

---

[1] هي حصو 1914ع ۾ شامل ڪيل آهي، جيڪو "بوشين شيوز" (Buchenschutz) جي عالماڻي مطالعي تي ٻڌل آهي.

[2] اڳڪٿي ۽ علامتي خواب" (De divinatione per Somnum) حصو ٻيو ترجمو 1935ء، ص: 377) ۽ "علامتون" (Somniis) حصو ٽيون، ترجمو 1935ص: 365.

[3] اڳڪٿيون حصو پهريون، ترجمو 1935ص: 375.

[4] هي حصو 1914ع ۾ شامل ڪيل آهي: يوناني حڪيم بقراط (Hippocrates) جي مشهور ڪم جي هڪ باب ۾ جاڻايل آهي تہ: هن خوابن جي تعلق کي "بيماريءَ" سان منسوب ڪيو آهي. ڏسو آڳاٽي طب، حصو ڏهون، ترجمو: 31، 1923. ۽ "حڪومتي نظام" (Regimen) حصو چوٿون، 88 ۽ ٻين ڪيترن هنڌن تي، ترجمو 1931ص: 425 وغيره.

مان هڪڙا اهي جيڪي "حال ۽ ماضيءَ" جي اثر هيٺ هوندا آهن، پر انهن ۾ مستقبل جي متعلق ڪا نشاني موجود نه هوندي آهي. انهن ۾ اوجاڳو يا بي خوابيءَ (Insomnia) به شامل هوندي آهي. جيڪا خيال جي سڏي سنئين يا ان جي مخالف نمائندگي ڪندي آهي. جئين: "بک يا پريل پيٽ" واري حالت ۾ ٿيندو آهي.

تنتي سرشي جي صلاحيتن جا اهي "چار حصا"، جيڪي دماغ جي مرڪزي پوئين حصي ڪي ترتيب (Quadrigemina) ڏيندا آهن. يعني ڪيميائي ترڪيب جي حوالي سان مادي جي خاص صفت يا جن کي الله سائينءَ جي طرفان خاص صفتون (Corpora) عطا ٿيل هجن. اهي ان خيال کي. ڊيجاريندڙ خواب (Nightmare or ephialtes) ڏريعي حيرت انگيز نموني ۾ وڌائي يا پکيڙي پيش ڪندا آهن. مثال طور "اوٿارا."

وري "ٻئي ٽولي" وارن جو نظريو ان خيال جي ابتڙ آهي. اهي خواب کي. مستقبل جي نشاندهي ڪندڙ سمجهندا آهن. جن ۾ اهي ڳالهيون به شامل آهن ته:

1. خوابن ۾ سڏيءَ طرح بشارتون (Oraculum) ٿيندیون آهن.
2. يا مستقبل جي ڪن واقعن جي اڳواٽ خبر (Visio) پوندي آهي.
3. علامتي خواب (Somnium) جن کي تعبيرن جي ضرورت هوندي آهي.

اهي نظريا ڪيترين ئي صديون قائم رهيا. قدرن ۾ اها قير گهير به خواب کي ئي سونپيل هئي. جا خواب جي تعبير جي ئي مسئلن سان نهايت ويجهڙائي سان وابستا هئي. ايسيتائين جو ڪي اهم نتيجا ڪيڙ جو انحصار عام طور تي خوابن تي هوندو هو پر خواب سڄا سارا ۽ هڪدم سمجهه ۾ اچڻ جهڙا نه هئا ۽ اهو چوڻ به ناممڪن هو ته "اهو معنيٰ خيز ۽ سمجهه ۾ نه ايندڙ خواب آهي. پلي ته ان ۾ ڪو اهم اعلان نه به هجي." انهيءَ ڳالهه ئي ڏاهن کي. خواب جي تشريح جي طريقن کي متعارف ڪرڻ تي اڀاريو جنهن جي نتيجي ۾ خواب جي نه سمجهه ۾ ايندڙ ستاءَ اها جاءِ والاري ته "خواب اهميت وارو ۽ سمجهه ۾ ايندڙ هوندو آهي."

قديم تواريخ جي ايندڙ سالن ۾ خوابن جي تعبيرن جي سلسلي ۾ ارشميدس کي عظيم ماهر قرار ڏنو ويو ۽ سندس سدائين قائم رهندڙ جامع ڪم (Oneirocritica) هن موضوع متعلق بين اهڙين لکيتن جي حوالي سان يقيني طور تي اسان جي نقصان جو پورائو ڪري ٿو.[1] خوابن جي متعلق سائنسي کوجنائن کان اڳ واري دور جي راءِ لڳيڃڪ قديم تواريخ جي ماٿهن سان ملندڙ جلندڙ هئي. خود ڪائنات جي باري ۾ به عام طور تي سندس خيالن ۾ هڪجهڙائي هئي. جيڪا ڪين ٻاهرين دنيا ۾ پکيڙڻ لاءِ اڀاريندي هئي. ڇاڪاڻ ته جن کي هو حقيقت سمجهندا هئا. اها اصل ۾ سندن ئي ذهن جي حقيقت هئي. جنهن تي پيا لطف اندوز ٿيندا هئا. ان کان علاوه خوابن جي باري ۾ انهن جو رايو صبح جي ننڊاکڙي دماغ جي تيار ڪيل "تاثراتي اصول" تي ٻڌل هو ته "خواب سندن حافظي ۾ چا ڇڏي ويو آهي". مثال طور ڪنهن اوپري ۽ اٽڪاتل قسم جو تاثر. جيڪو دنيا جي ڪنهن ٻيءَ ڪنڊ مان ايري آيو هجي ۽ ذهن جي باقي بچيل متن سان تضاد پيدا ڪندو هجي. اتفاق سان. ائين سمجهڻ ته خوابن جي اها فطرت کان مٿانهين حقيقت. ان جي ڪنهن سنياليندڙ حاميءَ کانسواءِ ئي اسان جي ڏينهن ۾ نازل ٿي آهي ته اها غلطي ئي هوندي. اسان کي انهن فرمانبردار ۽ روحاني قسم جي قلمڪارن کي هڪ پاسي ڪرڻو پوندو. جيڪي سچ پچ ته ان ڪرت ۾

---

[1] وڌيڪ تواريخي حوالن لاءِ ڏسو "ڊيپن" (Diepgen_ 1912) جو ڪتاب "وچئين دور جي خوابن جي تعبير جي تواريخ"، ۽ "فورسٽر" (Forster_ 1910_1911) ۽ "گوٽارڊ" (Gotthard_ 1912) جا مقالا. يهودين ۾ خوابن جي تعبير تي "المولي" (Almoli_ 1637) جو ڪيل بحث، "آمرم" (Amram_1901) ۽ "لوونگر" (Lowinger_ 1908) ۽ تحليل نفسيءَ تي تازو لوئر (Lauer_ 1913) جو تجزيو پڻ. "ڊريڪسل" (Drexl_1909) جي عربن ۾ خوابن جي تعبير متعلق معلومات، "شوارٽز" (Schwartz_ 1913) ۽ پادري "ٽفنجي" (Tfinkdji_ 1913) جپانين ۾ "ميورا" (Miuara_ 1906) ۽ ايوايا" (Jwaya_ 1902) چيني لوڪن ۾ "سيڪر" (Secker_ 1909_10) هندستانين ۾ "نيگيلين" (Negelein_1912).

بجا طور تي درست آهن. لڳي ٿو ته کنهن غازيءَ سندن لاءِ "خيال ۽ عمل" جو ايڈو وڏو ميدان چڏيو آهي جو اڄان تائين سائنسي وضاحت ان کي فتح ڪري نه سگهي آهي. پر انهن ڳالهين کان علاوه ڪو اهڙو شخص به آهي جيڪو اچي ٿو ۽ انهن صاف ذهن وارن کي بنا کنهن خام خيال جي اورانگهي لنگهي ويجي ٿو ۽ ان جو انسان کان مٿانهين روحاني قوتن جي وجود ۽ سرگرميءَ ۾ ايمان آهي ۽ سندن مذهبي عقيدي جي هوبهو کنهن خواب جي هڪ پراسرار صورت جيان مدد حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو "(هافنر" جي باب تان (CF.Haffner_1887).

ان عظيم احترام ۾، جنهن ۾ خوابي جيون، ڪن نظرياتي مڪتبن جو مقرر ڪيل آهي، مثال طور "شيلنگ" (Schelling) جا پوئلڳ چون ٿا ته: [1] "اهو الاهي فطرت وارن خوابن جو چٽو پڙاڏو آهي، جنهن ۾ قديم تواريخي اعتبار کان ڪڏهن به اختلاف نه رهيو آهي. نه ئي خواب جي، اڳ خبردار ڪندڙ خاصيت ۽ انهن جي مستقبل جي پشنگوئين جي قوتن تي ڪي بحث آهن. اصل ۾ نفسياتي وضاحتون ڏيڻ لاءِ ورتل ڪوششن جي سلسلي ۾ گڏ ٿيل مواد اڻ پورو ۽ ناڪافي هو. جنهن ڪري آخرڪار انهن جون همدرديون حاصل ڪرڻ ضروري ٿي پيو جن جو ذهن، تجرباتي سانچي ۾ پيٽل هو نه ٿي سگهي ٿو نه منجهن اهڙن اعتقاد رکندڙن جي خلاف لاڙو موجود هجي."

خوابن جي مسئلن جي سائنسي مطالعي جي تواريخ لکڻ نهايت مشڪل ڪم آهي، ڇاڪاڻ ته هَٿي ڏٻي ان اپياس لاءِ اهم ڳالهيون به چند ئي ملن ٿيون، هن ڏس ۾ اهڙو ڪو به اڳپرو قدم ڪنيل نه آهي جنهن جي ڳولها ڪجي، نه ئي ڪي پراعتماد دريافتن جا بنياد رکيا ويا آهن، جن جي آڌار تي تازي کوجنا ڪندڙ پنهنجي ڪا تعمير ڪري سگهن، بس هر ليکڪ ساڳئي ئي مسئلي کي جيئن اهو شروع کان ئي موجود هو، ٿورو تازو ڪري، وري پيهر جائزو ورتو آهي.

جيڪڏهن مان انهن جي سوالن کي کڻڻ جي ڪوشش ڪريان، جن انهن تي تواريخ وار ۽ ترتيب سان لکيو آهي ۽ خوابن جي مسئلن تي انهن جي خيالن جو اختصار ڪريان ته پڪ سان، هن موضوع متعلق تازي معلومات ۽ ان جي جامع تصوير پيش ڪرڻ جي اميد کي، ترڪ ڪرڻو پوندو. جنهن ڪري انهن ليکڪن تي پاڻڻ بجاءِ، ان موضوع متعلق مون کي پنهنجو طريقي ڪار اختيار ڪرڻو پوندو ته جيئن مان جنهن به خواب جي مسئلي ۾ هٿ وجهان ته ان جي موٽ ۾ مان ادب ۾ جيڪو حل ڏنل آهي، اهو پيش ڪري سگهان.

ان هوندي به، هن موضوع تي سموري ادب جو احاطو ڪرڻ بهرحال مون لاءِ نهايت ناممڪن آهي، ڇاڪاڻ ته اهو ائين جو ائين ۽ تمام گهڻو ٽڙيل پکڙيل ۽ ڪيترن ٻين ڪيترن جي اونهين ڪاهين ۾ پيو آهي. مان پنهنجي پڙهندڙن کي ان کان به واقف ضرور ڪندس، بشرطيڪ اهي بنيادي حقيقت جي ان وسعت تي مطمئن ٿين، جڏهن ته منهنجي لکت ۾ کو به اهم نڪتي نظر، اميد ته نظرانداز نه ٿيندو.

هاڻوڪي وقت ۾ به گهڻا ليکڪ اڄان تائين "نند ۽ خواب" کي هڪ ئي موضوع سمجهي رهيا آهن، ۽ تقليد ڪندي ان کي "روگ وديا" (Pathology) جي معمولي ۽ هڪجهڙائي رکندڙ حالتن سان ڳنڍي رهيا آهن، ۽ خواب جڙ ڪا اهڙي "حالت" هجي، جيئن سوداءِ، وهم يا ڪشف واري حالت ٿيندي آهي. هاڻوڪا ڪم ان جي ابتڙ، پابندين لڳل عنوانن کي ترجيح ڏيڻ جو ڏيکاءُ ڪن ٿا ۽ انهن کي موضوع بڻائي لکن ٿا، جنهن کي "خواب جيون" (Dream life) متعلق کي اڙيا ٽڙيا سوال به نظر اچن ٿا.

---

[1] جرمنيءَ ۾ هم اوست (Pantheism) کي کولي سمجهائيندڙ عظيم شخصيت جو ڏنل "فطرت جو فلسفو" اڻويهين صديءَ جي شروعاتي حصي ۾ ڏاڍو مشهور ٿيو هو. فرائيڊ گهڻو ڪري ان جي ڏسيل، "خوابن جي راز جي معني" جي سوال متعلق دورو ڪندو هو. ڏسو: نيون تعارفي تقريرون 1933ع، تقرير 30، ص: 2، 60.

هن کيتر ۾ روايتي خيالن ۾ تبديليءَ جو رويو ڏسي مان ڏاڍو خوش ٿيندس ته اهڙي اڻ چٽي مواد ۾ رڳو اها ڳالهه ممڪن آهي ته انهن تشريحن تائين پهچجي ۽ تفصيلي کوجنا تحت انهن جي نتيجن سان سهمت ٿجي. ان قسم جي کوجنا جو هڪ تفصيلي حصو جنهن ۾ نفسياتي رويي کي اهميت ڏنل هجي، اهڙيون سموريون ڳالهيون مان هنن صفحن ۾ آڻيندس. مون کي "ننڊ جي مسئلن" سان منهن ڏيڻ جا موقعا گهڻ ملیا آهن. پر اهو بهرحال نفسيات جو اهم مسئلو آهي. باوجود ان جي ته ننڊ جي حالت واريو، خاصيتون ۽ ڏهني سرشت جي حالتن ۾ ترميم آڻيندیون آهن. ننڊ جي ان موضوع تي ادب ۾ تمام گهڻي بي ڏياني ءَ جو ورتاءَ ڪ ويو آهي.

اتفاق سان خوابن جي باري ۾ جيڪڏهن سائنسي انداز جي پڇا ڳاڇا جا سوال پيدا ٿيا! ته ٿي سگهي ٿو ته اهي انهن ئي بنيادن تي ٽين. بهرحال ڳالهين جو هڪ ٻئي ۾ گڏو چڙ ٿي وڃڻ واري صورت کان لنوائي نه ٿو سگهجي.

(1)

خوابن جو جاڳندڙ حياتيءَ سان تعلق
THE RELATION OF DREAMS TO WAKING LIFE

سجاڳيءَ جو سادو حساب هن ريت آهي ته ڪو شخص ننڊ مان سجاڳ ٿئي ۽ اهو سمجهي ته: سندس خواب پلي ته ڪنهن ٻي دنيا کان پنهنجو پاڻ نه آيا هجن، ته به ان جا سمورا واقعا ڪيس ٻئي جهان ڏانهن ئي ڇڪيندا رهن ٿا.

جهوني حڪيم "برداخ" (Burdach_ 1838_499) جنهن جا اسان نهايت ٿورائتا آهيون، جنهن خوابن جي ڳالهه کي هڪدم سمجهي ونڊ جي معاملي ۾ انتهائي احتياط کان ڪم ورتو آهي. جنهن پنهنجي ڪامل يقين سان جيڪو انڪشاف ڪيو آهي، ان جو حوالو هتي ڏيڻ ضروري آهي:

"خوابن ۾ به روزمره واري زندگي ئي نظر ايندي آهي، پنهنجي سمورين محنتن مشقتن، خوشين ۽ مسرتن سان، جن ۾ سڪ به آهي ته ڏک به. پر اها ٻيهر نه ملندي آهي، جڏهن ته خوابن جو مقصد اسان کي انهن ڏکوئيندڙ معاملن کان چوتڪارو ڏيڻ آهي، حالانڪ اسان جو سمورو ڌهن، گهڙين ئي شين سان پريل رهندو آهي، ۽ اسان جڏهن ڪنهن گهري ڏک وچان پڇي پري پوندا آهيون يا جڏهن اسان جي ادراڪ جي سموري طاقت ڪنهن مسئلي ۾ منجهي پوندي آهي، ته ان وقت سپنا، اسان جي طبيعت جي سهپ کان وڌيڪ ڊنگ يا اهڙيون علامتون اختيار نه ڪندا آهن. حالانڪ اهي علامتون، حقيقت جي نمائندگي به ڪندا آهن."

آءِ. ايڇ فيختي (I.H.Fixhte_1864, 1, 541) به ساڳئي خيال کان، اصل ۾ ان کي "اعزازي خواب" چيو آهي، ۽ انهن جي تشريح ڪندي چوي ٿو ته: "اهي روح جي طرفان پاڻمرادو شفا ڏيڻ واري فطرت جي، ڪجهي احسانن مان هڪ هوندو آهي."

"استرومپيل" (Strumpell_ 1877,16) به "فطرت ۽ خوابن جي بنياد" متعلق پنهنجي اپياس ۾ ساڳيو تاثر ڏنو آهي ته: "خوابن جو اهو بنيادي ڪم، احترام ڪرڻ يا مانُ ڏيڻ ۾ نهايت وسيع ۽ حق ادا ڪندڙ جيان ادا ڪندو آهي." مثال طور: هڪ ماڻهو خواب ڏسي ٿو ته ڪيس شعوري دنيا مان نيڪالي ڏني وئي آهي." ۽ پڙ اڳتي لکي ٿو (ص: 17) ته:

"خوابن ۾ اسان جي جاڳيل شعور جي، يادگيرين جو ستاءُ ۽ ان جو عام رواجي رويو، انهن جي مڪمل طور تي گم ٿي وڃڻ جي حالت ۾ به ايترو ئي سٿو هوندو آهي." ۽ اڳتي صفحي 19 تي لکي ٿو ته: "يادگيرين جي موجود نه هجڻ سبب، خوابن ۾ ڏهن جو رابطو عام رواجي ستاءَ ۽ جاڳندڙ زندگيءَ جي معاملن کان گهڻو ڪري ڪٽجي ويندو آهي."

پر ٻين ڪيترن ئي اهم ليکڪن، جو خيال بهرحال ان جي بنهه مختلف آهي ته "خواب جو جاڳندڙ زندگيءَ سان واسطو آهي."

اهڙيءَ ريت "هافنر" (ص: 245) جو خيال به آهي ته:

"خواب: پهرين ته جاڳندڙ زندگيءَ مان "مواد" ڪٽي ٿو. اسان جا خواب، انهن خيالن سان هر وقت پاڻ ۾ ڳنڍيل هوندا آهن، جيڪي اسان جي شعور ۾ ٿورو اڳ آيل هوندا آهن. بلڪل ٻيڪ طرح جو مشاهدو به گهڻو ڪري، ان لڙيءَ کي ڳولهيندو آهي، جيڪا خواب جي گڏيل ڏينهن جي تجربن سان ڳنڍيل هوندي آهي."

ويگانت (Weygant_ 1893,6)، خاص طور تي "برداخ" جي بيان جي تردید ڪئي آهي ته:

"ان جو امڪان وڌو آهي ۽ ظاهري طور ڪيترن ئي خوابن جي باري ۾ مشاهدو به ٿيو آهي ته اهي حقيقت ۾ اسان کي، اسان جي ماضيءَ کان آزاد ڪرڻ بجاءِ، اسان جي گذاريل عام زندگيءَ ڏانهن وٺي وڃن ٿا."

"مائوري" (Maury_ 1878.51) وري ان کان ٽورو اڳيرو ۽ توريل تڪيل نسخو ڏسيو آهي ته:

"اسان جيڪو ڪجهه جاڳ دوران ڏسندا آهيون، اهو ئي خواب ۾ ايندو آهي. "چيل"، من ۾ خواهش ڪيل ۽ ڪجهه عملي طور ڪيل." (ف_س).

"جيسن" (Jessen. 1855,530) پنهنجي نفسيات جي ڪتاب ۾ ٽورو ٽڪو پر ڪجهه وڌيڪ ئي ڏيگهه ڪندي لکيو آهي ته:

"خواب جو متن، گهڻ يا وڏ خواب ڏسندڙ جي انفرادي طور تي تعين ڪيل شخصيت تي، بنا ڪنهن قيرقار جي بدل هوندو آهي، جنهن ۾ سندس عمر، جنس، سماجي درجو، تعليم جو معيار ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جو معمول ۽ سندس زندگيءَ جا واقعا، تجربا ۽ سندس پوري گذاريل حياتي اچي وڃي ٿي."

ان سوال تي نهايت سخت مزاجيءَ وارو رويو وري هڪ فيلسوف جي، جي.اي ماس (J.G.E. Maass_ 1805_1, 168,173) اختيار ڪيو آهي.[1] جنهن جو حوالي ڏيندي "ونٽرستين" (Winterstien_ 1912) لکي ٿو ته:

"تجربي اسان جي "خيال" کي ثابت ڪيو آهي ته اسان گهڻو ڪري انهن شين جا خواب ڏسندا آهيون، جيڪي اسان جي آرزوئن ۽ جذبن جا مرڪز هوندیون آهن، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته پڪ ئي پڪ اسان جا جذبا ئي اسان جي خواب جي سرجڻ تي اثرانداز ٿين ٿا. شديد خواهشون رکندڙ ماڻهو فتح يا ڪاميابيءَ جا خواب ڏسندو آهي ته هن ڪجهه ڪٽيو آهي يا تصور ڪندو آهي ته هن ڪجهه حاصل ڪيو آهي، يا هو پاڻ کي انهن ۾ شامل ڏسندو آهي، جيڪي سدائين ڪاميابي حاصل ڪندا رهندا آهن، جڏهن ته پيار ڪندڙ خوابن ۾ پاڻ کي پنهنجي پيارين اميدن ۽ امنگن جي خيالن ۾ مصروف ڏسندو آهي.... سمورين حسي خواهشون ۽ مخالفتون به ٿي سگهن ٿيون، جيڪي دل جي اندر پيون گهيرٽ ڪائيندیون آهن، جيڪڏهن انهن مان ڪا به شيءَ متحرڪ ٿيندي آهي ته خواب جا سبب انهن ئي خيالن مان اپرندا آهن، جيڪي انهن سان ڳنڍيل هوندا آهن يا اهي "خيال"، خواب جو سبب بڻجندا آهن، جيڪي خواب ۾ مداخلت ڪندا آهن، جيڪي به اڳ ۾ ئي موجود هوندا آهن."

آڳاٽي دور ۾ به خوابي ستاءَ جي سهائتا لاءِ جاڳندڙ زندگيءَ جي متعلق اهو ساڳيو ئي خيال اڳيان رکيو ويو هو.

راڊيستاڪ (Radestock_ 1879, 134) اسان کي ٻڌائي ٿو ته يونان جي خلاف مهم جي شروعات ڪرڻ کان اڳ ايران جي بادشاهه زيرزيس (Xerxes) ڪيئن نه مايوس ڪرڻ ۾ هڪ پختي صلاح ڏني هئي، پر اها به هميشه جيان سندس خوابن جي پوئواريءَ تي ٻڌل هئي: جنهن تان خوابن جي جهوني ۽ ڏهين، تعبير ڪندڙ فارسي دان "ارتبنوس" (Artabanus) نهايت درست مشاهدو ڪيو ته جيئن اصول آهي ته خوابي تصويرون، جاڳيل ماڻهوءَ ۾ پهرين کان ئي موجود سوچ تي مشتمل هوندیون آهن.

"لوڪريٽس" (Lucretius) جو هڪ نصيحت پريو شعر آهي، جنهن جي هڪ ٽڪري جو نثري ترجمو هت پيش ڪجي ٿو (IV,962):

"۽ جيتري قدر به پاڻ اربڙ واري حالت ۾ ان هڪڙي تلاش سان واڳيل رهبو يا جيتري قدر به ماضيءَ ۾ جن مشغوليت ۾ گذاري آيا آهيون، ته ذهن به ساڳئي ئي جستجو تحت، ان کي ڳولهڻ جو پڪو اردو ڪندو آهي.

۽ عام طور تي ان جستجو يا تلاش جو طريقو به ساڳيو ئي هوندو آهي، جيڪو اسان جي خوابن ۾ مدمقابل نظر ايندو آهي.

"وڪيل، پنهنجي مقصد جي وڪالت ڪندا آهن،
۽ ڏاڍي ڏيان سان قانوني نڪتا بيان ڪندا آهن.

---

[1] هي حصو 1914ع ۾ شامل ڪيل آهي.

۽ سربراهي ڪندڙ مجموعي اصول، چٽاپيٽيءَ لاءِ جنگ ۾ مصروف ٿي ويندا آهن[1]."

سسرو (Cicero) جي اڳڪٿي (De divinatione II, Ixvii, 140) ۾ بلڪل ساڳيو تاثر ڏنو ويو آهي، جيئن ڪيئي سال بعد "مائوري" لکيو ته: "پوءِ ذهن، خاص ڪري اسان جي جاڳ واري حالت دوران پيدا ٿيل سوچن کي يادگار بنائيندو آهي ۽ سواهشون، اسان جي روح ۾ قيد ٿي ويندیون آهن.[2]

جاڳ واري حالت ۽ خواب واري صورت جي باري ۾، انهن ٻنهي خيالن جي وچ ۾ جيڪو تضاد آهي، اهو حقيقت ۾ ڪڏهن ب، حل ٿيڻ جهڙو نه آهي. ان ڪري هن نڪتي کي "هلڊيبرانٽ" (Hildebrandt, 1875,8) جي هن موضوع تي ٿيل بحث جي حوالي سان ڏسنداسين، جنهن جو يقين هو ته:

"خواب جي خاصيتن جي تشريح ڪرڻ، ان صورت ۾ بلڪل ناممڪن آهي، جو اختلافي سلسلي جي انهن "تن" مقصدن کي چڏي ڏجي، جيڪي تضاد ۾ تيزي پيدا ڪندا آهن، جن مان هڪڙو نه آهي "فرق". هو لکي ٿو ته: "جا هڪ طرف اها ڳالهه، پنهنجي مڪمل هجڻ جي صورت ۾ مڃڻ جهڙي ب آهي؟ جيڪا خوابن کي حقيقي ۽ اصل زندگيءَ کان اڳ ڪري ٿي چڏي، جڏهن ته ٻئي پاسي، انهن جو هڪ ٻئي تي قبضو قائم ۽ دائم آهي، ۽ انهن جو هڪ ٻئي تي ئي دارومدار آهي. هڪ خواب، ڪنهن حد تائين، جاڳ واري زندگيءَ جي حقيقي تجربن منجهان ئي خدمتون سرانجام ڏيندو آهي، جيئن ڪو جوڳ پچائيندڙ پنهنجي وجود ۾ بند ڪيل هوا (حبس دم) ڏريعي! نه اڪرجي سگهجندڙ وسعتن ڏريعي پنهنجي حقيقي زندگيءَ کان علحده ٿي سگهي ٿو. هو اسان کي حقيقت کان جدا ڪري ٿو چڏي، عام يادگيرين کي فنا ڪري ٿو چڏي ۽ اسان کي ان ٻي دنيا ۾ ٿو رسائي چڏي، جنهن جي حياتياتي ڪهاڻي ئي ڪا ٻي آهي. جنهن ۾، اسان جي هن زندگيءَ واريون ضرورتون موجود نه آهن...."

ان صورتحال کي سمجهائيندي "هلڊيبرانٽ" ٻڌائي ٿو ته "اسان جڏهن گهري ننڊ ۾ هوندا آهيون ته ڪيئن نه اسان جو سمورو وجود ب زندهه صورت ۾ موجود هوندو آهي. پر جيئن هيو ٽيئن نظر نه ايندو آهي، جڏهن اهو چور دروازي مان نڪري ويو هجي."

پوءِ! ممڪن آهي ته خواب ڏسندڙ کي ساموندي سفر ڪري، "سينٽ هيلينا" (St. Helena) وڃي، نيپولين (Napoleon) کي ڪا تجويز ڏئي، جيڪا تي قيد آهي. يا موزيل درياهه جي وادي ۾ تيار ٿيندڙ شراب (Moselle) جي سودي کي منتخب ڪري، کوڳڏريل بادشاهه نهايت ڪشاده دليءَ سان سندس آجيان ڪري، ۽ پوءِ ڏاڍو ڏڪارو ٿئي، جڏهن ننڊ مان جاڳي ۽ پاڻ کي بستري تي ڏسي، پنهنجي دلچسپ تصور کي تباهه ٿيندي ڏسي.

پر اچو ته پهرين خواب ۾ نظر ايندڙ صورتحال جي پيٽ ڪريون، جنهن کي "هلڊيبرانٽ" حقيقي انداز ۾ بيان ڪيو آهي ته خواب ڏسندڙ ڪڏهن ب شراب جو واپاري نه رهيو هو ۽ نه ئي شراب جي ڪا سڌ ڪئي هنائين. هن ڪڏهن ب ساموندي سفر نه ڪيو هو، جيڪڏهن هو ڪري ب ها ته سينٽ هيلينا سندس آخري جاءِ هجي ها، جتي هو وڃڻ چاهي ها. نيپولين کي ڪو آسرو يا سهارو ڏيڻ لاءِ ب سندس دل ۾ اهڙي ڪا ب همدردي موجود ڪانه هئي. پر ان جي ابتڙ هن لاءِ منجهس قومي ڪاوڙ ۽ نفرت هئي. پر سيني کان وڌيڪ اهم ڳالهه اها هئي ته جڏهن نيپولين ان بيت تي مئو هو ته خواب ڏسندڙ اچان جاڳو ب ڪونه هو انڪري ان سان سندس ڪنهن ذاتي رشتيداريءَ جو ب امڪان ڪونه هو. اهڙيءَ ريت خواب جو تجربو حياتيءَ جي انهن ٻن حصن جي وچ ۾ ڪنهن "اوپري" دلچسپيءَ جيان نظر اچي ٿو جن ۾ مڪمل تسلسل آهي ۽ اهي هڪ ٻئي سان پوريءَ ريت ڳنڍيل آهن.

---

[1] روزي (Rouse) جي انگريزي ترجمي تان، لوئيب ڪلاسڪل لئبرري، 317، 1924).

[2] فالڪونر (Falconer) جي انگريزي ترجمي تان: (لوئيب ڪلاسڪل لئبرري، 527، 1922)

"۽ اڃان بہ"...."هلڊيبرانٽ" اڳتي ساڳي هنڌ (صفحو: 10) تي لکي ٿو تہ: "ان درست ۽ سچ جھڙي ڳالھ جي ابتڙ ڇا ظاھر ٿيو؟ انھن سمورين ڳالھين جي باوجود، ھڪ نهايت ويجھو تعلق، ھڪ ھٽ ۾ ڏئي ٻيو هلي. مان گوشي نشيني ۽ علحدگيءَ کي ميڙان ٿو. اسان ان پاسي بہ وڃي سگھون ٿا تہ جيئن ڇڻي سگھون تہ خواب اسان کي جيڪي ڪجھ بہ پيش ڪري سگھن ٿا، اهي حقيقت جي مواد ۽ ادراڪ واري زندگيءَ مان آڻين ٿا، جيڪا ان ئي حقيقت جي چوڌاري گھمي ٿي، ۽ جنھن مان ڪيترائي عجيب نتيجا بہ حاصل ڪري سگھن ٿا، پر سچ تہ اهي حقيقي دنيا ۽ زبان، سوچ، احساس يا اسلوب جي عظمت يا بلنديءَ کان الڳ ٿي ئي نہ ٿا سگھن. ساڳئيءَ ريت ان جي انتهائي بيهودي بناوت بہ يقينن، ان بنيادي مواد مان اڌاري ڪري ڪنيل هوندي آهي، جيڪا پلي تہ اسان جي حسي دنيا ۾، اکين اڳيان گذري چڪي هجي يا اسان جي جاڳ دوران آيل خيالن کي، يا ٻين لفظن ۾ ائين ڇڻي سگھجي ٿو تہ اسان جي ذهن، اسان جي داخلي يا خارجي طور تي ڪيل تجربي يا مشاهدي کي، اڳ ۾ ئي پاڻ وٽ سانڍيو ورتو آهي.

(2)

خوابن جو مواد، خوابن ذريعي ياد گيرين جو اڇڻ
THE MATERIAL OF DREAMS MEMORY IN DREAMS

خوابن جي سٽاءَ کي تيار ڪندڙ سمورو مواد، ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان، تجربن مان ايندو آهي، جنهن کي خواب ذريعي ٻيهر پيدا ڪرڻ يا يادگيري ڏيارڻ چئي سگهجي ٿو ايستائين جو آخرڪار اسان ان کي بنا ڪنهن بحث تڪرار جي حقيقت ئي تسليم ڪندا آهيون. پر ان کي ائين سمجهڻ غلط ٿيندو ته خواب جي سٽاءَ ۾ حقيقت جي وچ ۾ ان قسم جو ڳانڊاپو آسانيءَ سان ظاهر ٿيڻ لاءِ پابند هوندو آهي، جو ٻنهي کي پيٽي ۾ جلد ئي ڪو نتيجو اخذ ڪري سگهجي. ان قسم جي ڳانڊاپي جو ضروري عنصر "مستقل مزاجي" هوندو آهي يا ائين چئجي ته اهو ڳانڊاپو ڪنهن تسلسل ذريعي ڏسي سگهجي ٿو ۽ سمورن معاملن (Cases) ۾ گهٽو ڪري اهي يادگيريون، لڪل يا ڇڄهيون رهنديون آهن. ان جو سبب اهو آهي ته يادون ڪيترن ئي مختلف ۽ نرالن اندازن تي مبني هونديون آهن. جيڪي خواب ۾ يادن جي ايوانن مان پنهنجو نماءُ ڪرڻ لڳنديون آهن ۽ جيتوڻيڪ انهن تي ٽيڪا ٽپٽي به ٿيل هوندي آهي پر پوءِ به ان وقت تائين انهن متعلق ڪيل وضاحت رڪاوٽ بڻيل هوندي آهي. ان ڪري اهميت ان ڳالهه جي آهي ته انهن انوکين خوبين کي نهايت غور سان جاچڻ گهرجي.

ٽي سگهي ٿو ته خواب جي سٽاءَ ۾ يادن جو ڪو مختصر حصو ظاهر ٿيو هجي، جنهن کي اسان پنهنجي جاڳ واري حالت دوران، اسان جي علم ۾ اضافي يا تجربي جي طور قبول نه ڪيو هجي. اسان ياد ته يقينن گهٽو ئي ڪجهه رکندا آهيون، جن بابت اسان خواب ۾ ڏسندا آهيون پر اسان کي اهو ياد نه رهندو آهي ته حقيقت ۾ اهو تجربو اسان ڪڏهن ۽ ڪيئن ڪيو هو! اهڙيءَ ريت اسان شڪ شبهي ۾ مبتلا ٿي ويندا آهيون ته اهو تجربو وري ڪهڙي ڏسا مان خواب ۾ ظاهر ٿيو آهي ۽ ان ريت اسان ڏتارجي ويساهه ڪرڻ لڳندا آهيون ته اهو ڪنهن خودمختيار قوت جي پيداوار آهي، ۽ بعد ۾ ڪنهن وڏي وقفي کان پوءِ ڪي تازا تجربا، وسري ويل واقعن جي ياد ڏيارينداآهن ۽ ساڻئي وقت "خواب جو ڪارڻ" به پڌرو ٿي پوندو آهي. اهڙيءَ ريت اسان مڃڻ لڳندا آهيون ته خواب ۾ اسان اهو ڪجهه ڄاتو ۽ ياد ڪيو جيڪو اسان جي جاڳ واري حالت دوران پهچ کان نهايت دور هو.[1]

ان ڏس ۾ "ڊيلبوايوف" (Delboeuf_1885,107) پنهنجي تجربي جو هڪ زوردار مثال ڏنو آهي. "هن خواب ۾ پاڻ کي پنهنجي گهر جي اڳڻ ۾ ڏٺو جيڪو برف سان ڍڪيل هو اتي هن ٽڏ کان جمي ويل به سانڍا (Lizards) برف ۾ ڊبيل ڏٺا. ساهوارن سان پيار ڪرڻ واري احساس سبب هن انهن کي ٻاهر ڪڍيو ۽ کين گرمائش ڏني. ڪٽي جاءِ ۾ ٽيل ان سوراخ ۾ رکي ڇڏيو جتي اهي رهندا هئا. جنهن کان پوءِ هن کين کائڻ لاءِ گلن ٻوٽن جو جهڳٽو ڏيو ڏيوار تي چڙهيل ول جا ڪجهه پن ڏنا، جن لاءِ ڪيس اندازو هو ته اهي هنن کي ڏاڍا پسند هئا. خواب ۾ هن ڄاتو پئي ته ان ٻوٽي جو نالو "فرن" يعني وڻن پنن وارو يا شاخن وارو ٻوٽو (Asplenium ruta muralis) هو."

خواب اڃان اڳتي وڌيو ۽ ٿوري دير کانپوءِ هو وري سانڊن ڏانهن موٽي آيو. ته ڊيلبوايوف نهايت حيرت مان ٻه ٻيا نوان سانڍا ڏٺا، جيڪي فَرن جي بچت کائڻ ۾ مصروف هئا. پوءِ هن پنهنجي چوڏاري نهاريو ته هن پنجون سانڊو به ڏٺو جنهن کان پوءِ

---

[1] هي حصو 1914ع ۾ شامل ڪيل آهي. فرانس جي ماهر نفسيات اين واشيدي (N.Vaschide_ 1911) تبصرو ڪيو آهي ته: "اهو پڻ ڏٺو ويو آهي ته ماڻهو ڏاريون هوليون به جاڳ واري حالت کان وڌيڪ خوابن ۾ آسانيءَ سان ۽ بلڪل درست ڳالهائيندا آهن.

ڇهون..... جيڪو ديوار جي ان سوراخ ۾ پنهنجي رستو ٺاهي رهيو هو جڏهن ته سڄو رستو سانبن جي انبوه سان پريل هوءِ سيني جورخ هڪ ئي پاسي هو ۽ ائين....."

پوءِ هو جاڳي پيو.

ڊيلبوايوف کجهه لاطيني ٻوٽن جي نالن کان واقف هو جن ۾ "فرن" (Asplenium) جو نالو موجود نه هو. پوءِ هن پنهنجي حيرت سبب ان حقيقت جي تصديق ڪئي تڏهن کيس خبر پئي، ته "فرن" جي نالي وارو ٻوٽو موجود هو جنهن جو اصل نالو Asplenium ruta muraria هو. جيڪو خواب ۾ ٿوري بگڙيل صورت ۾ آيو هو. ٿي سگهي ٿو ته اهو اتفاق هجي، جيڪو "ڊيلبوايوف" جي لاءِ ڪو ڳجهو معاملو ٻڌيو هجي ته ڪيئن هن خواب ۾ آيل "فرن" (Asplenium) جي نالي مان ڪا معلومات حاصل ڪئي هئي.

خواب 1862ع ۾ ڏٺو ويو. پر سورنهن سال بعد، جڏهن هي فيلسوف پنهنجي هڪ دوست ڏانهن گهمڻ ويو ته هن ان وٽ هڪ ڊيل گلن جو اهڙو آلبم ڏٺو جيڪو باهران آيل سياحن لاءِ سئنٽرلئنڊ جي ڪن علاقن جي خاص تحفي، جي صورت ۾ وڪامندو هو. گلن جي ان آلبم ڏسڻ دوران سانيڙ هن جي ذهن ۾ ايرڻ شروع ڪيو. هن خشڪ ڪيل گلن ٻوٽن جو آلبم کوليو جتي هن خواب ۾ آيل لفظ "Asplenium" کي پنهنجي ئي هٿن سان لکيل ڏٺو ته هن کي حقيقت معلوم ٿي.

1860ع ۾ يعني به سال اڳ سانبن متعلق ڏٺل خواب:

"ان ساڻئي دوست جي پيڙ شاديءَ کان پوءِ ڊيلبوايوف وٽ اچي کجهه ڏينهن لاءِ گهمڻ آئي هئي. وٽس به اهو آلبم هو جيڪو سندس پاءُ تحفي طور کيس ڏنو هو. تڏهن ڊيلبوايوف، کوشش ڪري، هڪ ماهر نباتات کان پڇي، ان جي هر هڪ گل تي لاطيني نالو لکي ڇڏيو. سنو ٽيو جو ان محفوظ ڪيل دستاويز جو مثال موجود هو جنهن جي ڪري ڊيلبوايوف جي خواب جي ٻئي حصي جي سٽاءَ جي گهر ٿي ويل سبب کي ڳولهڻ ۾ آساني ٿي سگهي. 1877ع دوران هڪ ڏينهن هن کنهن سلسليوار تصويري رسالو پڙهي ڏٺو جنهن ۾ هن هڪ تصوير ڏٺي، جنهن ۾ سانبن جي هڪ وڏي لانڊ نظر پئي آئي، جيڪا هن خواب ۾ 1862ع ڌاري ڏٺي هئي. رسالو 1860ع ڌاري شايع ٿيو هو. تڏهن ڊيلبوايوف کي ياد آيو ته هو ان رسالي جو شروع کان خريدار رهيو هو.

اها حقيقت آهي ته خوابن کي، ياداشت تي پنهنجي اختياري هوندي آهي، جنهن تي عام جاڃيل حد تائين پهچ نهايت مشڪل هوندي آهي. اها ايتري ته غير معمولي نوعيت جي ۽ خيالي يا غير عملي اهميت جي حامل هوندي آهي جو مان ان تي ايان به وڌيڪ ڌيان ڏيڻ چاهيندس ته جيئن ان کي روڳ وديا جي حوالي سان غير معمولي درجي جي تفصيلي يادگيريءَ کي قائم رکڻ جي خوابن (Hypermnesic Dreams) متعلق کجهه بين معاملن تي به غور ڪري سگهان.

"مائوري" (ص: 142) اسان کي ٻڌايو آهي ته ڏينهن دوران ڪيئن نه ٿوري وقت لاءِ لفظ "موسيدان" (Mussidan) سندس مغز ۾ اچي ويهندو هو. جنهن متعلق هن کجهه به نه ٿي ڄاتو سواءِ ان جي ته اهو فرانس جي هڪ شهر جو نالو هو. هڪ رات هن خواب ٿي ڏٺو ته هن کنهن سان گفتگو پئي ڪئي، جنهن کيس چيو هو ته "هو موسيدان مان آيو آهي." ان تي هن کائنس پڇيو هو ته "اهو ڪٿي آهي؟" جنهن تي هن جواب ۾ ٻڌايو هوس ته: "اهو ڊورڊون جو هڪ ننڍڙو شهر آهي." پوءِ مائوري جڏهن جاڳيو ته کيس خواب ۾ مليل ان معلومات تي ويساهه کونه ٿي آيو. پوءِ هن جاگرافيائي نالن واري فهرست (Gazetteer) جو مطالعو ڪيو ته کيس اهو درست نظر آيو.

هن خواب جي معاملي ۾ خواب جي شاندار ۽ نهايت وڏي ساڃاهه جي حقيقت ته ثابت ٿئي ٿي، پر ان "ڄاڻ جي ويساري جو ڪارڻ" پڌرو نه آهي.

"جيسن" (ص: 551) به گذريل وقت جي حوالي سان ساڳي ئي قسم جو خواب بيان ڪيو اهي:

"ان حيثيت وارن سان وابستا کجهه بين مان "وڏڙي شيليگر" جو هڪ خواب"، جنهن جو حوالو "هيننگس" (Hennings,1784_300) به ڏنو آهي، جنهن ويرونا جي کنهن معروف شخص جي تعريف ۾ هڪڙو شعر لکيو هو. هڪڙو

شخص، جيڪو پاڻ کي "برگنولس" (Brugnolus) سڏائيندو هو سو ڪيس خواب ۾ نظر آيو ۽ شڪايت ڪرڻ لڳو ته هن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي. حالانڪ "شيليگر" (Scaligar) کي ياد ڪونه هو ۽ نه ئي هن ٻڌو هو ته هن متس کي شعر لکيا آهن. ٿورو عرصو پوءِ جڏهن سندس پٽ ويرونا ۾ پڙهڻ ويو ته برگ نولس نالي کو شخص واقعي تنقيدنگار جي حيثيت وارو هڪ مشهور شخص موجود هو."

"واشيدي" (Vashide,1911,232)، مارڪئس ڊي هاروي ڊي سينٽ ڊينيس (Marquis D, Harvey de St. Denys,1867_305)، جو حوالو[1] ڏيندي بيان ڪيو آهي ته:

"غير معمولي درجي جي تفصيلي يادگيريءَ کي قائم رکڻ جي، خواب ۾ هڪ انوکي خاصيت هوندي آهي، اهڙي قسم جو خواب ڪنهن ٻئي خواب جي حوالي سان ايندو آهي، جيڪو مڪمل طور تي ان ڳالهه جي تصديق ڪندو آهي ته شناخت نه ٿيندڙ يادگيريءَ ۾ پهرين ڇا هوا مون هڪ پيري هڪ نوجوان عورت جو خواب ڏٺو، جنهن جا وار سون جا هئا، جنهن کي مون پنهنجي پيڙ سان ڳالهائيندي ڏٺو ان وقت هوءَ ڪيس ڪوپرت ڏيکاري رهي هئي. خواب ۾ هوءَ مون کي نهايت پنهنجي پنهنجي پئي لڳي، سمجهان پيو ته ڪيس اڳ به ڪٽي ڏٺواٿم. جاڳڻ ڪانپوءِ به هن جو چهرو ڏاڍي چٽيءَ ريت منهنجي اکين اڳيان پئي ڦريو. پر مان ڪيس سڃاڻي نه پئي سگهيس. پوءِ مان وري سمهي پيس، ته وري ساڳي ئي خواب جو منظر نظر اچڻ لڳو... هن ٻئي خواب ۾ مون سونهري وارن واري ان نوجوان عورت سان ڳالهايو ۽ پڇيو ته "اڳ جيڪڏهن مون کي ساٺس ڪٽي ملڻ جي خوشي نه ٿئي ها ته جيڪر...."

"جي جي بلڪل..." چوڻ لڳي، "توکي ياد نه آهي، سج جي سطح تي ٿيندڙ روشنيءَ جو محور هو ۽ تون مان هئاسين..." مان هڪدم جاڳي پيس ۽ ساٺس خواب واري تعلق جو سمورو موهيندڙ منظر تفصيلي طور تي واضع ٿي ويو.

ساڳئي ليکڪ (ساڳئي ڪتاب جي 306 صفحي تي) "واشيدي" جو ٻيهر حوالو (4، 233) ڏيندي ٻڌائي ٿو ته هڪ موسيقار پنهنجي هٿ ڪي هڪ پيري خواب ۾ هڪ نئين ڏن جي انداز ۾ ٻڌو ۽ پوءِ ڪي گهڻا سال نه گذريا هئا جو پنهنجي گڏ ڪيل ڏنن مان ڪيس اها ڏن به ملي وئي، جڏهن ته ڪيس يقين ڪونه ٿي آيو ته هن ان ڏن کي اڳ ڪڏهن ڏٺو هو.

مان سمجهان ٿو ته "مايرس" (Myers, 1892) غير معمولي درجي جي تفصيلي يادگيريءَ کي قائم رکڻ وارن خوابن (Hypermnic Dreams) جي سمورن قسمن کي، جسماني تحقيق جي سماجي ڪاروائيءَ لاءِ گڏ ڪري شايع ڪيو آهي. بدقسمتيءَ سان اها تحقيق مون کي هٿ اچي نه سگهي آهي.

مان نه ٿو سمجهان ته ڪوبه شخص، جيڪو سدائين سپنن سان سلهاڙيل هجي ته اهو جاڳ دوران، ذهن ۾ گڏ ٿيل ڳالهين کي ڳولهڻ ۾ ناڪام به ٿي سگهي ٿو پر "يادگيرين ۽ جاڙ متعلق شاهدي ڏيڻ" سپني لاءِ هڪ عام ڳالهه آهي.

گهبراهٽ جي مريضن جي تحليل نفسيءَ بابت ڪيل منهنجي ڪم ۾، (جنهن متعلق مان پوءِ ڳالهائيندس) هفتي جو ڪيترو وقت مريض سان، سندس خوابن جي حوالي سان اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل رهندو آهيان ته "اهي گهٽو ڪري حوالن ۽ ڪن فحش قسم جي لفظن وغيره تي ٻڌل هوندا آهن. جيڪي خوابن ۾ پيا استعمال ٿيندا آهن. جيتوڻيڪ اهي جاڳ واري حالت ۾ ماٺهوءَ کان وسريل هوندا آهن.

مان خواب ۾ غير معمولي درجي جي تفصيلي يادگيريءَ کي قائم رکڻ جو هڪ سادو مثال شامل ٿو ڪريان، ته جيئن ان "معلومات جي ذريعي" کي آسانيءَ سان ڳولهڻ ممڪن ٿي سگهي، جنهن تائين رڳو خواب جي ذريعي ئي پهچي سگهجي ٿو.

منهنجي هڪ مريض ڪنهن عمل دوران چڱو ڀڳو خواب ڏٺو ته هو جڏهن ڪنهن ڪيفي ۾ ويٺو هو ته هو "ڪونتوزوڪا" (Kontuszowka) آٽڻ جو حڪم ڏئي رهيو هو. مون کي ٻڌائڻ کان پوءِ هن مون کان ڪونتوزوڪا متعلق

---

[1] هي حصو 1914ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

پچيو تہ اهو چا آهي. چاڪاڻ تہ هن ان قسم جو لفظ اڳ ڪڏهن بہ نہ ٻڌو هو جنهن تي مون کيس ٻڌايو تہ اهو پوليند جي شراب جو نالو آهي. هن کي اصل ۾ ان جي خبر ڪانہ هئي پر جيئن تہ مان ان جو هڪ وڏو اشتهار ڏسي چڪو هوس ان ڪري مان ان نالي کان واقف هوس. پهرين تہ هن مون تي يقين نہ پئي ڪيو. پر ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ ان کيفي ۾ ئي هن جو اهو خواب سچو ثابت ٿيو. جتان هن گهٽيءَ جي ڪنڊ تي لڳل تختي تي ان جو نالو لکيل ڏٺو جنهن کيس پنهنجي ماضيءَ جو اهو خواب ياد ڏياري چڏيو ۽ پوءِ تہ ڪيترن مهينن تائين اتکل ڏينهن ۾ بہ پيرا پنهنجي ماضيءَ کي پيو ياد ڪندو هو.

مون پنهنجي خوابن تي پاڻ بہ ڏيان ڏنو آهي[1] تہ انهن ۾ ڪيتري حد تائين اتفاقي ڳالهيون موجود آهن. جو جيڪڏهن ڪو شخص خواب جي خاص عنصرن ۽ ان جي سببن کي ڳولهي تہ ان کي ان جو سڳ ملي سگهي. ايتري قدر جو هن ڪتاب کي مڪمل ڪرڻ کان ڪيترا سال اڳ ۾ ئي مان "گرجا جي ٽنيي" جي تصوير کي سمجهڻ جي پويان لڳل هوس. جيڪو نهيل تہ نهايت سادو هو جنهن لاءِ مون کي ياد نہ آهي تہ مون ان کي ڪڏهن ڏٺو بہ هو. پر سالزبرگ ۽ ريشنهال ريلوي لائين جي وچ ۾ نهيل هڪ ننڍي اسٽيشن تي مون ان کي اوچتو سجاڻي ورتو. بلڪل پڪي يقين سان. سو بہ تڏهن جڏهن مان ارڙهن اٽويهن سالن جي هجار دوران. يعني 1886ع ڌاري ان طرف پهريون پيرو سفر ڪري رهيو هوس. بعد ۾ مان جڏهن خوابن جي اپياس ڪرڻ ۾ محو ٿي ويو هوس تہ منهنجي خوابن ۾ ور ور ڪري اها خاص تصوير. بلڪل ڪنهن غير معمولي عمارت جيان نظر ايندي هئي جنهن. جڙ تہ صفا بيزار ڪري چڏيو هو.

"مون سان وابستا خاص ماحول جي ڪشادگيءَ ۾ مون پنهنجي ڪاپي پاسي. هڪ اونداهون حصو ڏٺو جتي سنگ مرمر جون نهيل ڪيترين ئي ڪِل ڏيارينڊ ڙشڪليون ٽم ٽم ڪري رهيون هيون. مون کي اها اڻ چٽي يادگيري آهي. جنهن کي نہ چاهيندي بہ مجيندو آهيان. مون کي ٻڌايو ويو تہ اهو شراب گڏ ڪرڻ جو تهہ خانو هو. پر ان خوابي تصوير توڙي ان جي حقيقي هجڙ جي باوجود. مان ان جو سڳ ڳولهڻ ۾ ناڪام ٿيو آهيان."

1907ع ڌاري روم جي شهر پاديوا (Padua) ۾ ويو هوس. جتي مون کي افسوس ٿيو جو 1895ع تائين منهنجو اوڏانهن وڃڻ ڪونہ ٿيو هو. جهڙيءَ ريت ٻيبي مريم جي آڪاڙي ۾ گيوتو (Giotto) جي پهلوانيءَ جا ڪرتب ڏسي نہ سگهيو هوس. تهڙيءَ ريت ان پياري علمي شهر ڏانهن منهنجو پهريون دورو نهايت مايوس ڪندڙ هو. مان مرڪزي گهٽيءَ جي اڌ تان ئي موٽي ويس ۽ اڇي اهو چيم تہ ان ڏينهن تي خاص طور تي ڪليسا بند هئي. ٻارهن سالن ڪانپوءِ منهنجي ٻئي دوري دوران مون ان ڪميءَ کي پوري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ پهريون ڪم اهو ڪيو جو ڪليسا جي آڪاڙي جي باري ۾ لکڻ ۽ ڇپائڻ شروع ڪيو. اها گهٽي. جيڪا اوڏانهن پئي وئي. سا منهنجي ڪاپي طرف هئي. جنهن تان جيئن مان هلندو ويندو هوس. بلڪل ائين ئي ان جو هر ممڪن نُڪتو مون ان ۾ شامل ڪيو. جنهن کان پوءِ مان 1885ع ڌاري اتان موٽي آيس. مان ان جاءِ تان موٽيو هوس. جنهن کي مون سدائين سپنن ۾ ڏٺو هو ان جي نهيل حصي ۾ سنگ مرمر جي چمڪندڙ شڪلين سميت..... ۽ حقيقت ۾ اهو ئي طعام ڪائڻ واري باغ ۾ داخل ٿيڻ جو دروازو هو.

انهن ذريعن مان هڪڙو جنهن مان خواب. مواد کي ٻيهر پيدا ڪرڻ لاءِ ان مواد ڏانهن ڪاهي ٿو جنهن کي نہ تہ ياد رکيو ويو هو نہ ئي ان کي جاڳيل حالت دوران سوچ ويچار ذريعي استعمال ڪيو ويو هو. ۽ اهو مواد آهي **"بالڪپڻي جا تجربا"**. مان هتي انهن چند ليڪڪن جا مثال پيش ڪندس جن انهيءَ حقيقت تي زور ڏنو آهي.

"هلڊيبرانٽ" (ص:23) لکي ٿو تہ: "مان اڳ بہ واضع طور تي قبول ڪري چڪو آهيان تہ خواب. ڪڏهن ڪڏهن اسان جي ذهن کي. نهايت دلڪش ۽ طاقتور انداز سان ياد ڪرائيندا آهن. پلي تہ اهي پراڻا يا اسان جا تمام آڪاڻا ۽ وسري ويل واقعا چونہ هجن."

---

[1] مي حصو 1909ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

"استروميپيل" (ص: 40) لکي ٿو ته: "اها حالت به نهايت غير معمولي هوندي آهي، جڏهن اسان اهو مشاهدو ڪندا آهيون ته خواب، اسان جي ابتدائي يا جواني ۽ جي تجربن کي ڪيئن نه وقت جي لٽ ۾ لتجي ويل ڪچري جي نهايت گهري ڪڏ مان ساڳي ئي چٽائي سان ڪٽي ايندا آهن. بلڪل ساڳين جاين جون تصويرون، شيون، ماڻهو، پنهنجي مڪمل ۽ حقيقي تازگي ۽ سان.

اها ڳالهه رڳو انهن تجربن تائين ئي محدود نه هوندي آهي جيڪي، جڏهن ظاهر ٿيندا آهن ته نهايت جيئرا جاڳندا احساس پيدا ڪندا آهن، يا جنسي اهميت جي مٽانهين درجي جو سرور ڏئي چڏيندا آهن ۽ خواب ۾ اهڙي ته اصلوڪي انداز ۾ ايندا آهن، جو جاڳ واري حالت ۾ به دل بهار بهار پئي ٿيندي آهي. پر ان جي ابتڙ، خواب ۾ يادگيري ۽ جي گهرائي، آڳاٽن وقتن جي ماڻهن، شين، جاين ۽ واقعن جي تصويرن کي به شامل ڪندي آهي، پلي ته انهن سان، ماڻهوءَ جي ڪا اهم طبعي وابستگي نه به هجي، يا ساڻن نهايت معمولي درجي جي واقفيت هجي، يا اهي بلڪل به ڏاريون جايون ۽ آڙ ڏئل ڇهرا هجن. ايستائين جو پلي ته جاڳ واري حالت ۾ ماڻهو انهن جي اصليت بابت کوجنائون ڪندا هجن."

"والڪيلٽ" (Volkelt, 1875,119) لکي ٿو ته: "خاص طور تي اها ڳالهه پڙ غير معمولي آهي ته هالڪپٽي جون يادگيريون، خوابن ۾ ڪيئن نه نهه پهه اچي ٿيون وجن ۽ ڪيئن نه پنهنجو رستو ناهي، نروار ٿين ٿيون. خواب اسان کي انهن شين متعلق به مسلسل ياد ڏيارينديا رهندا آهن، جيڪي گهٽو ڪري اسان لاءِ غير اهم هونديون آهن. جن تي اسان سوچڙ چڏي ڏنو هوندو آهي."

خوابن کي گهٽو ڪري نديڙ جي مواد تي وڌيڪ دسترس هوندي آهي، ۽ جيئن ته اسان سيئي جاڻون ٿا ته اهڙي مواد جو گهٽو حصو اسان جي يادگيرين جي شعوري شعبي جي وٽين ۾ وجائجي ويندو آهي. اهي اثرانداز ٿيندڙ حالتون، غير معمولي درجي جي تفصيلي يادگيري ۽ کي قائم رکندڙ ۽ دلچسپ خوابن کي اپاريندين رهنديون آهن، جن متعلق مان ڪجهه پيا مثال به پيش ڪندس.

"مائوري" صفحي 92 تي لکي ٿو ته "جڏهن هو ننڍو هوندو هو ته هن ڪيئن نه پنهنجي جنم پومي "ميوز" (Meaux) کان، پر واري ڳوٺ "ٽرل پورٽ" وڃڻ جو تجربو ڪيو هو جتي سندس والد هڪ پل جي تعمير تي "داروغو" هو. هڪ رات خواب ۾ هن پاڻ کي ٽرل پورٽ ۾ موجود ڏٺو هو ۽ هڪ پيرو پيهر پڙ انهن ڳوناٽين گهٽين ۾ راند ڪيڏندي ڏٺو هو. هڪ ماڻهو وٽس آيو جنهن کي ڪنهن قسم جي وردي پيل هئي. مائوري ڪائنس نالو پڇيو ته هن ڪيس ٻڌايو ته ڪيس "سي" چوندا آهن، ۽ هو اتي "پهرو" ڏيندو آهي." مائوري جاڳيو ته سهي پر يادگيري ۽ جي نه اڇڙ سبب وهم ۾ مبتلا ٿي ويو هن پنهنجي پراٽي نوڪر ياٽي ۽ کان پڇيو جيڪا ساڻس نديڙ کان گڏ رهندي هئي.

"تون ان نالي واري شخص کي سڃاڻي ٿي؟"

"ها چونه" هن ڪيس جواب ۾ چيو "جن ڏينهن ۾ تنهنجو پي ۽ ان پل جي تعمير دوران داروغو هو ته هو انهن ڏينهن ۾ اتي چوڪيداري ڪندو هو."

"مائوري" (ص: 4 ۽ 143) نديڙ جي يادگيري ۽ جي تائيد ۾ هڪ ٻيو ۽ نهڪندڙ مثال ڏنو آهي. هن مثال وارو خواب "مانزيور_ايف" (Monsieur_F) ڏٺو هو جيڪو جڏهن نديڙو هو ته "مونٽ بريسن" (Montbrison) ۾ رهندو هو. اتان لڏڻ جي پنجويهن سالن ڪانپوءِ پنهنجي خاندان جي ڪجهه عزيزن سان گڏجي، هن ٻيهر اوڏانهن وڃڻ جو فيصلو ڪيو. وڃڻ کان هڪ رات اڳ ۾ هن خواب ڏٺو ته هو اڳي ئي مونٽ بريسن ۾ موجود آهي ۽ شهر جي ويجهو هڪ شريف ماڻهوءَ سان ملي. جيڪو سندس واقف نه هو. پر هن کيس چيو ته:

"مان "مانزيور ٽي" آهيان ۽ تنهنجي پيءُ جو دوست آهيان." خواب ڏسندڙ ان ڳالهه کان واقف هو ته جڏهن هو ننڍو هوندو هو ته اهڙي نالي واري شخص کي سڃاڻيندو هو. پر جڏهن هو ننڍ مان جاڳيو ته کيس بنهه ياد ڪونه ٽي آيو ته ان صورت وارو شخص ڪير هو! پوءِ ڪجهه ڏينهن کانپوءِ جڏهن هو مونٽ برسن پهتو ته اتي اهو ئي علائقو ڏٺائين، جنهن کان اڳ اڻواقف هو ۽ ان شخص سان به مليو جيڪو سندس خواب ۾ نظر آيو هو. البت حقيقي شخص، خواب واري شخص کان ٿورو وڌيڪ پوڙهو هو.

هن نڪتي تي مان پنهنجو هڪ خواب شامل ڪرڻ ٿو چاهيان، جنهن ۾ ڪنهن شيءِ جي تلاش هئي، اهو ان جو "تاثر" نہ پر هڪ "لاڳاپو" هو. مون خواب ۾ هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي ڏٺو جنهن کي مون سڃاتو پئي تہ هو منهنجي اباڻي شهر جو ڊاڪٽر هو. سندس صورت گهٽي واضح ڪانہ هئي، پر سندس شڪل منهنجي پرائمري اسڪول جي هڪ استاد جهڙي پئي لڳي، جنهن سان ڪڏهن ڪڏهن ملڻ جلڻ پيو ٿيندو هو. جڏهن جاڳيس تہ سمجهي نہ سگهيس تہ انهن ٻنهي شخصن جي وچ ۾ ڪهڙو لاڳاپو هو. مون پنهنجي والده کان پڇيو تہ هن ڊاڪٽر جي متعلق، منهنجي ننڍپڻ واري عرصي جي گهاله ڪندي ٻڌايو تہ "ان کي رڳو هڪڙي اک هوندي هئي" ۽ خواب ۾ ان اسڪول جي استاد جو روپ ڌارڻ ڪيو هو جنهن کي ٻہ رڳو هڪڙي اک هئي. ۽ ان ڊاڪٽر کي ڏٺي ٻہ مون کي ٽيهہ سال ٽپا هئا، ۽ پنهنجي جاڳ واري زندگيءَ دوران مون ڪڏهن ٻہ ان کي ياد نہ ڪيو هو. ٽي سگهي ٿو منهنجي ڪاڏيءَ وارو داغ منهنجو ڏيان ان طرف چڪرائيندو هجي.[1]

ٻئي طرف ڪجهہ ليکڪن دعويٰ ڪئي آهي تہ اهڙا عنصر گهڻن ئي خوابن ذريعي لهندا آهن، جيڪي خواب ڏسڻ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ وارن تجربن ۽ واقعن سان وابستا هوندا آهن، ۽ اهي ماڻهوءَ جي جذبن يا خيالن جي گهرائي جاچي، خوابي ستاءَ ۾ ننڍپڻ جي تجربن جي ڳوراڻ کي هلڪو يا برابر/هموار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. حالانڪ "روبرٽ" (Robert, 1886.46) اصل ۾ چٽيءَ ريت لکيو آهي تہ: "جيئن قانون آهي تہ عام قسم جي خوابن جو واسطو گذريل چند ويجهن ڏينهن جي معاملن سان هوندو آهي." اسان "روبرٽ" جي جوڙيل خواب جي نظريي تحت کوج لڳائيندا سين، تہ هن ان ڳالهہ کي ضروري قرار ڏنو آهي تہ "خواب جو ستاءُ نهايت تازو پيش آيل نشانين کي اڳتي ٽوڙ گذريلن کي نظرانداز ڪري ڇڏي ٿو."

هن جو اهو خيال درست نہ آهي، چاڪاڻ تہ اها ڳالهہ مان پنهنجي کوجنا مان ثابت ڪرڻ جي اهل آهيان. آمريڪا جي هڪ ليکڪ "نيلسن" (Nelson, 1888.380) جو رايو آهي تہ: "خواب جي ستاءَ ۾ شامل ٿيندڙ ڪيترين ئي نشانيون گذريل ڏينهن جي تجربن مان اپرنديون آهن، پر خواب ايندڙ ڏينهن يا گذريل ڏينهن جي تجربن مان ٻہ جڙندو آهي. پر ايندڙ وقت دوران پيش ايندڙ تجربن کي "گهٽائي يا پرانهون ڪري پيش ڪرڻ خواب لاءِ ايترو آسان نہ هوندو آهي."

ڪيترا ليکڪ، جيڪي خواب جي ستاءَ ۽ جاڳ واري حالت جي وچ ۾ ڪنهن شڪ شبهي کي شمار نہ ٿا ڪن، اهي ان حقيقت کان متاثر ٿيل نظر اچن ٿا تہ "انهن تجربن، جن سان جاڳ واري حالت وارا خيال وڏي اتساهہ ۽ گرمجوشيءَ سان پنهنجي جاءِ والارين ٿا، جيڪي ڏينهن دوران آيل خيال، ڪم ڪار جي ڪري هڪ پاسي ڏڪجي وڃن ٿا، اهي ئي خواب ۾ نظر اچن ٿا."

"ڊيلاگي" (Delage,1891,40) جو چوڻ آهي تہ:

"اهڙيءَ ريت اهو ٻہ قاعدو آهي تہ ڪنهن پرين پياري جي گذاري وڃڻ کانپوءِ، صدمي جي غلبي سبب ماڻهو ان جي خواب سان ابتدا نہ ڪندو آهي. ٻئي طرف هڪ بلڪل تازو مشاهدو آهي، ۽ ان ڏس ۾ "مس هالم" (Hallam and Weed, 1896,410,11) ڪيترائي واقعا گڏ ڪيا آهن، اهڙيءَ ريت اسان منجهان هر ڪنهن جي "نفسياتي انفراديت" (Psychological Individualism) جي درست دعويٰ ڪئي آهي. خوابن ۾ يادگيريءَ جي تئين ۽ انتهائي اثرائتي، وسيع ۽ سمجهہ لائق خاصيت، ٻيهر تخليق ڪيل مواد جي چونڊ آهي. ان جومقصد اهو نہ هوندو آهي جاڳيل حالت جيان، اهو مواد ڇا لاءِ ڳولهيو ويو؟ ۽ نہ ئي اها ڳولها ان واقعي جي ياد ڏيارڻ جي اهميت لاءِ هوندي آهي، پر "وڏيڪ اهم ڇا آهي!" يا ائين ٻہ چئي

---

[1] جملي جو پويون فقرو 1909ع ۾ شامل ڪيو ويو هو جيڪو 1922ع تائين جي شايع ٿيل شمارن ۾ ٻہ آيل آهي، پر اڳتي هلي ان کي نظر انداز ڪيو ويو هو. ان ساڳئي شخص جو حوالو اڳتي ٻہ ڏنل آهي، صرف ان خيال کان تہ ان نظرانداز ڪيل فقري جو اشارو موجود هجي. ڪاڏيءَ جي ان داغ جي حادثي جو سبب ٻہ اڳتي ڄاڻايل آهي ۽ هي خواب پڻ فرائيڊ جي تعارفي خطن (17_ 1916) ۾ ۽ مقالا 13، 1ص 237 تي موجود آهي.

سگھجي ٿو تہ وڌيڪ اڀ ڏريو ۽ بي معنا چا آھي؟ ھن نڪتي تي مان انھن ليکڪن جا حوالا ڏيندس جن پنھنجي حيرت جا انتھائي مضبوط مثال ڏنا آھن.

"ھلڊبيرانٽ"(صفحو: 11):

"غير معمولي شيءَ لاءِ وضاحت ھن ريت ڪئي آھي تہ "خواب جا عنصر ڪن وڌن يا سرگرم واقعن مان نہ جڙندا آھن ۽ نہ ئي گذرندڙ ڏينھن جي ڪن طاقتور يا لاچار ڪندڙ دلچسپين تي ٻڌل ھوندا آھن. پر اھي واقعاتي تفصيل مان، ڪن بي معنيٰ، نڪل ۽ اٽپورن تجربن ۽ ڳالھين مان جڙندا آھن. جنھن لاءِ ائين چئي سگھجي ٿو تہ تازو ڪھڙو تجربو ڪيو ويو ھو يا ماضيءَ جي پراڻي معاملي ۾ چا ھو؟ ڪو خانداني ڏک، محرومي يا خالييٽو جنھن اسان کي گھرائيءَ سان موڙي ڇڏيو ھجي ۽ رات جي سمھڻ وقت ان جو تازو اولڙو پيو ھجي، جيڪو اسان جي جاڳڻ جي پھرين لمحي تائين، سانڍ مان ميسارجي ويو ھجي، اھو جاڳندي ئي، مونجھارو پيدا ڪرڻ سبب ٻيھر موٽي وجي ٿو. ٻئي طرف گھٽيءَ ۾ گڏجي ويل ڪنھن اجنبيءَ جي ڳل تي ٽر ھجي، ۽ ان جي گذري وڃڻ کانپوءِ ڪو پيو رايو قائم نہ ڪندا ھجون تہ اھو ئي ڪردار اسان جو سپنو ادا ڪري ٿو.

"اسٽرومپيل"(صفحو: 39):

"اھڙا ڪيترائي خواب آھن جن جي تجزيي ڪرڻ سان خبر پوي ٿي تہ انھن جا جزا، سڄ پڄ گذريل ڏيھن جي تجربن مان ڪڍي آيل آھن، يا انھن جا جانشين آھن. پر اھي تجربا ان لحاظ کان غير اھم ٻہ آھن جو جاڳ واري يا شعوري حالت جي حوالي سان اھي ظاھر ٿي وري ھڪدم وسري ٻہ ويندا آھن. ان قسم جي تجربن جو مثال حادثاتي طور تي لڪي يا بيخبريءَ ۾ ٻڌل ڳالھين کي شامل ڪرڻ جيان ھوندو آھي، يا ڪنھن ٻئي شخص جي عملن جو ھلڪي انداز ۾ ڪيل مشاھدو، يا گذرندڙ ماڻھوءَ جو ڪنھن شيءَ يا انوکي قسم جو پڙھيل ٽڪرو وغيرہ ھوندو آھي."

"ھيوليڪ ايلس"(Havelock Elis, 1899,727):

"جاڳ دوران، شدت سان محسوس ٿيندڙ اھي سوال ۽ مسئلا، جن تي اسان پنھنجي وڌي دماغي صلاحيت استعمال ڪندا آھيون، اھي مسئلا اھي نہ ھوندا آھن جيڪي عام طور تي خواب جي شعوري سطح تي پاڻ کي حاضر ڪري ونندا آھن. جيستائين اسان جي ويجھي ماضيءَ جو تعلق آھي تہ اھي گھڻو ڪري زياده تر معمولي يا غير اھم اتفاقي ۽ حادثاتي ھوندا آھن، پر اسان جي خوابن ۾ روزاني زندگيءَ جا "وسري ويل" نشان ئي گھڻو ڪري ظاھر ٿيندا آھن. نفسي يا ذھني صلاحيتون، ھڪڙيون اھي ھونديون آھن جيڪي نھايت شدت سان جاڳيل ھونديون آھن ۽ پيون اھي جيڪي شدت سان ننڊ ۾ پيون ھونديون آھن."

"بنز"(Binz, 1878,44_5):

اصل ۾ ان کي خاص طور خواب ۾ يادگيريءَ جي "نرالي خاصيت" بنايو آھي، موقعي مطابق پنھنجي بي قراري ظاھر ڪرڻ لاءِ جن کي خوابن جي وضاحتن سان، اھا خاصيت پاڻ ئي ھٿي ٿي ڏئي: ۽ فطري طور خواب ساڳئي مسئلي کي اپاري ٿو. پلا اسان سدائين گذاريل ڏينھن جي ياداشت ۾ مدد ڏيندڙ(Mnemic) نشانين جا خواب ڇو نہ ڏسندا آھيون؟ يا عام طور تي، بنا ڪنھن مراد، خيال ۽ تصور جي ئي ظاھر يا چٽائيءَ بجاءِ نايابِ ۽ وجائجي ويل ماضيءَ جي يادن ۾ زبردستيءَ داخل ٿيل ڇو نہ ڏسندا آھيون؟ اسان جو شعور گھڻو ڪري گذاريل ڏينھن جي ياداشت ۾ مدد ڏيندڙ نشانيون، خوابن ۾ لاتعلق نموني جي ئي شڪلين ۾ ڇو آڻيندو آھي؟ جيئن تہ ذھن جا جيوَ گھرڙا تجربي ۾ آيل اھي انتھائي حساس نشانيون ڪٽي ايندا آھن، جن جا ڪيترائي ئي حصا، تيستائين خاموش يا بي حرڪت ھوندا آھن، جيستائين اھي، جاڳ دوران ٽورو وقت اڳ جي يا تازين تحريڪن کي اپارڻ يا پڙڪائڻ جو عمل نہ ڪن؟

اھو ڏسڻ آسان آھي تہ خواب ۾ يادگيريءَ جي حوالي سان لاتعلق ٿيل غير معمولي اھميت جا معاملا ڪيئن نظر ايندا آھن ۽ گھڻو ڪري بنا اطلاع جي ايندا آھن. ڇاڪاڻ تہ جاڳ دوران ڪيل تجربو بہ عام طور تي ماڻھوءَ کي نظرانداز ڪرڻ تي اپاريندو آھي، پر خوابن جو پنھنجي آزاد ھجڻ وارو رويو اھو آھي جو ماڻھو جاڳ واري زندگيءَ دوران جن واقعن يا ڪنھن خاص

واقعي کي آزاديءَ سان ثابت ڪرڻ ۾ مشڪل محسوس ڪندو آهي. خواب ان کي حل ڪرڻ ۾ وڏي آساني پيدا ڪري ڇڏيندو آهي. اهڙيءَ ريت "مس ويٽون ڪالڪنس" (Miss Whiton Calkins, 1893.315) پاڻ بابت ڪيل اڀياس متعلق ڪيل انگن اکرن ۾ پاڻ سان گڏ ڪم ڪندڙ ساٿيءَ جي خوابن کي جاچيندي ڏٺو ته جاڳ واري زندگيءَ سان وابستا، يارنهن سيڪڙو خوابن ۾ ڪو به تصويري رابطو نٿو هو. "هلڊيبرانڊ" (صفحو: 12) پنهنجي دعويٰ ۾ بلاشڪ درست آهي ته اسان هر خوابي خاڪي جي پيدا ٿيڻ جي تشريح ڪرڻ جي قابل به ٿي سگهون ٿا بشرطيڪ ان جي بنياد جي کوج لڳائڻ لاءِ اسان پورو وقت ڏيڻ جي کوشش ڪريون. ان معاملي ۾ هن جو چوڻ آهي ته "اهو هڪ انتهائي محنت وارو ۽ بي قدريءَ وارو ڪم آهي. اهو به اصول آهي ته ماضيءَ سان وابستا، ڪنهن جي يادن جي محل مان مڪمل طور تي ڳولهي ڪڍيل واقعي جو اختتام به ڪنهن اجائي يا بيڪار جسماني واقعي تي ٿيندو هجي ۽ مڪمل طور تي ماضيءَ کان لاتعلق ٿيل هر قسم جي وساري ڇڏيل ساعت، جنهن ۾ هر هڪ گهڙي اپريل هجي، ان کي چڪي ٻيهر روشنيءَ ۾ آڻجي ته شايد پوءِ ظاهر ٿئي."

مان رڳو ان تي افسوس ڪري سگهان ٿو ته هن وسيع نظر ليکڪ پاڻ کي ان رستي تي هلڻ کان روڪيو آهي، جنهن جي اها نياڻي شروعات آهي. جيڪڏهن هو ان تي هلڻ لڳي ته اهو ئي رستو جنهن ۾ يادون، سپنن ۾ پنهنجو عمل ڪندیون آهن، سندس رهنمائي ڪندي ڪيس سپنن جي اونهي تشريح تائين رسائي ڇڏيندیون. ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته يادن جي نظريي ۾ ان عمل جي ئي عام طور تي تمام وڏي اهميت آهي. اها ئي ڳالهه اسان کي سيکاري ٿي.

بقول "شولز" (Scholz, 1893,59) ته:

"ائين بلڪل به نه آهي ته جيڪو هڪ پيرو اسان جي ذهن سان لڳاپيو اهو ڪو صفا گم ٿي ويو!" يا جيئن "ديلبوايوف" (صفحو: 115) پيش ڪيو آهي ته: "جيڪو به دلالي ڪندڙ ويچاريا ڪو نقش، پل ته ان نه بدلجڻ جي قابل سراغ يا ڪو غير اهم نشان يا تاثر ڇڏيو هجي. اهو اڻ چٽو يا مبهم ئي سهي پر "بحال هجڻ" جي قابل هوندو آهي. نتيجو اهو ئي ٿو نڪري، جنهن سبب اسان مرض وديا جي حوالي سان ذهني زندگيءَ جي ڪيترين ئي اهڙين فطري حالتن مان پڻ گذريا آهيون.

خوابن جي متعلق ڪجهه اصول، ۽ خوابن جي ٻيهودگي ۽ علحدگيءَ متعلق وڌيڪ دليلن کي سمجهڻ جا معاملا جزوي يا ٿوري ويسر جي حوالي سان اسان اڳتي شامل ڪنداسين ته اسان ڏينهن دوران چا ڏٺوسين.

اسان جڏهن پنهنجي دماغ کي تمام اعليٰ قسم جي اهليت وارو پائيندا آهيون ته اسان پنهنجي يادن کي خوابن ۾ نمائش ڪندي ڏسي سگهندا آهيون. اسان انهن تضادن متعلق به هوش حواس سان ويچار وندٻيندا آهيون، جن سان اهي اصول لاڳاپيل هوندا آهن.

ٿي سگهي ٿو ته اسان کي ائين به لڳي ته خوابي ستاءُ يادن ۾ سانديل ان سموري واقعي کي گهٽائي پيش ڪري ٿو ٿي سگهي ٿو ته ٻيهر تخليق ڪرڻ جي متحرڪ اصول تحت اهي فرض ڪري ورتل هجن. اهو متحرڪ اصول رات جو به پنهنجي ڪم ۾ رڌل رهندو آهي ۽ ائين پنهنجي پڃاڻيءَ تي به پهچندو آهي. اها ڳالهه جن ليکڪن جي بيانن سان ملي ٿي، انهن ۾ "پيلز" (Pilcz, 1899) به شامل آهي. جنهن مطابق، خواب جي ظاهر ٿيڻ ۽ ان جي انهيءَ متن جي وچ ۾ مشاهدي جوڳو هڪ پڪو پختو واسطو آهي، جيڪو ماضيءَ جي تمام آڳاٽين نشانين مان، گهري ننڊ دوران خواب ۾ ٻيهر تخليق ٿئي ٿو جيڪو صبح تائين ئي تازين نشانين جيان ظاهر ٿيندو رهي ٿو پر ان قسم جا رايا ڪنهن شخص ۾ فطري غير امڪاني انداز يا اسلوب جا پابند آهن، جن ۾ خواب، انهيءَ مواد سان لهه وچڑ ۾ ايندو آهي، جيڪو ياد رکڻ جهڙو هوندو آهي.

"استرومپيل" (صفحو: 18) درست نشاندهي ڪئي آهي تہ:

"خواب، تجربن کي ٻيهر تخليق نہ ڪندا آهن. اهي هڪ قدم اڳتي ڪٽندا آهن. پر ٻئي قدم ۾ سنگهر درگذر ٿيل هوندي آهي يا اها ڦيرڦار ٿيل صورت ۾ ظاهر ٿيندي آهي، يا وري اها ڪنهن بنهه اڻ لاڳاپيل (Extraneous) ۾ تبديل ٿي ويندي آهي. خواب، ڪنهن به اڻپوري حصي جي ٻيهر تخليق ڪرڻ کان وڌيڪ اڳيرائي نہ ڪندا آهن. ۽ اهو هڪ عام طريقو آهي چاڪاڻ تہ نظرياتي نتيجا، انهيءَ تي بڌل هوندا آهن. اهو سچ آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن ڪن معاملن ۾ خواب، اسان جي جاڳيل يادگيرين جي ذريعي، مڪمل ۽ حاصل ٿيڻ جوڳي صورت ۾ تجربن کي ٻيهر ورجائيندا به آهن."

"ڊيلبوايوف" (صفحو 239) چوي ٿو تہ:

"سنڊس يونيورسٽيءَ جي هڪ ساٿيءَ خواب ڏٺو جنهن ۾ هن اهي سمورا تفصيل ٻيهر ڏٺا، جيڪي سنڊس گاڏيءَ جي حادثي دوران پيش آيا هئا، اهو ڪو معجزو ئي هو جو سنڊس جان بچي وئي هئي. "مس ڪاڪنس" (1893) بن خوابن جو ذڪر ڪيو آهي، جن جو متن، گذريل ڏينهن جي واقعي جي بلڪل ٺيڪ نموني ٻيهر تخليق تي بڌل آهي ۽ منهنجي حياتيءَ ۾ به ڪيترائي اهڙا موقعا آيا آهن جو خوابن ۾ پنهنجي ننڍپڻ جا تجربا بنا ڪنهن ترميم جي، ٻيهر ظاهر ٿيا آهن. جن جو ذڪر اڳتي ايندو.[1]

[1] هي حصو 1909ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي. "پوين تجربن مون کي، هن ڳالهہ کي شامل ڪرڻ تي اپاريو آهي تہ ان ۾ ٿورو به شڪ نہ آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي تہ گذريل وقتن جا ڪي معصوم ۽ غير اهم عمل، سهڻي ۾ ورجائيا آهن. مثال طور، ڪٿي وڃڻ جي تياريءَ ۾ صندوق ٺاهڻ، رنڊڪ ۾ ڪو ڪاڏو پچائڻ وغيره. خواب ڏسندڙ ان قسر جي خوابن ۾ پاڻ کي ڪنهن ڏهني يا جسماني دٻاءَ ۾ نہ پائيندو آهي، پر حقيقت اها آهي تہ يادگيريءَ جو متن يا مضمون بهرحال بلڪل حقيقي هوندو آهي، جئين چئجي تہ "اهو ڪجهہ مون جڻ ڪالهہ ئي ڪيو هو." انهن موضوعن تي ڪيل بحث ۽ پويون مواد ايندڙ باب نمبر پنجين جي ابتدائي حصن ۾ آندو ويو آهي.

(3)

ترغيب ۽ خوابن جا ماخذ/ بنياد/ ذريعا
THE STIMULI AND SOURCES OF DREAMS

مشهور چوٽي آهي تہ "خواب بدهاضمي جي ڪري ايندا آهن." ۽ اها ڳالهہ اسان کي اهو ڏسڻ ۾ مدد ڪري ٿي تہ ترغيب ۽ خوابن جي بنياد يا ماخذ جي معنيٰ ڇا آهي! انهن نظرين جي پويان اهو ڪهڙو اصول ڪارفرما آهي ۽ ڪهڙا خواب، نند جي مونجهاري يا بي آراميءَ جو سبب بڻجن ٿا! اسان کي تيستائين کو بہ خواب نہ ٿو اچي جيسيتائين نند دوران کو مونجهارو يا بيقراري نہ هجي يعني خواب ان بي آراميءَ يا مونجهاري جو ردعمل هوندو آهي.

خواب جي موضوع تي هلچل پيدا ڪندڙ سبب ادب ۾ وڏي جاءِ والارين ٿا. مسئلو گهٽو ڪري خواب جي ڏسڻ کانپوءِ ايرندو آهي، جيڪو پوءِ حياتياتي سرشتي جي جاچ يا تفتيش جو موضوع بڻجندو آهي. گذريل زماني جي ماڻهن جو يقين هوندو هو تہ "خواب خدائن (ديوتائن) جي خيال سان وابستا هوندا آهن. جن جي بنياد يا ترغيب جي تلاش لاءِ ڪنهن ٻئي پاسي واجهائڻ جي ضرورت نہ آهي. انهن جي نظر ۾ ڇاڪاڻ تہ خواب آسيبي قوتن طرفان اظهاريل هوندو هو. جن جو متن، انهن جي جاڻ ۽ علم جي حوالي سان هوندو هو يا انهن جي ذهني/ باطني قوتن جي سبب هوندو هو. انڪري مطالعي، مشاهدي ۽ تجربي مان حاصل ڪيل جاڻ (Science) کي پهريون ئي اهو سوال آڏو آيو تہ خواب ڏسندڙن کي هر وقت ساڳي ئي قسم جي تحريڪ يا ترغيب ٿئي ٿي يا انهن جا ڪي ٻيا قسم بہ آهن؟ يا انهن ويچارن سان وابستا آهن جو انهن خوابن جي تشريح جا نتيجا، نفسيات يا علم بدن جي انتظام هيٺ حاصل ڪيا ويندا! ڪيترائي ماهر انهن سببن سان متفق آهن تہ اها بي آرامي آهي، جيڪا خوابن جو بنياد بڻجي ٿي ۽ اها مختلف قسمن جي بہ ٿي سگهي ٿي ۽ اها طبعي (Somatic) ترغيب ۽ دماغي جوش وارين حالتن جيان اچي ٿي ۽ خوابن کي پڙڪائڻ جو ڪم ڪري ٿي.

انهن ويچارن تي اختلاف بہ وسيع آهن، بهرحال، ترجيح جي حوالي سان انهن کي خوابن جي نتيجن ٻڌائڻ وارن ڪارندن جيان جيڪا ذميداري ڏني وئي آهي. اهي رڳو ڪنهن هڪ لاءِ ظاهر ڪندا آهن يا اهميت جي لحاظ کان خوابن جو ڪو پيو بنياد/ ماخذ ٻڌائيندا آهن. خوابن جي بنيادن/ ماخذن جو مڪمل ڳاڻيتو چئن قسم جي بنيادي نڪتن کي مجي ٿو ۽ اهي خوابن جي پنهنجي درجي بنديءَ ۾ پڻ استعمال ٿين ٿا، جيڪي هن ريت آهن:

الف. باهرين (خارجي) دماغي جوش واريون حواسي حالتون (External Sensory excitations) (Objective).

ب. اندروني (داخلي) دماغي جوش واريون حواسي حالتون (Internal Sensory excitations) (Subjective).

ٻ. اندروني (عضوياتي) جسماني ترغيب: (Internal (organic) somatic Stimuli).

پ. ترغيبن جا خالص مافوق الفطرت اثر قبوليندڙ نفسي بنياد (Purely Psychical Sources of stimulation)

(الف)

باهرين (خارجي) دماغي جوش واري حواسي حالت
EXTERNAL (Objective) SENSORY STIMULI)

"استرومپيل" هڪ فيلسوف جي نوجوان فرزند خوابن متعلق لکيل پهرين ڪتاب (صفحو4) جي انگريزي ترجمي (1912 ,2 ,160) ۾ انهن مسئلن تي گهٽا ئي اشارا ڏنا آهن، ان ۾ سندس هڪ مريض بابت ڪيل سندس مشاهدي جو هاڪارو ذخيرو شايع ٿيل آهي. سندس مريض عام طور بدن جي سُن (Anaesthesia) ٿي وڃڻ جي مصيبت ۾ مبتلا هو سندس گهٽا ئي اهم حسي عضوا اڌ رنگ (Paralysis) جيان بي حس ٿي ويندا هئا ۽ جن حواسن ذريعي هو شعوري طور باهرين دنيا سان لاڳاپيل هو اهي به بند ٿي ويا هئس. بس رڳو ننڊ ۾ غلطان پيو هوندو هو.

هاڻي اسان پاڻ ڏانهن ٿا نهاريون ته اسان جڏهن ننڊ ڪرڻ جي خواهش ڪندا آهيون ته لڳ ڀڳ اهڙي ئي صورت پيدا ٿي ويندي آهي، جهڙي "استرومپيل" جي تجربي ۾ آئي آهي. اسان پنهنجا انتهائي اهم شعوري رستا بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. خاص ڪري پنهنجون اکيون پوٽي، بين عضون کي به باهرين ترغيبن کان بچائڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون يا ترغيبن جي ترميمي ڪردار ادا ڪرڻ کان پاڻ بچائيندا آهيون. پوءِ اسان سمهي پوندا آهيون. حالانڪ اسان جو ڪو منصوبو مڪمل طور تي تسليم ٿيل به نه هوندو آهي، پر اسان پنهنجي ترغيب کي ڪنهن به صورت ۾ پنهنجي حواسن کان پري ڪري نه سگهندا آهيون ۽ نه ئي جلد جوش ۾ اچڻ واري حالت (Excitability) کي حسي عضون کان مڪمل طور تي ملتوي ڪري سگهندا آهيون. حقيقت اها آهي ته ڪا طاقتور ترغيب ئي، نهايت سچائيءَ سان ۽ ڪنهن به وقت اسان کي جاڳائيندي آهي، بقول برداخ: ان جو مشاهدو اهو آهي ته "ننڊ جي حالت ۾ به اسان جو روحاني رابطو دنيا جي مادي نوعيت سان مسلسل رهندو آهي"، ۽ اها حواسي ترغيب اسان ننڊ واري حالت ۾ اسان جي خوابن جو بنياد بڻجندي آهي.

اصل ۾ اهڙين ترغيبن جو تعداد تمام گهڻو آهي، جيڪي لنوائي نه سگهڻ وارين ڪيفيتن ۽ حدن مان ايندیون آهيون، جن کي خود ننڊ واري حالت ضروري سمجهي شامل ڪندي آهي، يا ڪا اهڙي پڙڪائيندڙ حادثاتي ترغيب، جنهن کي هو وقت بوقت برداشت ڪندو رهيو آهي، تنهن کي سمهڻ جي آخر تائين برقرار رکندي آهي. مثال طور ڪا چيندڙ روشني ڪو رستو ناهي اسان جي اکين ۾ لڳندي هجي، يا ڪو آواز پاڻ مرادو ٻڌڻ ۾ اچي، يا سخت قسم جي ڪا بوءِ نڪ جي نالين ۾ گندي بدبوءِ پري ڇڏي ننڊ جي دوران غير ارادي چرپر جي ذريعي اسان جي بدن جا ڪي عضوا اگهاڙا ٿي پيا هجن ۽ اهي ٿڌ جو احساس ظاهر ڪندا هجن، يا جسماني حالت جي تبديليءَ جي ڪري به ٿي سگهي ٿو ته اسان پاڻ ئي، دباءَ يا ميلاپ جو احساس ڪٽي ايندا هجون. اسان ڪنهن مڇر کان ڏنگجي سگهون ٿا، يا رات جي دوران، اسان جي ڪا نندي غلطي، اسان جي ڪيترن ئي حواسن ۾ هڪدم مداخلت جو سبب بڻجي سگهي ٿي.

هوشياريءَ سان مشاهدو ڪندڙ ليڪڪ، سموري قسم جي خوابي سلسلن کي گڏ ڪري چڪا آهن، جن ۾ جاڳ واري حالت جي ترغيب جي آگهيءَ ۽ خوابي حصي جي متن جي وچ ۾ مطالعي جون دور رس تحريرون آندل آهن، جن جي ذريعي خواب ۾ ترغيب جي بنياد/ ماخذ جي نشاندهي ڪرڻ ممڪن لڳي ٿي.

مان "جيسن" (صفحو: 527) جي ان قسم جي گڏ ڪيل خوابن جو حوالو ڏيندس، جيڪو ٿي سگهي ٿو ته اهي ٿوروڻا گهٽو حادثاتي، حواسن جي اپاريا ترغيب جي عملي مقصد جي ڳولها ۾ مددگار ثابت ٿين.

"هر آواز خوابي تصويرن جي تعلق کي، بنا فرق جي ساڃاهيندو ۽ اپاريندو آهي. گجگوڙ جو ڪن ڦاڙيندڙ آواز تصويري طور تي اسان کي جنگ جي ميدان ۾ ٻيهاري سگهي ٿو. ڪڪڙ جي ٻانگ ٿي سگهي ٿو ته خود ماڻهوءَ جي ڊپ مان ڪيل

رڙ جي صورت اختيار ڪري وئي. دروازي جو چرڙاٽ، ٽي سگهي ٿو ته ڪاٺ هٽندڙ ڇور واري خواب ۾ تبديل ٿي وڃي. جيڪڏهن رات جو اسان جي بستري جي چادر وغيره لهي وڃي يا ڪري پوي ته ٽي سگهي ٿو ته خواب ۾ اسان پاڻ کي اگهاڙو گهمندي يا پاٽي ۽ ۾ ڪرندي ڏسندا هجون. جيڪڏهن اسان بستري تي آڏا ٽيڏا ستل هونداسين ۽ اسان جا پير پلنگ يا ڪٽ جي ڇيڙن کي لڳندا هوندا ته ٽي سگهي ٿو ته اسان خواب ۾ پاڻ کي پاٽي ۽ رستي سامان نيٺ واري ڪنهن بندرگاه يا ڪنهن جبل جي ايڪپري حصي تي بيٺل ڏسندا هجون. يا ڪنهن ساوندي ڪناري تان ڪرندي ڏسندا هجون. جيڪڏهن اسان جو ڪنڌ وهاٽي جي هيٺان اچي ويو هجي ته اسان ڪنهن وڏي ۽ ٻاهر وڌيل پهاڙ جي هيٺان ڏبيل ڏسندا هجون ۽ ان جو وزن محسوس ڪندا هجون. تخم منيءَ جو ڍڳ يا ڍير خواب ۾ عيش يا لست ڏياري سگهي ٿو. عام قسم جو سور به پنهنجي بيمار هجڻ، حملي ٽيڻ يا زخمي ٿي پوڻ جا خيال پيدا ڪري سگهي ٿو وغيره.

هڪ پيري "ميئر" (Meier.1758,33) خواب ڏنو ته ڪنهن طاقتور شخص ڪيس هيٺ زمين تي ڪيرائي، دسي ورتو آهي ۽ زمين ۾ ٽوٽي هٽي سندس پير ٻڌي ڇڏيا آهن. پوءِ جيئن ئي هن کي خواب جو خيال آيو ته هو جاڳي پيو ۽ ڏنائين ته ڪا تيلي سندس پيرن جي وچ ۾ ڦاٽل هئي. هڪ ٻئي موقعي تي "هيننگس" (صفحو 258) جي مطابق، جڏهن "ميئر" پنهنجو پهراڙ پهرڙ لاءِ رڳو ڳچيءَ ۾ وڌو هو جنهن تي خواب ڏنائين ته ڪيس ڦاسيءَ تي چاڙهيو پئي ويو. "هوف بوار" (Hoffbauer.1796.146) جڏهن نندي نوجوان هو ته خواب ڏنو هٿائين ته "ڪنهن ڊگهي پت تان ڪري رهيو آهي" ۽ پوءِ جڏهن جاڳيو ته پاڻ کي هيٺان وڇايل چادر ۾ ويڙهيل ڏنائين ۽ هو واقعي هيٺ پٽ تي ڪرڻ وارو هو. "جان گريگوريءَ" ٻڌايو ته هڪ پيري، جڏهن هن هڪ پير سيڪڙ لاءِ گرم پاٽيءَ جي بوتل تي پير رکيا هئا ته خواب ۾ ڏنو هٿائين ته "هو "ايتنا" (Etna) جبل تي چڙهي رهيو آهي پر زمين ڏاڍي تتل آهي." هڪ ٻئي شخص، جنهن سمهڻ وقت مٽي تي گرم لپري (Poultice) ٻڌي هئي، خواب ڏنو ته ڳاڙهن هندستاني (Red Indians) سندس مٽي جي کل لاهي رهيا آهن. جڏهن ته هڪ ٽئين شخص، سمهڻ وقت پسيل (Damp) قميص پاتي هئي، ان خوابي تصوير ۾ ائين ڏنو ته هو ڪنهن پاٽيءَ جي وهڪري ۾ لڙهندو پيو وڃي." "مئڪنش" (Macnish .1835.40) لکي ٿو ته: "سمهڻ وقت اوچتو ڪنهن ٻڪر جو ٽڪر لڳڻ، خواب ڏسندڙ کي انهيءَ يقين جو سبب ٿي سگهي ٿو ته هو ملحدن کي چٽڻ وارن جي هٿ چڙهي ويو آهي ۽ کيس تختي تي ليٽائي سزا ڏني پئي وڃي.

دليل، ترغيب، ايار يا تحريڪ ۽ سپني جي متن يا ستاءَ جي وچ ۾، هڪجهڙائي هوندي آهي ۽ ان جي اختصار يا نچوڙ کي فائدي وارو به بنائيندا آهن. جيڪڏهن ممڪن هوندو آهي ته حواس پنهنجي ترغيب، سمهڻ واري شخص کي جاڳي ٻجهي منتقل ڪندا آهن ۽ منجهس ان ترغيب جي حوالي سان، سپني جي سرجنا ڪندا آهن. "مئڪنش مطابق، جنهن جو حوالو "جبسن" (صفحو: 529) به ڏنو آهي، ان قسم جا تجربا پهرين "گيرو ڊي بزارينگيوز". (Girou de Buzareingues. 1848,55) ڪيا آهن: "هو پنهنجو گوڏو ڏڪي نه سمهيو هو ۽ خواب ڏنائين ته هو رات جو ٽپال واري گاڏيءَ ۾ سفر ڪري رهيو آهي." جنهن تي هن رايو ڏنو ته: "ان ۾ شڪ نه آهي ته مسافر ان ڳالهه کان واقف ضرور هوندا آهن ته ريل ۾ رات جو ڪنهن جا گوڏا ڪيترا نه ٽڏا هوندا آهن. ٻئي دفعي هو پنهنجو مٿو پويان بنا ڏڪڻ کانسواءِ ئي سمهي پيو جنهن تي هن ڏنو ته هو ڪليل فضا ۾ منعقد ٿيل ڪنهن مذهبي تقريب ۾ شريڪ ٿيو آهي. هتي اهو ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان ته جنهن ملڪ ۾ هو رهندو هو، اتي اهو رواج هو ته رات جو ماڻهو سدائين مٿو ڏڪي سمهندا هئا.

"ماٿوري" (ص: 6_154) خوابن جا ڪجهه نوان مشاهدا به آندا آهن، جن کي هن پاڻ سرجيو هو جڏهن ته سندس ٻيا ڪيترائي تجربا ناڪام ٿيا هئا. لکي ٿو:

1. "هن جي چپن ۽ نڪ جي چوٽيءَ تي، ڪنپ لڳڻ سان ڪتڪتائي ٿي رهي هئي. هن سخت سزا جو نهايت پوائتو سپنو ڏنو: هڪڙو نقاب سندس منهن تي وڌو ويو ۽ پوءِ ڪيس مٽي ڇڪيو ويو ته جيئن سندس بدن تان ڪل لاٿي وڃي.
2. هن قينچين کي، هن چمٽين (Pliers) تي تکو ڪيو پئي ويو. هن گهنٽين جو گڏيل شور ٻڌو. جيڪو ننڍ مان اٽارينڊڙ گهڙيال مان اچي رهيو هو ۽ هو جون 1848ع جي ڪنهن ڏينهن تي موٽي آيو.

3. هن کي ڪي خوشبودار عطر سنگهڻ لاءِ ڏنا ويا. هوان وقت ڪئرو (Cairo) شهر ۾ "جوهان ماريا فرينا (Johann Maria Farina) جي دڪان ۾ موجود هو اتي ڪي ٻيهودي قسم جا واقعا ڏٺائين، جن کي هو تحرير ۾ نه آڻي سگهيو هو.

4. هن کي ڪنڌ وٽ ڪا هلڪي شيءَ چيپي هئي، هن خواب ڏٺو ته ڪيس جانيپي جي تيل وارو ليپ لڳل آهي، جنهن تي ڪيس خيال آيو ته هن کي ڊاڪٽر وٽ وڃڻ گهرجي، جيڪو ڪيس بار سمجهي علاج ڪندو.

5. گرم استري سندس منهن جي ويجهو آندي وئي هئي، جنهن تي هن خواب ڏٺو ته گاڏي هلائيندڙ (Chauffeurs) [1] ڪيس اندر گهر ۾ وڃڻ جو رستو ناهي ڏنو ۽ سندس رهواسين کان رقم جي طلب ڪندي، سندن پير سگريءَ جي برندڙ ڪوٽلن سان ساڙڻ لڳو. ابرانٽيس (Abrantis) حڪمران جي ٻيوه زال، جيڪا سندس سيڪريٽري هئي، اها به خواب ۾ موجود هئي، جيڪا ڪيس پوءِ نظر آئي.

6. پاٽيءَ جو هڪ ڦڙو سندس نراڙ تي ڪريو. هوان وقت اتليءَ جي شهر ۾ هو ۽ تمام گهٽو پگهريل هو ۽ "اورويٽو" (Orvieto) نالي اڇو دارون پي رهيو هو.

7. ڳاڙهي ڪاغذ جي وڏي حصي مان، مومبتيءَ جي روشنيءَ مان، بار بار سندس منهن تي اولڙا ٽپي پيا، هن هوا ۾ گرميءَ جو خواب پئي ڏٺو ۽ هڪ پيرو ٻيهر پاڻ کي طوفان ۾ قاتل ڏٺو جنهن جو تجربو ڪيس انگريزي نشريات ۾ ٿيو هو.

خوابن جي سرجڻ جي سلسلي ۾ ٻيون ڪوششون "هيروي ڊي سينٽ ڊينيز" (376 ۽ Harvey de Saint_ Denys,1867,268) ڪيون آهن، ان کانسواءِ "ويگانت" ۽ ٻين به تجرباتي انداز ۾ ٻيان ڪيون آهن.

ڪيترن ليکڪن "خواب جي ان حيرت انگيز تجربن تي پنهنجي راءِ ڏني آهي، جنهن سان خواب، پنهنجي حواسن جي ساخت واري دنيا مان، تاثر هڪدم ئي اٽي ونڻ (Weave) جي قابل هوندا آهن ته ڪنهن آفت جي منصوبا بنديءَ جي خبر اڳواٽ ئي پئجي سگهي ٿي ته جيئن ان جي سلسلي ۾ رهنمائي ٿي سگهي."

"هلڊيبرانٽ" (صفحو: 36) چوي ٿو ته "مان پنهنجي نوجوانيءَ ۾، وقت سر اٽڻ لاءِ سدائين گهڙيال جي گهنٽيءَ جو استعمال ڪندو هوس، ۽ سوين ٻيرا ائين ٿيو جو گهنٽيءَ جو اهو آواز بناوٽي تبديليءَ سان ڏگهو ٿي ويندو هو ۽ ڪنهن سپني سان سلهاڙي ڇڏيندو هو حالانڪ اهو سمورو سپنو ان هڪ ئي واقعي سان وابستا هوندو هو جنهن ۾ منهنجي وقت سر پهچڻ جي پڇاڻي هوندي هئي، ۽ اها بلڪل هڪ منطقي ۽ بنهه ضروري پڇاڻي هوندي هئي..... (اڳتي سندس ڪتاب جي صفحي 37 تي به ڏنل).

مان انهن ٽن گهڙيال جي گهنٽين وارن خوابن جو حوالو ڏيندس، جن جو تعلق ڪجهه ٻين ڳالهين سان آهي:

"والڪيلٽ" (صفحو: 108) لکي ٿو ته: هڪ موسيقار هڪ ٻيري خواب ڏٺو ته هو ڪلاس ۾ شاگردن کي موسيقي سيکاري رهيو آهي ۽ سندس ڪوشش آهي ته پنهنجي شاگردن کي واضع طور سمجهائي. پوءِ جڏهن هن ائين ڪري ورتو ته هڪ چوڪري ڏانهن مڙي ويو ۽ ڪائنس پڇڻ لڳو ته هن کي ڪجهه سمجهه ۾ آيو؟ جنهن تي شاگرد ڪنهن چرئي وانگر رڙ ڪندي چيو: "هائو هائو". تنهن تي هن ڪاوڙ وچان ڪيس دڙڪو ڏنو جنهن تي سموري ڪلاس جا شاگرد رڙيون ڪري پهريون: اورجا، اورجا، چوڻ لڳا. ان بعد يورجا چوڻ لڳا. نيٺ آخرڪار "فيورجو" (Feuerjo) چوڻ لڳا. [2] ان وقت هو جاڳي پيو ته گهنٽيءَ مان ايندڙ "فيورجو" جي رڙ ٻڌائين.

"گارنيئر" (Garnier, 1872,1,476) ٻڌائي ٿو ته نيپولين پهريون، جڏهن پنهنجي گاڏيءَ ۾ ستل هو ته ڪنهن شيطاني ڪل (Machine) جي ڦاٽڻ سبب جاڳي پيو هو هن خواب پئي ڏٺو ته آسٽريا جي بمباريءَ دوران هو هڪ پيرو ٻيهر تاگليامينٽو (Tagliamento) پار ڪري رهيو هو ۽ آخرڪار رڙ ڪري چيائين: "اسان پاڻئون پنڄي وياسين." [3]

---

[1] (Chauffeurs) فرينچ انقلاب جي وقت ۾ لاويندي (La Vendee) ۾ اهو قرينداڻن جو ٽولو هوندو هو جيڪو ان قسم جي سزا جو طريقو استعمال ڪندو هو جنهن جو مٿي ذڪر ڪيل آهي.

[2] پهريان ٻڌي لفظ بي معنيٰ آهن ۽ ٽيون آواز باهه لڳڻ جي متعلق ڪيل روايتي رڙ آهي.

[3] وڌيڪ احوال اڳتي باب پنجين جي حصي ٽئين ۽ باب ڇهين جي حصي تيرهين ۾ ڏنل آهي.

"مائوري" (ص:161) جو ڏنل هڪڙو خواب به ڏاڍو مشهور ٿيو هو. هو تڏهن بيمار هو ۽ پنهنجي ڪمري ۾ بستري تي ستل هو پرسان والده به ستل هئس. ته هن خواب ۾ پاڻ کي شاهي حڪومت جي ڏهڪاءُ دوران ڏٺو. ڪيترن خوفناڪ قتل و غارت جي منظرن ڏسڻ کانپوءِ آخرڪار هن کي به انقلابي عدالت ۾ آندو ويو. جتي هن روبيس پيري، مارات، فوقير تنويليءَ (گهوڙن جي قسمن) کي موجود ڏٺو ۽ انهن ڏينهن جي ڪيترن ئي زير نه ٿيندڙ گهوڙن کي ڏٺو. هن کان سوال ڪيا ويا. ۽ ڪيترن ئي واقعن کان پوءِ جيڪي هن کي ياد ڪونه پئي آيا، هن کي ڏوهاري قرار ڏنو ويو ۽ ڪيس ڦاهو ڏيڻ لاءِ ماٿهن جي انبوهه ڏانهن وٺي ويا. هن کي سوريءَ تي چاڙهيو ويو ۽ ڪيس ڪواز سان ٻڌو ويو. پوءِ اهو مٿي ڪڇيو ۽ سر کي ڏڙڪان ڏار ڪندڙ ڪات سندس ڪنڌ تي ڪرڻ وارو هو جو هن محسوس ڪيو ته سندس ڏڙ سسيءَ کان ڏار ٿي ويندو. انهيءَ ٻپ ۽ ڳٽتيءَ کان هڪدم جاڳي پيو. تڏهن ڏٺائين ته هو بستري تان ڪافي هيٺ لڙڪي آيو هو ۽ سندس ڪنڌ به انهيءَ پاسي لڙهڪي ويو هو جنهن پاسي ڪات مٽان ڪرڻ وارو هوس.

"فلاسفڪ رويو" (Reuve Philophique) رسالي ۾ خواب متعلق "لورين" (Lorrain. 1894) ۽ "ايگر" (Egger 1895) جي وچ ۾ هڪ دلچسپ بحث جو بنياد پيو هو. سوال اهو اٿيو هو ته "خواب ڏسندڙ لاءِ اهو ڪيئن ۽ ڪيتري قدر ممڪن آهي ته ايڏي جهجهي مواد يا متن کي ايترو گهٽائي ننڍو ڪري وٺي سو به ترغيب جي ايرٻ ۽ سندس ادراڪي قوت ذريعي سمجهه ۾ اچڻ ۽ سندس جاڳڻ واري تمام مختصر وقت ۾؟

ان قسم جا مثال، اهو تاثر ڇڏيندا آهن ته خواب جا سمورا بنياد/ ماخذ يا ڪارڻ، پڪ ئي پڪ ننڊ دوران خارجي حواسي ترغيبن تي منحصر هوندا آهن. ۽ اهي ڪنهن عام ماٿهوءَ لاءِ رڳو ڪارڻ ئي آهن، پر ڪو پڙهيل لکيل ماٿهو جيڪو خوابن جي معلوماتي ادب کان اٽواقف هجي ته هو اهو سوال ضرور ڪندو ته "آخر اهي خواب ايندا ڪيئن آهن؟" ته ان جو سادو جواب ڪنهن حد تائين، جاڳ ڪانپوءِ، خارجي حواسي ترغيب جي وضاحت جي حوالي سان ئي ملي ويندو.

مشاهدي ۽ مطالعي جي ذريعي ٿيندڙ ڪوجنا، بهرحال اتي ئي رڪجي نه ٿي وڃي، پر مشاهدي ۾ آيل حقيقتون، اڃان به وڌيڪ سوالن لاءِ موقعن جي تلاش ۾ آهن ته ترغيب: جيڪا ننڊ دوران حواسن ۾ بيجا مداخلت ڪري ٿي، سا ته پنهنجي اصل صورت ۾ خواب ۾ ظاهر ڇو نه ٿي ٿئي! پر ڪنهن پئي ۽ اڻڄاڻ تخيل ۾ بدلجي وڃي ٿي، جيڪو ڪنهن نه ڪنهن حالت ۾ ان سان ئي وابستا آهي. پر خواب جي ترغيب کي ڪنهن پئي معاملي يا خواب سان ملائڻ جو نتيجو اهو ئي آهي جيڪو "مائوري" (صفحو: 72) جي حوالي سان ڏنو آهي ته: "ڪنهن به قسم جي فطري نسبت ضروري آهي، پر اهو يگانو لاثاني، نرالو يا عجب ۾ وجهندڙ نه آهي." (ف ـ س)

اچو ته ان تعلق جي حوالي سان "هلڊيبرانٽ" (صفحو: 37) جي گهڙيال جي ننڊ مان سجاڳ ڪندڙ گهنٽيءَ وارن ٽن خوابن تي غور ڪريون. سوال ٿو پيدا ٿئي ته گهنٽيءَ جي ساڻئي ترغيب جي باوجود ٽن مختلف انداز سان بيدار ڪرڻ جا خواب ڇو آيا؟ انهيءَ طريقن سان سجاڳ ڪرڻ بجاءِ ڪنهن پئي انداز جا خواب ڇو نه آيا؟

پوءِ مون هڪ خواب ڏٺو ته "بهار جي صبح جو مان گهمڻ لاءِ نڪتس ۽ جيستائين پر وارو ڳوٺ اچي، تيستائين ساوڪ سان پريل ٻنيءَ تان پسار ڪندو پئي ويس. اتي مون تمام سٺي لباس ۾ ملبوس ڳوناٽا ڏٺا. سندن بغلن ۾ حمد وثنا (Hymn) جا ڪتاب جهليل هئا ۽ ميڙاڪي جي صورت ۾ گرجا ڏانهن پئي ويا. پڪ سان اهو آچر جو ڏينهن هو ۽ صبح جا ڪم ڪار به جلد شروع ٿيڻ وارا هئا. مون ان ۾ شريڪ ٿيڻ جو فيصلو ڪيو. پر پهرين مون کي تڪڙي ڊوڙ پائي گرم ٿيڻو هو. آخرڪار مان گرجا جي احاطي ۾ گهڙيس. اتي هڪڙو وڻ هو جيڪو گرجا جي گهيري ۾ ٽڏڪار ڪيو ٻيٺو هو مان جڏهن ڪنهن قبر جو ڪتبو پئي پڙهيو ته مون گهنٽي وڄائڻ واري کي، مناري تي مٿي چڙهندي ڏٺو هاٿي مون هڪڙي ڳوناٽي قسم جي ننڍڙي گهنٽي ڏٺي، جيڪا ارپنائن جي ابتدا جو اطلاع ڏئي رهي هئي. ٿوري دير جي لاءِ اها بغير چرپر جي ٽنگجي پئي. پوءِ وري هلڻ لڳي ۽ اوچتو ان جا چوڌا بلڪل صاف نمونا ۽ وڌي آواز سان وڄڻ شروع ٿي ويا. اهي ايترو ته صاف ۽ وڌي آواز سان پئي وڳا جو منهنجي ننڊ ڦٽي وئي. پر اصل ۾ ننڊ ڦٽائڻ وارو منهنجو پنهنجو ئي گهڙيال پئي وڳو!

هي ٻيو واقعو آهي: اهو سياري جو ڏاڍو روشن ڏينهن هو ۽ گهٽيون، برف سان ڍڪيل هيون. مون برف واري گاڏي هلائيندڙ سان شامل ٿيڻ لاءِ حامي پري، پر مون گهٽو ئي انتظار ڪيو ته خبر اچي ته برف واري گاڏي دروازي تي اچي وئي آهي يا نه. مان ان ۾ وڃڻ لاءِ تياري ڪرڻ لڳس. ڪوٽ ۽ مفلر پائي ورتم. جوراب به پائي ورتم ۽ آخر ڪار مان گاڏيءَ ۾ اچي ويٺس. پر گاڏي وري به هلڻ ۾ دير ڪري رهي هئي. ٻوهن. انهن منتظر گهوڙن جو لغام ڇڪي. ڪين هلڻ جو اشارو ڪيو ته. بهرحال اهي هلڻ لڳا. وڏا لوڏا پئي آيا. گاڏيءَ ۾ لڳل گهنٽيون به وڏي گوڙ شور سان پنهنجي بي تڪلف چال ڇڪ ڪندي ٽڙڪ پئي لڳيون. سچ پچ ته ان لمحي. منهنجو ڪوريٽڙي جي ڇار جهڙوڪ نازڪ خواب ٽٽي پيو ۽ بس اهو ئي ساڃيو نند مان اڌارڙ واري گهڙيال جو چيندڙ آواز هو.

هاڻي ايجان ٽيون مثال به آهي. مون ڏٺو ته بورچياڻي. رنڊڪي مان ڳاڻاٽي ڪان به گهٽيون ٽالهيون هڪ ٻئي جي مٿان رکيو ماني ڪائڻ واري ڪمري مان گذرندي. ڪنيو پئي وئي. سندس ڌيان. چينيءَ جي ٽالهين جون نڪتل ڪنڊون ڏسي مون کي ڊپ پئي ٽيو ته اهي سندس هٿن مان ڇڏائجي نه وڃن. "سنياڻجاڻ" مون چيو "يا اهو بار لاهي رک" پر جيڪي ٽيڙو هو. ان ڪان بي نيازيءَ سبب هن کي به جواب نه ڏنو هوءَ ان قسم جي ڪم جي ماهر هئي. بهرحال مان اندیشي سبب ايندڙ صورتحال جو انتظار ڪرڻ لڳس. هن چائڻ وٽ ٽاهو ڪاڏو ۽ ٽاڪڻين چينيءَ جون سموريون ٽالهيون سندس هٿن مان ڇڏائجي پٽ تي ڪري ڇيهون ڇيهون ٽي ويون. پر آواز بند ٽيڻ بجاءِ مسلسل ٽيندو پئي رهيو ۽ جلد ئي لڳو ته اهو ڪو ڪڙ ڪڙ جو آواز هو جيڪو گهڙيال جي گهنٽيءَ ۾ تبديل ٿي ويو ۽ گهنٽيءَ جي وڃڻ سان مان جاڳي پيس ۽ هوش ۾ آيس ته مون ڏٺو ته مون کي وقت تي اڌارڙ واري اها گهنٽي هئي جا پنهنجو فرض پورو ڪري رهي هئي".

اهو سوال ته دماغ. خوابن ۾ خارجي حواسن جي فطري ترغيب ۾ غلطي ڇو ٿو ڪري؟ ته لڳيڪ ان قسم جو جواب "استرومپيل" (صفحو: 103) وٽان به ملي ٿو جيئن "وونٽ" (Wundt.1874,659) لکيو آهي ته: "جيڪا ترغيب دماغ وٽ اچي ٿي. ته اها نند دوران اهڙين حالتن ۾ پهچي ٿي جيڪي حالتون هڪ تصور يا غير حقيقي تخليق لاءِ فائديمند آهن. ان سوچ واري تاثر کان اسان واقف هوندا آهيون ۽ ان جي تشريح به درست ڪندا آهيون. ڳالهائين آهي ته اها. يادگيرين جي "ان" مجموعي ۾ جاءِ والاريندي آهي. جن جو اسان جي سيني گذريل تجربن سان سنبنڌ هوندو آهي. ۽ ان مجموعي مان. جيڪي تاثر پيدا ٿيندا آهن. اهي گهٽي قدر ضرورت مطابق ۽ مضبوط هوندا آهن. صاف ۽ ديرپا هوندا آهن. ۽ مواد يا متن تي غور فڪر ڪرڻ جو اوتروئي وقت ڏيندا آهن. جيترو اسان چاهيندا آهيون. جيڪڏهن اهي حالتون عملي نه هونديون ته اسان تاثر جي بنيادي "مقصد" حاصل ڪرڻ ۾ غلطي ڪري ويهنداسين. جنهن لاءِ اسان هڪڙو تصور قائم ڪري وٺندا آهيون: ته جيڪڏهن ڪو شخص گهمڻ جي لاءِ ڪنهن ڪليل علاقي ڏانهن وڃي ۽ پري جي شين کي اڻ چٽو ڏسندو هجي ته پهرين پيري ڏسڻ سان سمجهندو ته اهو گهوڙو آهي پر ويجهڙائيءَ کان ڏسڻ سان شايد زمين تي ڪيس ڳڻون ويڙل سمجهه ۾ اچي. ۽ ٽي سگهي ٿو ته سندس تصور آخر ڪار پاڻ ئي يقيني طور زمين تي ويڙل ماڻهن جي انبوهه ڏسڻ تي جمي وڃي. نند دوران جيڪي به خارجي ترغيبون. ذهن وٽ پهچنديون آهن. انهن ۾ اها ساڃائي فطري اڻچٽائي هوندي آهي. ۽ انهن جي ئي بنياد تي. ذهن تخيل جوڙيندو آهي ۽ ٽورا ڪي گهڙا. پر لڳاتار تاثرن جي ذريعي گذاريل ڏينهن جي ياداشت ۾ مدد ڏيندڙ تخيل پيو پاريندو آهي. ۽ انهن جي وسيلي ئي اهو جسماني قدر حاصل ڪندو آهي.

انهن يادگيرين جي تمام گهڻي جمع پونجيءَ سان وابستا ڪهڙا تصور اپرندا آهن؟ ۽ انهن سان ويجهڙائپ جو ممڪن واسطو رکندڙ ڪهڙيون وابستگيون عملي طور ڪم ڪنديون آهن؟ اهي سوال "استرومپيل" جي نظريي جي حوالي سان پڙ اڻ چٽا آهن ۽ ذهن جو هڪ ڇڙواڳ قسم جو فيصلو پويان ڪليل ڇڏي ٿا وڃن.

هن نڪتي تي اسان بن مان ڪنهن هڪ ڪي چونڊي ان سان منهن ڏينداسين. اسان کي اهو هڪ حقيقت جيان ميڙو پوندو ته خواب متعلق جوڙيل قاعدن مطابق وڏيڪ اڻتي وڏڻ ناممڪن آهي. ۽ اسان کي انهن سوالن کان پاسو ڪرٽو پوندو. توڙي جو خواب جي تشريحن تي ٻيا ۽ قطعي اختيار خواب ڏسندڙ پنهنجي انهن تصورن تي رکندو هجي. جن کي شعوري يا حواسن جو تاثر سڏجي ٿو. يا پي صورت ۾ اسان شڪ شبهي ۾ مبتلا ٿي سگهون ٿا ته حواسي ترغيبون. جيڪي سمهڻ واري سان مداخلت

ڪن ٿيون اهي سندس خواب جي ستاءَ ۾ رڳو محتاط ۽ اعتدال پسند حصي کي پيش ڪنديون آهن ۽ ٻيا جزا، گذاريل ڏينهن جي ياداشت ۾ مدد ڏيندڙ خيالن جي قطعي چونڊ ۾ رڌل رهن ٿا. جيڪي به منجهس ايرڻ وارا هوندا آهن. حقيقت ۾ جيڪڏهن اسان "مائوري" پاران آزمائشي طور تي پيش ڪيل خوابن کي جاچيندا سين، (جن کي مون ان جي ڪري ئي نهايت تفصيلي طور ڪنيو آهي). اسان وڏي اعتماد سان چئي سگهون ٿا ته تجربو حقيقت ۾ خوابن جي اصليت جي رڳو هڪڙي جزي جي سمجهاڻي ڏئي ٿو يا ان جو نبيرو ڪري ٿو. ان جو باقي بچيل متن پاڻمرادو مقرر حدن اندر روڪيندي نظر اچي ٿو. تفصيل ۾ پڻ بلڪل يقيني ٿئي ٿو ۽ انهن جزن سان ضرورت مطابق اڪيلي سر ۽ سراسري وضاحت کي موزون انداز ۾ رکي ٿو جيڪي آزمائشي طور تي خارجي پيداوار آهن. سچ ته ڪو به ماڻهو تخيل جي نظريي ۽ خارجي تاثرن جي قوت جيڪا خوابن کي ڪا صورت ڏئي ٿي، ان متعلق شڪ ۾ مبتلا ٿي سگهي ٿو. جڏهن هو ڪوج لڳائي ٿو ته خوابن ۾ اهي تاثر ڪڏهن ڪڏهن خاص، غير ممڪن يا اڻ ٽيٽي تشريح جو سبب بڻجن ٿا. اهڙيءَ ريت "سائمن" (Simon.1888) اسان کي خواب بابت ٻڌائي ٿو: جنهن ۾ هن ڪنهن ديو جهڙي (Gigantic) هڪ ماڻهوءَ کي هوٽل ۾ ويڻي ڏٺو. سندس خوفناڪ نڙڪاٽ ڪندڙ آواز هن صاف ٻڌو. جيڪو ڪجهه ڏندن گرٽڻ ۽ سندس ساهه سان گڏ ٻڌي نڪتو. پوءِ هو جڏهن جاڳيو ته هن گهوڙي جي سنبن جو آواز ٻڌو. جيڪو دريءَ جي ٻاهران گذري رهيو هو. گهوڙي جي سنبن جي آواز متعلق رٽيل خيال، ٽي سگهي ٿو ته گليور جي مسافرين (Gulliver'sTravels) متعلق جمع ٽيل يادگيرين سان ڳنڊيل هجي. بروب ڊيگنگ (Brobdignag) جو ديو قامت ۽ نادر ۽ اعليٰ نسل جي گهوڙي "هائون ام" (Houyhnhnm) جي متعلق جيڪڏهن مان خواب ڏسندڙ جي مدد ڪانسواءِ ئي ان جي تشريح ڪرڻ جو جو ڪم ڪٽان ته گڏ ٽيل اهڙين نرالي قسم جي يادگيرين جي چونڊ، جيئن اهي حـ حي ترغيبن بجاءِ منشا يا تحرڪ ذريعي سهوليت پيدا ڪندڙ هيون[1] ته ان ذريعي مان ٽيڙ جوڳي يا ثابتيءَ واري تشريح پيش نه ڪري سگهندس.

---

[1] هي حصو 1911ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي. خواب ۾ ديو قامت صورت جو نظر اچڻ، اهو سمجهڻ جو رستو ڏئي ٿو ته ڪجهه نظارا، خواب ڏسندڙ جي ٻالڪپڻي سان وابستا آهن، اتفاق سان، تشريح جيڪو مواد ڏئي ٿي، اهو گليور جي مسافرين جي ياد کي تازي ڪرڻ جي نشاندهيء ڪري ٿي، ۽ اهو ئي سڀ مثال آهي، ته تشريح ڪهڙي آهي ۽ ڪهڙي نه ٽيڙ گهرجي! خواب جي تشريح ڪندڙ کي پنهنجي هنرمندي يا چالاڪي ڪرڻ جي آزادي نه ٿي ڏئي سگهجي ۽ نه ئي خواب ڏسندڙ جي لاڳاپن کي چڏي ڏيڻ گهرجي.

(ب)

اندروني/ داخلي جذبات اپاريندڙ احساس
INTERNAL (Subjective) SENSORY EXCITATIONS

ڪجھ اختلافن جي باوجود، اهو ميڙو پوندو تہ ماضي، ننڊ دوران، خارجي دماغي جوش واريون حواسي حالتون، (Objective Sensory Excitations) رهجي ويل تضاد کي خواب ۾ اپارڻ جو ڪم ڪنديون آهن، ۽ جيڪڏهن اهڙي ترغيب، پنهنجي فطرت ۽ لاڳيتي ٽيڙ واري حالت (Frequency) منجهان نظر اچڻ لڳي تہ اهڙي هر خوابي تخيل جي تشريح ناڪافي ٽيندي. خوابن جي پين بنيادن/ ماخذن جي ڪوجنا جي سلسلي ۾ هڪجهڙي ڪاروائيءَ تي يقينن اسان جي همت افزائي ٽيندي مان چئي نہ ٿو سگهان تہ خيال يا منصوبو پهريون پيرو غير متوقع طور تي ڇهڻ وارن حواسن (Sense organs) جون اندروني (داخلي) دماغي جوش واريون حالتون، (Internal (Subjective) Excitations) باهرين حواسي ترغيب جي لڳولڳ گڏ ٽيل خيالن مان ڪڏهن ٿو حاصل ڪري! ائين آهي ب، بهرحال معاملو ائين ئي ٽيو آهي"، ٿوري ڪي گهٽي صاف گوئي، خواب جي "سببن جي علم" يا "علت شناسي" (Aetiology) جي سمورن تازن بحثن ۾ "نهايت ضروري حصو پڙ ڪردار ادا ڪري ٿي، مان مڃان ٿو" وونٽ (صفحو: 657) لکي ٿو: "تخيل يا تصور جي پيداوار ۾: آوازن جي ڇهاءَ ذريعي جيڪي داخلي تصويرون ظاهر ٿين ٽيون، جاڳ واري حالت ۾ اسان انهن کان پوريءَ طرح واقف هوندا آهيون، جيئن ڪنهن روشنيءَ وارا بي ڊولا علاقا، جيڪي اسان کي تڏهن نظر ايندا آهن، جڏهن اسان جي ڏسڻ واري حد ۾ اونداهين هوندي آهي، مثال طور گهنٽيءَ جو وڄڻ، ڪنن ۾ پون پون جو آواز اچڻ وغيره. ان سموري عمل ۾ وڏي اهميت خاص طور اک جي اندرين پردي جي داخلي جوش/ تحرڪ واري حالت کي آهي. اها اهميت ان ڪري آهي تہ جيئن خوابن جي غير معمولي رجحانن کي تفصيلي طور بيان ڪيو ويجي، ۽ تمام گهٽي تعداد ۾ اهي ماٺهو يا شيون، جن جو عمل يا جذبا ڏيان ڇڪائين يا سامهون اچن، انهن کي ساڳئي يا هوبهو صورت ۾ اکين جي آڏو ڪنهن جادوءَ ذريعي حاضر (Conjore Up) ڪيو ويجي. اسان پنهنجي اڳيان بيشمار پکي پکڙ، پوپٽ يا مکيون يا رنگبرنگ موتي ۽ گل وغيره ڏسندا آهيون. هتي هن نظر ايندڙ اونداهين حصي ۾ هي روشن دز (Luminous dust) ڪيڏي نہ عجب ۾ وجهندڙ صورت اختيار ڪندي آهي ۽ سنڊس ڪيترائي ئي داغ يا نشان (Specks) جيڪي انهن جي خاص جزن يا عنصرن تي ٻڌل هوندا آهن، خواب ۾ ساڳئي ئي تعداد ۾ هڪ الڳ تاثر، خيال، يا خاڪن جي صورت ۾ شامل ٽيندا آهن، ۽ پنهنجي هلچل جي حوالي سان اهي متحرڪ شين يا ماٺهن سان مطابقت رکندا آهن. ان ۾ به شڪ نہ آهي تہ خواب جي وسيلي، تمام وڏيون خواهشون يا رغبتون، هر قسم جي جانورن ۽ پکين جي شڪل ۾ نظر ايندڙ آهن. جيڪي تمام گهٽين ۽ پانت پانت جي صورتن جي ڪري انهن باهرين يا خارجي روشن تصورن ۽ خيالن سان، آساني سان ٺهڪي ايندڙ آهن.

خوابي تصويرن جي بنيادن/ ماخذن جي صورت ۾، داخلي طور جوش پيدا ڪندڙ حواسن جي واضع خاصيت اها آهي تہ اهي خارجي حواسن جي باهرين واقعن متعلق، انهن جا محتاج نہ هوندا آهن، جنهن لاءِ ڪو ائين به چئي سگهي ٿو تہ جڏهن جڏهن به ڪين ڪنهن قسم جي معلومات حاصل ڪرڻ جي ضرورت پوندي آهي تہ اهي ٻئي هڪ ٻئي جا ٻانهن ٻيلي ٽيڙ لاءِ تيار هوندا آهن، پر اهي ان وقت خارجي حواسي ترغيب جي پيٽ ۾ ناموافق حالتن ۾ هوندا آهن تہ جيڪو خواب کي چورڻ يا پڙڪائڻ (Instigating) جو ڪردار ادا ڪندو آهي، اهو پڪ سان موجود به آهي يا ان جي پڪ واضع ئي نہ آهي، جيئن اهو مشاهدي ۽ تجربي جي ڪري خارجي ترغيب سان لاڳاپيل آهي. خوابن کي چورڻ لاءِ داخلي حواسن جي جوشيلي طاقت جي فائدي ۾ وڏي ۽ اهم شاهدي، گهري ننڊ کان اڳ ۾ گهيرتن دوران "پورن" (Hypnagogic hallucinations) متعلق تہ "ذهن ۾ ڪهڙي

ڪهڙي معلومات جمع ٿيل آهي"، مهيا ڪري ڏيڻ آهي يا "جوهانز ميولر" (Johannes muller. 1826) جي ڏنل اصطلاح "تصوراتي نظري مظهر" (Imaginative visual Phenomena) کي استعمال ڪجي. اهي تخيل لڳاتار ڏايا چٽا، زندگيءَ سان پرپور، چمڪندڙ مضبوط ۽ جلدي بدلجندڙ هوندا آهن، جيڪي ظاهر ٿيڻ ۾ تمام گهٽا لاڳو لاڙو رکندڙ ۽ تيز فهم هوندا آهن، گهٽن ماڻهن ۾ گهري ننڍ مان جاڳڻ کانپوءِ به اها شيءِ کنهن عادت جيان موجود هوندي آهي جو اکيون پٽڻ کان پوءِ به ڪيتري دير تائين سندن اکين آڏو اهو سڀاڻ، جڳاءُ ڪري ٻيئل هوندو آهي. "مائوري" ان کي تمام وڏي اهميت سان موضوع بنايو آهي ۽ ان جي اٽڪ کوجنا تي ڪم ڪيو آهي ۽ ان کي به نيايو آهي، جهڙيءَ ريت هن کان اڳ ۾ "ميولر" (صفحو: 49) انهن جي لاڳاپي ۽ حيرت ۾ وجهندڙ خوابي تصورن جي شناخت متعلق ڪيو آهي. انهن کي پيش ڪرڻ جي صورت ۾: "مائوري" (ص: 59) چوي ٿو ته "ذهني غير متحرڪ پٽي يا خاموش هجڻ وارين ڪجهه حالتن ۾، ڏيان جي چڪجڻ واري عادت ۾ رعايت يا نرمي ضروري آهي. بهرحال ٻيو ڪجهه نه ته به ان قسم جي ٽڪائيندڙ حالت ۾ قاسڻ لاءِ اهو ڪافي آهي، جو ڪيس گهري ننڍ کان اڳ ۾ گهيرتن دوران پور پچائڻ واري ضروري رغبت يا ڪشش مهيا هجي. ان کان پوءِ شايد هو ٻيهر جاڳي پوي ۽ عمل جو تسلسل (Process) ايسيتائين ڪيترائي پيرا ٻيو ورجائجي، جيسيتائين هو باقاعدي ننڍ ۾ الوٽ نه ٿو ٿي وڃي."

"مائوري" ڪوڄ لڳائي آهي ته جيڪڏهن هو ڪنهن وڏي وقفي کان پوءِ ٻيهر نه جاڳيو آهي ته هو پنهنجي سپني ۾ انهن ساڳين ئي تصورن کي ڳولهڻ جي قابل هوندو آهي، جيڪي ننڍ کان اڳ پور پچائڻ دوران، هن پنهنجي نيڻ ۾ سانڊيا هئا. اڳتي (ص: 134) لکي ٿو ته: هڪ پيري هي معاملو ڪيترن ئي کل ڏياريندڙ بگڙيل شڪلن ۽ عجب قسم جي وارن (Coiffurs)، وارن ماڻهن جي ڪري پيش آيو هو جيڪي ڪيس تمام وڏي ضد وچان ۽ شدت سان ستائي رهيا هئا، پوءِ سمهڻ دوران انهن کي خواب ۾ ياد ڪيائين، ۽ وري ڪيس جاڳڻ کان پوءِ به نظر آيا. هڪ ٻئي وقت تي، جڏهن هن کي بک لڳي هئي، سوچيائين ته ٿورو قرض کٽي ڪجهه کائي ونان، ان حوالي سان ڪيس گهيرت ۾ تصور ٺهي آيو ته هن جي اڳيان ٽالهي پئي آهي ۽ هٽ ۾ چمچو آهي، جنهن جي مدد سان هو ٽالهيءَ مان کاڏو کائي ٿو. ساڳئيءَ ريت هن خواب ۾ ڏٺو ته هو هوٽل ۾ ڪنهن ڏگهي ميز تي وينو آهي ۽ مختلف ميزن تي ويٺل ماڻهن جي، چمچن سان کاڏي کائڻ جو آواز ٻڌي رهيو آهي. وري ٻئي پيري جڏهن هو سمهڻ ويو هو ته ان وقت سندس اکين ۾ خارش ۽ سور پئي ٿيو. تڏهن، سوداءَ دوران، ڪيس خوردبينيءَ ذريعي ڏسڻ جهڙيون، ننڍڙيون نشانيون نظر آيون هيون. ان عجب جهڙي تحرير کي سمجهڻ لاءِ هڪ هڪ حرف ڪري پڙهڻ ۾ به ڪيس ڏاڍي مشڪل پيش پئي آئي. هو ننڍ ڪري ڪلاڪ کان پوءِ اٿيو ته خواب کي ياد ڪرڻ لڳو جنهن ۾ هن هڪ ڪليل ڪتاب ڏٺو هو، جيڪو تمام ننڍڙي تائيپ ۾ ڇپيل هو جنهن کي پڙهڻ ۾ ڪيس مشڪل پيش اچي رهي هئي.

سوداءَ دوران اکرن جا آواز مثال طور نالا وغيره، غنودگيءَ يا نيم خوابيءَ دوران به ساڳئيءَ ريت ظاهر ٿيندا آهن، جيئن تخيلاتي تصويرون نظر ايندڙيون آهن ۽ اهي خوابن ۾ به ورجائجي سگهن ٿيون، ائين جيئن استاد بنيادي موسيقيءَ جو اعلان ڪندي تمهيد ٻڌندو آهي، جيڪو اوپيرا ۾ گونجندو رهندو آهي ۽ پوءِ موسيقي وڄڻ لڳندي آهي.

نيم خوابيءَ دوران سوداءَ متعلق، ويجهڙائيءَ واري عرصي ۾ مشاهدو ڪندڙ "جي ٽرمبل لاڊ". (G. Trumbll Ladd. 1892) به "ميولر" ۽ "مائوري" جيان، ساڳيو ئي رستو اختيار ڪيو آهي. ٿوري عملي ڪم بعد هو پاڻ ئي گهري ننڍ مان هڪدم اکين کولڻ کانسواءِ ئي، ٻن يا پنجن منٽن کانپوءِ، آهستگيءَ سان جاڳڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. اهڙيءَ ريت هن کي اکين جي پردي جي ذريعي ڏسڻ مان پيدا ٿيندڙ شعوري تجربن (Retinal Sansetions) جي ڪيفيت جي پيٽ ڪرڻ جو موقعو پئي مليو. اهي سمورا خوابي خاڪا ان ئي وقت گم پئي ٿي ويا جيڪي سندس يادگيريءَ ۾ جڳاءُ ڪري ٻيئل هئا. هن پڏرو ڪيو ته هر ڪنهن معاملي ۾ اهو بلڪل ممڪن آهي ته نفسياتي تبديليءَ جي ڪري اکين جي پردي يا ميڇالي جي ٻاهرين تهه تي، خارجي تحرڪ يا ترغيب ڪانسواءِ ٽيندڙ روشنيءَ جو تصويري احساس (Idioretinal)، روشنيءَ جو رستو مهيا ڪري ڏئي. اهڙيءَ صورت ۾ روشن ٽڪن (Luminous Points) ۽ انهن ٻنهي جي وچ ۾ اندروني تعلق کي شناخت ڪري سگهجي ٿو، جهڙيءَ ريت ڪنهن

خاڪي جوباهريون لکيرون يا تصويرن جا نقش، ڏهني طور ۽ حواسن جي مدد سان سپني ۾ سجاتا پئي ويا. مثال طور اکين جي پردي ۾ روشن ٽبڪن جو انتظام هڪ جيترين لکيرن ذريعي خواب سان مطابقت رکندڙ هو جن کي هن ڏٺو ٽي. اهي نهايت صاف طريقي هن جي سامهون ڦهلجي ويا هئا. جن مان ڪن ڇپيل لکيرن کي هو پڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. يا هو پنهنجا لفظ استعمال ڪري رهيو هو: "صاف ڇپيل صفحو جيڪو مان پنهنجي خواب ۾ پڙهان پيو، ڏنڊلو ٽي ويو ۽ بدلجي اهو منهنجي جاڳيل/ شعوري حالت جي ان اصل ڇپيل صفحي جي حصي جيان نظر اچڻ لڳو. جڏهن ڪاغذ جي بيضوي سوراخ مان نهاريم ته ان جي فرق کي سجاڻڻ لاءِ اهو موقعي جي مناسبت سان نظر ايندڙ ڇپيل اکر کان به گهڻو دور نظر آيو ۽ اهو به ڏنڊلو ئي هو."

"لاڏ" ان خيال جو اهي (حالانڪ هو ميڄالي جي مرڪزي جزن جي ذريعي، حقيقت کي منطقي طور ڪردار ادا ڪرڻ متعلق اصل کان گهڻ اندازو نه ٿو لڳائي) ته اکين جي پردي جي، اندروني خلين (Intra_ oclular) جي جوش واري حالت جي ذريعي مواد يا متن مهيا ڪري ڏيڻ کانسواءِ رڳو هڪ تصويري خواب جو نظر اچڻ به مشڪل آهي. هيءَ ڳالهه خاص انهن خوابن سان لاڳو آهي جيڪي ننڊ جي گهري ٽيڻ کان هڪدم پوءِ ايندا آهن، ۽ ماٺهو اونداهين ڪمري ۾ ستل هوندو آهي، جڏهن ته خوابن لاءِ تحريڪ يا جوش جو ذريعو صبح جو جاڳڻ کان ٿورو اڳ، باهرين سج ايرڻ واري قدرتي روشني هوندي آهي، جيڪا ڪمري جي وٽين مان چٽي اکين تي پوندي آهي.

اکين جي پردي يا ميڄالي جي باهرين تهه تي، خارجي تحريڪ يا ترغيب کانسواءِ ٽيندڙ روشنيءَ جو تصويري احساس ڏيندڙ روشنيءَ جو جوشيلو صفاتي ڪردار، مستقل طور تي تبديل ٽيندڙ ۽ لڏ پلاڻ واري مسلسل چرپر، تخيل ۽ تصور جي بلڪل هوبهو ۽ مطابقت رکندڙ تصويرون اسان کي اسان جي خوابن جي ذريعي ڏيکاريندو آهي.

ڪو به شخص جيڪو "لاڏ" جي انهن مشاهدن جي اهميت سان وابستا هجي، اهو خوابن ۾ داخلي ترغيب جي انهن بنيادن ذريعي، سندس ڪردار ادا ڪرڻ کان انڪار نه ڪندو جيئن ته اسان جاتو آهي ته نظري خاڪا، اسان جي خوابن جي اهم جزن کي تشڪيل ڏين ٿا. ٻين حواسن کان ٽيندڙ مدد انهن جي ٻڌڻ کانسواءِ، ٿوري ٿوري دير کانپوءِ ٽيندڙ ۽ گهڻ اهميت واري هوندي آهي.

(ب)

جسماني جيو گهرڙن جي اندروني ترغيب
INTERNAL ORGANIC SOMATIC STIMULI

هيل تائين اسان خوابن جي بنيادن کي، ٻاهر جي بجاءِ عضون جي اندروني چرپر (Organsim) ذريعي پئي ڏٺوسين. اسان کي پنهنجي ذهن ۾ اها ڳالهه ضرور ويهارڻي پوندي ته گهڻو ڪري اسان جا سمورا عضوا، اسان کي ورلي يا مشڪل سان پنهنجي ڪم جي متعلق خبر ڏيندا آهن، سو به تڏهن جڏهن اهي صحتمند هوندا آهن يا ان معاملي جا مڪيه بنياد يا ڪارڻ جڏهن، احساس، شعوري تجربن يا تصور کي ايذاءِ رسائيندا آهن، يا جڏهن اسان انهن کي پنهنجي اندروني جذبات جي حالت ۾ يا بيماريءَ دوران بيان ڪندا آهيون.

اهي احساس، ايذاءِ رسائيندڙ ترغيبون، شعوري تجربا يا تصور، حواسن سان هر صورت ۾ هڪجهڙو ورتاءُ ڪندا آهن، اهي اسان وٽ ٻاهران پهچندا آهن. عمر جا تجربا به پنهنجو اولڙو ڪندا آهن. ان جو مثال هن ريت آهي، جنهن موضوع متعلق "استروميپيل" (صفحو: 107) جو خيال آهي ته:

"دماغ جاڳ جي بنسبت ننڊ دوران، طبعي يا جسماني (Somatic) واقعن جو تمام اونهو ۽ وسيع حواسي شعور (Consciousness) حاصل ڪري ٿو. ان حاصلات تي ننڊ، جاڳ جي انهن ڪيفيتن جو احسان مجي، جسم جي انهن حصن ۽ جسم ۾ آيل تبديليءَ جي ترغيبي ارڪانن کان متاثر ٿيندي آهي، جيڪي جڏهن جاڳ واري حالت ۾ هوندیون آهن ته ان وقت ماڻهوءَ کي ان ڳالهه جو احساس نه هوندو آهي."

گهڻو اڳ ارسطو جهڙي ليکڪ مجيو آهي ته: "اهو ممڪن آهي ته جاڳ واري حالت دوران ڪنهن شيءِ جي ڏيان ۾ اچڻ کان اڳ، بيماريءَ جون ابتدائي صورتون به ماڻهوءَ کي خوابن جي سٽاءَ ۾ گهيري سگهن ٿيون، جيڪي خوابن جي ذريعي، جزن، علامتن يا نشانين تي پوندڙ اثرن کي وڌائي پيش ڪرڻ جون پابند هوندیون آهن."

طب تي لکندڙ پڻ، جيڪي خوابن جي پيغمبراٽي قوت کي مڃڻ کان گهڻو دور آهن، سي به بيمارين جي پيش آگاهي، چتاءُ يا اڳواٽ خبردار ڪرڻ (Premonitor) جي صورت ۾ ان پيغمبراٽي خاصيت جا مخالف نه آهن. [ڏسو "سائمن" (ص: 31) ۽ پين ڪيترن هاڻوڪن ليکڪن کي][1]. مرض کي سڃاڻڻ واري خوابن جي قوت جي واقعن جون شاهديون هاڻوڪي وقتن ۾

---

[1] هي حصو 1914ع ۾ شامل ڪيل آهي: مرض کي سڃاڻڻ جي اهميت کي خوابن سان منسوب ڪرڻ کان هٿي ڪري (اها ڳالهه بقراط (Hippocrates) جي ڪيل ڪم ۾ ڄاڻايل آهي، ص: 59) آڳاٽي دور جي علم طب جي (Therapeutic) اهميت کي به ذهن نشين ڪرڻ گهرجي. يونان ۾ خواب، غيب جو علم، اڳ ڪٿي يا رهنما اشارا (Orecals) هٿا، اهي پنهنجي مريض جي صحتياب ٿيڻ تائين لڳاتار وٽن ويندا هٿا. هڪ بيمار ماڻهوءَ کي، حسن ۽ جوانيءَ جي نمائندي/ سج جي ديوتا: اپولو (Apollo) ۽ طبيبن جي نمائندي/ مرض مان ڇڏائيندڙ: ايسڪيولاپيس (Aesculapius) جي مندر ۾ داخل ڪندا هٿا ۽ اتي مختلف مذهبي رسمون بجا آڻيندا هٿا. لوبان ساڙڻ، سندس بدن کي مالش سان مطهر ڪري، گناهن کان پاڪ ڪندا هٿا، پوءِ سرفرازي يا ڪامرانيءَ جي حالت ۾ دنبي يا گهيٽي جي قرباني ڪندا هٿا، جنهن کانپوءِ هو گهري ننڊ ڪندو هو ۽ پنهنجي بيماريءَ جي باقي علاج ۽ تدارڪ متعلق خواب ڏسندو هو. جيڪي ڪيس ڪنهن نظري انداز ۾ يا وري علامتن ۽ تصويرن جي ذريعي نظر اينداهٿا، ۽ تعبير لاءِ اهي پادريءَ جي اڳيان بيان ڪيا ويندا هٿا. يونانين ۾ علاج جي سلسلي وارن خوابن جي وڌيڪ معلومات لاءِ ڏسو "ليهمان" (Lehmann. 1908.1.74)، "بوشي ليڪ ليرڪ" (Bouche leclercq. 1879_ 1882)، "هرمن" (Hermann. 1858.41.262 and 1882.38.356)، بوٽنگر (Bottinger.1795.163)، "للائيڊ" (Lloyd.1877) "ڊولنگر" (Dollinger. 1857.130). خوابن جي علاج واري اهميت متعلق "فرائيڊ" 1917 جي ابتدا ۾ کوجنا ڪئي هئي (والپيور 11، ص: 230).

ڪجھ وڌيڪ ئي نظر ٿيون اچن. اهڙيءَ ريت "تيسي" (Tissie. 1898,62)، "آرتيگس" (Artigues. 1884,43) ٿيتالھ سالن جي ھڪ پوڙھي عورت جي قصي جو حوالو ڏنو آھي، جيئن تہ ان جي صحت بلڪل سٺي ھئي، پر ٿورن سالن کان ڳڻتيءَ جي خوابن جي ڪري پيڙا (Torment) ۾ مبتلا ھئي. ھن پنھنجي علاج لاءِ تفتيش ۽ ڪرائي تہ ڪيس معلوم ٿيو تہ ھوءَ دل جي مرض ۾ ابتدائي درجي تي پھتل آھي، جنھن جي ڪري ھوءَ آخر ڪار مري وئي ھئي.

اندروني عضون جي بگاڙي يا بي ترتيبيءَ جو واضع اظھار، ھر قسم جي خوابن کي چوريندڙ يا پڙڪائيندڙ جو ڪردار ادا ڪندو آھي. ڦڦڙن ۾ دل جي بيمارين ۾ ڏٺو ويو آھي تہ گھٽو ڪري ڳڻتيءَ جوڳا خواب نظر ايندا آھن. سچ پچ تہ خوابي توانائيءَ جو اھو رخ ڪيترين ئي اختيارين ذريعي پس منظر ۾ جاءِ والاري ٿو. محض ان متن جي ڪري مان ادبي حوالا ڏيڻ جي ڪوشش پيو ڪريان: راڊيسٽاڪ (صفحو: 70)، "اسپيٽا" (Spitta. 1882241)، "مائوري" (صفحو: 33)، "سائمن"، "تيسي" (صفحو: 60). "تيسي" پڻ ان خيال جو آھي تہ جيڪو بہ عضوو اثر انداز ٿيندو آھي تہ اھو خواب جي متن کي، ان ئي نوعيت جا ڪرداري جذبا ڏيندو آھي. اھڙيءَ ريت دل جي بيمارين ۾ مبتلا ماڻھن جا خواب، عام طور تي مختصر ۽ خوف تي ختم ٿيندا آھن، جاڳڻ واري لمحي ۾، سندن خواب جو متن گھٽو ڪري ۽ سدائين موت جي ڊيجاريندڙ شڪل کي شامل ڪري ڇڏيندو آھي. ڦڦڙن جي بيمارين ۾ مبتلا ماڻھن کي گھٽو ڪري ساھ منجھڻ/ گھٽجڻ، ھجوم، ڪچھ، پشم ۽ چرڪ پري اٿي پوڻ/ اوٽاري (Nightmare) جا خواب ايندا آھن. (اتفاق سان ان ڳالھ تي بحث ٿي سگھي ٿو تہ "بورنر" (Borner.1855) بعد ۾ پنھنجو منھن ڊڪي ان تي ساھ کڻڻ جو اوزار (Respiretory Apertures) لڳائي، تجربي جي دعوت ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ھو). ھاضمي جي خرابين (Digestive Disorders) جي خوابن جو ستاءُ، کاڌي کائڻ جي عياشيءَ ۽ ھاضمي تي مشتمل ھوندو آھي. اھڙيءَ ريت ذھني آسودگي/ جنسيت جي اپاريا جوش (Sexual Exitment) وارن خوابن جي ستاءَ يا متن تي جيڪو اثر پوي ٿو اھو ھر ڪو پنھنجي ۽ بنھ ذاتي تجربي جي آڌار تي ڪاٿو لڳائي سگھندو آھي. ھو، اھو نظريو پيش ڪري ٿو تہ خواب، عضوياتي ترغيب جي ذريعي ۽ انھن جي شديد قوت سان چورڻ يا پڙڪائڻ جو ڪم ڪندا آھن.

ھن موضوع جي حوالي سان اھا نشاندھي ڪنھن بہ نہ ڪئي آھي، تہ "مائوري" (صفحو: 451) ۽ "ويگانت" جھڙا ليکڪ بہ ادب ۾ موجود آھن جن، خوابن تي، پنھنجي شخصي بيمارين سبب پوندڙ اثرن جي حوالي سان خواب جي مسئلن تي رھبري ۽ اڳواٽي ڪئي آھي. توڙي جو اھي حقيقتون مجيل ۽ شڪ کان مٿانھيون آھن، خوابن جي بنيادن يا ڪارڻن جي مطالعي لاءِ انھن جي اھميت ايتري گھٽي بہ نہ آھي، جيتري ماڻھو انھن ۾ اميدون رکندا آھن. خواب ھڪ متي مظھر، اصول، قدرتي ڏيک، يا ڪو بہ مشاھدي ۾ ايندڙ واقعو (Phenomena) ھوندو آھي، جيڪو گھٽو ڪري صحتمند ماڻھن وٽ ظاھر ٿيندو آھي، ممڪن آھي تہ ھر ڪنھن وٽ اظھاربو ھجي ۽ ممڪن آھي تہ ھر رات بہ نماع ڪندو ھجي ۽ اھا ڳالھ بہ پڌري آھي تہ اٽنر حالتن ۾ عضوياتي بيمارين ڳٽڻ ۾ نہ ايندين آھن. ۽ اسان جو خاص قسم جي خوابن جي اصليت سان ڪو واسطو نہ آھي، پر ان جي بنياد/ ذريعي يا ڪارڻ سان آھي، جيڪو عام ماڻھوءَ جي خوابن کي پڙڪائڻ جو سبب بڻبو آھي.

اسان کي ھڪ قدم اڳتي کڻڻ جي ضرورت آھي، تہ جيئن اسان وسيع پيماني تي خواب جي انھن ذريعن تائين پھچي سگھون، جنھن سان اسان ڪنھن حد تائين لاڳاپيل آھيون. تہ ڪو شخص سچ پچ ڏسي ٿو جيتوڻيڪ ھو ڪڏھن خشڪيءَ تي نہ ڊوڙيو آھي. جيڪڏھن اھو ثابت ڪيو ويو آھي تہ جسم جو اندريون حصو جڏھن ڪنھن بيماريءَ جي حالت ۾ ھوندو آھي تہ خوابن جي ترغيب جو بنياد بڻجندو آھي، ۽ جيڪڏھن اھو قبول ڪريون تہ ننڊ دوران دماغ، باھرين دنيا کان پاسيرو ھوندو آھي، ۽ وڌيڪ ڏيان، جسم جي اندروني حصن تي ڏيڻ جي قابل ھوندو آھي، تنھن ڪانپوءِ اھو نھايت سچو ۽ ايماندار نظر ايندو آھي، اھو سمجھائڻ لاءِ تہ جوش يا اپار جو سبب، سمھيل ذھن تائين پھچي. اندروني عضون کي ان اڳ بيمار ٿيڻ جي ضرورت نہ آھي. جوش يا جذبا، بھرحال ڪيئن بہ ڪري، خوابي خاڪن ۾ بدلجي ويندا آھن. جيتوڻيڪ اسان جاڳيل ھوندا آھيون تہ اسان عام طور تي جسم جي اندرين عضون جي احساسن جي تجربي مان لنگھڻ واري گڏيل

صلاحيت (Coenaesthesia) کان باشعور هوندا آهيون، پر رڳو اسان جي غير يقيني مزاج واري خاصيت سبب، طب جي راءِ مطابق ان احساس ڏانهن، جسم جو سمورو عضوياتي سرشتو پنهنجو حصو ڳنڍيندو آهي. بهرحال رات جو اهو ئي ڏٺو ويو آهي تہ اها ساڳيو ئي احساس وڌي، اثرانداز ٿيندڙ هڪ پرپور قوت بڻجي پوندو آهي ۽ پنهنجن مختلف پاڳن ذريعي عمل ڪرڻ لڳندو آهي، نتيجي ۾ هو تمام گهٽو مضبوط ٿي ويندو آهي ۽ ساڳئي وقت سپني جي نظري نقشن کي چورڻ/ پڙڪائڻ جو عام ذريعو بڻجندو آهي. جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ رڳو رهجي وڃي ٿو انهن قاعدن جي کوج لڳائڻ جو ڪم، جن جي مطابق عضوياتي ترغيب، خوابي خاڪن ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي.

اسان هينئر خوابن جي اصلوڪي هجڻ جي نظريي تائين پهتا آهيون، جنهن کي سموري طبي ماهرن اهميت ڏني آهي. مبهم هڻڻ جي ڪيفيت، جنهن ۾ اسان جي وجود (Being) جو مرڪز (جنهن کي "تيسي" (صفحو: 62) جرمن زبان ۾ "موئي اسپلينڪنڪ (Moi Splenchnique) سڏيو آهي) اسان جي علمي ڄاڻ کان لڪيل آهي ۽ مبهم هڻڻ جي ڪيفيت (Obscurity) ۽ خوابن جي آغاز جي اوسي پاسي، حساب ڪتاب جو ڪاتو به پنهنجي ڪم ۾ رڌل هوندو آهي، پر اهو بنهي جي وچ ۾ تعلق پيدا نہ ڪندو آهي. سوچ جي لڪير، جنهن جو تعلق، خوابن کي جوڙيندڙ جي حيثيت ۾، بي مزي يا نالي ماتر عضوياتي احساس (Vegetative Organic Sensation) سان آهي، علاج ڪندڙ ماڻهن جي لاءِ ان ۾ هڪ خاص ۽ اضافي ڪشش موجود هوندي آهي، جيسيتائين خوابن ۽ ذهني بيمارين لاءِ عارضي جي سببن جو نظريو يا "علت شناسي" (Aetiology) کيس اجازت نہ ٿو ڏئي ۽ سندس سوچون عام طور تي جسم جي اندرين عضون جي احساسن جي تجربي مان لنگهڻ واري گڏيل صلاحيت جي تبديلين ۽ اندرين عضون منجهان اپرندڙ ترغيب سان سلهاڙيل هجڻ: تہ اهو ئي ذهني انتشار واري نفسي مرض (Psychoses) جي بنياد کي هٽ ڪرڻ لاءِ وڌي پيماني تي ذميداري کٽي سگهي ٿو.

اها ڪا عجب جهڙي ڳالهہ نہ آهي، طبعي يا جسماني جيو گهڙن جو (Somatic) اپاريندڙ عملي نظريو هڪ کان وڌيڪ خودمختيار ڪارڻن کي ڳولهي وٺي.

دليل جي دري، 1851ع ڌاري معروف فيلسوف "شوپنهار" (1249 .1862 Schopenhauer) کولي آهي، جنهن کي ڪيترن ئي ليڪڪن تي اعتراض هو ڪائنات متعلق اسان جي تصوير، هن جي راءِ ۾ اسان جي ادراڪ ذريعي آئي آهي، اهو تاثر ڏيندي تہ ان تي باهريون ٽڪراءَ ٿيو آهي ۽ ان کي وقت، ويجهي، حادثن ۽ سببن جي صورتن ۾ وري جوڙيو ويو آهي. ڏينهن جي وقت ۾ اسان جي عضون جي اندروني چرپر مان آيل ترغيب، موافق خودڪار تنتي سرشتي مان پيدا ٿيندي آهي ۽ اسان جي مزاج يا ڪيفيت (Mood) تي محسوس نہ ڪرائيندڙ انداز ۾ مشق ڪندي رهندي آهي. پر رات جو جڏهن اسان ڏينهن واري متاثر ڪندڙ ان گوڙ گهمسان کان پري هوندا آهيون، جيڪو پاڻ منجهان پيدا ٿيندو آهي يا ڏيان ڇڪائڻ جي قابل هوندو آهي. رات جو جڏ تہ ان ڪتاب جي چڙ پڙ ٻڌي سگهندا آهيون، جيڪو ڏينهن جي آوازن سان پريل هوندو آهي، پر ادراڪ انهن ترغيبن تي مختلف انداز ۾ ردعمل ڪيئن ڏيندو آهي! جڏهن تہ پنهنجي خاص عمل ذريعي انهن کي باهر ڪڍي ايندو آهي؟

ترغيب پنهنجي موافقت واري قاعدي تحت پاڻ کي، پيهر انهن سانچن ۾ سمائڻ جو ڪم ڪندي آهي، جيڪي وقت ۽ وچوٽيءَ کي والاريندیون آهن ۽ حادثن جي قانون جي پوئواري ڪندیون آهن. اهڙيءَ ريت خواب ايري ايندا آهن. "شوپنهار"، "شيرنر" ۽ جنهن کانپوءِ "والڪيلٽ" لاڳيتو سنجيده ڪوششون ورتيون، بعد ۾ ڪوجنا جي ذريعي جسماني ترغيب ۽ خوابي خاڪن جي وچ ۾ تعلق متعلق وڌيڪ تفصيل گڏ ڪيا، پر مان انهن ڪوششن متعلق غور ڪرڻ تيستائين ملتوي ٿو ڪريان، جيسيتائين اسان خوابن جي مختلف نظرين جي ورتاءَ واري حصي تائين نہ ٿا پهچون.

مشهور ماهر نفسيات "ڪروس" (Krauss.1859.255)، پنهنجي مستقل ۽ غيرمعمولي ڪوجنا جي ذريعي، خوابن جي بلڪل هوبهو بدحواسيءَ يا عارضي پيچ ڌاهہ (Deliria) يا شايد اهو سوداءِ هجي، توڙي مغالطي يا وسوسي (Delusion) جي هڪ جهڙن جزن جي بنيادن کي ڳولهي ورتو. مطلب تہ عضوياتي (Organically) طور تي طئي ٿيل احساسن جي کوج لڳائي. جسم

جي ڪنهن اندرين حصي جي ان جڳهه تي متعلق سوچڻ، ورلي ئي ممڪن آهي، جيڪو ٿي سگهي ٿو ته خواب يا مغالطي / وسوسي جو ابتدائي نڪتو نه ٻڌجي. عضوياتي طور تي طئي ٿيل احساس، ٻن درجن ۾ ورهائي سگهجن ٿا:

1. اهي، جيڪي عام مزاج کي جوڙين ٿا. يعني جسم جي اندرين عضون جي احساسن جي تجربي ما، ۽ گهڻ واري گڏيل صلاحيت (Coenaesthesia).
2. عضوياتي بي سرور ۽ بي مزي زندگيءَ واري مرڪزي نظام ۾ فطري، ذاتي يا جبلي (Immanent) طور خاص يا مقرر ٿيل احساس.

انهن کي پنجن درجي ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

1. مشڪن يا پٺن وارو (Muscular)
2. ساهه کڻڻ وارو (Respiratory)
3. پيٽ يا معدي وارو (Gastric)
4. جنسي عمل وارو (Sexual)
5. ٻاهريان، بيروني يا خارجي احساس (Peripheral Sensations)

"ڪروس" جو ويچار آهي ته ان عمل سان، جنهن جي ذريعي خواب جا منظر پيدا ٿيندا آهن، اهو طبعي يا جسماني ترغيب جي بنياد تي عملي پوئواري ڪندو آهي. "احساس"، ڪنهن لاڳاپي جي قانون تحت اپري، ويجهي يا هم نسبتي (Cognate) تصوير، خاڪي يا نقش کي طلب ڪندو آهي. اهو عضوياتي ساخت جي ان تصور سان ڳنڊيل هوندو آهي، جنهن تي بهرحال شعور، غير رواجي طرح سان ردعمل ڏيندو آهي. ان سلسلي ۾ هو احساس تي ڌيان نه ڏيندو آهي، پر هو انهن تصورن سان ساڻ ڏيڻ واري سموري معاملي جي رهنمائي ڪندو آهي، جيڪي واضع ڪنديون آهن ته سچين حقيقتن کي ان حد تائين تڪراري يا غلطفهمي پيدا ڪندڙ انداز سان چو ٿو بيان ڪيو وڃي. (صفحو: 233 ۽ اڳتي). ان عمل کي بيان ڪندي "ڪروس" ان کي هڪڙو خاص اصطلاح ڏيندي لکيو آهي ته: "جيئن ڪاڏو ۽ شراب پنهنجي ظاهري شڪل برقرار رکندي، جسم ۽ رت ۾ بدلجي (Trans Substantiation) ويندا آهن تيئن "احساس" خواب جي تصويرن ۾ تبديل ٿي ويندا آهن." (ساڳيو ڪتاب صفحو: 246).

اڇڪلهه سپنن جي سرجڻ تي عضوياتي، جسماني ترغيب جو اثر گهڻو ڪري عالمي سطح تي قبول ڪيو ويو آهي پر انهن قانونن يا اصولن جا سوال، جيڪي انهن جي وچ ۾ لاڳاپن جو انتظام هلائن ٿا، تن متعلق جواب مختلف طريقن سان ۽ سي به گهڻو ڪري اڻ چٽي ۽ مبهم بيانن ذريعي ڏنا ويا آهن. عضوياتي، جسماني ترغيب جي بنيادي نظريي مطابق، خوابن جي تجزيي يا تعبير کي خوابن جي ستاءَ يا مواد مان عضوياتي، جسماني ترغيب جي اصل سبب کي تلاش ڪرڻ ۾ تمام مخصوص قسم جي مسئلن سان منهن ڏيڻو پيو آهي ۽ جيڪڏهن تجزيي لاءِ مقرر ڪيل "شيرنر" جي اصولن کي قبول نه ڪبو ته نهايت مشڪل ۾ وجهندڙ حقيقت سان منهن ڏيڻو پوندو ته رڳو اها ئي شيءَ آهي جيڪا عضوياتي، جسماني ترغيب جي وجود کي خواب جي ستاءَ يا مواد جي بلڪل هوبهو ظاهر ڪري ٿي.

هونئن به قبوليت يا هم آهنگيءَ جو ڇڪو خاصو تعداد موجود آهي، بهرحال گڏيل طور تي سپنن جي مختلف جوڙجڪ يا گهاڙيتي جي تجزيي کي مثالي، نمائندگي ڪندڙ يا مخصوص (Typical) انداز سان بيان ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته اهي تمام گهڻن ماڻهن ۾ ۽ نهايت هڪ جهڙي مواد يا متن وارا ڏٺا ويا آهن، مثال طور اهي، "مٽانهينءَ کان هيٺ ڪرڻ (Falling from height) ڏند جو ڪرڻ (Teath falling out) اڏرڻ (Flying) اگهاڙي ٿيڻ سبب لڄي ٿيڻ (Embarrassment at being naked) يا ناڪافي طور تي ڍڪيل يا گهٽ پهريل ڪپڑن (Insufficiently clad) جا خواب آهن. هي آخري خواب، سمهڻ واري جي حواسن وسيلي ساڃاهڻ سان واسطو رکي ٿو ته ننڊ دوران سندس چادر لهي وئي هئي ۽ هو هوا ۾ هجڻ جي عمل مان گذري رهيو

هو. ڏند جي ڪرڻ جي خواب کي "ڏند جي ئي جوش يا سور" سان لاڳو ڪيو ويو آهي. پر اها ڳالهه ضروري طور تي لاڳو نه ٿي ڪري سگهجي ته ڏند جو سور، مرض جي (Pathological) حوالي سان هجي. "استروميپيل" (صفحو: 119) مطابق "اڏرڻ جو سپنو" اهو تصور آهي، جيڪو ذهن جي ذريعي، تحرڪ جي ساڀيا جيان بلڪل موزون ۽ مناسب نموني ان تصور ۾ سمائجي ٿو وڃي جيڪو ڦڦڙن جي تهن تي انهن وقتن تي ايرڻ سان پيدا ٿيندو آهي، جڏهن چمڙيءَ سان چهڻ جا (Cutaneous) حواس، ڳچيءَ کان پيٺ تائين واري حصي ۾ قاسڻ/ پرجي وڃڻ جو احساس پيدا ڪندا آهن. اهي پوءِ جون حالتون آهن جيڪي ان احساس جي اڳواڻي ڪندیون آهن جيڪي هوا ۾ اڏرڻ يا پاڻيءَ ۾ ترڻ جي خيالن سان وابستا هوندا آهن.

"مٿانهينءَ کان هيٺ ڪرڻ" جي خوابن لاءِ اهو چيو وڃي ٿو ته اهي ٻانهن جو لڙڪي پوڻ يا مڙي ويل گوڏي جي اوچتي پکڙجي وڃڻ سبب، خاص ان وقت جڏهن چهڻ جي حواس جو زور/ دٻاءُ شروعات ڪري چڏي ۽ جاڳائڻ جي عمل ۾ دير هجي. اها چرپر تيسيتائين، چهاءَ جهڙا (Tactile) احساس پيدا ڪندي آهي، جيستائين هڪ پيرو ٻيهر جاڳ ٿئي ۽ ننڊ واري حالت مان جاڳڻ واري حالت ۾ وڃڻ جو عمل، مٿانهينءَ کان هيٺ ڪري پوڻ واري خواب ذريعي، جسماني صلاحيت جي نهايت چٽي نمائندگي ڪندو آهي. (ساڳئي ڪتاب جي صفحي 118 تي).

وضاحتن متعلق ورتل انهن ڪوششن جون ظاهري ڪمزوريون، جيئن به آهن، بهرحال اعتبار جوڳيون آهن ۽ ان حقيقت تي مبني آهن ته ڪنهن به ٻي شاهديءَ کانسواءِ انهن ڪامياب دليل مقرر ڪيا آهن، ته عضوياتي احساسن جو هي يا هو مجموعو ذهني دريافت يا ادراڪ ۾ داخل ٿئي ٿو يا گم ٿي وڃي ٿو. تيستائين نڪتو نِسري اچن ٿا، جيڪي خواب جي تفصيل بيان ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿا. مان ڪنهن ٻئي موقعي تي مثالي يا نمائنده خوابن جي سوال ۽ ان جي بنياد تي موٽي ايندس.

"سائمن" (صفحو: 34) انتظام هلائيندڙ طريقن جي انهن چند اصولن جي نتيجي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، جن ۾ عضوياتي ترغيب، ساڳي ئي قسم جي سپنن جي سنگهر جي پيٺ ذريعي، حاصل ٿيل خوابن جي تعين ڪري ٿي. هن اعلان ڪيو ته جيڪڏهن عضوياتي سرشتو جيڪو جذبن جي اظهار ۾ رواجي يا دستوري نموني ڪردار ادا ڪري ٿو ته ننڊ دوران اهو ڪنهن ٻاهرين (Extraneous) سبب جي ڪري، دماغي جوش واري حالت مان آيل هوندو آهي، جيڪو عام طور تي جذبن ذريعي ئي پيدا ٿيندو آهي، جنهن ڪانپوءِ خواب اپري ايندو آهي، جيڪو وابستا جذبن جي مخصوص ڪيل نظري تصويرن تي مشتمل هوندو آهي.

ٻيو اصول اهو ڄاڻايو آهي ته ننڊ دوران جيڪڏهن ڪو عضوو جذبات يا پريشاني ۽ بي آراميءَ سبب، تحرڪ جي حالت ۾ هوندو آهي ته خواب ان ڪم سان لاڳاپيل عمل جون نظري تصويرون پيش ڪري، واسطيدار عضوي جي ذريعي چوٽڪارو حاصل ڪندو آهي.

"مورلي وولڊ" (Mourly Vold. 1896) "خوابن جي پيداوار تي اثر" جي هڪ مخصوص ميدان کي تجرباتي طور ثابت ڪيو جيڪو طبعي يا جسماني جيو گهرڻ جي (Somatic) ايارينڊرعملي نظريي جي دعويٰ تي ٻڌل هو. سندس تجربا سمهڻ واري جي ٻانهن، ٽنگن يا پيرن جي ڦري/ مڙي ويل حالت ۽ ان ڪيفيت يا صورت مان نڪرندڙ نتيجن وارن خوابن جي تجزيي تي ڪيل آهن. ان حالت ۾ هن جي دريافت هن ريت آهي:

1. خواب ۾ جسماني عضون جهڙوڪ ٻانهن يا ٽنگن جي حالت يا ڪيفيت به لڳ ڀڳ ان ساڳيءَ ئي ڪيفيت سان واسطو رکي ٿي جهڙي حقيقت ۾ موجود آهي. اهڙيءَ ريت جڏهن اهي اصل ۾ ساڪن ٿي ويندا آهن ته اسان خواب ۾ به پنهنجي عضون کي ان سن ٿيل يا بي حرڪت حالت ۾ ڏسندا آهيون.
2. جيڪڏهن اسان خواب ۾ ڄنگهن يا ٻانهن کي چرندي پرندي ڏسندا آهيون ته اها به مختلف اندازن سان ٿيل اصل حالت واري چرپر سان واسطو رکي ٿي.

3. خوا. ، ڏسندڙ جي پنهنجي جنگهن ۾انهن جي ڪيفيت، ڪنهن ٻئي شخص جي جنگهن ۾انهن جي ڪيفيت بيان ڪندي به نظر اچي سگهي ٿي.
4. ان قسم جي چرپر ٿي سگهي ٿو خواب ۾ رڪاوٽ يا رنڊڪ جي صورت ۾ پيش اچي.
5. جنگهن يا ۾انهن جي اها حالت، ته ڪنهن جانور يا راڪاس جي صورت ۾ ظاهر ٿي سگهي ٿي. اهڙن معاملن ۾ سندن وچ ۾ ڪاڪ جو مشابهت به ڏٺي وئي آهي.
6. خواب ۾ ۾انهن جي حالت ٿي سگهي ٿو خواب ۾ انهن خيالن کي اپاريندي هجي جن جو ٿورو ڪي گهٽو تعلق به ۾انهن سان ٿي هجي. اهڙيءَ ريت جيڪڏهن آڳر جو تعلق آهي ته اسان انگن جو خواب ڏسندا آهيون.

مان اهڙي قسم جي دريافتن مان نتيجو اخذ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس، ته جيڪڏهن خود طبعي يا جسماني جيو گهرڻن جو اپاريندڙ عملي نظريو ڪنهن به صورت ۾ ڪاميابيءَ ڏانهن نه ٿو وڃي ته ارادي يا عزم جي بلڪل چٽي، علم موجودگيءَ ۾ اهو ڏسڻو آهي ته خواب جو نظري ستاءِ چا ٿو پيش ڪرڻ پسند ڪري.[1]

[1] هي حصو 1914ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي. مذڪوره ليکڪ جا پنهنجي تجربن تي ٻه ڪتاب (1910 ۽ 1912) شايع ٿيل آهن، جن جو حوالو اڳتي باب پنجين "خوابن جو مواد ۽ ماخذ" جي حصي ڇهين "خوابن ۾ جسماني جيوگهرڻن جو بنياد" ۾ ڏنل آهي.

(پ)

نفسياتي ترغيب جا بنياد/ ماخذ

PSYCHICAL SOURCES OF STIMULATION

اسان جڏهن خوابن جو جاڳ واري زندگيءَ سان واسطو ڪيو خوابن جي مواد متعلق خيالن جي ڏي وٺ ڪري رهيا هئاسين تہ اسان ڏٺو تہ خوابن جي موضوع سان وابستا پراڻا توڙي نوان شاگرد ان يقين تي متفق آهن تہ ماڻهو خوابن ۾ اهو ئي ڪجهہ ڏسندا آهن جيڪو ڏينهن دوران هنن ڪيو هوندو آهي يا ساڻن ٿي گذريو هوندو آهي. ڪو جاڳ دوران انهن جي دلچسپيءَ جي ڪهڙي ڳالهہ هئي! اها ئي دلچسپي جاڳ مان ڪجي ننڊ ۾ ايندي آهي. خواب ڪو جاڳ جي وچ واري واسطي ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڏهني بندش نہ هوندي آهي. پر رهندو اسان کي خواب جا ڪجهہ وڌيڪ ئي ڏريعا مهيا ڪري ڏيندو آهي ڪو اهي اهڙا نہ هوندا آهن جو ڪو انهن سان نفرت ڪري سچ پچ تہ خواب. ان دلچسپيءَ سان ڳانڍاپو پيدا ڪندو آهي. جيڪا ننڊ دوران سرجندي آهي. اها ترغيب جيڪا سمهڻ واري جي خيالن تي اثرانداز ٿيندي آهي. تي سگهي ٿو تہ اها خواب جي سمورين تصويرن جي اصليت کي آسانيءَ سان بيان ڪري وڃي. پر اسان ان بابت مخالف دعوائون بہ پڌريون آهن. جڏ تہ خواب سندس ڏينهن جي دلچسپين تان هٽ ڪٽائيندو هجي ڪو جيئن تہ اصول آهي تہ اسان رڳو انهن شين متعلق خواب ڏسڻ شروع ڪندا آهيون جيڪي ڏينهن دوران اسان جي خيالن کي متاثر ڪنديون آهن. جيڪي پوءِ جاڳ دوران ئي پنهنجي اصل شدت يا دلچسپي وڃائي چڪيون هونديون آهن. اهڙيءَ ريت اسان هر قدم تي پنهنجي خوابن جي دنيا جا تجزيا پيا ڪندا آهيون. ڪو محسوس بہ ڪندا آهيون تہ پاڻ کي وضاحت ڏيڻ کانسواءِ اهڙي قسم جي ڳڙ پرين گفتن جي ذريعي نتيجو ڪڍڻ ناممڪن آهي. مثال طور "لڳاتار"، "اصول" ۽ "گهٽن معاملن ۾" بنا ڪنهن منصوبا بنديءَ يا تياريءَ جي اميدن ۽ آسرن جي جواز کي قبول ڪري ونندا آهيون.

جيڪڏهن اسان ان حقيقت کي مجون ٿا تہ جاڳيل دلچسپيون. ننڊ دوران. خوابن جي علت شناسي (Aetiology) پنهنجي اندروني ۽ بيروني ترغيب سان گڏ ضرورت مطابق نيڪال ڪري چڪيندي آهي ۽ اسان خواب جي هر هڪ عنصر جي بنياد يا آغاز کي ڪا نہ ڪا مناسب ۽ اطمينان جوگي صورت ڏئي قبول ڪري ونندا آهيون تہ: "سپنن جي سرجڻ واري بيرولي سلي وڃي" تہ ڪنهن خاص خواب جي جسماني ۽ طبعي جيوگهرڻن جي ترغيبي شراڪت واري وصف کي بيان ڪرڻ وارو معاملو وري بہ رهجي ويندو آهي. اصل ۾ خواب جي متعلق ايجان تائين ڪابہ مڪمل وضاحت حاصل ٿي نہ سگهي آهي ۽ جنهن بہ ان کي سلڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ اهو رڳو ڪي حصا (عام طور تي گهٽي تعداد جا حصا) ئي ڳولهي سگهيو آهي. پر انهن جي اصليت يا ابتدا متعلق چوڻ لاءِ وٽس ڪجهہ بہ نہ آهي.

ڏينهن واريون دلچسپيون تہ چڪيون ۽ پڌريون ٿين ٿيون پر خوابن جي بنياد يا ڪارڻن کي ڳولهڻ پهچ کان ايترو پري بہ نہ هوندو آهي. جيئن غير مشروط اثباتي دعويٰ مان اميد رکي وڃي ٿي تہ هر ڪو پنهنجي روزاني ڪار وهنوار کي خوابن ۾ ڪٽي وڃي هلائي سگهي ٿو.

ٻي ڪنهن بہ طبعياتي يا نفسي ماخذن متعلق گهٽي معلومات ڪانہ ٿي ملي. ان ڪري خوابن جي موضوع تي جيڪي بہ وضاحتون ادب ۾ ڏنل آهن. سي "شيرنر" جي ممڪن دعويٰ سان. اڳتي بيان ڪيون ويندين. جن تمام گهٽي خلا بہ ڇڏي آهي خاص ڪري تڏهن. جڏهن تصور واري انداز يا تمثيل (Ideational) متعلق ان جي آغاز جي باري ۾ سپرد ٿيل معاملن تي اچجي ٿو جيڪي خوابن جي تمام گهٽي ڪرداري خصوصيتن جي مواد جي جوڙجڪ کن ٿا. ان قسم جي پريشانيءَ واري صورتحال ۾ هن موضوع تي ليڪڪن جي وڏي تعداد خوابن کي اپارينڊ طبعياتي عنصرن ڏربعي ادا ڪيل ڪردار کي ممڪن حد تائين مختصر

ڪري پيش ڪيو آهي، ڇاڪاڻ ته انهن حقيقتن تائين رسڻ نهايت مشڪل ڪم آهي. اهو سچ آهي ته انهن خواب کي هن خاص درجن ۾ تقسيم ڪيو آهي، جيڪي هن ريت آهن:

1. اهي خواب جيڪي اعصابي (Nervous) تحرڪ يا ترغيب جي سبب اچن ٿا"
2. اهي خواب جيڪي تعلق يا رشتن جي سبب اچن ٿا."

پوءِ انهن جا ماخذ امتيازي طور تي ان مواد يا موضوع کي ٻيهر پيش ڪن ٿا، جيڪي اڳ ۾ ئي تجربي هيٺ آيل هوندا آهن. "وونٽ" (صفحو: 657). "جيتوڻيڪ اهي شڪ شبهي کان چوٽڪارو نه ٿا ڏئي سگهن." "توڙي جو ڪو به سپنو طبعي يا جسماني جيوگهرڻن جي اپاريندڙ عمل کانسواءِ به جاءِ والاري سگهي ٿو" "والڪيلٽ" (صفحو: 127).

خاص طور رشتن ناتن سان واسطو رکندڙ خوابن کي بيان ڪرڻ انتهائي مشڪل آهي. "طبعي يا جسماني جيوگهرڻن جي اپاريندڙ عمل پاران آيل، فطري ميل رکندڙ خوابن ۾ باضابطا، ڪنهن ٽوس انداز سان گهرائيڙ جو سوال پيدا نه ٿو ٿي سگهي. رهندو هر خواب جو مرڪز ڪنهن ڏيري انداز ۾ هڪ ٻئي سان تصور يا تمثيلي انداز جي عمل ۾ ڳنڍيل رهي ٿو جنهن ۾ ڪو به خواب، ڪنهن سبب يا عقل فهم جي ضابطي هيٺ نه هوندو آهي، اهو هر ويجهڙائيءَ واري جي اهم طبعي يا جسماني طور اپاريندڙ عمل يا ذهني جوش اپاريندڙ عمل سان سلهاڙيل هوندو آهي، ۽ سيربين (Kaleidoscope)[1]، جهڙا پنهنجا بدلجندڙ رنگ تياڳجي ويندا آهن. ان جاءِ تي پنهنجا منجهائيندڙ عڪس گڏوڇڙ ٿي ويندا آهن."

"وونٽ" (ص: 7 ۽ 656) پڻ خوابن جي چورڻ يا اپارڻ وارن جسماني يا نفسي جزن کي گهٽائي پيش ڪيو آهي. هن انڪشاف ڪيو آهي ته خالص وهمن ۽ سودائن (Hallucinations) جيان، انهن جزن ۾ خوابن جي خوش خيالن (Phantasms) جي متعلق ڪو به جواز نظر نه ٿو اچي. خوابن جا ڪيترائي نظري عڪس حقيقت ۾ چل يا تصور (Illusions) ئي هوندا آهن، جيڪي بيهوشيءَ واري حالت ۾ ادراڪ جي تاثر مان اپرندا آهن، جيڪي ننڊ دوران دستبردار ٿيل يا رڪيل نه هوندا آهن.

"ويگانٽ" (ص: 17) اهو ساڳيو ئي رايو اختيار ڪيو ۽ عام انداز ۾ ان کي لاڳو ٿيندڙ ٻڌايو آهي. هن سپنن جي سموري سٽاءَ متعلق دعويٰ ڪئي ته "انهن جا ابتدائي سبب طبعي يا جسماني جيوگهرڻن جو اپاريندڙ عمل آهي ۽ جيڪي رڳو بعد ۾ ٻيهر ظاهر ٿيڻ جي ناتي انهن سان سلهاڙجي وڃن ٿا." "تيسي" (ص: 183) پڻ جسماني يا طبعي ترغيبن جي ذريعن/ بنيادن کي ڪنهن حد ۾ رڪڻ لاءِ ٿورو اڳيرو ٿيو: "ته مڪمل طور تي جسماني يا طبعي بنياد رکندڙ خواب، جو ڪوبه وجود نه آهي. "خيال" اسان جي ذهن ۾ باهران ايندا آهن. (ف ـ س).

اهي ليکڪ جيڪي، "وونٽ" جهڙا معزز فيلسوف آهن، انهن وري وچين صورت اختيار ڪئي آهي ۽ نشاندهي ڪندي به پوئتي نه هٽيا آهن ته ڪيترن خوابن ۾ طبعي جيوگهرڻن جو اپاريندڙ عمل ۽ عضوياتي طور هلچل پيدا ڪندڙ عمل (ڏينهن جي جاتل يا اڻ جاتل دلچسپين جيان) هڪ ٻئي سان سهڪار ڪندا آهن."

اسان اڳتي ڏسنداسين ته سپني جي جوڙجڪ جو اسرار (Enigma) تحرڪ يا ترغيب جو جسماني ماخذ، نئين پڌرائيءَ ذريعي ڪيئن ٿو حل ڪري سگهجي. ساڳئي وقت خوابن جي جوڙجڪ ۾ ترغيب، جيڪا ذهني زندگيءَ مان نه ٿي ايري، ان جي وت کان وڌيڪ ادا ڪيل ڪردار تي اسان کي ڪنهن به قسم جو اچرج نه ٿوٽئي ۽ نه ئي انهن جي ڪوڄ لڳائڻ يا تجرباتي تصديق ڪرڻ کي سولو ڪم آهي، پر خوابن جي پيدا ٿيڻ جو طبعي ترغيبي جائزواج جي نفسياتي علاج جي طريقي ۾ "خيال" جي مروج لاڙي سان گڏ، بلڪل ساڳئي قطار ۾ بيٺل آهي.

---

[1] رنگين شيشي جي ڊرڻن واري نندي نلڪي، جنهن ۾ ڪندي انداز سان آئينا پيل هوندا آهن، جنهن جي ڪيرائڻ سان مختلف رنگين نقش نهندا آهن. (ب ـ م)

اهو سچ آهي تہ عضوياتي نظام تي ذهن جو غلبو نهايت چٽي اعتماد سان بچاءَ ڪندو آهي، ان جي باوجود ڪا بہ شيءَ جيڪا ذهني زندگيءَ متعلق ڪنهن بہ صورت ۾ بيان ڪري سگهڻ جهڙين خودمختيار عضوياتي تبديلين ڏانهن اشارو ڪري سگهي ٿي، نہ تہ بہ انهن جون وضاحتون جديد نفسياتي علاج ڪندڙ ماهر کي هر حالت ۾ بي اختيار چتاءَ ڏئي سگهن ٿيون. جڏهن تہ ان قسم جي شين جي مڃتا اسان کي اڪثر نموني گذريل وقتن جي فڪري حڪمت عملي، ۽ ذهن کي مافوق الفطرت خيالن ڏانهن ڇڪي وبندي نفسياتي طور علاج ڪندڙ جي ذهن جا شڪ شبها ۽ بي اعتباري ذهنن ۾ جاءِ والاربندي، ائين ئي جيئن اهي معاملا هدايت ڏيندڙن جي هٿ هيٺ هئا، ۽ هاڻي بہ اهي ان ڳالهہ تي زور ٿا ڏين تہ "ماڻهوءَ جي ڪابہ امنگ يا من اُڇل (Impuls) اهو باور نہ ٿي ڪرائي سگهي تہ ان ۾ سندس بہ ڪا مرضي آهي." سندن رويي مان رڳو اهو ٿو ظاهر ٿئي تہ منجهن ڪيترو نہ معمولي قسم جو اعتبار آهي، تہ عضوياتي چرپر ۽ ذهني سوچن جي وچ ۾ رڳو اتفاقي ڳانڍاپو آهي. جڏهن تہ خود کوجنا بہ اهو ظاهر ڪري ٿي تہ ابتدائي طور تي مشاهدي ۾ ايندڙ واقعي متعلق اياريندڙ سبب، جسماني آهي. تفصيلي تحقيق ضرور هڪ نہ هڪ ڏينهن ايندڙ رستو ڳولهي ونڊندي ۽ ذهني واردات جي لاءِ عضوياتي بنياد کي دريافت ڪري ونڊندي، پر جيڪڏهن هن وقت جي ڳالهہ آهي تہ اسان ان کي في الحال "ذهني لاحد" ۾ ڏسي نہ ٿا سگهون پر ان جي هجڻ کان انڪار جو بہ ڪو سبب ڪونہ آهي.[1]

[1] هن باب ۾ آيل موضوع تي ٻيهر باب پنجين "خوابن جو مواد ۽ ماخذ" جي حصي ٽئين خوابن ۾ جسماني جيوگهرڻن جو بنياد" ۾ لکيو ويو آهي.

(4)

جاڳڻ کانپوءِ سپنا وسري ڇو ويندا آهن؟

WHY DREAMS ARE FORGOTTEN AFTER WAKING

اها هڪ وڏي ۾ مثالي حقيقت آهي ته خواب، صبح ٿيڻ سان گم ٿي ويندا آهن. اهي يقينن ياد اچي به سگهن ٿا: عام طور تي جاڳڻ کانپوءِ اسان پنهنجي سپنن کي سارينداآهيون ته خبر پوندي آهي، پر اسان کي گهڻو ڪري اهو به احساس ٿيندو آهي ته اسان کي خوابن جا رڳو ڪجهه حصا ئي ياد اينداآهن، حالانڪ رات دوران اسان گهڻو ڪجهه ڏٺو هوندو آهي.

حواسن کي جائيتو ڪري خواب کي ٻيهر ڪيئن ياد ڪجي؟ صبح ٿيڻ تائين به اسان جي ذهن ۾ بلڪل جيئرو جاڳندو موجود هوندو آهي! پر جڏ وجايل هوندو آهي، بنا جاڳڻ جي ته سڀني ۾ اسان ڇا ڏٺو آهي، بس رڳو هڪ مختصر مهڪ، سارو ڏينهن من کي معطر ڪندي آهي. اسان گهڻو ڪري سمجهندا آهيون ته بس اسان کو سهاڻو سپنو ڏٺو آهي، ۽ ماڻهو گهڻو ڪري خوابي حقيقت جي وساريل امڪاني ڪارٽن سان اهڙي انداز سان سهمت ٿي ويندا آهن، ڇاڪاڻ ته امڪاني صورت ۾ ڏٺل خواب ۾ اهڙي ڪا خرابي ڪا نه هوندي آهي، ته رات هن جيڪو خواب ڏٺو هو ان جو ڪمال وري اهڙو جو صبح ٿيندي ئي ڪائنس وسري به ويو آهي! ۽ اهو به وسري ويو آتس ته هن خواب ۾ ڇا ڏٺو آهي! اها حقيقت پڻ آهي ته هن بهرحال خواب ڏٺو هو. پر صبح سان ڪيس ڪجهه ياد نه هو.

ٻئي طرف ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته خواب ذهن ۾ پنهنجي موجودگيءَ کي شدت سان محسوس ڪرائيندا آهن. اهڙو تجربو مون کي پنهنجي مريضن جي خوابن جو تجزيي دوران ٿيو جيڪي انهن کي پنجويهن سالن ۽ ان کان اڳ جي عمر ۾ نظر آيا هئا، ان ڏس ۾ مان پنهنجو به هڪ اهڙو خواب ياد ڪري سگهان ٿو.... جيڪو مون اڄ کان ستٽيهه سال اڳ ڏٺو هو جيڪو اڄ به منهنجي ذهن ۾ پنهنجي سموري تازگيءَ سان موجود آهي. اهي سيئي غير معمولي خواب آهن، پر هڪدم ۽ چٽائيءَ سان سمجهه ۾ ايندڙ به نه آهن.

خوابن جي ويساري متعلق تفصيلي ڳڻو خاصو مواد "استرومپيل" (صفحو: 79) ڏنو آهي. اها "استرومپيل" جي ڪيل ڪوجنا جي، نهايت صاف طور تي مشاهدي ۾ آيل ان ڏهايل، پيڙا يا ذهني حالت جي صورت آهي، جيڪا انساني ورتاءَ تي سخت اثرانداز ٿيندي آهي، جنهن جو ڪو به هڪڙو سبب نه پر انهن لاءِ تمام گهڻا سبب ڄاڻايا ويا آهن.

پهرين ڳالهه ته اها آهي ته اهي سمورا سبب جيڪي جاڳ واري حالت ۾ ويساري جي اڳواڻي ڪن ٿا، ساڳيا اهي ئي خوابن جي لاءِ عملي صورت جا حامل ٿين ٿا. اسان جڏهن جاڳيل هوندا آهيون ته اڻ ڳڻ احساس ۽ ادراڪ پريون ڳالهيون سدائين وساري به ويهندا آهيون، ڇاڪاڻ ته اسان ان معاملي ۾ ڪافي ڪمزور آهيون يا ڇاڪاڻ ته انهن سان دماغي جوش جذبو اپاريندڙ معاملا، نهايت معمولي يا هلڪي ڦلڪي انداز سان وابستا هوندا آهن، پر انهن مان ئي ڪيترا معاملا خوابي مظهر جو روپ ڌارڻ ڪندا آهن. حالانڪ اهي به وسري ويل ئي هوندا آهن، پر يادگيرين ۾ اهي ڪمزور حالت ۾ موجود رهجي ويندا آهن، ان جي پيٽ ۾ وري نهايت مضبوط نظري خاڪا، يادن جي پسگردائيءَ کي گهيرو ڪري ٻيهندا آهن. پر شدت جو عنصر بهرحال، تعين ڪرڻ جي صورت ۾ ايترو پاڻ پرو نه هوندو آهي جو سپني جي ستاءَ کي ياد ڪري سگهي. "استرومپيل" (صفحو: 82) ٻين ليکڪن، مثال طور "ڪاڪنس" (Calkins,1893,312) جيان مڃي ٿو ته:

"اسان گهڻو ڪري خوابن ۾ ڏٺل منظر وساري ويهندا آهيون، جن کي زندگيءَ سان پرپور به سمجهندا آهيون، جيتوڻيڪ تمام گهڻو تعداد پاڻ جيان هوندو آهي، جنهن ۾ حواسي قوت جي گهٽتائي هوندي آهي، پر اسان جي يادگيرين جي

خزاني ۾ بهرحال جمع ٿيل هوندو آهي. ان ڪري اسان جڏهن جاڳندا آهيون تہ اهو واقعو آسانيءَ سان وسري ويندو آهي، جيڪو رڳو هڪڙو پيرو ظاهر ٿيو هو ۽ حالانڪہ ڏيان ڏيڻ جهڙو بہ هو تہ ڪهڙي ادراڪ جو ورجاءُ ٿيو هو. هاڻي اها ڳالهہ بہ ياد رکڻ گهرجي تہ ڪيترائي خوابي مظهر نهايت غير معمولي تجربي تي ٻڌل هوندا آهن."[1]

اهڙي ڳالهہ مندائتي مينهن جيان ٻيهر رونما ٿيندڙ گهڻن ئي خوابن جي سلسلي ۾ بہ ڏٺي وئي آهي.

۽ اها ئي "حقيقت" وڏي اهميت سان اسان جي خوابن جي ويساري ۾ حصو وٺندي آهي، جنهن جي وسارائڻ جو "اهو مقصد" بہ ڪنهن تمام گهٽي ڏورانهين اهميت سان ڳنڊيل هوندو آهي. جيڪڏهن احساس، منصوبا يا خيال وغيره پڇاڻيءَ تي پهچائڻ جي ڪنهن خاص درجي جي اثر پذيريءَ لاءِ ياداشت ۾ موجود هوندا آهن تہ ضروري نہ آهي تہ اهي ائين ويڳاڻپ اختيار ڪن، پر لاڳاپيل سلسليوار يا ڪڙوڪڙيءَ سان مليل واقعن (Concatenations) ۽ گروهہ بنديءَ جي خاص رڃابنديءَ سان پيش ڪرڻ جو بندوبست ڪندا آهن. "جيڪڏهن ڪنهن شعر جي هڪ ننڍڙي ست جي اکرن کي ورهائجي ۽ اهي سمورا اکر هڪ ٻئي سان رلمل ٿي وڃن تہ انهن کي ياد رکڻ نهايت مشڪل آهي، پر جيڪڏهن اکر مناسب طريقي سان ان جي لاڳاپيل صنف ۾ ترتيب ڏنا وڃن تہ هڪڙو اکر ٻئي اکر جو سهڪاري نظر ايندو اهڙيءَ ريت سموري ست با معنيٰ ٿي پوندي ۽ نهايت آسانيءَ سان ياد بہ ٿي ويندي ۽ گهٽو عرصو ذهن ۾ بہ موجود رهندي. عام حالت ۾ مشڪل ۽ غير معمولي ڳالهہ بہ ذهن ۾ موجود هوندي آهي پر اها ان تجزيي مطابق هوندي آهي تہ ڪهڙي غير احساساتي آهي، ڪهڙي منجهيل ۽ ڪهڙي بي ترتيب آهي." "استرومپيل" (صفحو: 83).

هاڻي ڏٺوسين تہ ڪيترن ئي معاملن ۾ سپنن ۾ ذهانت ۽ ترتيب جي گهٽتائي هوندي آهي. اها جوڙجڪ جيڪا سپني جي ستاءَ جو انتظام هلائيندي آهي، اها انهن لياقتن کان وانجهيل هوندي آهي، جيڪا انهن جي ياد رکڻ کي ممڪن بڻائيندي آهي، ۽ اهي ڳالهيون وسري ويندیون آهن. چاڪاڻ تہ اصول آهي تہ اهي ٿورو وقت پوءِ ۽ حصن جي صورت ۾ ايندیون آهن.

"راڊيستاڪ" (صفحو: 168) دعويٰ ڪري ٿو تہ هن مشاهدو ڪيو آهي تہ اهو هڪڙو انتهائي نرالو خواب هوندو آهي، جيڪو ڏاڍي سني نموني ياد اچي ويندو آهي، ۽ هو اهو بہ قبول ڪري ٿو تہ اهو اصل معاملي سان مشڪل سان ئي ميل کائيندو آهي.

"استرومپيل" (صفحو: 82) جو ويساهہ آهي تہ جاڳ ۽ خواب جي درميان لاڳاپن مان ٻيا بہ ڪيترائي عنصر هلي اچن ٿا، جيڪي سپني جي وسري وڃڻ ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. وسارڻ جي صورت ۾ سپنن جي ذميداري، جاڳيل شعوري حالت جي ذريعي رڳو هڪ ٻئي سان ملندڙ ان حقيقت جي چٽائي آهي، جنهن کي اڳ ۾ بيان ڪيو ويو آهي، تہ خواب، جاڳ ـ جيون جي يادگيرين مان، ان جي ترتيب مطابق مشڪل سان ڪٽندو آهي، پر رڳو انهن مان ان تفصيل جي چونڊ ڪندو آهي جيڪا ان نفسياتي عبارت مان چڪيل هوندي آهي، جيڪا جاڳيل حالت ۾ عام طور تي ياد هوندي آهي. اهڙيءَ ريت سپني جو ستاءُ ذهني قوت جي تسلسل جي رفاقت ۾ رکا بہ جاءِ نہ ڳولهي سگهندو آهي، جنهن ـ ان ذهن پريل هوندو آهي. اتي ڪجهہ بہ نہ هوندو آهي جيڪو اسان کي ياد ڏيارڻ ۾ مدد ڪري سگهي. "ان طريقي سان اهي خوابي گهاڙيٽا، جيئن هوندا آهن، تيئن ئي اسان جي ذهن جي توانائي زمين تان کڄي بادلن وانگر، ذهن جي نفسي صلاحيتي خلا ۾ ترندا آهن، ۽ ساهہ ذريعي کڄيل ڪنهن هلڪي جهلڪي سان وکري وکري ويندا آهن." "استرومپيل" (صفحو: 87).

جاڳڻ بعد گهٽو ڪري حواسن جي شعوري دنيا، انهن کي اڳتي ڏکي ڇڏيندي آهي، ۽ هڪدم پنهنجي پوري شدت سان هٿ يا خيال تي قبضو ڪري وٺندي آهي، جيڪا چند خوابي تصويرن جو دفاع ڪري سگهندي آهي، تہ جيئن اتي پڻ

---

[1] "شابانيڪس" (Chabaneix, 1897) جي مجموعي تان ورتل (ص: 278).

ساڳئي رخ ۾ هڪ ٻيو عنصر رکوالي ڪري سگهي. سپنا، نئين ڏينهن جي تاثر کان اڳ ۾ رستو ڏيندا آهن، ائين جيئن سج اپرڻ کان اڳ ۾ ستارن جو آب تاب جهڪو ٿي ويندو آهي.

بهرحال دماغ ۾ هڪ ٻي حقيقت پيدا ٿيندي آهي، جا سپنن جي ويساري جي اڳواٽي ڪندي آهي. ڇاڪاڻ ته ڪيترائي ماڻهو پنهنجي خوابن جي باري ۾ دلچسپي گهٽ رکندا آهن. ڪو به، پلي ته اهو مشاهدي ۽ تجربي ذريعي کوجنا ڪندڙ ئي هجي، پنهنجي خوابن ڏانهن پورو ڌيان ڏيندو ته ٿورڙي ئي عرصي ۾ ڪيس هميشه کان ڪجهه وڌيڪ ئي سپنا اچڻ شروع ٿي ويندا، جنهن جو مطلب آهي ته هو بيشڪ پنهنجي سپنن کي نهايت آساني ۽ لاڳيتو ٽيڙ واري حالتن ذريعي ياد رکي سگهي ٿو.

به ٻيا سبب: ته سپنا وسري ڇو ٿا وڃن؟ جنهن کي "بيننني" (Benini.1898,155,6)، "بونائيلي" (Bonatelli.1880) جي حوالي سان جيئن "استرومپيل" شامل ڪيا آهن، پيش ڪيو آهي ۽ انهن ٽن مثالن کي اڳتي وڌايو آهي، جن جو ذڪر به اڳ ۾ ئي اچي چڪو آهي. جيڪي هن ريت آهن:

1. ته جسم جي اندرين عضون جي احساسن جي تجربي مان لنگهڻ واري گڏيل صلاحيت (Coenaesthesia) جي ڦيرگهير يا مٽ ستا، هڪ ٻئي کي ساڳئي موٽ ڏيڻ جي صورت ۾ ننڊ لاءِ توڙي جاڳ لاءِ ٻيهر سرجنا ڪرڻ (ٻنهي حالتن لاءِ) فائديمند نه هوندي آهي.
2. ته سپنن ۾ تصورسازيءَ جي مواد جو مختلف انتظام ترجمو نه ڪري سگهڻ جي صورت اختيار ڪندو آهي، جهڙيءَ ريت جاڳيل شعوري حالت ۾ ٿيندو آهي.

خوابن جي ويساري متعلق انهن سمورن دليلن جي پيش نظر حقيقت اها آهي (جيئن "استرومپيل" (صفحي 6 تي پاڻ زور ڏنو آهي) ته اهي ڪي غير معمولي قسم جا خواب هوندا آهن، جيڪي ذهن ۾ ويهجي ويندا آهن ۽ سدائين ياد رهندا آهن.

سپنن جي سانيڀ واري خزاني تي حڪمراني ڪندڙ اصولن کي تسليم ڪرڻ جي موضوع متعلق ليڪڪن جي وري وري ڪيل ڪوششن مان اهو اقرار ڪيل نظر اچي ٿو ته اسان پڙ چند مونجهارن ۽ واضح نه ٿي سگهندڙ صورتحال سان منهن ڏٽي رهيا آهيون. ويجهڙائيءَ ۾ صحيح طور تي ۽ وڏي شدمد سان سپنن جي سانيڀ جون ڪجهه خاصيتون ظاهر ڪيون ويون آهن. "راڊيستاڪ" (صفحو: 169) ۽ "تيسي" (صفحو: 148) جهڙن ليڪڪن جو خيال آهي ته "حقيقت ۾ خواب جڏهن صبح جو نظر ايندو آهي ته وسري ويندو آهي، ۽ اهو ساري ڏينهن جي هڻ پٽ دوران به ياد نه ايندو آهي، پر ان جو متن، جيتوڻيڪ وسريل هوندو آهي تڏهن به ڪنهن موقعي تي اهو دماغ ۾ اچي به ويندو آهي.

پر سپني جي سانيڀ عام طور تي، ڪنهن اختلاف کي ضرور کوليندي آهي، جيڪا تنقيدي راءِ مطابق پنهنجي قدر کي گهٽائڻ جي لاءِ پابند هوندي آهي، هيل تائين خوابن جو ايترو وڏو تعداد، مجموعي طور تي گم ٿي ويل هوندو آهي، جنهن سبب اسان شڪ ۾ مبتلا ٿي سگهون ٿا ته ڪيتري قدر اسان جي ياداشت انهن لاءِ، پويان چا ڇڏيو آهي، ۽ اهو غلط ثابت نه ٿو ٿي سگهي.

سپنن جي ٻيهر سرجنا، انهن شبهن، ۽ واقعن جي هوبهو هجڻ واري حالت کي "استرومپيل" (صفحو: 119) واضح ڪيو آهي ته: "اهڙيءَ ريت اها ڳالهه آساني سان ٿي سگهي ٿي ته جاڳ واري شعوري حالت، خواب جي ياداشت ۾ غير ارادي طور تي هٿ چراند ڪندي هجي: اسان پاڻ ئي پاڻ کي خوش ڪرڻ لاءِ دليل ڏيندا آهيون ته اسان خواب ۾ هر قسم جون شيون ڏسندا آهيون، جيڪي اصل خواب سان لاڳاپيل نه به هوندیون آهن."

"جيسن" (صفحو: 547) هن نڪتي تي خاص زور ڏيندي لکيو آهي ته: "ان کان علاوه ساڳئي اصول سان هلت رکندڙ ۽ منطقي طور تي ڳنڍيل خوابن جي کوجنا ۽ تجزيي ۾ ڪا مخصوص ۽ اثر انداز ٿيندڙ حالت، ذهن ۾ پيدا ضرور ٿيندي، جنهن کي، جيئن مون ڏٺو آهي ته هن وقت تائين ان تي تمام مختصر ڌيان ڏنو ويو آهي. اهڙن معاملن ۾ سچ (Truth)، حقيقتن متعلق گهٽو ڪري ۽ سدائين اڻ چٽو يا مبهم رهندو آهي، ته جڏهن اسان اهڙي قسم جي خوابن کي ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا

آهيون تہ اسان ذري گهٽ ۾ هميشہ غير ارادي طور تي ۾ حقيقت تي ڏيان ڏيڻ کانسواءِ ئي انهن خواب نظارن جا خال پيا پريندا آهيون. اهو بہ ڪڏهن ڪڏهن يا وري ڪڏهن بہ نہ تہ منطقي طور تي ڳنڊيل يا سمجهہ ۾ ايندڙ خواب، حقيقت ۾ بہ سمجهہ ۾ ايندڙ آهن يا؟ جيئن اسان کي پنهنجي يادن ۾ نظر ٿو اچي تيئن درست آهي.

سچ ۾ سونهن سان پيار ڪندڙ گهٽا ماڻهو بہ ڏيان ڏيڻ جهڙي سپني ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ وڌاءَ يا ناهہ ٿوهہ ڪرڻ کانسواءِ ورلي ئي يادن سان وابستا سمجهڻ جي لائق هوندا آهن. انساني ذهن جو رجحان، هر ڳالهہ کي ڪنهن نہ ڪنهن سان ڳنڊيل ڏسندو آهي، ۾ اهو ايترو تہ مضبوط هوندو آهي جو ياداشت ۾ منطقي طور تي وابستا، هر قسم جي ڪمي ڪوتاهيءَ جو غير ارادي طور تي پورائو ڪري ڇڏيندو آهي. پر اهو بہ تہ ئي سگهي ٿو تہ اتي ڪو اڻ لاڳاپيل خواب موجود هجي."

ڪجهہ رايا "ايگر" (صفحو: 41) بہ جوڙيا آهن، ان ۾ شڪ نہ آهي تہ جيتوڻيڪ اهي، بلڪل آزاديءَ سان آيل آهن، اچو تہ اوهٰ ن کي ان جي ٽڪري جو ترجمو پڙهايان:

"خوابن جي مشاهدي ڪرڻ لاءِ ڪي خاص قسم جون دشواريون آهن، اهڙن معاملن ۾ انهن سمورن مونجهارن کان بچڻ جي صورت اها آهي تہ انهن کي بنا دير جي ڪاغذ تي لکي ڇڏجي تہ اسان کي ڪهڙو تجربو ٿيو يا اسان ڪهڙو مشاهدو ڪيو پوءِ صورت ۾ غفلت، لاپرواهيءَ يا ويسر جي ڪري، مڪمل نہ تہ بہ ڪو حصو ئي سهي، اوجتو اچي پڌاريندو آهي. مڪمل طور تي غفلت يا لاپرواهي ڪا وڏي خطرناڪ ڳالهہ نہ آهي، پر اٽپوري غفلت يا لاپرواهي، دوکو ڏيندڙ هوندي آهي. پر جيڪڏهن اسان ان ڳالهہ ڏانهن ڏيان ڏينداسين تہ اسان ڪهڙي ڳالهہ نہ وساري آهي تہ اسان ان قابل ٿي ويندا سين جو اسان پنهنجي مشاهدي ۾ تخيل مان ان منطقي طور تي اڻ لاڳاپيل الڳ ٿي ويل، اڻ پوري حصي جو يادن جي سجايل موڙيءَ ذريعي پورائو ڪري سگهنداسين.... اسان غير ارادي طور تي تخليقي فنڪار هوندا آهيون، ۾ سچي يا من گهڙت ڪهاڻي، جيڪڏهن وقت بوقت پئي ورجائبي تہ اها ليڪ جي پنهنجي اعتقادن تي پنهنجو پاڻ جمي ويندي ۾ هو ان جي پڄاڻي بہ نهايت وفاداريءَ سان پيش ڪندو بلڪل جائز ۾ قائم دائم انداز سان، جڙ ڪا پڪي پختي حقيقت هجي. (ف ـ س).

اهڙا ساڳيا خيال "اسپيٽا" (صفحو: 338) بہ بيان ڪيا آهن. هو اهو يقين ڪندي نظر اچي ٿو تہ اسان خواب کي ان وقت تائين ڀيهر سرجڻ جي ڪوشش نہ ٿا ڪريون، جيستائين اسان ان سان ٿوري ڊري طريقي سان ڳنڊيل عنصرن کي ڪو حڪم نہ ٿا ڪريون: اسان شيون تبديل ڪندا آهيون، جيڪي فقط تسلسل جي صورت ۾ گڏ گڏ يا ملائي رکڻ لاءِ يا وقتي ڳانڊاپي لاءِ تہ جيئن چئجي تہ اسان منطقي ڳانڊاپي جو هڪ طريقو متعارف ڪرايو آهي جنهن جي خواب ۾ گهٽتائي هئي."

هيل تائين رڳو اهو جاچيوسين تہ اسان کي پنهنجي ياداشت جي جواز بابت خارجي يقين آهي، ۾ هيل تائين اهو خوابن لاءِ ميسر نہ هو جيڪي اسان جا پنهنجا شخصي تجربا ۾ جيڪي اسان وٽ اسان جي ياداشت جا واحد ذريعا موجود هئا ان صورت ۾ اسان پنهنجي سپنن جي سارڻ کي ڪيتري اهميت ڏئي سگهيا آهيون؟"[1]

---

[1] هن حصي ۾ اٽيل ان سوال کي اڳتي باب ستين "خوابن جي عمل جو نفسياتي پهلو" جي حصي، پهرين "خوابن جو وسري وڃڻ" ۾ ڪنيو ويو آهي.

(5)

خوابن جي نفسياتي خاصيتن جي سڃاڻپ / فرق
DISTINGUISHING PSYCOLOGICAL CHARACTERISITIC OF DREAMS

خوابن جي باري ۾ اسان جو مشاهدي ۽ تجربي ۾ آيل غور فڪر، مفروضي، قياس يا گمان ڪانسواءِ شروع ٿئي ٿو چاڪاڻ ته اهي اسان جي دماغي هلچل يا تحرڪ مان پيدا ٿين ٿا. جيتوڻيڪ ختم ٿيل خواب، اسان کي ڪنهن ڏاري معاملي جيان لڳندو آهي، ۽ ان جي ذميداري به اسان تمام معمولي نموني ڪٽندا آهيون جيئن اسان جرمنيءَ زبان ۾ اهو چوڻ لاءِ هميشہ تيار هوندا آهيون ته: "اسان سپنو ڏٺو آهي." يا بلڪل لفظي طور تي..... "مون خواب ڏٺو." پر ان جو اصلي احساس ڪهڙو آهي؟ ته چا اسان جا خواب، اسان جي ذهن سان بنهه اڻ لاڳاپيل هوندا آهن؟

خوابن جي ڪارڻن، ماخذن يا بنيادن جي سلسلي ۾ اسان جي ڪيل بحث جي ناتي اسان کي ڪو نتيجو ڪيڏو پوندو ته اوپرائپ، ان مواد جي ڪري نه ٿي ٿي سگهي، جيڪا ان جي متن مان رستو ڳولهي ٿي. تيسيتائين ان مواد جو گهڻو حصو خواب ۽ جاڳ جيون لاءِ گڏيل ملڪيت هوندو آهي. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته چا خوابن ۾ ذهن جي عملي طريقن ۾ ترميم يا اصلاح نه ٿي ٿي سگهي؟ جا اهو تاثر پيدا ڪري سگهي ته اسان بحث پيا ڪريون: ۽ اسان خوابن جي نفسياتي لاڳاپن جي تصوير جوڙڻ جي ڪوشش پيا ڪريون.

خوابن ۽ جاڳندڙ حالتن جي وچ واري فرق متعلق ٻئي ڪنهن به ايتري تز نموني زور نه ڏنو آهي، يا وڌيڪ دور رس نتيجا اخذ ڪيا هجن، جن کي "جي. ٽي. فيڪنر" (صفحو: 2) پنهنجي ڪتاب "نفسياتي عنصر" جي هڪ حصي تي آندو آهي. هن جي راءِ ۾ "نه فقط ذهني شعوري حياتيءَ جي بيزاري، مرڪزي دروازي جي هيناهينءَ واري هنڌ هوندي آهي." نه ئي باهرين دنيا جي زوردار اثرن ڏانهن ڏيان ڏيڻ جي قابل ڳالهين کي ختم ڪري سگهيو آهي، جيڪي خواب جيون جي خاصيتن کي، جاڳ وارين حالتن ۾ ڪيل پيٽ جيان، بيان ڪرڻ لاءِ ڪافي هوندیون آهن. ڪنهن حد تائين هن اهو اندازو لڳايو آهي ته: خوابن جي عمل جا منظر، جاڳ جيون جي تصور يا تمثيلي انداز کان مختلف هوندا آهن. "جيڪڏهن نفسياتي تحرڪ يا هلچل جا عملي منظر، نند ۽ جاڳ ۾ ساڳيا ئي هوندا ته منهنجي خيال ۾ خواب، ان جاڳ جيون جي تصور يا تمثيلي انداز جي شدت جي، هيئين سطح تي رکو انهن جي توسيع ڪندا هوندا. ان ڪانسواءِ اهو به ضروري آهي ته انهن جو مواد ۽ گهاڙيتو ساڳيو ئي هجي، پر حقيقتون ڪجهہ بين شڪلين ۾ هجن."

اها ڳالهہ واضح نه آهي ته ذهني چرپر جي بدليل جاءِ تي ڳالهائيندي "فيڪنر" جي ذهن ۾ چا آهي؟ جيئن مان سمجهان ٿو مان ته نهيو پر ڪو هيو به سندس لفظن ذريعي، انهيءَ ٻڌايل رستي تي جاکوڙي نه ٿو سگهي. منهنجو خيال آهي ته اسان کي عضوياتي تشريحي تجزين متعلق نڪتو يا گفتو ڏيڻ جي امڪان کي رد ڪرڻو پوندو ۽ بهتر ٿيندو ته ان کي "علم بدن" جي عقلي، منطقي يا ڏاهپ جي وسعتن جي حوالي سان پيش ڪجي، يا خود اوجي گهرڙن جي اپياسي (Histological) تهن مان عقلي، منطقي يا ڏاهپ جي "تهہ" تي نظر وجهڻ گهرجي. ائين ٿي سگهي ٿو چاڪاڻ ته اهو مشورو آخرڪار ۽ پڪ ئي پڪ، هڪدم تهہ تائين پهچائيندڙ ۽ زرخيز ثابت ٿيندو. سو به تڏهن، جڏهن اهو مشورو ڪوپڙيءَ ۾ پيل ميڃالي جي مخصوص استعمال سان لاڳو ڪبو جنهن جي بناوت ئي انهن ڪيترن ئي انتظامي مدد ڪندڙ ادارن جيان، سلسلي پويان سلسلي جو مددي بندوبست ڪندي آهہ [1]

---

[1] هن خيال کي اڳتي ايندڙ باب ستين "خوابن جي عمل جو نفسياتي پهلو" جي حصي ٻئي "پشيماني پڇتاءِ يا افسوس" ۾ تفصيل سان آندو ويو آهي.

ٻين ليکڪن پاڻ کي خواب جيون جي خاصيتن جي سچاڻپ يا فرق متعلق ڏيان ڇڪائڻ طرف، گھڻي اطينان جو اظهار ڪيو آهي، ۽ تمام گھڻين دور رس وضاحتن تائين پهچڻ لاءِ انهن کي ابتدائي نڪتي جي صورت ۾ ڪنيو آهي.

ان ڳالهه جي نشاندهي انصاف پري آهي ته خواب جيون جي مڪيه ۽ مخصوص نرالپ، پنهنجو عملي اظهار گھري نند دوران ڪندي آهي، ۽ ٿي سگھي ٿو ته اهو ڪنهن مشاهدي ۾ ايندڙ واقعي يا منطقي طور تي بيان ڪرڻ واري حقيقت جيان نند جي نقيب جي تصوير ڪشي ڪندي هجي. "شليئرماڪر" (Schleiermacher. 1862,351) مطابق ته جاڳ واري حالت ۾ ڪهڙيون خوبيون آهن؟ حقيقت اها اهي ته سوچ جي هلچل: "خيال يا تصور" ۾ جاءِ والاريندي آهي، نه ڪي نظري مظهرن ۾. خواب يقينن نظري مظهرن ذريعي نند جي اچڻ کانپوءِ سوچيندو آهي، ۽ ان جي مشاهدي جو امڪان به تڏهن ئي ٿو ٿي سگھي ته اهو ڪيئن ٿو سوچي! جنهن جي مختلف حصن ۾ پاڻمرادو پيدا ٿيل تحرڪ يا چرپر جو اندازو لڳائڻ نهايت مشڪل آهي. سوچون، مجبوريءَ وچان يا غير شعوري طور تي ايرنديون آهن، ۽ اهي سموريون سوچون تصويرن ذريعي عڪس- محل ۾ اچي پونديون آهن. تصور واري انداز ۾ يا تمثيلي قسم جي ڪم جو سگھارو نه هجڻ يا موزونيت جي گھٽتائي يا نااهليت هجڻ، جنهن کي اسان ڪنهن خاص ارادي جيان، ڄاڻي ٻجهي محسوس ڪندا آهيون ۽ اوچتو (گمان جي عادت سان ڳنڍيل) نظري منظرن جو ظاهر ٿيڻ، اهي به خاصيتون آهن. جيڪي خوابن ۾ محفوظ هوندڙ آهن، ۽ جيڪي اسان کي خوابن جي نفسياتي تجزيي ڪرڻ، خاص طور تي خواب جيون جي اهم عنصرن جي شناخت بابت زور پرين ٿيون. اسان اڳ ۾ به ڏسي آيا آهيون ته اهي عڪس، اڻپوري يا نندڪاڏي شعور جو وهم يا سوداءِ (Hypnogogic Hallucinations) هوندا آهن، جيڪي خوابي خاڪن جي مواد يا متن جھڙا ئي هوندا آهن.[1]

خواب پوءِ فوقيت وچان نظري مظهرن ۾ سوچيندا آهن، پر اڪيلي سر نه سوچيندا آهن. اهي گڏوگڏ آوازن سان ٺهڪندڙ تصورن جو به استعمال ڪندا آهن، ۽ ٻين حواسن جي ميڙيل چوندڙ تاثر يا نشانين جي ٿوري مقدار تي به سوچيندا آهن. ٻيون به ڪيتريون ئي شيون، خيالن، سوچن جيان سپنن ۾ ظاهر ٿيندڙ آهن، (بلڪل ائين، جيئن جاڳ جيون دوران سوچ واري عام حالت ۾ ٿيندو رهندو آهي) يا ڪٿي ائين چئجي ته اهي سوچون، زباني طور آڇيل يا ڪجي ويل پونجيءَ جي صورت ۾ هوندڙ آهن. حالانڪ خوابن جون خاصيتون، حقيقت جھڙيون به هوندڙ آهن، پر اهي انهيءَ مواد يا متن جا رڳو جزا هوندڙ آهن، جيڪي عڪسن جي صورت اختيار ڪندڙ آهن. اهي گھڙو ڪري حواسن ذريعي پروڙڻ جھڙيون هوندڙ آهن، جنهن کانپوءِ اهي گذاريل ڏينهن جي ياداشت ۾ مدد ڏيندڙ سوچن جو نماءُ ڪندڙ آهن.

ڪنهن نفسياتي تجزيي ڪندڙ لاءِ انهن سمورن دليلن کي هڪ پاسي رکڻ، نهايت آسان آهي، وهم يا سوداءَ جي فطرت تي اسان هر قسم جي اختياريءَ سان سمجھوتو ڪندا آهيون، خاص ڪري ان موضوع جي حوالي سان وڏي ساک سان چوندا آهيون ته اهي خواب، رڳو "وهم يا سوداءَ" ۾ مبتلا ڪندڙ هوندا آهن، جيڪي خيالن يا سوچن کي وهم يا سوداءَ جي صورت ۾ بدلائي ٿا ڇڏين. ان حوالي سان تصويرن ۽ آوازن جي نماءَ جي وچ ۾ ڪو به فرق نه هوندو آهي. اهو به ڏٺو ويو آهي ته جيڪڏهن ڪو شخص، موسيقيءَ جي ڪا ڏن جوڙي، پنهنجي دماغ ۾ سُرن جي ڪا سنگھر سمائي سُڻتو آهي ته سندس يادگيري، سندس انهن ساڳين سرن کي روپ (Composition) ۾ ٺاهي، وهم يا سوداءَ جي صورت واري بدلائي ڇڏيندي آهي ۽ پوءِ جيڪڏهن ڪو ٻيهر جاڳي پوي ۽ نند جي ڦٽڻ کانپوءِ ٻئي حالتون، هڪ کان وڌيڪ جو نعم البدل ثابت ٿين ته اهڙي صورت ۾

---

[1] هي حصو 1911ع ۾ شامل ڪيل آهي "سلبرر" (Silberer. 1909) ان رستي جا ڪجهه سڌا مثال ڏنا آهن، جيڪي غنودگيءَ واري حالت ۾، خود وهمي خيال پڻ تصويرن ۾ تبديل ٿين ٿا، جيڪي ساڳئي معنيٰ کي بيان ڪندا آهن. (1925 ۾ شامل ڪيل): مان ڪنهن ٻئي موقعي تي هن ڪوجنا کي ٻين سلسلن سان سلهاڙي پيش ڪندس.

وهم يا سوداءَ واري ڪيفيت ڪيس گذاريل ڏينهن جي ياداشت ۾ مدد ڏيندڙ صورت ۾ پيش ايندي، جيڪا اوچتو مٿو ڦيرائڻ جهڙي ءِ ان جي معيار جو فرق ڪيل هوندي.

خيالن کي سوداءَ ۾ تبديل ڪرڻ واري صورت ئي رڳو مڃڻ جهڙي نه هوندي آهي، جنهن ۾ خواب، جاڳ دوران خيالن جي هڪجهڙائيءَ ۾ اختلاف ڪندڙ هوندا آهن، پر سپنا انهن عڪسن جي واقعاتي صورتحال کي بدلائي تعمير ڪندا آهن: اهي ان واقعي جي نمائندگي ڪندا آهن، جيڪو حقيقت ۾ رونما ٿيو آهي: جيئن "اسپيٽا" (صفحي 145 تي) لکيو آهي ته:

"اهي خيالن کي نانڪ وارو ستاءُ ڏيندا آهن" پر خواب جيون جو اهو عنصر به رڳو تڏهن سمجهه ۾ اچي سگهي ٿو جڏهن اسان خاص طور اهو قبول ڪريون ته خوابن ۾ ڪنهن اصول تحت اميدون وابستا هونديون آهن، جن کي اصولي طور تي جاچڻ جي ضرورت هوندي آهي، ءِ اسان ان لاءِ واضح نه هوندا آهيون ته رڳو ان تي سوچيو وڃي يا ان متعلق مشاهدي ءِ تجربي جي صورت تي ڪم ڪجي. چوڻ جو مطلب اهو آهي ته اسان مڪمل طور تي وهم ءِ سوداءَ واري عقيدي سان ٻڌل هوندا آهيون. اسان ان وهم مان تيستائين سجاڳ نه ٿا ٿي سگهون، جيستائين تنقيدي راءِ نه ٿي پيدا ٿئي ته اسان کي به خاص تجربو نه ڪيو آهي، پر اسان فقط ءِ فقط هڪ خاص ڏس ۾ سوچيندا رهندا آهيون، يا ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته اسان رڳو سپنا ئي ڏسندا رهندا آهيون. اهي، اهي خاصيتون آهن جيڪي ڏينهن جي خوابن (پورن ءِ سودائن) ءِ سچن سپنن جي وچ ۾ فرق کي ظاهر ڪن ٿيون، جيڪي ڪڏهن به حقيقت جي حوالي سان مونجهاري ۾ مبتلا نه ٿيون ٿين.

"برداخ" (صفحو: 502) خواب جيون جي عنصرن کي مختصر نموني بيان ڪيو آهي، جنهن کي اسان ڪنهن حد تائين هنن لفظن ۾ بيان ڪري آيا آهيون ته: "خواب جي وچ ۾ اهم ترين عنصرن هن ريت آهن:

الف: خوابن ۾ اسان جي ذهن جي "داخلي" چرپر (تحرڪ)، "خارجي" صورت ۾ ظاهر ٿيندي اهي. اسان جي ادراڪ جا شعبا، اسان جي تخليقي پيداوار جي ناتي، گهٽو ڪري اسان جي حواسن جا تاثر هوندا آهن.

ب: سمهڻ لڳڻ پنهنجي اختياريءَ جي پڃاڻي هوندي آهي، ان ڪري گهري ننڊ، ان سان گڏ ڪنهن درجي تائين غير متحرڪپڻي يا خاموش هجڻ واري حالت به پيدا ڪري ٿي..... ان ننڊ واري صورت ۾ عڪس ءِ اولڙا به رڳو ان حالت ۾ ظاهر ٿين ٿا، ڇاڪاڻ ته پنهنجي شخصي اختياري بلڪل گهٽيل يا ختم ٿيل هوندي آهي.

پي شيءَ اها آهي ته ان عقيدي جي تشريح ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي، جيڪو ذهن کي خوابي سودائن کي قبول ڪرڻ جو ڪم ڪري ٿو. عقيدو، جيڪو صرف ءِ صرف پنهنجي، هڪ قسم جي حاڪماڻي يا آمراڻي هلچل يا سرگرميءَ جي رڪجي وڃڻ ڪانپوءِ ايري سگهي ٿو. "استروميپيل" جو دليل آهي ته ان معاملي ۾ ذهن پنهنجا ڪم درست انداز ۾ ڪٽي ٿو ءِ تصديق جي صورت ۾ هن جو پنهنجو طريقي ڪار آهي. فقط پيش ڪرڻ جي انهيءَ مقصد ڪانسواءِ، خوابن جا عنصر سچا ءِ حقيقي ذهني تجربا هوندا آهن، جيڪي حواسن جي انتظامي طريقي ذريعي بلڪل ساڳي ئي قسم سان، جاڳ واري حالت جيان ايرندا آهن، جاڳ دوران ذهن، سوچن ءِ خيالن کي زباني لفظن جيان خيالي صورت ڏيندو آهي ءِ گفتگو دوران عڪس جوڙيندو آهي، پر خوابن ۾ اهو سچين حواسي تصويرن ذريعي اظهاريندو آهي، ان کانسواءِ خوابن ۾ ماحولي ڪشادگيءَ واريون شعوري صلاحيتون ڪم ڪنديون آهن. تيستائين لڳاتار حواس، احساس ءِ تصور، باهرين فضا کي سونپيل هوندا آهن، ائين جيئن اهي جاڳ واري حالت ۾ هوندا آهن. اهي يقينن اها اجازت ضرور ڏيندا آهن، ته جيئن خوابن ۾، ذهن پنهنجي انهن تصورن ءِ ادراڪ ۾ آيل تصويرن سان، جاڳ واري حالت جيان بلڪل ساڳيو ئي تعلق قائم رکي سگهي. ان جي باوجود ائين ڪرڻ ۾ جيڪڏهن ڪا غلطي ٿئي ٿي ته اها ان ڪري، ڇاڪاڻ ته ننڊ واري حالت دوران ان ۾ ڪوتاهيءَ يا پرڪ جي گهٽتائي هوندي آهي، جيڪا اڪيلي سر اندر مان ڦٽيل ادراڪ يا احساسن جو "پاڻ مان ڦٽڻ ءِ انهن جو باهرين دنيا مان ايرڻ" جي وچ ۾ پيدا ٿيل فرق کي ممڪن بنائيندي آهي. اها خوابي خاڪن کي، انهيءَ ڪوتاهيءَ تي پرڪڻ لاءِ اماڻڻ جي قابل نه هوندي آهي، جيڪا انهن جي خارجي سچائيءَ کي ثابت ڪري سگهي. اضافي طور ان کي ائين چئجي ته اها نظري مظهرن جي وچ واري تفاوت کي ڇاڻي

واڻي نظرانداز ڪندي آهي. اها اصل ۾ بنا سوچ سمجهه جي، اچڻ وڃڻ جي سهوليت مهيا ڪندڙ هوندي آهي ۽ سو به اتي، جتي زور زبردستيءَ جا عنصر موجود نه هوندا آهن. ائين پُل ۾ ٽيندو آهي چاڪاڻ ته اها خواب جي متن جي هاڃيڪار اصولن کي مٽس مڙهي نه سگهندي آهي. مختصر ته ان جي خارجي دنيا کان پاسيرو ٿي وڃڻ جو سبب به سندس سپنن جي دنيا سان خارجي عقيدي تي ٻڌل هوندو آهي.

"ڊيلبوايوف" (صفحو: 84) به نفسياتي دليلن جي معمولي فرق ڪيڻ کانپوءِ ساڳئي نتيجي تي پهتو آهي. اسان کي خوابي خاڪن جي حقيقي هجڻ جو پورو يقين آهي." هو چوي ٿو چاڪاڻ ته اسان جي ننڊ ۾ اسان کي ٻيو ته ڪو تاثر ملي ڪونه ٿو جنهن سان انهن جي پيٽ ڪجي. چاڪاڻ ته اسان ٻاهرين دنيا کان بلڪ ڪٽيل هوندا آهيون. پوءِ ڪهڙي سبب اسان انهن پُورن ۽ سودائن جي حقيقت تي يقين ڪندا آهيون. اهو ان ڪري نه آهي ته خوابن منجهان انهن جي پرک ڪرڻ ناممڪن آهي، پر خواب اسان کي اهڙي پرک لاءِ "پاڻ" کي پيش ڪندي نظر اچي سگهن ٿا. اهو رڳو ڪنهن گل کي ڇهڻ جيان آهي ته پوءِ ڏسو ته ان جي خوشبو ڪيئن ٿي ڦهلجي..... ۽ اڄان تائين اسان خواب پيا ڏسون. "ڊيلبوايوف" جي راءِ ۾ رڳو هڪڙو ڪارگر يا اثرائتو معيار موجود آهي ته "اسان جاڳيل آهيون يا خواب پيا ڏسون." ۽ اها ڳالهه خود اسان جو مشاهدا ۽ تجربا ڪرڻ به اسان جي جاڳيل هئڻ جي حقيقتن مان هڪ آهي. گهري ننڊ يا جاڳيل هئڻ جي فرق بابت هر شيءَ جو تجربو ڪندي مان ان نتيجي تي پهچان ٿو ته اهو رڃ جيان هڪ پر فريب خيال آهي، ننڊ مان جاڳڻ تي، مان ڏسندو آهيان ته مان بستري ۾ اگهاڙو ستو پيو آهيان. ان ڳالهه جي خارجي دنيا ۾ موجودگيءَ جي قياس آرائي، جيڪا منهنجي پنهنجي "آپي" (Ego) جي پيٽ آهي، ان حوالي سان مان پنهنجي عادت موجب، ننڊ دوران اهي خوابي خاڪا بلڪل حقيقي نموني، خيال ۾ آڻڻ جو پابند ٿي وڃان ٿو (جيڪي ننڊ ۾ داخل ڪري نه ٿا سگهجن.)

"هافنر" (Haffiner_1887,243) به ڊيلبوايوف" جيان خوابن جي تحريڪ کي ان ترميم ذريعي بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪا غير رواجي يا چريائپ جي حالت ۾ اٽڪر نموني پيدا ٿيندي آهي، ٻيءَ صورت ۾ ميڃالي جو ڪم بلڪل صحيح سلامت هوندو آهي. پر ان سان گڏوگڏ ٿوريون ٽڪيون ٻيون حالتون به بيان ڪيون آهن. هن جي چوڻ مطابق، خواب جي پهرين نشاني، ان جي "وقت ۽ وچوٽيءَ جي خودمختياري آهي." اها آهي چوٽڪاري ڏيارپل موضوع ذريعي گهيرو ڪندڙ حالت پاران، انهن واقعن جي ماحولي ڪشادگيءَ وسيلي (Spatial) ۽ عارضي طور تي "نمائندگي ڪرڻ جي حقيقت." خواب جو ٻيو بنيادي عنصر جڙ ته ان سان ئي لاڳاپيل آهي. حقيقت اها آهي ته سوداءِ خيال يا فڪري اڏام ۽ تصور جو ڳانڍاپو خارجي ادراڪ سان، ڪافي مونجهارو پيدا ڪندو آهي." ڏهن جون سموريون وڏيون قوتون، خاص طور تي نظرين جي جوڙڻ، فيصلي ڪرڻ جي قوتن ۽ انومان ڪيڻ هڪ پاسي ته ٻئي پاسي پنهنجي متعلق آزادگيءَ سان ڪيل عزم ۽ ارادا آهن. ۽ اهي سيئي حسي تصويرن سان لاڳاپيل آهن. اهڙين حسي تصويرن کي هر وقت پنهنجو هڪ پسمنظر هوندو آهي. اهو ان لاءِ ته جيئن اهي تمام وڏيون تحريڪون يا سرگرميون، خوابي خاڪن جي بي ترتيبيءَ ۾ حصو وٺي سگهن. جنهن کي جيڪر مان ائين چوان: اهي اسان جي فيصلي جي قوتن ۾ خود پاڻ حصو وٺن ٿيون جن جو خوابن ۾ گهٽجي پيش ٿيڻ جو رستو کوبه نه ٿو روڪي سگهي. اسان جون سرگرميون بلڪل واضح نظر ايندڙيون آهن ۽ ائين آزاد هوندڙيون آهن، جيئن جاڳ - جيون ۾. خوابن ۾ ٻلي کو شخص ان جي خيالن جي اصولي پيچڪڙي نه ڪندو هجي ته ان جو مطلب آهي ته هو به پيچڪڙي نه ڪندو هوندو. مثال طور کي ساڳيون شيون، هن کي اختلافي به نظر اچي سگهن ٿيون. پوءِ به خوابن ۾ پڙ هو رڳو انهن جي خواهش ڪندو جيڪي ڪيس سنيون لڳندڙيون. پر انساني قوت، خيالن جي اصولي تدارڪ طور، ۽ خيالن کي هڪ ٻئي ۾ ملائي مونجهارو پيدا ڪرڻ واري نموني، خوابن ۾ ان کي رستي تان هٽائڻ جي اڳواڻي ڪري ٿي. اهڙيءَ ريت ان جي اچڻ جو انداز اهڙو آهي جو اسان خوابن ۾ بيهودي قسم جي تضاد ۾ قاتل ڏوهي لڳندا آهيون. جڏهن ته ساڳئي وقت اسان هڪ صاف ستڙو فيصلو به ڪندا آهيون. هڪ نهايت منطقي انومان جوڙڻ، وڏي خوبي واري پارسا ۽ درويشاڻو فيصلو.... ڪنهن رخ ۾ آڻڻ واري عمل جي

گهٽتائي اها آهي جو خوابن ۾ پروازن جا سمورا راز انسان جي تخيل جي ذريعي کٽي اچي ٿي، ۽ خوابن ۾ تنقيدي اولڙن ۽ بين ماڻهن سان خيالن جي ڏيڻ وٺڻ جي ڪميءَ جو مڪيه ڪارڻ به انسان جي فيصلن، اميدن ۽ امنگن مطابق ڇڙواڳي، فضول خرچي ۽ نمائشي ڪردار ئي آهي.[1]

باهرين دنيا کان ڪٽجي وڃڻ، خواب جيون جي اهم نشان ڪيل عنصرن جون حدون مقرر ڪندڙ عنصر جيان تعلق رکندي نظر ٿو اچي ٿو. ڪجهه عرصو اڳ "برداخ" طرفان نهايت اهم ۽ اثرانداز ڪندڙ دليلن جا ڪي حوالا ڏنا ويا هئا، جنهن ۾ ستل ذهن ۽ خارجي دنيا جي وچ ۾ تعلق تي روشني وڌي وئي هئي، ۽ جيڪي انسان جي نهايت توريل تڪيل ترڪيبن جي بچاءَ جو پڙ وڏو خزانو آهن. ان جي نتيجن جي تشڪيل. آخري چند صفحن ۾ ڪيل آهي. هو لکي ٿو: "ننڊ" فقط ان شرط تي ظاهر ٿي سگهي ٿي ته ذهن ڪنهن حسي ترغيب کان خائف نه هجي.... پر ننڊ جو اصل مقصد، حسي ترغيب جي ايتري گهٽي غير موجودگي نه آهي جيتري ان ۾ دلچسپي اڻ لڀ آهي.[2]

ڪجهه حواسن جي لاءِ اهو ضروري آهي ته اهي دماغ کي پُر سڪون رکڻ جي ڪوشش ڪن، اهڙيءَ ريت هڪ ڪارخاني جو مالڪ ڏڪهي ننڊ ايتري ڪري سگهي ٿو جيتري دير ڪارخاني جو گوڙ ٻڌندو رهي ۽ ڪو به شخص، جيڪو محسوس ڪندو هجي ته احتياط طور رات جو به سندس ڪمري ۾ روشني هجي ته ممڪن ناهي ته اهڙو شخص اونداهيءَ ۾ سمهي سگهي. "برداخ" (ص: 482).

ننڊ ۾ دماغ پاڻ به باهرين دنيا کان الڳ ٿلڳ ٿي وڃي ٿو ۽ پنهنجي گهيري کي چڏي ٿو ڏئي.... توڙي جو سندس تعلق مڪمل طور تي ڪٽيل نه هوندو آهي پر اسان ننڊ دوران درست طور تي ٻڌي يا محسوس ڪري نه سگهندا آهيون، پر اسان ٿوري دير ۾ جاڳي ضرور پوندا آهيون، اسان کي هڪدم اڻاري وٺڻ نهايت ناممڪن هوندو آهي، حواسن جي ثابت قدمي، حالانڪ تمام گهٽي چٽائيءَ سان حقيقت کي ثابت ڪري چڏيندي آهي ته اسان چو جاڳياسين، اها سدائين رڳو حسي تاثرن جي مضبوط حيثيت نه هوندي آهي پر اها ان جي جسماني تحرير يا تقرير هوندي آهي: ته ستل شخص کي بيپرواهه يا اڻ ڏريي اکر سان نه اٽاربو پر جيڪڏهن هن کي نالي سان سڏبو ته هو آرام سان جاڳي پوندو.... اهڙيءَ ريت دماغ، ننڊ ۽ حواسن جي وچ جي ساڃاهه رکندو آهي.... اهو ان سبب ته جيئن حسي ترغيبن جي غير موجودگي ماڻهوءَ کي جاڳائي سگهي، جيڪڏهن هن جو جاڳائڻ، هن لاءِ تمثيلي يا تصور واري انداز جي اهميت سان لاڳاپيل آهي ته اها ڳالهه رات جو روشني ڪري سمهڻ واري شخص سان به لاڳو آهي، ته جڏهن بتي بند ٿي ويندي ته جاڳي پوندو ساڳيءَ ريت ڪارخاني وارو مالڪ به ان وقت جاڳي پوندو جڏهن ڪارخاني جو آواز به بند ٿي ويندو، مطلب ته حسي سرگرميءَ جي وهڪري جي اختتام (Cessation of Sensory activity) سبب هو جاڳيل هو: ۽ اهو سندس سرگرميءَ سان لاڳو هو جنهن کي هن پاڻ ساڃاهيو پئي، پر پوءِ به اها سرگرمي منجهس ٿوري بي پرواهه هئي يا پاڻ کي راضي ڪرڻ لاءِ هئي ته جيئن سندس ذهن پريشان نه ٿي پوي (ساڳيو ڪتاب صفحو: 6 ۽ 485).

جيڪڏهن اسان انهن اعتراضن کي نه به مڃون، حالانڪ اهي ايترا خراب به نه آهن، پر اسان رڳو ان مونجهاري ۾ پئجي ڏا وڃون ته خواب جيون جا عنصر، جن کي اسان هن وقت تائين غور طلب سمجهيو پئي، ۽ جنهن جي باهرين دنيا کان علحدگيءَ کي ڪنهن پئي حوالي سان منسوب ڪيل پئي ڄاتوسين، اهي مڪمل طور تي ان نامعلوم خاصيت جي حساب ۾ نه پئي آيا. ٻي صورت ۾ ان لاءِ اهو ممڪن هجي ها ته سپني ۾ آيل سوداءَ واري صورت اختيار ڪرڻ کان پوءِ وري ساڃيءَ ريت "خيال" جي صورت ۾ بدلجي وڃن ها ۽ ان جي واقعاتي صورتحال، سوچن ۾ بدلجي وڃي ها، ۽ اهڙي نموني خوابن جي تجزيي جو مسئلو ئي حل ٿي وڃي ها. ۽ ائين ئي انسان ننڊ مان جاڳڻ کان پوءِ ڪرڻ لڳندا آهيون ۽ خواب کي ور ور ڪري

---

[1] ("حقيقت کي جاچڻ" جي مسئلي تي باب ستين جي حصي ٽئين: خواهشن جو پورائو ۾ غور ڪيو ويندو.

[2] هي حصو 1914ع ۾ گهري ننڊ جي جوڙجڪ بابت (1905,306) CF. the desinteret which Claparede شامل ڪيو هو.

ورجائي پيا ياد ڪندا آهيون. پر جيڪڏهن اسان خواب جو وري جاڳ دوران، ان سموري يا ان جي ڪنهن حصي جي تشريح ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا سين تہ خواب اهڙو پر اسرار نہ لڳندو جهڙو پهرين پئي لڳو.

ڇ سڄ پڄ خوابن جي تعبيرن تي مهارت رکندڙ سمورا شخص، بنا هڪ جي اهو يقين رکن ٿا تہ خوابن ۾ جاڳ جيون جي تمثيلي يا تصور ۾ آيل مواد جون ٻيون ڇ تمام گهڻيون، اونهيون ترميمون اڃان تہ اڻڄاڻيون آهن. "استرومپيل" (صفحو: 27 ڇ 28) لاڳيتي ڪوشش ڪري، اهڙي ترميم ۾ آڏو وڏائي شهيدن ۾ پنهنجو نالو ڳڌايو آهي، لکي ٿو:

"حسي سرگرميءَ جي وهڪري جي اختتامي عمل ڇ هڪ عام رواجي، پر زندگيءَ سان ڀرپور شعوري صلاحيت واري عمل سان، ذهن، اها زمين وڃائي ويهندو آهي، جنهن ۾ احساسن، دلچسپين ڇ سرگرمين جون پاڙون ڪتل هونديون آهن، خود نفسياتي حالتون بہ ..... تمام وڏي اهميت وارا احساس، دلچسپيون ڇ فيصلا..... جيڪي جاڳ جيون جي گذاريل ڏينهن جي ياداشت ۾ مدد ڏيندڙ عڪسن سان آراستا هوندا آهن. اهي ئي موضوع ٻڌبا آهن. انهن جي مبهم ڇ ڏنڊلي هجڻ جي ڏاءُ جو اهو نتيجو نڪرندو آهي تہ انهن عڪسن سان سندس تعلق ڇڄي پوندو آهي. ادراڪي طور سمجهہ ۾ ايندڙ عڪس: شين، ماڻهن، جاين، يا جاڳ جيون جا واقعا ڇ عمل، سيئي الڳ الڳ ڇ وڏي تعداد ۾ ٻيهر جنم ونڊندا آهن، پر انهن مان ڪو بہ پاڻ سان گڏ نفسياتي اهميت نہ آڻيندو آهي. اها اهميت انهن کان ڪٽيل هوندي آهي ڇ اهي مهٽي هاب عمل جيان، پنهنجي مرضيءَ سان دماغ ۾ پيا ڦرندا آهن....

"استرومپيل" موجب، نظري مظهرن پاران نفسياتي اهميت کي نروار ڪرڻ جي حقيقت، (جنهن ۾ اهي وري ٻاهرين دنيا سان ڪنڊجي وڃڻ واري عمل ڏانهن موٽي وڃن ٿا)، اجنبيت جي تاثر کي تخليق ڪرڻ ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪري ٿي، جيڪا اسان جي ياداشت جي ذخيري ۾ خواب ڇ جاڳ متعلق سڃاڻپ پيدا ڪري ٿي.

اسان ڏٺو تہ گهري نند ۾ پهريائين تہ اسان جي ذهني سرگرمين مان ڪنهن هڪ جي ڪميءَ ۾ شامل ٿي وڃي ٿي، جڏ اسان جي خيالن جي مجموعي کي، اسان جي هاسيڪاري هدايتون ڏيندڙ قوت رکجي ويندي آهي. ان ڪري اسان کي انهن صلاحن سان منهن ڏيڻو پوندو آهي، جيڪي هر صورت ۾ سچيون ڇ اعتبار جوڳيون هونديون آهن، انهن جي اثر سبب نند جي حالت، ذهن جي سمورن شعبن جي دورانيي کي ڦگهو ڪير ڇڏيندي آهي. انهن مان ڪجهہ هدايتون تہ صفا معطل ٿي ويندیون آهن. پر اتي سوال اهو پيدا ٿيندو آهي تہ ڇا ان کي انهيءَ عام رواجي تسلسل ۾ هلائجي يا انهن کي اهڙين حالتن جي اثر هيٺ رکجي؟ جيڪي عام رواجي ڪم ڪار جي قابل هجن. پوءِ ٿي سگهي تہ اتي پڇيو وڃي تہ خواب جا شناخت ٿيندڙ عنصر، ڪاوڙيا بيزاريءَ واري نفسياتي صلاحيت جي ذريعي، نند ۾ تہ درست نموني وضاحت نہ ٿا ڪري سگهن؟ هڪڙو عام خيال آهي تہ اسان جي جاڳ وارو فيصلو خواب جي ذريعي جوڙيل تاثر جي مدد ڪري ٿو. حالانڪہ خوابن جا رابطا ڪٽيل هوندا آهن، پر اهي بنا ڪنهن اعتراض جي، انتهائي مشتعل قسم جي تضاد کي قبول بہ ڪندا آهن، اهي ناممڪن کي نہ مڃيندا آهن. اهي ان جاڻ جو انحراف بہ ڪندا آهن، جيڪي ڏينهن جي وقت ۾ اسان تي ڳورا بار وجهندي آهي. اهي اسان ۾ اخلاق ڇ حوصلي جي هيٺائيءَ جيان ظاهر ٿيندا آهن. ڪو بہ ماڻهو جڏهن جاڳندو آهي تہ سندس برتاءُ ان طريقي جو هوندو آهي، جنهن مان سندس خوابن جي واقعن جو اندازو بہ ٿيندو آهي، جنهن کي پي وقوفي يا چريائپ ئي چئي سگهجي ٿي. ڪو بہ ماڻهو جڏهن نند مان اٿي، ان طريقي سان گفتگو ڪرڻ لڳندو جيئن خواب ۾ ڳالهائبو آهي يا هو انهن ڳالهين کي بيان ڪرڻ لڳندو جيڪي هن خواب ۾ ڏٺيون آهن تہ ان جو تاثر اسان کي تہ اهو ئي ملندو تہ هو منجهيل دماغ وارو مورک يا موڳو شخص آهي يا تہ سندس دماغ ڪمزور آهي. ظاهري طور تي ائين ٿو لڳي تہ اکرن ۾ وڌيڪ سچ پري نہ سگهندا آهيون. جڏهن تہ اسان پنهنجي خوابن ۾ ذهني سرگرميءَ متعلق معمولي راءِ جو اظهار ڪندا آهيون ڇ دعويٰ ڪندا آهيون تہ خوابن ۾ خاص ڪري وڏا ڇ اعليٰ قسم جا ڏاهپ وارا شعبا، معطل ٿيل هوندا آهن يا سمورا واقعا، خراب ڪيل روڙيءَ بجريءَ سان پريل هوندا آهن.

خواب ۾ انهن جي تشريحن تي اختيار رکندڙن هڪ انوکي قسم جي ايکي جو اظهار ڪيو آهي. ان قسم جي خوابن جي حوالي سان ڪيل راءِ جي اظهار ۾ اعتراضن متعلق بعد ۾ لکبو. جنهن کانپوءِ اهي نڪتل نتيجا سڌو سنئون خواب جيون جي وضاحت ڪندڙ مخصوص نظريي جي رهنمائي ڪري سگهندا، پر منهنجي لاءِ هي وقت آهي ته عام يا مبهم هٿ وارين ڳالهين کي ڇڏي ڏيان ۽ ان جي عيوض خوابن جي نفسياتي خاصيتن جي باري ۾ مختلف ليکڪن، فلسفين ۽ طبي معالجن جا سلسليوار حوالا پيش ڪريان:

"ليموني" (Lemoni.1855) مطابق خوابي مظهرن جو "منطقي طور تي اڻ لاڳاپيل هٿ" خود خواب جي اهم خاصيت آهي.

"مائوري" (صفحو: 163) سائڊس سهمت آهي ته "اهڙا ڪي به خواب نه هوندا آهن جيڪي مڪمل طور تي دليلن سان پرپور هجن ۽ سندن مواد ٽوري انداز ۾ به منطقي طور تي دقيانوسي يا مدي خارج (Anchronism) يا بيهودگيءَ سان اڻ لاڳاپيل هٿ تي مبني نه هجي." (ج-س).

"اسپيٽا" (صفحو: 193) "هيگل" جي چوڻ مطابق لکيو آهي ته "خواب سمورن لاڳاپن توڙي دليلن سميت، خارجيت کان وانجهيل هوندا آهن."

"ڊوگاس" (Dugas. 1897.417) لکي ٿو ته "خواب هڪ نفسياتي، جذباتي ۽ ذهني ۽ مدي خارج يا دقيانوسي عمل آهي. هي انهن عملن جو ڪيل آهي، جيڪي پنهنجا ترتيب ڏنل هوندا آهن، جنهن ۾ بنا ڪنهن مقصد ۽ ضابطي جي اداڪاري ٿيندي آهي، خوابن ۾ جوش جذبو يا روح، پاڻمرڊ روحاني تي پوندو آهي." (ج-س).

"والڪيلٽ" (صفحو: 14) پڻ، جنهن جو نظريو ننڍ دوران "نفسياتي سرگرميءَ" جي حوالي سان، حقيقت کان گهٽو پري ۽ بي معنيٰ آهي. هوان "فرحت بخش، آرام پسند، ڪنجي جدا ٿي ويل ۽ تصور واري يا تمثيلي جيون متعلق گفتگو ڪري ٿو جنهن ۾ جاڳ واري حالت، مرڪزي آپي (Ego) جي منطقي قوت کي گڏجي جهليو ٿي."

خيالن جي شراڪت جي خرابي، جيڪا خوابن ۾ ظاهر ٿئي ٿي، ان تي مشڪل سان "سسرو" کان وڌيڪ ڪنهن ايتري تز تنقيد ڪئي هوندي (ڏسو ڪتاب "اڳڪٿي" (Divinatione) حصو پيو باب 21، صفحو 146)، جنهن ۾ لکي ٿو ته: "ڪا به شامل ٿيل تمثيلي شيءَ پڻ يا غير رواجي ۽ مونجهارو پيدا ڪندڙ جنهن جي متعلق اسان خواب ڏسندا آهيون، خود خراب نه هوندي آهي." [1]، ف.س).

"فيڪنر" (صفحو: 2 ۽ 522) لکي ٿو ته: "اها جيتوڻيڪ نفسياتي تحريڪ يا سرگرمي آهي، پر ان جو مثال ائين آهي، جڙ اها هڪ خوش اخلاق ماڻهوءَ جي ذهن مان سفر ڪري ڪنهن بيوقوف وٽ وڃي رسي ٿي."

راڊيستاڪ (صفحو: 145) لکي ٿو ته: "حقيقت ۾ ان پوڪپائيءِ واري سرگرميءَ جي ڪنهن مقرر اصول کي ڳولهڻ ڏاڍو مشڪل ٿو نظر اچي. سمجهه يا شعوري ارادي ۽ خيال جي ذريعي جاڳ وارن ويچارن تي امن ۽ سلامتيءَ جو ضابطو رکندڙ مشق تان هٽ ڪڍڻ ڪانپوءِ، خواب پگهرجي يا حل ٿي سيربين جي نقش نگارن واري سٽاءَ جيان ينواٽيون ڪارائڻ يا ديوانو بڻائڻ ۾ تبديل ٿي وڃن ٿا."

"هلڊيبرانٽ" (صفحو: 45) مثال ڏيندي چوي ٿو ته "خواب ڏسندڙ شوق ۽ بيچينيءَ وچان، قبول ڪرڻ جهڙا، ڪهڙا ڪهڙا نه حيرت انگيز انومان جوڙي ٿو! ڪيڏي نه سڪون سان هو بي ترتيبيءَ سان تبديل ٿيندي، نهايت معروف تجربن مان پيدا ٿيل سبقن کي ڏسي ٿو. فطري قانون جي نالي ۾ هو ڪهڙن ڪهڙن نه ڪل جهڙن تضادن ۽ اهڙي سماج کي مڃڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو ان حوالي سان اسان چئي سگهون ٿا ته مذاق جي حد کان به چڙهيل شيون ۽ بڪواس جو تمام وڏو موروثي لاڙو ڪيس

---

[1] (1، ف.س): انگريزي ترجمو "فالڪونر" (لوئيب ڪلاسيڪل ليبرري 533. 1922).

بيدار ڪري وڃي ٿو. اسان خواب ذريعي ڪنهن بہ ندامت کان سواءِ ٿن ڪي ٿن سان ضرب ڪري حساب ۾ ويهہ ٻڌائي سگهون ٿا! اسان کي ان ڳالهہ تي ڪڏهن بہ عجب نہ لڳندو آهي، جڏهن ڪو ڪتو ڪنهن شاعريءَ جي ڪا سٽ پڙهندو آهي. يا جڏهن ڪنهن مئل شخص کي، پنهنجي پيرن سان پنهنجي قبر ڏانهن ويندي ڏسندا آهيون، يا ڪنهن جبل کي پاڻيءَ تي ترندي ڏسندا آهيون: اسان ڪنهن وڏي مقصد سان، برن برگ جي "ڊيوڪ جي راڄڌانيءَ ڏانهن نهايت سنجيدگيءَ سان وڌي سگهون ٿا، يا ليٽنسٽين (Liechtenstein) جي برسر اقتدار شهزادي ڏانهن، سندس بحري فوجن جي معائني ڪرڻ لاءِ يا "پولٽاوا" (Poltava) جي جنگ کان اڳ ۾ چارلس 12 جي هٿ هيٺ تيار ڪيل هٿياربند فوجن جي ڪنهن شعبي ۾ پيرتي ٽيڻ لاءِ ۽ ان کي راضي ڪرڻ لاءِ وڃي سگهون ٿا."

"بنز" (صفحو: 33) جي ذهن ۾ خوابن متعلق اهو نظريو هو جيڪو ڪجهہ اهڙن تاثرات تي ٻڌل هو جهڙوڪ: "اڪثر ڏهن مان نوَعدد خوابن جو متن بي معنيٰ ۽ بيهودو هوندو آهي. اسان شين ۽ ماڻهن، ٻنهي کي گڏ ڪٽي هلندا آهيون، جڏهن تہ انهن جو هڪ ٻئي سان ڪو بہ واسطو نہ هوندو آهي. ٻئي لمحي اهو سيڪجهہ سيربين جيان ترتيب بدلائي ڇڏيندو آهي ۽ اسان کي تمام گهٽي اڇاڻ، حواسن کان عاري ۽ ڪجهہ چرين ۽ بودلن تي مشتمل هڪ نئين گروهہ بنديءَ سان منهن ڏيڻو پوندو آهي. جيڪڏهن اهو ئي سيڪجهہ ممڪن آهي تہ پوءِ اها انتها آهي. ان ڪري پوريءَ ريت نہ ستل ذهن جي تبديل ٽيل راند، اسان جي جاڳڻ تائين اڃتي ئي پئي هلندي آهي، ۽ پنهنجو مٿو جهلي پيا عجب ڪائيندا آهيون تہ مارا! اسان اڃان تائين تہ رڳو سمجهہ پرين خيالن ۽ سوچن لاءِ "گنجائش" کي جهليو وينا آهيون."

"مائوري" (صفحو: 50) خوابي خاڪن ۽ جاڳ دوران آيل خيالن جي وچ ۾ تعلق کي برابريءَ جي بنياد تي ڏٺو آهي، جيڪي علاج ڪندڙن جي لاءِ تمام وڏي مطلب يا اهميت وارا آهن، لکي ٿو تہ: "انهن نظري مظهرن جو پيدا ٽيڻ (جيڪي جاڳيل ماڻهوءَ ۾ عام طور تي نيت يا ارادي جي ڪري اپرندا آهن) ذهانت جي دائري سان مطابقت رکڻ آهي، جيڪو ٽوري چرپر جي ذريعي، تحريڪ جي مدار ۾ جاءِ والا رينڊو آهي، جيڪي لرزي يا ڏڪڻيءَ (Chorea) ۽ اڌرنگ جي عارضي ۾ ڏٺا ويا آهن. (ف ـ س)

هو اڃتي خوابن جي سموري سلسلي کي سوچن ۽ دليلن جي شعبي جو بگاڙيا بچڙائي سڏي ٿو (ف ـ س).

جن ليڪڪن "مائوري" جي مختلف ذهني ڪمن جي باري ۾ ڏنل راءِ کي ورجايو آهي، انهن جو حوالو ڏيڻ بہ ضروري آهي."

"استرومپيل" (صفحو: 26) جي راءِ آهي تہ خوابن ۾ خود، يقينن ڪنهن جاءِ تي جيڪڏهن بگاڙو يا ڪا خرابي نظر نہ ٿي اچي، اتي ذهن جون منطقي عملي صلاحيتون جيڪي رشتن ناتن ۽ لاڳاپن جي بنياد تي ٻڌل هونديون آهن، سي گرهڻجي (Eclipse)، اڻ چٽيون ٿي ويندیون آهن.

"اسپيٽا" (صفحو: 148) اعلان ڪيو تہ "جيڪي خيال خوابن ۾ ظاهر ٿين ٿا، اهي مڪمل طور تي حادثاتي اصولن طرفان معطل ٽيل نظر اچن ٿا." "رابيستاڪ" (صفحو: 4 ۽ 153) ۽ ٻين ڪيترن ليڪڪن، فيصلي ڪرڻ جي صلاحيت جي ڪمزوريءَ خوابن جي انومان يا قياس آرائيءَ وارين خاصيتن تي زور ڏنو آهي.

"جوڊل" (Jodl. 1896,123) موجب تہ "خوابن ۾ ڪو بہ تنقيدي شعبو نہ هوندو آهي ۽ نہ ئي عام شعوري مواد جي حوالي سان، قائم ٽيل ادراڪي صلاحيت کي درست يا تصحيح ڪرڻ جي قوت هوندي آهي. ساڳيو ليڪڪ اها بہ راءِ ڏئي ٿو تہ "هر قسم جي شعوري سرگرمي، جذبي يا سوچ کي روڪيندڙ ذهني عمل ۽ علحدگيءَ جي طرز عمل سبب، پر رڳو اڌپوري صورت ۾، سپني ۾ نظر ايندي آهي." اسان جي جاڳ واري جاڻ سان، اهي تضاد يا اختلاف، جن ۾ خواب سلهاڙيل هوندا آهن، تن کي "استرائيڪر" (Striker. 1879_98) ۽ ٻين ڪيترن ليڪڪن، خوابن ۾ ويساري جي حقيقت جي مدنظر يا ڳالهين جي وسري وڃڻ جي منطقي هڪجهڙائيءَ واري پيٽ تي لکيو آهي، وغيره وغيره.

جيتوڻيڪ ڪجھ ليکڪن، عام طور تي خوابن جي نفسياتي عمل بابت ايتري موثر راءِ نہ ڏني آھي، جنھن کي قبول ڪجي تہ ذھني سرگرميءَ جي ڪا ھاڪاري بجت تيستائين منجھن موجود ھوندي آھي. ان ڳالھ کي "وونٽ" چٽيءَ ريت قبول ڪيو آھي، جنھن جا نظريا، ھن کيتر جي کيترن ٻين ڪم ڪندڙن جي رخ موڙڻ تي اثر انداز ٿيا آھن. چا ٿو چئي سگھجي! چا عام رواجي ذھني سرگرميءَ جون يادگاريا باقي بچيل فطري وصفون، سپنن ۾ ثابت قدم رھن ٿيون؟ اھا ڳالھ عام طور تي مڃڻ جھڙي آھي تہ ٻيھر سرجيندڙ شعبو يعني ياداشت، تمام گھٽ برداشت ڪندڙ نظر اچي ٿي، ۽ سچ تہ اھو آھي تہ اھا جاڳ جيون جي ساڳئي عمل جي لاءِ ھاڪاري ۽ اعتبار جوڳي مٽيرائي يا احساس برتريءَ جو نماءُ ڪندي آھي (ڏسو حصو "ب")، جيتوڻيڪ خوابن جا ڪجھ بيھودا يا نامناسب حصا، ويساري جي ذريعي صاف ۽ چٽيءَ ريت ۾ نظر ايندا آھن. "اسپيٽا" (صفحو 84) جي راءِ موجب، دماغ جو حصو جيڪو ننڊ جي ڪري متاثر نہ ٿيندو آھي، جيڪو انھن جذبن جي حياتياتي توانائيءَ جو مرڪز ھوندو آھي ۽ اھو ئي خوابن کي ھدايتون ڏيندو آھي. جذبن متعلق ھن جو مطلب آھي: "احساسن جو مضبوط ۽ مستقل مجموعو، جيڪو انسان ذات جي انتھائي نزديڪ يا بلڪل اندرين، داخلي جوھر جو انتظام ھلائي ٿو."

"شولز" (صفحو: 64) جو يقين آھي تہ دماغي سرگرمين منجھان اھا سرگرمي جيڪا خوابن متعلق معاملا سرانجام ڏئي ٿي، ھڪ تہ اھا ان جي خواب جي مواد سان رغبت آھي، جيڪا تمثيلي، تشبيھي يا ھٿراڏو (Allegorical) نموني ٻيھر تجزيو ڪرڻ جو سبب بڻجي ٿي." "سي بيڪ" (Siebeck. 1877,11) پڻ "وسيع تر تجزيي" جي لاءِ سپنن ۾، دماغ جو ھڪ "شعبو" ڏسي ٿو جيڪو سموري ادراڪ ۽ احساسن جي مٿان، ذھني توڙي جسماني اوسر لاءِ سرگرميءَ ۾ مصروف رھي ٿو. خاص طور تي خوابن ۾ شعور جي صورتحال جو تخمينو لڳائڻ ڏاڍو مشڪل آھي تہ ظاھري طرح نفسياتي عملن جو وڏي ۾ وڏو ڪم ڪھڙو آھي.

ھيل تائين اسان خوابن جي باري ۾ معلوم ڪري آياسين تہ اھي شعور مان ھلي اچن ٿا. سندس خوابن ۾ وڃڻ واري ثابت قدميءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ ٿو ٿي سگھي. "اسپيٽا" (صفحو: 5 ۽ 84) جو ان ڳالھ ۾ يقين آھي تہ جيڪڏھن ڪا شيءَ خوابن ۾ ثابت قدم آھي تہ اھو رڳو شعور ئي آھي، پر اھو "باشعور ھجڻ" نہ آھي. "ڊيلبوايوف" (صفحو: 19) بھرحال اعتراف ڪيو آھي تہ ھوان فرق کي سمجھڻ کان قاصر آھي.

خيالن يا سوچن تي حڪمراني ڪندڙ اصولن جو پاندارو، پاڻ وٽ سڏا خوابي مظھر جمع ڪندو رھندو آھي ۽ سچ پچ تہ انھن جي بالادستي پڻ خوابن ۾ صاف ۽ مضبوط انداز ۾ نظر ايندي آھي. "استروميل" چوي ٿو تہ: "خواب پنھنجا اصول ھلائيندو آھي، ان جو ستاءُ جيئن نظر ايندو آھي، اھو سندس اصولن موجب يا تہ خيالن کي وائکو يا عيان ڪرڻ جو عمل ھوندو آھي يا عضوياتي ترغيبون انھن خيالن جو ساڻ ڏينديون آھن، جنھن کري اھو اولڙن ۽ عڪسن، جمالياتي ذوق، يا اخلاقي انصاف جي ذريعي ڪنھن بہ صورت ۾ متاثر ڪرڻ کانسواءِ رھي نہ سگھندو آھي.

جن ليکڪن جا رايا، مون اوھان کي ٻڌايا، ھاڻي اچو تہ مان اوھان کي انھن جو اھو رخ ڏيکاريان، جن خوابن جي جوڙجڪ جي سلسلي ۾ ان کي مختلف ڪارڻن يا سببن ذريعي، ھن صورت ۾ پيش ڪيو آھي.

ننڊ دوران، مجموعي طور تي حسي ترغيبن جو پيدا ٿيڻ، جن کي مون اڳ ۾ بہ ھڪ ھڪ ڪري بيان آھي (ڏسو حصو "ب") تہ ذھن ۾ پھرين جاءِ تي ڪجھ تعداد ۾ سوچون اپرنديون آھن، جيڪي وھم يا سوداءَ واري صورت ۾ نمامندگي ڪنديون آھن يا ان کان بہ وڌيڪ سٽي نموني. "وونٽ" موجب سوداءَ دوران جڙندڙ تصوري عڪس، انھن جي باھرين ۽ اندروني ترغيب جي حوالي سان اخذ ٿيل ھوندا آھن. اھي خيال، جاتل سجاتل ھئڻ جي اصول تحت، ھڪ ٻئي سان ڳنڍيل ھوندا آھن ۽ ساڳئي ئي اصول تحت خيالن يا عڪسن جي ھڪ ٻئي سلسلي کي نينڊ ڏيندا آھن. پوءِ اھو سمورو مواد مٽن ڪم ڪرڻ لڳندو آھي، ان حوالي سان تہ جيڪڏھن ذھن جي انتظام سنياليندڙ ۽ سوچيندڙ شعبن ۾ پويان ٻيو بہ ڪجھ بچيل آھي، تہ ان کي بہ اڇڻ جي دعوت ڏيندو آھي، مثال لاءِ ڏسو "وونٽ" (صفحو: 658) ۽ "ويگانٽ".

ايان تائين تہ انهن سيني جا مقصد نامعلوم گفائن ۾ گم آهن. جيڪي فيصلو ڪندا تہ انهن نينڊ ڏنل عڪسن کي جيڪي خارجي ذريعن کانسواءِ ٿا ايرن. ڇا اهي تعلق جي هڪ ئي لڙيءَ ۾ پوئجي سگهن ٿا يا هڪ ٻئي سان سلهاڙجي سگهن ٿا!

بهرحال اهو پڻ ڏٺو ويو آهي تہ جيڪي واسطا، خوابي خاڪن جا هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن، اهي بہ نهايت خاص قسم جا آهن ۽ انهن خيالن کان مختلف آهن. جيڪي جاڳ دوران عمل ڪن ٿا. اهڙيءَ ريت "والڪيلٽ" (صفحو: 15) لکي ٿو تہ: "خوابن ۾ لاڳاپا، انهيءَ موقعي جي مناسبت سان "جيئن اڇي تيئن جهپجي" واري مثال جيان ڪيڏندي نظر اچن ٿا. جن جي هڪجهڙائي ۽ واسطو عام طور تي ادراڪ ۾ تمام چٽيءَ ريت موجود بہ هجي. هر خواب گدلاڻ سان پريل هوندو آهي پر ان قسم جو تعلق بلڪل نالي ماتر هوندو آهي." "مائوري" (صفحو: 126) انهيءَ عنصر جي ان طريقي کي تمام وڏي اهميت سان ڳنڍيو آهي، جنهن ۾ خيال، خوابن سان منسلڪ هوندا آهن. جيڪي ڪيس خواب جيون ۽ ڪجهہ ذهني وڳوڙ جي وچ ۾ ويجهي هڪ جهڙائيءَ جي نتيجي ڪيڙ جا وسيلا، لڳاتار مهيا ڪري ڏيندا رهندا آهن. هن، ان وهم جي غلبي يا مجبور ٿي پوڻ (Delire) جا بہ مخصوص عنصر بيان ڪيا آهن:

1. ذهني عمل، جيڪو بي اختيار ٿيندو رهندو آهي ۽ جهڙوڪر پاڻمرادو ٿيڻ لڳندو آهي.
2. گروهي غرور (Esprit): ناهموار تعلقات ۽ ٻين جي نظريات جا محتاج خيال. (ف ـ س)[1]

"مائوري" پاڻ خود پنهنجي سپنن جا بہ نهايت سٺا مثال پيش ڪيا آهن، جن ۾ سپنن جا عڪس هڪ ٻئي سان فقط هڪ جهڙي آواز وارن لفظن جي ذريعي جڙيل آهن. هن هڪ پيري خواب ڏٺو تہ هو جيروشلم يا مڪي شريف، حج تي ويو آهي، ڪيترين ئي جاين ڏسڻ کانپوءِ هن پاڻ کي دوافروش (Pelletier) وٽ ٻيئل ڏٺو جنهن ٿوري گفتگو کانپوءِ ڪيس جست مان ٺهيل ڪوڙ (Pelle) ڏني: خواب جي ٻئي حصي ۾، اها وڏي ڊگهي تلوار ۾ بدلجي وئي.

ٻئي خواب ۾ هن ڏٺو تہ هو ڪنهن رستي سان پئي ويو ۽ رستي جي پاسي تي لڳل پٿرن تي لکيل، ڪلوميٽر ڳڻيندو پئي ويو. پوءِ هن پاڻ کي پساريءَ جي دڪان تي موجود ڏٺو جتي هن بہ وڏيون تارازيون ڏٺيون. ڪنهن شخص، خود "مائوري" کي تورڻ لاءِ، ان ۾ تور جا وٿ وڌا. جنهن کانپوءِ، پساريءَ ڪيس چيو تہ: "تون هن وقت فرانس ۾ نہ پر "گلولو جي ٻيٽ" تي آهين." ڪجهہ ٻيا منظر بہ ڏٺائين، جن ۾ هن سنبل (Lobelia) جهڙو ڪو گل ڏٺو ان بعد هڪ "جنرل لوپز" (Genral Lopez) کي ڏٺو جنهن جي انتقال جي خبر هن ٿورو اڳ ٻڌي هئي. آخرڪار جڏهن هو "لوٽو" (Loto) راند[2] کيڏي رهيو هو تہ ان وقت هو جاڳي پيو[3].

ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ اسان بهرحال اها ڪوڄ لڳائڻ لاءِ تيار ٿي ويا آهيون تہ خوابن ۾ نفسياتي عمل جو ان هيٺين درجو جو تخمينو بغير تضاد يا مخالفت جي ائين گذري وڃڻ جي ڪڏهن بہ اجازت نہ ٿو ڏئي. جيتوڻيڪ ان نڪتي تي تضاد کي ڏسڻ، ڪو ايڏو آسان ڪم نہ آهي. مثال طور "اسپيٽا" (صفحو: 118) خواب جيون کي حقير پائيندڙ مان هڪ هو. جنهن ان ڳالهہ تي زور ڏنو آهي تہ اهي نفسياتي اصول، جيڪي جاڳ جيون کي هلائن ٿا، اهي پڻ سڀ نموني خوابن ۾ هلن ٿا. ۽ ٻيو "بوگاس"، پڌرو ڪيو تہ: "خواب، سبب يا دليل جي خلاف نہ آهن، يا دليلن ۾ صفا ڪنهن گهٽتائيءَ جو سبب آهن." (بوگاس. الف.س).

---

[1] (ف ـ س 1)، هتي هيءَ ڳالهہ بہ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ فرانسيسي ۾ ساڳئي وقت جرمنيءَ ۾ بہ "بي اختيار نفسياتي عمل" (Delire) جو لفظ "پنيلاٽيندڙ حالت" (Delusional State) جي معنيٰ ۾ ڪم اچي ٿو (ب ـ م).

[2] لوٽو اها راند آهي جنهن ۾، هڪ ٽيليءَ ۾ پيل نمبرن لڳل گوٽون ڪيڊي پاڻ وٽ موجود نمبرن واري ڪارڊ سان ملائي نمبر ڪاٽبو آهي. ان ريت جيڪو نمبرن واري قطار کي اڳ ۾ مڪمل ڪندو آهي اهو کٽندو آهي (ب ـ م).

[3] (حاشيو 1909 ۾ شامل ڪيل (تازي ايڊيشن ۾ صفحي 772 تي)، اسان خوابن جي انهن معنائن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين جيڪي تجنيس حرفي ۽ هڪ جهڙن آوازن اچارن ۽ قافين سان پريل آهن.

اهڙيون اثباتي دعوائون، ٿورو ٿڪو ديرپا وزن ضرور رکن ٿيون، پر سندن ليکڪن، انهن جي متعلق، پنهنجي ئي نفسياتي لکڻين اندر پيدا ٿيل مونجهاريءَ ۾ خوابن ۾ هر طرح جي عمل ۾ پيل رخني يا خلل تي ڪنهن ليکي چوکي ڪرڻ جي ڪوشش ئي ڪانه ڪئي آهي. ائين ٿو لڳي جڙ ان متعلق شروعات کي ٻيا ليکڪ اڳي ڪندا تہ خوابن واري بيوقوفي، ڪنهن اصول کانسواءِ نہ ٿي ٿي سگهي ۽ خود ترغيب ۽ ڊينش شهزادي جيان تہ ان قسم جو مڪاريءَ وارو فيصلو ڪنهن جي لاءِ ڪيو ويو هو. انهن پوءِ جي ليکڪن، ان کي، نظر اچڻ سبب نہ جاچيو آهي، يا خوابن جي ذريعي جيڪي ڪجهہ ڪين نظر آيو آهي، سو تہ ڪو صفا ئي مختلف آهي.

"هيولاڪ ايلس" (صفحو: 721) ۽ خوابن جي ظاهر خرابيءَ تي ساڳئي ئي روش اختيار ڪئي آهي، انهن جي متعلق هن ريت چوي ٿو تہ: "اها وسيع جڏبن ۽ اٽڪورين سوچن واري قديم دنيا آهي." جن جي مطالعي سان اسان تي آڳاٽي دور جي ذهني ارتقا جا دوار ضرور ڪلي سگهن ٿا. ساڳئي قسم جي خيالن جو اظهار "جيمس سولي" (James Sully. 1893,362) ۽ ان ريت ڪيو آهي، تہ ٻئي، بنا سوچ سمجهہ جي، ۽ مڪمل طور تي اثر ڪندڙ آهن. هن جا اکر نهايت وڏي ڏيان ڏيڻ جي لائق آهن، اسان جڏهن پنهنجي ذهن کي کوليون ٿا تہ هو تمام گهڻو قائل لڳي ٿو. ٿي سگهي ٿو تہ اڳتي هلي، نفسيات جو ڪو ٻيو ماهر اچي ۽ خوابن جي ڪا متيل معنيٰ ڏئي. تہ هاڻي اسان جي خوابن جو مقصد انهن ڪاميابي ماڻيندڙ آڳاٽين شخصيتن جي مقصد جي حفاظت ڪرڻ آهي ۽ "اسان جڏهن سمهون تہ شين کي ڏسڻ ۽ انهن جي متعلق محسوس ڪرڻ جي تمام پراڻي طريقي ڏانهن موٽي وڃون... انهن جڏبن ۽ سرگرمين ڏانهن، جيڪي گهڻو گهڻو اڳ اسان تي حاوي ٿي چڪيون هيون."

هڪدم تہ تائين پهچندڙ "ڊيلبوايوف" (صفحو: 222) پڌرو ڪيو (جيتوڻيڪ هن غلط ثابت ڪرڻ وارو اهو مواد نہ ڏئي، پاڻ کي غلطيءَ ۾ وڌو جيڪو سندس مقالي جي اختلاف ۾ شايع ٿيو هو): "ننڊ ۾ سمورا ذهني شعبا (رڳو ادراڪ جي لاءِ) ذهانت، تخيلاتي صلاحيت، ياداشت، عزم ۽ اخلاق، نهايت لازمي طور تي مسلسل ۽ محفوظ رهن ٿا: اهي فقط تخيلاتي ۽ غير مستقل شين تي لاڳو ٿيندا آهن. خواب ڏسندڙ هڪ اداڪار هوندو آهي، هو پنهنجي ئي مرضيءَ سان ديواني يا سودائيءَ جو ڪردار ادا ڪندو آهي، ڏاهن ۽ فلسفين جو، پنهنجي موت جي سزا تي عمل ڪندڙ ۽ انهن جي ستايلن يا بک ٿيندڙن جو، بندرن، جامڙن ۽ قداورن جو، جنن، بدروحن ۽ فرشتن جو ڪردار به پاڻ ئي ادا ڪندو آهي. (ف ـ س).

انهن جو طاقتور ۽ تازو توانو حريف، جيڪو خوابن ۾ نفسياتي عمل کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، اهو بلڪل "مارڪئس ڊي هاروي ڊي سينٽ ڊينيس" (Marquis d, Harvey de St. 1867) نظر ٿو اچي، جنهن سان "مائوري" پرجوش ۽ اتساهيندڙ بحث مباحثو ڪيو هو ۽ مان پنهنجي سموري ڪوشش جي باوجود ان جي ڪتاب کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيو آهيان.[1]

"مائوري" (صفحي 19 تي) هن متعلق لکي ٿو: "مارڪئس ڊي هاروي، ننڊ دوران عمل ۽ ڏيان جو ذهانت سان مڪمل اختياري لاڳاپو ڏيکاريو آهي، ۽ اهو سوچيندي نظر اچي ٿو تہ ننڊ فقط احساسن جو رستو روڪڻ تي مامور آهي، اها پاڻ ۾ باهرين دنيا جا دوار بند ڪري چڏيندي آهي. ان ڪري هن جو رايو آهي تہ ننڊ ۾ ستل ماڻهوءَ کان مشڪل سان مختلف هوندو جيڪو پنهنجا حواس بند ڪري چڏي ۽ سوچن کي پنڪڻ لاءِ چڏي ڏي، عام خيالن ۽ ننڊ ۾ ستل ماڻهوءَ جي خيالن ۾ آيل سوچن ۾ رڳو هڪڙو فرق هوندو آهي. پوئين معاملي ۾ خيال نظري مظهرن ذريعي ۽ خارجي صورت ۾ نظر ايندا آهن ۽ اهي، خارجي شين پاران طئي ڪيل احساسن ذريعي سڃاڻپ جوگا نہ هوندا آهن. اهڙيءَ ريت يادون، حال جي ڪنهن واقعي سان رلمل ٿي ويندیون آهن. (ف ـ س).

---

[1] هي چين جي تاريخ ۽ تهذيب جو مطالعو ڪندڙ (Sinologist) هڪ نهايت مشهور دانشور جو ڪم هو جنهن جو ڪتاب نهايت گمنامي ۾ شايع ٿيو هو.

ان سلسلي ۾ "مائوري" ڪجھ وڌيڪ لکيو آھي تہ: "اڄان ھڪ پيو فرق بہ آھي، جنھن کي تمام گھٽي اھميت حاصل آھي: جڳ تہ ستل ماڻھوءَ جي ڏاھپ جا شعبا ان ماڻھوءَ ۾ جيڪو جاڳيل آھي، توازن جي نماءَ کي برقرار رکي نہ ٿا سگھن، (ف۔س).

"واشيدي" (صفحو 146)،[1] مارڪئس ڊي ھاروي ڊي سينٽ ڊينيس جي ڪتاب جو نھايت صاف ۽ چٽو مواد اسان کي ڏنو آھي، ۽ ان جي ھڪ حصي (35. 1867) جو حوالو بہ ڏنو اٿس:

"خوابن جا خاڪا، "خيالن جو نقل" ھوندا آھن، اھم شيءَ "خيال" آھي، جن جو نظري مظھر فقط اضافي، مددگار يا ڪتب ايندڙ ھوندو آھي، جڏھن ھڪ پيرو پيدا ٿيڻ لڳن تہ انھن جي سلسلي يا ڪڙين کي سمجھڻ متعلق اسان کي لازمي جاڳ ھئڻ گھرجي، اسان کي اھو بہ معلوم ھئڻ گھرجي تہ خوابن جي بناوٽ يا اٽت جو تجزيو ڪيئن ڪجي: انھن جي منطقي طور اڻ لاڳاپيل ھجڻ جي ڏانھن، ھڪ نھايت عجيب، انوکا خيال، سادا ۽ مڪمل منطقي حقيقتون ڪيئن ٿا ٿي وڃن! اسان کنھن عجب ۾ وڃھندڙ خواب متعلق، منطقي وضاحت جي کوج بہ لڳائي سگھون ٿا پر تڏھن جڏھن اسان کي خبر ھجي تہ انھن جو تجزيو ڪيئن ڪبو آھي."

مارڪئس ڊي ھاروي ڊي سينٽ ڊينيس جي ڳالھ ۾ لفظ بہ لفظ حقيقت نہ آھي.

پر "واشيدي" جي سمجھاڻيءَ ذريعي، ڳالھ کي سمجھڻ جي ضرورت بلڪل آھي، (ف۔س).

"جان استارکي" (John Starcke. 1913, 243) نشاندهي ڪئي آھي تہ:

خواب جو ساڻئي نموني منطقي طور لاتعلق ھجڻ جي معاملي کي آڻائي زماني جي ليڪڪن اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آھي."

"وولف ڊيوڊسن" (صفحو 136)، جنھن جي ڪم کان مان اڄان گھڻو واقف نہ آھيان، لکي ٿو تہ:

"خوابن ۾ اسان جي نھايت غير معمولي شوق ۽ بيچينيءَ سان قبول ڪرڻ ذريعي ڪنيل سمورن خيالن جا بنياد تعلقات جي اصولن تي قائم ھوندا آھن: ڪڏھن ڪڏھن بھرحال اھي لاڳاپا، ذھن ۾ اڻ چٽا، ڏندلا ۽ مبھم انداز ۾ ظاھر ٿيندا آھن، ان ڪري اسان جا خيال گھڻو ڪري اڻ چٽا، ڏندلا يا مبھم نظر ايندا آھن، جڏھن تہ حقيقت ۾ اھي ائين نہ ھوندا آھن."

اھڙيءَ ريت ھن موضوع تي لکيل ادب، اسان کي تبديليءَ جو ان اھميت سان ھڪ وڏو ۽ وسيع دائرو ڏيکاريو آھي، جيڪو خوابن جي نفسياتي پيداوار کي سمجھڻ لاءِ سونھيو ويو آھي. اھو دائرو ان ئي قسم جي وڏي بي قدريءَ سان اڳتي وڌيو آھي، جنھن سان اسان، انھن اشارن جي ذريعي، اڳ ئي مانوس آھيون، جن جي اھميت ايجا تائين لکل آھي. ان ڳالھ جي اھميت جو اندازو لڳائڻ، جيڪا جاڳ جيون جي عملن جي بنسبت خواب کي وڏو ۽ اونچو درجو ڏئي ٿي.

"ھلڊبرانٽ" (صفحو: 19) جنھن، جيئن اسان ٻڌو آھي تہ ھن خواب جيون جي سمورن نفسياتي عنصرن جو تت ڏن اصولن تحت ڪيڻ جي ڪوشش ڪئي ھئي. جن مان ٻن کي، ھن ڏٺين جي دلچسپ ۽ معنيٰ خيزيءَ لاءِ اھميت جي انتھائي ۽ آخري حد تائين استعمال ڪيو آھي: "اھو ذھني زندگيءَ جي زور وٺائڻ يا تيز ڪرڻ ۽ ان جي وڌائڻ يا ڦھلائڻ جي عمل جي وچ ۾ تضاد آھي، اھو مصوري وغيره جي معاملن تي مھارت رکڻ واري حالت (Virtuosity) جو ڪو اتفاقي نتيجو نہ آھي ۽ ٻئي پاسي سلسليوار بگاڙ ۽ ڪمزور ڪرڻ جو عمل جيڪو خود انسانيت جي ادنيٰ درجي سان ٺھڪي اچي ٿو. جيتري قدر پھرين ڳالھ جو تعلق آھي تہ اسان مان ڪي چند ماڻھو اھڙا ھوندا، جيڪي پنھنجي تجربي جي آڏار تي اھا دعويٰ ڪندا ھوندا، تہ اھڙا عڪس، تخليقن ۾ وقت بہ وقت نروار ٿيندا رھندا آھن ۽ ڪنھن سياڻي جي سپنن جي تاجي پيڻي ۾، ھڪ گھرائي ۽ جذبن جي ياراڻي ۽ احساسن جي نزاڪت، نظري مظھرن جي چٽائي، مشاھدي جي حرفت ۽ حاضر جوابيءَ جي صلاحيت وغيره جي متعلق

---

[1] ھي حصو 1914ع ۾ شامل ڪيو ويو آھي.

اسان دعويٰ نہ ٿا ڪري سگھون تہ اسان جي جاڳ جيون ۾ انھن سمورين صلاحيتن تي اسان جو اختيار يا ضابطو هميشہ رهندو آهي.

سپنن ۾ ڏاڍي بهترين ۽ وٽندڙ ڪويتا، ڪو تيز فهم يا اڏ اڪري قصو لاجواب استعارو، بي مثل مذاق، غير معمولي ٻوليءَ جي سگھي ٿي. دنيا مٿان "خواب جي نظر"، هڪ عجب جهڙي "آدرشي روشنيءَ" ۾ ٿئي ٿي ۽ ان جا اثر وڏن ٿا، ۽ ان انداز سان ڦهلجن ٿا، تہ هن پنهنجي گهري سمجهہ ۽ فهم واري لازمي فطرت جي ذريعي چا ڏنو!

اها اسان جي اکين کي ڏرتيءَ جي سونهن جي سرمي سان سنواري ٿي، جنت جي من معطر ڪندڙ هير سان انگ انگ کي ٺاري ٿي، بادشاهي ويس وڳا پارائي ٿي، اعليٰ قسر جي تخت تي ويهاري ٿي، سپني جي اها نگاهہ اسان جي روزاني جي انديشن الڪن ۽ اوسيئڙن کي پوائتين شڪلين ۾ پيش ڪري ٿي، اسان جي ريجهہ رهاڻ ۽ تفريح کي، دل آزاريءَ کي ٻيان نہ ڪري سگھڻ جهڙي پوڳ چرچي ۽ تهڪن ۾ بدلائي ٿي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن، جڏهن اسان جاڳندا آهيون ۽ تيستائين اهڙي قسر جي ئي ڪنهن تجربي مان گذرندا آهيون تہ اسان حقيقت ۾ تہ ائين نہ هوندا آهيون پر اهو محسوس ضرور ڪندا آهيون تہ اسان جي پنهنجي حياتي، جاڳندڙ دنيا دوران تہ اهڙو سڪ ڪڏهن نہ ٿي ڏٺي سگھي."

اسان اهو سوال ڪري سگھون ٿا تہ:

"ڪٿي ائين تہ نہ آهي تہ جيئن شان گهٽائيندڙ ٽيڪا ٽپٽيءَ جو حوالو ابتدائي صفحن ۾ ڏنو ويو آهي تيئن هيءَ پرجوش مدح خواني بہ ممڪن آهي تہ ساڳئي ئي ڳالهہ سان وابستا هجي؟"

چا اها ڳالهہ ان ڪري نہ آهي تہ اسان جي ڪجهہ بااختيار ماڻهن، انهن واهيات ۽ واڌاري قسر جي خوابن کي نظرانداز ڪيو آهي ۽ ٻين وري ان کي ڳوڙهو سمجهہ ۾ نہ ايندڙ ۽ مڪار ۽ فريب ڏيندڙ ڪوٺيو آهي؟

۽ جيڪڏهن انهن ٻنهي قسمن جا خواب نظر ايندا آهن تہ چا خواب لاءِ انهن ٻنهي قسمن جي لڳايل تخميني جو ڪو جواز بہ آهي!

ٿي سگھي ٿو تہ خوابن جي نفسياتي عنصرن جي فرق متعلق سوچڻ، اجايو وقت برباد ڪرڻ جي برابر نہ بہ هجي؟

چا اهو چوڻ مناسب نہ ٿيندو تہ "سپنن ۾ هر شيءَ ممڪن آهي."

۽ ذهني زندگيءَ جي درجي گهٽائڻ جي اهڙي، اونهي عمل پاران، اهو ڪو سرفرازي يا ڪامرانيءَ جو تحفو تہ نہ آهي! جيڪو جاڳ وارين گهڙين ۾ ڪڏهن ڪڏهن حاصل ٿيندو آهي؟

بهرحال ان جو آسان حل اهو بہ ٿي سگھي ٿو تہ ان جي اختلاف ۾ ڪهڙي ڳالهہ سامهون اچي ٿي، حقيقت اها آهي تہ خوابن جي مسئلن بابت ڪيل ڪوجنا جي سمورين ڪوششن جو بنياد، مضبوط عقيدي يا ويساهہ تي قائم ٿيل لڳي ٿو جنهن ۾ ڪي قدر فرق يا تفاوت جا عنصر موجود نظر اچن ٿا، جنهن کي بہ محدود ڪرڻ لاءِ پاتل ليڪ يا ان بابت ٻڌايل دائري ذريعي ئي ان کي دنيا ۾ مڃيو يا قبول ڪيو وڃي ٿو ۽ اهي ظاهر ظهور اختلاف، ڪنهن غير وراڃي يا غير معمولي انداز سان صاف ۽ چٽا ٿي سگھن ٿا.

افسوس اهو آهي تہ خوابن جي نفسياتي معلومات پڙهندڙن تائين آسانيءَ سان پهچي سگھي ٿي ۽ ڏاهپ جي عرصي دوران، انهن جي مڃتا انتهائي گرمجوشيءَ سان بہ ٿي سگھي ٿي، پر لڳي ٿو تہ هاڻي اها ڳالهہ گهڻو پوئتي رهجي وئي آهي. ڪو زمانو هو جو انساني دماغ، فطرت متعلق، مشاهدي ۽ مطالعي مان حاصل ڪيل ڄاڻ ٻجاءِ فلسفي جي اثر هيٺ هوندو هو.

اهڙيءَ راءِ جو اظهار "شوبرٽ" (صفحو: 20) ڪيو آهي تہ:

"سپنا، روح جي آزادي هوندا آهن، اهي فطرت جي خارجي قوت کان بلڪل بي نياز، حواسن جي ، ماڻندڙ ۽ حدن کان گهڻو ڏور، آزاد روح جي بي پايان وسعتن ۾ پيا سئر ڪندا آهن."

نوجوان "فختي" (صفحو: 1 ۽ 143)، "هافنر"، "اسپيتا" (صفحو: 11 ۽ ٻين بہ ڪيترن ليکڪن جي راءِ ساڳئي قسم جي آهي، اهي سڀئي خوابن کي ذهني جيون جي بلندي سمجهن ٿا، ۽ ان کي مٿانهون مقام ڏين ٿا. جيڪو اسان کي هاٿي تہ ڪجهہ مشڪل سان ئي ڏاهپ يا سمجهہ پريو ٿو نظر اچي.

اڃڪلهہ اها ڳالهہ رڳو علم غيب (Mysticism) ۽ تقويٰ جي نظريي (Pietism) [1]، جا حامي پيا ورجائين،[2] س ن يا خيالن متعلق، مشاهدي ۽ مطالعي مان حاصل ڪيل ڄاڻ، پاڻ سان گڏ، خوابن پر ردعمل جو تخمينو بہ لڳائيندي هلي ٿي. علاج معالج سان واسطو رکندڙ ليکڪن پر، خوابن پر نفسياتي سرگرمين متعلق لاڙو روزمره جي معمولي ڳالهين سان منهن ڏيڻ جيان هوندو آهي: جڏهن تہ فلسفين ۽ پيشو اختيار ڪرڻ کانسواءِ مشاهدو ڪندڙ سيکڙات يا شوق رکندڙ نفسيات جا ماهر، جن جو هن موضوع تي ٿورو گهڻو بهرو ورتل هوندو آهي، انهن کي بہ (خاص ڪري تمام ويجهي احساساتي لاڳاپي سبب) ڏاڪاڻ نہ گهرجي. انهن جو سپنن جي نفسياتي اهميت جي باري پر اعتقاد کي پڌ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي. ڪوبہ شخص، جنهن پر خوابن پر ٽيندڙ نفسياتي عمل متعلق ننڍي پيماني تي راءِ ڏيڻ جو لاڙو موجود هجي، اهو ظاهر آهي تہ اهو انهن طبعي ترغيبن جي مقرر ڪيل ذريعن کي اهميت ڏيندو جڏهن تہ اهي، جن جو اعتقاد آهي تہ خوابي ذهن، وڏو حصو پنهنجي جاڳ واربن گنجائشن ذريعي قبضي پر رکي ٿو جن کان لنوائڻ جو ڪو جواز نہ آهي، تہ سپنن کي اپارينڊڙ ترغيبون، خوابيده ذهن منجهان ئي اپري سگهن ٿيون.

اعليٰ قسم جا شعبا، جيڪي خواب جيون جي خوبي يا لياقت بيان ڪرڻ لاءِ پڙهہ سنجيده پيٽ ڪرڻ جي طرف لاڙو رکندا آهن. جن مان گهڻو زور انهن ڳالهين تي هوندو آهي، جيڪي يادن پر محفوظ هوندیون آهن، جن جي متعلق اسان اڳ پر بہ (حصي "ب" پر) تفصيل سان بحث ڪري چڪا آهيون. خواب جيون پر پيو اهم ۽ اعليٰ نڪتو اهو آهي، جن جي متعلق اڳ جي ليکڪن گهڻي تعريف ڪئي آهي، تہ "جيڪي وقت جي فاصلي ۽ وچوٽيءَ جي مٿانهين درجي تان ايرن ٿا، سي آسانيءَ سان ڏيکاءُ بہ ڏئي سگهندا آهن پر انهن جو ڪو بڻ بنياد موجود نہ هوندو آهي." جيئن "هلڊيبرانٽ" (صفحو: 25) نشاندهي ڪئي آهي تہ "اهو فائدو تصور جي ڪري آهي." خواب لاءِ وقت ۽ وچوٽيءَ جو مٿانين انداز سان ايرڻ جو طريقو لڳيڪ ساڳيو ئي آهي، جيئن جاڳ دوران خيال ايرندا آهن، ان جو سبب اهو بہ آهي تہ اهي فقط خيال جي ئي شڪل پر هوندا آهن، جن تي خواب لاءِ ڏيان ڏنل هوندو آهي تہ جيئن اهي جاڳ جيون واري وقت جي نزاڪت سان هڪ ٻيو فائدو حاصل ڪري سگهن، چاڪاڻ تہ اهي، هڪ ٻئي حوالي سان وقت جي دورانيي کان آزاد هوندا آهن. "مائوري" بہ اهڙي قسم جي هڪڙي پنهنجي خواب پر سسي ڏڙڪان ڏار ٽيڙ وارو اهو اوزار (ڪات) ڏٺو هو جيڪو ڦاسيءَ واري جاءِ تي، ٻن ٽنين جي وچ پر ٽنگيل هوندو آهي. جنهن مان اهو ٿو ڏسجي تہ خواب، ادراڪي مواد جي گهڻو دور هجڻ جي باوجود تمثيلي انداز پر، وقت کي گهٽائي ننڍو بہ ڪري ٿو. اهو اسان جي جاڳ واري ذهن جي ذريعي ڪار وهنوار بہ ڪري ٿو. اهو نتيجو بهرحال مختلف دليلن لاءِ اختلافي بہ آهي. هيل تائين "لورين" ۽ "ايگر" خوابن جي چٽي يا ظاهر دورانيي/عرصي تي، هڪ ڏکهو ۽ دلچسپ بحث ڪري هن موضوع کي ڪافي وڌايو هو پر اهو نہ وسهڻ جهڙو نظر نہ ٿو اچي، چاڪاڻ تہ هن اهم ۽ ڳجهي سوال تي ڪو آخري اکر چوڻ لاءِ ايجان وقت پيو آهي ۽ کي گهرا اشارا، جيڪي ان پر ملوث آهن، سي ايجان دريافت ٿيڻا آهن.[3]

---

[1] سترهين صديءَ جي تحريڪ جيڪا جرمنيءَ جي لوٿيسري گرجائن مان شروع ٿي جنهن پر رسمن جي بجاءِ ذاتي محسوسات تي زور ڏنو ويندو هو (ب ـ م).

[2] (1914 پر شامل ڪيل): غيب جي علم کان واقف نهايت ڏهين شخص "ڊيوپرل" (Du Prel. 1885)، انهن چند ليکڪن مان هو جنهن جي حوالي کي هن ڪتاب جي ابتدائي اشاعتن پر نظرانداز ڪيو ويو هو جنهن لاءِ مان معذرت خواهہ آهيان. هن جو چوڻ آهي تہ "مافوق الفطرت طرف کلندڙ دروازو جيستائين مائٿوءَ جو واسطو آهي تہ اهو جاڳ واري حالت پر نہ ٿو کلي پر ان جا دوار سپنن پر کلن ٿا." "ڊيوپرل" (ص: 59).

[3] هي حصو 1914ع پر شامل ڪيو ويو آهي. ان مسئلي تي وڌيڪ ڪتابي فهرست ۽ تنقيدي بحث، "ٽوبووولسڪا" (Tobowolska. 1900) پر ملندو.

ڪيترن ئي معاملن (Cases) جي جائزي کي پڌرو ڪرڻ سان گڏوگڏ "شابانيڪس" (Chabaneix. 1897) جا گڏ ڪيل واقعا، تضاد کان بنهه پاڪ صاف ڪري ڏيکاريا ويا آهن. مطلب ته هن جو چوڻ آهي ته "خواب، ڏينهن جي ڏاهپ وارن ڪمن کي ڪٽي اڇي ٿو ۽ اهي نتيجا اخذ ڪري ٿو جن تائين جاڳ واري حالت ۾ رسڻ مشڪل هوندو آهي. خواب، اهي شڪ شبها ۽ مسئلا ختم ڪري سگهندا آهن. ۽ شاعرن جي ڪومل من ۾ ڪنهن "نئين ڪويتا" جي رچڻ جو ڪارڻ بڻجندا آهن ۽ موسيقارن ۾ ڪنهن نئين ڌن تخليق ڪرڻ جو اتساهه پيدا ڪندا آهن. پر ٽي سگهي ٿو حقيقت ان کان به مختلف هجي! جنهن لاءِ انومان يا اشارن جا دروازا، يقينن شڪن شبهن کي دور ڪرڻ لاءِ اڃان ڪليل آهن. جيڪي اصولي طور ڪولي سگهجن ٿا.[1]

بهرحال خواب مستقبل متعلق هڪ "غيبي يا الهامي قوت" طور مشهور آهن. هتي اسان کي انهن ماٿهن سان اختلاف آهي، جن ۾ گهڻو ڪري مات نه کائيندڙ (Insuperable) ناستڪي يا بي اعتقاديءَ جي نظرين (Scepticism) سبب، ور ور ڪري پنهنجي دعوائن کي درست قرار ڏيڻ لاءِ ضد ٻڌي بيهندا آهن. بيشڪ اسان صحيح ڏڳ سان پنهنجي ذميدار نيائينداسين، ڪو زور زبردستي نه ڪنداسين ته ان راءِ جو حقيقت ۾ ڪو بنياد ئي نه آهي! ڇاڪاڻ ته اهو ممڪن آهي ته تمام گهڻي تعداد ۾ واقعن جي حوالن ڏيڻ سان ٽي سگهي ٿو ته فطري نفسياتي سرحد جي ڪا وضاحت ملي پوي.

---

[1] هي حصو 1914ع ۾ شامل ڪيل آهي جيڪو "هيولاڪ ايلس" (Havelock Elis, 1911, 265) جي ڪيل تنقيد تان کنيل آهي.

(6)

خوابن ۾ اخلاقي شعور
MORAL SENSE IN DREAMS

انهن سببن لاءِ جيڪي منهنجي پنهنجي کوجنا کانپوءِ خوابن ۾ ظاهر ٿيا. انهن کي هن سلسلي ۾ پيش ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. مان خوابن جي نفسيات واري موضوع کان بلڪل به الڳ ٿلڳ ٿي ويو هوس. ان جو خاص سبب اهو هو ته مان ڏسڻ ٿي چاهيو ته "خواب جيون" ۾ ڪيتري قدر ۽ اخلاقي سياءَ جون ڪهڙيون گنجائشون. حدون ۽ احساس پکڙجڻ لڳن ٿا. هتي پڻ اسان ساڳئي قسم جي اختلافي راءِ ذريعي گڏ ٿيا آهيون. جن کي سمجهڻ تمام ضروري آهي. ان سلسلي ۾ اسان خوابن دوران ذهن جي ڪجهه ٻين عملي صلاحيتن متعلق مختلف ليڪڪن جي نيايل ڪم کي جاچيوسين. ڪجهه دليل ۽ دعوائون اهي آهن ته خوابن ۾ اخلاقي هدايتن جي ڪا گنجائش ڪانه آهي. جڏهن ته چند ٻين قطعي طور تي ڪا معمولي دعويٰ ڪا نه ڪئي آهي. جن جو چوڻ آهي ته: ماڻهوءَ جو اخلاقي ڪردار ان جي خواب ـ جيون ۾ به ثابت قدم رهي ٿو.

سپنن جي عام قسم جي تجربي جي ڪشش. انهن جي جوڙيندڙن جي راين جي درستگي. ڪنهن به شڪ کانسواءِ قائم ٿيل آهي. "جيسن" (Jessen. 1855, 553) لکي ٿو ته: "اسان ننڊ ۾ نه ته ڪو بهتر ڪم ڪندا آهيون. نه ئي ڪو وڏي خوبيءَ يا پارسائيءَ وارو ڪم ڪندا آهيون. پر ان جي ٻيٽ ۾ خوابن ۾. ضمير يا وويڪ بلڪل خاموش هوندو آهي. ۽ خوابن ۾ انتهائي نيچ قسم جو جرم. چوريون. ڏاڙا. وڳوڙ ۽ قتل مڪمل بيپرواهيءَ سان. ڪرڻ لڳندا آهيون. جنهن لاءِ پنهنجي ڪيل عمل تي ڪو به پڇتاءُ ڪرڻ ته ٺهيو ٿورو ڏڪ درد يا شرم به محسوس نه ڪندا آهيون.

راڊيستاڪ (صفحو: 164): "اها ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته لڳ لاڳاپن جو دل تي تري اچڻ ۽ خيال. سمجهه. ساڃاهه. جمالياتي حس ۽ اخلاقي انصاف. خوابن ۾ بنا ڪنهن اولڙي جي. هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هوندا آهن. انصاف ڪافي ڪمزور هوندو آهي ۽ اخلاقي بيپرواهيءَ جو هڪ تمام وڏو ۽ شاهي غلبو هوندو آهي."

"والڪيلٽ" (صفحو: 23): "جيئن ته اسان سيني کي خبر آهي ته خوابن ۾ خاص ڪري جنسي معاملن ۾ سموري ڪاروائي بلڪل چڙواڳ ۽ بي لغام هوندي آهي. خواب ڏسندڙ خود مڪمل طور تي بيشرم ۽ اخلاقي احساسن يا انصاف کان بلڪل عاري هوندو آهي. ان کان علاوه هو هر ڪنهن کي. ڪنهن ٻيءَ حالت ۾ به ڏسي سگهندو آهي. جن ۾ اهي ماڻهو به شامر هوندا آهن جن لاءِ هن کي تمام گهٽي عزت هوندي آهي. هو ساڻن اهڙن ڪمن ۾ مصروف ٿي ويندو آهي. جن ۾ ملوث ٿيڻ ئي تمام خطرناڪ هوندو آهي. ۽ جڏهن هو جاڳندو آهي ته سندس خيالن ۾ به ڪجهه اهڙي ئي قسم جون ڳالهيون هونديون آهن."

انهن جي مڪمل اختلافي صورت ۾ اسان کي شوپنهار" (حصو 1 صفحو: 249) جو هڪ بيان ملي ٿو ته "هر اهو ماڻهو. جيڪو خواب ڏسندڙ کي خواب ۾ ساڻس گڏ ڪم ڪندي يا ڳالهائيندي نظر اچي ٿو. ان جي مڪمل وابستگي سندس ئي ڪردار سان آهي."

"اسپيٽا" (صفحو: 188) "ڪي.پي.فشر" (K.P.Fischer. 1850, 72) جو حوالو ڏيندي ظاهر ڪيو آهي ته "داخلي احساس ۽ تمنائون. شوق. ارادا. پيار ڏڪار ۽ خوف جا جذبا پاڻ کي. خواب جيون ۾ نهايت آزادگيءَ سان اظهاريندا آهن. ۽ اهي خواب ۾ ماڻهوءَ جي پنهنجي اخلاقي ڪرداري خصوصيت جو اولڙو هوندا آهن.

"هافنر" (صفحو: 251): "ڪڏهن ڪڏهن، ڪو وڏي خوبيءَ وارو نيڪ صالح يا پارسا شخص، سپني ۾ به نيڪ صالح هوندو آهي، هو من کي هرڪائيندڙ رغبتن سان مزاحمت ڪندو آهي ۽ نفرت وارين ڳالهين، جهڙوڪ: بغض، ڪينو ڪپت، ساڙ، طمع، خوف ۽ ٻين ڪيترن عيبن، خطائن کان پاسو ڪندو آهي، پر هو شيطان صفت انسان، جيئن اصول آهي ته اهو پنهنجي خوابن ۾ به ساڳيا ئي صفاتي منظر ڏسندو آهي، ته جاڳڻ وقت به سندس اکين اڳيان اهي ئي نقش پيا ڦرندا آهن."

"جيويٽ" (Jewett) جي ڪيل ترجمي مطابق، "شولز" (صفحو: 62) جو چوڻ آهي ته: "خوابن ۾ سچ هوندو آهي، اسان جيئن هوندا آهيون، تيئن ئي خوابن ۾ اسان پنهنجي متعلق گهڻو ڪجهه سکندا آهيون، انهن سمورن متيل ويسن (Disguises) جي باوجود، جيڪي ويس اسان دنيا کي ڏيکائيندا آهيون، پوءِ چو نه اهي ڪي اعليٰ قسم جا هجن يا صفا مذاق اڏائيندڙ هجن، انهن کان به پلي پت واقف ٿيندا آهيون. هڪڙو معتبر ماڻهو خواب ۾ ڪڏهن به قتل ڪري نه ٿو سگهي يا جيڪڏهن ڪو ڪرڙ چاهيندو به ته پنهنجي طبيعت جي ڪري ڪيس ڊپ ويڙهي ويندو. روم جو بادشاهه اُن ماڻهوءَ کي سزا ڏيندو هو جيڪو خواب ڏسندو هو ته اهو شخص کيس دغا سان مارائڻ ٿو چاهي. ائين ڏسڻ لاءِ جيڪڏهن وٽس جواز هوندو هو ته هو حق تي آهي چاڪاڻ ته هو سمجهندو هو ته جيڪي خيال سندس خوابن ۾ ايندا آهن، جاڳ ۾ به ساڳيا اهي ئي هوندا آهن. هڪ عام چوٽي آهي ته: "مان اهڙا خواب نه ٿو ڏسي سگهان." جڏهن ان جي ڪنهن سان وابستگي هوندي آهي ته ان تاثر جو درست هجڻ، ٻئي اهميت جو حامل هوندو آهي، جنهن کي اسان پنهنجي دل يا دماغ ۾ جاءِ نه ڏئي سگهندا آهيون."

"پلوٽو" جو خيال وري ائين آهي ته سڀ ماڻهو اهي آهن جيڪي رڳو اهي خواب ڏسندا آهن ته سندن جاڳ جمون ۾ پيا ڪهڙو ڪم ڪن ٿا.[1]

"اسپيتا" (صفحو: 192) "پاف" (Pfaff.1868,09) جو حوالو ڏيندي ان مشهور چوٽيءَ جي ڪجهه لفظن کي گهٽائي لکيو آهي ته: "مون کي پنهنجا خواب سڀاڻ، ته مان توکي تنهنجي من اندر جي ڳالهين کان واقف ڪريان." "هلڊيبرانٽ" جو چوڻ آهي ته خوابن ۾ اخلاقي مسئلا هڪ اهم ۽ مرڪزي دلچسپيءَ سان ڪنيل هوندا آهن. سندس نڊيڙي ڪتاب منجهان، گهٽا ئي حوالا مان اڳ ۾ ڏئي چڪو آهيان. خوابن جي مطالعي متعلق ڪيل سموريون ڪوششون، جن کي مان پار ڪري آيو آهيان، اهي پنهنجي سانچي ۾ بلڪل درست، ۽ سوچن يا ويچارن جي سلسلي ۾ بلڪل بيش بها آهن. "هلڊيبرانٽ" (صفحو 54) به انهيءَ تي انحصار ڪيو آهي، جيئن اصول آهي ته "جيون شڌ ته سپنا شڌ." جهڙي نيت تهڙي مراد. ڪنهن ڏانهن من ميرو ڪبو ته ٻيو ان کان وڌيڪ ميري من سان پيش ايندو. هن جوان ڳالهه ۾ يقين آهي ته "انسان جي اخلاقي فطرت، خوابن ۾ به ثابت قدم رهندي آهي." جڏهن ته هو اهو به لکي ٿو ته: "انگ وديا (Arithmatic) جي مجموعي غلطي توڙي، مشاهدي ۽ مطالعي مان حاصل ڪيل ڄاڻ جي اصولن جي انتهائي وڏي رومانوي تبديلي يا انقلاب به ۽ تمام گهڻي ڪل جهڙيون ۽ اڻ لاڳاپيل، دقيانوسي رسمون، روايتون يا طور طريقا (Anachronism) جن کي نظرانداز ڪرڻ سبب به، اسان مونجهاري ۾ مبتلا ٿي سگهون ٿا، ۽ اهڙي قسم جي انساني اخلاقي فطرت تيسيتائين اسان ۾ بدگمانيون ۽ شڪ پيدا ڪري سگهي ٿي، جيسيتائين اسان سڀ ۽ خراب، درست ۽ غلط يا گڙ ۽ اوگڙ جي وچ ۾ فرق ڪرڻ، واري فڪري سوچ کي هٽان نه ڇڏيندا سين. بهرحال ڏسڻو اهو آهي ته ڏينهن دوران، اسان جو گهڙو ڪار وهنوار ڪهڙو آهي، جيڪو اسان جي رات جي سمهڻ واري وقت ۾ به ورجاءُ ڪري سگهي ٿو. "ڪانٽ" جو خيال آهي ته "اهو بنا شرط شروط جي ۽ عقلي طور تي واجب اخلاقي فرض ئي آهي، جيڪو ماڻهوءَ سان قدم سان قدم ملائي هلندو آهي، جو اسان ان کان نند ۾ به جند ڇڏائي نه ٿا سگهون.... پر ان حقيقت جو تعلق به انسان جي بنيادي فطرت ۽ سندس اخلاق سان آهي، جيڪو پڙ سيريين جي چرپر جيان سختيءَ سان ڇهيل هوندو آهي۽ تصور، تخيل، يادن، سببن ۽ ٻين ڪيترن ئي شعبن کان متاثر ٿي، ان کي خوابن ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

---

[1] هي حصو 1914ع ۾ شامل ڪيل آهي، ان جو ابتدائي حصو ڪتاب "ريپلڪ" جي (ترجمو ٿيل 409. 1871) نائين باب ۾ آيل آهي.

جيئن ته هي موضوع اڃان هلندڙ آهي، سو بهرحال ٻنهي طرفن جي ليکڪن، پنهنجي اسلوب مطابق، پنهنجي دليلن ۾ غير معمولي تبديليون جو اظهار ڪيو آهي. انهن، جن ان نڪتي کي برقرار رکيو آهي ته "ماڻهوءَ جي اخلاقي شخصيت، خوابن ۾ روڪ جو عمل، هڪ سخت تسم جي منطق سبب، خوابن ۾ سمورين غير اخلاقي دلچسپين کي ڇڏي ڏيندو آهي. اهي ان جي انهن اصولن يا ارادن جي پيڪڙي ڪندا آهن جيڪي، خواب ڏسندڙ، خواب جي لاءِ پنهنجي ذميداريءَ تي، پنهنجي اختيار ۾ رکيا هوندا آهن، يا سندس خوابن جي بچڙائيءَ مان نتيجو يا انومان ڪيندا آهن ته هن جي ڪردار تي شيطان جو پاڇو هو بلڪل اهڙي اعتماد سان چوندا آهن. جهڙيءَ ريت، سندس خواب جي بيهودگيءَ مان نتيجي ڪيڙ جي ساڻگي ڪوشش کي رد ڪندا آهن ته ساڻگي وقت سندس جاڳ جيون جي ڏاهپ وارين سرگرمين کي نهايت اجايو ۽ بيڪار ۽ سمجهندا آهن. ٻيو ٽولو جنهن جو اعتقاد آهي ته بنا شرط شروط جي اخلاقي فرض جيڪو عقلي طور تي واجب هجي، يا "ضمير جي تقاضا"، جيڪا خوابن کي وسعت بخشي ٿي، ۽ بداخلاقيءَ وارن خوابن لاءِ، منطقي طور تي، نااهل يا گهربل لياقت نه رکندڙ ذميداريءَ کي قبول ڪري ٿي. اسان کي انهن جي لاءِ رڳو هڪڙي اميد آهي ته شال انهن جا اهي خواب، ان درجي تي ملامت جوگا نه هجن جو سندن ئي اخلاقي ڪردار جا پختا عقيدا ٻڌي پري پون.

اهو بهرحال ظاهر آهي ته ڪوبه شخص ايترو پروسي جوگو نه هوندو آهي، جيتريقدر سندس اهي سمورا سپنا پاڻ پُر اعتماد هوندا آهن ته: هو ڪيترو سٺو آهي يا خراب، ۽ ڪير به پنهنجي بي شرميءَ يا بداخلاقيءَ وارن خوابن جي يادگيرين کان انڪار نه ٿو ڪري سگهي. ٻنهي ٽولن جي ليکڪن لاءِ، انهن جي وچ ۾ خواب ۽ اخلاق متعلق اختلاف جي قطع نظر، دماغ جي ڪمن يا بداخلاقيءَ جي خوابن جي بنيادي وضاحتن بابت ورتل ڪوششن سبب سندن، اصلوڪي نڪتي نظر منجهان، راءِ جي اختلاف جي هڪ تازي بحث جو موقعو پيدا ٿئي ٿو يا ائين چئجي ته طبعي يا جسماني چرپر جي ذريعي، ذهني صحت لاءِ نقصان رسائيندڙ اثر پيدا ٿئي ٿو. اهڙيءَ ريت حقيقت کي لاچاريءَ وچان منطقي طور ميڙ سبب، خواب ـ جيون جي ذميدارين ۽ غير ذميدارين جو ذمو ٻنهي حامي ليکڪن تي اچي ٿو ته اهي ڪنهن هڪڙي راءِ کي قبول ڪن ته خوابن ۾ بداخلاقيءَ جو بنياد خاص ڪري نفسياتي آهي.

اهي، جيڪي اها ڳالهه مڃين ٿا ته اخلاق، خواب ۾ وسعت پيدا ڪري ٿو ته بهرحال سيني کي، پنهنجي خوابن متعلق، قياس، گمان يا انومان ڪيڙ جي ذميداري کڻڻ کان پاسو ڪرڻو پوندو ۽ نهايت محتاط رهڻو پوندو. اهڙيءَ ريت "هافنر" (صفحو: 250) لکي ٿو ته: "اسان، پنهنجي سپنن لاءِ ذميدار نه آهيون، جڏهن ته اسان جون سوچون ۽ خواهشون، خوابن ۾ انهن بنيادن تي مايوس ۽ محروم ٿي وڃن ٿيون، جن تي اسان جي زندگي، اڪيلي سر "سچ" ۽ "حقيقت" کي سنڀالينديءَ اچي ٿي... ان جي ڪري ڪي به خوابي خواهشون يا خوابي عمل، نيڪ يا بد نه ٿا ٿي سگهن." ان جي باوجود هو اڳتي وڌي ٿو. ماڻهو پنهنجي شيطاني خوابن جو پاڻ ئي ذميوار آهي، جن ۾ ڪنهن حد تائين اهڙو مواد ضرور پيش ٿئي ٿو جو اهي، اڻ سڌيءَ طرح سندس دلچسپيءَ جو سبب ٻڌجن ٿا. انهن جو اهو فرض آهي ته اهي اخلاقي طور تي سندس ذهن کي صاف رکن، نه رڳو سندن جاڳ جيون ۾ پر خاص طور تي سمهڻ کان اڳ ۾ ئي.

"هلڊيبرانٽ" (صفحو: 48) خوابن جي اخلاقي ستاءَ جي ذميداريءَ کي قبول ڪرڻ ۽ رد ڪرڻ جي گڏيل ردو ڪد متعلق هڪ انتهائي اونهو تجزيو پيش ڪيو آهي. هو دليل ڏئي ٿو ته خوابن ۾ بداخلاقيءَ جي انهيءَ مظاهري تي غور ڪرڻ جي حوالي سان ڏنو وڃي ته اهو يقينن هڪ ناڪ واري ستاءَ ۾ ٿئي ٿو جنهن ۾ اهي، اولڙي واري تمام گهٽي منجهائيندڙ عمل جي زور بار سبب، وقت جي نهايت مختصر عرصي ۾ لفظن جي شڪل اختيار ڪن ٿا، سو به اهڙي طريقي سان، جو هو ان کي قبول به ڪري سگهي. ڇاڪاڻ ته ان جو تصور وارو يا تمثيلي انداز سڃاڻڻ يا سمجهڻ ۾ مونجهارو ۽ مايوسي پيدا ڪندڙ هوندو آهي. هو مڃي ٿو ته هن کي گهٽي رڪاوٽ يا هڪ ٻئي محسوس ٿي، ان جي باوجود، سوچ ۾ اها ڳالهه ٻئي آئي ته خوابن ۾ پاپ ۽ غلطيون، ڪجهه به ڪرڻ کان انڪاري ٿي سگهن ٿيون.

"اسان جڏهن ڪجهه ناحق لڳايل تهمتن کي مڃڻ کان انڪار ڪندا آهيون، خاص طور انهن کي جيڪي اسان جي مقصدن ۽ ارادن سان واسطو رکندڙ هوندیون آهن، جنهن لاءِ گهٽو ڪري اسان هڪڙو خاص جملو گهڙي وٺندا آهيون ته: "مان ته

اهڙي قسم جي شين جو خواب نہ ٿو ڏسي سگهان." ۽ اسان اظهاريندا ٻه اهڙي ئي طريقي سان آهيون. مڪ طرف ته اسان جي سوچ هوندي آهي ته خواب جو دائرو وقت وچوٽي جي لحاظ کان تمام گهٽو پر انهون ۾ الڳ هوندو آهي. پر اسان پنهنجي سوچ ۾ لاءِ پچاٽي جوڳا يا جوابدهه ٻه انهن کي ئي سمجهندا آهيون. جڏهن ته سوچن جو دائرو اسان جي انتهائي اهم ترين پاٽپٽي سان کجهه اهڙي ويري انداز ۾ ڳنڍيل هوندو آهي. جو انهن کي پنهنجو سمجهڻ ٻه مشڪل ٿي پوندو آهي. پر ان جي باوجود. اسان ان دائري ۾. بلڪل واضح نموني. جسماني يا اخلاقي طور. انهن سوچن جي وجود کان انڪار ڪرڻ لاءِ پاڻ کي پابند محسوس ڪندا آهيون. ساڳئي وقت اسان اڻ سڌيءَ ريت مڃيندا ٻه آهيون ته اسان جو پنهنجو پاڻ کي ڏنل جواز. تيسيتائين مڪمل نہ ٿو ٿي سگهي. جيسيتائين ان ۾ هڪ دور رس. وسعت پيدا نہ ڪئي ويندي. ۽ مان سمجهان ٿو ته ان حقيقت جي باوجود. اسان ان دائري ۾ بلڪل بي ڌياني ۽ سان يا لاشعوري طور تي "سچ جي ٻولي" ڳالهائيندا آهيون. (ساڳئي هنڌ 49 صفحي تي).

"ڪنهن عمل تي. خواب ۾ سوچڻ يا ڪنهن سڌي اڻ سڌي رستي سان. ان جي ڪنهن مقصد يا عمل واسطي اندر ۾ موجود اصل نيت يا مراد کي حاصل ڪرڻ ناممڪن آهي. پلي ته اها ارادو امنگ يا من اُڇل ڇو نہ هجي. اهي سيئي جذبا. جاڳ جيون دوران ئي ذهن ۾ پيدا ٿين ٿا." اسان کي مڇڻو پوندو "هلڊيبرانٽ" مسئلو اٽاريو آهي ته "اها من اُڇل (Impulse) خواب جي پاران مدعو ٿيل نہ هوندي آهي. خواب رڳو ان کي نقل ڪندو آهي ۽ ان جي اُٽت ڪري ٻاهر آڻيندو آهي. اها رڳو تاريخي مواد جي انهيءَ ڏير منجهان ڪٽي. نانڪ جي رنگ ۾ پيش ڪيل هوندي آهي. جيڪا خود اسان جي اندر ئي موجود هوندي آهي. بس رڳو "سٽاءِ" نانڪ وارو هوندو آهي. "اپوسٽل" جي لفظ ۾ ته: "پل ته هو جنهن پاءِ کي ڏکاريندو هجي. اهو ئي خواب ۾ قاتل جي ڪردار ۾ نظر اچي. (I Jhon iii,15) ان حقيقت جي باوجود. جاڳڻ کانپوءِ. انهيءَ خواب جي برائيءَ واري سموري گهاڙيٽي تي. اسان جو مستحڪم اخلاقي شعور. اسان کي کل ڏياري ڇڏيندو آهي. ان هوندي ٻه اصلوڪي مواد واري جاءِ تان. جتان اها گهڙت هلي هئي. اها کل ايارڻ ۾ ناڪام ٿي هئي. اسان خواب ڏسندڙ جي سموري معاملي جي پل ڇڪ جا نہ ۾ ان جي چند حصن کي سمجهائڻ جا ذميوار ضرور آهيون. "مختصر طور ائين چئجي ته اسان جيڪڏهن ان تڪراري بحث کي سمجهڻ ۾ دشواري ٿا پائيون ته حضرت عيسيٰ (يسوع مسيح) عليه السلام فرمائي ٿو ته: "جيڪي ڳالهيون زبان ذريعي نڪرنديون آهن سي دل مان ئي نڪرنديون آهن. ۽ اهي ئي انسان کي ناپاڪ ڪنديون آهن. چاڪاڻ ته برا خيال زبان سان ادا ٿيندا آهن. ۽ برا ارادا. خونريزي. زناڪاري. حرام خوري. چوري ۽ ڪوڙي شاهدي وغيره پڻ. (مقدس متي: باب 15 جو 18 ۽ 19). اسان انهيءَ عقيدي يا ويساهه کي ڏاڍو مشڪل سان ڇڏي سگهندا آهيون ته خواب ۾ پيش ٿيل برائي. پاڻ سان گڏ ڏوهه يا غلطيءَ جو تمام معمولي مقدار يا اڻ چتو انداز ضرور آڻيندي آهي. "هلڊيبرانٽ" (ص: 51).

اهڙيءَ ريت "هلڊيبرانٽ" کي خواب ۾ بداخلاقيءَ ۽ برائيءَ جا بنياد يا ڪارڻ. بي شرميءَ جي جيوڙن (Germs) ۽ شيطاني ارادن جي اشارن (Hints) ۾ مليا آهن. جيڪي رغبت. لالچ. آزمائش يا برغلائڻ واري عمل (Temtation) جي صورت ۾ ٿين ٿا. جيڪي ڏينهن دوران اسان جي دماغ ۾ ايندا رهن ٿا." ۽ هو پنهنجي شخصي اخلاقي قدر جي ماڻ ۽ ماپ ۾ انهن بي شرميءَ يا برائيءَ جي عنصرن کي شامل ڪرڻ کان بلڪل ٻه نہ ٿو گهبرائي. اهي ساڳيا ئي خيال. جن کان اسان اڳ ۾ واقف آهيون. ۽ ان جي انهيءَ ساڳي ئي تخميني سبب. اسان جي خدا ترسي ۽ پاڪدامني ئي اسان جي عمر جي هر حصي ۾ انهن متعلق اعترافي اڳواڻي يا رهبري ڪنديون آهن.[1]

---

[1] هي حاشيو 1914 ۾ چند دلچسپين جي ڪري شامل ڪيو ويو هو ته جيئن اسان پنهنجي مسئلن متعلق لاڳيتي پچا ڳاڇا جي رجحان کان واقف ٿي سگهون "سيزار ڪارينا" (Caesar Carena) جي "الحاد ۽ ملحدن کي چٽڻ لاءِ 13 صديءَ ۾ جوڙيل ٽريبيونل جي سلسلي ۾ لکيل مقالي:" Tractatus de Officio Sanctissmae Inquisitionis 1631 ۾ اهڙو ڏکرو ملي ٿو ته: "جيڪڏهن خواب ۾ ڪو مذهبي اداري جي روايتي تعليمات. عقيدي يا سرڪاري يا مڃيل خيالن جي خلاف ڳالهائي ٿو ته احتساب ڪندڙ سندس زندگيءَ جي ڪار وهنوار مان ڪنهن واقعي کي جاچ ۾ شامل ڪري سگهن ٿا ته اهو شخص ڏينهن دوران ڪهڙين ڳالهين جو هيراڪ رهيو آهي ۽ ان اها عادت ڇو اختيار ڪئي آهي. جا سندس خواب ۾ ٻيهر نظر اچي ٿي" هي حصو "ڊاڪٽر اهنگر جي ڪتاب: شهري ڳلي سئزرلئنڊ" مان منتقل ڪيو ويو آهي.

ائين يقينن ٿي سگھي ٿو ۽ ان ۾ ڪو به شڪ نہ آھي تہ عام طور تي، اخلاقي قدرن جي نظام جي ابتڙ، اھڙا اڻ ٺھندڙ ويچار موجود ھوندا آھن: جيڪي ڪيترن ماڻھن ۾ پيدا ٿيندا آھن ۽ خود دنيا جي مدار ۾ به رونما ٿيندا رھندا آھن. ڪڏھن ڪڏھن، بھرحال انھن کي ٿوري غير سنجيدگي سان نبيريو ويندو آھي. "زيلر" (Zeller. 1818,120_21) جي راءِ جو حوالو ڏيندي "اسپيٽا" (Spitta.1882. 194) خيال ظاھر ڪيو آھي تہ ان سلسلي ۾ اھو سيڪجھ لاڳاپيل ھوندو آھي: "دماغ، ورلي ئي خوشيءَ سان ايترو منظم ٿيندو آھي، جو ھر لمحي، مڪمل قوت جو اختيار استعمال ڪندو رھي، ۽ نہ ئي ان جي سوچن جو ڪو چٽو ۽ سلسليوار طريقو ھوندو آھي، نہ رڳو غير اھم خارجي، غير ضروري سببن جي ڪري، پر مثبت طور تي ڪل جھڙن ۽ بيھودن ويچارن جي ڪري به مسلسل رندڪ جو شڪار رھندو آھي. سچ تہ اھو آھي تہ تمام وڏن مفڪرن کي به ان خواب مثل، ڪاوڙ ڏيارينڊڙ ۽ پيڙا پيدا ڪندڙ "خيالن" متعلق وڏي شڪايت رھي آھي، جيڪي سندن نھايت وسيع ۽ گھرن تخليقي تاثرن ۽ سندن تمام مضبوط ۽ گنھيڙ قسم جي ويچارن ۾ رخنو وجھندا آھن."

اھڙي قسم جي اڻ ٺھندڙ ويچارن جي نفسياتي پھلوءَ تي روشني وجھندي "ھلڊيبرانٽ" (صفحو: 55) ھڪ ٻي راءِ ڏني آھي تہ:

"ان جو نتيجو اھو ٿو نڪري تہ خواب اسان جي آڏو اسان جي مزاج مطابق، ڪنھن خاص موقعي جي ڪنھن ھڪ اڏ اھڙي جھلڪ کي وسيع ۽ گھري انداز سان ۽ وقفي وقفي سان پيش ڪندو آھي، جنھن کي عام طور تي جاڳ واري حالت ۾ جيڪر اسان پاسي مان به لنگھڻ نہ ڏيون."

ساڳيو خيال "ڪانٽ" پنھنجي "علم الانسان" (Anthropoloie. 1798) [1]، جي حصي ۾ ڏنو آھي، جنھن ۾ ھن پڌرو ڪيو آھي تہ خوابن جو وجود اسان کي، اسان جي لکل يا ڳجھي مزاج جي حوالي سان نظر اچي ٿو ۽ اسان تي اھو ظاھر ڪري ٿو تہ اسان "چا" نہ آھيون! پر جيڪڏھن اسان ان کي مختلف نموني سمجھون تہ ان جو مطلب ٿيندو تہ "اسان کي چا ھئڻ گھرجي." راڊسٽاڪ (Radestock_1879,84) پڙ چوي ٿو تہ:"

خواب گھٽو ڪري اسان تي ان کان وڌيڪ ڪجھ ظاھر نہ ٿا ڪن تہ اسان پنھنجي ذات جي متعلق ڪھڙي ڳالھ کي قبول نہ ڪيو آھي ۽ انڪري اسان جو انھن تي منافق ۽ مڪار ھجڻ جو داغ لڳائڻ مناسب نہ ٿيندو.

"اردمان" (Erdmann. 1852.115) لکي ٿو تہ: "خواب ڪڏھن به اھو ظاھر نہ ڪيو آھي تہ مون کي ماڻھوءَ لاءِ چا سوچڻ گھرجي: پر مان ڪنھن خاص موقعي تي خواب مان ئي سکي ونڊندو آھيان. مان پنھنجي حيرانگيءَ جو نھايت ٿورائتو آھيان جو مان ماڻھن لاءِ چا چا نہ سوچيندو آھيان ۽ ان جي لاءِ ڪيئن ڪيئن نہ محسوس ڪندو آھيان."

ساڳيءَ ريت آءِ ايچ فيختي (حصو 1، صفحو 539) جو بيان آھي تہ:

"اسان جي خوابن جي فطرت، اسان کي، اسان جي سموري سياڻ، طبعي انتظام نبيرڻ جي اختياريءَ جا گھٽا پرانھان ۽ سچ پريا اولڙا ۽ عڪس ڏيندي آھي، جنھن کانپوءِ تي اسان پنھنجي جاڳ جيون ۾ ماڻيل شخصي مشاھدن جي ذريعي، سکڻ جي قابل ٿيندا آھيون."[2]

اھو به ڏٺو ويو آھي تہ من اڇل جو نروار ٽيڙ، اسان جي شعوري اخلاق لاءِ پرديسيءَ واري ڪيفيت ھوندي آھي، اھا به رڳو ان لاءِ تہ ڪھڙي ھڪ جھڙائي پيدا ڪندڙ ڳالھ اسان اڳ ۾ سکي آھي. حقيقت اھا آھي تہ خوابن وٽ، تمثيلي مواد جي گذرڻ جو رستو موجود ھوندو آھي، جيڪو ان جي جاڳ واري حالت ۾ غير حاضر رھندو آھي، يا وري ڪجھ ڪندو به آھي تہ تمام مختصر نموني ۾ ڪردار ادا ڪندو آھي.

---

[1] افسوس جو ڪانٽ جو اھو ڪتاب ھٿ اچي نہ سگھيو.

[2] ھي حصو 1914ع ۾ شامل ڪيل آھي.

اهڙيءَ ريت "بيننيي" (صفحو: 149) لکي ٿو ته: "اسان جون چند خواهشون، جيڪي ٿوري وقت لاءِ نهايت ضدي ۽ سگهاريون هونديون آهن ته ٿوري وقت کانپوءِ وساڻل، وساڻل، اجهاڻل اجهاڻل، پر بار بار جاڳنديون ۽ رهنديون آهن، جهونا، پراڻا ۽ دفن ٿيل جوش جذبا، توڙي اهي شيون ۽ ماڻهو به، جن کي ڀيهر ڏسڻ يا ملڻ جي پڪ نه هوندي آهي، ور ور ڪري پيا ياد ايندا آهن. (ج ـ س)

"والڪيلٽ" (صفحو: 105) چوي ٿو ته: "خيال يا ويچار پڻ، جيڪي جاڳ دوران شعور ۾ داخل ٿيندا آهن، انهن منجهان ڪيترائي، گهڻو ڪري بي ڏياڻيءَ واري صورت ۾ به داخل ٿيندا آهن ۽ وري ياد به نه ايندا آهن. انهن جو دماغ ۾ موجود هجڻ جو پڙاڏو سپنن جي ذريعي لڳاتار ٿيندو رهندو آهي." هن نڪتي تي آخرڪار اسان کي "شليئرماڪر" جي اثباتي دعويٰ ياد ٿي اچي ته "ننڍ جو عمل، غير شعوري طور تي پيدا ٿيل سوچن (Involuntary Ideas) ۽ عڪسن جو ساٿي هوندو آهي."

ٽي سگهي ٿو ته اسان پوءِ خوابن ۾ نظر ايندڙ بداخلاقيءَ ۽ بيهودگيءَ جيان ان سموري تمثيلي مواد جي داخل ٿيڻ کي، "غير شعوري طور تي پيدا ٿيل سوچن" جي عنوان هيٺ، ان درجي بندي ذريعي گڏائي ڇڏيون، جيڪو اسان جي پريشان ۽ هڪي پڪي ٽي وڃڻ جو سبب بڻجندو آهي. بهرحال هتي هڪڙو اهم اختلافي نڪتو آهي ته: "غير شعوري طور تي پيدا ٿيل سوچون، اخلاق جي دائري ۾ اسان جي ذهن جي عام رجحان جي خلاف هونديون آهن، جڏهن ته ٻيون اسان کي رڳو ڪنهن اجنبيءَ جيان ٽڪرائيبيون آهن. ان جي گهري ڄاڻ بابت، ڪنهن به ايجان تائين کو خاص قدم نه کنيو آهي، جنهن جي ذريعي اهو فرق ختم ٿي سگهي.

ٻيو سوال، خوابن ۾ غير شعوري طور تي پيدا ٿيل سوچن جي ظاهر ٿيڻ جي اهميت يا خاصيت جي معاملي ۾ ٿو اپري انهن اخلاقي طور اڻ ٺهڪندڙ خواهشن جي، جاڳ ۽ خواب جي ذهن جي نفسياتي عمل مٿان اچلايل روشنيءَ جيان، جيڪا رات دوران داخل ٿي ٿئي.

هتي اسان راءِ جو هڪ تازو اختلاف ٿا ڏسون، جڏهن ته ان کانسواءِ هڪ ٻي اختلافي بااختيار گروه بندي ايجان رهيل آهي، سوچ جو هڪ رستو "هلڊيبرانٽ" ۽ چند ٻين سندس بنيادي نظرين جي صورت ۾ خيالن جي ڏيوٽ ڪئي آهي، جن انهيءَ راءِ جي نهايت اٽٽر نموني اڳواڻي ڪئي آهي ته خود جاڳ دوران اخلاقي طور ڪيل خواهشن ۾ ڪنهن حد تائين قوت هوندي آهي، جيتوڻيڪ اها ڪنهن لاڙي، جذبي يا سوچ کي روڪيندڙ ذهني عملي قوت هوندي آهي، جيڪا عمل ڪرائڻ لاءِ "زبردستي" پنهنجي رستي تي هلائڻ جي قابل نه هوندي آهي، پر اها قوت ننڊ ۾ ان عمل ۽ سوچ مان ڪجهه نه ڪجهه ضرور ڪٽندي آهي، جنهن ڏينهن دوران جذبي يا سوچ کي روڪيندڙ ذهني عمل جيان ٽي ڪم ڪيو ۽ اهڙين خواهشن جي وجود کان واقف هجڻ جي ڪري خواب، ان ريت اسان جو بچاءُ ڪندو آهي. اهڙيءَ ريت خواب ماڻهوءَ جي بلڪل سچي فطرت جو اظهار (پر ان جي پوري فطرت جو نه) هوندا آهن، ۽ اهي هڪ ممڪن وسيلن ذريعي، ذهن جي انهن لڪل ۽ باطني ڪارگذارين کي ترتيب ڏينداآهن، جيڪي اسان جي جاڻ لاءِ رسائيءَ جوڳا هوندا آهن. رڳو چند اهڙين حدن ۾، جيئن "هلڊيبرانٽ" (صفحو: 56) خوابن جي اطلاع ڏيندڙ قوتن جي خوبي يا لياقت بيان ڪرڻ تي پنهنجي تحقيق جو بنياد ٻڌو آهي، جيڪو دماغ جي نقص، روڳ يا هيٺائيءَ طرف اسان جو ڌيان ڇڪائي ٿو جيئن جسماني روڳ جو علاج ڪندڙ ماهر مڃين ٿا ته "خواب ماڻهوءَ جي لڪل يا نظر نه ايندڙ جسماني بيماري به اسان جي شعوري ڌيان تي آڻي سگهي ٿو. لڳي ٿو ته "اسپيٽا" (صفحو: 193) به پڪ سان ان راءِ کي قبول ڪيو آهي، تڏهن ته سندس تحريرن ۾ جوش ۽ جذبات جا اهي ڪارڻ آندل آهن، جيڪي ذهن سان ٽڪرائجڻ يا مثال طور جوانيءَ دوران، ان جي عمل ۾ بيجا مداخلت ڪندا آهن. هو خواب ڏسندڙ کي ان يقين سان، اهو سهارو ڏئي ٿو ته هن سيڪجهه اهو ئي ڪيو آهي، جيڪو سندس هٿ وس آهي، جيڪڏهن هو پنهنجي جاڳ دوران، ڪا سخت پارسائيءَ واري زندگي گذاري ٿو ۽ جڏهن به ڪي شيطاني خيال سندس من ۾ اسرڻ لڳن ٿا ته انهن جي وڌڻ ۽ انهن جي پڪي پختي ٽيڻ ۽ انهن جي عملي شڪل اختيار ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ان راءِ موجب اسان "غير شعوري طور تي پيدا ٿيل

سوچن" جي وضاحت، انهن سوچن ۾ ويچارن جيان ڪري سگهون ٿا، جيڪي ڏينهن جي دوران "ڏبائي" ڇڏيو ويون هيون، انهن جو خوابن ۾ اڇڻ واري عمل کي، منطقي انداز ۾ بيان ڪيل حقيقت جيان، قدر جي نگاهه سان ڏسڻ گهرجي.

ٻيا ليکڪ، بهرحال ان آخري نتيجي کي غير منصفاڻو سمجهن ٿا، ايتري قدر جو "جيسن" (صفحو: 360) جو ان ڳالهه ۾ ويساهه آهي ته "غير شعوري طور تي پيدا ٿيل سوچون" ٻنهي يعني جاڳ ۾ خواب وارين حالتن ۾ ۽ بخاريل يا تپيل حالت ۾ ۽ ٻين جهڙوڪ: وهم جي غلبي، مجبوري ٿي پوڻ يا ڏهاڙ محسوس ڪرڻ وارين حالتن ۾ پيدا ٿيندڙيون آهن، جن ۾ نيت يا ارادي وارين سرگرمين جي خاصيت ته موجود هوندي آهي، پر اها ئي خاصيت انهن تصورن ۾ سوچن جي ٿورن گهٽن، ٺوس جذبن ۾ حق تي هجڻ جي ترتيبوار سلسلي کي ٽڙو ب ڪندي آهي، جيڪا اندروني خواهشن جي ذريعي چڙ پيدا ڪندڙ هوندي آهي." خواب ڏسندڙ جي ذهني زندگيءَ متعلق، هڪ برو خواب، سندس سموريون سنايون، برايون ثابت ڪري سگهي ٿو. "جيسن" جي راءِ موجب ته چند موقعن تي تمثيلي ستاءُ جو موضوع ئي ويچار هيٺ هوندو آهي: پر اهو ستاءُ خواب ڏسندڙ جي پنهنجي ذهني خواهشن جي پڪي ثابتي ڏيندڙ نه هوندو آهي.

ٻين ليکڪن جي حوالي سان "مائوري" پڻ خواب جي حالت، اهليت ۽ گنجائش جي خوبي بيان ڪندي نظر اچي ٿو. ڪنهن ريچڪ تي ٻڌل، ذهني تباهيءَ جي سرگرميءَ لاءِ نه، پر ان جي جزن يا حصن جي تجزيي لاءِ هو انهن خوابن بابت لکي ٿو جيڪي اخلاق جون حدون ٽوڙين ٿا:

"اهي اسان جون خواهشون ئي آهن، جيڪي اسان سان ڳالهائن ٿيون ۽ عمل ڪرڻ جي قابل بنائن ٿيون، جيتوڻيڪ اسان جو شعور اسان کي پوئتي ماضيءَ ۾ وڃي نه ٿو ويجي، ان هوندي ب ڪڏهن ڪڏهن اسان ۾ گرمجوشي پيدا ڪندو رهي ٿو. مون وٽ منهنجون غلطيون آهن ۽ منهنجون بيڇڙيون ۽ بدمست خواهشون آهن، جڏهن مان جاڳندو آهيان ته انهن سان جهيڙڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان، ۽ انهن جي اڳيان گهٽو ڪري، نه جهڪڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهيان، پر منهنجي خوابن ۾ مان سدائين انهن جي اڳيان آڻ مڃي وٺندو آهيان، يا مان بنا ڪنهن ڊپ، ضمير جي ملامت يا پنهنجي عمل تي پڇتاءُ جي، سندن ڏهاڙ هيٺ عمل ڪرڻ لڳندو آهيان.... اهو نظارو جيڪو پهرين منهنجي ذهن جا ور کولي نه سگهندو آهي ۽ ان کي خواهشن جي ذريعي، نهايت چتائيءَ سان پيش ڪندو آهي، جن کي مان محسوس ڪندو آهيان ۽ منهنجو "غير حاضر هجڻ" ب ڪڏهن تڪليف وارو احساس ڏيڻ جي ڪوشش نه ڪندو آهي." (ج ـ س)، "مائوري" (صفحو: 113)

اهڙو ڪو به نه آهي جيڪو خوابن جي وسعت ۾ يقين رکندو هجي ته اهي خواب ڏسندڙ جي اوگڻن ۽ ڪامي ڪروڌي رجحان کي ظاهر ڪندڙ هوندا آهن، اهي رجحان حقيقت ۾ موجود هوندا آهن، پلي ته اهي ڏبايل يا ڳجهه ڳوهه ۾ لڪل چو نه هجن، اهي "مائوري" جي چيل لفظن کان ڪجهه وڌيڪ ئي، پنهنجو اظهار بلڪل ٽيڪ ۽ هوبهو ڪري سگهندا آهن:

"اهڙيءَ ريت خوابن ۾ ماڻهو آتم ۾ اظهاريل پنهنجي سموري، پيدائشي اگهاڙپ ۽ افلاس سان بيئل هوندو آهي، جيترو جلدي هو پنهنجي خواهشن جي ذهني توڙي جسماني اوسر لاءِ سرگرميءَ جي مشق کي ملتوي ڪندو آهي، ته هو انهن سمورن جوش جذبن جي خلاف هڪڙو راندیڪو ٻڌجي پوندو آهي، ۽ جڏهن جاڳندو آهي ته پنهنجي شعور، عزت ۽ ڊپ جي ذريعي ان کان پاڻ بچائيندو آهي." (ف ـ س).

هڪ ٻئي حصي ۾ اسان کي انهيءَ ويچارجندڙ موضوع بابت هي ستون ملن ٿيون: "خوابن ۾ ڇا ٿو نظر اچي؟ سو بهرحال اها، فطري لاڙو رکندڙ ماڻهوءَ جي بنيادي صورت هوندي آهي، ٿي سگهي ته ماڻهو اهو چوي ته خوابن ۾ انهن خيالن جو موتي اچڻ، فطري حالت وارو آهي، پر سندس ذهن، حاصل ٿيل خيالن ۽ سوچن سان ٽمٽار هوندو آهي، جن مان ڪيتريون ئي سوچون، خوابن ۾ غير فطري خواهشن جي اثر هيٺ هونديون آهن." (ف ـ س).

هو ان کي مثال جي ذريعي ملائي ٿو ته پنهنجي خوابن ۾ هو ڪهڙيءَ ريت، وهمن تي ٻڌل ڪنهن سماجي نظام جو اتفاقي نموني سان ستايل يا ان کان متاثر ٿيل نه آهي، جو هو پنهنجي لکڻين ۾ خاص طور وڏي شدت سان حملو ڪندي نظر اچي ٿو.

"مائوري" مطابق، ذهن ۾ داخل ٿيل اهي عڪس ۽ اولڙا، بهرحال، خواب جيون جي کوجنا ۾ پنهنجي اهميت وڃائي ويهن ٿا. ان حقيقت جي پابنديءَ تحت هو اها ڳالهه منطقي مت جي صورت ۾ قبول ڪري ٿو جنهن ۾ هن اهڙو عين مطابق مشاهدو ڪيو آهي، جو ان ۾ "پاڻمرادي نفسياتي صلاحيت" (Automatisme Psychologique) کانسواءِ ڪا ثابتي ڪا نه ٿي ملي، جيڪا سندس راءِ موجب، خوابن تي فوقيت رکندي هجي، جنهن کي هو ذهني سرگرميءَ جي بلڪل ابتڙ ڏسي ٿو.

"استرائيڪر" (صفحو 51) لکي ٿو ته: "سپنا صرف غير حقيقي ڏيک يا تاثر جي عنصرن تي ٻڌل نه هوندا آهن. مثال طور جيڪڏهن ڪنهن شخص کي خواب ۾ چورن کان خوف ٿئي ٿو ته اهو سچ آهي ته "چور" تصوراتي آهن، پر "خوف" حقيقي آهي." خواب اسان جو ڌيان ان حقيقت طرف ڇڪائي ٿو ته خوابن ۾ جذبن کي گرمائڻ يا جوش پيدا ڪرڻ جي احساس جي پرک، انهن جي مواد يا سٽاءَ جي ياد ڏيارڻ جيان، ساڳي ئي طريقي سان ڪري نه سگهبي آهي، ۽ اسان جي آڏو اهو مسئلو اڃي ٻيهندو آهي ته نفسياتي عمل جو ڪهڙو حصو خوابن ۾ ظاهر ٿئي ٿو، جنهن کي سچو يا حقيقي سڏجي، جنهن جي بنياد تي جاڳ جيون جي نفسياتي عملي تسلسل جي وچ ۾ درجي بنديءَ جي دعويٰ ڪري سگهجي(1).

---

(1) خوابن ۾ سمجهڻ ليصلي ضرورت ۽ دماغي صلاحيت جي عمل ۽ جذبن کي گرمائڻ يا جوش پيدا ڪرڻ جي احساس متعلق سوال تي بحث باب ڇهين جي حصي الف ۾ ڪيو ويندو ۽ خوابن ۾ اخلاقي ذميداريءَ جي موضوع تي هن باب آخري ڀاڱي ۾ ويو آهي

(7)

خوابن جا نظريا ۽ انهن جو ڪم

THEORIES OF DREAMING AND ITS FUNCTIONS

خوابن بابت ڪو به بحث مباحثو جيڪو پنهنجي مشاهدي ۾ آيل خاصيتن جي ممڪن حد تائين، ڪنهن خاص نڪتي نظر جي حوالي سان تشريح ڪري سگهي ۽ ساڳئي وقت اها خوابن ڏريعي والاريل صورتحال جي منطقي طور نهايت وسيع دائري ۾ وضاحت ڪري سگهي، ان کي "خوابن جو نظريو" سڏڻ بلڪل واجب آهي. ڪيتريون ئي نظرياتي ڪوجنائون ٿيون آهن پر اهي هڪجهڙي سان شامل راءِ نه آهن، اهي ضرورت مطابق، خواب جي ڪا هڪڙي يا ڪجهه ٻيون خاصيتون چونڊي، انهن جي وضاحتن ۽ نسبتن کي پنهنجي عروج جو نڪتو ڪري ڪٽندا آهن. پنهنجي ڳالهه کي ممڪن بنائڻ لاءِ ضروري نه آهي ته ڪنهن نظريي تحت، خواب جي عمل مان قياس آرائيءَ يا نتيجي لاءِ انومان ڪڍيو وڃي (پلي ته اهو افاديت پسند ڏڃي توڙي ڪو ٻيو). ان جي باوجود اسان ۾ اڃان تائين اها عادت موجود آهي ته اسان قدرتي مظهرن، علامتن ۽ مقصدن سان واسطو رکندڙ (Teleological) وضاحتن ڏانهن نهاربندا آهيون. اسان گهٽي پاڳي انهن نظرين کي ميڙيندا آهيون، جيڪي خوابن جي عملي خوبي يا لياقت بيان ڪرڻ لاءِ خاص اصولن جا پابند هوندا آهن.

اسان اڳ ۾ ئي ڪٿين ئي قائم ڪيل راين کان واقف ٿي آيا آهيون، جن کي ٿوريا گهڻو هڪ اصطلاحي صورت ۾ "خوابن جا نظريا" سڏي سگهون ٿا. آڳاٽن، تاريخ جي قديم دور يا ماضيءَ جي يادگار نشانن ۽ طريقن تي يقين ڪرڻ جي اها حالت آهي ته ان حوالي سان عام چوٽي آهي ته "خواب، خدائن جي پار کان، انساني عملن جي رهبريءَ جي لاءِ موڪليل هوندا آهن." خوابن لاءِ بس، اهو ئي مڪمل نظريو هو جنهن جي تحت، جنهن ۾ جاڙ جي جيتري اهليت هئي ان، انهن کي معلومات پئي ڏني.

جيئن ته خواب اڃان تائين تجربي، مشاهدي ۽ مطالعي ذريعي حاصل ٿيندڙ جاڙ تحت کوجنا جو خاص مقصد رهيو آهي، جنهن سلسلي ۾ ڪيترا ئي غور طلب نظريا ترقي ڪري آيا آهن، جن ۾ خود اهي به شامل آهن، جيڪي اڃان تائين اڻپورا آهن.

پنا ڪنهن جامع ۽ نمايان ڳٽ ۾ ايندڙ ڪوشش وڙهڻ جي، اسان خوابن جي نظرين کي، انهن جي بنيادي يا موجوده ۾ هڪدم نظر نه ايندڙ مفروضي، عقيدي يا گمان مطابق، خوابن جي نفسياتي سرگرمين جي فطرت ۽ انهن جي نتيجي جي ڪري هڪ ڪچي خاڪي تحت ٽن حصن ۾ ورهائي سگهون ٿا.

(i)

ڪجهه اهڙا نظريا آهن، "ڊيلبوايوف" (ص: 221) مطابق، ته خوابن ۾ سموري نفسياتي سرگرمي مسلسل رهندي اهي. هو سمجهن ٿا ته دماغ سمهي نه ٿو ۽ سندس سرشتو صحيح سلامت هوندو آهي: پر جڏهن هو ننڊ جي حالت ۾ هوندو آهي ته گهٽ يا ڪمزور ٿي ويندو آهي. خواب جيون جي دنيا يقينن، جاڳ جيون کان مختلف هوندي آهي. سندس عام قسم جا ڪم ننڊ دوران نتيجا به مختلف برآمد ڪندا آهن. انهن نظرين جي حوالي سان سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته آيا اهي ان لائق هوندا آهن جو خوابن ۽ جاڳ وارن خيالن جي وچ ۾ تفاوت کي، ننڊ واري حالت ۾ ئي حاصل ڪري وڃي!

ان کان علاوه اهو به ممکن نه آهي ته اهي خوابن لاءِ کنهن عملي صلاحيت متعلق مشوري ڏيڻ جي قابل هجن: اهي کوبه سبب نه ٻڌائيندا آهن ته اسان "خواب" چو آهيون!

آخر ذهن جي عملي سرشتي جي جوڙجڪ يا ترتيب ايتري منجهائيندڙ چو آهي؟ جڏهن ته هو پنهنجي عمل کي مسلسل جاري رکي ٿو ۽ انهن حالتن ۾ به جڏهن بي ترتيب نظر ايندو آهي تڏهن به پنهنجي عملي تسلسل کي قائم رکي ٿو. ماڻهو خواب ڏسڻ واري حالت بجاءِ رڳو ستل هجي يا جيڪڏهن مونجهاري يا پريشانيءَ ۾ مبتلا ترغيب مداخلت ڪري ۽ ماڻهو جاڳي پوي ته ڏسبو ته اهو رڳو کو مقصد حاصل ڪرڻ جو طريقو يا کنهن مقصد لاءِ سمجهو تي ڪرڻ جو ردعمل ضرور هوندو. پر ان کان علاوه خواب ڏسڻ لاءِ کو ٻيون متبادل نه هوندو آهي.

(ii)

اهڙا نظريا به آهن، جيڪي اڳلو پهريان کان فرض ڪري ورتل آهن ته خواب، نفسياتي سرگرميءَ متعلق، کاوڙ يا ـــراريءَ وارو اشارو ڏيندا آهن. ڪنڊيڻ ۾ ڏيرائي ڪندا آهن ۽ اصل مواد تائين رسائيءَ حاصل ڪرڻ ۾ بلڪل محتاج هوندا آهن. اهي نظريا، دماغي وصفن جي سمهي پوڻ جي تعلق کي ظاهر ڪرڻ جي تجويز ضرور ڏين ٿا، پر انهن جي ڏنل مشورن ۾ گهڻو فرق آهي. مثال طور جيئن "ويلبوايوف" چيو آهي. انهن نظرين مطابق ننڊ جو ذهن تي وسيع ۽ دور رس اثر رسوخ رهندو آهي: اها ٻاهرين دنيا کان ڪٽجي وڃڻ جي باوجود رڳو ذهن ۾ ئي هموار رهندي آهي: ڪنهن حد تائين. ذهني سرشتي ۾ اها پنهنجي رستي تي هلائڻ لاءِ زور پريندي آهي ۽ استعمال نه ڪرڻ جي صورت ۾ وقتي طور تي ٻاهر اڇلائي ڇڏيندي آهي. جيڪڏهن مان نفسياتي علاج جي دائري منجهان کا تشبيهه ڏئي سگهان ٿو ته مان ائين چوندس ته پهرين ٽولي جي نظرين مطابق، خوابن جي جوڙجڪ وسوسن يا ماليخوليا (Paranoia) جي طرز تي ٻڌل آهي، جڏهن ته ٻئي ٽولي انهن کي ذهني ڪمزوريءَ يا مونجهاري وارين حالتن سان پيٽيو آهي.

هڪ نظريو اهو به آهي، جنهن مطابق "سپنو" رڳو ذهني سرگرميءَ جي سونهن سڃڻڻ آهي، جيڪا خوابن ۾ انهن احساسن کي ڳولهي ٿي، جيڪي ننڊ جي ڪري مفلوج يا معذور ٿي وڃن ٿا، ۽ اها ڳالهه طب تي لکندڙن ۽ تجربي، مشاهدي يا مطالعي ذريعي ٽيندڙ ڪوجنا جي دنيا ۾ عام طور تي افسانوي يا بيڪار ليکي وڃي ٿي، ان حد تائين جو ڪا عام دلچسپيءَ جي ڳالهه به خوابن جي تشريح مان خارج ٿي سگهي ٿي، جنهن کي "رائج نظريو" چئي سگهجي ٿو. اهو به ڏٺو ويو آهي ته سپنن جي تشريح جي سلسلي ۾ ڪيڏي نه آساني ۽ سان ۽ انتهائي ڪريل انداز سان رستي روڪ ڪئي وئي آهي، انهن سان شامل اختلافن سان لهه وچڙ ۾ اچڻ به نهايت مشڪل آهي. ان حوالي سان خواب جڻ، هڪ جزوي يا اڻ پوري جاڳ جو نتيجو آهي. "هوريان هوريان ٿي نسرڻ، جزوي يا اٽڪندو هجڻ ۽ ساڳئي وقت تي انتهائي غير رواجي طرح سان جاڳڻ جو نتيجو آهي." (خوابن جي متعلق "هربارٽ" (Herbart. 1892, 307) جي تبصري جو حوالو). اهڙيءَ ريت اهو نظريو مڪمل طور تي جاڳ واري حالت جي اوج تي هجڻ سبب، خوابن ۾ ذهني عمل جي اهليت ۾ ڦير گهير يا لاهه چاڙهه جي سلسلي کي سمجهڻ جي خيال کان، اوجاڳي وارين انهن حالتن جي وڏي ويل سلسلي ۾ ڪم اچي سگهي ٿو جيڪي نااهليت مان رڙهي اچي ڪنهن خاص موقعي تي پنهنجي بيهودگيءَ يا واهياتپڻي ذريعي، ويندي ڏاهپ واري عملي صلاحيت جي مڪمل ڏيان ڏيڻ تائين، ظاهر ٿين ٽيون.

جن اها کوجنا ڪئي آهي ته اهي علم بدن (Phisiology) جي اصطلاحن جي صورت ۾ ان بيان سان انصاف ڪري نه سگهندا يا اهي جن جا اهڙن اصطلاحن ۾ ڏنل بيان، گهڻي قدر تجربي، مشاهدي ۽ مطالعاتي کوجنا جي حوالي سان نظر اچن ٿا، اهي بهرحال ڳولهي سگهن ٿا ته "بنز" (صفحو 43) جي ڏنل دليلن مان ڪين کهڙي ڳالهه ڪارائتي ملي سگهي ٿي: "ساڻائي، سُستي، نندڪاڙائپ يا بي حسيءَ (Torpor) جي "ان حالت" جي پڇاڻي صبح جي پهرين عرصي ۾ ٿئي ٿي، پر رڳو درجي به درجي. ٿڪ يا ٿڪاوٽ جا پيداواري ذريعا، جيڪي ميڃالي جي گودي (Albumen) ۾ گڏ ٿين ٿا، سي آهستي آهستي گهٽجڻ

لڳن ٿا. انهن مان ڪيترائي، رت جي نہ رڪجندڙ وهڪري سبب تحليل ٿي وڃن ٿا يا غور ويچار لاءِ بيڪار ثابت ٿي خارج ٿي وڃن ٿا. ۽ علحده جزن جا مجموعن هتان ۽ هتان اچي جاڳ ۾ داخل ٿين ٿا، حالانڪ سُستيءَ واري حالت ۾ انهن سمورن جزن ۾ موجود رهي ٿي. انهن تحليل يا خارج ٿيندڙ مجموئن جو علحدگيءَ وارو عمل، ذهن جي ٻين حصن ذريعي اڻ جاچيل طريقي سان، ان وقت اسان جي جُهڙالیل شعور ۾ ظاهر ٿيڻ لڳي ٿو جيڪو ڳانڍاپي جو عملي انتظام هلائي ٿو. ان سبب جي ڪري جيڪي عڪس پيدا ٿين ٿا، اهي تمام ويجهي ماضيءَ جي احساساتي مواد سان مطابقت رکن ٿا. ۽ پنهنجي اصلي ۽ چڙواڳيءَ واري نمونيءَ، هڪ ٻئي سان ڳنڊيل رهن ٿا. ذهن جا ڪيترائي آزاد جيوگهرڙا مسلسل وڌندا رهن ٿا ۽ خوابن جي هڪ قسم جي بيهوشيءَ واري نند سبب، ساڻن مطابقت گهٽجي وڃي ٿي."

خوابن جو اهو دليل جڙ تہ مڪمل نہ ٿو لڳي، ان ۾ شڪ نہ آهي تہ اڻپوري يا جزوي جاڳ واري حالت، هر هڪ عضوياتي جي جديد ماهر ۽ فلسفين جي لکڻين ۾ لکيل ملي ٿي. ان جي گهڻي وڌيڪ تفصيلي وضاحت "مائوري" (صفحو 6) ڏني آهي. اها گهڙو ڪري ائين ظاهر ٿئي ٿي، جيئن ليکڪ تصور ڪيو آهي تہ نند يا جاڳ واري حالت ٿي سگهي ٿو تہ هڪ عضوياتي تشريح جي دائري مان، ٻيءَ عضوياتي تشريح جي خاص دائري ۾ منتقل ٿي وڃي، جيڪو خاص طور جسماني عملن سان سلهاڙيل رهي ٿو. مان هتي رڳو اهو چوڻ ٿو چاهيان تہ جيڪڏهن اڌ نند اڌ جاڳ جو نظريو بلڪل درست ٻہ آهي، تڏهن ٻہ ان تي ڪليل دل سان ۽ تفصيلي بحث جي گنجائش اڃان آهي.

حقيقت ۾ ان دليل، خوابن کي ڪنهن ڪم جي ذميداري سونپڻ جي ڪا راهہ ئي نہ ڇڏي آهي. منطقي نتيجو جيڪو خواب جي حالتن مطابق ئي پوئواري ڪري ٿو جنهن جي مطلب، اهميت يا خاصيت متعلق درست سمجهاڻي "بنز" (صفحو 35) ڏني آهي تہ: "مشاهدي ۾ آيل هر هڪ حقيقت اسان تي، ان نتيجي تي پهچڻ لاءِ دباءَ وجهي ٿي تہ خواب يقينن طبعي، يا جسماني جيو گهرڻن جي خوبين بيان ڪرڻ جي عملي مظاهري جيان ٿي سگهن ٿا، جيڪي بهرحال هر معاملي ۾ يا ڪيترن ئي معاملن ۾ مرض جي حوالي سان وابستا هوندا آهن.....

خوابن لاءِ "طبعي يا جسماني جيو گهرڻن جو" (Somatic) اصطلاح، جنهن کي "بنز" پاڻ آڏي لکت جي (Italic) انداز سان ڪم آندو آهي، جيڪو گهڻ رخي ورتاءَ کي ظاهر ڪري ٿو. پهرين مقام تي ان جو اشارو ڪنايو خوابن جي علت شناسي، عارضي جي سببن متعلق آهي، جيڪو "بنز" لاءِ خاص اعتبار جوگو نظر ٿو اچي، جڏهن هو زهر جي (Toxic) ڪيميائي ترڪيبي جوهر جي استعمال جي ذريعي خوابن جي تجرباتي پيداوار جو مطالعو ڪري رهيو هو. اهڙي قسم جا نظريا، جيستائين طبعي يا جسماني جيو گهرڻن جي سببن کي ممڪن بنائڻ لاءِ، خوابن جي معاملن کي چورڻ يا پڙڪائڻ جي رجحان کي محدود ڪرڻ ۾ ملوث آهن. اهي اهڙن دليلن جي حوالي سان، انهن کي ڪٽي انتهاپسند ماڻن ماپن ۾ تنبڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اسان هڪ پيروپاڻ سمورين ترغيبين کانسواءِ نند ۾ غلطان ٿيڻ لڳندا آهيون تہ اسان کي خواب ڏسڻ جي ضرورت محسوس نہ ٿيندي آهي نہ ئي اسان صبح تائين کو اهڙو موقعو پيدا ڪري سگهون ٿا. جڏهن کنهن تازي ترغيبي تاثر جي ذريعي، جاڳڻ جو عمل آهستي آهستي ڪري وجود ۾ اچڻ لڳي ٿو تہ ئي سگهي ٿو اها ترغيب خواب جي ڏيک يا نظر ايندڙ واقعي ۾ اولڙو ڪندي هجي.... اها ڳالهہ اڻ ٽيٽي آهي، بهرحال اسان کي پنهنجي نند ۽ آرام کي، هر قسم جي ترغيب کان بلڪل آزاد ڪرڻ گهرجي: جيڪي سمهڻ واري تي، جيون جي جيوڻن جيان، هر پاسي کان ٽڪرائيبيون يا بيجا مداخلت ڪرڻ لڳنديون آهن. جن جي باري " "ميفستو فيليس" (Mephistopheles) ٻہ انهن جي اندران ۽ باهران توڙي سندن جسم جي حصن مان پڻ، مداخلت ڪرڻ بابت شڪايت ڪئي آهي"[1]، جيڪي جاڳ جيون دوران ٿورو ٻہ ڏيان ڇڪائڻ جهڙيون نہ هوندیون آهن.

---

[1] "فائوسٽ" (Faust) سان (حصي پهرين جي ٽئين ڏيک ۾) ابتدائي گفتگو ۾ "ميفستو فيليس" شدت سان شڪايت ڪري ٿو تہ سندس نقصان ڏيندڙ ڪوششون جيون جي هزارين تانڻ جيوڻن جي اوچتو ظاهر ٿيڻ سبب مستقل طور تي مونجهاري جو شڪار ٿي ويو آهن." فرائيڊ، حوالي طور سمورو حصو باب ڇهين ۾ "تهذيب ۽ ان جون بيزار ڪندڙ حالتن" (Civilizatons and its Discontents) تي بحث دوران آندو آهي.

اهڙيءَ ريت نندِ ڦٽي ويندي آهي. پهريائين دماغ جي هڪ ڪنڊ، جاڳ ڏانهن پاسو بدلائيندي آهي، جنهن کانپوءِ ٻي. اهڙيءَ ريت دماغ جون عملي صلاحيتون، پنهنجي جاڳيل حصي سان گڏ، تمام مختصر چرپر لاءِ هڪ پيرو ٻيهر منڍي منڍي نندِ جي آغوش ۾ هليون ويندیون آهن. خواب ان قسم جي رخني جو رد عمل هوندا آهن، جيڪي ترغيبن جي ذريعي ايندا آهن، هڪ ردعمل طور، اتفاقي طور جيڪو اڪثر اجايو هوندو آهي.

پر خواب يعني نندِ ٻيل شخص جي خيالن جو خلاصو جيڪو به ٻڌايو ۽ ظاهر ڪيو ويو آهي، اهو بهرحال دماغ جي ئي عمل جي باري ۾ آهي، جڏهن ته طبعي يا جسماني جيو گهرڻن جي عمل جو مطلب اڃا ٻيو آهي. ان ريت ظاهر ڪرڻ جو مقصد اهو آهي ته خواب، نفسياتي عمل جي طور تي ڪنهن درجي يا رتبي ڏيڻ جي قابل ئي نه هوندا آهن. خوابن کي گهٽو ڪري "ماٺهوءَ جي انهن ڏهن آڳرين سان پيٽيو ويندو آهي جيڪي موسيقيءَ کان واقف نه هوندیون آهن، پر پيانو جي پردن تي پيون هلنديون آهن." "استرومپيل" (صفحو 84) جي اها پيٽ، به رڳو هڪ اهڙي راءِ آهي ته اها سدائين تجربي، مشاهدي يا مطالعي جي نمائندگيءَ جي صورت ۾ خواب کي قائم ڪندي آهي. ان راءِ مطابق ته لڳي ٿو ته خواب سڃو جو سڃو ڪنهن تجزيي يا تعبير ڪرڻ جي قابل ئي نه هوندو آهي. پوءِ سوال ته اهو ٿو پيدا ٿئي ته ڪنهن موسيقار جون اهي ڏهه آڳريون، ڪا ڏن ڪيئن ٿيون خلقي سگهن؟

خود ٿورو دور ماضيءَ ۾ ان جزوي يا اڻ پوري (Partial) جاڳ جي نظرياتي تنقيد جي ڪا گهٽتائي ڪا نه هئي. اهڙيءَ ريت "برداخ" (صفحو: 508) لکي ٿو ته: "جڏهن اهو چيو وڃي ٿو ته سپنا، ڪي اڻپوري جاڳ آهن، جنهن جي پهرين مقام تي نه رڳو نندِ ۾ پر جاڳ ۾ به ڪا روشني نه ٿي پوي، ۽ ٻئي مقام تي اهي ان کان وڌيڪ نه ٿا چون ته ڪجهه دماغي قوتون خوابن ۾ متحرڪ هوندیون آهن، جڏهن ته ٻيون آرامي هوندیون آهن، پر ان قسم جي ڦير گهير يا تبديلي سموري حياتي ۾ ٿيندي آهي."

اهو رائج نظريو جنهن کي خوابن بابت، طبعي يا جسماني جيو گهرڻن جو عمل سڏي سگهجي، ان جي انتهائي دلچسپ ۽ بنيادي دعويٰ، "روبرٽ" پاران پهريون پيرو اڳتي آندي وئي آهي، جيڪا واقعي دلڪش آهي، جيڪا هيل تائين، خوابن جي افادي مقصدن لاءِ ڪنهن عملي تجويز جي قابل آهي. "روبرٽ" اصل ۾ ان کي، ٻن حقيقتن جي مشاهدي تحت پنهنجي نظريي جو بنيادي ڪم سمجهي ڪنيو آهي، جنهن کي اسان خوابن جي مواد ي جاچ پڙتال واري حصي ۾ غور ڪري آيا آهيون، جڏ ته اسان مسلسل، روزمره جي احساسن ۽ تاثرن جا ڪي خسيس خواب ڏسندا آهيون يا ته پنهنجي روزمره زندگيءَ جون ڪي اهم دلچسپيون، سپنن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪٽي ايندا آهيون. "روبرٽ" (صفحو: 10) دعويٰ ڪري ٿو ته اها عالمگير حيثيت رکندڙ حقيقت آهي ته جن شين لاءِ اسان نهايت مجموعي طور تي سوچيندا آهيون، خوابن کي اپاريندڙ اهي نه هوندیون آهن، پر رڳو اهي شيون، جيڪي اسان جي دماغ ۾ اڻپوري انداز ۾ هوندیون آهن يا اهي احساس، جن کي اسان هلندي هلندي رڳو ڇهندا ۽ نظرانداز ڪندا ويندا آهيون: "خوابن جي تشريح ڪرڻ ناممڪن ان ڪري سمجهي وڃي ٿي، جاڪاڙ ته اهي گذريل ڏينهن جي روئداد يا ڪارگذاريءَ جي حواسي احساسن کان متاثر ٿيل هوندا آهن، جيڪي خواب ڏسندڙ جو ڌيان ڇڪائڻ ۾ ناڪام ٿيل هوندا آهن." (صفحو: 19 ۽ 20). اهڙيءَ ريت اها حالت جيڪا تعين ڪرڻ يا رخ ڏيڻ جو ڪم ڪري ٿي، توڙي ڪو تاثر، عڪس يا نشان، پنهنجو رستو خواب ۾ ڳولهي وٺي يا وري ان جي تاثر يا عڪس تي عملي طريقي سان ڪيل ڪم ۾ رخنو وجهي وٺي، يا ته اهو تاثر، عڪس يا نشان ئي بنهه غير اهم هجي، جنهن تي ايترو مٿو کپايو وڃي. "روبرٽ" خوابن کي (صفحو: 9) ان ريت بيان ڪيو آهي ته: "خواب جي طبعي يا جسماني جيو گهرڻن جي نيڪال يا خارج ڏيڻ جو عمل ائين آهي، جيئن اسان ڏهني ردعمل ذريعي آگاهه ٿيندا آهيون." خواب، خيالن جي نيڪال يا خارج ڏيڻ جو عمل آهي، جيڪي جمڙ کان وٺي منتقل ٿيندا رهن ٿا. "ڪو شخص وقت سان گڏ هلندي، ذهني طور خارج ڪري ڇڏڻ جي نتيجي ۾ خوابن لاءِ پيدا ٿيل اهليت يا حيثيت کان نراس ٿيل هوندو آهي، جاڪاڙ ته اهي وبچار، جن مان ڪو فائدو نه ورتل هجي ۽ مٽان وري احساس به اڇا

ترا هجن تہ اهي سيئي تمام وڏي اڻ پوري ڊير جي نموني يا جهجهي مقدار ۾ سندس ذهن ۾ اچي گڏ ٿين ٿا ۽ اهي پنهنجي جمع ٿي ويل ڊير جي ڪيترن ئي ويچارن يا خيالن کي گهٽي مارڻ لاءِ پابند هوندا آهن. جيڪي سندس سموري ياداشت ۾ مڪمل طور تي جذب ٿي سگهن ٿا." (صفحو: 10). خواب، ذهن تي وڌيڪ بار کي هلڪو ڪرڻ لاءِ، بدن جي جِهلي دار بناوت جيڪا جسم جي نهري مادي کي رڳو هڪ رخ ۾ وهائي يا نلي وغيرهه کي کولي ۽ بند ڪري، ان جو بچاءَ ڪندڙ هوندو آهي. انهن ۾ چٽائڻ يا ٺيڪ ڪرڻ ۽ خرابي دور ڪرڻ جي قوت هوندي آهي. (صفحو: 32)

اسان "روبرٽ" کي سمجهڻ ۾ يقينن غلطي ڪنداسين، جيڪڏهن اسان کانئس اهو پڇون تہ اهو ڪيئن ٿو عمل ۾ اچي تہ ذهن، خوابن ۾ خيالن جي آڇ يا نماءَ جي ذريعي ڪيئن ٿو جان ڇڏائي سگهي! خوابي مواد جي انهن پنهي عنصرن مان "روبرٽ" ڪهڙو نہ چٽو نتيجو ڪڍيو آهي تہ "خواب، ڪنهن هڪ يا ٻئ معنيٰ ۾، بيڪار قسم جي تاثرن جو نيڪال، طبعي يا جسماني جيو گهرڙن جي طريقي وانگر، نند دوران ڪندو آهي ۽ اها خوابي حالت ڪا خاص قسم جو نفسياتي عمل نہ هوندو آهي، پر اسان کي ان جي نيڪال يا خارج ٿيڻ جو رڳو اطلاع ملندو آهي. ان کان علاوه رڳو نيڪال يا خارج ٿيڻ ئي هڪڙ ۔ واقعو نہ هوندو آهي، جيڪورات جو ذهن ۾ ظاهر ٿيندو آهي."

"روبرٽ" پنهنجي تحرير ۾ اها ڳالهہ بہ شامل ڪئي آهي تہ ان جي باوجود گذريل ڏينهن دوران پيدا ٿيل صلاحن مشورن تي پڻ غور ويچار ٿيندو آهي ۽ "جيتري قدر بہ هضم نہ ٿيل خيال خارج ٿي نہ سگهندا آهن ۽ خيالن جي دائري واري مجموعي ڏاڃي ۾ هڪ ٻئي سان ٻڌل هوندا آهن، اهي تصور کان اڳارا ورتل هوندا آهن، اهڙيءَ ريت ياداشت ۾ نقصان نہ "رسائيندڙ تصوراتي صورت" جيان داخل ڪندا آهن." (صفحو: 23).

پر "روبرٽ" جو نظريو خواب جي ڪارڻن جي فطري تخميني سبب رائج نظريي جو قطر يا دائري جي لحاظ کان (Diametrically) مخالف آهي. هاڻوڪن نظرين مطابق، خواب تيسيتائين نظر نہ ٿو اچي سگهي جيسيتائين دماغ، اندروني توڙي ٻاهرين ترغيبن جي ذريعي پنهنجي پوري حالت ۾ جاڳيل نہ هجي. پر "روبرٽ" جو دليل، خواب ڏسڻ لاءِ پاڻمرادو دماغ ۾ هڪ جوش اپاريندڙ آهن. ان جي حقيقت جي مدنظر، حد کان وڌيڪ پريل هجڻ جي باوجود آرام ۽ سکون جي طلب ڪندڙ آهن، ۽ هو اهو نتيجو بلڪل منطقي انداز سان ٿو ڪڍي تہ سبب يا ڪارڻ، طبعي يا جسماني جيوَ گهرڙن جي چرپر جي صورت ۾ پيدا ٿين ٿا ۽ خواب جي پڪي ارادي جي ڪري، ان جي ماتحتيءَ واري ڪردار ادا ڪندا آهن، ۽ انهن ڪارڻن جي ڪري دماغ ۾، خوابن کي مشتعل ڪرڻ جي قابل نہ هوندا آهن، جن ۾ خوابن کي جوڙڻ جو شعوري جاڳ پاران آيل ٿورو بہ مواد موجود نہ هوندو آهي. هن انهيءَ خاصيت کي بہ قبول ڪيو آهي تہ ذهني تخيلاتي عڪس، دماغ جي وسعت ڪانسواءِ بہ خوابن ۾ اپرندا آهن، ٿي سگهي ٿو تہ اهي تنتي سرشتي جي ترغيب جو نتيجو هجن. (صفحو 48). ڪجهہ بہ هجي، بهرحال "روبرٽ" خوابن جو مڪمل طور طبعي يا جسماني جيوَ گهرڙن جي چرپر تي انحصار قبول نہ ڪيو آهي، توڙي جو هن جي راءِ آهي تہ "خواب نفسياتي عملي تسلسل" نہ آهن، خوابن وٽ جاڳ واري حالت دوران پيدا ٿيل نفسياتي عملي تسلسل ۾ ڪا جاءِ مقرر ٿيل نہ آهي، اهي رڳو طبعي يا جسماني چرپر جو عملي تسلسل هوندا آهن، جيڪي هر رات، انهيءَ ميڪانيڪي سرشتي ذريعي ظاهر ٿيندا آهن، جن جو تعلق دماغي سرگرميءَ سان هوندو آهي، ۽ جن جي ذمي تنتي سرشتي جي وڌندڙ مونجهارن يا پريشانين کان بچائڻ آهي، يا ذهن ۾ گڏ ٿي ويل ڪچري کي ڪنهن گند صاف ڪرڻ واري (Scavenger) جيان، تشبيهن ۽ استعارن کي تبديل ڪرڻ آهي."[1]

---

[1] "روبرٽ" جي نظريي کي اڳتي بہ بحث هيٺ آندو ويو آهي. فرائيڊ، "روبرٽ" جي "رحمر جي روگ جي مطالعي" (برايرِ ۽ فرائيڊ 1895) ۽ نظريي کي قبول ڪندي، خوابن جي پيداوار ۾ سندس ڏسيل انهن پنهي مڪيہ جزن کي بيان ڪيو آهي.

هڪ ٻئي ليکڪ "ايوس ڊيلاگي" (Yves Delage) پنهنجي نظريي جو بنياد، خواب جي ساڻگئي ئي خدوخال تي رکيو آهي. جيئن هن مواد جي انتخاب ۾ پڌرو ڪيو آهي ۽ اهو ان رستي جي سمجهاڻيءَ ڏانهن ڏيڻ لاءِ آهي، جنهن ۾ سندس خيال مطابق ساڻگين شين جي معمولي فرق يا ڦير گهير، بين ۽ بلڪل مختلف ڪنيل شين جي، نتيجن اخذ ڪرڻ ۾ سندس رهنمائي ڪئي.

(صفحو: 41) اسان کي ٻڌائي ٿو

"ڪنهن شخص جي فوتيءَ واري موقعي تي هن پنهنجي ئي هڪ شخص تي تجربو ڪيو ۽ ان حقيقت کي ڳولهي ورتو ته اسان انهن معاملن متعلق خواب نه ڏسندا آهيون، جيڪي ڏينهن دوران اسان جي خيالن کي والاري، وڪوڙي وڻن ٿا، يا تيسيتائين نه جيسيتائين ڏينهن واري وقت جي ڪن ٻين واسطيدار ڳالهين کي جاءِ ڏيڻ نه شروع ڪن. ٻين ماڻهن تي ڪيل سندس ڪوجنائن، ان حقيقت جي سچي هٿ جي پڪ ڏياري.

"ڊيلاگي" ان قسم جي دلچسپ مشاهدي جي رمز هٿ ڪرڻ لاءِ اهي اپاءَ ورتا ته ٿي سگهي ٿو ته هڪ نوجوان شادي شده جوڙي جي خوابن جو مطالعو سندس ڪوجنا جي درست هٿ کي ثابت ڪري: "جيڪڏهن اهي ٻئي، پيار جي انتها تي رسيل آهن ته اهي شاديءَ کان اڳ ۾ يا آنند ماس (Honeymoon) دوران، هڪ ٻئي جي لاءِ ڪو خواب نه ٿا ڏسي سگهن، ۽ جيڪڏهن کين جنسي، عاشقاڻو يا نفساني احساساتي (Erotic) خواب اچي ٿو ته اهي ان ۾ سرد مهريءَ وچان بي وفائي ڪندي ڏسي سگهن ٿا، يا ڪنهن مڪروهه شخص سان لاپرواهيءَ جو ورتاءُ ڪري سگهن ٿا." (ف ـ س).

ڇا پوءِ! اسان ان جو خواب ڏسندا سين؟

"ڊيلاگيءَ" ته مواد جي نشاندهي ڪري ڇڏي اهي ته اسان جي خوابن ۾ مناسب يا هموار ٽڪرا يا ٽوڙيل حصا گذاريل ڏينهن جي بچت سچت ۽ اوائلي وقتن جيان ظاهر ٿين ٿا. هر شيءَ جيڪا اسان جي خوابن ۾ ظاهر ٿئي ٿي، اهي پڻ، جن ڏانهن اسان جو پهريون لاڙو يا جهڪاءُ هوندو آهي، جن کي اسان پنهنجي خواب جيون جي تخليق پائيندا آهيون. اسان جڏهن ان کي نهايت ويجهڙائيءَ سان جاچيندا آهيون ته بلڪل اڻڄاتل ٻيهر پيداواري منظر (اڳ ڪيل تجربي جي مواد) جيان نظر ايندي آهي، جنهن کي "لاشعوري ياداشت" چئجي ٿو. پر ان تمثيلي انداز ۾ نظر آيل مواد جي قبضي ۾ ڪي عام خاصيتون به هوندیون آهن: اها "لاشعوري ياداشت" نقش، نشانن يا تاثرن مان وجود ۾ اچي ٿي، اهڙا نقش يا تاثر گهٽو ڪري اسان جي احساسن تي، اسان جي ذهانت کان به وڌيڪ قوت سان اثرانداز ٿيندا آهن، يا جن جي داخل ٿيندي ئي اسان جو ڌيان ڇڪجي ويندو آهي. گهٽ درجي جي شعور سبب ۽ ساڻگئي وقت تمام گهٽن طاقتور نقشن يا تاثرن کي وري ڪنهن ٻئي خواب ۾ به پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جو موقعو ملي ويندو آهي.

هتي اسان ڏسندا سين ته "روبرٽ" پاران ترتيب ڏنل انهن ساڻگين، پنهي نقشن يا تاثرن جي درجي بنديءَ لاءِ ڪيل دعويٰ منجهان، اسان لاءِ ڪهڙي ڳالهه اهم آهي: انفرادي ۽ روزمرهه جي خسيس تاثرن واري يا اهي جن سان "ڊيلاگيءَ" جو تعلق نه آهي، جيڪي حالتن کي هڪ ٻئي رخ ۾ موڙي ٿيون ڇڏين، هن ان کي به ان ڪري ڪنيو آهي ڇاڪاڻ ته اهي نقش يا تاثر، انهن سان ڪار وهنوار جي معاملن ۾ نه سات نه ٿا ڏين، جو اهي پاڻ به خوابن جي پيداوار جي قابل آهن، پر انڪري نه ته اهي ڪي خسيس ۽ معمولي قسم جا آهن. ڪنهن حد تائين اهو سچ آهي ته روزمرهه جا خسيس ۽ معمولي تاثر به مڪمل طور تي وهنوار نه ٿا رکن: تازن تاثرن جي فطري صورت ۾ انهن جو مثال ائين آهي، جيئن "مونجهاري سبب پريل تمام تڪڙيون پرانگهون." (ف ـ س). جيڪي ننڍ دوران ڇوتڪارو حاصل ڪن ٿيون. اهي طاقتور تاثر يا نشان، جيڪي مٿن غور ڪرڻ جي عملي چڪاس سان گڏبا آهن، يا جيڪي ڇاڻي ٻجهي، جوش ۽ جذبي تي قابو رکڻ تحت، تاثرن جي بجاءِ خوابن ۾ ڪجهه وڌيڪ ئي ڪردار ادا ڪرڻ جي دعويٰ ڪندا آهن، ڇاڪاڻ ته اهي تاثر يا نشان ڪمزور هوندا آهن يا انهن تي ڏيان ڏنل نه هوندو آهي. نفسياتي قوت جيڪا ڪنهن لاڙي، جذبي يا سوچ کي روڪيندڙ ذهني عمل جي صورت ۾ ڏينهن جي دوران جمع ٿيندي آهي، اها رات جو

خوابن لاءِ ڏيايل، لکايل يا ذهن مان ڪڍي چڏيل مقصد واسطي اندر ۾ موجود نيت متعلق پيدا ٿيل ڏاڪ بڌجي پوندي آهي. ڏيايل، لکايل يا ذهن مان ڪڍي چڏيل نفسياتي مواد خوابن ۾ سوجهرو ڪرڻ لڳندو آهي. (ساڳيو مصنف ص:43). (ف.س-1).

بدقسمتيءَ سان هن نڪتي تي "ڊيلاگي" پنهنجي ئي خيالن جي قافلي ۾ مداخلت ڪئي آهي، هو ڪنهن به آزاد نفسياتي سرگرميءَ جي سلسلي ۾ خوابن جي خوبي يا لياقت بيان ڪرڻ لاءِ تمام ننڍڙو حصو پتي ٿو شامل ڪري ۽ اهڙيءَ ريت هو پنهنجي نظريي کي "ذهن جي جزوي، اڌوري ۽ اڻ پوري جاڳ جي رائج نظريي" جي قطار ۾ آڻي ٿو ٻيهاري: "مختصر ته خواب، بي مقصد، بي راهه ۽ رولاڪ خيالن جي پيداوار آهن، پاڻ کي يادن ۾ تبديل ڪري اهو ڳنڍيا پو ٿو جوڙي، جيڪو پنهنجي راهه تي گهٽو ديرپا ۽ شدت سان موجود رهي ٿو ۽ پنهنجي وات ۽ وهڪري ۾ مداخلت بہ ڪري ٿو ۽ بندڻ جي اخلاقي پابنديءَ يا ضمانت ذريعي هڪ ٻئي سان ڳنڍيو ٿو جيڪا ڪڏهن ڪمزور، ڍيلي مبهم ۽ غير يقيني هوندي آهي ته ڪڏهن طاقتور ۽ تمام ويجهي هوندي آهي. دماغ جي سرگرميءَ مطابق، ان وقت نند جي ذريعي ننڍيي يا وڏي حد، گنجائش، مقدار يا درجي سبب منسوخ ڪيل يا ختم ڪيل هوندي آهي (ف-س).

(iii)

ٽئين ماهر ٽولي جي نظرين کي اسان ان جاءِ تي رکنداسين، جيڪي خوابيده ذهن جي انهن مخصوص "نفسياتي سرگرمين" جي اهليت ۽ جهڪاءَ کي ٻاهر آڻڻ لاءِ انهن حوالن سان منسوب ڪندا آهن، جيڪي وڏي تعداد ۾ يا سيئي، جاڳ جيون ۾ بلڪل نااهل هوندیون آهن. انهن شعبن کي تحرڪ ۾ آڻڻ لاءِ سدائين افاديت پسند عملي صلاحيت خواب پيش ڪندي آهي. نفسيات تي ويجهن ليکڪن جي طرفان، خوابن لاءِ جوڙيل ڪيترائي تخمينا، هن پاڻي ۾ اڇن ٽا. بهرحال مون لاءِ "برداخ" (صفحو: 512) جي ڪجهه سٽن جو حوالو ڏيڻ ڪافي ٿيندو.

"خواب ڏسڻ."

هو لکي ٿو: "ذهن جي هڪ فطري سرگرمي آهي، جيڪا انفرادي خوبيون يا گڻن جي قوت تائين محدود نه هوندي آهي، ان ۾ ذاتي شعور جي ڪري بہ خلل نه پوندو آهي ۽ جيڪا شخصي عزم يا ارادي جي ذريعي بہ ڪي هدايتون حاصل نه ڪندي آهي، پر اها حواسي مرڪزن جي آزادگيءَ سان عمل ڪندڙ قوتي هوندي آهي."

ذهن جي اها پڌرائي، پنهنجين قوتن جي آزاد استعمال جي سلسلي ۾ "برداخ" چئي ريت قبول ڪيو آهي، ۽ باقي بچيل صورتحال، جنهن ۾ دماغ تازو توانو رهي ٿو ۽ ڏينهن جي ڪم ڪار لاءِ نئين سگهه کي گڏ ڪري ٿو، جنهن ۾ حقيقت اها آهي ته هو ان کي هڪ قسم جي موڪل واري ڏينهن جو مزو ماڻي ٿو. اهڙيءَ ريت "برداخ" (ص: 514) اهڙن ته وٽندڙ لفظن ۾ ان ثابتيءَ سان حوالو ڏنو آهي، جنهن ۾ شاعر ۽ ناول نگار خوابن جي اثر يا ان جي شاهي اختيار جي ساراهه ڪندا آهن: "سپنا، زندگيءَ جي يڪسانيت جي خلاف ڍال آهن: اهي تخيل کي بندشن کان آزاد ڪري ٿا چڏين، ان ڪري ئي سگهي ٿو ته اهي روزمرهه جي سمورين تصويرن جي وجود کي مونجاري ۾ بہ مبتلا ڪندا هجن، ۽ نوجوان ماڻهن جي نه رڪجندڙ شدت ۾ ٻار جي فرحت ڏيندڙ راند وانگر رڪاوٽ پيدا ڪندا هجن. سپنن ڏسڻ بنا اسان پڪ سان تمام جلدي پوڙها ٿيڻ لڳندا آهيون: ان ڪري اسان کي انهيءَ تي غور ڪرڻ گهرجي، ائين نه ته اهو ڪو مٿين سطح تي عطا ڪيل تحفو آهي پر هڪ انمول وندر، ورونهن آهي جيڪا جسم کي

---

(1) (ف-س-1) (حاشيو 1909 ۾ شامل ڪيل) اينا تولي فرانس (Anatole France) "لي ليس روج (Le Lys rouge) ۾ بلڪل ساڳيو ويچار بيان ڪيو آهي: "ته رات جو اسان جيڪي ڪجهه بہ ڏسندا آهيون اهي اهي يادگار باقي بچيل تڪليف ڏيندڙ ۽ بي چين ڪندڙ احساس هوندا آهن جن کي اسان گذاريل ڏينهن دوران نظر انداز ڪري چڏيندا آهيون. هڪ خواب گهٽو ڪري انهن ئي احساسن سان وابستا هوندو آهي جنهن کان اسان بچان کائيندا آهيون يا جن کي اسان ندامت يا شرم، بدنامي يا بيعزتيءَ سبب تياڳي چڏيندا آهيون."

تازو توانو بنائيندي آهي. هڪ سنگتي جيان اسان جي زبارتن کان قبر تائين جي سفر ۾ ساڻ ڏيندڙ هوندو آهي. ("هينرخ وان آفٽر ڊين جين" حصو پهريون، باب پهريون، Heinrich von Ofterdingen 1802,Part,1, Chap.I.

خواب جو زندگيءَ ڏانهن موٽڻ ۾ ٻيهر چاق چڪو ٻلو ڪرڻ واري عمل کي ڪجهه وڌيڪ سڀني انداز ۾ "پرڪنجي" (Purkinje. 1846,456) بيان ڪيو آهي. اهي عملي ڪم خاص طور تي پيداواري سگهه رکندڙ خوابن جي لاءِ ادا ٿيندا آهن، اهي تخيلاتي صلاحيت لاءِ هڪ آساني پيدا ڪندڙ هوندا آهن، ۽ انهن جو ڏينهن جي معاملن سان ڪو تعلق نه هوندو آهي. دماغ، جاڳ جيون جي انهن مونجهارن يا پريشانين کي اينگهائڻ جي خواهش نه رکندو آهي، هو انهن لاءِ آرام جي تلاش ڪندو آهي، ۽ انهن مان حاصل به ڪندو آهي. هو لڳيڃ سمورين حالتن کي جاڳ جي برخلاف پيش ڪندو آهي، افسوس کي راحت ۾ تبديل ڪندو آهي، اميدن ۽ خوشيءَ مان وايون بتال ڪندڙ تصويرن ذريعي، ڏکار کي پيار ۽ دوستيءَ جي ذريعي، ڊپ کي همٽ ۽ دوراندیشيءَ جي ذريعي، سزا ڏيڻ يا ڪائڻ واري حالت، قائل ٿيڻ، مضبوط عقيدي يا ويساهه، ثابت قدمي يا وفاداريءَ ذريعي شڪ شبهن جي شدت کي گهٽائڻ ۽ نڪهيون اميدن، خواهشن جي پورائي ذريعي. ڪيترا ئي روحاني زخم جيڪي ڏينهن دوران شدت سان ٻيهر اڪلي پوندا آهن، نند ذريعي اهي زخم چٽي ويندا آهن، نند ڪين پناهه ڏيندي آهي ۽ ڪنهن تازي زخم جي خلاف ڍال ٻڌجي ٻيهندي آهي. وقت جو مرهم ٻڌجڻ به وقتي طور ان تي ئي منحصر هوندو آهي."

اسان سيني کي اهو احساس آهي ته نند، ذهني سرگرميءَ تي هڪ خوشگوار ۽ فائديمند اثر وجهندي آهي، ۽ ذهن، ڪنهن گهٽگهري جي اڻ چٽي ڪم ڪار کي رد ڪرڻ جي اجازت به پاڻ ڏيندو آهي، ان جي عقيدن تي ڏاڍو هٽندو آهي، اهڙي قسم جا خواب ـ خيال، هڪ اهڙو رستو هوندا آهن، جنهن ۾ نند، فائدن جي ونڊ ورهاڙ جو ڪم ڪندي آهي.

خوابن کي، ذهن جي خاص سرگرمي ثابت ڪرڻ جي تمام گهٽي اصلوڪي ۽ دوررس ڪوشش ۾ اها وضاحت ڪئي وئي آهي ته آزاديءَ سان ڦهلاءَ رکو نند جي حالت دوران ٿيندو آهي، جنهن جي پڪ 1861ع ڏاري "شيرنر" ڏني هئي، سندس ڪتاب پڙڪيدار ۽ اونچائيءَ تي اڏاڻل طرز تي لکيل آهي ۽ پنهنجي موضوع لاءِ گهڻو ڪري نشي واري مستي، سرشاري، جوش ۽ ولولي کان متاثر آهي، جيڪو هر ان ماڻهوءَ کي رد ڪرڻ تي کاربند آهي، جيڪو ساڻس شامل راءِ نه ٿو ٿي سگهي. سندس متن جي تجزيي متعلق، هن رستي ۾ اهڙي ته مشڪلات پيدا ڪئي آهي جو اسان معروف فيلسوف "والڪيلٽ" پاران "شيرنر" جي چٽائيءَ ۽ مختصر اظهار واري نظريي ڏانهن، وڏي آرام سان موٽي سگهون ٿا. چوي ٿو: "اهي مطلب يا معنيٰ جا تجويز ڪيل ترورا، عارفانه وجداني احساسن جي انبار مان جڳمڳ ڪندڙ روشنيءَ جيان اڳتي هلن ٿا. اهي عظمت، عقيدت، جلوي ۽ جوت سان پريل بادل هوندا آهن پر اهي ڪنهن فيلسوف جي رستي تي روشني ڪري نه سگهندا آهن." والڪيلٽ" (صفحو: 29) جو چوڻ آهي ته "شيرنر" جي تحريرن کي خود سندس شاگردن ئي سمجهيو ۽ پرکيو هو.

"شيرنر" انهن منجهان نه هو جن جو عقيدو هو ته ذهن جون وسعتون، خواب جيون ۾ مسلسل طور تي گهٽيل يا سسيل نه ٿيون رهن. "والڪيلٽ" جي لفظن (صفحو: 30) ۾ هو خود ظاهر ڪري ٿو ته " آپي" (Ego) جي خطري يا گهبراهٽ جو اظهار ميڪ مرڪزي حيثيت ڪيئن ٿو رکي! سندس بي اختيار قوت، خوابن ۾ پنهنجي تنتي نظام کان محروم ڪيئن ٿي وڃي ٿي، جنهن جي نتيجي، اختيارين جي اها ورڇ، ڇاڻ ۽ سمجهه جي عملي صلاحيت: احساس، ارادي ۽ تمثيل جي مفهوم کي مشروط ۽ محدود ڪيئن ٿي ڪري ۽ ڪهڙيءَ ريت اهي باقي بچيل نفسياتي عملي طريقا، حقيقي ذهني ڪردار ادا ڪرڻ ڏين ٿا، ۽ پر پنهنجي جوڙجڪ يا ترتيب کان وڌيڪ نه. پر پيٽ ڪرڻ يا فرق ڪرڻ جي صورت ۾ ذهني سرگرمي، جيڪا ٿي سگهي ٿو "تخيل" جي طور تي بيان ٿيندي هجي، اها سبب يا ڪارڻ جي ڏاءَ کان آزاد ۽ ڪنهن به شدت کان پاسو ڪندي، هڪ لامحدود خودمختياريءَ جي حالت ۾ ٽپي پوندي آهي. جيتوڻيڪ خوابي تخيل، پنهنجي عمارت جي تعمير لاءِ سجاڳيءَ وارين، تازين يادن کي استعمال ۾ آڻيندو آهي. پوءِ به اهي ذهني وسعتون ڪين، جاڳ جيون جي تمام پرانهين هڪجهڙائي رکندڙ

تصويري بناوٽن ذريعي اڻارينديون آهن. وابستگيءَ سبب، خوابن ۾ اهي پاڻ ئي ظاهر ٿيندیون آهن، نہ رڳو ٻيهر تخليق لاءِ پر "تخليقي قوتن" لاءِ پڻ. (ساڳيو ڪتاب صفحو 31). انهن جون خاصيتون، عارضي طور تي، جيڪي نيارا ۽ نج عنصر خوابن ڏانهن آڻيندیون آهن، اهي ان ڳالهہ جي اهميت کي ظاهر ڪندیون آهن تہ حد کان وڌيڪ چڙواڳ (Immoderate)، مبالغي سان بيان ڪيل (Exaggrate) ۽ خوفناڪ (Monstrous) عنصر ڪهڙا آهن. پر ساڳئي وقت تي خيالن جي رڪاوٽن جي ترتيب يا درجي بنديءَ کان بہ آزاد هوندا آهن. جيڪي لچڪ، چستيءَ ۽ گهٽين صلاحيتن وارن ڳڻن مان، فائدو وٺندا آهن.

نرم ۽ نازڪ جذبن جا پاڇا، شديد جذبا رکندڙ ۽ انهن جو اظهار ڪندڙ انتهائي جذباتي احساسن سان نهايت تيز فهم انداز ۾ اثر پذير ٿيندا آهن. ۽ اسان جي اندروني زندگيءَ منجهان، تصويري طور تي ٻاهرين ۽ پيوندي روپ ۾ ٿہ پھ ضم ڪري وٺندا آهن. سپنن ۾ "تصور يا تخيل"، بنا ڪنهن نظرياتي قوت جي، خيالن يا احساسن کي واضع صورت ڏيندڙ عمل هوندو آهي. اهو انهن جذبن جي خدمت بجا آڻيندي، اها تصوير ڪشي ڪندو آهي، جنهن کي تصويري عمل چئي سگهجي ٿو ۽ ان جي شدت کي گهٽائڻ جو تيسيتائين کو تصور موجود نہ هوندو آهي، جيسيتائين خيالن ۽ احساسن کي واضح آوازن ۽ لفظن ۾ ادا ڪرڻ جو عمل (Speech)، تصويري بناوٽ کي ان کي پرپور قوت سان مڪمل ڪري استعمال جي قابل نہ بنائيندو آهي. اهڙيءَ ريت، بهرحال اهو چتي اظهار بجاءِ، چڏو ڏنڊلو اڻ گهڙيو ادينگو بي ڊولو ٽڙيل ۽ منجهيل ٿي سگهي ٿو. ان جي خيالن ۽ احساسن کي واضع آوازن ۽ لفظن ۾ ادا ڪرڻ جي عملي چٽائي، خاص ڪري ان حقيقت کي پيش ڪرڻ جي مونجهاري ۾ مبتلا هوندي آهي ڇاڪاڻ تہ ڪنهن بہ مقصد جي نمائندگيءَ لاءِ، ڪيس درست تصوراتي صورت پيش ڪرڻ پسند نہ هوندو آهي ۽ هو چند ٻاهرين، غير ضروري يا بنهہ اڻ لاڳاپيل تصوراتي شڪلين کي اهميت ڏيندو آهي، جيڪي رڳو خاص ان مقصد جي انهيءَ اهميت سبب پوڳنا جو سفر ڪندیون آهن، جيڪي نمائندگيءَ جي پورائي لاءِ ووڙيندیون آهن ۽ هتي ئي اسان کي تصور جي "علامتي سرگرمي" نظر آئي آهي....

ساڳئي ڪتاب جي صفحي 32 تي، هڪ ٻيو اهم نڪتو هي آيل آهي تہ خوابي تصور، شين جي ڪڍن بہ خاڪي يا تصوير ذريعي مڪمل تشريح نہ ڪندو آهي، پر رڳو مٿاڇري انداز ۾، سو بہ رڳو مروج اڻ گهڙيل يا ناهموار طريقي سان خاڪو چڪيندو آهي. ان سبب سندس مصوري متاثر ٿيل خاڪن جيان نظر ايندي آهي، اها مصوري اتي ئي ڏاهو ڪري نہ ويهندي آهي، پر رڳو ڪنهن مقصد جي نمائندگيءَ ۾ اها اندروني ضرورت تحت، "خوابي آپي" کي ڪنهن وڌي يا نندي گنجائش جي ذريعي، مقصد سان ملوٽ ڪندي آهي. ۽ اهڙيءَ ريت هڪڙو واقعو پيش ٿيڻ لڳندو آهي. مثال طور ڪنهن تصويري ترغيب جي اثر سبب، ڪو خواب اچي ٿو تہ اهو گهٽيءَ ۾ ٻيل سون جي سڪن جي صورت ۾ نمائندگي ڪري سگهي ٿو: خواب ڏسندڙ وڌي سرهائيءَ سان انهن کي ڪٽي وڃڻ لڳندو. (ساڳيو ڪتاب صفحو 33).

اهو مواد جنهن سان خواب جو تصور، پنهنجي فني صورت ۾ اصولي طور تي مڪمل ٿيل هوندو آهي، "شيرنر" مطابق اهو "عضوياتي ـ جسماني" جيو گهرڻن جي انهن ترغيبن پاران مهيا ڪيل هوندو آهي، جيڪو ڏينهن دوران اڻ چٽو جهڪو يا مبهم هوندو آهي. اهڙيءَ ريت "شيرنر" امتيازي طور تي نهايت حيرت انگيز قياس آرائي ڪئي آهي، ۽ لڳيڇ "وونٽ" ۽ عضون جي ٻين ماهرن جو نظريو حد کان وڌيڪ سنجيده آهي، جن کي ٻين لفظن ۾ ائين چئجي تہ علم بدن جي دليلن مطابق اهي، پنهنجي پنهنجي نظريي جي بنيادن ۽ خوابن جي ايارينڊ عنصر ان حوالي سان الڳ الڳ ٽڪرن ۾ تقسيم ٿيل ٿنيا آهن. بهرحال جسماني جيو گهرڻن جي اندروني ترغيب جو ردعمل، ترغيب جي رٿا يا مقصد واسطي، چند خيالن جي ايارڻ يا چورڻ سان، ٽڪجي پوندا آهن يا نيڪال ٿي ويندا آهن. اهي خيال، ڪنهن لاڳاپيل طريقي سان ٻين کي ايارينڊا آهن. ۽ خوابن ۾ نفسياتي واقعا هن نڪتي تي اچي، اختيار ڪيل واٽ ذريعي، پنهنجي پڇاڻيءَ تي پهچندي نظر ايندا آهن. "شيرنر" مطابق، ٻئي طرف جسماني جيو گهرڻن جي ترغيب، ڏهن کي ان مواد سان گڏ وڌيڪ ڪجهہ بہ مهيا نہ ڪندي آهي، جيڪو تصور جي مقصد لاءِ استعمال ٿي سگهي. خوابن جي جوڙجڪ رڳو ابتدا ڪندي آهي، "شيرنر" جون نظرون ان نڪتي تي رسن ٿيون، جتي ٻين ليکڪ جي حوالي سان ان جي پڇاڻي ٽٽي ٿي.

"خواب جو تصور ڪرڻ جو عمل"، جسماني جيوگھرڻن جي ترغيب لاءِ ڇا نہ ٿو ڪري سگھي، ظاهر آهي، اهو ان جي ڪارآمد مقصد جي خدمت سرانجام ڏيڻ لاءِ ئي ته ڪري ٿو اهو انهن سان تصويرن ۾ عضوياتي ڪارٽن لاءِ ئي عمل ڪري ٿو جن منجهان، خواب جي ترغيب جو معاملو روپ ڏيڻ واري علامتي نظريي تحت ايري ٿو. "شيرنر" ان راءِ جو آهي، جيتوڻيڪ "والڪيلت" (صفحو: 37) ٻين ليکڪن سندس پوئواري ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي ته خوابي تصور کي، عضوياتي اندروني چرپر جي مجموعي نمائندگي ڪرڻ لاءِ رڳو هڪڙو ئي پسنديده ۽ خاص رستو آهي، جڏ اهو ڪنهن گھر جيان هجي. خوش قسمتيءَ سان، بهرحال اهو نمائندگيءَ جي ان هڪڙي طريقي تي پابندي مڙهيندي نظر نہ ٿو اچي. ٻئي پاسي گھرن جي پوري قطار کي، هڪڙي عضوي جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ استعمال ۾ آڻي سگھجي ٿو. مثال طور گھرن جي تمام ڏگھي قطار واري گھٽي، هاضمي جي نظام طرفان ترغيبي نمائندگي ٿي سگھي ٿي. اهڙيءَ ريت وري ٿي سگھي ٿو ته گھر جا الڳ حصا، جسم جي علحده حصن واري جاءِ والارين. اهڙيءَ ريت مٿي جي سور جو ڪارڻ، خواب ۾ ڪمري جي ڇت جو اندريون حصو بچان ڏيارينڊ ڏيڏر مهانڊي ڪوريئڙي سان ڏيکيل صورت ۾ نمائندگي ڪري سگھي ٿو. (ساڳيو ڪتاب صفحو 33).

"گھر" جي ان علامت کي هڪ طرف رکي، چند مختلف قسم جي شين کي جسم جي انهن حصن جي نمائندگيءَ لاءِ استعمال ڪري سگھجي ٿو جيڪي خواب کي تحرڪ يا جوش لاءِ ايارڻ جو سبب بڻجي سگھن ٿا. اهڙيءَ ريت ڦڦڙن جو سهڪو، ٻئي، آوي يا آتشدان جي ڏنڀ جي علامت اظهار ڏريعي نمائندگي ڪري سگھي ٿو جنهن جي شعلي جي پڙڪڻ جو آواز سندس ساهه کڻڻ جهڙو نڪرندو آهي: "دل" وري خالي پيٽين يا ٽوڪرين جي صورت ۾ پيش ٿي سگھي ٿي، "مٿانو" ڪنهن "گول" جي شڪل ۾، ٽيلهي جهڙين شين ڏريعي يا عام طور تي خالي يا کوکلين شين ڏريعي پيش ٿئي ٿو. خواب جيڪڏهن ڪنهن مرد ۾ جنسي عضوي جي ترغيبي ايار سبب جڙيو آهي ته ان صورت ۾ خواب ڏسندڙ گھٽيءَ ۾ وڃندڙ سازن مان ڪلارنيٽ جي ساز جو مٿيون حصو ڏسي ٿو يا حقي جي نڙ جو سرو يا وري نرم ۽ گھاٽي بج وارو مفلر ڏسي ٿو. هتي ڪلارنيٽ ۽ نڙ جو سرو ذري گھٽ مرداڻي عضوي جي نمائندگي ڪري ٿو جڏهن ته نرم ۽ گھاٽي بج وارو مفلر، جنسي عضوي جي وارن جي علامتي صورت آهي. عورتن جي جنسي خواب جي معاملي ۾ ڇڏن جي وچ ۾ سوڙهو لنگھ، گھرن جي چوڌاري سوڙهي ڏيوڏيءَ جي صورت ۾ پيش ٿي سگھي ٿو. اهڙيءَ ريت فرج جي علامت، پيادل هلڻ وارو اهو نرم، ترڪڻو ۽ سوڙهو لنگھ ٿي سگھي ٿو جيڪو اڳڻ جي ٻئي پاسي ويندو هجي، جنهن تان خواب ڏسندڙ گذرندو هجي، خاص طور تي ڪو شخص شايد خط ڪڍندو هجي." (ساڳيو ڪتاب صفحو 34).

ان ڳالهه کي خاص ۽ وڏي اهميت آهي ته جسماني جيوگھرڻن جي تحرڪ يا جوش جي ايارڻ تي خوابن جو اختتام، ان ريت ٿيندو آهي ته خوابي تخيل، پنهنجي ٻهروپ کي پاسي تي اڇلائي ڇڏيندو آهي، ۽ اهي جيئن موجود هئا، تيئن ئي واسطيدار عضوي ڏريعي، لڪل شين يا ان جي ڪم کي نهايت چٽي نموني پڌرو ڪندو آهي. اهڙيءَ ريت "ڏند جي تڪليف" سان ڏڪل خواب جي عام طور تي پجاڻيءَ کي، خواب ڏسندڙ پنهنجي وات مان ڏند کي ڪڍڻ واري تصويري عمل ڏريعي ڏسندو." (ساڳيو ڪتاب صفحو 35).

ٿي سگھي ٿو ته خوابن جو عڪسي عمل، ڪنهن عضوي جي تڪليف يا جوش جي حالت ۾ سڏو سنئون ڏيان نہ ڇڪائيندو هجي، اهو ان عضوي ۾ تت، حصي يا مادي تي مشتمل ساڳئي ئي درجي جو علامتي عمل ٿي سگھي ٿو. ان رستي هڪ خواب، هاضمي جي تڪليف، خواب ڏسندڙ کي گپ واريءَ گھٽين مان گذرڻ ڏريعي رهنمائي ڪري سگھي ٿي، يا ڪنهن کي پيشابن جي تڪليف هجي ته ان کي گج (Foam) جي وهڪري جو منظر نظر اچي سگھي ٿو، يا ائين ٻ ٿيندو آهي ته تڪليف خود ٻ فطري جذباتي ردعمل کي پيدا ڪندي آهي يا علامتي نمائندگي ڪرڻ، خود ان مقصد جي ضرورت هجي. يا خواب جو آپو علامتن جي پنهنجي دنيا سان هڪ مضبوط تعلق سبب داخل ٿيندو هجي. مثال طور، تڪليف ڏيندڙ ترغيب جي معاملي ۾ خواب ڏسندڙ ڇتن ڪُتن يا خونخوار قسم جي ڏاندن کان بچڻ جي ڪوشش دوران مايوسيءَ ۾ گھيريل نظر اچي

سگهي ٿو ۽ ڪنهن عورت کي، پنهنجي خواب ۾ ڪنهن اگهاڙي مرد پاران جنسي رغبت پيدا ڪرڻ جو منظر نظر اچي سگهي ٿو. (ساڳيو ڪتاب صفحو 35). ڏن دولت حاصل ڪرڻ ۾ مصروف رهڻ واري معاملي کان بنهه هٽي ڏسبو ته تصور جي علامتي سرگرمي، هر خواب ۾ سدائين هڪ مرڪزي قوت وانگر جاري رهندي آهي. (ساڳيو ڪتاب صفحو 36). تصور جي ان فطرت ۾ مڪمل طور تي اثر انداز ٿيڻ، داخل ٿيڻ يا گهرائيءَ سان سمجهڻ جي ذميداري ۽ ڏاهپ جي خيالن جي طريقي لاءِ مقرر جاءِ جي ڳولها ڪرڻ بابت "والڪيلٽ" جي ڪيل ڪوشش کي هن ئي ڪتاب جي صفحن ۾ آندو ويو آهي، پر جيتوڻيڪ اهي نهايت چڱيءَ طرح ۽ محسوس ڪندي لکيا ويا آهن، ان هوندي به انهن ماڻهن جي سمجهڻ لاءِ گهڻي قدر مشڪل آهن، جن جي ابتدائي تعليم کين، فلسفي جي تصوراتي يا احساساتي ساخت، يا تنتي نظام جي ان حصي جي همدرداڻي صلاحيت (Sympathetic) کي، جيڪا اضافي تنتي نظام سان گڏجڻ سبب خودڪار تنتي نظام تحت ڪم ڪندي آهي، سمجهڻ لاءِ تيار نه ڪيو آهي.

ان ڪانسواءِ پيو ڪو به افاديت وارو ڪم "شيرنر" جي "علامتي رمز وسيلي پيدا ٿيندڙ تصور" سان وابستا نه آهي. دماغ ماڻهوءَ جي ننڊ ۾ تحرڪ يا ترغيب سان گڏ عمل ڪري ٿو جيڪو مٽس بي جا مداخلت ڪري ٿو. ماڻهو گهٽو ڪري شڪجي، ڏکو هڻڻ لڳندا آهن ته اهو ساڻن شرارت پيو ڪري، پر مان اهو چئي سگهان ٿو ته "شيرنر" جي ڏسيل خوابن جي نظريي متعلق ڪيل منهنجي تفصيلي اپياس، ڪنهن افادي مقصد جو پورائو ڪيو آهي! مان سمجهان ٿو ته لڳاتار ان جي خيال يا ريچڪ تي ٻڌل قطعي خاصيت ۽ تحقيق جي سمورن اصولن کي نه ميڙ، صاف ظاهر آهي. ڪنهن سوال جي موٽ ڏيڻ واري حوالي سان، مان غرور، هٺ ڏرميءَ جي خلاف پنهنجو احتجاج ذهن نشين ڪرائڻ ٿو چاهيان، جيڪو "شيرنر" جي اڻ جاچيل نظريي کي رد ڪري ٿو.

هن، ماڻهوءَ متعلق، خوابن جي علامتن ۽ نشانين تي مشتمل پنهنجو نڪتي نظر جوڙيو آهي، جنهن تي تمام گهڻي ڌيان سان غور ڪيو ويو آهي ۽ سندس، ذهن جي مبهم شين جي تحقيق کي انتهائي عظيم شخصي تحفو سمجهي قبول ڪيو ويو آهي. ان ڪانسواءِ هو ان موضوع جي اڳواڻي ڪري ٿو ته انسان ذات جي حوالي سان هزارين سالن کان اهو هڪ اسرار يا ڳجهارت جيان هلندو اچي ٿو، ان ۾ ڪوشش نه آهي، پر ان ۾ اهم هجڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي، ۽ ان جو انومان، اشارن يا مفهوم جي ڪيتري اهميت ٿو رکي! جنهن موضوع کان نتايو ٿو وڃي اهو اصل ۾ مطالعي، مشاهدي ۽ تجربي مان حاصل ڪيل ڄاڻ (Science) تي مشتمل آهي. ان ڪانسواءِ ان جي معنائن، قدر اهميت يا خاصيت جي سلسلي ۾ ڪيل ڪوشش جي انڪار (خاص طور تي مشهور احساسن جي سڏي سنئين مخالفت)، جي حوالي سان ان جي قبوليت به تمام مختصر آهي. ۽ آخرڪار نهايت ايمانداريءَ سان چئجي ٿو ته خوابن جي حيرت انگيز ۽ پراسرار هجڻ کي بيان ڪرڻ کان لنوائڻ به آسان نه آهي، ۽ ڳوڙهي ڦرڙيءَ يا لڦ جا جيو گهرڙا به حيرت انگيز ٿي سگهن ٿا. "بنز" جهڙي سنجيده تمام صحيح تحقيق ڪندڙ جو جيڪو حوالو مان اڳ ۾ ڏئي آيو آهيان، ۽ جيڪو اهو رستو بيان ڪري ٿو جنهن ۾ جاڳ جو اپرڻ، مغز يا ميڇالي جي تهن مان ننڊ جي جيو گهرڻن جي وڏي مقدار کي چورائي ٿو اهو پڻ گهٽ حيرت انگيز ۽ گهٽ مشڪل نه آهي. جنهن کانپوءِ تجزين لاءِ ورتل خود "شيرنر" جون ڪوششون، اميد ته اهي، اهو ظاهر ڪرڻ جي قابل ٿي ويندیون ته گذري ويل دور جي معاملن پويان حقيقت جو هڪ عنصر موجود ضرور آهي، حالانڪ ان کي رڳو حواسن جي مدد سان سڃاڻڻ ۽ غير يقيني انداز سان پرکڻ آهي ۽ جنهن ۾ آفاقيت يا عالمگيريت جي ان خوبي يا لياقت بيان ڪرڻ جي گهٽتائي آهي، جيڪا خوابن جي نظريي جي خاصيت بيان ڪري سگهي. ساڳئي وقت تي، "شيرنر" جي نظريي ۽ طب جي وچ ۾ تضاد، اسان کي انهن انتهائن جي وچ ۾ فرق ڏيکارين ٿيون، جيڪي اڃوڪين حالتن ۾ خواب جيون جي وضاحتن کي ڪڏهن هڪ پاسي ته ڪڏهن ٻئي پاسي لڏڻ واري شڪ ۾ مبتلا ڪري رهيون آهن[1].

---

[1] "شيرنر" جي نظرين وڌيڪ بحث اڃتي ڪيل آهي.

(8)

خوابن ۾ ذهني بيمارين جو پاڻ ۾ تعلق

RELATIONS BETWEEN DREAMS AND MENTAL DISEASES.

اسان جڏهن خوابن جي، ذهني بدنظميءَ سان تعلق متعلق ڳالهائيندا آهيون تہ اسان ٽن ڳالهين کي ذهن ۾ رکندا آهيون:

(1) عارضي جا سبب ۽ طبي تعلق. تڏهن، جڏهن خواب ذهني/ نفسياتي انتشار واري (Psychotic) حالت جي نمائندگي ڪري، يا ان کي پيش ڪري، يا ان کي پنيءَ پويان ڦٽو ڪري ڇڏيو هجي.

(2) ذهني بيماريءَ جي انهن معاملن ۾ ترميم، جن ۾ خواب جيون موضوع هجي.

(3) خوابن ۾ ذهني انتشار واري نفسي مرض (Psychoses) جي وچ ۾ فطري يا پيدائشي لاڳاپا. متن مائٹن جي وچ ۾ هڪ جهڙائيءَ جا ارکان.

منطقي طور حقيقت بيان ڪندڙ هن ماهر تولن جي وچ ۾ اهي لاتعداد لاڳاپا، ابتدائي دور ۾ طب تي لکندڙن لاءِ نهايت دلچسپ موضوع رهيو آهي، ۽ اڃڪلهه وري پيهر ساڳئي دلچسپيءَ جو سبب بڻيو آهي، جيئن ان موضوع تي "اسپيٽا" (صفحو 196 ۽ 319)، "راڊيستاڪ" (ص: 217)، "مائوري" (ص: 124) ۽ "تيسي" (ص: 77) جي تيار ڪيل ڪتابن جي فهرستن (Bibliographies) ۾ جاڻايل آهي. ويجهڑائيءَ ۾ "سانتي ڊي سئنڪتس" (Sante de Sanctis) جو ڏيان ب ان پاسي ويو آهي.[1]

مان جيڪڏهن انهيءَ اهم سوال کي وڌيڪ نہ چيڑيان تہ ب منهنجي مضمون جي مقصد لاءِ اهي ئي ڪافي آهن. طبي ۽ عارضي جي سببن يا علت شناسيءَ جي حوالي سان، خوابن ۽ ذهني انتشار واري نفسي مرض (Psychoses) جي وچ ۾ لاڳاپن لاءِ چند مشاهدي ۾ آيل مثال ڏئي سگهجن ٿا. "هونبيوم" (Hohnbaum. 1830,124)، "ڪروس" (صفحو: 619) جي حوالي سان لکيو آهي تہ: "وهم يا وسوسي ۾ مبتلا ڪندڙ چريائپ جي اوچتو ظاهر ٿيڻ جي ابتدا گهٽو ڪري ڳڻتي يا خوف پيدا ڪندڙ خوابن جي اچڻ سان ٿيندي آهي، ڇاڪاڻ تہ غلبو پيدا ڪندڙ خيال ئي خواب سان ڳنڍيل هوندو آهي. "سانتي ڊي سئنڪتس" ب وسوسي يا ماليخوليا (Paranoia) جي معاملن ۾ ساڳين ئي مشاهدن کي اڳيان آندو آهي، ۽ ثابت ڪيو آهي تہ ڪجهه معاملن ۾ خوب چريائپ (Insanity) جو بلڪل درست ۽ طئي ڪيل سبب هوندو آهي. (ف ـ س).

"سانتي ڊي سئنڪتس" جو چوڻ آهي تہ ذهني انتشار وارو نفسي مرض، خواب جي عمل ذريعي، زندگيءَ ۾ اوچتو حملو ڪري سگهي ٿو. جيڪو وهم ۽ وسوسي جي مواد کي روشنيءَ ۾ آڻي سگهي ٿو يا اهو آهستگيءَ سان، بين خوابن جي سلسلي ذريعي اسري سگهي ٿو. جيڪو شڪ شبهي جي ٿوري گهڻي حالت تي وري ب حاوي ٿي سگهي ٿو. خوابن جي مشاهدي ۾ آيل هڪ نهايت اهم خواب ذريعي هن، رحم جي روگ (Hysterical) جي وڇڙي حملي کي ڳولهي ورتو هو ۽ پوءِ ذهني دٻاءَ ۽ ڳڻتي پيدا ڪندڙ سوداءَ يا ماليخوليا (Melancholia) جي حالت ۾ ب مشاهدو ڪيو هو. "فيري" (Fere.1886) جو حوالو ڏيندي "تيسي" (صفحو: 78) هڪڙو خواب پيش ڪيو آهي، جيڪو رحم جي روگ واري معذوريءَ جي نتيجي ۾ ظاهر ٿيل آهي. اهڙن مثالن ۾ خواب، ذهني وگوڙ يا بدنظميءَ جي عارضي جي سببن يا علت شناسيءَ جيان نمائندگي ڪندي نظر اچي ٿو.

---

[1] هي ٽکرو 1914ع ۾ شامل ڪيل آهي: ويجهڑائيءَ وارن ليکڪن ۾، جيڪي انهن لاڳاپن متعلق ڪم ڪري رهيا آهن، انهن ۾ "فيري" (Fere. 1886)، "ايلغر" (Ideler. 1853)، "لاسيگي" (Lasegue. 1881)، "پيخون" (Pichon. 1896)، "رجيس" (Regis. 1894)، "ويسپا" (Vespa. 1897)، "گيزلر" (Giessler.1888)، "ڪازوسڪي" (Kazowsky.1901)، "پاختنوني" (Pachantoni.19109) وغيره شامل آهن.

پر اسان کي حقيقتن سان برابريءَ جي بنياد تي انصاف ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن اسان ائين چئون ته ڏهني انتشار پنهنجو پهريون اظهار خواب جيون ۾ ڪري ٿو ته اها خواب ۾ اولين دريافت چئبي. ٻين ڪجهه مثالن ۾ مرض جون نشانيون يا علامتون، خواب جيون ۾ شامل هونديون آهن، يا خواب جيون ۾ ڏهني انتشار وارو نفسي مرض محدود هوندو آهي. اهڙيءَ ريت "ٿمايز" (Thomayer. 1896) فڪر ڳٽڻيءَ جي چند خوابن ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي، جن لاءِ سندس خيال آهي ته اهي مرگهيءَ واري (Epilaptic) دوري سان مطابقت رکن ٿا. "اليسن" (Allison. 1868) جو حوالو ڏيندي راڊيستاڪ (صفحو: 225) بيان ڪري ٿو ته "رات جو فعال ٿيڻ واري چريائپ (Nocturnal Insanity) جنهن ۾ مريض پاڻ کي ڏينهن جو بلڪل تندرست نظر ايندو آهي، ۾ رات جو مٿس چريائپ جو دورو پوندو رهندو آهي ۽ سودائن جو سلسلو سدائين ساڻس گڏ رهندو آهي. "ڊي سئنڪٽس" (صفحو: 226) ۽ "تيسي" ساڳيا مشاهدا بيان ڪيا آهن (شراب واپرائيندڙ مريض بہ لڳيڇڳ سوداءَ يا ماليخوليا جي مريض جهڙو هوندو آهي، جيڪو پنهنجي زال تي بيوفائي جو ڏوهہ مڙهيندو آهي). بعد ۾ 1898ع دوران تازن مثالن ذريعي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي جنهن ۾ مرض جو فطري عمل، جڙ وهمي حدن جي بنياد تي ورتاءَ ڪري ٿو ۽ من اڇل (Impulse) جي سوچ جو غلبو خوابن مان هلي اچي ٿو. "گئسلين" (Guislain. 1833) خواب جو هڪ مثال بيان ڪيو آهي جنهن ۾ ننڍ، ٿوري ٿوري دير ڪانپوءِ ٽيندڙ چريائپ جي ذريعي بدلجي ٿي.

ان ۾ ڪوشڪ نہ ٿو ڪري سگهجي ته خوابن جي نفسياتي عمل سان لڳولڳ هڪ ڏينهن طبي ماهرن کي پنهنجو ڌيان "خوابن جي نفسياتي علاج جي طريقي" ڏانهن ضرور ڏيڻو پوندو.

ڏهني بيمارين مان صحتمند ٿي وڃڻ جي صورت ۾ گهڻو ڪري اهو ڏٺو ويو آهي ته جيتوڻيڪ ڏينهن دوران ڪم ڪار عام رواجي انداز سان هلندڙ هوندو آهي ته بہ خواب جيون، ڏهني انتشار جي اثر هيٺ رهندو آهي. "ڪروس" (صفحو: 270) موجب، جارج پهرين ان حقيقت ڏانهن ڌيان ڇڪرايو هو. "ميڪاريو" (Macario. 1847) جو حوالو ڏيندي "تيسي" (صفحو: 89) اظهار ڪري ٿو ته ڪو ديوانگيءَ جو مريض، پوريءَ طرح صحتمند ٿيڻ جي هفتي ڪانپوءِ بہ سندس خوابن ۾ خيالن جي پرواز لاءِ ڪيئن نہ ساڳيو ئي موضوع اتڪيل هوندو آهي، ۽ وگوڙي جوش جذبا سندس پنهنجي بيماريءَ جون خاصيتون هونديون آهن.

خواب جيون ۾ ڏهني انتشار واري پراڻي، يا موروثي نفسي مرض جي ترميمي حالتن جي ظاهر ٿيڻ متعلق هيل تائين تمام ٿورڙي تحقيق سامهون آئي آهي.[1]

ٻئي پاسي، خواب ۾ ڏهني بدنظميءَ جي وسعت ۽ گنجائش جي تعين ۾ قبوليت لاءِ تمام وڏي پيماني تي ڪيل وضاحتن کي ظاهر ڪندي بنيادي خانداني لاڳاپي ڏانهن گهڻو عرصو اڳ ڌيان ڇڪايو ويو هو. "مائوري" (صفحو: 124) اسان کي ٻڌائي ٿو ته انهن تي پهريون تبصرو "ڪابئنس" (Cabanis. 1802) ڪيو هو جنهن کانپوءِ "لي ليو" (Lelut. 852) "جي موريو" (J. Moreau. 1855) ۽ خاص طور تي "مئن ڊي بران" (Maine de Biran. 1834. III) نالي فلسفي ڪيو هو. بيشڪ اهي تقابلي جائزا گذريل وقتن جا آهن پر ايجان تائين تازا آهن. راڊيستاڪ (صفحو: 217) انهن جا ڪيترائي حوالا پنهنجي ڪتاب جي ان باب ۾ پيش ڪيا آهن، جنهن ۾ هن "خواب ۽ چريائپ" ۾ هڪ جهڙائي پيدا ڪندڙ تجزيو پيش ڪيو آهي.

1764ع ڌاري "ڪانٽ" ڪنهن ڪتاب ۾ لکيو آهي ته: "چريو شخص هڪ هلندي ڦرندي خواب ڏسندڙ هوندو آهي" "ڪروس" (صفحو: 270) دعويٰ ڪئي آهي ته "چريائپ" هڪ اهڙو خواب آهي جيڪو تڏهن نظر ايندو آهي جڏهن حواس سجاڳ هوندا آهن."

"شوپنهار" (حصو 1 صفحو: 246) خوابن کي مختصر چريائپ ۽ چريائپ کي ڊگهو خواب سڏي ٿو."

"هيگن" (Hegen. 1846.812) نشي جي غلطانيءَ (Delirium) کي خواب جيون جيان بيان ڪيو آهي، جيڪو ننڍ ۾ نہ پر بيماريءَ ۾ هر ڪائڙ يا ريجهائڙ جو ڪارڻ بڻجندو آهي."

---

[1] ان سوال تي بعد ۾ 1922ع ڌاري خود فرائيڊ جائزو ورتو هو (ڏسو حصو "2")

"وونٽ" (ص: 662) لکي ٿو ته: "حقيقت اها آهي ته اسان پنهنجي خوابن ۾ پنهنجي سر ئي تجربو ڪري سگهون ٿا، گهٽو ڪري "عجب جهڙيون." سموريون ڪيفيتون، هڪ ٻئي سان وڄي پاڳلن جي پناهه گاهن ۾ ملن ٿيون.

"اسپينا" صفحو: 199) ۾ گهٽي ياڳي "مائوري" واري طريقي جيان مجرٽ جهڙن انهن چند مختلف نڪتن کي شمار ۾ آندو آهي، جيڪي پيٽ ڪرڻ جي لاءِ بنيادن جو تعين ڪن ٿا، جهڙوڪ:

1. پنهنجي وجود جي احساسن ۽ عملن کان باخبر هجڻ/ يا شعور هجڻ، معطل ٿيل هوندو آهي يا بهرحال ذهني معذوريءَ جو شڪار ٿيل هوندو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ منجهس عجب يا اچرج محسوس ڪرڻ جي معذوريءَ ۽ اخلاقي شعوري ڪوتاهيءَ سميت، حالتن جي فطري ڪيفيت تي نظر ڪرڻ يا انهن کي سمجهڻ جي ڪمي هوندي آهي.
2. حواسن ذريعي سڃاڻڻ وارن عضون جي ادراڪي صلاحيت ۾ قير قار اچي ويندي آهي: خوابن جي حوالي سان به انهن ۾ سوس اچي ويندي آهي، پر اصول مطابق، چريائپ ۾ تمام گهٽي حد تائين وڌي ويندي آهي.
3. خيالن جي گڏيل سلسلي يا هڪ ٻئي سان لاڳاپيل ويچارن جو اظهار، خاص طور تي تعلق جي اصولن ۽ ٻيهر سرجڻ جي عمل مطابق ٿيندو آهي. خيال اهڙيءَ ريت پاڻمرادي سلسلي ۾ جڙندا ويندا آهن ۽ اتي ويچارن يا خيالن جي وچ ۾ مناسب مقدار ۾ گهٽتائي جو اثر پيدا ٿي پوندو آهي، جن کي وڌاءُ ۽ غير حقيقي يا گمراهه ڪندڙ ڏيک يا تاثر چئي سگهجو ٿو. اهي سموريون ڳالهيون هيٺ ڏنل نڪتي جي اڳواٽي ڪن ٿيون.
4. قير گهير جو عمل يا ڪجهه معاملن ۾ شخصيت جو تضاد ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪرداري خصلتن جو اظهار (محفوظ ٿيل ورتاءُ يا انتظام).

رابيسناڪ (صفحو: 219) ڪجهه وڌيڪ خوبيون شامل ڪيون آهن.

ڪن به بن معاملن جي وچ ۾ مشابهت رکندڙ يا هڪ جهڙايون پيدا ڪندڙ مواد، "وهمن ۽ غلط تصور جي گهٽائي، ٻڌڻ ۽ ڏسڻ وارن حواسن جي دائري ۽ جسم جي اندرين عضوياتي احساسن جي تجربي مان لنگهڻ واري گڏيل صلاحيت (Coenaesthesia) ۾ ظاهري ٿيندي آهي. جيئن خواب جي معاملي ۾ سنگهڻ ۽ چکڻ جا حواس به ڪي عنصر مهيا ڪندا آهن، تيئن ٻئي حواسي صلاحيتون تپ ۾ مبتلا مريضن توڙي خواب ڏسندڙ جي تمام آڳاٽي ماضيءَ مان اپريل يادن ۾ عمل ڪندیون آهن: ننڍ پيل توڙي بيمار ماڻهو انهن انهن شين کي ياد ڪندو آهي، جيڪي جاڳيل ۽ صحتمند ماڻهن کان وسري ويل هوندیون آهن." خوابن ۽ ذهني انتشار واري نفسي مرض جي وچ ۾ مشابهت يا هڪ جهڙائي ان وقت رڳو پرپور نموني ساراهيل هوندي آهي، جڏهن اها معنيٰ يا پرپور احساس جي عملي تفصيل سان ۽ شڪل ذريعي ڏنل تاثر جي مخصوص انداز سان ڦهليل هوندي آهي.

"هڪ شخص خوابن مان حاصل ڪيل ذهني ۽ جسماني پيڙا پوڳي رهيو آهي، ان کي آخر ڪهڙي حقيقت رد ڪري سگهي ٿي، ظاهر آهي، اها صحت ۽ خوشي ئي ٿي سگهي ٿي. ساڳيءَ ريت ذهني بيمارين ۾ خوشيءَ ۽ مسرت، نٽ نانگر، هاڪ، رتبي فوقيت ۽ مان واري خطاب ۽ مال متاع جون روشن تصويرون به ٿين ٿيون. جائداد جي ملڻ جي اميد ۽ خواهش جو تصوراتي پورائو به ٿئي ٿو. ڪاٽي چڏڻ يا تباهي مچائڻ جو عمل، اصل ۾ چريائپ جي نفسياتي بنيادن لاءِ مجرٽ جهڙو ٿئي ٿو جيڪو گهٽو ڪري نشي جي غلطانيءَ جي مڪيه ستاءَ کي جوڙڻ جو ڪم ڪري ٿو.

هڪ عورت جو پيار و پار وڃائجي ويو جنهن نشي جي غلطانيءَ دوران پنهنجي مامتا جو تمام وڏو مزو ماڻيو. هڪ مرد، جنهن جي رقم گم ٿي وئي هئي، جنهن تي هن پاڻ کي وڏي مان مرتبي وارو پئي پاڻيو. هڪ چوڪريءَ کي تڪراري احساسن ڏاڍو پئي ستايو ته هوءَ پيار جي نهايت نازڪ ڏور ۾ ڦاسي پئي آهي.

(رابيسناڪ" جو هي تڪرو اصل ۾ گريسنگر" (Griesinger. 1845. 106) پاران تيار ڪيل، ان جي ذهانت واري مشاهدي جو مختصر جائزو آهي، جنهن نهايت چٽي نموني ڏيکاريو آهي ته خيال يا ويچار خوابن ۽ ذهني انتشار وارو نفسي

مرض ۾ خواهشن جي پورائي جو عام خاصيتون هونديون آهن. منهنجي پنهنجي کوجنائن ئي مون کي سيکاريو آهي، ته خوابن ۾ ذهني انتشار واري نفسي مرض واري صورت ۾ بنهي جي حقيقت جو مدار نفسياتي نظريي تي آهي).

"خوابن جي نمايان خوبي ۾ چريائيءَ جو انحصار پورالي شخص جي خيالن جي تسلسل ۾ فيصلي جي ڪمزوريءَ تي آهي." انهن بنهي حالتن ۾ ("راڊيسٽاڪ" اڳتي لکي ٿو) ان موضوع متعلق، ذهني ڪارناما به اسان کي اندازي کان وڌيڪ ڪيل ملن ٿا، جيڪي ڪنهن سنجيده دليل لاءِ بنهه بيڪار نظر ٿا اچن. خوابن ۾ خيالن جي تڪي ۾ تڪڙي سلسلي ۾ ذهني انتشار واري نفسي مرض دوران خيالن جي پرواز ۾ بلڪل هڪ جهڙائي آهي. بنهي ۾ وقت کي ساڃاهڻ جي مڪمل گهٽتائي هوندي آهي. خوابن ۾ شخصيت، ورهايل ٿي سگهي ٿي، مثال طور ان وقت جڏهن خواب ڏسندڙ جي پنهنجي علمي ڄاڻ ٻڌي شخصيت ۾ ورهايل هجي، ۽ تڏهن به جڏهن ٻاهريون، غير ضروري، بنهه اڻ لاڳاپيل آپو (Extraneous Ego) ڪنهن هڪ کي درست ڪرڻ لڳندو آهي. اهو شخصيت جي ورهاست سان هوبهو نهڪندڙ مخفف يا تحريري تڪرو هوندو آهي، جيڪو اسان جي ڄاڻ مطابق وهم، وسوسو يا مالیخوليا آهي. خواب ڏسندڙ پنهنجا خيال، ٻاهران ۽ بنهه اڻ لاڳاپيل آوازن ذريعي پڌ ٻڌندو آهي. توڙي مرض جي حوالي سان شديد قسم جو مغالطو پيدا ڪندڙ خيال به هلي چليءَ موجب شروعاتي حالت تي موتي اچڻ جهڙا ئي هوندا آهن. اهو اتفاقي انداز سان نه ٿيندو آهي ته نشي جي غلطانيءَ مان صحتياب ٿيڻ ڪانپوءِ مريض اهو چوي ته سندس بيماريءَ جو سمورو عرصو ڪين، ڪنهن اڻ وٽندڙ خواب جيان نظر نه آيو هو. سچ پچ ته اهي ڪڏهن ڪڏهن اسان کي ٻڌائيندا آهن ته سندن بيماريءَ دوران، ڪين ورلي ئي ڪو اهو احساس ٿيندو هو ته اهي جڙ ڪنهن خواب ۾ ڦاسي پيا آهن. گهڙو ڪري نند دوران، خواب ۾ اهڙا ئي معاملا نظر ايندا آهن.

بهرحال اها ڪا اچرج جهڙي ڳالهه نه آهي ته "راڊيسٽاڪ" توڙي ٻين ڪيترن به اهو واضح ڪرڻ لاءِ پنهنجي دليلن جو تت ڏنو آهي ته چريائپ، مرض جي حوالي سان هڪ بي قاعدي يا ٽڙيل ڪل واري حالت آهي، جيڪا وقتي طور تي زور وڌائڻ يا تيز ڪرڻ ۾ وري وري ٿيڻ جي عمل طور، خوابن جي عام حالتن ۾ به ڏني وئي آهي، (ساڳيو ڪتاب ص: 28).

"ڪروس" (صفحو: 270) ثابت ڪرڻ لاءِ ڳولهيو ته خوابن ۾ چريائپ جي وچ ۾ اڃان به وڌيڪ ويجها، ڪهڙا لاڳاپا ممڪن ٿي سگهن ٿا، جيڪي انهن ٻاهرين وضاحتن جي وچ ۾ هڪجهڙائيءَ کي بيان ڪري سگهن. اهو لاڳاپو هن عارضي جي سببن کي جاچڻ دوران ڏنو هو يا ائين چئجي ته ڪنهن حد تائين هن سندن هڪدم جذبات ۾ اچڻ وارن ڪارٽن ۾ ڏنو هو. هن جي چوڻ موجب بنهي جا بنيادي عنصر عام طور تي ساڃيا ئي هئا، جيئن اسان عضوياتي طور تي طئي ڪيل جوش جذبن ۾ انهن جذبن ۾ ڏسي آيا آهيون، جيڪي طبعي يا جسماني جيو گهرڻن جي ترغيب مان اچن ٿا. جسم جي اندرين عضوياتي احساسن جي تجربي مان لنگهڻ واري گڏيل صلاحيت (Coenaesthesia) ۾ اها عضون مان ايار ڪائيندڙ شرڪت يا امداد تي ٻڌل هوندي آهي. "مائوري" (صفحو: 52) پاران "پيسي" (Peisse. 1857.2,21) جو ڏنل حوالو)

خوابن ۾ چريائپ جي وچ ۾ ناقابل تردید هڪ جهڙائي، پنهنجي خاصيتن جا تفصيل، پکيڙيندي يا وسيع ڪندي آهي، جيڪا خوابن جي بيڪار ۾ مونجهارو پيدا ڪندڙ عمل جيان ۽ ذهن جي گهٽجي يا سسي ويل تاثر جيان خواب جيون جي طبي نظريي جي طاقتور جائداد مان هڪڙي آهي. جيتوڻيڪ اهو اندازو نه ٿو لڳائي سگهجي ته ذهني بدنظميءَ جي لحاظ کان اسان، خوابن جي ڪا متبادل وضاحت ڳولهي سگهنداسين. انهن ويجهين حالتن جي بنيادي ڪارڻن کي سمجهڻ لاءِ، اسان جي غير مطمئن ڪندڙ علمي ڄاڻ جي خبر عام طور تي سيني کي آهي. ان جي ابتڙ اها ڳالهه بلڪل سڻي آهي ته خوابن طرف اسان جي رويي ۾ تبديلي يا ترميم اچڻ گهرجي، حالانڪ، ذهني بدنظميءَ جي اندروني جوڙجڪ سبب اسان جا دليل ساڃئي وقت متاثر به ٿين ٿا ۽ جيئن ته اسان سپنن جي اسرار تي روشني وجهڻ لاءِ لاڳيتين عقلي ڪوششن ۾ مصروف ته آهيون ئي، تنهن هوندي به اسان کي ذهني انتشار واري نفسي مرض جي وضاحتن بابت اڃيرو ئي ڪم ڪرڻو پوندو.[1]

---

[1] خوابن ۾ ذهني انتشار واري نفسي مرض جي وچ ۾ تعلق تي ڪيل بحث، فرائيڊ جي "نيون تعارفي تقريرون" 1933ع جي تقرير نمبر 29 ۾ ڏسو ص: 5_44,2

ضميمو 1909ع

حقيقت اها اهي ته مون خوابن سان وابستا مسئلن بابت ادبي ڄاڻ واري مواد کي، پهرين ڀ ٻئي ايڊيشن جي وچ واري عرصي جي احاطي ڪرڻ يا ان عرصي دوران پيدا ٿيل صورتحال جي جواز ڏيڻ لاءِ وڌائڻ نه ٿي چاهيو ٿي سگهي ٿو ته پڙهندڙن کي ٻه پوريءَ ريت اطمينان نه ٿيو هجي، پر منهنجي لاءِ اها ڳالهه گهڻ تڪراري نه هئي. ان سلسلي ۾ خوابن متعلق، هر ڳالهه جي وضاحت ڏيڻ بابت انهن ئي ڳالهين مون کي ايارين جن کي اڳ جي ليکڪن ان تعارفي باب جي مڪمل ٿيڻ تي، ڏاڍو ٽڪائيندڙ ڀ مونجهارو پيدا ڪندڙ انداز اختيار ڪيو آهي. ان ڪري پنهنجي ذميداريءَ کي نيائڻ لاءِ مون کي ڪجهه وڌيڪ ئي ڪوشش ڪرڻي پوندي ڀ نتيجو وري ٻه هڪ مختصر هدايتن جي استعمال جو نڪرندو. انهن نوَن سالن جي مداخلت سبب ڪا ٻه نئين يا اهميت جوڳي شيءَ پيش نه ٿي سگهي آهي. نه ئي ڪو حقيقي مواد يا رايو پيش ٿي سگهيو آهي، جيڪو ان موضوع تي روشني وجهي سگهي. ان عرصي دوران شايع ٿيل ڪيترن رسالن ۾ منهنجي ڪم تي نه صحيح نموني سان غور ڪيو ويو آهي نه ئي ان کي شامل ڪيو ويو آهي. ان ڪري ظاهر آهي ته تمام گهڻ ماڻهن جو ڏيان ان پاسي ڪهيو آهي، خاص طور انهن جو جيڪي تحقيق جي ڪم ۾ رڌل آهن ڀ جن جي ڪم کي "خوابن جي تحقيق" جي نالي ۾ بيان ڪيو ٿو وڃي، ڀ اهڙيءَ ريت اهي پنهنجي ناگوار ڀ متضاد مثالن کي نهايت روشني ڏيندڙ ڀ شاندار ڪري پيش ڪري رهيا آهن، جن منجهان ڪا نئين شيءَ پڙهڻ لاءِ ملي ٻه ٿي ته اها ٻه انهن تجربا ڪندڙ شخصيتن جي پنهنجي خاصيتن جي تعريفن بابت آهي. "ايناتولي فرانس" هڪ هنڌ چٽر ڪندي چيو آهي ته: "پاڻ کي علامہ سمجهڻ وارن کي، علم جي طلب گهٽ ٿيندي آهي" (les Savant ne sont pas Curious) واقعي جيڪڏهن تجربي جي نالي ۾ اهڙيون شيون ٿيڻ لڳن جو بدلي وڻڻ واري رويي کي ٻه درست قرار ڏنو وڃي ته مان يقينن پنهنجي پَر ۾ جائز آهيان ته اهڙي ادب کي مان غير مستعمل يا متروڪ قرار ڏيان، جيڪو هن ڪتاب جي شايع ٿيڻ بعد لکيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ ڪجهه ڏيان ڏيارينڊڙ ڳالهيون، چند سائنسي رسالن ۾ ضرور شايع ٿيون آهن، پر انهن ۾ ٻه سوچ ڀ سمجهه جو تمام گهڻو فقدان آهي ڀ انهن ذريعي انتهائي غلط فهميون پيدا ڪيل آهن جو مان، پنهنجي نقاد کي جواب ۾ رڳو اها صلاح ڏيندس ته اهي منهنجي ڪتاب کي ٻيهر پڙهي ڏسن، يا وري رڳو ٻين کي ئي صلاح ڏين ته پلا اهي پڙهي ڏسن.

رسالن ۾ گهڻن ليکڪن جي پيٽ ۾ ڪيترن علاج ڪندڙن جي پاران، خوابن جو وڏو تعداد، منهنجي ئي هدايتن مطابق ڪيل تجزيي جي آڏار تي شايع ٿيو آهي، جن تحليل نفسي واري علم علاج جي اصول کي اختيار ڪيو آهي. جيستائين انهن تحريرن جو معاملو آهي ته اهي منهنجي خيالن جي محض منظوري يا تصديق کان ٻه گهڻو دور آهن، ان ڪري مون انهن جي عقل ۾ آيل سوچ کي پنهنجي تفصيلي وضاحت يا تشريح ذريعي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ مون ڪتاب جي آخر ۾ انهن سمورن ناليوارن ڀ اهم ليکڪن تي مشتمل هڪ ٻي ڪتابي فهرست ٻه شامل ڪئي، جن هن ڪتاب جي پهرين اشاعت کانپوءِ اهميت وارو ڪم ڪيو هو. سئنڪتس جي "سينٽ" (Sante de Sanctis. 1899) جو خوابن متعلق هڪ طويل مقالي جو اطالوي زبان مان جرمن زبان ۾ ڪيل ترجمو ٻه لڳيڪ ساڻئي وقت منهنجي هن ڪتاب (خوابن جون تعبيرون) سان گڏ شايع ٿيو هو ان مان ظاهر هو ته اتليءَ جو هڪ ليکڪ منهنجي ڪم تي ڪهڙو رايو ڏئي ٿي سگهيو ڀ يا مان سندس ڪم تي ڪهڙي قسم جو رايو ڏئي ٿي سگهيس. پر اتفاق سان مان، ان مان نتيجو اخذ ڪرڻ کان لنوائي نه ٿي سگهيس ڇاڪاڻ ته سندس وڏي جاکوڙ ڪري لکيل طويل مقالي ۾ ويچارن جي تمام گهڻي گهٽتائي هئي، ايتري قدر جو جن مسئلن سان مون پئي منهن ڏنو انهن مان ڪنهن هڪ جي لاءِ ٻه رهنما ثابت نه ٿي ٿيا.

رڳو ٻه ڪتاب اهڙا هئا جيڪي منهنجي خوابن جي مسئلن سان ورتاءَ بابت ٿورو ويجها هئا. "هرمن سوويودا" هڪ نوجوان دانشور ويلهيلم فليس جي تيار ڪيل "حياتياتي معياد جي مقرر وقفي" (23 ڏينهن ۽ 28 ڏينهن جي عرصي ۾ ايندڙ) واري نظريي[1] جي اڳيرائي ڪندي نفسياتي واقعن جي ڪوج لڳائڻ جي ذميداري سر تي کنئي آهي. انهيءَ انتهائي تصوراتي ڪم جي سلسلي ۾ هن نهايت سنجيده ۽ عقلي ڪوشش ڪري پين مسئلن کي حل ڪرڻ سان گڏوگڏ خواب جي پيرولي‌ءَ کي سلڻ لاءِ به ان چاپي‌ءَ کي استعمال ڪيو آهي. پر سندس تلاش، اصل ۾ خواب جي مطلب، اهميت يا خاصيت بابت گهڻ تخمينو لڳايو آهي. خواب جي موضوعاتي مواد متعلق راءِ ڏيندي هن ان کي يادن جي مجموعي جيان بيان ڪيو آهي، جيڪو رات جو هڪ مڪمل حياتياتي معياد يا ماهواري (Periods) وانگر، پهريون پيري يا پلي ته نائين پيري ئي. بهرحال خواب جو موضوع ضرور بڻجي ٿي. ليڪڪ پاران، شخصي طور خيالن جي ڏيوٽ واري عمل، پهرين ته مون کي ان ڳالهه لاءِ اپاريو ته هن ان نظريي کي پاڻ ئي گهڻي سنجيدگي‌ءَ سان نه ورتو آهي. البت منهنجي حساب ۾ ائين به ٿو نظر اچي ته ان نتيجي ڪڍڻ ۾ غلطي ڪئي وئي آهي. هڪ وڏي پيماني تي (ڏسو باب پنجين جو حصو پهريون) مون چند مشاهدا بيان ڪيا هئا، جيڪي مون "سوويودا" جي مشوري ذريعي ڪيا هئا، پر اهي مون کي قائل ڪندڙ نتيجي ڪڍڻ بابت رستو ٻڌائي نه سگهيا. مان جيڪر ڏاڍو خوش ٿيان ها! جڏهن مان خوابن جي ڪوجنا جي رستي تي اوچتو موقعو حاصل ڪري وڻان ها، جيڪو منهنجي نظريي جو انتهائي اهم حصو ثابت ٿئي ها! تاريخوار سبب جي ڪري اهو ناممڪن آهي، چاڪاڻ ته ان اعلان سبب خود منهنجو ئي ڪتاب اثرانداز ٿي سگهي ٿو ان ڪري مون کي، ادب ۾ انهيءَ اڪيلي، آزاديءَ سان سوچيندڙ مفڪر جي دريافت ڪيل تجربي جي آجيان ڪرڻ گهرجي جنهن جي، منهنجي خوابن جي نظريي جي جوهر يا محرڪ سان هم آهنگي آهي. خوابن متعلق آيل حصا، منهنجو خيال آهي ته سندس ڪتاب جي ٻئي شماري 1900ع ۾ "لينڪس" جي لکيل، "وهم جي حقيقت" (Phantasien eines Realisten, by Lynkeus) جي عنوان هيٺ شايع ٿيا هئا. (پهريون پيرو 1899ع ۾ شايع ٿيو هو.[2]

ضميمو 1914ع

پريس - سيدي تبوت ڏيندڙ دليل، 1909ع ۾ لکيو ويو هو مان اهو مڃڻ لاءِ تيار آهيان ته ان کانپوءِ صورتحال ڪجهه تبديل ٿي هئي، مون کي يقين آهي ته خوابن جي تشريح جي سلسلي ۾ منهنجي حصي کي، ان موضوع جا ليڪڪ، گهڻي دير تائين نظر انداز ڪري نه سگهندا. نوَن لاڳاپن جي صورتحال، هاڻي ڪافي حد تائين ٺيڪ ٿي وئي آهي، جنهن جي ڪري منهنجي لاءِ ادب جي پراڻي سوچ تي مٽو ڪپائڻ يا ان تي سوچڻ اجايو آهي. خوابن جي تشريح، ان سموري سلسلي کي هڪ تازي غور ويچار سان روشناس ڪرايو آهي، ۽ جيڪي مسئلا هئا، انهن تي به هڪ وسيع ۽ مختلف طريقن سان بحث ٿي رهيا آهن. مان انهن ڪمن کي ڳٽائڻ نه ٿو چاهيان. بهرحال اڳ ۾ مان انهن خيالن کي ڪولي سمجهائڻ ضرور چاهيان ٿو جيڪي منهنجي ويچارن تي ٻڌل آهن. جديد ادب جي سلسلي ۾ ٿيل بحثن جي جيتري قدر اهميت نظر اچي ٿي، مان بهرحال انهن کي به پنهنجي صحيح جڳهه ڏيندس جن جي اڇڪلهه پوئواري ڪئي ويجي ٿي.

---

[1] زنائي ماهواري‌ءَ جي مقرر عملي معيادي حساب (Biological Periodic intervals) جيان جيڪو سدائين ساڳئي درجي يا پيماني جو وقفو ورجائي ٿو. اهو پنهنجي ترتيب ۾ گهڻجي ۽ وڏي به ٿو نفسياتي يا ذهني بدنظمي‌ءَ لاءِ به استعمال ٿئي ٿو جيڪو ٻيهر يا وقفي وقفي سان ظاهر ٿئي ٿو يا مختلف مرحلن مان گذرندي به ٿوريا گهڻو مسلسل وقفو قائم رکي ٿو باقائدگي‌ءَ سان ٿيندڙ وقفي جو نظريو... فليس جي نظرين ۾ انهن جي سوويودا سان تعلق بابت، فليس جي فرائيڊ سان خط ڪتابت ۾ "ڪرس" (Kris) جي لکيل تعارفي باب چوٽين ۾ ڏنل آهي.

[2] (حاشيو 1930ع ۾ شامل ڪيل): "جوزف پوپر لينڪس ۽ خوابن جي نظريي تي منهنجو لکيل مقالو (1923)، فرائيڊ ان موضوع تي وڌيڪ مقالو به لکيو هو. مٿي ڏنل عبارت جو مڪمل حصو اڳتي باب ڇهين جي حصي ٻئي ۾ آيل آهي.

باب ٻيو

خوابن جي تعبير جو طريقو:
THE METHOD OF INTERPRETING DREAMS:

مون پنهنجي ڪم کي سڌي ۽ صاف رکڻ لاءِ جنهن عنوان جي چونڊ ڪئي آهي. ان حوالي سان خوابن جي مسئلن جي روايتي تجويزن ڏانهن جهڪاءُ کي پيش ڪري رهيو آهيان. مقصد! ته مون اڳ ۾ ئي سوچي ورتو هو ته مان ثابت ڪندس ته خوابن ۾ به تجزين يا تعبيرن لاءِ نهايت اهم خوبيون موجود هوندیون آهن. ان حوالي سان گڏريل باب ۾ خوابن جي انهن "مسئلن" جي حل بابت هر هڪ جي ڪيل ڪم کي اهميت سان شامل ڪيو آهي، جيڪي منهنجي پاڻ تي رکيل ذميداريءَ جي ڏس ۾ پيدا ٿيا. منهنجو خيال آهي ته خوابن جو تجزيو ٿي سگهي ٿو. پر تجزيو ڪندي ئي هڪدم خوابن جي "رائج نظريي" سان مخالفت ۾ وڃي پوندس. حقيقت اها آهي ته خوابن جي هر نظريي لاءِ "شيرنر" جو رڳو هڪڙو اعتراض ئي ڪافي آهي ته هڪ خواب، "تجزيي" لاءِ معنيٰ يا "مقصد جي تجويز ڏيڻ" سان ئي منسوب هوندو آهي. جيڪو پاڻ کي ڪنهن اهڙي ستاءُ ۾ بدلائيندو آهي، جيڪو اسان جي ذهني عمل سان پوريءَ ريت نهڪيل هوندو آهي، جنهن جي هر ڪڙيءَ کي هڪ جواز ۽ برابريءَ جي بنيادن تي اهميت هوندي آهي. جيئن اسان ڏٺو آهي ته خوابن جي مشاهدي ۽ مطالعي مان حاصل ڪيل هاڻ ڏيندڙ نظرين، انهن جي تجزياتي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪا وات نه ڇڏي آهي. سندن دليلن جي پيش نظر، خواب، ڪو ذهني عمل نه آهي، پر اهو طبعي يا جسماني جيئ گهرڙن جو عمل آهي جيڪو پنهنجي اظهار لاءِ انهن اشارن ذريعي نشانبر (Signalize) يا نمايان ڪري ٿو ۽ ڏيان ڇڪائي ٿو جيڪي دماغي سرشتي جي محفوظ ڪاتي ۾ موجود آهن. هر دور ۾ عام راءِ ان کان بنهه مختلف رهي آهي، ۽ گهڻو ڪري غير مستقل مزاج يا پورالي رويي واري، پر ڏاڍي اٽل قسم جي مشق رهي آهي.

جيتوڻيڪ اهي، اها ڳالهه مڃين ٿا ته خواب، سمجهه ۾ نه ايندڙ ۽ اڻايا هوندا آهن، پر اهي اهڙي ڳالهه به ثابت نه ڪري سگهيا آهن ته آخرڪار انهن جي پنهنجي به ڪا اهميت يا معنيٰ آهي. چند مبهم احساسن ڏانهن وٺي ويندڙ راهه جي رهنمائيءَ هيٺ به اهو گمان نظر اچي ٿو ته هر شيءِ جي باوجود، هر خواب کي پنهنجي معنيٰ هوندي آهي پلي ته اهو مبهم يا اڻ چٽو ئي چو نه هجي، پوءِ به خواب، بهرحال خيالن جي ڪنهن ٻئي عملي ستاءَ جي جاءِ والا ريندا آهن، ۽ اسان انهن جي درست هجڻ واري متبادل کي رڳو رد ڪرڻ جي ڪري، انهن جي اڻ چٽي معنيٰ تائين رسڻ جي ڪوشش نه ڪندا آسين.

آڪاڻي دور کان وٺي دنيا وارا، عام طور خوابن جي "تجزين يا تعبيرن" سان سلهاڙيل رهيا آهن، ۽ اهڙين ڪوششن ۾ انهن خاص طور تي هن مختلف قسمن جي طريقن کي استعمال ڪيو آهي.

انهن مان خوابن جي مواد متعلق پهرين پيشڪش ڪرڻ وارا، ان کي مجموعي طرح سان پرکيندا هئا، ۽ انهن کي ڪنهن ٻئي مواد ۾ بدلائي ڇڏيندا هئا. جيڪو نهايت ذهانت وارو طريقو هو ۽ ڪن حالتن ۾ اصل مواد سان هڪ جهڙائي پيدا ڪندڙ يا مشابهت رکندڙ تجزيو ڪندا هئا. اهو خوابن جي تجزيي جو "علامتي" (Symbolic) طريقو هو ۽ جڏهن خوابن سان واسطو پيو ته ان جي تجزين، اٽڪل نموني جو خلل پيدا ڪري ڇڏيو جيڪي نه رڳو سمجهه ۾ نه ايندڙ هئا پر اهي مونجهارو پيدا ڪندڙ به هئا. اهڙي پيشڪش ڪندڙ جو مثال مقدس انجيل ۾ آيل "فرعون" جي خواب جي وضاحت ۾ نظر اچي ٿو. جيڪو تعبير لاءِ حضرت يوسف عليه السلام جي اڳيان پيش ڪيو ويو هو ته: "هن ست سهڻيون ۽ ٽلهيون متاريون ڏڪيون ڏٺيون، پوءِ هن ست ٻيون ڪاريون ۽ ڏهريون ڏڪيون ڏٺيون، جن انهن ٽلهين ڏڪين کي کائي ڇڏيو."[1] فرعون جي ان خواب جي تجزيي جو اهو

---

[1] باب 41، آيت 1 ـ 4 تائين (پيدائش) انجيل

سمورو معاملو پيغمبراڻي بشارتي صلاحيت جو هڪ علامتي متبادل هو جيڪو مصر جي زمين تي ستن سالن جي ڏڪار جي صورت ۾ اچڻو هو جيڪو ايندڙ ستن سالن جي خوش حالي، سک ۽ آرام کي برباد ڪرڻ لاءِ اچي رهيو هو. ڪن تخليقي ليکڪن ته خاص ڪري اهڙي قسم جي علامتي تعبيرن لاءِ ڪيترائي هٿراڏو خواب بہ جوڙيا آهن. انهن ڪجهه ليکڪن جي اصل خيالن کي لکائي، خوابن جي مجيل خاصيتن سان هم آهنگي پيدا ڪرڻ لاءِ انهن کي نئين روپ ۾ ۽ ٻيهر بہ پيش ڪيو آهي.[1]

خوابن جي رٿا جو بنيادي طور تي واسطو مستقبل ۽ ان جي اڳڪٿيءَ سان آهي، ۽ اهو خوابن جي اهميت جو هڪ پراڻو ۽ پيغمبراڻو يادگار آهي. اهو جڏهن "علامتي تعبيرن" جي ذريعي زمان ماضيءَ کان هلي زمان مستقبل تائين پهتو ته خوابن جي معنيٰ کي بدلائڻ جا سبب بہ مهيا ڪيائين. علامتي تعبيرن جي طريقي يا اسلوب جي اچڻ تي يقينن کي هدايتون ڏيڻ ممڪن نہ آهي. ظاهر آهي ڪاميابي نهايت اعليٰ فڪري سوچ ۽ سڏي سنئين الهامي صلاحيت تي ٻڌل هئي، جنهن جي ڪري علامتي نظريي مطابق خوابن جي تعبير ڪرڻ ممڪن هو جنهن خود فني سرگرميءَ تي آڏارڪ هڪ انمول تحفي جي صورت ۾ وڏي حيثيت حاصل ڪئي.[2]

خوابن جي تجزيي متعلق بن طريقن مان ٻيو مشهور طريقو اهڙي قسم جي دعويٰ کان دور آهي، جنهن کي "رمز واري پيغام پڙهڻ يا اصل حالت ۾ نقل ڪرڻ" (Decoding) جي طريقي جيان ٻيان ڪري سگهجي ٿو جيڪو خوابن سان لڳاتار ڳجهي تحرير يا اشارن ۾ پيغام لکڻ جي فن (Cryptography) واري نموني ورتاءُ ڪري ٿو جنهن ۾ هر هڪ نشانيءَ کي، هڪ مقرر ڪنجيءَ مطابق، ڪنهن ٻيءَ جاتل سجاتل معنيٰ واري نشانيءَ ۾ منتقل ڪيو ويندو آهي. مثال طور: "مون هڪڙي خواب ۾ خط ۽ وري ڪفن دفن وارو عمل ڏٺو." ان سلسلي ۾ مان جيڪڏهن "خواب نامو" ڪٽي ڏسندس ته مون کي "خط" جي تعبير ۾ "مسئلو" ۽ ڪفن دفن واري عمل لاءِ "مڪٽي جي پڌري" لکيل ملندو. پوءِ مان انهن لفظن کي پاڻ ۾ ملائي هڪ مقصد وارو جملو تيار ڪري ان ريت خواب جي ڳجهارت کي ٻجي ونندس، ۽ نتيجي کي هڪ ٻيرو ٻيهر زمان مستقبل سان ادل بدل ڪري ڇڏيندس. "رمز واري پيغام پڙهڻ يا اصل حالت ۾ نقل ڪرڻ" (Decoding) جي طريقي جو دلچسپ ترميمي عمل، ڪنهن حد تائين، ادل بدل ڪرڻ جو اهو طريقو جڏبن ۽ احساسن کان وانجهيل خاصيت کي درست بہ ڪري ٿو جنهن جو ذڪر، اسان کي خوابن جي تعبيرن جي سلسلي ۾ "آرٽيميڊورس" جي لکيل ڪتاب "خوابن جي تشريح" (Oneirocritica) ۾ ملي ٿو.

"ڊالڊس جو "آرٽميڊورس" (Artemidorrus of Daldis) جيڪو لڳ ڀڳ ٻي صدي عيسويءَ جي شروع ۾ پيدا ٿيو. هن اسان لاءِ خوابن جي مطالعي تي مڪمل ۽ انتهائي اٽڪل مطالعو ڇڏيو آهي، جيڪو حوالي ۽ مشق طور يونان ۽ روم ۾ رائج رهيو آهي. جنهن جي متعلق "ٿيوڊور گومپرز" (Theodor Gomperz. 1866.7) نشاندهي ڪئي آهي ته "هن خوابن

---

[1] هي ٽڪرو 1909ع ۾ شامل ڪيل آهي. اتفاق سان "ولهيلم جينسن" (Wilhelm Jensen) جي لکيل ڪهاڻيءَ "گراديوا" (Gradiva) ۾ لاتعداد هٿراڏو خواب ملن ٿا، جيڪي بلڪل درست انداز ۾ ۽ مڪمل طور تي گهڙيل آهن، جن جا تجزيا ٿي سگهيا پئي. ساڳئي ريت ئي. جيئن انهن، انهن خوابن کي دريافت نہ ڪيو آهي پر هنن، انهن کي حقيقي ماڻهن جا خواب ڪري پيش ڪيو آهي. انهن جي جاچ جي جواب ۾ ليکڪ حقيقت کي قبول ڪيو ته ڪيس خوابن متعلق منهنجي نظريي جي جاچ نہ هئي. مون وٽ پورو دليل آهي ته منهنجي ڪوجنائن ۽ ان ليکڪ جي تخليقن جي وچ ۾ خوابن جي تجزياتي درستگيءَ جي ميجتا شاهد رهندي.

[2] هي ٽڪرو 1914ع ۾ شامل ڪيل آهي. ان ڏس ۾ "ارسطو" (اڳڪٿي، غنودگيءَ ۾ ڳالهائڻ جو عمل حصو ٻيو (De Divination Per Somnum II) ترجمو 1935 صفحي 383، تي پڙهو ڪيو آهي ته خوابن جي بهترين تعبير ڪرڻ وارو شخص اهو آهي، جنهن کي خواب جي تصويرن لاءِ بهترين قسم جي تشبيهن جو ادراڪ يا ان تي گرفت هجي. جيئن پاڻيءَ جي لهرين تي ٺهندڙ چرندڙ پرندڙ تصويرن مان انهن جي اصل صورت کي ڪيڏي اڇجي ۽ ڪامياب تجزيو ڪندڙ شخص اهو آهي جيڪو انهن رلمل ٽي ويل تصويرن مان اصل حقيقت کي ڳولهي وٺي. ("بوشين شيوز" (Buchsenschutz. 1868.65)

جي تجزيي متعلق مشاهدي ۾ تجربي جي بنيادي اهميت تي زور ڏئو هو ۽ پنهنجي ۽ ٻين جي فن ۾ فرق ڪندي سندس رويو نهايت سختگير هو. جيڪو پڻ تصوراتي هو. "گومپرز" چواڻيءَ تہ سندس تجزياتي فن جو اصول، "جادوءَ" ۽ "تعلق جي اصول" سان مشابهت رکي ٿو. خواب ۾ ڪنهن شيءِ جي نظر اچڻ جو مطلب تہ اهو نڪتو تہ دماغ چا ياد ڪيو؟ پر خواب جي تعبير ڪندڙ جي ذهن لاءِ اهو ٻڌائڻ مشڪل هو. ان جي ڪري حقيقت منجهان، مات نہ ڪائيندڙ زور آوري ۽ غيريقينيءَ جا ڪارڻ پئي ايريا، چاڪاڻ تہ خواب جا جزا تہ خواب جي تعبير ڪندڙ جي ذهن ۾ مختلف شيون ياد ڏياري پئي سگهيا، ۽ جيڪڏهن مختلف شيون ياد ايندیون تہ انهن جي تعبير بہ پڪ سان مختلف ئي ٿيندي گذريل صفحن ۾ مون جيڪو طريقو بيان ڪيو آهي، اهو پراڻي طريقي سان هڪ ضروري معاملي ۾ فرق رکي ٿو. اهو خواب جي تعبير جي ذميداري، خود خواب ڏسندڙ تي رکي ٿو. ان ڳالهہ جو ان سان ڪهڙو تعلق آهي تہ خواب جي تعبير ڪرڻ واري کي خواب جي مخصوص جزن مان چا ٿو نظر اچي! پر اهو ڏسڻ گهرجي تہ خواب ڏسندڙ کي چا نظر آيو. بهرحال هڪ عيسائي پادري "تفنجي" (Tfinkdji_ 17,523_ 1913.561) جو لکيل تازو احوال اهو ظاهر ٿو ڪري تہ مشرق جا جديد تجزيو ڪندڙ پڻ خواب ڏسندڙ جي مدد کي آزاديءَ سان استعمال ڪندا آهن. اها ڳالهہ هن ميسوپوٽيميا جي عرب تعبيرون ڪندڙن جي حوالي سان لکي آهي. خواب جي جامع تعبير ڪندي ڪيترائي ذهين، الهامي تعبيرون ڪندڙ انهن جي معلومات هٿ ڪندا آهن جيڪي ڪين پنهنجي سمورين حالتن کان واقف ڪندا آهن، ۽ درست وضاحت تائين پهچڻ لاءِ ان کي تمام ضروري سمجهندا آهن. مختصر تہ الهامي تعبيرون ڪندڙ ڪنهن هڪڙي نڪتي جي لکائڻ تي بہ تنبيهہ ڪندا آهن، ۽ سموري پچا ڳاڇا کان پوءِ اهي پنهنجي استاديءَ جا جوهر ڏيکارينداآهن. انهيءَ پچا ڳاڇا دوران سندن عادت مطابق خواب ڏسندڙ کان ڪيل ويجهن خانداني لاڳاپن جهڙوڪ، سندس مائٽن، زال، ٻارن متعلق، مخصوص لهجي ۾ ڪيل سوال: (چا توکي زال سان سنجوگ ڪرڻ واري ساڳئي رات اهو خواب آيو يا بعد ۾؟) مقصد تہ خوابن جي تعبير ڪرڻ ۾ اصولي سوچ، خود خواب ڏسندڙ جي وضاحتن ۽ ڏنل تفصيلن تي منحصر رهي آهي."[1]

"ڊاڪٽر الفريڊ روبيٽ سيڪ" (Dr. Alfred Robitsek) مون کي نشاندهي ڪندي ٻڌايو آهي تہ ڪيترائي مشرقي "خواب ناما" (اسان جا تہ نهايت مايوس ڪندڙ ۽ جڙتو آهن) جن جون خوابن جي جزن متعلق لاتعداد تعبيرون، آوازن جي هڪجهڙاين ۽ لفظن جي وچ ۾ مشابهت تي مبني آهن. اها حقيقت آهي تہ پيشڪش جي ناسمجهيءَ جي ڪري، اسان جي پنهنجي مشهور خواب نامن ۾ اهي لاڳاپا، الٽو ڪرڻ جي صورت ۾ مونجهارو پيدا ڪندڙ ۽ صفا گم ٽيل هوندا آهن.[2] مشرق جي آڳاتين تهذيبن ۾ ٻڌي مفهوم وارا لفظ ۽ لفظن جي الٽ ڦير حد کان وڌيڪ اهم ڪردار ادا ڪندا هئا، جيڪو ٿي سگهي ٿو تہ آثار قديمہ جي مشهور ماهر "هيوگو ونڪلر" (Hugo Winckler) جي تحريرن جي اپياس ۾ شامل هجي.

خوابن جي تعبيرن جو بهترين مثال، جيڪو آڳاتن وقتن کان هلندي اسان تائين پهتو آهي، تنهن جو بنياد بہ لفظن جي راند تي ٻڌل آهي. اها ڳالهہ اسان کي آرٽيميڊورس" پنهنجي پنجين ڪتاب جي حصي 24 ۾ ٻڌائي ٿي جنهن جو ترجمو "ڪروس" (صفحو 225) ڪيو آهي: مان اهو پڻ سوچيندو آهيان تہ "آرسٽينڊر" (Aristander) ميڪدونيا جي سڪندراعظم کي ڏاڍي خوشي واري تعبير ٻڌائي هئي جڏهن هن "ٽاير" (Tyre) کي گهيرو ڪيو هو پر محاصرو ڪرڻ کانپوءِ ٿورو فڪرمند ۽ ٽڪل هو. چاڪاڻ تہ محاصرو ڪندي ڪيس وڌو وقت لڳو هو. سڪندر اعظم خواب ڏٺو تہ "ڪا وئيشا (Satyr) سندس ڏال تي رقص ڪري رهي آهي." "آرسٽينڊر" کي لڳو تہ اها شايد، شام جي معرڪي ۾ بادشاهہ جي حاضريءَ دوران "ٽاير" جي اوسي پاسي ۾ موجود هجي، سو هن "ساٽر" جي اکرن جو اشتقاق ڪيو: "سا" ۽ "تر" ۽ ان جو مطلب

---

[1] هي حصو 1914ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

[2] هي حصو 1909ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

ڪيو "ٽاير تنهنجو آهي" ۽ بادشاهه تي زور پريو ته حملو ڪري ڇڏي. ڇاڪاڻ ته هو ان شهر جو مالڪ ٿي ويندو." اتفاق سان خواب زباني ادا ٿيندڙ لفظن جي تاثر سبب نهايت ويجهڙائيءَ سان وابستا هو انڪري "فرينزي" (Ferenczi. 1910) واقعي درست نشاندهي ڪئي آهي ته هر زبان جي، سپنن جي ٻولي به پنهنجي هوندي آهي." اصولي طور ان کي ڪنهن ڌارئي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ ناممڪن آهي، ۽ اهو بلڪل سچ آهي. مان پنهنجي مطالعي جي ذوق خاطر اهڙي ڪتاب کي پسند ڪندو آهيان. (1930 ۾ شامل ڪيل): جيتوڻيڪ نيويارڪ جي "ڊاڪٽر اي اي برل" (Dr. A .A. Brill) ۽ ان کان پوءِ ٻين خوابن جي تجزين کي ترجمو ڪرڻ ۾ ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن.[1]

هي طريقو نه رڳو خواب جي مواد جي معاملي ۾ پر خواب ڏسندڙ جي ڪردار ۽ سندس حالتن سان به لاڳو ڪري سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته ساڳيءَ خوابي جزن جو مطلب ڪنهن شاهوڪار شخص لاءِ مختلف ٿيندو ته ڪنهن شادي شده مرد لاءِ الڳ، يا جيئن ڪنهن مقرر جو جنهن وٽ ڪنهن غريب کي ڏيڻ لاءِ رڳو ڪي چند لفظ يا جملا موجود آهن. ڪنهن ڪنواري يا ڪنهن واپاريءَ جو.... "رمز واري پيغام پڙهڻ يا اصل حالت ۾ نقل ڪرڻ" (Decoding) جو اصل يا محرڪ طريقو ان ڳالهه تي مدار ٿو رکي ته تجزيي ڪرڻ جو ڪم سموري خواب تي لاڳو ڪرڻ نه آهي، پر خوابي مواد جي هر هڪ حصي جو بلڪل الڳ الڳ تجزيو ٿيڻ گهرجي. ائين جيئن زميني (Geological) لحاظ کان هڪ مادي ۾ گڏ ڪيل مادن، خاص طور پٿر جي ٽڪرن، متيءَ واريءَ يا بجريءَ وغيره سان جوڙيل شڪل (Conglomerate) هجي. جنهن ۾ هر پٿر جو ڪاٽو الڳ الڳ گهربل هوندو آهي. اهو ته سوال ئي نه ٿو اٿي ته تجزيي ڪرڻ لاءِ رمز وارو پيغام پڙهڻ يا اصل حالت ۾ اتارڻ يا نقل ڪرڻ جي طريقي جي ايجاد، لاتعلق ۽ مونجهارو پيدا ڪندڙ خوابن لاءِ هجي.

هڪ لمحي لاءِ به ان ۾ شڪ نه ٿو ڪري سگهجي ته هنهي مشهور پيشڪش ڪندڙ، خوابن جي تجزيي لاءِ، مطالعي، مشاهدي ۽ تجربي مان حاصل ڪيل ڄاڻ جي (Scientific) ذريعي موضوع سان نه نيايو آهي. علامتي طريقو ان تي عملي پابندي وجهي ٿو ۽ اهو عام طريقي کي رد ڪرڻ لاءِ به نااهل قرار ڏنل آهي. "نقل ڪرڻ" واري طريقي جي صورت ۾ به هر شيءِ، خواب نامن جي ان "ڪنجيءَ" تي پروسو ڪري ٿي، جنهن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ مون وٽ ته ان جي ڪا ضمانت موجود نه آهي. اهڙيءَ ريت ڪو به شخص، فلسفين يا نفسياتي طور علاج ڪندڙن يا اهڙن ڪن ٻين جي برغلائڻ واري عمل سان سهمت ٿئي ٿو ۽ خوابن جي تجزيي جي مسئلي کي حل ڪري ويٺي ٿو ته اهو خيال سندس ئي خيالي ڏميداري آهي.

مون جڏهن پنهنجو مسودو مڪمل ڪري ورتو ته "استمف" (Stumpf. 1899) جي ڪيل ڪم جي پڙهڻ جو موقعو مليو جيڪو منهنجي انهن دليلن سان بلڪل سهمت نظر آيو جن جي ثابت ڪرڻ لاءِ هن به ڳولها پئي ڪئي ته خوابن کي معنيٰ ٿيندي آهي ۽ انهن جو تجزيو ڪري سگهجي ٿو. بهرحال تمثيلي ڪردار کي علامتن جي نظريي مطابق، پنهنجي طريقي جي جواز يا معقوليت جي ضمانت ڏيڻ کانسواءِ هو پنهنجي تجزيي جو نتيجو ڪيڏي ٿو.

پر مون تمام ڏاڍا ڪتاب پڙهيا آهن. مان اها ڳالهه مڃيندو ٻيو اچان ته انهن قديم زماني جي معاملن مان جيڪي محض اتفاقي نه آهن، هتي هڪ پيرو ٻيهر اسان کي انهن سان منهن ڏيڻو آهي، جن ۾ اڄ جي مطالعي، مشاهدي ۽ تجربي ذريعي مقبول ٿيندڙ فتويٰ جي بجاءِ، ساڙ، حسد تي ٻڌل مشهور عقيدو ئي سچ جي ويجهو نظر اچي ٿو. مان ويساهه سان چوان ٿو ته خوابن کي واقعي معنيٰ ٿيندي آهي ۽ سائنسي طريقي ذريعي، تجزيو ڪرڻ بلڪل ممڪن آهي.

ان عملي طريقي متعلق منهنجي پنهنجي ڄاڻ به انهن حالتن ۾ پهتي آهي. مان "علم علاج" کي ذهن ۾ رکندي ڪيترائي سال ذهني بيمارين جي تجرباتي علاج جي (Psychopathological) جوڙجڪ ۾ مونجهارو پيدا ڪندڙ چند حالتن، جهڙوڪ: رحم جي روگ واري (Hysterical)، خوف يا خوف واري (Phobias)، ۽ وهم گمان وارن خيالن جي غلبي

---

[1] هي حصو 1911 ۾ شامل ڪيل آهي.

(Obsessional ideas) وغيرهہ مون نکرڻ لاءِ مان پنهنجي ڪم ۾ مصروف رهيس. حقيقت اها آهي تہ مون "جوزف برايئر" جي اهم بحثن ۾ مقالن منجهان گهڻو پرايو جيڪي ذهني بيمارين جي تجرباتي علاج، ان جي نشانين ۽ جوڙجڪ جي سلسلي ۾ هئا ۽ جن ۾ انهن منجهيل حالت کي ختم ڪرڻ لاءِ ٺهکندڙ ويچار بہ هئا. [1] ان قسم جي ذهني بيمارين جي تجرباتي علاج جي خيال کان، مريض جي ذهني زندگيءَ ۾ شامل انهن جزن کي ڳولهي سگهجي ٿو جيڪي سندس بيماريءَ جو بنياد آهن. گڏوگڏ علاج وارين، اسان جي پنهنجين ٻين اهم ڪوششن تي غور ڪرڻ ڏريعي، اهي بہ ڇٽي پرزا پرزا ٿي وڃن ۽ مريض کي ڇوٽڪارو ملي ويڃي. علم علاج يا دوائن وسيلي جيسيتائين مان بدنظمي پيدا ڪندڙ ان منجهائيندڙ فطرت جي وضاحت ۽ حل تائين، مڪمل طور تي پهچي نہ ٿو وڃان، تيسيتائين هر تڪليف جي باوجود مون "برايئر" جي ڏسيل رستي مطابق ڪم ڪرڻ جو سوچيو آهي. مان ان طريقي کي اختيار ڪندي پنهنجي ڪوششن ۽ ان جي نتيجن بابت، مڪمل تفصيل مان ڪنهن ٻئي موقعي تي پيش ڪندس.

جڏهن مان خوابن جي تجزيي تائين پهچندس تہ ان کي تحليل نفسي يا نفسياتي تجزيي (Psychoanalysis) جي مطالعي جي سلسلي ۾ شامل ڪندس. منهنجا مريض مون کان قول قرار ۽ ضمانت وٺي پنهنجا سمورا احساس ۽ ويچار مون سان وندينداهئا، جيڪي ڪنهن خاص موضوع جي حوالي سان مٿن ظاهر ٿيندا هئا. ٻين ڳالهين سان گڏوگڏ اهي مون کي پنهنجا خواب بہ ٻڌائيندا هئا، جن منجهان مون پرايو تہ خواب، هڪ نفسياتي سلسلي ۾ داخل ٿي سگهي ٿو جيڪو ذهني بيمارين جي تجرباتي علاج واري خيال ڏريعي، ان جي ياداشت مان ڳولهي سگهجي ٿو. ان سلسلي ۾ خواب تي ڪم ڪرڻ لاءِ، ان جي نشانين يا علامتن ڏريعي رهگو هڪ نديڙو قدم ڪٽڻو پوندو. اهو خوابن جي تجزيي بابت لاڳو ٿيندڙ اهو طريقو هوندو جيڪو نشانين، ارڪانن يا علامتن جا نتيجا ڪيڻ لاءِ وضع ڪيل هوندو.

ان ۾ مريض جون چند نفسياتي تياريون بہ وابستا آهن، اسان جو مقصد انهن ۾ اٽڪل بہ تبديلون آڻڻ آهي: هڪ تہ سندس ان ڏيان کي وڌائڻ، جنهن سان هو پنهنجي نفسياتي ادراڪ ڏانهن پنهنجو ڏيان ڏئي، ۽ ٻيو تہ تنقيد کي بيڪار تصور ڪري ڇڏي ڏئي، جنهن سان هو پنهنجي اندر ۾ پيدا ٿيل سوچن جي چنڊچاڻ ڪرڻ لڳندو آهي. ان حوالي سان هو پنهنجي ذاتي مشاهدن تي ڏيان ڏيڻ ۽ انهن تي غور فڪر ڪرڻ جي قابل ٿي ويندو. اها ڳالهہ هن لاءِ فائديمند آهي تہ هو رد ڪرڻ واري رويي تي ڪاربندر رهي ۽ پنهنجو اکيون ٻوٽي ڇڏي [2] اهو ضروري آهي تہ پنهنجي ادراڪ يا سمجهہ تي ٿيندڙ تنقيد کان ڌڃڻ بجاءِ، صاف گوئيءَ کان ڪم وٺي. ان کان لاتعلقيءَ جو اظهار ڪري پوءِ اسان هن کي اهو ٻڌائيندا آهيون تہ نفسياتي تجزيي جي ڪاميابي سندس ڏيان ڏيڻ ۽ پنهنجي ذهن ۾ آيل هر ڳالهہ کي ڪوکي بيان ڪرڻ تي مبني آهي ۽ ان سلسلي ۾ غلط بياني بلڪل بہ نہ ڪرڻ گهرجي. مثال طور ڪنهن خيال کي رڳو انڪري ڌٻائي ڇڏجي ڇاڪاڻ تہ اهو ڪيس غير اهم يا اڻ لاڳاپيل يا بي معنيٰ ٿو لڳي. مٿس جيڪي ڪجهہ ظاهر ٿئي ٿو ان لاءِ ڪيس مڪمل طور تي غير جانبدار رويو اختيار ڪرڻو پوندو. عام شين جي معاملي ۾ بہ پاڻ کي بيڪار سمجهڻ لاءِ ۽ خواهشن کي پوري ڪرڻ جي ذميداري بہ سندس ئي تنقيدي رويي تي آهي.

مونجهارن مان نکرڻ لاءِ ڪيل خواهشن جي پورائي يا وهم گمان واران خيالن جي غلبي مان جند ڇڏائڻ، يا ڪنهن ٻيءَ ڳالهہ جي لاءِ ڪا پيش رفت سندس سپنا ئي ڪندا آهن.

مان پنهنجي نفسياتي تجزيي جي عملي ڪم دوران اهو ڏٺو تہ ماڻهوءَ جي دماغ جي پوري سانچي ۾ جهڙيءَ ريت عڪس يا اولڙو پويٺو اهو ان ماڻهوءَ جي پنهنجي نفسياتي عملي مشاهدي کان بنهہ مختلف آهي. ان اولڙي ۾ سندس تمام گهڻي ذاتي مشاهدي بجاءِ، منجهس هڪ ٻي نفسياتي سرگرمي ڪم ڪرڻ لڳندي آهي، جيڪا سخت ذهني دٻاءَ سبب پريشان نظرن

---

[1] برايئر ۽ فرائيڊ (1895) جي انهن مقالن جا اصل عنوان آهن: "احمقپائي کان علحدگي" (Auflosung) ۽ "علحدگي" (Losung).

[2] ذهني دٻاءَ کي گهٽائڻ لاءِ اکين کي ٻوٽي ڇڏڻ متعلق مشورو (مٿڻ يا هٿراڏو طور تي بيهوش ڪرڻ واري (Hypnotic) پراڻي طريقي جو يادگار آهي) فرائيڊ تمام جلد ئي اهو طريقو ڇڏي ڏنو هو.

۽ نراڙ جي گهنجن جي ڪري ڪيس ٻين شين ۾ نظر ايندي آهي، جنهن جي ڪري ذاتي مشاهدو ڪندڙ شخص جا اهي اولڙا ڪيس پرسڪون احساس تي اتساهيندا آهن. انهن ٻنهي معاملن ۾ غور فڪر يا ڏيان ۾ يڪسوئي هجڻ ضروري آهي.[1] پر جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جو تنقيدي شعبو ئي اولڙن جي مشق ۾ مشغول هوندو ته اهو معاملو ڪيس ڪيترن خيالن کي رد ڪندو رهڻ لاءِ ئي رهنمائي ڪندو رهندو جيڪو منجهس ادراڪ يا سمجهه ۾ اچڻ کانپوءِ ظاهر ٿيندو. بجاءِ خيالن جي ان قافلي جي ڪيڏ لڳڻ جيڪو متس پنهنجا رستا ڪشاده ڪري سگهي ٿو هو ٻين کي ٽوننيون هٽي رستو ناهي اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ۽ ٻين سان اهڙي هلت هلندو آهي جڙ اهي ٿورو به عقل شعور نه رکندا هجن ۽ سوچ سمجهه کان وانجهيل هجن. ٻئي طرف شخصي مشاهدو ڪندڙ کي رڳو پنهنجي تنقيدي مزاج کي ڏبائڻ جي تڪليف ڪرڻ پوندي جيڪڏهن هو ائين ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي ته لاتعداد خيال ۽ منصوبا سندس شعور ۾ پيدا ٿيڻ لڳندا، جيڪي ٻيءَ صورت ۾ ڪڏهن به حاصل ڪري نه ٿو سگهي ان رستي سندس سوچ سمجهه لاءِ جيڪو مواد تازگيءَ سان ڪيس حاصل ٿي سگهي ٿو. اهو سندس مرض جي حوالي سان آيل سوچن توڙي خوابن جي جوڙجڪ جي سلسلي ۾، يعني ٻنهي صورتن ۾ تجزيو ڪرڻ ممڪن ٿي سگهي ٿو.

سوال ڇا آهي؟ رڳو نفسياتي حالت جو چتي ريت قائم ٿيڻ آهي، جنهن ۾ سندس نفسياتي قوت (جيڪا هلندڙ قرندڙ ڏيان آهي). ننڍ اچڻ کان اڳ ۾ پاڻ سان ٿوري هڪ جهڙائي پيدا ڪندڙ يا مشابهت رکندڙ صورتحال کي سهارو ڏيڻ يا ان کي ڏيکارڻ ۽ بيشڪ خوابيده ٿيڻ لاءِ به ساڻ ڪٽندي آهي. جڏهن اسان سمهي پوندا آهيون ته چند اڳ رڦيل/ غور ڪيل اطمينان جوگين سرگرمين (پلي اهي تنقيدي ئي ڇو نه هجن) جو ٿورائتو ٿيڻ لاءِ "مجبوريءَ وچان يا غير ارادي طور تي آيل خيال" (Involuntary Ideas) نروار ٿيڻ لڳندا آهن. جن کي، اسان پنهنجي خيالن جي سلسلي تي اثرانداز ٿيڻ جي اجازت جاڳ دوران ئي ڏني چڪا هوندا آهيون. ان سڪون واري خوبي يا لياقت کي اسان سدائين ٽڪ، خفو يا مانداڻي (Fatigue) سمجهندا آهيون. "مجبوريءَ وچان يا غير ارادي طور تي آيل خيال" جيئن ئي ظهور ۾ اچڻ لڳندا آهن ته اهي تصويري ۽ آواز جي (Acoustic) عڪسي عمل ۾ تبديل ٿي ويندا آهن.[2]

خوابن ۽ مرض جي حوالي سان آيل سوچن بابت تجزيي ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيل حالت ۾ مريض اها سرگرمي ڪنهن مقصد تحت يا جاڻي ٻجهي ترڪ ڪري ڇڏيندو آهي ۽ نفسياتي قوت کي استعمال ڪرڻ لڳندو آهي، اهڙيءَ ريت غير ارادي طور تي آيل خيالن کي (يا ان جي ڪجهه حصن کي) وڏي ڏيان سان ٻجهائيندو آهي، جيڪي ان وقت پنهنجي ارتقائي صورت ۾ نروار ٿي چڪا هوندا آهن. ۽ ائين اتي صورتحال ننڍ واري حالت کان مختلف ٿي ويندي آهي، ۽ خيالن جو ورتاءُ ذهن نشين ٿيندو ويندو آهي. ان طريقي سان غير ارادي طور تي ايندڙ (Involuntary) خيال پاڻ بدلائي "ارادي" سان هلندڙ (Voluntary) ٿي پوندا آهن.

دماغ جو انهن سوچن ڏانهن، گهربل رويو پسند ڪرڻ يا اختيار ڪرڻ[3] جيڪو "سندن آزاد اختياري ارادي" سبب پڌرو ٿئي ٿو ۽ تنقيدي رويي جو ترڪ ڪري ڇڏڻ جيڪو عام طور تي ڪجهه ماڻهن جي طبيعت جي خلاف هوندو آهي ۽ جنهن کي ڇڏڻ وڏو ۽ مشڪل مسئلو نظر ايندو آهي.

غير ارادي طور تي ايندڙ خيال وڏي وڳوڙي مخالفت، مزاحمت يا مقابلي جي امڪان کي روڪڻ جو ڪارڻ به هوندا آهن، جيڪي پنهنجي اوچتي اظهار کان بچڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جيڪڏهن اسان يقين ڪريون ته بهرحال وڏي شاعر ۽

---

[1] ڏيان ڏيڻ "جي عمل بابت باب ستين" خوابن جي عمل جو نفسياتي پهلو" جي پنجين حصي "ابتدائي ۽ ثانوي عمل" ۾ بحث ٿيل آهي.

[2] ان سلسلي ۾ "شليئرماڪر" ۽ ٻين ليکڪن جا حوالا گذريل صفحن ۾ آيل آهن. هي حاشيو 1919ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي: "سلبرر". (Silberer. 1909,1910,1912) خيالن جو تصويري عمل ۾ تبديل ٿيڻ جي عملي مشاهدي جي حوالي سان خوابن جي تجزيي تي تمام اهم ڪم ڪيو آهي. ڏسو: باب ڇهون "خواب جو عمل" جي حصي چوٿون: "نمائندگيءَ ۽ مقصد تي غور ويچار." ۽ "خوابن ۾ ارادي جي ابتڙ احساس"

[3] هي جملو 1909ع ۾ شامل ڪيل آهي (۽ ٻئي پئراگراف جو پهريون جملو پڻ ترميم ٿيل آهي).

دانشور "فريڈرڪ شلر" (Friedrich Schiller) جي شاعراڻي تخليق بلڪل ساڳي ئي روپي جي تقاضا ڪري ٿي. "ڪورنر" (Corner) سان لکپڙه دوران سندس هڪ حصي ۾ جنهن لاءِ اسان "اوٽو رئنڪ" (Otto Rank) جا ٿورائتا آهيون جو هن کيس منظر تي آندو آهي. "شلر" (پهرين ڊسمبر 1788ع تي لکيل) پنهنجي دوست جي اڻ پوري پيداواري صلاحيت (Insufficient Productivity) جي شڪايت جي جواب ۾ لکي ٿو:

"اوهان جي شڪايت جي بنياد تي، مون کي نظر ٿو اچي ته اوهان پنهنجي تخيل تي پنهنجي غير فطري سببن جي ڪري پابندي مڙهي آهي، مان پنهنجي "خيال" کي تشبيهه جي ذريعي بلڪل حقيقي انداز ۾ جوڙي ونندو آهيان. ظاهر ته اها شيءَ خراب نظر ٿي اچي، پر ذهن کي، تخليقي ڪم جي لاءِ پُر عزم ٿي لڳي. جهڙيءَ ريت خيال پنهنجو رستو ناهيندي مسلسل وهڪري جيان پنهنجو بي ڊپو اظهار ڪندا ٿا رهن ته اهڙي صورت ۾ جيڪڏهن "ڪارٽ" ڪن خيالن جي پرک کي تمام ويجهو ڪري ٿو ته پوءِ اهڙي ڳالهه چو نه ڪجي جو اهي خيال به جيئن جو تيئن ئي نظر اچن. ڏٺو ويو آهي ته تنهائيءَ ۾ خيال نهايت خسيس، غير ضروري يا وري ڏاڍا عمدا ۽ حيرت انگيز لڳندا آهن. پر اهي اهم تڏهن ليکبا آهن جڏهن انهن کانپوءِ ايندڙ ڪن بين خيالن سان ملندا آهن. ۽ بين خيالن جي لفظن، اصطلاحن يا فقرن سان ٽهڪندڙ هجن، جيڪي پلي ته برابريءَ جي بنياد تي بلڪل نامناسب يا کل ڏيارينڊڙ چو نه هجن، ٽي سگهي ٿو اهي ئي تعلق پيدا ڪندڙ تاثر ۾ تبديل ٿيندا هجن. سبب يا ڪارڻ، انهن سمورن خيالن تي تيسيتائين پاڻ کا به راءِ نه جوڙيندو آهي، جيسيتائين انهن خيالن ڪي ذهن نشين نه ڪري وٺي ۽ انهن کي بين خيالن جي لاڳاپي لاءِ استعمال نه ٿو ڪري ٻئي طرف، جتي تخليقي ذهن هوندو آهي، اتي "سبب يا ڪارڻ" مون کي اطمينان ڏيارينڊڙ لڳندو آهي، دروازن ڏانهن تڪيندي به پرسڪون بنائيندڙ ۽ خيال.... تڏتڪڙ ۾ اچي ڪڙڪندا آهن ۽ ان کانپوءِ انهن کي رڳو جهجهي مقدار ۾ جاچي ڏسڻ گهرجي. اوهان تنقيد ڪندڙ يا اوهان پاڻ کي ڪجهه ٻيو ئي سڏيو اوهان پل اپل لاءِ شرمنده ٿيندا آهيو يا ڊڄندا آهيو ۽ لفظن جو عارضي ۽ فضول خرچ ڪندا آهيو جيڪا ڳالهه سمورن تخليقي ذهنن ۾ ڏٺي وئي آهي، ۽ جن جي لفظن، اصطلاحن يا فقرن جو نندڙو يا وڏڙو عرصو ئي، ڪنهن سوچيندڙ فنڪار کي، خواب ڏسندڙن کان مختلف ڪندو آهي. اوهان جي خيالن جي لاڳاپائڪ يا زرخيز نه هجڻ جي شڪايت به ان ڪري آهي، چاڪاڻ ته اوهان تمام جلدي "رد" ڪري ڇڏيندا آهيو ۽ شديد قسم جو مت پيد پڙ رکندا آهيو."

جيتوڻيڪ "شلر" ڪارڻ جي دروازن تي نگاهه رکڻ يا جاچڻ متعلق ڪجهه ڏڏائيءَ کان ڪم ونڊڻ لاءِ وضاحت ڪئي آهي. پنهنجو تجزيو ڪرڻ يا پاڻ تي تنقيد ڪرڻ کانسواءِ شخصي مشاهدي واري روپي کي قبول ڪري ونڊڻ کو مشڪل نه هوندو آهي. منهنجي ڪيترن مريضن، پهرين هدايت تي عمل ڪرڻ سان ئي ڪاميابي حاصل ڪري ورتي آهي. مون به پنهنجي سر پنهنجي خيالن کي، جيئن ئي ظاهر ٿيندا هئا ته لکڻ جي مدد سان باقائدگيءَ سان ڪري ڏٺو آهي. ان تنقيدي سرگرميءَ جي هدايتن سبب، نفسياتي شدت جو گهٽو مقدار گهٽجڻ ممڪن ٿئي ٿو ۽ شخصي مشاهدي جي قوت ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽ موضوع جي مطابق مٽ سٽ به ان انداز سان ٿئي ٿي، جنهن سان ڪنهن جو ڏيان ڇڪائي سگهجي ٿو.

ان طريقي کي لاڳو ڪرڻ لاءِ اسان جو پهريون قدم اسان کي اهو ٿو سيکاري ته اسان پنهنجي ذهني يڪسوئيءَ لاءِ کهڙي "مقصد" کي اڳيان رکون، جيڪو مجموعي طور تي خواب نه آهي، پر اهي ان جي مواد يا سٽاءَ جا الڳ حصا آهن. جيڪڏهن مان مريض کي چوان ته ايجان تائين سيکڙات يا نئون آهي: "ان خواب جي سلسلي ۾ توهان تي کهڙي ڳالهه عيان ٿئي ٿي؟" اصول آهي ته سندس ذهني افق بلڪل خالي خالي هوندو. جيڪڏهن، خيرن سان، مان خواب کي حصن ۾ ورهائي سندس سامهون رکان تڏهن ئي وڃي، هو هر حصي سان لاڳاپيل تعلق جي سلسلي کان آگاهه ڪندو ان صورت ۾ ممڪن آهي ته اهو بيان سندس خواب جي ان خاص حصي متعلق "خيالن جي پس منظر" کي واضح ڪري سگهي. اهڙيءَ ريت خوابن جي تعبير يا تجزيي جو طريقو جنهن تي مان عملي طور ڪم ڪري چڪو آهيان، اهو سندن خوابن جي علامتي ۽ "ٻئي" سان ملندڙ جلندڙ يا رمز واري پيغام پڙهڻ يا اصل حالت ۾ اتارڻ يا نقل ڪرڻ واري مشهور، تاريخي ۽ عظيم الشان تجزياتي طريقي جي

اولين ۽ اهم هجڻ کان ٻنهه مختلف آهي. بعد ۾ ڪيس تجربن مطابق، تعبير يا تجزيي سان لاڳو طريقو تفصيلي آهي، نه ڪي مجموعي طور وارو طريقو رائج آهي. بعد ۾ ڪيل تجربا ۽ خوابن جي نفسياتي جوڙجڪ کي ابتدائي مجموعي ڪردار جي حوالي سان هڪ مادي ۾ گڏ ڪيل مادن (Conglomerate) جيان پر ڪيو ويو آهي.[1]

اعصابي (Neurotics) مريضن جو نفسياتي تجزيو ڪندي، مون پاڻ ۽ هزارين خوابن جا تجزيا ڪيا آهن، پر مون خوابن جي تجزيي جي طريقي جي عملي توڙي نصابي مواد کي پنهنجي تازي تعارف ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ نه سوچيو هو. جڏهن ته حقيقت اها آهي ته اهڙي قسم جو عملي سلسلو پڪ ئي پڪ اعتراضن کي اڀارينڊو ته اهي خواب ته "اعصابي مريضن" جا آهن، جن مان ڪنهن صحتمند ماڻهوءَ جي پيٽ ۾ ٿورو ۽ اعتبار جوگو انومان يا نتيجو نه ٿو ڪڍي سگهجي، ان جو هڪ ٻيو سبب آهي جنهن ان قسم جي فيصلي لاءِ مون تي دٻاءُ وڌو هو. اهو اهو موضوع هو جنهن جي ڪري سڌائين منهنجي مريضن جي خوابن منهنجي رهنمائي ۾ ڪئي آهي، جن ۾ يقينن معاملي جي واقعاتي حقيقت (Case History)، جيڪا موجود پر هڪدم نظر نه ايندڙ اعصابي مرض کي ئي ظاهر ڪندي آهي. هر هڪ خواب کي بهرحال نفسياتي اعصابي مرض واري حالت جي حوالي سان، طبعي يا فطري لاڙن ۽ عارضي جي سببن جي هڪ طويل ۽ تفصيلي تعارف ۽ پرک جي ضرورت هوندي آهي. پر انهن سوالن ۾ پاڻ ۾ جدت سان گڏ تمام وڏي مونجهاري ۾ مبتلا ٿي ويڃ ۽ خوابن جي مسئلن تان ڌيان هٽائڻ جي صورت ۾ موجود هوندي آهي. ان جي ابتڙ اعصابي مرض جي حوالي سان نفسيات جي تمام مشڪل مسئلن کي حل ڪرڻ جي ابتدائي قدم طور ان کي پنهنجي تازي، خوابن جي وضاحت لاءِ استعمال ڪرڻ جو منهنجو پنهنجو ۽ ارادو آهي.[2]

بهرحال جيڪڏهن مان پنهنجي اعصابي مريضن جي خوابن جي بنيادي مواد کي چڏي ڏيندس ته تفصيلي طور تي بيان ڪرڻ لاءِ مون وٽ ڪجهه به نه بچندو. اهڙي قسم جي خوابن لاءِ جيڪو مواد مون وٽ موجود آهي اهو مون کي منهنجي هاڻ سڃاڻ وارن صحتمند ماڻهن، وقت بوقت پئي ٻڌايو آهي، اهڙن چند ٻين جا مثال ۽ جيڪي خواب جيون جي سلسلي ۾ ادبي طور آيل آهن، حوالي طور ڪنيا اٿم. پوءِ ۽ بدقسمتيءَ سان انهن خوابن مان ڪو به تجزيي بابت مددگار ثابت نه ٿو ٿئي، جيستائين انهن منجهان خوابن جي معنيٰ کي مان پاڻ نه ڳولهيان. منهنجو طريقو نقل واري انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ان مشهور طريقي جيان آسان نه آهي، جيڪو ڪنهن به خوابي مواد جي ڏنل حصي جو ترجمو ڪنهن خاص يا مقرر ڪيل چابيءَ ذريعي ڪري ونڃي. ان جي برعڪس مان! مواد جي ان حصي کي ڳولهڻ لاءِ تيار آهيان، جيڪو ٿي سگهي ٿو ته جڏهن اهو مختلف ماڻهن کي نظر ايندو هجي يا تحرير يا تقرير جي مختلف انداز ۾ نظر اچي ته سندن مختلف معنيٰ کي مخفي ڪري چڏي. جيڪڏهن اهو معاملو ائين ئي رهندو ته مان پنهنجي ئي خوابن جي رهنمائيءَ جي طريقي سان ڪم ڪندس، جيڪو نه رڳو وسيع هوندو پر ان جو مواد، محيط جهڙو ۽ آسان به هوندو. جيڪو لڳيڃ عام ۽ صحتمند ماڻهوءَ پاران هوندو ۽ روزاني زندگيءَ جي ڪيترن ئي عنصرن ۽ عددن تي ٻڌل مختلف واقعن سان لاڳاپيل هوندو.

ان ۾ ٿورو به شڪ نه آهي ته ان قسم جي "ذاتي تجزيي" جي اعتبار جوگين ڳالهين تي به مان شڪ شبهي واري ئي نظر رکندس، تڏهن مان ٻڌائڻ جهڙو ٿيندس ته اهي تجزيا، ريڃڪ تي ٻڌل يا آمراڻن نتيجن لاءِ دروازي کي کليل ضرور چڏيندا. ٻين جي پيٽ ۾ منهنجي ڪيل نتيجي ۾، شخصي مشاهدي بابت صورتحال يقيني طور تي فائديمند ثابت ٿيندي، اسان سمورن واقعن تي تجربو ڪنداسين ۽ ڏسنداسين ته ذاتي تجزيو اسان کي، خوابن جي تجزيي کان ڪيترو پري ڪري ٿو چڏي، پر مون

---

[1] خوابن جي تشريح جو وڌيڪ طريقو باب ستين "خوابن جي عمل جو نفسياتي پهلو" جي حصي پهرين: خوابن جو وسري ويڃ" ۾ ٻڌيل اهي.

[2] باب ستين "خوابن جي عمل جو نفسياتي پهلو" جي حصي پنجين: "ابتدائي ۽ ثانوي عمل" جي شروع ۾ ان موضوع جي سلسلي ۾ فرائيڊ پنهنجي وضاحتن متعلق پيدا ٿيل مشڪلاتن تي پنهنجي منصوبي تحت ردعمل ڏنو آهي جيڪو سندس ڪتاب جي پهرين چاپي جي ديباچي ۾ شامل ڪيل آهي جنهن جي پيهر به نشاندهي ڪيل آهي. هن گهٽو ڪري ان کي قبول نه ڪيو آهي. سندس واضح اعلان جي باوجود هن پنهنجي ڪيترن ئي مريضن جي خوابن کي استعمال ۾ آندو آهي ۽ جن مان چند خواب سندن اعصابي جوڙجڪ جي علامتن ۽ نشانين بابت بحث ۾ شامل ٿيا هئا.

کي ڪجھ ٻين مشڪل مسئلن کي ٻہ ختم ڪرڻو آھي، جيڪي منھنجي پنھنجي اندر ۾ پيدا ٿيل آھن. ڪنھن جي ذھني زندگيءَ جي انھن جڙتو حقيقتن کي کولي ظاھر ڪرڻ بابت، ساڻ ساڻ ڪا فطري ھيڪ ٻہ موجود آھي، جاڪاڻ تہ ڪو ٻہ انھن اجنبين پاران ڏنل غلط تجزين ۽ ناقص تعبيرن جي خلاف ضمانت ڏئي نہ ٿو سگھي، پر مان سمجھان ٿو تہ اھڙي قسم جي ھيڪ تي قابض ٿيڻ ممڪن آھي. نفسياتي دلالي ڪندڙ "ڊيلبوايوف" لکي ٿو تہ: "ھر ماھر نفسيات، پنھنجي ڪمزورين جو اعتراف ڪرڻ لاءِ اخلاقي طور پابند ھوندو آھي. جيڪڏھن ھو ائين سوچي ٿو تہ اھو ڪجھ ڪل مسئلن تي ٻہ روشني وجھي سگھي ٿو."(ف ـ س).

اھڙيءَ ريت اھو سمجھڻ سولو ٿي پوي ٿو تہ منھنجا پڙھندڙ پنھنجي ايائپ يا ناسمجھيءَ ۾، ابتدائي دلچسپيءَ کي جلدي ڳولھي ونڊندا، ۽ سندن نفسياتي مسئلن تي روشني وجھندي، انھن لاءِ قبول ڪرڻ جھڙي تاثر کي منتقل ڪرڻ لاءِ مان پابند آھيان.[1]

ان ريت مان پنھنجي شخصي خوابن مان ڪنھن ھڪ کي منتخب ڪندس ۽ ان کي، پنھنجي تجزيي جي طريقي سان سمجھائڻ جي ڪوشش ڪندس. اھڙي ھر قسم جي خواب جي وضاحت، پيش لفظن ذريعي ڪرڻ ضروري آھي، ۽ ھاڻي مان پنھنجي پڙھندڙن کان پڇي سگھان ٿو تہ سندن مقصد واسطي، منھنجي دلچسپيءَ کي برقرار رکندي ڪجھ گھڙيون خاموش رھي سگھندا، ۽ منھنجي زندگيءَ جي صرف ھڪ لمحي جي تفصيل بابت ٻوڙ پڇائڻ ۾ منھنجو ساٿ ڏيندا، ان قسم جي بدل سدل، بھرحال اسان جي خوابن جي ڪل معنائن ۾ اسان جي ٿي دلچسپين جي ڪري، آخري يا قطعي گھر ڪري ٿي.

[1] بھرحال جنھن لياقت جي ڳالھ مان مٿي ڪري آيو آھيان ان ڪري مان ٻہ اخلاقي طور تي پابند آھيان تہ مان مڪمل تجزيي لاءِ ورلي ٿي پنھنجي ڪنھن خواب جو ڪو اھڙو مثال پيش ڪيو ھوندو جنھن جي مون کي خبر آھي. مان يقينن پنھنجي پڙھندڙن تي پنھنجي مرضي مڙھڻ کي سلونہ ٿو سمجھان

نمائنده خواب جو تجزيو
AN ANALYSISS OF A SPECIMEN DREAM

پيش لفظ

1895ع جي ساوڻ جي موسم ۾ هڪ جوان عورت "ارما" (Irma) کي سندس نفسياتي تجزيي/ تحليل نفسيءَ ذريعي علاج ڪرڻ لاءِ منهنجي حوالي ڪيو ويو جنهن جا منهنجي خاندان وارن ۾ مون سان نهايت ويجها رستا هئا. اهڙي صورت ۾ جلدي سمجهي سگهجي ٿو تہ اهڙي قسم جا ويجها لاڳاپا، ڪنهن معالج ۾ خاص ڪري نفسياتي علاج جي صورت ۾ ڪيترن ئي مونجهارو پيدا ڪندڙ احساسن جو بنياد بڻجي سگهن ٿا. حالانڪ علاج ڪندڙ جي شخصي دلچسپي هڪ وڏي مقصد کي حاصل ڪرڻ هوندي آهي، پر سندس اختيار ڪافي گهٽجي ويندو آهي، اهڙيءَ حالت ۾ ڪو بہ ناڪام معالج، مريض جي خاندان سان پراڻي وقت کان قائم ٿيل تعلق سبب دهمان ٻڌي سگهي ٿو. ان قسم جو علاج پنهنجي جزوي يا اڻ پوري ڪاميابيءَ سبب نيٺ پڇاڙيءَ تي ئي پهچي ٿو. مريض عورت، پنهنجي "رحم جي روگ واري ڳٽتيءَ" (Hysterical anxiety) مان تہ نڪري آئي پر سندس طبعي يا جسماني جيو گهرڙن جون سمورين نشانيون ختم ٿي نہ سگهيون. ان وقت تائين مان ذهني طور تي ايترو واضح نہ هوس، جنهن جي ڪسوٽيءَ اها نشاندهي ٿي ڪئي تہ "رحم جي روگ جي معاملي جي واقعاتي حقيقت (Case history) کي آخرڪار ٽپي رکيو ويو هو ۽ مون ان عورت کي هڪڙي "حل" جو مشورو ڏنو ڏٺم تہ ان کي هن نهايت بيدليءَ سان قبول ڪيو. اهڙيءَ ريت اسان اختلاف کانپوءِ رضامنديءَ تي رسياسين تہ اسان انهيءَ اونهاري جي موڪلن دوران علاج ڪرڻ کي روڪي ڇڏيون. هڪ ڏينهن مان جڏهن پنهنجي نوجوان ساٿي وٽان ٽيوپئي آيس، جيڪو منهنجو پراڻو دوست بہ هو ۽ منهنجي مريضا سان گڏ ترسيل هو "ارما" ۽ سندس خاندان هڪ ئي شهر جا رهندڙ آهن. مون کانئس پڇيو تہ تون هن کي ڪيئن ٿو ڄاڻين؟ تہ هن جواب ڏنو تہ: "هو چاق تہ آهي پر باقائدي تندرست نہ آهي." مان هڪدم چرڪي ويس جو مون کي پنهنجي دوست "اوٽو" جا لفظ ياد اچي ويا، ۽ جنهن لهجي ۾ هن اهو جملو چيو سو بهرحال چڙ ڏيارينڊڙ هو. مون منجهس پيدا ٿيل وهم گمان جي ڪوج لڳائي ۽ ان کي اهڙي ئي تاثر ذريعي درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، چاڪاڻ تہ مون مريضا سان کي پڪا وعدا بہ ڪيا هئا، پوءِ اهي درست يا غلط مون اهي "اوٽو" جي ڏسيل انهن ئي حقيقتن ڏانهن منسوب ڪري ڇڏيا، جيڪي هن منهنجي مريضا جي مائٽن تي دباءُ وجهڻ لاءِ منهنجي خلاف ڳالهايا هئا، جيڪي منهنجي علاج جي سلسلي ۾ بلڪل ئي فائديمند نظر نہ ٿي آيا، بهرحال منهنجي نہ مڃڻ وارو تاثر بہ مون تي پوريءَ ريت واضح ڪو نہ هو. مون مٿس اوگاڇڻ جي بہ ڪا نشاني ظاهر نہ ڪئي. ساڳئي ڏينهن جي شام جو مون، "ڊاڪٽر ايم" (اسان جو گڏيل دوست هو جيڪو ان وقت اسان جي حلقي ۾ اڳوڻ واري حيثيت رکندو هو) جي ڏنل مشوري مطابق پاڻ کي حق بجانب قرار ڏيڻ لاءِ "ارما" جي معاملي جي واقعاتي حقيقت لکڻ شروع ڪئي. ان رات (يا شايد پي ڏينهن جي صبح جو) مون اهو خواب ڏٺو جنهن کي مون اڻندي ئي ڪاپيءَ تي اتاري ورتو.[1]

---

[1] (حاشيو 1914ع شامل ڪيل) هي پهريون خواب آهي جيڪو مان تفصيلي تجزيي لاءِ پيش ڪري رهيو آهيان (فرائيڊ پنهنجي خوابن جي تجزيي کي "رحم جي روگ جي اپياس" ۾ وات ڀرولهڻ وارين چند ابتدائي ڪوششن ذريعي بيان ڪيو آهي (برائر ۽ فرائيڊ 1895).

خواب
23-24 جولاءِ 1895ع

هڪ وسيع هال هو لاتعداد مهمان هئا. اسان جن جو آڏرياءُ ٿي ڪيو انهن ۾ "ارما" به هئي. ان وقت مان ڪيس هڪ پاسي تي وئي ويس. جڏهن ڪي سندس خط جو جواب ڏيڻو هجي ٿو ڪيس شرمندي ڪرڻ لاءِ ته هن منهنجي ڏسيل "حل" کي اڃان تائين قبول نه ڪيو هو. ڪيس چيم: "جيڪڏهن تون اڃان به سور سهندينءَ ته ان ۾ يقينن تنهنجو ئي ڏوهه آهي." جواب ڏنائين: "جيڪڏهن تون رڳو اهو ٿو ڄاڻين ته هاڻي منهنجي نڙيءَ، معدي ۽ پيٽ ۾ ڪهڙا سور آهن، ته منهنجو دم ٿو ٻوسائجي." چوڪس ٿي ويس ۽ سندس منهن ۾ نهاريم. هوءَ پيلي ۽ ڦيڪي نظر پئي آئي. مون پنهنجي منهن سوچيو ته لڳي ٿو ته مان ڪنهن عضوياتي مسئلي کي وڃائي ويٺو آهيان. مان هن کي دريءَ واري پاسي وئي ويس ۽ سندس نڙيءَ کي چڪاسڻ لڳس ته هن هٿرادو ٻڌيهيءَ لڳل عورت جيان ڏند پيڪوڙي، ضد ۽ اعتراض جو اظهار ڪيو. مون سوچيو ته هن کي ائين ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانه هئي. پوءِ جڏهن هن صحيح نمونو پنهنجو وات کوليو ته سا جي پاسي مون کي هڪ اڇو جوڙ نظر آيو. هڪ پيءَ جاءِ تي مون پرجي ويل زخم جو هڪ غير معمولي ۽ گهنگهريالي نوع جو اڇو پر ميرانجهڙو چوڌو ڏنو. جيڪو هوبهو نڪ جي هڏين جهڙو هو. مون هڪدم ڊاڪٽر ايم کي سڏيو ۽ هن به ساڳيءَ ريت ڪيس چڪاسي ڏنو ۽ پڪ ڪئي ته..... ڊاڪٽر ايم هميشه ڪان ٿورو مختلف پئي لڳو. هو پڙ نهايت پيلو پئي لڳو. هو منڊ ڪائڙ واري انداز سان وڃي رهيو هو ۽ سندس ڏاڙهي مڇون به ڪوڙيل هيون.... منهنجو دوست "اوٽو" به "ارما" جي پرسان ٻيٺو هو ۽ منهنجو دوست "ليوپولڊ" سندس انگيءَ (Bodice) ۾ هٿ وجهي ڪنهن ڳالهه لاءِ اتساهي چئي رهيو هو: "هن عورت جا هي ڪابي پاسي جي هينان وارا حصا ته بلڪل بي حس آهن." هو سندس ڪابي ڪلهي واريءَ کل تي هٿ ڦيرائيندي ان جي نشاندهي به ڪري رهيو هو (سندس لباس جي باوجود مون هن جي چرپر کي ائين ئي ڏيان ۾ رکيو جيئن هن ڪيو ٿي). ڊاڪٽر ايم چيو: "ان ۾ شڪ نه آهي ته اهو زخم آهي، پر ڪا ڳالهه نه آهي. پيٽ جي بيماري (آنڊن جي سوج جنهن ۾ پيٽ جو سور ۽ خوني پيچش (Dysentery) ٿيندي آهي) اوچتو ظاهر ٿي آهي ۽ جيوڻن جي ذريعي جسم ۾ پهچندڙ زهر کي بيڪار سمجهڻ گهرجي".... ان زخم جي اصل بنياد کان اسان باقائدي واقف پڻ آهيون. گهٽو اڳ کان نه پر جڏهن هن پاڻ کي ناچاق سمجهيو ته منهنجي دوست "اوٽو" پيٽرولييم ۾ موجود گئس (هائيڊروڪاربان جيڪا گهريلو بارڻ جي ڪم ايندي آهي. (Propyl) جي تيار ڪيل سرنج ۾ ري لڳائي.... يا شايد تيزاب، ڪلورو فارم يا الڪوحل ۾ شامل ٿيندڙ عطر (Propionic Acid).... چند وصفن ۾ طبع يا عضوياتي بنيادن سان ملندڙ نائٽرجن ۽ هائيڊروجن جو مرڪب (Trimethylamin).... ۽ مون اهو نسخو ڪافي وڌن اکرن ۾ ڇپيل صورت ۾ پنهنجي اکين اڳيان ڏٺو.... ان قسم جون سيون (Injections) بي خيالي ۽ يا لاپرواهيءَ سان تيار ڪيل نه هيون ۽ گهٽو ڪري اها سرنج صاف نه هئي."

هن خواب مان پين جي بنسبت ڪيترائي فائدا آهن. هڪ ته هي هڪدم چٽو پٽو آهي ته گذريل ڏينهن جا ڪهڙا واقعا اسان جي ڪم جي شروعات لاءِ ابتدائي نڪتا آهن. منهنجي پيش لفظن ان کي به واضع ڪري ڇڏيو آهي. "اوٽو" جيڪا "ارما" جي حالت جي سلسلي ۾ مون کي خبر ڏني هئي ۽ سندس معاملي جي واقعاتي حقيقت بابت جيڪو ڪجهه لکڻ ۾ مصروف هوس، اهي مسلسل رات تائين منهنجي ذهني سرگرميءَ کي والاري چڪا هئا، ايستائين جو اهي سمهڻ کان پوءِ به نظر پئي آيا. پر جيڪڏهن ڪنهن اهي پيش لفظ نه به پڙهيا هجن ته به خواب جي مواد ۾ ئي ٿورو گهٽو گمان موجود آهي ته خواب جو مطلب ڪهڙو آهي. مون کي پاڻ کي ته اهڙو ڪو وهم گمان به ڪونه هو. مان ته انهن علامتن تي ئي عجب ۾ پئجي ويس ته جيڪي "ارما"، خواب ۾ مون کي ٻڌايون، اهي علامتون اهي نه هيون، جن جي متعلق مان سندس علاج پئي ڪرڻ چاهيو. مان تيزاب، ڪلورو فارم يا الڪوحل ۾ شامل ٿيندڙ عطر (Propionic Acid) واري سئي ۽ ڊاڪٽر ايم حي همٿ ٻڌائڻ لاءِ ڏنل ٻيسقلي واري راءِ تي مرڪي ويٺس. ان خواب جي پڇاڻي، ان جي ابتدا ڪان بلڪل مبهم ۽ ڪافي سوڙهي ٿيل پئي لڳي. بهرحال ان خواب جو مطلب ڪيڻ لاءِ ان جي سموري سٽاءَ جو تفصيل سان تجزيو ڪرڻ ضروري آهي.

تجزيو

"وسيع هال، لاتعداد مهمان، اسان جن جو آڏرياءُ ٿي ڪيو"، اسان اهو اونهارو "بيلي ويو" (Bellevue) ۾ پئي گذاريو. اهو گهر خود "ڪهلين برگ" (Kahlenburg) سان لڳ پهاڙين تي ٺهيل هو.[1] گهر هڪ عام طرز تي ۽ خاص موڪلن دوران تفريح لاءِ ايندڙن جي لحاظ کان ٺهيل هو. ان جا مهمان خانا هڪ سلسلي ۾، وڏا ويڪرا، غير معمولي ۽ نهايت اعليٰ قسم جا هئا. اهو "بيلي ويو" ۾ هو جنهن جي متعلق مون خواب ڏٺو هو. ان ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ، منهنجي زال جي سالگرهه ملهائي وئي هئي. ان کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ منهنجي زال مون کي ٻڌايو هو ته سندس سالگرهه جي دعوت ۾ چند دوستن ۽ مهمانن سان گڏ "ارما" جي شريڪ ٿيڻ جي به اميد آهي. منهنجي خواب واقعي جي پيش بندي ڪجهه اهڙيءَ ريت ڪئي: اها منهنجي زال جي سالگرهه هئي ۽ "بيلي ويو" جي ان وسيع هال ۾ "ارما" سميت ڪيترن ئي دوستن ۽ مهمانن جو آڏرياءُ ڪيوسين.

"هن منهنجي ڏسيل "حل" کي ايجان تائين قبول نه ڪيو هو. ڪيس چيمر: "جيڪڏهن تون ايجان به سور سهندينءَ ته ان ۾ يقينن تنهنجو ئي ڏوهه آهي." اصل ۾ اهو جملو مان ڪيس جاڳ دوران چئي پئي سگهيس، ۽ حقيقت ۾ مون ائين ڪيو به سهي، پر ان وقت اها رڳو منهنجي راءِ هئي (جيتوڻيڪ مان ايجان به سمجهان ٿو ته اها راءِ غلط هئي) ته منهنجي ذميداري تڏهن پوري ٿي سگهي پئي، جڏهن مان پنهنجي مريضا کي سندس لکل علامتن جي معنيٰ کان آگاهه ڪريان. مون سوچيو ته مان ان ڳالهه جو ذميدار نه آهيان ته هوءَ منهنجي "حل" کي قبول ڪري ٿي يا نه. اهڙيءَ ريت ڪاميابيءَ جو مدار به مٿس ئي هو. مان ان غلطيءَ کي مڃان ٿو جنهن کي هاڻي مون ڄاڻي واڻي درست پئي ڪيو ته منهنجي زندگي ان وقت بلڪل آسان بڻيل هئي. جڏهن منهنجي سموري اٽنر نموني جي لاپرواهيءَ جي باوجود مون کي علم علاج يا دوائن وسيلي علاج ذريعي ڪاميابيءَ جي اميد هئي. مون ڏيان ڏنو ته بهرحال جيڪي لفظ مون "ارما" سان خواب ۾ ڳالهايا هئا اهي، اهو ظاهر ڪن ٿا ته مان پريشان ته هئس پر سندس ان سور جي سلسلي ۾ ذميوار نه هوس، جيڪو ڪيس ايجان به ٿيو پئي. ان ۾ جيڪڏهن سندس قصور به هو ته به ان جو ذميوار واقعي مان نه هوس. ان ڪري ٿي سگهي ٿو خواب جو مقصد ان ڏس ۾ هجي؟

ارما جواب ۾ چيو: "جيڪڏهن تون رڳو اهو ٿو ڄاڻين ته هاڻي منهنجي نڙيءَ، معدي ۽ پيٽ ۾ ڪهڙا سور آهن، ته منهنجو دم ٿو ٻوساٽجي." پيٽ ۾ سور جي شڪايت منهنجي مريضن ۾ عام هئي پر اها ايتري ڏيان جوڳي ڳالهه نه هئي. هن کي گهٽي شڪايت اوڪاڪا (Nausea) ۽ ڪراهت يا بچان ڏيارينڙ احساس جي هئي. نڙيءَ، پيٽ جا سور ۽ نڙيءَ ۾ سوڙهه يا ساهه جي منجهڻ سندس بيماريءَ ۾ پڪ سان ڪو ڪردار ادا ڪري رهيا هئا. حيران هوس ته خواب ۾ مون علامتن جي چونڊ ڪرڻ جو فيصلو چو ڪيو هو. پر ان وقت انهن جي وضاحت چو نه ڪري سگهيو هوس.

"سندس منهن ۾ نهاريم. هوءَ پيلي ۽ ڦيڦي نظر پئي آئي." منهنجي مريضن جو رنگ هميشه گلابي رهيو آهي، مون کي شڪ ٿيڻ لڳو ته ان جي رنگ ۽ ڦيڦي هجڻ لاءِ ڪو پيو نعم البدل ڳولهي سگهجي ٿو.

"ڪنهن عضوياتي مسئلي جي منصوبي کي وجائي ويهڻ لاءِ مان چوڪس ٿي ويس." منهنجو يقين آهي ته گهٽو ڪري ان قسم جي اعصابي حالت ۾ مبتلا مريضن جي مخصوص ماهر معالج لاءِ فڪر ڳڻتي جو هڪ مستقل ڪارڻ هوندو آهي، ۽ اهي، جن ۾ "رحم جي روڳ" جي لاتعداد علامتن ۽ نشانين بيان ڪرڻ جي عادت هوندي آهي، جن کي پيا معالج رڳو عضوياتي بيماري سمجهي علاج ڪندا آهن. پئي طرف الائي ڪٿان هڪ اٽلڪو شڪ منهنجي ذهن ۾ پيدا ٿيو جو مان چئي نه ٿو سگهان ته اهو چوڪس ٿيڻ واقعي کو درست هو يا ترڪيبي هو. جيڪڏهن "ارما" جي سورن جو سبب عضوياتي هو ته به انهن کان بچائڻ لاءِ مان ٻڌل نه هوس. منهنجو علاج ته رڳو سندس "رحم جي روڳ" جي تڪليفن کي دور ڪرڻ لاءِ هو. بهرحال اهو مون تي انڪشاف ئي ٿيو حقيقت ۾ ته منهنجي اصل خواهش اها هئي ته اها تفتيش غلط ثابت ٿئي ۽ جيڪڏهن ائين ٿي ٿو وڃي ته مون تي لڳل ڪوتاهيءَ جو الزام رد ٿي سگهي ٿو.

---

[1] اها پهاڙي، ويانا جي بلڪل ويجهو نهايت مشهور تفريح گاهه آهي.

"مان هن کي دريءَ واري پاسي وٽي ويس ۽ سندس نڙيءَ کي چڪاسڻ لڳس ته هن هٿرادو ٻڌيهيءَ لڳل عورت جيان ڏند پيڪوڙي ضد ۾ اعتراض جو اظهار ڪيو مون سوچيو ته هن کي ائين ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانه هئي." ان کان اڳ مون کي "ارما" جي ڏند جي خال يا سوراخ (Cavity) کي چڪاسڻ جو موقعو نه مليو هو. خواب ۾ جيڪي ٽيو هو ان مون کي ڪجهه عرصو اڳ، گهر ۾ ٻارن کي سکيا ڏيندڙ هڪ عورت جي ڪيل چڪاس ياد ڏياري ڇڏي. پهرين ئي نظر ۾ هوءَ مون کي هڪ ڏوهه جوانيءَ واري صورت ۾ نظر آئي هئي. پر هن پنهنجي وات کولڻ کان پهرين جاڙين ۾ قاتل نقلي ڏندن کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ان ڳالهه ڪنهن ٻئي قسم جي طبي چڪاسن متعلق يادگيري ٻئي ڏياري. جنهن سلسلي ۾ انهن مريضن کي اطمينان ڏيارينديءَ کجهه نيون ۽ ڪافي لڪل ڳالهيون سامهون آيون هيون. "هن کي واقعي ائين ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانه هئي." "ارما" جي گرمجوشيءَ جي ڪري بيشڪ اهو ارادو اڳ ۾ ڪيل نه هو. پر مون جاتو ٻئي ته ان جي پويان ڪو بيو مطلب آهي. (جيڪڏهن ڪو هن تجزيي تي ڏيان ڏينو ته ان کي اهو احساس ضرور ٿيندو ته هجي نه هجي ڪو به شخص انهن پس پرده خيالن سبب بيزار ٿي سگهي ٿو جن جي گهٽي اميد آهي.) "ارما" دريءَ جي جنهن پاسي بينل هئي. ان اوچتو مون کي هڪ ٻئي تجربي جي ياد ڏياري ڇڏي. "ارما" ان عورت جي به سڃي ساهيڙي آهي. جنهن لاءِ منهنجي راءِ به نهايت سڃي آهي. هڪ پيري شام جو مان جڏهن طبي چڪاس لاءِ ان عورت وٽ ويو هوس ته مون ان کي به اهڙيءَ ريت خواب ۾ بيهر پيش آيل منظر جيان. دريءَ وٽ معالج سان گڏ بينل ڏٺو هو. اهو ساڳيو "ڊاڪٽر ايم" هو جيڪو ڇئي رهيو هو ته "مريضا کي خناق (ڳلي ۾ سوزش پيدا ڪندڙ هڪ وبائي مرض Diphtheria) جي ڪري ڳلي ۾ هڪ سنهو تهه (Membrane) جمي ويو آهي. ڊاڪٽر ايم ۽ ان سنهي تهه جي شڪل بعد ۾ خواب ۾ پيش ٿي هئي. اها ڳالهه هاڻي مون تي ائين ٻئي عيان ٿي ته چند گذريل مهينن لاءِ مون کي ائين سمجهڻ لاءِ هڪڙو جواز هو ته اها بي عورت به "رحم جي روگ" ۾ مبتلا هئي. سچ ته "ارما" پاڻ پنهنجي حقيقتن کي منهنجي آڏو رکو ٿي ڏيو. ان صورت ۾ مان سندس حالت جو اندازو ڪيئن ٿي لڳائي سگهيس. هڪڙي شيءَ بهرحال خواب جيان هوبهو هئي ته هوءَ رحم جي روگ ۾ مبتلا هئي ۽ سندس دم ٻوساٽبو هو. ۽ مان خواب ۾ سندس ساهيڙيءَ بجاءِ پنهنجي مريضا کي ڏٺو. هاڻي مان ياد ڪرڻ لڳس ته مان به گهٽو ڪري ان منصوبي تي ڪم ڪري رهيو هوس ته جيئن هوءَ پنهنجي علامتن جي حوالي سان پاڻ چوي ته هن کي سندس مرض مان ڇڏاءِ بهرحال نه ڇاهيندي به. مان پاڻ ان خيال جو هوس. جيئن ته هوءَ نهايت سنجيده طبيعت واري عورت هئي. ۽ جيئن خواب ۾ نظر آئي، تيئن ضدي به هئي. ٻيو سبب اهو هو ته "هن کي واقعي ائين ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانه هئي. پر چڪاس ڪرائڻ لاءِ ڪنهن به ٻاهرين مدد وٺڻ بجاءِ. هن پاڻ کي ڪنهن حد تائين سخت مزاج ٻڌائي ڇڏيو هو حالانڪ ايان ٻيون به ڪي خاصيتون هيون. جيڪي مان. "ارما" يا ان جي ساهيڙيءَ سان به وابستا ڪري نه سگهيو آهيان. مثال طور: پيلي، بي رونق، ڦيڦي ۽ نقلي ڏند وغيره. نقلي ڏندن وارو معاملو ته گهر ۾ ٻارن کي سکيا ڏيندڙ هڪ عورت سان وابستا هو جنهن جو ذڪر مان اڳ ۾ ئي ڪري آيو آهيان. هاڻي مان پنهنجي مطمئن ٽيٺ لاءِ خراب ڏندن ڏانهن جهڪاءَ محسوس ڪري رهيو آهيان. ان کانپوءِ مان ڪنهن ٻئي پاسي ڏيان ڪرڻ لڳس. ته جيئن انهن ۾ ان قسم جون خاصيتون. منهنجي لاءِ اشارو ڪنايو ثابت ٿي سگهن. هوءَ منهنجي مريضن منجهان نه هئي ۽ نه ئي مان ڪيس مريضا سمجهيو هو. پر جڏهن ڪان مون ان ڳالهه ڏانهن ڏيان ڏنو هو ته هوءَ منهنجي موجودگيءَ ۾ ڏاڍي چيڙاڪ طبيعت جو مظاهرو ڪري ٿي ۽ مون اهو به نه ٿي سوچيو ته هوءِ ڪا فرمانبردار مريضا هوندي. هوءَ سدائين زرد ۽ بي رونق لڳندي هئي. پر ڪنهن زماني ۾ جڏهن هوءَ بلڪل صحتمند هوندي هئي تڏهن به ڦيڦي نظر ايندي هئي.[1]

---

[1] پيٽ ۾ ٿيندڙ سور جي واضح نه ٿي سگهندڙ شڪايت وارو معاملو ايان تائين ڪنهن ٽئين شڪل ۾ پويون گس وٽي هلندو پيو اچي. ان حوالي سان جنهن شخصيت جي مان ڳالهه ڪريان ٿو اها پڻ ٿي پڻ منهنجي پنهنجي ئي ذال آهي. پيٽ جي سورن جي تڪليف متعلق مون کي هڪ اهڙو موقعو ياد ٿو اچي. جنهن ۾ مون سندس چيڙاڪ طبيعت کي محسوس ڪيو هو. مان پاڻ کي زوريءَ ٻئي مڃايو ته ان خواب ۾ مون "ارما" جو توڙي پنهنجي ذال جو همدرديءَ واري انداز ۾ علاج نه ٻئي ڪيو پر اهو معافي تلافيءَ واري انداز جو ٻئي لڳو جو مان ٻنهي ۾ گنجائش جو تعين. ڪنهن سڃي ۽ ڏميدار يا فرمانبردار مريض وانگر ٻئي ڪيو.

اهڙيءَ ريت مان پنهنجي مريض "ارما" کي ہن ہين ماڻهن سان مشابهت پئي ڏني، جيڪي ہ علاج حي سلسلي ۾ ضدي هئا. خواب ۾ "ارما" جو سندس ساهيڙيءَ ۾ مٺ ست ٿي وڃڻ جا کهڙا ڪارڻ ٿي سگهن ٿا؟

شايد اهو ان ڪري ٿيو هجي جو مان پاڻ کيس "مٺ ست" ڪرڻ ٿي چاهيو يا ته مان سندس ساهيڙيءَ ۾ همدردي ڪجهہ وڌيڪ محسوس ڪري رهيو هوس يا مون وٽ سندس ذهانت متعلق ڪا اعليٰ قسم جي راءِ هئي. "ارما" مون کي بيوقوف پئي لڳي، چاڪاڻ ته هن منهنجي "حل" کي قبول ڪو نہ ٿي ڪيو. سندس ساهيڙي ڪجهہ وڌيڪ سياڻي هئي. ان ڪري جو هوءَ جلدي ڳالهہ مڃيندڙ هئي. "پوءِ هن صحيح نمونو پنهنجو وات کوليو" ۽ هن مون کي "ارما" جي بنسبت ڪجهہ وڌيڪ ٿي ٻڌايو هو.[1]

"مون هن جي نڙيءَ ۾ ڇا ڏٺو: ساڄي پاسي هڪ اڇو جوڙ هڪ ٻيءَ جاءِ تي ميرانجهڙو ڇوڏو ڏٺو جيڪو هوبهو نڪ جي هڏين جهڙو هو." اڇي جوڙ"، مون کي "ارما" جي ساهيڙيءَ جي ڳلي ۾ سوزش جي ڪري پيدا ٿيل سنهو تهہ ياد ڏياري ڇڏيو ۽ خود منهنجي وڏي ڏيءَ جي خناق واري حالت ۾ اهڙي رهي هئي، جنهن جا ہ ابتدائي سال، بيماريءَ جي خوف سبب انتهائي پريشانيءَ ۾ گذريا هئا. انهن ڏينهن ۾ نڪ جي سوزش سبب پيدا ٿيندڙ سور کي گهٽائڻ لاءِ ناريل جي ست مان تيار ڪيل، بيهوش ڪندڙ دوا (Cocaine) جو استعمال ڪرائيندو هوس. ان کان ڪجهہ ڏينهن اڳ ۾ مون ہڏو ضرور هو ته منهنجي هڪڙي مريض عورت منهنجي ئي تجربي جي پوئواري ڪندي، نڪ جي بلغمي تهہ (Nasal mucous membrane) جي ناڪاري حصي تي ارتقائي ۽ جامع ڪم ڪيو هو.

پر مان پهريون شخص هوس جنهن 1885ع ڌاري، بيهوش ڪندڙ دوا کي استعمال ڪرڻ جي تجويز ڏني هئي.[2]

۽ ان تجويز جي ڪري مون کي نهايت سنجيدگيءَ سان گهٽ وڌ ڳالهايو ويو. ان دوا جي غلط استعمال سبب، منهنجي تمام پيارن دوستن جو موت واقع ٿيو هو ۽ اهو سيڪجهہ منهنجي خواب کان اڳ يعني 1885ع ڌاري ٿي چڪو هو.

"مون هڪدم ڈاڪٽر ايم کي سڏيو ۽ هن ہ ساڳيءَ ريت کيس چڪاسي ڏنو." ڈاڪٽر ايم جي ٻيهر چڪاس وارو معاملو اسان جي حلقي ۾ سندس حيثيت سبب هو پر "هڪدم" واري ڳالهہ يقينن هڪ مخصوص وضاحت طلب ضرور آهي. مون کي ان "هڪدم" واري لفظ منهنجي عملي ڪم دوران پيش ايندڙ انتهائي ڏکوئيندڙ واقعو ياد ڏياري ڇڏيو. اهو هڪ اهڙي موقعي جو ذڪر آهي، جڏهن مون هڪ مريض عورت ۾ پيدا ٿيل علامتن سبب، انتهائي زهريلي قسم جي (Toxic) دوا کي استعمال ڪيو هو. چاڪاڻ ته بيماريءَ جي تدارڪ لاءِ ان وقت اها نقصانڪار نہ هئي. هٿراڏو طور تي بيهوش ڪرڻ لاءِ ڪم ايندڙ اهي دوائون، ڪار جهڙي يعني نرم چاندي جهڙو اڇي ڌاتوءَ/ ڪيميائي مرڪب ۽ گندرف جي پاڻيءَ مان تيار ڪيل (Sulphonal) هونديون آهن. جن جي استعمال لاءِ وڌيڪ تجربيڪار ساٿيءَ جي مدد جي "هڪدم" ضرورت پوندي آهي. اصل ۾ ان ئي تفصيل جو تعلق، خواب ۾ هڪدم سڏڻ واري خيال جي پڪ ڏيڻ ٿو ته اهو ئي ۽ اڳو منهنجي ذهن ۾ هو. منهنجي اها مريض، جيڪا زهر جي استعمال سان فوت ٿي وئي هئي، ان جو ۽ منهنجي وڏي ڏيءَ جو نالو "ميٿلڊي" ہ ساڳيو ئي هو. اها ڳالهہ مون کي اڳ ڪڏهن نظر نہ آئي هئي پر

---

[1] مون کي ان ڳالهہ جو احساس آهي ته مان خواب جي هن حصي جو تجزيو اهڙيءَ ريت نہ ڪيو آهي جنهن سان ان جي سموري لڪل معنيٰ، ممڪن حد تائين ظاهر ٿي سگهي. جيڪڏهن مان انهن تن عورتن جي وچ ۾ پيٽ ڪرڻ واري ڳالهہ کي قبول ڪريان ته مان پنهنجي حدن کان گهڻو دور نڪري ويندس. بهرحال هر خواب ۾ هڪڙو نڪتو اهڙو ضرور ٿئي ٿو جيڪو اڻ ماپيل، يا پوريءَ ريت نہ سمجهيل ٿئي ٿو ڪنهن بحر بيڪنار جيان، جنهن جي گهرائيءَ جو تعلق اڻ ڄاتل اونهائيءَ سان هوندو آهي.

[2] اهو سن 1884ع جي زماني ۾ ته رگو هڪ ڪاغذ جو پرزو هو پر فرائيڊ جي بيهوش ڪندڙ دوا (Cocaine) متعلق لکيل پهرين مقالي جي تاريخ ٻ اها ئي آهي. ان بيهوش ڪندڙ دوا جي سلسلي ۾ فرائيڊ جو سمورو ڪم "ارنيسٽ جونز" (Ernest Jones) جي لکيل ڪتاب "فرائيڊ جي حياتي" (Life of Freud) جي حصي ڇهين ۾ آيل آهي. ان کانپوءِ اها خبر پئي ته اهو "پيارو دوست"، فليشل وان مارڪسو (Fleischl von Marxow) هو. (سمو باب ڇهين: "خواب جو عمل" جي حصي الف ين: "خوابن ۾ ڏاهپ واريون سرگرميون" ۾) "اڻ سڏيءَ ريت ايندڙ تصور" جي سلسلي ۾ وڌيڪ معلومات ڏسندا: باب چوڏهن ۽ پنجين جو حصو ٻيو.

هاڻي مون کي ياد اچي ٿو ته اهو شايد مقدر جو ڪيل هو. اهڙيءَ ريت هڪ بجاءِ ٻئي شخص ۾ بدلجي وڃڻ هڪ ٻيءَ مقصد جي تسلسل سان ڳنڍيل هو جڏهڪ ميٽلبي(ڏيءَ) هڪ ٻيءَ ميٽلبي(مريضا) لاءِ هڪ اک ٻئي جي اک لاءِ هڪ جو ڏند ٻئي جي ڏند لاءِ هجي. ان حوالي سان دل ته ائين ٿي چوي ته جيڪر مان اهي سمورا واقعا گڏ ڪريان. جيڪي مون کي منهنجي طبي اصول پسنديءَ(Conscientiousness) جي خلاف ڪمي ڪوتاهيءَ جي شاهدي ڏئي سگهن ٿا.

ڊاڪٽر ايم نهايت پيلو پئي لڳو هو. "منبڪائڊ واري انداز سان وڃي رهيو هو ۽ سندس ڏاڙهي مڇون به ڪوڙيل هيون." ڪنهن حد تائين اها ڳالهه درست هئي ته سندس اڃ سڌريل صحت سبب سندس دوستن کي به گهٽي ڳڻتي هوندي هئي. پر به ٻيون خاصيتون وري ڪن ٻين سان وابستا هيون. هڪ ته منهنجو خيال پنهنجي وڏي پاءُ ڏانهن چڪجي ويو جيڪو اسان کان پري ولايت ۾ رهندو هو ان جون ڏاڙهي مڇون ڪوڙيل هونديون هيون، ۽ مون کي پوريءَ ريت ياد آهي ته سندس شڪل خواب ۾ نظر ايندڙ ڊاڪٽر ايم سان ڏاڍي ملندڙ آهي. چند ڏينهن اڳ اسان کي هڪ خبر ملي هئي ته سندن جي سور (Arthritic) سبب، هو "منبڪائي ٽوهلي" ان ڪري پڪ ئي پڪ اهو اولڙو خواب ۾ ٻن صورتن کي هڪ شڪل ۾ ملائڻ جو سبب بڻيو هو. ان ڪانپوءِ مون ياد ڪيو ته ساڳئي ئي سبب جي ڪري مون کي مٿن ڪي ڪل به اچي وئي، ڇاڪاڻ ته انهن ٻنهي ڄڻن منهنجي چند اهڙن مشورن کي رد به ڪيو هو جن لاءِ مون کانئن صلاح ورتي هئي.

منهنجو دوست "اوٽو" پرسان ٻيٺو هو ۽ منهنجو دوست "ليوپولڊ" چئي رهيو هو: "هن عورت جا هي ڪاپي پاسي جي هينان وارا حصا ته بلڪل ٻي حس آهن." منهنجو دوست "ليوپولڊ" به هڪ معالج ۽ "اوٽو" جو مائٽ آهي. اهي ٻئي طب جي هڪ ئي شاخ جا ماهر هئا، ۽ انهن جي قسمت به ڪا اهڙي هئي جو ٻنهي جي پاڻ ۾ چٽاپيٽي به ڪافي رهندي هئا ۽ ٻنهي جي وچ ۾ ٻيٽ وارو معاملو به بلڪل ثابت قدميءَ سان هلندو ٿي آيو جن ڏينهن ۾ مون وٽ ويٺا جي "ڪاسووز" انسٽيٽيوٽ ۾ ٻاهرين اعصابي مريضن جي شعبي کي سنيالڻ جي ذميداري هوندي هئي. ته ڪيترائي سال ٻئي ڄڻا معاون طور مون سان گڏ ڪم ڪري چڪا هئا. خواب ۾ پيش ٿيندڙ منظرن مان هڪڙو گهٽو ڪري ان مان استعمال ٿيل هو. جڏهن مان "اوٽو" سان هڪ مرض کي سڃاڻڻ لاءِ بحث مباحثو ڪري رهيو هوس، ان وقت "ليوپولڊ" هڪ ٻار کي ٻيهر چڪاسڻ لڳو هو ۽ ان دوران هن اوچتو اسان جي لاءِ هڪڙو نتيجو ڪڍي ورتو هو. انهن ڪردارن جي وچ ۾ فرق ائين هو جيئن "بئلف براسگ" (Bailiff Brasig) ۽ سندس دوست "ڪارل" (Karal)،[1] انهن ڪردارن مان هڪڙو وڏيڪ تکو تڪڙو آهي، جڏهن ته ٻيو سست ۽ يقيني سوچ رکندڙ آهي. ان حوالي سان "اوٽو"، ٽڏي دماغ واري "ليوپولڊ" جي بلڪل ابتڙ هو ۽ مان پنهنجي ڪم جي سلسلي "ليوپولڊ" جي طبيعت مان چٽي ريت فائدو وٺندو رهيو آهيان. مشابهت به ساڳي ئي آهي. منهنجي مريضا "ارما" جي نافرمانيءَ ۽ ان دوست جي وچ ۾، جيڪو مون کي ڪانئس وڏيڪ سياڻو لڳندو هو.

هاڻي مان خواب ۾ پيش ٿيل خيال جي زنجير جي هڪ ٻيءَ ۽ الڳ ٿي ويل ڪڙيءَ کي سمجهڻ لڳو آهيان، جيڪو هارن جي اسپتال ۾ بيمار پار جا: "ڪاپي پاسي وارا هينيان حصا بي حس" نظر پئي آيا، مان ان جي هر تفصيل سان سهمت هوس، جيڪا "ليوپولڊ" سندس مڪمل چڪاس ڪانپوءِ منهنجي ڏيان تي آندي هئي. مرض جي تبديليءَ(Metastatic) جي مصنوعي فطرت متعلق مون وٽ به هڪ قسم جو غير واضع خيال هو. پر ان مريض جو بهرحال اهو مثال ته موجود هو جنهن کي مون "ارما" جي جاءِ تي رکڻ پئي چاهيو. ڪنهن حد تائين جيئن مان نتيجو ڪڍي سگهيو آهيان ته "ارما" ۾ سلهه جو مرض (Tuberculosis) پيدا ٿي چڪو هو.

---

[1] "فرٽز رائيٽر" (Fritz Reuter. 1862,4) جي "ميڪلين برگ" (Mecklenburg) جي لهجي ۾ لکيل ناول جا به مکيه ڪردار آهن، جنهن جو انگريزي ترجمو لنڊن ۾ 1878ع ڌاري "منهنجي ٻني هاري جي پراڻن ڏينهن جي ڪهاڻي" (An Old Story of my Farming Days) جي عنوان سان شايع ٿيو هو.

"سندس ڪاپي ڪلهي واريءَ ڪل هوريان هوريان چڙڻ لڳي هئي." مون هڪدم ڏيان ڏنو ته اهو ته منهنجي پنهنجي ڪلهي ۾ سنڊن جي سور جو آزار هو جيڪو جڏهن رات جو اٿي ويهندو هوس ته بلڪل واضع طور تي محسوس ٿيندو هو. ان کان علاوه خواب ۾ خود اکر به گهٽو ڪري اڻ چٽا ۽ بن کان وڌيڪ معنائون رکندڙ هئا. "مون هن جي چرپر کي ائين ئي ڏيان ۾ رکيو جيئن هن ڪيو ٿي." مون کي لڳو پئي ته اهو ڏيان مون پنهنجي جسم ڏانهن پئي ڏنو مون کي اهو انوکي قسم جي لفظ سازيءَ يا جملي جي جزن کي بنائڻ جو عمل پڙ لڳو: "ڪلهي واريءَ حصي وٽان کل هوريان هوريان چڙڻ لڳي هئي." اسان کي "مٽان ٽپي پوڻ، ڪاپي پاسي کان يا پويان ڪلهو هٽي ڳالهائڻ جي عادت هوندي آهي." اهو پڙ ڦڦڙن جي حوالي سان سلهه جو مرض ئي آهي.

"سندس لباس جي باوجود" اهو ته وچ ۾ تنبڙ وارو عمل يا هٿ چراند ڪرڻ جو معاملو ٿو لڳي. اصل ۾ ته اسان اسپتال ۾ ان ٻار کي ڪيڙن ڪانسواءِ ئي پئي چڪاسيوا ۽ ظاهر آهي ته اهو عمل ڪنهن جوان عورت يا مرد جي تپاس ڪرڻ جي ناتي ته بنهه غير اصولي آهي. مون کي ياد آهي ته اهو انهن نامي گرامي معالجن جو ڪم آهي جيڪي پنهنجي مريضن کي، بغير ڪيڙن جي چڪاسيندا آهن. بهرحال اها ڳالهه مون پنهنجي اکين سان ڪا نه ڏٺي آهي. سچ پچو ته مون کي ان معاملي ۾ وڌيڪ گهري ٿيڻ جي خواهش به ڪا نه آهي.

ڊاڪٽر ايم چيو: "ان ۾ شڪ نه آهي ته اهو زخم آهي. پر ڪا ڳالهه نه آهي. پيٽ جي بيماري (آنبن جي سوج جنهن ۾ پيٽ جو سور ۽ خوني پيچش ٿيندي آهي) اوچتو ظاهر ٿي آهي." پهرين ته مون کي اها ڳالهه ئي اجائي ٿي لڳي. پر ان جي باوجود ٻين سمورين ڳالهين جيان ان جو به احتياط سان جائزو وٺبو. مان جڏهن ان کي ويجهڙائي کان ڏسان ٿو ته ان جو مطلب به ٻين سمورين ڳالهين جهڙو ساڳيو ئي نڪري ٿو جنهن حوالي سان، مون عام خناق (ڳلي ۾ سوزش پيدا ڪندڙ هڪ وبائي مرض) جي تفتيش ڪئي هئي. اها مون کي پنهنجي ڏيءَ جي بيماريءَ واري وقت کان وٺي "خناق ۽ ڳلي ۾ سوزش ۽ زخم جي ڪري اندروني طور پيدا ٿيل بخار" ٿيڻ تائين ۽ ان متعلق ڪيل بحث مباحثو به چڱيءَ ريت ياد آهي. ان قسم جي زخم جي هجڻ ۽ ان جي ٻي حس ٿي ويل حصي جي نشاندهي "ليوپولڊ" ڪئي هئي. جا ٿي سگهي ٿو ته مرض جي تبديليءَ (Metastatic) کي ظاهر ڪندي هجي. مون سوچي ڏٺو ته مون کي اها ڳالهه بلڪل درست لڳي ته مرض جي تبديليءَ جو اهڙو عمل، اصل ۾ خناق سان ظاهر نه ٿيندو آهي: تڏهن مون سوچي ورتو ته اهو رت ۾ جيوڻن جي گهڙي اچڻ (Pyaemia) جي ڪري آهي.

"ڪا ڳالهه نه آهي."

اهو ته خير تسلي ڏيندڙ جملو آهي. جيڪو معاملي جي نوعيت سان بلڪل ٺهڪندڙ جملو آهي. خواب جي مواد جو باقي حصو اهو آهي ته منهنجي مريضا جا سور. شديد اعصابي مرض جي ڪري هئا. مون کي احساس هو ته مان پاڻ تان بهتان لاهڻ جي ڪوشش، شايد ان طريقي سان پيو ڪريان. ڇاڪاڻ ته خناق جي شديد تڪليفن جي ذميداري بهرحال، نفسياتي علاج جي طريقي ني عائد نه ٿي ٿئي. ان کانسواءِ مون کي اهو بلڪل به خراب پئي لڳو ته "ارما" جي ان شديد تڪليف جي باوجود مان پنهنجي وضاحت پيش ڪريان. اهو به مون کي ظالماڻو انداز پئي لڳو. اهڙيءَ ريت مون کي ان يقين جي ضرورت هئي ته آخرڪار سيڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو ۽ مون کي ائين ٿي لڳو ته ان قسم جي همٽ جي حوالي سان، "ڊاڪٽر ايم جي واتان چوڻ واري چوند ۾ ڪا خرابي ڪا نه هئي. پر خواب جي طرف، مان ٿورو مٽائهون رويو پئي رکيو. جيڪو پاڻ وضاحت طلب معاملو هو. پر اهو همٽ ٻڌي چوڻ وارو معاملو ايترو خراب چو پئي لڳو؟

"خوني پيچش جي بيماري" ڪا پراڻهين، ڇڏي، غير عملي ۽ گماني شيءَ پئي نظر آئي. ان ڏکوئيندڙ روڳ جي مواد کي آنبن مان ڪيڙن ذريعي ئي ان مان چوٽڪارو حاصل ڪري سگهجي ٿو ڪٽي ائين ته نه هو ته مان ڊاڪٽر ايم جي علاج جي سلسلي ۾ ناميد ڪندڙ ۽ الائي ته ڪٽان آندل وضاحتن سبب، سندس زرخيز ذهن تي چٽر ڪري رهيو هوس؟ خوني پيچش جي روڳ جي باري ۾ ڪا ٻي ڳالهه به منهنجي ذهن ۾ اچي ٿي:

"چند مهينا اڳ مان هڪ نوجوان جي بيماريءَ تي ڪم ڪري رهيو هوس، جيڪو جلاب رستي ڪاکوس ڪيڙ جي عمل (Defaecating) سان لاڳاپيل انتهائي شديد تڪليف ۾ مبتلا هو. جنهن جو دوا درمل ڪنهن ٻئي معالج پئي ڪيو. "هو اڻ

پوري خوراڪ (Malnutrition) ۽ رت جي گھٽتائيءَ جي ڪري منهن ۾ ظاهر ٿيل ڦڪاڻ (Anaema) جو به شڪار هو" جنهن کي مون "رحم جي روگ" (Hysteria) جي صورت ۾ شناخت ڪيو پر مون غير ارادي طور تي سندس علاج، نفسياتي طريقي سان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هن کي سامونڊي سفر تي اماڻي چڏيو. چند ڏينهن پهرين مون کي هن جو نراسائيءَ مان لکيل خط مليو جيڪو هن مصر مان موڪليو هو. لکيائين ته هتي مٽس تازو حملو ٿيو هو ۽ ڊاڪٽر پڏرو ڪيو آهي ته اها "خوني پيچش جي بيماري" آهي. مان شڪجي ويس ته هن جي تپاس ۾ سندس علاج ڪندڙ کان ڪا غلطي ٿي وئي آهي، جنهن ڪيس رحم جي روگ بجاءِ ان مرض ۾ مبتلا ڏيکاريو آهي. پر مان سندس ڪا به مدد نه ڪري سگهيس. نه ئي ڪيس کي ڏڪو ڏهمان ڪري سگهيس. ۽ ڪيس پنهنجي ان حال تي چڏي ڏنم جنهن ۾ هو "آندي جي روگ" جي چند وڌين عضوياتي تڪليفن جي ڏميواري ڪٽڻ ۾ ملوث ٿئي ها. ساڳيءَ ريت (جرمنيءَ زبان ۾) خوني پيچش جو آواز خناق جهڙو نه نڪرندو آهي. بيماريءَ بابت اڳڪٿيءَ جو ڪو اکر..... بهرحال خواب ۾ ظاهر نه ٿيو."

جي ها!

مان پنهنجي متعلق سوچيان ٿو ته ڊاڪٽر ايمر کي آٽت ڏيڻ لاءِ مرض جي سلسلي ۾ پيشنگوئي ڪندي ڪا ورونهن ئي ڪري رهيو هوس ته "رحم جو روگ اوچتو ظاهر ٿيندو وغيره.": ان سلسلي ۾ ڪجهه سال اڳ، هو مون وٽ موڪي آيو هو ۽ ڪنهن ٻئي ڊاڪٽر جي هڪ وٽندڙ ۽ بلڪل ساڳئي ئي قسم جي ڪهاڻي اچي ٻڌائي هئائين. ان مريضا جي جيڪا سخت بيمار هئي، ان جي طبي مشوري لاءِ ڊاڪٽر ايمر کي به سڏايو ويو هو. ان مريضا جي پيشاب ۾ اڇا جزا (Albumen) ڏسي، پنهنجي هم پيشي ساٿيءَ جي ڪيل نتيجي سان اخلاقي طور سهمت ٿيندي، هن نهايت خوش خيال پيش ڪيو. ان حوالي سان خواب ۾ سندس همٿ ڏيارينڊڙ جملو به اهو ئي هو ته "ڪا ڳالهه ناهي" هن چيو: اڇا جزا جلدي ختم ٿي ويندا." مان وڌيڪ ڪنهن شڪ ۾ مبتلا نه ٿو ٿي سگهان. جڏهن ته خواب جو هي حصو ان معالج تي چٽر وارو اظهار هو جنهن رحم جي روگ کي درگذر ڪيو ۽ جڏهن ته اهو بلڪل يقيني هو. ان وقت هڪ ٻيو خيال منهنجي دماغ ۾ آيو ته "ڇا ڊاڪٽر ايمر "ارما" جي ساهيڙيءَ جي مرض جي علامتن کي قبول ڪيو هو جيڪي "سلهه" جي ڊپ جا بنياد فراهم ڪري رهيا هئا. جڏهن ته ساڳئي وقت ان ۾ رحم جي روگ جا به بنياد شامل هئا. ڇا هن، ان جي، رحم جي روگ طور نشاندهي ڪئي هئي؟ يا ڳالهه جو رخ بدلائي چڏيو هو؟

پر پنهنجي دوست جو اهڙي خراب طريقي سان علاج ڪرڻ جو منهنجو ڪهڙو مقصد هو؟

ته ان کي سمجهڻ بلڪل آسان آهي.

ڊاڪٽر ايمر اصل ۾ "ارما" جيان، منهنجي "حل" سان ٽورو گهڻو متفق هو. انڪري هن خواب ۾ انهن ٻن مريضن جي سا لمي ۾ مان اڳي ئي پاڻ کان انتقام وٺي چڪو هوس. "ارما" جي سلسلي ۾ ان جملي ذريعي ته: "جيڪڏهن تون ايجان به سور ، ڏيندين ته ان ۾ يقينن تنهنجو ئي ڏوهه آهي." ۽ ڊاڪٽر ايمر جي انهن واهيات قسم جي همٿ افزائي ڪندڙ لفظن جي ذريعي، جيڪي مون هن جي واتان چورايا. "اسان ان زخم جي اصل بنياد کان باقائدي واقف پڻ آهيون." خواب ۾ ان قسم جي سڏيءَ ريت معلومات واقعي حيرت ۾ وجهندڙ هئي. ٽورو وقت اڳ به اسان کي ان ڳالهه جي خبر ڪا به هئي. زخم جي ڳالهه به رڳو "ليوپولڊ" جي ذريعي پڏري ٿي هئي.

"جڏهن هن پاڻ کي ناچاق سمجهيو ته منهنجي دوست "اوٽو" سرنج پري ڪيس لڳائي."

اصل ۾ اوٽو ٻڌايو هو ته ارما جي خاندان سان ٽورا ڏينهن گڏ رهڻ دوران، جڏهن اوچتو ڪنهن جي طبيعت خراب ٿي پئي هئي ته ڪيس، سئي هڻڻ لاءِ پر واري هوٽل مان سڏايو ويو هو. سئيءَ واري ڳالهه تي مون کي هڪ بد نصيب دوست جي ڳالهه به ياد اچي وئي جنهن، ناريل جي ست مان ٺهيل، بيهوش ڪندڙ دوا (Cocaine) ذريعي آپگهات ڪيو هو. مون ڪيس دوا به پيئڻ لاءِ ئي ڏني هئي، جڏهن ته اها، آفيم جي ست سان ملايل دوا (Morphia) جي بند ڪرڻ کان پوءِ استعمال ڪرڻي هئي. پر هن ناريل جي ست مان تيار ڪيل بيهوشيءَ جي داوسان پريل سيون پاڻ کي لڳائي چڏيون هيون.

"پيٽروليم ۾ موجود گئس، (هائيڊرو ڪاربان جيڪا گھريلو ٻارڻ واري (Propyl) جي تيار ڪيل سرنج پري لڳائي يا شايد اها تيزاب، ڪلورو فارم يا الڪوحل ۾ شامل ٿيندڙ عطر (Propionic Acid) جي سرنج هئي." اها ڳالھ مان ڪيئن ٿي سوچي سگھيس؟ گذريل ڏينھن جي شام جو "ارما" جي معاملي جي واقعاتي حقيقت لکي پوري ڪرڻ کان ۽ خواب ڏسڻ کان اڳ ۾ منھنجي زال، اسان جي دوست "اوٽو" پاران مليل تحفي واري شراب جي بوتل کولي هئي، بوتل کولڻ وقت منھنجي زال ھڪڙو آواز ڪيو: "ايناناس."[1]

اوٽوءَ جي اها عادت هئي تہ اھڙن موقعن تي ڪوبہ ڪو تحفو ضرور آڻيندو ھو. مون پنھنجي منھن سوچيو ڇاکاڻ تہ مون کي اميد هئي تہ ھڪ نہ ھڪ ڏينھن ڪيس اھڙي زال ضرور ملندي جا سندس ان عادت کان ڪيس پاسو ڪرائي ونڊندي[2] انھيءَ شراب جي بوءِ ڪنھن ہرندڙ تيل جھڙي تيز هئي، جنھن کي ھٽ لائڻ کان بہ مون انڪار ڪيو ھو منھنجي زال اسان جي ڏنل بوتل لاءِ مشورو ورتو تہ: "ڇا اها ڪم وارن نوڪرن کي ڏني ڇڏي" ۽ مان.... خلق جي خدمت جي جذبي کي شامل ڪندي نهايت تڏائيءَ سان سندس مشوري تي حامي پرڻ جي باوجود ڇيو تہ انھن ويچارن کي زهر ڏيڻ جي ڪھڙي ضرورت آهي. اها ہرندڙ تيل جھڙي (هر ترڪيبي ترميمي صورتن ۾ موجود، هائيڊروجن ۽ ڪاربان جي جزن (Amyl)، جن جا مرڪب الڪوحل، تيل ۾ ملندا آهن) بوءِ هئي. مون کي ان سلسلي جي سموري چوريندڙ يا اپارينڊ مواد جي چٽائي ذهن ۾ اچي وئي، تہ اھو پيٽروليم ۾ موجود گئس، (هائيڊرو ڪاربان جيڪا گھريلو ٻارڻ واري Propyl) ۽ دوائن ۾ ڪم ايندڙ ڦودني جي شفاف عرق (Menthol) ۾ ملندڙ هائيڊرو ڪاربان جو اصل (Methyl) وغيرھ ھو ۽ اھو ھو خواب ۾: "پيٽروليم ۾ موجود گئس، (گھريلو ٻارڻ واري هائيڊرو ڪاربان Propyl) جي تياريءَ جو" دليل. اھو سچ آهي تہ مان ان عملي ڪم ۾ ڪو متبادل ڪڍي رهيو هوس. جنھن ڪري دوائن ۾ ڪم ايندڙ ڦودني جي شفاف عرق (Methyl) جي بوءَ جي اچڻ کانپوءِ، هائيڊرو ڪاربان متعلق خواب ڏسي رهيو هوس. پر ان قسم جا متبادل گھٽو ڪري عضوياتي عنصرن جي ترڪيبي مرڪبن جي امتزاج (Organic Chemistry) ۾ جائز هوندا آهن.

"چند وصفن ۾ طبع يا عضوياتي بنيادن سان ملندڙ نائٽرجن ۽ هائيڊروجن جو مرڪب (Trimethylamin)." مون خواب ۾ ڪيميائي عمل مان حاصل ٿيندڙ مادي مان تت ڪڍڻ جي ترڪيب ڏني، جيڪا منھنجي پنھنجي ورتل ڪوشش بابت ياداشت جي شاهد هئي، ۽ اها ترڪيب ڪافي وڏن اکرن ۾ شايع ٿيل هئي. ڇاکاڻ تہ منھنجي خواهش هئي تہ ان تحرير جي ڪجھ حصن جي جيڪا اهميت آهي، ان جو قدر بہ ايتروئي ٿئي. اھو ڇا ھو جو منھنجو ڏيان طبع يا عضوياتي بنيادن سان ملندڙ نائٽرجن ۽ هائيڊروجن جي مرڪب (Trimethylamin) طرف ڪجي ويو ھو؟ اھو اصل ۾ ھڪ ٻئي دوست سان ڪيل بحث ھو جيڪو ڪيترن سالن تائين، منھنجي سمورين تحريرن سان وابستا رهيو ھو. سندن ڪنھن منصوبي کي مڪمل ڪرڻ واري عرصي دوران مان سائڪس گڏ ھوندو ھوس.[3] ان وقت ھو جنسي عمل جي ڏريعي ترڪيبي مرڪباتي امتزاج جي تحقيق (Chemistry of Sexual Process) جي موضوع تي ڪي اعتبار جوگا نڪتا منھنجي حوالي ڪندو ھو ۽ جن مشاهدن ۽ تجربن تي سندس اعتقاد ھوندو ھو تہ انھن بين شين جي معلومات بہ ڏيندو ھو. خاص طور سندس چوڻ ھو تہ: جنسي عمل، زنده گھرڻن جي تحليل يا تبديل ٿيڻ (Sexual Metabolism) جي پيداواري صلاحيت آهي، جنھن جي ڏريعي خواراڪ، حياتين ۽

---

[1] مان هتي اھو ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجھان تہ ان لفظ جو آواز "ارما" جي خانداني نالي سان حيرتناڪ حد تائين ملندڙ ھو.

[2] (هي حاشيو شامل تہ 1909 ۾ ڪيو ويو ھو پر 1925 کان هن کي خارج ڪيو ويو ھو) هن ڏس ۾ خواب ڪنھن پيغمبراڻي انداز تي اختتام پذير نہ ٿيو ھو پر ھڪ ٻئي حوالي سان اھو پچائيءَ تي پھتو ھو. منھنجي مريضن جي لاءِ "اڻ حل ٿيل" معدي ۽ آنبن جي سوڄ واري سور (Gastric Pains) لاءِ مان سدائين ڳلتيءَ ۾ رهندو ھوس پر "پتي جي پٿرين" (Gall_Stones) جي شديد بدنظميءَ جي نتيجي کان اڳواٽ خبردار ڪرڻ سبب، مون تي ڪو الزام نہ آيو ھو.

[3] اھو برلن جو ماهر حياتيات، ويلھيلم فليس" (Wilhelm Fliess) ھو جيڪو نڪ ۽ ڳلي جي بيمارين جي علاج ۾ بہ ماهر ھو هن ڪتاب جي شايع ٿيڻ تائين فرائيڊ تي سندس تمام وڏو اثر رهيو ھو فرائيڊ پنھنجي ڪتاب ۾ سندس تمام گھڻو ذڪر ڪيو آهي.

بيڪار مادي ۾ تبديل ٿيندي آهي، اهڙي عمل ۾ خوراڪ جو حياتين وارو حصو جسم جي ضروري گهرج پوري ڪري ٿو باقي بيو مواد ڦوڳ ۾ بيڪار پاڻيٺ جي صورت ۾ خارج ٿئي ٿو ۽ اهو ئي طبع يا عضوياتي بنيادن سان ملندڙ نائٽرجن ۽ هائيڊروجن جو مرڪب (Trimethylamin) آهي. اهڙيءَ ريت ان جي لازمي ۽ حقيقي حصي مون کي جنسي صلاحيتن کي سمجهڻ ڏانهن راغب ڪري ورتو. اهو ئي سبب هو جو مون "تنتي بکيڙي" (Nervous Disorders) جي بنيادي عنصرن کي تمام وڏي اهميت ڏني، ۽ اهو منهنجو مقصد هو ته مان ان جي بچاءَ لاءِ ڪي اپاءَ ضرور دريافت ڪريان. منهنجي مريضا "ارما" هڪ نوجوان بيوهه هئي، جيڪڏهن مان سندس علاج جي سلسلي ۾ ناڪام ٿيڻ لاءِ ڪو عذر پيش ڪرڻ چاهيان ها ته بہ سندس بيوهه هجڻ واري حقيقت سبب مان ڪيس ڪهڙي طريقي سان درخواست ڪريان ها. جيڪا سندس دوست منجهس خوشيءَ واري تبديلي ڏسي سگهن ها. ۽ مون دل ۾ سوچيو ته اهو ڪيڏو نہ عجيب هو جو ان قسم جي "خواب" ٻنهي ڄالهين کي گڏ ڪري ورتو. چاڪاڻ ته خواب واري "ارما" جيان، جيڪا بہ مريضا هئي، اها بہ بيوهه هئي.

مان نتيجو ڪڍڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو ته آخر طبع يا عضوياتي بنيادن سان ملندڙ نائٽرجن ۽ هائيڊروجن جي مرڪب جي ترڪيب ئي ڇو خواب ۾ ايتري واضع هئي. ڪيترائي اهم موضوع ان هڪڙي لفظ تي اچي ڇوڙ ڪن ٿا. طبع يا عضوياتي بنيادن سان ملندڙ نائٽرجن ۽ هائيڊروجن جو مرڪب هڪ تصور آهي، جنس کي بيحد طاقتور عنصر نہ آهي، پر جڏهن بہ مان پنهنجي راءِ ۾ ويڳاڻپ محسوس ڪندو آهيان ته ان شخص کي بہ جنهن جي هم آهنگيءَ کي مان نهايت اطمينان سان ياد ڪندو آهيان، يقين. جنهن دوست منهنجي زندگيءَ ۾ تمام وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي، اهو بيهر منهنجي خيالن جي سفر ۾ ڪنهن بہ صورت ۾ ۽ ڪنهن بہ وقت ياد اچي سگهي ٿو. جي ها! چاڪاڻ ته هونڪ ۽ ساٽس وابستا خال ۽ سوراخن جي مرضن ۽ انهن جي نتيجن بابت خاص علمي ڄاڻ رکندو آهي، هن نڪ جي هڏين ۽ زنانن جنسي عضون جي وچ ۾ ڳانڍاپي متعلق تجربي، مشاهدي ۽ مطالعي مان حاصل ڪيل ڄاڻ تي وڏو اثر ڇڏيو آهي. (ارما جي نڙيءَ ۾ تي وروڪڙ ميرانجهڙا ڇوڙا). مون کي ارما جي چڪاس ڪرڻي هئي ته ڪيس معدي ۽ آنڊن جي سوڄ وارن سورن (Gastric Pains) جو اصل ڪارڻ ڪ جي ڪري ته نہ آهي! پر هوءَ نڪ جي سوڄ يا سوزش سبب پونءَ حي وهڻ/ ڪرڻ جي تڪليف ۾ مبتلا هئي. جنهن مون کي ڳڻتيءَ ۾ وجهي ڇڏيو هو ۽ ان ۾ شڪ نہ آهي ته رت ۾ جيوڙن جي گهڙي اچڻ جو رڳو خيال هو جيڪو خواب ۾ مرض جي تبديليءَ جي صورت ۾ ائين ئي منهنجي دماغ ۾ اچي ويو هو.[1]

"ان قسم جون سيون (Injections) ٻي خياليءَ يا لاپرواهيءَ سان تيار ڪيل نہ هيون." هتي ان لاپرواهيءَ جو الزام سڌو سنئون منهنجي دوست "اوٽو" جي خلاف پئي ثابت ٿيو. مان ان جي باري ۾ ڪجهه ياد ڪندي سوچ ۾ پئجي ويس ته ان ڏينهن شام جو سندس ڪهڙا لفظ هئا، جن جي اظهار منجهان، مخالفت جو گمان ظاهر ٿي سگهيو ٿي. اهو گمان ڪجهه هن ريت بہ ٿي سگهيو پئي ته: ڪهڙي آسانيءَ سان سندس خيال اثرانداز ٿيا هئا! هو ڪهڙيءَ ريت ان بي ڌيانيءَ جي نتيجن تي پهتو هوا ان ڪانسواءِ خواب واري ان جملي تي مون کي هڪ ٻئي گذاري ويل دوست جي ياد اچي وئي، جيڪو نهايت اُبهرائيءَ وچان، ناريل جي ست مان ٺهيل، بيهوش ڪندڙ دوا جون سيون لڳائيندو هو. جڏهن ته مون کيس ائين ڪرڻ کان جهليو هو. مان ڪڏهن بہ سئي ذريعي ان دوا کي استعمال ڪرڻ متعلق سوچيو بہ نہ هو. مون اهو بہ ڏٺو ته "اوٽو" جي ڪيميائي جوهر کي لاپرواهيءَ وچان استعمال ڪرڻ تي مون کي بدنصيب "ميٿلڊي" جي ڏکوئيندڙ ڪهاڻي هڪ پيرو بيهر ياد ڏياري ڇڏي، جنهن وٽ بہ منهنجي خلاف ساڳئي الزام جو بنياد هو. هتي مان چٽي ريت پنهنجي اصول پسنديءَ جي واقعن کي ياد ڪرڻ لڳس، پر اهي بہ نهايت محدود هئا.

"۽ گهٽو ڪري اها سرنج صاف نہ هئي." اهو بيو الزام بہ "اوٽو" جي خلاف هو پر اهو ڪنهن ٻئي ذريعي سان آيو هو. هڪ ڏينهن اڳ، منهنجو بياسي ، سالن جي ، يوڙهي عورت جي ان پٽ سان ملڻ ٿيو هو. جنهن کي مان ڏينهن ۾ بہ

---

[1] (هن خواب جي حصي جو وڌيڪ تفصيلي تجزيو باب ڇهين: "خواب جو عمل" جي حصي پهرين: "اختصار يا گهٽائڻ جو عمل" ۾ ڏسندا.)

پيرا نشي جي سڻي هڏندو هوس.[1] اتفاق سان هوءَ شهر ۾ هئي ۽ چوٽ لڳي ته هوءَ ڪنهن رڳ جي اندرين تهه ۾ سوزش (Phlebitis) ٿي پئي آهي. مون کي اچانڪ خيال آيو ته يقيناً اها ڪنهن اڻ ڏوتل ۽ گندي سرنج جي ڪري ٿي هوندي. مان ان حقيقت سبب فخر ڪريان ٿو ته هن سالن ۾ ڪا به اڻ ڏوتل سرنج استعمال ڪا نه ڪئي هئي: سرنج جي صاف هجڻ جي پڪ ڪرڻ لاءِ مان اها تڪليف ضرور ۽ سدائين ڪندو هوس. مختصر ته مان اصول پسند رهيو آهيان. رڳ جي اندرين تهه ۾ سوزش واري ياد مون کي هڪ پيرو ٻيهر زال ڏانهن گهلي وئي. جيڪا هڪڙي پيري ڪورهارپ دوران ڪنهن شريان ۾ رت جي جمي ويڃ (Thrombosis) جي تڪليف ۾ مبتلا ٿي وئي هئي: سو هاڻي منهنجي زال، "ارما" ۽ منهنجي فوت ٿي ويل ڏيءَ "ميٽلڊي جي سلسلي ۾ ٿي ساڳيون صورتون منهنجي يادن ۾ شامل ٿي ويون. انهن حالتن جي چٽائي، مون کي ان ڳالهه جي اهل بڻايو جو اهي ٽئي صورتون پاڻ ۾ رلمل ٿي، نعم البدل بڻجي خواب ۾ ان ريت نظر آيون.

هاڻي مون ان خواب جي تجزيي کي مڪمل ڪيو آهي.[2]

سمورن خيالن کي ڪاميابيءَ سان پيش ڪرڻ سبب جيڪڏهن ڪا تڪليف ٿي آهي، ته اها خواب جي مواد ۽ انهن جي پويان لڪل خيالن جي وچ ۾ اها مشابهت آهي جيڪو خود خفو ڏيارينڊ عمل آهي ۽ ساڳئي وقت خواب جي "معنيٰ" ڪرڻ وارو معاملو. مون ۾ برداشت جو مادو پيدا ڪيو آهي، مان پنهنجي ان ارادي کان به پلي پيت واقف آهيان. جيڪو خوابن جي ذريعي اثر انداز ٿيندو ۽ خوابن جي باري اها ئي منهنجي نيت آهي. خواب ڪن خواهشن جو پورائو به ڪندو آهي، جيڪي گذريل شام واري واقعي ڪانپوءِ مون ۾ به پيدا ٿيڻ شروع ٿيون آهن. (اوتو طرفان ڏنل خبر ۽ منهنجو "معاملي جي واقعاتي حقيقت" کي لکڻ) خواب جو نتيجو اهو ٿو ٻڌائي ته: "ارما" جي شديد تڪليف جو ذميدار مان نه هوس، پر اهو "اوٽو" هو حقيقت ۾ "اوٽو" مون کي "ارما" جي باقائدي علاج بابت جملو چئي، چيڙائي ڇڏيو هو ۽ خواب! سندس بيعزتي ڪندي مون کي ان کان انتقام وٺي ڏنو هو. خواب مون کي "ارما" جي تڪليف جي الزام يا ذميواريءَ کان آجو ڪيو هو، اهو ڏيکاري ته اهي ڪي بيا سبب هئا، جن ان قسم جي سموري سلسلي کي پيش ڪيو هو. خواب انهن خاص لاڳاپن جي صورتحال جي نمائندگي ڪري رهيو هو، جن جي مان خواهش ڪري رهيو هوس. اهڙيءَ ريت هن خواب جو ستاءِ انهيءَ خواهش جو ئي پورائو ڪري رهيو هو ۽ ان جي نيت رڳو "خواهش" هئي.

اهڙيءَ ريت اهو اڪين جو گهڻي شوق ۽ بيچينيءَ سان قبول ڪرڻ وارو معاملو آهي، پر خواب جي گهڻي تفصيل، خواهش جي پورائي جي حوالي سان، ايجان به مون لاءِ چٽي ۽ ظاهر ظهور آهي. مان نه رڳو "اوٽو" کان، منهنجي خلاف ڳالهائڻ ۽ طبي علاج ۾ ابهرائي (سڻي لڳائڻ) سبب، پنهنجي سر انتقام پئي ورتو. پر مان پاڻ به هن کان سندس بدبودار شراب ڏيڻ تي انتقام پئي ورتو جنهن ۾ سڙيل تيل جي بوءِ هئي. ۽ خواب ۾ مون هن قسمن جي بيعزتين کي يڪجا ٽيل، هڪڙي تاثر ۾ ڏنو: جيڪو پيٽروليم ۾ موجود گئس (هائيڊروڪاربان جيڪا گهريلو ٻارڻ واري Propyl) واري سئيءَ جي تيار ڪرڻ جو هو. ان مون کي مطمئن نه ڪيو ۽ مان هن سان سندس اعتبار جوگي مقابلي باز جي پيٽ ۾ انتقامي ڪاروائيءَ ۾ ٽورو وڌيڪ ئي ڪيڏ پڄجي ويس. مان اهو چوندي نظر پئي آيس: مان "هن" کي توکان وڌيڪ ٽوچاهيان." پر رڳو "اوٽو" ئي اهو شخص نه هو جيڪو منهنجي ڪاوڙ کان ڍنل هو. مان اهو انتقام، مون پنهنجي نافرمان مريضا جي بدلي ۾ سياڻي ۽ گهٽ متي ڦريل واري مٽ ست ذريعي به پئي ورتو. نه ئي مان ڊاڪٽر ايمر کي سندس تضادن جي نتيجن جي اجازت پئي ڏني، پر اظهار نهايت واضع صورت ۾ پئي ڪيو ته هو ان موضوع تي بلڪل ڪورو جٽ

---

[1] ان عرصي ۾ ان پوڙهي عورت جو ذڪر فرائيڊ جي لکڻين ۾ بار بار آيل آهي ۽ "روزمره زندگيءَ جي ذهني بيمارين جو تجرباتي علاج" (9 باب ائون حصو ٻيو ۽ ستون ۽ باب ٻارهون صفحو 5، 218، 232 ۽ 319.

[2] هي حاشيو 1909ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي: ان لحاظ کان سمجهڻ گهرجي ته تجزيي جي عمل دوران جيڪا ڳالهه مون تي ظاهر ٿي آهي ان هر هڪ شيءَ کي بيان نه ڪيو آهي

آهي. (خوني پيچش اوچتو ظاهر ٿي آهي.) سچ پچ ته مان ڪنهن وڏي جاڙ حاصل ڪرڻ لاءِ هن جي ياران ڪنهن ٻئي کي درخواست ڪندي ٻڌي نظر آيم (ان دوست کي. جنهن مون کي چند وصفن ۾ طبع يا عضوياتي بنيادن سان ملندڙ نائٽرجن ۽ هائيڊروجن جو مرڪب (Trimethylamin) ٻڌايو هو.) ائين جيئن مان "ارما" کان سندس ساهيڙيءَ طرف ۽ "اوٿو" کان "ليوپولڊ" جي پاسي رخ ڦيرايو. "انهن ماڻهن کي مون کان پري ڪريو ۽ ان جي بجاءِ مون کي ٽي ٻيون چوندبون ڪرڻ ڏيو ان کانپوءِ ئي مان انهن اجاين دڙڪن دهمانن ۽ بيعزتين کان آزاد ٿيندس!" بي بنياد قسم جا دڙڪا. نهايت سهڻي ۽ تفصيلي سٽاءَ ڏريعي. مون لاءِ خواب ۾ ثابت ٿي چڪا هئا. مان "ارما" جي تڪليفن جو الزام پاڻ تي ڏرڻ نه ٻڌي چاهيو. جڏهن ته هوءَ علاج کان انڪار جي صورت ۾ پاڻ ئي پنهنجي سورن تڪليفن جي ذميوار هئي. ظاهر هو ته "ارما" جي تڪليف سان منهنجو تيستائين واسطو به نه هو جيستائين اهي "عضوياتي انداز جا يا نفسياتي طور علاج" ڪرڻ جهڙا نه هئا. "ارما" جي سورن متعلق. سندس ٻيوه هجڻ (طبع يا عضوياتي بنيادن سان ملندڙ نائٽرجن ۽ هائيڊروجن جي مرڪب) ئي اطمينان ڏيندڙ ڪارڻ هو. جنهن کي گهٽائڻ يا ان ۾ ڦير گهير ڪرڻ سان منهنجو ڪو به واسطو نه هو. "ارما" جي سورن جو سبب "اوٿو" جي لاپرواهيءَ وچان هڪ اڻ سهائيندڙ دوا واري لڳايل سئي هئي. جيڪا مان ڪڏهن به نه ٽي ڪري سگهيس. "ارما" جون تڪليفون. رڳ جي اندرين تهه ۾ سوزش واري منهنجي پراٽي مريضا جيان. سرنج جي خراب هئڻ جي ڪري به هيون. جڏهن ته مان ڪڏهن به سئيءَ جي ڪري ڪنهن کي نقصان نه رسايو هو. مون هميشه ان ڳالهه تي ڌيان ٻئي ڏنو آهي. اهو بلڪل سچ هو ته "ارما" مون کي ڏوهه کان آجو ڪرڻ لاءِ راضي هئي. سندس سورن جون وضاحتون هڪ ٻئي سان بلڪل به نهڪندڙ نه هيون. ۽ سچ پچ ته اهي امتيازي طور تي ياڳي پائيوار هيون. خواب لاءِ پنهنجي بجاءَ ۾ اهو ئي مڪمل دليل هو. ٻيو ڪجهه به نه هو. سواءِ ان شخص جي بجاءَ لاءِ مضبوط يادگيري ڏيارڻ جي. جنهن تي هڪ پاڙيسريءَ جو الزام عائد ٿيو هو. جنهن چانهن لاءِ اڌاري ورتل ڪيتليءَ کي ڀڳل صورت ۾ واپس ڪيو هو. جوابدار اڳ ۾ ئي پنهنجي بجاءَ ۾ چيو هو ته هن ڪيس ثابت ڪيتلي موٽائي ڏني هئي. ٻيو ته ڪيتليءَ ۾ ان وقت ئي ٽنگ ٽيل هو جڏهن هن ڪانئس اڌاري گهري هئي. ۽ ٽيون ته هن پنهنجي پاڙيسريءَ کان ڪڏهن ڪيتلي اڌاري ورتي ئي ڪانه هئي. ۽ چڳائي به ان ۾ ئي هئي. جيڪڏهن ڪو به شخص پنهنجي بجاءَ ۾. انهن ٽن سٽن مان ڪنهن به هڪ کي جائز سمجهي قبول ڪري ته ماڻهو الزام کان آجو ٿي ويندو.

ڪجهه ٻين موضوعن به خوابن ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو هو جن جو تعلق شايد "ارما" جي بيماريءَ جي حوالي سان مون کي بي ڏوهي ثابت ڪرڻ سان نه به هجي: ۾ منهنجي ڏيءَ ۽ ان ساڻئي نالي واري مريضا. بيهوش ڪندڙ دوا جي استعمال سان ٿيندڙ نقصان. مصر ڏانهن سفر ڪري ويندڙ مريض جي بيماري. منهنجو منهنجي زال جي بيماريءَ سان واسطو. منهنجي پاءُ ۽ ڊاڪٽر ايم بابت. منهنجي پنهنجي جسماني ناچاقي ۽ بي آرامي. پنهنجي غير حاضر دوست بابت منهنجي پريشاني. جيڪو نڪ واري ته جي ورم (Rhinitis) سبب پوڻ جي گڏ ٿي وڃڻ وارين انهن سمورين ڳالهين تي غور ڪيو ته اهي سيئي خيالن ۽ نشانن جي هڪ ئي مجموعي ۾ يڪجا ٿي ويا. اهي جيئن هئا. "انهن جو تعلق مون سان ۽ ٻين ماڻهن جي صحت سان هو. جنهن کي پيشيوراٽي اصول پسندي چئجي ٿو"

جڏهن "اوٿو" مون کي "ارما" جي بيماريءَ واري حالت جي خبر ڏني هئي ته مون پنهنجي ذهن ۾ اڻ چٽي ناخوشگوار تاثر کي آندو هو. خيالن جو اهو مجموعو جيڪو منهنجي خواب ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيو هو اهو مون کي ان ڳالهه جي اهل بڻائي رهيو هو ته مان عارضي طور پيدا ٿيل گڏريل واقعن تي نظر وجهندي انهن کي لفظن جو روپ ڏيان. اهو ان ريت هو جڙ چوندو هجي: "تون پنهنجون طبي ذميداريون صحيح نموني ادا نه پيو ڪرين. تون اصول پسند بلڪل به نه آهين. تون اهو ڪجهه نه ٿو

ڪرين جنهن جو تو ڏمو ڪنيو آهي." ان جي نتيجي طور خيالن جو اهو مجموعو سيڪجهه منهنجي مرضيءَ تي چڏيندي نظر ٿي آيو ته جيئن مان ثابت ڪري سگهان ته مان ڪيتري قدر وڏو اصول پسند هوس، ۽ پنهنجي مائٽن، دوستن ۽ پنهنجي مريضن جي صحت جي باري ۾... ڪيتري ويجهڙائپ سان وابستا هوس. اها ڏيان جوڳي حقيقت هئي ته اهو مواد، ڪجهه ناخوشگوار يادن سان به ڳنڊيل هو جيڪو منهنجي حمايت بجاءِ منهنجي دوست "اوٽو" جي الزام تراشيءَ جي پئپيرائي ڪندڙ هو. اهو مواد ائين هو ته جيئن ڪو "منصف مزاج" چئي سگهي. پر ان جي باوجود انهن وسيع خيالن جي مجموعي جي وچ ۾ هڪ واضح ڳانڍاپو هو جيڪي خواب ۾ موجود پر هڪدم نظر نه ايندڙ هڪ ۽ خواب جي محدود ترين موضوع، "ارما" متعلق، "معصوميت يا بيگناهيءَ جي خواهش" کي اپاريو. مان نه ٿو سمجهان ته مان خواب جي معنيٰ کي مڪمل طور تي ظاهر ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر چڏي آهي، يا ان جي تجزيي ۾ ڪو خال چڏيو آهي، مون ان تي تمام گهڻو وقت صرف ڪيو آهي، انهن مان وڌيڪ معلومات ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ انهن مان تازن پيدا ٿيندڙ مسئلن تي به بحث ڪيو آهي. مان پنهنجي سر به منجهائن، انهن نڪتن کي جاڻان ٿو جن جي ذريعي ٻين خيالن جي مجموعن تائين به رسي سگهجي ٿو، پر غور ڪرڻ جون اهي ڳالهيون جيڪي هر قسم جي خواب جي معاملي پيدا ٿين ٿيون. اهي ئي منهنجي تجزيي بابت جاکوڙڻ لاءِ پاڻ تي پابنديءَ جي عملي حد مقرر ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿيون. جيڪڏهن ڪو به شخص، تڪڙ ڪري منهنجي ان ريت مائيٽي انداز سان ڪيل ڪم جي آزمائش ڪندي نندڻ جي ضرورت محسوس ڪري ته مان ان کي صلاح ڏيندس ته مون وانگر بنا معاوضي ڪنهيل ذميداريءَ کان هڪ وک اڳتي کو تجربو ڪري ڏسي. في الحال مان هن تازي علم ۽ جاڻ جي ڪاميابيءَ تي مطمئن آهيان. جيڪڏهن اسان خوابن جي تجزيي لاءِ اهو اصول اختيار ڪنداسين، جنهن جي مون هتي نشاندهي ڪئي آهي ته اسان ڏسنداسين ته خوابن کي واقعي ڪا معنيٰ هوندي آهي، ۽ جيئن بااختيار ماڻهن جي دعويٰ آهي ته: اهي ذهن جي ان ريت تڪرن ۾ ڪيل سرگرميءَ جي اظهار کان دور هوندا آهن. جڏهن خوابن جي تجزيي جو ڪم پڇاڻيءَ تي پهتو ته اسان ڏٺو ته خواب، خواهشن جو پوائو ڪندڙ هوندو آهي.[1]

---

[1] 12 جون 1900ع ڏاري "فليس" جي خط ۾ (فرائيڊ 1950ع خط 137) فرائيڊ پنهنجي هڪ خط ۾ لکيو آهي ته هو "بيلي ويو" (Bellevue) جو اهو گهر گهمڻ ويو هو جتي هن اهو خواب ڏٺو هو "چا توهان سوچي سگهو ٿا" هن لکيو آهي ته: ساڳئي ڏينهن جي باري ۾ ان گهر تي سنگمرمر جو پٽر لڳل هو جنهن تي لکيل هو:

"هن گهر ۾ 24 جولاءِ 1895ع تي
ڊاڪٽر فرائيڊ تي "خوابن جا راز"
عيان ٿيا هئا.

ساڳئي وقت ان جي چند نڪتن جي ڪيل وضاحت به نظر آئي.

باب ٽيون:

خواب، خواهشن جو پورائو ڪندڙ هوندوآهي

A DREAM IS THE FULFILMENT OF A WISH

خوابن جي بنيادي وضاحت جي حوالي سان اسان جڏهن هڪ سوڙهي ماٽريءَ مان گذرياسين، تہ هڪدم هڪ اهڙي مثالي ميدان ۾ اچي رسيا آهيون جتي هر هڪ رستو ورهائجي الڳ ٿي ويجي ٿو ۽ انهن جي هر پاسي تي عمدي قسم جا روشن خيال ۽ ڪاميابيءَ جا امڪان نظر اچن ٿا. اسان کي هڪ لمحي لاءِ ترسٽو پوندو ۽ خوابن جي تجزيي متعلق هن طريقي سان غور ڪرڻ واسطي اسان کي پهريائين پنهنجي پيرن کي ان رخ تي موڙڻو پوندو.[1]

اسان سان بہ ڪجهہ اهڙو معاملو آهي جو اسان کي پهرين خواب جي تجزيي جي ريڙهہ پيڙهہ ۾ بحث تڪرار کي عبور ڪرڻو آهي. اسان کي، پاڻ کي ڏينهن جي چٽي روشنيءَ ۾ هن اوچتي کوجنا جي ذريعي تلاش ڪرڻو آهي. خواب، ڪن ناخوشگوار، بي قاعدي يا غير اصولي آوزن سان ڳنڍيل نہ هوندا آهن. جيڪي ڪنهن جي هٿن جي بجاءِ، ڪنهن خارجي قوت ذريعي وڃايل سازمان ايرندا آهن. اهي بي معنيٰ بہ نہ هوندا آهن. اهي بيڪار يا بيهودا بہ نہ هوندا آهن. خواب اها بہ تجويز نہ ڏيندا آهن تہ اسان جي جمع ٿيل خيالن جو هڪ حصو تڏهن ستل هوندو آهي، جڏهن بيو حصو جاڳڻ شروع ڪندو آهي، پر ان جي ابتڙ اهي، نفسياتي اظهار جو مڪمل جواز رکندڙ هوندا آهن. خواهشن جو پورائو ڪندڙ هوندا آهن. انهن جي جاڳيل ذهني عملن جي سمجهہ ۾ اينڊڙ يا ظاهر ظهور سلسلي ۾ دلچسپي هوندي آهي. اهي ذهن جي انتهائي مونجهارو پيدا ڪندڙ سرگرميءَ مان تعمير ٿيل هوندا آهن.

پر اسان ان کوجنا تي ايترو جلدي خوش ٿيڻ شروع نہ ٿا ڪريون جو اسان سوالن جي وسڪاري واري ٻوڏ ۾ لڙهي وڃون. جيڪڏهن، جيئن اسان خوابن جي تجزيي ذريعي ٻڌائي آيا آهيون تہ خواب خواهشن جو پورائون ڪرڻ جي نمائندگي ڪندا آهن تہ پوءِ اسان کي ان ڳالهہ تي بہ سوچڻو پوندو تہ آخر انهن "غير معمولي ۽ مونجهارو پيدا ڪندڙ" خوابن جو اصل/ بنياد ڪهڙو آهي، جنهن جي ذريعي اهي خواهش جي پورائي جو اظهار ڪن ٿا؟ خواب، خواب جي پيشڪش ۾ تبديل ٿيڻ کان اڳ ۾ ڪهڙن خيالن جي مٽ سٽ ڪرڻ جو ڪشالو ڪن ٿا، جن کي اسان جڏهن جاڳندا آهيون تہ ياد ڪندا آهيون؟ اها پيشڪش ڪهڙيءَ جوڙجڪ تحت وجود ۾ اچي ٿي؟ خواب ۾ پيش ٿيندڙ ان مواد جو اهو ڪهڙو ذريعو آهي، جو اهو ان ترميمي صورت ۾ نظر اچي ٿو؟ انهن نيارين خاصيتن جي ان وڏي تعداد جو ڪهڙو ذريعو آهي، جو اهي خواب جي سوچن ذريعي مشاهدو ماڻين ٿيون؟ جو انهن لاءِ ائين چئجي تہ تي سگهي ٿو تہ اصولي طور اهي ٻئي پاڻ ۾ تضاد تي متفق هجن؟ (مشابهت لاءِ اڌاري ورتل ڪيتليءَ جو مثال ڏنل آهي.) ڇا خواب اسان جي اندروني نفسياتي عملي طريقن متعلق ڪي نيون ڳالهيون ٻڌائي سگهن ٿا؟

---

[1] 16 آگسٽ 1899ع تي فليس ڏانهن لکيل فرائيڊ جا خط (1950ع خط نمبر 114) فرائيڊ هن ڪتاب جي ابتدائي باب جي وضاحت ڪندي لکيو آهي تہ: "اها سموري شيءَ هڪ تصوراتي چال جي نموني تي ترتيب ڏنل آهي پهريائين خوابن جي تعبيرن تي مهارت رکندڙن جون ڪي سڙيل ڪائيون نظر اچن ٿيون (اهي وڻ نہ ٿا ڏسي سگهن)، جتي ڪا واضع صورت نظر نہ ايندي هجي اتي گمراهہ ٿيڻ يا رستي تان هٽي وڃڻ نهايت آسان هوندو آهي اهڙيءَ صورت ۾ پنهنجي پڙهندڙن کي هڪ اونهي ڪاهيءَ مان پار پڄائڻ لاءِ رهنمائي ڪرڻي پوندي. منهنجو اهو خواب، پنهنجي بيهودي مذاق ۽ ساڃاهہ جي گهٽتائيءَ جي باوجود پنهنجي تفصيل سبب خاص نرالو ۽ مثالي آهي ۽ پوءِ هڪدم سوالن ۽ ڪاميابيءَ جي امڪانن جو هڪ وسيع ميدان کلي ٿو پوي. "پوءِ توهان ڪهڙي رستي وڃڻ پسند ڪندا؟"

چا انهن جو ستاءِ ڏينهن دوران پيش آيل معاملن متعلق درست دليل ڏئي سگهندو آهي؟

منهنجو مشورو اهو آهي ته هڪ لمحي لاءِ انهن سمورن سوالن کي هڪ پاسي تي رکي ڇڏجي ۽ اسان کي پنهنجي طريقي سان، ان هڪ خاص رستي تي اڳتي وڌڻ گهرجي.

اسان اهو ڏسي آيا آهيون ته خواب خواهشن کي پوري ڪرڻ جي نمائندگي ڪري سگهندا آهن. اسان جو پهريون واسطو ان ئي ڳالهه جي کوج لڳائڻ سان آهي ته خواب جي اها خاصيت عالمگير حيثيت رکي ٿي يا رڳو ان خواب جي مواد تائين محدود رهندي آهي، جئين ارما کي سئي لڳائڻ وارو خواب. جيڪو پهريون خواب هو جنهن جو اسان تجزيو ڪيو هو. پر جيڪڏهن اسان ان لاءِ به اها کوج لڳائڻ لاءِ تيار آهيون ته هر خواب کي پنهنجي معنيٰ ٿيندي آهي ۽ ان جي هڪ نفسياتي اهميت به هوندي آهي. ته ان جي معنائن جا امڪان به پنهنجو پاڻ آشڪار ٿيڻ لڳندا. پر هر خواب لاءِ امڪان ساڳيا نه هوندا آهن. اسان جو پهريون خواب، خواهشن جو پورائو ڪندڙ هو ۽ پيو ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن ڊپ جو پورائو ڪندڙ هجي. ۽ ٽئين جو مواد وري رڳو اولڙو ڪندڙ هجي، جڏهن ته چوٿون فقط ماضيءَ کي ٻيهر ياد ڏياريندو هجي. چا اسان ان هڪڙي خواب کانسواءِ خواهشن جو پورائو ڪندڙ ٻين خوابن کي تلاش ڪري سگهون ٿا؟

اهو ثابت ڪرڻ سولو آهي ته خواب گهٽو ڪري، خواهشن جي پورائي ڪرڻ جي صورت ۾ اصل حالت لڪائڻ کانسواءِ ئي پنهنجو اظهار ڪندا هئا، اهي ان ڪري حيران ڪندڙ هوندا هئا جو گهٽو اڳ، خوابن جي ٻوليءَ سمجهه ۾ ڪا نه ايندي هئي. مثال طور هڪڙو اهڙو خواب، جيئن مان گهٽو ڪري پسند ڪندو آهيان، تيئن به مان سرجي سگهان ٿو. جيئن تجرباتي طور تي منهنجو اهو خواب هو. جيڪڏهن مان شام جو ڪڙيون (مڇي)، زيتون يا ڪو ٻيو لوٽيانو ڪاڏو ڪائيندس ته رات جو منهنجي اڄ جي واري ڪيفيت وڌڻ لڳندي، جيڪا مون کي جاڳائي به ڇڏيندي. پر منهنجو اهو جاڳڻ، خواب ذريعي عمل ۾ ايندو. ۽ ان جو مواد/ ستاءِ گهٽو هڪ جهڙو ٿيندو آهي، جڏ ته مان ڪجهه پيئان پيو. ڏسان پيو ته هيڇ وچان ڳيتون ڏئي پاڻي سان پيو پيٽ پريان، ۽ ان جو ذائقو نهايت لذت ڏيندڙ آهي، جنهن جهڙي دنيا جي ٻي ڪا به شيءِ نه ٿي سگهي، پر جڏهن ڏاڍي اڄ هوندي آهي ته اڄ اجهائڻ وقت، اهي نهايت ٽڏا ٽڏا ڏڪ لڳندا آهن. پوءِ مان جاڳندو آهيان ۽ حقيقت ۾ اٿي پاڻي پيئندو آهيان. اهو هڪ سادو خواب اڄ جي واقعي سان وابستا آهي، جو جڏهن مان جاڳندو آهيان ته ان جي ڪارڻ کان به واقف ٿي ويندو آهيان. اوهان ڏٺو ته اڄ، "پيئڻ" جي خواهش کي اپاريو ۽ خواب مون کي ان جو پورائو ڪندي ڏيکاريو. ائين ڪرڻ، ان ذميداريءَ جي ڪردار ادا ڪرڻ برابر آهي، جيڪو متاهين درجي جي اعليٰ عمل يا ڪشف ۾ ڏاڍو آسان هوندو آهي. مان ننڍ ڪرڻ جي معاملي ۾ ڏاڍو سٺو آهيان، ۽ ڪنهن به جسماني ضرورت لاءِ جاڳڻ جو عادي نه آهيان. جيڪڏهن مان خواب ۾ ڪجهه پيئڻ جي ذريعي پنهنجي اڄ کي آڏت ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس ته مون کي ننڍ مان اٿي اڄ اجهائڻ جي ضرورت کان پوندي، پوءِ اها ڳالهه خواب جي پنهنجي آسانيءَ تي منحصر آهي. خواب، ان عمل جي جاءِ ونندو آهي، جيڪو گهٽو ڪري حياتيءَ ۾ ڪنهن ٻئي هنڌ واقع ٿيل هوندو آهي. حالانڪ پاڻيءَ جي ضرورت خواب جي ذريعي، پنهنجي دوست "اوتو" ۽ ڊاڪٽر ايم کان انتقام جي "اڄ" (احساسن جي شدت تي پاڻي وجهي ٽڏو ڪرڻ) واري ساڳئي طريقي سان اڄ اجهائڻ لاءِ، مطمئن نه ٿي ڪري ۽ سڀ نيت انهن ٻنهي صورتن ۾ موجود آهي. گهٽي وقت جي ڳالهه نه آهي جو منهنجي ان ساڳئي خواب، وري هڪ اصلاحي صورت ٻئي ظاهر ڪئي. سمهڻ کان اڳ ۾ اجايل به ٻئي محسوس ڪيم ۽ بستري جي پر واري ميز تي رکيل پاڻيءَ جو گلاس به خالي ڪري ٿي ڇڏيم. پر رات جي ڪجهه ڪلاڪن گذرڻ کان پوءِ وري مون تي اڄ جو تازو حملو ٻئي ٿيو، جنهن جو نتيجو ڏاڍو ڪ ڪندڙ ٻئي نڪتو. ظاهر هو ته پاڻي پيئڻ لاءِ مون کي بستري تان اٿي، پنهنجي زال جي پر ۾ رکيل پاڻيءَ جو گلاس کڻي پيٽڻو ٻئي پيو. ان ڪري منهنجي خواب ۾ چٽيءَ ريت نظر ٿي آيو ته منهنجي زال منهنجي پيئڻ لاءِ پيالي ۾ شراب ٻئي ڏنو. اهو مينوڙي رنگ جو پيالو هاٿوڪي وچ اٽليءَ جي پاسي جو هو، جيڪو مان اٽليءَ جي سفر تان مونٽ مهل خريد ڪري آيو هوس. پر ان ۾ پيل پاڻي ڪارو هو (چاڪاڻ ته ان ۾ رڪ پيل هئي)، ان ڪري مان جاڳي پيس. اها پڻ ڏيان ڏيڻ جي ڳالهه آهي ته خواب ۾ هر

شيءِ ڪيئن نہ آسانيءَ سان پئي مهيا ٿي. جنهن جو مطلب رڳو خواهش جو پورائو ڪرڻ هو جيڪو مڪمل طور تي خود عرضيءَ وارو هو. آرام ۽ سڪون جو موهه. بين ماڻهن سانِ حقيقي طور تي هم آهنگ نہ هوندو آهي. خود ميتوڙي رنگ جي ان پيالي جو تعارف ڪرائڻ ۾ پڪ سان هڪ ٻئي خواهش جو پورائو آهي. مون کي افسوس آهي تہ اهو پيالو گهڻو وقت منهنجي موڙيءَ ۾ شامل نہ رهيو هو ائين جيئن منهنجي زال جي ميز تي رکيل پاڻيءَ جو گلاس منهنجي پهچ کان پري هو. پيالي ۾ رک ۾ صفا چهٽي وئي هئي، جنهن منهنجي وات ۾ ڪاراڻ جو ذائقو پري ڇڏيو جيڪو ايترو تہ وڏي ويو جو مان جاڳڻ لاءِ مجبور ٿي ويس.

"ويگانت" (صفحو: 41) "اڄ وارن خوابن رونما ٿيڻ متعلق گهڻو ڄاڻيندو هو جن لاءِ لکي ٿو: "اڄ کي محسوس ڪرڻ يا حواسن جي مدد سان سمجهڻ ۾ احساس جي پيٽ ۾ وڌيڪ تزءِ سولو هوندو آهي. اها سدائين اجاري هجڻ جي خيال سبب ايرندي آهي. خواب ۾ اڄ لڳڻ ءِ اڄ اجهائڻ جو انداز بہ انيڪ قسمن جو ٿيندو آهي ءِ اهو خاص طور ياداشت جي بلڪل ۾ مان ايندو آهي. انهن معاملن ۾ ٻيا عام عنصر ڪجهه هن ريت هوندا آهن جو اڄ لڳڻ جي احساس کان هڪدم پوءِ اڄ اجهائڻ لاءِ تصوراتي تازگيءَ جو پيش ٿيندڙ ننڍڙو تاثر مايوسيءَ طرف رخ رکندو آهي." "ويگانت" بهرحال ان حقيقت کي نظرانداز ڪري ويو آهي تہ خواب جو اهو ردعمل، ان ترغيب يا تحريڪ کي ايارينڊو آهي جيڪا نهايت اعليٰ ءِ عالمگير انداز جي چگهائيءَ تي مبني هوندي آهي. ٻيا ماڻهو جيڪي اڄ جي شدت سبب، خواب ڏسڻ کانسواءِ ئي جاڳي پوندا آهن، ۾ ان متعلق مون وٽ ڪو بہ تجرباتي اعتراض موجود نہ آهي. اها رڳو اها ڳالهہ ٿي ظاهر ڪري تہ اهي مون کان وڌيڪ خراب انداز سان سمهڻ وارا ماڻهو آهن."

ان سلسلي ۾ "اشعيا" (Isaiah.xxix,8) پيٽ ڪندي چوي ٿو تہ: "اهو معاملو ائين ئي هوندو آهي، جيئن جڏهن ڪو بکايل شخص خواب ڏسندو آهي ءِ کاڏي لاءِ واجهائيندو آهي ءِ کائيندو بہ آهي ۾ جڏهن جاڳندو آهي تہ سندس روح خالي هوندو آهي، ساڳيءَ ريت جڏهن ڪو اجايل شخص خواب ڏسندو آهي تہ هو پاڻيءَ لاواجهائيندو رهندو آهي، پوءِ پاڻي پيئندو بہ آهي ۾ جڏهن جاڳندو آهي تہ وري بہ پاڻيءَ پيئڻ لاءِ هٿوراڻيون هٽندو آهي، ءِ سندس روح ۾ پاڻي پيئڻ جي خواهش تڏهن بہ موجود هوندي آهي."[1]

اهڙي قسم جي آساني پيدا ڪندڙ خواب، منهنجي جوانيءَ واري عرصي ۾ گهڻا نظر ايندا هئا. ان ريت ور ور ڪري ايندڙ خوابن جو سبب اهو هو جو مون کي ياد آهي تہ مان رات جو دير تائين ڪم ڪندو هوس. انڪري سوير جاڳڻ سدائين مشڪل لڳندو هو. ان دوران مان خواب ڏسندو هوس تہ بستري تان اٿيو آهيان ءِ غسل خاني ۾ وهنجڻ ٻيٺو آهيان. ٿوري دير کان پوءِ ان حقيقت کي قبول ڪرڻ سڄ پڄ تہ ڏاڍو مشڪل ٿي پوندو هو تہ مان ڪو اجان بستري تي ئي ستل آهيان. پر ساڳئي وقت مان ٿوري وڌيڪ ننڊ بہ ڪري ونڊندو هوس. ان قسم جو آرسيلو يا سست خواب، جيڪو خاص طور تي نهايت شاندار ءِ ريجهہ رهاڻ واري انداز ۾ اظهاريو آهي، اهڙو خواب مون کي هڪ طب جي نوجوان ساٿيءَ ٻڌايو هو جيڪو منهنجي ننڊ جي باري ۾ معاملن تي خيالن جي ڏيوٽ ڪرڻ سان لاڳاپيل هو. اسپتال جي پرسان واري سندس جاءِ جي مالڪياڻيءَ ڪيس سختيءَ سان هدايت ڪئي هئي تہ هو هر صورت ۾ صبح جو سويل سجاڳ ٿي وڃي، پر هن لاءِ سوير اٿڻ ايترو سولو نہ هو. هڪ پيري جڏهن هو ڏاڍي منڊي ننڊ ۾ ستل پئي نظر آيو تہ جاءِ جي مالڪياڻيءَ سندس دروازي تي اچي ڪيس سڏ ڪيو: "جاڳي پئ جناب پيپي، اوهان جي اسپتال وڃڻ جو وقت ٿي ويو آهي." ان سڏ جي حوالي سان هن خواب ڏٺو تہ: "هو اسپتال جي ڪمري ۾ هڪ بستري تي ليٽيل آهي، اتي بستري تي هڪ ڪارڊ رکيو هو جنهن تي لکيل هو "پيپي، ايڇ، طب جو شاگرد، عمر ٻاويهہ سال" جنهن دوران هن خواب پئي ڏٺو ان وقت هن پاڻ کي چيو: مان تہ اڳ ۾ ئي اسپتال ۾ موجود آهيان، ان ڪري مون کي اسپتال وڃڻ جي ڪا ضرورت نہ آهي." ءِ ائين هن پاسو بدلايو ءِ وري سمهي پيو. هن پنهنجي خواب جي منشا يا ڪنهن عمل واسطي اندر ۾ موجود نيت جو نهايت چٽيءَ ريت اعتراف ان طريقي سان ڪيو.

---

[1] هي حصو 1914ع ۾ شامل ڪيل آهي.

هتي هڪ ٻيو خواب پيش ڪجي ٿو جنهن ۾ ننڍ دوران جوش، اپار يا تحرڪ پنهنجو اثر هڪ پيرو ٻيهر پيدا ڪندي نظر اچي ٿو. منهنجي مريضن مان هڪ عورت مريضا، جيڪا پنهنجي ڏندن جي سور سبب آپريشن ڪرائڻ تي راضي ٿي وئي هئي، جنهن ڪري ڪيس هڪ اڻ وٽندڙ سلسلو پوڳٽو ٿي پيو جو سندس ڊاڪٽر جو ڪيس حڪم هو تہ هڪ ڏڏو اوزار پنهنجي منهن جي هڪ پاسي تي رات ڏينهن سانده لڳائي رکڻ گهرجي. پر جيئن ئي هوءِ سمهڻ لڳندي هئي تہ ان کي لاهي ڏنو ڪري ڇڏيندي هئي. هڪ پيري جڏهن هن اهو اوزار لاهي فرش تي ڏنو ڪيو تہ مون ان بابت نهايت سنجيدگيءَ سان ڪيس ڇيو هو: "هن پيري تہ مان واقعي ڪا به مدد نہ ڪري سگهندس." ان تي هن جواب ڏنو هو تہ: "ان ڪري جو مون خواب ڏٺو هو تہ: "مان هڪ سنگيت نائڪ ڏسڻ لاءِ بالڪوني ۾ ويٺي آهيان ۽ انهن جي اداڪاريءَ مان لطف اندوز ٿي رهي آهيان. محترم ڪارل ميئر وچڙندڙ بيمارين ۾ ورتل مريضن واري وارڊ ۾ موجود آهي ۽ سخت شڪايت ڪري رهيو آهي تہ سندس ڏندن ۾ سور آهي. تنهن تي مون پاڻ کي چيو تہ مون کي تہ ڪو سور نہ آهي ۽ نہ ئي مون کي ڪنهن اوزار جي ضرورت آهي. ان ڪري مون اهو اڇلائي ڇڏيو آهي." هن ويچاري مريضا جي خواب مان ان جملي جي ٻوس قسم جي نمائندگي نظر اچي ٿي. جو ڪنهن وقت، ماڻهوءَ تي اهڙي قسم جي اڻ وٽندڙ صورتحال جي دباءَ سبب زبان مان اهڙا لفظ ادا ٿي ويندا آهن: "مان بهرحال اهو ضرور چوندس تہ مان ان سهمت ٿيڻ لاءِ ان کان ڪجهہ وڌيڪ ئي سوچي سگهان ٿو." خواب ۾ تمام گهڻين قبول ڪرڻ جهڙين شين جون تصويرون ڏيندو آهي. جناب ڪارل ميئر جنهن تي خواب ڏسندڙ پنهنجا سور پئي مڙهيا، اهو پاڻ نهايت بيپرواهہ نوجوان ماڻهو هو ۽ سندس ڄاڻ سڃاڻ وارن مان هو. اهو ئي سبب هو هن کيس پنهنجي دماغ ۾ آندو هو.

"خواهشن جو پورائو" عام صحتمند ماڻهن جي گڏ ڪيل چند بين خوابن ۾ به ساڳئي آساني‌ءَ سان ڳولهي سگهجي ٿو. منهنجو هڪ دوست، جيڪو منهنجي خوابن جي نظريي کان واقف هو ۽ هن پنهنجي زال کي به ٻڌايو هو. هڪ ڏينهن مون کي چوڻ لڳو: "منهنجي زال ئي مون کي چيو آهي تہ مان توکي ٻڌايان تہ ڪالهہ هن خواب ڏٺو هو تہ هن کي ماهواري آئي آهي. تون اندازو ڪري ٻڌاءِ تہ ان جو مطلب ڪهڙو آهي؟" مون به سچ پچ اندازو ئي لڳايو. حقيقت اها هئي تہ اهو هڪ نوجوان شادي شده عورت خواب ڏٺو هو تہ ڪيس: "ماهواري آئي هئي"، جنهن جي معنيٰ تہ سندس ماهواريءَ جو موقعو رهجي ويو هو. مون کي پڪ آهي تہ مٽس ماڻ ٿيڻ واري بار پوڻ کان ٿورو اڳ هن، پنهنجي زندگيءَ جون پرمسرت گهڙيون نهايت آزادگيءَ سان پئي گذاريون هونديون، ۽ اهو سندس پهرين پيري ڏڪي ٿيڻ بابت واضح طور اعلان ڪرڻ جو طريقو هو.

منهنجي هڪ ٻئي دوست مون کي لکي موڪليو هو ۽ ٻڌايو به هو تہ ٿورو عرصو اڳ، سندس زال خواب ڏٺو هو تہ: "سندس چولي‌ءَ جي آڪي تي ڪير جو داغ لڳل ڏٺو هو." اهو پڻ ڳورهاري هجڻ جو اعلان آهي. پر اهو پهرين پيرو نہ هو جو هوءَ پيٽ سان ٿي هئي. جواب ماڻ جي خواهش هوندي آهي تہ ڪيس ٻيو بار جمي تہ ان کي پهرين کان وڌيڪ خوارڪ ڏئي سگهي.

هڪ جوان عورت تہ پنهنجي بيمار پار جي سار سنڀال جي ڪري ڪيترائي هفتا دنيا جهان کان بلڪل ڪٽجي وئي هئي، پوءِ جڏهن هار چاق ٿي ويو تہ هن خواب ۾ پاڻ کي ٻين سان گڏ هڪ تقريب ۾ موجود ڏٺو جتي سندس ملاقات الفونز ڊائوڊٽ (Alphonse Daudet)، پال بورگيٽ (Paul Bourget) ۽ مارسيل پري ووسٽ (Marcel Prevost) سان ٿي. انهن سمورن جا ساٿس خوشگوار تعلقات هئا ۽ ساٿس ريجهہ رهاڻ به ڪندا هئا. سيني جون شڪليون سواءِ "مارسيل پري ووسٽ" جي، انهن ليکڪن سان ملنديون هيون، جن جون تصويرون هن ڪڏهن به ڪو نہ ڏٺيون هيون. پر اهي لڳندا ليکڪن جهڙا هئا....

نقصانڪار جيوڙا ماريندڙ عملدار هڪ ڏينهن اڳ ۾ بيمار جي ڪمري ۾ بيماريءَ کان چوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ واس ڏئي ويو هو. اهو اهو شخص هو جيڪو گهڻو وقت اڳ وٽس ايندو هو. ان ريت خواب جو مڪمل ترجمو ڪرڻ ممڪن نظر اچي ٿو: "ان عورت جو اهو وقت، مستقل طور تي ان بيمار جي تيمارداريءَ جي پيٽ ۾ ڪجهہ وڌيڪ تفريح ڏيندڙ آهي."

اهي مثال، اهو ثابت ڪرڻ لاءِ شايد ڪافي هجن، تہ جيڪي خواب رڳو خواهشن جي پوري ڪرڻ لاءِ سمجهہ ۾ اچي سگهن ٿا. جيڪي پنهنجي معنيٰ ۾ پنهنجي اصل حالت لکائڻ کانسواءِ ئي پنهنجي سطح تي آٽي وڻندا آهن. انهن کي مختلف ۽ بار بار پيش ايندڙ حالتن ذريعي ڳولهي سگهجي ٿو. اهي بلڪل مختصر ۽ سادا سپنا هوندا آهن، جيڪي مونجهارو

پيدا ڪندڙ ۽ وڏي پيماني تي پيدا ٿيندڙ پرجوش خاصيت واري جوڙجڪ يا ترتيب جو خوشگوار تضاد برداشت ڪري سگھندا آھن. ۽ اھي ئي خوابن جي تجزيو ڪندڙ ماھرن جي ڏيان ۾ ڪشش جو مکيہ سبب ھوندا آھن. جيتوڻيڪ اھي سادا سپنا، پاڻ موکي لاءِ اسان کي ھڪ لمحي لاءِ ترسڻ تي مجبور بہ ڪندا آھن. اھڙي قسم جا سادا سپنا گھٽو ڪري اسان کي "ھارن" مان ملندا آھن. ڇاڪاڻ تہ ان ۾ ٿورو بہ شڪ نہ آھي تہ سندن نفسياتي پيداوار مادو نوجوانن جي پيٽ ۾ تمام گھٽ مونجھارو پيدا ڪندڙ ھوندو آھي. منھنجي راءِ آھي تہ ھارن جي نفسيات بابت بہ نوجوانن جي نفسيات لاءِ مقرر ڪيل ساڳي ئي خدمت جو طريقو ڪارائتو ثابت ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ ننڍين جانورن جي ارتقائي ساخت جي ڇڪاس جو طريقو بہ ساڳيو ئي آھي جيڪو وڏن جانورن جي ساخت جي تحقيق ۾ ڪم اچي ٿو. ھارن جي نفسيات جي سلسلي ۾ ھيل تائين ڪي ٿوريون ئي ڪوششون ورتيون ويون آھن.

ننڍين ھارن کي بہ بار بار خواھشن جي پورائي جا ئي خواب ايندا آھن[1]، ۽ ان معاملي ۾ نوجوانن جي خوابن سان نھايت غيردلچسپيءَ سان پيش ڪئي وئي آھي.[2]

اھي حل ڪرڻ لاءِ ڪو مسئلو بہ نہ پيدا ڪندا آھن. پر ھئي پاسي اھي، خواھشن کي پوري ڪرڻ جي نمائندگيءَ جا خواب، پنھنجي لازمي يا بنيادي فطرت کي ثابت ڪرڻ ۾ اڪثر اھميت رکندا آھن. اھڙي قسم جي خوابن جا ڪجھ مثال، مون پنھنجي ئي ھارن جي خوابن جي مواد مان گڏ ڪيا ھئا.

مان ان سير سياحت جو ٿورائتو آھيان جيڪو اسان 1896ع ڏاري "آئوسي" (Aussee)کان "ھال استاٽ" (Hallstatt) [3] جي نھايت پياري ڳوٺ ڏانھن ويا ھئاسين. جتي مون کي ھڪ خواب مليا: انھن مان ھڪڙو منھنجي ڏيءَ ڏئو تڏھن ھوءَ اٽڪل ساڍن اٺن سالن جي ھئي، ۽ ٻيو سندس سوا پنجن سالن جي پاءُ ڏئو ھو. مان ھتي اھو ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجھان تہ جيئن مون پيش لفظ ۾ ٻڌايو ھو تيئن ھتي بہ اسان اونھاري جا ڏينھن "آئوسي" جي ويجھو ھڪ پھاڙيءَ تي گذاريو. اُتي جي وٽندڙ فضا ۾ "داشتين" (Dachstein) جي حسين نظاري جو لطف وٺڻ آيا ھئاسين. دور دور کان مان ٽھيل اھي جھوپڙيون (Hutte) جتي ربين يا انعام جي عيوض ڪليسائي منصب يا عھدي جي پيشڪش (Simony) جي تقريب منعقد ڪئي ويندي ھئي، جنھن کي دوربينيءَ جي ذريعي ڏسندا ھئاسين. ھار تہ ان دوربينيءَ ذريعي بار بار ڏسڻ جي ڪوشش ڪندا ھئا. جن لاءِ چئي نہ ٿو سگھجي تہ اھي، ان جھوپڙيءَ کي ڏسڻ ۾ ڪامياب بہ ٿيندا ھئا يا نہ. پر سير لاءِ نڪرڻ کان اڳ مون ھارن کي چيو ھو تہ "ھال استاٽ"، "داشتين" جي پير تي پيئل آھي. ان ڪري اھي ان ڏينھن جو شدت سان انتظار ڪري رھيا ھئا. اسان "ھال استاٽ" کان "ايشرن تال" (Echerntal) تائين پنڌ ڪري ويا سين. جتي مختلف موھيندڙ منظر ڏسي ھارن کي ڏاڍي سرھائي پئي ٿي. انھن مان ھڪڙو جيڪو پنجن سالن جو ھار ھو سو آھستي آھستي اتاولو بہ پئي ٿيو. ھر پيري ھڪ نئون جبل سامھون ڏسڻ ۾ ٿي آيو تہ ھن سوال ٿي پڇيو تہ اھو "داشتين" ھيو ڇا؟ تہ مون انڪار ڪندي کيس ٿي چيو: "نہ اھو انھن جبلن جي ھڪ دامن/ وٽ (Foothill) آھي." ڪيترن سوالن پڇڻ کانپوءِ آخر ڪار ھو بلڪل خاموش ٿي ويو. ۽ جڏھن اسان آبشار جي پاسي وڃڻ لڳاسين تہ ھن ھلڻ کان ھڪدم انڪار ڪري ڇڏيو. مون کي محسوس ٿيو تہ ھو شايد ٽڪجي پيو آھي. پر ھئي ڏينھن صبح جو ھو اتي مون ڏي آيو ۽ خوشيءَ جو اظھار ڪندي چوڻ لڳو: "گذريل رات مون خواب ڏٺو ھو تہ اسان ان جھوپڙيءَ ڏي ويا آھيون، جتي ڪليسائي منصب جي تقريب منعقد ڪئي ويندي آھي." پوءِ مان سمجھي ويس. مان جڏھن "داشتين" متعلق پئي ڳالھايو تہ ھن کي اميد ھئي تہ اسان "ھال استاٽ" جي سير تفريح ڪندي جبل تي چڙھي، دوربينيءَ ذريعي پاڻ کي ان جھوپڙيءَ جي گھٽو ويجھو محسوس ڪنداسين، جنھن جي سلسلي ۾ دوربينيءَ ذريعي ڏسڻ جو ذڪر تمام گھٽو ٿيو ھو. پر جڏھن جبل

---

[1] ھي جملو 1911ع ۾ شامل ڪيو ويو آھي.

[2] ھي جملو بہ ساڳئي مقصد لاءِ 1911ع ۾ شامل ڪيل آھي.

[3] آسٽريا جي مٿين پاسي "سالزڪامر گوٽ" (Salzkammergut) جي ضلعي ۾.

جي دامن کي ڏڪڻ ۽ آبشار جي آواز جو ڀپ محسوس ڪيائين ته هو نا اميد ٿي، جوش وڃائي ويٺو. ان حوالي سان سندس خواب انهيءَ خواهش جي تلافي ڪندڙ هو. مان کائنس وڌيڪ تفصيل وٺڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن جا جواب ڪجهه اڻپورا هئا، هن بس رڳو ايترو چيو ته: "توهان پورا ڇهه ڪلاڪ مٿي چڙهيا هئا."

ساڍن اڻن سالن جي هڪ چوڪريءَ ۾ ساڳئي سير تفريح واري خواهش کي ايارينڊڙ جذبا، جيڪي سندس خواب ۾ اطمينان جو باعث بڻيا، اهي ڪجهه هن ريت هئا.... "هال استاد"، اڇڻ وقت اسان پاڻ سان پاڙي جي هڪ ٻارهن سالن جي ٻڌ کي ساڻ ڪنيو هو. هو اڳي ئي ٻهادر جوانڙو هو هن جي پي نشاني اها هئي ته اهو چوڪرو ڪنهن ننڍي نيٽي چوڪريءَ جي پريم جي سڳي ۾ ٻڌل هو. ٻئي ڏينهن صبح جو ان نينگريءَ مون کي پنهنجو خواب ٻڌايو ته: "سمجهان ٿي ته مان خواب ٿي ڏسان ته "ايمل" اسان جي گهراٽي جي آهي ۽ توهان کي بابا ۽ امان به چوي ٿي ۽ سمهي به اسان سان گڏ ان وڏي ڪمري ۾ ٿي، بلڪل چوڪرن وانگر. پوءِ امان اچي ٿي ۽ ايندي شرط پنهنجي هٿن ۾ جهليل چاڪليٽن جي ٿيلي، جيڪي ساون ۽ نيرن پنين ۾ ويڙهيل آهن. اسان جي بستري جي هيٺان اڇلائي ٿي." سندس ياءَ ۾ خوابن کي سمجهڻ جي ڪا چٽي يا موروثي نشاني موجود ڪا نه هئي، خواب جڏهن تعبير ڪندڙ ماهر ماڻهن کي ٻڌايو ويو ته انهن سندس خواب کي بيڪار قرار ڏئي ڇڏيو. حالانڪ چوڪريءَ پاڻ پنهنجي خواب جي هڪ حصي جو بچاءُ ۾ پئي ڪيو ۽ ان جي انهيءَ حصي تي اعصابي نظريي مطابق ڪافي چٽي روشني ٽي پئي. ٽي سگهي ٿو "ايمل" پنهنجي خاندان لاءِ بيڪار هجي پر سندس چاڪليٽن وارو حصو بيڪار نه هو." ان نڪتي تي مان پاڻ به بلڪل اونداهيءَ ۾ هوس، پر هاڻي نينگريءَ جي ماءُ مون کي ان جي وضاحت ڏئي ڇڏي. ريلوي اسٽيشن کان سندن گهر واري رستي تي، پار ان مشين (Slot_machine) وٽ، جنهن ۾ سکو وجهبو آهي ته ان مان (لاٽريءَ وانگر) ننڍيون وڏيون شيون حاصل ٿيندڙيون آهن، جنهن مان عادت مطابق، مختلف ۽ چمڪندڙ رنگ برنگي پنين ۾ ويڙهيل چاڪليٽن حاصل ڪرڻ لاءِ ترسيا هئا. سندن ارادو هو ته ان ڏينهن انهن اڳي ئي ڪيترين خواهشون پوريون ڪيون هيون، ان ڪري سندن ان هڪڙيءَ خواهش کان کين منع ڪيو ويو هو جيڪا سندس خواب ۾ پوري ٿي هئي. مان پنهنجي سر ان واقعي کي بلڪل به هٽ ڪري نه سگهان ها، پر منهنجي ڏيءَ جي ٻڌائڻ کانپوءِ خواب هڪدم چٽو ٿي ٻيو. مون پاڻ پنهنجي ڪنن سان پنهنجي مهمان جي واتان، ٻارن کي چوندي ٻڌو هو ته "اهي تيستائين ترسن، جيستائين سندن ماءُ پيءُ اچي نه پهچن." ان ننڍڙيءَ چوڪريءَ جو ايمل سان عارضي عزازت وارو خواب، هڪ مسلسل ڳانڍاپي (ماءُ ۽ پيءُ سان گڏ سمهڻ) ۾ بدلجي ويو. سندس جذبا ايجان ان قابل نه هئا جو تلافيءَ جي ڪنهن ٻيءَ صورت ۾ ظاهر ٿين ها، جيئن سندس خواب ۾ ظاهر ٿيا هئا، جيڪي سندس پائرن جي رشتي سان بڻل هئا. يقينن، جيڪڏهن هن کان کي سوال نه ڪجن ها ته "بستري جي هيٺان پيل چاڪليٽن" متعلق ڪجهه معلوم ٻه نه ٿئي ها!

منهنجي هڪ دوست مون کي پنهنجو خوب ٻڌايو جيڪو لڳيڇگ منهنجي پٽ جهڙو هو خواب ڏسڻ واري اڻن سالن جي هڪ نينگري هئي. سندس پيءُ، پنهنجي ڪيترن ٻارن سميت "ڊورنبيڪ" (Dornbach) [1] جي طرف گهمائڻ وٽي ويو هو خاص بانس مان ٺهيل جهوپڙيون (Rohrer Hutte) ڏيکارڻ جي خيال کان وٽي ويو هو. پر کين پهچڻ ۾ دير ٿي وئي هئي ۽ ڪليسائي منصب واري رسم ادا ٿي چڪي هئي. جنهن ڪري هن ٻارن کي مايوسيءَ کان بچائڻ لاءِ ساڻن پيهر اچڻ جو وعدو ڪيو هو. واپسيءَ تي گهر ايندي، هو بانس جي ان ڏنڊي (Signpost)، وٽان گذريا، جنهن تي رهنمائيءَ لاءِ لڳل تختيءَ تي مٿي "هامي آئو" (Hameau) ڏانهن ويندڙ رستي جو نشان لڳل هو. ان کي ڏسي ٻارن مٿس، مٿي هلڻ لاءِ زور ڀريو. پر وري به کين ساڳيو آسرو ڏئي، ساڻن پئي ڏينهن هلڻ جو وعدو ڪري ان خيال تان به ٽاريو ويو. پئي ڏينهن صبح جو اها اڻن سالن جي نينگري پنهنجي پيءُ وٽ آئي ۽ نهايت اطمينان سان چوڙ لڳي ته: "بابا! رات مون خواب لڏو آهي ته توهان اسان کي "رور هائيٽي" ۽ "هامي آئو" گهمائڻ وٽي وبا آهيو." هن جي پي صبريءَ سندس پيءُ جي ڏنل آسرن ۽ وعدن جو پورائو ڪري ورتو.

---

[1] ويانا جي ٻاهرين پاسي واريون پهاڙيون

هتي ساڳئي قسم جو بلڪل سڌو سنئون خواب ٿو اوهان کي ٻڌايان، جو "آئوسي" جي حسين نظارن منهنجي ٻي ڏيءَ جي من کي هرکائي وڌو هو هوءَ تڏهن سوا ٽن سالن جي به مس هئي. پهريون پيرو هو جو هوءَ ڏينڊ کي پار ڪندي گذري هئي، هن لاءِ اهو سفر تمام مختصر هو: سو جڏهن اسان ڪناري تي پهتاسين تہ هن ٻيڙي مان لهڻ نہ پئي چاهيو ۽ شدت سان روئڻ لڳي. ٻئي ڏينهن صبح جو چوٽ لڳي: "رات مان ڏينڊ تي گهمڻ وئي هيس." مون کي اميد آهي تہ سندس خواب، ڏينڊ کي پار ڪندي ٿورو وڌيڪ اطمينان ڏيارينڊڙ عرصو ورتو هوندو.

منهنجو ائن سالن وارو وڏو پٽ تہ اڳ ۾ ئي پنهنجي تصورن جي بنياد تي سچا خواب ڏسندو هو: هن خواب ڏٺو تہ مان "رٽ" (به چاڪائين گهوڙي گاڏيءَ جو قسم) تي سير ڪري رهيو هوس، جنهن جا ڪوچوان، "ايڪليز" (Achilles) ۽ "ڊوميڊي" (Diomede) هئا. انهن جي سجاڻپ ان ريت ٿي سگهي ٿي تہ هڪ ڏينهن اڳ هو ٽراءِ واري لڙائيءَ ۾ مارجي ويل، يونان جي انهن عظيم ڪردارن متعلق لکيل ڪتاب کان متاثر ٿيو هجي، جيڪو ڪيس سندس وڏي پيءُ ڏٺو هو.

جيڪڏهن مان خوابن جي عنوان سان رڳو ٻارن جا ننڍ ۾ چيل لفظ هڪ هنڌ گڏ ڪريان تہ مان ان نڪتي تي، پنهنجي گڏ ڪيل جوانيءَ سان پرپور سپنن مان هڪڙي جو حوالو ضرور ڏيندس. منهنجي ننڍي ڏيءَ، جڏهن اڃان نون مهينن جي هئي، تہ هڪ پيري صبح جو اوچتو ڪيس الٿيون اچي لٿيون، جنهن جي ڪري سارو ڏينهن ويچاريءَ بک تي گذاريو. اهو ڏينهن لنگهي جڏهن رات ٿي تہ بک سبب، اسان ڪيس ننڍ ۾ دبرندي ٻڌو: "اينا فيود، استوابي وويز وائيلا..... استوابي وويز آمبليت پوڊين!" (Anna Fweud, Stwawbewwwies wild Stwawbewwwies omblet Pudden!) . ان عمر ۾ هوءَ ڪا شيءَ گهرندي هئي يا ڪجهہ چوڻ چاهيندي هئي تہ گهٽو ڪري پنهنجو ٿي نالو ونڊندي هئي. ان حوالي سان ننڍ ۾ به هوءَ پنهنجي لاءِ مانيءَ جي خواهش ڪندي نظر پئي آئي. حقيقت اها هئي تہ سندس خواب ۾ ٻن نمونن جا ولايتي شهتوت (Strawberries) جا نظر آيا هئا، جيڪي گهريلو صحت وارن اصولن سبب سندس بگڙيل حالت جي ڪري واضح طور منع ڪيل هئا، جن جي متعلق بيشڪ اهو ئي مشاهدو ٿيو هو تہ سندس نرس سندس هيڄ ڪري شهتو تن ڪائڻ سبب پيدا ٿيل ناچاقيءَ جي ڪري ڪيس جهليو هو. بس اهڙيءَ ريت هن خواب ۾ ڏنل ان اٽوٽنڊڙ فيصلي جي خلاف ادلو بدلو (Retaliate) ڪري ورتو هو.[1]

ڏٺو ويو آهي تہ اسان ننڍپڻ جي خوشين متعلق تمام گهٽو سوچيندا آهيون، ڇاڪاڻ تہ اها عمر جنسي خواهشن جي حوالي سان نهايت معصوميت واري هوندي آهي. اسان کي اها ڳالهہ بلڪل به وسارڻ نہ گهرجي تہ نا اميدين ۽ مايوسين کان دستبردار ٿيڻ لاءِ لاپدائڪ بنياد کهڙا ٿي سگهن ٿا ۽ انهن جي نتيجي ۾ خوابن جي ترغيب جو کهڙو رخ ظاهر ٿئي ٿو ٿي سگهي ٿو تہ اهي ٻين، ٻن تمام وڏين ۽ پرپور جبلتن ذريعي مهيا ٿي سگهن. پار جي ڏهني مطالعي جو ويجهڙائيءَ کان ڪيل اپياس اسان کي گهٽو ڪجهہ سيکاري ٿو يقين ڪريو تہ جنسي جبلتي ڪارڻ، باراٿي جنسي رحجان واري صورت ۾ تمام وڏو ڪردار ادا ڪن ٿا. هڪڙو تہ پار جي جسماني سرگرميءَ جي حوالي سان، تمام گهٽو ڪجهہ نظرانداز ڪيو ويو آهي. بالڪپڻي جي خوشين جي حوالي سان ڳوڙهو اپياس پڻ اسان کي شڪ ۾ مبتلا ڪرڻ جو رستو ڏئي ٿو جيڪو نوجوانن ۾ گذريل زماني سان لاڳو ٿيندڙ واقعن ۽ تجربن جي جائزي يا ماضيءَ جي تجربي ذريعي سندن فطرت ۾ سمائجي ويل هوندو آهي.[2]

---

[1] ٿورو وقت پوءِ ساڳئي قسم جو ڪارنامو ان ننڍڙي نينگر جي ڏاڏيءَ کي خواب جي ذريعي پيش آيو، جنهن جي اڪثر عمر ستر سال ڪن هوندي، هن به گردي ۾ پس پرجي وڃڻ سبب سارو ڏينهن مانيءَ کانسواءِ گذاريو هو ساڳئي رات جو سندس تصور ڦوهہ جوانيءَ ڏانهن موٽ ڪائي ويو ۽ هن خواب پئي لڌو تہ هن ٻتايو پئي تہ ٻنهي کي اهم ۽ پيش ڪيل مانيءَ ۾، بک وڌائيندڙ ۽ تمام گهٽا سوادي ڪاڏا ڏنا ويا هئا.

[2] (حاشيو 1911 ۾ شامل ڪيل مواد متن سان گڏ ڪيل): جنسي رجحانن تي منهنجا ٿي مضمون 1905ع ۾ شايع ٿيل ڏسو. (مٿين عبارت ۾ ڏنل ست منهنجي ٻين ۽ مختلف حصن کان بلڪل ٻئي مزاج جي آهي.

ان جو ٻيو مثال هن ريت آهي: ٻاويهن مهينن جو منهنجو پاٽيو جنهن تي ڏميداري رکي وئي هئي تہ هو مون کي منهنجي جنم ڏينهن تي مبارکباد ڏئي ۽ شاهہ داٽن (Cherries) جو ٽوکرو مون کي تحفي ۾ پيش ڪري، جيڪو سال جي ان مند ۾ رڳو اهو ئي موجود هوندو آهي. هن کي اها ذميداري ڪجهہ ڏکي ۽ لڳي پئي ۽ ور ور ڪري ان جو نالو ۽ ورجائيندو پئي رهيو: "هن ۾ شاهہ داٽا (Chewwies) آهن"، پر پاڻ انهن کي هٽ ڪو نہ پئي لاتائين، اهڙيءَ ريت هن تلافي ڪندڙ معنيٰ ڳولهي ورتي. سندس عادت هئي تہ صبح جو اٺندي ماءُ کي چوندو هو تہ: "هن رات "اچن سپاهيءَ" جو خواب ڏٺو آهي." هڪ ڀيري، هن گهٽيءَ ۾ ٻيٽل پهريدار کي اڇي پوشاڪ ۾ ٻيٽل ڏسي ساراهڻ واري انداز سان ڏانهنس نهاريو هو. ٻئي ڏينهن سندس سالگره هئي ۽ ان ڏينهن هو ڏاڍو هشاش بشاش جاڳيو ۽ وٽس هڪ عجب جهڙي خبر هئي، جا هن خواب مان ئي آندي هئي تہ: "هر من سمورا شاهہ داٽا کائي ويو."

"حقيقت بهرحال بيان ۽ ڪرڻ گهرجي تہ ٻار گهٽو مونجهارو پيدا ڪندڙ ۽ گهٽ شفاف سپنا، جلد ئي ڏسڻ لڳندا آهن، ۽ اها ۽ حقيقت آهي تہ ٻئي پاسي، ڪن حالتن ۾ نوجوان ۽ گهٽو ڪري، ساڳئي قسم جا سادا ۽ ٻاراٽين خاصيتن وارا سپنا ڏسندا آهن. غير متوقع مواد جو خزانو جيڪو چئن يا پنجن سالن جي ٻارن جي خوابن ۾ ۽ ظاهر ٿي سگهي ٿو ان سلسلي ۾ منهنجي لکيل مضمون: "پنجن سالن جي ٻارن ۾ خوف واري حالت جو تجزيي (Analysis of a Phobia in a Five_Year Old boy.1909) جو "جونگ" سن 1910ع ۾ مثال ڏئي بيان ڪيو آهي.[1]

ٻارن جي سپنن جي تجزياتي تعبير. "وان هگ هيلموٿ" (Von Hg_ Hellmuth. 1911_ 1913) "پيوٽنم" (Putnam.1912) "وان رالتي" (Van Raalte. 1912) "اسپيلرن" (Spielrein. 1913) ۽ "تسڪ" (Tusk.1913) ۾ پڙهڻ ڏسي سگهجن ٿيون. ٻارن جي خوابن متعلق "بيانچيري" (Bianchieri.1912) "بزمان" (Busmann. 1910_1909) ۽ "ڊوگليا" (Doglia) پڌرايون ڪيون آهن ۽ خاص طور "وگم" (Wiggam_1909) انهن جي خواهشن جي پورائي تي وڌيڪ زور ڏنو آهي.

ٻئي طرف نوجوانن ۾، ٻاراٽي قسم جا خواب، خاص طور بار بار تڏهن ظاهر ٿيڻ لڳندا آهن، جڏهن اهي پاڻ کي ٻاهرين ۽ غير معمولي حالتن ۾ ڳولهڻ لڳندا آهن.[2]

اهڙيءَ ريت "اوٽو ناردينسڪ جولڊ" (Otto Nordenskjold. 1904,1,336) ان سفر جي ساڻين جيان لکي ٿو جڏهن اهي اينٽارٽيڪا ۾ ٽڏ کان ڏکي رهيا هئا: "اسان جا ٻنهہ اندروني خيال جڏهن ڪو رخ اختيار ڪندا آهن تہ اهي سپنن ۾ بلڪل واضح طور تي نظر اينداآهن، پر اهي ڪڏهن ٻہ چٽا يا مضبوط نہ هوندا آهن يا ان وقت وڌي تعداد ۾ نہ هوندا آهن. خود اسان منجهان اهي ٻہ جيڪي خواب تہ ڏسندا آهن پر صبح جو انهن وٽ ٻڌائڻ لاءِ ڪي وڌيون ڪهاڻيون نہ هونديون آهن، جڏهن تہ اسان تصور جي دنيا ۾ پنهنجي تازن تجربن کي ونڊڻ ورهائڻ جو ڪم ڪندا رهندا آهيون. اهي سڀئي خارجي دنيا سان وابستا هوندا آهن، جيڪي هاڻي اسان وٽان هاڻي دور ٿيندا ٿا وڃن، حالانڪ اهي گهٽو ڪري اسان جي حقيقي حالتن مان اختيار ڪيل هوندا آهن.

منهنجي هڪ ساٿيءَ کي خاص طور اسڪول واري زماني ۾ هلندڙ ڪلاس دوران، وڌيڻ خاصيتن وار خواب اينداهئا، جتي مٽس گوشت خور سامونڊي مڇيءَ جي ڪل لاهڻ جي ڏميداري عائد ٿيل هئي. جيڪا خاص سمجهاڻي ڏيڻ جي مقصدن لاءِ تيار ٿيندي هئي. ڪائڻ ۽ پيئڻ جو دارومدار ۽ بهرحال گڏوگڏ ڦرندو رهندو آهي، جنهن جي ڪري ۽ اسان جا خواب مختلف ڇڪر ڪائيندا رهندا آهن. اسان مان هڪڙي شخص کي، جنهن کي رات جي شاندار دعوتن ۾ شريڪ ٿيڻ جو خاص تحفو عطا ٿيل هو، اهو وڏي فخر سان صبح جو پنهنجي روئداد بيان ڪندو هو تہ: "رات هن اٽڪل ٽن دعوتن ۾ ماني کاڌي هئي." اسان مان

---

[1] هي تحرو 1914ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

[2] هي حصو 1911ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

ڪن ٻين کي وري تماڪ چڪڻ جا خواب ايندا هئا، جيڪو تماڪ جا وڏا وڏا ڦاڙ پورا ڪري ڇڏيندو هو. ٽيون وري ڪليل سمنڊ ۾ پاڻيءَ واري جهاز تي پيو سير ڪندو هو. وري ڪو خواب اهڙو هوندو آهي، جنهن ۾ بار بار اڇڻ جي اهليت يا خاصيت هوندي آهي. ٽپالي کو خط ڪٽي ايندو آهي ۽ هڪ طويل وضاحت طلب خط ڏئي ويندو آهي ته اسان ان ڪم ۾ ايتري دير ڇو ڪئي آهي؟ هو ڪنهن غلط ڏس تي خط ڏئي ويندو آهي، جنهن کي هٽ ڪرڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پوندو آهي. اسان ناممڪن شين جا خواب به يقينن ڏسندا آهيون. پر انهن سمورن خوابن کي سمجهڻ لاءِ اسان وٽ تصور يا تخيلاتي صلاحيت جي ڏاڍي گهٽتائي هوندي آهي، جو اسان بيان نه ڪري سگهندا آهيون. اها ڳالهه يقينن تمام وڏي نفسياتي دلچسپيءَ جي حامل آهي، جيڪڏهن اسان انهن کي لکي، ٻڌائي يا ڪنهن به ريت محفوظ ڪري سگهون ته ان صورت ۾ اهو سمجهڻ به سولو ٿي پوندو ته اسان ڪيتري دير ستا هئاسين. جيڪا اسان سپني کي وڏي شوق ۽ شدت واري ضرورت جي پيشڪش ڪندي رهندي آهي.[1]

"ڊو پريل" (Du Prel. 1885,231) مطابق: "آفريڪا جي سفرن دوران "منگو پارڪ" ۾، جڏهن هو اڇ سبب مرڻينگ حالت تي پهتو هو ته خواب ۾ هن مسلسل وهندڙ پاڻيءَ واريون وادیون ۽ پنهنجي علاقي جا چراگاهه ڏٺا هئا. ساڳئيءَ ريت "ليون ٽرينڪ" جن ڏينهن ۾ "ميگدبي برگ" جي قلعي ۾ قيدي هو ته بک کان بي حال پئي ٿيو تڏهن خواب ڏٺائين ته ڏاڍي مهانگي ۽ شاندار کاڌي جي ڪيڏ پئي ڦريو. ۽ "جارج بئڪ" جڏهن "فرئنڪلين" جي پهرين زميني سفر ۾ شامل ٿيو هو ۽ بک ۾ پاهه ٿي رهيو هو ايستائين جو لڳيڪ مرڻ وارو هو. پنهنجي ان محروميءَ جي ڊپ جي نتيجي ۾، هن مسلسل ۽ بار بار کاڌي حاصل ڪرڻ جا خواب پئي ڏٺا."[2]

مان پنهنجي طور تي جانورن جي خوابن متعلق نه ٿي ڄاتو پر ان پاسي هڪ شاگرد منهنجو ڏيان ڇڪرايو هو جنهن دعويٰ پئي ڪئي ته ڪيس خبر آهي، مون کانئس پڇيو ته اهو پهاڪو ائين ته نه آهي؟ ته هنج به خواب ڏسندا آهن؟ ته چوڻ لڳو: جي! اهي مڪئيءَ جا خواب ڏسندا آهن."[3]

نظر ڪبي ته خواهشن جي پورائي جو سڄو نظريو انهن محاورن تي پوريءَ ريت ٺهڪي ٿو اچي.

مان پنهنجي ان دعويٰ لاءِ ڳولهڻ جي ڪوشش ونڊ کان گهڻو پري آهيان ته خوابن کي خواهشن جو پورائي جو حيال ڏيندڙ پهريون ليڪڪ مان آهيان. (ايندڙ باب جو پهريون جملو) اهي جيڪي، وقت کان اڳ ۾ ڪم ڪرڻ جي ان طريقي جي اهميت سان وابستا آهن، تن کي تاريخ جي قديم دور ۾ موتي وڃڻ گهرجي ۽ "هيرو فيلس" (Herophilus) نالي ان حڪيم جو حوالو ڏيڻ گهرجي، جيڪو هي صدي عيسويءَ دوران پهرين بطليموسي نظام هيٺ ڪم ڪندو هو. (بطليموسي نظام: هي صديءَ عيسويءَ جي فيلسوف بطليموس جو پيش ڪيل فلڪياتي نظام، جنهن جو خيال هو ته "زمين ڪائنات جي وچ ۾ هڪ جاءِ تي ٻيٺل آهي ۽ سج، چند تارا، ان جي چوگرد چڪر لڳائي رهيا آهن.")

"بوشين شيوز" (Buchenschutz. 1868.33) خوابن کي ٽن قسمن ۾ ورهايو آهي، هڪڙا اهي جيڪي خدائن جي طرفان موڪليا وڃن ٿا، اهي فطرت مطابق ٿين ٿا ۽ تڏهن اُپرن ٿا جڏهن ڏهن ڪنهن شيءَ جي تصوير جوڙي وٺي ٿو. جيڪا قبول ڪرڻ جهڙي ٿئي ٿي ۽ اها ئي ظاهر ٿئي ٿي. ۽ اهي جيڪي گڏيل سوچ رکندڙ آهن، اهي تصويرن ۾ پنهنجي خيال کي شامل ڪن ٿا، ته جيئن هو چاهين ٿا تيئن هو ڏسي سگهن ٿا."

---

[1] ("نارڊينسڪ" جي ڪتاب (290, 1905) تان انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري آندل)

[2] هي حصو 1914ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

[3] (1911ع ۾ شامل ڪيل): "فيرينزي" (Ferenczi.1910) حوالي طور هنگريءَ جو هڪ محاورو هڪ وک اڇتي وڌي پٽرو ڪيو اٿس ته "سوئرا شاهه بلوط جي ٻج جا ته هنج مڪئي جا خواب ڏسندا آهن." 1914ع ۾ شامل ڪيل: يهودين جو مشهور محاورو آهي ته: "ڪڪڑيون ٻاجهريءَ جا خواب ڏسنديون آهن؟!" (بيرنسٽين ۽ سيگل _Bernstein and Segel 1908,116) (ترجمي دوران شامل ڪيل سنڌي پهاڪو: "ٻلي جي خواب ۾ چوڙا". ب د ص_207):

"جان استارڪي" (Starcke. 1913, 248 John) وري "شيرنر" جي خوابن متعلق گڏ ڪيل مواد طرف ڌيان ڇڪايو آهي، جنهن ۾ ليڪ پاڻ به خواهشن جي پورائي کي بيان ڪيو آهي. "شيرنر" (Scherner. 1861, 239) لکي ٿو" خواب ڏسندڙ جو تصور سندس جاڳ دوران ڪيل خواهش کي وڏي ڦڙتيءَ ۾ نهايت سادگيءَ سان پورو ڪري ٿو. ڇاڪاڻ ته تصور ۾ اها خواهش تمام گهٽي متحرڪ رهي ٿي. "شيرنر" اهڙي خواب کي "خواب جي اندر هڪ مزاج يا ڪيفيت" جو درجو ڏئي ٿو. ان سان گڏ هو مردن توڙي عورتن ۾ انهن کي "جنسي عاشقاڻي يا نفسياتي احساساتي ۾ دل جي ڇڪ، آندماندڻ ۾ اڪير جا ۾ زود رنج طبيعت جا" خواب سڏي ٿو. "شيرنر" جي بيان ڪيل خوابن ۾ خواهشن کي ايارينڊ عنصرن متعلق ڏنل راءِ تي سواءِ ڪنهن ٻيءَ جاڳ واري ذهني صورتحال جي ڪو چٽو سوال پيدا نه ٿو ٿئي: پر جيڪڏهن هن جي خواهشن کي خوابي فطرت جي ضروري عنصر متعلق کي سوال ايجان باقي آهن ته به اهي کي ٿورائي هوندا.[1]

اهو به ڏٺو ويو آهي ته اسان گهٽو ڪري خوابن لاءِ رڳو هڪدم ٻوليءَ جي استعمال ذريعي، پنهنجي ئي جوڙيل ڪن ڳجهين معنائن واري نظريي تحت، ڪندا آهيون. اهو درست آهي ته عام ٻولي ڪڏهن ڪڏهن خوابن لاءِ توهين آميز به ٿي پوندي آهي. جملو آهي ته "خواب نظرن کان دور هوندا آهن"، ڏٺو ويڃي ته اهو جملو خود خوابن جي مطالعي، مشاهدي ۽ تجربي مان حاصل ڪيل هاڻ جي رڃيل تخميني ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو. پر مجموعي طور تي، خوابن کي عام شيءَ جيان استعمال ڪندي به بهرحال انهن کي خواهشن جو پورائو ڪندڙ هڪ دعاڳو عمل سمجهڻ گهرجي. جيڪڏهن اسان سدائين پنهنجي اميدن ۽ امنگن کي واقعاتي حدن ذريعي ڏسڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته اسان سرهائيءَ سان پاڻ کي مخاطب ڪنداسين ته: "اسان اهو تصور ته ڪڏهن به نه ڪيو هو خود پنهنجي اجاين ۽ جهنگلي قسم جي خوابن متعلق به نه ڪيو هو.[2]

---

[1] هي حصو 1914ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

[2] خاص طور هارن جا خواب، (جن مان گهٽا ته هن باب ۾ ڏنل آهن) البت "هاراٿي قسم جا خواب": فرائيڊ جي تعارفي تقريرن (Introductory Lectures 17_1916) ۾ بحث هيٺ آندل آهن.

باب چوٽون

خوابن ۾ تاثر جو بگڙجي وڃڻ
DISTORTIONS IN DREAMS

جڏهن مون اها دعويٰ ڪئي هئي ته هر هڪ خواب جي معنيٰ خواهشن جو پورائو ڪرڻ آهي ته ائين چئجي ته خواهشن کي پورو ڪرڻ وارن خوابن کانسواءِ ڪوبيو خواب ٿي ئي نه ٿو سگهي. مان اميد ڪجهه آئيندي ۾ محسوس ڪريان ٿو ته اختلاف يا تضاد جي درجي بندي (ڊيوٽ) جي باوجود مان ان کي ثابت ڪري ونندس.

"ڪا به شيءَ نئين نه آهي." مان ضرور ثابت ڪندس. ان خيال کان. ڇاڪاڻ ته "ڪجهه" خواب، خواهشن جي پورائي جي حوالي سان ڏنا ويا آهن. ان موضوع تي مهارت رکندڙن ان ڳالهه تي گهڻو اڳ ڌيان ڏنو هو جهڙوڪ: "راڊيستاڪ" (صفحو 137)، "والڪيلٽ" (110 صفحو)، "پرڪنجي" (صفحو 456) "تيسي" (صفحو 70)، "سائمن" (بئرن ٽرئنڪ" قيدي هئڻ واري دور ۾ سندس بک وارا خواب: صفحو: 42) ۽ گريسنگر" (Griesinger. 1845.89) جي لکيل هڪ ٽڪري ۾.[1] پر سندن دعويٰ اها آهي ته خواهشن جي پورائي جي خوابن کانسواءِ بيا ڪي خواب ٿيندا ئي نه آهن. اها به هڪ گهڻي غير واجبي ۽ عام قسم جي دعويٰ آهي. جڏهن ته کوبه ان کي آساني سان غلط ثابت ڪري سگهي ٿو. بهرحال گهڻي تعداد ۾ نظر آيل خوابن جو مواد يا ستاءُ تڪليف ڏيندڙ ۽ منجهائيندڙ موضوع رهيو آهي، جنهن جي ڪري انهن ۾ خواهشن جي پورائي جي کا به چٽي نشاني نظر نه ايندي آهي.

"ايڊيوئرڊ وان هارٽمئن" (Eduard von Hartmann)، قنوطي نظريي جو دانشور هو جنهن خوابن جي خواهشن جي پورائي واري نظريي کي سڀ کان اڳ ۾ رد ڪري ڇڏيو هو. هو پنهنجي ڪتاب: "لاشعور جو فلسفو" (Philosophic des Unbewussten. 1890,2,344) ۾ لکي ٿو ته: "لاشعور جڏهن خواب ۾ اچي ٿو ته اسان کي، جاڳ جيون جي سموري چٽ خفا ۽ ناراضگيون به ننڍ واري حالت ۾ ڪٽي ايندي نظر اچي ٿو. اسان رڳو اها شيءَ نه ڳولهي سگهيا آهيون ته هڪ پڙهيل لکيل ماڻهوءِ جي زندگيءَ ۾ مشاهدي، مطالعي ۽ تجربي مان حاصل ڪيل جاڻ ۽ فني تخيلاتي مناسبت يا مطابقت پيدا ڪرڻ جو ڪيتري حد تائين پورائو ڪري سگهي ٿو..." پر اچاتري انداز سان مشاهدو ڪندڙن جو زور ان ڳالهه تي آهي ته "خوابن ۾ خوشي، راحت يا مسرت جي پيٽ ۾ درد ۽ تڪليف ڪجهه وڌيڪ ئي هوندو آهي، مثال طور "شولز" (صفحو 57) "والڪيلٽ" (صفحو 80) ۽ بيا.

سچ ته ٻن عورتون: "فلورنس هالم" (Florence Hallam) ۽ "ساره ويڊ" (Sarah Weed. 1896,499)، پنهنجي خوابن جي مطالعاتي بنيادن تي، ڏڪ ۽ تڪليف جي اهم هجڻ جي سلسلي ۾ بلڪل درست انگن اکرن سان وضاحت ڏني آهي. انهن جو چوڻ آهي ته ستونجاهه ڏهائي ۾ (57.2) سيڪڙو خواب، "قبول ڪرڻ جهڙا نه هوندا آهن." ۽ رڳو اناويهه ڏهائي ۾ (28.6) سيڪڙو يقينن "راحت ڏيندڙ هوندا آهن." ۽ انهن خوابن کانسواءِ جيڪي ننڍ ۾ زندگيءَ جا مختلف ايڏاءَ ۽ ڏڪ ڏيندڙ جذبا ساڻ ڪٽي ايندا آهن، اهي پريشانيءَ يا ڪٺنيءَ جا خواب هوندا آهن، جن ۾ اهي سموريا اٽوٽندڙ احساس تيسيتائين اسان کي جاڳڻ تائين، تمام خطرناڪ يا جارحاڻي انداز ۾ جڪڙي ونندا آهن. ڏنو ويو آهي ته پريشانيءَ يا ڪٺنيءَ وارن اهڙن خوابن جو عام شڪار گهڻو

---

[1] هي حصو 1914ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي: ويجهي زماني جي هڪ ليکڪ جهڙوڪ: "پلوٽينس"، (Plotinus) (افلاطوني فڪري نظريي ۾ نواڻ پيدا ڪندڙ (Neo_ Platonist)، جنهن جي متعلق "ڊو پريل" (صفحو 276) لکيو آهي ته: جڏهن اسان جون خواهشون ايڏو لڳنديون آهن ته تصوراتي عڪس به گڏوگڏ جڙندا رهندا آهن ۽ اهي ئي اسان جي مقصد جي نمائندگي ڪندا آهن." ("نون شين جو مجموعو" (Ennead) باب چوٽون، ص: 4 ۽ 17).

ڪري ٻار ٿيندا آهن.[1] جن کي اوهان خواهشن جي پورائي واري اصل حالت کي لڪائڻ لاءِ ڪنهن به "سانگ رچائڻ" کانسواءِ ئي آسانيءَ سان سمجهي سگهو ٿا.

حقيقت ۾ اهي پريشانيءَ يا ڳڻتيءَ وارا خواب، (منهنجي گذريل باب ۾ ڏنل مثال جي بنياد تي) اهڙيءَ ريت نظر ايندا آهن جو انهن متعلق انهن کي خواهشن جو پورائو ڪندڙ چوڻ لاءِ عام انداز جو بحث ۾ انهن جي گهربل حل جي دعويٰ ڪرڻ ناممڪن آهي. سچ ته اهي خواب ڪجهه اهڙي انداز ۾ نظر ايندا آهن جو انهن تي هڪدم بيڪار يا خراب هڻڻ جو ٽهپو لڳي ويندو آهي.

ان جي باوجود انهن نتيجي نڪتل ۾ ظاهر اختلافن تائين رسڻ کو گهٽو مشڪل نه آهي. رڳو منهنجي ٻڌايل ان حقيقت تي ڏيان ڏيڻ جي ضرورت آهي ته "منهنجو نظريو خوابن جي مواد جي وضاحت تي ويچار ڪرڻ تي ٻڌل نه آهي، پر انهن سوچن ۾ خيالن جو حوالو آهي، جيڪو ان تشريحي طريقي کي ظاهر ڪري ٿو جيڪو خواب جي پويان ڪار فرما آهي." اسان کي "پيشڪش" (Manifest) ۾ خوابن جي ڳجهي مواد (Latent Content of Dreams) ۾ فرق ڪرڻ گهرجي. ان ڳالهه تي کو به سوال پيدا نه ٿو ٿئي ته ڪي اهڙا خواب به ٿيندا آهن جن جي پيشڪش گهٽي قدر ايذاءُ يا ڏک رسائيندڙ مواد تي مبني هوندي آهي. پر اهڙن خوابن جو تجزيو ڪنهن ڪيو به آهي؟ انهن جي پويان لڪل يا ڳجهن خيالن کي ڪنهن ڪولي ظاهر به ڪيو آهي؟ جيڪڏهن نٿا ته پوءِ منهنجي نظريي جي خلاف هڪ اڌ اختلاف ايرڻ جي باوجود ڇا اهي تفتيش ۾ جاچ پڙتال تي پورو لهڻ جي قابل نه ٿا ٿي سگهن: اها ڳالهه ايجان تائين ته مشڪل نه آهي ته ڏک ڏيندڙ ۾ ايذاءُ رسائيندڙ خوابن جو به جڏهن تجزيو ڪيو وڃي ته اهي به ڦري گهري خواهشن جي پورائي جي پاسي مڙي وڃن.

هن ڪتاب جي انهن پڙهندڙن ۾ نقادن کي ضد سان مجائڻ ڏاڍو مشڪل آهي. ڇاڪاڻ ته اهي متي غور ڪيل ڳالهين تي پنهنجون اکيون بند ڪري ٿا ڇڏين ۾ "پيشڪش" ۾ "خوابن جي ڳجهي مواد" جي بنيادي فرق کي نظر انداز ڪري ٿا ڇڏين.[2]

ٻئي طرف هن موضوع تي لکيل ادب به منهنجي دليل جي ايترو به ويجهو کو نه ٿو رسي جيترو "جيمس سولي" (James Sully) جي مضمون "خواب هڪ الهام جيان" (Dream as a revelation. 1893. 364) ۾ هڪ حصو آيل آهي. اها حقيقت آهي ته مان اڪيلي سر ۾ پهريون پيرو انهن جا حوالا پيو ڏيان. اهو سڀڪجهه انهن جو مرتبو گهٽائڻ لاءِ نه آهي: جنهن کان پوءِ نظر ايندو ته بهرحال اهي خواب صفا بيڪار ۾ بيهودا نه هوندا آهن. جن کي "چاسر" (Chaucer)، "شيڪسپيئر" (Shakespeare) ۽ "ملٽن" (Milton) جهڙن ڏاهن ليکڪن به بيڪار سڏيو آهي. اسان جي رات جي ذهني تصورن جي بدنظمي ۾ انتشار وارن مجموعن کي پنهنجي هڪ الڳ اهميت آهي، جيڪي نئين ڄاڻ ڏيندا آهن. جيئن ڪنهن خط ۾ پڙهڻ جي نشاني هجي. خواب جو نقش يا چٽ، جڏهن ويجهڙائيءَ کان جانچجي ٿو ته ان جو بيڪار يا بيهودو هجڻ، پهرين نظر ۾ ئي ختم ٿي وڃي ٿو ۽ هڪ سنجيدو رخ اختيار ڪري ٿو ۽ اهو هڪ غير معمولي ذهانت وارو پيغام بڻجي وڃي ٿو. يا ان جي صورت ٿوري تبديل ٿئي ٿي، جنهن کي اسان ائين چئي سگهون ٿا ته جيئن لکڻ جي مواد جو ڪيو ٽڪرو (Palimpsest)، جنهن مٿان ڪجهه لکيل ڀاهي نئين سر لکيو وڃي، پر پهرين تحرير به ڪجهه باقي رهجي وڃي، خواب گهٽ حيثيت وارين، غير اهم ۽ سطحي خاصيتن کي به کولي ٿو ته پراڻي ۽ املهه تصويرن ۽ يادن کي به ڳولهي، منتقل ڪري ٿو."[3]

مطالعي مشاهدي ۽ تجربي مان حاصل ڪيل ڄاڻ ذريعي ڪيل ڪم جي سلسلي ۾ اسان ان مسئلي تي اچي پهتا آهيون. جيڪو حل ڪرڻ ۾ ڏکيو آهي، بهتر ته ائين ٿيندو ته اصل مسئلي سان گڏ هڪ ٻيو مسئلو به ساڻ ساڻ ڪٽي هلجي. ڇاڪاڻ ته هڪ ڪي الڳ الڳ حل ڪرڻ بجاءِ هڪ ئي ڏک سان به اخروٽ گڏ ڇڪڻ آسان آهن. اهڙيءَ ريت اسان کي رڳو ان سوال سان منهن ڏيڻو نه آهي ته "ڏک ڏيندڙ ۾ ڳڻتي پيدا ڪندڙ خواب، خواهشن جو پورائو ڪندڙ ڪيئن ٿي سگهن ٿا؟ اسان جا عڪس ۽

---

[1] "ڊي بئڪر" (Debacker. 1881) مطابق، چڀيءَ ۾ يا بستري ۾ پيشاب جي وهي وڃڻ (Pavor Nocturnus) جي علامت ۾.

[2] هي حاشيو 1909ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي:

[3] هي حصو 1914ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

اولڙا. ان ڳالھ جي اھل ٻڌائن ٿا تہ اسان ان ٻئي سوال کي بہ شامل ڪريون: "ائين چو آھي تہ خواب مختلف مواد يا سٽاءَ تي مبني ھوندا آھن، جيڪي ڦري خواھشن جو پورائو ڪندڙ ٿي پوندا آھن، ۽ پنھنجو مطلب بيان ڪرڻ جي صورت ۾ اصل حالت لڪائي نہ سگھندا آھن؟ منھنجي ان خواب جو مثال وٺو جيڪو مون "ارما" جي سئيءَ جي سلسلي ۾ تفصيل سان بيان ڪيو آھي. اھو ڪنھن بہ ريت ڏک ڏيندڙ ۽ ايذاءِ رسائيندڙ طريقي جو خواب نہ آھي ۽ ان جو تجزيو خواھش جي پورائي جو ھڪ نمايان ۽ حيرت ۾ وجھندڙ مثال ڪري ڏيکاري ٿو. پر آخرڪار ان کي ايتري قدر تشريح جي ڪھڙي ضرورت ھئي؟ سڏو سنئون ان جو مقصد بيان چو ڪونہ ڪيو ويو آھي؟

پھرين نظر ۾ "ارما" جي سئيءَ وارو خواب ڪو خاص تاثر نہ ٿو ڏئي. جو ان کي خواب ڏسندڙ جي خواھشن جي پورائي لاءِ نمائندگي ڪندڙ ڄاڻجي. منھنجي پڙھندڙن کي بہ. اھڙو تاثر نہ ٿو ملي. پر خود مون کي بہ تيسيتائين اندازو ڪونہ ٿي ٿيو جيسيتائين ان جو تجزيو نہ ڪيو ويو. اچو تہ خواب جي ان روپي کي بيان ڪريون. جيڪو "خوابن ۾ تاثر جي بگڙجي وڃڻ واري حالت جيان. تمام گھٽين وضاحتي ضرورتن لاءِ پنھنجي جاءِ تي موجود آھي. سو اسان جو پيو مسئلو آھي تہ: "خوابن ۾ تاثر جي بگڙي وڃڻ جو بنياد يا ڪارڻ ڪھڙو آھي؟

ان مسئلي جا ڪيترائي ممڪن حل ھڪدم اسان جي آڏو ظاھر ٿي سگھن ٿا: جيئن. مثال طور ننڍ دوران سگھ يا اھليت جي گھٽتائيءَ جي موجودگي. جيڪا اسان جي خوابن جي خيالن کي سڏو سنئون تاثر ڏئي ٿي. پر ڪجھ خوابن جو تجزيو اسان تي اھو بہ زور پري ٿو تہ اسان کي خوابن ۾ تاثر جي بگڙجي وڃڻ جي ھڪ بي وضاحت کي اختيار ڪرڻ گھرجي. ان لاءِ مان پنھنجي ئي ھڪ ٻئي خواب کي مثال طور پيش ڪندس. جيڪو ھڪ پيرو ٻيھر مون کي منھنجي انيڪ قسمن واري ايائپ ۾ شامل ڪري ڇڏيندو. پر اميد آھي تہ گڏوگڏ مسئلي جي پوريءَ ريت کيل تشريح. منھنجي شخصي قرباني ءَ لاءِ معاوضو بہ ثابت ٿيندو.

پيش لفظ:

1897ع جي سياري ۾. مون کي معلوم ٿيو تہ اسان جي يونيورسٽيءَ جي ٻن استادن مون کي غير معمولي قابليت وارن ڪمن تي استاد[1] مقرر ڪرڻ جي تجويز ڏني آھي. خبر ٻڌي. مون کي اچرج تہ ضرور ٿيو پر گڏوگڏ سرھائي بہ ٿي. ڇاڪاڻ تہ اھو ٻن تمام نالياورن شخصن پاران منھنجي ميڙتا جو دليل ھو. جيڪو ڪنھن بہ ريت ذاتي قسم جي اثر رسوخ جي ڪري نہ ھو. پر مون خود پاڻ کي تنبيھ ڪئي تہ ان واقعي سبب. ڪنھن بہ قسم جي اميد سان پاڻ کي نہ ڳنڍيان. ڇاڪاڻ تہ چند آخري سالن دوران وزارت پاران ان قسم جي تجويزن تي ماڻھن کي ايتري عزت بہ ڪانہ ملندھئي. منھنجا ڪيترائي ساٿي. جيڪي عمر ۾ مون کان ٿورا وڏا ھئا. ۽ مون جيترا ئي قابل ھئا. پر مقرريءَ لاءِ نالھو انتظار ڪري رھيا ھئا. ان ڳالھ تي يقين ڪرڻ لاءِ مون وٽ ڪو بہ جواز ڪونہ ھو تہ مان ڪو وڏيڪ سياڻو آھيان. بھرحال مون فيصلو ڪيو تہ مستقبل جي معاملن سان منھن ڏيڻ تان. مان يقينن ان آڇ تان دستبردار ٿي ويندس. ان حد تائين تہ مون پاڻ کي ڇاتو پئي تہ مان ڪو جذباتي ماڻھو نہ آھيان. مان پنھنجي پيشي ۾ ڪنھن اعزاز ۽ انعام جي لالچ کانسواءِ ئي. وڏي شوق ۽ ڪاميابيءَ سان ڪم ڪري رھيو ھوس. ان کان علاوہ منھنجي ان روايتي سوچ جو تہ سوال ئي نہ ٿي اٿيو تہ ڊاڪ مٿي آھي يا ڪٿي ڇاڪاڻ تہ اھا منھنجي پھچ کان گھٽ مٿي ھئي.[2]

---

[1] لڳ ڀڳ اسسٽنٽ پروفيسر. (آسٽريا ۾ اھڙي قسم جون سموريون پرتيون تعليم جو وزير ڪندو آھي. جن ۾ مذھبي ضابطي ھيٺ اھي اھي ويچار بہ گڏوگڏ شامل ٿيل ھوندا آھن. جيڪي ماضيءَ ۾ يقينن سامي ادب ۽ ثقافت جي خلاف احساسن تي ٻڌل ھوندا آھن. پر اھي اٽويھين صديءَ جي آخري سالن ۾. ويانا ۾ ھاٿي بہ ھر طرف پکڙيل رھيا.)

[2] "گڏڙ ڊاڪ نہ پچي. آکي ٿو ڪتا" پھاڪو.

هڪ ڏينهن شام جو مان هڪ دوست وٽان موتيو پئي آيس تہ هڪڙي شخص تي نظر پئي، جنهن جو نظر اڇڻ منهنجي لاءِ هڪ چتاءُ جي مثل هو ٿوري وقت کان هو به پروفيسر جي ترقيءَ جو اميدوار لاءِ غور هيٺ هو. اسان جي سماج ۾ ڪنهن معالج کي مريض لاءِ هڪ ناخدا جو درجو ڏنو ويندو آهي، ۽ مان به ان کان ڪجهہ وڌيڪ ئي پڪي اردي وارو هوس. خير! هن جي عادت هوندي هئي تہ پنهنجي ترقيءَ واري ڪم جي سلسلي ۾ سدائين وزارت جي آفيسن ۾ وڃي، سندن خوشامد ڪرڻ لاءِ پيو جتيون گسائيندو هو. اتفاق سان هڪڙي پيرو تڏهن به ويو هو جڏهن مون کي سڏيو ويو هو. هن مون کي ٻڌايو تہ ان موقعي تي هن پنهنجي مرتبي کي وڌائڻ جي پيشرفت ڪرائڻ لاءِ هڪ آفيسر کي مجبور به ڪيو ۽ ڪيس سڌو سنئون چئي ڏنو تہ ڪٽي منهنجي مقرريءَ ۾ دير ڪرڻ جو سبب مذهبي دائري يا ان جي ضابطي وارن ويچارن جي ڪري تہ نہ آهي! انهن جو جواب هو تہ اهو اڇڪلهہ جي رياستي پاليسيءَ جي ڪري آهي. ۽ ان ۾ ڪو به شڪ نہ آهي تہ هن وقت صاحب سڳورو ان حالت ۾ بلڪل به نہ آهي تہ.... وغيره وغيره.

.....بهرحال مان سمجهان ٿو تہ هن وقت مان پاڻ ڪٽي ٻيئل آهيان تڏهن ساهہ کڻندي منهنجي ان دوست ڳالهہ کي ختم ڪيو. منهنجي لاءِ اها ڪا اهم خبر ڪانہ هئي، جڏهن تہ مان پاڻ به پنهنجي معاملي تي مذهبي ضابطي جي دباءَ کي محسوس ڪندي استعيفا ڏيڻ جو پڪو ارادو ڪري چڪو هوس.

ان شخص جي ملڻ کان پوءِ واري صبح جو مون هڪ خواب ڏٺو جيڪو ٻين شين جي ٻيٽ ۾ پنهنجي نوعيت جو هڪ انوکو خواب هو. اهو ٻن "خيالن" تي ٻڌل هو هر خيال ان تصوير جو جانشين هو. مان في الحال هتي خواب جي پهرين اڌ کي بيان ڪندس، چاڪاڻ تہ ٻئي اڌ جو واسطو ان مقصد سان ڳنڍيل نہ آهي جنهن لاءِ مان خواب کي بيان ڪرڻ چاهيان ٿو:

1. منهنجو دوست "ري" منهنجو چاچو هو منهنجو هن سان تمام ويجهو ناتو هو.
2. مون پنهنجي سامهون هن جو چهرو ڏٺو ڪجهہ تبديل پئي لڳو ائين جيئن ٿورو ڏڳهو ٿي ويو هجي، زرد ٿي ويل ڏاڙهي، جيڪا بلڪل چٽي پئي نظر آئي.

خواب جا ٻيا ٻہ حصا، جن کي مون هڪ پيرو ٻيهر انهن تصويرن جي ڪري چڏي ڏنو آهي. خواب جو تجزيو ڪجهہ هن ريت آهي:

صبح جو جڏهن، خواب ياد آيو تہ ڪلي وڏي آواز سان چيم: "خواب جي تہ هڪڙي تهڙيا" پر منهنجي ان ريت رد ڪرڻ جي باوجود سارو ڏينهن اهو خواب منهنجي پويان ڪيڏ ڪيڏ هلندو رهيو. آخر ڪار شام ٿي تہ مان خواب تي سوچڻ ويٺس: "جيڪڏهن اوهان جي مريضن مان کو هڪڙو خواب جو تجزيو ڪرڻ ويهي ۽ ان مان ڪيس ڪجهہ به هٿ حاصل نہ ٿئي تہ بهتر آهي تہ ان کي بيڪار چئي لنوائي چڏڻ گهرجي. توهان ان اميد تي به ان متعلق سوچي سگهو ٿا تہ ڪٽي خواب جي پس منظر ۾ نہ مچڻ جهڙي ڪا ڪهاڻي تہ موجود نہ آهي، جنهن کان جاڳ ۾ لنوائيندو هجي. توهان پنهنجي متعلق ان ريت ورتاءُ ڪري تہ ڏسو! اوهان جي راءِ يقينن اها نهندي تہ توهان جي اندر ۾ ئي ان جي خلاف مدافعت نظر ايندي ۽ اوهان کي لڳندو تہ اصل ۾ تشريح ڪرڻ جي اوهان جي نيت ئي نہ آهي. بهرحال ائين ڪڏهن به نہ ڪجو" اچو تہ مان توهان کي هن جو تجزيو ڪري ڏيکاريان.

"ري" منهنجو چاچو هو." ان جو مطلب ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ مون کي هڪ کان وڌيڪ چاچا آهن، "چاچو جوزف"[1]، جنهن سان اصل ۾ هڪ ڏک پريل ڪهاڻي وابستا آهي. هڪ پيري، اٽڪل ٽيهہ سال اڳ، پئسن گڏ ڪرڻ جي لالچ ۾ هن پاڻ کي ان قسم جي ڏيتي ليتيءَ ۾ ملوث ڪري چڏيو هو جنهن جي قانون طور سخت سزا مقرر ٿيل هئي، ۽ ڪيس سزا به لڳي وئي. ان صدمي

---

[1] مون کي پنهنجي ان طرح جي مشاهدي تي حيرت پئي ٿي، جنهن ۾ منهنجي ياداشت، منهنجي جاڳ واري ياداشت، خاص تجزيي جي خيال کان ان نڪتي تي اچي سوڙهي ٿي وئي هئي. اصل ۾ مان پنهنجي پنجن ئي چاچن کان واقف آهيان، ۽ انهن سان پيار ڪندو آهيان، انهن جي تمام گهٽي عزت ڪندو آهيان. پر هن وقت جڏهن مان تجزيي جي خلاف مدافعت تي قابض ٿي چڪو آهيان تہ مان پاڻ کي چئي رهيو آهيان تہ مون کي هڪ کان وڌيڪ چاچا نہ آهن، اهو هڪ ئي آهي جيڪو سڄ پڄ خواب ۾ به آيو هو.

جي ڪري ٿورن ٿي ڏينهن ۾ منهنجي پيءُ جا وار ئي اڇا ٿي ويا. ۽ سدائين رڳو اهو پيو چوندو هو ته توهان جو چاچو جوزف خراب ماڻهو نه هو پر هو بيوقوف هو. سندس زبان تي بس اهي ئي لفظ هوندا هئا. ان حوالي سان خواب وارو منهنجو دوست "ري" منهنجو چاچو جوزف هو. اعتبار ڪرڻ يا قبول ڪرڻ ڏاڍو مشڪل هو پر جيڪا شڪل مون خواب ۾ ڏٺي هئي. ان جو منهن ڏڪهو هو ۽ سندس منهن تي پيلي رنگ جي ڏاڙهي به هئي. اصل ۾ منهنجي چاچي جي شڪل به صفا اهڙي ئي هئي. ڏڪهو چهرو ۽ ان تي سنواريل صاف ستري ڏاڙهي. منهنجو دوست "ري" وري رنگ جو بلڪل ڪارو آهي. پر جڏهن ڪارن وارن واري ماڻهوءَ جا وار اڇا ٿيڻ لڳندا آهن ته جڻ پنهنجي جواني ۽ جي جوت جو نڏرانو ڏيندا آهن. مٿي جا وار ته وري به ٽيڪ لڳندا آهن پر ڏاڙهيءَ کي ڪاري رنگ ڪرڻ واري تبديلي گهٽو ڪري اٽوٽندڙ لڳندي آهي. جيڪا ٿوري وقت کان پوءِ پيلاڻ مائل ناسي رنگ جي ٿي ويندي آهي ۽ بعد ۾ ساڳي اڇي ئي ٿي ويندي آهي. منهنجي دوست "ري" جي ڏاڙهي به ان وقت ان ئي مرحلي مان گذري رهي هئي. ۽ اتفاق سان منهنجي ڏاڙهي پڻ اهڙي ٿي وئي هئي. جنهن کي مون ڏاڍي بي اطمينانيءَ وچان پئي جاچيو. خواب ۾ جيڪا شڪل مون ڏٺي هئي. اها پهرين نظر ۾ منهنجي دوست "ري" ۽ منهنجي چاچي جي هئي. جيڪا "گئلٽن" (Galton) جي جوڙيل تصوير جو مرڪب هئي. (خاندائي فرمائشن جي ڪري "گئلٽن" ساڳي ئي ٽالهيءَ تي ڪيترا ئي چهرا ناهيندو هو). ان ۾ ٿورو به شڪ نه ٿو ٿي سگهي ته منهنجو اصل مقصد به اهو هو ته منهنجي چاچي جوزف جيان. منهنجو دوست "ري" به بيوقوف هو.

مون کي ايجان تائين اهو خيال بلڪل به نه ٿي آيو ته ان پيٽ ڪرڻ جو آخر مقصد ڪهڙو هو! جنهن جي خلاف مان ايتري جدوجهد پئي ڪئي. مان گهٽو اونهو به ڪونه ٿي سوچيو. چاڪاڻ ته منهنجو چاچو پهرحال هڪ مجرم هو. جڏهن ته منهنجو دوست "ري" احمق ۽ الزامن کان بچيل. بي ميار ڪردار جو مالڪ هو سواءِ ان جي. جو سندس سائيڪل سان ڪا پارڙي ٽڪرائجي وئي هئي ته ان جو ڏنڊ پريو هئائين. ڪٿي اهو جرم منهنجي ذهن ۾ ته ڪونه هو؟ جنهن پينٽ وارو اهو سانگ رچايو هو. انهيءَ نڪتي تي. مون کي هڪ ٻي ڪيل گفتگو ياد اچي وئي. ۽ هاڻي مان ان موضوع جي حوالي سان ان جي متعلق سوچڻ لڳس. مان "نون" سان گهٽيءَ ۾ مليو هوس. هن کي پڙهڻ پروفيسر جي لاءِ تجويز ڪيو ويو هو. هن جڏهن منهنجي ملازمت متعلق پڌو ته مون کي مبارڪ ڏيڻ لاءِ آيو هو. پر مون بنا هيڪ جي. ان کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

"تون شايد آخري ماڻهو آهين جيڪو مون سان ان قسم جو مذاق ڪرڻ آيو آهي."

مون کيس چيو "جا توکي خبر آهي ته ان جي لاءِ ڪهڙي لياقت جي ضرورت آهي. ان ڳالهه جو تجربو ته خود توکي به آهي."

"ڪير ٿو چوي" هن مذاق واري نوع ۾ چيو "ضرور منهنجي خلاف ڪا سازش آهي. تون نه ٿو ڄاڻين ته ڪنهن عورت منهنجي خلاف قانوني ڪاروائي شروع ڪري ڏني هئي؟ مان توکي يقين ڏيارڻ نه آيو هوس ته اهو معاملو ختم ٿي ويو هو. اها اصل ۾ مون کي ڊيڄارڻ ڏمڪائڻ جي ڪوشش هئي. ۽ مان سزا کان بچڻ لاءِ ان جي آڏي پيچا جوڙو مشڪل مرحلو طئي ڪيو هو. پر شايد وزارت مون کي ڏوهي سمجهي مقرريءَ کان معافيءَ جو نتو اکر واري ويئي هئي. پر تون ته الزامن کان بچيل ۽ بي ميار ڪردار جو مالڪ آهين."

ان مون کي ٻڌايو ته مجرم ڪير آهي ۽ ساڳئي وقت جڻ اهو به سمجهائي ويو ته خواب جي تعبير ڪيئن ڪرڻ گهرجي ۽ ان جو مقصد ڪهڙو هو. منهنجي چاچي جوزف. منهنجي بن ساٿين جي نمائندگي پئي ڪئي. جن جي پروفيسر جي حيثيت ۾ مقرري کا نه ٿي هئي. جن مان هڪڙو بي وقوف هو ته ٻيو مجرم هو. مان وري ان ڳالهه تي سوچڻ لڳس ته آخر انهن ئي ڇو پئي نمائندگي ڪئي. جڏهن ته منهنجي دوست "ري" ۽ "نون" جي تقرري انهيءَ "مذهبي ضابطي" جي ڪري ملتوي ڪئي وئي هئي ۽ مون کي. پنهنجي تقرريءَ متعلق به ساڳيو شڪ پئي جاڳيو. جيڪڏهن مان پنهنجي انهن بن ساٿين جي رد ٿيل تقرريءَ متعلق ڪجهه پين سببن کي منسوب ڪري سگهان. جيڪي مون تي لاڳو نه پئي ٿيا ته منهنجي اميدن کي ڪو ڇيهو ڪونه ٿي رسيو. ۽

اهو ئي طريقو منهنجي خواب اختيار ڪيو هو: انهن مان هڪ (ري) کي هن بيوقوف ڪري ظاهر ڪيو ته ٻئي (نون) کي مجرم جي حوالي سان پيش ڪيو جڏهن ته مان، انهن ٻنهي منجهان هڪڙو هوس نه ڪي ٻيو! ۽ نه ئي اسان ۾ ڪا گهٽي هڪجهڙائي ئي هئي. مان پنهنجي پروفيسر واري عهدي جي لاءِ يقينن خوشي محسوس پئي ڪئي ۽ مان "ري" جي بيان تي وڌيڪ ڏکوئيندڙ نتيجو ڪيڙ ڇڏي ڏنو جو هن پئي ٻڌايو ته صاحبن سڳورن کيس ڇيو هو ته هن سان (مون سان) به تو جهڙو ئي سلوڪ روا رکيو ويندو.

پر مان محسوس ڪريان ٿو ته مون کي پنهنجي خواب جي تجزيي متعلق اڻپورائي ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته مان سمجهان ٿو ته مان اڃان ان جو ڪو اطمينان جوڳو انجام ۽ اختتام نه ڪيو هو. مان ان ريت اوڳڙ ڪيڙ سبب اڃان به بيقرار هوس. جو پنهنجي پروفيسريءَ جي حوالي سان رستو تلاش ڪرڻ جي سلسلي ۾. مون پنهنجي هن معزز ساٿين بابت گستاخي پئي ڪئي. منهنجي پنهنجي طريقيڪار سان غير اطمينانيءَ جو سبب، تڏهن ئي ڪجهه گهٽ ٿيو. جڏهن مون ان لياقت جو اندازو لڳايو جنهن جو تاثر منهنجي خوابن ۾ سلهاڙيل هو. مان هر گرم سرد ڀالهه کي رد ڪرڻ لاءِ تيار هوس. ڇاڪاڻ ته مون واقعي غور ڪيو هو ته "ري" بيوقوف هو ۽ مون، "نون" جي ان ڀالهه تي بلڪل به يقين نه ٿي ڪيو ته وزارت پاران، ڊيجارٽ ڏمڪائڻ وارو معاملو سنڊس پويان پيل هو ۽ نه ئي مون ان تي يقين ٿي رکيو ته "ارما" کي "اوٽو" جي گهريلو پارٽ جي ڪم ايندڙ پيٽرولين ۾ موجود گئس/ هائيڊرو ڪاربان (Propyl) جي لڳايل سئيءَ جي ڪري واقعي هوءَ خطرناڪ حد تائين بيمار ٿي پئي هئي. انهن ٻنهي خوابن جي معاملن ۾ خواب، جنهن به قسم جو اظهار پئي ڪيو اهو منهنجي ان خواهش مطابق هو ته جيڪر ائين ٿي پوي ته بهتر. منهنجي اثباتي دعويٰ جنهن ۾ منهنجي خواهش هلڪي سسپس ذريعي ان پوئين خواب بجاءِ ان پهرين خواب جي بيڪار هجڻ کي تسليم ڪيو هو انهيءَ اصل حقيقت متعلق نهايت ڏهانت واري جوڙجڪ کي تعمير ڪيو هو. تمام سني نموني تيار ڪيل بهتان جي طريقي سان ته جيئن ماڻهو محسوس ڪري سگهي ته "ان ۾ ضرور ڪا ڀالهه آهي." ان جي شعبي جي ڪنهن هڪ استاد. منهنجي ان دوست "ري" جي خلاف ووٽ ڏنو هو ۽ منهنجي دوست "نون" پنهنجي سادگيءَ وچان مون کي منهنجي بدناميءَ جو مواد مهيا ڪيو هو ان جي باوجود مان وري به چوندس ته خواب مون کي وڌيڪ سمجهاڻيءَ جي ضرورت کي اپارٽ لاءِ نظر آيو هو.

پوءِ مون ياد ڪيو ته خواب جو هڪڙو ٽڪرو رهجي ويو آهي، جنهن کي تجزيي جو اڃان هٽ ئي نه لڳو آهي. ان خيال اچڻ کانپوءِ ته "ري" منهنجو چاچو هو ۽ خواب ۾ سائڊس مڪر يا مصنوعي رويي جو احساس به پئي ٿيو. آخر اهو احساس ڪٿان پيدا ٿيو؟ ظاهر آهي! مون کي پنهنجي چاچي "جوزف" لاءِ اهڙي قسم جو احساس ڪيئن ٿو پيدا ٿي سگهي! ۽ مان ته پنهنجي دوست "ري" کي پسند ڪندو آهيان ۽ ڪيترن سالن کان سائڊس عزت احترام وارو رستو رهيو هو. پر جيڪڏهن مان خواب ۾ محسوس ٿيندڙ مصنوعي رويي جي ان درجي تي پنهنجي جذبن کي به بيان ڪريان ته به ان ۾ شڪ نه هو ته ان تي هو به حيران ضرور ٿئي ها! منهنجو هن لاءِ مڪر، جنهن جو مون اظهار پئي ڪيو اهو سنڊس ئي دانشوارٽي لياقت جي فتويٰ جيان، مون کي غير حقيقي ۽ ڪجهه وڏاءُ ڪيل ۽ سنڊس شخصيت کي، پنهنجي چاچي سان پيٽ ڪرڻ جي ذريعي بگڙيل، بدليل پئي لڳو پئي. اهڙيءَ ريت اهو وڏاءُ مخالف رخ اختيار ڪري ويو. پر هڪ نئين روشني منهنجي من ۾ ايري آئي. خواب ۾ مصنوعي رويو. انهن خيالن جي ڪري، ڪنهن ڳجهي مواد يا سٽاءَ سان وابستا نه هو جيڪي خواب جي پسمنظر ۾ ڪارفرما هئا. اهي اصل ۾ انهن جي ضد ۾ بيٺا هئا ۽ خواب جي سچي مقصد کي ڳجهو رکڻ جي پوري رٽابندي ڪري چڪا هئا، ۽ شايد اهو ان جو مختصر جواز (Raison detre) هو.

مان تجزيي ڪرڻ يا مقصد ڪيڙ لاءِ جيڪو وقت سيڙايو هو ان سلسلي ۾ مان پنهنجي مزاحمت کي ياد ڪرڻ لڳس ته مون کيترو اڳ ان کي چڏي ڏنو هو ۽ ڪيئن انهيءَ ئي ڀالهه کي پڌرو ڪندي بيڪار بحث جي خوف کان خواب به صفا بي معنيٰ ۽ بيهودو ٿي ويو هو. منهنجي تحليل نفسيءَ جي طريقي مون کي سيڪاري چڏيو هو ته ان قسم جي ڪجهه به ڪرڻ کان انڪاري معاملي جو تجزيو ڪيئن ڪجي!

منصفاڻي لحاظ کان ته ان جي ڪا اهميت ڪانه هوندي آهي، پر اهو جذبن جي بيان ٿيڻ جو سادو طريقو ضرور هوندو آهي. جيڪڏهن منهنجي ننڍپڻ ڏيءَ کي صوف ڏجي پر هن کي صوف پسند ئي نه هجي ته هوءَ ان کي چڪرٽ کانسواءِ ئي، اها ئي دعويٰ

ڪندي تہ صوف جو ذائقو ڪٽوءِ بي مزي آهي، ءِ جيڪڏهن منهنجي مريض جو رويو به ان پار وانگر هوندو تہ مان سمجهي سگهان ٿو تہ ان جي لاشعور ۾ اهڙي ڳالهہ ضرور موجود آهي جنهن جي ڪري ڪنهن تڪليف اچڻ واري سوچ کي دٻائڻ پسند ڪيو ويو آهي. بلڪل ساڳئي ڳالهہ منهنجي خواب سان به وابستا هئي. جنهن جو مقصد مون به بيان ڪرڻ نہ ٿي چاهيو. ڇاڪاڻ تہ ان جي تشريح ڪنهن اهڙي معاملي تي مبني هئي، مان جنهن جي خلاف جدوجهد ڪري رهيو هوس. مون جڏهن ان جي تشريح مڪمل ڪري ورتي تہ مون ان کي ڇاڻي ورتو تہ اها ڪهڙي شيءِ هئي جنهن جي خلاف مان جدوجهد پيو ڪريان. جيئن دعويٰ پئي ڪيم تہ "ري" بيوقوف هو ءِ جيڪو جذبو مون "ري" لاءِ محسوس پئي ڪيو اهو خواب جي ڪن لڪل سوچن منجهان هلي نہ آيو هو پر ان ۾ شڪ به نہ هو تہ اهو منهنجي "جدجهد جي بنياد" مان ئي وجود ۾ آيو هو. جڏهن تہ منهنجي خواب، ان حوالي سان پنهنجي لڪل مواد يا ستاءِ بگڙيل صورت اختيار ڪئي هئي، ءِ ان جي بگڙيل صورت کي ان جي ابتڙ ڪري ڇڏيو هو. جنهن کان پوءِ ان جذبي، خواب ۾ ان بگاڙڻ جي مقصد جي وضاحت جو ڪم سرانجام ڏنو ٻين لفظن ۾ ائين چئجي تہ بگاڙي ان معاملي ۾ ڇاڻي ٻجهي منافقت واري مقصد لاءِ ان طريقي سان اظهار ڪيو. منهنجي خواب جا خيال، "ري" جي خلاف تهمت تي ٻڌل هئا ءِ ان حوالي سان مان ان ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڏئي نہ سگهيو هوس، جنهن ڪري هن جي لاءِ جيڪي جذبا، منهنجي دل ۾ موجود هئا، خواب ان کي ابتڙ پيش ڪيو آهي.

اها ڳالهہ ائين ٿي نظر آئي، جيئن جواز يا معقوليت جي ڪا عام کوجنا هجي. اهو سچ آهي تہ جيئن اسان ٽئين باب ۾ مثالن جا حوالا ڏيندي اهو ڏيکاري آيا آهيون تہ ڪي خواب اهڙا به هوندا آهن جيڪي خواهشن جي پورائي جي اصل حالت کي لڪائي نہ سگهندا آهن. پر ڪجهہ معاملن ۾، جتي خواهشن جو پورائو شناخت نہ ٿي سگهندو آهي يا لڪل حالت ۾ هوندو آهي، اتي يقينن کو اهڙو لاڙو يا جهڪاءُ موجود ضرور هوندو آهي، جيڪو خواهش جي خلاف دفاع ڪندو آهي. ءِ ان بچاءَ جي پابنديءَ جي ڪري خواهش پاڻ کي، سواءِ ان بگڙيل صورت جي، بيان ڪرڻ جي قابل نہ هوندي آهي. دماغ ۾ ان اندروني واقعي کي، سماجي برابريءَ جي حوالي سان ڳولهڻ جي مان ڪوشش ضرور ڪندس. سماجي زندگيءَ ۾ نفسياتي عمل جي ان ساڳئي بگاڙي بکيڙي کي اسان ڪٿي ڳولهي سگهون ٿا؟ جي! اتي جتي ٻن ماڻهن جو پاڻ ۾ لاڳاپو هجي، جن مان هڪڙي وٽ ڪي قدر مال ملڪيت ءِ اختيار هجي، جڏهن تہ ٻيو گذران ۾ پورو پنو هجي، اهڙيءَ حالت ۾ ٻئي شخص جي نفسياتي عمل ۾ بگاڙ پيدا ٿي پوندو يا جيئن اسان کيس مڪر، منافقت ءِ اندر هڪ ٻاهر ٻيو هجڻ واري درجي تي رکي سگهون ٿا. نرم مزاجي، جنهن جي مان تہ روازنو مشق ڪندو رهندو آهيان، جنهن کي به هڪ وسيع معنيٰ ۾ مان هڪ قسم جي منافقت ءِ مڪر چئي سگهان ٿو ءِ جڏهن مون پنهنجي پڙهندڙن جي لاءِ، پنهنجي خوابن جو تجزيو پئي ڪيو تہ مان به ان ساڳئي بگاڙي کي اختيار پئي ڪيو. ڪنهن شاعر ان بگاڙي جي اهميت جي شڪايت ڪجهہ هنن اکرن ۾ ڪئي آهي تہ: "بهرحال، جيترو بهتر اوهان ڇاڻو ٿا، اهو هارن کي ٻڌائي نہ ٿو سگهجي."[1]

ساڳئي مشڪل سان، هڪ سياسي ليکڪ به بهاديريءَ سان منهن ڏيڻ لاءِ ڪمر ڪشي ٻيهي تہ جيڪو اختياريءَ وارن سان اختلاف ڪندو ءِ سچ چوندو ءِ ان صورت ۾ جيڪڏهن اهي لفظ اختياريءَ وارن جي آڏو پيش ڪيا وڃن تہ پڪ سان اهي سنڊس چيل لفظن کي پنهنجي پوري قوت سان دٻائڻ جي ڪوشش ڪندا. سو به تڏهن، جيڪڏهن هن جو بيان يا اعلان زباني هوندو نہ تہ ٻي صورت ۾ سنڊس ارادو ان کي شايع ڪرائڻ جو ان ڪري هوندو تہ هڪ ليکڪ کي چندچاڻ (Censorship) ڪندڙ ادارن يا اختيارين کان به واقف هجڻ گهرجي. اهڙين صورتن ۾ يقينن هو پنهنجي راءِ يا خيالن کي تمام نرم لهجي ءِ ڪجهہ بگڙيل صورت ۾ بيان ڪندو. چند چاڻ ڪندڙ حساس ادارن ءِ اختيارين جي قوت مطابق هو پاڻ کي لاچار سمجهندو يا مورڳو ان خاص طريقي سان حملي ڪرڻ کان ئي پاسو ڪري ويندو يا وري سڌو سنئون چوڻ بجاءِ "تصور" ۾ پيو چوندو رهندو يا وري هو

---

[1] گوئٽي جي لکيل "فائوسٽ" جي پهرين حصي جي، چوٿين منظر ۾ ڪردار: "مي فسٽوفيلس" چوي ٿو: "بهرحال، جيترو بهتر اوهان ڇاڻو ٿا، اهو هارن کي ٻڌائي نہ ٿو سگهجي." اها فرائيڊ جي پسنديده سٽ هئي، جنهن کي هن اڪثر به استعمال ڪيو آهي. پنهنجي زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ خاص طور 1930ع ۾ گوئٽي انعام جي تقريب جي موقعي تي به هن چئي هئي، جيڪا خود گوئٽي بابت ئي استعمال ڪئي هئائين.

پنهنجي اعتراض جوڳي بيان يا اعلان لاءِ "هيناهين وٺي" ان کي ظاهري معصوميت ۾ لڪائي پيش ڪندو مثال طور هو وڇين حڪومت دوران چيني سلطنت جي ڪن هن اعليٰ عهديدارن جي وچ ۾ پيدا ٿيل تضاد کي تڏهن بيان ڪندو جڏهن پنهنجي ملڪ جا عهديدار حقيقي طور سندس ذهن ۾ هوندا. چنڊ چاڙ احتساب ۽ سختي، گهٽي دور رس، لڪل حالت ۾ ۽ وڏي ذهانت سان پڙ ان مقصد لاءِ استعمال ٿي سگهي ٿي، جيڪا پڙهندڙ يا سمجهڻ واري کي درست ۽ سچي معنيٰ جي سرهاڻ ڏئي سگهي.

"بيگم ڊاڪٽر. ايڇ وان هگ هيلموٿ" (Dr.H. Von Hug Hellmuth. 1915) هڪڙو خواب محفوظ ڪيو آهي، جيڪو ڪنهن ٻئي جي ياران منهنجي منتخب ڪيل نالن جي فهرست ۾ شايد بهتر ۽ انصاف پرئي نموني ٺهڪي اچي. هن مثال ۾ به خواب جي بگڙيل صورت ساڻيا ئي ضابطا اختيار ڪيا آهن. جيئن ٽپال ڪاتي وارا چنڊ چاڙ جي سلسلي ۾ انهن جملن کي ڊاهي ڇڏيندا آهن. جيڪي ڪين پنهنجي قاعدي تحت اعتراض جوڳا لڳندا آهن. ٽپال جي چنڊ چاڙ واري طريقي مطابق. اهڙن جملن کي ڪاري مس سان مٽايو ويندو آهي ته جيئن اهي صاف پڙهي نه سگهجن. ائين ئي خواب به سمجهه ۾ نه ايندڙ "چڙ پڙ" ! "سيپس" ذريعي چنڊ چاڙ ڪندو آهي.

ان حوالي سان خواب کي چٽو يا سمجهڻ جهڙو بنائڻ لاءِ مان وضاحت ضرور ڏيندس ته خواب ڏسندڙ پنجاهه سالن جي، نهايت ڏهني طور زرخيز ۽ وڏي عزت واري عورت هئي. هوءَ ان وڏي عهدي تي ڪم ڪندڙ عملدار جي ٻيوهه هئي. جيڪو اٽڪل ٻارهن سال اڳ گذاري ويو هو. هوءَ جوان پٽن جي ماءُ به هئي. جنهن مان هڪڙي جي لاءِ خواب ۾ ان جي ميدان تي هجڻ جو حوالو به ڏئي ٿي.

سندس خواب هن ريت آهي. جيڪو جنگ جي زماني ۾ "پيار جي جذبي واري پورهيي (Liebesdienste) يا "پيار لاءِ سرانجام ڏنل خدمت" سان تعلق رکي ٿو [جنهن کي بنا معاوضي واريون خدمتون به چئي سگهجي ٿو پر عشق محبت جي اظهار جي صورت ۾ ان جو مقصد ٻيو آهي] مريضا گئريسن اسپتال نمبر هڪ ڏانهن وئي ۽ در تي ٻيئل سنتريءَ کي اطلاع ڪيائين ته هن کي چيف ميڊيڪل آفيسر سان تمام ضروري ڳالهائڻو آهي. (سندس نالي جي هن کي ڄاڻ ڪا نه هئي) ته هوءَ رضاڪار طور تي اسپتال ۾ خدمت سرانجام ڏيڻ چاهي ٿي. هن لفظ خدمت (Service) کجهه اهڙي انداز سان اچاريو جنهن جو مطلب ان وقت ڪيس ائين لڳو جڙ چوندي هجي. "پيار جي خدمت". جڏهن ته هوءَ هڪ وڏي عمر واري عورت هئي. پر ٿوري هڪ ڪان پوءِ هن ڪيس اندر وڃڻ ڏنو. چيف ميڊيڪل آفيسر کي ڳولهڻ بجاءِ هوءَ هڪ وسيع ۽ نهايت روشن هال ۾ اچي پهتي. جتي هڪ وڏي ميز جي چوڌاري ڪيترن ئي ڊاڪٽرن کي ويٺل ۽ ٻيٺل ڏٺائين. هن عملي جي هڪ سرجن کيس وٽس اچڻ جي درخواست ڪئي. هن سندس اچڻ جو مقصد سمجهي ورتو ته ان کانپوءِ ان عورت ساڻس رڳو چند لفظ ڳالهايا. خواب ۾ ڳالهايل لفظ کجهه هن ريت هئا: "مان ۽ ويانا جون ٻيون ڪيتريون ئي عورتون ۽ چوڪريون تيار آهيون...."

ان وقت سندس لفظ سسپس ۾ بدلجي ويا: "فوجي جٽن لاءِ ..... آفيسرن ۽ ٻين عهديدارن لاءِ. بنا ڪنهن فرق جي." آفيسرن جي شڪلين تي آيل ڪڙهن پريشانيءَ جي ته ڪڙهن ڇالاڪيءَ جي تاثرن ذريعي هوءَ سمجهي ٻئي سگهي ۽ خود اهي سيئي به سندس مطلب کي چٽيءَ ريت سمجهي رهيا هئا. هوءَ ٽورو اڳتي وڃي چوڻ لڳي: "مان ڄاڻان ٿي ته اسان جو فيصلو يقينن اچرج ۾ وجهندڙ آهي. پر اسان جو مقصد کجهه وڌيڪ پڪو ۽ پختو آهي. جنگ جي ميدان ۾ ڪو به ڪنهن سپاهيءَ کان اهو نه پڇندو آهي ته هن کي مرڻ جي خواهش آهي يا نا" پوءِ ٽوري دير لاءِ اٽوٽندڙ خاموشي ٿي وئي. پوءِ سرجن اٿي سندس چيلهه ۾ پنهنجي ٻانهن وڑائيندي چيو: "مثال ونو خاتون ته اصل ۾ ائين ٿي پوي....." (باقي سسپس ذريعي) "ته ڇا هوءِ ڪائنن ڪنڊ ڪيائي سگهي ٿي!" هن پنهنجي منهن سوچيو "هو به ٻين جهڙو ٿو لڳي." ۽ چوڻ لڳي: "اوهان جي وڏي مهرباني مان هڪ پوڙهي عورت آهيان. شايد ائين نه ڪري سگهان. ٻيو ته اوهان کي ان ڳالهه جو خيال به رکڻ گهرجي. عمر جي کجهه ته عزت هئڻ گهرجي. مان هڪ عمر رسيده عورت هجڻ سبب اهو سيکجهه نه ٿي ڪري سگهان." (سسپس ذريعي) "رڳو هڪڙو چوڪرو..... جيڪو به خطرناڪ هوندو." سرجن جواب ۾ چيو: "مان سمجهان ٿو." کجهه آفيسرن جي وچ ۾ هڪڙو اهو شخص، جيڪو سندس جوانيءَ واري دور ۾ ساڻس شاديءَ جو طلبگار هو. وڌا ٿهڪ ڏئي کلڻ لڳو. پوءِ ان عورت، سرجن کي ٻڌايو ته ان سان سندس ڄاڻ سڃاڻ آهي.

اهڙيءَ ريت سمورو معاملو بحث کانپوءِ آخرڪار ڪنهن نتيجي تي اچي پهتو. پر ڪيس ان شخص جو نالو ياد ڪو نہ پئي آيو. ان ڪري هوءَ گهبراهٽ محسوس ڪرڻ لڳي. ڪيس ان سرجن جو نالو به ياد نہ پئي آيو. جيڪو ساڻس نهايت نرميءَ ۽ عزت سان پيش آيو هو. جنهن ڪيس متي ٻي منزل ڏانهن ويندڙ رستو ٻڌايو هو. جيڪو ڏاڍو سوڙهو هو ۽ ڏاڪڻ بہ لوهہ جي ٺهيل هئي جا وڪڙ کائيندي ڦرندي متي ٿي وئي ۽ متي واري عمارت جي ڪمري سان ڳنڍيل هئي. هوءَ جيئن متي پهتي تہ هن آفيسر جو آواز ٻڌو جيڪو چئي رهيو هو: "اهو نهايت حيرت ۾ وجهندڙ فيصلو هو. عورت پوڙهي هجي يا جوان. بهرحال هوندي ڏاڍي رونق واري آهي." هن اها ڳالهہ سادگيءَ واري انداز ۾ ٻڌي چاڪاڻ تہ ڪيس محسوس پئي ٿيو تہ هوءَ تہ رڳو پنهنجي فرض ادائگي ڪري رهي هئي. هوءَ ان نہ ڪٽندڙ ڏاڪڻ تي چڙهندي وئي." هي خواب، ڪجهہ غير اهم ۽ بي معنيٰ تبديلين ۽ ترميمن سان چند هفتن دوران بہ پيرا ڪيس نظر آيو هو.[1]

سچ تہ چندڇاڻ ۽ خواب جو بگاڙي وارو عمل، هڪ ٻئي سان مطابقت رکندڙ انهن جي مختصر تفصيل، اسان کي اهو اندازو لڳائڻ لاءِ جواز مهيا ڪري ڏئي ٿي تہ انهن جون حدون، ساڳيون ئي مقرر ٿيل آهن. اسان اهو اندازو بہ ڪري سگهون ٿا تہ خواب، هرهڪ ماڻهوءَ ۾ هن نفسي عملي قوتن ذريعي، پنهنجي صورت جوڙيندا آهن (يا جنهن کي اسان موجود عام لاڙو يا سرشتو چئي سگهون ٿا) ۽ انهن مان هڪ قوت، خواهش کي جنم ڏيندي آهي، جنهن کي خواب بيان ڪندو آهي. جڏهن تہ ٻيءَ قوت جي مشق، خواب جي خواهش جي چندڇاڻ ڪرڻ تي مامور هوندي آهي ۽ ان چندڇاڻ جي عمل ذريعي، وڏي شدت سان، خواهش جي بگاڙي جو تاثر پيدا ٿيندو آهي. جيڪو طاقت جي فطرت مان لطف اندوز ٿيڻ خاطر، پنهنجي ان ٻئي انتظامي ۽ مددگاري اداري کان مسلسل معلومات پيو وٺندو رهندو آهي. جيڪو ان قسم جي چندڇاڻ جي قابل هوندو آهي. جڏهن اسان پنهنجي ذهن ۾ اها ڳالهہ آڻيون ٿا تہ لکل خوابي خيال، تجزياتي عمل کان اڳ ۾ جاڳيل يا بيدار نہ هوندا آهن. جڏهن تہ خواب جو وضاحتي مواد يا ستاءِ شعوري طور تي ياد رهندو آهي. خواب اهو فرض ڪندي، اعتبار جوگو ۽ ايماندار نظر ايندو آهي تہ اضافي رعايت، ان ٻئي انتظامي مددگاري شعبي جي ذريعي سرور حاصل ڪندي آهي، جيڪا خيالن کي شعور ۾ اچڻ جي اجازت ڏيندي آهي. ڪا بہ شيءِ جنهن جو وجود نہ هجي تہ بہ اها شعور وٽ ان ٻئي انتظامي مددگاري شعبي وٽان گذرڻ کانسواءِ ئي، پهرين سرشتي مان پهچندي نظر ايندي آهي، ۽ اهو پيو انتظامي مددگار شعبو پنهنجي استحقاق جي مشق ڪرائڻ يا ذهني ۽ جسماني اوسر لاءِ ڪارڪردگيءَ جي ذميواري نيائڻ خاطر، جيئن سوچيندو آهي تيئن انهن خيالن سان جيڪي شعور جي اعتراف جي تلاش ۾ مگن رهندا آهن، انهن کي ٺهڪي ايندڙ ان قسم جي ترميمن ڪرائڻ کانسواءِ گذرڻ جي اجازت نہ ڏيندو آهي. اتفاق سان اهو اسان کي شعور جي "لازمي فطرت" جو مڪمل ۽ يقيني منظر جوڙڻ جي لائق بنائيندو آهي: اسان خاص نفسي ذهني عمل جيان ان شيءِ جو شعور ۾ ايندي اهو طريقو بہ ڏسندا آهيون. جيڪو ان کان منفرد ۽ پيش ڪندڙ يا سوچ جي جوڙجڪ ڪندڙ آزاد عمل هوندو آهي. ۽ اسان شعور کي هڪ محسوس ٿيندڙ عضوي جيان بہ سمجهندا آهيون جيڪو ڪنهن ٻئي هنڌ ان اپريل انگن اکرن مان نتيجو حاصل ڪرڻ جو ادراڪ يا علم رکندو آهي. اهو ڪارڻ ذريعي ثابت ڪرڻ، مثالن سان سمجهائڻ ۽ احساسن ۽ خيالن کي ظاهر ڪرڻ ذريعي بہ بيان ڪري سگهندو آهي تہ اهي بنيادي مفروضا، عقيدا يا گمان، ذهني بيمارين جي تجرباتي علاج لاءِ بنهہ ضروري ۽ اٽڪل هوندا آهن. اسان ان معاملي تي اڳتي باب ستين ۾ خاص طور حصي ستين ۾ وڌيڪ غور ڪنداسين.

جيڪڏهن انهن ۾ نفسي ذهني شعبن جي تصوير ۽ سندس شعور سان وابستگيءَ کي، قبول ڪجي تہ جيڪو خواب ۾، مون پنهنجي دوست "ري" جي غير معمولي مصنوعي رويي کي محسوس ڪيو هو تہ ان جي سياسي زندگيءَ ۾ بہ گهٽي هڪجهڙائي موجود هئي، جنهن کي خواب پنهنجي تشريح ذريعي ٽورو بدسلوڪيءَ سان پيش ڪيو هو. پاڻ ٽوري دير جي لاءِ سماج جو تصور ڪري ٿا ڏسون، جتي ان حڪمران جي خلاف جدوجهد جاري آهي. جيڪو پنهنجي طاقت سبب ڪينو رکندڙ ۽ عوامي راءِ تي

---

[1] هي حصو 1919ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي. هن خواب تي وڌيڪ تبصرو فرائيڊ جي ڪتاب "تعارفي تقريرون (1916_17) جي تقرير نمبر 9 ۾ ڏنل آهي.

چوڪسي ڪندڙ آهي. عوام ان ناپسنديده عملدار جي خلاف انقلاب آڻڻ ۾ رڌل آهي ۽ هن کي عهدي تان هٽائڻ جي گهر ڪري رهيو آهي. پر اهو آمر (Autocrat) ان ڳالهه جو ردعمل ڏيندي چوي ٿو ته "ڪيس عوام جي خواهش تي ڪنهن به قسم جي ڏيان ڏيڻ جي ضرورت نه آهي." ان وقت هو پنهنجي ڪجهه عملدارن کي چونڊي انهن کي اعليٰ اعزازن سان نوازي ٿو جڏهن ته ان وقت انهن عطائن ۽ عنايتن جو ڪو به پيو سبب نه آهي. بلڪل اهڙي ئي طريقي سان پيو شعبو به ڪم ڪري ٿو جيڪو شعور جي سوچ، منصوبن ۽ ڪوششن تي حڪمراني هلائي ٿو منهنجو دوست "ري" گهٽي مڪر فريب جي نماءَ ذريعي ٽوروفرق رکي ٿو چاڪاڻ ته خواهش سان پرپور چاهتون، پهرين سرشتي سان سلهاڙيل آهن. انهن جي پنهنجي هڪ خاص سبب لاءِ جنهن تي اهي ان وقت پکو پهه ڪري ٻيٽيون هيون، ان ڪري هن (خواب) بدسلوڪيءَ کي چونڊي، ڪيس بيوقوف قرار ڏئي ڇڏيو.[1]

"منافقاڻن، پهروپي يا رياڪاريءَ وارن خواب جو اهو مواد، منهنجي پنهنجي يا ٻين ماڻهن جي خوابن ۾ به گهٽي قدر موجود آهي (انهن تي به اڳتي بحث ڪيل آهي). مان جڏهن چند سائنسي مسئلن تي ڪم ۾ مصروف هوس ته ڪيترين راتين تائين هڪ هنڊ بند ٿي ويهڻ سبب، ان منجهائيندڙ خواب جي ڪري مان گهڻو پريشان هوس. جيڪو ان دوست سان وري مصالحت ڪرڻ جي ان موضوع تي مبني هو جنهن کي ڪجهه سال اڳ مون چڏي ڏنو هو. چوٽين يا پنجين پيري آخرڪار مان ان خواب جي مطلب کي سمجهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس. اها ان شخص کي چڏڻ ڏيڻ متعلق، منهنجي آخري يادگار چرچ هئي ۽ مان مڪمل طور تي هن کان آزاد ٿي ويو هوس. اهو به اصل حالت کي لڪائڻ جي حوالي سان هڪ قسم جو منافقاڻو رويو هو جيڪو اڳتي ڪٿي بيان ڪيل آهي. (1910ع ۾ ٻيهر شايع ٿيل): هڪ شخص "پاڻ سان پيار تي مبني، منافقت جو خواب" (Hypocritical Oesipus Dream) ڏئو جنهن ۾ دشمن/ وروڌي جذبا ۽ موت جون خواهشون، خواب جي مواد سان منسلڪ هيون، جيڪي وضاحت ۽ پيشڪش جي ذريعي صورت متائي ويون. ٻئي قسم جو منافقيءَ تي ٻڌل خواب اڳتي ڇهين باب ۾ آندل آهي. (هتي حاشيي ۾ حوالي طور تي آندل دوست جو نالو پڪ سان "فليس" هو.[2]

غور ڪيل اهي ڳالهيون اسان کي ان احساس بابت رهنمائي ڪن ٿيون ته خوابن جي تعبير يا تجزيو اسان کي ان قابل بنائي ٿو ته اسان پنهنجي ذهني اوزار (ميڪانزم) جي ساخت ۽ جوڙجڪ جي ذريعي کي فيصلا مرتب ضرور ڪريون. جنهن لاءِ اسان فلسفي ۾ اجائي اميد رکيو ويٺا آهيون. مان صلاح نه ڏيندس ته اوهان منهنجي هن خيال تي لڳي ڀئو جيڪو اڳتي باب ستين ۾ آندل آهي. پر خواب جي بگاڙڻ واري مواد جي چٽائيءَ لاءِ مان وري پنهنجي ان مسئلي تي موٽي اچان ٿو جيڪو اسان شروع ڪيو هو. سوال اهو اٿيو هو ته خواب پنهنجي ذڪ، تڪليف يا ايذاءَ واري مواد کي خواهشن جي پورائي ۾ ڪهڙيءَ ريت حل (Resolve) ڪري سگهي ٿو سو اسان هاڻي ڏسندا سين ته اهو ممڪن آهي، جيڪڏهن خواب جي بگاڙڻ وارو عمل ظاهر ٿيو آهي ۽ جيڪڏهن ذڪ، تڪليف يا ايذاءَ وارو مواد رڳو ڪنهن شيءَ جي اصل حالت کي لڪائي رهيو آهي ته اهو "عمل" ان جي "خواهش" لاءِ آهي. اسان کي انهن ٻن نفسي شعبن جي وجود بابت پنهنجا مفروضا پنهنجي ذهن ۾ ضرور رکڻ گهرجن. اسان وڌيڪ اهو چئي سگهون ٿا ته ذڪ، تڪليف يا ايذاءَ وارا خواب، حقيقت ۾ اهڙي مواد مان جڙندا آهن، جيڪي خود ٻئي شعبي کي ايذاءَ رسائيندڙ هوندا آهن. پر ساڳئي وقت، انهن مان ڪي، پهرين شعبي جي آڏار تي، خواهش جو پورائو به ڪندا آهن. اهي سيئي خواب، خواهشن جو پورائو ڪندڙ هوندا آهن، جيڪي پهرين شعبي مان ايري ايندا آهن. ٻئي شعبي جو سپنن سان سنهنڊ، تخليقي قسم جو نه پر "دفاع يا بچاءَ" وارو هوندو آهي.[3] جيڪڏهن اسان پاڻ کي ان ڳالهه تي غور ڪرڻ لاءِ پابند ڪريون ته اهو پيو شعبو خوابن کي ڪهڙو حصو بخرو ٿو پيش ڪري! ته سمجهڻ گهرجي ته اسان اڃان انهن کي سمجهڻ واري دڳ تائين نه رسيا آهيون. حالانڪ نالياورن ليڪن، خوابن مان تمام گهڻو مشاهدو ماڻيو آهي، پر سموريون ڳجهارتون اڃان به اڻ سليل پيون آهن.

---

[1] هن خواب جو تجزيو اڳتي ڏنل آهي.

[2] هي حصو 1911ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

[3] (1930 ۾ شامل ڪيل): اڳتي اسان انهن مثالن کي به بيان ڪنداسين، جن ۾ ان جي برعڪس خواب، ٻئي شعبي جي ذريعي به خواهش کي بيان ڪندي نظر اچي ٿو.

اها حقيقت آهي تہ خوابن ۾ هڪ راز واري رمز هوندي آهي، ان جي معنيٰ ۾ لڪ رکيل هوندي آهي، جيڪا تجزيي جي ذريعي هر خاص معاملي ۾ نئين سري کان خواهشن جي پورائي جي نمائندگيءَ کي ثابت ڪندي آهي.

ان حوالي سان مان ذڪ، تڪليف يا ايذاءَ وارا چند خواب چونڊيا آهن ۽ ڪوشش ڪندس تہ انهن جو تجزيو ڪريان. انهن مان ڪي خواب تہ زناني جنسي بيمارين جي مريضائن جا آهن، جن لاءِ هڪ طويل پيش لفظ لکڻ جي ضرورت آهي ۽ موقعي محل سان زناني جنسي بيمارين جي نفسي عملي خاصيتن تي تفصيلي ضميمو بہ لکڻ گهرجي ۽ بهرحال مان پنهنجي دليلن کي پيش ڪرڻ لاءِ وڌندڙ بدتر مشڪلاتن کان لنوائڻ وارو نہ آهيان.

جيئن تہ مان اڳ ۾ بہ واضح ڪري چڪو آهيان، جڏهن مون نفسياتي اعصابي مريضن جي تجزياتي علاج جي ذميداري کنئي هئي، جن جا خواب، بنا تبديليءَ جي اسان جي وچ ۾ بحث هيٺ رهندا آيا آهن. جن بحثن جي سلسلي ۾ مون انهن کي سموريون نفسياتي وضاحتون ڏنيون آهن، جن مون کي انهن جي مرض جي اهڃاڻن (Symptoms) کي سمجهڻ جي قابل بڻايو. جنهن جي نتيجي ۾ مون کي نهايت ڪٺور قسم جي تنقيد جو موضوع بنايو ويو. خود منهنجي پنهنجي پيشي وارن ڪارڪنن منجهان بہ. جيتري مون اميد پئي رکي، انهن جي ڪٺورتا بہ گهٽ ڪانہ هئي، حالانڪ منهنجا مريض ظاهر ظهور منهنجي انهيءَ اثباتي دعويٰ جي تردِيد ڪري رهيا هئا تہ اهي سمورا خواب، خواهشن جو پورائو ڪندڙ آهن. مان هتي انهن خوابن جي مواد مان ڪجهہ مثال پيش ڪريان ٿو جيڪي منهنجي خلاف اپريا هئا.

"تون مون کي سدائين چوندو آهين،" منهنجي هڪ سياڻي مريضا شروعات ڪئي، "تہ اهو خواب خواهش جو پورائو ڪندڙ هو. ٺيڪ، مان توکي هڪڙو خواب ٻڌائيندس، جنهن جو موضوع ان جي بلڪل ابتڙ آهي، اهو خواب، جنهن ۾ منهنجي ڪا بہ خواهش پوري ڪا نہ ٿي هئي، پوءِ تون ان کي پنهنجي نظريي سان ڪيئن ٺهڪائيندين؟" خواب هن ريت هو:

"مان هڪ تمام شاندار دعوت ڏيڻ چاهيان ٿي، پر منهنجي گهر ۾ ڪجهہ بہ نہ آهي، پر هڪ ننڍڙي ٽانبن تي سيڪيل رانوَس/سائمن مڇي (Salmon) رکي آهي. مان سوچيان ٿي تہ باهر وڃان ۽ ڪجهہ خريد ڪري آڻان، پر ياد ٿو آچي تہ اهو آچر جو ڏينهن هو ۽ شام جو وقت هو ۽ سمورا دڪان بند ٿي ويا هوندا. پوءِ مان ڪاڏي پهچائڻ واري شخص کي فون ڪرڻ لڳس، پر فون خراب هئي، ان ڪري مان پنهنجي ان شاندار دعوت واري خواهش کي ترڪ ڪري ڇڏيو."

سندس خواب ٻڌي مون کيس جواب ڏنو ظاهر آهي تہ تجزيو ئي خواب جي مطلب بابت فيصلي مرتب ڪرڻ جو واحد رستو آهي." حالانڪ مون پهرين سٽ ۾ ئي اها ڳالهہ ڄاڻي ورتي هئي، جيڪا ذهانت ۽ منطقي طور تي لاڳاپيل ٿي لڳي ۽ خواهشن جي پورائي جي ابتڙ چڱي حالت کان خراب حالت ڏانهن تبديلي جيان ٿي نظر آئي. "پر خواب، ان منجهان ڪهڙو مواد اپاريو؟ جيئن اوهان ڄاڻو ٿا تہ خواب کي چورينڊڙ مواد يا ستاءِ سدائين گذريل ڏينهن جي ڪنهن واقعي مان لينڊو آهي."

تجزيو: "منهنجي مريضا جو مڙس هڪڙو ايماندار ۽ گوشت جو ويڪرو ڪندڙ لائق ڪاسائي هو هن هڪ ڏينهن اڳ ۾ ڪيس نشاندهي ڪرائيندي چيو هو تہ هو گهٽو ٽلهو ٽيندو ٽوويجي، ان ڪري وزن گهٽائڻ جو ڪو سلسلو شروع ڪجي. هن ڪيس صلاح ڏني تہ هڪ تہ ائين ڪجي جو صبح جو سوير اڻجي ۽ بدن جي ڪا ڪسرت ڪجي، کائڻ ۾ بہ ٿورو احتياط ڪجي ۽ سيني کان اهم ڳالهہ اها تہ وڌيڪ شاندار دعوتون بند ڪري ڇڏجن."

هوءَ کلي ويئي ۽ منهنجي ڳالهہ کي وڌائيندي چوڻ لڳي تہ سندس مڙس جنهن جاءِ تي روزاني مانجهاندو ڪندو هو اتي سندس واقفيت هڪ مصور سان ٿي هئي جنهن مٽس، سندس تصوير تيار ڪرڻ لاءِ زور پريو هو. جڙ هن اهڙو متاثر ڪندڙ ڊول ڊيل واروماڻهو اڳ ڪونہ ڏٺو هو. منهنجي مڙس بہ ان کي ڪري لهجي ۾ جواب ڏنو تہ مان ضرور توکي اجازت ڏيان ها پر جيڪڏهن مصور اها پڪ ڏئي تہ سندس چهري جي پويان ڪنهن حسين چوڪريءَ جي شڪل ناهي ڏيندو![1] ان عورت جو پنهنجي مڙس سان

---

[1] ساڳئي باب ۾ آندل سٽ: "ڪنهن جي تصوير تيار ڪرڻ لاءِ ويندل" ۽ "گوئٽي" جي سٽ: "جيڪڏهن هن کي پئپرائي حاصل نہ هوندي تہ سندس سرداري ڪيئن هلي سگهندي." "مجموعو" (Totalitat. 1814_15)

بيحد بيار هو پر ويجهڑائيءَ ۾ هن کيس ڏاڍو تنگ ڪيو هو مڃيءَ جي آنيءَ جي آچار (Caviar) وٽي ڏيڻ تي ب هن ڏاڍو ڪيس ايلاز ڪيا هئا. مون هن کان پڇيو ته ان جو مطلب ڇا هي؟ جنهن تي هن وضاحت ڪئي ته گهٽي عرصي کان منهنجي خواهش هئي ته آءُ روزاني صبح جو مڃيءَ جي آنيءَ جي آچار مان ٿهيل سموسا کاوان. پر مهانگي هجڻ جي ڪري هن نٿايو پئي. يقينن مڙس سندس فرمائش هڪدم پوري ڪري وٺي ها، پر ان جي ابتڙ هن کائنس پڇيو ته ڇا تون کٽاڻ نه آڻي ڏيندين؟ ته ظاهر هو ان جي ڪري هن تنگ ٿيندي ساڻس انڪار ڪري ڇڏيو. پر اها وضاحت کيس ٻڌائيندي مون کي ڪجهه مشڪل پئي لڳي. ائين ئي ٿيندو آهي ته ان قسم جا اڻپورا دليل سڌائين يڪ ڏيکيندڙ غلطيءَ جو اعتراف نه ڪرڻ واري نيت تي ٻڌل هوندا آهن. اهڙي ڳالهه "برنهيم" (Bernheim) جي هڪ غشيءَ جي مريض ياد ڏياري هئي. جڏهن انهن مان هڪڙي کي اعصابي مرض جي چڪاس جي خيال کان آندو ويو هو تڏهن کائنس پڇيو ويو ته ان ريت اداڪاري ڪرڻ جي توکي ڪهڙي ضرورت هئي؟ ڪجهه ب چوڻ بجاءِ هن وٽ اهڙي قسم جو ڪو ب خيال نه هو. هو ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ ڪنهن دليل جي ڳولها جي مجبوري محسوس ڪرڻ لڳو. ان ۾ شڪ نه هو ته ان معاملي ۾ هي شخص ب منهنجي کٽاڻ واري مريضا جيان سچو هو. مون ڏٺو ته ان عورت پنهنجي اصل زندگيءَ ۾ پنهنجي لاءِ اڻپوري خواهش جو تخيل جوڙيو هو ۽ خواب، دستبرداريءَ جي نمائندگي ڪندي ان قسم جو تاثر جوڙيو هو. پر ائين ڇو ٿيو هو ته هوءَ پنهنجي پوري نه ٿي سگهندڙ خواهش جي اهميت تي برقرار ٻيهر ٻڌائي؟ ان عورت جن ماڻهن سان پنهنجا لڳ لاڳاپا ٻڌايا هئا، سي خواب جي مطلب بيان ڪرڻ لاءِ ڪافي نه هئا. ان ڪري مون هن تي زور پريو ته ڪجهه وڌيڪ ٻڌائي. ٿوري وقفي کانپوءِ هن پنهنجي حواسن تي زور ڏنو ۽ ٻڌائڻ شروع ڪيو ته هڪ ڏينهن اڳ ۾ هڪ ساهيڙي وٽس آئي هئي. جنهن اعتراف ڪندي چيو پئي ته مان پنهنجي دل ۾ تو لاءِ رشڪ محسوس ڪندي آهيان. جڏهن تنهنجي مڙس جي واتان تنهنجا ڳڻ ڳائيندي ٻڌندي آهيان. خوش قسمتيءَ سان سندس اها ساهيڙي ڏاڍي ڏهري ۽ سنهي هئي. جڏهن ته سندس مڙس متارو ۽ گڪو هو. مون کائنس پڇيو ته هن پنهنجي انهيءَ ساهيڙيءَ سان ٻيو ڇا ڳالهايو. بهرحال هن ان ساهيڙيءَ متعلق ٻڌايو ته سندس خواهش هئي ته جيڪر مان به ٽلهي متاري (Stouter) ٽيان. سندس ساهه ڀيءَ کائنس مرضي به پڇي هئي. "وري ڪڏهن ٽي اسان کي ٻيهر مانيءَ لاءِ سڏين؟ تون ته سچ پچ سڌائين تمام سٺو ٽي پڇائين ڪائين."

خواب جي معنيٰ هاڻي چٽي ٿي پئي هئي. ۽ مان پنهنجي مريضا کي چوڻ جي قابل ٿي ويو هوس ته: "اهو ان ڪري ٿيو جو جڏهن هن توکي صلاح پئي ڏني ته تو دل ۾ چيو: سچي ڳالهه چوائين ته تون منهنجي گهر اڄ ۽ منهنجي گهر اچي کاءُ پيءُ. مان توکي کوڙ ڪا رائيندیس گهٽو گهٽو شراب پيش ڪنديس. اڄ! ۽ اچي منهنجي مڙس کي ايجان ب وڌيڪ پرماءِ. مان ڪنهن حد تائين ان کان وڌيڪ شاندار دعوت نه ٿي ڪري سگهان."

خواب توهان کي چا ٻڌايو هوا اهو نا ته تون وڌيڪ شاندار دعوتن ڏيڻ جي قابل نه آهين. ۽ اها هئي تنهنجي خواهش جي پوري ٿيڻ جي مدعا. ته تون پنهنجي ساهيڙيءَ کي ٽلهي متاري ٽيڻ ۾ مدد ڪرڻ نه پئي چاهي. اها حقيقت هئي ته دعوتن ۾ ماڻهو پاڻ کي ٽلهي ڪرڻ لاءِ چاچا نه ڪائيندا هئا. ۽ شراب تا تنهنجي مڙس جي فيصلي مطابق ان جا دوست تنهنجي گهر تي ب ڪٽي ايندا هئا. ۽ وڌيڪ وڌين دعوتن کي قبول نه ڪرڻ جو خيال ب سندس ٿي سنهي ٽيڻ ۽ وزن گهٽائڻ جي دلچسپيءَ سبب هو." ان سموري معاملي ۾ نتيجي جي پڪ ڪرڻ لاءِ رڳو اتفاق يا خيالن جي ساڳئي وقت ٽيڻ واري مطابقت جي ئي گهٽتائي هئي. پر خواب ۾ تانبن تي سيڪيل مڃيءَ جو نظر اچڻ اڃان تائين ڪنهن نڪاٽي نه لڳو هو.

"ڪيئن" مون پڇيو "چا تون ان مڃيءَ تائين پهتي آهين، جيڪا تنهنجي خواب ۾ نظر آئي آهي؟"

"اوها" هن جواب ڏنو "اها تانبن تي سيڪيل مڃي منهنجي هڪ ساهيڙيءَ کي ڏاڍي پسند آهي."

اهڙيءَ ريت پنهنجي منهن ڪيل سوالن ذريعي مون ان عورت سان ب ڪافي جاڻ سڃاڻ پيدا ڪري ورتي ۽ مون پڪ ڪئي ته منهنجي مريضا کي آنيءَ جي آچار جي ڪري ايتري ڪاوڙ نه هئي جيترو ان عورت کي "رانوَس/سائمن مڃي" جي ڪري پنهنجي ذات سان "ڪاوڙ" هئي.

جيڪڏهن اسان خواب جي سمجهاڻيءَ لاءِ تفصيلي تعلق کي هٿ ڪريون تہ ان حقيقت کان لنوائي نہ ٿو سگهجي تہ ساڳيو خواب ۽ ان جو تيز فهم تجزيو ٻئي کي ٻہ وسهڻ ۾ اچي. (ٻہ تجزيا باهمي طور تي متضاد نہ هوندا آهن پر ٻئي ساڳين بنيادن جو احاطو ضرور ڪندا آهن. اهي انهن خوابن جي حقيقت جو بهترين حوالو هوندا آهن. ٻين سمورين ذهني بيمارين جي تجرباتي علاج واري جوڙجڪ جيان، عام طور تي انهن جون هڪ کان وڌيڪ معنائون ٿيندڙيون آهن). منهنجي مريضا ساڳئي وقت تي ياد رکيو جيئن هو پنهنجي سپني ۾ خواهش جي دستبرداريءَ سان سلهاڙيل هئي. جيڪا پنهنجي اصل زندگيءَ واري تياڳيل خواهش (ميڇيءَ جي آنيءَ جي آڇار جي سموسن) کي ٻہ ساڻ ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. سندس ساهيڙيءَ ٻہ ٽلهي متاري ٿيڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو هو ۽ اها ايتري حيران ڪندڙ ٻہ نہ هئي تہ منهنجي مريضا خواب ڏٺو هو تہ سندس ساهيڙيءَ جي خواهش پوري ٿي هئي. منهنجي مريضا جي پنهنجي خواهش اها سندس ساهيڙيءَ واري ئي خواهش هئي. (وزن وڌائڻ بابت) جا پوري ڪا نہ ٿي هئي. پر ان جي باوجود هن خواب ڏٺو تہ سندس هڪڙي خواهش پوري ڪا نہ ٿي هئي. اهڙيءَ ريت خواب کي هڪ نئين تجزيي جي ضرورت هئي. جيڪڏهن اسان فرض ڪريون تہ خواب ۾ جنهن شخصيت جي نشاندهي ٿيل هئي اها هوءَ پاڻ نہ پر سندس ساهيڙي هئي. جنهن پنهنجي ساهيڙيءَ جي جاءِ ورتي هئي. يا اسان ائين ٻہ چئي سگهون ٿا تہ هن پاڻ کي ساهيڙيءَ جي روپ ۾ ٻئي "سجاتو" ۽ مون کي يقين آهي تہ حقيقت ۾ هن ائين ئي ڪيو هو ۽ سندس "حالتون"، دعوتن جي دستبرداريءَ واري خواهش کي ڪٽي آيون هيون. جيڪي سندس اصل زندگيءَ ۾ ٻہ ان حقيقت جون شاهد هيون.

زناني جنسي بيماريءَ جي "نشاندهي يا مماثلت" (اهو ذهني عمل. جنهن ۾ هڪ شخص ڪنهن ٻئي شخص يا گروهہ جي احساس يا اوصاف کي پاڻ سان منسوب ڪندو آهي ـ Identification). جو مطلب ڇا آهي؟ ان لاءِ طويل وضاحت جي ضرورت آهي. ڇاڪاڻ تہ "ڪنهن ٻئي شخص جي احساس يا اوصاف کي پاڻ سان منسوب ڪرڻ" خود زناني جنسي بيماريءَ جي مرض جي اهڃاڻي جوڙجڪ جو هڪ انتهائي اهم جزو آهي. ان ڪري مريضا پنهنجي مرض جي اهڃاڻن کي بيان ڪرڻ جي قابل هوندي آهي. نہ رڳو پنهنجا تجربا پر انهن ٻين ڪيترن ئي ماڻهن جا ٻہ جن جا درد اڪيلي سر سهندي آهي. ۽ ٻين کي آسودگيءَ جا وسيلا مهيا ڪري ڏيندي آهي. مان اهو ضرور چوندس تہ اهو اهڃاڻ "رحم جي روڳ" جي هوبهو هجڻ کان وڌيڪ نہ هوندو آهي. "رحم جي روڳ" جي ان ريت ٻين ماڻهن ۾ مرض جي ڪن اهڃاڻن جي هوبهو هجڻ جي وسعت، جيڪا سندن ڏيان تي زوردار اثر ڪري سگهي ٿي. اها جهڙي ٻہ حالت ۾ يا جيئن ٻہ هجي. "همدردي" ئي آهي. جيڪا منجهس زوردار توانائيءَ کي ٻيهر پيدا ڪندي آهي. بهرحال اهو اسان لاءِ ان رستي ڈيڪارڻ کان وڌيڪ نہ هوندو آهي جيڪو "رحم جي روڳ" جي هوبهو هجڻ جي اثاريل/اڳيان وڌايل مسئلي ۾ نفسي. ذهني عمل سان گڏ اظهار ڪندو آهي. اهو رستو انهيءَ ذهني عملي ڪر کان ڪجهہ مختلف هوندو آهي. جيڪو ساڻس گڏ گڏ اڳتي وڌندو آهي. بعد ۾ "رحم جو روڳ" هوبهو هجڻ ۽ عام تصوير جي رستي ظاهر ٿيڻ بجاءِ ٽورو وڌيڪ مونجهارو پيدا ڪندڙ ٿي پوندو آهي. ۽ لاشعوري تصويرن ۾ انومان جي عنصرن ذريعي ظاهر ٿيندو آهي. ان ڳالهہ کي هڪ مثال سان چٽو ڪجي ٿو. مثال اهو آهي تہ هڪڙي ڊاڪٽرياڻي. هڪ مريضا جو علاج ڪندي هئي. اسپتال جي وارڊ جي ڪيترن ئي مريضن جي وچ ۾ خاص طور تي ان جي ڳيڙڻي (بدن جي ڪنهن حصي جي آڪڙجي وڃڻ واري حالت Spasm) پوڻ جي موضوع تي گفتگو ٻئي هلندي هئي. هڪ ڀيري صبح جو جڏهن مٽس ڏيڏڙيءَ جو حملو ٿيو تہ هن ڪنهن ٻہ قسم جي اچرج جو اظهار نہ ڪيو. ڇاڪاڻ تہ هن سمجهيو ٿي تہ اهو خاص طور "رحم جي روڳ" جيان عام حملو آهي. جنهن تي هن رڳو ايترو چيو تہ: "جيئن تہ ٻيا مريض ٻہ هن حالت کي ڏسندا ٿا رهن. ان ڪري اهي ٻہ ان جو نقل ڪندا آهن. حالانڪ اهو نفسي. ذهني زخم جو معاملو آهي." ۽ اهو سچ آهي. ڇاڪاڻ تہ نفسي. ذهني زخم جي ڪري ان قسم جو نشانيون ظاهر ٿيندڙيون آهن. اها ٻہ عام ڳالهہ آهي تہ ڊاڪٽرن کان وڌيڪ مريض هڪ ٻئي کي سجاڻيندا آهن ۽ ڊاڪٽرن جي ڇڪاس کانپوءِ هڪ ٻئي ڏانهن ڏيڻ ٻہ لڳندا آهن. اسان جيڪڏهن اهو تصور ڪريون تہ هن مريضا تي خاص فلاڻي ڏينهن تي حملو ٿيو هو تہ ٻي مريضا ٻہ هڪدم سمجهي ويندي آهي تہ "ان حملي جو ڪارڻ پيار جي ڪجهہ ناخوشگوار معاملن کي تازي ڪرڻ جي عمل يا اهڃاڻيءَ ئي ڪنهن ٻي ڳالهہ جو

گهران پهتل پيغام آهي." ان وقت سندن همدردين ايري ايندين آهن، ۽ تڏهن اهي، ان قسم جو انومان يا نتيجو اخذ ڪندين آهن، جڏهن اهو شعور ۾ داخل ٿيڻ ۾ ناڪام ٿيندين آهن: جنهن قسم جو ڪارڻ هوندو آهي ته حملو به ان قسم جو ٿيندو آهي، جيڪڏهن منهنجون حالتون به ساڳيون هونديون ته مون تي به ساڳئي قسم جا حملا ٿي سگهن ٿا، ۽ جيڪڏهن اهي انومان، شعور ۾ داخل ٿيڻ جي قابل هوندا ته ممڪن حد تائين ساڳئي قسم جي حملي جي ڊپ کي به اپاري سگهن ٿا. پر اها به حقيقت آهي ته انومان يا نتيجا، مختلف نفسي ـ ذهني شعبن ۾ تيار ٿيندا آهن، جن جو اڪثر نتيجو مرض جي ڏيڃاريندڙ احساس جي اهڃاڻن ۾ ظاهر ٿيندو آهي. اهڙيءَ ريت "ڪنهن ٻئي شخص جي احساس جي اهڃاڻن ۾ ظاهر ٿيندو آهي. اهڙيءَ ريت "ڪنهن ٻئي شخص جي احساس يا اوصاف کي پاڻ سان منسوب ڪرڻ" جي مماثلت فقط "اصل" جو هڪ سادگيءَ واري صورت ۾ "نقل" نه ڪندي آهي پر اها عارضي جي ساڳئي هڪجهڙائي پيدا ڪندڙ بنيادن جي دعويٰ به رکندي آهي. اها ملندڙ جلندڙ صورت ۾ ظاهر ٿيندي آهي ۽ اها ان عام عنصر مان ايندي آهي جيڪا لاشعور ۾ اڳ ۾ ئي موجود هوندي آهي.

"زناني بيماريءَ ۾ گهٽو ڪري عام جنسي (Sexual) عنصرن جي اظهار ۾ "ڪنهن ٻئي شخص جي احساس يا اوصاف کي پاڻ سان منسوب ڪرڻ" واري خاصيت گهٽو ڪري لڳاتار استعمال ٿيندي آهي. "رحم جي روگ" ۾ مبتلا عورت، پنهنجي مرض جي اهڃاڻن کي جهٽ پٽ سڃاڻي ونڊندي آهي، پر امتيازي طور تي انهن ماڻهن سان نه جن سان سندس جنسي لاڳاپا هوندا آهن يا انهن ماڻهن سان جن جا، هن جيان ڪنهن بي عورت سان جنسي لاڳاپا هوندا آهن. ٻولي جي استعمال جو به هن معاملي ۾ اهم حصو هوندو آهي، خاص طور تي "ہن" پريمين لاءِ "هڪ" هجڻ جو مثال ڏنو ويندو آهي. "رحم ۽ي روگ" جي خيالي اڏام يا تصوراتي دنيا جا فڪر، جيئن خوابن ۾ "ڪنهن ٻئي شخص جي احساس يا اوصاف کي پاڻ سان منسوب ڪرڻ" جي مقصد لاءِ ڪافي هوندا آهن، جن جو موضوع انهن جنسي لاڳاپن جي ويڃارن سان ويڙهيل هوندو آهي، جن جو حقيقي زندگيءَ ۾ موجود هجڻ ضروري نه هوندو آهي. اهڙيءَ ريت جنهن مريضا جي خواب جي تجزيي تي بحث ٻئي ڪيوسين، اهو به رڳو ان زناني بيماريءَ جي سوچن جي، عملي تسلسل جي اصولن جي پوئواري ٿي ڪئي، جنهن جي ذريعي هوءِ خواب ۾ پنهنجي ساهيڙيءَ سان حسد جو اظهار سندس ئي جاءِ والاريندي، ڪري ٿي، (جنهن ۾ اتفاق سان هوءَ جيڪو ڪجهه به ڄاڻي ٿي اهو غير منصفاڻو آهي) ۽ پاڻ کي مرض جي اهڃاڻن جي نشاندهيءَ ڪندي، شناخت ڪري ٿي، جيڪا سندس دستبرداريءَ واري خواهش آهي. ان سموري عمل کي زباني طور هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿو: "منهنجي مريضا خواب ۾ پاڻ کي پنهنجي ساهيڙيءَ جي روپ ۾ ڏٺو ڇاڪاڻ ته سندس ساهيڙي، منهنجي مريضا ۽ سندس مڙس جي حوالي سان پيش ٿي هئي، ڇاڪاڻ ته منهنجي مريضا، پاڻ کي خود پنهنجي مڙس جي سارا هيندڙ ويڃارن جي ڪري ساهيڙيءَ جي صورت ۾ ڏسڻ پئي چاهيو.

هن ڪتاب جي ٻئي باب جي شروع ۾ "زنانين نفسي ۽ ذهني بيمارين جي تجرباتي علاج" بابت پنهنجي دليلن ۾ شامل ڪيل انهن حصن تي افسوس ٿو ڪريان. جن جي اڻپورن حصن جي پيشڪش ۽ سندن عبارت جي غير جانبداري، انهن جي روشن يا آگاهه ڪندڙ اثر کان گهٽ مايوس نه ٿي ڪري. بهرحال جيڪڏهن اهي خوابن جي موضوع ۽ انهن نفسياتي صابي مونجهارن جي وچ ۾ ويجهي لاڳاپي جي نشاندهي ڪرڻ جو ڪم سرانجام ڏيندا هجن ها، ۽ اهي ان مقصد جو پورائو نه ڪندڙ هجن ها، جن لاءِ انهن کي شامل ڪيو ويو هو ته بهتر ٿئي ها.[1]

---

[1] مماثلت يا هڪ شخص جي ڪنهن ٻئي شخص يا گروهه جي احساس يا اوصاف کي پاڻ سان منسوب ڪرڻ واري ذهني عمل تي فرائيڊ جو اهو بحث پهريون پيرو شايع ٿيو هو جڏهن ته بعد ۾ هن، ان موضوع کي مختلف رسالن ۾ به آندو هو. ان متعلق سندس پهريون طويل غور ويچار، بعد ۾ اڪل ويهه سالن کان وڌيڪ عرصي کانپوءِ "مجموعي نفسيات" (Group Psychology, 1921) جي باب ستين ۾ شايع ٿي نشاندهي يا مماثلت جي مختلف عنوانن کي باب ڇهين جي حصي ڇهين ۾ "خواب جي عملي صلاحيت جي طور تي" پيش ڪيو ويو آهي.

منهنجي خوابن جي نظريي جي اختلاف ۾ هڪ ٻي عورت مريضا (خواب ڏسندڙن منجهان منهنجي تمام گهٽي ڏهين عورت) جو به هڪڙو خواب ڏاڍو آساني ۽ ان ساڻئي ٿي انداز سان حل ٿي ويو هو جيئن ڇڻي آيو آهيان ته: "ڪنهن "هڪ" جي خواهش جو پورائو نه ٿيڻ به جڙ ته ڪنهن "ٻئي" جي خواهش جو پورائو آهي." هڪ ڏينهن مان سندس خواب متعلق سمجهاڻي ڏئي رهيو هوس ته "خواب خواهشن جو پورائو ڪندڙ هوندا آهن." ٻئي ڏينهن هن مون کي هڪڙو خواب ٻڌايو جنهن ۾ هن پنهنجي سس سان گڏ ان شهر طرف سفر ٻئي ڪيو جتي اهي پنهنجا فرصت وارا ڏينهن گذارڻ ويندا هئا. مون ان ٻئي وقت جاڻي ورتو ته هوءَ ساوڻ جي موسم پنهنجي سس سان گڏ گذارڻ واري خيال جي شديد خلاف هئي. ۽ اهو به ته ڪجهه ڏينهن اڳ هوءَ پرڇاءَ واري صورت پيدا ٿيڻ کان لنوائڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي هئي ۽ ايترو پري واري علاقي ۾ ڪمرا نالي ڪرائڻ کان ڊني ٻئي. سو هاڻي سندس خواب، سندس خواهش مطابق، مسئلي کي حل نه ڪيو هو: ڇا اها منهنجي نظريي (ته خوابن ۾ خواهش جو پورائو ٿيندو آهي) جي تمام سخت ۽ ممڪن مخالفت نه هئي؟ بيشڪ! ۽ تڏهن ضروري هو ته خواب جي منطقي نتيجي لاءِ ان جي تجزيي جي پوئواري ڪجي. خواب اهو ٿو ڏيکاري ته مان غلط آهيان. هن جي خواهش ڪجهه اهڙي هئي ته جيڪر مان غلط ثابت ٿي وڃان ۽ سندس خواب ڪيس، ان خواهش جو پورائو ڪندي ڏيکاريو هو. جيئن ته هن جي خواهش هئي ته مان جيڪر غلط ثابت ٿي پوان، ته سندس اها خواهش سندس اونهاري جي فرصت جي ڏينهن واري تعلق جي صورت ۾ پوري ٿي ۽ خود هڪ ٻئي سنجيده معاملي سان به ان جو لاڳاپو هو. اٽڪل ساڻئي وقت مون سندس پيش ڪيل مواد منجهان ان جو تجزيو ڪندي مطلب ڪڍيو ته اهو سندس زندگيءَ جو ڪو خاص دور هو جيڪو خواب ۾ سندس بيماريءَ جي اهميت کي ظاهر ڪري رهيو هو. هن کي ان سان اختلاف هو. جڏهن ته هن کي اهڙي ڪا ڳالهه ياد به ڪانه ٿي آئي، پر ٿوري وقت ڪانپوءِ هن قبول ڪري ورتو ته مان درست آهيان. "منهنجي غلط ثابت ٿيڻ جي سندس خواهش"، خواب ۾ سس سان فرصت جا ڏينهن گذارڻ واري خواهش سان مطابقت رکندي بلڪل انصاف پرئي نموني پنهنجي صورت بدلائي. ڇاڪاڻ ته اهي واقعا، جن کان هوءَ پهريون پيرو واقف ٿيڻ واري هئي، اهي ائين ڪڏهن ظاهر نه ٿين ها.

مان رڳو اندازو لڳائڻ واري طريقي سان، بنا ڪنهن تجزيي جي، مطلب ڪيڻ جي جرعت ڪندو رهيو آهيان. هڪ مختصر قسط جيڪا منهنجي هڪ دوست تي ظاهر ٿي. اسان سيڪنڊري اسڪول ۾ مسلسل ساڻئي ٿي ڪلاس ۾ گڏ پڙهيا هئاسين. هڪ پيري هن مختصر پڌندڙن سان گڏ ويهي، هڪ منفرد سوچ متعلق منهنجي تقرير پئي ٻڌي ته خواب، خواهشن جو پورائو ڪندا آهن. ان ڏينهن هو گهر ويو ۽ رات جو خواب ڏٺائين ته: "هن جا سمورا پنهنجا عدالتي مقدما (Cases) وڃائجي ويا آهن." هو هڪ اعليٰ درجي جو وڪيل هو. بعد ۾ ان جو الزام مون تي هنيائين. مون سندس ان مسئلي تي ڪن لاتار ڪندي چيو ته: "ضروري نه آهي ته هر ڪو سمورا مقدما کٽي وڃي." پر مون پنهنجي باري ۾ سوچيو: "ڪلاس جي اعليٰ شاگرد هئڻ جي ناتي مان پورا اٺ سال پنهنجي ڪلاس جي اڳين بينچ تي ئي ويهندو رهيو هوس. جڏهن ته هو وچ واري عرصي ۾ ئي الائي ڪٿي ٽپڪندو رهيو هو. جنهن ڪري مانې ڳچي حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويو هو اسڪول ڇڏڻ ڪانپوءِ. اهي ڏينهن اهي شينهن. اسان جو هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ بلڪل ئي ختم ٿي ويو هو."

خواب نهايت اداس ڪندڙ ۽ رنج پهچائيندڙ هو ۽ خود مون کي به. خوابن جي خواهشن جي پورائي واري نظريي جي خلاف مريض جي اڳيان ڪري ٻيهاريو هو.

مريضا هڪ جوان نينگري هئي، جنهن هن ريت چوڻ شروع ڪيو: "توکي ياد هوندو ته منهنجي پيٽ پويان "ڪارل" نالي هڪڙو پٽ ڇڏيو هو هن پنهنجو وڏو ڀاءُ "اوٽو" وڃايو هو جڏهن ته مان اڃان ٽائين ان سان گڏ رهيس پئي. "اوٽو" مون کي ڏاڍو پيارو هو ٿورو گهٽو مون به ان کي نپائي وڏو ڪيو هو. مان ان ننڍڙي کي به پسند ڪندي آهيان. پر ايتري ويجهڙائيءَ سان نه جيترو مان ان مرڻ واري سان ڪندي هيس. گذريل رات مون خواب ڏٺو جنهن ۾ "مون ڪارل کي پنهنجي اڳيان مئل حالت ۾ ڏٺو هو پنهنجي ننڍڙي تابوت ۾ پيل هو سندس هٿ ٻڌل هئا ۽ چوڌاري مومبتيون پئي ٻريون. هو بلڪل ننڍڙي اوٽو وانگر پئي لڳو. هن جي موت جو مون کي ڏاڍو ڏک پئي ٿيو." هاڻي مون کي ٻڌاءِ ته ان جو مطلب ڇا ٿو ٿي سگهي؟ تون مون کي سڃاڻين ٿو ڇا مان ڪا ڪريل عورت

آهيان جو مان ائين چاهيندیس تہ منهنجي پيٽ اهو هڪڙو بچيل پٽ بہ وڃائي ويهي؟ يا خواب جي معنيٰ اها ٿي سگهي ٿي تہ اوٿو جي بجاءِ ڪارل مئل هو جنهن کي مان گهٽو پسند ڪندي هيس؟"

مون کيس يقين ڏياريو تہ ان ٻئي مطلب جو تہ سوال ئي نہ ٿو اٿي. پر ٿوري دير لاءِ عقل جي ڊوڙ ڪرڻ کانپوءِ مان سندس خواب جي درست تشريح ڪرڻ جي قابل ٿي ويس. جنهن کانپوءِ هن ان جي تصديق ڪئي. مان ائين ڪرڻ جي قابل ان ڪري ٿيس جو مان خواب ڏسندڙ جي گذريل سموري تاريخ کان واقف هوس.

چوڪري پاڻ بہ يتيم هئي ۽ پنهنجي سيني کان وڏي پيٽ وٽ پلي ٿپني هئي. سندن پيٽ جي گهر تي اچي ملڻ وارن دوستن مان هڪ شخص منهنجي مريضا جي دل تي ديرپا اثر ڇڏيو هو. ٿوري وقت لاءِ تہ ائين ٿي لڳو تہ ان مس مس قبول ڪيل تعلق جي ڪري هو شادي ڪرڻ وارا آهن. پر سندس پيٽ جي ڪري هن کي خاص خوشي ميسر نہ ٿي سگهي. چاڪاڻ تہ شاديءَ لاءِ سندس ارادو بہ گهٽو واضع نہ هو. وعدن جي ٽٽڻ کان. خاص طور تي ننڍڙي اوٿو جي فوت ٿيڻ کان ٿورا ڏينهن پوءِ ان شخص سندن گهر تي اچڻ ڇڏي ڏنو جنهن کانپوءِ منهنجي مريضا بہ سندس ڏيان دل تان لاهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پنهنجي سر جيئڻ جا جتن ڪرڻ لڳي. پر هوءَ پنهنجي پيٽ جي ان دوست سان ڪيل محبت کي وسارڻ ۾ ڪامياب ڪانہ ٿي سگهي. سندس خود پسندي کيس دل جي اظهار ڪرڻ کان لنوائڻ تي اياري رهي هئي. ٻين جي موهيندڙ پيشڪش جي باوجود هوءَ پنهنجو پيار ڪنهن ٻئي سان ونڊڻ جي قابل بہ نہ هئي. جڏهن بہ ان قسم جي ڳالهہ ظاهر ٿي چڪي تہ هن کي ان سان پيار ڪرڻ تي اختلاف هو جيڪو پيشي جي لحاظ کان اديب هو ۽ هڪ هنڌ تقرير ڪري رهيو هو تہ ٻڌندڙن سان گڏ هوءَ بہ ويٺي هئي. هن ممڪن حد تائين اڻ ڏريي انداز سان کيس پري کان ٻئي نهاريو. مون کي ياد آهي تہ هن ٻئي ڏينهن مون کي ٻڌايو هو تہ پروفيسر خاص رضامندي ڏيکاري آهي. ان ڪري هوءَ هڪ پيرو ٻيهر ان خوشيءَ وارن لمحن ۾ گذارڻ چاهي ٿي. ۽ اها ڳالهہ هن خواب ڏسڻ کان هڪ ڏينهن اڳ مون سان ڪئي هئي ۽ اهو راضي نامون ان ڏينهن ئي ٽيو هو. جنهن ڏينهن هن مون کي پنهنجو خواب ٻڌايو هو. ان ڪري ان خواب جي درست تعبير کي جوڙڻ هڪ ڪروڪرڻ. مون لاءِ نهايت آسان ٿي پيو هو. مون کانئس پڇيو تہ ڪٿي هن ڪنهن اهڙي ڳالهہ تي تہ نہ پئي سوچيو تہ اهو سيڪجهہ اوٿو جي مرڻ کانپوءِ ٽيو هو؟ هن هڪدم جواب ڏينديو چيو: "جي. بلڪل. پروفيسر واقعي وڏي عرصي جي غير حاضريءَ کانپوءِ آيو هو ۽ مون کيس هڪ پيرو ٻيهر ننڍڙي اوٿو جي تابوت جي ۾ ۾ بيٺل ڏٺو هو." مون بہ بلڪل اهوئي سمجهيو پئي ۽ مون سندس خواب جي تعبير هن ريت ڪري کيس ٻڌائي: "جيڪڏهن ٻيو ٻار بہ فوت ٿي وڃي تہ وري بہ ساڳيو سانحو ٿي پوندو. تو هڪڙو ڏينهن پنهنجي پيٽ ۽ ان پروفيسر سان بہ گذاريو هو تڏهن جڏهن هو ان جي فاتحا ڪرڻ لاءِ آيو هو ان ڪري تو هن کي ٻئي پيري بہ ساڳئي قسم جي موقعي تي ڏٺو هو. خواب تنهنجي. هن کي ٻيهر ڏسڻ جي خواهش کان وڌيڪ ٻي ڪا معنيٰ نہ ٿو رکي. ان خواهش جي خلاف تون اندروني طور ڪوشش ڪري رهي آهين. مان ڄاڻان ٿو تہ تووٽ هن وقت بہ اجوڪي موسيقيءَ جي محفل جو بہ ٽڪيٽون موجود آهن. تنهنجو خواب. ٻي صبريءَ جو خواب هو: جنهن ساڻس گڏ گذارڻ وارين انهن چند ايندڙ گهڙين جي جهلڪ جي پيش بندي (Anticipate) ڪئي آهي.

سندس خواهش کي مخفي رکڻ يا لڪائڻ جي حوالي سان. خواب نهايت چٽي ريت هڪ صورتحال چونڊيي ورتي هئي. جنهن ۾ عام طور تي خواهشون. دٻيل يا ڏٻايل حالت ۾ موجود هونديون آهن. هڪڙي صورتحال. جيڪا گهٽي رنج ۽ غم سان پريل هئي. جنهن جي ڪنهن ٻئي کي خبر بہ نہ آهي تہ اهو ڪنهن جي پيار سان ٽمٽار ٽيل آهي. تنهن هوندي بہ اهو ممڪن آهي تہ خود خواب. انهيءَ حقيقي صورتحال کي اصل محسوس ڪرائيندڙ نقل وارو عمل (Replica) هجي. ٻي ڳالهہ اها تہ وڏي چوڪري جي تابوت وٽ ان شخص جو نظر اچڻ. جنهن لاءِ سندس دل ۾ ارمان بہ تمام گهٽو پيار موجود هو ۽ هوءَ ان نازڪ احساس کي ڪنهن بہ صورت ۾ ڏٻائي نہ سگهي هئي. جيڪو وڏي غير حاضريءَ کانپوءِ کيس نظر آيو هو.[1]

---

[1] هن خواب جو حوالو اڳتي باب پنجين: خوابن جو مواد ۽ ماخذ" (حصي چوٽين: "مثالي خاص قسم جا خواب" جي ب: پيارن جي موت جا خواب) ۽ باب ڇهين: "خواب جو عمل" جي حصي ائين: "خوابن ۾ ڏاهپ واريون سرگرميون" ۾ بہ ڏنل آهي.

ساڳئي قسم جي هڪ ٻي مريضا جي خواب جي، وري هڪ مختلف وضاحت هئي. هوءَ جڏهن جوان هئي تہ پنهنجي غير معمولي حسن ۽ ڪلمک هجڻ سان گڏ حاضر جواب ۽ هوندي هئي ۽ اهي خاصيتون اڃان ۽ منجهس نظر ايندیون هيون. انهن سمورن واقعن ۽ ڳالهين جي خبر مون کي سندس علاج دوران پئي هئي. هن جي هڪ ڏکڻي خواب جي سلسلي ۾ هن جو خيال هو تہ هن رڳو پنهنجي پندرهن سالن واري ڏيءَ کي "صندوق ۾" مثل حالت ۾ ڏٺو هو. پنهنجي ان ڏٺل منظر جي حوالي سان، ڪيس خواهشن جي پورائي واري نظريي سان اختلاف هو حالانڪ هن پاڻ ۽ "صندوق" جي تفصيل متعلق ڏُڪا پئي هنيا، هن جو خيال هو تہ خواب ۾ اها صندوق يقينن ڪنهن ٻئي خيال کان نظر آئي هوندي (جيئن خواب ۾ سيڪيل مڇي ڏسڻ، ڪنهن وڏي دعوت کي ڏڪڻ آهي.) تجزيي جي سلسلي ۾ هن کي ياد آيو تہ هڪ ڏينهن اڳ شام جو انگريزي اکر "Box" (پيٽي) کي پئي اچاريوسين ۽ وري ان کي مختلف طريقن سان جرمن زبان ۾ ۽ پئي ترجمو ڪيوسين، جهڙوڪ: "ٽيلهو" (Schachtle)، ٽيٽر ۾ رکيل سامان واري "پيٽي" (Log,Box)، "خانن واري صندوق" (Kasten, Chest)، پائخاني لاءِ ڪم ايندڙ گيندي يا ڪمود" (Ohrfeige) وغيره. ساڳئي خواب جو ٻيو حصو وڌيڪ جاچ لهڻ جا وسيلا ۽ مهيا ڪري ڏئي ٿو ڇاڪاڻ تہ هن جو خيال هو تہ ان انگريزي زبان واري صندوق (Box)، جو واسطو جرمن زبان جي لفظ "بوڪسي" (Buchse) مطابق ان ٽانوَ (Receptacle) سان هو جنهن ۾ ڪجهه رکيو يا زخيرو ڪيو ويندو آهي، ۽ هن کي مشڪل سان ياد آيو تہ جرمن زبان جي لفظ "بوڪسي" (Buchse) زناني شرم گاهه لاءِ ٻيهودي اصطلاح ۾ استعمال ٿيندو آهي. جيڪڏهن نقش يا خاڪي ذريعي ڪنهن علاقي، جاءِ يا حصي جي صورتحال بيان ڪرڻ جي علمي عضوياتي تشريح (Topographical Anatomy) متعلق سندس محدود معلومات کي جوڙڻ جي اجازت هجي تہ اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ "ٻار جو ڪنهن صندوق ۾ هجڻ جي معنيٰ آهي "گريپ" يا "رحم" (Womb) ۾ ٻار جو "تخم" (Embryo). ان نڪتي تي روشني وجهڻ ڪانپوءِ هن ان ڳالهه کي محڻ کان انڪار نہ ڪيو تہ "خواب جي تصوير جو تعلق، ٻين ڪيترين شادي شده عورتن جيان سندس خواهش سان هو." هوءَ جڏهن ٻيٽ سان ٽيندي هئي تہ گهٽو ڪري، ڪيس ڇڪي اچي ويندي هئي ۽ ان خوشيءَ کان محروم رهجي ويندي هئي، ۽ هڪ کان وڌيڪ ٻيرا ٽيڙ ڪانپوءِ بيزاريءَ وچان، دل ۾ ان خيال کي ويهاري ڇڏيو هئائين تہ جيڪر رحم ۾ ٻار فوت ٿي وڃي. سچ پچ تہ سخت ڪاوڙ ۾ مڙس سان جهيڙي فساد واري منظر ڪانپوءِ پنهنجي چاتيءَ ۽ پيٽ تي چنبا ۽ ائين ئي هٽندي هئي جڙ هوءَ پيٽ ۾ موجود ٻار کي ماريندي هجي. اهڙيءَ ريت "مثل ٻار" دراصل خواهش جو پوروٽيڙ هو پر اها خواهش هن جي گذريل پندرهن سالن جي دور جي هئي.

اها ڏاڍي مشڪل سان حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهه ٽيندي آهي، جڏهن اها خواهش، تمام گهٽي عرصي ڪانپوءِ پوري ٽيندي آهي تہ يقينن اها ايترو جلدي شناخت ۽ نہ ٿي سگهندي آهي ۽ ان ڏکڻي وقفي سبب، ان ۾ گهٽي تبديلي ۽ اچي ويندي آهي.[1] مون کي خوابن جي ان مجموعي طرف موٽڻو آهي، جن منجهان مون ۽ مثال پيش ڪيا آهن، جن جو تعلق انهن ويجهن ماڻڻن جي فوتگيءَ سان آهي، جن سان خواب ڏسندڙن جو پيار هو. مان جڏهن "مثالي خوابن" تي (باب پنجين جي حصي چوٿين ۾) غور ڪندس ۽ گڏوگڏ انهن جي اڻ پورين خواهشن واري مواد جي باوجود اهڙن سمورن خواب جي ڪجهه وڌيڪ مثالن ڏيڻ جي قابل ۽ هوندس، جن جي تشريح وري ۽ خواهشن جي پوري ٽيڙ بابت ٿئي ٿي.

مان انهن خوابن بابت، ڪنهن مريض جي لاءِ نہ پر پنهنجي انتهائي ذهين منصف واقفڪار لاءِ پابند آهيان. هن مون کي پورائو ڪندڙ خوابن جي نظريي جي حوالي سان نتيجو اخذ ڪرڻ ۾ تڪڙ يا جلدبازيءَ کان ڪم وٺڻ لاءِ هڪ ٻيرو ٻيهر تنبيهه ڪئي هئي. "مون خواب ڏٺو" منهنجي اطلاع ڏيندڙ چيو. "تہ مان هڪ عورت کي پنهنجي ٻانهن تي کڻي پنهنجي گهر آيس، ڪوبند

---

[1] هن خواب تي وڌيڪ بحث اڳتي باب پنجين جي حصي چوٿين ۾ ڏنل آهي، ۽ خود فرائيڊ جي "تعارفي تقريرن" (Introductory Lecturs. 1916_17.P.238) ۾ 13 نمبر تقرير ۾ به شامل آهي.

ٽيل سامان سامهون رکيل هو ۽ هڪ ماڻهو مون ڏانهن آيو ۽ مون کي پنهنجي سپاهي مقرر ٿيڻ جو خط ڏيکاربائين ۽ درخواست کيائين ته هن سان گڏ هلي. مون کيس چيو ته مون کي ان معاملي ۾ پوڻ لاءِ ٿوري وقت جي اجازت ڏي"

"ڇا توهان اندازو لڳائي سگهو ٿا ته مون کي گرفتار ٿيڻ جي خواهش هئي؟ ظاهر آهي ته نه هئي. پر مان رڳو رضامند ٿي سگهيس پئي."

"توهان جاڻو ٿا ته اوهان کهڙي ڏوهه جي ڪري گرفتار ٿي پئي سگهيا؟"

"جي ها! مان سمجهان ٿو ته معصوم ٻالڪ جي قتل جي سلسلي ۾."

"معصوم ٻالڪ جي قتل جي سلسلي ۾؟"

"پر پڪ سان تون جاڻي ٿو ته پنهنجي نئين جاول ٻار جي سلسلي ۾ اهڙي قسم جو جرم هڪ عورت ڪري سگهي ٿي؟"

"جي بلڪل درست."[1]

"اهي کهڙيون حالتون هيون، جن ۾ تو ان قسم جو خواب ڏٺو؟ هڪ ڏينهن اڳ ۾ شام جو ڇا ٿيو هو؟"

"مان، توکي اهو نه ٻڌائي سگهندس جو اهو نهايت نازڪ معاملو آهي."

"بهرحال مان اهو ٻڌڻ ٿو چاهيان ته جيئن مان خواب جي تعبير تائين پهچي سگهان."

"جي ائين آهي ته پوءِ ٻڌو: "مان ان رات پنهنجي گهر تي نه گذاريو هو مگر ان عورت سان هوس جنهن جو مقصد مون سان ڪوڙو سودو ڪرڻ هو. اسان جڏهن جاڳياسين ته اسان جي سودي جي وچ ۾ وڏيڪ ٿير گهير اچي وئي هئي، جنهن ڪانپوءِ مان ٻيهر سمهي پيس، جنهن بعد اهو خواب ڏٺم. جيڪو توکي ٻڌايو اٿم."

"ڇا هوءَ شادي شده عورت آهي؟"

"جي."

"۽ تون ان مان ڪنهن ٻار پيدا ڪرڻ نه ٿو چاهين؟"

"اوه نه نه. اها ئي ڳالهه ته اسان کي جدا ڪري ڇڏيندي."

"۽ ان ڪري تون هن سان همبستريءَ لاءِ عام طريقو استعمال نه ڪندو آهين؟"

"مان حفاظتي طور تي انزال کان اڳ ۾ پوئتي هٽي ويندو آهيان."

"منهنجو خيال آهي ته مان اهو اندازو لڳائي سگهان ٿو ته تون رات دوران اها اٽڪل ڪهڪائي ڀيرا هلائي هوندي ۽ ان جي ورجائڻ ڪانپوءِ، صبح جو تو ٻاهر فارغ ٿيڻ جي صورت ۾ ڪاميابيءَ متعلق ٿوري غير يقيني محسوس ڪئي هوندي."

"ها ائين ٿي سگهي ٿو بيشڪ."

"ان صورت ۾ تنهنجو خواب خواهش جو پورائو ڪندڙ هو. مان توکي وري به پڪ ٿو ڏيان ته تو ٻار کي جنم نه ڏنو هو يا ان ڳالهه کي لڳيڃ ائين ڇڏجي ته تو ٻار کي جنڻ قتل ڪيو هو. باقي وچ وارن ڳانڍاپن جا اشارا آسان آهن. توکي ياد هوندو ته چند ڏينهن اڳ تون شاديءَ جي تڪليفن جي ڳالهه پئي ڪئي. تڏهن اها ڳالهه بلڪل نامناسب آهي جو ان طريقي سان هم بستريءَ تي ڪا عورت اعتراض ئي نه ڪندي هجي، جنهن سان حمل نه ٿيندو آهي. حالانڪ جڏهن بالغ زنانو توليدي مادو (Ovum) ۽ نطفو

---

[1] ائين گهڙو ڪري ٿيندو آهي ته خواب جي پهرين ڏنل وضاحت اڻ پوري هوندي آهي ۽ هيو ته يادگيريءَ جو درگذر ڪيل حصو رڳو تجزيي جي سلسلي ۾ نروار ٿيڻ لڳندو آهي. تنهن ڪانپوءِ اهي ڳنڍيل يا مددي حصا عام طور تي خواب جي تشريح جي سلسلي ۾ بنيادي چابي ڦراهم ڪرڻ لاءِ ظاهر ڪرڻ جو عمل ڪندي آهي. هي بحث اڳتي باب ستين: "خوابن جي عمل جو نفسياتي پهلو" جي حصي پهرين: "خوابن جي وساري" ۾ آندل آهي.

(Semen) پاڻ ۾ ملندا آهن تہ کا بہ مداخلت قبول نہ ڪندا آهن ۽ ڳپ (Foetus) کا سزا ڪاڻ لڳندو آهي. جڏ ڪو جرم، بار جي قتل کي بہ ساڳي ڳالهہ سڏيو ويو آهي."

"ڏاڍي عجب جهڙي ڳالهہ آهي جو اڄ صبح ئي ڪيو هجيس."

اسان خاص ان نڪتي تي اٽين ۽ پندرهين صديءَ جي وچ واري دور جي راءِ جي اختلاف کي ياد ڪرڻ لڳاسين. جڏهن روح، ڳپ ۾ داخل ٿيندو هو تڏهن اڃان ان جي لاءِ قتل جو نظريو لاڳو نہ هو.

"ان ۾ شڪ نہ آهي تہ تون "لينائو" (Lenau) جي خوف ڏيارينڊڙ شعر "فنا، حاصل جمع جو مقدر" (Das tote Gluck) کان واقف بہ آهين. جنهن ۾ بار جي روڪ ٽوڪ جي حوالي سان مان "لينائو" جي متعلق سوچي رهيو هوس.

"اهو تہ اتفاق ئي ٿي سگهي ٿو."

"۽ بعد ۾ تنهنجي خواب ۾، ان جي لفظن ۽ خيالن جو ورجاءُ (Echo) ٿيو. هاڻي مان تنهنجي خواب ۾ اتفاق تي ٻڌل تنهنجي ٻي خواهش جي پورائي کي پڌرو ڪري سگهان ٿو. تون هڪ عورت کي ٻانهن تي کڻي پنهنجي گهر آڻين.[1] جڏهن تہ حقيقت ۾ تو هڪ رات، سندس گهر ۾، ان سان گذاري هئي. جنهن جا هڪ کان وڌيڪ سبب ٿي سگهن ٿا. چاڪاڻ تہ خواهش جي پورائي، خواب ۾ گهبراهٽ وچان، مڃڻ ۾ نہ ايندڙ جوڙجڪ ڏيعي. اصل حالت کي لڪائي، پيش ڪيو هو! شايد تو منهنجو "اعصابي مونجهارن، فڪر يا ڳڻتيءَ جي علت شناسيءَ" (Aetiology of anxiety neurosis. 1895) تي لکيل ليک مان ڪجهہ پڙهيو آهي، جنهن کي مان سمجهان ٿو تہ بيماريءَ جي اسبابي جزن مان جنسي وصل ۾ رخنو وجهندڙ معاملو بہ اعصابي مونجهاري يا ڳڻتيءَ جي ارتقا جو ئي هڪ جزو آهي. اها ڳالهہ بہ ان سان ملندڙ جلندڙ آهي، جو بار بار ان طريقي سان سنجوڳ ڪيو وڃي. تون نهايت بيقراريءَ واري ڪيفيت ۾ فارغ ٿيو هئين، جيڪو بعد ۾ تنهنجي خواب جي جڙ ۾ جو جزو بڻجي ويو هو. ان کان علاوہ تنهنجو اهو مزاج، تنهنجي خواهش جي پورائي جي اصل صورت کي لڪائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيو هو. اتفاق سان تنهنجو بار کي قتل ڪرڻ واري حالت جو حوالو ايترو گهٽو واضع نہ هو."

"تون عورت جي ان خاص جرم تي ڪهڙي روشني وجهي سگهين ٿو؟"

"مان مڃان ٿو تہ ڪجهہ سال اڳ مان ان قسم جي هڪ وارتا سان وابستا ٿي ويو هوس. مان هڪ چوڪريءَ سان پيار ڪرڻ جي نتيجي ۾ سندس بار جي ڪيراڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. مون حالانڪ هن جي ارادي کانسواءِ ائين نہ ڪيو هو پر گهٽي وقت گذرڻ کانپوءِ مون پاڻ کي پريشان محسوس ڪيو."

مون بلڪل واضع طور تي سمجهي ورتو تہ سندس انهيءَ ياداشت، اهو پيو سبب فراهم ڪيو هو: "ان ڪري توکي ڪنهن بہ شڪ شبهي جي ڪري پريشان ٿيڻ جي ڪا بہ ضرورت نہ آهي چاڪاڻ تہ تنهنجو دماغ درست رستي تي ڪم نہ ٿي ڪيو." مون چيو.

هڪ نوجوان معالج، منهنجي تقريرن جي سلسلي دوران، منهنجي واتان، ان خواب کي بيان ڪندي ٻڌو هو جنهن کان هو ڏاڍو متاثر ٿيو هو جنهن جي ڪري هن ساڳئي نوعيت جي خيالن کي لاڳو ڪندي، ڪنهن ٻئي نڪتي تي ڏاڍو جلدي ۽ بيهر خواب ڏٺو. هڪ ڏينهن اڳ ۾ هن پنهنجي آمدنيءَ جو گوشوارو جمع ڪرايو هو جيڪو هن پنهنجي مڪمل ايمانداريءَ سان پريو هو. گوشواري ۾ ظاهر ڪرڻ واري مالڪيت بہ گهٽ ئي هئس. جنهن کانپوءِ هن خواب ڏٺو تہ: "هن جو ڪو واقف، ٽيڪس ڪمشنرن جي ميٽنگ مان هلي وڃي ۽ کيس اطلاع ڪيائين تہ حالانڪ آمدنيءَ جي ٻئي ڪنهن بہ گوشواري تي ڪو بہ اعتراض نہ ڪيو ويو هو پر هن جي ذريعي مجموعي شڪ شبهو پيدا ڪرڻ سبب، مٿس تمام وڏو ڏنڊ مڙهيو ويو." خواب، هن جي لڪل خواهش جو ڏاڍي نهل قسم جو پورائي ڪندڙ هو. چاڪاڻ تہ هو معالج جي حيثيت ۾ ڪافي وڏي آمدنيءَ وارو ۽ باڪٽر هو. ان حوالي سان مون کي

---

[1] جرمني زبان ۾ هڪڙو لفظ آهي "هيم فهرين" (Heimfuhren)، جنهن جو مطلب آهي، شاديءَ ڪري "ٻنهي جو گهر اچڻ"

هڪ چوڪريءَ جي ڀالهه ياد پئي آئي. جنهن کي صلاح ڏني وئي هئي ته سڳ چڪائڻ وارن کي انڪار ڪري ڇڏي. ڇاڪاڻ ته شاديءَ جو خواهشمند چوڪرو فسادي طبيعت جو هو سو جيڪڏهن توهن سان شادي ڪئي ته شاديءَ کان پوءِ هو توکي ماريندو ئي رهندو.

"پر جي هن مون کي اڳ ۾ ئي مارڻ شروع ڪيو هجي تا" چوڪريءَ جواب ڏنو.

سندس شادي ڪرڻ جي خواهش ايتري ته شديد هئي جو هن ان ڏڪي ڏهمان جي پرواهه ئي نه ڪئي ۽ ان سوديبازيءَ کي اٽوٽندڙ انداز سان ئي سهي پر ايتري حد تائين قبول ڪري ورتو جو اها، سندس خواهش پر تبديل ٿي وئي.

ڪيترائي لڳاتار ايندڙ خواب[1] منهنجي نظريي جي اختلافي صورت ۾ به نظر ايندا آهن. ڇاڪاڻ ته انهن جو موضوع يا مرڪزي نڪتو "خواهش بابت محروميءَ جو احساس" (Frustration) هوندو آهي. يا وري ڪنهن اهڙي "اڻ پوري خواهش جي وارتا" متعلق هوندو آهي. جو ٿي سگهي ٿو ته اهڙي وارتا، پاڻ سان گڏ "مقابل يا مخالف خواهش جي خوابن" (Counter wish dreams) جي عنوان سان پيش ٿيندي هجي. جيڪڏهن انهن خوابن کي مجموعي طور تي ڏسجي ته اهو ممڪن آهي ته انهن کي بن اصولن ذريعي ڳولهڻو پوي: مون ايجان تائين انهن مان هڪ کي به شامل نه ڪيو آهي. حالانڪ اهي نه رڳو انهن ماڻهن جي خوابن لاءِ پر خود سندن جيون ۾ به انتهائي اهم ڪردار ادا ڪندا آهن. ڪنهن عمل يا مقصد واسطي اندر ۾ موجود نيت يا مراد جي انهن ٻنهي قوتن مان هڪڙي: اهڙن خوابن جي رهنمائي يا اڳواڻي ڪندين آهن. جنهن جي ذريعي اهو خيال ڪارفرما رهندو آهي ته "ٿي سگهي ٿو مان غلط هجان." منهنجي علاج واري عرصي دوران. جڏهن کي مريض مخالفت يا مزاحمت واري حالت ۾ هوندا آهن ته اهي اڪثر اهڙا ئي خواب ڏسندا آهن. پر مان جڏهن به ڪنهن مريض جي اڃيان پهريون پيرو پنهنجي نظريي جي وضاحت ڪندي چوندو آهيان ته خواب خواهشن جو پورائو ڪندڙ هوندا آهن ته ان کانپوءِ لڳ ڀڳ انهن مان ڪنهن هڪ نه هڪ جي ڪنهن عمل يا احساس کي جاڳائي ضرور ونندو آهيان.[2] سچ ته اها به اُميد رکي سگهجي ٿي ته هن ڪتاب جي ڪجهه پڙهندڙن کي به ساڳي شيءِ پيش اچي: اهي پنهنجي رهجي ويل تمنائن کي خوابن ۾ ڏسڻ لاءِ باقاعدي تيار هوندا. پر جيڪڏهن سندس خواهش رڳو اها هجي ته "ٿي سگهي ٿو مان غلط هجان" يعني ان لاءِ پهرين پنهنجي خواهشن جي غلط هجڻ جو اقرار ڪرڻ به ضروري آهي. ان ساڳئي نڪتي تي اسان گذريل خواب ذريعي بحث ڪري آيا آهيون. جيڪو مون پنهنجي زير علاج مصور جي حوالي سان پيش ڪيو هو.

هي هڪ چوڪريءَ جو خواب هو جنهن پنهنجي ماڻڻ ۽ وڏين اختيارين رکندڙن جي مرضيءَ جي خلاف وڏي جدوجهد ڪري مون کان علاج ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي هئي. هن خواب ڏٺو ته: "سندس ماڻڻ ڪيس، مون وٽ اچي. مون کان علاج ڪرائڻ بابت منع ڪئي آهي. تنهن هوندي به هوءَ مون کي منهنجو وعدو ياد ڏياريندي چوي ٿي ته "جيڪڏهن ضروري هجي ته بنا معاوضي جي منهنجي علاج کي جاري رکو." مان جواب ۾ چوان ٿو ته "مان پئسن جي معاملي ۾ ڪا به منظوري نه ٿو ڏئي سگهان." مون کي اها ڀالهه بلڪل مڃڻ گهرجي ته ان خواب جي معاملي ۾، خواهش جي پورائي کي آسانيءَ سان ڳولهي نه ٿو سگهجي. پر اهڙن سمورن معاملن ۾ هڪ ٻي پيرولي ۽ کي ڇڪي سگهجي ٿو جنهن جي ڇڪتي. ان جي "اصل" کي ڳولهڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿي. سواڇو ته ڏسون ته انهن لفظن جو ڪهڙو مقصد هو جيڪي منهنجي واتان چوَرايا ويا هئا. ظاهر آهي مون ته ان چوڪريءَ کي اهڙي ڀالهه ڪڏهن به نه چئي هئي. ها البت سندس ٻاڻ کيس چيو هو جنهن کان هوءَ گهٽو متاثر هئي. جنهن منهنجي خوبي بيان ڪندي کيس ان قسم جو تاثر ڏنو هو. ان حوالي سان سندس خواب، سندس ٻاڻ جي سچي هجڻ کي ثابت ڪيو. پر اها

---

[1] هي ۽ ان کانپوءِ ايندڙ تحريري ڪم 1909ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

[2] هي حاشيو 1911ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي: گذريل چند سالن کان، جڏهن کان ماڻهن منهنجون تقريرون ٻڌيون آهن ته منهنجي "خوابن جي پورائي واري ان نظريي" جي ردعمل ۾ واقفيت حاصل ڪرڻ لاءِ مون وٽ ساڳيا "مخالف خواهش جا خواب" ٻار ٻار ڪلي ايندا آهن.

گالهه رڳو سندس خوابن تائين محدود نه هئي ته هوءَ ان جي سچي هجڻ تي زور پريندي هئي. پر هن جو اهو خيال سندس سموري زندگيءَ تي حاوي هو ۽ اهو ئي سندس بيمار ٿيڻ جو مقصد هو.

هڪڙو خواب[1] جيڪو پهرين نگاهه ۾ خواهشن جي پورائي واري نظريي جي راهه ۾ علاج ڪندڙ جي ذريعي تعبير ڪرڻ لاءِ نهايت مشڪل سان نظر اچي ٿو جنهن کي "آگسٽ استارڪي" (August Starke. 1911) بيان ڪيو آهي: "مان پنهنجي ڪاپي هٽ جي اشهد (اشارو ڪندڙ) آڱر تي پهريون نشان (Primaraffekt) ڏسان ٿو ته ان جي چيڙي تي "پرميل" (Syphilis) واري پوڻ ۽ لڳل آهي."[2]

خواب جي اڻپوري خواهش جي سٻاڻ کانسواءِ به اهو عڪس چٽيءَ ريت لاڳاپيل نظر اچي ٿو جيڪو اسان ڏي تجزيي ڪرڻ کان روڪي نه سگهي ٿو. پر بهرحال جيڪڏهن ڪا مشڪل پيش آئي ته ان سان منهن ڏيڻ ۾ ڏندا سين. اسان ڏسي سگهون ٿا ته "پهريون نشان" (Primaraffekt)، "پهرين پيار" (Prima affecio) جي بلڪل برابر آهي ۽ هڪ ناڪوار يا رد ڪندڙ روڳ کي ظاهر ڪري آيو آهي. جيڪو "آگسٽ استارڪي" جي لفظن ۾ هن ريت آهي ته: "خواهشن جي پورائي لاءِ منتظر. جيڪو انتهائي جذبات سان تمتار آهي."

"مقابل يا مخالف خواهش جي خوابن" لاءِ پيو مقصد ايترو ته پڌرو آهي جو ان کي نظرانداز ڪرڻ نه سولو آهي. جيئن مون به پنهنجي ڪيتري غور ڪرڻ واري وقت دوران ڪيو آهي. اهو ڪيترن ئي ماڻهن جي جنسي عمل جي طريقي ۽ روپ ۾ جسماني يا جذباتي اذيت مان لطف اندوز ٿيڻ واري عادت يا غلط ڪاريءَ ذريعي جنسي لذت وارو عنصر (Masochistic Component) هوندو آهي. جيڪو فطري اڳرائيءَ يا جوش بجاءِ ان جي ابتڙ ۽ غير فطري حالت ۾ ايرندو آهي ۽ پنهنجي ساٿيءَ مان ايذاءُ پسندي يا زوريءَ عزت لٽجڻ مان مزو حاصل ڪرڻ جو (Sadistic) عنصر ايري ايندو آهي.[3] اهي جن کي ڏکن رهنبن ۽ چڪن پائڻ سان کين جسماني تڪليف بجاءِ فرحت حاصل ٿيندي آهي ۽ خود ڏهني طور بيعزتيءَ ۽ خواريءَ مان به لطف اندوز ٿيندا آهن. انهن کي "ڏهني ايذاءَ مان فرحت ونڊڻ" چئي سگهجي ٿو." اهڙي قسم جا ماڻهو پهرين نظر ۾ ائين لڳندا آهن ته اهي پڪ ئي پڪ "مقابل يا مخالف خواهش ۽ اٽوٽ ڊيا اڻ سهائيندڙ خواب" ڏسندا هوندا. جيڪي به تيسيتائين خواهشن جي پورائي کان گهٽ نه هوندا آهن. جيسيتائين اهي پنهنجي غلط ڪاريءَ ذريعي جنسي لذت واري عادت مان مطمئن نه ٿيندا آهن. حوالي طور مان اهڙو هڪ خواب هت ڏيان ٿو جيڪو هڪ نوجوان مرد جي ذريعي مون وٽ پيش ٿيو هو. جنهن کي سندس وڏوياءُ سندس ابتدائي عمر ۾ سخت ڏهني ۽ جسماني تڪليف ڏيندو هو. جنهن سان سندس هم جنس پرستيءَ (Homo_Sexual) وارو تعلق جڙيو ويو هو. ان حوالي سان سندس ڪردار ۾ به پوڳنا کي برداشت ڪرڻ جي بنياد تبديلي پيدا ٿي پئي هئي. جنهن هي خواب ڏنو. جيڪو ٽن حصن ۾ هو:

1. سندس وڏوياءُ ساٺس چيڙ چاڙ ڪري رهيو آهي.
2. به جوان شخص هڪ ٻئي کي هم جنس پرستيءَ جي خيال کان پيار ۽ پاهه وچان چميون ڏئي ۽ ڳرهائڙيون پائي رهيا آهن.
3. سندس پاءُ اهو سموروڪاروبار وڪٽي ڇڏيو هو. جنهن ۾ هو پاڻ کي وڏي منتظر جي صورت ۾ ڏسي رهيو هو."

هو ان ٽئين خواب ڏسڻ کانپوءِ نهايت ڏکوئيندڙ احساس سان جاڳي پيو. يقينن اهو غلط ڪاريءَ ذريعي جنسي لذت واري خواهش جو خواب هو. جنهن جو ترجمو هن ريت ٿي سگهي ٿو: "هو منهنجي درست خدمت سرانجام ڏئي سگهي ٿو. جيڪڏهن منهنجو پاءُ. انهن سورين ڏهني ۽ جسماني پيڙائن جو سبب بڻجڻ لاءِ. کنهن سزا جي طور تي ئي. ان وڪري جي حوالي سان منهنجي منهن مقابل ٽٽي ته هو مون کي ئي پيشڪش ڪري سگهي ٿو."

---

[1] هي حصو 1914ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

[2] هي ٽڪرو 1909ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

[3] ان موضوع تي ليکڪ جو ترميم ٿيل رايو سندس ڪتاب "جسماني يا جذباتي اذيت مان لطف اندوز ٿيڻ واري عادت جا اقتصادي مسئلا" (The Economic Problems of Masochism. 1924. II.420) ۾ شامل آهي.

مون کي اميد آهي تہ ان معاملي جي اعتبار جوگي هنڌ لاءِ اهو مثال تيسيتائين بلڪل ڪافي آهي جيسيتائين ڪو اعتراض نہ ٿو اٿي. ڇاڪاڻ تہ خود ڏکوئيندڙ يا تڪليف جو احساس ڏيارينڊڙ خوابي مواد بہ خواهش جي پورائي جي جوڙجڪ ڪندو آهي.[1] جنهن کي ڪو اتفاقي واقعو نہ ٿو چئي سگهجي. ڇاڪاڻ تہ انهن خوابن جي تشريح، اسان کي هر وقت، انهن ماڻهن جي موضوعن جي خلاف اپاريندي رهي ٿي جيڪي ڀالهائيندي يا سوچيندي بہ ارها يا رنج رهندا آهن. ان ۾ شڪ نہ آهي تہ اهڙن خواب جي ذريعي ايذاءَ جا اپرندڙ احساس، سندن خيالن جي رکوالي ڪرڻ يا رخ ڦيرائڻ جي باوجود، ناگوار يا متضاد هجڻ واري حالت جي (هميشہ ڪاميابيءَ سان) بلڪل هوبهو هوندا آهن. اهي سموريون ڀالهيون، انهن سان ٽيبل بحث مباحثن يا اهڙن موضوعن کي شامل ڪندي، اسان کي ذهن نشين ڪرٽيون پونديون آهن، ۽ جيتوڻيڪ انهن تي وقت برباد ڪرڻ لاءِ پاڻ کي لاچار سمجهندا آهيون تہ بہ اسان مان هر ڪو سرسي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، پر منجهن خوابن ۾ ناخوشگوار احساسن جي ٻيهر رونما ٿيڻ يا وقفي وقفي سان ظاهر ٿيڻ واري خواهش جي موجودگيءَ کي غلط ثابت ڪري نہ ٿو سگهجي. اهڙن ماڻهن جون بہ خواهشون هوندیون آهن ۽ اهي ان ڀالهہ کي اهميت ڏيندا آهن تہ کين ٻين ماڻهن جي اڳيان ظاهر نہ ڪيو وڃي. ۽ سندن ڪجهہ خواهشون اهڙيون بہ هوندیون آهن جن کي هو پنهنجي منهن بہ نہ مڃيندا آهن. ٻئي طرف انهن سمورن خوابن جي ناخوشگوار خاصيت جي ڪڙين کي "خوابن جي بگاڙي" (Dream Distortion) جي حقيقت سان ملائڻ ۾ اسان پاڻ کي بلڪل جائز سمجهندا آهيون. ۽ اسان ان نتيجي ڪيڻ ۾ بہ حق بجانب هوندا آهيون تہ اهي خواب، "بگڙيل" (Distorted) هوندا آهن ۽ انهن ۾ خواهش جو پورائوئي شامل هوندو آهي، پر انهن جو اصل نڪتو ناگوار يا متضاد هئڻ واري حالت جي ڪري مبهم يا لڪل هوندو آهي. ۽ خواب جي اڻڄاتل موضوع کي هوبهو صورت ۾ محسوس ڪرائڻ لاءِ پابند هوندو آهي، يا وري خواهش جي ڪري، ان مان هلي ايندو آهي، جنهن جو ارادو انهن کي لاشعور ۾ ٻيهر دٻائڻ هوندو آهي. اهڙيءَ ريت خوابن ۾ بگاڙي وارو عمل، حقيقت ۾ چاند چاڻ يا ڪات ڪوٽ جو اظهار ڪندو آهي. اسان وضاحت يا دليل جي طور تي هر اها شيءِ ڪٽي سگهون ٿا، جيڪا اسان کي انهن ناخوشگوار خوابن جي تجزيي متعلق دڳ ڏيکاري سگهي ٿي. اسان جيڪڏهن اها ترميم يا اصلاح، ان اصول يا قاعدي سان ڪنداسين، جنهن جي وسيلي اسان خوابن جي فطري صلاحيت کي ڳولهي بيان ڪري سگهنداسين تہ اهو لڳندو تہ: خواب، دٻايل يا روڪيل خواهش جو (لڪل) پورائو آهي.

"اهو وڏو زنده ليکڪ، جنهن جو ذڪر مان اڳ ۾ بہ ڪري آيو آهيان، هو تحليل نفسيءَ يا خوابن جي تشريح جي متعلق ڪجهہ بہ ٻڌڻ کي ٽڏي ڇڏيندو هو اهو بہ پنهنجي انفرادي آزاديءَ سان خواب جي فطري صلاحيت کي جاچڻ لاءِ "هوبهو يا ساڳئي هجڻ وارو اصول" طرف لڙي آيو. هو خواب لاءِ ائين چوي ٿو تہ: "خواب، دٻايل خواهشن ۽ جذبن جو ڪوڙين تصويرن ۽ نالن جو بنا اجازت ۽ اوچتو اظهار آهي." "سپيٽيلر" (Spitteler.1914.I).[2]

"مان ان نڪتي تي "اوٽو رئنڪ" پاران ان بنيادي قاعدي بابت واڌارن ۽ ترميمي حوالن متعلق اهي سوال ضرور استعمال ڪندس، جيڪي بعد ۾ بحث هيٺ آيا هئا. ان بنياد تي ۽ لاشعور ۾ دٻجي ويل ٻاراڻن جنسي رحجانن، مواد ۽ ستاءَ جي مدد سان، خواب سدائين ان موجود (Present) ڏينهن جي نمائندگي ڪندا آهن ۽ اهو اصول پڻ آهي تہ جنسي جذبن واريون، محبت پريون يا نفساني احساساتي خواهشون، بهروپ ڪري، ويس بدلائي ۽ علامتي طور لڪل صورت ۾ پوريون ٿيندیون آهن (رئنڪ Rank. 1910,519).[3]

---

[1] اهو جملو 1919 واري مواد ۾ شامل ڪيل هو جيڪو 1925 ۾ حاشيي جي طور تي شايع ٿيو هو. مان اهو نڪتو بيان ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان تہ اهو موضوع ايڏان بہ مڪمل نہ آهي. جنهن ڪري مون وري باب ستين جي حصي ڏهين (خواهشن جو پورائو) جي ابتدا ۾ ان تي بحث ڪيو آهي.

[2] هي تڪرو 1914 ۾ شامل ڪيل آهي.

[3] هي تڪرو 1911ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

"هاڻي مان هتي اهو بيان ڪندس ته مون رئنڪ جي اصول کي پنهنجو سمجهي اختيار ڪيو هو جنهن جو مختصر جائزو مٿي ڏنو ويو آهي. سندس اهو طريقو مون کي مناسب لڳو. پر حقيقت ۾ "رئنڪ" جي ترميمن جي حوالن کي شامل ڪرڻ خود تحليل نفسيءَ جي خلاف ڇڙواڳ ۽ بي حساب ڏوهه محسوس ٿي ٿيو ۽ اهو مڃيندي ته: "سمورا خواب جنسي مواد تي ٻڌل سڏاءُ جا ٿيندا آهن."

"جيڪڏهن اهو جملو ڪنهن رٽيل ارادي سان ڪنيل آهي. ته اهو رڳو بي ضميريءَ کي ظاهر ڪري ٿو جنهن ۾ تنقيد ڪندڙ پنهنجي روايت مطابق پنهنجي حريفن جي نظر انداز ڪيل. واضع بيانن کي. جن ۾ انهن جو ڪو خاص مزاحمتي رجحان نه ۽ هجي تڏهن ۽ وڏي ڦڙتيءَ سان رد عمل ڏئي سگهون ٿا. ان حوالي سان چند خواهشن جا مثال ابتدائي صفحن (ٽئين باب) ۾ شامل ڪري آيو آهيان. جيڪي هارن جي خوابن ۾ پوري ٿيڻ بابت آندل آهن. اهي خواهشون (جيڪي سير ۽ سياحت يا ڏنڊ ۾ ترڻ ڪنهن کي چڙي اچڻ يا نظرانداز ڪرڻ وغيره) جي صورت ۾ حصو ونڊن ٿيون ۽ ٻئي هنڌ (باب ٽئين ۾ ئي) مون. اڄ جي ترغيب سبب نظر آيل بک جي خوابن. يا پيشاب پائخاني جي خواهش جي حوالي سان ۽ ڪجهه خوابن تي رڳو سهوليت. فرحت ۽ سڪون بابت بحث ڪيو آهي. خود "رئنڪ" پاڻ به ڪا پڪي دعويٰ ڪا نه ڪئي آهي ۽ لفظ به "جنسي جذبن. محبت پرين. نفساني احساساتي خواهشن جي اصول" هيٺ استعمال ڪيا اٿس ۽ جيڪي ڪجهه هن چيو آهي اهو به گهٽي پاڻي جوان مردن سان لاڳو ٿيندڙ آهي."

"صورتحال ڪجهه بدليل هجي ها. جيڪڏهن منهنجو نقاد ان لاءِ رڳو لفظ "جنسي" استعمال ڪري ها. ان خيال کان ڇاڪاڻ ته هاڻي "جنسي جذبن. محبت پرين. نفساني احساساتي خواهشن بابت عام طور تي تحليل نفسيءَ ۾ اهو ئي لفظ مروج آهي. پر منهنجي مخالفن جي ذهنن ۾ اهو شايد ڪو تفريحي معاملو آهي ته سمورا خواب. "شديد جنسي جبلتي قوتن وارا (Libidian instinctual Forces)عمل. انسان جي ان عمل جا محرڪ ٿين ٿا. جيڪي هاڃو رسائيندڙ جبلت جي مقابلي وانگر. مخالف جنس لاءِ جنسي لذت واري ڇڪ پيدا ڪندا آهن.[1]

باقي ڳٽتيءَ وارن خوابن تي خاص طور خوابن جي قائم مقامي (Subspecies) تي ايڏاءَ رسائيندڙ مواد جي حوالي سان بحث رهيل آهي. انهن خواهشن جي پورائي وارن خوابن جو عام وهم گمان. ٽورو. "تنگ نظريءَ" مان وڃي "همدرديءَ" سان ملي ٿو. جڏهن ته انهن ڳٽتيءَ وارن خوابن جي ان نڪتي تي مان به ٽوري گهٽي ڏي وٺ ڪري سگهان ٿو ڇاڪاڻ ته انهن اسان جي اڳيان خواب جي مسئلي تي ڪو نئون پهلو پيش نه ڪيو آهي. جو اهي اعصابي ڳٽتيءَ جي سوال متعلق. اسان سان منهن ڏئي سگهن ڳٽتي جيڪا اسان خواب ۾ محسوس ڪريون ٿا. اها رڳو خواب جي مواد يا سڏاءَ ذريعي ظاهري طور بيان ڪيل آهي."

"جيڪڏهن اسان مواد کي تجزيي لاءِ اماٽيون ته اسان ڏسنداسين ته خوابن ۾ ڳٽتي. خوابن جي مواد جي وسيلي. ايتري سڀي نموني ثابت ڪيل نه هوندي آهي. ان ڪري اسان چئي سگهون ٿا ته ڳٽتي. خوف يا خوف واري حالت. انهن سوچن ۽ ويچارن جي ذريعي. تائيدي ثبوت ڏيندڙ هوندي آهي. جنهن سان خوف يا خوف واري حالت واسطو رکي ٿي. بيشڪ اهو سچ ئي آهي. ڇاڪاڻ ته مثال طور دريءَ مان ٽپو ڏيڻ ممڪن آهي. ان ڪري جو پاڙيواري دريءَ ۾ ڪنهن حد تائين جتاءُ ڏيندڙ ۽ پريشان ڪندڙ خطري جو سبب موجود ضرور آهي. پر اسان اهو ڏسي نه ٿا سگهون ته ان حوالي سان ڳٽتيءَ سبب. خوف محسوس ڇو ٿيو! ان موضوع تي ڪنهن مريض کي ڪنهن به موقعي تي هٽ ڪرڻ يا ان جي ڪيڏ لڳڻ تمام وڏو ۽ مشڪل ڪم آهي. اسان جي گذريل کوجنا مطابق. ٿي سگهي ٿو ساڳي شيءِ ئي ٻنهي حالتن ۾ يعني. خوف ۽ ڳٽتيءَ جي خوابن جي معقول بچاءَ جي "ساڪ" پريندي هجي. ٻنهي معاملن ۾ "خوف" انهن "ويچارن" سان رڳو سطحي طور واڳيل هوندو آهي جيڪي ساٿس شامل هوندا آهن. جيڪي ڪنهن ٻئي ڪارڻ مان پيدا ٿيندا آهن. خوابن ۾ ڳٽتيءَ ۽ اعصابي مونجهارن جي وچ ۾ اهو تمام ويجهو تعلق لڳاتار موجود هوندو آهي. جنهن مان پهرين حالت تي بحث مان بعد ۾ ڪندس

---

[1] هي حصو 1925ع ۾ شامل ڪيل آهي ۽ ڏيڪ ڏسو فرائيڊ جو "آپو ۽ هستي" (The Ego and the Id. 1923)

ڳڻتيءَ سبب اعصابي مونجهارن (Anxiety_ Neurosis. Frued. 1895) متعلق ٿورو وقت اڳ لکيل مختصر مقالي ۾ مون دليل ڏنو هو ته اعصابي ڳڻتي جنسي لاڙي واري رويي مان پيدا ٿئي ٿي. جنهن جو تعلق جنسي طلب ٿئي ٿو جيڪا پنهنجي مقصد کان لڙي ان جاءِ تي اچي رسي ٿي جتي موت ۾ ملندڙ يا حاصل ٿيندڙ کا به شيءِ موجود نه هوندي آهي.[1] ان کانپوءِ اهو اصول وقت جي پرک سان ملي ٿو جنهن بعد اسان کي ان لائق بڻائي ٿو جو اسان ان مان اهو نتيجو کڏي سگهون ٿا ته ڳڻتيءَ جا خواب، جنسي خواهشن جي سٽاءَ يا مواد سان پريل خواب هوندا آهن جنسي طلب جي سموري ميڙا چونڊيل ڳڻتيءَ واري صورت ۾ بدلجي وڃي ٿي. بعد ۾ کا "غرض" چند اعصابي مريضن جي خوابن جي تجزيي ذريعي ان جي بچاءَ يا "ساڪ" سان سهڪار به ڪندي نظر اچي ٿي.[2] خوابن جي نظريي جي سلسلي ۾ ٻئي موقعي تي وڌيڪ پيش رفت ڪري مان ڳڻتيءَ جي خوابن بابت خواهشن جي پوءِ ائين سان ٺهڪندڙ ڪي ڳالهيون طئي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. ٻئي موقعي تي وڌيڪ بحث به ڪندس.

---

[1] جنسي طلب ۽ ڳڻتيءَ متعلق ليڪڪ جا بعد جا رايا سندس "ڪنهن لاڙي، جذبي يا سوچ کي روڪيندڙ ذهني عمل جي اهڃاڻن ۽ ڳڻتيءَ" (Inhibitions, Symptoms and Anxiety.1926) ۾ پڙهي سگهجن ٿا.

[2] ان ڪتاب تي فرائيڊ پنهنجو ذهن نهايت چٽيءَ ريت تبديل ڪيو هو ڏسو باب ستين: "خوابن جي عمل جو نفسياتي پهلو" جي حصي چوٿين: "خوابن ذريعي احساسن جو اپار ڏکر ۽ ڳڻتيءَ جا خواب" ۾ جتي ڳڻتيءَ جي ٻن خوابن جو تجزيو ڪيو ويو آهي. ۽ ڳڻتيءَ جي خوابن جي موضوع تي ٻيهر بحث ڪيل آهي.

باب پنجون

خوابن جو مواد ۽ ماخذ

THE MATERIAL AND SOURCES OF DREAMS

اسان جڏهن "ارما" جي سئيءَ واري خواب جي تشريح ڪئي ته خبر پئي ته خواب، خواهش جو پورائو ڪري سگهي ٿو اسان جي پهرين دلچسپي، ان سوال جي سموري اندروني ڪيفيت کي تلاش ڪرڻ ذريعي اهو معلوم ڪرڻ آهي ته اسان خواب متعلق عالمگير طور تي قبول پوندڙ خاصيت تائين رسيا آهيون يا نه! ۽ جيڪڏهن ٿوري وقت لاءِ اسان ڪنهن بين تجرباتي مسئلن بابت عقل سمجهه کي روڪي ۽ ونون تڏهن ۽ اهي تجزياتي مرحلن دوران اسان جي اڳيان اچي سگهن ٿا. ڪنهن هڪڙي رستي کي رهنما بڻائي، منزل تي رسڻ لاءِ اسان کي هڪ پيرو ٻيهر، پنهنجي ڪنيل قدمن کي تلاش ڪرڻو پوندو ۽ خواب جيون جي مسئلن جي ذريعي پنهنجي اردگرد گشت ڪندي، هڪ ٻئي شروعاتي نڪتي کي چونڊڻو پوندو. ٿوري وقت لاءِ اسان خواهشن جي پورائي واري موضوع کي هڪ پاسي تي ٿا رکون، ڇاڪاڻ ته اسان ان جي نيڪال بابت اڃان ۽ ڪافي دور آهيون.

جيئن ته خوابن جي تشريح بابت اسان جي لاڳو طريقي، اسان کي، خواب جي سٽاءَ ۾ لڪل مواد کي ظاهر ڪرڻ جي قابل بڻائي ورتو آهي، جن جي اهميت، پيشڪش کان وڌيڪ انهن جي مطلب ۽ معنيٰ کي آهي. خوابن جي تمام گهڻن پيدا ڪيل مسئلن بابت ٻيهر جاچ لهڻ جي اهم ۽ فوري ذميداري، اهو ڏسڻ لاءِ هڪ هڪ ڪري هڪدم ايري اچي ٿي ته ڇا اسان اڃان ۽ ان صورتحال تائين نه رسيا آهيون جو خوابن جي منجهائيندڙ مام ۽ انهن جي تضادن بابت، مطمئن ڪندڙ نتيجا حاصل ڪري سگهون! جيڪي ايترا ته سرڪش ۽ بي لغام نظر اچن ٿا جو اڄ ۽ اسان رڳو ان جي پيشڪش ۽ سٽاءَ ۾ قائل آهيون.

پهرين باب جي حصي پهرين ۾ مون جاڳ جيون سان خوابن جي تعلق بابت مڃيل ۽ ماهر ليکڪن جا رايا، تمام گهڻي تفصيل سان پيش ڪيا آهن. ۽ خوابن جي بنيادي مواد متعلق حصي ٽئين ۾ بحث ڪيو آهي. ان ۾ شڪ نه آهي ته منهنجي پڙهندڙن کي حصي ٻئي ۾ آندل، خوابن ۾ ياداشت جون ٽي خاصيتون ۽ ياد هونديون، جيڪي اهميت سان ته پيش ڪيل آهن پر انهن جون وضاحتون ڪيل نه آهن:

1. خواب، ان ويجهي، گذاريل ڏينهن جي تاثرن بابت نهايت چٽي اهميت ظاهر ڪندو آهي (باب پهريون، حصو ٻيو)، "روبرٽ" (Robert, 1886.46) "استرومپيل" (Strumpell_ 1877,39) ، "هلڊيبرانٽ" (Hildebrandt, 1875.II) "مس هالم" ۽ ويڊ (Hallam and Weed, 1896,410)
2. انهن اسان جي جاڳ دوران ياداشت بابت پنهنجي چونڊ، مختلف اصولن مطابق ڪئي آهي، پر انهن اها ڳالهه ڏيان ۾ نه رکي آهي ته ڪهڙيون يادون ضروري آهن ۽ ڪهڙيون اهم آهن، پر ان جي بجاءِ انهن اهو ٻڌايو آهي ته ڪهڙيون يادون رعايت پريون، ماتحت تعلق واريون يا ناقابل توجهه آهن. (باب پهريون، حصو ٻيو.)
3. انهن وٽ اسان جي ٻاراڻي عمر جي ابتدائي تاثرن جي نيڪال جو تصور آهي ۽ انهن گهڻو ڪري عمر جي ان ئي دور جي تفصيل پيش ڪئي آهي، جيڪي هڪ پيرو ٻيهر اسان تي روز مرهه جي خسيس ۽ غير اهم ڳالهين کي

اثرائتو سمجهڻ جو زور پرين ٽيون، ۽ جيڪي اسان جي جاڳ وارين حالتن ۾ تمام گهٽو اڳ ميسار جي چڪيون هونديون آهن (باب پهريون، حصو ٻيو).[1]

خواب جي ستاءِ ۽ پيشڪش بابت، خوابن جي ذريعي نظر ايندڙ اهي سموريون نج ۽ نياريون ڳالهيون، پنهنجي مواد جي چونڊ ۾ ظاهر آهي ته رڳو ابتدائي دور جي ليکڪن جي مطالعي جو نچوڙ آهي.

[1] "روبرٽ" جيڪو رايو (Robert, 1886.9) پسند ڪيو آهي ته خواب جو مقصد اسان جي ڏينهن وارن بيڪار تاثرن کي اسان جي ياداشت منجهان ڪڍڻ ۽ ان جي بار کي هلڪو ڪرڻ آهي (باب پهريون حصو ستون). اهو خيال به ايترو جتادار نه آهي، جيڪاڻ ته اسان جي ٻارائي عمر جي بي پرواهه ۽ الهڙ تسر جي يادن جا عڪس به گهٽو ڪري بار بار خوابن ۾ پيا نظر ايندا آهن. جيڪڏهن ائين نه هجي ته جيڪر اسان رڳو اهو ئي ئي نتيجو ڪڍي سگهون ته خواب پنهنجو ڪردار بلڪل الڳ ۽ غير متعلق انداز سان ادا ڪندا آهن.

(1)

خوابن ۾ تازوءِ غير متعلق مواد

RECENT AND INDIFFERENT MATERIAL IN DREAMS

جيڪڏهن مان حقيقي بنيادي عنصرن جي موضوع تي خوابن جي ستاءَ يا مواد کي ڳنڍيو پنهنجي ڪيل تجربي جي پرک ڪريان، تہ مون کي يقينن ان دعويٰ سان شروع ڪرڻو پوندو تہ هر هڪ خواب مان گذريل ڏينهن جي تجربي سان لاڳاپيل ان نڪتي کي ڳولهڻ ممڪن آهي. جڏهن مان ان تي غور ڪريان ٿو تہ ان راءِ جي تصديق هر هڪ خواب مان ٿئي ٿي، پل تہ اهو منهنجو خواب هجي يا ڪنهن ٻئي جو. ان حقيقت کي ذهن ۾ رکندي، خواب جي تجزيي ڪرڻ واري صورت ۾ مان گذريل ڏينهن جي واقعي کي ڏسڻ جي قابل ٿي ويندو آهيان، جنهن جو تحرڪ پنهنجي هڪ مقرر جاءِ قائم ڪري ويندو آهي. ڪيترن ئي مثالن بابت، سچ تہ اهو هڪ آسان طريقو آهي. ٻن خوابن (هڪڙو "ارما" جي سئي وارو خواب ۽ پنهنجي پيلي ڏاڙهيءَ واري چاچي جو) جي تشريح مون گذريل باب ۾ تفصيل سان ڪئي آهي، گذريل ڏينهن جي وابستگي، ايتري قدر پڌري هوندي آهي جو ان تي وڌيڪ ڪنهن راءِ ڏيڻ جي ضرورت ئي نہ هوندي آهي. پر ستاءُ جي هڪجهڙائيءَ يا اصولي اظهار جي حوالي سان اهڙي تعلق کي ڳولهي سگهجي ٿو مان خود پنهنجي خوابن جي خزاني مان چند مثال ڏئي سگهان ٿو. مان ڪيترائي خواب، رڳو ان حوالي سان پيش ڪريان ٿو تہ جيئن انهن ڪارڻن، بنيادن يا ماخذن بابت نشاندهي ٿي سگهي جن متعلق اسان بحث شروع ڪيو آهي:

1. مان ان گهر ۾ ويو هوس، جنهن ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ڏاڍي مشڪل سان ٻئي ملي.... ساڳئي وقت مون هڪ عورت کي انتظار ۾ ترسائي ڇڏيو.

ماخذ: مون هڪ ڏينهن اڳ شام جو هڪ ويجهي ماڻيٽاڻيءَ سان گفتگو ڪئي هئي، جنهن ۾ مون کيس چيو هو تہ مان خريداري ڪرڻ خاطر ٿورو ترسي..... هن تيستائين ترسڻ چاهيو پئي.....وغيره.

2. مان ڪنهن خاص (اڻ واضع) ٻوٽي جي قسم تي طويل مقالو لکي رهيو هوس.

ماخذ: ان ڏينهن صبح جو مون هڪ دڪان جي الماريءَ ۾ "گل مريم جي نوع واري ٻوٽي (Genus Cyclamen)[1] تي لکيل طويل مقالي جو ڪتاب ڏٺو هو (ڏسو باب پنجين ۾ ٽئي اڳيان).

3. مون گهٽيءَ ۾ ٻه عورتون ڏٺيون، هڪ ماءُ هڪ ڏيءَ، ان جي ڏيءَ منهنجي علاج هيٺ رهي هئي.

ماخذ: گذريل ڏينهن شام جو منهنجي هڪ مريضا پنهنجي ماءُ جي تڪليف جي سلسلي ۾ گفتگو ڪري رهي هئي تہ اچان تائين سندس علاج هلي رهيو آهي.

4. مان "ايس ۽ "آر" جي دڪان تان ويهن فلورنس (برطانوي سڪن) ۾ هڪ هفتيوار رسالي جو سالياڻو خريدار ٿيس.

ماخذ: هڪ ڏينهن اڳ منهنجي زال مون کي ياد ڏياريو هو تہ تون گهر جي خرچ لاءِ اچان تائين هفتيوار ويهہ فلورنس ٿو ڏئين.

5. مون کي سوشل ڊيموڪريٽڪ ڪاميٽيءَ پاران هڪ مراسلو مليو جنهن ۾ مون کي سندن ڪاميٽيءَ جو ميمبر ٿاٽايل هو.

---

[1] هن کي گل مريم يا مريم جو هٽ بہ سڏيندا آهن. ڦاڙي ڪنول جي قسم جو جهنگلي ٻوٽو جنهن جا گل ڏاڍا سهڻا ٿيندا آهن. سندس پاڙ ۾ گودو پريل هوندو آهي، عرب ملڪن ۾ خاص طور ويهہ ۾ آسانيءَ لاءِ ان کي پاڻي ۾ پسائي رکيو ويندو آهي (ب.م).

ماخذ: مون کي لبرل الیکشن کامیٹيءَ ۾ ساڻئي وقت انساني پلائيءَ جي ڪائونسل پاران سدائين اهڙا مراسلا پيا ايندا هئا، ان پوئين ڪائونسل جو مان ميمبر به هوس.

6. هڪ شخص سمنڊ جي وچ ۾ ڪنهن پڪي شرابيءَ (Bocklin) جي انداز سان، ساموندي ٽڪريءَ تي چڙهيو بينو هو.

ماخذ: چند ڏينهن اڳ انگليڊ مان اسان جي هڪ عزيز وٽان خبر آئي هئي ته "ڊيفيو" شيطانيءَ تي (Ile du daible) چڙهيو آهي، يعني بدمعاشي ڪري رهيو آهي.... وغيره.

اهو سوال ضرور پيدا ٿي سگهي ٿو ته يا ته خواب سان واسطو رکندڙ نڪتن تمام ويجهي هلندڙ ڏينهن جي واقعن کي بنا تبديليءَ جي يا ثابت طور تي پيش ڪري ٿو يا وري ٿورو ويجهي ماضيءَ جي ڪجهه ڪشادي دور جي تاثرن ڏانهن موٽ ڪائي سگهي ٿو. ان ڳالهه جي ڪاميابيءَ جو ٿورو به امڪان نه آهي ته اهو سوال ڪنهن نصابي اهميت واري معاملي کي منسلڪ ڪري وٺي. ان جي باوجود منهنجو لاڙو خاص طور تي ڏينهن دوران حاصل ڪيل انهن ڳالهين جي حق ۾ فيصلي ڪرڻ بابت آهي، جيڪي خوابن ۾ هڪدم پيش ٿيڻ لڳن ٿيون، جن کي مان "خواب ڏينهن" (Dream_day) سڏيندو آهيان. جڏهن به اهو پهريون پيرو نظر ايندو آهي ته خواب جو ماخذ، ويجهڙائيءَ واروپن يا تن ڏينهن جو تاثر يا اهجاڻ لڳندو آهي. تمام ويجهڙائيءَ کان حاصل ڪيل معلومات مون کي مجايو آهي ته احساس، نشان يا تاثر، گذريل ڏينهن کي ئي ياد ڪندو آهي ۽ اهڙيءَ ريت پوئين ڏينهن واري تاثر جو ٻيهر پيش ٿيڻ ممڪن ٿي پوندو آهي، ائين به ٿي سگهي ٿو ته وچ ۾ ان حقيقي واقعي واري ڏينهن ۽ وقت کي به شامل ڪري وٺي. ان کان علاوه اهو به ممڪن ٿي سگهي ٿو ته اهو گذريل ڏينهن جي ڪنهن اتفاقي واقعي ڏانهن اشارو ڪندو هجي، جيڪو ان پراڻي نقش يا تاثر کي ياد ڏيارڻ جي اڳواڻي ڪندو هجي.[1]

ٻئي پاسي: "مان ڪڏهن به خاطري محسوس نه ڪري سگهيو آهيان ته ترغيبي تحرڪ پيدا ڪندڙ ڏينهن واري تاثر ۽ خواب ۾ ان جي ظاهر ٿيڻ جي وچ ۾ حياتياتي معياد مطابق (ماهواريءَ جيان مقرر) وقفو پنهنجي مقرر مدت ذريعي، سدائين قائم رهندو آهي! (سوويودا Swoboda. 1904 ته ان سلسلي ۾ ارڙهن ڪلاڪن جو مدو ٻڌايو آهي.)[2]

جيئن ته مان پهرين باب جي ضميمي 1909ع ۾ اها ڳالهه ڪري آيو آهيان ته "هرمن سوويودا" پاران، ويلهيلم فيلس (1906ع) جي ڏسيل "ذهني وسعت" جي 23 ۽ 28 ڏينهن واري حياتياتي معياد جي وقفي (Biological Periodic intervals) بابت لاڳو ٿيندڙ نظريو سمجهه کان گهڻو ٻاهر آهي. هن خاص طور تي دعويٰ ڪئي آهي ته اهي ان عرصي جي، انهن عنصرن جون هنگامي طور تي حدون مقرر ڪن ٿا ۽ انهن کي رخ ڏين ٿا، جيڪي خوابن ۾ ظاهر ٿين ٿا. ان صورت ۾ جيڪڏهن ان حقيقت کي قائم ڪيو وڃي ته خواب جي تشريح ۾ ڪنهن به ترميم جي ضرورت نه آهي، اهو رڳو خوابي مواد جي حقيقت جو تازو بنياد يا ڪارڻ مهيا ڪري ٿو. مون بهرحال، ويجهڙائيءَ ۾ پنهنجي ئي ڏنل خوابن تي ڪجهه ڪوجنائون ڪيون آهن. ته اهو "معيادي (عرصي وارو) نظريو انهن تي ڪيتري قدر لاڳو ٿئي ٿو. ان مقصد لاءِ مون چند خاص ۽ غير معمولي خوابي عنصر چونڊيا آهن، جن جو "وقت" حقيقي (جاڳ واري) جيون ۾ به يقيني طور تي طئي ڪري سگهجي.

خواب (1)

(آڪٽوبر پهرين ۽ پي تاريخ 1910ع)

(اڻ پورو حصو): اتليءَ ۾ ڪنهن جاءِ تي، منهنجون ٽي ڏيئرون، مون سان معمولي تجسس جو اظهار ڪري رهيون هيون، جڏهن اسان هڪ قديم قيمتي سامان جي دڪان ۾ ٻيڻا هئاسين، اهي منهنجي هنج ۾ ويٺيون هيون. مان ان سامان مان

---

[1] هي ٽکرو 1909ع شامل ڪيو ويو آهي.

[2] هي ٽکرو 1911ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

هڪڙي تي راءِ ڏيندي چيو: "تون مون کان اهو چو نہ ٿي گهرين؟" ۽ مون پنهنجي بلڪل سامهون "ساوونارولا" (Savonarola) جو پاسيرو ۽ بلڪل چٽو چهرو ڏٺو.

مان آخري پيرو "ساوونارولا" جي تصوير کڏهن ڏٺي هئي؟ منهنجي سفري ڊائري ان سوال جو جواب مهيا ڪري ڏني ته مان چوٽين ۾ پنجين تاريخ سيپٽمبر تي فلورنس ۾ هوس. منهنجو خيال آهي ته مان جڏهن اتي هئس ته اسان جڏهن ڪنهن معزز عورت جي اطالوي ڪاڏي (مانيءَ جهڙي تهه مٿان مختلف مصالحن، ٽماٽن، پنير ۽ ٻين ميون جي ميلاپ وارو چٽپٽو ڪاڏو Pizza) کائڻ واري هوٽيل ۾ داخل ٿيا هئاسين ته مون اتي مذهبي خوشنوديءَ لاءِ دنيا تياڳيندڙ ڪٽر پڪشوءَ جهڙو خاڪو پنهنجي سفري ساٿيءَ کي ڏيکاريو هو. اهو فرش ان جاءِ جي نشاندهي ڪري رهيو هو جتي هو سڙي ويو هو. مون ان جاءِ لاءِ ڪيس ٻڌايو هو. مان سمجهان ٿو ته اهو ٽيوپهين تاريخ جو صبح هو. ان ڏڻل نقش ۾ ان جو ٻيهر خواب ۾ اچڻ جي وچ ۾ فليس جي ٻڌايل "زناني ماهواريءَ" (Female Period) جي حساب سان وچ ۾ اٽڪل ستاويهن ۾ هڪ ڏينهن جو عرصو گذريو هو. بدقسمتيءَ سان ان مثال جي بنهه قطعي هجڻ لاءِ، بهرحال مان اها ڳالهه ضرور شامل ڪندس ته خواب واري اصل ڏينهن تي، پنهنجي واپس موٽڻ کان اڳ ۾ پهريون پيرو مان پنهنجي لاتق مگر غمگين صورت واري طبي ساٿيءَ کي ڏسڻ ويو هوس، جنهن کي مان ڪيترا سال اڳ سنڊس نئڊي هوندي واري نالي "رابي ساوونارولا" سان سڏيندو هوس. هن مون کي هڪ مريض ڏيکاريو هو جيڪو "پونٽيبا ريل گاڏيءَ" واري حادثي ۾ زخمي ٿيڻ سبب تڪليف پوڳي ريو هو ان ريل گاڏيءَ ۾ هڪ هفتو اڳ مان پاڻ به سفر ڪيو هو ۽ منهنجا خيال ويجهڙائيءَ ۾ اٽليءَ واري سفر ڏانهن مڙي ويا. خواب جي مواد ۾ نظر ايندڙ غير معمولي عنصر "ساوونارولا" هو. اهڙيءَ ريت خواب واري ڏينهن منهنجي ساٿيءَ جي اچڻ وارو معاملو اڳتي وڌي آيو ۽ انهيءَ ڏينهن جو وقفو پنهنجي مطلب کان محروم رهيو.

خواب (2)

آڪٽوبر ڏهين ۽ يارهين 1910ع

مان يونيورسٽيءَ جي تجربيگاه ۾ عنصرن جي ترڪيب جي تحقيق تي ٻيهر ڪم ڪري رهيو هوس. "هو فرات ايل" مون کي ڪنهن جاءِ تي اچڻ جي دعوت ڏني ۽ پاڻ منهنجي اڳيان، ڪاربوءِ ۾ ٽهلڻ لڳو. سنڊس ڪجيل هٿ ۾ روشنيءَ واري بتي ۽ ڪو ٻيو سامان به سنڊس اڳيان نظر ٽي آيو ۽ هن جو مٿو به هڪ پاسي لڙڪي پيو هو. جڏ ڪنهن شيءَ کي چٽيءَ ريت ڏسڻ جي ڪوشش ڪنده ۽ حي، (يا ڪنهن پري واري شيءَ کي ڏسندو هجي) پوءِ اسان هڪ ڪليل علائقو پار ڪيوسين، اڳتي وسري ويو آهي.)

هن خواب جي مواد ۾ تمام غير معمولي نڪتو اهو "رستو" هو جنهن تي "هوفرات ايل" جي اڳيان بتي پئي نظر آئي. (يا شيءَ کي وڌو ڏيکاريندڙ قوت وارو شيشو هو). هو جڏ دور ڪنهن شيءَ کي گهوري نهاري رهيو هو. اها ڳالهه ڪيترا سال اڳ جي هئي جڏهن مان آخري پيرو سائڊس مليو هوس. پر مان هڪدم سمجهي ويس ته اها ڪنهن ٻيءَ منڊ ۽ هن کان ڪجهه وڌي شخصيت جي رڳو "متبادل" صورت هئي. "سيراڪيوس" (Syracuse) ۾ آريٿوسا" (Arethusa) جي جبل جي پرسان، بلڪل اهڙي انداز سان "ارشيمدس" (Archimedes) جو مجسمو لڳل هو. سنڊس هٿ ۾ آتشي شيشو جهليل هو ۽ اڪين جي گهور سان رومي فوج جي محاصري کي ڏسي رهيو هو. اهو مجسمو مون پهريون يا آخري پيرو ڪڏهن ۽ ڪهڙي وقت ڏٺو هو؟ منهنجي ڊائريءَ مطابق اها سيپٽمبر جي سترهين تاريخ هئي، ۽ خواب جي نظر اچڻ ۽ ان جي وچ ۾ تيرهن ۽ ڏهه يعني ٽيوپهه ڏينهن ٽپا هئا، ۽ اهو "فليس" جو ڏسيل "زناني ماهواريءَ وارو عرصو" هو.

بدقسمتيءَ سان اسان جڏهن هن خواب جي وڌي تفصيل سان تشريح پئي ڪيئيسين ته ان سان مطابقت رکندڙ ڳالهين ۾ هڪ پيرو ٻيهر ان جي قطعي هجڻ جا امڪان ڪجهه گهٽ نظر ٽي آيا. خواب جو هڪدم جوش ڏيارينڊڙ ڪارڻ،

هڪ اها "خبر" هئي، جيڪا مون کي خواب واري ڏينهن تي موصول ٿي هئي. تہ اهو دواخانو هو جنهن جي هڪ ڪمري ۾ مان تقريرون ڪندو هوس، جيڪو ٿورو وقت اڳ ڪنهن ٻئي هنڌ منتقل ٿي ويو هو. مان اهو مثال ان ڪري ڪنيو تہ اها نئين صورتحال ٿوري مختلف هئي، ۽ مون پاڻ کي ان معاملي ۾ ائين ان ڪري چيو جو تقرير ڪرڻ وارو اهو ڪمرو هاڻي منهنجي حوالي نہ هو. ان حوالي سان منهنجا خيال، يونيورسٽيءَ جي استاد واري منهنجي ابتدائي پيشي ڏانهن ئي موٽيا هوندا. چاڪاڻ تہ هاڻي مون وٽ تقرير ڪرڻ وارو ڪمرو بہ نہ هو ۽ جڏهن تہ ان جاءِ تي منهنجي ڪوششن سبب "هوفراٽ" ۽ بين استادن طرفان ٿوري گهٽي مناسب موٽ ملندي هئي. انهن حالتن ۾ مان "پروفيسر ايل" (Professor Ernst Ludwing) ڏانهن ويو هوس، جيڪو ان وقت شعبي جو سربراهہ هو ۽ مون کي اميد هئي تہ هو منهنجي شڪايت دوستاڻي انداز ۾ ٻڌي، منهنجو مسئلو حل ڪندو. هن مدد ڪرڻ جو وعدو بہ ڪيو هو پر هو ان کان وڌيڪ ٻيو ڪجهہ بہ نہ ڪندو هو. خواب ۾ هو اهو "ارشيمدس" هو جيڪو مون کي اوسيئڙي ۾ ٻيهاري، مون هڪ نئين علاقي ۾ ڏسڻ جا دلاسا ڏيندو هو. جيڪو بہ خوابن جي تشريح جو ڪم ڪندو هوندو اهو سمجهي سگهي ٿو تہ "خوابن جا ويچار، ذاتي اهميت يا جزا ۽ سزا وارن خيالن کان بلڪل بہ آزاد نہ هوندا آهن. اهي هر حال ۾ صاف نظر ايندا آهن. چاڪاڻ تہ هڪدم جوش ڏيارينڊڙ ڪنهن ڪارڻ ڪانسواءِ ان رات منهنجي خواب ۾ "ارشميدس" پنهنجو رستو ڏاڍو مشڪل سان ڳولهي سگهي ها. مان تہ خير ان ڳالهہ کي بہ قبول نہ ٿو ڪريان تہ "سيراڪيوس" جي مجسمي جي ذريعي، بلڪل ويجهڙائيءَ ۾ پيش آيل واقعي، مون تي ڪو وڏو طاقتور تاثر چڏيو هوءِ نہ ئي، وقت جي مختلف وقفي ڪانپوءِ، اثرانداز ٿي پئي سگهيو.

خواب (3)

ٻين ۽ ٽين آڪٽوبر 1910ع

پورو حصو): اهو ڪجهہ "پروفيسر اوسر" (Professor Oser) متعلق هو، جنهن پنهنجي سر منهنجي لاءِ ڪاڏي جي فهرست ترتيب ڏني هئي، جن مان يقينن تمام ڪارائتا نتيجا نڪرن ها. (ڪجهہ ٻيو بہ هو جيڪو مون کان وسري ويو آهي.)

هي خواب، ان ڏينهن واري هاضمي جي خرابيءَ جو ردعمل هو، جنهن مون کي ان ڳالهہ ويچار ۾ وجهي چڏيو هو تہ چا مون کي پنهنجي ساٿيءَ ڏانهن وڃڻ گهرجي! جنهن منهنجي لاءِ پرهيزي ڪاڏي جو بندوبست ڪيو هو. "اوسر" کي چونڊڻ مان بہ منهنجو مقصد اهو ئي هو. جنهن جو اونهاري دوارن انتقال ٿي ويو هو. يا سوچيم پئي تہ يونيورسٽيءَ جي ان ٻئي فوت ٿيل ساٿيءَ جي گهر وڃان، جنهن کي مان تمام گهڻو سراهيندو هوس، جيڪو تازو پهرين آڪٽوبر تي مون کي نظر بہ آيو هو.

"اوسر" ڪڏهن فوت ٿيو هو؟ ۽ مون هن جي انتقال جي خبر ڪڏهن ٻڌي هئي؟ شايع خبرن مطابق هو پاويهين آگسٽ تي فوت ٿيو هو انهن ڏينهن ۾ مان هالينڊ ۾ هوس، ۽ مون ڏانهن ويانا جي اخبار باقائدگيءَ سان ايندي هئي، ان ڪري هن جي فوت ٿيڻ جي خبر يقينن مان چوويهين يا پنجويهين آگسٽ تي پڙهي هوندي، پر هتي تہ اهو وقفو نہ تہ وڏيڪ ڏکوهو نہ ئي معياد سان ٿي ٺهڪيو. چاڪاڻ تہ اهو ڳڻپ ۾ ست+ ٽيهہ+ بہ = اٺيتاليهہ ڏينهن ٿي ٿيا يا ممڪن آهي چاليهہ ڏينهن ٿيندا هجن. ۽ مون کي ياد نہ آهي تہ ان دوران مون ڪڏهن "اوسر" سان ڳالهايو هو يا اُن متعلق سوچيو هو.

وقفا! جيئن اهو هڪڙو وقفو هو انهن کي وڏيڪ سليقي يا ڪم ڪرڻ جي طريقي کانسواءِ ڪنهن بہ هڪڙي مقرر معياري نظريي ۾ پابند ڪري نہ ٿو سگهجي. چاڪاڻ تہ منهنجي خوابن ۾ ايترين پري پري جون ڳالهيون بہ بار بار ظاهر ٿيون آهن جو انهن کي انهن وقفن واري نظريي ۾ سمائي نہ ٿو سگهجي. مان رڳو اهو تعلق تلاش ڪري سگهيو آهيان جيڪو ان تعلق سان پابنديءَ يا يڪسانيءَ سان ظاهر ٿيندو آهي، جنهن جي باري ۾ مان پنهنجي تحرير ۾ زور پريندو رهيو آهيان، جيڪو خوابن کي ان "خواب ڏينهن" (Dream_ day) جي انهن تاثرن، نقشن ۽ نشانن سان ڳنڍي ٿو.

هيولاڪ ايلس" (Havelock Elis, 1911.224) ۽ ان نڪتي تي ٽورو ڏيارڻ ڏنو آهي. اعلان ڪري ٿو ته هو اهڙي "معيادي وقفي" کي پنهنجي خوابن ۾ گولهڙ ۾ ناڪام ٿيو آهي. ان جي باوجود سندس تلاش جاري آهي. هن هڪڙو خواب درج ڪيو آهي. "جڏهن هو اسپين ۾ هو ۽ هن "دارايوس، "وارايوس" يا "زارايوس" وڃڻ پئي چاهيو." جاڳڻ ڪانپوءِ هن کي اهڙي ڪنهن به علاقي جو نالو ياد نه پئي آيو ان ڪري هن خواب کي هڪ پاسي ڦٽو ڪري ڇڏيو. ٽورن مهينن ڪانپوءِ هن گولهي ورتو ته "زارايوس" نالي، "سين سيبستين" (San Sebastian) ۽ "بلبائو" (Bilbao) جي وچ ۾ واقعي هڪ ريلوي اسٽيشن جو نالو هو هو اتان، خواب ڏسڻ کان اٽڪل ٻه سئو پنجاهه ڏينهن اڳ گذريو هو.[1]

مان سمجهان ٿو ته هر خواب جو جوش ڏيارينڊڙ محرڪ انهن تجربن مان گولهي سگهجي ٿو جن مان اڃان جيڪو "ستو" نه آهي اهڙيءَ ريت خواب جي متن جا واسطا، ويجهي ماضيءَ ۾ واقع ٿيل نقشن، نشانن يا تاثرن سان ٿين ٽا. گڏوگڏ، ڏينهن جي ڪنهن هڪ اڏ ويجهي ڪارگذاري ڪانسواءِ، تاريخ جي ڪنهن به پراڻي دور جي انهن تاثرن واري تعلق جي تفصيل يا حوالن سان شامل راءِ نه ٿيندي به خواب واري رات جو پيش ٿيندا آهن. خواب، خواب ڏسندڙ جي زندگيءَ جي ڪنهن به حصي مان، پنهنجو مواد پاڻ چونڊيندا آهن، رڳو اهو مهيا ڪندا آهن ته انسان جو ذهن خيالن سان پريل هڪ ريل گاڏي آهي، جنهن ۾ سفر ڪندڙ خيال، خواب واري ڏينهن جي تجربي سان سلهاڙ جي ويندا آهن، يعني تازا "تاثر، نقش يا نشان، ڪنهن پراڻي تاثر سان منسلڪ ٿي ويندا آهن.

پر تازن تاثرن کي ايتري اهميت ڇو هوندي آهي؟ ان نڪتي بابت اسان هڪ عام راءِ جوڙي آهي، ان سلسلي ۾ جيڪڏهن هڪ اڏ خواب پيش ڪريان ته انهن منجهان هڪڙو مان باب پنجين جي حصي پهرين ۾ مختصر تشريح سان پيش ڪري آيو آهيان، ان مقصد لاءِ ان کي هتي پيش ڪريان ٿو:

زراعت متعلق طويل مقالي وارو خواب:

"مان ڪنهن هڪ ٻوٽي بابت طويل مقالو پئي لکيو ڪتاب منهنجي سامهون رکيو هو ساڳئي وقت مان ويڙهيل رنگين تصويرن کي به اٽلائي پٽلائي رهيو هوس. تشخيصي مقصد خاطر ٻوٽي جو خشڪ نمونو ڪاپيءَ ۾ ٽي لڳايم. ته جئين اهو خشڪ نباتات جي ذخيري (Herbarium) جيان محفوظ ڪيل لڳي."

تجزيو:

ان ڏينهن صبح جو مان هڪ دڪان جي الماريءَ ۾ هڪ ڪتاب ڏٺو هو جنهن جو عنوان هو: "گل مريم جي ٻوٽي جو قسم" (Genus Cyclamen). شايد اهو ان ٻوٽي تي لکيل طويل مقالو هو.

مون کي ياد آيو ته "گل مريم" (Cyclamen) منهنجي زال جو پسنديده گل هو ۽ مان شرم محسوس ڪرڻ لڳس. ته پنهنجي زال جي پسند جا گل ونڊي اچڻ به مون کي تمام گهٽ ياد رهندا هئا. "گلن جي ونڊي اچڻ" تي مون کي ياد آيو ته ويجهڙائيءَ ۾ مون پنهنجي تولي جي دوستن جي اڳيان هڪ قصو ٻيهر بيان ڪيو هو جنهن ۾ مان پنهنجي نظريي جي حق ۾ ڪي دليل پيش ڪيا هئا ته "ويسارو" گهٽو ڪري شعوري مقصد جي ڪري اهڙو ئي رخ اختيار ڪندو آهي ۽ اهو ويساري واري ماڻهوءَ جي لڪل ارادن جي نتيجي تي پهچڻ جي سڌائين اهل هوندو آهي.[2] هڪ نوجوان ڇوڪريءَ کي، سندس، جنهن ڏينهن تي معمول مطابق سندس مڙس طرفان هڪ گلدستو موصول ٿيو.

---

[1] هي ٽڪرو 1914ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

[2] اهو نظريو خواب ڏسڻ کان چند مهينا پوءِ 1898ع ۾ شايع ٿيو هو ۽ بعد ۾ "روز مره جي نفسياتي علاج" (The Psychopathology of Everyday life. 1901) ۾ شامل ڪيو ويو هو.

اتفاق سان هڪ سال، ڪيس پنهنجي پيار جو اظهار ڪرڻ وسري ويو جنهن جي ڪري نيٺ هڪ ڏينهن چوڪريءَ جي نيٽن جا نار چڙڪي پيا. سندس مڙس گهر آيو تہ سندس روئڻ واري ڳالهہ ڪيس سمجهہ ۾ ڪا نہ آئي، جڏهن تہ سندس زال ڪيس ٻڌايو بہ تہ اڄ سندس جنم ڏينهن آهي! تڏهن هن افسوس وچان پنهنجي نراڙ تي ڏڪ هنيو ۽ چيو: "مون کي افسوس آهي، واقعي مون کان بلڪل وسري ويو هو. مان هاڻي ئي وڃان ٿو ۽ تنهنجي لاءِ تازن گلن جو گلدستو وٺي ٿو اچان." پر هن سندس ان اجائي دلاسي کي قبول نہ ڪيو.

ڇاڪاڻ تہ مڙس جي ان ويساري، مٽس اها ڳالهہ ثابت پئي ڪئي تہ سندس مڙس جي دل ۾ سندس لاءِ هاڻي اها اڳوٽي محبت نہ رهي هئي. اها عورت (فرائو ايل) منهنجي ان خواب ڏسڻ کان ٻہ ڏينهن اڳ منهنجي زال سان ملڻ آئي هئي، ۽ ساڻس پنهنجو ڏک درد بيان ڪيو هو بعد ۾ مون کان ٻہ پچيو هئائين. ڪجهہ سال اڳ هوءَ منهنجي علاج هيٺ ٻہ رهي هئي.

هاڻي مان هڪ نئين شروعات ٿو ڪريان. مون کي ياد آهي تہ هڪ پيري واقعي مان ٻوٽن بابت مقالي وانگر ڪجهہ لکي رهيو هوس، جيڪو "ناريل" جي متعلق خاص طور يونيورسٽيءَ مان (1884ع ڌاري) ڊاڪٽوريٽ لاءِ گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ لکيل رسمي ليک هو. جنهن جي ڪري ناريل جي ست مان بيهوش ڪندڙ دوا (Cocaine) تيار ڪرڻ طرف "ڪارل ڪولر" (Carl Koller) جو ڌيان چڪيو هو. ان سلسلي ۾ مون پنهنجي سر ٻہ پنهنجي شايع ٿيل مضمون ۾ ڪوڙي ڪاري مادي (Alkaloid)، جهڙوڪ ڪيفين، مارفين ۽ اهڙين ٻين نائٽروجن گاڏڙشين جي استعمال جي نشاندهي ٻہ ڪئي هئي، پر ان بابت مان ڪو ٻيو مواد خريد ڪري نہ سگهيو هوس. اها ڳالهہ مون کي خواب ڏسڻ کان هڪ ڏينهن اڳ صبح جو ياد آئي هئي، جنهن جي تشريح ڪرڻ لاءِ شام تائين بہ مون وٽ وقت نہ هو ۽ مان "ڏينهن جي سپني" جيان، سارو ڏينهن رڳو ان ناريل جي ست مان بيهوش ڪندڙ دوا (Cocaine) بابت سوچيندو رهيو هوس. جيڪڏهن مون کي "سائو موتيو" (Glaucoma)[1] ٿي پوي تہ منهنجو خيال آهي تہ مون کي سفر ڪري "برلن" وڃڻو پوي ها، ۽ مون کي پنهنجي دوست "فيلس" جي گهر تي ويس متائي، ڪنهن نالي واري جراح (Surgeon) جي صلاح سان پنهنجي سر جراحيءَ جو ڪم سرنجام ڏيڻو پوي ها. جراحي ڪندڙ کي منهنجي سچاڻپ متعلق خبر بہ نہ پوي ها ۽ هڪ پيرو ٻيهر ٻتاڪ هڻي ها تہ ناريل جي ست مان بيهوش ڪندڙ دوا جي متعارف ٿيڻ سبب، جراحيءَ جو ڪم ڪيترو نہ آسان ٿئي ٿو ۽ مان ٿورو بہ اشارو نہ ڏيانس ها تہ ان کوجنا ۾ منهنجو بہ ڪو هٿ آهي. اهو تصور ئي مون کي ڏاڍو عجيب پئي لڳو تہ هر ڪو پنهنجي علاج ڪرائڻ لاءِ پنهنجي ڪنهن پيشي واري ساٿيءَ کي چئي يا ان کان علاج ڪرائيندو رهي. برلن جي اڪين وارو جراح مون کان واقف نہ هو ۽ ڪنهن ٻئي وانگر مان بہ سندس في ڏيڻ جي قابل هوس. مون ان خيال تي ڏينهن جو تيسيتائين تہ سوچيو بہ ڪو نہ هو. ڇاڪاڻ تہ مون اڃان اهو تسليم ئي نہ ڪيو هو تہ ان جي پويان ڪو خاص واقعي جي يادگيري موجود آهي. "ڪورلر" جي ڪوجنا کان ٿورو پوءِ، واقعي منهنجي والد جي اڪين تي سائي موتيي جو حملو ٿيو هو. منهنجو دوست "ڊاڪٽر ڪونيگسٽين" (Dr. Konigstein) جيڪو اڪين جي بيمارين سان لاڳاپيل (Ophthalmic) جراح هو تنهن سندس علاج ڪيو هو جڏهن تہ "ڊاڪٽر ڪولر" "ڪوڪين ذريعي بيهوش ڪرڻ" تي مامور هو ۽ ان معاملي جي حقيقت تي تبصرو ڪندي چيو هو تہ اسان ٽن ڄڻن گڏجي "ڪوڪين" کي متعارف ڪرايو هو.

پوءِ منهنجا خيال ان واقعي ڏانهن لڙي ويا، جڏهن مون آخري پيرو "ڪوڪين" جي استعمال بابت يادگيري ڪرائي هئي. اها ڳالهہ ڪجهہ ڏينهن پهريان جي هئي، جڏهن مون مهربان شاگردن طرفان پنهنجي استادن ۽ تجربيگاهہ جي نگران جي مان ۾ ملهايل جشن جي محفوظ ٿيل سموري ڪارگذاريءَ واري مخزن (Festschrift) پئي ڳولهي.[2] تجربيگاهہ جي امتيازي ڪم جي دعويٰ بابت، ان مخزن ۾ ڇپ ڪيل هئي، جنهن کي ڏسي مون ان حقيقت کي بہ شامل ڪرڻ ٿي چاهيو تہ "ناريل جي

---

[1] سائو موتيو: (اکين جي بيماري)، جنهن سبب اک جي اندر دباءُ وڌي ويندو آهي. (مدير)

[2] اها مخزن "پروفيسر سالومن استرائيڪر" جي مان ۾ شايع ٿي هئي، جيڪو ان وقت عضوياتي تشريح ذريعي علاج ڪرڻ واري اداري جو نگران هو. "ڊاڪٽر گارڊنر" سندس مددگار هو ۽ انهن ڏينهن ۾ فرائيبرگ يونيورسٽيءَ جي شاگردن ۾ ڪم ڪندو هو.

ست مان بيهوش ڪندڙ دوا جي اها ڪوجنا "ڪولر" جي ڪيل هئي. بس اوچتو ئي مون کي خيال اچي ويو ته منهنجو خواب گذريل شام واري واقعي سان وابستا هو مان "ڊاڪٽر ڪونيگستين" سان سندس گهر کان ئي بلڪل ائين ئي گڏ پئي ويس ۽ ساڻس ان معاملي تي گفتگو ڪندو پئي ويس، جنهن منهنجي احساسن ۾ جوش پيدا ڪرڻ جي ڪڏهن به ڪمي ڪا نه ڪئي هئي، ۽ ور ور ڪري پيو ستائيندو هو. مان جڏهن ساڻس ڳالهائيندو پئي آيس ته هال جي دروازي وٽ "پروفيسر گارٽنر" (Gartner_Gardenar) ۽ سندس زال به اسان سان گڏجي هلڻ لڳا هئا. خوشيءَ کان سندن مرڪندڙ نهارن جي باوجود مون کين مبارڪباد ڪا نه ڏني، پر "پروفيسر گارڊنر"، ملهايل جشن جي محفوظ ٿيل سموري ڪارگذاريءَ واري مخزن (Festschrift) جي ليکڪن منجهان هو جنهن جي حوالي کي مون شامل ڪرڻ ٿي چاهيو ۽ اها ئي ڳالهه مون کي ياد آئي هئي. ان ڪانسواءِ "فرائو ايل" جي پنهنجي جنم واري ڏينهن تي گلن جي نه ملڻ سبب مايوس ٿيڻ واري ڳالهه مان اڳ ۾ ئي ڏئي آيو آهيان. پر هڪ ٻئي ڳانڍاپي جي حوالي سان "ڊاڪٽر ڪونيگستين" سان ٿيل گفتگو بلڪل سچ آهي.

مان خواب جي مواد يا ستاءَ جي تشريح بابت گڏوگڏ هڪ ٻئي رخ جي تعين ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. اها ڳالهه به هئي ته مون خشڪ ٻوٽي جي نموني کي، خشڪ نباتات جي نمونن کي محفوظ ڪرڻ جي ترڪيب جيان پنهنجي طويل مقالي ۾ شامل ڪيو هو. جنهن مون کي ثانوي اسڪول جي ياد ڏياري ڇڏي هئي. هڪ پيري اسان جي هيڊ ماستر، وڏن ڪلاسن جي ڇوڪرن کي گڏ ڪيو ۽ انهن کي اسڪول جي خشڪ ٻوٽن کي گڏ ڪرڻ واري رجسٽر کي صاف ڪرڻ ۽ هڪ ٻيو رجسٽر ناهڻ جو ڪم سونپيو هو. رجسٽر ۾ ڪيترن ننڍڙن جيتن ۽ اڌوهي پنهنجي رستا ناهي ڇڏيا هئا. اسان جي هيڊ ماستر کي، ان ڪم ۾ منهنجي مددگار هجڻ بابت ايترو اعتماد ڪو نه هو ان ڪري هن مون کي رڳو به ٽي پنا ڏنا هئا. جيتري قدر مون کي ياد آهي ته انهن ۾ ڪي صليب جهڙا (Crucifer) ٻوٽا به شامل هئا. زراعت سان منهنجو ڪو خاص لڳاءُ به ڪو نه هو. زراعت متعلق منهنجي سالياني ڪان اڳ واري امتحان ۾ به مون ان صليب جهڙي ٻوٽي جي سچاڻپ ڏني هئي ۽ ان ۾ ناڪام ٿيو هوس. منهنجو نقطي نظر ايترو گهٽو واضع ڪڏهن به نه هجي ها، جيڪڏهن مون کي نظري يا قياسي جاڻ جي مدد نه هجي ها. پوءِ ته مان صليبب جهڙن ٻوٽن ڪان ويندي ان جنس جي مرڪبن جي جوڙجڪ تائين معلومات حاصل ڪئي هئي. ان ڳالهه مون تي اهو انڪشاف ڪيو ته "اٽ ڪتاريءَ جهڙو ٻوٽو (Artichoke) به مرڪب جنس جو ٻوٽو هو جنهن جي چوٽيءَ تي گهاٽو ۽ ٽلهو گل ٽيندو آهي، جنهن کي سبزيءَ جي طور تي به استعمال ڪيو ويندو آهي، ۽ سچ ته مان ڏاڍي پاڻپوه وچان ان کي پنهنجو پسنديده گل سڏيندو آهيان. مون کان ته منهنجي زال وڌيڪ سني آهي جو بازار مان اهي گل آڻي، مون کي ياد ڏياريندي رهندي آهي.

مان ان طويل مقالي کي ڏسي رهيو هوس، جيڪو مان لکي رهيو هوس ۽ منهنجي سامهون رکيو هو ۽ مان وري به ماضيءَ ۾ پوئتي موٽي ويس. ان کان هڪ ڏينهن اڳ مون کي پنهنجي دوست "فيلس" طرفان، برلن ۾ هڪ خط پهتو جنهن منهنجي تصوير ڪشيءَ جي قوت جو اظهار ڪيو هو: "مان تنهنجي خوابن جي ڪتاب سان تمام گهٽو لاڳاپيل رهيو آهيان. مون ان کي پنهنجي اکين اڳيان مڪمل ٽيندي ڏٺو آهي، ۽ سندس هڪ هڪ صفحي کي اٽلائي پٽلائي پڙهيو آهي." هن جي تعريف جي تحفي جو مان ڪهڙو عيوضو ٽي ڏئي سگهيس جو واقعي اهو مڪمل ڪتاب جي صورت ۾ منهنجي اڳيان رکيو هو جنهن کي مان رڳو ڏسي ٽي سگهيس.

"ويڙهيل رنگين تصويرن" جي متعلق ياد ٿو اچي ته جڏهن مان طب جو شاگرد هوس ته سدائين منهنجي اها خواهش هوندي هئي ته مان مقالي لکڻ کان علاوه به ڪي شيون سکان. جيتوڻيڪ منهنجا وسيلا گهٽا محدود هئا، تنهن هوندي به مان طبي ادارن جي ڪاروائين جي ڪيترن ئي شمارن حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس، جن ۾ لڳل رنگين تصويرون مون ڏاڍو موهيندیون هيون. مون کي پنهنجي ان خوبيءَ تي به فخر رهيو آهي. جڏهن مان پنهنجا مضمون شايع ڪرائڻ شروع ڪيا هئا ته ڪتاب جي سينگارڻ ۽ مضمون جي وضاحت ڪندڙ تصويرون مان پنهنجون ناهيل استعمال ڪندو هوس ۽ مون کي ياد آهي ته انهن مان هڪڙي ڪجهه سني ڪانه هئي، جنهن تي هڪڙي نزديڪي ساٿيءَ مهڻو به ڏنو هو. مون کي پوريءَ ريت سمجهه ۾ نه

ٿي آيو تہ ابتدائي جواني ۽ واري ڳالھ مون کي کيئن ياد آئي هئي. شايد هڪ پيري منهنجي والد بہ (فارس جي سفر بابت) رنگين تصويرن وارو ڪتاب مون کي ڏنو هو جيڪو ڪاٽي پيو هو. تعليمي نڪتي نگاھ کان ڪتاب جي ڪاڙڻ جو جواز ڏيڻ ايترو آسان نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ ان وقت منهنجي ڄمار ڏهن سال هئي ۽ منهنجي پيڙ بہ ٽن سالن جي مس هئي، ۽ اهي تصويرون اسان ٻنهي لاءِ ايتريون وٽندڙ هيون جو اسان ٻنو ٻنو ڪري انهن مان تصويرون چڪي ڪڍيون هيون. ڪي تہ مروڙي ڦٽي بہ ڪيون هيون. جيڪي مون کي اٽ ڪتاري ۽ جي گل جھڙيون ٿي لڳيون. بس رڳو اها ئي زندگي ۽ جي ان دور جي هڪڙي پکي يادگيري هئي جيڪا مون سانڍي رکي هئي. پوءِ جڏهن مان شاگرد ٿيو هوس تہ ڪتابن گڏ ڪرڻ جو شوق بہ پابنديءَ سان پورو ڪندو هوس جيڪو منهنجي مقالي يا مضمون لکڻ وانگر پڙهڻ ۽ سکڻ سان سلهاڙيل هو: ۽ اهو منهنجو پسنديده مشغلو هو. (خود پسنديده هجڻ وارو خيال اڳ ۾ ئي "گل مريم" ۽ "اٽ ڪتاري ۽ جي گل" جي حوالي سان اڳ ۾ ظاهر ڪري چڪو آهيان) ۽ مان جڏ تہ ڪتابي جيت (يا خشڪ نباتات جو ذخيرو) ٿي ويو هوس. جڏهن کان مون پنهنجي لاءِ پهريون پيرو سوچيو هو تڏهن کان ئي منهنجو اهو پهريون شوق، مون کي سدائين منهنجي نندپڻ جي ياد ڏياري چڏيندو آهي، يا ڪنهن حد تائين مان ائين سمجهان ٿو تہ نندپڻ جو منظر منهنجي "ياد جو سرمايو" (Screen Memory) [1] آهي، جنهن منهنجي بعد ۾ ڪتابن ڪٽي ڪرڻ جي شوق کي فطري رغبت ۾ بدلائي چڏيو هو. مون کي تمام گهڻو اڳي ئي محسوس ڪري ورتو هو تہ ان شوق جي پويان ان ڪتاب جي ڪاڙڻ جو ڏڪ بہ موجود هو. مان جڏهن سترهن سالن جو ٿيو هوس تہ مون ايترا ڪتاب خريد ڪيا هئا جو انهن جي پئسن جو بہ پورائو ڪري نہ سگهندو هوس. ۽ منهنجو والد وڏي مجبوريءَ وچان پيو منهن ڏيندو هو ۽ منهنجي ڪتابن ڏانهن اهڙي جهڪاءَ مان جند ڇڏائڻ جي وڏي ڪوشش ڪندو هو.

منهنجي جواني ۽ جي ابتدائي سالن جي ان تجربي جي سانيڙ، هڪدم پنهنجي دوست "ڊاڪٽر ڪونيگسٽين" سان ٽيل گفتگو کي ياد ڏياري چڏيو. ان ئي سلسلي ۾ اسان ساڳئي سوال تي گفتگو پئي ڪئيسين تہ مون تي منهنجي پسنديده مشغلن بابت وڏو الزام لڳل آهي، مان انهن ۾ صفا غرق ٿي ويو آهيان. ان ڪري جن ڳالهين سان اسان وابستا نہ آهيون، ان حوالي سان خواب جي وڌيڪ تشريح جاري رکڻ جي ضرورت نہ آهي، پر رڳو ان طرف نشاندهي ڪرڻ ضروري آهي، جنهن پاسي اهي پيش ٽيل آهن. تجزيي جي ڪم واري سلسلي ۾ مون "ڊاڪٽر ڪونيگسٽين" سان ڪيل گفتگو جي حوالي سان ٻيهر ذهن نشين ڪرايو آهي، جنهن کي مون هڪ کان وڌيڪ رخن ۾ پيش ڪيو آهي. مان جڏهن ان گفتگو واري موضوع کي ڇهيو هو تہ خواب جي معني مون کي نهايت عقل واري پئي لڳي. خيالن جون سموريون ريل گاڏيون، خوابن کان شروع ٿين ٿيون. منهنجي زال ۽ منهنجي پسند جي گلن جا خيال، ناريل جي ست مان جوڙيل ٻيهوشيءَ واري دوا جا خيال، پنهنجي ئي هم پيشي ڊاڪٽر کان طبي علاج ڪرائڻ وارو ڪل ڏيارينڊڙ خيال، طويل مقالي لاءِ منهنجي مطالعي کي اهميت ڏيڻ جو خيال، يا منهنجو سائنس جي ڪجهہ موضوعن جهڙوڪ زراعت کان لنوائڻ جو خيال. خيال جي انهن سمورين ريل گاڏين، جي جيڪڏهن وڌيڪ پويان لڳبو تہ "ڊاڪٽر ڪونيگسٽين" سان ٽيل گفتگو مان پڪ سان اسان لاءِ ڪيئي گوشا ظاهر ٿيڻ لڳندا. پهرين (ارما جي سئيءَ واري) خواب جي تجزيي جيان، خواب هڪ پيرو ٻيهر وري بہ ڦري گهري، منهنجي پنهنجي حقن جي جاءِ تي شخصي بچاءَ يا عذر جو تائيدي ثبوت ڏيندڙ ٿي پوندو. سچ تہ اهو ابتدائي خواب جي باري ۾ ان موضوع جي حمايت ڪري ٿو. جيڪو هڪ قدم اڳتي ۽ تازي مواد جي حوالي سان ڪيل بحث هو جيڪو بن خوابن جي وچ واري وقفي ۾ ايريو هو خود انهن کان بلڪل الڳ ڏريو. جنهن ۾ خواب پنهنجي مطلب يا خاصيت کي پيش ڪرڻ لاءِ خيالن کي لفظن جي شڪل ڏيڻ ۽ خاص قسم جي لفظن کي مختلف تصويرن ۾ ويڙهڻ وارو عمل ڪيو هو. ان جو مقصد ڪهڙو هو؟ آخرڪار مان بہ هڪ ماڻهو آهيان ۽ هڪ انتهائي اهم ۽ يادگار

---

[1] تحليل نفسيءَ جي حوالي سان، يادن جي وسرڻ يا گهٽجي وڃڻ جي عمل جي باوجود ڪجهہ انفرادي نمائندگي ڪندڙ نندپڻ جي اٿوريون يادن جو ذخيرو جيڪو خواب جي ستاءَ جو سبب بہ بڻجندو آهي، جنهن کي يادن جو پرجهلو بہ سڏيو ويندو آهي (بہ م)

ڪتاب (ڪوڪين تي) لکڻ ٿو چاهيان. ائين ئي جيئن مان پهرين خواب جي آڌار تي چيو هو: "مان اصول وارو ۽ محنتي شاگرد رهيو آهيان." سو سمجهڻ گهرجي ته انهن ٻنهي معاملن ۾ مان ڪهڙي ڳالهه تي زور ڏئي رهيو هوس. "مان پاڻ کي ائين ڪرڻ جي اجازت ڀئي ڏني." ان ڪري خواب جي تشريح کي اڳتي وڌائڻ جي ضرورت به ڪانه هئي. جڏهن ته منهنجو مقصد رڳو ان مثال جي تعلق ذريعي، خواب جي مواد يا سٽاءَ ۾ گذريل ڏينهن جي تجربي جي وچ ۾ فرق کي بيان ڪرڻ هو جنهن کي اجايو چڙ ڏيارينڊ جذباتي مسئلو بنايو ويو. جيتري قدر منهنجو معاملو آهي ته مان رڳو خواب جي وضاحت يا پيشڪش کان باخبر هوس. جيڪو ڏينهن جي سوچ ويچار جي ڪنهن هڪ واقعي سان واسطو رکندڙ صورتحال واري انداز ۾ ظاهر ٿيو هو، پر خود ان جي تجزيي هڪ ٻيو ذريعو به پيدا ڪري وڌو. جيڪو ان ئي ڏينهن جي هڪ ٻئي تجربي ۾ پڌرو ٿيو هو. پهرين ٻن تجربن سان، جن سان خواب ڳنڍيل هو، اهو بلڪل لاتعلق يا اڻ ڏريو هو. جيڪو ماتحت تعلق وارين حالتن سان سلهاڙيل هو: مون دڪان جي الماريءَ ۾ هڪ ڪتاب ڏٺو هو، جنهن جي عنوان نه رڳو هڪ لمحي لاءِ منهنجو ڌيان ڇڪايو هو، پر سندس مواد به منهنجي دلچسپيءَ سان وابستا هو. ٻيو تجربو هڪ اعليٰ درجي جي نفسياتي اهميت سان وابستا هو: منهنجي، پنهنجي اکين جي سرجن دوست سان ڪيترا ڪلاڪ تمام سنڌ خيالن جي ڏيوٽ ٿي هئي، جنهن دوران مون ڪيس اها معلومات به ڏني هئي، جيڪا اسان ٻنهي تي هڪ جيترو ۽ تمام گهڻو اثر انداز ٿي هئي ۽ ڪي يادون منهنجي اندر ۾ ان مسئلي کي چوري رهيون هيون، جن منهنجو ڌيان، منهنجي پنهنجي ئي ذهن ۾ پيدا ٿيل تمام وڏي ۽ مختلف قسمن جي اندروني دباءَ ڏانهن ڇڪايو هو. ان ڪانسواءِ اسان جي گفتگو ڪنهن نتيجي تي پهچڻ کان اڳ ئي ختم ٿي ويون هيون، ڇاڪاڻ ته اسان کي ڇاڻ سيجاڻ وارا ملي ويا هئا.

اسان هاڻي معلوم ڪري سگهون ٿا ته ڏينهن جي خوابن (سوچن) جي ڪن به ٻن تاثرن ۽ تنهن کانپوءِ آيل رات جي خواب جو هڪ ٻئي سان ڪيترو لاڳاپو آهي. خواب جي واضع سٽاءَ يا مواد ۾ رڳو هڪ لاتعلقي يا معمولي تاثر جو اشارو ڪنايو ٿئي ٿو. جيڪو عام خيال، اعتقاد، وهم يا ڪنهن گماني شيءَ جي تصديق ڪري ٿو ته خواب، جاڳ جيون جي ڪنهن غير اهم تفصيل کي اهميت ڏئي ڪٽندو آهي. جڏهن ته خواب جي تشريح لاءِ سموريون لاڇاري حالتون، اهم قسم جي تاثرن لاءِ اڳيرائي ڪنديون آهن. اهڙي نموني انهن مان هڪڙي حالت، بلڪل تصديقي طور تي منهنجي احساسن کي چوريو هو. جيڪڏهن خواب جي ڏهانت يا فهم جو ان جي لکل سٽاءَ جي تشريح جي ذريعي ظاهر ٿيندڙ قطعي فيصلي کي ڏنو وڃي، ته اوچتو ۽ غير متوقع هڪ نئين معنيٰ ۽ حقيقي اهميت ظاهر ٿيڻ لڳندي. اها ڳجهارت، ته خواب، جاڳ جيون جي رڳو غير اهم ۽ اڻ پوري ٽڪري سان ئي ڇو لاڳاپيل آهي، جيڪا پنهنجي سموري معنيٰ به وڃائي ويهي ٿي: ۽ نه ئي جاڳ جيون، خواب ۾ وڌيڪ پويان لڳي پوڻ (Pursue) واري انداز کي دير تائين برقرار رکي سگهي ٿو ۽ اهي خواب، نفسياتي سرگرميءَ کي اهڙيءَ ريت بيوقوفيءَ واري مواد جيان بيڪار ڪري ڇڏيندو آهي. ان ريت الٽو يا غير موافق هجڻ بلڪل درست آهي: اسان جا خوابي خيال، خود انهيءَ ساڻ ئي مواد جي غلبي هيٺ هوندا آهن، جيڪي جاڳ دوران اسان کي مصروف رکندا آهن ۽ اسان رڳو انهن شين بابت خواب ڏسڻ جي جوابداري ڪٽندا آهيون، جيڪي ڏينهن دوران اسان کي ردعمل جو ڪارڻ فراهم ڪندڙ هوندیون آهن.

ائين ڇو آهي! جيتوڻيڪ منهنجي خواب جو موقعي وارو تاثر، ڏينهن جي وقت وارو هو جنهن جي ذريعي ئي منهنجي اندروني هلچل کي جائز طور تي چوريندڙ ثابت ٿيو پوءِ ان جي باوجود اصل خواب اڃان به مختلف انداز سان ڇو پيش ٿيو؟ ان ڳالهه جي گهٽي چٽي وضاحت هن ريت آهي ته ڇاڪاڻ ته ان ۾ ٿورو به شڪ نه آهي ته اسان کي خواب جي ٻگاڙي واري حالت سان هڪ پيرو ٻيهر منهن ڏيڻو پوي ٿو، جنهن جي متعلق پوئين باب ۾ ان جو نفسياتي زور يا دباءَ جي چنڊ ڇاڻ جي عمل طور نقشو ڇڪيل آهي. منهنجي مقالي جي، گل مريم جي جنس واري سانپر، منهنجي پنهنجي دوست سان ٿيل گفتگو کي ان انداز ذريعي پنهنجو اڻ سڌو يا اشارن (Allusion) جو عملي ڪم سرانجام ڏنو جيئن "ٽانڊن تي سيڪيل رانوٽس مڇي." پنهنجي ساهيڙيءَ جي خيال کان خواب ۾ شاندار دعوت کي ترڪ ڪرڻ واري اڻ سڌي انداز ۾ پنهنجو ڪم سرانجام ڏنو. سوال رڳو هي آهي ته وچ

وارو يا ثانوي لاڳاپو جنهن مقالي جي تاثر کي اکين واري سرجن سان ٽيل گفتگو جيان اڻ سڌي ريت عمل سرانجام ڏنو پهرين نظر ۾ ڏسڻ سان انهن ٻنهي جي وچ ۾ ڪو ظاهر فرق نظر نه ٿو اچي. شاندار دعوت کي ترڪ ڪرڻ واري اشاري واري مثال ۾ "لاڳاپو" "تانبن تي سيڪيل رانوَس مڇي" جي حوالي سان هڪدم ظاهر ٿيو هو اهو سندس ساهيڙيءَ جي پسنديده خوارڪ جي ناتي، خيالن جي مجموعي جو "ثانوي نظر ثاني ڪندڙ ترڪيبي جزو" هو جيڪو گهٽو ڪري خواب ڏسندڙ عورت جي ذهن ۾ سندس شخصيت جي ڪري ايرندو رهندو هو. ان پوئين مثال ۾ هڪڙا به علحده ۽ غير جانبدار تاثر آهن، جيڪي ساڳئي ڏينهن جي حقيقت جي رڳو سرسري ۽ عام انداز واري جهلڪ ظاهر ٿي هئي: ڇاڪاڻ ته مقالي کي مون صبح جو ڏٺو هو ۽ ساڳئي شام جو مون گفتگو ڪئي هئي. تجزيو اسان کي مسئلي حل ڪرڻ ۾ هن ريت مدد ڪري ٿو: ته ان قسم جا "لاڳاپا،" جيڪي جڏهن پهرين واقعي ۾ موجود نه هوندا آهن ته اهي هڪ تاثر جي تمثيلي ستاءَ کي ڪنهن گڏريل ٻين واقعن تي ڪيل وبچار جي وچ ۾ اڻت جو عمل ڪندا آهن. ان معاملي جي حوالي سان منهنجو ڏيان اڪرن ڏريعي اڳ ۾ انهن ويجهڙائيءَ وارن "لاڳاپن" ڏانهن چڪجي ويو هو جن کي مرن پنهنجي تجزياتي دستاويز ۾ اڪرن کي ترچي انداز سان لکڻ (Italicize) واري طريقي سان محفوظ ڪيو هو. جيڪڏهن ان معاملي ۾ ڪنهن ٻئي پاسي جا ڪي اثر موجود ڪونه هئا ته گل مريم واري مقالي بابت رڳو منهنجو تصور هو جيڪو منهنجي زال جي پسنديده گل هجڻ سبب منهنجي ذهن ۾ آيو هو ۽ اهو به ممڪن ٿي سگهي ٿو ته اهو "فرائو ايل" کي گلن جي نه ملڻ واري معاملي سان وابستا هجي. مون کي پسمنظر وارن انهن خيالن بابت سوچڻ ۾ ڪافي دشواري پئي ٿي، جيڪي سپني جي گهرج، ضرورت مطابق پوري پئي ڪئي. جيئن ته اسان "هيملٽ" (ايڪٽ پهرين جي منظر نمبر پنجين) ۾ پڙهي آيا آهيون:

"اسان کي ڪنهن جن جي ضرورت نه آهي منهنجا آقا! بس تون قبر مان نڪري اچي اسان کي ٻڌاءِ."

پر ڏيان ڏيڻ ۽ پرک ڪرڻ جي حوالي سان مون کي تجزيي دوران ياد آيو ته ان شخص، جنهن اسان جي گفتگو دوران مداخلت ڪئي هئي، ان کي باغائي سڏيندا هئا، ان ڪري مون سندس زال متعلق جيڪا ڪنهن گل جيان نڙندڙ ۽ ڦوهه جوان پئي لڳي. خود اهي اکر لکندي مون کي "فلورا" جهڙي پياري نالي سان لاڳاپيل پنهنجي هڪڙي مريضا ياد اچي وئي، جيڪا ان وقت اسان جي گفتگو جو محور هئي. اهي سموريون ڳالهيون پڻ ثانوي ڳانڍاپي جو بنياد بڌجن ٿيون، جيڪي نباتاتي خيالن جي مجموعي مان ايرن ٿيون. اهي وري ان ڏينهن جي ٻنهي تجربن جي وچ ۾ بلڪل اڻ ڏريي مسئلي کي وڌائيندڙ يا چوريندڙ انداز سان هڪ پُل جي صوت اختيار ڪن ٿيون. ان حالت ۾ ٻيا لاڳاپل واقعا به مستحڪم ٿين ٿا، جيڪي ڪوڪين ڏريعي نشو ڏيارينڊڙ دوا جي استعمال سان پيدا ٿيندڙ تصور جيان اردگرد گهمن ٿا. بلڪل اهڙيءَ ريت جيئن منهنجي دوست "ڊاڪٽر ڪونيگسٽين" (Dr. Konigstein) ۽ نباتاتي مقالي (جيڪو مان لکي رهيو هوس) جي تصويرن، هڪ ٻئي سان ڳانڍاپي جو ڪم سرانجام ڏنو: ۽ اهي ڳانڍاپا، انهن ٻن مجموعي خيالن جي وچ ۾ رلمل ٿيڻ جي پوري سگهه ۽ شدت رکندا آهن، ته جيئن ڪنهن تجربي جو هڪ حصو ٻئي تصور جو ڪم سرانجام ڏئي سگهي.

مون اها سموري وضاحت ريچڪ تي ٻڌل ۽ هٿراڏو بنيادن تي هڪ قسم جي حملي ڪرڻ واري انداز سان ڪئي آهي، جنهن متعلق ڇا چيو ويندو! خود پروفيسر گارٽنر ۽ سندس ڳاڙهن ڳٽن واري زال اسان وٽ اچڻ چڏي ڏيندا يا اهو مريض جنهن جي متعلق اسان گفتگو پئي ڪئي، جنهن کي مون "اينا" جي ٻجاءِ "فلورا" پئي سڏيو؟ ان ڳالهه جو جواب بلڪل سادو آهي. جيڪڏهن انهن خيالن جون ڪڙيون گم ٿي وڃن ته ڪوبه به انهن جي ڳولها ڪري نه سگهندو.

خيالن جي انهن ڪڙين کي پاڻ ۾ ملائڻ نهايت سولو آهي، بلڪل ائين جيئن ماڻهو پنهنجي تفريح طبع واسطي روزاني، ساڳئي اڇار وارا لفظ پيا استعمال ڪندا آهن يا پيرولين پيا ڏيندا آهن. اوهان جاڻيندا هوندا ته خود چرچن گهڻن جي به ڪا حد مقرر ٿيل نه هوندي آهي. يا وري ٿورو اڳيرو هلو جيڪڏهن ٻن تجربن جي وچ ۾ ان قسم جي ثانوي بناوٽ ممڪن نه هجي ته جيڪر خواب به ساڳئي ڏينهن جي مختلف تاثر بابت ٻنهه ڪا ٻي صورت اختيار ڪري وٺي. اهڙي قسم جي خيالن جو

انبوهہ اسان جي ذهن ۾ داخل ضرور ٿيندو آهي، پر اهو وسري به جلدي ويندو آهي. ان صورت ۾ سوچيان ٿو ته ڇا مقالي خواب ۾ جاءِ والاري هئي يا ان ٽيل گفتگو کي خواب جي ستاءَ پنهنجو موضوع بنايو هو. پر بهرحال حقيقت اها آهي ته مقالي کان علاوه، ان خوابي ستاءَ جي چونڊ جي سرانجام ڏنل ان عمل تي ڪنهن ٻئي ڏيان نه ڏنو هو. اسان کي پڪ ڪرڻ گهرجي ته ڳانڊاپي بابت، "اختيار" ڪرڻ جو اهو ئي بهترين طريقو آهي. اسان کي "ليسنگ" (Lessing) جي چالاڪيءَ يا هوشياريءَ سان ريس ڪرڻ ۾ نه ئي حيران ٿيڻ جي ضرورت آهي ته: "رڳو اميرماڻهن وٽ ئي گهٽي دولت هوندي آهي."[1]

اسان جي خيال مطابق اهو نفسياتي عمل، جيڪو اڻ ڏريو تجربو نفسياتي اهميت يا خاصيت جي جاءِ والاري ٿو اهو شڪ شبهي ۾ مونجهاري ۾ مبتلا ڪندڙ ڪيفيت کي وڌائڻ ۾ ناڪام نه ٿيندو آهي. ان موضوع بابت ذميداري، اسان بنهہ نرالي ۽ چٽي انداز ۾ اڳتي ڇهين باب جي حصي ٻئي ۾ پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اسان ان عمل جي نہ سمجهہ ۾ ايندڙ نڪتي جي رڳو "نتيجي" سان بدل آهيون، جنهن جي حقيقت مون "قياس" ۽ "گمان" جي بنيادن ۽ عام طور تي خوابن جي تجزيي ۾ وري وري ٿيڻ واري، يا شروعاتي حالت تي موٽي اچڻ وارن مشاهدن مان حاصل ڪئي آهي. پلا ان "گم ٿي وڃڻ" (Displacement) واري فطري عمل ۾ ڪهڙي شيءَ جاءِ والاريندي نظر اچي ٿي! ڇا اسان ان کي نفسيات دٻاءَ چئي سگهون ٿا؟ خاص طور ان ثانوي ڳانڊاپي جي ذريعي "خيال يا سوچون" جيڪي هقيقي طور تي پنهنجي شدت ۾ ڪمزور ٿين ٿيون ۽ اهي انهن سوچن کان اتساهہ ونڻ ٿيون، جيڪي حقيقت ۾ نفسياتي قوت ذريعي ڪجهہ طاقتور (Cathected) ٿين ٿيون ۽ آخرڪار پڇاڻيءَ تي منجهن ايتري قوت پيدا ٿي پوندي آهي جو اهي شعور ۾ داخل ٿي ويندیون آهن. جيسيتائين اثر انداز ٿيڻ جي حد يا مقدار يا عام طور تي تحرڪ پيدا ڪندڙ سرگرمين سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ جو سوال آهي ته ان قسم جي "گم ٿي وڃڻ" جو معاملو عام طور تي اسان جي لاءِ ڪا حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهہ نہ آهي. جڏهن ڪا پوڙهي ۽ اڪيلي نوڪرياڻي پنهنجو پيار جانورن ۾ منتقل ڪندي هجي، يا ڪو ڪنوارو شخص شيون جمع ڪرڻ جو شوق رکندو هجي، جڏهن ڪو سپاهي، ڪنهن اڇلايل رنگين ڪپڙي يا جهنڊي جي حفاظت، پنهنجي حياتيءَ کي داءَ تي لڳائي پنهنجي خون سان ڪندو هجي، يا جڏهن ڪو هٽ ملائي ان کي چند سيڪنڈ وڌيڪ ڏسائي ته ان جي معنيٰ محبوب جو راحت ڏيندڙ پيار آهي، يا جڏهن "اوٿيلو" (Othello) ۾ ويجايل رومال سبب اوچتو فساد مچي پوي ته اهڙا سيئي واقعا، "نفسياتي گمشدگيءَ" جو مثال هوندا آهن، جن جي متعلق اسان ڪنهن به قسم جو اعتراض نہ ٿا ڪريون، پر جڏهن اسان اهو پڌرون ته فيصلو اسان جي شعور تائين ڪهڙي ڳالهہ ٿو رسائي ۽ ان مان ڪهڙو نتيجو ٿو نڪري؟ يا اسان ڇا ٿا سوچيون؟ ته ان جو مختصر جواب هن ريت آهي ته اهو فيصلو ان ساڳئي ئي طريقي ۽ ساڳين اصولن تحت رسي ٿو اسان کي ان جو تاثر، رڳو مرض جي واقعي جي حوالي سان ملندو آهي، ۽ جيڪڏهن اهڙيون شيون جاڳ جيون ۾ ٽيڙ لڳن ته اسان انهن کي واضع طور "خيالن ۾ خلل" جيان سمجهي ونڊندا آهيون، ۽ پڪ سان مون کي انهن ئي نتيجن جي وڏي توقع آهي، جيڪي آئيندي ۾ اسان جي رهبري ڪندا ۽ تجويز ڪندا ته "نفسياتي عمل جو تسلسل،" جيڪو خوابن ۾ گم ٿي وڃڻ جي ڪم ۾ نظر اچي ٿو جيتوڻيڪ ان کي ڪنهن مرض جي حوالي سان پيدا ٿيندڙ "بيچيني يا مونجهارو" چئي نہ ٿو سگهجي، جڏهن ته اهو عام رواجي صورت کان مختلف نہ هوندو آهي.[2]

اهڙيءَ ريت حقيقت اها آهي ته خوابن جو متن، مسودو يا مضمون روزمره جي خسيس يا انفرادي تجربن جي يادگيريءَ کي، "خواب بگڙيل ستاءَ" (وجائجي يا گم ٿي وڃڻ واري طريقي سان) پيش ڪري، خواب ۾ شامل ڪندو آهي، ۽ جيڪو اهڙي طريقي سان ياد ايندو آهي، جو اسان ان نتيجي تي پهچندا آهيون ته خواب جو بگاڙو چندڇاڻ ڪندڙ ان قوت جي پيداوار آهي، جيڪو انتظامي/ مددگاري ڪاروائي ۽ قيرگهير ذريعي بن نفسياتي عمل ڪندڙ انتظامي شعبن جي وچين رستي طور نيڪال

---

[1] (هي جملو "ليسنگ" جي مزاحيہ ٽوٽڪن تان ورتل آهي. خواب تي وڌيڪ بحث اڳتي ڪيل آهي.)

[2] ڏسو باب ستين ۾ ابتدائي ۽ ثانوي عمل.

ڪندو آهي، جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ خواب جو تجزيو گهڻو ڪري سچ ثابت ٿيندو آهي. جاڳ جيون ۾ نفسياتي يا ذهني مونجهارن جي خاص سببن جي اهميت جيتوڻيڪ يادگيرين جي انهيءَ ماخذ مان گم ٻہ ٿي ويندي آهي، جيڪا ان جي سرد مزاجيءَ جو حصو هوندي آهي. هيءَ وضاحت اسان کي "روبرٽ" جي نظريي سان مڪمل اختلاف تي آڻي بيهاري ٿي، جيڪو اسان جي لاءِ ڪنهن ڪم جو نہ ٿو رهي. حقيقت ۾ جن وضاحتن کي "روبرٽ" بيان ڪيو آهي، انهن جو ڪو وجود نظر نہ ٿو اچي، هن جو انهن کي قبول ڪرڻ دراصل غلط فهميءَ تي ٻڌل آهي، جنهن جي ناڪاميءَ سبب خوابن جو واضع يا ظاهر متن ۾ پنهنجي اصل معنيٰ بدلائي ٿو چڏي جنهن جي ڪري "روبرٽ" جي نظريي تي هڪ ٻيو اعتراض اهو ٻہ پيدا ٿي سگهي ٿو.

جيڪڏهن خوابن جو واقعي اهو ڏنڊو آهي تہ ڪنهن خاص نفسياتي يا ذهني سرگرميءَ ذريعي اسان جي ڏينهن وارين يادگيرين جي درد يا بچيل بي چينيءَ کي گهٽائي يا خرابي کي دور ڪري ٿو تہ اسان جي ننڊ، ڏينهن واري جاڳ جيون يا شعوري طور ذهني زندگيءَ گذارڻ جي پيٽ ۾ وڌيڪ ذهني ۽ جسماني تڪليف جو سبب بڻجندڙ پيڙا يا عذاب پوڳيندڙ ۽ وڌيڪ مشڪل ڪم ڪندڙ هجي ها. اهي يادگيريون، جيڪي اسان جي ڪيترن ئي اڻ ڏرين ۽ معمولي تاثرن مان پيدا ٿين ٿيون، جن کي اسان جو ذهن محفوظ رکڻ جي تمام وڏي ۽ نهايت صاف شفاف طور تي ڪوشش ڪندو آهي، ان صورت ۾ رات ايتري وڏي نہ آهي، جو اها يترو مواد سنيالي سگهي. ائين ٿي نہ ٿو سگهي تہ خسيس يا اڻ ڏرين تاثرن کي وسارڻ جو عمل، اسان جي نفسياتي يا ذهني قوتن جي متحرڪ مداخلت ڪرڻ کانسواءِ اڳتي وڌي سگهي. بهرحال اسان کي تڪڙ نہ آهي تہ اسان وڌيڪ ڪنهن غور ويچار ڪرڻ کانسواءِ ئي "روبرٽ" جي خيالن کي (جيئن اڳتي لکيو آهي) چڏي ڏيون. اسان تہ اڃان جاڳ جيون جي اڻ ڏرين يا معمولي تاثرن مان ڪنهن هڪ جي حقيقت کي ٻہ واضع نہ ڪيو آهي. هڪ تہ خواب ڏينهن جي واقعن، ملاقاتن، يا ٻين حسابن ڪتابن جي اڳوٽن مثالن ڏيڻ سان گڏوگڏ، انهن کي ثابت طور تي يا بنا تبديليءَ جي متن ۾ شامل ڪندو آهي. ان تاثر ۽ خواب جي حقيقي ماخذ جي وچ واروڳانڍيا پو لاشعور ۾ ڪو اڳ ۾ تيار ٿيل نہ رکيو هوندو آهي، جيئن اسان ڏسي آيا آهيون تہ اهي رڳو گذريل واقعن تي ويچارڻ يا نظر وجهڻ لاءِ قائم ٿيل هوندا آهن.

هڪ جائزي مطابق خواب، خواب ڏسڻ دوران، رڪيل يا سميو ڪري گم ٿيل يا وڃائجي ويل واقعن کي ممڪن حد تائين قابل قبول هجڻ واري صورت ۾ جوڙڻ جو ڪم ڪندا آهن، جنهن ۾ ويجهي تعلق کي هوبهو يا پوريءَ ريت قائم رکڻ لاءِ هڪ ماري مڃائڻ يا مجبور ڪرڻ واري قوت هوندي آهي، پلي تہ اهي تاثر لاتعلق يا خسيس ئي ڇو نہ هجن، ۽ بعد ۾ انهن کي ڪنهن واقعي جي وابستگيءَ کي تحويل ۾ وٺي، ڪنهن اهڙي معاملي سان جوڙي چڏين، جيڪي ان مقصد جي پورائي لاءِ خاص طور تي ٺهڪندڙ هجن. پنهنجي خيالن جي دائري ۾، نهايت معمولي ۽ غير اهم جزن يا عنصرن کي اهم ڪري پيش ڪرڻ خوابيده خيالن (Dream thoughts) لاءِ نهايت آسان آهي.

ان قسم جا مشاهدا، اسان کي ان نڪتي کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد ڪري سگهن ٿا. خواب کي ڪنهن عمل جي احساس لاءِ جذباتي بنائڻ يا پڙڪائڻ لاءِ جيڪڏهن رڳو هڪڙي ڏينهن دوران، اسان کي ٻہ يا ڪجهہ وڌيڪ مناسب تجربا موجود هوندا تہ خواب انهن مان هڪ گڏيل حوالو بنائي هڪڙي صورت ڏيڻ جو ڪم ڪندو، جيڪا هڪ وحدت ۾ گڏ ٿيڻ جي ضرورت تحت هوندي آهي. هتي ان جو هڪڙو مثال پيش ڪجي ٿو:

اونهاري جي هڪ شام دوران، مان ريل جي هڪ گاڏي ۾ داخل ٿيس، تہ مون پنهنجي ٻن اهڙن واقفڪارن کي ڏٺو جيڪي هڪ ٻئي جا واقف نہ هئا. انهن مان هڪڙو تہ منهنجو ميڊيڪل جو نالیوارو ساٿي هو ۽ ٻيو هڪ معزز خاندان جو شخص هو جنهن سان منهنجو پيشيوراڻو تعلق هيو. مون ٻنهي ڄڻن جي هڪ ٻئي سان واقفيت ڪرائي، پر ان ڏکهي سفر دوران ٻنهي جي گفتگو مسلسل مون سان ٻئي ٿي، جنهن ڪري مان پاڻ کي سندن وچ ۾ ويڙل، ڪڏهن هڪ سان تہ ڪڏهن ٻئي سان ۽ مختلف موضوعن تي بحث ڪندي محسوس ڪيو. مون پنهنجي ڊاڪٽر دوست کي چيو تہ هو اسان جي هڪ گڏيل دوست جي ڪري پنهنجي ڪا سفارش هلائي، جنهن تازو طب جو ڪم شروع ڪيو هو جنهن تي ڊاڪٽر چوڙ لڳو تہ مان ان نوجوان جي

اهليت کان متاثر آهيان. پر سندس سادي شڪل صورت جي ڪري، سڀني يا وڏي درجي جي خاندانن ۾ ڪم ڪرڻ هن لاءِ ڏاڍو مشڪل آهي. جنهن تي مون ڪيس چيو ته اهو ئي ته سبب آهي جو مان توکي سفارش ڪري رهيو آهيان. مون وري ٻئي سفري دوست جي پاسي رخ ڪيو ۽ مون سندس چاچيءَ جي طبيعت بابت پڇيو. جيڪا منهنجي هڪ ان مريض جي ماءُ ۾ هئي، جيڪا ان وقت تمام گهڻو بيمار هئي. ان سفر دوران، ان رات مون هڪ خواب ڏٺو ته اهو نوجوان دوست جنهن لاءِ مون سفارش ڪئي هئي، اهو هڪ نهايت سليقي واري بينڪ ۾ منهنجي انهن امير ۽ چوندڙ واقفڪارن سان ويٺو آهي، جيڪي ڪنهن به شخص کي اڪ چنبي ۾ دنيا جو وڏو ماڻهو بنائي ٿي سگهيا. اسان کي هڪ پوڙهي عورت، جيڪا منهنجي ٻئي همسفر دوست جي چاچي هئي، (جيستائين منهنجي خواب جو تعلق آهي ته اها اڳ ۾ ئي مئل هئي) ان جي ڪفن دفن وارو متبرڪ خطبو ادا ڪرڻو هو.

مان اهو مڃان ٿو ته سائڪس منهنجا ڪي سڳا تعلقات نه هئا. اهڙيءَ ريت منهنجي خواب هڪ پيرو ٻيهر، انهن گذريل ٻنهي واقعن سان وابستا تاثرن جي وچ واري ڳانڍاپي تي ڪم ڪيو ۽ ٻنهي واقعن کي ڳنڍي هڪ ڪري ڇڏيو. ان قسم جا ڪيترائي تجربا مون کي اهڙي دعويٰ ڪرڻ تي اپاريندا آهن ته خواب جو ڪم. هڪ قسم جي ضرورت جي تحت، انهن سمورن ماخذن کي جمع ڪندو آهي، جيڪو خود خواب لاءِ جوش اپاريندڙ ترغيب جي طور تي ان کي هڪ وحدت ۾ آڻي پيش ڪندو آهي.[1]

هاڻي مان ان سوال ڏانهن اچان ٿو ته آيا خواب جو چوريندڙ يا پڙڪائيندڙ ماخذ/ بنياد، تجزيي ذريعي پڌرو ٿي سگهي ٿو! يقينن ڪنهن ويجهي اهم ۽ خاص واقعي کي بنا تبديليءَ جي پڌرو ڪري سگهي ٿو يا وري اهو باطني تجربو جيڪو سانيهر ۾ نفسي/ ذهني طور نهايت اهم واقعو هجي، خيال جي ريل، خواب کي پڙڪائيندڙ يا چوريندڙ ڪردار اختيار ڪري سگهي ٿي، جنهن جو جواب تمام گهڻن تجزين تي مدار رکي ٿو جيڪو پڪ سان ويجهڙائيءَ ۾ آيل تبديليءَ جي عمل جي حق ۾ هوندو. خواب باطني عمل جي ڪري به پڙڪائي سگهي ٿو جيڪو ان تازي واقعي جو نتيجو ٿي سگهي ٿو جيڪو گذريل ڏينهن جي خيالن واري سرگرميءَ جو قرضدار يا پيش ڪرڻ لاءِ پابند ٿئي ٿو.

اها ساعت، انهن مختلف حالتن کي ڪنهن خاص مقصد لاءِ مرتب ڪرڻ يا انهن کي شڪل ڏيڻ لاءِ مخصوص آهي، جنهن مان اسان خواب جو بنياد/ ماخذ جو بنيادي موضوع ڏسندا آهيون. خواب جو ماخذ هن ريت به ٿي سگهي ٿو.

الف: بلڪل ويجهي عرصي وارو ۽ نفسياتي طور اهم تجربو جيڪو سڌو سنئون خواب ۾ پيش ٿئي، جيئن "ارما" جي خواب ۾ "سرنج" ۽ منهنجي چاچي واري خواب ۾ ان جي پيلي رنگ واري ڏاڙهي. يا،

ب: ڪيترائي ويجهي، عرصي وارا ۽ نفسياتي طور اهم تجربا، جيڪي، خواب ذريعي ڪنهن هڪ وحدت ۾ گڏجي وڃن، جيئن نوجوان ڊاڪٽر جي پوڙهي چاچيءَ جي ڪفن دفن وارو متبرڪ خطبو ادا ڪرڻو هو. يا،

ٻ: هڪ يا ڪيترائي نفسياتي طور اهم تجربا، جيڪي خواب جي متن ۾ هعصر پر اڻ ڏريا ۽ خسيس تجربن کي شامل ڪري، انهن جي نمائندگي ڪندا هجن، جيئن هڪ ٻوٽي بابت طويل مقالو. يا،

---

[1] خواب جي ڪم جو رحجان يا رغبت، انهن سمورن دلچسپيءَ وارن واقعن کي هڪ اهڙي عمل ۾ گڏائڻ آهي، جنهن جي ترغيبي طور ٽيندڙ عمل بابت اڳ ۾ به ڪيترن ليڪڪن نشاندهي ڪئي آهي: "ٻيلاگي ۽ "ٻيلبوايوف" جن کي ڪنهن معاهدي تحت ٽيندڙ قوت (Rapprochement Force) سڏي ٿو يعني طاقت جي زور تي هڪ نڪتي تي گڏ ٿيڻ بابت تعميل ڪرائڻ (Enforced Convergence). خود فرائيڊ به ان اصول کي زنائي جنسي بيماريءَ جي اپياس واري باب ۾ بيان ڪيو آهي. ان نڪتي جي سلسلي ۾ اهو جملو 1909ع ۾ شامل ڪيو ويو هو جنهن کانپوءِ 1922ع تائين وارن سمورن شمارن ۾ ان کي شامل رکيو ويو جنهن کانپوءِ ان کي خارج ڪيو ويو. خواب جي ڪم بابت ايندڙ باب ۾ ان طريقي سان لاچار ڪري يا زبردستيءَ سان مڃائي، گڏائي چڏڻ واري محرڪ جي معاملي کي، "اختصار" يا ڪنهن ٻئي قسم جي ابتدائي نفسياتي عمل جيان نبري ونڌاسين.

ب: اهي باطني يا اندروني اهم تجربا، جيڪي يادگيريءَ يا خيالن جي ريل سان وابستا هجن، جن صورت ۾ ويجهي عرصي وارا ۽ اڻ ڏريا يا معمولي تاثر، ثابت صورت ۾ يعني بنا تبديليءَ جي خواب ذريعي نمائندگي ڪندا هجن. ان سلسلي ۾ تجزيي دوران، منهنجي ڪيترن ئي مريضن جا خواب منهنجي آڏو آيا.

خوابن جو تجزيو ڪندي اسان کي بهرحال هڪ حالت سدائين مڪمل ٿيندي ضرور نظر اچي ٿي يعني خواب جي متن جو هڪ پاڻو گذريل ڏينهن جي تازي تاثر جو ورجاءُ ته ٿئي ئي ٿو. ٿي سگهي ٿو ته خواب ۾ اهو تاثر، يادگيرين جي دائري ۾ رهجي ويل خيالن ۽ منصوبن سان وابستا هجي ۽ ورجاءُ ته ٿئي ئي ٿو. خواب کي اصل چرچ ڏيندڙ اهو هجي، پلي ته ان جي صورت انفرادي هجي، اهم يا غير اهم هجي يا وري اهو انهن معمولي قسم جي تاثرن واري ڪيترمان ان لاڳاپي سان آيو هجي، جن جو ٿورو يا گهڻو تعلق خواب کي چوريندڙ لاتعداد خيالن جي دائري سان هجي. انتظام هلائيندڙ ڪيترن ئي واضع يا ظاهر پاڻا، گهڻو ڪري فقط ٻن متبادل حالتن تي انحصار ڪندا آهن. پلي ته اهي حالتون گم ٿي ويل هجن يا وري ڪا جاءِ والاري نه سگهيون هجن، ۽ ان نڪتي جي نشاندهي ڪرڻ نهايت اهم آهي ته اسان انهن ٻنهي متبادل حالتن جي ذريعي، مختلف خوابن جي وچ ۾ فرق کي واضع ڪرڻ جي قابل هوندا آهيون. اهڙي ئي آسان طريقي سان جهڙي طريقي سان طبي نظريو ذهني جيوَ گهرڙن جي انهن دليلن، ۽ دعوائن کي بيان جي قابل هوندو آهي، جيڪي دليل ۽ دعوائون جزوي يا مڪمل ٿي ويل حدن مان ڦرندي مڪمل سجاڳيءَ ۾ ايندیون آهن.

ان ڳالهه جو مشاهدو اڳتي ب ڏسي سگهجي ٿو جيڪڏهن اسان انهن ڇئن ممڪن معاملن (خوابن) تي غور ڪنداسين ته اهو نفسي يا ذهني عنصر اهم ته آهي پر ويجهي عرصي وارو نه آهي، (خيالن جو وهڪرو ۽ يادگيريون) اهو خواب کي جوڙڻ جي مقصد لاءِ ان عنصر ذريعي بدلجي سگهي ٿو جيڪو تازو پر اڻ ڏريو يا خسيس هجي، جن جو مقصد رڳو غور هيٺ ايندڙ ٻن حالتن کي پيش ڪرڻ هوندو آهي:

(1) ته خواب جو متن ويجهڙائيءَ ۾ ٿيل واقعي سان پڪيءَ ريت ڳنڍيل هجي.

(2) ته خواب کي چوريندڙ صورتحال نفسياتي اهميت واري عمل کي جاري رکندي هجي.

رڳو هڪڙي معاملي ۾:

الف: اهي ٻئي حالتون، ٻن هڪجهڙن تاثرن جي ذريعي پورائو ڪنديون هجن. گڏوگڏ اهو پڻ ڏٺو ويو آهي ته اهي اڻ ڏريا يا معمولي تاثر، جيڪي خواب کي جوڙيندڙ قابليت جي ڪمي ايندا آهن، اهي حالتون ب ويجهي عرصي وارن (هڪ ڏينهن يا ڪجهه وڌيڪ ڏينهن وارن پراڻن) واقعن مان وصول ڪرڻ جي اهليت يا گنجائش وڃائي ويهنديون آهن. ان مان اسان اهو نتيجو ضرور اخذ ڪري سگهون ٿا ته ڪنهن تاثر جي تازگي، خواب کي تعمير ڪندڙ مقصد ۾ ڪنهن اهڙي قسم جي نفسياتي اهميت جي حامل هوندي آهي، جيڪا يادن جي رنگ برنگي جنبن ۽ خيالن سان پريل ريل جيتري اهم هوندي آهي. اصل ۾ خوابن جي جوڙجڪ جي سلسلي ۾ بنيادي طور اها اهميت ئي ان تازي تاثر سان سلهاڙيل هوندي آهي، جيڪا اسان جي نفسياتي بحث مباحثي جي سلسلي ۾ چٽيءَ ريت نتيجو اخذ ڪرڻ ۾ مدد ڏيندي آهي. (ڏسو باب ستين "خوابن جي عمل جو نفسياتي پهلو" جو حصو ٽيون: "خواهشن جو پورائو.")

ان ڏس ۾ اتفاق سان اهو ب ڏسڻ ۾ آيو آهي ته اسان جي گذاريل ڏينهن جي ياداشت ۾ مدد ڏيندڙ (Mnemic) ۽ تصور واري انداز ۾ يا تمثيلي (Ideational) مواد ۾ شعوري مشاهدي مطابق، ترميم يا اصلاح جو اظهار گهڻو ڪري رات جو ٿيندو آهي. ان ڪري اسان گهڻو ڪري اها صلاح ڏيندا آهيون ته ڪنهن ب معاملي جي آخري فيصلي تي پهچڻ کان اڳ ۾ اسان کي "سمهڻ واري حالت" تي غور ضرور ڪرڻ گهرجي، جنهن کانپوءِ ڪا صلاح يقينن تائيدي يا ثبوت ڏيندڙ ٿي سگهي ٿي، ۽

هن وقت اسان ننڍ جي حوالي سان خوابن جي نفسياتي پهلو تي غور ڪرڻ کي پوئتي ڇڏي آيا آهيون، ۽ اهو ڪو آخري موقعو نه آهي، جنهن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون.[1]

اهو اعتراض بهرحال پيدا ٿي سگهي ٿو جيڪو انهن گذريل نتيجي تي گمان پيدا ڪري، انهن کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏڻ جو نقصان رسائي ڇڏي جيڪڏهن اڻ ڏريا يا معمولي تاثر، خواب ۾ ويجهڙائيءَ واري عرصي کي مهيا ڪرڻ لاءِ رڳو پنهنجو رستو ڳولهي ونڻ ته اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو ته خواب جو متن زندگيءَ جي اوائلي زماني جي انهن جزن يا عنصرن کي به شامل ڪري وڃي، خاص طور ان وقت جڏهن اهي ويجهڙائيءَ واري عرصي ۾ غلبو ڪندا آهن. "استرومپيل" Strumpell_ (1877,40 جي استعمال ڪيل لفظن مطابق: "گهٽو اڳ ساري ڇڏيل عنصرن جي (ويجهڙائيءَ ۾ توڙي نفسياتي طور پيدا ٿيل ياڳن جي) ڪا به نفسياتي اهميت نه آهي؟"

اعصابي مريضن جي تحليل نفسيءَ واري کوجنا جي حوالي سان اهو اعتراض يقينن اسان جي سامهون اچي ٿو جنهن جي وضاحت هن ريت آهي ته اهو وجائجي يا گم ٿي وڃڻ جو عمل، جيڪو اڻ ڏيڻ يا خسيس مواد جي ذريعي نفسياتي اهميت کي، خواب ۾ سوچن جيان منتقل ڪري ٿو (جيئن خواب ۾ سوچن ۾) اهڙن معاملن ۾ اهو سوال يا خيال، زندگيءَ جي اوائلي دور ۾ اڳ ۾ ئي پنهنجي جاءِ والاري چڪو هوندو آهي، جيڪو پوءِ يادگيرين ۾ محفوظ ٿي ويندو آهي. خاص اهي عنصر، جيڪي حقيقي طور تي اڻ ڏريا يا خسيس هوندا آهن، اهي گهٽو وقت اڻ ڏريا يا خسيس نه رهندا آهن، ۽ تڏهن اهي، گم ٿي وڃڻ جي خيال کان، نفسياتي مواد جي اهميت ذريعي کڃندا آهن. ان صورت ۾ ڪو به رهجي ويل، اڻ ڏريو يا خسيس عنصر خواب ۾ حقيقي طور تي ڀيهر پيش نه ٿي سگهندو آهي.

پڙهندڙ ان پوئين دليل مان درست فيصلو ڪري سگهن ٿا ته مان اها دعويٰ ڪريان ٿو ته خواب کي چوريندڙ کي به تاثر "اڻ ڏريا يا خسيس" نه هوندا آهن ۽ نتيجي طور نه ئي خواب کي سادا يا ناقص ٿيندا آهن. منهنجي راءِ آهي ته اهي پنهنجي قاعدن تي عمل ڪندڙ اصول پرست هوندا آهن، جيڪي پابندين کان آزاد ۽ ساڃاهه ڀريا هوندا آهن. جيڪڏهن مان هارن جي انهن خوابن کي جن جا مختصر ردعمل ڪيل رات جو ڪنهن احساس ۾ مبتلا ڪندا هجن، هڪ پاسي ڪري ڇڏي ڏيان! ۽ ان ڳالهه کانسواءِ ته اسان خواب ڪهڙو ٿا ڏسون، پلي ته خواب جي پيشڪش، نفسياتي اهميت جي نشاندهي ڪندڙ هجي يا ان جي ڪا بگڙيل صورت هجي ۽ سمجهه ۾ ايندڙ نه به هجي، تنهن هوندي به خواب جو تجزيو ڪري سگهجي ٿو. ان ڪانپوءِ هڪ پيرو وڌيڪ ان جي اهميت کي ڳولهي سگهجي ٿو. خواب روزاني جي انفرادي يا معمولي ڳالهين سان وابستا نه هوندا آهن: اسان

---

[1] هي حاشيو 1919ع ۾ شامل ڪيل آهي: خوابن جي جوڙجڪ جي سلسلي ۾ تازو ۽ اهم ڪم "پوزل" (Potzl_1917) ان رسالي ۾ ڪيو آهي، جيڪو انومان ۽ معنوي اشارن جو خزانو آهي. پنهنجي تجربن جي سلسلي ۾ "پوزل" ڪجهه اهڙيون تصويرون ڏنيون آهن، جن کي بصارتي ادراڪ جي آزمائش لاءِ ڪتب ايندڙ اوزار (Tachistoscope) جي ذريعي، مختصر طور تي صرف هڪ لمحي لاءِ ڏيکاري،شعوري طور تي ان ڳالهه ڏانهن ڏيان ڏئي سگهجي ٿو ته ان تصوير ۾ هن چا ڏٺو. تڏهن سندس ڏيان رات جو ڏٺل انهن خوابن ڏانهن ڇڪجي ويندو آهي، جن جو موضوع ساڻن ڇهڪندڙ هوندو آهي، جنهن کان پوءِ، انهن خوابن جي خاص حصن جون ڪجهه وڌيڪ تصويرون جوڙيون ويندين آهن جو انهن تصويرن جي تفصيل مان خوابن جي جوڙجڪ جي مهيا ٿيل مواد ڏانهن ڏيان نه ويندو آهي، جڏهن ته تصويرن جا اهي تفصيل جڏهن بعد، شعوري طور تي سچاپڄڻ ۽ شاهدي ڏيندڙ هوندا آهن، پر خواب جي متن جي وضاحت نه ڪندا آهن. اهو مواد جيڪو خواب جي ڪم لاءِ ڪتب آيل هوندو آهي، اهو خواب جي جڙڻ جي مقصد تحت، پنهنجي دوستاڻي يا ويجهي واقفيت واري/ ٽياڪڙيءَ واري يا آمراڻي ۽ قطعي (Autocratic) فيصلي مطابق ترميم جو ڪم ڪندو آهي. "پوزل جي اڳاريل سوال مطابق تجربن خواب جي تجزيي يا تشريح جي دائري کان گهٽو ڏور آهي، جيئن هن ڪتاب ۾ آندل آهي. ان حوالي سان، خوابن جي جوڙجڪ ۽ هن نئين اپياسي طريقي جي وچ ۾ تضاد جي به اهميت آهي." خوابن جي تحريڪ جي سلسلي ۾ نامڪمل عملي طريقو متعارف ڪرڻ به ننڍ جي موضوع جي رستي ۾ رڪاوٽ آهي.

اجاين ڳالهين جي ڪري پنهنجي نند ۾ خلل وجهڻ نه چاهيندا آهيون.[1] "هيولاڪ ايلس" منهنجي ڪتاب جو نهايت دوستاڻي انداز سان تنقيد ڪندڙ آهي، تنهن لڪيو آهي ته:

"اهو ئي نڪتو آهي، جنهن تي اسان مان ڪيترائي، فرائيڊ جي ڪيل نتيجن جي گهٽو پويان نه لڳا آهن." بهرحال "هيولاڪ ايلس" به خوابن جي تشريح تان رهنمائي حاصل نه ڪئي آهي ۽ ان ڳالهه کي مڃڻ کان انڪار ڪيو آهي ته "اهو ڪيئن ممڪن آهي ته ڪنهن جي وضاحتي متن تي فيصلي جو بنياد ٻڌجي."

ان ۾ شڪ نه آهي ته ان وقت بلڪل واضع، معصوم ۽ سادا سپنا به پنهنجو رخ بدلائي چڪيندا آهن، جڏهن اسان انهن جي تشريح جي ڪوشش ڪندا آهيون، اهي، جيڪڏهن مان ائين چوان ته اهو رد جي ڪل ۾ بگهڙ هوندو آهي. هيل تائين اهو پيو نڪتو آهي، جنهن تي اميد آهي ته اختلاف پيدا ٿيندو. بهرحال خوابن جي بگڙجي وڃڻ جي ڪم کي ظاهر ڪرڻ لاءِ مان پنهنجي محفوظ دفتر مان ڪيترن ئي چونڊ سادن سپنن کي تجزيي لاءِ پيش ڪندي خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان.

(الف)

هڪ ذهين، مهذب ۽ نوجوان خاتون، نهايت سنجيده ۽ پنهنجي رويي سبب احساسن ۽ خيالن جو اظهار نه ڪري سگهندڙ هئي، هن ريت ٻڌايو ته:

"مون خواب ڏٺو ته مان بازار ديرسان پهتي آهيان، جو نه ڪاسائيءَ وٽان ڪجهه ملي ٿي سگهيو نه ئي پاڻيءَ واري عورت وٽ ڪجهه بچيو هو."

ان ۾ شڪ نه آهي ته هي هڪ سادو خواب آهي، پر اهو خواب جيترو سولو نظر ٿو اچي، سڀڙ ۾ اوترو سولو نه آهي، جنهن ڪري مون ڪيس وڏيڪ تفصيل ٻڌائڻ لاءِ چيو تنهن تي هن مون کي ڪجهه هن ريت ٻڌايو: "هن خواب ڏٺو ته هوءَ پنهنجي باورچيءَ سان گڏجي بازار وئي آهي، جيڪو سندس ٽيلهو کڻي پئي هليو. جنهن بعد هوءَ ڪائنس ڪجهه پڇي ٿي، ڪاسائي ڪيس چوي ٿو ته: "وڏيڪ ڪجهه نه بچيو آهي" ۽ ڪيس ڪجهه پيو خريدڻ لاءِ چوي ٿو گڏوگڏ اهو به چوي ٿو ته: "هي به سئو آهي." هوءَ انڪار ڪري ٿي ۽ وڏي وڃي ٿي سبزي وڪڻڻ واري عورت ڏانهن ۽ ڪوشش ڪري اها خاص پاڻي خريڻ چاهي ٿي جيڪا ڳنڍڙيءَ ۾ ٻڏل آهي، پر اها ڪاري رنگ جي هئي، هوءَ چوي ٿي: مان هن کي نه ٿي سڃاڻان ان ڪري اها نه ٿي ڪڻڻ چاهيان."

هن خواب جو تعلق سڏو سنئون گذريل ڏينهن سان سلهاڙيل آهي. هوءَ حقيقت ۾ بازار به ديرسان وئي هئي ۽ ڪجهه به خريد ڪري نه سگهي هئي. اها صورتحال هن جملي جي صورت اختيار ڪندي نظر ٿي اچي ته "گوشت جو دڪان بند هو." معاملو ائين نه هو يا گهٽو ڪري ان جي ابتڙ هو اهو مرداني انداز جو هڪ قسم جو ڪوچيگر يا گندو جملو هو.[2] بهرحال اهو جملو خود خواب ڏسندڙ عورت استعمال نه ڪيو هو ٿي سگهي ٿو هوءَ ان جملي کي استعمال ڪرڻ کان ڪيپائيندي هجي. ان حوالي سان اچو ته پهرين عقل کي ڏوڙائي ڏسون. ٿي سگهي ٿو ته اسان خواب جي تهه تائين پهچي وڃون.

جڏهن خواب ۾ ڪنهن شيءِ ۾ سڏو سنئون ڳالهائڻ جي خاصيت هوندي آهي ته ان لاءِ ائين چئبو ته جڏهن اهو چيو ويو آهي يا ٻڌو ويو آهي، اهو جاڳ واري حالت ۾ حقيقي طور ڳالهايل جملو هوندو آهي پر ان ڏانهن ڏيان نه هوندو آهي، جيڪو يقيني ڳالهه ۾ تفاوت يا اختلاف ڪرڻ جي اصول جيان آسان هوندو آهي، جنهن لاءِ جيتوڻيڪ پڪ هوندي آهي پر ان کي هڪ نئون مواد ڪري پيش ڪيو ويندو آهي. البت اهو ٿي سگهي ٿو ان ۾ ٿوري ڪاٽ ڪوٽ يا ان ۾ ٿوري چنڊ چاڙ ٿي هجي، ۽

---

[1] هي حصو 1914ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

[2] تنهنجي "گوشت" جو دڪان ڪليل آهي: هي ويانا جي شهر جو لهجو آهي، جيڪو ڪنهن خاص مطلب لاءِ استعمال ٿيندو آهي.

ڪنهن خاص انداز ۾ پنهنجي متن مان علحدگي اختيار ڪري آيو هجي.[1] خواب جي تشريح جو هڪڙو اصول ڳالهائڻ وارن جملن جي طريقي جو به آهي. ان حوالي سان گوشت واري جو اصل جملو هن ريت آهي: "وڌيڪ ڪجهه به دستياب نه آهي." ان جو جواب مان پنهنجي ئي مثال ذريعي ٿو ڏيان: "ڪجهه ڏينهن اڳ مون ان مريض کي پئي سمجهايو ته نئين پٽ جا تجربا گهٽو وقت ميسر نه ٿا رهن. پر انهن جي خوابن ۾ تبديل ٿيڻ واري عمل ذريعي تشريح ڪري سگهجي ٿي.

ان حوالي سان مان ڪاسائي هوس ۽ هوءَ ان "تبديليءَ" جي عمل کي، پنهنجي پراڻين عادتن ۽ احساسن جي پيش ٿيڻ کي رد ڪري رهي هئي. اڳتي ڏسو ته سندس اصل بيان هي آهي ته:-"مان ان کي نه ٿي سڃاڻان... مان ان کي نه ٿي ڪٽڻ چاهيان." تجزيي جي مقصد لاءِ اهي جملا ورهائي رکيا ويا آهن: "مان ان کي نه ٿي سڃاڻان". اهو جملو هن هڪ ڏينهن اڳ ۾ پنهنجي بورچيءَ کي چيو هو جنهن سان سندس اختلاف ٿي پيو هو "توکي عزت سان پيش اچڻ گهرجي." پر ان جي باوجود هوءَ ساٿس گڏ وئي هئي: هن کيس چيو هو. ان مان وڃائجي يا گم ٿي وڃ" بلڪل واضح آهي. خواب سندس انهن بن ناقابل توجهه جملن کي چونڊي شامل ڪرڻ جو عمل ڪيو. پر اهو رڳو ذهن مان ڪيڏي چڏڻ جي ڪري ٿيو هو. ڇاڪاڻ ته سندس ئي چوڻ هو: "توکي عزت سان پيش اچڻ گهرجي." ۽ اهي ئي لفظ خواب جي بچيل مواد ۾ ڪپي ويا: "اهي لفظ ان شخص لاءِ استعمال ڪرڻ بلڪل درست آهن. جيڪو جيڪڏهن رڳو تنقيد ڪندو هجي ۽ ناجائز مشورا ڏيندو رهندو هجي ۽ اهو وساري ويهي ته ڪيس گوشت جو دڪان بند ڪرڻو آهي."

سبزي فروش جي معاملي ۾ هڪدم نظر نه ايندڙ اشاراتي عمل جي سلسلي ۾ اسان کي وڌيڪ پڪ ٿي ٿئي ته اسان جو تجزيو بلڪل درست رستي تي آهي. وڪامجندڙ سبزي، جيڪا ڳنڍڙيءَ جي صورت ۾ ٻڌل آهي، ۽ اها ڏکهي هئي، (اها ڳالهه مريضه پوءِ شامل ڪئي)، ۽ ڪاري به هئي. سا به سوسن جي گل جهڙي پاڃيءَ جو خوابي امتزاج آهي ۽ ڪارو رنگ (اسپيني زبان مطابق) ڳاڙهسرو ٿي سگهي ٿو. جنسيات جو ڪو به ڄاڻو ان سوسن جي گل جهڙي هوٽي جي تشريح درست ڪري سگهي ٿو پر هي پاڃي (ڳاڙهسري ڪاري) احتجاجي اظهار ٿي سگهي ٿو (ڪاراٽ کي پري ڪيو.) انهن ٻنهي لفظن مان ساڳئي جنسياتي موضوع جو اشارو پڌ ملي ٿو جنهن جي اميد اسان ابتدا ۾ تڏهن ئي ڪئي هئي. جڏهن اسان گوشت جي دڪان جي بند ٿيڻ جي اصطلاح کي متعارف ٿيندي محسوس ڪيو هو جيڪو خواب جو اصل خزانو هو. اسان کي خواب جي سموري مطلب معلوم ڪرڻ جي هاڻي ضرورت نه آهي. ڇاڪاڻ ته اهو ڪافي واضح آهي: ان جي جيڪا به معنيٰ آهي. بهرحال اها سادي خواب ڪان گهڻو دور آهي.

جيڪڏهن ڪنهن کي معلوم ڪرڻ جو شوق هجي ته ان لاءِ مان اها ڳالهه شامل ڪري سگهان ٿو ته اهو خواب، جنسياتي طور پڙڪائڻ جي منهنجي پنهنجي ناجائز رويي جي خيالي اڏام کي مخفي رکڻ جي ڪوشش جو نتيجو هو ۽ مريضه منهنجي ورتاءَ جي خلاف پنهنجو بچاءُ ڪري رهي هئي. جيڪڏهن اها تشريح حيرت انگيز آهي ته مون کي رڳو اهڙن ڪيترن ئي واقعن کي پيش ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي جن ۾ ڊاڪٽرن جي خلاف، زناني جنسي بيماريءَ ۾ مبتلا عورتن پاران اهڙا ساڳئي قسم جا الزام لڳايا ويا آهن. پر اهڙن معاملن ۾ خيالن جي اڏام، شعور مان بگڙيل شڪل بجاءِ اصل حالت ۾ نروار ٿيندي آهي ۽ وهم يا مغالطي جي صورت ۾ سا به رڳو سپني جيان. مذڪوره خواب مريضه جي تحليل نفسيءَ جي ابتدائي علاج دوران رونما ٿيو هو تيستائين ائين نه ٿيو جيستائين مون اهو نه ڄاتو ته هوءَ ٻنهنجي ابتدائي طور پهتل ڪنهن صدمي سبب لڳندڙ ذهني ڏڪ يا تشدد جي صورتحال ۾ وڏندڙ اعصابي مونجهاري کي ورجائي رهي هئي. اها صورتحال مان نڪرڻ ۽ عمر ۾ ٽيل

---

[1] ان موضوع: "خوابن ۾ ڳالهائڻ" بابت ڏسو "خواب جو هڪ باب ڇهين جو حصو ڇهون: خوابن ۾ ڳڻپ ۽ تقريرون. خوابن ۾ ڳالهائڻ جملن واري موضوع تي رڳو هڪڙي ليک "ڊيلبوايوف" (Delboeuf 1885,266) جو هڪ نظر آيو آهي، جنهن مقبول عام جملن جي پيٽ پيش ڪئي آهي.

زوريءَ زنا (Sexual assault) جي ٻين مريضن ۾ ٻه ڏسي چڪو هوس. جيڪي پنهنجي خوابن ۾ ساڳئيءَ ريت ئي پيا ڏسندا هئا، جيئن سائن عمل ٿيل هو.

هي خواب ٻه گذريل ڏينهن جي حقيقي واقعي جو ورجاءُ آهي. سندس مڙس کانئس اهو ئي سوال پڇيو هو ۽ هن ٻه کيس ڪو اهڙو ئي جواب ڏنو هو. پر هن جي اهڙي قسم جي خواب ڏسڻ جو مطلب ڪهڙو آهي؟ هن مون کي ٻڌايو ته: "سندس پيانو هڪ پراڻي ۽ پگهل پيتي آهي، جنهن مان نهايت بيڄڙو آواز نڪرندو آهي. جيڪو شاديءَ کان اڳ ۾ سندس مڙس وٽ هوندو هو. (اهو پويون جملو نعم البدل خيال کي پيش ڪري ٿو جنهن جي ڪري تشريح آسان ٿي وڃي ٿي.)

(ب)

هتي گذريل خواب جي بڇيل حصي جي خيال کان، ساڳيءَ مريضہ جو هڪڙو ٻيو سادو خواب پيش ٿو ڪريان:

"سندس مڙس پڇيو: "ڇا تنهنجو خيال نہ آهي ته پنهنجي پيانو کي سُرَ ۾ آڻجي؟" هن وراڻيس: "اهو بيڪار آهي، ان جي سرن سان ٽڪرائجندڙ هٿوڑين کي هر صورت ۾ ٻيهر جوڙائڻ جي ضرورت آهي."

پر حل ڪرڻ وارو معاملو سندس انهن ئي لفظن ۾ موجود آهي ته: "هاڻي ته اهو بيڪار آهي." اهي لفظ هن وٽ سندس هڪ ساهيڙيءَ وٽان آيا هئا، جنهن سان هوءَ هڪ ڏينهن اڳ ۾ ملي هئي. تنهن ڪيس پنهنجو جئڪيٽ ڪٽي وڃڻ لاءِ چيو هو جنهن تي هن ڪيس وراڻيو هو: "تنهنجي مهرباني، اهو بيڪار آهي، مان رڳو هڪڙي لمحي لاءِ ترسنديس."

جڏهن هن مون کي ٻڌايو پئي ته مون کي ياد آيو ته ڪالهوڪي ڏينهن واري تجزيي ڪانپوءِ هن اهو جيڪيٽ پاتو هو جنهن ۾ هڪڙو ٻيڙو ٻه ڪتل هو ان ڪري ئي هن ائين چيو هو ته: "مهرباني ڪري هن ڏانهن نہ نهار، هاڻي هي بيڪار ٿي ويو آهي." اسان بهرحال شڪ ڪري سگهون ٿا ته اهو سپنو وٽس ابتدائي وقت جي يادن مان آيو هو. جيڪڏهن اسان سندس يادن مان هڪڙا ٻه لفظ "بيمار ڪندڙ ناراضگيءَ" ۽ "بيڄڙو آواز" چونڊيون ۽ جيڪڏهن اسان ياد ڪريون ته هن اهو لڳاتار ڪيترا ڀيرا استعمال ڪيو هوندو تڏهن ٻه ٻنهي صورتن ۾ اهو مفاهمت پيدا ڪندڙ آهي ۽ خواب ۾ زميني گولائيءَ جي اڌ (Hemisphere) يعني ڪٿوري جيان پر گهٽ استعمال ٿيل زناني جسم جي حصي جويا ته اختلاف ڏيکارينڊڙ آهي يا ان جي وڏي هجڻ جي نعم البدل جيان آهي.

(ٻ)

مان هن سلسلي کي هڪ لمحي لاءِ روڪيان ٿو ۽ هڪ نوجوان شخص جو مختصر ۽ سادو سپنو پيش ڪريان ٿو: هن ڏٺو ته "هن پنهنجو سياري وارو وڏو/ ڍڳهو ڪوٽ هڪ پيرو ٻيهر پاتو هو جيڪا هيبتناڪ شيءِ هئي."

ظاهري طور هن خواب جو سبب ته هڪدم تڏ واري موسم جو اچڻ آهي، پر جيڪڏهن ان جي ٿورو وڌيڪ ويجهو وڃبو ته اسان کي ٻه مختصر حصا نظر ايندا، جيڪي خواب کي اٽين ٿا، اهي پاڻ ۾ مڪمل طور تي هم آهنگ نہ آهن. پوءِ اها خوف ڏيارينڊڙ ڪهڙي شيءَ ٿي سگهي جيڪا سرديءَ ۾ ان ٽلهي ۽ ڳوري وڏي ڪوٽ پائڻ سان ڪيس ستائي ٿي؟ ان ڪانسواءِ سپني جي سادگي، ان پهرين لاڳاپي ذريعي بهرحال مونجهارو پيدا ڪندڙ آهي، جيڪا تجزيي ۾ خواب ڏسندڙ تي ظاهر ٿي آهي. هن کي ياد آيو ته هڪ ڏينهن اڳ ۾ هڪ عورت ڪيس حمل روڪ لاءِ استعمال ٿيندڙ ربڙ (Condom) استعمال ڪرڻ تي پابند ڪيو هو. چاڪاڻ ته سندس وڏي پٽ پنهنجي وجود لاءِ استعمال ٿيندڙ ربڙ قاڙي چڏيو هو (اڳ ۾ ربڙ قائي پوڻ سبب ڪيس پٽ ڄائو هو.) ان بنياد تي هن پنهنجا خيال ٻيهر جوڙڻ شروع ڪيا. هڪ سنهو ربڙ خطرناڪ هو، پر ٽلهو ربڙ خراب هو. ان حوالي سان اهو ربڙ (Condom) واضع طور تي ان "وڏي/ ڍڳهي ڪوٽ" جي صورت ۾ پيش ٿيو. اهو هڪڙو ربڙ تڏهن کان ترڪي اچي ٻنهي (ڪوٽ ۽ ڊپ) ۾ داخل ٿيو هو چاڪاڻ ته جيئن ڪيس عورت ٻڌايو هو ته يقينن اهو ڪنهن غير شادي شده مرد لاءِ خوف ڏيارينڊڙ هو.

۽ هاڻي اچو ته اسان پنهنجي معصوم عورت جي خواب ڏانهن موٽي هلون.

(ب)

"هن ميڙ بتيءَ ان جي اٽڪيل جاءِ تان ڪنڌي، پر ڪٽندي ميڙ بتي ٽٽي پئي، ان ڪري اها ٻيهر درست طريقي سان ٻيهي نہ پئي سگهي. سندس اسڪول جون چوڪريون چوڙ لڳيون تہ هوءَ بي ڏنگي هئي، پر ماسترياڻيءَ چيو تہ ان ۾ هن جو قصور نہ آهي."

هيل تائين هي ٻيو واقعو هو جيڪو حقيقي خواب تي ٻڌل هو. هڪ ڏينهن اڃ ۾ ان عورت واقعي ان اٽڪيل جاءِ تان ميڙ بتي ڪڍي هئي، پر اها ٽٽي ڪا نہ هئي. هن خواب ۾ چند شاف علامتون استعمال ٿيل هيون. ميڙ بتي هڪ اهڙي شيءَ آهي جيڪا عورت جي زناني عضوي کي جلد جوش ۾ آڻڻ واري حالت پيدا ڪري سگهي ٿي. ۽ جيڪڏهن اها ٽٽي پئي آهي: "صحيح نموني سان ٻيهي نہ سگهندي"، ان جو مطلب ٿيو تہ مرد، ويچارو نامرد آهي (ان ۾ هن جو قصور نہ آهي.) پر جنهن جوان عورت جي پرورش احتياط سان ٿي هوندي، ان کي ميڙ بتيءَ جي استعمال جي بہ خبر هوندي تہ ان بچڙائيءَ مان نڪرندڙ نتيجي کان واقف هوندي. ائين ٿيو هو ۽ هوءَ ان مان حاصل ٿيل ڄاڻ بابت اشاري ڏيڻ جي قابل هئي. هڪ ڀيري، جڏهن هوءَ "رائن" (Rhine) ۾ ٻيڙيءَ ۾ سير ڪري رهي هئي تہ هڪ ٻي ٻيڙي سندن پرسان گذري، جن ۾ شاگرد ويٺل هئا، انهن ۾ وڏو جوش ۽ ولولو هو ۽ ڳائي رهيا هئا:

"جڏهن سوڊان جي راڻي،
دريءَ تي ڪيرايل پردن پويان، نهاريو
اپولو ميڙ بتين سان... اپولو ميڙ بتين سان....."[1]

ان عورت شايد اهو آخري لفظ نہ ٻڌو يا ڪيس سمجهہ ۾ نہ آيو جنهن جو مطلب هن پنهنجي مڙس کان سمجهيو. اهو شعر، هن جي انهن چند معصوم يادگيرين جي ذريعي سندس خواب جي متن ۾ منتقل ٿي آيو اسڪول واري زماني ۾ جڏهن هن اهڙي قسم جو بي ڏنگو ڪم ڪيو هو. ۽ منتقل ٿيڻ واري عمل: دريءَ تي ڪيرايل پردن جي عام عنصر کي ممڪن بڻائي ڇڏيو هو. "مشتزنيءَ ۽ نامرديءَ" جي ٻنهي موضوعن جي وچ ۾ گهٽو پڌرو لاڳاپو آهي. "اپولو" هن خواب جي ڳجهي مواد ۾ سندس ابتدائي ڪنوارپ جيڪا روم جي سياڻپ ۽ جنگ جي ديوي (Pallas) جيان سهڻي هئي پر مجموعي طور تي معصوميت کان گهٽو پري هئي.

(ت)

ان حوالي سان اسان پڙهندڙ کي ان ڳالهہ تي آزمائش ۾ وجهڻ نہ ٿا چاهيون تہ خواب جو نتيجو ڪيڏو ايترو سولو آهي جيترو خواب ڏسندڙ جي اصل زندگيءَ کي سمجهڻ سولو آهي. مان هتي ساڳئي مريضہ جو هڪ ٻيو خواب شامل ٿو ڪريان، جنهن ۾ پڙ سادو اظهار ٿيل آهي: "مان ڏسان ٿي." هن چيو "بلڪل ائين جيئن مون ڪالهہ ڪيو هو. مون هڪ ننڍي پيتيءَ کي ڪتابن سان پري ڇڏيو. جنهن جي ڪري ان کي بند ڪرڻ ۾ دقت پئي ٿي ۽ مون خواب پئي ڏٺو تہ جڙ اهو سيڪجهہ حقيقت ۾ ٻيو ٿئي." هن واقعي ۾ بيان ڪندڙ عورت پاڻ ئي حقيقت ۽ خواب جي متعلق قبوليت تي خاص ۽ زور ڏنو آهي.

---

[1] (ف ـ س) اپولو جي نالي سان ميڙ بتيون، گهٽيون مشهور آهن، هي شاگردن جي هڪ گيت جو حصو آهي، جنهن جو هڪ لفظ هتي شامل نہ ڪيو ويو آهي جنهن جو مطلب "مشتزنيءَ" آهي.

خواب متعلق اهڙن فيصلن ۾ انهن تي ڏنل راين جي حوالي سان ڏٺو ويو آهي ته حالانڪ اهي پاڻ کي جاڳ واري حالت ۾ سمجهندا آهن، ۽ خواب جي ڳجهي مواد کي ثابت طور تي يا بنا تبديليءَ واري انداز ۾ ڏسندا آهن. اهڙي قسم جي ٻين مثالن جي تصديق جي حوالي سان کوجنا اڳتي ڪنداسين. ته اسان ڇا ڇيو. تنهن کانپوءِ اهو ڏسنداسين ته خواب هڪ ڏينهن اڳ واري ڪهڙي ڳالهه بيان ڪئي آهي. ان جي وضاحت لاءِ تمام گهٽي جاءِ گهرجي ته اهو خيال منهنجي دماغ ۾ ڪيئن آيو ته خوابن جي تشريح لاءِ انگريزي زبان کي استعمال ڪريان. ان ساڳئي طريقي سان "پيتي"، "چاتيءَ" جو نعم البدل هو ۽ خواب جي تشريح اسان کي هڪدم سندس جوان ٽيڙ واري جسماني اوسر ڏانهن موٽي هلڻ جي رهنمائي ڪري ٿي. جڏهن هوءَ پنهنجي جسماني ڏول کان مطمئن نه هوندي هئي. ان سلسلي ۾ هڪ پيرو ٻيهر به ايترو چوڻ ڪافي آهي ته ان "ننڍڙي پيتيءَ" جي سوال ۾ ڇا لڪل هو! جيڪا ايتري پريل هئي جوان ۾ وڌيڪ ڪجهه وجهڻ جي گنجائش ئي نه هئي.

انهن سمورن "سادن" سپنن جي چنڊ چاڻ جو مقصد، جنسي عنصر ظاهر ڪرڻ آهي. بهرحال هي موضوع وڏي اهميت جو حامل آهي، جنهن کي في الحال مان هڪ پاسي تي ٿو رکان.

(2)

خوابن جي بنياد ۾ بالڪپڻي جو مواد

INFANTILE MATERIAL AS A SOURCE OF DREAMS

هن موضوع بابت "روبرٽ" جي اعتراض سميت هر ٻئي ليکڪ جيان، مون خوابن جي متن جي ٽين نرالپ جي نشاندهي ڪئي آهي، اها خاصيت، بالڪپڻي جي اهڙن اوائلي تاثرن کي به شامل ڪري سگهي ٿي، جيڪي جاڳ جيون جي ياگيرين دوران به سولائيءَ سان رسائي جوگا نه هوندا آهن. يقينن اهو طئي ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي ته اهي ڪڏهن ڪيترا يا گهٽو ڪري ڪيترا نروار ٿيندا آهن. جيسيتائين خواب جي عنصرن جي وجود ۾ اچڻ جو سوال آهي ته اهي جاڳڻ کانپوءِ شناخت ٿي نه سگهندا آهن. ان جي نشاني اها آهي ته اسان بالڪپڻي جي انهن تاثرن/ احساسن سان ڪهڙو وهنوار رکندا آهيون جيڪي باهرين شاهدين جي ذريعي قائم ٿيل هوندا آهن ۽ ائين ڪرڻ جو موقعو ورلي ئي ايندو آهي. ان سلسلي ۾ خاص قائل ڪندڙ دليل "مائوري" (Maury_1878.143) گذريل صفحن تي آندل) ان شخص متعلق ڏنو آهي جيڪو اڪل ويهن سالن کانپوءِ هڪ ڏينهن پنهنجي پراڻي گهر ڏانهن پير وڃڻ جو فيصلو ڪري ٿو. ان ساڳئيءَ رات، سفر تي وڃڻ کان اڳ ۾ هن خواب ڏٺو ته: "هو بلڪل اڻ ڄاتل هنڌ تي ويو آهي، جنهن جي هڪ گهٽيءَ ۾ ساڻس هڪ اجنبي مليو آهي، جنهن سان هن گفتگو ڪئي آهي." هو جڏهن پنهنجي اصل گهر تي پهتو ته هن ڏٺو ته واقعي سندس اباڻي گهر جي پر واري پاڙي ۾ اها اڻڄاتل جاءِ سچ پچ موجود هئي ۽ جنهن اجنبي کي خواب ۾ ڏٺو هئائين اهو ڦري سندس گذاري ويل والد جو اهو دوست نڪتو، جيڪو ايجان سوڏو اتي ٿي رهيو. اها نتيجا خيز شاهدي آهي ته نندپڻ ۾ هن انهن ٻنهي شخصن ۽ جاين کي ڏٺو هو.

هن خواب جي پڙ ان عورت جي خواب جيان اپهرائيءَ يا بي صبريءَ جي حوالي سان تشريح ٿيندي، جنهن جي ڪيسي ۾ موسيقيءَ جي پروگرام ڏسڻ جي ٽڪيٽ ٻڌي هئي يا ان ٻار جو خواب جنهن سان سندس پيءُ ٻئي ڏينهن "هامي آئو" گهمائڻ جو وعدو ڪيو هو. ڪنهن عمل يا مقصد واسطي اندر ۾ موجود نيت يا مراد جيڪا خواب ڏسندڙ جي بالڪپڻي جي خاص تاثر کي ٻيهر پيش ڪرڻ جي اڳواڻي ڪري ٿي، اها ڪنهن ٻئي احساس کي پيش نه ٿي ڪري سگهي، جنهن کي يقينن بنا تجزيي جي دريافت ڪري نه ٿو سگهجي.

ڪنهن شخص، جنهن منهنجون تقريرون ٻڌيون هيون ۽ اها ٻڌاڪ هنئي هئي ته ڪيس خواب چئيءَ ڇهه ماهيءَ ئي ڪنهن بگڙيل صورت ۾ نظر ايندا آهن، پر گهٽا ڏينهن نه ٿيا جو هن هڪڙو خواب ڏٺو ته "سندس پراڻو استاد، بستري تي ڪنهن گهر جي سار سنيال لهندڙ مائيءَ سان ستل آهي." جيڪو گذريل يارهن سالن کان سندن خاندان سان جڙيل هو. هن ان جاءِ جي نشاندهي به ڪئي، جتي ڪيس اهو منظر نظر آيو هو. دل ۾ اوراڪورا محسوس ڪندي هن پنهنجو خواب پنهنجي وڏي پاءُ کي ٻڌايو، جنهن ڪيس ڪلنديءَ ان سچ جي تصديق ڪئي، جنهن بابت هن خواب ڏٺو هو. سندس پاءُ کي پڪيءَ ريت ياد هو ان وقت هو ڇهن سالن جو هو. تڏهن پيار وندبيندڙن جي عادت هوندي هئي ته جڏهن به رات جو جنسي ميلاپ کان اڳ ۾، پنهنجي وڏڙن ٻارن کي جَوَن جو ست (Beer) پياري سمهاري ڇڏيندا هئا. نندپو ڇوڪرو (خواب ڏسندڙ) ان وقت ٽن سالن جو هو ۽ گهر جي سار سنيال واري مائيءَ سان ٻئي ڪمري ۾ ستل هو. جنهن سان سمهڻ ۾ ڪيس کا به رڪاوٽ ڪانه هوندي هئي. (وضاحت ايندڙ صفحن تي ڪيل آهي.)

هڪڙو ٻيو رستو به آهي، جنهن جي بنياد تي بنا ڪنهن تجزياتي مدد جي، خواب ۾ پيش ٿيندڙ نندپڻ جي مواد جي تصديق ڪري سگهجي ٿي. ان قسم جي خوابن کي "ٻيهر رونما ٿيڻ يا وقفي وقفي سان ظاهر ٿيڻ وارا" (Recurrent type)

چئبو آهي، جنهن لاءِ ائين چئي سگهجي ٿو تہ بالڪپڻي دوران اهو ڪڏهن ڏٺو ويو هو جيڪو جوانيءَ تائين وهمي وقفي سان پيو ظاهر ٿيندو آهي.[1] مان ڪجهہ اهڙن خوابن جا مثال شامل ڪرڻ جي قابل آهيان، جن کان مان واقف آهيان ۽ جيڪي منهنجي پنهنجي دفتر ۾ بہ درج آهن. جڏهن تہ انهن جو تجربو مون پنهنجي سر نہ ڪيو آهي. هڪڙي ٽيهارو سالن جي معالج ٻڌايو تہ: "سندس ننڍپڻ کان اڄ تائين سندس خوابن ۾ پيلي رنگ جو شينهن اکثر نظر ايندو آهي." جنهن کي اڪثر هڪ منٽ تائين بيان ڪرڻ جي بہ قابل هو. اهو شينهن سندس خواب کان علاوه هڪ پيري، چيني زيور جيان ڪيس جسماني صورت ۾ نظر آيو هو جنهن کي وساريندي بہ ڪيس عرصو ٿيو هو. ان شخص، پنهنجي ماءُ کان ٻڌو هو تہ ننڍپڻ ۾ اهو راندين ڪو ڪيس ڏاڍو وٺندو هو جڏهن هن کان پاڻ کان بہ اها حقيقت وسري وئي هئي.

جيڪڏهن هاڻي "خوابي متن" جي وضاحت کان "خوابي خيالن" ڏانهن رخ ٿا ڪريون جن جو تجزيو ايجان تائين رهيل آهي تہ اسان کي بہ بالڪپڻي جي تجربن جو خوابن ۾ پيش ٿيڻ تي واقعي حيرت ٿي آهي. چاڪاڻ تہ "جيئن" سمجهيو ٿو وڃي، انهن جو متن ڪنهن جي "تيئن" رهنمائي نہ ٿو ڪري، مان خاص طور پنهنجي ساڻيءَ جي پيلي رنگ واري شينهن جي ان قسم جي ڇاڻ ڏيندڙ مثال حي قبوليت جو پابند آهيان.

"نئن سين" (Nansen) جي قطبي مهم جي بيان پڙهڻ کانپوءِ هن خواب ڏٺو تہ:

"هو ڪنهن برفاني ميدان ۾ موجود آهي ۽ ڪنهن مهم جُو سورمي، سندس ان عصبياتي وَرَمَ جي حملي جو ڪيمياوي برقي رو واري انداز ۾ علاج ڪيو آهي، جنهن ۾ هو مبتلا هو." خواب جي تجزياتي سلسلي ۾ ڏٺو ويو تہ هن پنهنجي ننڍپڻ جي هڪ آڪاٿيءَ جو حساب لڳايو هو، جنهن اتفاق سان اڪيلي سر سندس خواب کي چٽو ۽ سمجهہ ۾ ايندڙ ٻڌائي ڇڏيو هو. جڏهن هو ٽن يا چئن سالن جو ننڍو ٻار هو تہ هڪ ڏينهن هن پنهن وڏن کان بري ۽ بحري سفرن ۽ ڪوجنائن جون ڳالهيون ٻڌيون هيون. تڏهن هن پنهنجي پيءُ کي گڏ وڃي وڃڻ لاءِ چيو هو. جڏهن تہ هو سخت بيمار هو. هن يقينن پنهنجا "سفر"، "عدم اطمينان" سان جوڙي، پاڻ کي مونجهاري ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هو ۽ سندس پائرن ۽ پينرن ڏٺو تہ هن ڪڏهن بہ اها جذباتي غلطي نہ وساري هئي.

اهو ساڳيو مثال هو جڏهن مان "مريم جي گل" جي جنس تي مشتمل مقالي واري خواب جو تجزيو ٿي ڪيو. مان جڏهن پنجن سالن جو هوس تہ پنهنجي والد جي ننڍپڻ جون يادون ٻڌي دماغ چرخ ٿي ويندو هو. تڏهن هن مون کي رنگين تصويرن وارو ڪتاب ڏنو هو جنهن کي مون ڦاڙي ڇڏيو هو. ٿي سگهي ٿو تہ اها ياد، خواب جي مضمون لاءِ ڪنهن صورت جي تعين ڪرڻ ۾ حقيقي طور حصو ونڊي هجي، يا ٿي سگهي ٿو تہ تنهن کانپوءِ، تجزيي جي عمل ڪنهن حد تائين لاڳاپو نہ جوڙيو هجي، پر ثابت ڪندڙ ۽ هڪ ٻئي سان ڳنڍيندڙ لاڳاپا، ٿي سگهي ٿو تہ اسان کي پراڻن متبادلن کي قبول ڪرڻ جي ضمانت ڏيندا هجن: "مريم جو گل" (Cyclamen): "منهنجو پسنديده گل" منهنجو پسنديده ڪاڏو: "اُٽ ڪتاريءَ جهڙو ٻوٽو"، جنهن جي چوٽيءَ تي گهاٽو ۽ ٽلهو گل ٽيندو آهي، جنهن کي سبزيءَ جي طور تي بہ استعمال ڪيو ويندو آهي (Artichoke)، اٽ ڪتاريءَ جيان پن پن ڪري، ان ڪتاب جا ڦاڻل ٽڪرا ڪٽڻ (پرزا پرزا ڪري ڇڏڻ جي حوالي سان چيني بادشاهت جو بہ هڪڙو جملو اسان جي ڪنن ۾ سڏائين پيو گونجندو آهي)، نبات خانو (Herbarium)، اڏوهي: جن جو وٽندڙ ڪاڏو ئي ڪتاب ڪائڻ آهي. گڏوگڏ مان پنهنجي پڙهندڙ کي يقين ڏياري سگهان ٿو تہ خواب جي قطعي يا بنيادي معني، جنهن کي مون اجان ظاهر نہ ڪيو آهي، اها بالڪپڻي جي منظر واري موضوع سان مضبوط ڳنڍيل آهي.

---

[1] ان ڏس ۾ ڪجهہ خيال ڏسو باب پهرين جي چوٽين حصي (جاڳڻ کانپوءِ سهنا وسري ڇو ويندا آهن؟) ۾، جيڪو رحم جي روگ جي تجزيي جي سلسلي ۾ ۽ "ڊورا" جي پهرين خواب جي گهٽن جزن جي ڪل ۾ امتزاجي ترڪيب.

خوابن جي پئي گروهہ جي معاملي ۾ تجزيو ڏيکاري ٿو تہ اصل "خواهش" جيڪا خواب کي چوري ٿي، ۽ ان جي "پورائي" جي، جيڪو خواب پيش ڪري ٿو اها نندپٽ مان ئي هلي اچي ٿي، اها ئي ڳالهہ اسان جي اچرج کائڻ جو سبب آهي تہ اسان ٻارڻ ٻار جي ان من اچل کي ٿا ڳولهيون جيڪا ايجان تائين سندس خوابن ۾ زنده آهي.

هن نڪتي تي مان هڪ پيرو پيهر خوابن جي ان تجزيي کي اڳيان رکندس، جيڪو اسان کي اڳ ئي ڄاڻ ڏيندڙ لڳو هو يعني منهنجي دوست "ري" جو خواب جيڪو منهنجي چاچي جي صورت ۾ نظر آيو هو. جنهن جي تشريح جي پوئواريءَ واري نڪتي ذريعي انهن مان هڪڙي مقصد جي چٽيءَ ريت شناخت ڪئي وئي هئي، تہ مون کي پروفيسر طور پرتي ٽيڙ جي خواهش هئي، ان حوالي سان اسان اهو مصنوعي رويو بيان ڪيو هو جيڪو خواب ۾ مون پنهنجي دوست "ري" جي لاءِ مخالفت جي پيدا ٽيڙ ۽ پنهنجي ٻن ساڻين تي لڳل بهتان جي بدلي وٺڻ سبب محسوس ڪيو هو. جيڪو خوابي خيالن ۾ شامل هو. هڪڙو منهنجو پنهنجو خواب، جنهن جي تجزيي کي ائين چوندي اڳتي ٿو وڌايان تہ اهو جنهن حد تي پهتو آهي، مان ايجان تائين پنهنجي انهيءَ حل تي مطمئن نہ آهيان. مان ڄاڻان ٿو تہ پنهنجي ساڻين مٿان، منهنجي جاڳ وارو فيصلو جيڪو خوابي خيالن ۾ تمام ڪمزور ۽ بلڪل ئي مختلف انداز ۾ استعمال ٽيو هو ۽ پرتيءَ جي معاملي ۾ منهنجي خواهش جي زور نصيب جو وند نہ ڪيو هو جيڪا منهنجي جاڳ ۽ خواب جي تخميني جي وچ ۾ اختلافي وضاحت مون کي نمايان طور تي اٽپوري ٿي لڳي. جيڪڏهن اهو واقعي سچ هو تہ مختلف عنوان سان ڏيان ڏيارڻ واري منهنجي خواهش، پڪ سان مضبوط هوندي تہ اها مرض جي ئي حوالي سان شديد خواهش جو اظهار هوندي، جيڪا مان پاڻ ۾ شناخت ڪري نہ سگهيس ۽ جنهن کي مان پنهنجي طور تي ڏاريو ٿي سمجهيو. مان چئي نہ ٿو سگهان تہ پيا ماڻهو جيڪي مون کي سيجاڻين ٿا، اهي ان ڏس ۾ مون کي ڪيئن ساڃاهي سگهندا. ائين ٿي سگهي ٿو تہ اصل ۾ مان پاڻ ئي خواهش مند هجان، پر جيڪڏهن ائين هو تہ منهنجي خواهش گهٽو اڳ پنهنجي معتبر ائپ ۽ پروفيسر جي رتبي کان بدلجي وئي هئي.

تہ پوءِ منهنجي خواهش جي اصليت ڪهڙي هئي، جنهن منهنجي اندر خواب کي جنم ڏنو؟ هن نڪتي تي مون کي هڪڙو قصو ٿو ياد اچي جيڪو مون پنهنجي نندپٽ ۾ بار بار ٻڌو هو. منهنجي جمڙ جي وقت هڪ پوڙهي هارياڻيءَ منهنجي ماءُ کي بشارت ڏني هئي تہ "تنهنجو پهريون ڄاول ٻار دنيا جا وڏو ماڻهو ٽيندو." ان قسم جون بشارتون گهٽو ڪري عام جام ٽيندڙ رهنديون آهن: جنهن جي ڪري ڪيترين مائرن تمام خوشگوار اميدن سان سرهاڻجي ويندڙ آهن، ۽ ڪيترين ئي پوڙهين هارياڻين يا ان قسم جون ڪي ٻيون عورتون، جيڪي موجود دنيا جي شين بابت وڃايل قوت کي مستقبل تي "ڏيان" ڏيڻ ذريعي بحال رکنديون آهن. اهڙي ڪنهن بشارت ڏيندڙ عورت کي پنهنجي انهن لفظن سان ڪو نقصان بہ تہ نہ ٿو ٿي سگهي.

تہ ڇا اهو منهنجي شان شوڪت جي طلب جو بنياد هو؟ پر ان ڳالهہ مون کي پنهنجي ابتدائي ٻاراڻي عمر جو هڪ ٻيو تجربو ياد ڏياري ڇڏيو، جيڪو ايجان بہ بهتر وضاحت مهيا ڪري سگهي ٿو. مان جڏهن يارهن يا ٻارهن سالن جو هوس منهنجي مائٽن کي عادت هوندي هئي تہ اهي مون کي پاڻ سان گڏ ويانا شهر جي ٻاهران واري مشهور باغ "راٽر" (Prater) ڏانهن وٺي ويندا هئا. هڪ ٻيري جڏهن اسان اتي جي هڪ ريسٽورنٽ ۾ ويٺا هئاسين تہ اسان جو ڏيان هڪ اهڙي شخص ڏانهن ڪجي ويو جيڪو هڪ ٽيبل کان ٻي ٽيبل ڏانهن پئي ويو ۽ ٿوري گهٽي گفتگو کانپوءِ هن کي موضوع ٽي ڏنو ويو ۽ ان تي هن هڪڙو شعر پئي جوڙي ورتو. مون هن کي پاڻ ڏانهن سڏرايو هن اسان ڏانهن اچڻ لاءِ ڏاڍي سرهائيءَ جو اظهار ڪيو. ان کان اڳ جو مان کيس کو موضوع ڏيان هن منهنجي پيٽا لاءِ چند سٽون لکي مون کي ڏنيون، ۽ هن نهايت اتساهہ وچان اظهار ڪيو تہ مان شايد وڏو ٽي ڪيبينيٽ جو وزير ٽيندس. مون کي ايجان تائين ياد آهي تہ ان ٻي بشارت منهنجي اندر ۾ کهڙو نہ وٽندڙ تاثر پيدا ڪيو هو. اصل ۾ اهو دور دباءُ پيدا ڪندڙ وچولي طبقي (Burger) واري وزارت جو هو.[1] ٿورو اڳ منهنجي والد وچولي طبقي جي چند

---

[1] 1867ع ۾ نئين آسٽريا جي آئين تحت چونڊيل وچولي طبقي واري قائم ٽيل حڪومت

پيشيور شخصيتن ("هربست" Herbst، گسڪرا" Giskra، "وانگر" Unger "برگر" Berger وغيره) جون تصويرن گهر آندیون هيون، ۽ سندن اعزاز ۾ انهن تصويرن سان اسان پنهنجي گهر کي سينگاريو هو جن ۾ ڪجهه يهودي به شامل هئا. ان وقت کان ڪيترائي ڪاروباري طور سرگرم اسڪولي چوڪرا، پنهنجي ٽيلهن ۾ ڪيبينيٽ وزارت جا ڪاتا ڪنيو ٽي هليا. ان ۾ شڪ نه آهي ته تنهن وقت جا واقعا ان حقيقت تي مبني هئا ته ان کان ٿورو اڳ ۾ مان قانون جي تعليم حاصل ڪرڻ جي خيال کان يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿيو هوس، پر ان ئي لمحي مون پنهنجو خيال تبديل ڪري ورتو هو ته وزارت جو پيشو ڪنهن علاج ڪندڙ ماڻهوءَ کي نه ڪٽڻ گهرجي، پر هاڻي موتي تا اچون پنهنجي خواب ڏانهن. اهو مون تي ان وقت آشڪار ٿيو ته منهنجو خواب مون کي اداس ڪندڙ پيشڪش کان موتائي، ڏاڍاءَ پيدا ڪندڙ وچولي طبقاتي وزارت جي ڀڪندڙ اميدن ڏانهن گهلي رهيو هو ۽ اها هئي اها خواهش جنهن، انهن ڏينهن جي خواهش کي پوري ڪرڻ جو سڀ طريقو ڳولهي ورتو هو. منهنجي ٻن پڙهندڙ ۽ خارج ٿيل ساٿين واري بدسلوڪيءَ جو رويو ان ڪري هو جو اهي يهودي هئا، جن مان هڪ بيوقوف هو ته ٻيو مجرم هو ۽ مان انهن سان اهڙو رويو اختيار ڪيو جڙ مان وزير هوس، مون پاڻ کي وزير واري عهدي تي رکيو. انتقام جي باهه ۾ بادشاهه سلامت جي ميزن کي اونڌو ڪري چڏيو هن مون کي غير معمولي قسم جي پروفيسر طور پرتي ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ مون به خواب ۾ جهڙي ڪرٽي تهڙي پرٽيءَ جي بنياد تي رويو اختيار ڪيو هو جو ڪيس جوتي جي نوڪ تي رکيو هو.

هڪ ٻئي واقعي ۾ اهو واضح هو ته جنهن خواهش، خواب کي چوريو هو اهو حالانڪ ويجهن ڏينهن منجهان هو، پر اهو يادگيرين مان ايترو ته زوردار ۽ اضافي قوت سان آيو هو جنهن نندپڻ جي يادن تائين پاڻ پکيڙي چڏيو هو. منهنجو دماغ، سپنن جو مجموعو آهي، جنهن جو بنياد "روم" اچڻ واري آرزو تي ٻڌل آهي، گهٽي وقت کان اچي رهڻ، ٻيڪ مان پنهنجي سپنن جي ذريعي ان آرزو مان مطمئن رهڻ لڳو هوس: سال جي جنهن موسم ۾، مون لاءِ سفر ڪرڻ ممڪن هو انهن ڏينهن ۾ مان پنهنجي صحت جي ڪري "روم" ۾ رهڻ کان لنوايو پئي.[1]

مثال طور مون هڪ پيري خواب ڏٺو ته "سامان کي هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تي پهچائڻ واري ريل جي دريءَ مان، مون "طبر" (Tiber) ۽ پونتي سينت اينگلو" (Ponte Sant Angelo) کي پئي ڏٺو. ريل هلڻ بند ڪيو ۽ مون کي اهو نظر آيو ته منهنجا پير ان شهر ۾ درست طور تي جميل نه آهن." خواب ۾ جيڪو منظر نظر آيو اهو اهو مشهور نقش نگار هو جيڪو مان هڪ ڏينهن اڳ ۾ پنهنجي هڪ مريضه جي گهر جي ٻيڪ ۾ ٽهيل ڏٺو هو.

"ٻئي پيري ڪنهن شخص مون کي مٿي ٽڪر تي چڙهڻ ۾ مدد پئي ڪئي، جنهن مون کي ڏنڊ ۾ ويڙهيل "روم" ڏيکاريو حالانڪ اهو مون کان تمام گهڻو پري هو مگر مان بلڪل چٽو ڏسي رهيو هوس"، ان خواب ۾ ٻيو به گهڻو مواد آهي، جنهن جي تفصيلي احوال لکڻ لاءِ مان سوچي ته رهيو آهيان، پر اهڙو واعدو ڪرڻ ظاهري طور ڏاڍو مشڪل ٿو لڳي.

ڏنڊ ۾ ويڙهيل شهر جيڪو مون ان طريقي سان پهريون دفعو ڏٺو اهو بلڪل "لوبيڪ" (Lubeck) جهڙو هو ۽ ٽڪر، "گليشن برگ" (Gleichenberg) هو.[2]

ٽئين خواب ۾ مان آخري پيرو "روم" ويو هوس، ۽ اهو مون کي خواب ئي ٻڌايو هو، پر مان ان منظر کي ڳولهڻ ۾ ڏاڍو مايوس ٿيو هوس، جيڪو شايد ڪنهن ڳوڻٽي نوع جو هو: "اهو ڪاري پاٽيءَ جو سوڙهو وهڪرو هو، جنهن جي هڪ طرف ڪاري ساموندي ڪناري واري ٽڪري هئي ۽ ٻئي طرف چراگاهه هو، جنهن ۾ واڌا اڇا گل هئا، مون "هير زوڪر" (Herr Zucker) کي ڏٺو جنهن کان مان ٿورو گهڻو واقف هوس، مون ڏانهس رخ ڪري شهر ڏانهن ويندڙ رستو پڇيو."

---

[1] 1909ع ۾ شامل ڪيل: مان گهڻو اڳ ڄاڻي چڪو هوس ته جيڪي خواهشون پوريون نه ٿيندیون آهن انهن جي پورائي لاءِ ٿوري همت جي ضرورت هوندي آهي. 1925ع ۾ شامل ڪيل: ان ڪانپوءِ نتيجي ۾ مون مسلسل روم جي زيارت پئي ڪئي.

[2] آسٽريا ۾ "آسٽرين معدني چشمو" (Spa) جيڪو گراز" (Graz) کان گهڻو پري نه آهي.

مان پنهنجي خواب ۾ انهيءَ شهر جي ڏسڻ لاءِ بلڪل اجائي ڪوشش پئي ڪئي، جنهن کي مون جاڳ جيون ۾ اڳ ڪڏهن ڏٺو ئي ڪو نہ هو. خواب ۾ نظر آيل نظاري جي عنصر جو چيد ڪندي مان ڏسان ٿو تہ "ايڇا گل مون کي "راوينا" (Ravenna) [اٽليءَ جي گاديءَ جي هنڌ سبب علحده ڪيل روم] وٺي تا وڃن. جتي مان ٿوري وقت لاءِ ويو هوس. راوينا جي چوڌاري ڏهڙ جي ڪاري پاڻيءَ تي بينل ايڇا گل ڏاڍا سهڻا ٿي لڳا. جيئن تہ ان پاڻيءَ مان انهن کي پٽڻ اسان لاءِ مشڪل هو تہ خواب. اسان جي پاڙ سان پيار واري ڪيفيت (Narcissi) انهن گلن کي اسان لاءِ چراگاهہ ۾ ڦٽل صورت ۾ پيش ڪيو. سامونڊي ڪناري واري ڪاري ٽڪري تاءَ جي ايتري تہ ويجهو هئي. جو مون کي "ڪارلس باد" (Karlsbad) جي ويجهو زندگيءَ سان ڀرپور وادي "تيپل" (Tepal) جي ياد ڏياري ڇڏي. جڏهن مون "هير زوڪر" جو رستو پڇيو تہ "ڪارلس باد" مون ۾ ان انوکي تفصيل جي وضاحت ڪرڻ جو تجسس پيدا ڪيو ۽ ان مان اهو مواد جنهن کي خواب. ان نڪتي تي پنهنجي اٽت ۾ شامل ڪيو اهي يهودين جون ۽ مزاحيہ حڪايتون هيون جن جو مواد گهڙو اونهو ۽ خاص ڪري ذهانت جي لفظن سان ڀريل آهي. جنهن کي پنهنجي ڳالهائڻ يا لکڻ ۾ حوالي طور استعمال ڪندي اسان ڏاڍو لطف حاصل ڪندا هئاسين. جن مان پهرين حڪايت آهي: "آئين" (Constitution) . هڪڙو مفلس يهوديءَ پاڻ کي بنا ٽڪيٽ هڻڻ جي ڪري "ڪارلس باد" ڏانهن ويندڙ تيز گام ريل جي مال واري ڏبي ۾ وڃي لڪو هو پر هر اسٽيشن تي پڪڑجي ٿي پيو ۽ بار بار ڪانئس ٽڪيٽ جي پڇا ڪئي وئي پر نيٽ ٽڪيٽ جي نہ هجڻ سبب ڪيس ريل مان لاهي مٽس تمام گهڻي سختي ڪئي وئي. "ڊولوروسا" واري رستي تي پوندڙ هڪڙي اسٽيشن تي ڪيس کي واقفڪار ملي ويو جنهن پڇيس تہ "ڪيڏانهن ٿو وڃين؟"، چيائينس: "ڪارلس باد ڏانهن. پر جيڪڏهن منهنجو "آئين" هليو تہ."

منهنجو ڏيان ٻيءَ حڪايت ڏانهن ڪجي ويو: "هڪڙو يهودي هو جنهن کي فرانسيسي زبان ڳالهائڻ نہ ايندي هئي. اهو جڏهن فرانس ۾ هو تہ ڪيس ڪنهن ڪيس چيو تہ هو ريو ريچيليو" (Rue Richelieu) جو "رستو پڇي" اچي."

فرانس ۾ سالن کان منهنجي شديد خواهش جو مرڪز رهيو هو ۽ اهو نهايت راحت ڏيندڙ احساس هو جڏهن مان ان جي زمين تي پهرين قدم رکيو هو جنهن ۾ مون کي اها ضمانت نظر پئي آئي تہ منهنجون ٻيون خواهشون ۽ ضرور پوريون ٿيندڙيون. "رستي پڇڻ" وارو معاملو لڳيڇگ سڏو سنواٽو "روم" جي تصور سان جڙيل هو. اها ڳالهہ مشهور آهي تہ ان جا سڀ رستا رهنمائي ڪندڙ آهن. باقي نالو "زوڪر" يعني ڪنڊ (Sugar) ۽ "ڪارلس باد" جي تصور سان واڳيل آهي. اسان گهڙو ڪري ڏيابيطس (Diabetes) جي مريضن جي علاج دوران اهو لفظ استعمال ڪندا آهيون.[1] خواب کي ايارينڊڙ خيال اصل ۾ برلن ۾ منهنجي دوست جو تيار ڪيل منصوبو هو تہ "اسان" اينڊڙ ايسٽر[2] تي پيراگ" ۾ ضرور ملنداسين." جتي اسان کي ڏيابيطس جي سلسلي ۾ وڌيڪ بحث مباحثو ڪرڻو هو.

چوٽون خواب. جيڪو پوئين خواب کان هڪدم پوءِ نظر آيو هو جنهن مون کي هڪ پيرو ٻيهر "روم" ڪٽي آندو هو. "مون پنهنجي سامهون هڪ گهٽيءَ جي ڪنڊ ڏٺي. جتي جرمني زبان ۾ ڪيترا ئي پوسٽر چنبڙيل ڏسي حيران ٿي ويس. هڪ ڏينهن اڳ ۾ مان پنهنجي هڪ دوست کي اڳڪٿي لکي هئي. جنهن ۾ ڪيس لکيو هو تہ "ٽي سگهي ٿو تہ "پيراگ" جرمنين جي هلڻ ڦرڻ لاءِ مناسب جاءِ نہ آهي." اهڙيءَ ريت خواب ساڻگئي وقت ان خواهش جو اظهار ڪيو تہ ساڻس "بوهيمن" شهر بجاءِ "روم" ۾ ملجي. اها خواهش شايد منهنجي شاگرديءَ واري زماني ڏانهن لڙي وئي هئي تہ "پيراگ ۾ ٽي سگهي ٿو تہ جرمني زبان کي بهتر انداز ۾ قبول ڪيو وڃي. اتفاق سان مان پنهنجي ابتدائي عمر ۾ چيڪو سلويا جي زبان (Czech) سمجهندو

---

[1] ڏيابيطس (Diabetes) جي لاءِ جرمني زبان ۾ لفظ آهي: "زوڪر ڪرانخيت" (Zukerkrankheit).

[2] عيدالفصح (حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي ٻيهر جيئري ٿيڻ وارو سالياڻو جشن) عيسائين جو مبارڪ ڏينهن جنهن موجب تصور آهي تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام ٻيهر جنم ورتندو. (ب.م)

هوس. انڪري جو مان موراويا جي ننڍي شهر ۾ ڄائو هوس. جنهن ۾ سلافي قوم[1] جي آدمشماري هئي. ۽ چيڪ زبان جا ٻاراڻا ٻول مون پنهنجي سترهن سالن جي عمر تائين ٻڌا هئا. جيڪي منهنجي يادن جي ڦرهيءَ تي ايڪريل آهن. جن کي مان اڄ به ورجائي سگهان ٿو. حالانڪ انهن جي مطلب بابت مون کي ڪو به وهم نه آهي. ان ريت منهنجي ابتدائي ٻاراڻي عمر سان ڳانڍاپي ۾ ۽ خود انهن خوابن ۾ به ڪٿي ڪا ڪمي ڪا نه آهي. ٻين جاين سان گڏ اتليءَ جي آخري سفر تي مان پوبان "راسميني ڊنڊ" ڏانهن به ويو هوس. جڏهن مان "روم" کان اتڪل پنجاهه ميلن جي مفاصلي تي هوس. مون اهو رستو ڳولهي ورتو هو جنهن ۾ لافاني شهر لاءِ منهنجون خواهشون. منهنجي جوانيءَ جي احساسن جي ذريعي اضافي قوت سان ٽمٽار هيون. مون منصوبو پئي سوچيو ته ٻئي سال مان "روم" وڃڻ بجاءَ "نيپلس" (Naples) جو سفر ڪندس. جڏهن اهو جملو مون تي ظاهر ٿيو جيڪو يقينن مون کنهن قديم ليکڪ جي ليک مان پڙهيو هو[2]. روم وڃڻ جي منصوبي تيار ڪرڻ کانپوءِ اڳتي وڌڻ ۽ سندس وڏي ٻي صبريءَ وچان ان جي اپياس ڪرڻ وارن ٻنهي معاملن تي بحث ٿي سگهي ٿو "ونڪل مان" وائيس پرنسيپال يا "هني بال" (Hannibal) هٿيار بند فوج جو سربراهه (Commander in Chief)؟ مان دراصل "هني بال" واري نقش قدم تي هلي رهيو هوس. ان جيان مون پنهنجي قسمت جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته "روم" نه ڏسندس. ۽ هو به "ڪمپانا" (Compagna) هليو ويو هو. جڏهن هر ڪنهن کي اميد هئي ته هو "روم" ايندو. پر "هني بال"، جنهن سان مان پاڻ کي مشابهت ڏي رهيو هوس. چاڪاڻ ته هو اسڪول واري زماني ۾ منهنجو پسنديده شخص هو. ان عمر جي ٻين ٻارن وانگر جنگ ۾ منهنجي همدردي رومن بجاءِ پيوني (Punic) باشندن سان هئي. پر اها به سخت قسم جي شرطن تي[3] ۽ وڏن ڪلاسن ۾ مان پهريون پيرو جڏهن اهو سمجهڻ لڳو هوس ته ڏاري قوم سان وابستا هجڻ جو مقصد ڇا آهي ۽ ٻين شاگردن جي وچ ۾ سامي قومي احساس جي مخالفت مون کي هوشيار ۽ خبردار ڪندي هئي ته مان هڪ ڏينهن ضرور سڀني رتبي تي پهچندس. تڏهن کان سامي قومي گلن جي خوشبو منهنجي ساهن ۾ سمايل آهي. منهنجي جوانيءَ واري دماغ. "هني بال" ۽ "روم"، يهودي ڪٽرپڻي ۽ بي تعصب ڪليسائي اداري جي وچ ۾ اختلاف کي علامت بڻايو ۽ سامي نسل خلاف تحريڪ جي اثرن سبب ان معاملي جي "اهميت" وڏي وئي هئي. ۽ انهن ابتدائي ڏينهن جي احساسن ۾ اسان جي جذباتي لڳاءَ ۾ مددگار ثابت ٿي ۽ خيالن ۾ رلمل ٿي وئي هئي. اهڙيءَ ريت "روم" ڏانهن وڃڻ جي خواهش منهنجي سپنن جو سنسار بڻجي وئي هئي. چمڙا پوشي (Cloak) ۽ علامت (Symbol) منهنجي مزاج کي تيز ڪندڙ ٻين به ڪيترين خواهشن سان سلهاڙيل آهي. ڪنهن ڳالهه لاءِ اتساهڻ جو احساس. محفوظ ڪرڻ جي پنهنجي سموري سگهه ۽ قارطاجنائي جي يڪسوئي. حالانڪ ان وقت جيئن "هني بال" جي "روم" ۾ داخل ٿيڻ جي آخري خواهش هئي. تيئن قسمت هڪ ننڍڙي پاسخطري ڪندي نظر ٿي آئي.

ان حوالي سان منهنجي جوانيءَ واري ان واقعي جي خلاف پرورش ٿي. جنهن جي قوت اڄان تائين انهن جذبن ۽ سپنن ۾ نظر ٿي اچي. مان ان وقت ڏهن يا ٻارهن سالن جو هوس. جڏهن منهنجو والد مون کي پاڻ سان گهمائڻ وٺي ويندو هو ۽ سندس ڳالهين منجهان مون تي شين ۽ دنيا متعلق سندس خيال آشڪار ٿيندا هئا. تڏهن اهڙي ڪنهن موقعي تي هن مون کي اهو ڏيکارڻ لاءِ هڪڙي ڪهاڻي ٻڌائي هئي ته "جڏهن مان (منهنجو والد) جوان هوندو هوس. تن ڏينهن ۾ شيون ڪيتريون نه سٿيون هونديون هيون." هن چيو. "اهو چنڊچر جو ڏينهن هو جو مان تنهنجي جمڻ واري جاءِ تي گهمڻ ويو هوس. مون کي سنا ڪپڙا پهريل هئا. مٿي تي نئون فر جو ٽوپ پاتل هو. اوچتو هڪڙو عيسائي آيو ۽ مون کي ڏڪ هٽي منهنجو ٽوپ لاهي گپ ۾ اڇلائي ڇڏيو

---

[1] پولستاني نسل جيڪو ڪڏهن اوير. ڏکڻ ۽ وچ يورپ ۾ پکڙجي ويو هو.

[2] 1925ع ۾ شامل ڪيل حاشيو: اهو ليکڪ جين پال سارتر (Jean Paul Sartre) هو. (سندس روم وڃڻ واري گفتگو ارڙهين صديءَ جي قديم آثار شناسيءَ جي بانيءَ "ونڪل مان" (Winckelmann) جي زندگيءَ ۾ وڏي تبديلي آندي هئي.

[3] جيئن سامي نسل وارين (پيوني Punic يا قارطاجنائي Carthaginian) جنگين جي نتيجي ۾ رومين. قارطاجنا شهر کي نيست نابود ڪرڻ کانپوءِ زوريءَ امن قائم ڪيو هو.

چوڙ لڳو: "او يهودي رستي تان هٽي وڃ." "پوءِ تو چا ڪيو؟" مون پڇيو. "مون وڏي وڃي ٽوپ ڪنيو ۽ رستو ڇڏيو هليو ويس." هن چيو. ڪنهن وڏي جو ٽوپ لاهي اڇلائڻ، مون کي جڙ اٽوٽندڙ عمل لڳو. هڪ مضبوط ماڻهو ۽ سندس هٿ جهلي هلندڙ هڪڙ ننڍڙو ٻار..... مان ان صورتحال کي ڪنهن ٻي صورتحال سان پيٽڻ لڳس، جنهن منهنجي احساسن کي بحال ڪري ورتو. اهو منظر، جنهن ۾ "هني بال" جي والد "هملڪر برڪا" (Hamilcar Barca) [1]، پنهنجي ٻار کي پنهنجي ڪٽنب جي سامهون قسم ورتو هو ته رومين کان پلاند ونڻ لاءِ ڪيس قرباني ڏيڻي پوندي. ان وقت کان هيل تائين "هني بال" منهنجي تصور جي دنيا ۾ براجمان آهي.

مون کي يقين آهي ته مان ان "قارطاجنائي فوجي سربراهه" بابت پنهنجي اندر جي ولولي کي، هڪ قدم پوئتي پنهنجي ننڍپڻ مان ڳولهي ونڊس: ته جيئن هڪ پيرو ٻيهر انهيءَ بدل سدل جو رڳو اهو سوال پيدا ٿي سگهي ٿو جيڪو پهرين کان ئي هڪ نئين موضوع سان جذباتي تعلق جي صورت کي جوڙي وڻي ٿو. مطالعي جي ابتدا ۾ مون جيڪو پهريون ڪتاب پڙهيو هو اهو "ٿاير" (Thaier) جو "قونصل جو عهدو ۽ مملڪت جي تاريخ" (History of Consulate and Impire) هو. مون کي اڃان تائين ياد آهي ته مان ڪائيءَ جي ٽهيل سپاهين جي پٽين تي نيپولين جي فوجين جا نالا لکندو هوس. ۽ ان وقت منهنجي پسند جو واضع سپاهي "مسينا"، (يا يهودي لهجي وارو نالو مانسيه) هو.[2] ان ۾ شڪ نه هو ته اها اهميت به جزوي طور تي ان حقيقت ذريعي واضع ٿئي ٿي ته اتڪل سَوَن سالن ڪانپوءِ، هنجي جمڙ جو ڏينهن به ساڳئي منهنجي جنم ڏينهن تي ٿئي آيو.[3]

خود "نيپولين" به سئنزرلينڊ جي اونچي پهاڙي سلسلي کي پار ڪرڻ لاءِ "هاني بال سان صف بندي ڪئي هئي ته جيئن هو ٻئي اها اونچائي پار ڪري سگهن. ٿي سگهي ٿو ته ان فوجي آدرش جي ارتقائي صورتون پڻ منهنجي ننڍپڻ مان ڪجهه وڌيڪ ليپي پون: ان وقت جڏهن مان ٽن سالن جو هوس ته هڪڙي چوڪري سان مان نهايت گهرو هوندو هوس، پر ڪڏهن دوستي ته ڪڏهن جنگ واري حالت هوندي هئي، هو مون کان هڪ سال وڏو هوندو هو ۽ خواهشون: اسان ٻنهي گڏ کيڏندڙ ساٿين مان ڪمزور ساٿيءَ جي تعلق ۾ "مسئلي يا مصيبت" کي وڌائڻ واريون ثابت ٿيندڙ هيون. (هن جو مڪمل احوال اڳتي باب پنجين (خواب جي ڪم) ۾ ڏسو).

ڪا "اونهي ڳالهه" خواب جي تجزيي کي ساڻ ڪٽندي آهي، جا گهٽو ڪري ننڍپڻ جي تجربن مان رستو ناهي ايندي آهي ۽ اها ئي ان خواب جي بنيادن ۾ ڳجهي مواد جو ڪردار ادا ڪندي آهي.

اسان پهرين به (باب پهرين جي حصي ٻئي ۾) ڏسي آيا آهيون ته خواب، يادگيرن کي ان صورت ۾ ٻيهر ورلي ٿي پيش ڪندو آهي، جيڪو بنا ڪنهن اختصار يا مخفف ۽ ترميم جي، سندس سموري مواد جي وضاحت کي تشڪيل ڏيندو هجي. جيتوڻيڪ ان ڏس ۾ ڪي يقيني مثال به ملن ٿا: ان حوالي سان مان پنهنجي ننڍپڻ جي منظرن جا ڪجهه وڌيڪ مثال پيش ڪري سگهان ٿو. منهنجي هڪڙي مريضه جي خواب ۾ ٻيهر ۽ صفا ڇٽو پٽو جنسي واقعو پيش آيو جنهن جي شاخت به سندس حقيقي يادگيرين مان ٿئي ٿي، ان واقعي جي يادگيري يقينن سندس جاڳ واري حالت ۾ مڪمل طور تي متجي ڪا نه وئي هئي، پر اهو اڃ ڇٽو ٿي ويو هو پر ان جي ٻيهر پيش اچڻ، ان تجزيي جو نتيجو هو جنهن تي هڪ ڏينهن اڳ ۾ ڪم ڪيو ويو هو. هوءَ جڏهن ٻارهن سالن جي هئي ته هڪ دفعي پنهنجي هڪ اسڪولي دوست جي گهر گهمڻ وئي هئي. جيڪو بستري تي ستل هو. بعد ۾ شايد اتفاق سان هن پنهنجي ڪپڙا لاهي ڇڏيا، جنهن تي هن به ناقابل مزاحمت نفسياتي خواهش تحت پنهنجا ڪپڙا لاهي ڪيس جهلي ورتو. سندس دوست ڏانهس غصي ۽ عجب وچان نهاريو ۽ جذبات ۾ اچڻ بجاءِ پريشانيءَ وچان پاڻ ڇڏائي

---

[1] 1909ع ۾ شامل ڪيل: پهرين شماري ۾ مون غلطيءَ وچان سندس نالو "هسڊروبل" (Hasdrubal) لکيو هو. جنهن غلطيءَ بابت وضاحت مون "روزمرهه زندگيءَ جو نفسياتي علاج" (1901ع) جي ڏهين باب، ص: 276_7 تي ڪئي آهي.

[2] 1930ع ۾ شامل ڪيل: اتفاق سان شڪ فوج جي يهودي اصليت تي ٿئي پيا.

[3] هي ست 1914ع ۾ شامل ڪيل آهي.

ورتو. "اهو منظر وري اڪل ٽيويهن سالن کان پوءِ بلڪل انهيءَ تفصيل ۾ ساڳئي احساس سان سندس خواب ۾ نظر آيو هو پر ان ۾ ٿوري ترميم ٽيل هئي ته خواب ڏسندڙ پاڻ کي متحرڪ ڏسڻ بجاءِ غير متحرڪ حالت ۾ ڏٺو ۽ ان ڇوڪري بجاءِ هن هاڻوکي زندگيءَ جي ڪنهن همعصر شخص جي صورت ڏٺي." (ڏسو پڙ باب پنجين جي حصي ٻئي "خوابن جي ٻ' اد ۾ هالڪپٽي جو مواد")

اها حقيقت آهي ته اصولي طور نندپڻ جا منظر ئي تصور جي ذريعي، خواب جي متن ۾ مواد جي نمائندگي ڪندا آهن، ۽ اهي اهڙي انداز سان ايندا آهن جن کي خواب جي تجزيي ذريعي آساني‌ءَ سان سمجهي سگهجي ٿو. اهڙا واقعا، جيڪي جڏهن محفوظ ٿيندا آهن ته پاڻ سان گڏ ڪو مضبوط وسيلو نه کڻي ايندا آهن. اصولي طور هيل تائين، نندپڻ جي انهن ظاهر ٿيندڙ تجربن بابت ڪا به شاهدي موجود نه هوندي آهي. اهي جيڪڏهن تمام گهڻي ابتدائي عمر جا هوندا آهن ته اهي يادگيرين جي حوالي سان سڃاڻپ ۾ گهٽ ايندا آهن. خوابن مان هالڪپٽي جي انهن تجربن جي انومان ظاهر ٿيڻ مان ڪنهن عام قسم جو جواز ڪيڏو نفسياتي تجزيي جي انهن سمورن عنصرن کي استعمال ۾ آڻڻ ذريعي ممڪن ٿي سگهي ٿو جيڪي باهمي طور ۾ گڏيل مفاد جي ڪري خاص جزن يا عنصرن تي ٻڌل هجن ۽ اهڙيءَ ريت ئي اهي يقين ڪرڻ جوگا ثابت ٿي سگهن ٿا. جيڪڏهن هالڪپٽي جي تجربن بابت نڪتل ڪجهه انومان، خواب جي تشريح جي خيال کان، انهن جي مضمون مان چورائي محفوظ ڪريان ته ٿي سگهي ٿو ته اهي ڪو ٻيو تاثر پيدا ڪري نه سگهن، حالانڪ ائين ڪرڻ کان مون کي ڪو روڪي نه ٿو سگهي پر مون ته اڳ به ڪڏهن اهڙي سطحي تشريح تي ٻڌل مواد پيش نه ڪيو آهي.

الف

منهنجي هڪ مريضه جا سمورا سپنا سندس ئي تيز رفتار طبيعت تي ٻڌل هئا: هوءَ ڪٽي پهچڻ لاءِ تمام گهڻي تيزيءَ سان ويندي هئي ته متان ريل نه ڇٽي وڃي. هڪڙي خواب ۾ هن ڏٺو ته: "هڪ ڪنهن ساهيڙيءَ جي سڏ تي وڃي رهي آهي. ڪيس ماءُ ڇيو: ته ڪا ٽڪسي ڪري وڃجانءِ، پنڌ نه وڃجانءِ." پر هوءَ ڪنهن سواريءَ تي وڃڻ بجاءِ پنڌ وڃڻ لڳي ته ڪري پئي."

تجزيي ۾ جيڪو مواد سندس يادگيرين جي رهنمائي ڪندي سامهون آيو اهو ساڳيو تڪڙ ڪرڻ بابت هو. جيئن ڪو بار گوڙ شور ڪندي ڪيڏندو ۽ نچندو ٽپندو آهي. (توهان کي خبر آهي ته "وينسي" (Vennese) "اپني هيز" (Eine Hetz) کي چا سڏندي هئي. [چتي، چرين وانگر ڊوڙندڙ] هن خاص خواب جي ڪري هڪڙو مشهور بار ٽوپول ذهن تي تري آيو آهي ته: **"ڊگو تيسيتائين پئي ڊوڙيو جيسيتائين ترڪي ڪري نه پيو."** اهو جملو به ايترو ته تڪڙو ۽ هڪ آواز ۾ گڏجي چئبو آهي جو ٻڌندي به ٻيهودو لڳندو آهي. حقيقت ۾ اها به هڪ قسم جي تڪڙ ئي آهي. اهي سموريون معصوم ڏڙون، پاڻ جيڏين سان کيڏڻ ڪڏڻ به ياد ايندو رهندو آهي، چاڪاڻ ته اهو به ٻين گهٽ معصوميت وارين ڳالهين جي جاءِ والا رينڊو آهي.

ب

هتي هڪ ٻي مريضه جو خواب پيش ڪجي ٿو: "هوءَ هڪ وڏي ڪمري ۾ موجود آهي جتي هر قسم جون مشينون ٻيئل آهن، جنهن کي ڏسندي کيس لڳو پئي جڙ ڪو هڏين جوڙڻ وارو (Orthopadic) ادارو هجي. هوءَ چوي ٿي ته وتس وقت نه آهي، هڪدم سندس علاج ڪيو وڃي، ساڳئي وقت پنج ڇٽا ٻيا به موجود هئا. هن اُن لاءِ کين منع ڪيو ۽ بستري تي به سمهڻ انڪار ڪيو. جيتري قدر به ٿي سگهي، اڳ ۾ منهنجو علاج ڪريو هوءَ ڪنڌ ۾ وڃي ٻيني ۽ مون کي چوڻ لاءِ منهنجو انتظار ڪرڻ لڳي ته چا اهو سچ نه آهي، ساڳئي وقت ٻيا مٽس ڪلڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا ته هن جو حمايت حاصل ڪرڻ جو اهو ئي طريقو آهي." ساڳئي وقت جيتوڻيڪ هن کيترائي ننڍا ننڍا گول دائرا ٿي ناهيا."

هن خواب جو پهريون حصو علاج ۾ مون ڏانهن منتقل ٿيڻ بابت آهي. ٻيو حصو نئينپڻ جي منظر جي ڪنايي تي مشتمل آهي. ٻئي حصا وري بستري جي ذريعي پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن.

هڏين جي جوڙڻ واري اداري بابت مون اڳ ۾ به نشاندهي ڪئي هئي. جنهن ۾ مون علاج ڪي. ان جي طوالت ۽ ان جي فطري هڪجهڙائيءَ سان پيتيو هو. مون جڏهن سندس علاج شروع ڪيو هو ته مون ڪيس نهايت پنهنجائپ سان چيو هو ته مون وٽ هن لاءِ ايترو وقت نه آهي. جڏهن ته روزانو پورو ڪلاڪ مان ڪيس ڏيندو هوس. جنهن سندس پراڻي احساس کي اپاري ورتو هو. جيڪو گهٽو ڪري ٻارن جي ڪردار ۾ زناني جسماني بيماري "رحم جي روگ" (Hysteria) جهڙي اهم ترين وصف هوندي آهي: اهي پيار حاصل ڪرڻ لاءِ نهايت بي صبر ۽ لالچي هوندا آهن. منهنجي مريضہ پنهنجي خاندان جي ڇهن ٻارن مان سيني کان ننڍي هئي. (ان کري: ساڳئي وقت پنج ڇٽا ٻيا به موجود هئا) ۽ پنهنجي ٻيءَ کي پياري به هئي. پر پوءِ به هن کي اهو احساس هو ته سندس پيار ڏيندڙ ٻيءَ ڏانهس گهٽ ڏيان ڏئي رهيو آهي. "۽ مون کي چوڻ لاءِ منهنجو انتظار ڪرڻ لڳي ته ڇا اهو سچ نه آهي." جو تعلق به اصل حقيقت سان هو. ڪنهن درزيءَ جي ڪم واري نئينڙي چوڪري کيس ڪپڙا آڻي ڏنا هئا ۽ هن ان سيني جا کيس پئسا ڏنا هئا. پوءِ هن پنهنجي مڙس کي چيو هو ته جيڪڏهن چوڪري کان پئسا گهر به ٽي ويا ته هوءَ کيس ٻيا پئسا ڏئي ڇڏيندي. جنهن تي سندس مڙس کيس چڙ ڏيارينڙ جملو چيو هو (خواب ۾ مڙس کلڻ لڳا. هن جو بار بار پڇڻ ۽ مون کي چوڻ لاءِ منهنجو انتظار ڪرڻ لڳي ته ڇا اهو سچ نه آهي). اهڙي صورت ۾ اهو انومان ممڪن آهي ته خواب جي ڳجهي مواد ۾ سندس اهو خيال هجي ته جيڪڏهن مان کيس ٻيهر به وقت ڏيندس ته هوءَ مون کي پئسا به ٻيهر ڏيندي. هڪڙو خيال. جنهن ۾ هوءَ ڪجهہ حريص يا ڪجهہ فحش پئي لڳي. (ننڍپڻ واري گندگي. خوابن ۾ گهٽو ڪري پئسي جي لالچ جي صورت ۾ جاءِ والاريندي آهي ۽ ٻنهي جي وچ ۾ جنهن لفظ جو تعلق آهي اهو آهي "فحش يا گندو").[1] جيڪڏهن ان پوري جملي (مون کي چوڻ لاءِ انتظار ڪرڻ) کي خواب ۾ ڪنهن خيال جي اظهار لاءِ ضرورت کان وڌيڪ لفظ استعمال ڪرڻ جو ارادو لفظ "فحش يا گندي" لاءِ آهي ته سندس "ڪنڌ ۾ بيهڻ ۽ بستري تي نہ سمهڻ". سندس ننڍپڻ واري منظر جي انتخاب ۾ مدد ڏيڻ واري صورت ۾ بلڪل پورو ٽوا چي: هڪڙو منظر جنهن ۾ هوءَ پاڻ کي پلنگ سان ٻڌي سزا طور ڪنڌ ۾ بيهي رهي هئي. ۽ سندس احتجاج اهو هو ته سندس ٻيءَ ساٿس پيار نہ ٿو ڪري. جنهن تي سندس پائر ۽ پينرون مڙس کليا ٿي. ننڍا گول دائرا سندس ننڍڙپائڻيءَ سان وابستا هئا. جيڪا انگي حساب جا ڪرتب ڪندي نَوَن دائرن کي ترتيب ڏئي کيس ڏيکاري رهي هئي. (مون کي يقين آهي ته اها ڳالهہ درست آهي) جن جي جوڙمان هر پاسي کان پندرهن جوانگ ٿي آيو.

ب

هڪڙي شخص هن ريت خواب ڏٺو: "هن ڪنستر ٺاهيندڙ جي ٻن چوڪرن کي پاڻ ۾ وڙهندي ڏٺو فيصلي لاءِ زمين تي هٿ وارا کي اوزار به رکيل هئا. هڪڙي چوڪري ٻئي کي زمين تي کيرائي ڇڏيو. هيٺ ڪريل چوڪري کي ڪنن ۾ نيري رنگ جي موتين وارا ايرنگ پيل هئا. هو پنهنجي مد مقابل تي لٽ اپي ڪري کيس مارڻ لاءِ ڊوڙيو. بعد ۾ ان عورت کي بچائڻ لاءِ. جيڪا ڪائيءَ جي جهنگلي وٽ بيٺي هئي. ائين ٿي لڳو جڻ اها سندس ماءُ هجي. هوءَ ملازمت ڪندڙ طبقي جي عورت پئي لڳي. هوءَ خواب ڏسندڙ کي پٺي ڏيو بيٺي هئي. وري جڏهن هن منهن ورائي ڏانهس نهايت ڊيڄارينڙ نظرن سان نهاريو ته ڊپ وچان هو ڇرڪ لڳو. سندس اکين مان ڳاڙهي رنگ جا شعاع نظر پئي آيا."

هن خواب گذريل ڏينهن جي معمولي واقعن جو ثبوت پيش ڪيو آهي. هن گهٽيءَ ۾ ٽين جا ڪنستر ٺاهيندڙ ٻن چوڪرن کي وڙهندي ڏٺو هو. جنهن مان هڪڙو هينئن ڪريل هو ته ٻيو سندس مٿان پيل هو. هن جڏهن انهن کي وڙهڻ کان

---

[1] فرائيڊ هن نڪتي کي "ڪردار ۽ مقعد جي جنسي يا نفساني احساس" (Erotism Anal) جي مضمون ۾ وڌيڪ واضح ڪيو آهي.

روکيو تہ ٻئي ڇڻا بہ ڪڙين زور تي ڏئي وڃي ٿو. هن جي رڳو زمان ۽ مڪان جي حوالي سان بعد ۾ نظر آيل خواب ذريعي تشريح ڪري سگهجي ٿي، جنهن ۾ اهو اصطلاح استعمال ٿيو آهي: "ٽين ڪڙڪائي ڇڏڻ" پنهنجي تجربي مان هو اها ڳالهه مڃي ٿو تہ نيري رنگ جا ايرنگ گهٽو ڪري ڪيريون پائيندڙ آهن. ٻن چوڪرن جي باري ۾ هڪڙي تمام مشهور پر بي وزن شاعره سندس خواب ۾ پيش ٿي آهي. ٻئي چوڪر کي "ميري" سڏيندا آهن (جيڪا اصل ۾ چوڪري آهي)، عورت ٻيني هئي. ان منظر کانپوءِ ٻئي چوڪرا گهمندي "ڊانوبي" (Danube) جي ٻئنڪ جي پرسان لنگهيا ۽ اڪيلائيءَ جو فائدو ونڊندي ڪاڻيءَ جي جهنگلي مٽان مُٽڻ لڳا. اڳتي جو بيان هن ريت آهي تہ عمدي پوشاڪ پهريل وڏڙي عمر جي هڪ عورت، دوستاڻي انداز ۾ ڏانهنس مرڪي نهاريو هو ۽ سندس خواهش هئي تہ هوءَ ڪيس پنهنجو ملاقاتي ڪارڊ ڏئي. اها عورت سندس خواب ۾ ان حالت ۾ ٻيٺي هئي، جنهن حالت ۾ هن چوڪري کي پيشاب ڪندي ڏٺو هو. هتي يقينن عورت جي پيشاب ڪرڻ وارو سوال پيدا ٿئي ٿو. هن ڏانهس ڏيڇاريندڙ نظرن سان نهاريو. منجهائس ڳاڙها شعاع ٿي نڪتا، جنهن جو تعلق رڳو سُسيل مرداڻي عضوياتي خلل سبب ٿي سگهي ٿو. اهو منظر سندس نندپڻ جو آهي، جيڪو پراڻين يادگيرن مان ٻيهر ظاهر ٿيو آهي. "چيندڙ شعاع" ڪنهن زخم سان سلهاڙيل آهن.

هن خواب ٻن مفادن کي پاڻ ۾ ڳنڍيو آهي، جهڙوڪ نندي چوڪري، نندين چوڪرين جا عضوا ڏٺا: جڏهن ڪيس هيٺ ڪيرايو ۽ جڏهن انهن پيشاب ڪيو. ۽ ٻئي حصي جي مضمون مان خواب اهو شامل ڪيو تہ جن موقعن تي هو پنهنجي جنسي شوق کي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو تہ سندس پيءُ جو ساٿس "مارڻ ۽ ڏمڪين ڏيڻ" جو سلسلو بہ جاري رهندو هو.

ب

هن خواب جي پويان (وڏڙي عمر جي عورت جي) نندپڻ جي يادن جا سمورا نشان موجود آهن، جيڪي ڏاڍي سٽيءَ ريت پاڻ ۾ گڏجي هڪ تصور پيش ڪن ٿيون:

"هوءَ پنهنجو اختيار استعمال ڪرڻ لاءِ هڪ وڳوڙمان نهايت تيزيءَ سان نڪتي. "گرابن" (Graben)[1] ۾ هوءَ گوڏن ڀر ڪري پئي هئي، جو ڏاڍي گهبرايل ۽ مايوس (Broken down) پئي لڳي. ڪيترائي ماڻهو سندس چوگرد گڏ ٿي ويا هئا، خاص طور ٽئڪسيءَ وارو، پر ڪنهن بہ ڪيس اڌارڻ ۾ مدد ڪا نہ پئي ڪئي، هن اٽڻ لاءِ گهٽيون ڪوشش ڪيون پر سڀ بيڪار ٿي ويون، بهرحال هوءَ اٽڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي ۽ ان ٽئڪسيءَ تي چڙهي گهر پهتي. ڪيس ستائڻ لاءِ ڪنهن بازاري سامان کڻن واري وڏي ۽ ڳوري ٽيلهي، گاڏيءَ جي دريءَ کان ڏانهنس اڇلائي هنئي."

هيءَ اها عورت هئي، جيڪا خواب ۾ سدائين "ڊوڙندي" محسوس ڪندي هئي، بلڪل ائين جيئن نندي هوندي ٽپندي ڪڏندي هئي. هن خواب جو پهريون منظر واضع طور تي "گهوڙن جي ڪرڻ" (A horse Falling down) واري نظاري مان آيل ۽ ساڳي ئي انداز واري لفظ (Broken down) جيان، گهوڙن جي ڊوڙ جو حوالو ٻڌجي ٿو. هن پنهنجي جواني ۾ گهوڙي سواري ڪئي هئي، ۽ ظاهر آهي تہ جڏهن عمر ۾ ڪجهہ وڌيڪ نندي هوندي تہ پاڻ بہ گهوڙي ٻڌي هوندي. "ڪري پوڻ" صفا پاراٿي عمر دوران گهريلو سامان ڊوئيندڙ جي سترهن سالن جي پٽ جي ڪري پوڻ واري ياد سان ڳنڍيل آهي، جيڪو مرگهيءَ جي دوري سبب گهٽي ۾ ڪري پيو هو جنهن کي ٽئڪسيءَ ۾ ڪٽي گهر پهچايو ويو هو. هن ان بابت رڳو ٻڌو هو پر مرگهيءَ جي دوري (بيماريءَ سبب ڪري پوڻ) وارو خيال سندس تصور تي جمي ويو هو. جيڪو بعد ۾ سندس "رحم جي روگ" جي حملي جي صورت ۾ اثر انداز ٿيو هو. جيڪڏهن ڪا عورت خواب ۾ پاڻ کي ڪرندي ڏسي ٿي تہ اهو گهٽو ڪري بنا تبديليءَ جي جنسي منظر کي ظاهر ڪري ٿو: هوءَ پاڻ کي "هيٺ ڪري پيل" عورت جيان تصور ڪري ٿي. هي خواب خاص طور تي ڪنهن

---

[1] ويانا جي مشهور مرڪزي بازارن منجهان هڪ.

بہ قسم جو شڪ پيدا نہ ٿو ڪري اها جاءِ جتي منهنجي مريضہ ڪري پئي هئي. اها. "گرابن" (Graben) هئي، يعني ويانا جو اهو بدنام حصو جيڪو جسم فروش عورتن جو نمائش گاهہ آهي. "بازاري سامان ڪٽن واري ٽيلهي" (Korb) هڪ ڪان وڌيڪ تجزيي جي طلب ڪري ٿي. جا ڪيس ڪيترن ئي "ٽيلهن (ڏکي ڏيڻ جي عمل Rebuff) جي ياد ڏياري ٿي. جيڪي سائڪس شادي ڪرڻ جي سلسلي ۾ ملندا رهيا هئا. جن مان اجان بہ ڪيس تازي مليل انڪار[1] جي شڪايت هئي. اها پڻ ان حقيقت سان ڳنڊيل هئي تہ "ڪيس اٽارڻ لاءِ ڪو بہ تيار نہ هو." جنهن کي هن پاڻ ڏکن ڏيڻ جي لفظن ۾ بيان ڪيو. بازاري ٽيلهي ڪيس تصوراتي دنيا جي وڌيڪ يادگيري ڏياري. جيڪا اڳ ۾ ئي سندس تجزيي ۾ اچي چڪي آهي. جنهن ۾ هن پاڻ کي شادي ڪري خاص طور گهٽ حيثيت سان رکيو هو ۽ بازار بہ پاڻ ويندي هئي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ هوءَ ملازم واري صورت ۾ پنهنجو ڪم سرانجام ڏيندي هجي. ان نڪتي تي نندپڻ جون ڪجهہ ٻيون يادون بہ شامل ٿيون.

پهريون: اهو بورچي جنهن کي چوريءَ جي ڪري نوڪريءَ مان ڪيڏيو ويو هو ۽ ان پنهنجي گوڏن تي بيهي ڪائنس معافي گهري هئي. تڏهن هوءَ پاڻ بہ ٻارهن سالن جي هئي. جنهن کان پوءِ وري گهر جي ڪم ڪندڙ مائيءَ کي ڪوچوان سان عشق ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ ڪيڏيو ويو (اتفاق سان تنهن کانپوءِ هن سائڪس شادي ڪئي هئي.) اهڙيءَ ريت اها يادگيري پڻ "ٽئڪسي ڊرائيور (ڪوچوان) [خواب ۾ جيڪو اصل ڪوچوان جي برخلاف ه، جيڪو ڪِريل عورت کي اٽارڻ ۾ ناڪام ٿيو هو] جي سلسلي جو بنياد بڻجي ٿي. باقي دريءَ مان مٿس اڇلايل ٽيلهي جي حقيقت بيان ڪرڻ جو معاملو اڃان رهيل هو. جنهن ڪيس ياد ڏياريو تہ هوءَ ريل رستي آيل ڪو سفري سامان ڪنيو پئي وئي. ڏيسي رواج مطابق هر ڪو پنهنجي پيارن سان گڏ ريل تي چڙهيل هو اها "دري" ۽ ان ڏيس ۾ گذاريل زندگي، ۽ پيا بہ اهڙا مختصر حصا هن لاءِ يادگار هئا. ڪيئن نہ سندس پاسي کان هڪڙي شخص. "دريءَ" مان هڪ عورت ڏانهن نيري رنگ جا خشڪ انگور اڇلايا هئا. خود سندس ننڍي پيٽ، ڳوڻاٽن ٻيهودن چوڪرن کان پاڻ بچايو هو جن "دريءَ مان" ڏانهنس گهوري گهوري ٿي نهاريو. سندس ڏهن سالن جي اها اڻ ڇڻي يادگيري سندس خواب ۾ داخل ٿيڻ لڳي هئي. شهر ۾ هڪ گهريلو ڪم ڪرڻ واري عورت، جنهن وٽ پيار جا منظر هجن. (ان چوڪريءَ ضرور اهڙا منظر اکين سان ڏٺا بہ هوندا)، گهريلو ملازمن مان هڪ يعني، پنهنجي محبوب سان گڏ هجي ۽ ان ڪجهہ اڇلائي ڪيس هنيو هجي. (خوابي منظر جي ابتڙ ڏانهنس موڪليو هجي)، ان ڳالهہ تائين اسان اڳ ۾ ئي ڪيترن ٻين زاوين سان پهچي چڪا آهيون. ملازم جو سفري سامان يا صندوق، ويانا ۾: "ستن انگورن" جيان حقارت جوگو حوالو آهي: چوٽي آهي تہ **"سهيڙ پنهنجا ست انگور ۽ ڪري وڃ اکين اڳيان."**

منهنجو محفوظ ڪيل ڪم جيڪو تمام گهڻن مريضن بابت گڏ ڪيل مواد تي مبني آهي. انهن خواب جو تجزيو اڻ ڇڻي يا صفا وساري ڇڏيل نندپڻ جي يادگيرين جي رهنمائي ڪندڙ آهي. گهڻو ڪري عمر جي پهرين ٽن سالن تائين موتائي وٺي ويندڙ آهي. پر انهن کي خوابن مان ڪنهن نتيجي ڪڍڻ لاءِ استعمال ڪرڻ بهتر نہ آهي. لاڳاپيل شخص سدائين، هر موقعي تي اعصابي مونجهاري ۽ خاص طور عورتون رحم جي روڳ ۾ مبتلا هوندا آهن، ۽ اهو ممڪن آهي تہ نندپڻ جا جيڪي منظر سندن خوابن ذريعي پنهنجو ڪردار ادا ڪندا آهن تہ ٿي سگهي ٿو تہ اهي، خوابن جي فطرت بجاءِ، انهن جي اعصابي طبيعت ذريعي تعين ڪندا هجن. ان جي باوجود منهنجي پنهنجي خوابن جي تجزيي ۾، ۽ بهرحال مون مرض جي مجموعي اهجاڻن تي انحصار نہ ڪيو آهي. ائين اڪثر گهٽ ٿيندو آهي تہ خواب ۾ پيش ٿيل ڪنهن لڪل مضمون ذريعي اتفاق سان، مان نندپڻ جي منظر تائين پهچي ويندو آهيان ۽ اهڙيءَ ريت هڪدم منهنجي سمورن خوابن جا سلسلا، منهنجي نندپڻ جي تجربن مان شاخون ڪري هڪ ٻئي سان جڙي ويندا آهن. جنهن جا مون ڪجهہ مثال ڏنا بہ آهن ۽ اهڙن ڳانڊاپن بابت قسم قسم جا ڪجهہ ٻيا مثال بہ پيش ڪريان ٿو. چاڪاڻ تہ مان نہ ٿو پانيان تہ پنهنجي انهن هڪ يا ٻن خوابن جي ذريعي هن حصي کي ڇڪي ريت ختم ڪرڻ بهتر ٿيندو. جن ۾ ويجهن واقعن ۽ پراڻن وساريل نندپڻ جا تجربا، گڏجي خواب جو بنياد ٻڌن ٿا.

---

[1] لفظ "ٽيلهو" (Korb) عام طور تي شادي ۽ ڪان انڪار جي صورت ۾ استعمال ٿيندو آهي.

1

سفر تان موٽڻ بعد انتهاتي ٽڪ ۾ بک جي باوجود مان سمهي پيس. ۽ حياتيءَ جي اهم ضرورت منهنجي ننڊ ۾ پنهنجي موجودگيءَ جو اعلان شروع ڪيو جو مون هن انداز جو خواب ڏٺو:

"مان باورچي خاني ۾ ڪنهن مٽي طعام جي ڳولها ڪرڻ لڳس. ڏٺم ته ٽي عورتون اتي ٻيٺيون هيون. انهن مان هڪڙي رنڊڪي ڪي سنيالينڊر بورچياٽي هئي. جيڪا پنهنجي هٿ ۾ ڪنهن شيءَ کي ائين ڦيرائي رهي هئي. جڏ سندس هٿ ۾ اتي جو چاڙو (Knodel) هجي. هن وراڻيو ته هو تيسيتائين انتظار ڪري. جيسيتائين هوءَ تيار ٿي وڃي (اهي باقاعدي ڳالهايل لفظ نه هئا). مان پنهنجو وڏو ڪوٽ ڪٽي پاتو پر اهو مون کي گهٽو ڊگهو لڳو ان ڪري مون اهو لاهي ڇڏيو. مان اهو ڏسي حيرت ۾ پٽجي ويس ته اهو بج (Fur) سان سنواريل هو ۽ ٻيو ته مون ان تي ٽُرڪي انداز واري ٿٻي وڏي ڊگهي ٻوٽ ۾ ننڍي چاپئين ڏاڙهيءَ وارو هڪ اجنبي وڏي آيو ۽ مون کي ان ۾ ٿٻي وجهڻ کان بچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. جنهن تي مون هن کي ڏيکاريو ته اهو سڄو ترڪي ثقافت واري برٽ سان پريل هو. هن پڇيو: ترڪي انداز جي ٿٻين جي برٽ تو سان ڪهڙي ويڙن ڪئي آهي؟ پر پوءِ اسان هڪ ٻئي جا دوست ٿي وياسين."

جڏهن مون هن خواب جو تجزيو شروع ڪيو ته اوچتو مون کي اهو ناول ذهن تي تري آيو جيڪو مان سڌائين پيو پڙهندو هوس. (تڏهن مان لڳيڀڳ تيرهن سالن جو هوس). حقيقت اها آهي ته مون ان جي پهرين حصي جي آخر کان پڙهڻ شروع ڪيو هو. مون کي ان ناول ۾ سندس ليڪڪ جو نالو ياد نه آهي. پر مون کي ان جي پچاڻي. پوري طرح ياد آهي. ان جو نائڪ چريو آهي ۽ سڌائين انهن ٽن عورتن جا نالا ونندو رهندو هو جن کيس تمام وڏا ڏک ۽ سک ڏنا هئا. انهن مان هڪ جو نالو "پيلاگي" (Pelagie) هو. مون کي وهم گمان ۾ به نه هو ته اها يادگيري. تجزيي ۾ منهنجي ڪهڙي رهنمائي ڪندي! ٽن عورتن جي حوالي سان مون کي انهن ٽن ديوين (ڪلوٿو (Clotho)، ليڪيسس (Lachesis)، ايٽروپوس (Atro Pos) جو خيال آيو جن ماڻهوءَ جو مقدر اُٽيو هو ۽ مان جاڻان ٿو ته انهن ٽنهي عورتن مان. خواب ۾ آيل بورچياٽي. اها ماءُ آهي. جيڪا حياتي بخشي ٿي ۽ وڌيڪ اها (جيئن منهنجي پنهنجي معاملي ۾) ڏرتيءَ تي. غذا ۽ خوراڪ ذريعي پالينڊر پهريون جيوُ آهي. پيار ۽ بک جو اصل عڪس عورت جو ٽڻ آهي. جنهن مان ٻار ڄائنجي. پيٽ ۾ پري ٿو ته پيار ۾ حاصل ڪري ٿو. هڪ شخص. عورتاٽي حسن جو شائق هو. سندس ڪنهن سان ملاقات ٽي ۽ ائين ڪهاٽي وڏي اتي وڃي پهتي جو هن. ان سهٽي عورت کي پنهنجي اها ڪير پيئارڻ واري دائي سمجهيو جنهن کيس ٽن سالن جي عمر ۾ ڪير پيئاريو هو "معاف ڪجو." هن کيس چيو: "مان هن موقعي جي سڌي استعمال کي وڃائڻ نه ٿو چاهيان."

منهنجي عادت هئي ته مان ڪنهن ملتوي ڪيل عمل (Defered Action) جي نسلي يا موروثي خاصيتن بابت نتيجي اخذ ڪندڙ عنصر کي واضع ڪرڻ لاءِ گهٽو ڪري خوف ۽ گهبراهٽ سبب پيدا ٿيندڙ انهن مختلف جسماني شڪايتن (نفسي خلل [Psychoneuroses] جن جو ڪو طبعي سبب نه هوندو آهي) جي جوڙجڪ جي روايت بيان ڪندو هوس.[1] اهو طبعي تقدير جي فيصلن مان هڪڙو هو جنهن تي. افسوس وچان هن پنهنجا ٻئي هٿ ٻڌي مهٽيا. ائين جيئن اتي جو چاڙو مهٽبو آهي. جيڪو قسمت جي تسلط تي عجب کائڻ جو نتيجو آهي. جنهن مان هر ڪو مطلب اخذ ڪري سگهي ٿو. اها پڻ منهنجي ننڍپڻ جي هڪ ٻي يادگيريءَ مان مهيا ڪيل آهي. جڏهن مان ڇهن سالن جو هوس ته مون پنهنجي والده کان پهريون سبق اهو سکيو هو ته اسان سيئي مٽيءَ جي پيداوار آهيون ۽ هڪ ڏينهن وري مٽيءَ ۾ ئي ملي ويندا سين. پر اها ڳالهه مون

---

[1] زناني جنسي بيماريءَ (رحم جي روگ) جي جوڙجڪ متعلق فرسوده هجڻ جي صورت ۾ الڳ ڪيل نظريي جي حوالي سان. جيڪو فرائيڊ جي تجرباتي نفسيات جي ابتدائي ڪم جي حصي ٻئي ۾ وضاحت ڪيل آهي.

کي وٹندي کا نہ هئي، جنهن کري ان عقيدي تي مان شڪ جو ئي اظهار ڪندو هوس، جنهن تي منهنجي والده پنهنجا ٻئي هٿ هلينديِ هئي، بلڪل ائين، جيئن اتي جو چاٽو هلبو آهي، پر سندس هٿن جي وچ ۾ ڳوهيل اتو ڪو نہ هوندو هو ۽ مون کي چمڙيءَ جي ٻاهرين حصي تي ڪاري رنگ واريون ڦهليل رڳون ڏيکاري ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ٻئي ڪندي هئي تہ اسان متيءَ مان ٺهيل هئاسين. هن جي ان ريت اکين سان ڏيکارڻ واري سمجهاڻيءَ تي منهنجي حيرانيءَ، معاملي کي يقيني طور سمجهڻ نہ ڏنو ۽ مان ان عقيدي کي چپ چاپ مڃي ورتو هو جنهن کي پوءِ مون انهن لفظن ۾ اظهاريو تہ: تنهنجي نهايت رحمدل فطرت، موت آهي، (ف ـ س).[1] سو اهي ئي اهي حقيقي نتيجا هئا، جن کي جڏهن باورچي خاني ۾ ويس تہ ڏٺم جن کي نندي هوندي، جڏهن مان ڪيو هوندو هوس تہ ڏسندو هوس، حالانڪ منهنجي والده ٻاهر جي پرسان ٻيني هوندي هئي جيڪا مون کي فهمائش ڪندي هئي تہ تيسيتائين انتظار ڪري جيسيتائين ماني تيار ٿي وڃي.

۽ هاٽي اتي جي چاٽي (Dumplings) يعني "نوڊل" (Knodel) بابت وضاحت: يونيورسٽيءَ ۾ منهنجو هڪڙو استاد هوندو هو، جنهن سان مان گهٽو ڪري اوڄي گهرڻ جي اپياس متعلق (Histological) معلومات تي، خاص طور چمڙيءَ جي ٻاهرين تهہ (ڪل) (Epidermis) متعلق پابنديءَ سان خيالن جي ڏيوٽ ڪندو هوس، اهو ان "نوڊل" (Knodl) نالي واري شخص کي ان ڪري سدائين پيو ياد ڪندو هو چاڪاڻ تہ هو سندس خيالن ۽ تخليقن کي پنهنجي نالي پيو چپرائيندو هو، جنهن جو هو سدائين پيو ذڪر ڪندو هو تہ جيڪر هو سندس ناجائز ادبي چوريءَ تي مٿس قانوني ڪاروائي ڪري، ان ادبي چوريءَ جي خلاف خيال جي اها دعويٰ گهٽو ڪري مناسب ۽ موزون ٿي سگهي ٿي، پلي تہ اها ڪنهن ٻئي شخص سان ئي وابستا چو نہ هجي، واضع طور تي ان خواب جي ٻئي حصي جي رهنمائي ڪري ٿي، جنهن جو ورتاءُ ڪجهہ اهڙو هو جڙ اهو چور مان هئس جنهن، ڪنهن زماني ۾ پڙهڻ وارن ڪمرن ۾ چورايل ڪوٽن جو ڪاروبار ڪيو هو، مون اهو لفظ "ادبي چوري" سوچڻ کانسواءِ ئي لکيو هو، چاڪاڻ تہ اهو منهنجي دل تي تري آيو هو، پر هاٽي مان ڏيان ڏيان ٿو تہ لڳي ٿو تہ ان لفظ خواب جي (ستاءَ ۽ متن جي) مختلف حصن جي وچ ۾ پل جوڙي هئي. اهي هم خيال ڪڙيون: ڪير پياڪ جانور جي ڪل (Pelage)، ڪنهن جي خيالن يا تخليق کي چورائي ناجائز طور تي استعمال ڪرڻ يا ادبي چوري ڪرڻ ۽ ساموندي ميڇيءَ جا ياڳا (Plagiostomes)، يا شارڪ (Haifische) جي تلاءِ (Fischblase)[2]، "اتي جي چاٽي" (Knodl) ۽ "اوور ڪوٽن" جي معاملي ۾ هڪ پراٽي ناول سان ڳنڊيل آهن، جيڪي جنسي اسلوب ۾ نهايت چٽائيءَ سان تعميل جو حوالو ٻڌجن ٿا، اهڙو مثال مائوريءَ جي تجنيسي خوابن ۾ بہ آهي، جن ۾ صنعت جنس کان ڪم ورتل آهي، ان ۾ شڪ نہ آهي تہ اهو نهايت نہ مڃڻ جوگو نهايت بيڪار خيال آهي، پر مون جاڳ جبہ ۾ تيسيتائين ڪڏهن بہ نہ اٽيو آهي، جيسيتائين اهو خواب پاڻ نہ جوڙيو آهي، ۽ جيتوڻيڪ انهن طاقتور لاڳاپن کي ترتيب ڏيڻ جي ضرورت وارو رويو مقدس يا پاڪ بہ نہ هوندو آهي، ان ڏس ۾ انتهائي اعزاز وارو نالو "ارنيسٽ بروڪي" (Ernest Brucke_1819) جو آهي، جنهن انهن خيالن بابت پل تعمير ڪئي آهي، جنهن جو تربيت گاهہ مون کي اجان تائين ياد آهي، جتي مون پنهنجي شاگرديءَ واري زندگيءَ جو ڪنهن بہ خواهش کانسواءِ، بلڪل آزاد ۽ نهايت خوشگوار وقت گذاريو هو.

---

[1] شهزادي "هال" (Hal) جو افسانوي شخصيت "فالسٽاف" (Falstaff) کي چٽيءَ ريت چيل جملو (هينري چوٿين ۾): "تنهنجو نهايت رحمدل خدا موت آهي." اهي ٻئي احساس جيڪي خواب ۾ ظاهر ٿيا هئا اهي نندپڻ دوران ڏٺل نظارن جي "اڇرج ۽ قبوليت" سان اٽتر نموني لاڳاپيل هئا، جن کي مون ٽورو اڳ ياد ڪيو هو ۽ خواب مون کي منهنجي نندپڻ جي واقعن کي ڦهريون پيرو ياد ڏياريو هو.

[2] مون ساموندي ميڇيءَ جي پاڳن کي تفصيل سان بيان ڪرڻ کان جاٽي ٻجهي لنوايو آهي، چاڪاڻ تہ اهي مون کي اٽوٽندڙ واقعي جي يادگيري ڏيارينديون آهن، جنهن جي ڪري يونيورسٽيءَ جي ساڳئي استاد جي سلسلي ۾ مان پاڻ کي شرمندو محسوس ڪندو آهيان.

"اهڙيءَ ريت ادراڪ جي چاتين کي مضبوطيءَ سان جهلينديِ تون، هر ڏينهن بي خوديءَ ۾ سرمستي پئي حاصل ڪئي."[1]

اها آزادگي، خواهشن ڏانهن هڪ مڪمل تضاد بڻجي منهنجي خوابن ۾ هاڻي مشڪل پيدا ڪرڻ لڳي هئي. آخرڪار مون کي هڪ پيو محترم استاد به ياد اچي ويو ان جو نالو "فليچل" (Fleischl) [فليچ = گوشت] هو جئين "نوول" = اٿي جو چاڻو هو. جيڪو بهرحال ڪجهه ڪائڻ جو ئي حوالو بڻجي ٿو ۽ ڏک پهچائيندڙ منظر جنهن ۾ چمڙيءَ جي ٻاهرين حصي تي ڪاري رنگ وارين ڦهليل رڳن پنهنجو ڪردار نباهيو (منهنجي والده رنڊڻي کي سنياليندڙ= بورچياڻي هئي)، جهڙيءَ ريت ناول "چريائپ"

۾ "دواخاني واري دوا"[2] جيڪا ناريل جي ست مان تيار ڪيل نشي جي اشتها کي ختم ڪندڙ هئي.

مان خيالن جي انهن پيچيدن قافلن بابت ڪجهه اهڙي ترتيب سميت گڏوگڏ ان دليل تي به يقينن زور ڏيندي، خواب جي حصي جي مڪمل طور تي وضاحت ڪندس. جنهن جي تشريح مون نه ڪئي آهي، پر مان ان جي هڪڙي نڪتي تان دستبردار ضرور ٿيندس. چاڪاڻ ته ان سلسلي ۾ ذاتي قرباني جي تقاضا ڪجهه وڌيڪ اهم آهي. ان ڪري مان رڳو هڪڙو ڏاڪو وٺيندس جيڪو اسان کي خواب جي انهن خيالن مان ڪنهن هڪ ڏانهن سڌيءَ طرح رهنمائي ڪندو. جيڪو مونجهاري جو سبب بڻيو ٻيو آهي. ڊگهي ٻوٽ ۾ چاپڻين ڏاڙهي وارو اجنبي. جيڪو مون کي اوورڪوٽ کڻي پائڻ کان بچائي ٿو. اهو ٻيزار ڪندڙ حُليي وارو "سپالانو" جو دڪاندار هو جتان منهنجي زال ترڪيءَ واري برٽ خريد ڪري آئي هئي، جنهن کي هن "پوپووڪ" (Popovic) ٿي سڏيو. جيڪو هڪ ڪجهڙو نالو آهي[3] جنهن تي معروف مزاح نگار "اسٽيٽن هيم" (Stettenheim) پڻ هڪ ڪارائتي ڳالهه ڪئي آهي ته: "هن مونکي پنهنجو نالو ٻڌايو ۽ منهنجي هٽ کي گرمجوشيءَ سان ٻاهيو." مان سمجهان ٿو ته هڪ پيرو ٻيهر مان نالو غلط پيو ڪٺان. جڏهن ته مان اڳ ۾ ئي "پيلاگي" "نوول"، بروڪي" ۽ "فليچل" جا نالا کڻي چڪو آهيان. ان ڳالهه جي ترديد ڪرڻ مشڪل به آهي ته ان ريت نالن سان کيڏڻ به هڪ قسم جي ٻاراڻي حرڪت ئي آهي، پر جيڪڏهن مان ان ۾ شامل به ڪريان ته اهو هڪ قسم جو انتقام ٿي پوندو ۽ خود منهنجو پنهنجو نالو بربادي جو شڪار بڻجي ويندو ۽ بيشمار موقعن تي منهنجو مذاق اڏايو ويندو.[4]

مون کي ياد آهي ته "گوئٽي" ڪنهن جاءَ تي "ماٿن جي، پنهنجي نالي متعلق ڏاڍي حساس هجڻ" جي نشاندهي ڪئي آهي: اسان انهن ۾ پنهنجي ڪل سمجهي، ڪيئن نه گهڙندي نظر ايندا آهيون" هن اهو چيو ته "اها سٽ "هيرڊر" (Herder) پاران گوئٽي جي نالي ۾ لکي آهي:[5]. مان سمجهان ٿو ته منهنجو پنهنجي اصل موضوع کان هٽڻ جو عمل، ۽ نالن جو غلط استعمال ڪرڻ ئي منهنجي لاءِ شڪايت جوگو معاملو بڻجي ٿو. پر مان ان ڳالهه کي اتي ختم ٿو ڪريان. منهنجي زال جو خريد ڪيل "سپالانو" جو نهيل ترڪيءَ واري برٽ، مون کي "ڪاٽارو" (Cattaro) مان ڪيل هڪ ٻي خريداري ياد ڏياري چڏي[6] جن

---

[1] گوئٽي: فائوسٽ حصو پهريون، منظر چوٿون. فرينچ مان انگريزي ترجمو: بئرڊ ٽيلر.

[2] جرمني زبان ۾ ليٽينچ ڪوچي" (lateinisch kuche) لفظي طور تي (Latin kitchen) يعني لاطيني زبان ۾ "بورچي خانو" آهي.

[3] پوپو: هيٺين حصي يا تري (Bottom) لاءِ ڪتب ايندڙ ٻاراڻو لفظ آهي.

[4] جرمنيءَ جي ٻولي ۾ "فرائيڊ" لفظ جو مطلب فرحت ۽ خوشي (Joy) آهي.

[5] هيءَ سٽ "هيرڊر" جي "گوئٽي" کي لکيل ان غير سنجيده خط تان کنيل آهي، جنهن ۾ هن کانئس ڪي ڪتاب اڌارا گهريا هئا، اڳتي لکيو اٿس ته: "تون، جنهن کي خدائن جي نسل، گوٿ (goth) جهڙي وحشي قوم (قديم ٽيوتاني قوم، جنهن اڳ ۾ رومي سلطنت کي ٽين ۽ پنجين صديءَ جي وچ واري عرصي ۾ فتح ۽ تاراج ڪيو هو ۽ چيڙو پوري جنگ مچائڻ جو فن اچي ٿو." (گوئٽي اهو خط مون ڏانهن موڪليو هو)، ٻيو جملو فرائيڊ جي وڌيڪ ويجهي تعلق بابت آهي جيڪا گوئٽي جي مشهور – "ايفيگني آف ٽارس" (Iphigenie ouf Taruis) ۾ ٻئي ايڪٽ جي ٻئي منظر تان کنيل آهي، جنهن ۾ ايفيگنيا، "پيلاڊيس" (Pylades) جي واتان، "ٽراءِ جي محاصري" (Siege of Troy) دوران ڪيترن ئي بهادرن جي موت بابت ٻڌي ٿو ته: "مطلب ته تون به الاهي عظمت رکندڙ منجهان بدلجي متي ٿي وئين!"

[6] "سپالاتو" ۽ "ڪاٽارو" جا ٻئي شهر "ڊالميشيا (Dalmatia) جي ڪناري تي آهن.

متعلق مان نهايت خفي هوس. جنهن جي ڪري مان اتان ڪا عمدي فائدي واري شيءَ وٺڻ جو موقعو نه ويجائي ويٺس. (پويان ذڪر ڪيل: پاٽيءَ ۾ پنل نرس کي نظرانداز ڪرڻ وارو موقعو). منهنجي خيالن مان جنهن منهنجي "بڪ" کي خواب ۾ متعارف ڪرايو هو اهو هي هو ته: "ماڻهوءَ کي موقعو نه ويجائڻ گهرجي. پر ان جو فائدو حاصل ڪجي. پلي ته ڪنهن نندڙي غلطيءَ ۾ ملوث ٿي وڃڻ جو سبب ئي ڇو نه بڻجي. ماڻهوءَ کي موقعو نه ويجائڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته زندگي مختصر آهي ۽ موت اٽٽر آهي." ڇاڪاڻ ته هي سبق "ڪارپ ڊيم" (Carpe diem) جو ڏنل آهي. جيڪو لڳيڪ جنسيات جي معنائن ۾ ڪم اچي ٿو. ڇاڪاڻ ته خواهش جڏهن اظهار ڪري ٿي ته ڪجهه غلط ڪرڻ کانسواءَ به رڪجي نه ٿي. هن کي احتساب جو خوف به رهي ٿو جيڪو مخفي نموني سان خواب ۾ پنهنجو مطلب پوروڪري وڃي ٿو. هر قسم جي خيالن ۾ مختلف ادراڪ ۽ احساس ٿين ٿا ۽ اهي پوءِ آواز جهڙين ٿا: ان وقت جون يادون. جڏهن خواب ڏسندڙ روحاني طور ڪاڏل خوراڪ مان آسودگي حاصل ڪري ٿو ۽ هر قسم جا روڪي ورتل خيال يا خود جنسي جذبن کي اپاريندڙ باغي سوچن جي سزائن جا خوف به سندس خوابن تي اثرانداز ٿين ٿا.

ii

ٻئي خواب لاءِ هڪ ڏگهي ديباچي جي ضرورت آهي: مان ويانا ۾ اولهه پاسي واري اسٽيشن ڏانهن سفر پئي ڪيو ته ريل تي چڙهي سياري جي موڪل وارا ڏينهن مان "آئوسي" ۾ گذاريان. پر جڏهن پليٽفارم تي پهتس. جيئن ته سوير واري گاڏي "اشل" (Ischl) وڃڻ لاءِ تيار بيٺي هئي. اتي مون "ڪائونٽ ٽن" (Count thun)[1] کي ڏٺو جيڪو شهنشاهه جو خطاب ٻڌڻ لاءِ هڪ پيرو ٻيهر "اشل" ٽي ويو. حالانڪ ان وقت مينهن پئي وسيو پر هو ڪليل بگهيءَ ۾ آيو هو. هو سڏو مقامي گاڏيءَ واري رستي کان داخل ٿيو دروازي تي بيٺل ٽڪيٽ چڪاسڻ واري به ڪيس ڪو نه سڃاتو جنهن سندس ٽڪيٽ به بي ڌيانيءَ وچان ڏني. ساڻس وقت هن بنا ڪنهن پڇا ڳاڇا جي پرسان بيٺل شخص ڏانهن نهاري مختصر نموني هٽ لوڏايو. پوءِ جڏهن ريل "اشل" طرف رواني ٿي ته مون پهرين انتظارگاه ۾ وڃي ويهڻ مناسب سمجهيو پر پوءِ مون پليٽ فارم تي ئي ترسڻ بهتر ڄاتو ۽ مان پليٽفارم تي ئي هيڏانهن هوڏانهن نهارينديءِ. وقت گذارڻ لڳس ته جيئن ڪنهن جي لاءِ محفوظ ڪيل ڏيهي ۾ انهن سان گڏجي وڃي ويهان. پر جيڪڏهن ڪو پنهنجي لاءِ محفوظ ڪرايل ڏيهي ۾ ويهڻ نه ڏئي ته منهنجو اراده هو ته هڪ جيترن حقن هجڻ جي ڪري وڏي آواز سان احتجاج ڪندس. بهرحال مان "لي نوزي جي مهارت وارو تمثيلي گيت" (Nozze di Figaro) گنگنائڻ لڳس:

جيڪڏهن اسان جي امير کي نچڻ جو شوق هجي ته مان هن لاءِ هڪ ڏڻ وجائڻ لاءِ تيار آهيان. (ج ـ س: مون کي البت ان ۾ ٿورو شڪ آهي. ڇاڪاڻ ته متان ڪنهن ٻئي کي ان ڏڻ جي پوري خبر هجي.)

انهيءَ شام جو مان مڪمل طور وڙهڻ جهڙڻ لاءِ تيار هوس. مون پنهنجي خادم ۽ بگهيءَ واري کي به جهٽڪيو هو. بنا سبب جي. ۽ مون کي اميد آهي ته مون انهن جي دل آزاري ڪا نه ڪئي هئي. ۽ هاڻي ان گيت جي انهن لفظن جي حوالي سان ۽ "بيومارچائي" (Beaumarchai) جي مزاحيه يادگيرين سان. هر قسم جا سرڪش ۽ انقلابي خيال منهنجي ذهن ۾ ڦرڻ لڳا. جيڪي مان ناٽڪ "فرانڪيس جي مزاح" (Comedie Francaise) ۾ ڏسي چڪو هوس. مان ان عظيم شخص جي گفتگو متعلق پئي سوچيو. جنهن دنيا ۾ اچڻ سبب مشڪلاتون پئي برداشت ڪيون. ۽ "ڪائونٽ الماويوا" (Almaviva Count). ان شخص "سينيور" (Seigneur) جي قانوني حق لاءِ (جنهن کي جاگيراري نظام تحت جاگير ملندي هئي) "سوسانا" (Susanna) مٿان دعويٰ ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. مان اهو به پئي سوچيو ته اسان جي اختلافي سوچ رکندڙ بدنيت صحافين. "ڪائونٽ

---

[1] "ڪائونٽ ٽن" (Count thun) آسٽريا جو سياستدان (1847 ـ 1916). قدامت پسند خيالن جو هو. جرمنيءَ جي قومپرستن خلاف. غير روايتي طور رهندڙن. بوهيمين (Bohemian) جي خانگي حڪومت کي هٽي ڏيندڙ هو. (اشل" آسٽريا جو مٿانهون علاقو. جتي عدالت سياري جا ڏانهن اتي گذاريندي هو.

ٿن" جي نالي ۾ ڪيئن نہ سطحي قسم جا مذاق گھڙيا هئا ۽ ڪيس سندس نالي بجاءِ "ڪائونٽ نش ٿن"(Count nichtsthun)[1] پئي سڏيو. اصل ۾ مان ان کي ان جو ڏوهي نہ پيو سمجهان. هو تہ حڪومت لاءِ مشڪلات پيدا ڪندڙ عوام سان پنهنجي طريقي سان پئي هليو. جڏهن تہ حقيقت ۾ پنهنجي موڪلن جي گذري وڃڻ ۽ موڪلن دوران سمورن وٽندڙ منصوبن تي پاڻي ڦري وڃڻ سبب، مان پاڻ کي پئي بيڪار سمجهيو. ان نڪتي تي سوچيم ئي پئي تہ هڪ نوجوان پليٽفارم تي چڙهندي ڏٺم. مون هن کي سياتو هو طبي چڪاس تي مقرر سرڪاري نگران هو پر اهم حيثيت جي باوجود پنهنجي سرگرمين سبب "سرڪار سان همبستر ٽيل" (Beischlafer) جي نالي سان مشهور هو. هن پنهنجي سرڪاري حيثيت سبب، پنهنجي لاءِ ريل جي پهرين درجي جي رعايتي اڏ ٽڪيٽ سان گڏ اڏ ٻي جي گهر ڪئي، ۽ مون پنهنجي ڪنن سان ٻڌو. ريل جي هڪ شخص پئي کي پئي چيو: "هن ڪاموري شخص کي ريل جي پهرين درجي جي، اڏ ٽڪيٽ ڏئي ڪٽي اچلينداسين؟" ۽ منهنجي لاءِ فائدي وٺڻ جو اهو سٺو موقعو هو. چاڪاڻ تہ مون پهرين درجي جو پورو پاڙو پريو هو. اها بہ حقيقت هئي تہ ان جي ڪري مون کي سمورو ٻيو ملڻ کپندو هو نہ ڪي ريل جي ورانڊي ۾ جتي رات جي وڳڙي ۾ بيت الخلا بہ موجود نہ هجي! مون کي ڪاميابيءَ جي اميد ڪا نہ هئي پر فرش تي سمهڻ بجاءِ مان سٺي جاءِ تي ستس. جو اڪل پوٽين ٽين وڳي پيشاب جي زور سبب جاڳيس، ۽ فارغ ٿي اچي سمهيس تہ هي خواب ڏٺم:

"ماڻهن جو انبوهہ آهي. شاگردن جي ڪا گڏجاڻي آهي. امير ("ٿن" يا "تافي")[2] ڪجهہ ڳالهائي رهيو هو. هن للڪارڻ واري انداز سان جرمنيءَ جي رهواسين جي خلاف ڪجهہ ڳالهايو پئي، ۽ وڏي حقارت جوڳي شڪل ٺاهيندي اهو اظهار پئي ڪيو تہ انهن جو پسنديده گل "خچر جو سنب" (Colt`s Foot) آهي ۽ ٽوڙيل مروڙيل پن يا پن جو پوريل حصو سندس ڳچيءَ جي بٽڻ ۾ لڳل هو. مون کي ڪاوڙ لڳي وئي، ۽ مان ڪاوڙجي ويس[3]، حالانڪ مان پنهنجي ان روپي تي حيران بہ هوس."

ان ڪانپوءِ ٽورو گهٽ نيارو خواب هن ريت هو:

"هميشہ جيان مان "اولا" (Aula)[4] ۾ هوس. اچڻ وڃڻ وارو دروازو هڪ ريشمي حفاظتي پٽيءَ سان روڪيل هو ۽ اسان پڇڻ جي چڪر ۾ هئاسين. مون پنهنجو رستو سينگاريل سهڻن ڪمرن جي قطار منجهان ٺاهي ورتو. چٽي ريت کي وزارتي يا عوامي عمارتون هيون، جنهن جي فرنيچر جو رنگ بہ لڳيڃ خاڪي ۽ واڱڻائي مائل هو. آخر ڪار مان ورانڊي ۾ پهچي ويس، جتي گهر جي مالڪياڻي ويٺل هئي، ڪا ٽلهي متاري پوڙهي عورت هئي. مون ساٽس ڳالهائڻ کان لنوايو. پر هن ڇاڻي ورتو هو تہ مان اتان لنگهي وڃڻ وارو آهيان. جنهن لاءِ مون ڪائنس پڇيو تہ "چا هوءَ بتيءَ جي روشنيءَ سان مون کي رستو ڏيکاريندي؟" مون هن کي نشاندهي ڪئي، لفظ چيو يا اشارو ڪيو تہ هوءَ ڏاڪڻ تائين اچي ٻيهي رهي ۽ مون محسوس ڪيو تہ مان ڪنهن حرفت سان، ٻاهر وڃڻ وقت هيڏي هوڏي ڏسڻ کان لنوائي رهيو آهيان. مان ڏاڪڻ لهي هيٺ آيس تہ مون هڪ سوڙهو پيچرو ڏٺو جتان مان وڃي رهيو هوس."

وري هڪ غير واضع خواب جو ظاهر ٿيڻ:

"اڳ جيان، ٻيو مسئلو شهر کان نڪرڻ جو هو بلڪل پهرين وانگر جيئن گهر مان نڪرڻ جو مسئلو هو. مان بگيءَ ۾ سفر ڪري رهيو هوس ۽ بگيءَ واري کي اسٽيشن تائين رسائڻ لاءِ چئي رهيو هوس: "تہ مان توسان گڏ ريلوي لائين تائين گاڏي نہ ٽوهلائي سگهان. جڏهن هن اعتراض اڌاريو تہ مون چيو. پوءِ مون اڳ جيان وري بہ هن کي ٽڪائي چڏيو. اها ڳالهہ ائين جئين ڪو عام طور تي ريل جو سفر ڪندو هجي ۽ مان هن سان گڏ ٽوري مفاصلي تائين گاڏي هلائيندو هجان. اسٽيشن جي داخلا

---

[1] امير (Count) ڪجهہ بہ نہ ٽوڪري بيڪار آهي. جڏهن تہ "ٿن" جرمني زبان جو لفظ آهي. جنهن جو مطلب آهي "ڪجهہ ڪرڻ"

[2] آسٽرين سياستدان (1833_95)، اعلي وزير (1870_71)، ۽ (1879_93). ڪائونٽ ٿن جيان جرمني مخالف سرڪاري ڏرين جي ڪنهن حد تائين حمايت پئي ڪئي.

[3] ان قسم جي احساس جو ورجاءُ منهنجي، خوابن جي تحريرن ۾ آندل آهي.

[4] يونيورسٽيءَ جو وسيع تقريباتي هال.

واري دروازي جي حفاظت لاءِ بڌل پٽيون ۽ ڪليل هيون، مان اچرج ۾ پئجي ويس ته آيا مان "ڪريمز" (Krems)ويجان يا "زنيم" (Znaim) ويجان[1] پرخيال اچي ٿو ته عدالتي رهائش موجود آهي، ان ڪري گريز" (Graz) يا اهڙي ڪنهن شهر بجاءِ اوڏانهن وڃڻ جو فيصلو ڪريان ٿو هاڻي مان ريل جي گاڏي ۾ ويٺل آهيان، جيڪا "استيڊبان" (Stadtbahn) يعني مضافات ۾ هلندڙ مال گاڏي پئي لڳي. ۽ منهنجي بٽڻ واري ڪاج ۾ رور وڪڙ ڏڳهي ڪا خاص شيءَ اٽڪيل هئي، جنهن جو ٻاهريون حصو واڱڻائي مائل خاڪي هو واڱڻائي لڳيڪ ڪهن سخت ڏاتوءَ مان ٺهيل هو. جيڪو گهٽو ڪري ماٺهن لاءِ وٽندڙ هو." ان سان گڏ منظر ختم ٿي ويو.

هڪ پيرو ٻيهر مان استيشن جي سامهون ٻينو هوس، پر هن پيري ڪنهن جهوني شخص سان گڏ هوس. مان اڃان ۽ ڪنهن اڃاتل منصوبي تي سوچي رهيو هوس، ۽ پوءِ ڏٺم ته اهو منصوبو اڳ ۾ ئي، اهو ائين هو جيئن ڪو سوچي ۽ تجربو ڪري وڃي، بلڪل ساڳئي طريقي سان اثرانداز ٿي چڪو هو. هو اڪين ڪان جڏو ٿي لڳو. شايد هڪ اڪ منجهان ڏسي پيو. مان ڪيس مرداني بيت الخلا ڏانهن وڃي ويس (جيڪو اسان پنهنجي ڳوٺ ۾ خريد ڪيو هو يا خريد ڪرڻو هو). پوءِ مون سائڊس پيشاب ڪرائڻ ۾ مدد ڪئي چاڪاڻ ته هو اڪين ڪان نابينا هو. جيڪڏهن ٽڪيٽ چڪاسڻ وارو اسان کي هن حالت ۾ ڏسي وڃي ها ته جيڪر بنا ڪنهن پڇا ڳاڇا جي چڪي دروازي ڪان ٻاهر ڪري ڇڏي ها. هتي وري حالت اها هئي جو ان شخص جو عضوو رپڙ جيان پئي لڳو. (ان وقت مان جاڳي پيس ۽ اڃندي ئي پيشاب ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪيم).

هي خواب مجموعي طور تي هڪڙي ان تصوراتي دنيا جو فطري تاثر ڏئي رهيو آهي، جنهن ۾ خواب ڏسندڙ کي 1848ع جي انقلابي سال ڏانهن پويان وڃي ويو آهي. ان سال جون يادگيريون مون کي 1898ع دوران شهنشاه فرانسس جوزف جي جوبلي جشن واريون آيون هيون. جيئن ته مان مختصر دوري تي، ويانا کان پنجاه ميلن تي هڪ وسيع ۽ ٻڌي ماڙيءَ تي، ڦهليل "واشو" (Wachao) ويو هوس. ان سلسلي ۾ جو مون کي، "فيخوف" (Fischhof) نالي شاگرد اڳواڻ جي پناهه وٺڻ واري جاءِ "ايمرس ڊارف" (Emmersdorf) ويڙهو هو.[2] خواب جي متن ۾ ڪجهه عنصر ان سلسلي جا ٿي سگهن ٿا. شخصي واسطيداريءَ سبب منهنجا خيال مون کي انگليڊ ۾ وڃي ٿي ويا، جتي منهنجي پاءُ جو گهر هو جيڪو گهٽو ڪري پنهنجي زال کي "پنجاه سال اڳ" جو جملو (لارڊ ٽينيسن جي ڪنهن شعر جو عنوان) چئي چيڙائيندو هو. جڏهن ته هار سندس جملي کي درست ڪري ائين چوندا هئا: "پندرهن سال اڳ".[3] ان انقلابي انداز جي خيالي اڏام بهرحال مون ۾ "ڪائونٽ ٽن" جي ڏسڻ ڪانپوءَ پيدا ٿي هئي. ائين جيئن انليءَ واري گرجا گهر جي مهاڙيءَ جو ان ڀڳالهه سان واسطو نه آهي ته پويان جڙيل عمارت ۾ چا پيو وهي واپرجي، پر اهو انهن مهاڙين کان مختلف آهي، جن ۾ نقص رهجي ويو آهي يا انهن ۾ جاءِ جاءِ تي خال ٿي پيا آهن. ۽ اها حقيقت آهي ته اندروني اوساري، پنهنجي انداز سان عمارت سازيءَ جي ڪيترن نڪتن بابت اختلاف جو بنياد فراهم ڪري ٿي.

خواب جي پهرين صورتحال ڪيترن منظرن جي رلمل صورت هوندي آهي، جنهن کي هتي مان علحدو ڪريان ٿو. خواب ۾ ڪائونٽ جي غرور وارو رويو اختيار ڪرڻ، منهنجي اسڪول واري زماني جي منظرن جو نقل آهي، جڏهن مان پندرهن سالن جو هوس. اسان پنهنجي هڪڙي غير مشهور ۽ نظرانداز ڪندڙ جرمني زبان جي استاد جي خلاف هڪڙي سازش ستي هئي. جوش ڏيارينڊڙ اسان جي اسڪول ۾ پڙهندڙ چوڪرا هئا، انهن ڏينهن ۾ سنڊن پسنديده شخصيت "هينري

---

[1] "ڪريمز" (Krems) آسٽريا جي هيٺين حصي ۾ آهي ۽ "زنيم" (Znaim) موراويا ۾ آهي، جتي شهنشاهي رهائشي سلسلو ڪو نه آهي. "گريز" (Graz) "استيريا" (Styria) صوبي جي گاديءَ جو هنڌ آهي.

[2] مون کي گهٽو پوءِ مطالعي ذريعي "واشو" ۾ "ايمرس ڊارف"، جي نشاندهي ان ساڳئي شهر واري نالي سان ڪا نه پئي ٿي، جتي انقلابي شاگرد اڳواڻ "فيخوف" پناهه ورتي هئي. (هن غلطيءَ جو حوالو "روزمره زندگيءَ جي نفسيات 1901ع مان ڪنيل آهي.)

[3] ان عنوان سان "ٽينيسن" جو ڪو شعر نه آهي، ٻيو حوالو لڳيڪ رائٽي وڪٽوريا جي "جوبليءَ" جو آهي، جيڪو "پنجاه سالن" لاءِ آهي، نه ڪي "پنجاه سال اڳ". وارو جملو بار بار يا نعم البدل جي طور تي ظاهر ٿيڻ آهي. ان کان علاوه اهو "لوڪسلي هال" (Locksley Hall) آهي: يعني اهو سٺ سال بعد جو تصور آهي.

اٹون" (Henry VIII) هوندي هئي. ان حملي جو اڳواڻ مون کي مقرر ڪيو ويو هو. ان دشمنيءَ جو اشارو اسان جي ان بحث مان ظاهر ٿيو جيڪو اسان خاص طور "ڊونابي کان آسٽريا" يعني "واشو" تي پئي ڪيوسين. اسان جي سازش ڪندڙ ڪلاسي ساٿين مان هڪڙو چوڪرو، شرافت جي حمايت ڪندڙ هوندو هو. پنهنجي ڊگهي قد ڪاٺ جي ڪري هرڪو ڪيس "زراف" (Giraffe) سڏيندو هو. هو منهنجي خواب ۾ ڪائونٽ وانگر اڻي ٻيئو ڪنهن وڏي ظالم فرمانروا جيان ڏسو ڪنيائين. اهو جرمني زبان جو استاد هو. پسنديده گل ۽ قميص جي ڪاج ۾ ڪنهن شيءَ جو هجڻ بہ گل کي ئي ظاهر ڪري ٿو (جنهن کي گذريل پيري مون ڪاسني رنگ جي گل خريدڻ لاءِ سوچيو هو. جيڪو مان ساڻس ڏينهن تي پنهنجي هڪ عورت دوست جي لاءِ خريد ڪري آيو هوس ۽ پاڻيءَ ۾ رکڻ سان تازو رهڻ ۽ نوان گونچ ڪيڻ وارو گل (Jericho) پڻ خريد ڪيو هو.) اهو مون کي شيڪسپيئر جي تاريخي ڊرامن منجهان ڪنهن منظر (3 هينري VI ايڪٽ Iمنظر I) جي ياد ڏياري ٿو جنهن جي ابتدا "ڳاڙهن ۽ اڇن گل جي جنگين" بابت پيش ڪيل آهي (هينري اٽين ۾ شامل. جيڪو ان جي يادگيرين جو رستو کولي ٿو.) ان حوالي سان، اڇن ۽ گلابي رنگ جي گلن جو اهو هڪڙو نندڙو قدم هو. ان ڏس ۾ جرمنيءَ ۽ لاطيني زبان جي هڪ هڪ سٽ، ان نڪتي جي وضاحت لاءِ ڏجي ٿي:

ترجمو: "گلاب، ڪنول يا قرنفل، هرهڪ گل مرجهائجي ويندو آهي."

ترجمو: "ايسا بيليٽا (Isabelita) نہ رو ڇاڪاڻ تہ گل مرجهائجي ئي ويندا آهن."[1]

لاطيني زبان جي سٽ جو ظاهر ٿيڻ مون کي تمثيلي گيت" (Figaro) ڏانهن موڪلائي وڃي آيو هتي ويانا ۾ اڇن گلن جي جهڳٽي کي، يهوديت پرستيءَ جي خلاف (Anti_Semitism) ۽ ڳاڙهن گلن کي سماجي جهوريت (Social Democrats) جي علامت سمجهيو ويندو آهي.

ان معاملي جي پويان يهودين جي خلاف مشتعل ڪندڙ ڪجهہ يادگيريون ڦهليل آهن، جيڪي انگلستان جي پياري شهري علاقي واري ريلوائي سفر دوران پيش آيون هيون. (انگلستاني يعني جيڪي جرمنيءَ جي اترين علاقن ۾ رهندا هئا ۽ پنجين ۽ ڇهين صديءَ ۾ انگلستان تي چڙهائي ڪري فاتح بڻيا (Anglo_ Saxon). ٽيون منظر منهنجي شاگرديءَ وارن اوائلي ڏينهن جوڙجڪ سان سان وابستا آهي. تڏهن جرمنيءَ جي شاگردن سان "فطرت جي حڪمت عملي جي اپياس" بابت بحث ٿيو هو تڏهن مان گپيرو نوجوان ۽ مادي نظرين سان ٽمٽار هوندو هوس، ۽ ڪنهن بہ نڪتي جي اختلاف ۾ هڪ طرفو ڳالهائڻ ۽ مداخلت ڪرڻ ۾ ڏاڍو پڙ هوندو هوس. نتيجي ۾ جيڪو مونکان مٿين درجي ۾ پڙهندو هو ۽ منهنجو مربي بہ هو جنهن کي ڪنهن سنڊس، وڏي هجوم جي اڳواڻيءَ ۽ ان جي انتظامي امور هلائڻ جي صلاحيت جو باور بہ ڪرايو هو (اتفاق سان ان جو نالو بہ جهنگلي جيوت جي بادشاهيءَ سان منسوب هو).[2] اڻي ٻيئو ۽ اسان کي ٻڌائڻ لڳو: "هو پڙا" چوڻ لڳو "جواني ۾ جهنگ وارو جانور (خنزير ـ Swine) ٿي ويو هو ۽ وري پنهنجي ٻيءَ جي گهر بہ سدائين موٽي ايندو هو." هن جي جملي تي مون ڪاوڙجو (جيئن خواب ۾) اظهار ڪيو ۽ مون ڏاڍي غير مهذب انداز سان ڪيس جواب ڏنو: "خنزير جهڙو خودغرض" (Saugrob). مان ڪيس تڏهن ڪان سڃاڻان تہ جواني ۾ سنڊس لاڙو لالچ ۽ خودغرضيءَ ڏانهن هوندو هو. ان ڪري مان سنڊس تقريرن مان بلڪل بہ متاثر نہ ٿيندو هوس. (خواب ۾ مان پنهنجي جرمن قوم پرستيءَ تي حيران ٿيو هوس (خواب اڃڪتي پڙهندا.) اٽين بہ ٿيندو هو تہ ڪيترن طرفن کان اهو گوڙ شور ايرندو هو تہ جئين مان پنهنجي ڪيل گفتگو تان هٽ ڪٽي وڃان پر مان اٽين ڪرڻ کان بنهہ انڪار ڪر ڇڏيندو هوس. اهو ماڻهو جنهن کي مان بيمانو ڪندو هوس، نهايت عقل وارو هوندو هو ۽ تيستائين مقابلي لاءِ موقعي جي تلاش ۾ رهندو هو جيسيتائين معاملو ختم نہ ٿي وڃي.

---

[1] اهي ستون نائين صديءَ جي عام ڪتابن ۾ بہ آيل آهن.

[2] گمان آهي تہ اهو "وڪٽر ايڊلر" (Viktor Edler. 1852_1918) يعني "شهباز" هو جيڪو آسٽرين سماجي جمهوري پارتيءَ جو اڳواڻ هو.

خواب ۾ ان پھرين صورتحال جا بچيل عنصر پاتال جي گھرائين مان اپري آيا ھئا. پوءِ "خچر جي ڪُر" بابت امير جي بيان جو ڏھڙو مطلب؟" ان جي جواب ۾ گولھڻ لاءِ مان لاڳاپن جي پنڌڀڳ تي ھلڻ لڳس:

"خچر جو ڪُر"..... "ڪاھوءَ جو چنبو (مُٺ)، (Huflattich)..... سلاد لاءِ ڪم ايندڙ سبزيءَ جو قسم. انتظام سنياليندڙ جي اندر ۾ ڪتو ڪتي جو ڪاج (Salathund)، ان سان گڏ ڪيترين ئي يادگار گارين جا انبار: بن مانس (Affe)، خنزير (Swine)، سوئر جي مادي (Sow) ڪتو ۽ ائين مان وڃي گڏھ تائين پھتس. اھڙيءَ ريت جيڪڏھن مان ڪنھن ٻئي نالي جي ڳولھا ۾ ھڪ پيرو ٻيھر ڪو چڪر ڏئي ڏسان تہ ٻئي ڪھڙي استاد جي بيعزتي ڪئي اٿم ۽ گڏوگڏ مان خچر جي ڪُر جو به ترجمو ڪندس تہ درستيءَ يا غلطيءَ وچان، بھرحال مان ان جو نالو فرانسيسي زبان ڏريعي نہ ٻڌائي سگھندس، جيڪو لڳيڪ "گل قاصدي" (Pisse_en_lit) جيڪو ھيٺين رنگن واري عام گاھ جھڙو ٿئي ٿو.

ان قسم جي معلومات مون کي "زولا" (Zola) [1] جي نظريي: "ڪنندڙ يا تخم گھرڻن جي واڌ"، جي پھرين مرحلي (Germinal) مان ملي آھي، جنھن ۾ ھار کي سلاد لاءِ ڪنھن ھوٽي ٻٽي اچڻ لاءِ چيوويو آھي. "ڪتي جي ھڏيءَ" لاءِ استعمال ٿيندڙ فرانسيسي لفظ (Dog_ Chien) مون کي ان جو مخصوص ڪم ياد ڏياري ڇڏيو (فرانسيسي زبان ۾ لفظ پيازي (Chier) کي ھلکي گلابيءَ (Pisser) سان ٻه پيٽ ڏني وڃي ٿي.)

جلد ئي سوچڻ لڳس تہ مان انھن ٽنھي حالتن (ٿوس، پاڻي ۽ ھوا) متعلق کي درست مثال گڏ ڪري نہ سگھيو آھيان. ان ساڳئي ڪتاب (Germinal) جي ڏريعي، جنھن سان ھوا جھڙي شيءَ جي خارج ڪرڻ جي انھيءَ عمل بابت پيٽ تي ٻڌل نھايت نياري قسم جو انقلابي مقصد حاصل ڪري سگھجي ٿو جيڪو "ريح" (Flatus) جي حوالي سان سجاتو وڃي ٿو. [2]

ھاڻي مون کي اندازو ٿيو تہ جنھن رستي، مون کي ريح (ھوا) ڏانھن ٻئي ڇڪيو. تنھن، اصل ۾ مون کي ھينري انين بابت لکيل انگريزي تاريخ: "ازابيلينا" ازابيلا" ۽ "فريڊيننڊ" واري فرانسيسي شعر ڏريعي، گلن جي خوشبو کان دور ٻئي ڪيو ۽ ملڪ ايلزبيٿ پھرين جي عھد (1588) ۾ انگلستان تي حملي ڪرڻ لاءِ تيار ڪيل "ارميدا" (Armada) جنھن انگليڊ جي خلاف ساموندي سفر ٻئي ڪيو ان جي شڪست کانپوءِ انھن جو اھو عھدنامو ختم ڪيو ويو جنھن تي:

"ھو غلطيءَ وچان ڪاميابيءَ جو موقعو وڃائي وينا ۽ اھي نڙي پکڙي ويا" تحرير ٿيل ھو. [3] ايستائين جو طوفاني ڏماڪي، ھسپانوي مسلح بحري جھازن جي سلسلي کي ئي ٽيڙي پکيڙي ڇڏيو. علم علاج جي باب جي، عنوان رکڻ بابت مون کي، انھن لفظن جي استعمال ڪرڻ جو خيال سنجيدگيءَ سان نہ اچي ھا. جيڪڏھن مون کي زناني جنسي بيماريءَ جي علاج ۽ ان جي معلومات جي باري ۾ تفصيل پيش ڪرڻ جي ضرورت محسوس نہ ٿئي ھا. ھاڻي اسان خواب جي ٻئي حصي ڏانھن ٽا موٽي ھلون. پھرين تہ مان اھا ڳالھ واضع ڪري ڇڏيان تہ مان اھڙي قسم جي تفصيل ڏيڻ کان ٻنھ قاصر آھيان. جنھن بابت غور ڪرڻ کانسواءِ چند چاڻ ڪيل ھجي. جيڪڏھن مان پاڻ کي ان انقلابي دور جي انھن ڪامران ۽ انفرادي شخصيتن جي مالڪن جي جاءِ تي رکي ڏسان. "ايڊلر" چواڻيءَ: جن ڪنھن عقاب جيان جان جوکي ۾ وڌي، ۾ پنھنجي عياشيءَ سبب آندين جي بيمارين ۾ به مبتلا رھيا.

---

[1] فرانسيسي ناول نگار "ايمل زولا" (Emil Zola. 1840_1902)، جنھن انساني زندگيءَ ۾ فطرت بابت ھڪ نوڪي روايت کي تجربي ۾ ڪامياب حقيقت (Scientific) ڪري قبول ڪيو آھي (ب.م).

[2] اھو حوالو دراصل ڪتاب "جرمينل" ۾ نہ پر ڪتاب "لا تيري" (La terre) ۾ آھي، ان غلطيءَ جو مشاھدو تجزيو مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ ٿيو ھو ۽ مون ڏٺو تہ مختلف معنائن وارن انھن ساڳين لفظن: سلاد لاءِ ڪم ايندڙ سبزيءَ جي قسم، يعني "ڪاھوءَ جي چنبي (مُٺ)، "خچر جي ڪُر" ۽ "ريح" ۾ ڪافي مماثلت ھئي.

[3] 1925ع ۾ شامل ڪيل: غير جانبدار سوانح نگار ڊاڪٽر فرٽز وٽيلس (Dr. Fritz Wittels, 1924) انھيءَ اصول تحت مون تي زور ڀريو ھو تہ مان "يھودا" (Jehovah) جو نالو ڪيڏي ڇڏيان. 1930ع ۾ شامل ڪيل: انگريزي تمغي تي خدائي سيرت واري معبود (Deity) جو نالو ڪڍن جي پسمنظر ۾ عبراني زبان ۾ چپيل ھو جيڪو اھڙي نموني ٺھيل ھو جو ان جي تحرير ان جي نقش نگار جو ئي حصو ٿئي لڳي.

منهنجو خيال آهي تہ مان ان نڪتي تي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ کان لنوائڻ ۾ حق بجانب نہ ٿو ٿي سگهان. پل تہ ان کهاڻي جو وڏو حصو مون کي "هوفراٿ" نالي ڪورٽ جي ڪائونسلر ٿي ڇو نہ ٻڌايو هجي. خواب ۾ عوام جي استعمال وارن ڪمرن جي سلسلي جو نظر اچڻ شاهي سواريءَ کي ڪڍڻ نيڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ ڪمرن سان وابستا هوندا آهن. جن جي جهلڪ ڏيڻ ۾ مان ڪامياب ويو آهيان. پر "ڪمرا" (Zimmer) جن جو مقصد پڻ "عورتون" (حقارت جي خيال کان ڪتب آيل لفظ Frauenzimmer) آهي، ۽ گهٽو ڪري خوابن جي معاملي ۾ ائين ئي ٿيندو آهي. حالانڪ هن واقعي ۾ اها "عوامي عورت" آهي. جڏهن جن تہ گهريلو عورت جي حيثيت ۾ مان ان حاضر جواب ٻيڙڻي عورت جي طرف پنهنجي احسانمنديءَ جو اظهار گهٽ ئي ڪري رهيو هوس ۽ سندس خدمت ۾ دلچسپي بہ گهٽ ونئي رهيو هوس. ۽ جڏهن ڪيس گهر ڇڏڻ ٽي ويس تہ مون کانئس ڪيترين ئي سٽيون ڪهاڻيون بہ ٻڌيون فانوس جو اولڙو معروف آسٽرين ڊراما نگار "گرل پارزر" (Grillparzer 1872_1791) جي ا ۽ حقيقي تجربي جي پاسي موٽي ٿو اچي جنهن "سمنڊ جون چوليون ۽ محبت" (ارماڊا ۽ طوفان) ۾ "هيرو" ۽ "ليندر" جي دکڻي بابت ان ئي قسم جو هڪ وٽندڙ واقعو بيان ڪيو آهي.[1]

مان خواب جي باقي بچيل ٻن حصن جي تفصيلي تجزيي کان بہ پاسو ڪري، ان بابت اڳتي لکندس. ان خواب تي بحث ڪرڻ لاءِ مان هتي رڳو انهن عنصرن کي کڻندس، جيڪي ٻالڪپڻي جي انهن ٻن منظرن جي رهنمائي ڪن ٿا. درست نموني ۾ ڏکي هٽن جي صورت ۾ اها کهڙي ڳالهہ آهي جا لکائڻ لاءِ مون کي مجبور ڪري رهي آهي تہ اها "لِڪ" جنسي معاملو آهي، پر هتي ان جي وضاحت جي ڪا خاص ضرورت بہ نہ آهي. بهرحال ڪيترين ئي ڳالهيون هونديون آهن جيڪي ٻين کان لکائبيون آهن. سوال اهو ناهي تہ مان ان جي وضاحت کي مخفي ڇو ٿو رکان. پر مان سمجهان ٿو باطني احتساب جي تقاضا ئي اها آهي، جا خواب جي حقيقي مواد کي لکائڻ لاءِ مون تي زور پري رهي آهي. مان بهرحال اهو واضع ڪري ڇڏيان تہ خواب جي انهن پوين ٽن حصن، اهو ظاهر ڪري ڇڏيو آهي تہ اهي غير متعلق لپاڙواريون ڳالهيون هيون. ۽ اهو پنهنجي متعلق صلاحيتن يا اهميت جي باري ۾ مبالغي ۽ برتريءَ وارو (Megalomania) اجايو ۽ بيهودو معاملو هو جيڪو منهنجي جاڳ جيون ۾ پڻ ڏيبل رهيو آهي، جنهن جا ڪجهہ گوشا وري پنهنجو پنهنجو رستو ناهي. خواب جي مواد جو ستاءُ ڪندا آهن (مثال طور: مون محسوس ٿي ڪيو تہ مان وڏو چالاڪ هوس)، اتفاق سان خواب ڏسڻ کان هڪ شام اڳ منهنجي زنده دل هجڻ واري قوت ۾ اضافو ٿيو هو. اصل ۾ ڏاڙهتاڪ يا فخر وڏائيءَ جي ڦهلجڻ جو دائرو گهٽو وسيع آهي. مثال طور "سائي گاهہ تي چرڻ" کي شامل ڪجي ۽ ان لهجي ۾ پڇجي تہ "گاهہ جي قيمت ڪيتري آهي؟" تہ اها ان ماٺهوءَ جي شخصي تسڪين کي ظاهر ڪري ٿي، جيڪو پاڻ کي ڏاڍو خوش قسمت ٿو سمجهي. خواب جو پهريون حصو بہ وچ ۾، فحش مزاح ۽ شعوري طنز جي خاصيتن جي حامل فرانسسي مصنف "فرانڪو رابلي" (Rabelais_1483_1533)، يا ان جي پڙهندڙ يا ان جهڙي لکندڙ کنهن اهڙي شخص جي ٻڌاڪ يا وڏائيءَ جي ذريعي معاملي کي شامل ڪري ٿو. جنهن جي دماغ ۾ زندگيءَ ۽ ضرورتن جي پورائي لاءِ ديوقامت شخص ۽ سندس پٽ وٽ فحاشي ۽ طنز کي لکائيندڙ تمام اونچن خيالن جو بي مثال خزانو پريل آهي.

هي آهي اهو مواد، جيڪو ٻالڪپڻي جي ٻن منظرن کي پاڻ ۾ ملائي ٿو. جنهن جو مون پنهنجي پڙهندڙن سان وعدو ڪيو هو: مون سفر لاءِ هڪ نئين صندوق خريد ڪئي هئي، جا پوري واڳڻائي رنگ جي هئي، اهو رنگ هڪ کان وڌيڪ پيرا خواب ۾ نظر آيو هو: اهو واڳڻائيءَ ۽ ناسي رنگ کنهن نوس مواد مان جڙيل هو ۽ گڏوگڏ اها شيءَ جنهن جي سجاڻپ "چوڪري

---

[1] هي حاشيو 1911ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي: هڪ معروف اخبار ۾ "سلبرر" (1910) منهنجي خواب جي ان حصي کي پيش ڪيو آهي تہ خواب جو ڪمر نہ رڳو خواب جي ڳجهي مواد کي ٻيهر پيش ڪرڻ ۾ پر نفسياتي عمل جي تسلسل ۾ بہ ڪامياب ٿيندو آهي. جيڪو خواب جي ستاءُ جي جاءِ والارينڈو آهي (جنهن کي هو "عملي مظهر" ڪوئي ٿو). پر مان سمجهان ٿو تہ هو انهن حقيقتن کي نظرانداز ٿو ڪري تہ "اهي نفسياتي عمل جا تسلسل جيڪي خوابي ستاءُ دوران جاءِ والارين ٿا. اهي منهنجي مواد جي ٻچيل حصي جيان آهن. ان فخر واري خواب جي حوالي سان مان پاڻ ان جي دريافت تي فخر محسوس ڪريان ٿو.

قاسائيندڙ" (Madchenfanger) واري هئي.[1] ۽ فرنيچر اهو هو جيڪو وزيراٽن گهرن ۾ هوندو آهي. عام طور هارن جي حوالي سان اها ڳالهه مڃڻ جوڳي آهي ته ماڻهو ڪين ڪنهن به نئين شيءَ سان ماري سگهن ٿا. منهنجي ننڊپڻ جي ان منظر مون تي واضع ڪري ڇڏيو ۽ منهنجي ذهن تي تري آيو ته جڏهن مان ٻن سالن جو هوس ته ڪڏهن ڪڏهن مُنهي بستر و آلو ڪري ڇڏيندو هوس. ۽ جڏهن مان اهو ڪنهن کي ٻڌائيندو هوس ته منهنجو پيءُ کي تسلي ڏيڻ لاءِ وعدو ڪندو هوس ته ير واري شهر مان ڪيس ڳاڙهي رنگ جي سهڻي پين وٺي ڏيندس. اها ڳالهه خواب ۾ وچ ۾ ٽپي پوڻ واري انداز سان آئي هئي. اهو تاثر ڏيڻ لاءِ ته اسان شهر مان پيشاب لاءِ ڪمود وٺنداسين يا ورتو آهي: جيئن چئبو آهي ته ماڻهوءَ کي پنهنجو وعدو پاڻ گهرجن.

"علامتن جي ذريعي رلمل ٽيڻ واري عمل ۾ مرداڻي پيشاب جي جاءِ ۽ عورت جي صندوق يا ڏبلي پڻ ڏيان طلب آهي: (ڏسو باب چوٽون: خوابن ۾ تاثر جو بگڙجي وڃڻ). ان وعدي منهنجي ننڊپڻ وارين صلاحيتن يا اهميت جي باري ۾ سموري مبالغي کي ظاهر ڪري ڇڏيو هو. پيشاب ڪرڻ جي حوالي سان اسان اڳ ۾ ئي ٻارن جي انهن مسئلن تي بحث ڪري آيا آهيون. جيڪي سندن خوابن ۾ خاص حصو وٺن ٿا (هڪڙو خواب ڏسو: باب پنجون: خوابن جو مواد ۽ ماخذ: خوابن جي بنياد ۾ بالڪپڻي جو مواد). اسان اعصابي موضوعن جي نفسياتي تجزيي مان پڻ بستري ۾ متڙ ۽ شديد خواهش جي ڪرداري خصلت جي وچ واري لاڳاپي بابت به سکي آيا آهيون."[2]

مان جڏهن سٽن يا اٽن سالن جو هوس ته هڪ ٻيو گهريلو واقعو ٿيو هو جنهن کي مان نهايت چٽيءَ طرح ياد ڪري ٿو سگهان. هڪ ڏينهن اڳ ۾ مون کي ڪاڪوس لڳو هو ته مان، بي حجابيءَ ۽ بيپرواهيءَ وچان مائٽن جي موجودگيءَ ۾ سندن سمهڻ واري ڪمري جي پائخاني ۾ هليو ويس. ان ڳالهه تي تنبيهه ڪندي منهنجي پيءُ هي لفظ چيا: "چوڪرو ڪجهه ڪرڻ نه آيو هو." اهو جملو منهنجي خيال کان گهڻ ۽ خوف ڏيارينڊڙ هو. ان منظر جو حوالو مسلسل منهنجي خوابن ۾ ايڏان تائين ايندو رهندو آهي، ۽ اهو منهنجي ڪارنامن ۽ ڪاميابين سان شمار ٿيندو آهي. جڏهن ته مان چوڻ چاهيان ٿو ته: "توهان ڏسو مان ڪجهه ڪرڻ ئي آيو آهيان." ان منظر پوءِ خواب جي آخري حصي کي مواد مهيا ڪيو جنهن "بدلي" جي صورت اختيار ڪري ورتي، ۽ اصولن پنهنجي متا سٽا ڪري ورتي. پوڙهو ماڻهو (چٽيءَ ريت منهنجو پيءُ هو. جڏهن ته سندس هڪ اک جي بينائي، سائي موتيي جي بيماريءَ جو هڪ طرفو حوالو هئي.[3] جيڪو هاڻي منهنجي سامهون بيهي ائين پيشاب ڪري رهيو هو جيئن مون ننڍي هوندي ڪيو هو. اک جي بيماريءَ جي حوالي سان مان ڪيس ناريل جي ست مان ٺهيل، بيهوش ڪندڙ دوا (Cocaine) ياد ڏياري رهيو هوس، جيڪا مون سندس آپريشن دوران ڪتب آندي هئي. ۽ ان ريت مان پنهنجي وعدي جو پورائو ڪري رهيو هوس. گڏوگڏ مان سائس مذاق ۾ ڪري رهيو هوس جو مون سندس عضوي ۾ هٿ وڌو چاڪاڻ ته هو انڌو هو ۽ مان زناني جنسي بيماري (هيسٽيريا) جي نظريي جي حوالي سان تصور ۾ ڏسي رهيو هوس، جنهن تي مان فخر محسوس ڪري رهيو هوس.

تجزيي جي سلسلي ۾ ڪجهه وڌيڪ مواد هن ريت آهي ته "سندس هٿن ۾ جهليل عينڪ (پيشاب واري عضوي جي علامت) مون کي اڪين واري ڊاڪٽر وٽ، ان "ڳوناٽي هاريءَ" جي ڪهاڻي ياد ڏياري ڇڏي. جيڪو مختلف نمبرن وارين عينڪن پائڻ جي باوجود خواب جي باقي حصي ۾ مثال طور پيش ڪيل لفظ: "هاريءَ کي قاسائيندڙ"، بنائڻ سنوارڻ وارو" (Bauernfanger)، "چوڪري قاسائيندڙ" (Madchenfanger) پڙهي ڪونه پئي سگهيو. ساڳيءَ ريت پيءُ به "ايمل زولا" جي ڪتاب "لاٽيري" (La terre) ۾ به آهي ته هارين جي درميان علاج ڪرائڻ ڪانپوءِ ذهني طور ضعيف ٿي ويو هو. دڪدائڪ تلافي اها هئي ته عمر جي آخري ڏينهن ۾ بستري تي سمهيل هئڻ جي ڪري، منهنجو پيءُ، ٻارن وانگر غلاظت سان

---

[1] اهو لفظ عام طور تي عياش ۽ آواره (Rake) جي حوالي سان استعمال ٿيندو آهي. هتي ان جو مطلب "ڪاج" جو سوراخ آهي. ساڳئي نوعيت جو اصطلاح "ساحر دلربا"، عاشقن کي موهت ڪندڙ به آهي. آمريڪا ۾ عورتن جي مٿي تي رکيل رومال لاءِ به استعمال ٿيندو آهي.

[2] هي ڏکرو 1914ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

[3] هڪڙي ٻي تشريح به آهي. ديوتا "اوڊنس ٽروسٽ" (Odhins Trost) وانگر ڪيس هڪ اک هئي. "اوڊينس جون آئٽون" نالي سان "فيلڪس ڊان" (1880) جو ڏند ڪٿائي ناول به آهي. ۽ مون پنهنجي ننڊپڻ جي پهرين خواب جي منظر ۾ ڪيس نئين بستري وٽي ڏيڻ جو دلاسو ڏنو هو.

بسترو خراب ڪري ڇڏيندو هو ان ڪري خواب ۾ منهنجي موجودگي، بيمار نرس جي صورت ۾ پيش ٿي هئي. هتي سوچ ۽ تجربو ڪرڻ هڪ ئي، يعني ساڳئي ڳالهه هئي. ان ڳالهه مون کي "آسڪر پنيزا" (Oskar Panizza_1895) جو تمام زبردست انقلابي ۽ ادبي ڊرامو "داس ليبي شونزل" (Das Liebeskonzil) ياد ڏياري ورتو جنهن ۾ "ديني پيءُ" اڌرنگ ورتل پوڙهي شخص جيان نهايت نفرت جوگو ورتاءُ ڪري ٿو. ان معاملي ۾ خواهش، ارادي ۽ نمايان عمل کي ساڳئي ۽ هڪ شيءَ هجڻ جي صورت ۾ منتقل ڪري ٿو ۽ هن کيس پٽ پاراتي ڪرڻ کان منع ڪئي هئي. ۽ هن پنهنجي ان بلند مرتبي واري فرشتي ذريعي قسم کنيو هو جيڪو کيس شراب پيئاري مست ڪندو هو ڇاڪاڻ ته سندس بددعا ڏاڍو جلد اثر ڪندي هئي. "

منهنجي منصوبا بندي ڪرڻ ۾ پوين عرصي ۾ منهنجي والد کي نه وٽندي هو ۽ مون کي نهايت گهٽ وڌ ڳالهائيندو هو ۽ خواب جو سمورو مزاحمتي مواد سچ پچ ته اعليٰ اختيارين سان بغاوت ۽ طعني تي ٻڌل هو جنهن جو رخ پويان، منهنجي پيءُ سان بغاوت ڪرڻ ڏانهن هو. هڪ شهزادو پنهنجي راڄڌانيءَ جو پيءُ ليکبو آهي. جڏهن ته سندس حڪمراني يا ٻيا سماجي اختيار انساني تهذيب جي تاريخ جي طور تي ارتقا ڪندا آهن. جتي شجره نسب عورتن جي نسبت سان هلندو آهي، اتي اهو قاعدو لاڳو نه ٿيندو آهي. ان جملي: "سوچڻ ۽ تجربو ڪرڻ هڪ ئي ڳالهه هئي" کي زناني بيماريءَ (هيسٽيريا) جي علامتن جي وضاحت جو حوالو هو ۽ پيشاب واري مرداڻي عضوي جو به ساڳيو تعلق هو مان ويانا وارن جي تڪليف ڏيڻ واري اصول جي (Gschnas) جي وضاحت ڪرڻ ضروري نه ٿو سمجهان. جوڙجڪ ۾ انهن سان مناسبت رکندڙ شيون، ڇاڪاڻ ته اتفاقي ۽ انمول بجاءِ خسيس ۽ گهٽو ڪري مذاق ۽ انتهائي بيڪار مواد جي انداز ۾ ظاهر ٿي سگهن ٿيون، مثال طور ڪنهن شيءَ جي ترڻ واري ٽانءَ بجاءِ دفاعي اوزار (زرهه)، شربت پيئڻ واري نلڪين جا ڇڪا، مانيءَ جا گول گرهه ۽ ويانا ۾ غير روايتي طور رهندڙ بوهيمين جي رهاڪن جون دعوتون نظر اچي سگهن ٿيون. مون مشاهدو ڪيو آهي ته خاص طور هيسٽيريا جو موضوع ٻيڪ، پورويا هوبهو چا ٿو پيش ڪري، گڏوگڏ اهو به ته حقيقت چا هئي جو اهي لاشعوري طور اوچتي خوف کي ايارين ٿا يا محفوظ سادن تصوراتي واقعن ۽ سندن روزمره جي تجربن جي مواد کي تعمير ڪن ٿا. جيڪي ان حقيقي يادگيرين جي خزاني مان ڪنهل نه پر تصوراتي دنيا جي خيالي اڏام آهن جن جون علامتون ابتدائي حالتن ۾ ئي لاڳاپجي وڃن ٿيون، پلي ته اهي سنجيده قسم جون هجن يا بلڪل سادين ۽ معصوم. اهڙي قسم جي پڏرائيءَ منهنجي ڪيترين ئي مشڪلاتن ۾ مدد ڪئي آهي، ۽ مون کي خاص اطمينان پئي بخشيو آهي. خواب جي عنصر جي خيال کان "پيشاب واري مرداڻي عضوي" جي حوالي ڏيڻ ۾ منهنجي لاءِ جيڪا ڳالهه ممڪن ٿي سگهي پئي، اها ان ريت هئي.

مان ٻڌائي آيو آهيان ته انهيءَ پريشانيءَ ۽ تڪليف (Gschnas) واري رات "لوڪريزيا بورگيا" (Locrezia Borgia) سان منسوب زهريلي شراب واري ڪٿوري جي نمائش ڪئي وئي هئي، ان جو مرڪزي خيال ۽ ان جي طرز ۽ تشڪيل اسپتالن ۾ استعمال ٿيندڙ "پيشاب واري مرداڻي عضوي" جهڙي هئي.

منهنجي ننڍپڻ جا ٻئي پيشاب ڪرڻ وارا منظر، پنهنجي صلاحيت يا اهميت جي باري ۾ مبالغي (Megalomania) جي موضوع جي نهايت ويجها آهن. پر اهي اوچتو تڏهن ظاهر ٿيا جڏهن مان "آئوسي" ڏانهن سفر ڪري رهيو هوس، اتفاق سان وڏيڪ مددگار اها صورتحال ٿي، جو ان مون واري گاڏي ۾ غسل خانو شامل ڪونه هو انڪري مون کي اها پريشاني لاحق هئي، جيڪا آخر صبح جو پيدا ٿي پئي، جو جسماني ضرورت سبب مان جاڳي پيس. مان سمجهان ٿو ته اهڙي قسم جي ضرورت جي پورائي، خواب کي حقيقي طور تي چوريو هو، پر مان وري به هڪ ٻي راءِ کي اهميت ڏيندس ته اصل ۾ پيشاب ڪرڻ جي خواهش ئي خواب جو سٺاءُ جوڙيو هو. ائين گهٽ ئي ٿيو هو جو ڪنهن جسماني ضرورت سبب، ان ريت منهنجي ننڊ ڦٽي وئي هجي، جڏهن ته ان ڪم لاءِ صبح جي پوڻين ٽين وڳي، منهنجي اٺڻ جو وقت مقرر هوندو هو. ۽ منهنجو هڪ ٻئي اٽندڙ اختلاف سان به واسطو پئجي سگهي ٿو ته نهايت آرام واري سواريءَ تي مشڪل سان ئي رفع حاجت محسوس ٿي هوندي جڏهن ته مان صبح جو سوير به اٽندو هوس! پر ان نڪتي کي ڇڏي ڏيڻ ۾ ڪو حرج به نه آهي.[1]

---

[1] ان خواب تي اڳتي باب ڇهين: خواب جي عمل: حصّي ستين: بي معنيٰ خواب" ۾ بحث ٿيل آهي.

خوابن جي تشريح جي تجربي منهنجو ڏيان ان حقيقت ڏانهن ڇڪايو هو ته خيالن جي ريل، موتي وري به نندپڻ ڏانهن ويندي آهي، جنهن جي ابتدا پڻ خوابن کان ٿيندي آهي، ۽ اهي پهرين ست ۾ ئي مڪمل تشريح ٿيل نظر ايندا آهن، جن جي سرچشمن ۾ پڙڪائيندڙ خواهش کي ڳولهڻ مشڪل نه هوندو آهي. بهرحال مان پاڻ کي مجائي سگهان ٿو ته جيڪڏهن اهي خصلتون، خواب جي صورتحال کي اڳ ۾ تيار ڪرڻ لاءِ وڌيڪ اهم نه آهن، ته عام اصطلاح ۾ ائين چئجي ته اها تجويز ڏيڻ يا اهو مفهوم ڪيڏ دراصل، هر خوابن پنهنجي پيشڪش جي سٽاءَ ۾ ويجهن تجربن ۽ پنهنجي تمام اوائلي تجربن اندر لکل متن سان سلهاڙيل هوندا آهن، ۽ مان بهرحال هيستيريا جي تشريح ۾ اهو ظاهر ڪرڻ جي قابل ٿي ويو آهيان ته اهي اوائلي تجربا، بچائي رکڻ يا جاري رکڻ جي معقول حس رکن ٿا، جيڪي اڪثر ويجهڙائيءَ واري وقت تائين هلن ٿا. بهرحال اها مشڪل ايجان تائين موجود آهي ته ان شڪ شبهي کي سچ ڪيئن ثابت ڪجي، ۽ مان هڪ ٻئي لاڳاپي (باب ستين: خوابن جي عمل جي نفسياتي پهلو: حصو ٽيون: "خواهشن جي پورائي) ڏانهن ان تي غور ڪرڻ لاءِ مڙان ٿو ته ٻالڪپڻي ۾ ٿيل اوائلي تجربا، خواب جي جوڙجڪ ۾ ڪهڙو ممڪن ڪردار ادا ڪن ٿا.

يادگيريءَ جي ٽن ڪرداري وصفن کي ب جي ابتدا ۾ شامل ڪيو ويو هو هڪ ته خوابن جي متن ۾ غير ضروري مواد جي ترجيح هئي، جنهن جي ذريعي خواب جي ٻگاڙي کي اطمينان ڏيارينڊڙ چٽائيءَ سان ڳولهي سگهجي ٿو ۽ اسان ٻن ٻين حصن يعني، ويجهڙائيءَ دوران ٻگالهائڻ ۾ ڪنهن لفظ يا فقري تي زور، اهميت ۽ ٻالڪپڻي جي مواد جي موجودگيءَ جي تصديق ڪرڻ جي قابل ٿي وياسين، پر اسان مقصد يا نيت جي بنياد تي انهن جي عمل جا سبب ٻڌائڻ يا انهن کي پڇاڻيءَ تي پهچائڻ جي لائق نه ٿيا آهيون جيڪي خواب جي اڳواڻي يا رهنمائي ڪن ٿا.

اها ٻگالهه ذهن ۾ ضرور رکڻ گهرجي ته انهن ٻنهي ڪرداري وصفن جي وضاحت ۽ تعريف ايجان دريافت ٿيڻي آهي، انهن جي اصل جاءِ ايجان ڪنهن ٻئي هنڌ آهي، پوءِ اها نند جي حالت بابت نفسيات هجي يا ذهن جي ساخت ۽ ان جي ڪمن تي بحث هجي، جن تي اسان اڳتي هلي گفتگو ڪنداسين. ان ڪانپوءِ واضع ٿي سگهنداسين ته خواب جي تشريح، تجزيو يا تعبير هڪ اهڙي دري آهي جنهن مان نهاري، استعمال ٿيندڙ اندروني سامان جي جهلڪ ڏسي سگهنداسين. (ڏسو باب ستون: خوابن جي عمل جو نفسياتي پهلو).

هتي بهرحال ان پوئين خواب جي تجزيي مان هڪ ٻيو انومان به نڪري ٿو جنهن لاءِ مان ڏيان ڇڪائڻ چاهيان ٿو. خوابن مان گهٽو ڪري هڪ ڪان وڌيڪ مطلب نڪرندا آهن، رڳو ائين به نه جيئن اسان جي ڏنل مثال مان ظاهر ٿئي ٿو. ٿي سگهي ٿو انهن سان گڏ، ٻيون به ڪيتريون خواهشون ۽ انهن جي پورائي جون ٻگالهيون رلمل ٿيل هجن، پر معنوي ورثي جو حق يا خواهشن جو پورائو ٿي سگهي ٿو هڪ ٻئي تي مڙهجي، مرتب ٿي ويو هجي. بنياد ۾ خواهشن جي پورائي جو معاملو وري به ويجي نندپڻ ۾ ڪيل خواهشن سان ملي ٿو. ۽ هتي وري هڪ ٻيو سوال ايري ٿو ته ٿي سگهي ٿو ته اها دعويٰ گهٽي درست نه هجي ته اهي اڪثر يا لڳاتار اڇڻ جي بجاءِ بنا تبديليءَ جي ظاهر ٿيندا آهن.

حقيقت اها آهي ته خوابن جي معنيٰ مڙهيل ۽ مرتب ڪيل تهن ۾ سليقي ۽ نهايت نفاست سان ۽ ڏاڍي دلچسپ نموني متعين ٿيل هوندي آهي، ان ڪري به خوابن جي تشريح ڪرڻ ۾ مشڪل پيش ايندي آهي. جيڪڏهن ڪو به اهو امڪان وساري ڇڏيندو ته پڪ ئي پڪ ۽ آساني سان گمراه ٿي ويندو ۽ خوابن جي فطرت لاءِ ڪنهن درست دعويٰ جي دليل ڏيڻ جي قابل نه رهندو. اها به حقيقت آهي ته ان ڏس ۾ ڪيتريون ئي نه مڃڻ جوڳيون ڪوجنائون ايجان به ٿي رهيون آهن. هيل تائين مٿاني جي ڏهاءَ سبب بيدار ڪرڻ وارن خوابن ۾ علامتن جي عام درجي بندي بابت رڳو "اوٽو رئنڪ" (Otto Rank, 1912) جي مختصر ڪوجنا جو حصو سراسري طور ۽ ٺيڪ انداز جو ملي ٿو.[1]

---

[1] ڏسو باب ڇهون: خوابن ۾ علامتن ذريعي اظهار: حصو پنجون: ڪجهه مثالي خواب.

(3)

خوابن ۾ جسماني جيوگهرڻن جو بنياد

THE SOMATIC SOURCES OF DREAMS

جيڪڏهن ڪنهن شخص کي، ڪنهن عام آدميءَ جي خوابن جي مسئلن بابت تربيت ڪرڻ جو شوق هجي تہ بهرحال اهو خيال ذهن ۾ ضرور رکي ۽ ان کان ايترو پڇڻ ضرور گهرجي تہ خوابن بابت سندس ڪهڙو خيال آهي تہ: اهي ڪهڙي ذريعي سان پيدا ٿين ٿا؟ تہ توهان ڏسندو تہ ان سوال جي جواب ڏيڻ وقت هو پاڻ کي نهايت پراعتماد محسوس ڪندو. ۽ پهرين ست ۾ ئي خوابن جي جڙڻ کي هاضمي جي خرابيءَ يا معدي جي تڪليفن جو اثر ڄاڻائيندي چوندو: "اهي هاضمي جي خرابيءَ سبب ايندا آهن."[1]

ننڊ دوران جسم جي انداز يا چرپر يا ڪجهہ خارجي واقعن سبب گهٽو ڪري ائين ئي سمجهيو ويندو آهي. هن تي اهو تہ واضع ئي نہ ٿيندو آهي، جڏهن تہ اهي سمورا سبب، هڪ هنڌ جمع ٿي سندس ضرورتن جي وضاحت لاءِ ڪانہ ڪا شيءِ پويان ئي رهائي ڇڏيندا آهن.

پهرين باب جي حصي ٽئين ۾ مان ان معاملي تي گهٽو بحث ڪري آيو آهيان، ۽ "خوابن جي جڙڻ ۾ ترغيب ۽ خوابن جي ماخذن يا بنيادن" بابت لکڻ جو ڪم تجرباتي ڪم ڪندڙ ليڪڪن پارار، مون کي سونهيو ويو هو ان ڪري هتي مون کي رکو ان معلومات جي نتيجن کي ياد ڏيارڻ جي ضرورت آهي. جنهن سلسلي ۾ اسان کي ٽن قسمن جي جسماني جيوگهرڻن جي ترغيب جو بنيادي فرق نظر آيو:

1. خارجي حسي ترغيب: جيڪا بيروني سببن جي ڪري ايري ٿي.
2. انهن حساس عضون جي داخلي جوش واري حالت: جن جو بنياد اندروني حالت تي مدار رکي ٿو.
3. جسماني جيوگهرڻن جي ترغيب: جيڪا جسم جي اندران پيدا ٿئي ٿي.

ان کان سواءِ اسان اهو به ڏٺو آهي تہ تجزيو ڪندڙ ماهر وٽ خوابن کي انهن جي جسماني جيوگهرڻن واري چرپر تي ڏيان ڏيڻ بجاءِ انهن کي پس منظر ۾ ڌڪڻ يا خوابن جي نفسي، امڪاني بنيادن کان صفا علحده ڪري ڇڏڻ جو لاڙو موجود آهي.[2] پر اسان جي جاچ جي دعويٰ جو دارومدار جسماني جيوگهرڻن واري چرپر جي آڏار ۽ بنياد تي رکيل آهي، جنهن ڪري اسان انهيءَ نتيجي تي پهتا آهيون. حسي عضون جي خارجي ترغيب (ننڊ دوران ڪڏهن وقتي يا اتفاقي طور تي اثر انداز ٿئي ٿي تہ ڪڏهن وقتي طور اپرندڙ اها ترغيب، ننڊ واري ذهن تي ڪا مداخلت ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وڃي ٿي). ڪيترن ئي مشاهدن ۽ تجربن ذريعي پڪ پڪاڻي ۽ تي قائم آهي. داخلي حسي تحرڪ جيڪو ڪردار ادا ڪري ٿي، اها اٽپوري يا ننڊاڪڙي شعور جي حسي عڪسن وارن خوابن ۾ وري وري ٿيڻ واري عمل ذريعي اظهار ڪندي نظر اچي ٿي. ۽ آخر ڪار اها ظاهر ٿئي ٿي، جڏهن تہ اهو ثابت ڪرڻ نهايت مشڪل آهي تہ اسان جي خوابن ۾ نمودار ٿيندڙ عڪس ۽ خيال، داخلي جسماني جيوگهرڻن جي چرپر جا ايتري حد تائين پيرا ڪٽي هلندا آهن، جيڪي اصل معاملي جي ساڪ ڏيندا هجن. توڙي جو ان جو اصل بنياد عالمگير سطح

---

[1] ڏسو باب پهرين: (خوابن جي مسئلن سان سائنسي ادب جو رويو/ تعلق، حصو ٽيون: ترغيب ۽ خوابن جا ماخذ/بنياد

[2] ڏسو باب پهرين: خوابن جي مسئلن سان سائنسي ادب جو رويو/تعلق، حصو ٽيون: ترغيب ۽ خوابن جا ماخذ/بنياد

تي مجيل اثر رسوخ ۾ ان پئيرائيءَ جي ڳولها ڪندو هجي، جنهن جي مشق وارو عمل اسان جي خوابن جي ذريعي، اسان جي هاضمي، پيشاب ۽ جنسي اُپار پيدا ڪندڙ عضون ۾ جوش جو سبب هوندو آهي.[1]

جڏهن ته تنتي سرشتي جو جوش ۽ جسماني جيوگهرڻن جو تحرڪ خواب جي جسماني جيوگهرڻن جي چرپر جو ڪارڻ بڻجي ظاهر ٿيندو آهي. ڪيترن ئي ليڪڪن جي حوالي سان ائين ۽ چئي سگهجي ٿو ته اهو انهن خوابن جو واحد ڪارڻ آهي.

ٻئي طرف اسان ڪيترائي نظر آيل شڪ شبها اڳي ئي بيان ڪري آيا آهيون، جيڪي تنقيد طرف، درستگيءَ جي ثابتيءَ لاءِ نه پر جسماني جيوگهرڻن جي چرپر جي نظريي جي مناسبت ۾ اشارو ڪن ٿا.

بهرحال هن نظريي جي تائيد ڪندڙن جي پڪ ۽ خاص طور تي، جيستائين اتفاقي ۽ خارجي تنتي چرپر جو تعلق آهي ته انهن کي ۽ ان جي اصل بنياد جو احساس ڏياري سگهي ٿي. اهو نظريو بنا ڪنهن مشڪل جي خوابن جي سٽاءِ ۾ ناڪام نه ٿيو آهي ته خواب ۾ تمثيلي مواد جي قيمتي شين ۾ لاڳاپو ڏيڪارڻ اڪيلي سر خارجي تنتي چرپر لاءِ ناممڪن آهي. "ويٽون ڪاڪنس مس" (Whiton Calkins Miss, 1893.312) ان ئي سوال تي لڳاتار ڇهن هفتن تائين پنهنجي ۽ هڪ ٻئي شخص جي خوابن کي جاچڻ جو ڪم ڪيو هو. هن ڏٺو ته انهن ۾ 13.2 فيصد ۽ 6.7 سيڪڙو خوابن مان خارجي حواسن ذريعي محسوس ڪرڻ جا ارڪان ملڻ ممڪن هئا. جڏهن ته انهن گڏ ڪيل سمورن سپنن مان رڳو ٻن ۾ عضوياتي احساس اخذ ٿيا. هتي اسان ڳاڻاٽي جي علمي حوالي سان به تصديق ڪئي آهي ته مون کي منهنجي تجربن جي اپهرائيءَ وچان ڪيل معائني، ڪهڙي گمان ڏانهن ٿي ڏڪيو.

تنتي سرشتي جي تحرڪ وارن خوابن ۽ بين قسم جي خوابن کي علحده ڪرڻ جي سلاح لڳاتار ڏني وئي آهي ته جيئن انهن جي نوعيت ۽ خوبين کي مڪمل طور تي جاچي سگهجي. "اسپيتا" (Spitta.1882.223) انهن کي ٻن صورتن ۾ علحدو ڪيو آهي:

1. تنتي سرشتي جي تحرڪ سبب ايندڙ خواب.
2. لاڳاپي يا تعلق سبب ايندڙ خواب.

هڪ کي ٻئي کان جدا ڪرڻ وارو اهو عمل بهرحال اڃان تائين اطمينان ڏيارينڊڙ نه ٿي سگهيو آهي ۽ جسماني جيوگهرڻن جي چرپر جي بنياد ۽ خواب جي تمثيلي مواد جي وچ ۾ ڳانڍاپي کي محدود ڪري چڏيو آهي. جنهن ڪري سمجهڻ ۾ ناممڪن بڻجي ويو آهي. جڏهن ته ان جي پهرين اعتراض جي حوالي سان هڪ ڳالهه ته اها چئي سگهجي ٿي ته "تحرڪ يا جوش پيدا ڪندڙ احساسن جي خارجي بنيادن جو اٽپوري طريقي سان وقوع پذير ٿيڻ آهي"، ٻيو ته انهن ذريعن طرفان خوابن جي اٽپوري وضاحت مهيا ڪيل آهي.

اسان کي ان نظريي جي حمايت ڪندڙن مان اميد رکڻ جو پورو پورو حق آهي ته اسان کي انهن ٻنهي نڪتن جي وضاحت ڏين:

1. ائين چو آهي ته ڪنهن خواب جو خارجي تحرڪ پنهنجي اصل ڪردارن ذريعي نظر نه ايندو آهي! پر ان جي جاءِ تي گهڙو ڪري مختلف ۽ نه سمجهه ۾ ايندڙ ٿي پوندو آهي؟ (ڏسو گهڻيال جي آلارام وارو خواب. باب پهريون: خوابن جي مسئلن سان سائنسي ادب جو روپو/ تعلق، حصو ٽيون: ترغيب ۽ خوابن جا ماخذ/بنياد).

2. ته ائين چو آهي ته ذهن جو سمجهه يا ادراڪ وارو ردعمل: انهيءَ نه سمجهه ۾ ايندڙ جوش واري جذبي يا احساس کي پيش گوئي جي قابل نه بڻائي سگهڻ ۽ انيڪ قسم جي معنائن ۽ نتيجن ڪيڏ ۾ رستو ڏيڪاريندو آهي؟

---

[1] ڏسو باب پهرين: خوابن جي مسئلن سان سائنسي ادب جو روپو/تعلق، حصو ٽيون: ترغيب ۽ خوابن جا ماخذ/بنياد

انهن سوالن جي جواب ۾ "استرومپيل" (Strumpell_1877,108) ٻڌائي ٿو ته:

"ڄاڪاڻ ته ننڊ دوران دماغ جو تعلق خارجي دنيا کان هٽي ٿو وڃي، ان ڪري اهو خارجي حسي چرپر جي درست تشريح نه ٿو ڏئي سگهي، ان جي جاءِ تي تصور جوڙڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، ان بنياد تي ته ان ۾ غير يقيني نقش ڪيترن حوالن سان موجود آهن." هن جا پنهنجا لفظ آهن ته: "ننڊ دوران ذهن ۾ جيترو جلدي قبول ڪرڻ جي صلاحيت يا ان صلاحيت جو مونجهارو يا احساس يا ڪنهن به قسم جو ڪو نفسي عمل اپري ٿو ته نتيجي ۾ ذهن خارجي يا داخلي تنتي ايار ذريعي پنهنجي حواسن جي مدد سان سڃاڻڻ لڳي ٿو، ان عمل کي حسي تصوراتي صورت سڏجي ٿو جيڪو تجربن جي ان دائري مان جڙي ٿو جنهن کي ذهن جاڳ واري حالت دوران پاسيرو ڪري رکيو هو جنهن کي ويجهڙ ۾ ڪيل ادراڪ چئجي ٿو. اهي يا ته پڌرا هوندا آهن يا وري خاص نفسي معيار ذريعي ساڻ سنگت ۾ شامل هوندا آهن. اهو عمل جيئن هيو تيئن ئي ڪيترن ئي وڌن توڙي ننڍن عڪسن سان پاڻ هر تو گهيرو ڪندو آهي ۽ انهن جي وسيلي تاثر، تنتي چرپر مان پيش رفت ڪري، پنهنجي نفسي طور ڪٽيل معيار يا اهميت ذريعي ظاهر ٿيندو آهي. اسان اتي ننڊ واري دماغي حالت ۾ تنتي تحرڪ ذريعي جوڙيل انهن تاثرن جي تشريح ۾ ائين ئي ڳالهائيندا آهيون، جيئن عام طور تي جاڳ واري حالت ۾ اسان جو انداز هوندو آهي. تشريح جي ان نتيجي کي اسان "تنتي تحرڪ جي ذريعي آيل خواب" سڏيو آهي. اهو خواب جنهن جا عنصر تنتي تحرڪ جي ذريعي طئي ٿيل هوندا آهن، ذهن ۾ ٻيهر پيدا ڪرڻ جي عمل مطابق پنهنجا نفسي اثر پيدا ڪندو آهي."

"وونٽ" (Wundt.1874,656) پنهنجي ساڳئي بنيادي نظريي تحت تڏهن ئي ڪجهه چيو آهي، جڏهن پڪ ڪري ٿو ته خوابن ۾ نمودار ٿيندڙ خيال، حواسي تحرڪ مان خاص طور جسم جي اندرين عضون جي احساسن جي تجربي مان لنگهڻ واري گڏيل صلاحيت (Coenaesthesia) ۽ ادراڪ سان گڏجي گهٽي حصي لاءِ پنهنجي پيش رفت ڪن ٿا ۽ ان سبب اڪثر ڪري تصوراتي عڪس، رڳو ٿوري ئي امڪان هجڻ جي گنجائش، گذاريل ڏينهن جي ياداشت ۾ مدد ڏيندڙ (Mnemic) خيال، زور وٺائڻ جي عمل ذريعي سوداءِ يا وهم ۾ تبديل ٿي وڃن ٿا.

"استرومپيل" (Strumpell_1877,84) اڏاڪري لاڙو رکندڙ (Apt) جي تشبيهه کي ان تعلق سبب رد ڪيو آهي. جيڪو سندس خواب جي متن ۽ ان جي تحرڪ جي وچ ۾ جوش جي نظريي ۾ موجود آهي. جڏهن هو لکي ٿو ته: "اهو ائين آهي جو اهو ماڻهو جيڪو موسيقيءَ کان واقف نه هجي ۽ پوءِ به پنهنجي ڏهن ئي آڱرين سان پيانو وڄائيندو هجي."

جڏهن ته خواب ان انداز جو نه هوندو آهي، اصل ۾ ذهني مظهر، نفسي تحرڪ تي ٻڌل هوندو آهي، پر عضوياتي تحرڪ جو نتيجو نفسي ارڪانن ذريعي اظهاربو آهي ڄاڪاڻ ته ان مشيني سرشتي تي، جنهن تي جوش اپاريندڙ جذبو بيجا مداخلت ڪندو آهي ته اهو ڪنهن ٻئي طريقي سان تاثر ڏيڻ جي قابل نه هوندو. ساڳيءَ ريت پهروڪي واقعي ڏانهن ڪيل اشارو به موجود هوندو آهي. پر هڪدم نظر نه ايندو آهي، هڪ جهڙائيءَ جو احساس ڏيارينڊ يا مشابهت رکندڙ صورت جي حوالي سان "مينيرٽ" (Meynert)[1] وهم گمان وارن خيالن جي غلبي جي تشريح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي: "گهڙيال جي شڪل جهڙي مشابهت رکندڙ جنهن تي ڪي ڇپيل تصويرون، هلڪين يا خاموشيءَ کي ظاهر ڪرڻ بجاءِ گهٽو ڪري ۽ واضح طور تي اپريل ٿين ٿيون. بهرحال خوابن بابت جسماني جيوگهرڻن جي چرپر جو نظريو ڪيترو مشهور آهي ۽ اها ڪيتري پرڪشش آهي، ان کي جاچي سگهجي ٿو ۽ ان جا ڪمزور نڪتا به آساني سان ظاهر ٿي سگهن ٿا. جسماني جيوگهرڻن جو هر هڪ خوابي تحرڪ، جنهن کي ذهني طور ننڊ ڪرڻ يا ڪرائڻ واري اوزار جي ضرورت هوندي آهي، جيڪو تصور جي تعمير ذريعي تشريح ڪرڻ لڳندو آهي ۽ انهن کي اهڙو اپاري ڏيندو آهي جنهن مان تشريحي ڪوششن جا بيشمار رستا کلي پوندا

---

[1] مينيرٽ (Meynert, T_1892,317,350) جون ڇپيل تحريرون نه ملي سگهيون آهن.

آهن. ائين چئي سگهجي ٿو تہ اهو انتهائي انيک خيالن جي ذريعي خواب جي متن ۾ نمائندگي ڪري سگهجي ٿو[1] پر "استرومپيل" ۽ "وونت" جي حوالي سان سندن نظريو غور فڪر ڪرڻ لاءِ وڌيڪ ان مقصد جو پورائو ڪندي نظر نہ ٿو اچي، جيڪو خارجي تحرڪ ۽ خوابي خيال جي وچ ۾ انتظامي حڪم هلائڻ جو تعلق جوڙي سگهي، جنهن مقصد کي خواب جي تشريح لاءِ ان منتخب ڪيو آهي، اهو ناقص آهي.

ان جي وضاحت جي سلسلي ۾ "لپس" (Lipps, 1883,170) ان کي هن ريت بيان ڪري ٿو تہ: "گهڻو ڪري غير معمولي چوندڙ ئي انهيءَ پيدا ٿيل تحرڪ سبب پنهنجي پيداواري سرگرميءَ جي حوالي سان خوابن کي جوڙي ٿي."

ان اشاري تي اعتراض اڃان بہ وڌي وڃن ٿا، جنهن تي تصور جي سموري نظريي جو بنياد ٻڌل آهي، اشارو اهو آهي تہ نند جي حالت وارو دماغ حواسن جي خارجي چرپر، جوش يا اپار کي ان جي سچي ۽ فطري حقيقت مطابق سڃاڻڻ جي قابل نہ هوندو آهي. "برداخ" عضوياتي علم جو ماهر هو ان تمام گهڻو اڳ ٻڌائي چڪيو هو تہ "پلي تہ نند هجي پر دماغ پاڻ وٽ پهچندڙ سمورن منظرن يا حواسن وسيلي محسوس ڪرڻ وارن تاثرن جي، انهن جي ردعمل ذريعي بلڪل درست تشريح ڪرڻ جي قابل هوندو آهي ۽ انهيءَ عمل لاءِ هو ان خاص منظر جي حقيقت کي ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جيڪا نند پيل شخص لاءِ ايتري اهم هوندي آهي، جيتري عام صورت ۾ لنوايل واقعي يا منظر مان اميد رکندو آهي. نند دوران اهي تاثر ئي موضوع ٻڌبا آهن. (جيئن سنيالينڊز نوڪرياڻي يا ڪير ڏارائيندڙ دائي ۽ ان جي ذميداريءَ جي معاملي ۾ ٿيندو آهي). ٻيو تہ نند پيل شخص پنهنجي نالي يا ڪنهن ٻئي لاتعلق آواز واري تاثر تي جاڳي پوڻ بابت تمام گهڻو يقيني هوندو آهي. اهي سيئي تاثر جيڪي دلالت ڪرڻ جو عمل ڪندا آهن تہ نند دوران دماغ احساسن جي وچ ۾ فرق ڪرڻ لڳندو آهي. "برداخ" انهن مشاهدن مان نتيجو ڪڍيو آهي تہ: "اسان کي يقيني طور اهو مفروضو قائم ڪرڻو پوندو تہ نند واري حالت کي حواسي چرپر ۾ مداخلت ڪرڻ جي اهليت تہ هوندي آهي پر انهن ۾ دلچسپي نہ هوندي آهي. "ساڳيا دليل جيڪي برداخ" 1830ع ۾ استعمال ڪيا هئا، اهي ٻيهر وري بنا ڪنهن ترميم جي "لپس" پنهنجي "جسماني جيوگهرڻن جي چرپر جي نظريي تي تنقيد 1883ع" ۾ پيش ڪيا. ان صورت ۾ دماغ جو رويو ائين ٿو لڳي جڙ اهو ڪو افسانو جوڙيندو هجي. جڏهن ڪنهن ڪائنس پڇيو تہ ڇا هو ستل آهي؟ تہ چوڻ لڳو: "نہ تہ" پر جڏهن هن ڪيس ڇيو تہ: "پوءِ مون کي ڏهہ فلورنس (رپيا) ڏي، جنهن تي هو پريشان ٿي ويو ۽ ناخوشگوار انداز ۾ چوڻ لڳو: "مان ستل آهيان."

خوابن متعلق جسماني جيوگهرڻن جي اپار يا جوش جي اٽپوري نظريي کان ڪن ٻين طريقن سان سمجهائي سگهجي ٿو. مشاهدو اهو ٿو ٻڌائي تہ ضروري ناهي تہ جڏهن يا جيڪڏهن مان خواب ڏسان تہ خوابن متعلق خارجي تحرڪ مون کي مجبور ڪري پلي تہ اهو تحرڪ منهنجي خواب جي متن ۾ نمودار بہ ٿئي. مثال ٿا وٺون تہ جڏهن مان سمهان ٿو تہ مون کي ڪنهن شيءِ جي ڇهاءَ جهڙو احساس ٿئي ٿو تہ مون تي ڪيترن مختلف قسم جا ردعمل ٿيڻ شروع ٿين ٿا، مان انهن کي نظر انداز ڪريان ٿو جڏهن جاڳان ٿو تہ ڏسان ٿو تہ اتفاق سان پنهنجي جنگهن تي ڪپڙو پيل نہ ٿو ڏسان يا پنهنجي ٻانهن تي ڪو ڏهاءُ پيل ڏسان ٿو مرض جي تشخيص جو علم اهڙا ڪيترائي مثال مهيا ڪندو آهي، جن ۾ جلد جوش ۾ اچڻ وارا مختلف ۽ طاقتور احساس ۽ جوش پيدا ڪندڙ تحرڪ، نند دوران بنا ڪنهن اثر يا نتيجي جي. مسلسل جاري رهن ٿا. يا ٻيهر مان پنهنجي نند ۾ ان احساس کان واقف ٿي سگهان ٿو مان ان کان ائين واقف ٿي سگهان ٿو (جيئن تحريڪ پيدا ڪندڙ تڪليف جي

---

[1] هي حاشيو 1914ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي: مورلي وولڊ (Mourly Vold.1910_12) پنهنجي ٻن ڪتابن ۾ تجرباتي طور حاصل ڪيل خوابن جي سلسلي تي تفصيلي ۽ ٻيڪ مواد پيش ڪيو آهي. مان انهن ماڻهن کي پڙهڻ جي صلاح ضرور ڏينداس جيڪي پاڻ کي مجائي سگهن ٿا تہ: انهن تجربن جي صورتحال جي وضاحت جي ذريعي انفرادي خوابن جي متن تي هڪ هلڪي روشني بہ ڪيئن نہ عام طور تي اهڙن تجربن ۽ خواب جي مسئلن کي سمجهڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿي.

اصولي معاملي ۾ ٿيندو آهي) جنهن لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ: "مان ان درد کي نند دوران، پر بنا ڪوهڙ يا رڄائڙ جي محسوس ڪري سگهان ٿو. ۽ ٽيون تہ مان ان اُپار يا تڪليف جي رد عمل طور جاڳي ۽ سگهان ٿو تہ جيئن ان مان چونڪارون حاصل ڪري سگهان."[1] ۽ چوٿون امڪان اهو آهي تہ اهو تنتي بکيڙو منهنجي خواب لهڙ جو سبب بڻجي سگهي ٿو. ٻيا امڪان مڃڻ لائق تڏهن ٿيندا آهن جڏهن خواب جي اها آخري جوڙجڪ لڳاتار عمل ڪندي هجي. ۽ تيستائين اهو عمل نہ ٿي سگهندو آهي جيستائين خواب جي جڙڙ جو مقصد جسماني جيوگهرڻن جي چرپر جي بنياد بنسبت ڪنهن بي شيءِ تي انحصار نہ ٿو ڪري.

ڪجهہ ٻيا ليکڪ جهڙوڪ: "شيرنر" (Scherner.1861) ۽ "والڪيلٽ" (Volkelt,1875) بہ آهن، جن مان "شيرينر" جي خيال کي فلسفين ان ريت اختيار ڪيو آهي جو انهن، خوابن ۾ جسمانيءَ جيوگهرڻن جي چرپر جي سلسلي ۾ رڳو انهن خلائن کي پرڻ بابت تخمينو لڳايو آهي، جن جي مون هتي تشريحي نشاندهي ڪئي آهي. انهن ليکڪن دماغي سرگرمين بابت نهايت سٹي ڪوشش ڪئي آهي. جيڪا جسماني جيوگهرڻن جي چرپر کي ان قسم جي خوابي عڪسن جي صورت ۾ بدلائي، مختلف ڪري ڇڏڻ جي پيداواري اڳواڻي ڪري ٿي. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي تہ خواب جي سلسلي ۾ اهي عڪس، ذهن جي نفسي سرگرميءَ جيان ضروري سمجهندي هڪ پيرو ٻيهر تلاش ڪن ٿا.[2]

"شيرنر" خوابن جي پيداواري سلسلي ۾ نفسي ڪرداري خاصيتن جي، شاعراڻي احساس ۽ زندگيءَ جي رونق وسيلي نہ رڳو تشريح ظاهر ڪئي آهي پر هو اهو بہ مڃي ٿو تہ هن اهو اصول بہ ڳولهي لڌو آهي، جنهن سان ذهن، پاڻ وٽ آيل تحرڪ سان لهہ وچڙ ۾ اچي ٿو. سندس خيال آهي تہ خواب جو ڪم، جڏهن ڏينهن واري تصور جي ٻنڌڻ کان بلڪل آزاد هوندو تہ هو عضون جي ان فطرت کي ڳولهي، علامتي نمائندگيءَ ذريعي پيش ڪندو آهي، جنهن مان تحرڪ ۽ خود تحرڪ جي فطرت اپرندي آهي. اهڙي ريت هن خوابن جي تشريحي رهبريءَ بابت هڪ قسم جو "خواب نامو" پيش ڪيو آهي، جنهن جي ذريعي عضون جي حالت ۽ جسماني جيوگهرڻن جي ڪرداري خاصيت جي تعلق جي حوالي سان جسماني جيوگهرڻن جي چرپر مان پيدا ٿيندڙ احساسن جي خوابي عڪسن مان نتيجو ڪيڍڻ يا قياس آرائي ڪرڻ کي ممڪن بڻايو ويو آهي.

"اهڙيءَ ريت ٻليءَ جو عڪس، نرم مزاجيءَ جي حالت کي ظاهر ڪري ٿي ۽ هلڪن رنگن واري ماني، جنسي اڳهاڙپ کي ظاهر ڪري ٿي."

"والڪيٽ" (Volkelt, 1875,32) لکي ٿو تہ انساني جسم جي پوري تصوير، خوابي عڪس ۾ هڪ گهر ۽ بدن جا علحده عضوا گهر جي حصن جو عڪس بڻجي ظاهر ٿين ٿا. ڏند جي جوش يا تڪليف واري خواب ۾: هڪ هال جي داخلا وارو حصو ۽ قيمتي چيت: ڏند جي خالي ٿي ويل حصي ۽ ڏاڪڻ: نڙيءَ کان انڪل نوانج ڏگهي هلڪي تهہ واري پيٽ طرف ويندڙ ناليءَ (Oesophagus) سان تعلق رکي ٿي. مٿي جي سور سبب ايندڙ خوابن ۾ مٿي جو مٿيون حصو ڪمري جي ٻچان ڏيارينڊڙ ڏيڏرن ۽ ڪوريئڙن سان ڏيکيل چت جي ذريعي نمائندگي ڪري ٿو."

علامتن جي ايتري قسمن کي استعمال ڪرڻ جو خواب جو مقصد ساڳئي عضوي جي نمائندگي ڪرڻ آهي. اهڙيءَ ريت ساهہ ڪڍندڙ ڦڦڙن جي علامتي نمائندگي باهہ واري بٽي يا آتشدان، ۽ ان جي اپرندڙ شعلن جو آواز هوا جي لنگهہ جي نمائندگي ڪري ٿو. دل جي نمائندگيءَ ۾ اندران خالي ڪوڪا يا صندوقون: مثانو: گول پيٽيءَ جي شڪل جي شين يا عام طور تي خالي پيٽين جي صورت ۾ ڪري ٿو. ان ڳالهہ جي خاص اهميت آهي تہ خواب جي اختتام تي واسطيدار عضوا يا انهن جو عمل، خواب ڏسندڙ جي پنهنجي بدن جي تعلق ذريعي پڌرو نظر ايندو آهي. ان ريت ڏند جي تڪليف واري احساس ۾، عام طور خواب جي ختم ٿيڻ تي خواب ڏسندڙ پنهنجي ڏند کي جهلندي ڏسندو آهي.

---

[1] باب پهريون: (خوابن جي مسئلن سان سائنسي ادب جو روپو/تعلق)، حصو پنجون: خوابن جي نفسياتي خاصيتن جي سڃاڻپ/فرق.

[2] باب پهريون: (خوابن جي مسئلن سان سائنسي ادب جو روپو/تعلق)، حصو ستون: خوابن جا نظريا ۽ انهن جو ڪم.

خوابن جي تشريح جي نظريي بابت اهو موضوع ٻين ليکڪن تائين موافق انداز سان نہ پهتو آهي. ان جون مکيہ خوبيون بہ ضرورت کان وڌيڪ نظر ٽيون اچن ۽ منهنجي خيال ۾ انهن جي دعويٰ کي سمجهڻ ۾ ڪافي رندڪ پيدا ٿئي ٿي. جيئن اڳي نظر ايندو تہ خوابن جي اها تشريح، علامتن جي نظريي مطابق نئين سري سان پيشڪش ۾ سلهاڙيل آهي، اهو ساڳيو اصول قديم دور ۾ بہ لاڳو هو سواءِ ان ميدان جي، جتان تشريحون گڏ ڪرڻ انساني جسم جي ڦهڻ کان مٿي جي ڳالهہ هئي. ان حوالي سان شيرنر جي لاڳو ڪيل نظريي تحت تشريح، ڪنهن بہ قسم جي فني گهڻتائي، تجربي ذريعي ثابت ڪرڻ سان گرفت ۾ اچي سگهي ٿي، جنهن منجهان سندس مرضيءَ واري تشريح جا دروازا کليل رهجي ويل نظر اچن ٿا. خاص ان جي معاملي ۾ پڻ ساڳيا جسماني جيوگهرڙا، خوابن جي متن ۾ مختلف قسمن سان نمائندگي ڪري سگهن ٿا. اهڙيءَ ريت "شيرنر" جو شاگرد "والڪيٽ" خود ان راءِ کي ثابت ڪرڻ ۾ پاڻ کي لاچار ٿو پائي تہ: "جسم گهر جي نمائندگي ڪندڙ هوندو آهي." اختلاف پڻ انهيءَ پيدا ٿيندڙ حقيقت تي پابند آهن تہ ذهن، بيڪار ۽ بي مقصد عمل وانگر، هڪ پيرو ٻيهر خواب جي ڪم سان واڳيل رهي ٿو: انهيءَ ڪري اسان ان نظريي تحت هتي بحث ڪري رهيا آهيون.

ذهن، انهيءَ موضوع يا مضمون ذريعي، جسماني جيوگهرڻن جي سلسلي ۾ تحرڪ جي ڪنهن بہ قسم جي فطري اڪلاءِ يا لاڙي لاءِ بنا ڪنهن پرانهين اشاري جي اهو ئي خيال ۽ تصور جوڙيندو آهي، جنهن سان هو سلهاڙيل هوندو آهي.

هتي هڪڙي خاص تنقيد بهرحال پيدا ٿئي ٿي، جنهن سان "شيرنر" جي جسماني جيوگهرڻن واري علامتي نظريي کي تمام وڏو نقصان رسي ٿو. اهي جسماني جيوگهرڙا، هر وقت حاضر هوندا آهن، عام طور تي اهو سمجهيو ويندو آهي تہ ذهن جاڳ جي پيٽ ۾ نند دوران، انهن ڏانهن وڌيڪ رسائيءَ جوڳو هوندو آهي. اهو سمجهڻ ڪجهہ ڏکيو آهي، جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ ذهن ساري رات مسلسل خواب ٿي ڇو نہ جوڙيندو رهندو آهي، ۽ سچ تہ هر رات سمورن عضون جا خواب ڇو نہ ٿو ڏسندو رهي. ان تنقيد کان پاسو ڪرڻ لاءِ ڪجهہ وڌيڪ صورتحال شامل ڪري، هڪڙي ڪوشش ڪري سگهجي ٿي تہ خوابي سرگرميءَ جي ايرڻ جي حوالي سان، اڪين ڪنن، ڏندن ۽ نظام هضم وغيره ذريعي خاص طور جلد جوش ۾ اچڻ واري حالت جو گذرڻ ضروري آهي، پر مشڪل وري اها آهي تہ خواب، پوءِ جسماني جيوَ گهرڻن جي انهيءَ خارجي فطرت کي وڌائي، اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو، جيڪو تمام گهٽ تعداد وارن معاملن ۾ ئي ممڪن آهي. جيڪڏهن اڏرڻ جا خواب، ڦڦڙن جي ڦوڪجڻ ۽ سوڙهي ٽيڙ جي علامت آهن (ڏسو باب پهرين، خوابن جي مسئلن سان سائنسي ادب جو روبو/ تعلق جو حصو ٻيو: جسماني جيوگهرڻن جي اندروني ترغيب) تہ پوءِ اسٽرومپيل تہ اڳ ۾ ئي نشاندهي ڪئي آهي تہ عام حالتن جي باوجود پلي تہ اهڙا خواب بار بار ايندا هجن يا اها ڳالهہ ثابت ڪرڻ ضروري آهي تہ اهي پنهنجي سلسلي ذريعي ساهہ کڻڻ جي سرگرميءَ کي وڌائيندڙ هوندا آهن. هتي هڪ ٽيون امڪان بہ آهي، جيڪو انهن سيني ۾ وڌيڪ ممڪن آهي، ٿي سگهي ٿو تہ خاص مقصد، عارضي طور تي اثر انداز ٿين جيڪي اندروني عضون کي متاثر ڪندڙ شديد جوش (Visceral)، احساسن جو سڏو سنئون ڏيان ڇڪائيندو آهي، اهي يڪسان طور تي هر وقت هر حال رهندا آهن. اهو امڪان، بهرحال "شيرنر" جي نظرياتي پيش منظر کان پري وڃي ٿو وڃي.

اهو بلڪل سچ آهي تہ خوابن جو سٽاءُ جسم جي عضون ۽ انهن جي عمل جي علامتن تي ٻڌل هوندو آهي. مثال طور خواب ۾ پاڻي، پيشاب جي تحرڪ جي نشاندهي ڪندو هجي. خوابن جي معاملي ۾ جنهن ۾ ڏسڻ واري حد، ٻين خوابن جي بي رنگيءَ جي پيٽ ۾ پوريءَ ريت متحرڪ ۽ روشن رنگن واري هوندي آهي، جن کي شايد انهن خوابن جيان تعبير نہ ڪيو وڃي، جيڪي پنهنجي تصويري تحرڪ سان نظر ايندا آهن ۽ نہ ئي اهڙي تاثر يا تصورن جي ذريعي عمل ۾ ايندڙ انهن حصن تي ڪنهن کي اعتراض ٿي سگهي ٿو جيڪي اٽوٽندڙ ۽ بيزار ڪندڙ گوڙ ۽ مونجهارو پيدا ڪندڙ آوازن ذريعي خوابي سيرت نگاريءَ جو اظهار ڪن ٿا.

شيرنر ٻن سهڻن جوان چوڪرن جو هڪ خواب بيان ڪيو آهي، جنهن ۾ "اهي هڪ پل تي ٻئي ڇڙا هڪ ٻئي جي سامهون ٻيڻا آهن، هڪ ٻئي سان وڙهڻ لڳن ٿا ۽ وري پنهنجي اصل حالت ۾ ٻيهي رهن ٿا. آخرڪار خواب ڏسندڙ پاڻ کي پل تي ويٺل ڏٺو ۽ پنهنجي وات مان هڪ وڏي ڏند کي ڇڪڻ لڳو."

ساڳيءَ ريت والڪيٽ به اهڙو خواب بيان ڪيو آهي، جنهن ۾ "هڪ ڪٻاٽ جي پن خانن جي وچ ۾ گڙٻڙ پئي هلي، جنهن جي آخر ۾ به خواب ڏسندڙ پنهنجي ڏند کي پئي چڪيو."

اهڙي قسم جا خوابي سٽاءَ، اسان کي شيرنر جي نظريي جي اصل روح جي سچائي طرف ڌيان ڏيڻ بجاءِ ڪا اجائي ڪوجنا سمجهي، منسوخ ڪرڻ کان روڪين ٿا. (ڏسو باب ڇهون، "خواب جو عمل" جو حصو چوٿون: نمائندگيءَ ۾ مقصد تي غور ويچار) ته پوءِ اسان جي ذميداري اها آهي ته اسان انهن ٻئي قسم جي علامتن کي به ڳولهيون ته انهن ۾ "ڏند جي تحرڪ" متعلق ڪهڙو تمثيلي بيان آيل آهي. (هن قسم جا خواب اڳتي ڏسو: باب ڇهون: "خواب جو عمل" حصو پنجون: خوابن ۾ علامتن ذريعي اظهار ۾ ڪجهه مثالي خواب).

خوابن جي طبعي سبب واري نظريي جي ان سموري بحث متعلق، مان خوابن لاءِ جوڙيل پنهنجي تجزيي لاءِ جواز ڏيڻ کان پاسو ڪريان ٿو. ٽي سگهي ٿو ته ان طريقي سان ثابت ٿي وڃي، جنهن کي ٻين ليکڪن پنهنجي خوابن مواد متعلق لاڳو نه ڪيو آهي. نفسي يا دماغي عمل جي ڪري، اهڙا خواب پنهنجي هڪ الڳ اهميت ۽ وابستگي رکندا آهن. اهي خواهشون، انهن جي تعمير جو سبب بڻجنديون آهن ۽ گذريل يا هلندڙ ڏينهن جا اهي تجربا، انهن جي متن لاءِ ڪي تازو مواد مهيا ڪندا آهن. پوءِ جيڪڏهن خوابن متعلق ٻيو ڪو نظريو تحقيق جي ان اهم طريقي کي نظر انداز ڪري ٿو ۽ خوابن کي، طبعي تحرڪ جي نفسي ردعمل کي بيڪار ۽ منجهائيندڙ ڪري بيان ڪري ٿو ته اهو ڪنهن ضروري تنقيد جي نندڻ جو ڳو ٽي پوندو. يا اهو انتهائي ناممڪن نظر ايندو. انهن وٽ خواب جا به مختلف قسم آهن، جن مان رڳو هڪڙو منهنجي مشاهدي ۾ آيو پر ٻيو خوابن تي دسترس رکندڙ ويجهڙن ماهرن جي مشاهدي ۾ آيو. اهي سيئي! خوابن متعلق ويجهڙائي ۾ منهنجي ئي جوڙيل نظريي مان، انهن حقيقتن کي ڳولهڻ لڳا، جيڪي خوابن جي طبعي تحرڪ تي ٻڌل آهن.

اسان ان دعويٰ جي اڳيرائي لاءِ پهريون قدم اڳ ۾ کڻي چڪا آهيون (ڏسو باب پنجون: "خوابن جو مواد ۽ ماخذ": "خوابن ۾ تازو ۽ غير متعلق مواد) ته خوابي عمل، "ڳنڍيڻ" يا "ملائڻ" جي ضرورت تحت انهن سمورن چورڻ، يا پڙڪائڻ وارن معاملن ۾ "اتحاد" پيدا ڪندو آهي جيڪي، ان وقت متحرڪ هوندا آهن. اسان ڏٺو ته جڏهن به يا وڌيڪ تجربا، گڏاريل پوئين ڏينهن جي ڪنهن تاثر کي تخليق ڪرڻ جي لائق هوندا آهن ته خواهشون انهن مان پيش رفت ڪري هڪڙي خواب ۾ گڏ ٿيندڙيون آهن ۽ ساڳئي وقت اهم نفسي تاثر ۽ گذريل ڏينهن جا اڻ ڏريا تجربا ڪجي، خوابي مواد ۾ گڏجي ويندا آهن، ۽ انهن جي وچ ۾ مواصلاتي سلسلي جو سدائين ممڪن طريقو اختيار ڪندا آهن. اهڙيءَ ريت خواب هر هڪ شيءِ جي رد عمل طور ظاهر ٿيندو آهي، يعني ساڳئي وقت ويجهڙائيءَ ۾ پيش آيل متحرڪ مواد جيان خوابيده ذهن ۾ نماءُ ڪندو آهي. هيل تائين اسان وٽ خواب جي مواد جو اهو ئي تجزيو موجود رهيو آهي، جنهن کي اسان نفسي جمع پونجيءَ ۾ يادگيرين جي تلاش وانگر ڏٺو آهي، جنهن ۾ (هلندڙ يا ويجهڙائيءَ واري ۾ بالڪپٽي جي مواد جي اظهار جي اهميت جي حوالي سان) اسان هيل تائين انسان وجود جي "ويجهڙائيءَ واري موجود تحرڪ جي قابليت" جو غير تعين پذير لاڳاپو ڏيکاريڻ جي پاسي پئي هلياسين. اسان بنا ڪنهن تڪليف جي پيش بيني ڪري ٿي سگهياسين، جنهن کان پوءِ ڏسجي ها ته جيڪڏهن نند دوران انهن "تازين متحرڪ يادن" سان احساس جي صورت ۾ تازو مواد به شامل ڪجي ته ڇا پئي ٿي سگهيو! جيڪڏهن ٻيهر ان وجود جي "ويجهڙائيءَ واري تحرڪ" جي حقيقتن جي پابندي ڪبي، ته جلدي جوش ۾ اچڻ واري حواسي چرپر خواب لاءِ نهايت اهم نظر ايندي، ڇاڪاڻ ته اها ٻئي متحرڪ نفسي مواد سان ڳنڍيل هوندي آهي، اهو فراهم ڪرڻ لاءِ ته خواب جي تعمير ۾ ڇا ٿو استعمال ٿي سگهي.

ان کي هڪ ٻئي طريقي سان به ڏسي سگهجي ٿو ته جوش يا تحرڪ نند دوران، ايري ايندو آهي، جيڪو ڪن ٻين جزن جي خواهشن جي پورائي متعلق ڪم ڪرڻ لڳندو آهي، جيڪي "ڏينهن جي موڙيءَ" سان نفسي طور واقف هوندا آهن. ان قسم جي امتزاج کي ظاهر ٿيڻ جي ضرورت نه هوندي آهي، پر جيئن ته مان اڳ ۾ ئي نشاندهي ڪري چڪو آهيان ته نند دوران خواب ۾ جسمانيءَ جيوگهرڻن جو ردعمل هڪ کان وڌيڪ رستن سان ٿيندو آهي. اهو ردعمل جڏهن ظاهر ٿيندو آهي ته ان جو مطلب آهي ته اهو تمثيلي مواد ڳولهڻ ممڪن آهي، جيڪو خواب جي طبعي توڙي نفسي سٽاءِ طور استعمال ٿئي ٿو.

خواب جي بنيادي فطرت، طبعي متن يا ان جي ترڪيبي جزن جي حقيقت کي گهٽائڻ نه آهي. البت نفسي سببن کي ڳنڍڻ ضرور آهي، جنهن ڪري خواب، خواهشن جي پورائي جو تسلسل بڻجي پوندو آهي. پر ضروري نه آهي ته ويجهڙائيءَ واري متحرڪ مواد جي ذريعي خواهشن جي پورائي متعلق ڪهڙي طريقي سان اظهار ڪري ٿو.

ڪن خاص حقيقتن جي ڪوجنا جي نڪتي تي مان گنجائش ڇڏڻ لاءِ تيار آهيان. جيڪا خواب جي خارجي تحرڪ جي عارضي ڦير گهير ۾ اهميت رکي ٿي. مون انفرادي، جسماني توڙي حادثاتي حقيقتن جي امتزاج جي تصوير ڪشي هن طرح ڪئي آهي، ته اها پل اپل جي حالتن ذريعي پيدا ٿيندڙ آهي. جيڪا اهو تعين ڪري ٿي ته ان شخص جي خاص، "خارجي طبعي شديد تحرڪ" وارن معاملن، ننڊ دوران ڪهڙو رويو اختيار ڪيو هوندو. عادت مطابق يا حادثاتي طور تي ننڊ جي گهرائي، جوش يا تحرڪ جي زور کي، هن جي ڪنهن هڪ معاملي سان ڳنڍڻ لاءِ ڪٽي، ان جي شدت کي دٻائڻ لاءِ ممڪن بڻائي ٿي. ته جيئن سندس ننڊ ۾ خلل نه پوي، ۽ پيو معاملو هن کي جاڳڻ تي مجبور ڪري ٿو يا ان جي اٽڪ ڪري سندس جوش تي قابو پائڻ جي همت افزائي ڪري ٿو. انهن مختلف ۽ ممڪن هڪ جهڙائين ذريعي، خارجي (باهريون) زور، خوابن ۾ ٽوري يا گهٽي شدت وارو، اهو تاثر ٻئي جي پيٽ ۾ ڪنهن هڪ شخص ۾ نظر ايندو آهي. منهنجي پنهنجي معاملي ۾، جڏهن ته مان نهايت زبردست ننڊ ڪندڙ آهيان ۽ ڪنهن شيءِ کي پنهنجي ننڊ خراب ڪرڻ نه ڏيندو آهيان، پر ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته باهرين معاملن جي جستجو يا جلد جوش ۾ اچڻ واري حالت منهنجي خوابن جو رستو ڳولهي ونڊي آهي. جڏهن ته نفسي نيتون، آساني‌ءَ سان خواب ڏسڻ جو سبب بڻجنديون آهن. حقيقت اها آهي ته مان رڳو هڪڙي ئي خواب تي ڌيان ڏئي سگهيو آهيان، جنهن ۾ باهرين ۽ نهايت درد جو احساس ڏيارينڊڙ تحرڪ، شناخت ٿيڻ جوگو هو ۽ ان جي انهن نتيجن کي جاچڻ ۾ نهايت جاڻ ڏينڊڙهو جيڪي خاص طور ان خواب ۾ باهرين تحرڪ کي پيدا ڪري رهيا هئا:

"مان اڇي ڪاري چٽڪبري گهوڙي تي سواري ڪري رهيو هوس، ڏجندي ۽ اڻنگي انداز سان ابتدا ڪئي هيم، حالانڪ مان اڪيلو ئي ان کي ڊوڙائي رهيو هوس. پنهنجي ساڻين مان هڪ "پ" سان مليس، جيڪو گهوڙي جي مٿان ويٺل هو. اوني سوٽ پاتل هوس، ۽ ڪنهن پاسي منهنجو ڌيان ڇڪائي رهيو هو (شايد منهنجي غلط ويهڻ تي). مان هاٿي پاڻ کي مستحڪم انداز ۽ آرام سان پنهنجي نهايت سياڻي گهوڙي تي ويهڻ لڳس، ۽ محسوس ڪيم ڪافي سڪون سان آهيان. منهنجو پاڪڙو طول وهاٿي جهڙو هو. ان رستي تي مان هن گاڏين جي وچ مان پئي ويس، گهٽيءَ واري ٽوري فاصلي طئي ڪرڻ کان پوءِ، مان واپس مڙيس ۽ گهوڙي تان لهڻ جي ڪوشش ڪيم. پهرين ته هڪ ڪليل ڪليسا جو ننڍو ملازم، گهٽيءَ جي منهن ۾ بيٺو هو. پوءِ مان واقعي گهوڙي تان لٿس ته هڪ ٻي عبادتگاهه جو ننڍو ملازم به سندس پرسان موجود ڏٺم. منهنجي سراءِ به ان گهٽيءَ ۾ هئي، مان گهوڙي کي پنهنجي مرضيءَ تي ڇڏي ٿي سگهيس، پر مون ان کي گڏ ڇڪي هلڻ وڌيڪ مناسب ڄاتو. ڇاڪاڻ ته مون ان جي پٺيءَ تي چڙهي هلڻ سڻو نه پئي سمجهيو. جوتا صاف ڪرڻ واري به سراءِ جي در تي ئي بيٺو هو. هن مون کي منهنجي ئي هڪ چٿي ڏيڪاري، جيڪا هن ڪٽان لڏي هئي، ۽ مون تي کلڻ لڳو. اها چٿي ٻٽن اکرن ۾ لکيل هئي ۽ سٽن جي هيٺان ليڪ به ڏنل هئي: "ماني ناهي". گڏوگڏ پيو به جملو (غير واضع) لکيل هو جهڙوڪ: "ڪم ناهي". ٻنهي کي ملائڻ کان پوءِ ائين لڳو ته "مان ڪنهن اوپري شهر ۾ آهيان، جتي مون لاءِ ڪو ڪم ڪونهي."

پهرين سٽ ۾ ائين نه ٿو چئي سگهجي ته هي خواب ڪنهن دٻاءَ هيٺ وجود ۾ آيو هو يا تڪليف رسائيندڙ ڪنهن مجبوريءَ سبب جڙيو هو. پر ڪجهه ڏينهن کان مان ڦرڻين جي تڪليف ۾ مبتلا ضرور هوس. جيڪي هر وقت پيون سور ڪرائيندڙ هيون. هڪڙي ڦرڻي ته اصل صوف جيڏي وڏي ٿي وئي هئي ۽ منهنجي آنوري جي ڪل ..... تي ايري آئي هئي، جنهن جي ڪري قدم کڻندو هوس ته سور جي شدت وڏي ويندي هئي. جيڪا تڪليف جي سبب بي ڪيفيءَ ۾ ڪجهه وڌيڪ ئي مهربان ٿي پوندي هئي. ڪاڏي جي گهٽتائي ۽ ڪم جي سختيءَ جي باوجود مان ڪجهه ڪري نه ٿي سگهيس. سور سميت انهن سمورين ڳالهين گڏجي، مون کي ڏهني دٻاءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هو. مان پنهنجي طبي فرضن کي به ڇڏي ڪونه ٿي سگهيس. اهڙي حالت ۾ خواب ذريعي، منهنجي تڪليف جي هڪڙي ئي فطري تفريح هئي، جنهن ۾ مون کي خواب آندو هو. اها منهنجي

تڪليف کي وڌي قوت بخشيندڙ تردید هئي، جنهن کي ممڪن حد تائين تصور ۾ آڻي سگهجي ٿو. حقيقت ۾ مان گهوڙي سواري نہ ڪري سگهندو آهيان. نہ ئي مون وٽ ڪو گهوڙو آهي، ان جي پٺيءَ تي چڙهيو ضرور آهيان، پر اهو به سنجن کان سواءِ ۽ جنهن مان ڪو مزو به ڪونہ آيو هو. پر هن خواب ۾ مان گهوڙي سواري ائين ڪري رهيو هوس جڙ مون کي مقعد جي پرسان واري حصي تي ڦرڻي ٿہ هئي ئي ڪانہ يا ڪنهن حد تائين هئي به ٿہ منهنجو ان ڏانهن ڏيان جو ڪونہ ٿي ويو. "منهنجي چمڙي جي گدي" جنهن کي، ان جي تصوير ڪشيءَ مان جاچي سگهجي ٿو ٿہ اها لپري هئي، جنهن منهنجي گهري ننڊ کي ممڪن بڻايو هو ۽ انهيءَ آڇت سبب شايد ننڊ جي پهرين ڪلاڪن ۾ تڪليف جي شدت کان به بي خبر رهيس. جنهن کان پوءِ سور واري احساس جاڳائڙ جو اعلان ڪيو ۽ خوابي منظر ۾ سڪون واري انداز ۾ چوٽ لڳو: "نہ... وڃ... ننڊ ڪر... ننڊ مان جاڳڻ جي ضرورت نہ آهي. توکي ڪا ڦرڻي به ڪانہ آهي. انڪري تون گهوڙي سواري به ڪري رهيو آهين. ڇاڪاڻ ٿہ توکي ان خاص جاءِ تي ڦرڻي هجي ها ٿہ تون گهوڙي سواري نہ ڪري سگهين ها." خواب ڪامياب ٿيو سور هلڪو ٿيو ۽ مان سمهي پيس.

پر خواب جو مواد "رستو ناهي ڏيڻ تي" مشتمل نہ هو. منهنجي ڦرڻي، ان سان غير مستقل مزاج خيال تي ضد ٻڌي بيٺي ۽ اهڙو رويو اختيار ڪيائين جيئن هڪ ماڻ ڪنهن نقصان جي ٻڌ سبب سچو تصور نہ ڏيندي آهي، يا جيئن ڪو واپاري چوريءَ جي پوَ ڪان مال لڪائيندو آهي.[1]

احساسن جي تفصيل جيڪا ٻيو ڪجهہ به ڪرڻ کان انڪاري هوندي آهي، ۽ جيڪا تصوير جڙندي آهي اها، انهيءَ احساس جي شدت کي ڏيڻ ۾ مصروف هوندي آهي. اهو تاثر ٻئي مواد سان ڳنڍيڻ لاءِ خواب جي مطلب جو پورائو ڪندو آهي. حالتن جي آڏار تي اهو ئي تازي مواد جو تحرڪ هو جيڪو صورتحال جي ذريعي منهنجي ذهن ۾ آيو. ۽ ان خواب کي نمائندگي لاءِ پيش ڪيو مان اڇي ڪاري چٽڪبري گهوڙي تي سوار هوس. جنهن جو رنگ هوبهو ڪارن مرچن ۽ لوڻ جهڙو هو جيڪو منهنجي هڪ ساٿيءَ "پ" جي ڪپڙن جو هو جنهن سان مان هڪ سال اڳ شهر ۾ ملیو هوس.

ڦرڻين جو ڪارڻ منهنجي نهايت مرچن واري ڪاڏي سان منسوب هو. علت شناسي، يعني عارضي جي سببن جي نظريي (Aetiology) مطابق گهٽ ۾ گهٽ ڪنڊ ٿہ مٿي پيشاب جي مرض جو ڪارڻ هئي ئي، جنهن جو تعلق به ڦرڻين جي رونما ٿيڻ سان هو. منهنجو ساٿي "پ" به منهنجي هڪ مريض عورت جي حوالي سان به مون تي گهوڙي وانگر چڙهي ايندو هو. جنهن جي لاءِ مون عام اصطلاح جيان ڪاريگريءَ ۽ غير رواجي همٿ سرانجام ڏني هئي. خواب ۾ به مان ڪنهن چالاڪ ۽ ڪاريگر گهوڙي سوار جيان، نهايت ڇهاءَ جوڳي سواري ڪرڻ واري قصي جيان هوس.[2] اها مريض عورت جڏهن به تڪليف محسوس ڪندي هئي تہ مون کي وٽي ويندي هئي. ان حوالي سان گهوڙي ان عورت جي علامتي صورت اختيار ڪئي. خواب ۾ اهو نهايت ذهين پئي لڳو جنهن جي ڪري مان مٺس وڌي آرام سان ويڙل هوس. ائين جيئن پنهنجي مريض عورت وٽ سڪون سان هوندو هوس. پر مون ٿوري عرصي کان پوءِ هن کي "پ" جي حوالي ڪيو. ان ساڻئي گهر جي حوالي سان هن شهر جي معروف ڊاڪٽرن منهنجي علاج جي چند طريقن مان هڪ جي باري ۾ ڏيان به ڇڪايو هو: "تون مون کي مستقل زورائتا ڏڪ ٿو هڻين، جيئن گهوڙي کي ٽي هنيءِ" واقعي، اها لاجواب ڪاريگري هئي، جو ايتري سور جي باوجود، روزاني اٽ ڏهہ ڪلاڪ نفسي يا ذهني علاج جو ڪم پئي ڪيو. پر مون جاتو ٽي تہ مان تيستائين اهو مشڪل ۽ نيارو ڪم نہ ڪري سگهندس جيستائين مڪمل طور تي تندرست نہ ٿيندس، ۽ منهنجو خواب انهيءَ صورتحال متعلق، مڪمل طور تي ملال وارو تاثر ڏيندڙ هو ۽ خواهش واري واقعي جو اهو رستو ڳولهي وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيو هو. جنهن ۾ منهنجي پنهنجي سوٽ سان ان ڳالهہ تي نااتفاقي ٿي وئي هئي،

---

[1] هي حوالو "گريسنگر" (Griesinger 1861,106) صفحي 163 تي آندو آهي، ۽ ان تي ليکا فرائيڊ جي ٻئي مقالي "بچاءَ جي اعصابي نفسي تجزيو" (ص: 1896ع) ۾ آيل آهي. [اصل ۾ موضوع جو حوالو فرائيڊ جي پهرين مقالي 1894ع جي آخر ۾ به آيل آهي.]

[2] فليس ڏانهن لکيل خط (ستين جولاءِ 1898ع) ۾ فرائيڊ آرتوار جي ڏينهن گهوڙي سواري ڪندڙ "ايزگ" (Itzig) جو مشهور اصول بيان ڪيو آهي، جنهن کان ڪنهن پڇيو: "ڪٽي پيو گهوڙي سواري ڪرين". تہ جواب ۾ چيائين: "اهو مون کان نہ پڇ، پر گهوڙي کان پڇ".

جيڪو مون کان هڪ سال وڏو هو ۽ هاٿي هو انگلينڊ ۾ ٿو رهي. (ڏسو باب ڇهون: خواب جو عمل (ڪجهه مثال) حصو ڇهون: "خوابن ۾ ڳڻپ ۽ تقريرون").

ٻي ڳالهه ته خواب، منهنجي اتليءَ واري سفر مان ٻه ڪجهه حصا کنيا هئا. خواب ۾ جيڪا گهٽي نظر آئي هئي، اها "ويرانا" ۽ "سيانا" واري تاثر تي ٻڌل هئي. ايان ٻه ان جي گهرائيءَ ۾ ويجهو ته ان خواب جي تشريح جنسي خوابي خيالن جي پاسي ڇڪي ٿي، ۽ مون کي ان جي حوالي سان ياد ٿو اچي ته اهو اتليءَ جي هڪ مريض عورت جو خواب هو جنهن اتليءَ جهڙو سهڻو شهر ڏٺو هو ان جي خواب ۾ "اتليءَ ڏانهن" (Gen Italien) جنهن جو اچار "جينيتالين" (Genitalien) پئي ٿيو ۽ اهو "Genital" (توليدي عضوو) پئي ٿيو جيڪو ان گهريلو عورت سان وابستا هو جتي مون ڏرڻيءَ جي تڪليف سبب پنهنجي دوست "پ" کي ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ موڪليو هو.

هڪ ٻئي خواب جي [1] تشريح ٻه ساڳئي انداز سان گمان پيدا ڪندڙ هئي، جيڪو حواسي جوش جي ڪري آيو هو. اهو رڳو اتفاق هو پر مان ان خواب ۽ حادثاتي جوش جي وچ واري تعلق کي ڳولهي ورتو ۽ ائين خواب منهنجي سمجهه ۾ اچي ويو.

"اهو هڪ سخت سياري جو صبح هو ۽ مان "ٽيرول" جي هڪ پهاڙي هوٽل ۾ ترسيل هوس. اهو معلوم ڪري مان خواب مان جاڳي پيس ته "پادري مري ويو". مان هن خواب جي تشريح ۾ ناڪام ٿي پيس، ڇاڪاڻ ته هن ۾ ڪا تصوير ڪانه هئي. رڳو ايترو ياد پئي آيو ته ٽورو عرصو اڳ مون ڪنهن اخبار ۾ پڙهيو هو ته اهو مقدس شخص ٽورو ناچاق هو. ان ئي صبح جو منهنجي زال پڇيو ته: "تو مٿان صبح جو گرجا جون ڊيڄاريندڙ گهنٽيون ٻڌيون هجن."

مان انهن گهنٽين کان بي خبر هوس، پر مون کي خواب سمجهه ۾ اچي ويو. ٿي سگهي ٿو اهو منهنجي ننڊ جي ضرورت جو ردعمل هجي، جنهن ڪري ٽائرول شهر جي خدا ترس باشندي جي فوتگيءَ تي وڄندڙ گهنٽيون مون کي ننڊ مان جاڳائي نه سگهيون هجن. اهو منهنجو گهنٽين جي خلاف ننڊ ذريعي انتقام هو ۽ نتيجي طور خواب پنهنجو ستاءُ جوڙي ورتو.

ابتدائي بابن ۾ ڪيترائي خواب آندل آهن، جن ۾ ان اجائي حواسي جوش يا تحرڪ متعلق گهڻا مثال پيش ٿيل آهن. جن ۾ منهنجو هيڇ وچان "پاٽي پيئڻ" وارو خواب (باب ٽئين: خواب، خواهشن جو پورائو ڪندڙ هوندا آهن، جي شروع ۾) به شامل آهي. اصل ۾ جسماني جيوگهرڻن جو تحرڪ ظاهري طور رڳو سبب هوندو آهي ۽ خواهش، حواسن مان هلي ايندي آهي، جيئن "اڄ" ته اها ظاهري طور رڳو "منشا" هوندي آهي. ٻين سادن خوابن جي سلسلي ۾ به ساڳيو معاملو آهي، جن ۾ طبعي تحرڪ پاڻ ئي خواهشن کي جوڙڻ جي قابل هوندو آهي. ان مريض عورت جو خواب، جيڪا رات جو پنهنجي ڳل تان ٽڏو آلو هٽائي ڇڏيندي هئي، (باب ٽيون: خواب، خواهشن جو پورائو ڪندڙ هوندا آهن) اهو تڪليف جي تحرڪ جو خواهشن جي پورائي سان غير رواجي طريقي جو ردعمل آهي. اهو ائين ظاهر ٿيندڙ آهي، جيئن مريض ٽوري وقت لاءِ سور جي احساس کي برداشت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي، ۽ سور ڪنهن ٻي جاءِ تي اظهار ڪندو هجي.

منهنجو خواب ٽن نتيجن وارو خواب (باب پنجون: خوابن جو مواد ۽ ماخذ، حصو ٻيو: خوابن جي بنياد ۾ ٻالڪپڻي جو مواد) صاف طور تي بک جو خواب آهي، پر اهو پنهنجي نئينپڻ دوران ماءُ جي چاتين مان غذا حاصل ڪرڻ جي خواهش طرف لڙي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو ۽ اها معصوميت جي خواهش، انهيءَ وڏيڪ اهم معاملي جي اوت لاءِ استعمال ٿئي ٿي. جا ائين واضح طور مظاهرو نه ٿي ڪري سگهي. "ڪائونٽ ٽن" متعلق منهنجو خواب (باب پنجون: خوابن جو مواد ۽ ماخذ، حصو ٻيو: خوابن جي بنياد ۾ ٻالڪپڻي جو مواد) ڏيکاري ٿو ته اتفاقي جنسي ضرورت، ذهني اڇل يا ترغيب سان، گهٽي شدت سان، ڪيئن

---

[1] فرائيڊ هي خواب مختصر طور تي 1913ع جي ليک ۾ به شامل ڪيل آهي، جيڪو هن جي "تعارفي تقريرون" (1916-17) ۾ پنجون نمبر تقرير ۾ به آيل آهي

سلهاڙجي ويجي ٽي. پر ساڳئي وقت انهيءَ شدت جو مقدار گهٽجي ب. ويجي ٽو. ساڳئي قسم جو معاملو "گارنيئر" (Garnier, 1872,1,476) جي حوالي سان ب. آيل آهي ت. سفارتي عيوضيءَ جي خواب، جنگ دوران ب. جي ڦاٽڻ جو آواز ٻڌيو ت. کيئن ننڊ مان اُٿي ويٺو (باب پهريون: خوابن جي مسئلن سان سائنسي ادب جو روپو/تعلق، جو حصو ٿيون: "ترغيب ۽ خوابن جا ماخذ/بنياد") سندس خواب، محض مقصد جي فطرت تحت، نهايت چٽائيءَ سان ظاهر ٿيو هو جنهن ننڊ دوران سندس ذهني تحرڪ پاڻ هُرتو احساسن سان لاڳاپي جي اڳواڻي ڪئي. هڪ نوجوان ۽ وڏي درجي وارو وڪيل ڏيوالپٽي جي متعلق پنهنجي پهرين ۽ اهم قانوني ڪارروائيءَ ڪان واندو ٿيو ت. شام ڌاري سمهڻ لاءِ بستري تي آهلي پيو جنهن دوران ڪيس ننڊ اچي وئي ت. خواب ۾ هن پاڻ کي "نيپولين" وانگر روپو اختيار ڪندي ڏٺو. هن لڳ ڀڳ "گاليشيا" (Galicia) جي شهر واري جي. ريچ هُسيتن (G.Reich of Husytin) کي خواب ۾ ڏٺو جتان هو ڏيوالپٽي واري معاملي دوران ٽي آيو هو. لفظ "هُسيتن" پڙ سندس ڏيان ڇڪائيندڙ هو. جو جڏهن هو ننڊ مان جاڳيو ت. دم ڪُشيءَ جي عارضي ۾ مبتلا پنهنجي زال کي انتهائي خطرناڪ ڪنگهه جي حالت ۾ ڏنائين. خواب ۾ هسيتن کي ڏسڻ سندس ويجهي ذهني احساس سبب هو. ڇاڪاڻ ت. جرمني زبان ۾ Husytin ڪنگهه جي دوري متعلق ئي استعمال ٿيندو آهي.

هاڻي اچو ت. هن خواب کي پهرين نيپولين سان پيٽ ڪريون، جيڪو اتفاق سان پرسڪون ننڊ ڪرڻ جو عادي هو ۽ سندس ننڍاکڙي شاگرد، جنهن کي سندس گهر جي مالڪياڻيءَ جاڳائي ڏانهنس موڪليو هو ت. کيس ٻڌائي ت. اسپتال وڃڻ جو وقت ٿي ويو آهي. ۽ هن خواب ۾ پاڻ کي اسپتال جي ئي بستري تي ستل پئي ڏٺو ۽ شاگرد کي عذر ٿي ڏنائين ت. هو اڳي ئي اسپتال جي بستري تي ستل آهي. ان ڪري کيس اسپتال هلڻ جي ڪا ضرورت نه آهي. (اهڙي وضاحت باب ٽئين: "خواب خواهشن جو پورائو ڪندڙ هوندا آهن" ۾ آندل آهي). هي تن آساني يا سنجهائيءَ کي چٽيءَ طرح ظاهر ڪندڙ خواب آهي. خواب ڏسندڙ ڪنهن ب. لڪ ڪرڻ يا ڀاڄي ٻنائڻ جي بجاءِ پنهنجي ارادي جو اقرار ڪري رهيو آهي. پر ساڳئي وقت ڏٺو وڃي ت. هو خواب جي راز کان پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.

سمورا خواب سهوليت جي خيال کان ايندا آهن. جيڪي ننڊ ڦٽائڻ جي پيٽ ۾ ننڊ جي پُرسڪون مقصد کي ڍڳهو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. خواب ننڊ جي سنيال ڪندا آهن. ۽ ننڊ ۾ رخنو نه وجهندا آهن. خوابن جي ان نڪتي متعلق اسان ڪنهن بيءَ جاءِ تي ان جو جواز پيش ڪنداسين. خاص طور جاڳي پوڻ جي سببن ۽ ذهني صلاحيت جي قسمن متعلق جنهن کي اسان اڳتي باب ستين: خوابن جي عمل جو نفسياتي پهلو: جي حصي ٽئين: "خواهشن جو پورائو" ۾ پيش ڪيو آهي.

پر اسان اڳي ئي اها ڳالهه ظاهر ڪرڻ جي قابل ٿي وبا آهيون ت. باهريون تحرڪ پيدا ڪندڙ صورتحال ئي ننڊ ڦٽائڻ جو سبب بڻجندي آهي. گهٽو ڪري ننڊ دوران ذهن انهن واقعن جي احساس کي اپارڻ ڏانهن ٿورو ب. ڏيندو آهي. ان جي باوجود ب. جيڪڏهن باهرين تحرڪ جي اهميت يا شدت، جيڪا سندس متي جو سور بڻجي وڃي ت. ان کي محسوس ڪرڻ جي قابل ٿي وڃي، يا ان تحرڪ کي خواب جي لاءِ لنوائي ڇڏڻ ضروري هجي، ت. ذهن انهيءَ پيدا ٿيل شديد صورتحال جي عنصرن جي تشريح ڪندو آهي، جيڪي ننڊ جي خواهش سان موافقت رکندڙ هوندا آهن. اهڙي ريت تازو پيدا ٿيل متحرڪ احساس جا ڏاڳا، خواب ۾ حقيقت جي لباس جو سيبو ڪندا آهن. نيپولين ب. ان ارادي سان ستو هو. ت. ڏسان ت. بندوقن ۽ توپن جي ڪن ڦاڙيندڙ آوازن کانسواءِ ڪهڙي ڳالهه ٿي سندس ننڊ ۾ رخنو وجهي.

ساڳيءَ ريت جيڪڏهن ننڊ ڪرڻ جي خواهش هجي، جنهن تي شعوري آپي (Ego) جو ڏيان هجي ۽ جيڪو خواب جي چندچاڻ ۽ ٻيو پيرو ورجائي ڏسڻ سان سلهاڙيل هجي، ان کي مان اڳتي باب ڇهين: "خوابن جو عمل" جي حصي: ٻارهين "ثانوي نظرثاني" ۾ شامل ڪندس. ت. شعوري آپو خوابي ستاءِ ۾ ڪهڙي نمائندگي ڪري ٿو جيڪو خوابي ستاءِ جي جڙڻ واري هر معاملي تي، ان جي هڪ عملي عنصر جيان انحصار ڪري ٿو ت. هر ڪامياب خواب ان خواهش جو پورائو هوندو آهي.

مٿين پيرا پھرين ۽ ٻي ڇاپي (1900 ۽ 1909) ۾ شامل نہ آھي ۽ ھي سٽون: "تہ شعوري آپو ان تي ڏيان ڏيندو آھي، ۽ جيڪو خواب جي چندڇاڻ واري عمل سان سلھاڙيل ھوندو آھي، ۽ ان شعوري آپي جي نمائندگي خوابي سٽاءَ جو حصو ھوندي آھي." 1911ع ۾ شامل ڪيون ويون آھن. البت "ثانوني نظرثاني" متعلق اڳتي لکندس، جنھن کي مون 1914ع ۾ شامل ڪيو ھو. جنھن کي باب ستين: "خوابن جي عمل جو نفسياتي پھلو" جي حصي ٽئين: "خواھشن جو پورائو" ۾ بحث ھيٺ آندو آھي.

زنده ھجڻ جا جيڪي لاڳاپا، ھن ڪائنات سان ڳنڍيل آھن، اھي مختلف اندازن سان پيش ايندا آھن، ۽ ننڊ جي نہ تبديل ٿيندڙ يا شديد خواھشن يا ڪي ٻيو خواھشون، جيڪي ڪڏھن ھڪ تہ ڪڏھن گھٽيون ٿي ويندیون آھن سي سيئي خوابي سٽاءَ ۾ پرجي ويندیون آھن، ساڳئي وقت اھا وضاحت اسان کي ننڊ جي خواھش ۾ نتيجو اخذ ڪندڙ حالت "استرومپيل" ۽ وونٽ" واري نظريي جي خال کي پرڻ جي قابل نظر اچي ٿي، جنھن مان خودسر ۽ پورالن روين، جي خارجي رغبت جي وضاحت ٿئي ٿي. درست تشريح، جنھن کي ننڊ ٻيل دماغ نهايت خالص طريقي سان ڪرڻ جي قابل ھجي، اھا ڪنھن متحرڪ دلچسپيءَ ۾ ملوٽ ھجي ۽ ان کي اھا ضرورت پيش ھجي تہ ننڊ کي آخر تائين ڇڪي ويجي تہ اھڙيءَ صورت ۾ انھن سمورين ممڪن تشريحن منجھان رڳو انھن کي قبول ڪيو ويندو آھي جيڪي ننڊ جي خواھش جي ڪارڪردگي جي ذريعي محض چندڇاڻ سان مناسبت رکنديون آھن. شيڪسپيئر چواٽيءَ (روميو ۽ جيوليٽ: ايڪٽ ٽيون، منظر پنجون): "اھا ڪا بلبل آھي ۽ ڪو چنڊول ناھي".

جيڪڏھن ننڊ جي خواھش ڪنھن چنڊول پکيءَ جھڙي ھئي تہ ان جو مطلب ٿيو تہ محبت ونڊيندڙ جي رات جو وقت پورو ٿيو آھي. تحرڪ يا اپار پيدا ڪندڙ تشريحن جي دوران اھي طريقا اصولي طور قبول ڪرڻ جي قابل ھوندا آھن، جن مان ھڪ اھڙي خيال جي چونڊ ٿيندي آھي، ۽ انھيءَ خواھش کيل من اچل سان بھترين قسم جو واسطو رکندي آھي، جيڪا ذھن جي ڪنڊ ۾ لڪل ھوندي آھي. اھڙيءَ ريت ھر شيءِ بن کان وڌيڪ معنائون رکندڙ يا مبھم نہ ھوندي آھي ۽ پويان ڪنھن بہ قسم جي ريچڪ يا ٽياڪڙ جي ٻڌايل فيصلي تي انحصار نہ ڪندي آھي. ساڳيءَ ريت اھا ڪا غلط تشريح يا ڪو غير حقيقي يا گمراھ ڪندڙ تصور نہ ھوندو آھي پر ڪو ماٺھو ائين چئي سگھي ٿو تہ اھو مڙئي حيلو بھانو ڏيٽو آھي. پر پوءِ بہ بھرحال اھو چئي سگھجي ٿو تہ خاص طور خوابي چندڇاڻ جي حق ۾ ذري گھٽ نوڙت ۽ لحاظ وارو رويو ھوندو آھي، ھا البت حقيقت جو ماڳھين گھر ٿي وڃڻ جي ڪري ڦير گھير يا ھڪ مان ٻئي ۾ تبديليءَ جو عمل اثرانداز ضرور ٿيندو آھي، ۽ اسان کي مڇٽو پوندو تہ اسان ھڪ اھڙي عمل سان مھاڏو اٽکايو آھي، جيڪو عام نفسياتي عمل کان ٿورو پاسيرو آھي.

جڏھن تنتي سرشتي جي ٻاھرين جوش ۽ اندريون طبعي جوش، ٻاڻ ۾ تمام سخت جذباتي شدت سان نفسياتي ڏيان ڇڪائيندو ھجي، تہ پوءِ نتيجي جو اھتمام بہ سندن جاڳ واري حالت بجاءِ خوابن ۾ ئي ٿيندو آھي. اھي خوابن جي سٽاءِ ۾ ھڪ مقرر ڪيل نڪتي جيان پنھنجو ڪم سرانجام ڏيندا آھن، اھي پنھنجي مواد ۾ ان عصبي مرڪز وانگر ھوندا آھن، جيئن گردي جي چوڌاري بدن جا ٻيا حصا بہ ڳنڍيل ھوندا آھن، اھڙي صورت ۾ خواھشن جو پورائي وارو عمل انھن سان لھ وچڙ ۾ ايندو آھي، جيڪي بدن جي مرڪزي حصي سان ڳنڍيل ھوندا آھن. جيئن اسان باب پنجين: "خوابن جي مواد ۽ ماخذ" جي حصي ٽئين: "خوابن ۾ جسماني جيوگھرڙن جو بنياد" ۾ چئي آيا آھيون. ثانوي يا وچ وارا خيال، خواب جي بن نفسياتي تحرڪن/ رغبتن جي وچ ۾ واجھائيندا آھن. ان گنجائش جي ڪري اھا حقيقت آھي تہ گھٽن خوابن ۾ خواب جو متن جسماني جيوگھرڙن جي عنصرن جي ھدايتن ۽ حڪمن ذريعي جوڙيل ھوندو آھي. ان آخري مثال جي حوالي سان ائين بہ ٿي سگھي ٿو تہ اھا خواھش ڪنھن تازي تحرڪ سبب پيدا نہ ٿي ھجي، ۽ جنھن کي رڳو خواب جي جڙڻ لاءِ چونڊيو ويو ھجي.

بھرحال خواب جو ڪو بدل نہ آھي، پر خواھش کي پوري ٿيڻ جي صورتحال ۾ پيش ڪرڻ، ائين آھي جيئن خواھش جي پورائي لاءِ ڪنھن اھڙي مسئلي سان منھن ڏيڻ جو عمل ھجي، جيئن ڪنھن ويجھي متحرڪ احساس جي پورائي جي نمائندگي ٿي سگھي. جيڪڏھن اھو ثانوي مواد ڏکوئيندڙ يا ايذاءِ رسائيندڙ قسم جو ھوندو آھي تہ ضروري نہ آھي تہ اھو خواب

جي جڑ ۾ به استعمال ٿئي! ذهن ۾ پيدا ٿيندڙ خواهشون نيڪال جو رستو ڳولهيندڙ رهنديون آهن. ۽ جن جي پوري ڪرڻ لاءِ ماڻهو سدائين بي سڪون ۽ ڳڻتين ۾ هوندو آهي. ۽ اها ئي ڳالهه بنيادي طور ماڻهوءِ جي طبيعت کي جهول ۾ وجهي ڇڏيندي آهي. پر تڏهن اسان نفسياتي اختيار ۽ وسيلن ۽ چندڇاڻ جي موجودگيءَ سبب نهايت سياڻپ ۽ تحمل سان قدم کڻندا آهيون.

جيئن اسان ڏٺو ته اسان جي مغز ۾ مايوسيءَ وچان "دٻائي ڇڏيل" خواهشون گهڻيون گڏ ٿي ويندڙ آهن. جيڪي پهرين اختياري وسيلن سان وابستا هوندڙ آهن. ۽ انهن جي پورائي لاءِ وري ٻيا انتظامي وسيلا مخالفت يا مزاحمت ڪندا آهن. ان قسم جي ڪجهه خواهشن جي نتيجي متعلق مان ڪو تاريخي بيان نه ٿو ڏيان ته اهي هڪ پيرو پيدا ٿيندڙ آهن ۽ پوءِ اهي وري ختم ٿي ويندڙ آهن. "خواهشن کي دٻائي ڇڏڻ جي نظريي" متعلق اعصابي نفسيات جو مطالعو ڪرڻ ضروري آهي. ته جيئن يقين سان چئي سگهجي ته اهي "دٻايل خواهشون" سدائين موجود رهنديون آهن. ساڳئي وقت ڪنهن لاءِ جذبي يا سوچ کي روڪيندڙ ذهني عمل به جاري هوندو آهي جيڪو انهن جي شدت کي هلڪو به ڪندو آهي. ٻوليءَ جو استعمال به انهن دٻايل خواهشن جي ڳالهائڻ ۾ پنهنجا نشان ڇڏيندو آهي. ۽ اهو به انهن کي ٽورو گهٽ ڪرڻ ۾ مدد ڪندو آهي. نفسياتي بندوبست به انهن جي حقيقت کي محسوس ڪرڻ تي زور ڏيندو آهي ۽ اهڙن لاڙن جي نيڪال جي طريقيڪار کي ممڪن بڻائيندو آهي. ائين ٿيندو آهي، بهرحال ان قسم جي دٻايل خواهش، نتيجي جي پاسي منتقل ٿي ويندي آهي ۽ اهو ٻئي طريقي ذريعي روڪيندڙ ذهني عمل ٿئي ٿو يعني اهو طريقو جيڪو سرت يا شعور لاءِ قبول ڪرڻ جهڙو هوندو آهي. ۽ اهوئي ان کي شڪست ڏيندو آهي. اها شڪست انهن اڻ وٽندڙ يا بي سڪون ڪندڙ تاثر منجهان ڳولهي ونڊي آهي. نتيجي طور اهي اڻ وٽندڙ تاثرن کي قبول ڪري وٺڻ جا احساس جيڪڏهن ننڍ دوران طبعي سببن جي ڪري ظاهر ٿيا آهن ته خواب جو ستاءُ انهن سببن جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ خاص چندڇاڻ جي تسلسل کي گهٽ يا وڌ صورت ۾ برقرار رکڻ لاءِ انهن کي استعمال ڪندو آهي، اهڙيءَ صورت ۾ ڪن خواهشن جي پورائي جو خيال عام طور تي ڏيڄي ويندو آهي. هن موضوع تي اڳتي باب ستين: "خوابن جي عمل جو نفسياتي پهلو" جي حصي ٽئين: "خواهشن جو پورائو" ۾ خاص طور تي بحث ڪيو ويو آهي.

ان قسم جو وهنوار "ڳڻتيءَ وارن خوابن" جي سلسلي ۾ ڪهڙا ممڪن اُپاءَ وٺي ٿو؟ خوابن جي جوڙجڪ يا تربيت وارو عمل، خاص طور خواهش کي پوري ڪرڻ واري نڪتي تحت نهايت سازگار ۽ رحم ڪندڙ هوندو آهي. انهن ٻئي گروهه وارن خوابن جي جوڙجڪ مختلف طريقي سان ظاهر ٿيندي آهي. مثال طور "خوابن ۾ پيدا ٿيندڙ ڳڻتي" ٿي سگهي ٿو اعصابي نفسياتي مونجهارن سبب پيدا ٿي هجي. جيڪي اصل ۾ جنسي رغبت سبب وڏيل جذبن مان ايريا هجن. اهڙن معاملن ۾ "ڳڻتي" روڪيل يا دٻايل لذت واري شديد جنسي خواهش سان لهه وچڙ ۾ ايندي آهي. اتي اها سموري ڳڻتي، لذت سان پرپور خواب وانگر ئي موجود هوندي آهي. جنهن ۾ اعصابي مونجهارن جا اهڃاڻ نهايت اهم نظر ايندا آهن. جنهن کري اسان ان حد تائين رسي ويندا آهيون جتي خواهشن کي پوري ڪرڻ وارو مقصد پنهنجي پڃاڻٽي تي پهچندو آهي. (ڏسو باب چوٿون: "خوابن ۾ تاثر جو بگڙجي وڃڻ" ۽ باب ۽ باب ستين: "خوابن جي عمل جو نفسياتي پهلو"، حصو چوٿون: "خوابن ڏريعي احساسن جو اُپار"، "خوابن جو ڪم"، "فڪر ۽ ڳڻتيءَ جا خواب"). پر فڪر ۽ ڳڻتيءَ جا پهرين گروهه وارا ڪجهه خواب اهڙا به ٽين ٿا، جن ۾ ڳڻتيءَ جو احساس جسماني جيوڪوهرڻن جي چرپر ڏريعي مقرر ٿيندو آهي. جتي مثال طور ماڻهوءَ کي ڦڦڙن جي تڪليف جي ڪري ساهه کڻڻ ۾ تڪليف هجي يا دل جي تڪليف هجي ته اهڙن معاملن ۾ "ڳڻتي" خواهش جي پورائي جي امڪاني مدد ۾ انهن ڏيڄي ويل طاقتور خواهشن جي سلسلي ۾ خوابن جي تشڪيل ڪندي آهي. انهن مان جيڪڏهن کي خواب نفسياتي سببن جي ڪري جڙندا آهن ته اهي به ڳڻتيءَ کي ساڳيءَ طرح گهٽائڻ جي اڳواڻي ڪندا آهن. ان حوالي سان ٻنهي مختلف قسمن (پهرين ۽ ٻئي گروهه) جي خوابن جي هڪجهڙائيءَ کي سمجهڻ ۾ ڪا مشڪل پيش نه ايندي آهي. انهن ٻنهي گروهن جي خوابن ۾ ٻن قسمن جي نفسياتي عنصر شامل هوندا آهن:

1. جذبن کي گرمائڻ وارو لاڙو.
2. تصور يا تمثيل واري انداز جو مواد.

اهي بئي پاڻ ۾ تمام گهڻا ويجها ۽ هڪ بئي ڏان واقف هوندا آهن. جيڪڏهن انهن مان هڪڙو هلندڙ وقت دوران متحرڪ هوندو آهي تہ اهو بئي کي بہ سڏيندو آهي ۽ ان حوالي سان تصور واري انداز ۾ سانيڀل يا ڏيڀل مواد، جنسي جوش سان گڏجي، چوٽڪاري جو رستو ڳولهيندو آهي. اسان ان کي پهرين گروهہ وارن يعني "طبعي طور طئي ٿيل" خوابن جي ڏمري ۾ رکي سگهون ٿا، جيڪي جذبا گرمائيندڙ نفسي جوش جو اظهار ڪن ٿا، پر ٻين معاملن ۾ جيتوڻيڪ اهي مڪمل طور تي نفسياتي مناسبت رکن ٿا، جن جي ڏيڀل خواهشن جو متن، "ڳڻتيءَ" جي طبعي تشريح ذريعي آساني سان تبديل ٿي سگهي ٿو. اهي ان حقيقت مان پيدا ٿين ٿا، اسان هتي ڳڻتي جي نسل در نسل مسئلن ۽ ڏيڀل خواهشن متعلق انهن موضوعن کي ڇهيو آهي، پوءِ بہ مشڪل اها آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ ايجان بہ مختصر آهي.

ان ۾ ٿورو بہ شڪ نہ آهي تہ جسماني طور اها جسم جي اندرين عضون جي چرپر واري احساسن جي تجربي مان لنگهڻ واري گڏيل صلاحيت (Coenaesthesia) آهي، يا اڃ چٽو عام ادراڪ آهي (ڏسو باب پهرين: "خوابن جي مسئلن سان سائنسي ادب جو رويو/ تعلق" جو حصو ٿيون: ترغيب ۽ خوابن جا ماخذ/ بنياد)، جنهن ۾ ڏيڪاريو ويو آهي تہ جسم جو اندروني تحرڪ بہ خواب جي مواد کي ڳولهي وٺندو آهي. اهو ائين ڪري سگهي ٿو پر ان خيال کان نہ تہ اهو رڳو خواب جو مواد مهيا ڪري ڏيندو آهي، پر ان خيال کان تہ جيئن اهو انهن خوابي خيالن تي زور پري سگهي، ۽ خواب جي ان مواد جي نمائندگي ڪندڙ سامان جي چونڊ ڪري، ان جو هڪڙو حصو جيڪو سندس ڪرداري وصف سان ٺهڪندڙ هجي، ان بئي حصي ڏانهن واپس موڪلي، جنهن وٽ اهو مواد گڏ ٿيل آهي. ان کان علاوه جسم جي اندرين عضوياتي چرپر واري احساسن جي تجربي مان لنگهڻ واري گڏيل صلاحيت، سندس گذاريل ڏينهن جي ڪار گذاري ۽ باقيات جي احساس کي بہ مٿس طاري رکندي آهي. ان ۾ شڪ نہ آهي تہ ڪارگذاريءَ جي نتيجي مان نڪتل نفسياتي پاڇيءَ جو بہ خواب تي وڏو اثر موجود رهندو آهي، ۽ اهو عام رويو بہ مخالفت جي باوجود ثابت قدم رهڻ ۽ تبديل نہ ٿيندڙ عمل ۾ مشغول رهندو اهي، جيڪو خوابن جي مواد لاءِ موجود هوندو آهي يا ٿي سگهي ٿو اهو خودسريءَ وچان ائين نہ ڪري، ۽ اهڙيءَ طرح جيڪڏهن اهو اڃ وٽندڙ هوندو تہ ٿي سگهي ٿو تہ تبديل ٿي ان جي اُبتڙ وٽندڙ ٿي وڃي.

بهرحال! منهنجي خيال مطابق: جيستائين ننڊ دوران طبعي طور اُپار پيدا ڪندڙ يعني ننڊ دوران احساس ۽ ادراڪ پيدا ڪندڙ هوندا آهن تہ انهن ۾ غير معمولي قوت هوندي آهي تہ اهي احساس خوابن جي جوڙجڪ ۾ بہ ساڳيو ڪردار ادا ڪندا آهن، خاص طور ويجهي واقعي وانگر پر گذريل ڏينهن واري چڏيل تاثر کان مختلف. مون کي اهو يقين آهي تہ اهي احساس ان خواب جي جوڙجڪ جي مدد ۾ ڪردار ادا ڪندا آهن، پر جيڪڏهن اهي ان ۾ درست طريقي ۽ تمثيلي انداز سان خواب جي نفسياتي وسيلن مان اچي ان جي متن ۾ سمائجي ويندا آهن، نہ تہ بي صورت ۾ نہ!

انهن وٽ سدائين ڪنهن غير معياري سامان، ماحول ۽ خيالن سان پيش اچڻ جو طريقو موجود هوندو آهي، جيڪو ضرورت وقت مهيا ٿي ويندو آهي، ان جي ابتڙ اهو ڪارائتو ۽ عمدو مواد پاڻ هرتو ڇاڻايل رستي جي نشاندهي ڪندو آهي، جيڪو استعمال ڪرڻ جي قابل هوندو آهي. جيڪڏهن ڪيس پيٽ ۾ ايندڙ بہ هڪ جهڙيون شيون ڪٽيون پونديون آهن تہ ڪنهن ماهر بت تراش جي ڪنهن بهترين ۽ مختلف رنگدار تهن واري پٿر مان ٽڪيل فن پاري جي نقش نگارن ۽ ڪنهن حسين عقيق (سليماني پٿر) جيان پيش ڪندو آهي، ۽ ان کي انهيءَ مان ڪيس فن جو شاهڪار ٺاهڻ لاءِ چوندو آهي. پوءِ ان پٿر جي سائين رنگ ۽ ان جا نقش يا نشان سندس فيصلي ڪرڻ ۾ مدد ڪندا آهن تہ ان مان ڪهڙو مرڪزي نڪتو ظاهر ڪجي ۽ ان مان ڪهڙو احساس پيدا ڪجي جيڪو ان جي نمائندگي ڪندڙ هجي. جڏهن تہ هڪ جهڙائيءَ ۽ سڪ آرام رسائڻ واري مواد جي معاملي جو مثال هن ريت آهي تہ جيئن اهڙي قسم جي سنگ مرمر يا ريتيلي پٿر مان ڪنهن بت تراش جي ذهن ۾

محض ڪنهن خيال کي تخليق ڪرڻ جو منصوبو هوندو آهي. اهو بلڪل ان ئي طريقي سان ٿيندو آهي، جو ان ئي حوالي سان مان سمجهان ٿو ته اسان ان حقيقت جي وضاحت ڪري سگهون ٿا ته خواب جو مواد طبعي تحرڪ جي ذريعي مهيا ٿئي ٿو ۽ هر رات ان گهڙائيءَ ۾ ڪٽائيءَ سبب خواب ۾ ڪا غير رواجي شدت ۽ پنهنجي اظهار ۾ ناڪام ٿيندي آهي. ڏسو باب پنجين: "خوابن جو مواد ۽ ماخذ" جي حصي ٽئين: "خوابن ۾ جسماني جيوگهرڻن جو بنياد".

هن سلسلي ۾ "رئنڪ" جي 1910ع ۽ 1912ع دوران شايع ٿيل ڪيترن ئي مضمونن ۾ ڄاڻايل آهي ته: "شدت سان ايرندڙ احساس "اعصابي تحرڪ" جي ڪري خوابن ۾ ظاهر ٿيندا آهن. مثال طور "خواب ۾ پيشاب ڪرڻ جي شديد ضرورت محسوس ٿيندي آهي. تڏهن گهٽو ڪري "نيڪال/چٽڻ (Emission) يا جنسي ميلاپ جي پڄاڻي (Orgasm) جا خواب ايندا آهن. جيڪي گهٽو ڪري ننڊ جي خواهش ۽ اعصابي ضرورتن جي وچ ۾ جدوجهد جي تشريح سبب خوابن جي مواد تي اثر انداز ٿيندا آهن.

ممڪن آهي ته مان پنهنجي انهيءَ مثال ذريعي پنهنجو مطلب آسانيءَ سان بيان ڪيو هجي. جيڪو خواب جي تشريح طرف همسفر ٿي هلي ٿو. هڪ ڏينهن مون ان ڳالهه جي کوج لڳائڻ جي ڪوشش پئي ورتي ته "ڪنهن لاڙي، جذبي يا سوچ کي روڪيندڙ ذهني عمل سبب پيدا ٿيندڙ احساسن" جو مقصد ڪهڙو آهي؟ جو ان نڪتي تي چنبڙي ٿا پون ۽ ڪجهه ٻيو ڪرڻ جي قابل نه ٿا ڇڏين ۽ ڳڻتيءَ جي احساسن متعلق خوابن ۾ لڳاتار هڪجهڙين خصلتن سان ظاهر ٿين ٿا. هڪ رات مون خواب ڏٺو:

"مان اڏوگابرن ڪپڙن ۾ ماڙيءَ جي ڏاڪڻ ذريعي مٿي چڙهي رهيو آهيان. ماڙيءَ جي بنياد ۾ هيٺ زمين تي هڪ وڏو گهر ٺهيل آهي. مان اٽڪل تي تي ڏاڪا ڪري ٿو مٿي چڙهان. ۽ پنهنجي چستيءَ تي دل ئي دل ۾ سرهو ٻه ٻيو ٿيان. اوچتو ڏسان ٿو هڪ ڪمر واري نوڪرياڻي ڏاڪا چڙهندي مون ڏانهن اچي رهي آهي. ته مون کي شرمندگي محسوس ٿيڻ لڳي. ته مان تڪڙ ڪرڻ لڳس. تڏهن ان ۾ مون کي جذبي يا سوچ کي روڪيندڙ ذهني عمل جو احساس ٿيڻ لڳو منهنجا پير ڏاڪي سان چنبڙي ٿا پون ۽ ان جاءِ تان چرڻ پرڻ جي ٻه قابل نه ٿو رهان."

تشريح: خواب جو واقعو روزاني پيش ايندڙ حقيقت مان کنيل آهي. ويانا ۾ مون وٽ رهڻ لاءِ ٻه ماڙيون هيون. جيڪي عام ماڻهن جي اچڻ وڃڻ واري ڏاڪڻ سان ڳنڍيل هيون. منهنجي پڙهڻ ڳڙهڻ لاءِ نويڪلو ڪمرو مٿين منزل تي هو ۽ منهنجي رهڻ ڪرڻ جا ڪمرا هڪ منزل مٿي ٺهيل هئا. شام جو دير سان جڏهن پنهنجو ڪم پورو ڪري وٺندو هوس ته سمهڻ واري ڪمري ڏانهن چڙهي ويندو هوس. هڪ شام اڳ ۾ مون اهو خواب ڏٺو حقيقت ۾ مان اهو سفر اڏوگابرن ڪپڙن ۾ يعني قميص جي ڪالر. نيڪ ٽاءِ ۽ پانهن جي ڪفن ڪانسواءِ وارن ڪپڙن ۾ ڪندو هوس. جنهن کي خواب جي ستاءَ هميشه جيان. مبهم ۽ وڏائي. ڦيرائي اڏ گهاڙو ڪري ڏيکاريو. ڏسو باب پنجين: خوابن جو مواد ۽ ماخذ جي حصي ٻوٽين: مثالي يا خاص قسم جا خواب.

مان هونئن ٻه ٻه ٻي ڏاڪا ڪري مٿي چڙهي ويندو آهيان. اهو جيئن جو تيئن ئي هو جيڪو منهنجي هيانءَ جي هل جو اظهار هو پيو ته خواب جي پئي حصي ۾ "مٿي چڙهڻ وارو اصول" سوچ کي روڪيندڙ ذهني عمل جي نتيجي جي برعڪس هو. ان مون کي ڏيکارڻ ٿي چاهيو ته "خواب ڪنهن معاملي جي پورٽٽا جي نمائندگي ڪرڻ ۾ دقت محسوس نه ڪندا آهن. ائين جيئن ماڻهو پنهنجي ترقيءَ جي خواهش جي پورٽٽا ۾ خواب دوران پاڻ کي اڏامندي ڏسندا آهن. ۽ اهڙا خواب انهن کي ياد ٻه رهندا آهن."

مٿي ويندڙ ڏاڪڻ تي. جنهن تي مان چڙهي رهيو هوس. ان ماڙيءَ ۾ اها هڪڙي ئي ڏاڪڻ نه آهي. ۽ جيڪا نوڪرياڻي مون کي ملي هئي. ان کي ٻه سيجاڻي نه سگهڻ جي حوالي سان اها جاءِ ٻه ايتري واضح نه هئي. پر مون کي لڳي ٿو ته اها ان عورت مريضه جي ملازم هئي. جنهن کي مان ڏينهن ۾ ٻه ٻيرا سئي هٽڻ ويندو هوس.

هاڻي سوال اهو ئي ٿو اٿي ته اها ڊاڪٽر ۽ اها عورت جي صورت منهنجي خواب ۾ ڪيئن نظر آئي؟ اڏ اڳهاڙي هجڻ تي شرم اڇڻ جي ڳالهه ته واضح آهي ته اها ماڻهوءَ جي جنسي فطرت ٿئي ٿي، پر اها نوڪرياڻي مون کان عمر ۾ ٿوري وڏي پئي لڳي، يعني پڪ سان منهنجي لاءِ هن ۾ ڪا جنسي ڪشش ڪانه هئي، پر ان مسئلي جو رڳو هڪڙو جواب آهي، جيڪو مون کي خواب ۾ نظر آيو آهي ته صبح جو جڏهن مان ان مريضه جي گهر ڏانهن ويندو آهيان ته خواهش ٿيندي اٿم ته پنهنجي نڙي به صاف ڪندو وڃان، پوءِ جيئن مان ڊاڪٽر چڙهڻ لڳندو آهيان ته نڙيءَ ۾ گڏ ٽيل پنهنجو بلغم به ڪيڏي اچلائيندو ويندو آهيان، چاڪاڻ ته ڊاڪٽ تي ٿوڪدان جو ڪوبه بندوبست ٽيل ڪونه هو ۽ منهنجو خيال هو ته اهو ٿوڪدان مان پنهنجي پئسن سان خريد ڪري چو اڇان، ان جو بندوبست ته عوام جي خرچ سان ٿيڻ گهرجي. هن خواب ڏسڻ کان اڳ هڪ ڀيري ان نوڪرياڻيءَ مون کي گهر ۾ گهڙندي ئي تنبيهه ڪندي چيو هو ته: "ڊاڪٽر صاحب! اندر اچو ته مهرباني ڪري پنهنجا جوتا صاف ڪري ايندا ڪريو اڄ به اوهان هي قالين خراب ڪري ڇڏيو آهي."

منهنجي خواب اها ئي ڳالهه ياد ڏيارڻ لاءِ نوڪرياڻيءَ کي خواب ۾ ڏيکاريو هو. اصل ۾ منهنجو ڊاڪٽ تي تڪڙي تڪڙي چڙهڻ ۽ ڊاڪٽ تي ٽڪ اچلائڻ جي وچ ۾ هڪ اندروني ڳانڍاپو آهي، نڙگهٽ وارو مسئلو هجي يا دل جي عارضي جو مسئلو هجي! بنهي جو واسطو گهٽو ڪري سگريٽ پيڙي ڇڪڻ واري ظلم سان ڳنڍيل آهي، ۽ منهنجي ان عادت جي ڪري اختياريءَ وارن وٽ منهنجي ناماچاري ايتري نه هئي جيتري منهنجي گهر يا اوڙي پاڙي ۾ هئي. اهڙيءَ ريت اهي بئي ڳالهيون گڏجي منهنجي خواب ۾ هڪ صورت ۾ نظر آيون هيون.

مون کي في الحال خوابن جي تشريح متعلق وڌيڪ بيان ڪرڻ کان اڳ ۾ "اڳهاڙي هجڻ" واري خاص خواب جي وجود ۾ اچڻ بابت تشريح ڪرڻ گهرجي. هن خواب جي سلسلي ۾ مان رڳو هڪ پيشيور ڊاڪٽر واري نڪتل نتيجي يا نچوڙ جي نشاندهي ڪندس ته ڪنهن لاڙي، جذبي يا سوچ کي روڪيندڙ ذهني عمل جو احساس خواب ۾ تڏهن ظاهر ٿيندو آهي، جڏهن ان کي ڪنهن مخصوص تحرير يا تقرير جي ضرورت هجي. خواب جي متن يا مواد جي ان حصي جو سبب هلندڙ حالتن ۾ ڪنهن مخصوص قسم جي ترميم جي قوت منهنجي ستل جسم جي تحرڪ جي ڪري نه هو پر اهو تحرڪ هو جيڪو مون ٿورو وقت اڳ، حقيقت کي تسليم ڪرڻ جيان پنهنجي اکين سان ڏٺو هو. ان کي اسان وڌيڪ تفصيل سان باب ڇهين: "خواب جو عمل" جي حصي ٽئين: "خوابن ۾ نمائندگيءَ جو مقصد" ۾ بيان ڪيو آهي.

(4)

مثالي يا خاص قسم جا خواب
TYPICAL DREAMS

اسان عام طور تي ٻين ماڻهن جي خوابن جي تشريح ڪرڻ جي تسيتائين همٿ نه ڪندا آهيون. جيستائين اهو پاڻ پنهنجي لاشعوري خيالن کي اظهارڻ لاءِ تيار نه ٿو ٿئي. ته سندس مواد جي پويان ڇاهي؟ خوابن جي تشريح متعلق اسان جي لاڳو ڪيل عملي طريقي تحت ان جي نتيجي کي ظاهر ڪرڻ جي سخت منع آهي.[1] اسان ان ڳالهه کي مجون ٿا ته ماڻهوءَ کي پنهنجي شخصي گٽن، لڇڻ ۽ ڪردار مطابق سپنن جي دنيا اڏڻ ۾ ٻين کان لڪائڻ جي آزادي آهي، پر خوابن ۾ اهي ان جي صفا ابتڙ انداز ۾ نمودار ٿين ٿا، ۽ ڪيترا اهڙا خواب به آهن جيڪي هر ماڻهو ڏسڻ ڇاهيندا آهن، جن مان اسان سندس عام رواجي ڳالهين ۽ عادتن جو اندازو لڳائي وٺندا آهيون. ان حوالي سان انهن جي خوابن مان هڪجهڙو ئي مطلب نڪرندو آهي. اهڙن مخصوص خوابن ۾ سنڊن کا خاص دلچسپي، اضافي طور ساڻن سلهاڙيل هوندي آهي، ڇاڪاڻ ته اهي هر معاملي ۾ ساڳين سببن ذريعي اپرندا آهن. اهي خواب جي ڪارڻن ۾ هڪ خاص طريقي ۽ ذهانت سان روشني وجهندا آهن. اهڙيءَ ريت اسان اهڙن مخصوص قسم جي خوابن جي تشريح لاءِ پنهنجي طريقي سان ڪوشش ڪندا آهيون. پر جيڪڏهن اهڙي قسم جي خوابن متعلق خواب ڏسندڙ پنهنجي واسطيدار معاملن کان آگاهي نه ڏيندو ته اسان خوابن جو اهو مـ ٿ حل نه ڪري سگهنداسين.[2]

---

[1] هي حاشيو 1925ع ڌاري شامل ڪيو ويو آهي: "اها اثباتي دعوي ته خوابن جي تشريح بابت اسان جو عملي طريقو تيستائين لاڳو نه ٿو ٿي سگهي، جيستائين خواب ڏسندڙ سان واسطو رکندڙ مواد تائين اسان جي پهچ نه ٿي ٿئي. جيڪڏهن رڳو علامتي عنصر ئي ان جي خواب ۾ آيا آهن ته اسان جي تشريح ڪرڻ جي سموري ڪوشش ان جي واقعن بڌائڻ سان ٻڌل هوندي آهي. اهڙن معاملن ۾ اسان سندس خواب جي ثانوي طور هٿ وڌرائيندڙ علامتن طرف ڌيان ڏيندا آهيون. ڏسو باب ڇهين: "خواب جو عمل"، حصو پنجون: "خوابن ۾ علامتن ذريعي اظهار".

[2] ان معاملي کي اسان اڳتي باب ڇهين: "خواب جو عمل"، حصي پنجين: "خوابن ۾ علامتن ذريعي اظهار" ۾ ڏسنداسين ته ائين ڇو ٿو ٿئي ۽ ان حوالي سان ڏسنداسين ته اسان ڪيئن پنهنجي عملي طريقي جي ڪمين ڪوتاهين کي دور ڪري سگهون ٿا، ۽ منهنجا پڙهندڙ به ان ڳالهه تي غور ڪري سگهن ٿا.

(الف)

اگھاڑپ جا پريشان ڪندڙ خواب

EMBARRASSING DREAMS OF BEING NAKED

ڏارين ماڻھن جي اڳيان اگھاڙي ھجڻ يا اڻپوري لباس ۾ نظر ايندڙ خواب ڪڏھن ڪڏھن اضافي خوبين جي موجودگيءَ سبب ظاھر ٿيندا آھن، جڏھن ته خواب ڏسندڙ ۾ اھڙو احساس موجود نٿو ھوندو آھي، جنھن تي ڪيس شرم ايندو ھجي. پر اسان ھتي رڳو ان معاملي سان واسطو رکون ٿا ته اگھاڙي ھجڻ وارن اھڙن خوابن ۾ جن ۾ ڪو شخص شرم ۽ ذھني انتشار محسوس ٿو ڪري، ۽ ان کان بچڻ ۽ بچڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، ۽ پوءِ به اڻجاتل روڪيل جذبي جي وسيلي اھو احساس مٽس حاوي ٿئي ٿو، ۽ ان جي ھلچل، سندس تڪليف رسائڻ واري حالت کان بچائڻ ۽ گھٽائڻ جو ڪم ڪري ٿي ته اھا حالت رڳو سندس سنگت جي ڪري آھي ته خواب ھڪ "خاص قسم" جو آھي، ان کانسواءِ سندس موضوع ۽ مواد جو مرڪزي نڪتو ٿي سگھي ٿو ان جي ھر قسم جي عبارت ۾ شامل ھجي، يا ٿي سگھي ٿو ته ڪنھن زيور وانگر سينگاريل سندس شخصي سجاوٽ ھجي. جنھن جو محرڪ، پنھنجي خاص انداز ۾، تڪليف رسائڻ واري احساس کي، شرم ڏيارڻ واري طريقي سان ٽيڪ ڏيندو آھي، ۽ حقيقت اھا آھي ته ھڪ ھنڌ کان ٻئي ھنڌ وڃڻ واري چرپر يا حرڪت (Locomotion) جي اصول مطابق اھا سندس اگھاڙي ٽيڪ کي لڪائڻ جي خواھش آھي، پر ھونئن ڪيس ائين ڪندي نه ڏٺو ويو آھي، ۽ مون کي يقين آھي ته منھنجي گھٽن پڙھندڙن پاڻ کي به خواب ۾ اگھاڙو ضرور ڏٺو ھوندو.

اگھاڙپ جو رجحان رواجي طور تي چٽي طريقي سان نظر نه ايندو آھي، جنھن لاءِ خواب ڏسندڙ چئي سگھي ٿو ته: "مان پنھنجي ڊلي چولي ۾ ھوس." پر اھا ڪڏھن ڪڏھن نياري انداز جي تصوير ھوندي آھي. اگھاڙپ جا قسم اصل ۾ ايترا ته مبھم ھوندا آھن جو ان جي تصوير ڪشي ڪنھن نعم البدل وسيلي ئي اظھاريي آھي، جنھن جو مثال اھو آھي ته: "مان صفا ڊلي چولي ۾ ھوس يا رڳو گنجيءَ ۾ ھوس." اصول آھي ته خواب ڏسندڙ جي غسل خاني ۾ ڪنھن ڪڏ يا قبر وانگر ڪا خرابي نه ھوندي آھي جيڪا سندس شرم کي پرچائڻ جي ثبوت ڏيڻ لاءِ اظھاريندي ھجي. ان ماڻھوءَ جي معاملي ۾ جنھن ڪنھن بادشاھ وارو لباس پاتو ھجي ته "اگھاڙپ" گھٽو ڪري ڪپڙن پائڻ واري اصول جي پيڪڙيءَ واري انداز سان بدلجي ويندي آھي، مثال طور: "مان پنھنجي مڙيل نوڪ واري تلوار کانسواءِ گھٽيءَ ۾ پئي گھميس ته مون کي آفيسر ايندي ڏٺا." يا "مون کي نيڪ ٽاءِ پاتل نه ھئي." يا "مون کي شھري ماڻھن واري پتاپتي شلوارون پاتل ھيون." وغيره. ماڻھو! جن شخصن جي موجودگيءَ سبب شرم محسوس ڪندو آھي، اھي گھٽو ڪري اجنبي ھوندا آھن. انھن جو حليو سچاڻپ ۾ نه ايندو آھي. خاص قسم جي خواب ۾ ائين نه ٿيندو آھي ته ڪپڙا ئي ڪنھن جي پريشانيءَ جو سبب بڻجندا ھجن، يا گھوريندڙ جي ڏيان ڏيڻ سبب ڪو ذھني انتشار پيدا ٿيندو ھجي، پر ان جي ابتڙ اھي ڪوبيو طريقو اختيار ڪندا آھن يا جيئن مون پنھنجي چٽي خواب منجھان نهايت گنڀير ۽ شوخ شڪل جي تاثر جو مشاھدو ڪيو آھي. اھو نڪتو ھڪ مشوري جي صورت ۾ پيش ڪيو ويو آھي.

خواب ڏسندڙ جي ذھني پريشاني ۽ تماشائيءَ يا گھوري ڏسندڙ جو اختلاف اسان کي اھو ٿو محسوس ڪرائي ته ورتاءَ ھڪ جھڙو ھجي ته به اختلاف جو انداز خوابن ۾ عام جام نظر ايندو آھي. جيڪڏھن اجنبي ڏانھنس حيرت منجھان ٿو نھاري، ٺٺولي يا بيعزتيءَ وچان ٿو نھاري ته اھا ڪيفيت بھرحال خواب ڏسندڙ جي احساس سان ئي سلھاڙيل ھوندي آھي، پر اھڙي اعتراض جوگي صورتحال متعلق مان سمجھان ٿو ته اھا خواھش جي پورائي جي ذريعي چوٽڪاري يا بچاءِ جو سبب آھي، جڏھن ته ڪي قوتون حافظي ۾ برقرار رھجي ويل ٻين خاصيتن ۽ خاڪن جي اڳواٽي ڪنديون آھن، ۽ نتيجي ۾ خواب جا به حصا ھڪ ٻئي سان ھم

آهنگي پيدا ڪرڻ کان علحدا هوندا آهن. اسان شاهديءَ طور هڪ دلچسپ حصو ڳولهيو آهي تہ خواب جنهن ستاءَ يا جوڙجڪ ۾ نظر اچي ٿو اهو خواهش جي پورائي جي بگڙيل صورت ۾ ۽ اڻپوري انداز ۾ نظر ٿو اچي. جيڪو پوريءَ ريت سمجهه ۾ نہ ٿو اچي. اهو ڪن پرين جي آکاڻين وانگر جن کان اسان اڳي ئي واقف هوندا آهيون. نظر ايندا آهن. مثال طور: "هنس اينڊرسن" وغيره. "بادشاهه جون نئون لباس": جنهن کي ويجهڙائي ۾ جرمنيءَ جي معروف ڊراما نگار "لڊونگ فلڊا" (1939ع_1862ع) منظوم ڊرامي "Der Telisman" جي صورت ۾ آندو آهي. هنس اينڊرسن جي پرين واري آکاڻي اسان کي ٻڌائي ٿي تہ: "ڪيئن نہ هن پاڪيندين، بادشاهه جي قيمتي لباس کي سڀيو هو جنهن جي متعلق هنن جو چوڻ هو تہ بادشاهه جي لباس کي اهو شخص ڏسي سگهي ٿو جيڪو نيڪ صالح، ايماندار ۽ پارسا هوندو سو بادشاهه سلامت جڏهن ان نظر نہ ايندڙ لباس ۾ گهمڻ نڪتو تہ سمورا تماشائي سندس لباس جي ڪرشمي کي ڏسي ڏڃي ويا، پر انهن جو ڏيان بادشاهه جي اگهاڙپ ڏانهن نہ ويو."

اها ساڳيءَ صورتحال اسان جي خوابن ۾ هوندي آهي. تڪڙ ۾ ۽ بنا سوچڻ جي ان ڳالهه کي سمجهڻ ڏاڍو مشڪل آهي تہ خواب جو مبهم ۽ نہ سمجهه ۾ ايندڙ متن، جيڪو سندس يادن ۾ محفوظ آهي، ان مواد کي ترميم ڪيل صورت ۾ ڪيئن ٿو پيش ڪري ۽ ڪهڙيءَ ريت صورتحال جي احساس کي ساڳئي انداز سان تشڪيل ٿو ڪري؟ ان صورت ۾ بهرحال، خواب جو عملي ڪم ان جي حقيقي مقصد کان پاسيرو ٿي، بنهه اڻ لاڳاپيل ستاءَ ۾ استعمال ڪندو آهي، پر اسان اڳتي ڏسنداسين تہ ٻئي دماغي سرشتي تحت خواب جي متن سان اختلاف يا تڪرار ڪرڻ شعوري خيالن جي سرگرميءَ لاءِ عام رواجي ڳالهه آهي. ۽ اهو تڪرار ئي خواب ڏسندڙ جي انومان کي سمجهڻ لاءِ آخري رخ ڏيڻ ۾ مدد ڪندو آهي. ان طريقي ۽ موضوع کي اسان باب ڇهين: "خواب جي عمل" جي حصي ۾ رهين: "ثانوي نظرثاني" ۾ وري پيش ڪيو آهي. ان ڪانسواءِ به اسان اهڙن ساڳين تڪرارن يا غلطفهمين (هڪ ئي شخصيت جي دماغ ۾ جاءِ والارڻ، ٻيهر ظاهر ٿيڻ) متعلق اڳتي به پڙهنداسين، جيڪي خيالن يا سوچ جي غلبي ۽ خوف وارين حالتن بابت تمام وڏو ڪردار ادا ڪن ٿيون.

اسان هاڻي ان صورتحال تائين رسيا آهيون جو پنهنجي خواب جي معاملي ۾ ان مواد جي نشاندهي ڪري سگهون، جنهن جو بنياد غلط تشريح تي ٻڌل آهي. هاڻي توهان سمجهي ويا هوندا تہ منهنجو مطلب آهي تہ: "روپ متائڻ" وارو "مڪار" خود "خواب" آهي، تہ "بادشاهه" وري خواب ڏسندڙ "پاڻ" آهي.

خواب جو اخلاقي مقصد حقيقت کي اڻ چٽي نموني پيش ڪرڻ آهي، يعني خواب جو ڳجهو مواد، منع ڪيل يا روڪيل انهن خواهشن سان سلهاڙيل هوندو آهي، جيڪو تڪليف ڏيندڙ سوچن يا خيالن سبب متاثر ٿيل يا قربان ٿيل هوندو آهي، اعصابي مرضن جي تجزيي مان مون کي اهو معلوم ٿيو آهي تہ متاثر ٿيل يا قربان ڪري ڇڏيل سوچن وارا مضمون، ان قسم جي خوابن ۾ ان ڪري ظاهر ٿين ٿا، ڇاڪاڻ تہ اهي ابتدائي ٻالڪپڻي جي يادن تي ٻڌل هوندا آهن. اهو سيڪجهه اسان رڳو ننڊپڻ ۾ ڪندا آهيون جو پنهنجن توڙي پراون جي وچ ۾ بہ نهايت غير مناسب طريقي جي ڪپڙن ۾ هوندا آهيون، پلي تہ اهي نرسون هجن، نوڪرياڻيو يا مهمان هجن، انهن جي موجودگيءَ ۾ اسان پنهنجي اگهاڙپ جي سلسلي ۾ ڪوبه شڪ شرم محسوس نہ ڪندا آهيون. اسان اهو مشاهدو ڪري سگهون ٿا تہ اگهاڙپ واري مستي گهڻن ئي ٻارن کي متاثر ڪندي آهي ۽ پوءِ وڏندڙ عمر ۾ بہ شرم محسوس ڪرڻ بجاءِ اگهاڙپ واري اها سرشاري بہ منجهن موجود هوندي آهي. اهي ان حالت ۾ ڪلندا آهن، ڪيڏندا ڪڏندا آهن ۽ پاڻ کي ماريندا ڪٽيندا آهن. اهي ايتري قدر ان ۾ محو ٿي ويندا آهن جو آخرڪار سندن ماءُ يا ڪوبيو اچي ڪين جهليندو آهي ۽ شرم ڏياريندي چوندو آهي تہ: "شابس اتق اها ڪا راند آ، وري ڀيهر نہ ڪجو." پر ٻارن ۾ پاڻ کي اهڙي قسم سان جنسي طور پڏرو ڪرڻ جو لاڙو يا خواهش موجود رهندي آهي. هن ڪتاب جو پڙهندو ڪڏهن ڪنهن سفر تي ويو هوندو تہ ان بہ ڪٽي نہ ڪٽي ڪنهن ٻار کي اگهاڙو ضرور ڏٺو هوندو.

منهنجي هڪ مريض جي شعور ۾ پنهنجي اٽن سالن وارو هڪ منظر موجود هو تہ: "رات جو سمهڻ وقت هن کي ٻئي ڪمري ۾ وڃي نچڻ جي خواهش پيدا ٿي هئي، جتي سندس ننڍي پيٽ پنهنجي رات جو پائڻ واريءَ چوليءَ ۾ ستل هئي، پر نوڪرياڻيءَ ڪيس چادر سان ڍڪي وئي هئي."

اعصابي معاملن متعلق اوائلي تاريخي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ اعصابي طور ٻارن جي پنهنجي مخالف جنس ڏانهن رغبت، اهم ڪردار ادا ڪري ٿي: "خود ڪپڻ ۾ هجڻ يا اڳهاڻ واري وهم، وسوسي يا مغالطي ۾ ٻه اهڙي قسم جي تجربن جو مشاهدو ڪيو ويو آهي: جن ماڻهن ۾ هوڏ، خودپسنديءَ ۾ گمراهه ڪندڙ خيال گهڻا هوندا آهن، انهن ۾ هڪڙا اهڙا ٻه هوندا آهن جن ۾ "ٻاراڻي جنسي عمل" واري من اچل موجود هوندي آهي، اهي انهن علامتن جي انتها تي پهچي ويندا آهن، جنهن کي اسان "نماءُ يا پاڻ کي جنسي طور پڌرو ڪرڻ جي لاڙي" واري ڏمري ۾ رکندا آهيون. گمراهه ڪندڙ تصور اصل ۾ نندپڻ جي جنسي سرگرميءَ جا ٻچيل ۽ يادگار لمحا هوندا آهن.

اسان جڏهن پويان مڙي، پنهنجي بي شرم ۽ بيباڪ ٻالڪپڻي وارين حرڪتن کي ڏسندا آهيون تہ اسان کي اهي بهشت جي نظاري وانگر فرحت ڏيندڙ محسوس ٿيندیون آهن. پر اهو فرحت ڏيندڙ بهشت فرد جي ٻالڪپڻي جي اجتماعي تصوراتي دنيا کان وڌيڪ ڪا حيثيت نہ رکندو آهي. شايد ان ۾ ماڻهوءَ جو خيال اهو ٻه هجي تہ "بهشت ۾ ٻه انسان اڳهاڻو رهندو هو ۽ ٻئي جي موجودگيءَ ۾ شرم ٻه محسوس نہ ڪندو هو. پر جڏهن اهڙو وقت آيو جو منجهس شرم ۽ پريشانيءَ جو احساس جاڳايو ويو ۽ ڪيس بهشت مان نيڪالي ڏني وئي. ۽ پوءِ جنسي عملي زندگيءَ جو آغاز ٿيو ۽ معاشرتي ذميدارين ۽ تمدني سرگرمين جي شروعات ٿي." ۽ اسان رات جو اهڙي بهشت کي پنهنجي خوابن ۾ بار بار ڏسندا رهندا آهيون. مان ان تي اڳ ٻه باب پنجين: "خوابن جو مواد ۽ ماخذ" جي حصي ٻئي: "خوابن جي بنياد ۾ ٻالڪپڻي جي مواد" ذريعي اهو انومان ظاهر ڪيو تہ آهي تہ ابتدائي ٻالڪپڻي جي خوابن جا نظارا ۽ نقش، عمر جي ڏهن سالن تائين ديومالائي صورت ۾ نظر ايندا آهن. جنهن کان پوءِ سندس فطرت منجهان ۽ فرق ڪرڻ کانسواءِ لڳ ڀڳ پنهنجي اصلوڪي مواد ذريعي ٻيهر پيدا ٿيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ۽ انهن جو "ورجائيجڻ"، خواهش جي پورائي واري اصول تحت هوندو آهي. اهڙيءَ ريت اڳهاڻ يا پاڻ کي جنسي طور پڌرو ڪرڻ جي لاڙي وارا خواب ايندا آهن.[1]

نمائشي سطح تي نظر ايندڙ خواب جي مرڪزي يا انتهائي اهم حصي ۾ خواب ڏسندڙ پاڻ کي (نندپڻ واري صورت ۾ نہ پر موجوده وقت واري صورت ۾) ڏسي ٿو ۽ هن جو ڪپڻن کانسواءِ هجڻ يا تہ سندس نندپڻ دوران اڳهاڻ وارين بيشمار يادن جي تهن کي هڪ ٻئي مٿان چاڙهي ڇڏڻ يا وري چندچاڻ واري اصول تحت غير واضح انداز ۾ شامل ڪري ٿو ۽ انهن ماڻهن جي شڪلين کي شامل ڪري ٿو جن جي موجودگيءَ ۾ هن کي شرم محسوس ٿيو هو.

مان سمجهان ٿو تہ اهڙا مثال گهڻ تا ملن، جو نندپڻ دوران جنسي نماءِ واري منظر دوران موجود اصلي تماشائي خواب ۾ نظر ايندا هجن! خواب گهڙڪري دلچسپيءَ، تجسس ۽ شوق وارا ورق ورائيندو آهي پر سادي ياد کي ورلي ئي چونڊيندو آهي.

اهڙن ماڻهن جي نندپڻ جون "جنسي دلچسپيون"، خاص طور زناني جنسي بيمارين ۽ وهم گمان وارن خيالن جي اعصابي مونجهارن جي غلبي سبب خوابن ۾ ٻيهر اٽل ڪائي، نئين نئين سٽاءَ ذريعي ظاهر ٿيندیون آهن. اهي ڏسڻ وارا يا تماشائي رڳو وسوسي يا مالیخوليا جي ڪري ٻيهر ظاهر ٿيندا آهن. ۽ جڏهن تہ اهي مسلسل پوشيده رهندا آهن. انهن جي موجودگي، ڪٿر قسم جي عقيدي جي انومان يا نتيجي سان قائل ٿيڻ لاءِ هوندي آهي.

خوابن ۾ اها ان ريت جاءِ والاريندي آهي جيئن: "تمام گهڻا اجنبي"، جن کي عينڪ ڏيان ٿو پر اهي ڏيان نہ ٿا ڏين" اهو هڪ جاتل سڃاتل فرد جي پاڻ کي پڌري ڪرڻ واري خواهش جي ضد جي گهڻ وڌ هجڻ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ ٻه نہ آهي. اتفاق سان "تمام

---

[1] هي حاشيو 1911ع ۾ شامل ڪيل آهي: فرينزي (1910) اڳهاڻ جي حوالي سان عورتن جا ڪيترائي دلچسپ خواب گڏ ڪيا آهن، جن مان سندن ٻاراڻي وهيءَ دوران اڳهاڻ وارن واقعن کي ڳولهڻ مشڪل نہ آهي. پر اهي انهن مثالي يا خاص قسم جي خوابن کان ڪجهہ ڳالهين ۾ مختلف آهن، جن کي مون پنهنجي مضمون ذريعي بحث هيٺ آندو آهي. مٿئين تحرير جي آخري جملي جي پر واري نمايان ٽڪري مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اهو راحت ڏيندڙ اصول کان پرپور ٿي ويل خيالن جو اڃ ڇٽو خاڪو ڪڍي اچي ٿو. (فرائيڊ 1920)

گهٽا اجنبي" بين واسطن جي ڪري به خوابن ۾ بار بار نظر ايندا آهن. ۽ اهي سڌائين خواهش جي پورائي جي خلاف ڳالهين کي ڳجهو رکڻ لاءِ آڏواڇي ٻيهندا آهن. ساڳيءَ ريت خواب ۾ "سموري خاندان جي موجودگيءَ" جون به ساڳيون نشانيون هوندیون آهن.

اهو به ڏئو ويو آهي ته خود وسوسا يا ماليخوليا ۾ اصلوڪين يا ابتدائي شين کي اصل حالت تي واپس آڻڻ جو عمل هجي ته خواب لڪل شين کي غير موافق يا برخلاف شين جي ذريعي ظاهر ڪندو آهي. ان جو مطلب اهو هوندو آهي ته هو (مريض) بهرحال اڪيلو نه آهي. ان ۾ شڪ نه آهي ته هن کي ڪيترا ئي ماڻهو ڏسن پيا. البت ڏسڻ وارا "تمام گهٽا اجنبي آهن" جن جي سڃاڻپ غير يقيني پر دلچسپي پيدا ڪندڙ تاثر ڇڏيندي آهي. ان حوالي سان پنهنجي جنسي نماءِ وارن خوابن ۾ تڪليف رسائڻ وارين سوچن کي پوئتي ڌڪي ڇڏڻ جو عمل وڏو ڪردار ادا ڪري ٿو:

اهڙن خوابن ۾ ڏک يا ايذاء جو احساس اصل ۾ جنسي نماء واري ان مواد ۽ منظر جي رد عمل طور ان تي بندش هجڻ جي باوجود ان جي تاثر کي ڳولهڻ لاءِ ايندو آهي. جيڪڏهن ڏک يا ايذاء لنوائي ڇڏڻ جهڙو هوندو آهي ته منظر نئين سري سان پيش نه ٿيندو آهي.

ڪنهن لاڙي، جذبي يا سوچ کي روڪيندڙ ذهني عمل ۽ احساس متعلق اسان اڳتي باب ڇهين: "خواب جي عمل" ۾ ذڪر ڪنداسين. خواب "اختلافي ارادي" يا "منفي" جذبن ۽ سوچ کي روڪيندڙ لاڙي جي ساراهه ۽ ان لاءِ احترام وارين ضرورتن کي پوري ڪرڻ جي نمائندگي ڪندو آهي. شعوري تقاضا ان جو نماءُ چاهيندي آهي. جڏهن ته چندچاڻ جو عمل ان کي روڪڻ جي تقاضا ڪندو آهي.

ان ۾ شڪ نه آهي ته اسان جي خاص يا مثالي خوابن ۽ پرين وارين آڪاٽين ۽ ٻئي قسم جي ڪنهن تخليق تحريري مواد جي وچ ۾ جيڪو ڳانڊاپو آهي، اهو نه ته ٿورڙو آهي نه ئي ڪو حادثاتي يا اتفاقي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي ته ڪنهن تخليقي ليکڪ جي تيزنگاهه ۾ تبديليءَ جي عمل کي تسليم ڪرڻ ۽ تجزياتي حقيقت پسندي موجود هوندي آهي ۽ اها هن جي وضع بڻجي ويندي آهي، ايتري قدر جو ان لاءِ تجزيو ڪرڻ عام ڳالهه بڻجي ويندي آهي. ائين ئي هو عملي طريقي ذريعي پهرين ابتي پاسي رخ ڪندو آهي ۽ خواب جي باري ۾ تخيلاتي لڪٽين طرف موٽ کائيندو آهي. منهنجي هڪ دوست "گاٽ فرائيڊ ڪيلر" (Gottfried Keller. 1619, 1890) جي مشهور ڪتاب: دي گروني هينرخ (Der Gruni Henrich) جي باب ٽئين جي: حصي ٻئي، منهنجو ڏيان ڇڪايو:

"منهنجي پياري "لي" مان سمجهان ٿو ته تون پنهنجي شخصي تجربن ذريعي ڪڏهن به سکي نه سگهندينءَ جيستائين تون "اوڊيسيءَ" (هڪ طويل نظم Odyssey) جي اهم دلچسپ ڏکدائڪ سڃائيءَ جو مشاهدو نه ڪندينءَ جيڪو جڏهن اوڊيسس يا پوليسس جي سياحت ۽ مهم جوئي دوران پيش آيل سختيون ڏٺيون ۽ تراءِ کان اڳتائين پنهنجي واپسيءَ جو سفر ڪيو موٽيو هو ته ڪيئن نه اگهاڙو هو جنهن "نئوسيڪا" ۽ ان جي نوڪرياڻيءَ جي سامهون پاڻ کي گپ ۽ گاري سان ڍڪيو هو. چا مان توکي نه ٻڌايان ته اهو سڀ ڪجهه ڪيئن ٿيو؟ ان لاءِ تون اسان جي تجربي ڏانهن نظر ڪر! جيڪڏهن ان تجربي لاءِ تون پنهنجو گهر ۽ شهر کي به ڇڏي ويندينءَ پنهنجي دوستن ۽ پيارن کان پري ٿي ويندينءَ جيڪڏهن تون کي ڏکيا ڏينهن به ڏسندينءَ اداس گذاريندينءَ ته نيٺ تون هڪڙيءَ رات جو خواب ڏسندينءَ ته تون پنهنجي گهر جي ويجهو پئي اچين، توکي گهر ڏانهن ايندي خوشگوار رنگ سڌا ۽ پيارا ٻنيون ٻارا توڏانهن وڌندا ٿا اچن. ۽ اوچتو توکي احساس ٿيندو ته تون گهر ۾ بستري تي سوڙهه ستي پئي آهين. ڏوڙهه ۽ ٽيل ۽ اگهاڙي. تڏهن تون کو شرم محسوس ڪندينءَ ۽ پاڻ کي لڪائڻ لاءِ کو ڪپڙو ڳولهيندينءَ ۽ ائين تو جاڳي پوندينءَ ۽ پوءِ پيارو پيارو تڙ ڪندينءَ..." خواب ۾ اهو سڀ ڪجهه ايترو جلدي ٿي ويندو آهي جيترو کو ماڻهو هڪڙو ساهه کڻي... ۽ هومر! پنهنجي ان ڏکدائڪ تصوير کي نهايت فطرت جي انتهائي گهرائيءَ سان پڪارڻ لڳو هو."

ماڻهوءَ جي گهري ۽ لافاني فطرت، بڌڻ وارن کي پڪارڻ تي منحصر رهي آهي. ۽ شاعر ان کي پنهنجي ادراڪ سان پيش ڪندو آهي. اهي ڏهن جي لاڙن يا من اڇل تي بڌل هوندا آهن جن جون پاڙيون بالڪپڻي ۾ ڪتل هوندیون آهن. جيڪي

ديومالائي صورت ۾ رهجي ويندين آهين. نندپڻ جون ڏهايل يا لڪل خواهشون به خوابن ۾ ليڀ پونديون آهن. جيڪي ناقابل اعتراض خواهشن جي نيڪالي ڏني هنڌ جي پويان لڪل هونديون آهن. اهي شعور ۾ داخل ٿيڻ جي قابل هونديون آهن. ان کري عظيم "نئوسيڪا" جي سلسلي ۾ خواب بلڪل مضبوط قسم جو تاثر ڇولهي ورتو هو. جنهن جو اختتام "ڪٿتيءَ واري خواب" جي اصول تحت ٿيو.

مٿي ڏنل منهنجي پنهنجي خواب ۾ "ڏاکڻ تي مٿي ڊوڙڻ دوران پاڻ کي هڪدم پاڻ کي ڏاکڻ تي ڪونئر سان چنبڙيل ڏٺم" اهو به "نماڻ" يا پاڻ کي پڌري ڪرڻ" وارن خوابن جهڙو ئي آهي. ٿي سگهي ٿو اهڙي ڪا ڳالهه منهنجي نندپڻ ۾ ٿي هجي. پر گلم جي خراب ڪرڻ سبب نوڪرياٽيءَ جي "منع ڪرڻ" وارو حوالو منهنجي خواب ۾ ضرور آيو. نفسياتي تجزيتي ۾ ڪو شخص "پرچائڻ راضي ڪرڻ يا ناراض" جي تشريح ڏريعي. اصل مواد سان ڳانڍاپن جو پيش ٿيڻ سمجهي سگهجي ٿو. به خيال! جيڪي ڪنهن هڪڙي تسلسل ۾ ترتيب سان هڪدم اچي سگهن ٿا. بنا ڪنهن ظاهري ڳانڍاپي جي! بلڪل هڪڙي اکائيءَ ۾ هڪڙي ئي انداز سان معلوم ٿي سگهندا آهن. مثال طور مان لفظ a ۽ b هڪ هنڌ ڳڻائي لکان ٿو يعني ڪي ته اهو هڪڙي ئي اچار تحت ab پڙهي سگهجي ٿو. جيڪڏهن اسان ان کي سنڌيءَ ۾ اب لکنداسين ته اهو الف بي ۽ اردو وارو اچار "اب" يعني هاٿي وارو لڳي ٿو ساڳئي صورت خوابن سان به لاڳو آهي. "ڏاکڻ وارو خواب" جيڪو مون مثال طور آندو آهي. اهو به خوابن جي اهڙي ئي سلسلي سان وابستا آهي:

مان اڪثر ايائي سالن جو هوس ۽ مون کي ياد آهي ته منهنجي ماءُ گهر ۾ ڪم ڪندڙ پوڙهي عورت کي بار بار سمجهائيندي هئي چاڪاڻ ته اها گهٽي قدر گندگيءَ ۾ پريل رهندي هئي. پر هئي نهايت تيز ۽ قابل. منهنجي خوابن ۾ سندس ان رويي جو نتيجو ظاهر ٿيندو رهيو آهي. خاص طور صفائيءَ جي معاملي ۾ هوءَ مون کي به سختيءَ سان سمجهائيندي هئي ۽ ڏڪا به ڏيندي هئي. هن جي انهيءَ تيز طبيعت جي باوجود مون کي نندپڻ جي اها پوڙهي عورت سدائين ياد رهندي آهي. چاڪاڻ ته هن مون کي صُفائيءَ جي سلسلي ۾ تمام گهڻو سمجهايو ۽ سيکاريو هو.

(ب)

پيارن جي موت جا خواب

DREAMS OF DEATH OF PERSONS WHOME THE DEAMER IS FOND

هڪ ٻئي قسم جي خوابن جو سلسلو جيڪو مثالي يا خاص خوابن جي ذمري ۾ بيان ٿي سگهي ٿو اهو ويجهن ۽ پيارن جي موت تي مشتمل آهي. مثال طور ڪنهن مائٽ، پاءُ يا پيءُ جو يا ٻار جو.

اهڙا خواب ٻن قسمن ۾ ورهايل آهن: هڪڙا اهي جن ۾ خواب ڏسندڙ رنج، ڏک يا صدمو نه رسي پوي. ان ڪري جڏهن جاڳي ٿو ته پنهنجي احساس جي ڪميءَ تي حيران ٿئي ٿو ۽ ٻيو قسم اهو آهي جنهن ۾ خواب ڏسندڙ خواب ۾ ئي ڪنهن جي مرڻ تي دلي ڏک محسوس ڪري ٿو ۽ شدت وچان خواب دوران روئي ٻه پوي ٿو.

اسان پهرين قسم جي خوابن تي ان ڪري غور ڪرڻ جي ضرورت محسوس نه ٿا ڪريون. ڇاڪاڻ ته اهي خاص يا مثالي گهٽ آهن. پر انهن جو تجزيو ڪنداسين ته اسان کي انهن مان ٻه ڪي معنائون ۽ خواب ڏسندڙن جون خواهشون ضرور ملنديون. اهڙو هڪڙو خواب منهنجي ماٽيٻاٽيءَ جو ٻه هو جنهن ۾ "هن پنهنجي پيءُ جي سکيلڏي پٽ کي ڪفن ۾ ڏٺو هو" ته ان جو مطلب اهو نه آهي ته هن کي پنهنجي ياٽيجي جي مرڻ جي خواهش هئي. پر اسان ڏٺو ته اها ان عورت جي فقط ان ٻار سان ملڻ جي سڪ هئي. جنهن کي هن گهٽي عرصي کان نه ڏٺو هو. پر گهٽو اڳ هڪ ٻئي ماڻهوءَ کي پنهنجي ٻار جي مرتيي دوران ڏٺو هو. سڪ يا خواهش متعلق خواب جي ستاءَ جي اها سچائي. ڪنهن ڏک يا صدمي جو واقعو پيش نه ٿي ڪري. ۽ خواب ۾ اهڙي ڪنهن رنج ۽ ڏک جو احساس به ڪونه آهي. ۽ اهو به ڏسي سگهجي ٿو ته خواب ۾ اثر انداز ٿيڻ وارو احساس. ان ڏنل منظر بجاءِ خواب جي ڪنهن ڳجهي مواد سان ڳنڍيل هجي. ۽ ان جي وضاحت تي مشتمل هجي. ۽ خواب جو اثر انداز ٿيل متن. تاثر جي بگڙڻ ۽ جڙ سبب ايان اڻ ڇهيل هجي. جنهن کي تمثيلي مواد طور چونڊيو ويو هجي. خوابن جي تاثر متعلق اسان اڳتي باب ڇهين: "خوابن جي عمل جو نفسياتي پهلو". جي حصي يا رهين: "خوابن ۾ اثر انداز ٿيندڙ جذبا" ۾ بحث ڪنداسين.

پهرين قسم جي خوابن جي پيٽ ۾ ٻئي قسم جا خواب مختلف ٽين ٿا. جن ۾ خواب ڏسندڙ پنهنجي پياري عزيز جو موت ڏسي ٿو ۽ ساڳئي وقت ڏک ۽ درد به محسوس ڪري ٿو. اهڙن خوابن جي معنيٰ. جنهن ڏانهن ان جو مواد اشارو ڪري ٿو. ان مان ان شخص جي مرڻ جي خواهش ظاهر ٿئي ٿي. مان اهو به مڃڻ لاءِ تيار آهيان ته منهنجي سيني پڑهندڙن يا ٻين جا احساس به ساڳئي قسم جي خوابن جي تجربي مان پيدا ٿيا هوندا. ۽ اهي منهنجي دعويٰ سان اختلاف به ڪري سگهن ٿا. ان ڪري مان پنهنجي شاهدين جي بنيادن تي ان جي وسيع ۽ ممڪن ڪوجنا اوهان جي اڳيان رکندس.

مان ان ڳالهه ته اڳ ۾ هڪ خواب جي متعلق بحث ڪري آيو آهيان. جنهن جي سمجهاڻيءَ مان خبر پوي ٿي ته جيڪي خواهشون. خوابن ۾ پوري ٿيڻ/ڪرڻ جي نمائندگي ڪنديون آهن. اهي هميشه ويجهن ڏينهن جون خواهشون نه هونديون آهن. اهي گهٽو ڪري ماضيءَ جو ڏورانهون خواهشون هونديون آهن. جيڪي تياڳيل. ترڪ ڪيل. ڏکي يا ڏهائي ڇڏيل هونديون آهن. جن کي اسان ڪنهن نه ڪنهن نموني پنهنجي وجود جي تسلسل سان جوڙي ڇڏيندا آهيون. ان ڪري اهي خواب ۾ به پيون ڦيريون پائيندیون آهن. موت يا مرڻ سان اسان جو اهو لفظي مطلب به نه آهي. پر ائين جيئن ان جا ڦ ڇا آڏيسي ۾ نظر آيا هجن. جن جيئن جيئن خون کي پئي چڪيو ته جڙ هڪ قسم جي زندگيءَ کي پئي جاڳايو. ٻار جي مرڻ واري خواب جي معاملي ۾ جيڪا ڳالهه ڳنڍيل آهي اها اٽڪل پندرهن سال اڳ جي آهي. جيڪا نهايت آزادگيءَ سان ان جي هاڻوڪي وقت ۾ اظهار جي ويئي هئي. هوءَ جڏهن ايجا نندڙي هئي. پر هن کي پنهنجي اها عمر ياد نه آهي پر هن پنهنجي ماءُ کان تڏهن ٻڌو هو جڏهن اها اميدواريءَ جي سورن سبب

ڏاڍي پريشان ۽ تڪليف ۾ هئي. تڏهن انتهائي جذباتي ٿيندي چيو هئائين ته: "اهو جملو وارو وار جيڪر مري ويجي." پوءِ جڏهن خواب ڏسندڙ چوڪري اميدواريءَ سان ٽي ۽ ساڻئي قسم جي سورن جي سخت اچي مٿان پيس ته ڪيس پنهنجي ماءُ جو "مثال" پئي ياد آيو.

جيڪڏهن ڪوبه شخص ڪنهن به قسم جي سور ۽ تڪليف وارين حالتن ۾ هوندو آهي ته اهو پنهنجي پيءُ، ماءُ يا پيٽ جي مرڻ جو خواب ڏسندو آهي. ان جي شاهديءَ جي حوالي سان ڪوبه اهڙو خواب مثال طور پيش نه ٿيو آهي. ته خواب ڏسندڙ جي، ڪنهن جي مرڻ متعلق خواهش ويجهڙائيءَ واري وقت سان منسلڪ هجي. چاڪاڻ ته خوابن جو نظريو اهڙين خواهشن تي منحصر نه هوندو آهي. مون کي ڊپ به آهي ته منهنجي محفوظ ڪيل خيالن بابت اختلاف ڪرڻ وارا مطمئن نه ٿيندا. اهي انهن حقيقتن کان انڪار ڪندا پر مون ٻار جي هنيلي ذهني زندگي متعلق ويجهڙائيءَ وارين شاهدين جي بنياد تي: "پنجن سالن جي ٻار ۾ خوف وارين حالتن" (1909ع)، ۽ هڪ مضمون: "ٻارن جي جنسي رجحان وارا خيال" (1908ع)، مضمونن ۾ ٻيهر نظر وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ان سلسلي ۾ اسان پهرين ته ٻار جي پنهنجي ياءُ ۽ پيٽ سان رشتي تي غور ڪنداسين. مان اها ڳالهه سمجهي نه سگهيو آهيان ته اسان انهن رشتن جي متعلق اڳ ۾ ئي فيصلو ڪري ونڊندا آهيون ته اهي محبت جا رشتا آهن: جڏهن ته جوان ياءُ پيٽ جي وچ ۾ رقابت، هڪ ٻئي جي تجربن تي ٽيڪاٽپٽي. اسان کي انهن جي نندپڻ کان ئي نظر ايندي آهي. پر ان کان وڌيڪ اهو به ڏٺو ويو آهي ته ڪيترن ئي وڏن ٻارن جو پنهنجي ياڻن پينرن سان مصنوعي يا نڪي وارو رويو هوندو آهي ۽ اهي اڄ تائين ان تي قائم رهڻ لاءِ تيار هوندا آهن ۽ نندپڻ کي چڏي اچڻ جي باوجود اهي رشتن ناتن کي توڙيندا به نه آهن. وڏو ٻار پاڻ کي نندي سان رويو به سٽو نه رکندو آهي. هن تي الزام لڳائيندو آهي. ۽ پنهنجي راندين جي نشاندهي ڪري ڪيس کيڏڻ نه ڏيندو آهي. جڏهن ته نندي کي ساڻس ساڻ ٽيندو آهي. ۽ هو پنهنجي نندي ۽ ڪمزور هجڻ سبب وڏي سان پڄي نه سگهندو آهي ته ڪاوڙ فساد يا گوڙ ڪرڻ شروع ڪندو آهي. ان کي ڊيڄاريندو آهي ته مان فلاڻي کي ٿو ويجي دانهن ڏيان ۽ ان جو ٿو ويجي در ڪڙڪايان. ته منهنجو انصاف ڪري سندن مائٽن کي سدائين انهن سان اها شڪايت رهندي آهي ته اهي پاڻ ۾ نٿن ئي نه ٿا. الائي ته هنن کي ڇا هي جو سارو ڏينهن ٿا وڙهن.

ٻار گهڻو ڪري پنهنجي ۽ مطلبي ٿيندا آهن ۽ پنهنجي عزيزن توڙي ٻين ٻارن سان رقابت جي حوالي سان پنهنجي پينرن ۽ ياڻن جي به خلاف ٿي ٻيهندا آهن ۽ پنهنجون ضرورتون ضد ڪري به مڃائيندا آهن. پر اسان انهن عادتن جي ڪري کين برو نه چوندا آهيون. اسان انهن کي شرارتي سڏيندا آهيون ۽ انصاف جي تقاضا اها آهي ته اسان سندن شيطاني ضرورتن کي پوري ڪرڻ واري ضد سبب انهن کي جوابدار نه سمجهندا آهيون. ۽ اهو به درست آهي ته اسان انهن جي معصوميت جي ڪري انهن جي ضد کي تيستائين قبول نه ڪندا آهيون. جيستائين هو بالغ يا سمجهه وارو نه ٿو ٿئي. ۽ ائين ان ضدي ٻار ۾ آهستي آهستي ٻين جو خيال رکڻ وارو احساس ۽ اخلاقي قدر اجاگر ٿين ٿا. هتي مينيرٽ (Meynert, T_1892,169) جو اصول استعمال ڪندي، اهو چونداسين ته "ثانوي آپو" (Secondary Ego) سندس ٻاراڻين عادتن کي ڏکي ٿو چڏي ۽ اهي خيال سياويڪ ٻڌجي پوندا آهن ۽ اوليت حاصل ڪري ونڊندا آهن. اهو سچ آهي ۽ ان ۾ ٿورو به شڪ نه آهي ته اخلاقي گڻ ساڻس هر وقت به گڏ نه هلندا آهن. ۽ ڪجهه ماڻهن ۾ وري ٻالڪپڻي واريون غير اخلاقي حرڪتون به هلنديون رهنديون آهن. جيڪڏهن اخلاقي عادتون وڌڻ ۾ ناڪام ٿيڻ سبب، گهڻو ڪري گهٽ ذهنيت واريون گنديون يا خودغرضيءَ واريون ڳالهيون ڪندا آهيون. جيتوڻيڪ اسان جي ذهني ترقيءَ لاءِ ڪنهن لاڙي، جذبي، سوچ ۽ ذهني عمل کي روڪڻ جون ضرورتون ۽ حقيقتون به سامهون ايندڙيون آهن. پر پوءِ به اهو ابتدائي ڪرداري رويو پنهنجو پاڻ تازي ذهني واڌ ويجهه کي ڏکي چڏيندو آهي. ۽ اهو عمل بار بار ٿيندو رهندو آهي ۽ سيئي واقعا، حصن جي صورت ۾ خاص طور زناني جنسي بيماريءَ واري دوري جي صورت ۾ وري وري ظاهر ٿيندا آهن. اها زناني جنسي بيماريءَ جي دوري واري حالت ۽ ٻاراڻين شرارتن جي وچ ۾ واقعي حيرت انگيز هڪ جهڙائي هوندي آهي. وهم گمان وارن خيالن سبب

اعصابي غلبو ان جي برخلاف عظيم اخلاق سان لهه وچڙ ۾ اچي ان کي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ ابتدائي ڪردار جي تازي رويي کي چوريندڙ خيال کي روڪڻ لاءِ زور بار وجهندو آهي.

ان ڪري ڪيترائي ماڻهو جيڪي پنهنجن پائرن ۽ پينرن سان پيار ڪن ٿا ۽ انهن جي وچڙي وجهڻ تي ڏکارا ٿيندا آهن. تہ انهن جي لاشعور ۾ شروعاتي وقتن کان ڪي شيطاني خواهشون بہ لڪل هوندیون آهن. جيڪي پنهنجي اظهار جي قابليت رکنديون آهن.

بهرحال بن، ٽن سالن يا ايجان بہ ٿوري وڌي عمر وارن هارن جي، پاڻ کان ننڍين پائرن ۽ پينرن سان رويي جو مشاهدو ڪرڻ بہ هڪ خاص دلچسپ ڳالهه آهي.

هڪڙي هار جو هڪ عجب مثال ٿا ڏيون تہ هڪڙي سکيلڈو هار جنهن جڏهن اچي ٻگهه جي مادي ۽ جو ٻچو ڏنو تہ هو ان کي هيڻان مٿان جاچي ڏسڻ لڳو ۽ وري هڪدم اداس ٿي ويو تہ ٻگهه جي ماءُ ان ٻچي کي وري ڪنهن ٻئي پاسي ڪٽي ويندي

مان ان راءِ جو بہ آهيان تہ هار مزاحمت يا رڪاوٽ جو رڳو تخمينو لڳائيندو آهي. منهنجي هڪ سچاڻپ واري عورت، جنهن جا تعلقات اڃڪلهه پاڻ کان چار سال ننڍي پيٽ سان گهٽا گهاتا آهن، ٻڌايو تہ: "هن پنهنجي پهريون نمبر پاس ٿيڻ جي مبارڪباد ڏني تہ مان ڪيس پنهنجي ڳاڙهي رنگ جي ٽوپي ڪانہ ڏني."

جيڪڏهن ڪو هار اهڙي صورتحال کي رڳو محسوس ڪري خاموش بہ ٿي وڃي تڏهن بہ سندس دل ۾ دشمنيءَ يا ڏاريائپ جو احساس ان ڏينهن کان شروع ٿي ويندو آهي. مان هڪ اهڙي واقعي کان واقف آهيان تہ هڪ ٽن سالن کان ننڍي چوڪري، پينگهي ۾ پيل هار کي گهو گهو ڏئي مارڻ ٿي چاهيو چاڪاڻ تہ هن کي لڳو تہ هار جو ان ۾ مسلسل ستو پيو رهڻ سنو سنوڻ نہ آهي.

ان عمر جي هارن ۾ ساڻ جو مادو بہ ٿئي ٿو تہ ساڻ ڪيڻ جي قابليت بہ ٿئي ٿي. پر وري ائين بہ ٿيندو آهي تہ جيڪڏهن ٿوري دير جي لاءِ ڪيس پاڻ کان ننڍي پيٽ نظر نہ ايندي آهي تہ ڪانئس وڌو هار پوري ۾ گهر ۾ ان کي ڳولهڻ جي ڪوشش بہ ڪندو آهي.

ساڳيءَ ريت جيڪڏهن ٻگهه پکيءَ جي مادي ۽ ٻيو ٻچو بہ ڏنو تہ منجهس ان کي ڪٽي پالڻ جو شوق پيدا ٿيندو آهي، ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪندو آهي.

فرائيڊ 1909ع ۾ شامل ڪيل مثال ۾ لکي ٿو تہ: ساڍن ٽن سالن جي "هنس" نالي هار کي متي بحث ڪيل اعصابي عارضو هو. جنهن پنهنجي پيٽ جي جمڻ وقت راڙو شروع ڪري ڏنو تہ: "مون کي پيٽ نہ گهرجي." سندس ان اعصابي ڪمزوري دوران اٽن مهينن کان پوءِ بہ هن پنهنجي انهيءَ پيٽ جي لاءِ ماءُ کي انتهائي سچائيءَ سان پنهنجي خواهش جو اظهار ڪندي چيو تہ: مهرباني ڪري هن کي غسل خاني واري حوض ۾ اڇلائي ماري ڇڏ."

حالانڪ ساڳئي وقت هو نهايت سٹي طبيعت لطيف احساس وارو هار هو ۽ خاص طور پنهنجي پيٽ سان پاڪر پائي پيار بہ ڪندو هو.

1914ع واري ايڊيشن ۾ آندل آهي تہ: "ننڍپڻ ۾ گهر جي ڪنهن پاتيءَ جي موت متعلق ڳالهيون جلدي وسري بہ ويندیون آهن پر نفسياتي تجزيي جي تحقيق ٻڌائي ٿي تہ تنهن کان پوءِ اهي ڳالهيون اعصابي مونجهارن تمام گهڻيون اثرانداز بہ ٿين ٿيون.

عام طور تي هارن جو پنهنجي ننڍين پائرن يا پينرن سان اهو رويو سندن عمر جي فرق جي ڪري هوندو آهي. گهڻو ڪري هار جي ڏند ڪري پوڻ تي سندس وڌو پاءُ يا پيٽ ڪيس ڪنڊو ڪنڊو ڪري ڇيڙائيندا آهن. يا ڪي هار ڳالهائڻ ۾ هيڪندا آهن، ٻاتو ڳالهائيندا آهن. تڏهن بہ رسامي يا ڪاوڙ جو اظهار ڪندا آهن. پر جتي عمر جي وچوٽي ٿوري وڌيڪ هوندي آهي تہ وڌي پيٽ اڳ ۾

ئي نئين چاول ٻار جي مدد جي سلسلي ۾ پنهنجي مائٽاڻي فطري لڇ کي محسوس ڪندي آهي. پنهنجي پيئرن ۽ پائرن کي دشمن سمجهڻ ساڻ ڪرڻ ڪاوڙ ڪرڻ يا رسڻ ۾ چڙ گهٽي قدر ننڊپڻ ۾ عام جام هوندو آهي. ان جي پيٽ ۾ وڌي يا جوان ٻار جو مشاهدو ڪندڙ اڪ پاڻ ۾ ڪي وٺندي آهي.[1]

مون وٽ منهنجي ڪنهن عورت مريضه جو پنهنجي پاءُ يا پيٽ جي مري وڃڻ متعلق ڪو اهڙو مثال موجود نه آهي، پر رڳو هڪڙي جي اميد هئي، جنهن جي تشريح ڪندي مان ان اصول جي تصديق ڪري ٿي سگهيس. هڪ موقعي تي جڏهن تجزياتي ويهڪ دوران مان هڪ عورت کي ان موضوع متعلق سمجهائي رهيو هوس ته سندس مرض جا آثار منهنجي بحث سان گهٽو لاڳاپيل لڳا. ۽ منهنجي حيران ٿيڻ تي چوڻ لڳي ته هن اهڙو ڪوبه خواب نه ڏٺو آهي. بهرحال هن هڪ ٻيو خواب ٻڌايو جنهن جو هن موضوع سان ظاهري طور ڪو تعلق نه هو.

هن پهريون خواب تڏهن ڏٺو هو جڏهن هوءَ ڇهن سالن جي هئي ۽ ان وقت پنهنجي خاندان جي ٻارن ۾ سڀ کان ننڍي هئي. ۽ هن مسلسل اهو ڀڻي ڏٺو ته: "ٻارن جو وڏو هجوم آهي. اهي سڀئي هن جا پائر پيئر ۽ سوٽيون آهن. ٻاهر ميدان تي کيڏون پيا. اوچتو سيني کي ڪنب جمي پيا ۽ اهي پري اڏامي ويا ۽ گم ٿي ويا."

هن کي اندازو نه هو ته سندس خواب جو مطلب ڇا آهي، پر ان کي سمجهڻ ايترو ڏکيو نه آهي ته اهو پنهنجي حقيقي صورت ۾ انهن سڀني پائرن ۽ پيئرن جي "موت" جو خواب آهي. پر جذبڇاڻ واري اصول جي اثر سبب ٿوري تبديليءَ سان پيش ٿيو آهي. ان سلسلي ۾ مان تجزيي ڪرڻ جي هن ريت جرعت ڪندس ته: "ڪنهن جي مري وڃڻ تي ٻارن جي ميڙ ۾ خواب ڏسندڙ عورت جا ٻه پائر به شامل هئا. ۽ ان وقت پاڻ به لڳ ڀڳ ڇهن سالن جي هئي. تڏهن هن وڏي عمر جي ڪنهن سياڻي ٻار کان پڇيو هوندو ته: ته "جڏهن ٻار مري ويندا آهن ته ڪاڏي ويندا آهن." تڏهن ان جو جواب اهو ئي هوندو ته: "انهن کي پر جمي ويندا آهن ۽ اهي ننڍڙي فرشتي جي صورت ۾ تبديل ٿي ويندا آهن."

خواب ۾ به اها ڳالهه ٻڌايل آهي ته خواب ڏسندڙ جي پيئرن ۽ پائرن کي ڪنب جمي پيا، يعني فرشتن وانگر ٿي ويا. ۽ خاص ڪٽڪتو اهو آهي ته اهي پري اڏامي ويا.... ۽ اسان جي ننڍڙي قاتل ٻارڙي پويان اڪيلي رهجي وئي. يعني هوءَ هڪ عجيب ڳالهه ٿي ڪري ته ان سڄي ڪهول ۾ هوءَ کي اڪيلي بدنصيب باقي بچي هئي. اسان ان ڳالهه ۾ غلط به ٿي سگهون ٿا پر اڏامڻ کان اڳ ۾ ميدان ۾ ٻارن جي کيڏڻ واري حقيقت "پوپٽن" جي نڪتي کي به ظاهر ڪري ٿي.

ان نڪتي جو تجزيو ڪندي کوبه ماٺهو چئي سگهي ٿو ته ٻارن ۾ ريلي ته پنهنجي پائرن پيئرن جي مرڻ جي خواهش نه هجي پر انهن ۾ محرومي ۽ نراسائيءَ سبب ڪاوڙ ضد ۽ رسي وڃڻ عام ٿئي ٿو. پر وڏي ڳالهه اها آهي ته ٻارن کي "مرڻ" متعلق ايترو شعور نه ٿيندو آهي. انهن کي قبر جي هول حشر جو به اندازو نه هوندو آهي. بس رڳو هن کي اهو لفظ استعمال ڪرڻ اچي ويندو آهي. پر وڏندڙ عمر سان مستقبل جي انهن معاملن کان واقف ٿيندو آهي. ٻارن لاءِ "موت جو ڊپ" ڪا معنيٰ نه رکندو آهي. ۽ ان معصوميت سبب اهڙن لفظن کي استعمال ڪندو آهي. مثال طور پاڻ سان گڏ کيڏندڙ کي تنبيهه واري انداز سان چوندو آهي ته: "جي وري ڪيئه ته فرائز وانگر مري ويندين."

ساڳئي وقت سندس غريب ماءُ ڏک کان ڪنبڻ لڳندي آهي ۽ پنهنجي غربت جي حال کي ياد ڪندي آهي. ڇاڪاڻ ته اڏ کان گهٽو انساني نسل پنهنجي ٻارن جي پرورش جي حوالي سان ڏاڍو ڏاڍيل حال ئي رهيو آهي. ٻارن لاءِ اهو عين ممڪن آهي ته هو جڏهن اٽن ڏهن سالن جا هجن ۽ ڪنهن تاريخي عجائب گهر ڏسڻ کان پوءِ سندن ذهن ۾ "مرڻ" متعلق سوال پيدا ٿين ۽ ان احساس

---

[1] 1914ع ۾ شامل ڪيل حاشيو: ٻارن جي پنهنجي پائرن پيئرن يا ڪنهن مائٽ سان اهڙي وروڌي ضدي رويي متعلق نفسيات جي تجزياتي ادب ۾ تمام گهڻي تعداد جا مشاهدا ڇاڻايا ويا آهن. مشهور شاعر "اسپينيلر" پڻ اسان کي خاص طور تي ٻاراڻي هوڊلائپ واري رويي متعلق پنهنجي ئي زندگيءَ جا نهايت حقيقي ۽ بيشمار مثال ڏنا آهن.

کان پنهنجي ماءُ کي اچي چون ٿو: "امان! مون کي تنهنجي ڳلٿي آهي ته جڏهن تون مري ويندينءَ ته مان توکي به ائين ڪمري ۾ اچي رکندس ته جيئن مان توکي سدائين ڏسندو رهان."

وڏن جي پيٽ ۾ ٻار جي خيالن ۾ اهڙي ننڍڙي مشابهت ئي هوندي آهي[1]. ٻارن کي ڪنهن جي "مري وڃڻ" متعلق لڳ ڀڳ "ڪٽي هليو وڃڻ" جو خيال ايرندو آهي، ۽ پونيرن کي انهن جي گذاري وڃڻ تي ڏاڪ به گهٽو عرصو قائم نه رهندو آهي، ۽ ٻار به "مري ويل" جي غير حاضريءَ متعلق "ڪنهن سفر تي هليو وڃڻ"، "ڪٽي رهي يا ترسي پوڻ"، رنجش سبب رُسي يا قطع تعلق ڪري وڃڻ"، ۽ "مري وڃڻ" جي وچ ۾ ڪو خاص فرق محسوس نه ڪري سگهندو آهي[2].

ٻار جي ڪمسنيءَ دوران جيڪڏهن سندس سنيالڻ واري نوڪرياڻيءَ کي ڪيڏي چڏجي، ۽ جلد ئي پوءِ سندس ماءُ جو انتقال ٿي وڃي ته ٻئي واقعا هڪ ٻئي مٿان مڙهجي، سندس يادگيرين جي هڪڙي لڙيءَ ۾ پوئجي ويندا آهن. جيڪي تجزيي جي تحت ظاهر ٿيندا آهن. جڏهن ماڻهو غير حاضر هوندو آهي ته ٻار سندس غيرحاضريءَ کي گهٽي شدت سان محسوس نه ڪندا آهن، پر جڏهن سندن ماءُ موڪلن وارن ڏينهن ۾ به هفتن جا هفتا سندن غير حاضريءَ تي روئڻا رئندي آهي ته ٻارن کي سندن گهر کان پري هجڻ جو خيال ايندو آهي، پر هو ماءُ کان پڇندا نه آهن، پر جيڪڏهن سندن ماءُ واقعي وڏي سفر تي رواني ٿي وئي آهي، جتان ڪوبه مسافر موٽيو نه آهي ته پهرين ته ٻاران کي وسارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي پر پوءِ پنهنجي گذاري ويل ماءُ کي پنهنجي من ۾ ضرور سڏيندو آهي. اهڙيءَ ريت جيڪڏهن ٻار کي ڪنهن ٻئي جي موجود نه هجڻ جي خواهش لاءِ کي سبب هوندا آهن. اهڙي حالت ۾ ان جي مري وڃڻ جي خواهش ڪندو آهي ۽ تڏهن سندس ذهن ۾ ان لاءِ اپريل مرڻ واري خواهش تي ڪوبه پابندي نه ٿو مڙهي سگهي، ۽ سندس خوابن جي مواد ۾ موت واريون خواهشون اهڙي رد عمل سبب ظاهر ٿيندڙيون آهن، ۽ انهن جي خوابن ۾ "اظهار جڻ" جو اهو ساڳيو طريقو نه هوندو آهي، جيڪو ڪنهن وڏي عمر جي ماڻهوءَ جي خوابن ۾ اظهار ٿيو آهي[3].

جيڪڏهن پوءِ ٻار منجهان پنهنجي پائرن ۽ پيئرن جي خلاف موت جون خواهشون، ٻاراڻي ضد (Childish Egoim) جي ڏريعي اظهار جڻ ٿيون، جيڪي ڪيس انهن جو رقيب بڻائن ٿيون، ته اسان انهن کي سندن مائڻن جي خلاف "موت جي خواهش" ڪيئن ٿا سڏي سگهون! جيڪي ساڻس گڏ رهن ٿا، ان سان پيار ڪن ٿا ۽ هن جون ضرورتون پوريون ڪن ٿا ته اهڙن سنيالينڊڙن متعلق هن جي دل ۾ اهڙيون خواهشون ڪيئن ٿيون پيدا ٿي سگهن؟

---

[1] هي حاشيو 1909ع ۾ شامل ڪيو ويو هو: هڪڙي ڏهن سالن جي نهايت ذهين ٻار پنهنجي پيءُ جي اوچتي انتقال تي انتهائي حيرتناڪ جملو چيو ته: "مان چاڻان ٿو ته منهنجو پيءُ مري ويو آهي، پر مون کي اها ڳالهه سمجهه ۾ ڪانه ٿي اچي ته بابا رات جي مانيءَ تي گهر چو نه ٿو اچي!" ان موضوع تي وڌيڪ مواد 1919ع دوران "امئگو" (Imago) وقفي سان شايع ٿيندڙ رسالي جي پهرين ستن شمارن ۾ ڏسي سگهجي ٿو. جيڪو "ٻار جي ذهني فطري حقيقت" (The True Nature of the Child) جي عنوان سان شايع ٿيل آهي، جنهن کي ڊاڪٽر ايڇ-وان هگ هيل مٿ (Dr.H.von Hug_Hellmuth) ترتيب ڏنو آهي.

[2] هي حاشيو 1919ع ۾ شامل ڪيو ويو هو: هڪ پيءُ جيڪو نفسياتي تجزيو ڪرڻ ڄاڻيندو هو ان پنهنجي ڇٽن سالن جي نهايت ذهين ڏيءُ جي حقيقي چرپر ڏريعي "مرڻ" ۽ هليو وڃڻ" جي وچ ۾ فرق جو مشاهدو ڪيو هن پنهنجي ان ننڍڙي ڏيءُ کي ماني کائڻ وقت ڏاڍي پريشانيءَ ۾ مبتلا ڏٺو جڏهن هن گهر ۾ ڪم ڪرڻ واري نوڪرياڻيءَ کي موجود نه ڏٺو تڏهن ٻارڙيءَ پنهنجي پيءُ کي چيو: "جوزفين مري وئي آهي." پيءُ پڇيس: "چو مري چو وئي آهي؟" تنهن تي ٻارڙي چوڻ لڳي: "ته پوءِ موٽي چو ڪونه ٿي اچي؟" اها ٻار جي پاڻ سان لامحدود پيار واري ڪيفيت (Narcissism) آهي، جيڪا ٻار جي حسي ضرورت آهي، بقول "ڊريڪونين": اهڙو هر جرم سزا جي ٿي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي، جنهن ڏوهه جي ميڙ جي ڪا حد مقرر ٿيل نه هوندي آهي."

[3] موت متعلق جوان ماڻهوءَ جي رويي تي فرائيڊ وڌيڪ خاص طور تي "غير سماجي يا غير اخلاقي رسمون ۽ انهن جي سچائپ" (Totem and Taboo, 1912) ۽ "تيمتي شين رکڻ لاءِ تي ننڍڙيون دهليون" (1913) ۽ "جنگ ۽ موت متعلق وقت جا ويچار" (1915) ۾ بحث آندو آهي.

مائٽن جي موت متعلق ان مشڪل مسئلي جو حل سندن خوابن جي مشاهدي مان ئي ملي ٿو ۽ اهي مائٽ گهٽو ڪري اهي ئي آهن، جن سان هن جو نهايت اهم ۽ گهٽو واسطو پوي ٿو: يعني هڪ ته اهي انسان ئي آهن، پر جيڪڏهن ڪو اڪيلي مرد جو موت آهي ته اهو سندس ماءُ جو موت آهي. پر مان اها دعويٰ نه ٿو ڪري سگهان ته ساري دنيا ۾ ائين ٿيندو هوندو. البت جنهن ڳالهه جي اهميت آهي ان ڏس ۾ مان گهڻين شاهدين جي نشاندهي ڪري چڪو آهيان. پر ايجان انهن جي وضاحت جي ضرورت بهرحال آهي.[1]

اهوائين آهي جيئن ته شروع کان ئي پنهنجي مائٽن سان سندن جنسي رشتو نهايت اهميت جو حامل هوندو آهي، پر پوءِ به ٻئي ڇوڪريءَ ۾ پنهنجي پيءُ لاءِ ته ڇوڪريءَ ۾ پنهنجي ماءُ لاءِ رقابت جو احساس موجود هوندو آهي، پر انهن کان الڳ رهڻ ۾ به کين ڪو فائدو نظر نه ايندو آهي. اسان کي پٽ يا ڌيءَ واري ان مائٽاڻي تعلق ۽ انهن جي ثقافتي معيارن ۽ گهرجن ۽ روزمره پيش ايندڙ مشاهدن جي وچ ۾ حقيقي فرق کي به ضرور نظر ۾ رکڻ گهرجي. ڪيترن ئي موقعن تي مائٽن ۽ ٻارن جي وچ ۾ وروڌي قسم جا معاملا نهايت لڪل يا لفظن ۾ ڊيڪيل هوندا آهن. ان صورت ۾ ڪوبه اهڙو رشتو جيڪو خواهش جي پوري ڪرڻ جي سلسلي ۾ تمام گهڻا موقعا فراهم ڪري ٿو ۽ انهن کي اُپارڻ ۾ مدد ڪري ٿو اهو چنڊ ڇاڻ جي پاسي کان نه ٿو گذري.

ان سلسلي ۾ اسان پهرين پٽ، پيءُ ۽ ماءُ ڌيءَ جي وچ ۾ فطري رشتي تي غور ڪنداسين: اسان قانوني خوبين کي ته جائز سمجهندا آهيون، پر شريعت جي پاڪائيءَ وارن حڪمن جي انحرافي ڪرڻ ۾ دير نه ڪندا آهيون. مان سمجهان ٿو ته اسان حقيقتن کي سمجهڻ جي سلسلي ۾ پنهنجي ادراڪ ۽ دريافت متعلق علمي قوت کان سڏيءَ طرح ڪم نه وٺندا آهيون. اسان اهو نه مڃيندڙن تي ورلي يا مشڪل سان ئي، تنقيد ڪرڻ جو جوکم کڻندا آهيون. ساڳيءَ ريت انساني سماج جي تمام هيٺين يا مٿين طبقي ۾ مائٽاڻو تعلق پين به گهڻين ئي دلچسپين جو هيراڪ هوندو آهي.

هڪ اڻ چٽي معلومات جيڪا اسان تائين ڏند ڪٿائن ۽ قديم زمانن جي عظيم انسانن جي تاريخ مان ملي ٿي ان ۾ ظالماڻي طاقت استعمال ڪندڙ ۽ بي رحمي سان پيش ايندڙ پيءُ جي هڪ اڻ وٽندڙ تصوير ملي ٿي، مثال طور "ڪرونوس" (Kronos) ڪنهن جهنگلي جانورن جيان پنهنجي ٻارن کي ڳهي ويندو هو. زيوس ديوتا پنهنجي پيءُ کي تخت تان هٽائي، ان جي جاءِ تي پاڻ حڪمران ٿي ويٺو. بادشاهن جي خاندااني تاريخ ۾ اهڙا ڪوڙ مثال موجود آهن. خود اسان جي وچولي طبقي وارن خاندانن ۾ پٽ پيءُ پنهنجي پٽن جي آزادگيءَ واري اٽلي ويهڻي کان کين جهليندو آهي. اها روڪ ٽوڪ به پٽن ۾ وروڌي احساسن کي اُپارڻ جو ڪم ڪندي آهي. ان هوندي به پيءُ جي نقصان تي پٽ کي صدمو به رسندو آهي. اسان جي معاشري ۾ اڇڪلهه جو پيءُ هڪ طرف تيز فهم به آهي ته ٻئي پاسي نراس به آهي. پر وري سماجي ٻنڌڻن سان چنبڙيل به آهي. "ابسن" پنهنجي لکڻين ۾ پيءُ ۽ پٽ جي وچ ۾ ان قديم جدوجهد کي نهايت نروار ڪري لکيو آهي.

ڌيءَ ۽ ماءُ جي وچ ۾ اختلاف گهٽو ڪري تڏهن اُپرندا آهن جڏهن ڌيءَ جوان ٿيندي آهي ۽ پنهنجي جنسي آزادگيءَ جو اظهار ڪندي آهي. تڏهن پاڻ ته ماءُ جي نظرداري ڪيس نه وٺندي آهي ۽ ان حوالي سان هوءَ ماءُ کي پنهنجي جوان ۽ سمجهدار ٿي وڃڻ سبب تنبيهه به ڪندي آهي ته اهڙو ڪو وقت آيو ته هوءَ پاڻ ئي جنسي خوشيون تياڳي ڇڏيندي.

اها ڳالهه هر ڪنهن جي اکين اڳيان بلڪل ظاهر ظهور آهي، پر اها ڳالهه اسان کي انهن ماڻهن جي، مائٽن سان اٽٻٽ جي ڪري سندن مرڻ جي خوابن جي وضاحت ڪرڻ ۾ عقلي طور مدد نه ٿي ڪري، پر اسان جي بحث مان اها ڳالهه بهرحال واضح ٿئي ٿي ته پنهنجي مائٽن جي خلاف مرڻ جي خواهش پراڻي يا شروعاتي نندپڻ وارين يادن سان سلهاڙيل ٿئي ٿي. اسان انهيءَ مان اهو به سکيو ته ٻاراڻيون جنسي خواهشون، جيڪڏهن سندس اَڊِ (Embryonic) ۾ شامل آهن ته اهي جلد ئي ظاهر ٿيندیون آهن،

---

[1] هي حاشيو 1925ع ڌاري شامل ڪيو ويو: پاڻ کي سزا واري لاڙي جي ظاهر ٿيڻ جي ڪري صورتحال لڳاتار اڻ چٽي آهي. چاڪاڻ ته خواب ڏسندڙ کي پنهنجي اخلاقي ردعمل جي ڪري پنهنجي عزيز جي نقصان واري اها ڪيفيت ڏيجاري به ٿي، جنهن سان هو پيار ڪري ٿو.

ان صورت ۾ ڏيءَ جو پهريون پيار پنهنجي پيءُ سان ٿئي ٿو.[1] ۽ چوڪري جا ٻاراڻا انگل پنهنجي ماءُ سان ٿين ٿا. ان صورت ۾ سندس پيءُ پٽ لاءِ پريشان ڪندڙ رقيب بڻجي ٿو وڃي. ۽ ساڳيءَ ريت ماءُ پنهنجي ڏيءَ جي لاءِ خفو ڏيارينڊ احساس ۾ مبتلا ٿي ويندي آهي. ۽ پٽ جي پاسي ماءُ جي گهٽي قربت سبب پيءُ جو رويو سخت ٿي ويندو آهي ساڳيءَ ريت ڏيءَ جي پاسي ڪڍ تي ماءُ جي رويي ۾ تبديلي ايندي آهي.

ٻارن جي ذهني طور اڻپوري هجڻ متعلق ڪيترن ئي مائٽن جو مشاهدو آهي: فطري ڪشش يا طبعي ميلاپ جي عنصر جي هجڻ سبب سدائين ننڍين نينگرين جي ذهني اوسر ۾ خلل پيدا ٿي ويندو آهي. ساڳيءَ ريت ماءُ توڙي پيءُ، ٻنهي جي حساس هجڻ سبب انهن جي ذهني اوسر اثرانداز ٿيندي آهي. دراصل انهن جي تربيت ٻارن کي ذهني پريشانيءَ کان آجو رکڻ لاءِ هوندي آهي. ۽ ساڳئي وقت انهن جي تعليم تي به سندن ڪڙي نگاهه هوندي آهي.

ٻار پنهنجي اڻپوري هجڻ کي ڇڪيءَ طرح محسوس ڪندو آهي. ۽ انهي سبب هو پنهنجي ان مائٽ جي خلاف ٿي ويندو آهي. جيڪو سندس مخالفت جو اظهار ڪندو آهي. ڪنهن وڏڙي جو رڳو پيار ئي ٻار جي خاص ضرورت کي مطمئن ڪري نه سگهندو آهي. ان جو هميشه اهو مقصد هوندو آهي ته هڪ ته هو جيڪو چاهي ٿو ان کي حاصل ٿئي. يا وري هر ڪو سندس عزت ڪري. اهڙيءَ ريت هو پنهنجي ذهني جبلت جي آڌار تي هلندو آهي. ۽ ساڳئي وقت مائٽ ڪيس هر پيري نئين انداز سان سندس خواهشن جي پورائيءَ لاءِ جهڪاءُ وارو رويو اختيار ڪندا آهن.

۽ جڏهن سندس پيءُ ڪٽي ٻاهر ويل هوندو آهي. ۽ هو انگل ڪري ماءُ جي پر ۾ سمهڻ جي فرمائش ڪندو آهي ته ماٽس ڪيس اسڪول وڃڻ ۽ سندس پيءُ جي موٽي اچڻ کان پوءِ وري پنهنجي بستري تي سمهڻ جي شرط تي پاڻ سان سمهارڻ جي اجازت ڏيندي آهي. ان وقت هن جي من ۾ خواهش پيدا ٿيندي آهي ته جيڪر سندس پيءُ هميشه ٻاهر ئي رهي ته جيئن پنهنجي پياري جيجل ماءُ جي پر ۾ ستو پيو هجي. ان خواهش کي ماٽڻ مان ڪيس اهو خيال به اچي سگهي ٿو ته جيڪر سندس پيءُ مري وڃي ته بهتر. ٻار کي جيئن ته مري وڃڻ جو تصور ڪنهن جي پري هليو وڃڻ وارو احساس پيدا ڪندڙ هوندو آهي. جيئن سندس ڏاڏي لاءِ ڪيس ٻڌايو ويو هو ته اهو ڪٽي پري هليو ويو آهي. جتان ڪڏهن موٽي نه ايندو.

منهنجي ٻڌايل تجزيي ۽ مشاهدي مطابق. ويجهي مائٽ جي موت جي خواب متعلق ٻار جي اهڙي قسم جا خيال به شمار ٿين ٿا. خوابن جي ايندڙ ڪجهه مثالن جو تجزيو ڪندي اسان "خواهش جي پورائي وارن خوابن" جي امڪان کي رد ڪري نه ٿا سگهون.

منهنجي هڪ مريضه هڪ ڏينهن انتهائي ڏڪ واري حالت ۾ صفا روئڻهار ڪي صورتحال ۾ مبتلا هئي:

"مان پنهنجي مائٽن کي وري ڏسڻ نه ٿي چاهيان". چوڻ لڳي. "اهي مون کي پڪ سان منحوس ٿا سمجهن." ائين چئي هو ٻئي ڪمري ۾ هلي وئي.

هوءَ اهو نه ٻڌائي سگهي ته هن کي اهڙو خواب ڏٺو آهي. ۽ هن کي اندازو به نه ٿيو ته هن اهو جملو ڪهڙي خيال کان چيو.

هوءَ جڏهن چئن سالن جي هئي ته هن هڪڙو خواب ڏٺو هو ته: "چت تي مٿي کي جهنگلي ٻلو يا گدڙ ٻئي هليو ته چت مان ڪاشيءَ ڪري ٻئي يا شايد هوءَ پاڻ ڪري ٻئي. ۽ جلد ئي پوءِ سندس ماءُ جو لاش ٻاهر آندو ويو." ۽ هوءَ تمام گهٽور ني هئي."

مون هن کي ٻڌايو ته تنهنجي ان خواب جو مطلب آهي ته تو ۾ نندي هوندي پنهنجي ماءُ بي مثل ڏسڻ جي خواهش پيدا ٿي هوندي. جيڪا خواب جي صورت ۾ ظاهر ٿي آهي. ۽ ان سبب تنهنجي دل ۾ پنهنجي منحوس هجڻ جو خيال پيدا ٿيو آهي. پوءِ مون جهنگلي ٻلي (Lynx) متعلق سوچيو ته مون کي ياد آيو ته اسان وٽ ٻلي کي هڪ قسم جي گار يا گٽي لفظ جي صورت ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي. ۽ پيو ته هن جي ماضيءَ جي ڳالهين مان معلوم ٿيو ته هوءَ جڏهن نندي هئي ته گهٽيءَ واري چوڪري مٽس

---

[1] ان نڪتي تي فرائيڊ وڌيڪ وضاحت 1925ع ۽ 1931ع ڏاري ڪئي آهي.

ڪوپيندا اڇلايو هو ۽ گار ڏني هئي، ۽ جڏهن هوءَ انڪل ٽن سالن جي هئي تہ چت مان ڪوچاپڙ ڪريو هو جيڪو سندس ماءُ کي لڳو هو ۽ سندس مٿي مان رت وهيو هو.

منهنجي تجربي مطابق ٻارن جي ذهني اوسر نفسياتي يا اعصابي مونجهارن متعلق وڏو ۽ اهر ڪردار سندن مائٽ ادا ڪندا آهن. هڪڙي مائٽ سان پيار ۽ ٻئي مائٽ سان نفرت وارو رويو ٻہ اڻتي هلي ذهني/ نفسياتي مونجهارن جو سبب بڻجندو آهي. ۽ اهي رڳو ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي فرق سان نفرت ۽ محبت جو اندازو لڳائيندا آهن ۽ اهي لڪل اشارا ٻہ ٻار تي اثرانداز ٿيندا آهن. اهڙي ڪوجنا اسان جي هڪ ڏاهي ليکڪ "سوفوڪليس" پنهنجي ڊرامي "آڊيپس" ۾ آندي آهي. جنهن جا ڪجهہ حصا مون "ٻارن جي نفسيات" ۾ شامل ڪيا آهن تہ ٻار ٻہ دنيا ۾ هڪ جيترو عقل رکي ٿو پلي ان جو اظهار پنهنجي ننڍي عمر دوران نہ ڪري سگهندو هجي. پر وڏي ٿيڻ کان پوءِ منجهس اهي عنصر اپري اچن ٿا. فرائيڊ جو چوڻ آهي تہ ٻار پنهنجي مخالف جنس وارن مائٽن سان جنسي لاڳاپي جي ۽ پنهنجي ساڳي جنس وارن مائٽن جي مرڻ جي خواهش رکندا آهن. پر هاٿي اهو رحجان وڏن ٻارن ۾ آهي. ۽ جيستائين آڊيپس جي مونجهاري (Oedipus Complex) جو تعلق آهي تہ اهو اسان جي هن بحث لاءِ بيڪار آهي ڇاڪاڻ تہ "سوفوڪليس جي ليکيل ڊرامي وارو آڊيپس ننڍو ٻار نہ آهي. ۽ پي اهم ڳالهہ اها آهي تہ آڊيپس کي پنهنجي ماءُ جي خبر ڪانہ هئي تہ "جوڪاسٽا" سندس ماءُ آهي.

"ٿيبس جي بادشاهہ "لوئيس" کي نجوميءَ اڳ ڪٿي ڪندي ٻڌايو هو تہ جيڪو ٻار سندس گهرواريءَ کي ڄمڻ وارو آهي. اهو پنهنجي پيءُ کي قتل ڪندو. ٻار (آڊيپس) جڏهن ڄائو تہ سندس ماءُ (لوئيس جي زال) "جوڪاسٽا" کيس هڪ ڊرائيور کي ڏئي چيو تہ هن کي شهر جي ٻاهران وڃي ماري ڇڏ. ٻار جي سٿي هجڻ سبب ان ڊرائيور اهو ٻار هڪ ٻئي مالوند کي ڏئي ڇڏيو. اهو مالوند ان ٻار کي "ڪورنٿ جي بادشاهہ پوليبس" وٽ کڻي ويو. جنهن کيس پنهنجو پٽ ڪري پاليو.

آڊيپس وڏو ٿيو تہ "پوليبس" کيس ٻڌايو تہ هو سندس سڳو پٽ نہ آهي. جنهن تي هن نجوميءَ کان فال ڪڍرائي. جنهن ٻڌايس تہ: "تنهنجي قسمت ۾ پنهنجي پيءُ کي قتل ڪرڻ لکيل آهي. پنهنجي ماءُ سان سمهڻو آهي."

آڊيپس تہ پوليبس کي ئي پنهنجو سڳو پيءُ ٿي سمجهيو ان ڪري نجوميءَ واري اڳ ڪٿيءَ کان بچڻ لاءِ ڪورنٿ ڇڏي ٿيبس هليو ويو. اتفاق سان رستي تي هن جي هڪ شخص سان ويڙهہ ٿي پئي ۽ ان ۾ آڊيپس کيس قتل ڪري ڇڏيو. اهو شخص سندس اصل پيءُ "لوئيس" هو.

آڊيپس کي ٿيبس جي تخت تي ويهاريو ويو ۽ هن "جوڪاسٽا" سان شادي ڪري ورتي. جنهن مان هن کي ٻہ ڏيئرون "اليڪترا ۽ اسميني" (Electra and Ismene) ۽ ٻہ پٽ پولينيسيس ۽ ايٽيوڪليس (Polyneices and Eteocles) جاوا. ان دوران هن پنهنجي ذهانت سبب اسپنڪس[1] کي سندس ڏنل پيرولي ٻہ پڇي ٻڌائي...."

هن ڊرامي جو ڪارائتو نُڪتو لڪل شين کي ظاهر ڪرڻ جي تسلسل کانسواءِ ڪنهن ٻي ڳالهہ تي ٻڌل نہ آهي. جنهن ۾ معاملن کي اينگهائي رکڻ واري عياري ۽ سدائين اڻتي وڌڻ جي جستجو شامل آهي. اهڙي عمل جو تسلسل نفسياتي تجزيي جي ڪم ۾ گهڻو فائديمند ثابت تي سگهي ٿو. جهڙوڪ آڊيپس خود لوئيس جو قاتل هو. پر ٻيءُ ٻہ تہ هڪ قاتل جو پٽ هو جيڪو عوام کي ڏيجارڻ ڏمڪائڻ ۽ ڏڪارڻ جهڙين سنگين شعوري غلطين ۾ غلطان هو.

---

[1] Sphinx: يوناني ڏند ڪٿا مطابق اها خيالي مخلوق جنهن جي منڊي عورت جي ۽ ڏڙ شينهن جو آهي. ۽ کيس وڏا پر لڳل آهن. جنهن کي هڪ ٻلا جي صورت ۾ پيش ڪيو ويو آهي. جيڪا ٿيبس جي پرسان رهندي هئي. ۽ واٽهڙوئن کان پيرولين پڇرائيندي هئي. جيڪو پيرولي نہ پڇي سگهندو هو ان کي مارائي چڏيندي هئي. هن آڊيپس کي پيرولي ڏني هئي تہ: اها ڪهڙي شيءُ آهي جيڪا صبح جو چئن ٽنگن تي هلي ٿي. شام جو ٻن ٽنگن تي ۽ رات جو ٽن ٽنگن تي.

ان جو جواب ۾ آڊيپس کيس ٻڌايو تہ: "اهو ٻار جيڪو ٻانهڙا ٿو پائي. ۽ وڏو ٿي اُڻڻ هلڻ لڳي ٿو ۽ جڏهن پوڙهو ٿو ٿئي تہ لٺ کڻي ٿو هلي."

آڊيپس جي بادشاهي! مقدر جي هڪ ڏکدائڪ سانحي جيان ليکي وجي ٿي، جنهن جو ڏک عظيم ديوتا جي تمام وڏي خواهش ۽ انسان ذات جي شيطاني قوتن جي ڊپ جي خلاف بي اثر ڪوشش کان آجي ٿيڻ جي وچ ۾ تضاد ۽ نتيجي کي ظاهر ڪري ٿو ۽ تقدير جو ڳانڍاپو اسان سان ٻه آهي، چاڪاڻ ته ساڳيون اڳ ڪٿيون اسان جي جنم کان اڳ! اسان جي ٻه مقدر جو حصو بنجن ٿيون جيئن آڊيپس ۽ لوئيس جي سلسلي ۾ اسان ڏٺو اها اسان جي قضا يا قسمت آهي، ٿي سگهي ٿو ته اسان جا پهرين ڏهني / جنسي من اڇل پنهنجي ماءُ جي پاسي هجي ۽ پهرين نفرت يا قتل واري خواهش پنهنجي پيءُ جي متعلق هجي، ۽ اسان جا خواب اسان کي ان ڳالهه تي قائل ڪن ٿا.

ڪجهه سالن کان پوءِ ٿيبس ۾ ساڻي جي بيماري (Plague) پيدا ٿي ته هن جوڪاسٽا جي پاءُ "ڪيريون" کي نجومين ڏانهن موڪليو ته ساڻي جي بيماري ڪيئن ختم ٿيندي؟ نجومين ڪيس ٻڌايو ته لوئيس جي قاتل کي، قتل ڪيو وڃي يا ٿيبس مان نيڪالي ڏني وڃي ته بيماري به ختم ٿي ويندي. آڊيپس لوئيس جي قاتل جي ڳولها لاءِ فرمان جاري ڪيو. تڏهن خبر آئي ته لوئيس جو قاتل خود سندس پٽ آڊيپس آهي. جوڪاسٽا کي خبر پئي ته هن خودڪشي ڪري ڇڏي ۽ آڊيپس اکين ۾ سيخون وجهي پاڻ کي انڌو ڪري ڇڏيو.

آڊيپس بادشاهه پنهنجي پيءُ لوئيس کي قتل ڪيو ۽ ماءُ "جوڪاسٽا" سان شادي ڪئي. ان مان اسان کي ٻار جي ماءُ سان ٻالڪپڻي واري خواهش جو انوم ن ٻه ٿو.

سوفوڪليس جي سانحي واري مواد ۾ بنا مبالغي جي اشارا ملن ٿا، ته آڊيپس ڪنهن اوائلي دور جي خوابي مواد کي محسوس ڪيو آهي، جنهن ۾ ٻار جي مائٽن سان جنسي / ڏهني تعلق واري متن کيس ڏک رسايو آهي. حالانڪ ان نڪتي کان آڊيپس، پاڻ ٻه ايجان تائين آگاهه نه آهي، پر هو جڏهن پيرولين کي پيڇ ۾ ڏسواري محسوس ڪرڻ لڳي ٿو ته جوڪاسٽا کيس ڪيترن ئي ماڻهن جي اهڙي قسم جي خوابن جا مثال ٻڌائي دلاسا ڏيڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. حالانڪ هوءَ اهو ٻه سمجهي ٿي ته انهن خوابن ۾ ڪو خاص مقصد ٻه لڪل نه آهي.

اڳ وانگر هاڻي ٻه ڪيترائي ماڻهو پنهنجي ماءُ سان جنسي تعلق جا خواب ڏسندا آهن، ۽ ساڻن حيران ڪندڙ حقيقتن ۽ بي واجبي عمل متعلق اپاريندا ٻه آهن. آڊيپس جي ڪهاڻي انهن ٻنهي مثالي خوابن جي تصورن جو ردعمل آهي، ۽ اهڙي قسم جا خواب جڏهن کو وڏو ڏسندو آهي ته اهي سخت ناپسند ڪرڻ واري احساس سان ڏسندو آهي، ۽ ڏاها ماڻهو گهٽو ڪري ڊپ، دهشت ۽ پاڻ کي اذيت ڏيندڙ احساس سان ڏسندا آهن. ان جو ذڪر اسان اڳتي ثانوي نظرثاني ۾ پيدا ٿيندڙ غلطفهمي ۽ واري مواد ۾ ڏينداسين، جنهن ۾ نيڪ عملن جي نظرياتي پهلوئن متعلق تحقيق جو محاسبو شامل هوندو. جهڙوڪ پاڻ کي جنسي طور پڌرو ڪرڻ واري متن جا خواب، خود قادر مطلق جي غيب وارين ڳالهين کي ماڻهوءَ جي ٽميدارين سان هم آهنگ ڪرڻ ٻه بين معاملن جيان خواب جي موضوع سان ڳنڍيل آهي.

خود شيڪسپيئر "هيلميٽ" جي عنوان سان المیہ شاعري ڪئي آهي، جنهن جون پاڙون آڊيپس بادشاهه جي روح سان رليل ٿيون لڳن. بس رڳو مواد جي ترتيب ۽ اسلوب بدليل آهي، جيڪو تاريخ جي ٻن دورن جي تهذيب ۽ ذهنيت تي ڦهليل سموري فرق کي ظاهر ڪري ٿو: خاص طور انسان ذات جي جذباتي رهٽي ڪهٽي ۾ دنيوي زندگيءَ جي وڏيل ڏهاءَ کي ظاهر ڪري ٿو. آڊيپس جي ڪهاڻيءَ ۾ ٻاراڻي انگل ۽ من اڇل جو تصور ڪنهن خواب ۾ ڏٺل منظر جيان محسوس ٿئي ٿو ۽ هيملیٽ ذهني ڏهاءَ جو شڪار آهي، جيڪو سندس اعصابن تي سوار ٿئي ٿو اهڙي ڏهاءَ جو تجربو اسان کي پنهنجي جذبي يا سوچ کي روڪڻ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندو آهي.

شڪسپيئر جي ناٽڪ هيملیٽ جي ناٽڪ جي حجاب واري حالت سبب کيس انتقام وٺڻ تي اپاري ٿو. گوئٽي جو خيال آهي ته: "هيملیٽ ناٽڪ ان ماڻهوءَ جي نمائندگي ٿو ڪري جنهن جو سنئون سڌو عمل، ڏاهپ جي وڏي وجڻ سبب معذور ٿي ويو آهي ۽ جذباتي هجڻ سبب پنهنجي خيالن جي اظهار ۾ هڪ محسوس ٿوڪري"

ٻين ليکڪن ٻہ لڳ ڀڳ ائين ئي چيو آهي تہ "شيڪسپيئر اهو دل من هٽندڙ يا فيصلو نہ ڪري سگهندڙ ڪردار جي اعصابي مرض کي ظاهر ڪيو آهي."

ڊرامي جي پلاٽ مان اسان کي هيملٽ نہ ڳالهائي سگهڻ جي نمائندگي ڪندڙ ڪردار نظر نہ ٿو اچي. چاڪاڻ تہ اسان کي هن جي ٻن واقعن مان پنهنجي سموري سگهہ سان هڪ طرف جذباتي مزاج جو اظهار ڪندي نظر اچي ٿو: جڏهن پولينس کي پنهنجي تلوار سان ماري ٿو ڇڏي ۽ ٻئي طرف هو پنهنجي شهزادي هئڻ واري شاهي شعور سان ڪلاڊيس کي عبادت ڪندي ڏسي مارڻ بجاءِ ترسي ٿو پوي. شيڪسپيئر جي تنقيد جو جواب اهو ساڳيو ئي آهي تہ اها هڪ خاص نوعيت جي ذميداري هئي. هيملٽ سڀ ڪجهہ ڪري ٿي سگهيو. پر هن رڳو پنهنجي پيءُ جي قاتل کي مارڻ واري ذميداري ٻہ پوري ڪئي.

هيملٽ ڊينمارڪ جو شهزادو هو جنهن پنهنجي پيءُ (جن واري صورت ۾ نظر آيل) کان ٻڌو هو تہ ڪيس سندس پاءُ ڪلاڊيس مارايو آهي. جيڪو شهزادي جي ماءُ سان پرٽجي تخت تي قبضو ڪري وينو آهي. هيملٽ اهو ٻڌي اٽڪل ۾ مبتلا ٿي ويو تہ هو ڪلاڊيس کي قتل ڪري يا نہ. هيملٽ نهايت سوچ ويچار وارو شهزادو هو ان ڪري ڏهني ڏهاءَ جو شڪار ٿي ويو ۽ پاڻ کي چريو ظاهر ڪرڻ لڳو. ڪلاڊيس ۽ "گيرٽروڊي" شهزادي جي ان روپي سبب پريشان ٿي ويا ۽ ان جا ڪارڻ ڳولهڻ لاءِ انهن هن جي ٻن دوستن: روزينڪرانز ۽ گلڊينسٽيرن (Rosencrantz and Guildenstern) کي مٽس مامور ڪيو. ان دوران پولونس (Polonius) کين صلاح ڏني تہ متان هو پنهنجي سوٽ اوفيليا (Ophelia) سان محبت جي ڪري پريشان ٿي ويو هجي. ان ڪري انهن اوفيليا کي ڏانهس موڪليو پر هيملٽ ان جي اڳيان ٻہ عاشق بجاءِ چريو ئي نظر آيو. پوءِ انهن اوفيليا کي شادي ڪرڻ کان روڪي ڪنواري رهڻ جو حڪم ڪيو. پوءِ جڏهن هيملٽ پيءُ جي قاتل کي مارڻ جو پڪو پهہ ڪري ورتو تہ هن ڪلاڊيس جو پيڇو ڪيو ۽ جڏهن ڪيس مارڻ جو موقعو مليو تہ ڪلاڊيس کي عبادت ڪندي ڏٺائين. تہ سوچيائين تہ جيڪڏهن ڪيس عبادت ڪندي قتل ڪندس تہ سڌو جنت ۾ وڃي رسندو. پر حڪم ڪيائين تہ هيملٽ کي هڪدم انگلينڊ روانو ڪيو وڃي. هيملٽ اچي پنهنجي ماءُ سان مليو تہ پولينس لڪي. اهو ڏسڻ لاءِ تہ هيملٽ چريو آهي يا مڪر ٿو ڪري. سندن گفتگو ٻڌڻ لڳو. هيملٽ کي پولنس جي موجودگيءَ جو احساس ٿي ويو تہ هن پردي جي پويان لڪل پولينس تي وار ڪيو ۽ ڪيس قتل ڪري ڇڏيو ۽ ان جرم جي سزا کان بچڻ لاءِ هن پنهنجي ٻنهي خدمتگارن: روزينڪرانز ۽ گلڊينسٽيرن سان گڏجي انگلينڊ روانو ٿي ويو. اوفيليا پنهنجي پيءُ جي قتل ٿيڻ سبب دڪ ۾ هوش وڃائي ويني ۽ هن وڃي درياهہ ۾ ٽپو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو. پولينس جو پٽ ليئرٽيس (Laertes) فرانس مان ڊينمارڪ موٽي آيو ڪلاڊيس کيس پڙڪايو تہ هيملٽ مون تي پنهنجي پيءُ جي قتل جو الزام هنيو آهي ۽ تنهنجي پيءُ جو قاتل ٻہ اهوئي آهي. هيملٽ اوفيليا جي تدفين ۾ اچي شامل ٿيو تہ هيملٽ کي مارائڻ جو منصوبو جوڙيو ويو ۽ ليئرٽيس کي هيملٽ سان تلوار بازيءَ جي مقابلي لاءِ اپاري. سندس تلوار کي زهر جو پاڻي لڳايو ويو تہ جيئن هڪ ئي وار سان هيملٽ کي ماري ڇڏجي. پر اتفاق سان هيملٽ کان اڳ ۾ ان زهريلي تلوار جو وار ليئرٽس کي لڳو ۽ هو ان جي زخم لڳڻ وقت اڻ مري ويو. پر هيملٽ کي ايجان هوش هو جنهن ڪري هو ڪلاڊيس وٽ آيو ۽ ڪيس اهو زهر پيئڻ تي مجبور ڪيو ويو. پوءِ جڏهن ڪلاڊيس زهر جو اهو پيالو پيتو تہ هيملٽ ٻہ زهر واري تلوار جي گهاءَ سبب ڪري پيو ۽ مري ويو.

شيڪسپيئر جهڙيءَ ريت هيملٽ کي اوفيليا سان جنسي اظهار جي حوالي سان ڪراهت وارو ثابت ڪيو آهي. حالانڪ هيملٽ ۽ اوفيليا سهڻي ۽ پرپور جواني جي عمر ۾ هئا. پر اها ناپسنديدگي خود شاعر جي ذهن ۾ آهي. جيڪا هن هڪ ٻئي ناٽڪ: ٽائمن آف ايٿينس" ۾ ٻہ پيش ڪئي آهي. مون شيڪسپيئر متعلق جارج برانڊيس 1896ع جي ڪتاب ۾ پڙهيو آهي تہ "هيملٽ" شيڪسپيئر جي پيءُ جي مرڻ کان هڪ سال پوءِ يعني 1601ع ۾ لکيو ويو آهي. جنهن ۾ سندس ڪنهن محبوب شيءِ جي وڃڻ جي صدمي جو تاثر شامل آهي. جيڪو هڪ ٻار جي پنهنجي پيءُ لاءِ هوندو آهي. ان کان علاوه خود شيڪسپيئر جو پٽ ٻہ ننڍي عمر ۾ گذاري ويو هو. جنهن جو نالو ٻہ هيملٽ سان ملندڙ جلندڙ (هيمنيٽ Hammnet) هو. جهڙيءَ ريت هيملٽ ۾ هڪ پٽ جو پنهنجي مائٽن لاءِ روپي کي ظاهر ڪيو ويو آهي. تهڙوئي احساس هن جي "ميڪبيٽ" (Macbeth)

۾ آهي. جيڪو لڳ ڀڳ ساڳيئي دور ۾ لکيل آهي، ۽ اهي ٻئي ٻاراڻي زندگيءَ جي موضوع تي لکيل آهن. انهيءَ سموري بحث کرڻ مان منهنجي مراد تخليقي ليکڪن جي ذهن ۾ ترغيبن ۽ پسنديدگيءَ جي تمام گهڻن تهن بابت معلومات ڏيڻ آهي.[1]

مان مائٽن جي مرڻ متعلق مثالي خوابن واري موضوع کي ائين چونڊ نه ٿو چاهيان. جيستائين ان ۾ خوابن جي عام علمي نظريي جي روشنيءَ ۾ اهميت کي پيش نه ڪريان.

انهن خوابن منجهان اسان کي تمام وڏي ۽ غير معمولي رهنمائي ملي ٿي. جنهن ۾ خوابي خيال، ڏهايل خواهش کي چنڊيڇاڻ جي ذريعي گوهي ڏيڻ يا نڪائي وڃڻ واري طريقي سان تشڪيل ڪندو آهي ۽ بنا ڪنهن ڦيرڦار جي خوابي سٽاءِ ڏانهن اماڻيندو آهي. ان عمل ذريعي واقعي کي يقيني بنائڻ لاءِ هڪ خاص قسم جو وهنوار ڪار فرما هوندو آهي، ۽ مون کي ويساهه آهي ته اهڙن خوابن جو هوبهو هجڻ نتيجن آڻيندڙ هن حالتن جي سهوليت تي ٻڌل هوندو آهي. هڪ ته اسان جي هر خواهش ڪنهن ٻيءَ يا ڪنهن پرانهين خواهش سان لاڳاپيل هوندي آهي، نه ته جيڪر اسان خواب ئي نه ڏسي سگهون! ان ڪري خوابي چنڊيڇاڻ جو عمل ڪن هٿيارن سان ليس نه هوندو آهي، ۽ نه ئي ڪيس ڪنهن راکاس سان وڙهڻو هوندو آهي، ۽ نه ئي مٽس ڪنهن جي ماءُ يا پيءُ جي قتل جي ڪيس تي کو قانون لاڳو ڪري سزا ڏيڻي هوندي آهي. ٻيو ته ڏهائي چڙيل ۽ بنا گمان يا شڪ شبهي واري خواهش جي معاملي ۾ ماڻهوءَ جي گذريل ڏينهن جي ڪارگذاريءَ ۽ ان مان نڪتل نتيجي يا پوڳنا جو اڌ رستي ۾ ٽڪرائجي وڃڻ وارو سٽاءُ ماڻهوءَ جي پريشانيءَ کي گهٽائڻ لاءِ پيش ٿيندو آهي. خاص طور تي تڪليف، پريشاني يا پوڳنا، خواب ۾ ان لاڳاپيل خواهش ذريعي پنهنجو رستو ناهي سگهندي آهي ۽ خواهش پاڻ ان ڏينهن واري پريشانيءَ سان بحث مباحثو ڪندي آهي ۽ از سطح تي ڪوشش ڪندي آهي جيئن شخص جو پنهنجي ذهن ۾ کو خاڪو جوڙيل هوندو آهي. ان حوالي سان ماڻهو گهٽو ڪري موت جي سلسلي ۾ ڏنل خوابن کي سمجهڻ لاءِ غير ضروري ڳالهين سان ائين چنبڙيل هوندو آهي ۽ جو جڙ هوا ۾ لڙکيل هوندو آهي. ان ڪري اسان کنهن درست حل ڪيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون.

اهڙي قسم جا خواب "ڳڻتي جي خوابن" جي جاڙ ڏيندڙ به هوندا آهن. ان سلسلي ۾ اسان بحث ڪيو ته ٻهائي چڙيل يا ڏک واري سوچ پيدا ڪندڙ خواهش، نڪائڻ يا تاڙ واري چنڊيڇاڻ جا وسيلا ڳولهيندي آهي، جنهن ڪري چنڊيڇاڻ جو عمل بہ بگڙيل صورت سان منسلڪ ٿي ويندو آهي، ۽ بنا تبديليءَ جي لاڳاپيل دڪ ۽ تڪليف وارا احساس خواب ۾ مشاهدي ۽ تجربي جي رستن تان گذرندا آهن. ان ساڳئي رستي سان ڳڻتيءَ وارا خواب رڳو ان حالت ۾ ظاهر ٿيندا آهن جڏهن چنڊيڇاڻ جو عمل سموريا ٿورو گهڻو بااختيار هوندو آهي، ۽ ٻئي طرف جيڪڏهن ڳڻتي، طبعي احساس جي بروقت ايري آيل سببن جيان اڳ ۾ ئي پيدا ٿيل هوندي ته چنڊيڇاڻ جو بااختيار هجڻ سهوليت پيدا ڪندو آهي.[1] ان حوالي سان اسان چنڊيڇاڻ جي عمل جي ان مقصد کي آساني‌ءَ سان سمجهي سگهون ٿا ته خوابن ۾ صورت کي بگاڙي يا بدلائي پيش ڪرڻ جا کهڙا کهڙا نه تجربا ڪري ٿو. بهرحال ان جو سڄو مقصد ڳڻتيءَ وارن معاملن يا اثراندازٿيندڙ ۽ هاڃو رسائيندڙ ٻين ڪيفيتن کان بچائڻ هوندو آهي.

مان ٿورو اڳ ٻارن جي ذهن ۾ ضد متعلق ٻڌائي آيو آهيان، ۽ هاڻي مان ٻن حقيقتن جي وچ ۾ ممڪن ڳانڍاپن متعلق اشارا شامل ڪريان ٿو ته خوابن جي ڪرداري وصف هڪجهڙي هوندي آهي، اهي سيئي مڪمل طور تي خود غرض هوندا آهن: انهن سيني مان هڪڙي پياري انا ظاهر ٿيندي آهي، جڏهن ته اهي اصل حالت کي لکائيندا به آهن. انهن ۾ جيڪي خواهشون پوريون ٿيندڙيون آهن، اهي بنا تبديليءَ جي انا واريون ئي خواهشون هونديون آهن. پر جيڪڏهن خواب ڪنهن بي غرض دلچسپيءَ کي پڙڪائيندي نظر ايندو آهي ته اسان ان کي نڳي يا مڪر وارو اظهار سڏيندا آهيون. هتي ڪجهه واقعن جو تجزيو پيش ڪجي ٿو جيڪو ان جي اثباتي دعويٰ کي رد ڪندي نظر اچي ٿو.

---

[1] هيملٽ جي متعلق ارنيسٽ جونس 1910ع جي علمي تحقيق جي حوالي سان ۽ وڌيڪ ميڪبيٿ ۽ ٻين حلق فرائيڊ جي مختلف مضمونن ۾ نفسياتي تجزيا پيش ڪيل آهن.

[1] ڏسو: باب پنجين: "خوابن جو مواد ۽ تاثر" جي حصي ٽئين: "خوابن ۾ جسماني جيوگهرڻن جو بنياد.

(1)

چئن سائن جي ٻر حواب ڏنو: "هن هڪ وڏي ٽالهه ۾ ڳچل گوشت جي تمام وڏي ران ۾ پاڇي پيل ڏٺي، اوچتو ڪو اها وڏا ران ڪٽي، بنا ڪاٽڻ جي ئي کائڻ لڳو هن اهو ماڻهو نه ڏنو جنهن اهو گوشت کاڌو."[1]

اهم اجنبي ڪيو هو؟ جنهن اهو شاهي طعام کاڌو جنهن جي متعلق ٻار خواب ڏنو؟ اصولي طور تي ٻار جي ڏينهن واري تجربي جي روشنيءَ ۾ ان موضوع کي ڏسنداسين ته معلوم ٿئي ٿو ته ڊاڪٽر سندس خوراڪ جي طور تي ٻين شين کان روڪي ٿورن ڏينهن لاءِ رڳو کير تي گذاري ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو. ان ڏينهن هن کا اهڙي شرارت ڪئي هئي جو سزا جي طور تي ڪجهه پيئارڻ کان سواءِ ئي کيس بستري ۾ سمهاريو ويو هو. ان وقت هن کي بک ته لڳي هئي پر دل وڏي ڪري سمهي پيو. چاڪاڻ ته هن کي اندازو هو ته کيس کائڻ لاءِ ڪجهه به نه ملندو ۽ نه ئي کيس کائڻ لاءِ ڪا شيءِ نظر آئي هئي. ۽ مٽس وڏن جي تربيت جو به اثر هو ۽ اهو ئي احوال سندس خواب جو سبب بڻيو. جيڪو سندس اصل حقيقت جو بگڙيل روپ هو. ظاهر آهي هن کي سڻي ڪاڌي جي طلب هئي. ۽ گهڻو ڪري بک ۾ سمهڻ وارا ٻار اهڙي قسم جا خواب به ڏسندا آهن. ان سلسلي ۾ مان پنهنجي نندڙي ڏيءَ "آنا" جو خواب به باب ٽئين: "خواب، خواهشن جو پورائو ڪندڙ هوندا آهن" جي ابتدا ۾ ڏٺي آيو آهيان.

(2)

"مون هڪ رات خواب ۾ ڪتابن جي هڪ دڪان جي دريءَ مان فن ۽ ڏاهپ جي ڇاڻ ڏيندڙ مضمونن جا ڪجهه مجموعا ڏٺا، جن کي خريد ڪرڻ جي منهنجي عادت هئي. ان دڪان ۾ تمام وڏن فنڪارن، دنيا جي تاريخ، مشهور ملڪن متعلق ۽ ٻيا به ڪيترا مقالا پيا هئا. انهن ۾ ٽئين سلسلي جي ڪتابن کي "مشهور مقرر" يا "تقريرون" ٿي سڏيو ويو. جنهن جو پهريون مجموعو عقل کان وانجهيل "ڊاڪٽر ليچر" جي نالي جو هو."

مان جڏهن ان خواب جو تجزيو ڪرڻ ويٺس ته اهو مون کي غير امڪاني لڳو ته خواب ۾ منهنجو واسطو هڪ مشهور "ڊاڪٽر ليچر" سان ڪيئن پيو آهي، جيڪو جرمني جي قوم پرست هئڻ جي ناتي پارليامينٽ جو اڻ جهل مقرر هو. اصل ۾ ڳالهه هيءَ هئي ته ٿورا ڏينهن اڳ مون نفسياتي علاج لاءِ ڪي نوان مريض پٺي ڏٺا، جن سان ڏهه ڏهه يا رهن يا رهن ڪلاڪ روزاني پٺي مٿو هٽايو. تڏهن مون کي سمجهه ۾ آيو ته خواب ۾ اهو مسلسل ڳالهائيندڙ "ڊاڪٽر" ليچر" مان پاڻ ئي هوس.

(3)

هڪ ٻئي موقعي تي مون خواب ڏنو ته "اهو شخص جيڪو يونيورسٽيءَ ۾ منهنجو ٻانهن ٻيلي هو چوڻ لڳو: "منهنجا ٻچڙا! ميوپس." پوءِ مون سان ڪجهه اهڙي انداز سان ڳالهائڻ لڳو جنهن مون کان ڪجهه پڇڻ ۽ ان متعلق ورندي وٺڻ چاهيندو هجي."

ان خواب جي ٽئين حصي ۾ مون پاڻ کي ۽ پنهنجي پٽ کي ڏٺو. جيتري قدر ان خواب جي لڪل متن جو تعلق آهي ته پروفيسر "ايمر" ۽ ان جو پٽ، منهنجي ۽ منهنجي وڏي پٽ جي حوالي سان انتهائي بيڪار ۽ خسيس ماڻهو هئا. مان هن خواب جي باقي عنصرن متعلق اڳتي باب ڇهين: "خواب جي عمل" جي حصي ستين "بي معنيٰ" ۾ ذڪر ڪندس.

---

[1] خواب ۾ وڏي ماپ ۽ گهٽي مقدار واري شين جو نظر اچڻ، گهٽو ڪري وڏاءَ کي ظاهر ڪري ٿو ۽ ٿي سگهي ٿو ته اهو به ڪا ٻاراڻي ڪرداري وصف هجي. ٻار ۾ پنهنجي وڏي ٽيڻ ۽ وڏن وانگر سندن شين کي استعمال ڪرڻ کان وڌيڪ جوشيلي يا ڪا سرگرم خواهش ڪاڻ ٽيندي آهي. اهي مطمئن به ڏاڍي مشڪل سان ٽيندا آهن. اهي ڏٽ ڪرڻ يا روڪڻ وارن لفظن تي ڌيان ئي نه ڏيندا آهن. البت ڪنهن کائڻ يا کيڏڻ وارين پسند جي شين جي لالچ ڏيڻ تي راضي ٿي ويندا آهن. ۽ اهو ئي ٻار کي اهڙن معاملن کان تاريڪ لاءِ تهذيبي ۽ اصلاحي تربيت جو انداز آهي. اعصابي مرض واري حالت ۾ به وڌيڪ خرچ ڪرڻ ۽ چڙواڪيءَ وارو اهڙو ساڪيو لاڙو ٿئي ٿو. (ڏسو فرائيڊ جي مضمون: "راحت ڏيندڙ جي اصولن جي ٻئي طرف" 1920ع باب پنجون، صفحو 307).

(4)

هن خواب ۾ انا جي احساس جو ٽورو گهٽ واقعو آهي. جيڪو هڪ لطيف احساس واري پريشانيءَ جي پويان لڪل آهي: "منهنجو دوست "اوٽو" بيمار ٿي لڳو هن جو منهن پيلو ٿي لڳوءِ سندس اکيون ڏرا ڏنل ٿي لڳيون."

اوٽو اسان جي ڪٽنب جو ڊاڪٽر آهي، ۽ مان هن جو قرضدار آهيان چاڪاڻ ته مان هن کي پورو معاوضو نه ڏيندو آهيان. هو اسان جي ٻارن کي سالن کان چڪاسيندو ٿو اچي، ۽ اهي هن جي علاج سان چڱا پلا ٻه ٿي ويندا آهن. ۽ ڪڏهن ڪڏهن هو انهن کي تحفا به ڏيندو آهي. خواب ڏسڻ واري ڏينهن هو اسان وٽ آيو هو ۽ منهنجي زال مون کي ٻڌايو ته ڊاڪٽر اوٽو نهايت ٽڪل پئي لڳو. ان رات مون اهو خواب ڏٺو. مون کي منجهس ڳچيءَ جي غدودن (Basdow's) واري بيماريءَ جون نشانيون ٿي نظر آيون، ۽ سندس اکيون ڦوٽاريل نظر ٿي آيون.

هي خواب "خواهشن جي پورائي" جي سلسلي ۾ متضاد نه آهي. چاڪاڻ ته اوٽو منهنجو دوست هو ۽ جيئن ته مون کي منهنجي زال هن جي بيمار هجڻ واري ڳالهه ٻڌائي هئي ان ڪري مون کي هن جي بيماريءَ متعلق ڳڻتي ٿي پئي هئي، ۽ منهنجي خواهش هئي ته هو ڇڪو ٻلو ٿي وڃي.

اهو ساڳيو حوالو مون کي ست سال پوءِ به مليو هو اسان ڪجهه پروفيسر دوست اونهاري جي موڪلن ۾ ڪٿي گهمڻ ويا هئاسين ۽ رستي ۾ اسان کي بگي هلائڻ واري جي ڪري حادثو پيش آيو ته اها رات اسان اتي هڪ ويجهي سراءِ ۾ ترسياسين. اتي هڪ شخص اسان سان همدردي ڪرڻ آيو هو. جنهن کي به ڳچيءَ واري غدود جي بيماري لاحق هئي. بلڪل ائين جيئن مون خواب ۾ ڏٺو هو. هن جون اکيون به ائين ئي ڦوٽاريل هيون ۽ سندس ڳچيءَ تي ڳوڙهو (Goitre) به هو. هن پنهنجي خدمتون آڇيندي چيو ته "منهنجي لائق ڪا خدمت هجي ته ضرور ٻڌايو." اسان ته خير سائس ڪا ڳالهه نه ڪئي پر ڊاڪٽر "آر" کيس چيو ته: ڪا رات جي پائڻ لاءِ قميص ملي وڃي ته بهتر". ان تي هن چيو ته: "معاف ڪجواهڙي ڪا شيءِ وٽس نه آهي." ائين چئي هو هليو ويو.

اصل "بيسڊوو" (Basdow's) رڳو ڪنهن ڊاڪٽر جو نالو ئي نه هو پر اهو هڪ نهايت نالیوارو تعليمي ماهر به هو جيڪو ارڙهين صديءَ واري معروف تعليمدان "جي جي روسو" (J.J.Rousseau) جو پوئلڳ به هو. ۽ مون جيئن ته پنهنجي دوست "اوٽو" کي چيو هو ته منهنجي ٻارن جي جوان ٿيڻ سبب کين جنسي تعليم به ڏئي. جيڪا سراءِ ۾ ڊاڪٽر "آر" جي "رات جي پائڻ واري قميص" گهرڻ جيان هئي. هن خواب ۾ "خودغرضيءَ واريون" ڪافي شاهديون موجود آهن.[1]

---

[1] ارنيست جونز جڏهن آمريڪي شاگردن کي "خوابن جي خودغرضيءَ متعلق" تجرباتي دليل ڏئي رهيو هو ته هڪ پڙهيل لکيل خاتون ان جي غير تجرباتي نتيجي ڪڍڻ تي سائس اعتراض ڪندي چيو ته: "هن تازي ڪر جي ليڪڪ رڳو آسٽريائي رهواسين جي خوابن جي حوالي سان فيصلو ڪيو آهي. پر آمريڪي رهواسين جي خوابن متعلق هن کي ڪا به دلچسپي نه آهي. جيتري قدر ان عورت جو تعلق هو ته هن کي يقين هو ته سندس سموريا خواب بيغرض ۽ خير خواهه (Altruistic) آهن. (1925ع ۾ شامل ڪيل). ان ڏهين عورت سان معذرت ڪندي مان انهن جي نشاندهي ڪري سگهان ٿو ته "خواب انتهائي خودغرض هوندا آهن. ان غلط فهميءَ ۾ پوڻ نه گهرجي. ڪا به شيءِ اصلوڪي متن سان گڇهن خوابي خيالن ڏريمي. جيتري قدر به تحت شعور جي خيالن مان ظاهر ٿي خواب ڏانهن وڃي ٿي. انهن جي ممڪن صورت خيرخواهه ترغيبن جي برابر هوندي آهي. ساڳئي طريقي سان پيار ڪندڙ لطيف احساس وارو يا جڏسي جذبن جي خواهش وارو نفسياتي احساس جيڪڏهن شعور ۾ موجود هوندو ته ڪنهن ٻئي جي خواب ۾ به ظاهر ٿي سگهي ٿو. مٿين تحرير ۾ سچ کي ساک سان بيان ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت خواب جي وچ ۾ انهن جذبن کي چوريندڙ يا پڙڪائيندڙ لاشعور حقيقتن کي پيش ڪرڻ کان جهليندو آهي، ۽ اسان انهن خودغرض جذبن کي آساني سان خوابن ۾ ڏسي سگهون ٿا جن تي جاڳيل حالت ۾ سرسي حاصل ڪري چڪا هوندا آهيون.

پر ان مان "خواهش جو پورائو" ڪٿي ٿو ليڪي؟

اهو منهنجو ڪو انتقامي خيال نہ هو پر پنهنجي دوست "اوٿو" جي تباهيءَ جي احساس جو اظهار هو جو هو مون کي خواب ۾ بيمار شڪل وارو نظر آيو. ساڳئي وقت مون جيئن "اوٿو" کي خواب ۾ لارڊ بائرن واري خيال کان ڏنو مان پاڻ کي ڪنهن ٻئي شخص "پروفيسر آر" جي حيثيت ۾ سڃاڻي ٿي سگهيس. ان افسانوي ڪردار "آر" جيان، جنهن لارڊ بائرن کي درخواست ڪئي هئي، ائين مون به "مسٽر اوٿو" کي عرض ڪيو هو. ۽ هي آهي اهو نڪتو! پروفيسر "آر" جنهن جي جرعت سان مان پاڻ کي ڪنهن عام حالت ۾ ڪڏهن به ڏيڻي نہ ٿو سگهان. هو مون وانگر تعليمي ڪمن کان سواءِ به انفرادي آزادگيءَ سان پنهنجي زندگيءَ جي آخري ڏهاڪن ۾ مڃتا ماڻڻ واري تمام وڏي ڪارنامي واري ڪوشش ۾ رڌل هوندو آهي. ۽ مان پاڻ به پروفيسر ٿيڻ چاهيو ٿي. ۽ سچ ته "زندگيءَ جي آخري ڏهاڪن" وارا لفظ خود خواهش جي پورائي کي ظاهر ڪن ٿا، جنهن جو اڻ سڌيءَ ريت مطلب اهو آهي ته "مان ايترو گهڻو عرصو زندهه رهان، جيستائين مان پنهنجي ٻارن کي جوان ٿيندي پاڻ ڏسان. هن خواب ته اڳتي باب ستين: خوابن جي عمل جو نفسياتي پهلو" جي حصي ٽئين: "خواهشن جو پورائو" ۾ بحث ڪيل آهي.

ب
ڪجھ ٻيا مثالي خواب:
OTHER TYPICAL DREAMS

مثالي خوابن جي ٻين قسمن متعلق منھنجو پنھنجو ڪو تجربو ڪونہ ٿيو آھي، جن ۾ خواب ڏسندڙ پاڻ کي ھوا ۾ ڪنھن خوشگوار احساسن سان اڏامندي يا ڇڪتيءَ جي احساس سان ھيٺ ڪرندي ڏٺو ھجي ۽ ان موضوع تي مان جيڪو ڪجھ چوڻ ٿو چاھيان، اھو نفسياتي تجزيي مان ورتل آھي.[1] بعد ۾ حاصل ٿيل معلومات منجھان مون اھو نتيجو ڪڍيو تہ: اھي خواب ٻاراڻي وھيءَ جي ئي انھن يادگار نقشن ۽ تاثرن کي ٻيھر پيش ڪندا آھن، اھي يادگار نشان راندين جي انھن حرڪتن سان واسطو رکندا آھن، جيڪي ٻارن کي تمام گھڻا وٺندا آھن. اھو ڪو ھڪڙو چاڇو نہ ٿو ٿي سگھي، جنھن پنھنجي ٻار کي پنھنجي طاقتور ٻانھن تي کڻي ڪمري ڏانھن ڊوڙندي اڏامڻ سيکاريو ھجي، يا پيرن تي ويھاري پينگھ وانگر لوڏايو ھجي، يا ھٿن کان جھلي ڦيرون پارايون ھجن يا ھيٺ مٿي ڪري کيڏايو ھجي ۽ اوچتو زمين تي لاھي ٻيھاريو ھجي.

ٻار اھڙن تجربن ڏريعي ڏاڍو سرھو ٿيندو آھي، بار بار لوڏائڻ، ڦيرون پارائڻ يا ڊوڙائڻ جي باوجود ٽڪبو نہ آھي، ٻلي تہ ڊپ ٿيندو ھجيس يا ٻنواڻي ايندي ھجيس. پر خوابن ۾ ھو انھن ھٿن مان ڇڏائجي ويندو آھي، جن ۾ جھليل ھوندو آھي، جنھن ڪري ھو بنا ڪنھن سھاري جي ترندو آھي يا اڏامندو آھي.

ننڍيا ٻار اھڙي قسم جي راندين مان وڏو مزو ماڻيندا آھن، خاص طور چوڙولن، ۽ چيڪلن تي چڙھڻ وقت خوشيءَ کان رڙيون ڪرڻ لڳندا آھن، ۽ جڏھن سرڪس ۾ ڪنھن مشڪري کي پاتل وڏو بوٽ ۽ ان جي منھن تي رنگ لڳل ڏسندا آھن يا ڪنھن بازيگر يا مداريءَ کي ڪرتب ڪندي ڏسندا آھن تہ اھي نقش سندن ذھنن تي اڪرجي ويندا آھن، ۽ پوءِ اھي خوابن ۾ نئين سري سان اجاگر ٿيندا آھن.[2]

ڇوڪرن ۾ جنسي ٻيچيني يا بي قابو جذبا، ڪڏھن ڪڏھن ان قسم جي ھمٿ کي ٻيھر ھموار ڪندا آھن، ۽ ھڪ وڏي قابليت ۽ فني ڪاريگريءَ جي ذريعي ظاھر ٿيندا آھن. عام طور تي تہ ائين نہ ٿيندو آھي تہ راندين واري ڏک ڊوڙانھن کي معصوم ۽ سادو ٻڌائي ڇڏي ۽ انھن ۾ جنسي ٻيچيني يا سندن من جي بي قابو جذبن کي اپاري ڇڏي.

اسان جو ھڪ نوجوان ساٿي، جيڪو ھر قسم جي پريشانيءَ ۽ ڇڪتي کان آزاد ھو ان نڪتي تي مون کي ھڪ معلومات ڏنائين تہ: "اھو منھنجو شخصي تجربو ٿيو آھي تہ ننڍپڻ ۾ منھنجي خاص عضوي اندر ھڪ عجيب قسم جي ڇڪ پيدا ٿيندي ھئي، جڏھن چوڙول تيزيءَ سان مٿان کان ھيٺ ايندو ھو ان مان ايتري تہ لذت ملندي ھئي جو مان بيان نہ ٿو ڪري سگھان." ائين ڪجھ ٻين مريضن ٻڌايو تہ ٻالڪپڻ ۾ اھي جڏھن ٽپا ڏيندا ھئا تہ سندن خاص عضوي جي حرڪت

---

[1] مٿي ڏنل تحرير جي ان نمايان ٽڪري جو اھو جملو فرائيڊ جي 1909ع واري ايڊيشن آيل آھي، بعد ۾ 1925ع واري ايڊيشن تائين ان کي الڳ ڪيو ويو ھو. جنھن کي ورې 1914 ڌاري باب ڇھين: خواب جو عمل، جي حصي پنجين: خوابن ۾ علامتن ڏريعي اظھار: (ڪجھ مثالي خواب) ۾ آندو ويو 1930ع واري ايڊيشن ۾ ٻيھر شامل ڪيو ويو.

[2] ھي ٽڪرو 1925ع ۾ شامل ڪيو ويو ھو: تجزياتي تحقيق اسان کي ٻڌائي ٿي تہ ٻار جي خوشيءَ ۾ بازيگر جي ڪرتب واري خوشي، عضوياتي مزي يا فرحت جو سبب بہ ٻڌجي ٿي ۽ اھا فرحت ھڪ يادگار ڏھني تصوير جيان لاشعوري طور انھن جي جنسي سنجوڳ جو سبب بہ ٻڌجي ٿي، ٻلي تہ اھا انسانن يا حيوانن جي وچ ۾ چونہ ھجي.

سان بہ منجهن لذت جو احساس پيدا ٿيندو هو." نفسياتي تجزيو ان جي تصديق ڪري ٿو تہ ابتدائي جنسي جوش جون جڙون گهٽو ڪري ننڍپڻ ۾ راندين کيڏڻ ۽ ملهه وڙهڻ ۾ هونديون آهن. ان موضوع جي تفصيل فرائيڊ "جنسيات جي نظريي جا ٽي مضمون" (1905) ۾ آندي آهي.

ٻارن جون اهي کيڏڻ ڪڏڻ، يا ٽينگ ٽپا ڏيڻ واريون سموريون سرگرميون، گهٽو ڪري خوابن ۾ "اڏامڻ، مٿان کان هيٺ ڪرڻ، پنواٽيون کائڻ" وغيره جي صورت ۾ پيش ٿيندڙيون آهن. اهڙيءَ ريت خوشيءَ يا لذت وارا تجربا ڳٽتيءَ جي صورت ۾ تبديل ٿي ويندا آهن، ۽ جيئن تہ مائرون ڄاڻينديون آهن تہ ٻارن جو کيڏڻ ڪڏڻ جهيڙي جهڳڙي ۽ روئڻ تي ختم ٿيندو آهي.

مون لاءِ ان نظريي کي رد ڪرڻ جو تمام سٺو سبب آهي تہ "اڏامڻ يا مٿان کان هيٺ ڪرڻ" جا خواب، ننڍ ۾ ڪنهن ڇهاءَ جي ڪري يا اسان جي ڦڦڙن جي حساس هجڻ سبب ايندا آهن. منهنجي نظر ۾ اهي احساس، يادن جي حصي هئڻ سبب ٻيهر پاڻ ئي پيدا ٿيندا آهن، ۽ انهن يادن ۾ موٽي وڃڻ جو ڪم خواب پاڻ ڪندو آهي. اهي اسان جي خوابن جو وسيلو يا ذريعو نہ پر متن هوندا آهن.

مان سمجهان ٿو تہ ان قسم جي مثالي خوابن جي تشريح ڪرڻ جي سلسلي ۾ مان اڃان مڪمل طور تي مطمئن نہ آهيان پر مان بهرحال ان عام چوٽيءَ تي زور ضرور ڏيندس تہ ننڍ دوران ڪنهن شيءِ جي ڇهاءَ سبب يا جسم ۾ تحرڪ پيدا ڪندڙ سمورا احساس، جيڪي اهڙن مثالي خوابن جي ذريعي ظاهر ٿين ٿا، انهن لاءِ اهو چئي سگهجي ٿو تہ اهي ڪنهن جسماني غفلت يا بيپرواهيءَ سبب پيدا ٿين ٿا. مان پاڻ ان خيال جو آهيان تہ ٻارن جي اهڙن خوابن جو تعلق ٻاراٽي وهيءَ جي تجربن سان آهي، جن جون جتاءَ ڪيل نشانيون مون اعصابي نفسياتي تجزيي جي ڪوجنا دوران ڏٺيون آهن. مان اهو نہ ٿو چئي سگهان تہ جمع ٿيل اهڙا احساس پوءِ جي حياتيءَ سان ڪيترا ۽ ڪهڙين مختلف معنائن ۾ ڳنڍيل رهن ٿا، پر اهڙي قسم جي خاص خوابن جو اظهار هر فرد جي حوالي سان مختلف ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪو شخص "اڏامڻ، مٿان کان هيٺ ڪرڻ يا ڏند جي ٽٽڻ ۽ ڪرڻ" جي خوابن جي بار بار اچڻ بابت حيرت ۽ پريشانيءَ ۾ مبتلا ٿئي ٿو تہ اصل ۾ ان جي وضاحت متعلقہ اهڙي مواد جي تمام گهٽي ڪوٽ آهي، ۽ جڏهن کان مون خوابن جي تجزيي واري موضوع ڏانهن ڌيان ڏنو آهي تہ منهنجو پنهنجو بہ اهڙي قسم جي خوابن جو ڪو تجربو نہ ٿيو آهي. البت اعصابي ڪيفيتن سبب آيل خوابن جا معاملا منهنجي اڳيان آيا آهن.

ٻ
امتحاني خواب

اسڪول جي آخري سال ۾ جڏهن ميٽرڪ جي امتحان جو وقت ايندو آهي تہ اوهان سيني امتحان ۾ ناپاس ٿيڻ واري ڳڻتيءَ جي خوابن جي شڪايت ضرور ڪئي هوندي يا سوچيو هوندو تہ جيڪر امتحان ٻيهر ٿئي. پر وري ڪالیج يا يونيورسٽيءَ جي امتحانن وقت اهڙا خواب ٿورو بدليل صورت ۾ ايندا آهن، جيڪي خاص طور يونيورسٽيءَ جي آخري امتحانن ۾ ناپاس ٿيڻ متعلق هوندا آهن. ۽ ان تي اجايو اعتراض ڪندا آهن. حالانڪہ نند ۾ ستل هوندا آهن. پر آخرڪار ڪجهہ سالن کان پوءِ عملي طور تي يونيورسٽيءَ جا پروفيسر، شهري آفيسر يا علاج جي پيشي سان وابستا ٿي ويندا آهن. ننڍي هوندي شيطانين ۽ شرارتن سبب ملندڙ سزائن دوران مزاحمت نہ ڪري سگهڻ واريون يادگيريون اسان ۾ متحرڪ رهنديون آهن. ۽ گهٽو ڪري ٻن نازڪ ۽ ڏکين وقتن تي هڪ ٻيرو ٻيهر اسان تي حاوي ٿي ويندیون آهن. هڪڙو ان وقت جڏهن اسان تي مرڻ مارائڻ واري نازڪ صورت آڏو ايندي آهي. ۽ ٻيو جڏهن اسان تي امتحانن جي سختي اچي ڪڙڪندي آهي. "امتحاني پريشاني" اعصابي مونجهاري ۾ مبتلا ماڻهن ۾ ٻاراڻي عمر وارو ساڳيو ڊپ ايري ايندو آهي. پوءِ جيئن تہ اسان اسڪولي ٻار نہ هوندا آهيون. انڪري استاد جي مار يا ماٽين جي ڊڪ کان بچيل هوندا آهيون. ۽ زندگيءَ جي حقيقتن سان اڳتي وڌڻ واري ڪوشش ۾ رڌل هوندا آهيون. پر ان جي باوجود اسان تي ميٽرڪ جي امتحان واري پريشاني طاري ٿي ويندي آهي ۽ اسان پيش ايندڙ واقعن جي سزائن کان بہ ڊڄندا آهيون ۽ پنهنجي ذميدارين کي بہ بار ئي پائڻ لڳندا آهيون.

"امتحاني خوابن" جي وڌيڪ وضاحت لاءِ مان پنهنجي تجربيڪار ساٿي "استيڪل (Stekel) جو شڪر گذار آهيان جنهن سائنس متعلق منعقد ٿيل گڏجاڻيءَ ۾ اظهار ڪيو هو تہ:

"جيستائين مون کي مئٽرڪ وارن خوابن جي خبر آهي تہ اهي گهٽو ڪري انهن ماڻهن لڏا آهن جيڪي مئٽرڪ جي انهن امتحانن ۾ تمام سٺي نموني ڪامياب ٿيا آهن. پر جيڪي ناپاس ٿيا آهن انهن اهڙو خواب نہ ڏٺو آهي.

"بيقراريءَ وارا امتحاني خواب" گهٽو ڪري تڏهن نظر ايندا آهن جڏهن خواب ڏسندڙ ۾ ٻئي ڏينهن لاءِ ڪنهن ذميداريءَ وارو معاملو آڏو هجي ۽ هن کي ڊپ هجي تہ ڪٿي هو ناڪام نہ ٿي وڃي. اهڙي حالت ۾ خواب ماضيءَ جي ڪنهن ڳڻتي وارو اهڙي واقعي کي ڦولهيندو آهي. جنهن ۾ ڳڻتي يا پريشاني، بنا ڪنهن جواز جي نڪري وئي هجي ۽ ان واقعي سان اختلاف رکندي هجي. پوءِ اهو خواب جي مواد جو نهايت زورائتو حوالو بڻجي پيش ٿيندو آهي. جيڪو سجاڳيءَ واري حالت ۾ سمجهڻ نهايت مشڪل هوندو آهي.

پر مان هڪ ڊاڪٽر آهيان! ڇا اهڙي ڪا حقيقت بہ ٿي سگهي ٿي. جيڪا اوهان کي خواب جي ذريعي آڏت ڏئي سگهي؟ سوا سياڻي لاءِ ڊڄڻ جي ڪا ضرورت نہ آهي. بس رڳو ايترو سوچيو تہ اوهان مئٽرڪ جي امتحان کان اڳ ڪيترو پريشان هئا. پوءِ بہ ان ڇا ڪيو؟ ڪجهہ بہ تہ نہ!

اوهان ڊاڪٽر آهيو ۽ ڳڻتي! جيڪا خواب سان تعلق رکي ٿي. اها ڏينهن جي ڪارگذاريءَ يا ان جي پونجيءَ مان اُپري ٿي. اهڙا تجربا مون سان بہ وابستا آهن. مثال طور: مان پنهنجي ميڊيڪل جي آخري سال ۾ ناپاس ٿي ويو هوس. پر مان

خوابن ۾ ان موضوع تي ڪڏهن ب منهن مقابل نہ ٿيو آهيان. جڏهن ت مان وٽن ٻوٽن جي علم (Botany)، علم حيوانات (Zoolaogy) ۽ ڪيمياگريءَ (Chemisry) جا گهڻا ئي تجربا ڪيا آهن. انهن موضوعن جي امتحانن دوران مون کي ڳڻتي ب ٿيندي هئي پر قسمت پلي هئي يا منهنجا استاد سڻا هئا. جنهن ڪري مون سزا کان بچيل رهيس. مان پنهنجي اسڪولي امتحان وارن خوابن ۾ سڌائين تاريخ جا امتحان ڏيندو هوس. ۽ پيپر تمام سڻا ڪندو هوس. جنهن ۾ مان پڻ ب ڏاڍو هوس. منهنجو هڪڙو مريض. جنهن پنهنجي زماني ۾ ميٽرڪ جو امتحان ڏهرين پيري ڏيڻ جي بجاءِ ٻئي سال ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ۽ پوءِ هو پاس ب ٿي ويو. ۽ فوجي پرتيءَ واري امتحان ۾ سائين ناڪام ٿيندو رهيو پر هن ٻڌايو ت ڪيس هاٿوڪي زماني وارين پريشانن جا نہ ايندا آهن. پر ايجان تائين اهي اسڪول وارا خواب ايندا آهن."

"استيڪل" ميٽرڪ جي زماني وارن خوابن جي تجزيي متعلق پنهنجي پهرين ڪتاب (Matura) ۾ ڄاڻايو آهي ت: "اهڙا خواب گهڻو ڪري جنسي تجربن ۽ جنسي طور جوان ٿيڻ جي تجربن سان ڳنڍيل آهن. ۽ مان پاڻ ب هن جي ان خيال جي تصديق ڪريان ٿو.[1]

[1] هن باب پنجين: "خوابن جو مواد ۽ ماخذ" جي حصي ٽئين: "خوابن ۾ جسماني جيوگهرڻن جو بنياد" 1909ع کان 1911ع تائين وارين ايڊيشنن ۾ "ٻين قسم جي مثالي خوابن" واري باب ۾ آيل آهي. پر 1914ع کان هن کي ڇهين باب: "خواب جو عمل" جي حصي پنجين: خوابن ۾ علامتن ڏريعي اظهار: "ڪجهہ مثالي خواب" ۾ ترتيب ڏنو ويو آهي.

باب ڇهون

خواب جو عمل:
THE DREAM WORK

هيل تائين خوابن جي مسئلن کي حل ڪرڻ جون سيئي ڪوششون، خواب جي ان "مواد جي وضاحت" جي حوالي سان ڪيون ويون آهن، جيڪو اسان جي يادگيرين ۾ موجود آهي. خوابن جي تشريح جي سلسلي ۾ اهڙيون سموريون ۽ لاڳيتيون ڪوششون ان ساڳئي مواد جي وضاحت جي بنياد تي ڪيون ويون آهن ته جيئن انهن جي فطري صورت متعلق ڪو فيصلو ڪري سگهجي. اسان خواب جي "مضمون جي پيشڪش" منجهان "نفسياتي مواد" ڳولهي ڪڍڻ جو هڪ نئون رخ متعارف ڪرايو آهي ته جيئن اسان پنهنجي هن مشڪل کوجنا جي نتيجي تائين پهچي سگهون: جنهن کي اسان "خوابن جو لڪل مواد" (Latent Content) يا جنهن کي اسان "خوابي ويچار/ خيال/ سوچون يا تصور" (Dream Thoughts) ٻه حئي سگهون ٿا، جيڪي اسان جي عملي طريقي ذريعي سامهون اچن ٿا. اهو طريقو اصل ۾ تصوراتي ويچارن يا خيالن کي هڪ شڪل ڏئي ٿو پر ان جي پيشڪش حي جوڙجڪ نه ٿو ڪري، ته جيئن ان ڳالهه کي سمجهڻ ۾ کو مونجهارو پيدا ٿئي. اهڙيءَ ريت اسان انهن کي ٻئي طريقي سان سمجهڻ لاءِ هتي هڪ نئين ذميداري سر تي ٿا کڻون، جنهن ۾ گذريل يا پوئين واقعي جو تعلق شامل نه هوندو، پر اهو طريقو خواب جي ستاءَ ۾ لڪل خوابي خيالن (تصور/ سوچن) جي وچ ۾ تعلق جي کوجنا ڪرڻ تي ٻڌل آهي، ته جيئن ان جي عمل جي ان تسلسل کي ڳولهي سگهجي جنهن سان "تازو" "گذريل" ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو.

خوابي خيال (تصور ۾ موجود مواد) ۾ خواب جو مضمون اسان کي ساڳئي موضوع جي مختلف زبانن واري ۾ موقفن جيان اسان جي سامهون اچن ٿا. يا ائين چوڻ درست ٿيندو ته "خواب جي مواد" تصور يا ويچارن جي نقل جيان هڪ ٻئي انداز سان نظر ايندو آهي، جنهن جي ڪردارن ۾ انهن جي نحوي جملن جي جوڙجڪ (Syntactic) يا جملن ۾ لفظن جي ترتيب جي قانون کي ڳولهڻ ۾ پيٽا ڪرڻ جي عمل ذريعي انهن جي اصلوڪي هئڻ يا ترجمي ٿيل صورت کي سمجهائڻ جو ڪم اسان جو آهي. اميد آهي ته خوابن ۾ نظر ايندڙ آهي تصور، ويچار يا خيال (Deram thoughts) اسان کي تڏهن جلد ئي سمجهه ۾ اچڻ لڳندا جڏهن اسان انهن جي متعلق ڪجهه پڙهي ۽ سکي وٺنداسين. خواب جو متن اصل ۾ تصويري تحرير جيان ٿيندو آهي، ان جا ڪردار به انفرادي طور تي خوابي خيالن (تصور/ سوچن) جي ٻوليءَ ۾ ادل بدل ڪندا آهن. جيڪڏهن اسان انهن ڪردارن کي ان جي تصويري خاصيت، اهميت يا معيار کي ان جي علامتي تعلق کانسواءِ پڙهڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته اسان پڪ سان وڏي ڀل ڪري ويهنداسين.

مثال طور مون وٽ هڪ منجهائيندڙ آزمائشي تصوير (Picture_ Puzzle) آهي، هڪڙو تصويري معمو منهنجي سامهون رکيو آهي، هڪ گهر آهي، جنهن جي مٿين ڇت تي پيڙي آهي، ۽ الف بي وارو هڪڙو حرف ڪنهن ڊوڙندڙ ماڻهوءَ جي شڪل ۾ نظر ٿو اچي، جنهن جو منڊو جڙ ڪنهن جادوگر گم ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي مان انهن تي اعتراض ڪندي پاڻ کي برغلائي سگهان ٿو ۽ چوڻ شروع ڪريان ٿو ته اها سڄي تصوير ۽ ان ۾ نظر ايندڙ سيئي شيون بي معنيٰ ۽ بيهوديون آهن. پلا پيڙيءَ جو گهر جي ڇت تي هجڻ جو ڪهڙو ضرور آهي؟ پلا مٿي کانسواءِ ماڻهو کيئن ڊوڙي سگهندو؟ پيو ته ماڻهو گهر کان ٻه وڏو آهي!

حالانڪ ڪنهن رٿيل ارادي سان پوري تصوير کي ڪنهن زميني منظر جي طور تي پيش ڪيو ويو آهي! پر "الف بي" واري حرفن کي پنهنجي اصلي جاءِ جي برعڪس اڪيلو رکيو ويو آهي، پر اسان ان تصويري ڳجهارت مان ڪو درست نيصلو ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن اسان ان تصوير کي مجموعي طور تي يا ان جي هر حصي کي الڳ الڳ ڪري ڪرسمس جي پاسي لاڙيندا سين تہ ان منجهان اسان ڪوبہ مطلب بہ ڪڍي سگهون ٿا ۽ هڪ ڪان وڌيڪ اکر لکڻ واري ترڪيب ذريعي ان جي هر پاڳي کي جدا جدا ڪري مختلف ارڪانن جي صورت ۾ بدلائي، هڪ ٻئي طريقي سان بہ ڏسي سگهون ٿا. ٿي سگهي ٿو تہ اهي اکر خراب يا بيهودا ثابت نہ ٿين ۽ ان جي بجاءِ اهي اکر شاعريءَ جو ڪو حسين ۽ ڪو خاص روپ ڏاري وٺي ٻيهن.

خواب اهڙي قسم جي تصويري ڳجهارت ٿيندو آهي ۽ خوابن جي تشريح جي ڏمري ۾ اسان جي اڳين جانشينن، ان "تصويري ڳجهارت" کي رڳو "تصويري جوڙجڪ" ڄاڻائي غلطي ڪئي آهي، جيڪا يقينن بيڪار آهي.

(1)

اختصار ڪرڻ يا گھٽائڻ جو عمل:
WORK OF CONDENSATION

اڳ ۾ تہ مان ان ڳالھ کي چٽو ڪري چڏيان تہ جيڪي "خواب جي متن" کي، "خوابي خيالن" (تصور/ سوچن) سان پيٽائين ٿا تہ اصل ۾ اھوئي خواب جو "اختصار وارو عمل" آھي، جيڪو ھڪ وڏي پيماني تي ھڪ جاءِ تان پي جاءِ تي ڪٽي وڃڻ جو رستو اختيار ڪري ٿو.

خوابي خيالن (تصور/ سوچن) جي خزاني ۾ وسعت جي پيٽ ۾ خواب نهايت جامع ھوندا آھن ۽ وڏي اختصار کان ڪم ونندا آھن. جيڪڏھن ڪنھن خواب کي لکبو تہ اھو اٽکل اڌ صفحو تہ ضرور ٿي ويندو. پر خوابي خيالن (تصور/ سوچن) جي تجزيي کي گڏ ڪبو تہ اٽکل اٺ ڏھ پيرا وڌيڪ جاءِ والا رينداِ. اھو تعلق مختلف خوابن سان گڏ ائيڪ تبديلن سان ڦرندو گھرندو بہ رھي ٿو پر جيتري قدر منھنجو تجربو آھي تہ انھن جو رخ نہ ٿو بدلجي. اھو اصول آھي تہ جيڪا شيءِ جاءِ والاري ٿي تہ ڪو ماڻھو ان جي مقدار کي گھٽائي بہ سگھي ٿو پر جيڪڏھن ڪنھن شخص جو پنھنجي "خوابي خيالن" (تصور/ سوچن) ڏانھن جھڪاءُ وڌيڪ ھوندو تہ اھوئي ان جي سموري مواد تي روشني وجھندو ۽ جيئن جيئن ھو ان جي تشريح ڪندو تيئن تيئن منجھس خواب جي پويان لڪل تمام گھڻن خيالن کي سمجھڻ جو ادراڪ بہ پيدا ٿيندو. ان سلسلي ۾ مان ھڪ ھنڌ اھو بہ چئي آيو آھيان تہ "اھا حقيقت آھي تہ خوابن جي مڪمل طور تي تشريح ڪرڻ ناممڪن آھي." پر جيڪڏھن ان جو حل بنا ڪنھن خال جي مطمئن ڪندڙ بہ ھجي تڏھن بہ ان خواب ۾ ھي معنيٰ ھجڻ جو امڪان موجود ھوندو آھي. ان حوالي سان خواب جي "گھٽائڻ يا اختصار ڪرڻ واري عمل" جي متعلق حدون مقرر ڪرڻ يا طئي ڪري چڏڻ بہ ناممڪن آھي.

ھڪڙو جواب اھو بہ آھي. جيڪو ان وضاحت لاءِ پھرين نظر ۾ نهايت اعتبار جوڳو آھي. تہ "خواب جي متن" ۽ "خوابي خيالن" (تصور/ سوچن) جي دلالت جي وچ ۾ مناسب ھڪجھڙائيءَ جو وڏو خال موجود ھوندو آھي. ڇاڪاڻ تہ خواب جي جڙڻ واري عمل دوران نفسياتي مواد گھٽائڻ يا اختصار ڪرڻ واري عمل جي ڏور رس ڪشادگيءَ مان گذرندو آھي. اسان گھٽو ڪري ان خيال جا ھوندا آھيون تہ رات جو اسان خواب ذريعي سمورين سوچن/ خيالن ۽ تصورن سان وڏي لھ وچڑ ۾ اينداِ آھيون. جن مان ڪيترا تہ وسري بہ ويندا آھن. ان حوالي سان اسان جڏھن جاڳندا آھيون. تہ جيڪو خواب اسان کي ياد ايندو آھي اھو "خواب جي سموري ڪم جو توڙيل" ۽ باقي بچيل ٽڪرو ھوندو آھي، ۽ اسان جيڪڏھن ان جي سموري مواد کي گڏ ڪنداسين تہ اھو "خوابي خيالن" (تصور/ سوچن) جيان اوترو ئي جامع نظر ايندو ۽ بنا شڪ جي ان ۾ سچ ھوندو: پر اھو تہ سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي تہ خواب ھوبھو/ عين يا مطابق انداز سان ڪيھر پيش ڪري سگھي. جاڳڻ ڪانپوءِ ھڪدم پوءِ اسان ان کي ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين تہ انھن متعلق اسان جي ياداشت ھٽي ڏُٽي بہ شام تائين مڪمل ڪري نہ سگھندي، پر ھڪ پاسي خواب اھو ڏيکاري سگھي ٿو تہ: جن نقشن کي اسان خواب ۾ ڏٺو انھن سان اسان جي تصور جو گھٽو واسطو آھي.

ان کان سواءِ دليل اھو آھي تہ خواب جي ڪم دوران اختصار جو عمل، وسارڻ يا وساري ويھڻ واري امڪان سبب تيستائين اثر انداز نہ ٿيندو آھي، جيستائين خواب جي ھر انفرادي حصي سان ڳنڍيل انھن خيالن جي تعداد يا مقدار جي ذريعي درست ثابت نہ ڪري! جيڪي ذھن نشين ٿيل ھوندا آھن. مثال طور ائين بہ ٿي سگھي ٿو تہ خواب جو وڏو حصو گڏ ٿيل خيالن مان فرار ٿي ويو ھجي. جيڪو اسان جي خيالن جي "ھڪ مجموعي" کي محض محفوظ ڪندو ھجي. ان ڳالھ جو ڪو جواز نہ

آهي تہ خواب جو ڪو آخري پاڻو ان ساڳئي خيال سان ڳنڍيل آهي، جنهن جي سيني حصن تي اسان اڳئي پهچي چڪا آهيون جن تي اسان جو آڌار آهي.[1]

پلا! اسان ننڊ واري عرصي ۾ پنهنجي نفسياتي/ ذهني حالتن جي تصوير ڪيئن ٿا ڏسي سگهون، جيڪي خواب جي ڪاروائيءَ ۾ شامل آهن؟ چا اهي سمورا خوابي خيال" (تصور/ سوچون) هڪ ٻئي سان گڏ گڏ نمودار ٿا ٿين؟ يا اهي ڪنهن ترتيب سان ظاهر ٿا ٿين؟ يا اهي خيال جا ڪي قافلا آهن، جيڪي مختلف مرڪزن تان هڪ ئي وقت هلندا ٿا اچن ۽ پوءِ هڪ هنڌ گڏ ٿا ٿين؟

منهنجي خيال مطابق ان هلندڙ وقت دوران خواب جي جڙڻ کي، نفسياتي/ ذهني صورتحال کي پيوندي خيالن جي ضرورت نہ ٿئي، پر اهو هرگز وسارڻ نہ گهرجي تہ اسان هن وقت خيالن جي لاشعوري عمل متعلق پيا ڳالهايون، جيڪو ان عمل کان مختلف ٿئي ٿو جيڪو ڪنهن مقصد خاطر اسان جي شعور جي همنوائيءَ دوران اسان کي آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي ٿو.

ايان بہ هڪ اڻ سليل حقيقت اسان جي سامهون آهي تہ: جيڪڏهن خوابن جو جڙڻ اختصار جي عمل تي ٻڌل آهي تہ اهو اختصار ڪيئن ٿو ٿئي؟

جڏهن اسان تي رڳو گهٽ تعداد وارن انهن سمورن ننڍڙن خوابي خيالن "(تصور/ سوچن) جو عڪس پوندو آهي، جيڪي خواب ۾ پنهنجي تمثيلي عنصرن ذريعي وري اچي نمائندگي ڪندا آهن، جنهن جو جڏهن نتيجو ڪيندا سين تہ اختصار! اسان کي درگذر ڪري يا وساري ڇڏيل خيالن ذريعي ٿيندي نظر ايندو. ان حوالي سان ائين چئي سگهجي ٿو تہ خواب! خوابي خيالن" (تصور/ سوچن) جو سچو ترجمو نہ آهي ۽ نہ ئي انهن خوابي خيالن" جي هر نڪتي کي ڏيکاريندو آهي. البت انهن جي انتهائي اٽپورن ۽ توڙيل ٽڪرن جو نقطي نظر هوندو آهي. ان حوالي سان باب پنجين: "خوابن جو مواد ۽ ماخذ" جي حصي پهرين: خوابن ۾ تازو ۽ غير متعلق مواد" ۾ مان زراعت متعلق طويل مقالي وارو هڪ خواب ڏنو آهي:

(1)

"مان ڪنهن هڪ ٻوٽي بابت طويل مقالو پئي لکيو ڪتاب منهنجي سامهون رکيو هو ساڳئي وقت مان ويڙهيل رنگين تصويرن کي بہ اٽلائي پٽلائي رهيو هوس. تشخصي مقصد خاطر ٻوٽي جو خشڪ نمونو ڪاپيءَ ۾ ٽي لڳايم تہ جيئن اهو خشڪ نباتات جي ذخيري (Herbarium) جيان محفوظ ڪيل لڳي."

ان خواب مان هڪ ٻوٽي متعلق مقالي جو عنصر ظاهر ٿئي ٿو جيڪو ڏينهن جي ڪارگذاريءَ جو اهجاڻ هو. چاکاڻ تہ ان ڏينهن صبح جو مان هڪ دڪان جي الماريءَ ۾ هڪ ڪتاب ڏٺو هو جنهن جو عنوان هو: "گل مريم جي ٻوٽي جو قسم" (Genus Cyclamen). شايد ان ڪتاب ۾ ان ٻوٽي تي طويل مقالو چپيل هو. خواب جي مواد ۽ خوابي خيالن" جي وچ ۾ فطري ڳانڍاپو اهڙيءَ طرح نظر ايندو آهي، خواب جا رڳو ڪي چند جزا ئي خوابي خيالن" (تصور/ سوچن) جي ذريعي هميشہ طئي نہ ڪندا آهن پر انفرادي خوابي خيال" ڪنهن هڪڙي جزي جو رستو! واسطو رکندڙ خوابي خيالن" جي گهٽن ئي جزن سان اڳواٽي ڪندو آهي، اهڙيءَ ريت خواب هر هڪ تصور جي ذريعي نہ جڙندو آهي، يا خوابي خيالن جو مجموعو ڪنهن لفظ جي ڪن اکرن کي چڏي ڏيڻ واري طريقي وانگر. خواب جي متن ۾ هڪ علحده نمائندگيءَ جي نموني سان ڳولهيندو آهي! هڪ

---

[1] هي حاشيو 1914ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي: خوابن ۾ اختصار جي عمل متعلق ڪيترن ليکڪن تجويزون ڏنيون آهن. "ڊو پريل" (Du Prel, 1885,85) جو هڪ ٽڪرو آهي، جنهن ۾ هن لکيو آهي تہ: "اها پڪي ڳالهہ آهي تہ اختصار جو عمل، خواب جي گڏيل تجويزن جو عمل آهي."

اهڙي طريقي سان جيئن ڪنهن حلقي جا رهواسي پنهنجي لاءِ پارليامينٽ جو نمائندو چونڊيندا آهن. خواب ڪنهن حد تائين سليقي سان اماڻيل سوچن ۽ تصور جي جهجهي تعداد جي ذريعي جڙندو آهي، جن ۾ اهي عنصر گهڻن ماڻهن يا شين تي مشتمل ۽ ايڪشن واري مشابهت واري انداز سان چونڊجڻ جي طريقي وانگر هڪ وڏي حمايت حاصل ڪري خوابن جي متن ۾ پيش ٿيڻ جو سلسلو جاري رکندا آهن.

هر هڪ خواب جي معاملي ۾ مون ان قسم جي تشريح ان ڪري پيش ڪئي آهي جو مون پاڻ انهن ۾ بنا تبديليءَ جي، ساڳين ئي بنيادي اصولن جي پڪ ڪئي آهي. خواب جا عنصر تصور ۽ سوچن جي ان سموري تعداد مان جڙندا آهن، ۽ انهن عنصرن مان هر هڪ "تصور جي تعلق سان" ڪيترا ئي پيرا پنهنجو رخ بدلائيندو رهندو آهي.

مان خوابي خيالن ۽ خواب جي مواد جي وچ ۾ ڳانڊيابي متعلق وڌيڪ اهو مثال ڏيڻ لاءِ پري ڪو نه ٿو وڃان، جيڪو مخصوص انداز ۽ نهايت هوشياريءَ سان انهن کي پاڻ ۾ تاجي پيٽي جيان اٽڻ واري عمل جي ذريعي، پنهنجي پاسن، هڪ ٻئي کي موٽ ڏيڻ واري تعلق سان فرق يا ورڇ ڪندو آهي. هتي هڪڙو خواب پيش ٿو ڪريان جيڪو منهنجي هڪ اهڙي مريض ٻڌايو آهي، جنهن جي بند جڳهن يا جاين کان غير فطري ڊپ (Claustrophobia) جو مون علاج ڪيو. پهرين ته مان ان ڳالهه جي صفائي پيش ٿو ڪريان ته مون آخر ان خواب جي نهايت ذهانت واري خوابي ستاءَ کي اهميت چو ڏني آهي ۽ ان خواب جو عنوان: "هڪ پيارو خواب" چو رکيو آهي:

(2)

"هڪ پيارو خواب"

"هو پنهنجي تمام گهڻن دوستن سان "ايڪس اسٽريٽ" ڏانهن سفر ڪري رهيو هو. ان گاڏيءَ ۾ هڪ نائڪ رچايو ويو. ان وقت هو ڏسندڙن ۾ شامل هو ۽ ٻيا اداڪار هئا. جڏهن اهو ختم ٿيو ته انهن شهر کي پني ڏئي پنهنجا ڪپڙا بدلايا، ڪي ساڻي هينئن ماڙجي ڪن ڪمرن ۾ نظر پئي آيا، ته ٻيا پهرين ماڙجي ڪمرن ۾ هئا. پوءِ تڪرار شروع ٿي ويو. مٽي وارا ان ڪري ڪاوڙيل هئا ته هينئن ماڙ وارا اڃان تيار نه ٿيا هئا ۽ مٽي وارن هيٺ اچڻ نه ٿي چاهيو. هن جو پاءُ مٽي هو جڏهن ته هو پاڻ هيٺ هو ۽ هو پنهنجي پاءُ تي ان ڪري ڪاوڙيل هو جو اهو هيٺ گهٽو ڏيبل هو. آخر ڪار فيصلو اهو ٿيو ته بنهي مان پهرين هيٺ ڪير ويندو ۽ مٽي ڪير ايندو. پوءِ هن پاڻ مٽي وڃڻ شروع ڪيو ته هن کي پنهنجي سامهون شهر جي ايڪس اسٽريٽ ۾ ڪو ڏڌو ٿيندي نظر آيو. هن کي لڳو ته جڻ رستي تي ڪا ڪونئر ٻيل آهي جتان هلندي ڪيس گهڻي تڪليف پئي ٿي. ۽ هن پاڻ کي ٽڪل ٿي [illegible] هڪ جهونڙو شخص هن ڏانهن وڌي آيو جنهن اٽليءَ جي بادشاهه کي گاريون ڏيڻ شروع ڪيون. پوءِ هو تراڪڙي چاڙهي آسانيءَ سان چڙهي ويو."

ڏاڪڻ تي مٽي چڙهي وڃڻ ڪانپوءِ هن کي شڪ هو ته هن اهو خواب پئي ڏٺو يا اها حقيقت هئي!

اسان هن خواب جي متن جي پيشڪش (Manifest Content) کي گهڻي غور ويچار سان جاچڻ جي ڪوشش نه ڪنداسين. پر مان رڳو مزاحمت واري اصول تحت هن خواب کي حصن ۾ ورهائي تشريح ڪندس، جن جي متعلق خواب ڏسندڙ انوکيون ڳالهيون ٻڌايون هيون.

جيڪا تڪليف هن شخص خواب ۾ پئي ڏني، ممڪن آهي ته خواب ۾ واقعي هن ان جو تجربو ڪيو هجي. مٿانهينءَ ڏانهن چڙهڻ ۾ ٽڪ سان گڏ اپ ساهي يا سهڪو (Dyspnoa) به ٿيندو آهي، جيڪا انهن علامتن مان هڪ آهي، جيئن ڪنهن مريض ڪجهه عرصو اڳ سلهه جهڙي ڪنهن مرض ۾ گذاريو هجي، ۽ اهو سهڪڻ، جنسي خواهش جي حوالي سان عضوياتي جذبي جي وڌڻ سبب به ٿي سگهي ٿو پر اسان کي ته خوابي اظهار جي عام صورتن ۾ به خاص طور اهڙو احساس ڪنهن جذبي کي روڪڻ واري عمل دوران به نظر آيو آهي.

هن خواب جي مواد جي هڪ حصي ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي ته "شروع ۾ مٿي چڙهڻ ۾ ڪيئن تڪليف پئي ٿي، ۽ آخر ۾ آسانيءَ سان تراڪڙي چاڙهي چڙهي ويو." هن جي ان ڳالهه تي مون کي "الفونس دادیت" جي "سئفو" وارو تعارف ياد اچي ويو جنهن ۾ هن ٻڌايو آهي ته:

"هڪ نوجوان شخص رڙيون ٿي ڪيون جڏهن ته سندس نوڪرياڻي ڪيس پنهنجي ٻانهن ۾ قابو جهلي ڏاڪڻ تي پئي چڙهي. ڏاڪڻ چڙهندي پهرين ته هوءَ ائين ٿي وئي جڙ پکيءَ جو هلڪو ڪنب هجي، پر مٿي چڙهي وئي ته ٻاڻ کي ڳورو ۽ وزندار پائيائين."

اهو سڄو منظر سندن پيار جو اهڃاڻ هو ۽ "الفونس دادیت" جو مقصد به نوجوانن کي اها تنبيهه ڪرڻ هو ته اهڙي مڻي مزاج واري مڪريل عورت سان گهرو تعلق نه رکڻ گهرجي. چاڪاڻ ته اهي اصل ۾ شڪي مزاج هوندیون آهن. جيتوڻيڪ مان ڄاڻان پيو ته منهنجو اهو مريض ڪنهن عورت جي پيار ۾ ملوث هو! جيڪو هڪ حد تي اچي ٽٽي ويو هو ان حوالي سان "سئفو" جو مثال هن مريض جي خواب جي ابتڙ هو. چاڪاڻ ته ڏاڪڻ تي مٿي چڙهڻ شروع ۾ هن لاءِ مشڪل هو پر جڏهن چڙهي ويو ته آساني محسوس ڪيائين. جڏهن ته "سئفو" ناول ۾ اها علامت ان انداز سان ڏني وئي آهي ته "جيڪڏهن ڪنهن ڳالهه جي ابتدا آسان هوندي آهي ته ان جي پڇاڙي ڏاڍي مشڪل ۽ گهٽي ڳوري ٿيندي آهي."

پر مون کي تڏهن گهٽي حيراني ٿي جڏهن منهنجي مريض ٻڌايو ته: خواب جي ان حصي متعلق منهنجي تشريح بلڪ درست آهي. چاڪاڻ ته هن ان ڏينهن شام جو هڪ اسٽيج ڊراموڏٺو هو. ان کي هن "رنڊ ان وين" (Rund un Wien) يعني "رائونڈ ويانا" (Round Vienna) ٿي سڏيو. هن انهيءَ ڇوڪريءَ جي ڪاروبار جي تصوير ڪشي ڪري ٻڌائي، جنهن نهايت عزت سان شروعات ڪئي هئي، پوءِ هوءَ دنيا جي رخ کي ڏسندي هڪ وڏي امير شخص سان ناجائز تعلقات ۾ ملوث ٿي وئي، ۽ ائين هوءَ "مٽانهين دنيا ۾ هلي وئي." ان صورت ۾ هن کي هيٺ دنيا ۾ ڪير ٿي آٽي سگهيو؟"

ان وقت هن کي هڪ ٻي ڳالهه به ياد اچي وئي. جيڪا ڪجهه سال اڳ "قدم به قدم" (Von Stufe zu Stufe) جي نالي سان ڏٺي هئائين. جنهن جي تصويري اشتهار ۾ ڏاڪڻ جا اڏامندڙ ڏاڪا ڏيکاريل هئا.

تشريح جي تسلسل ۾ مان اهو چوندس ته هن جنهن پوئين اداڪارا کي ڏٺو هو اتفاق سان اها پنهنجي آشنا مرد سان "ايڪس اسٽريٽ" ۾ رهندي هئي، ۽ ظاهر آهي گهٽيءَ ۾ مسافرخاني جهڙي ڪا به شيءِ ڪا نه هئي. پر جڏهن هو عورت سان گڏ سياري جا ڪهه ڏينهن گذارڻ لاءِ ويانا ويو هو ته اتي جي پرپاسي واري هڪ مسافرخاني ۾ ترسيو هو. جنهن جو نالو جرمني ٻوليءَ ۾ "Abgestiegen" هو جنهن جو لفظي مطلب آهي: "قدم هيٺ." هن جڏهن مسافرخانو ڇڏيو هو ته سواريءَ واري کي چيو هئائين ته: بهرحال مان ڏاڍو خوشقسمت آهيان جو ڪنهن زيان خور جيت نه ڪاڏو" (اتفاق سان اها سندس خوف واري ٻي حالت هئي.) تنهن تي ڊرائيور کيس جواب ۾ چيو ته: "ڪو ماٺهو ڪيئن ٿو اهڙي جاءِ تي رهي سگهي، پر هي هوٽيل نه هڪ عام مسافرخانو هو."

مسافرخاني جي خيال تي سندس ذهن ۾ "اوهلينڈ" (Uhland) جي "صوف واري وڻ" جو هڪ مڪالمو تري آيو: "مان اڳ ۾ ئي هڪ مسافرخاني ۾ مهمان هوس جنهن جو ميزبان نهايت ذهين هو."[1]

صوف واري وڻ يا خود صوف واري مثال جي سمجهه ۾ ٿورو به شڪ نه آهي ته اهو تمام پياري سيني جي علامت کي ظاهر ڪندو آهي، ۽ اهو ئي خواب ڏسندڙ جو ان اداڪارا متعلق موهه جو بنياد آهي. ان حوالي سان اسان جي مريض جي خواب

---

(1) (Uhland Wanderlieder,8, Einkehr's Apple Tree)

جي عبارت اسان کي اهو تاثر ڏئي ٿي ته سندس خواب پويان موتي، نندپڻ جي عڪس کي کڻي آيو آهي. جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ اهو خواب ڏسندڙ جي ٽپج ڏارائڙ واري دائيءَ ڏانهن اشارو آهي، جنهن کي ڇڏي ڪيس اٽڪل ٽيهه سال ٿي ويا آهن.

ٻار لاءِ ٽپج ڏارائڙ واري دائي يا ماءُ جي هنج ڪنهن به صورت ۾ مسافرخاني يا سراءِ ۾ آرامي ٽيڙ واري احساس کان الڳ نه آهي، ۽ "سئفو" جي ٽپج ڏارائڙ واري دائي متعلق "داديت" جو ڏنل تصور به ساڳئي حوالي سان آندل آهي، جنهن کي خواب ڏسندڙ تازو پڙهيو هو.

خواب ڏسندڙ جو وڏو پاڻ پڙهن جي خوابي مضمون ۾ موجود آهي، جيڪو مٿي آهي ۽ خواب ڏسندڙ پاڻ هيٺ آهي، اها پڙ اصل صورتحال جي ابتڙ آهي، ڇاڪاڻ ته مون کي خبر آهي ته سندس پاءُ پنهنجي سماجي حيثيت وڃائي ويٺو هو ۽ هو ئي سندس سار سنيال لهندو هو مان جيڪڏهن خوابي مواد کي ٻيهر ڏسان ٿو ته مون کي لڳي ٿو ته هو اهو چوڙ کان لنوائي ٿو ته سندس پاءُ مٽي آهي، ۽ پاڙ هيٺين منزل تي ٻيٺو آهي، ۽ اها ئي صورت ويانا ۾ هجڻ کي واضع ڪري ٿي. پر جيڪڏهن اسان ائين چئون ته ڪو شخص "هيٺين منزل تي آهي" ته اسان جو مخاطب اهو به ته ٿي سگهي ٿو ته هو پنهنجي حيثيت ۽ دولت وڃائي ويٺو آهي، ٻين لفظن ۾ هو دنياداريءَ واري رخ رواج ۾ هيٺ اچي ويو آهي.

ان ڳالهه جو سبب ضرور آهي، جو سندس خواب جو اهو حصو ابتڙ سمجهه ٿيو آهي ۽ اسان کي ان جو اشارو هن خواب جي آخر ۾ نظر آيو آهي، هتي هڪ پيرو ٻيهر مشڪل کي ابتڙ انداز سان پيش ڪيو ويو آهي، جيئن "سئفو" ۾ ڏاڪڻ تي چڙهڻ کي بيان ڪيو ويو آهي. هاڻي اسان آساني‌ءَ سان ڏسي سگهون ٿا ته ان ابتڙ ڪرڻ ۾ ڪهڙي رڪ رڪاوٽ آهي.

"سئفو" ۾ هڪ شخص ان عورت کي مٽي ڪڻي وڃي ٿو جنهن سان سندس جنسي واسطا آهن، پر خوابي خيالن ۾ صورتحال ابتڙ آهي، ڇاڪاڻ ته اتي سندس نوڪرياڻي ڪيس پنهنجي ٻانهن ۾ قابو جهلي ڏاڪڻ تي پئي چڙهي، ۽ اهو سيڪهه نندپڻ ۾ ئي ٿي سگهي ٿو ان جو پيو حوالو اهو به آهي ته ٽپج ڏارائيندڙ عورت پنهنجي ٻانهن تي، ٻار کي آساني‌ءَ سان کڻي سگهندي آهي. اهڙي‌ءَ ريت خواب جو اختتام "سئفو" ۽ ٽپج ڏارائيندڙ دائي‌ءَ جو ساڳي نَي حوالي سان جوڙيو آهي. جيئن ناول جي ليڪ ان جو نالو "سئفو" چونڊيو آهي ته سندس ذهن ۾ هم جنس پرست عورت (Lesbain) جي عمل جو تاثر آهي، جيڪو عام چواڻي‌ءَ جيان "مٽي مٽانهون، هيٺ هيٺانهون" پڙ خواب جي حصن ۾ شامل آهي، جيڪو جنسي فطري عملي تصور جو اشارو ڪنايو آهي، جنهن خواب ڏسندڙ جي ذهن کي، ڪن ڏيڻ خواهش جي صورت ۾ والاريو آهي، ۽ اهو اعصابي مونجهاري کانسواءِ ئي ڏيکاريو آهي.

خوابن ۾ "حقيقي ۽ تصوراتي واقعا" پهرين نظر ۾ هڪ جيتري ئي جواز جا ظاهر ٽيندا آهن، جيڪي نه رڳو خوابن ۾ پر ٻين به گهڻن اهم نفسي/جنسي پيداواري صلاحيتن جي جوڙجڪ ذريعي به ظاهر ٽيندا آهن.[1]

"تمام گهڻن دوستن سان هجڻ" جو مطلب آهي ته اهي ڪير به ٿي سگهن ٿا پر هن جو پاءُ گذريل واقعن تي ويچار ذريعي بالڪپڻي جي منظرن ۽ تصورن جي ياد اچڻ جي حوالي سان انهن سيني جي نمائندگي ڪندڙ آهي، جيڪي ويجهڙائي‌ءَ ۾ عورت جي محبت ۾ سندس رقيب بڻيا هئا. جنهن شخص اتليءَ جي بادشاهه کي گٽا لفظ پئي چيا، اهو سندس ان تازي پيدا ٽيل ذهني اختلاف جو نتيجو هو جو هن کي اهو رويو خراب پئي لڳو ته هيٺين درجي جا ماڻهو مٿين درجي تي پهچڻ لاءِ ٻين کي ڪلها هڻي اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.

مان هتي هڪ وڏي عمر جي ان عورت جو خواب ۽ ان جي تجزيي جو مختصر حصو پيش ڪري رهيو آهيان، جنهن جو مون نفسياتي علاج پئي ڪيو. هن جو خواب ڪيترن ئي نفسي/جنسي خيالن جو مجموعو آهي، جنهن تي اسان ٻئي حيران ٿي ويا هئاسين ۽ پوءِ مون هن کي تنبيهه ڪئي.

---

[1] ممڪن آهي ته فرائيڊ ان کوجنا جو حوالو ڏنو هجي، جنهن ۾ مٽس ٻارن جي صدمن، يا مٽن ٽيندڙ تشدد متعلق واقعن کي، اعصابي مريضن جي تشخيص دوران واضع ٽيا هئا.

(3)

هڪ جيت جو خواب

خواب جو مواد: "هن پنهنجي ڏهن تي زور ڏيندي ٻڌايو ته "هن وٽ هڪ صندوقڙيءَ ۾ گاهه کي نقصان رسائيندڙ ماکڙ رکيا هئا، جن کي هن آزاد ڪرڻ ٿي چاهيو ته متان اهي ٻوسائجي مري نه وڃن. هن صندوقڙيءَ جو منهن کوليو ته اهي ماکڙ ٽڪيل حالت ۾ هئا. هڪڙو ماکڙ ته ڏسڻ جي کلندي ئي اڏامي ويو پر ٻيو صندوقڙيءَ ۾ ئي ڏبجي ويو هو. پوءِ هن کنهن جي چوڻ تي ان جي دريءَ کي بند ڪري ڇڏيو."

تشريح: ٿوري عرصي کان هن جو مڙس گهر کان پري هو ۽ سندس چوڏهن سالن واري ڏيءَ سندس پر واري بستري تي ستل هئي. هڪ ڏينهن اڳ شام جو سندس ڏيءَ ڏيان ڇڪائيندي چيو هو ته: هن جي پاٽيءَ واري گلاس ۾ رات جو اڏرڻ وارو جيت (Moth) ڪري پيو هو پر هن ان مان ڪيئن ڪو نه هو جنهن لاءِ هن صبح جو ان ويچاري جيت جي متعلق ساڻس افسوس ڪيو.

انهيءَ شام جو هن جيڪو ڪتاب پڙهيو ان ۾ ٻڌايل هو ته ڪن ٻارن، ڪيئن نه ويچاري ٻليءَ کي ٿهڪندڙ پاٽي ۾ اڇلايو هو ۽ ان ڪتاب ۾ اڳتي به جانورن کي جهنجهوڙڻ متعلق بيان لکيل هو.

بعد ۾ هوءَ جانور ۽ جيتن جڙين سان ٽيندڙ زيادتيءَ جي موضوع جي ڳالهه ٻولهه لڳي وئي. ڪجهه سال اڳ جڏهن هن اونهاري جا ڪي ڏينهن ڪنهن خاص جاءِ تي پئي گذاريا ته هن ڏٺو ته سندس ڏيءَ جو ساهڙارن سان رويو ظالماڻو هو. هوءَ پوپٽ پڪڙيندي هئي ۽ مريضن کي چوندي هئي ته سينڪيو ناهڙ لاءِ مون سان گڏ پوپٽ پڪڙڻ ۾ مدد ڪريو. هڪ پيري کو اڏامندڙ جيت سندس ڪپڙن تي چڙهي ويو ۽ هوءَ جڏهن پنهنجي ڪمري ۾ آئي ته اهو جيت ڪپڙن تان لهي، ڪيترو وقت ڪمري ۾ اڏامندو رهيو. ٻئي پيري وري ڪن ٻارن پرن نڪرڻ کان اڳ وارن سوٻٽن کي پئي پڪڙيو ۽ ماريو ۽ ساڳي عمر جي ٻارن ٻوٽن تي وينل ماکڙ پڪڙي ان جا پر ٽي پٽيا. پر اڄ هوءَ پنهنجي ان ظالماڻي رويي تي ڏڃي وئي ۽ سندس دل ۾ جهجهو پئجي ويو.

منهنجي هيءَ مريض عورت ان تضاد تي سوچڻ لڳي ته هن جو ڏيان "جارج ايليٽ" (Jeorge Eliot) جي "آدم بيد" (Adam Bede) واري ڪردار ۽ ان جي ظاهري ناهه نوهه واري تضاد ڏانهن ڇڪجي ويو: هڪڙي چوڪري، جيڪا هئي ته سهڻي پر خود پسند ۽ بيوقوف هئي، ۽ پي چوڪري وري هئي ته بچڙي پر پنهنجي ڪردار ۾ سٽي هئي. سياڻو ماڻهو ان بيوقوف چوڪريءَ کي ڏٺاري سگهي ٿو ۽ هڪ ڪاروباري ماڻهو پنهنجي حقيقي احساس ۽ اورچائيءَ سان عمل ڪندو آهي، پوءِ ان قسم جي ماڻهن کي سمجهڻ يا ان جي نشاندهي ڪرڻ هڪ عورت لاءِ ناممڪن ڪيئن ٿو ٿي سگهي! جيڪي مرد جي نظرن مان پاڻ به اندازو لڳائي سگهن ٿيون ۽ خود مرد به اهڙين عورتن ڏانهن خاص نظرن سان نهارندا آهن. چاڪاڻ ته انهن کي به جنسي خواهش کي پوري ڪرڻ جي ڳڻتي هوندي آهي؟

ان ساڳئي سال ان ننڍيءَ نينگر پوپٽ پئي پڪڙيا ته اها ماکڙ جي ڪري ڦهليل مرض ۾ مبتلا ٿي وئي هئي، ٻيا ٻار به انهن کان ڏڃي ڪين مارڻ لڳا. انهن ئي ڏينهن ۾ منهنجي مريض عورت ڏٺو ته هڪ مرد ماکڙ جا پَر ۽ ٽنگون پٽي رهيو هو ۽ ان جو ماس کائي رهيو هو.

منهنجي مريض عورت مئي مهيني ۾ جائي هئي ۽ سندس شادي به مئي جي مهيني ۾ ٿي هئي. شاديءَ جي ٽن ڏانهن ڪانپوءِ هن پنهنجي مائٽن کي لکي موڪليو ته هوءَ ڪيترو نه خوش آهي، اها تحرير هن جي اصل حقيقت کان الڳ هئي. خواب ڏسڻ کان هڪ ڏينهن اڳ واري شام جو هن پنهنجا پراڻا خط پئي ڏٺا ۽ انهن مان ڪجهه پڙهيا به پئي، جن مان ڪجهه ته سنجيده هئا ته ڪي مزاحيه قسم جا هئا، ۽ اهي هن وڏي آواز سان ٻار کي به پئي پڙهي ٻڌايا. انهن ۾ پيانو سيکارينڊڙ ان استاد جو به هڪ

ريجھ رھاڻ وارو خط ھو جيڪو ڪيس نٽيپٽ ۾ پيار ڪندو ھو ۽ ٻيو خط ان شخص جو ھو جيڪو معتبر ماڻھن جي جمڙ جي ساراھ ڪندو ھو.[1]

ھن ڪي پاڻ تي افسوس پئي ٿيو ڇاڪاڻ تہ سندس ھڪڙي ڏيءَ موپاسان (Maupassant) جو ڪتاب "خراب" (Bad) ڪنيو ھو.[2] اھو ھڪ قسم جو اھڙو سينڪيو (Arsenic) ھو جنھن جي متعلق "ڊڪ ڊي مورا" (Duc de Mora) لکيو آھي تہ "اھو جواني ۽ واري طاقت کي بحال ڪرڻ جو نسخو آھي."

ھوءَ پنھنجي مڙس لاءِ مسلسل پريشان ھئي ۽ انھن وسوسن ۾ ڦاٽل ھئي تہ سفر ۾ ڪٽي سائٽس کو مسئلو نہ پيدا ٿي ٻيو ھجي. مڙس جي متعلق سوچڻ کان ٿورو وقت اڳ ۾ ھن جي لاشعور ۾ پنھنجي مڙس جي "پوڙھپڻي سبب پيدا ٿيندڙ گھٽتائيءَ متعلق" بہ خيال پيدا ٿيو ھو ۽ اھڙين ڳالھين وارا خيال ئي ڳجھي انداز ۾ ۽ اٽپوري ثبوت مان نتيجو ڪيڻ جي ڪري سندس خواب ۾ ظاھر ٿيا ھئا.

ٿورا ڏينھن اڳ ھوءَ پنھنجي ازدواجي معاملن ۾ ڪافي پريشان ھئي، ۽ مڙس کي ان اھم ڳالھ جو تاڪيد بہ ڪيو ھئائين. پر مڪمل نہ ٿي سگھڻ سبب ڪاوڙ منجھان ڪيس "وچ وچي ڦاھو ڪاءُ" بہ چيو ھئائين. ان کان ٿوري دير اڳ ڪنھن ڪتاب يا ڪنھن ٻيءَ جاءِ تي ھن پڙھيو ھو تہ: "ھڪ مرد پاڻ کي رسوبڏي ٽنگيو تہ سندس مرداڻي قوت وڏي وئي."

ان قسم جي جوڙ ملائڻ لاءِ مرد ۾ مرداڻي قوت جي ھجڻ جي خواھش متعلق لاشعور " ويندل پريشانيءَ سبب ائين چوڻ تہ "وچ وچي ڦاھو ڪاءُ" ظاھر ڪندڙ اصل حالت کي لڪائڻ جي ڪيفيت کي ظاھر ڪري ٿي. جنھن جو ٻيو مطلب اھو ٿو نڪري تہ: "ڪنھن بہ قيمت تي ائين ڪر."

"ڊاڪٽر جينڪن (Dr. Jenkin) پوڙھپڻي سبب پيدا ٿيندڙ گھٽتائيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ "لي نبات" (Le Nabab) نالي سان گوريون تيار ڪيون ھيون. پر منھنجي مريضہ ان ڳالھ کان واقف ھئي تہ ماڪڙ ۽ مينھن وساڻن کي ماري ناھيل تيل ۽ ليپ مرداڻي قوت باھر وڌائڻ لاءِ ڪم ايندو آھي، ۽ اھو ھيو سندس ذھني لاڙو جيڪو خواب ۾ ان ريت نظر آيو.

"صندوقڙيءَ جي دري کولڻ ۽ بند ڪرڻ" اصل ۾ پنھنجي ۽ مڙس جي وچ ۾ تڪرار سان واسطو رکي ٿو. ھوءَ سمھڻ جي معاملي ۾ نھايت ئي ڏڃڻي ھئي، ۽ سندس مڙس بہ مٿي سمھڻ کان ڏڃندو ھو بنيادي طور اھا ڪمزوريءَ جي علامت ھئي جا ھن خواب جي دوران محسوس ڪئي ھئي.

پنھنجي بيان ڪيل انھن ننھي خوابن جي نڪتن کي سمجھڻ لاءِ مون اکرن کي آڏي/ترڇي انداز سان لکڻ (Italic) ذريعي نشاندھي ڪئي آھي. جيڪا "خوابي مواد جو خوابي خيالن (تصور/ سوچن) ۾ ٻيھر نمودار ٿيڻ" جي عنصرن مان ھڪ آھي. ان حوالي سان مون باب ٻئي: "خوابن جي تعبير جو طريقو" جي ابتدا ۾ "ارما" جي سئيءَ واري خواب" جو ذڪر ڪيو آھي، جنھن ۾ اختصار" جو مثال آسانيءَ سان سمجھي سگھجي ٿو. جنھن منجھان مون ھڪ کان وڌيڪ طريقا ڳولھي لڌا ھئ.

"ارما" جي خوابي مواد ۾ مرڪزي صورت "ارما" جي ھئي، ۽ پنھنجي حقيقي زندگيءَ واري مھاندن سان ئي ھئي، ۽ پھرين واقعي ۾ پنھنجي ئي نمائندگي پئي ڪيائين. پر جنھن صورتحال کي مون جاچيو تہ ان جي خواب ۾ نظر آيل درڀ ڪنھن ٻئي ھنڌان آيل ھئي ۽ خوابي خيالن (تصور/ سوچن) جنھن عورت کي پئي ڏيکاريو ان جي سلسلي ۾ مون "ارما" سان خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ ٿي چاھي. جڏھن "ارما" جي ڳلي ۾ سوزش پيدا ڪندڙ ھڪ وبائي مرض (Diphtheria) ظاھر ٿيو ھو تنھن مون

---

[1] سندس خواب کي پڙھڻ وارو اھو پيانو وارو استاد ئي ھيو.

[2] ھن نڪتي تي اھو واضع ڪرڻ ضروري آھي تہ ان قسم جو ڪتاب چوڪرين لاءِ زھر جھڙو ھو ۽ منھنجي مريضہ جڏھن جوان ھئي تہ اھو ڪتاب پڻ ڪتابن ۾ لڪائي ڇڏيو ھئائين.

کي بہ پنهنجي ڏيءَ جي ڳڻتي ڏني ڇڏي هئي، ۽ هوءَ ان جي تندرستي معلوم ڪرڻ لاءِ ہارن جي اسپتال بہ اينديِ رهندي هئي. ڇاڪاڻ تہ منهنجي ڏيءَ جو نالو بہ سائٽس ملندڙ جلندڙ هو ۽ ان حوالي سان سندس خواب ۾ ان جي صورت جي لڪ هئي، ۽ جنهن ہارن جي اسپتال ۾ مان اعصابي مريضن جو علاج ڪندو هوس، "ارما" انهن ہارن مان هڪ ہار ۾ تبديل ٿي وئي. "ارما" جي خواب ۾ سمورن اختلافي ڪردارن جي "مجموعي صورت" هئي، ۽ "ارما" انهن جي نمائندي جي حيثيت ۾ اختصار جي صورت ۾ پيش ٿي هئي.

هڪ ٻئي طريقي سان بہ "خواب جي اختصار وارو مقصد" "مجموعي صورت" کي، ہن يا ہن کان وڌيڪ ماڻهن جا مهانڊا يا ان جون نمايان خوبيون هڪ خوابي صورت ۾ پيش ڪري سگهي ٿو. ان طريقي سان تہ منهنجي خواب وارو "ڊاڪٽر ايمر" جنهن گفتگو ۽ اداڪاري تہ "ڊاڪٽر ايمر" واري پئي ڪئي، پر هن جي جسماني ڪرداري خاصيت ۽ سندس بيماري ڪنهن ٻئي سان وابستا هئي، ائين جڙ تہ منهنجو وڏو ڀاءُ هجي. سندن بي رونق مهانڊا، سندن ٻتورخ سندن عام زندگيءَ جي هڪ جهڙائي سبب هڪ صورت ۾ پيش ٿي سگهن ٿا.

منهنجي خواب واري چاچي "ڊاڪٽر آر" جي بہ ساڳي صورت جڙي هئي، پر ان جي معاملي ۾ خوابي تصور ڪنهن ٻئي انداز سان جڙيو هو.[1] مان ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جي مهانڊي کي ٻئي سان ملائڻ جي ڳالهہ نہ ٿو ڪريان پر جيئن ڪو مصور ہن ماڻهن جي شڪلين کي ائين ملائيندو آهي جو ڏسندڙ انهن کي هڪ سمجهندو آهي يا انهن ۾نهي جي بجاءِ ڪيس ٽين صورت نظر ايندي آهي، ائين جيئن منهنجي خواب ۾ جيڪو چاچو نظر آيو هو جنهن جي ڏاڙهي مون کي ہن ماڻهن جهڙي پئي لڳي.

خوابن ۾ "اختصار" جڏهن لفظن ۽ نالن جي ذريعي عمل ڪندو آهي تہ چٽو ٿي پوندو آهي. عام طور تي اها حقيقت آهي تہ خوابن ۾ بار بار استعمال ٿيندڙ لفظ هونئن بہ انهن ئي شين جا هوندا آهن، ۽ شين کي پيش ڪرڻ ۾ بہ ساڳئي هڪجهڙائيءَ واري طريقي سان استعمال ٿيندا آهن.

لفظن جي نئين جوڙجڪ يا مروج لفظ کي نئين معنيٰ ۽ نئين لفظ جي ايجاد (Neologism) جا ڪجهہ دلچسپ ۽ وندرائيندڙ خواب هتي ڏيان ٿو:

i

هڪ پيري طبي علاج ڪندڙ منهنجي هڪ ساٿيءَ پنهنجو لکيل هڪ مضمون موڪليو جنهن ۾ علم بدن/ علم عضويات (Physiology) متعلق تازي کوجنا جي اهميت تي بحث ڪيل هو. منهنجي خيال ۾ ان ۾ گهٽي وڌاءَ کان ڪم ورتو ويو هو ۽ هُن موضوع کي جذباتي انداز سان نپايو هو. ٻيءَ رات مون خواب ۾ هڪ جملو چيو جيڪو ان مضمون جي حوالي مان ئي هو: "اهو نهايت مثبت ۽ ناريڪبل (Norekdal) طرز تي لکيل آهي."

پهرين تہ ان لفظ "ناريڪبل" کي سمجهڻ مون لاءِ نهايت مشڪل ٿي پيو. پوءِ سوچيم تہ متان اهو جرمني ٻوليءَ جي لفظن: ڪولوسل (Kolossal) ۽ پئرااميبل (Pyramidal) جي ڪا بگڙيل شڪل (Parody) آهي. پر ان جو اصل ڳولهڻ ايترو آسان نہ هو. پوءِ منهنجي دماغ ۾ ڳالهہ وئي تہ اهو ہن لفظن "نورا" (Nora) ۽ "ايڪبل" (Ekdal) آهن جيڪي "ابسن" (Ibsen) جي ڊرامي: "گڏيءَ جو گهر" ۽ جهنگلي بدڪ" (A Doll`s House and The Wild Duck) جا ڪردار آهن. اصل ۾ ڪجهہ ڏينهن اڳ اخبار ۾ ان ساڳئي ئي ليکڪ جو "ابسن" تي لکيل مضمون مون ڪنهن اخبار ۾ پڙهيو هو جنهن تي مون تنقيد ڪئي هئي.

---

[1] ڏسو باب چوٿون: "خوابن ۾ تاثر جو بگڙجي وڃڻ"

ii

منهنجي هڪ مريضہ مون کي هڪ ننڍڙو خواب ٻڌايو جيڪو هڪ بي معنيٰ قسم جي جملي تي ختم ٿيو هو. هن خواب ۾ ڏٺو تہ: هوءَ پنهنجي مڙس سان هارين جي لڳايل ميلي ۾ آهي ۽ مڙس کي چوي ٿي تہ: "هي گهٽو ڪري ختم ٿي ويندو..... مئسٽول ميوٽز (Maistollmutz).

خواب ۾ هن کي مڪئي (Maiz) مان ناهيل ڪنهن پت جهڙي غذا جو اوڙ چنو احساس پئي ٿيو. تجزيي جي حوالي سان ان لفظ کي ورهائبو تہ هن ريت ٿيندو:

1. (Toll)۽(Maiz) (Mais) يعني "نوڪرياٽي."
2. (mannstoll) يعني غير معمولي جنسي خواهش جي متعلق (Nymphomaniac) "يا نوڪرياٽيءَ لاءِ ديوانو."
3. (Olmutz) موراويا جو شهر آهي.

اهي سمورا ٽئل لفظ هن جي پنهنجي هڪ مائٽ سان گفتگو دوران استعمال ٿيندڙ جملن جا يادگار هئا. هوءَ تڏهن پنهنجي ان مائٽ سان ٽيبل تي ويٺي هئي، ۽ اهي لفظ هن تازو لڳل خوشيءَ جي جشن [1] واري موقعي تي چيا هئا. جنهن جو مطلب هو تہ "هن جي هڪ مائٽ جي انگريزي زبان ڳالهائيندڙ نوڪرياٽي ڪجهہ ڏينهن ٽيا تہ "اولميوٽز" هلي وئي آهي." سندس لهجو يهودي اصطلاح مطابق "مذاق يا طنز" جي انداز ۾ چيل هو ٿي سگهي ٿو انهن لفظن جي پويان ڪي عجيب غريب ناتا ۽ موجود هجن.

iii

هڪ نوجوان، جنهن جي گهر جي دروازي تي لڳل گهنٽي هڪ رات اتفاق سان ديڙ سان وڳي، ڪو ڇاڙ سڃاڙ وارو وٽس آيو هو هن چاهيو پئي تہ آيل شخص پنهنجي نالي واري پرچي هن جي در تي ڇڏي وڃي ها!

ان رات خواب ڏٺائين تہ: "هڪڙو ماڻهو شام ٿي وڃڻ جي باوجود ديڙ تائين ڪم ڪيو ڪري، تہ جيئن گهر جو ٽيليفون ٺيڪ ڪري سگهي." بعد ۾ هو هليو ويو تہ پويان فون جي گهنٽي وڄڻ لڳي پر مسلسل نہ پر الڳ الڳ گهنٽيون. هن جي نوڪر ان شخص کي موٽائي وٺي آيو ۽ پوءِ نشاندهي ڪندي چوڻ لڳو: "ڪيڏي نہ عجب ڳالهہ آهي تہ ماڻهو وڏا ڪي (Tutelrein) آهن، ڏاڍو مشڪل آهي اهڙن ماڻهن سان اٺڻ ويهڻ."

هن خواب جي سٽاءَ مان رڳو بيپرواهيءَ واروسبب نظر ٿو اچي، جنهن کي سندس تصور جي عيوض معنيٰ ڏيندڙ چئي سگهجي ٿو. هو جڏهن ننڍو چوڪرو هو ۽ پنهنجي والد سان رهندو هو هڪ پيري هن جي هٿ لڳڻ سان شيشي جو گلاس پٽ تي ڪري پيو هو تڏهن هو اڏو گابري ننڍ ۾ بہ هو. اتفاق سان گهر واري ٽيليفون بہ پنهنجي جاءِ تان هيٺ اچي ڪري ۽ گلاس واري پاٽيءَ ۾ پُسي وئي، ۽ ان جي گهنٽي بہ بار بار وڄڻ لڳي جنهن، سندس پيءُ جي ننڍ ڪٽائي ڇڏي. ٽيليفون جو پاٽي ۾ پسي وڃڻ سبب اها گهنٽي ٿوري ٿوري دير کانپوءِ پئي وڳي.

لفظ "ٽوٽيل رين" جو تجزيو ٿن رخن ۾ ڪري سگهجي ٿو. جيڪو خوابي خيالن ۾ ٿن موضوعن جي نمائندگي ڪري ٿو. لفظ (Tutel) قانوني طور تي (Tutelage) "سرپرستيءَ" لاءِ ڪتب ايندڙ اصطلاح آهي يا ممڪن آهي تہ عورت جي چاتين لاءِ ڪتب ايندڙ کي گٽو لفظ هجي. لفظ جو باقي بچيل حصو (Rein) جو مطلب آهي "صاف."

گهريلو ٽيليفون" واري حصي کي ملائبو تہ اهو "گهريلو تربيت" جي صورت ۾ اسان جي اڳيان اچي ٿو جيڪا هن جي فرش کي آلوڪرڻ جي بيپرواهيءَ سان وابستا آهي. [2]

---

[1] شهنشاه فرانسس جوزف جي عظمت جو يادگار ڏينهن، جيڪو 1898ع ۾ ملهايو ويو هو.

[2] جاڳيل حالت ۾ ان قسم جو تجزيو ۽ هڪ ڪان وڌيڪ اکر لکڻ يا ادا ڪرڻ جو ترڪيبي اسلوب بہ حقيقت ۾ اسان جي مذاق، تفريح ۽ طنز جي ڪيترن ئي معاملن ۾ حصو ونڊندو آهي. تمام گهڻو يا سنجيده انداز خواب ڏسندڙ جي پنهنجي پنهنجي ذهني سطح تي مدار رکي ٿو. جاڳيل ←

iv

هڪڙي منهنجي خواب ۾ مون کي ٿوري دير جي لاءِ پريشان ڪري ڇڏيو هو جنهن جو مرڪزي نڪتو ساموندي سفر هو. اهو ائين نظر آيو ته: "ٻئي هنڌ ترسڻ واري جاءِ کي "Hearsing" سڏيو ٿي ويو. جيڪو "فليس" کان پوءِ هو. فليس منهنجي دوست جو نالو آهي، جيڪو منهنجي نفسياتي تجزيي جي هن ڪم ۾ ساٿي ۾ آهي. "Hearsing" هڪ مجموعو آهي، جنهن جو هڪ حصو ويانا جي ويجهو سبربن (Suburban) ريلوي جي ويجهو وارين جاين جي نالن مان شامل ٿيو آهي. جنهن جي آخر ۾ (ing) آيل آهي: Liesing, HietzingءِModling جنهن جو اصل ۾ پراڻو نالو Medelitz (Meaedeliciae) آهي، ۾ اهو منهنجي نالي "فرائيڊ" جي معنيٰ وارو لفظ آهي يعني: سهاءُ (delight).

ان خواب جو ٻيو حصو هڪ انگريزي لفظ (hearsy) مان آيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "افواهه يا ڪوڙ بدوڙ". اهو گذريل ڏينهن جي ڪارگذاريءَ دوران استعمال ٿيل لفظ منهنجي خواب ۾ شامل ٿيو هو جيڪو ڪنهن ڳالهه جي اختلاف ۾ مون چيو هو:

ڪنهن ماهوار رسالي (Fliegende Blatter) ۾ مون هڪ ننڍي قد واري جامڙي جي بهتان بازيءَ متعلق شعر پڙهيو هو. جنهن جو عنوان هو: "هن چيو-چيو هن." جيڪڏهن "فليس" (Fliess) جي نالي ۾ (ing) جو وڌاءُ ڪنداسين ته اهو لفظ "Flissingen" ٿيندو ۽ "Vlissingen" نالي سان اسان جي ترسڻ واري اها جاءِ هئي، جتي مان پنهنجي پاءُ سان ساموندي سفر ڪري ويو هوس. جڏهن هو انگلينڊ مان گهمڻ آيو هو. اهڙيءَ ريت "Vlissingen" جي حوالي سان انگريزي نالو "Flushing" ٿو ٿئي جنهن جهڙو لفظ "blushing" (لڄي ٿيڻ يا شرمسار ٿيڻ) ٿو ٿئي. ۽ ان لفظ مون کي منهنجو مريض ياد ڏياري ڇڏيو. ۽ گڏوگڏ "ٻيچ ٽريو" جو اعصابي مرضن متعلق مضمون به پڙهيو هو جن جي ڪري مون ۾ ڪاوڙ ۽ چڙ پيدا ٿي پئي هئي.

V

ٻئي پيري مون جيڪو خواب ڏٺو اهو ٻن جدا جدا حصن تي مشتمل آهي، پهريون حصو هڪ لفظ "آٽو ڊڊاسڪر" (Autodidasker) هيو. جيڪو مون کي ياد آيو ته اهو نهايت زندگيءَ سان پرپور هو. ٻيو ٽڪرو هڪ ننڍي ۽ بي ضرر تصور جو ٻيهر سرجڻ هو جيڪو مون ڪجهه ڏينهن اڳ سوچيو هو. اهو خيال ان ڳالهه جو نتيجو هو جو مون "پروفيسر اين" کي ٻيهر ڏٺو هو ته مون کي اهو ضرور چوڻ ڪيندو هو ته: "ان مريض جي حالت، جنهن جي لاءِ تازو مون توهان سان صلاح ڪئي هئي، اهو حقيقت ۾ رڳو اعصابي پريشانيءَ ۾ مبتلا آهي، جنهن جي لاءِ توهان کي شڪ هو."

اهڙيءَ ريت لفظن جي نئين جوڙجڪ تحت لفظ Autodidasker ۾ ڪيفيتن ۾ مطلب ڪندڙ هو. هڪ ته ان مرڪب معنيٰ جي نمائندگي پئي ڪئي ۽ ٻيو ته ان جي معنيٰ ان ارادي سان جڙيل هئي، جنهن متعلق مون "ڊاڪٽر اين" جي درستگيءَ لاءِ جاچيل حالت ۾ ٻيهر سوچيو هو.

لفظ Autodidasker کي آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو: Autor يعني Author (ليکڪ) ۽ Autodidaskt (پاڻ سکيو) ۽ "لاسڪر"(Lasker) جرمنيءَ جي سماجي جمهوري تحريڪ جي باني: "فرڊيننڊ لاسالي" (Ferdinand Lassale) جو نالو آهي، جيڪو "بريسلو" ۾ 1825 ۾ ڄائو ۽ 1864 ۾ گذاري ويو. ساڻئي نالي سان ٻيو هو "ايڊور

حالت لاءِ ته مان اهو به چوندو آهيان ته "جيڪڏهن منهنجا خواب کل جهڙا آهن" ته اهي منهنجي ئي ياڳي جا نه آهن، پر اهي خاص طور تي نفسياتي/ ذهني صورتحال تي انحصار ڪندڙ هوندا آهن، ۽ اهي ئي خواب کي ستاءُ ڏيڻ ۾ مدد ڪندا آهن، جن ۾ کل پوڳ وارا لطيفا، ۽ مذاق ۽ ڪيل ڳالهيون به نهايت پنهنجائپ واري نوع سان وابستا ٿي ويندیون آهن، ۽ منهنجي پڙهندڙن کي، منهنجي ان ڳالهه سان سمهت ٽيڪو پوندو ته منهنجا پنهنجا خواب به مون کي مذاق، تفريح ۽ ٻتي معنيٰ سان پرپور نظر ايندا آهن.

لاسکر" (Eduard Lasker_1829_1884) جيڪو "بريسلو" جي پر سان واري شهر "جاروشن" (Jarotschin) جو هو ۽ جرمنيءَ جي قومي آزاد پارٽيءَ جي بانين منجهان هو ۽ ٻئي يهودي نسل جا هئا.

اصل ۾ مون پنهنجي زال کي آسٽريا جي مشهور ليکڪ جي جي ڊيوڊ (J.J.David) جا ڪيترا ئي ڪتاب ونيِ ڏنا هئا، جيڪو منهنجي پاءُ جو دوست هو جنهن لاءِ مون ٻڌو هو ته هو به ان شهر جو آهي جتي اسان جاوا هئاسين. هڪ ڏينهن شام جو هوءَ نهايت گرمجوشيءَ سان چوڻ لڳي ته: "مون ڊيوڊ جي ڪتاب ۾ هڪ دردناڪ ڪهاڻي پڙهي ته ڪيئن نه هڪ ڏهين ماڻهو خراب ٿي ويو."

اسان جي پاڻ ۾ هلندڙ گفتگو اسان جي پنهنجي ٻارن جي خوبين متعلق ڳالهين ۾ تبديل ٿي ويون. اهو ڏسڻ لاءِ ته هن ٻارن جي تربيت جي سلسلي ۾ ان ڪتاب منجهان ڪهڙو اثر ورتو آهي، پوءِ مون هن کي تسلي ڏني ته: "انهن کي ڪو خطرو لاحق نه آهي، زندگيءَ جا ڏکيا سکيا ڏينهن لنگهي پار پوندا." ائين چئي مون پنهنجي زال کي وري به دلجاءِ ڏني.

هاڻي مان ان "پروفيسر اين جي، ٻڈائڊ واري تصور متعلق وضاحت ٿو ڪريان ته جنهن مريض کي اسان ٻنهي پئي چڪاسيو اهو رڳو اعصابي مرض ۾ مبتلا هو. ٿورو اڳ، منهنجي ڪم واري سال جي آخر ۾ مون هڪ پئي مريض جو علاج شروع ڪيو هو ڪي عضوياتي اندروني بيماري ۽ شايد ڪرنگهي جي خرابيءَ متعلق به ڪيس ٻڌايو ويو هو پر پڪ ڪانه پئي ٿي، آزمائشي چڪاس دوران ته اها اعصابي بيماري پئي ثابت ٿي، ۽ جيڪڏهن مريض پنهنجي جنسي طاقت جو انڪار نه ڪري ها ته جيڪر مان منجهس اعصابي مرض کي سڃاڻي به نه سگهان ها! مون ان پريشانيءَ سبب پنهنجي ٻين ماهرن کان مدد ونڊ لاءِ هٿ پير هنيو. چاڪاڻ ته معتبر ماهرن اڳيان مان ڪنڌ جهڪائڊ کان ڪڏهن نه ڪيبائيندو آهيان.

هن منهنجي شڪ واري ڳالهه ٻڌي، مون کي چيو ته: "اهي به پنهنجي راءِ ۾ درست آهن، ۽ مريض کي تون پلي انهن جي علاج هيٺ ڏئي ڇڏ، اهو اعصابي عارضو ئي آهي."

اصل ۾ اعصابي عارضي جي سببن متعلق هُن منهنجي خيالن تي ڪا راءِ نه پئي ڏني، ان ڪري مون به ڪو دليل ڏيڻ نه ٿي چاهيو. پر مون پنهنجي شڪ واري معاملي کي مخفي رکڻ نه ٿي چاهيو.

ڪجهه ڏينهن کانپوءِ مون مريض کي اطلاع ڪرايو ته مان هن لاءِ ڪجهه نه ٿو ڪري سگهيس ان ڪري ڪيس ڪنهن ٻئي سان مشورو ڪري ونيِ. منهنجي ڳالهه ٻڌي هو مون کان معافي ونڊ لڳو ۽ شرمندگيءَ وچان ٻڌايائين ته هو جنسي علت کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن اهو عمل ڪندو رهيو هو جو مون منجهس اعصابي مرض جي هجڻ کي قبول نه ٿي ڪيو. پوءِ مون سوچيو ته هن کي چوان ته تون درست آهين مان غلط هيس.

اهو هو مختصر خاڪو جنهن جي حوالي سان مون اهو خواب ڏٺو هو. پر منهنجي غلط هجڻ جي ڳالهه خواب ۾ ڪٿي هئي؟ مان غلط ٿي سگهيس ٿي، پوءِ به اها ڪهڙي خواهش هئي جا مون ڪئي هئي؟ ها البت مان پنهنجي خوف ۾ غلط هوس يا ائين چئجي ته مان پنهنجي زال کي چاهيو پئي ۽ ان جو ئي خوف مون پنهنجي خوابي خيالن ۾ اختيار ڪيو هو.

اهو موضوع، جنهن تي درست يا غلط جا سوال پئي گهميا، اهو خوابي خيالن سان حقيقي طور تي وابستا هجڻ سبب منجي نه سگهيو هو. اهو عورت سان رابطي جي ذريعي عضوياتي ۽ عملي نقصان جيان ئي تبديلي پيدا ڪندڙ هو خاص طور تي جنسي عمل جي ڪري ماڻهو (Tabetic) يعني ڏهرو ڪمزو ۽ سڪل ڪائيءَ جهڙو ٿي ويندو آهي ۽ منجهس ريڑهه جي هڏيءَ جو مرض جيڪو آتشڪ جي ڪري پيدا ٿيندو آهي، جنهن جي ڪري شديد درد ۽ هٿن ۾ ريشو ۽ هلڻ ۾ ٽاپڙجڻ به پيدا ٿيندو آهي، ۽ آخر ڪار فالج لاحق ٿي پوندو آهي. ٿي سگهي ٿو "لاسالي" جو موت به اهڙي ڪارڻ ٿيو هجي.[1] پوءِ "ڊاڪٽر اين" جڏهن پنهنجو رايو ڏنو ۽ ائين اسان جو بحث نيٺ پڄاڻيءَ تي پهتو ته هو وري شخصي موضوع جي پاسي لڙي ويو. چوڻ لڳو:

---

[1] "ايڊورڊ لاسکر" (Eduard Lasker_1829_1884) ٽيبيٽڪ (Tabetic) جي عارضي سبب گذاري ويو هو ۽ عورت جي ملاپ سان پرميل، يا فرنگ آتشڪ يا سوزاڪ جي مرض (Syphilis) ۾ مبتلا ٿي ويو هو.

"اوهان کي هن وقت تائين ڪيترا ٻار ٿيا آهن؟"

مون چيو: "ڇهه".

هن مڃتا واري انداز سان شڪل ناهي وري پڇيو: "ڇوڪرا يا ڇوڪريون؟"

مون چيو: "ٻي ۽ ٽي، جيڪي منهنجو فخر ۽ خزانو آهن."

"هاڻي تنهنجي سنڀالڻ تي دارومدار آهي، ڇوڪريون تہ گهڻي قدر محفوظ آهن، پر عمر سان گڏ وڌي ٽيندڙ ٻارن کي بعد ۾ ڏکيائي ڏسڻي ٿي پوي"

مون احتجاج ڪيو تہ منهنجو پنهنجي ٻارن سان نهايت سٺو سلوڪ آهي، خاص طور تي بيمارين جي تشخيصي ڄاڻ جي حوالي سان، مان پنهنجي ڇوڪرن لاءِ وڌيڪ محتاط رهندو آهيان.

بهرحال انهن بنهي تاثرن پاڻ ۾ ملي هڪڙي صورت اختيار ڪئي، جنهن اعصابي بيمارين واري ڳٽتيءَ کي خواب ۾ ڪهاڙيءَ جي صورت ڏني.

vi

"هن اڇوڪي صبح جو"[1] خواب ۽ جاڳ جي وچ ۾ مون کي اختصار جي هڪ تمام سٺي مثال جي آگهي ٿي. خواب جي اڻ پوري حصي ۾ جهجهي مقدار ۾ آيل خيالن جي حوالي سان مان انهن کي ياد ۾ وڌي مشڪل سان ٿي ڪري سگهيس، جنهن کي مان ائين ئي مختصر طريقي سان بيان ٿو ڪريان. جيئن اهو نظر آيو هو. مون جيڪو اکر ڏٺو جيتوڻيڪ اهو اڌ لکيل هو ۽ اڌ چپيل هو ۽ اکر هو: "ايرزي فليچ" (Erzefilisch) ان لفظ ڪنهن جملي جي حصي کي پئي جوڙيو پر اهو جملو منهنجي شعوري يادگيريءَ مان ترڪي ويو آهي ۽ مون کي ياد نہ ٿو اچي تہ اهو ڪهڙي خيال کان منهنجي ذهن مان نڪري ويو آهي: "شايد اهو جنسي رغبت تي اثرانداز ٿيندو هجي!" ۽ ان ئي وقت مون کي لڳو تہ ان لفظ ۾ هڪ حرف "e" جو واڌارو هئڻ کپي ها، يعني Erziefilisch جنهن جي معني "تعليم يافتہ" آهي، جنهن جي سلسلي ۾ مان شڪ ۾ هوس تہ ان ۾ "e" جي جاءِ تي حرف "i" نہ هجي ها.

اختصار متعلق اهو ڏهانت وارو مثال ٻئي حرف جي وڌائڻ سان اُچار ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو ۽ اکر تي زور ڏيڻو پوي ٿو. اهو جيڪڏهن ze آهي تہ انگريزي زبان سان اهو "تسي tsay اُچاربو جنهن جي تي جو حرف جزم سان پڙهبو. اهڙيءَ ريت اهو جيڪڏهن zi آهي تہ ان کي "تسِي" tsee اچاربو ان کي پيو لفظ پهرين کان وڌيڪ ويجهو آهي.

ان حوالي سان اکر "Syphilis" (پرميل، سوزاڪ) به منهنجي آڏو ظاهر ٿيو هو ۽ مان جڏهن ايڏا اڌوگابري نند ۾ هوس تہ ان جو تجزيو پئي ڪيو مان ان کي سمجهڻ جي ڪوشش پئي ڪئي تہ مون کي نند اچي وئي ۽ مان خواب جي دنيا ۾ هليو ويس. حالانڪ منهنجو پنهنجو ذاتي توڙي پيشي جي لحاظ کان ان سان واسطو نہ پيو هو. مان خواب واري ان بيهودي لفظ (Erzefilisch) تي سوچڻ لڳس تہ مون تہ پنهنجي ملازم عورت کي اهو پيو لفظ Erziefilisch چيو هو، جنهن مون کان عورتن جي جسم فروشيءَ جي مسلئن متعلق ٿوري معلومات گهري هئي ۽ مون هن کي "هيس" (Hesse) جو ڪتاب ڏنو هو، جنهن ۾ جسم فروشيءَ متعلق جذباتي زندگيءَ جو اثرانگيز ذڪر ٿيل هو. ان کان سواءِ به مان هن کي جسم فروشيءَ جي خراب نتيجن متعلق آگاهہ ڪندو رهيس، ۽ مون هڪدم محسوس ڪيو تہ لفظ "Syphilis" (پرميل، سوزاڪ) ڪنهن ادبي لحاظ سان نہ پر جنسي لاڳاپن جي صورت ۾ "زهر" جي طور تي اظهاريل هو.

هاڻي جڏهن خواب جي لفظ کي جملي ۾ استعمال ٿو ڪريان تہ اهو هن ريت ٿو ٿئي تہ: "منهنجي گفتگو پنهنجي نوڪرياڻيءَ کي زندگيءَ ۾ جذباتي حملن کان بچڻ لاءِ آگاهيءَ جي ارادي سان ڪيل هئي." پر جيئن تہ مون کي اهو به ڊپ هو تہ ڪٽي اهڙيون ڳالهيون هن جي لاءِ "زهر" جو اثر رکندڙ نہ ثابت ٿين.

---

[1] هي ۽ ڇوٽي "مارسينو وسڪي" (Marciowski) جي آهي.

خوابن ۾ لفظي يا زباني بي ترتيبي: انهن ئي نشانين جهڙي لڳندي آهي، جيڪي وسوسن يا ماليخوليا ۾ نظر ايندیون آهن، پر اهي زناني جنسي عارضي ۽ وهم ۽ گمان جي غلبي ۾ به نظر ايندیون آهن. ۽ار جڏهن شرارت ۽ مذاق مستيءَ وچان هٿ ٽوکيا لفظ استعمال ڪندا آهن يا پنهنجي ڳالهه مڃائڻ يا سهمت ٽيڻ دوران جملن ۾ لفظن جي ترتيب واري انداز دوران به ڪڏهن ڪڏهن اهي درست لفظ ڳالهائي ونڊندا آهن ۽ ائين ڪي نوان نوان لفظ به ايجاد ڪري ونڊندا آهن. ساڳيءَ ريت خوابن ۽ نفسي اوٽائيءَ يا خلل جو عام طريقو به اهو هوندو آهي.

بي معنيٰ يا بيهودن لفظن جو تجزيو خوابن جي ڪم ۾ خاص طور تي نهايت توريل ڪچيل نموني ۽ اختصار جي ڪنهن ڪامياب ڪارنامي جيان ظاهر ٿيندو آهي.

پڙهندڙن کي گهرجي ته واقعن جي ننڍي تعداد منجهان نتيجو نه ڪڍن، پر مون جنهن قسم جو مواد پيش ڪيو آهي، اهو هڪ ته اڻلڀ آهي ٻيو ته مون مشاهدي جي سمورين ممڪن ڳالهين کي پيش ڪيو آهي. جڏهن ته مون ڏٺو آهي ته ماڻهو ان جي ابتڙ سوچيندا آهن. پر حقيقت اها آهي ته خوابن جي تشريح نفسياتي تجزيي واري طريقي تي منحصر آهي. ايتري قدر جو تمام ننڍي تعداد وارا واقعا به مشاهدي ۽ جمع ڪيل خيالن سان سلهاڙيل هوندا آهن.

بيهودن زباني لفظن تي مشتمل، ان قسم جا خواب: "Svingnum elvi" ڊاڪٽر "وان ڪارپنسڪا" (Dr. von Karpinska_1914) پيش ڪيا آهن، جنهن ڪجهه اهڙا اهم خواب به ڏٺا آهن جن ۾ ڄاڻايو اٿس ته جيڪي لفظ خوابن ۾ ظاهر ٿين ٿا اهي پنهنجي ليکي بي معنيٰ نه هوندا آهن پر انهن جي اصلي معنيٰ غائب ٿيل هوندي آهي ۽ ڪن بين معنائن سان ڳنڍيڇي ويندا آهن، جيڪي "بي معنيٰ واري ساڳي ئي طريقي سان واسطو رکندڙ هوندا آهن.

جيئن هڪ ڏهن سالن جي ٻار جو "Category" جو خواب آهي، ته ان جي خواب جي حوالي سان مطلب آهي: "زنانو عضوو" ۽ "Categorate" جو مطلب لڳيڇ "پيشاب ڪرڻ" آهي.

جيڪڏهن خواب ۾ ڪو استعمال ٿيندڙ جملو ظاهر ٿئي ٿو ۽ اهو خيالن جي فرق کي واضع ڪري ٿو ته ان جو چٽو اصول اهو آهي ته اهو ڳالهايل لفظ خوابي مواد جي يادگيرين ۾ محفوظ آهي، ۽ اتان ئي آيو آهي. ساڳيءَ ريت تقرير جو مواد به يا ته گهٽائڻ ڪانسواءِ ئي ذهن ۾ رهجي ويو آهي يا ڪنهن ٻئي گم ٿيل تقرير مان اخذ ٿي آيو آهي. خوابن ۾ تقرير به گهٽ ڪري ڪن بين گڏ ٿيل تقريرن سان رلجي ويندي آهي، ان جو مواد ساڳيو ئي هوندو آهي پر ممڪن آهي ته اصلوڪي تقرير مان ڪيتريون ئي معنائون ڪيندڙ هجن.

گهٽي پراڻي ڳالهه نه آهي جو مون هڪ نوجوان جي معاملي ۾ هڪ اميد قائم ڪئي هئي، جيڪو جڏهن هو پنهنجي اعليٰ قسم جي ڏاهپ جي قوت کي استعمال ڪندو هو ته خيالن جي غلبي ۾ مبتلا ٿي ويندو هو. ان جي خواب ۾ ڳالهائڻ وارا اهي لفظ ايندا هئا، جيڪي هن پاڻ ڪڏهن نه لکيا هئا نه ڳالهايا هئا، اهي هن جي خيالن جي غلبي جي ڪا بگڙيل صورت ۾ نه هوندا هئا، پر هو جاڳندو هو ته هو پنهنجي شعوري ڪوشش سان انهن کي ترتيب ڏئي استعمال ڪندو هو.[1]

---

[1] هي حصو 1909ع ۾ شامل ڪيل آهي. اهو نوجوان فرائيڊ جي: "اعصابي خيالن جي غلبي جي تاريخ" ('the 'Rat Man') ۾ موضوع رهيو آهي.

(2)

گم ٿي وڃڻ جو عمل:
THE WORK OF DISPLACEMENT

خوابن ۾ اختصار وارن مثالن جي مجموعي گڏ ڪرڻ ۾ جنهن ۾ئي تعلق جي ضرورت پوي ٿي ان ۾ ليڪ جي اهميت گهٽ اهميت واري نه آهي. جيڪو اڳي ئي ان جو شاهد هوندو آهي. اهو ئي ڏنو ويو آهي ته اهي ترڪيبي عنصر جيڪي خواب جي مضمون جي پيشڪش واري اصولي پاڻ کان ٻاهر ٻيئل هوندا آهن. ته اهي خوابي خيالن ۾ پريان ئي ۽ ساڳيو ئي حصو ونندا آهن. ۽ جهڙيءَ ريت ان اثباتي دعويٰ جو اڳواٽ حاصل ٿيل نتيجو ان تبديليءَ جي تصديق ڪري سگهندو آهي، ته اهو خوابي خيالن جو ڪهڙو چٽو محرڪ آهي جيڪو ڪنهن به صورت ۾ خواب ۾ نمائندگي ڪرڻ جي ضرورت نه ٿو سمجهي.

خواب ته خواب آهي، ۽ اهو اڳي به سوچڻ واري مرحلي ۾ به خواب ئي هيو اهڙيءَ ريت اهو خوابي خيالن جي مختلف مرڪز تي گڏ ٿيل هو ۽ ان جي متن ۾ جيڪي مختلف عنصر موجود هئا. تن جو هڪ مرڪزي نڪتو هو. جيئن اسان زراعت متعلق طويل مقالي واري خواب ۾ چئي آيا آهيون. (ڏسو باب پنجون: "خوابن جو مواد ۽ ماخذ" حصو پهرين: خوابن ۾ تازو ۽ غير متعلق مواد).

مثال طور خواب جي مواد جو مرڪزي نڪتو ظاهري طور تي زراعت آهي ته ان حقيقت جي روشنيءَ ۾ خوابي خيالن جو تعلق پاڻ جهڙين هارين ۽ زميندارن جي وچ ۾ پيدا ٿيل مونجهاري ۽ تضاد سان ٿي ويندو. ۽ اسان ايثار ۽ قرباني‌ءَ جا به قائل هوندا آهيون. ته اهڙي صورت ۾ زراعت وارو عنصر سندس خوابي خيالن ۾ تيستائين ڪنهن جاءِ تي نه لينڊو جيستائين ان کي متضاد جذبات سان نه ڳنڍيبو. حقيقت اها آهي ته "زراعت" مطالعي جي حوالي سان منهنجو پسنديده موضوع رهيو ئي نه آهي.

ٿورو اڳ ڏنل منهنجي مريض "سئفو" جي سندس "هيٺ مٿي ٽپن ڏيڻ، ۽ گهٽو هيٺ ۽ گهٽو مٿي" واري خواب مرڪزي جاءِ والاري ۽ خوابي خيالن بهرحال سماجي طور هيئين درجي جي ماڻهن سان جنسي ميلاپ جي خطرن ڏريعي معاملو طئي ڪيو. سو خوابي خيالن جو رڳو هڪڙو واحد جزو به خواب جي متن مان پنهنجو رستو ڳولهي ونندو آهي. جيتوڻيڪ اهو جزو غير متناسب حد تائين ڦهلجي ان جي دائري کي وسيع ڪري ڇڏيندو آهي. ساڳيءَ ريت منهنجي "جيتن واري خواب" جو موضوع "جنسي لاڳاپن جي حوالي سان ظلم سان واسطو" هو. اها حقيقت آهي ته خواب جي متن ۾ ظالماڻي رويي منجهان نتيجو آٽيندڙ جزا شامل ٿي ويندا آهن. پر اهي ائين ڪنهن ٻئي واسطي سان شامل ٿيندا آهن. پر ڪنهن نفسي/ جنسي حوالي سان شامل نه ٿيندا آهن. يا ائين چئجي ته پنهنجي عبارت مان لڙي ۽ اڻ لاڳاپيل نتيجي ۾ تبديل ٿي ايندا آهن. جيئن منهنجي چاچي واري خواب (باب چوٽين جي ابتدا ۾ ڏنل) ۾ سندس چٽي ڏاڙهيءَ مرڪزي نڪتي کي تشڪيل ڏني. جنهن ۾ منهنجي خواهش ۽ جذبن جو ڪو به تعلق ڪو نه هو. جيئن اسان خوابي خيالن جي انتهائي اهم حصي ۾ ڏٺو هو. اهڙي قسم جا خواب "غائب ٿي وڃڻ" جو تائيدي ثبوت ڏيندڙ هوندا آهن. اسان انهن مثالن ڏريعي. "تضاد" کي مڪمل طور تي "ارما" جي خواب ۾ ڏسي سگهون ٿا. خواب جي جڙڻ دوران ڪي مختلف عنصر هڪجهڙائيءَ واري هنڌ. جتي هو خوابي خيالن ۾ هٿ وس ڪري سگهي. قبضي ۾ ونڻ يا استعمال ڪرڻ جي قابل هوندا آهن. ۽ خوابي مواد پنهنجي فهم يا رخ ۾ سجو سارو ٿا سڏا ڪندڙ هوندو آهي ۽ حيران ڪرڻ کان اڳ ۾ تور تڪ واري تخليق ڪري ونندو آهي. اسان جيڪڏهن عام زندگيءَ جي نفسي/ جنسي عمل ۽ ان جي تسلسل تي غور ڪنداسين ته معلوم ٿيندو ته اسان ڪيترن ئي خيالن جا حصا منتخب ڪندا رهندا آهيون ۽ انهن مان زندگيءَ سان پرپور هڪ خاص درجي کي پنهنجي شعور ۾ شامل ڪندا آهيون. ۽ اسان ان تاثر جي هميشه عزت ڪندا آهيون. جيڪو

خاص طور تي اسان جي لاءِ نفسي/ جنسي خاصيتن ۾ وڏي اهميت رکندڙ هوندو آهي ۽ کنهن حد تائين کي خاص دلچسپيون انهن فوقيت وارن خيالن سان به سلهاڙيل هونديون آهن.

پر هاڻي اسان کوجنا کئي آهي ته خوابي خيالن (تصور/ سوچن) جي مختلف عنصرن جي معاملي ۾ ان قسم جي اهميت خواب جي جڙڻ واري عمل ۾ جتاءِ کندڙ يا نظرانداز کندڙ نه هوندي آهي. ان ۾ کو به شڪ نه آهي ته تصور يا سوچن ۾ انتهائي وڏي درجي جي نفسي/ جنسي کڻ موجود هوندي آهي، جيڪي اسان ادراک جي سڌي سنئين فيصلي جي ذريعي سکندا آهيون. خواب جي جڙڻ جي معاملي ۾ اهي اهم عنصر نهايت زوردار دلچسپيءَ سان، جيئن هوندا آهن تيئن ئي تحرڪ ۾ ايندا آهن، جيتوڻيڪ اهي گهٽ اهميت وارا هوندا آهن تڏهن به اهي خوابي خيالن جي بين ۽ گهٽ اهميت وارن عنصرن سان به گڏجي، گڏيل دلچسپيءَ جي بنياد تي، خواب جي سڻاءَ ۾ جاءِ والاريندا آهن. اهي پهرين نظر ۾ ايتري ڏيان جي لائق نه لڳندا آهن، جيتري قدر مختلف خيالن جي حوالي سان نفسي/ جنسي شدت ۾ اضافو کندڙ هوندا آهن.[1]

خوابن ۾ چا ٿو پيش ٿئي! اسان اهو نه ٿا چئي سگهون ته خوابي خيالن (تصور/ سوچن) ۾ ڪهڙي شيءِ اهم آهي، پر مختلف وقتن تي انهن ۾ چا ٿو ظاهر ٿئي! پوءِ به اهو دليل اسان کي خواب جي جڙڻ جي سلسلي ۾ ڪا وڏي مدد نه ٿو ڪري، پوءِ به شين جي فطرت مان اهو صاف ظاهر آهي ته بن عنصرن جي ارادي جو جوڙ ۽ فطري نفسي خاصيت، ضرورت تحت ساڳئي معيار سان عمل ڪن ٿا. خوابن خيالن لاءِ وڌيڪ اهم اهي احساس هوندا آهن، جيڪي انهن ۾ لڳاتار پيا ظاهر ٿيندا آهن، ۽ اهي مختلف تصورن ۽ سوچن مان روشنيءَ جي ڪرڻن وانگر نڪرندا آهن. اصل ۾ خواب انهن جزن کي رد ڪري نه سگهندو آهي، جيڪي پاڻ ۾ وڏي شدت رکندا آهن چاڪاڻ ته اهي ڪيترن ئي پاسن کان مدد جي لاءِ اڇي رسندا آهن، ۽ پنهنجي متن لاءِ انهن بين جزن کي به چونڊي سگهندا آهن، جن جي تحويل ۾ رڳو اهو بيو معاملو هوندو آهي.

انهن خيالن مان حاصل ٿيندڙ اها تشريح، انهن ڪيترين ڳالهين تي روشني وجهي ٿي، جيڪي خواب جي روح سان پري واري ماڻيءَ جيان لاڳاپيل ٿين ٿا، حالانڪ اهي هڻ ڏو ۽ اضافي لڳندا آهن پر کنهن خاص مقصد لاءِ وابستا ضرور هوندا آهن ۽ اهو مقصد تصور ۽ سوچن مان ڳولهڻ آسان هوندو آهي. اهي خيال به هوبهو اهڙا ئي هوندا آهن ۽ اهي انهن کي پاڻ ۾ ترڪيبي جزي جيان ڳنڍيندا آهن، پوءِ اهي پري ئي چو نه هجن تڏهن به خواب جي مواد ۽ خوابي خيالن جي وچ مان زوريءَ ڪٽي ونڊندا آهن، ۽ جيڪڏهن اهي عنصر يا جزا تجزيي مان ڪيئي ڇڏجن ته ان جو نتيجو گهٽو ڪري خواب جي مواد جا جزا يا پاڳا رڳو ان جي تعين ڪيل رخ کانسواءِ ئي الڳ نه ٿي ويندا پر بنا کنهن پڪي ۽ اطمينان ڏيارينڊرخ کانسواءِ ئي جدا ٿي ويندا، اسان ان جو نچوڙ ڪيندا سين ته گهٽن معاملن ۾ رڏل ارادا فيصلو ڪندا آهن ته خواب ۾ چا شامل ٿيڻ گهرجي، ۽ اهو هر پيري خواب جي جڙڻ جو ابتدائي عنصر نه پر گهٽو ڪري نفسي/ ذهني شدت جي ثانوي پيداوار هوندو آهي، جيڪو اسان لاءِ ايجان تائين اٽلي آهي. ان جي باوجود گهٽن معاملن ۾ رڏل ارادا خاص عنصرن کي چونڊي خوابن ۾ داخل ڪرڻ جي اهميت جا حامل هوندا آهن، ان حوالي سان ڏسي سگهجي ٿو ته ڪوشش جي عيوض ۾ خرچ ٿيندڙ ويچار انهن معاملن ۾ استعمال ٿيندو آهي، جتي اهو خواب جي مواد مان، بنا مدد جي ايري نه ايندو آهي.

اهڙيءَ ريت اهو دليل اعتبار جوگو ٿو لڳي ته خواب جي ڪم ۾ نفسي/ جنسي شدت ان تي عمل ڪندي آهي جيڪي هڪ پاسي انهن عنصرن کي واپس آڻيندي آهي جيڪي نفسي/ جنسي شدت ۾ وڏي قوت رکندين آهن، ۽ ٻئي پاسي پختن ارادن ۾ حوالي سان، هيٺين سطح جي نفسي/ ذهني شدت منجهان نوان ماڻ جوڙيندي آهي، جيڪي بعد ۾ خواب جي مواد ۾ پنهنجو رستو ڳولهي ونڊندا آهن. جيڪڏهن ائين ٿيڻ لڳندو آهي ته پوءِ نفسي/ جنسي شدت جي "منتقلي" ۽ "غائب

---

[1] ڪنهن خيال/ منصوبي جي نفسي شدت، اهميت يا دلچسپيءَ جي سطح ۽ حواسي/ دماغي شدت يا اها شدت جيڪا تصور کي جوڙيندي آهي، ان ۾ يقينن فرق هوندو آهي.

ٿيڻ، خواب جي ٺهڻ واري عمل ۾ ظاهر ٿيندا آهن، ۽ انهن جي نتيجي سبب خواب جي سٽاءُ واري مواد ۽ خوابي خيالن جي وچ ۾ فرق ٿي پوندو آهي.

خواب جي حوالي سان "منتقلي" ۽ "غائب ٿيڻ" خواب جا به حڪم هلائيندڙ عنصرن آهن، جن جي سرگرمي اسان خوابن جي اختيار ڪيل روپ جي روح مان حاصل ڪري سگهنداسين.

مان سمجهان ٿو ته اسان کي ان نفسي/ جنسي شدت کي سمجهڻ ۾ اهڙي مشڪل کا نه ٿيندي، جيڪا پاڻ ئي خواب ۾ اصل حقيقتن کي گم ڪري يا انهن کي لڪائي ڇڏڻ جي پيشڪش ڪري ٿي. غائب ٿيڻ واري معاملي جو اثر اهو ٿيندو آهي ته خواب جو مواد، خوابي خيالن جي مرڪزي ۽ انتهائي اهم حصي سان گهٽي دير مشابهت نه رکندو آهي، ۽ ٻي ڳالهه ته خواب به لاشعور ۾ موجود خوابي خواهش جي وڌيڪ بگڙيل صورت پيش نه ڪندو آهي. ۽ خواب جي بگاڙ واري عمل متعلق اسان اڳ ۾ واقف ٿي آيا آهيون، ۽ هاڻي اسان ان کي ٻيهر "ڪاٽ ڪوٽ" يا "چنڊ چاڙ" واري عمل جي پاسي موٽائي، ڳولهڻ جي ڪوشش ڪنداسين، جيڪو عمل ذهن جي هڪ ٻئي پاسي، نفسي/ جنسي مددگاري اختيار ذريعي مشق ڪندو آهي. ان جو ذڪر باب چوٿين: "خوابن ۾ تاثر جو بگڙجي وڃڻ" (Distortion in Dreams) ۾ ڪري آيا آهيون.

خواب جو "وڃائي ڇڏڻ وارو عمل" (Dream Displacement) هڪ وڏو ۽ اهم اسلوب آهي، جنهن جي ذريعي، بگڙجي وڃڻ وارو عمل ڪامياب ٿيندو آهي. عام چوٽي آهي ته: "جنهن کي طلب هوندي آهي ته اهو حاصل به ڪندو آهي." اسان جڏهن ڪنهن ڳالهه متعلق فرض ڪريون ٿا ته پوءِ "خواب جو وڃائجي وڃڻ وارو عمل" "ڪاٽ ڪوٽ يا چنڊ چاڙ" جي ان ساڳئي هلندي پڄنديءَ واري عمل ذريعي ظاهر ٿيندو آهي، جيڪا "شعوري سليقي مان آيل، لاشعور جي مختلف هدايتن جي وچ ۾ استعمال ٿيندڙ پائيچاري واري عمل" (Endopsychic) جي حفاظت ڪندڙ ڪاٽ ڪوٽ هوندي آهي. مان اهو چوان ٿو ته خوابن جي متعلق منهنجي نظريي جو اصل بنياد چنڊ چاڙ منجهان خوابي احوال جي (بگڙيل نظر اچڻ ڪي) سمجهڻ لاءِ "اشتقاق" تي ٻڌل آهي. هتي "لينڪس" (Lynkeus) جي ڪتاب "تصورن جي حقيقت" (Phantasien eines Realisten; Vienna, 2nd edition 1900) منجهان ان جي هڪ ڪهاڻيءَ جو آخري ٽڪرو ٿو پيش ڪريان: جنهن منجهان مون کي منهنجي نظريي جي آئيندي جو اصول هٿ آيو هو يا شايد اهو اصول هڪ پيرو ٻيهر لڏو هو. اهڙو حوالو باب پهرين: خوابن جي مسئلن سان سائنسي ادب جو رويو/ تعلق" جي حصي ائين: "خوابن ۽ ذهني بيمارين جو پاڻ ۾ تعلق" جي پهرين 1909ع واري ضميمي ۾ به آندو آهي. ان ڪهاڻيءَ جو عنوان آهي: خواب، جاڳ جهڙو" (Traumen wie Wachen): "ان ماڻهوءَ متعلق، جنهن جي حيرت انگيز خوبي اها هئي ته هن ڪڏهن به ڪو گندو خواب نه ڏٺو هو....."

"خوابن جي متعلق تنهنجو اها شانائتو تحفو: جڙ جاڳيل هجين!" هن جو دوست چوڻ لڳو.

"جيتوڻيڪ اهو تنهنجي پارسائيءَ جو نتيجو آهي، "تنهنجي رحمدلي، تنهنجي انصاف واري حس بيدار آهي، ۽ تنهنجو سچ سان پيار، تنهنجي طبيعت جو اخلاقي اطمينان، تنهنجي متعلق مون کي سمجهڻ لاءِ آساني پيدا ڪن ٿا."

هن کيس جواب ڏيندي چيو: "جڏهن مان پنهنجي سمورين ڳالهين تي غور ڪندو آهيان ته مان چاهيندو آهيان ته جيڪر سيئي مون جهڙا ٿي وڃڻ ۽ جيڪر کو به ماڻهو ڪڏهن به ڪو گندو خواب نه ڏسي."

"جاڳ واري حالت ۾ گهٽو ڪري اسان سان ائين نه ٿيندو آهي، چاڪاڻ ته اسان شين ۽ ماڻهن کي ڏسي رڳو پرين جي آکاڻي وانگر ٻيا سوچيندا ۽ تصور ڪاهيندا آهيون. اهڙيءَ حالت ۾ کو ڏهين ماڻهو اهو ئي چئي سگهندو آهي ته: "يارا اهو ته خراب آهي يا مون لاءِ اهو ته ناممڪن آهي."

"جيڪڏهن رڳو هڪڙو ماڻهو ئي سمجهي وڃي ته خواب جي تشريح ڪيئن ڪبي آهي، جيئن تون منهنجي خواب لاءِ ٻيو ڪرين!" هن جي دوست چيو.

"اهو ايترو آسان ڪم نہ آهي. پر خواب ڏسندڙ شخص ڏانهن ٿورو ڏيان ڏيڻ سان بيشڪ ڪامياب ٿي سگهجي ٿو چا تون نہ ٿو چاڻين تہ ماڻهوءَ جا ڪيترائي معاملا ڪامياب ماڻي نہ سگهندا آهن. تو ۾ پاڻ ۾ يا ٻين ماڻهن ۾ اهو نہ ڏنو آهي تہ جاڳ توڙي خوابن ۾ بہ گهڻيون ڳالهيون ڳجهيون رکندا آهن. حرامپائين کي ڪيئن لکائيندا آهن. ڪنهن وڏي ۽ خاص انداز سان.. لک جي هڪ حقيقي لياقت تنهنجي وجود ۾ آهي. جنهن تي عمل ڪرڻ بہ ڏکيو آهي ۽ ان ڪري توکي تنهنجا خواب گهٽو ڪري اهڙا بي معنيٰ ۽ بيهودا نظر ايندا آهن. پر ڪنهن اونهي ادراڪ ۾ اهي ائين ڪڏهن بہ نہ هوندا آهن..... سچ پچ اهي ائين ڪڏهن بہ نہ هوندا آهن. اهي ماڻهوءَ لاءِ ساڻيا هوندا آهن. جاڳ ۾ هجي توڙي خواب ۾."

خوابن جي جڙ ۾ "گم ٿي وڃڻ"، "چنڊ چاڙ" ۽ تعين ڪرڻ" جي حوالي سان نتيجو آڻيندڙ انهن حالتن جو هڪ ٻئي تي اثر وارو سوال؟ ۽ اهو سوال تہ هڪ غلبو ڪندڙ عنصر ڪهڙو آهي ۽ خدمتگذار عنصر ڪهڙو آهي؟ انهن سوالن جي کوج لڳائڻ لاءِ اسان اڳتي باب ڇهين: خواب جي عمل: جي حصي ڇهين: ڪجهہ مثال: (خوابن ۾ ڳڻپ ۽ تقريرون) ۾ احوال ڪنداسين. پر عارضي طور تي اسان اها ٻي حالت بيان ڪري سگهون ٿا جيڪا خوابي خيالن جي ذريعي انهن عنصرن متعلق اطمينان جوگي آهي. جيڪي پنهنجو رستو ناهي خواب ۾ وجن ٿا: اهي مخالفت ۽ مزاحمت جي ذريعي مڙهيل چنڊ چاڙ کان عارضي چوٽڪارو حاصل ڪن ٿا ۽ ان کانپوءِ خوابن جي تشريح ڪرڻ جي لاءِ اسان خواب ۾ تصوير. واقعي يا آواز جي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ هلي وڃڻ واري ورتاءَ ناقابل ترديد حقيقت کي پيش ڪنداسين.

(3)

خوابن ۾ نمائندگيءَ جو مقصد

THE MEANS OF REPRESENTATION IN DREAMS

لکل يا ڳجهن خيالن جي تبديليءَ يا بدل سدل جي صورت ۾ خواب جي متن جي وضاحت يا پيشڪش ۾ ٽيندڙ عمل دوران اسان ٻن جزن کي ڪم ڪندي ڏٺوسين: هڪ خواب جو گهٽائڻ وارو عمل (Condensation) ۽ ٻيو: خواب جو "وڃائي ڇڏڻ وارو عمل" (Dream Displacement). ان حوالي سان اسان پنهنجي کوجنا جي تسلسل ۾ ٻه ٻيا رخ به متعين ڪنداسين، جيڪي خواب جي دسترس ۾ هجڻ واري مواد جي چونڊ تي ڪنهن به شڪ شبهي کانسواءِ اثرانداز ٿين ٿا.

جهڙيءَ ريت مون "ارما جي سرنج" واري خواب جي وضاحت ڪئي آهي، ۽ خوابي خيالن جي متعلق کوج لڳائي انهن کي گڏ ڪيو آهي ۽ خواب جي جڙڻ واري عمل کي ٻيهر ترتيب ڏنو آهي، ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته مون "خوابن جي تشريح" کي خواب جي "گهٽن جزن جي ترڪيبي اسلوب" (Synthesis) جي ذريعي واضع ڪيو آهي. حقيقت اها آهي ته ڪيترن ئي انساني جسمن جي مختلف مواد (رت، بلغم يا پيشاب) جي تشخيصي مقصد خاطر مون پنهنجي ئي سکيا جي آڌار تي اهو ڏمو ڪنيو آهي، پر مان انهن سيني کي هتي پيش نه ٿو ڪري سگهان. نفسي/ جنسي مواد سان سلهاڙيل فطرت جي ڪري هيل تائين ائين ڪرڻ ڪان، مان ترسيل آهيان. ان جا ڪيترائي سبب آهن. خوابن ۾ اهڙيون تجويزون گهڻ نتيجا اخذ ڪنديون آهن ۽ خوابن جي تاجي پيٽي ۾ تمام گهڻ حصو ڳنڍيندڙ آهن، پر خوابن جي ترڪيبي اسلوب جي معاملي ۾ مون کي ايجان اندازو نه ٿيو آهي ته اهي مڪمل ٿيڻ تائين قائل ڪيئن ٿيون ڪري سگهن. مان رڳو انهن ماڻهن جي خوابن جي ترڪيبي اسلوب کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان جيڪي عام طور تي اهڙي قسم جي مطالعي کان واقف نه آهن، ۽ اها صورتحال رڳو منهنجي اعصابي مريضن جي آگهيءَ لاءِ آهي، باقي موضوع جي هن حصي تي وڌيڪ تڏهن لکندس، جڏهن مان ان جي سمجهڻ جي قابل ٿي ويندس، شايد ٻئي ڪتاب ۾ اعصابي مرضن متعلق نفسياتي تشريح جا نڪتا بيان ڪري سگهان، جيڪي هن هلندڙ موضوع جو پورائو ڪري سگهن.[1]

خوابي خيالن منجهان خواب جي "گهٽن جزن جي ترڪيبي اسلوب" (Synthesis) جي ذريعي ڳولهڻ جي منهنجي ڪوشش، مون کي اهو سيکاريو آهي ته اهو مواد جيڪو تشريح جي ذمري ۾ پڌرو ٿئي ٿو اهو سمورو مواد ساڳئي اهميت جو حامل نه هوندو آهي، ان جو هڪ حصو "خوابي خيالن" (تصور/ سوچن) جي بنهه بنياد مان نٿهندو آهي، اهي خيال يا تصور اهي هوندا آهن جيڪي خواب کي مڪمل طور تي بدلائي ڇڏيندا آهن، جيڪڏهن انهن ۾ خوابن جي چونڊ چاڻ نه هوندي ته اهي پاڻ ئي بدلجي وڃڻ جي قابل هوندا آهن.

مواد جو ٻيو حصو عام طور تي گهڻ اهميت وارو هوندو آهي ۽ نه ئي ان ڏيک جي حمايت ڪرڻ هن لاءِ ممڪن هوندو آهي، جيڪو ٻئي قسم جي انهن سمورن خيالن کي خواب جي حال سان ونڊي ورهائي سگهي. ان جي ابتڙ انهن جي وچ ۾ ميل ميلاپ جو امڪان موجود هوندو آهي، جيڪي انهن واقعن سان واسطو رکندڙ هوندا آهن جن جو تعلق خواب ڪانپوءِ خواب ڏسڻ دوران ۽ خواب جي تشريح سان هوندو آهي. هن حصي جو مواد انهن سمورن رستن کي پاڻ سان ڳنڍيندو آهي، جيڪي خوابي

---

[1] هي حاشيو 1909ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي: مٿيان لفظ لکڻ ڪانپوءِ مون "هيسٽريا جي معاملي ۾ نظر ايندڙ اڻ پورن حصن جي تشريح" متعلق ٻن خوابن جي مڪمل تجزيو ۽ ترڪيبي اسلوب لکي شايع ڪرايا. ساڳيءَ ريت فرائيڊ جي "بگهڙ ماڻهوءَ" جي خواب جي ترڪيبي اسلوب تي فرائيڊ 1916ع ۾ لکيو. ان کان علاوه: "پنهنجي تشريح پاڻ ڪندڙ هڪ خواب" (1910).

متن جي وضاحت منجهان، ڳجهن خوابي خيالن ڏانهن اڳواڻي ڪندڙ هوندا آهن. ان کانسواءِ ثانوي ۽ ملائيندڙ واسطن جي مقصدن جي ذريعي تشريح واري عملي طريقي سان اسان انهن ڳالهين تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

هتي اسان گهٽي دلچسپي رکو خوابناڪ سوچن ۾ تا رکون. اهي عام طور تي مرڪب خيالن جيان ۽ نهايت منجهيل ۽ ٽيڙ جوڳي بناوٽ وارين يادن ۾ پنهنجي انهن سمورن خيالن وهڪرن سان شامل ٿيندڙيون آهن. جن کان اسان جاڳ واري حياتيءَ ۾ مانوس هوندا آهيون. خيالن جا اهي وهڪرا هميشه هڪ کان وڌيڪ مرڪز کان وهڻ شروع نه ڪندا آهن. جيتوڻيڪ انهن وٽ به ڳنڍجڻ لاءِ ڪي نڪتا موجود هوندا آهن. خيال جو هر هڪ وهڪرو گهٽو ڪري پنهنجي اختلافي پر ساڳئي سنگت جي ذريعي بنا تبديليءَ جي شامل ٿيندو آهي.

مونجهارو پيدا ڪندڙ ان جوڙجڪ جا مختلف حصا، يقينن هڪ ٻئي سان قسم قسم جي منطقي حقيقتن تي ٻڌل تعلق ۾ اٽي ٻيهندا آهن. اهي پس منظر ۽ پيش منظر جي نمائندگي ڪري سگهندا آهن. انهن جي انحراف، اختلاف، سينگارڻ يا وضاحت ڪرڻ ۾ استعمال ٿيندڙ تصويرن، حالتن، شاهدين جي ڪڙين ۽ دليلن تي ٽيڪا ٽپڻيءَ جي نمائندگي پڻ ڪندا آهن. انهن خوابي خيالن جو سمورو مقدار جڏهن خواب جي ڪم واري ڏاڪ هيٺ ايندو آهي، ۽ سنڊس پاڳا يا جزا مڙي، ٽڪرن ۾ ٽٽي ۽ پاڻ ۾ پيڪوڙجي ويندا آهن تہ اهي گهٽو ڪري ڪنهن بند ڏبي ۾ ٻيل آئيس ڪريم جيان هوندا آهن.

سوال اهو ٿو اٿي تہ انهن "منطقي لاڳاپن" سان چا ٿيو! جن هيل تائين پنهنجي ڪم جو خاڪو پئي جوڙيو؟ خواب اسان کي انهن لاڳاپن جي سمجهاڻي ڪهڙي انداز ٿو ڏئي؟ جي ها! ان جو مثال هن ريت آهي تہ اسان "جيڪڏهن"، "چاڪاڻ تہ"، "هن ريت"، "جيتوڻيڪ"، ائين يا جيئن" جهڙا حرف جر (ڳنڍيندڙ لفظ) استعمال نہ ڪنداسين تہ نہ رڳو ڪا سٽ پوري نہ ٿيندي، پر ڪو جملو به مڪمل نہ ٿيندو. لکڻ ۾ توڙي ڳالهائڻ ۾.

ان حوالي سان خواب جي پهرين اختيار متعلق اسان جو جواب يقينن اهو ئي آهي تہ انهن تصورن/ سوچن منجهان "منطقي لاڳاپن" جي نمائندگيءَ لاءِ وٽس ڪنهن اڪلاءَ ڪرڻ جو وس نہ هوندو آهي. خواب پنهنجي ڪيترن حصن ۾ اهڙن حرف جملن کي نہ ميڙيندو آهي، ۽ اهو خوابي خيالن جو نج ۽ ثابتي وارو مواد هوندو آهي، جيڪو سليقي سان ڪٽي ايندو آهي. ۽ خواب جي ڪم جن خواهيده خيالن کي، ڌاهڻ ۾ ميسارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، هو انهن لاڳاپن کي بحال رکڻ يا انهن کي واپس اصل حالت تي آڻڻ ان جي ذميداري هوندي آهي، جيڪا تشريح واري طريقي سان نباهيندي آهي.

جيڪي شيون خوابن کي جوڙيندڙيون آهن، انهن شين کي واضع ڪرڻ ۾ خوابن جي موزونيت جي ڳڻتائي، نفسي/ ذهني مواد جي فطرت ۾ ڪا ٽيڪ يا ڪو سهارو ونڊندي آهي. جيئن مختلف روپ واريون فني تصويرون ٺاهيندڙ مصور يا بت تراشيندڙ فنڪار! سچ پچ تہ اهي به ڪنهن شاعريءَ جيان ساڳين مقرر ڪيل پابندين هيٺ ڪم ڪندا آهن. ۽ رنگن ۽ شعرن ۾ جڙ تہ ڪا گفتگو پريندا آهن، اصل ۾ آرٽ جا اهي طريقا ڳالهائڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ ئي استعمال ٿيندا آهن. مواد جي سگهه واري ڪمي، پنهنجي فطرت جي ڪري، فن جي انهن ٻنهي گهاڙيتن جيان، پنهنجي ڪوشش ۾ ڪنهن شيءِ جو اظهار ڪندي آهي. تصوير ٺاهڻ کان اڳ ۾ هر فنڪار اظهار جي اصولن جي جاڻ رکڻ ضروري سمجهندو آهي، جنهن جي ذريعي ڪيس پنهنجي ڪيفيت جي اظهار ۾ ڪا رندڪ محسوس ڪا نہ ٿيندي آهي. قديم فنپارن تي، مصورن يا بت تراشن پاران ڏنل وضاحتون، نندڙين نندڙين چٽڪين تي لکي لڳايون ويندڙيون هيون، جنهن ۾ ڪردارن ۽ سندن گفتگو جي متعلق به لکيل هوندو هو ۽ اها اميد به جنهن کي فنڪار تصوير ذريعي ان ۾ شامل ڪري نہ سگهندو هو.

هن نڪتي تي هڪڙو اعتراض، ان خيال جي خلاف ايري سگهي ٿو. مطلب تہ خواب "منطقي لاڳاپن" کي پيش نہ ٿو ڪري سگهي! پر اهڙا خواب بهرحال موجود آهن جن ۾ نهايت مونجهارو پيدا ڪندڙ ڏاهپ واريون ۽ اثرانگيز ڳالهيون به هوندڙيون آهن، بيان اختلافي به هوندا آهن، ۽ تصديق ٽيل به هوندا آهن، خوار خراب ۽ بدنام ڪيل ۽ پيٽيل به هوندا آهن، ائين ئي جيئن اهي جاڳ واري حالت وارا خيال هوندا آهن. پر خوابن ۾ انهن جو ٻيهر ظاهر ٿيڻ دوکي تي ٻڌل هوندو آهي. اسان

جيڪڏهن اهڙي قسم جي خوابن جي تشريح ڪرڻ ويهون ته اسان اهو ڳولهي ونڊنداسين ته اهو سڄو ڪجهہ تصورن ۾ خيالن جي مواد جو حصو آهي ۽ خواب دوران ادا ٿيندڙ عمل ڪنهن ڏاهپ واري معاملي جي نمائندگي نه آهي. ظاهري قسم واري سوچ جي ذريعي خواب ۾ جيڪو پيهر پيش ٿو ٿئي، اهو تصور ۽ سوچ جو اصل موضوعاتي مواد ئي آهي، جنهن جي ساڻس ڪا ياڳي پائيواري يا ڪو گڏيل مفاد نه آهي. پر هاڪاري دعويٰ آهي جيڪا سوچ تي نظرثاني ڪندي آهي، جنهن جا مثال مون باب ڇهين: "خواب جو عمل" جي حصي ستين: "بي معنيٰ خواب" ۾ ڏنا آهن.

پر هن ڏس ۾ آسان نڪتو هي آهي ته سمورا چيل جملا، جيڪي خوابن ۾ اچن ٿا، اهي تقريرون يا بيان خوابن ۾ پيهر خاص طور تي بنا قير ڪار جي يا ٿوري گهٽي ردوبدل جي اچن ٿا، جيڪي خواببده خيالن ۾ گڏ ٿيل مواد ۾ موجود هوندا آهن. ان قسم جي تقرير خوابي خيالن (تصور/ سوچن) ۾ شامل واقعي جي تصور کان وڌيڪ نه هوندي آهي، ان ڪري خواب جي معنيٰ ان کان صفا مختلف ٿي سگهي ٿي.

ان جي باوجود مان ان کي رد نه ٿو ڪري سگهان، ته خيالن جي تنقيدي سرگرمي، تصور ۽ سوچ ۾ موجود مواد جو فقط ورجاءُ نه آهي، پر خوابن جي جڙڻ ۾ هن جو به حصو آهي. اهو پوءِ واضع ٿيندو آهي ته خيالن جي اها سرگرمي "تصور ۽ سوچن" جي ذريعي پيدا نه ٿي آهي، پر خواب جي پنهنجي ان ذريعي منجهان آئي آهي جيڪا ڪن سوچن ۽ ادراڪ جي وسيلي وٽس اڳ ۾ مڪمل طرح موجود هئي (ڏسو هن باب جي حصي نائين جي ابتدا ۾).

عارضي طور تي پوءِ ائين چئي سگهجي ٿو ته خواببده سوچن جي وچ ۾ "منطقي لاڳاپا" خوابن ۾ ڪا الڳ نمائندگي نه ڪندا آهن. مثال طور جيڪڏهن خواب ۾ ڪو تضاد يا اختلاف ظاهر ٿئي ٿو ته يا ته اهو "برخلاف چوڻ" خواب جو پنهنجو عمل آهي يا اها مخالفت آهي يا وري خوابي خيالن جي ڪنهن موضوعاتي مواد مان هلي آئي آهي. خواب ۾ تضاد جو واسطو رڳو خوابي خيالن ۾ موجود وڏاءُ واري ۽ اڻ سڌي طريقي سان هوندو آهي، پر اهو ڪنهن فني تصوير جيان، بنا ڪنهن وضاحتي لڳل چٽڪي جي، بهرحال پنهنجي اظهار جو رستو ڳولهي ونڊندي آهي. آخرڪار انهن اکرن کي نقل ڪرڻ واري نيت سان نمائندگي ڪندي آهي، جنهن ۾ پسند، مصنوعي رويا، ڏپ، ڏڪا، دهمان، چتاءَ پڙ ممڪن مقصدن سان اڳيان ايندا آهن جنهن جي ڪري خواب! خوابي خيالن منجهان خواب جي ڪرداري وصف جي نمائندگيءَ جي طريقي ۾ مناسب قيرقار ذريعي منطقي لاڳاپن جي ميڙا چوندڙيءَ جو ڪجهہ حصو ڪٽندو آهي. تجربو اهو ٿو ٻڌائي ته ان ڏس ۾ مختلف خواب انيڪ تبديليون ڪندا رهيا آهن جڏهن ته ڪي خواب اهڙين تبديلن وارا هوندا آهن جيڪي پنهنجي مواد جي منطقي سلسلي متعلق نهايت بيپرواهہ ۽ غافل هوندا آهن ۽ پيا وري ممڪن ۽ مڪمل اشارن ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ائين ڪرڻ ۾ خواب ڪڏهن گهٽو ڏور هليا ويندا آهن ته ڪڏهن پنهنجي ڪم ڪرڻ جي سليقي سبب، مواد مان گهٽ ڦهلاءَ ڪندا آهن. خواب ڪڏهن ڪڏهن ئي پنهنجي خوابي خيالن جي تاريخوار يا سلسيوار هڪ جهڙائيءَ واري قيرقار ڪندو آهي، پر اهو به تڏهن جڏهن لاشعور ۾ ڪو اهڙو تسلسل قائم هجي، جيئن ارما جي سئيءَ واري خواب ۾ ڏيکاريو ويو آهي.

ته پوءِ آخر خواب جي ان عمل جو ڪهڙو مقصد آهي جو تصور يا سوچن جي ان تعلق کي تحويل ۾ وٺي ٿو جيڪي پيش ڪرڻ ۾ نهايت مشڪل ٿين ٿا؟

مان انهن کي هڪ هڪ ڪري ڳڻائڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو:

پهرين ته: خواب انهن ئي سوچن جي خزاني مان اخذ ڪندا آهن ۽ هڪ عام انداز سان ان جي وضاحت ڪندا آهن. ۽ تصور يا سوچ جي سمورن خانن ۾ غير تڪراري طور تي موجود سڄي مواد کي هڪ واقعي يا صورتحال ۾ گڏائيندا آهن. اهي ساڳئي وقت ۾ ظهور پذير ٿيندڙ واقعن جي ذريعي "منطقي لاڳاپن" کي پيهر پيش ڪندا آهن. ان جاءِ تي اهي ان مصور وارو ڪردار نباهيندا آهن، جنهن اٿينس جي اسڪول يا پارناسوس (Parnassus) جي تصوير ۾ سمورن فيلسوفن ۽ شاعرن کي هڪ ٽولي ۾ پيش ڪرڻ جي نمائندگي جو ثبوت ڏنو آهي. اهو سچ آهي ته اهي حقيقت ۾ ڪڏهن به هڪ هال ۾ يا هڪ واحد

پهاڙ جي چوٽيءَ تي گڏ نہ پئي ٿي سگهيا پر ان تصوير يا پهاڙ تي تڪيل بتن کي ڏسي هڪ نظرياتي ادراڪ جي ٽولي جي ٽيل تشڪيل جو احساس ضرور پيدا ٿئي ٿو.

خواب تفصيل کي ٻيهر پيش ڪرڻ جو طريقو به ان طرح اختيار ڪن ٿا. اهي اسان کي جڏهن ٻن جزن کي هڪ ٻئي جي ويجهو ڏيکارين ٿا تہ اها ضمانت آهي تہ ڪا خاص ويجهڙائيءَ وارو تعلق ضرور آهي، جيڪو تصور يا سوچن جي وچ ۾ ڳانڊيابي جو سبب آهي. ساڳيو ئي اسان جي لکڻ واري معاملي ۾ به آهي، جيئن "ab" وارا ٻہ حرف هڪ لفظ "اب" جيان اچاري سگهجن ٿا، پر جيڪڏهن انهن جي وچ ۾ وچوتي رکبي تہ اهي a ۽ b ٽيندا، ان جو مطلب ٿيو تہ a ڪنهن لفظ جو آخري حرف آهي ۽ b ڪنهن لفظ جو پهريون حرف آهي، سو ائين پڙ، خواب جي مواد جا منقطع ٽيل حصا، خوابن ۾ سينگار يا سجاوٽ کي هموار ٽيڙ جو موقعو نہ ڏيندا آهن، پر جيڪي حصا سوچن ۽ تصور سان ويجها ڳنڍيل هوندا آهن اهي اهو موقعو فراهم ڪندا آهن.[1]

خواب ۾ ڪارڻ بيان ڪندڙ تعلق (Causal relation) جي پيش ٽيڙ جا ٻہ طريقا آهن، جيڪي پنهنجي جوهر ۾ ساڳيا ئي هوندا آهن، مثال طور خوابي خيال ائين هلڻ لڳن ٿا: "جيئن ڪنهن وقت کان هن ريت هئا يا هُن ريت هئا، ۽ هِن ساڳئي قسم جا هئا يا هُن درجي جا هئا، تہ اهي هئڻ/ ٿي پوڻ لاءِ ٻڌل هوندا آهن." پوءِ نمائندگيءَ جو عام طريقو خواب کي تعارفي خوابي طريقي سان ڪنهن آڏاريل فقري يا دستاويز کان متعارف ڪرائيندي، ابتدا ڪندو آهي ۽ پوءِ ان ۾ اهم ترين شق يا فقرو، مرڪزي خواب جيان شامل ڪندو آهي. جيڪڏهن مان ان کي تشريح واري نموني ڪندس تہ دنيوي حالتن تائين محدود ڪيل سلسلو ابتڙ ٿي سگهي ٿو.

پر خواب جو تمام وڏو ۽ وسيع حصو سدائين ان اهم ۽ سربراهي شق يا فقري سان مطابقت رکندو آهي.

منهنجي هڪ مريض هڪ ڀيري اهڙن ئي سببن واري طريقي جي نمائندگي ڪندڙ خواب جو هڪ تمام سٺو واقعو ٻڌايو جنهن کي مان اڳتي باب ڇهين: "خواب جي عمل" جي حصي چوٽين: "خوابن ذريعي احساسن جي اپار"، ۾ پيش ڪندس، جيڪو مختصر ابتدائي عنصرن تي ٻڌل هو ۽ خواب جو نهايت ڏنڊلو حصو هو جنهن جي هڪ واحد موضوع تي مقرر ڪيل حد جو نشان ٽيل هو ٿي سگهي ٿو اهو "گلن جي ٻوليءَ" جو ڪو عنوان هجي.

اهو تعارفي خواب هن ريت هو:

"هوءَ بورچيخاني ۾ وئي، جتي هن جون ٻہ ٻانهيون موجود هيون، ۽ انهن ۾ ڪو نقص ڏٺائين جو اهي تيار ڪاڻي مان "هڪڙو گرهہ نہ پيون ڪائن." ساڳئي وقت هن بورچيخاني جي عام باسٽن جو وڏو تعداد پاڻي ۽ جي نيڪال واري جاءِ تي هيٺ مٿي ڪريل ۽ پيل ڏنو اهو گڏ وڇڙ ٽيل شين جي ڪنهن ٽنيي وانگر تي لڳو ٻئي ٻانهيون پاڻي پرڻ لاءِ ويون ۽ ڪنهن ندي جهڙي پاڻيءَ ۾ پير ٻوڙڻ لڳيون، جيڪو مٿي ڪن گهرن يا اڳڻ ۾ تي ويو. ۽ اڇن ڪپڙن واريون چوڪريون، گناهن بخشرائڻ لاءِ مسيحي جلوس ۾ وڃڻ لڳيون، تڏهن گهٽيون ساين ساين تارين سان سينگارجي ويون."

پوءِ مرڪزي خواب هن ريت شروع ٿيو:

"هوءَ مٽانهيءَ کان ڪنهن اٽڄاتل ڪائين جي ٺهيل لوڙهي تي لهڻ لڳي، ۽ هوءَ سرهي پئي ٿي تہ ان ۾ سندس ڪپڙا نہ ڦاٽا.... سندس هٿن ۾ تازن تڙيل گلن جي هڪ تاري هئي، ۽ اڇي لباس واريون چوڪريون."

تعارفي خواب، خواب ڏسندڙ جي مائٽاڻو گهر هو شڪ نہ آهي تہ هن اهي لفظ پنهنجي ماءُ کان ٻڌا هجن، جيڪي هن جي خواب ۾ ظاهر ٿيا آهن. ۽ عام گهريلو باسٽن جو ڊڳ به ان ساڳئي عمارت جي دڪان ۾ رکيل هو جيڪو سندس خواب ۾ نظر آيل تصوير ۾ ڳنڍيجي ويو هو.

---

[1] اها فرائيڊ جي پسنديده تشبيهہ آهي، جيڪا هن اڳ ۾ باب پنجين: "خوابن جو مواد ۽ ماخذ" جي حصي چوٽين: "مثالي يا خاص قسم جا خواب" ۾ ۽ ٻيهر "ڊورا" جي علاج واري معاملي ۾ آندي آهي. امڪان آهي تہ اها تشبيهہ هن "گوئٽي" جي شاعريءَ مان چونڊي آهي.

خواب جو ٻيو حصو سندس والد سان وابستا آهي، جيڪو سدائين پنهنجي نوڪرياڻين جي پويان ڊوڙندو وتندو هو ۽ آخرڪار آيل ٻوڏ دوران بيمار ٿي پيو هو. سندس گهر ندي ۽ جي ڪناري تي هو.

اهڙيءَ ريت خواب جي تعارفي خيال پويان لڪ هن ريت آهي:

"جيئن ته مان هن گهر ۾ جائي هئس، نهايت گندي ۽ ڏهني ڏٻاءُ وارين حالتن ۾...." ۽ مڪيه خواب، ساڳيو ئي خيال ڪٽي ان کي، "خواهش جي پورائي" جي ذريعي ٽوري ڦيرڦار ڪري پيش ڪيو: "مان گهٽي مٽانهين ۽ تي هئس." جنهن جو لڪل مقصد هي آهي ته "جيئن ته مان گهٽي هيٺانهين ۽ تي آهيان، ڇاڪاڻ ته منهنجي زندگي ئي اهڙي انداز جي هئي...."

خواب جي ٻن اڻ برابر حصن ۾ ورهاست، ثابتيءَ جي لاءِ نه آهي، پر جيتري قدر مون کي ٿو نظر اچي ته خيالن جي پويان "ڪارڻ ٻڌجندڙ تعلق" انهن ٻنهي حصن جي پويان ظاهر ٿئي ٿو. ۽ ائين به لڳي ٿو ته ساڳيو مواد ٻن مختلف خوابن جي نڪتي نظر جي نمائندگي ڪري ٿو. ائين بهرحال تڏهن ٿئي ٿو جڏهن خوابن جو سلسلو هڪ ئي رات ۾ تڙ پئجي وڃڻ يا جنسي ميلاپ جي پڄاڻيءَ تي پورو ٿئي ٿو ۽ اهڙي سلسلي ۾ طبعي ضرورت پنهنجو رستو اڳيان وڌندڙ/ ارتقا جي حامي اظهار ۽ احساس ذريعي ڳولهي وٺندو آهي،[1] يا ٿي سگهي ٿو ته به خواب، خوابي مواد جي الڳ مرڪزن تان ڦٽا هجن، ۽ انهن جو موضوع ڪنهن ٻئي حصي مٿان اچي ويو هجي، ان ڪري جو هڪڙي خواب جو اهو مرڪز ٻئي جي اشاري ڏيڻ سبب ابتڙ پيش ٿيو هجي! پر ڪجهه عدد خوابن ۾ ورهاست مختصر ۽ ابتدائي تعارفي خواب ذريعي ٿيندي آهي، ۽ جهڙيءَ ريت ڪا ادبي لکڻي، جيڪا پاڻ ۾ هونئن ته مڪمل هجي، پر ان جو ديباچو ان جي ڪهاڻيءَ کي وڌي چٽو ۽ وسيع ڪندڙ هجي، اهڙيءَ ريت ٻن حصن جي وچ ۾ ڪارڻ بيان ڪندڙ تعلق جي ثابتي شامل هوندي آهي.

ڪارڻ بيان ڪندڙ تعلق (Causal relation) جي پيش ٿيڻ جو ٻيو انداز هن ريت آهي، ته اهو گهٽ شدت وارو مواد ڪٽي، خواب ۾ هڪ ئي تصوير ۾ سمائجڻ جو اسلوب اختيار ڪندو آهي، ان ۾ پل ته ماڻهو هجي يا ڪا شيءِ شامل هجي، اهو ڪنهن ٻي شڪل ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. ڪارڻ بيان ڪندڙ تعلق جو وجود سنجيدگيءَ سان تڏهن ورتاءُ ڪندو آهي جڏهن اها تبديلي به اسان جي اڪين آڏو حقيقت ۾ ٿي چڪي هجي، پر ائين به نه ته اسان ان ڏانهن ڏيان ئي نه ڏنو هجي ته هڪ شيءِ ٻيءَ ۾ ڪيئن ٿي ظاهر ٿئي.

مون چيو ته ڪارڻ بيان ڪندڙ تعلق جي ويس ڌارڻ وارن ٻنهي طريقن جو جوهر ساڳيو ئي هوندو آهي. ٻنهي معاملن ۾ خوابي سلسلي جي هڪڙي واقعي ۾ ڪارڻ، عارضي يا محدود ڪيل ترتيب ۽ تسلسل جي ذريعي اظهار ڪندو آهي، ۽ ٻئي ۾ هڪ تصوير کي ٻيءَ ۾ سڌي سنئين تبديليءَ جي ذريعي ظاهر ڪندو آهي. اهڙن معاملن جو گهٽو تعداد، خاص طور اعتراف تي ٻڌل هوندو آهي. ڪارڻ بيان ڪندڙ تعلق پاڻ کا نمائندگيءَ نه ڪندو آهي، پر انهن جزن يا عنصرن جي مونجهاري ۾ غائب ٿي ويندو آهي، جيڪي خواب ڏسڻ دوران ظاهر ٿيندا آهن.

خوابن ۾ تبديلي آڻڻ جو عمل: "يا"..... "يا ته" (Eighter_Or) واري سوچ سان ڪڏهن به ۽ ڪنهن به حالت ۾ اظهار نه ڪري سگهندو آهي، اهي ٻئي متبادل سدائين خواب جي مواد ۾ هڪ خيال وانگر داخل هوندا آهن، ۽ اهي هڪ جيترو جواز رکندڙ هوندا آهن. "ارما" جي سئيءَ وارو خواب ان جو بهترين مثال آهي. هن جا اهي لڪل خيال نهايت چٽي نموني ڊوڙڻ لڳا هئا: "ارما جي سور جي شدت لاءِ مان ذميدار نه آهيان: ذميداري يا ته هن جي ضد تي آهي جو منهنجي حل کي قبول نه ٿي ڪري يا ناسازگار جنسي عمل واريون حالتون آهن جن ۾ هوءَ رهي ٿي، ۽ جن کي مان گهٽائي يا ڪاٽي نه ٿو سگهان، يا حقيقت اها آهي ته سندس سور! ڪنهن به ريت زناني جنسي بيماريءَ جا نه آهن، پر اهي عضوياتي قسم جا هئا."

---

[1] هي جملو 1914ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ان نڪتي متعلق وڌيڪ ڏسو باب ڇهون: "خواب جو عمل،" حصو ٽيون: "خوابن ۾ نمائندگيءَ جو مقصد." ۽ تفصيلي طور ٽيل بحث ڏسو: "خوابن ۾ علامتن ذريعي اظهار" جي "ڪجهه مثالي خواب" ۾، "ساڳئي رات ۾ خوابن جي اظهار" جي موضوع جو مواد پڻ ٽئين حصي ۾ آيل آهي.

ڇ خواب! ٻڌي پاسي. انهن سمورين ممڪن ڳالهين جو پورائو ڪيو هو جيڪي لڳيڄ گڏيل اڪيلائيءَ ۾ ٿيون هيون. ڇ مان ان چوٽين حل جي متعلق اهو چوندي ڪا هيڪ محسوس نہ ٿو ڪريان تہ اهي واقعي خوابي خواهش تي ٻڌل هئا ڇ ان ڪري مون تشريح جي حوالي سان "يا" ڇ "يا تہ" کي خوابي خيالن جي متن ۾ ڏنو آهي. پر خوابي خيالن ۾ جيڪو پيش ٿيندو آهي اهو متبادل نہ پر ان ۾ "هڪ" ڇ "ڇ" حرفن جو سادو جوڙ شامل هوندو آهي. "يا" ڇ "يا تہ" گهٽو ڪري ان خوابي عنصر کي بيان ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندو آهي، جنهن ۾ ابهام يا اڻ چٽائي هوندي آهي، ڇ ان طريقي سان حل ٿيڻ جي قابل ٿيندو آهي. اهڙن معاملن ۾ تشريح جوا صول اهو آهي تہ: "بہ واضع نعم البدل، جن ۾ هڪ جيترو جواز هجي ڇ انهن کي "هڪ" ڇ "ڇ" حرفن جي سادي جوڙ ذريعي پاڻ ۾ ڳنڍجي.

مثال طور هڪ پيري منهنجو دوست "فليس" اتليءَ ۾ ترسيو! مون کي ساڻس اهم گفتگو ڪرڻي هئي پر هن سان ملڻ لاءِ گهٽن ڏينهن تائين مون کي سندس ڏس ڪو نہ ٿي مليو. "پوءِ خواب ۾ مون کي هڪ ٽيليگرام ملي، جنهن ۾ هن جو ڏس لکيل هو. مون ڏنو تہ اهو ٽيليگراف فارم جي هلڪي نيري پني تي ڇپيل هو جنهن جو پهريون اڌ اڻ چٽو هو ڇ ان جي ٻڌي اکر جو آواز اتليءَ جي ڪنهن ماڻهوءَ جي نالي جو پڻي نڪتو جنهن مون کي ياد پئي ڏياريو تہ مون کي پنهنجي دوست سان لفظن جي ڇيد ڪرڻ واري علم (Etymology) بابت گفتگو ڪرڻي هئي. گڏوگڏ منهنجو اهو خفو ڇ ڪاوڙ بہ ظاهر پئي ٿيو تہ هن ڪيترن ڏينهن کان پنهنجي ڏس پتي کي مون کان ڇو لڪايو هو." ٻڌي پاسي: تشريح جي سلسلي ۾ ان پهرين اڌ چٽي اکر جا ٿي متبادل سامهون آيا، جيڪي خيالن جي ڪڙين جي ابتدائي نڪتي کي سمجهڻ لاءِ انفرادي ڇ هڪ جيترا معقول هئا.

منهنجي والد جي لاڏاڻي کان هڪ رات اڳ خواب ۾: مون هڪ ڇپيل نوٽيس ڏٺو ڪو بئنر هو يا پوسٽر! پر اهو اهڙن ڏيان ڏيارينڊڙ نوٽيسن جهڙو هو جيڪي ريلوي استيشن جي انتظار واري ڪمري ۾ سگريٽ ڇڪڻ جي منع لاءِ لڳل هوندا آهن. جنهن تي يا تہ ائين لکيل هو:

"توهان کي درخواست ٿي ڪجي تہ پنهنجون اکيون بند ڪريو!"

يا لکيل هو: "توهان کي درخواست ٿي ڪجي تہ هڪ اک بند ڪريو."[1]

جڏهن ان خواب جي تشريح ڪبي تہ اهي ٻئي موقف پنهنجي جاءِ تي پنهنجي انفرادي معنيٰ رکندڙ ڇ مختلف ڏسائن ۾ رهبري ڪندي نظر ايندا. مون نهايت سادين رسمن سان ڪفن دفن جو بندوبست ڪيو. ڇاڪاڻ تہ مون جاتو ٿي تہ منهنجو پيءُ پاڻ گهٽين ڇ وڌين رسمن جو قائل نہ هو. پر خاندان جي ٻين پاتين جو مسيحي ڪٽرپڻي سبب ان سادگيءَ سان اختلاف هو ڇ ڪفن دفن جي رسمن ۾ شامل ٻين ماڻهن اڳيان، بيعزتي محسوس ٿي ڪيائون.

ان ڪري هڪڙو موقف هي آهي تہ: "توهان کي درخواست ٿي ڪجي تہ پنهنجي هڪ اک بند ڪريو." يعني "ميڇ ڏيڻ" يا "لنوائي ڇڏڻ."

ان ريت "يا" ڇ "يا تہ" جي ذريعي اڻ چٽي "اظهار" جي معنيٰ کي آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو. خواب جو عمل، خوابي خيالن لاءِ مڪمل صورت ۾ لفظن بيان ڪرڻ جو ڪم نہ ڪري سگهندو آهي، جيڪي ساڳئي وقت مبهم ڇ اڻ چٽا هوندا آهن. ڇ خيال جون بہ مکيہ ستون، نتيجي طور خود خوابن جي مسودي کي پڌرو ڪرڻ لاءِ مختلف رخن ۾ وڃڻ شروع ڪنديون آهن.

ڪڏهن ڪڏهن خواب جي ڪم کي متبادل جي اظهار ۾ مشڪل بہ پيش ايندي آهي، تڏهن هو ان کي بن هڪ جيترن حصن ۾ ورهائيندو آهي.

---

[1] فرائيڊ هي خواب "فليس ڏانهن خط" (نومبر 1896) ۾ لکيو هو جيڪو پوءِ 1950 ۾ فرائيڊ جي خطن ۾ (پنجاهون خط) شامل آهي.

خواب جنهن طريقي سان غير موافق ۽ اختلافي سطح سان لهه وچڙ ۾ ايندو آهي تہ اها هن جي انتهائي اعليٰ ڪارڪردگي هوندي آهي. اهو ڏاڍي سادي انداز سان رڳو انڪار (No) ڪندو آهي، يعني خواب چوندو آهي توهان في الحال باهر نہ اچو. اهي حصا غير موافق خيالن کي هڪ وحدت ۾ ڳنڍڻ لاءِ هڪ خاص اهميت ڏيڪارينداآهن يا وري انهن جي هڪ هجڻ جو ويس ڏارينداآهن. جڏهن اهي هڪڙا ۽ ساڳيا هجن.

خواب پاڻ کي آزاد پائيندا آهن، ۽ گڏوگڏ هن جي مرضيءَ کانسواءِ کو به جزو اظهار نہ ڪندو آهي. ان ڪري اتي موافقت جو اهڙو ڪو رستو نہ آهي جو پهرين نظر ۾ ئي فيصلو ڪري وڃي، پلي تہ خوابي خيالن ۾ ڪو غير موافق جزو موجود چو نہ هجي! ۽ پلي تہ اهو مثبت هجي يا منفي.[1]

مٿي آندل خوابن مان هڪڙي شق جي تشريح تہ اسان اڳي ئي ڪري آيا آهيون تہ هن خواب ۾ ڏٺو تہ: "هوءَ مٽانهين ءَ کان ڪنهن اٽڄاتل ڪائين جي ٿهيل لوڙهي تي لهڻ لڳي. سندس هٿن ۾ تازن تڙيل گلن جي هڪ ٽاري هئي...." ۽ سندس ان خواب جو تصور! فرشتي جهڙي معصوم عورت سان ملي ٿو جنهن جي هٿن ۾ گلدستو آهي، جيڪا ان وقت جي يادگار آهي، جڏهن الله سائين ءَ جي فرشتي ٻيبي مريم کي حضرت عيسيٰ عليهه السلام جي جنم جي خوشخبري ڏيندي مريم جا گل آڇيا هئا. جڏهن تہ خواب ڏسندڙ عورت جو سندو نالو به "مريم" هو.

"۽ اچن ڪپڙن واريون چوڪريون، گناهن بخشرائڻ لاءِ مسيحي جلوس ۾ وڃڻ لڳيون، تڏهن گهٽيون ساڻ ساڻ تارين سان سينگارجي ويون."

ان ۾ ٿورو به شڪ نہ آهي تہ خواب ۾ "تاريءَ" جو نظر اچڻ جنسي رجحان کي سادگيءَ سان ظاهر ڪرڻ جي علامت آهي، ۽ اها تاري، ڳاڙهن گلن سان جهنجهيل به هئي ۽ هر هڪ جڙ سدا بهار هو. گلن جي تازگي به مرجهائجي ويل يعني سندس جهڪي ٿي ويل جنسي رجحان جي نشاندهي ٿي ڪري ۽ بنا مبالغي اهو تصور "ماهواريءَ" ڏانهن وڃي ٿو. ان فرشتي جهڙي معصوم عورت جي هٿن ۾ ان ساڳي تاريءَ ۾ سوسن جا گل آهن، ان جو سبب اهو به آهي تہ روايت مطابق سوسن جي گلن ۾ واڌ ويجهه جي سگهه هوندي آهي.

تڙيل گلن جي اهڙين تارين متعلق "گوئٽي" پنهنجي هڪ شعر (Der Madchens) ۾ معصوم جنسي رجحان ۽ ان جي غير موافق احساس جي تشريح ڪئي آهي، ۽ ساڳئي خواب! سندس گذرندڙ حياتيءَ ۾ ڪاميابي ۽ خوشيءَ کي اظهاريو آهي. اهو سندس ئي خيالن جي وهڪري جي ڪجهه نڪتن جو التو ڏيڪ آهي، جن سندس بالڪپڻي وارن مختلف شيطاني خيالن جي خلاف جنسي سنائيءَ جو احساس پيدا ڪري ڏيڪاريو آهي.

خواب جي تشريح جي حوالي سان ڏسبو تہ سندس خيال جي بن وهڪرن ۾ واضع فرق نظر ايندو جن مان هڪڙو تہ ڪيس سڪٽو دلاسو ڏيندڙ آهي ۽ ٻيو ندامت محسوس ڪرائيندڙ خيال آهي، ۽ اهي ٻئي هڪ ٻئي ۾ فطري طور اختلاف رکندڙ خيال آهي، جيڪي خواب جي پيشڪش ۾ برخلاف يا غير موافق جزن جي هڪ جهڙائيءَ واري نمائندگيءَ ذريعي پيش ٿيندا آهن.

---

[1] هي حاشيو 1911ع ۾ شامل ڪيو ويو هو: مان "ڪي ايبل (K.Abel) جو هڪڙو مضمون: مقدم اڪرن جي معنيٰ جو تضاد" (Antithetical Meaning of Primal Words_ 1884) پڙهي حيرت ۾ پٽجي ويو هوس. ان تي مون 1910ع ۾ ٽاري تبصرو به لکيو هو ۽ لسانيات جي هڪ ٻئي ماهر جي ذريعي حقيقتن جي تصديق به ڪئي هئي. تہ تمام آڳاتيون هوليون به بلڪل خوابن ۾ پيش ٿيندڙ هولين جي طريقي سان ورتائيون هيون. پهرين سٽ ۾ واقعي يا مثال پيش ڪرڻ وقت انهن وٽ پنهنجي سرگرمين يا خصلتن جي سلسلي انتهائي ۽ آخري حد تائين، هن غير موافق ڳالهين کي بيان ڪرڻ لاءِ رڳو هڪڙي لفظ جو "ضد" استعمال ٿيندو هو جهڙوڪ: بهادر- ڪمزور، پوڙهو- جوان، ويجهو- پري، ٻڌڻ- چوڻ. اهي ثانوي عمل جي طور تي، عام لفظن ۾ جدت پيدا ڪندي هن اختلافي معاملن لاءِ نهايت نيارن ۽ واضع اصطلاحن جي جوڙجڪ ڪندا هئا. "ايبل" ان تسر جي سمجهاڻي خاص طور قديم مصر جي اهجاڻن ذريعي ڏني آهي، پر هن اهو به ڏيڪاريو آهي تہ سامي ۽ جرمني زبانن جي ادب ۽ ثقافت ۾ ساڳين اهجاڻن کي چتو ڪرڻ جو انداز ٿورو منفرد آهي.

خواب جي جڙڻ واري جوڙجڪ يا ترتيب جي ذريعي، انهن منطقي لاڳاپن جو رڳو هڪڙو ئي جزو تمام گهڻو مددگار هوندو آهي، جنهن کي اسان: "هڪ جهڙائيءَ جو لاڳاپو" هم آهنگي، ويجهي حالت يا صحيح جي ويجهو" سڏي سگهون ٿا ۽ ان کي "بلڪل ائين" وارو تعلق به چئي سگهون ٿا. اهو تعلق ڪنهن ٻئي کي پسند نه ڪندو آهي، ۽ ان لاڳاپي ۾ ئي اهو گڻ هوندو آهي جو اهو پائنت پائنٽ جي رستن ۽ طريقن سان خواب ۾ پيش ڪري سگهندو آهي.

برابريءَ جي بنيادن تي يا مثال ۽ حوالو ڏئي پيش ڪرڻ لاءِ: "بلڪل ائين" هڪ اڻ ڇڄندڙ خاصيت جيان خوابي خيالن ۾ موجود هوندو آهي، جيڪو خواب جي جڙڻ لاءِ پهريون بنيادي ڏانچو ترتيب ڏيندو آهي، ۽ خواب جي ڪم جو ڪو به غير مناسب يا ناموافق حصو انهن تازن هڪ جهڙائيءَ وارن واقعن کي اڳيان آڻي ۽ انهن کي شامل نه ڪري سگهندو آهي، جيڪي موجود ته هوندو آهي پر اهي، مزاحمت يا مخالفت جي ذريعي مڙهيل چنڊچاڻ واري پابنديءَ سبب خواب ۾ پنهنجو رستو نه ڳولهي سگهندا آهن. هڪ جهڙائين واري لاڳاپي جو اظهار خواب جي ڪم جي رغبت جي ذريعي، گهٽائڻ يا اختصار ڪرڻ ۾ مدد ڪندو آهي.

هڪ جهڙائي (Similarity) ۽ هم آهنگي (Consonance)، ڪنهن شيءِ يا معاملي کي جوڙڻ يا واسطي ظاهر ڪرڻ جي وابستگيءَ سان گڏيل هوندا آهن، ۽ خواب ۾ اهي رلمل ٽيل صورت ۾ ظاهر ٿيندا آهن. اهي يا ته خوابي خيالن جي مواد ۾ اڳ ۾ ئي موجود هوندا آهن يا ٿي سگهي ٿو ته انهن جي ويجهڙائيءَ ۾ اڏاوت ٿي هجي. اهي سمورا امڪان ٿي سگهي ٿو پهرين "مماثلت/ نشاندهيءَ" جي ۽ پوءِ "جوڙجڪ/ ترتيب" جي ذريعي بيان ڪيل هجن. مماثلت/ نشاندهي" اتي استعمال ٿيندي آهي جتي ماڻهوءَ جو تعلق يا واسطو هوندو آهي ۽ ترتيب يا جوڙجڪ وري هڪ جهڙائيءَ وارين شين يا ٻئي مواد جي ذريعي ٿيندي آهي. ان جي باوجود ترتيب يا جوڙجڪ سدائين ماڻهن سان لاڳو ٿيندي آهي ۽ خود جايون يا نظارا به ماڻهوءَ جي صورت ۾ بيان ٿيندا آهن.

"مماثلت/ نشاندهيءَ" ۾ عام خوبين جي حوالي سان لاڳاپيل ماڻهن مان رڳو هڪڙو ئي خواب جي مسودي کي پڌرو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندو آهي، جڏهن ته ٻيا يا باقي بچيل ماڻهو ان ۾ دبيل ۽ لڪل نظر ايندا ايندا آهن. ۽ خواب ۾ اها اڪيلي نظر ايندڙ تصوير انهن سمورن لاڳاپن/ رشتن ۽ واقعن ۾، يا ته سندن ذات لاڳاپيل هوندي آهي يا وري انهن تصويرن ذريعي پاڻ کي واضع ڪندو آهي. ان ترتيبي جوڙجڪ ۾ جتي اها ماڻهن جي وسعت ۾ واڌارو آڻي ٿي، ته ساڳئي وقت تي خوابي تصوير انهن مشتمل تصويرن ذريعي، خاص ان ماڻهوءَ سان يا ان سان تعلق رکندڙ ماڻهن سان واسطو رکندي آهي. ۽ اهي ٻيا پاڻ ۾ گهٽا گهرا گهاتا دوست نه هوندا آهن، ان ڪري انهن تصويرن مان نڪرندڙ راهه هڪ مرڪب تصوير جي شڪل ۾ هڪ نئين اتحاد کي اظهارينديون آهن. ان مرڪب تصوير جو اصل عمل هڪ جاءِ تان ٻي جاءِ تي ڪٽي ويڙهڻ لاءِ مختلف رستا اختيار ڪري سگهي ٿو.

هڪ پاسي خوابي تصوير! ٿي سگهي ٿو ته ان ماڻهوءَ سان واسطو رکندڙ شخص مان ڪنهن هڪ جي نالي جو سهارو ونڊي. اهڙي معاملي ۾ اسان پنهنجي جاڳ واري معلومات ذريعي مشابهت رکندڙ ڪي آسانيءَ سان سجاڻي سگهون ٿا، ته هي يا هو ماڻهو ڪو مخصوص نموني جو ڪم ڪندڙ آهي. پل ته ان جا نظر ايندڙ نقش، ڪنهن ٻئي شخص سان ملندا هجن.

يا وري ٻئي پاسي، خوابي تصوير جي جوڙجڪ جا تصويري عنصر، حقيقي طور ٽورو/ اٽپورو هڪ شخص سان ته ٽورو/ اٽپورو ڪنهن ٻئي سان واسطو رکندڙ هجن. يا وري ٿي سگهي ٿو ته خوابي تصوير ۾ ڪنهن ٻئي شخص جو شامل حصو ٽيڪ ڏيندو هجي، پنهنجي نظر ايندڙ مهانڊي ذريعي نه پر جسم جي ڪنهن حصي جي حرڪت يا ڪنهن ارادي کان آگاهه ڪندڙ ان عمل جو ادراڪ ڏيندو هجي، جيڪو اسان ساڻس منسوب ڪري سگهون، مثال طور ڪو لفظ جيڪو اسان جي وچ ۾ گفتگو جو سبب بڻيو هجي، يا ڪو واقعو جنهن ۾ اسان کيس جائيتو ڪري سگهون.

ان آخري صورت ۾ "مرڪب تصوير جي جوڙجڪ" ۽ ان جي حصن جي شناخت جي وچ وارو تفاوت پنهنجي نج هٿ ڪي وڃائڻ شروع ڪندو آهي، پر گهٽو ڪري ائين به ٿيندو آهي ته ان قسم جي مرڪب تصوير جي جوڙجڪ ڪامياب نه ٿيندي آهي، جيڪڏهن ڪامياب ٿي وڃي ته خواب ۾ نظر ايندڙ منظر واسطيدار ماڻهن مان ڪنهن هڪ سان منسوب ٿي ويندو آهي، جيتوڻيڪ ٻيا (سدائين اهم ترين) تيماردار واري صورت ۾ پر بنا ڪنهن ٻئي ڪم جي ظاهر ٿيندا آهن.

خواب ڏسندڙ هن مثال ذريعي به بيان ڪري سگهي ٿو:

"منهنجي والده ايجان اتي هئي." (اسٽيڪل)

خواب جي مسودي ۾ ان قسم جو عنصر "عزم يا پڪي ارادي" سان پيٽي سگهجي ٿو جيڪو هيرو غليفي (Hieroglyphic) لپيءَ يعني نه سمجهه ۾ ايندڙ قديم تصويري علامتون جيڪي مصر وار استعمال ڪندا هئا، جنهن جو مقصد "اچارڻ" نه هوندو هو پر محض بين نشانين جي وضاحت ڪرڻ هوندو هو.

"عام عنصر" جيڪو هن ماڻهن جي امتزاج سان منصفاڻي انداز سان جواز پيدا ڪري ٿو يا تائيدي ثبوت جو ڪارڻ بڻجي ٿو ٿي سگهي ٿو ته اهو خواب ۾ پيش ٿيندو هجي، يا ٿي سگهي ٿو ان مان نڪري ويندو هجي، جيئن اصول آهي ته گهڻ رخي شخص جي سچاڻپ يا ان جي شخصي تعمير ڪنهن خاص مقصد جي ڪري زندگيءَ جي عام عنصرن کي اظهارڻ کان لنوائيندي آهي، مثال طور: "الف نالي شخص کي مون سان ڪا دشمني آهي، ۽ ائين بي نالي شخص جو به مون الائي ڇا بگاڙيو آهي." ان حوالي سان مان خواب ۾ هڪ مرڪب تصوير ٿو جوڙيان، يا مان تصور ٿو ڪريان ته الف شخص ڪنهن ٻئي قسم جو ورتاءُ ٿو ڪري، ۽ اهو ورتاءُ وري بي نالي شخص جي ڪردار ۾ موجود آهي، ته اهڙي صورت ۾ خواب هڪ نئين قسم جي لاڳاپي جو اظهار ڪندو، ۽ الف ۽ بي سان لاڳاپيل حقيقت يا حالتون اهڙي انداز سان پيش ڪندو جيڪي مون لاءِ پورو جواز رکندڙ هونديون، يعني انهن ۾ اهڙا عام عنصر شامل ڪندو جيڪي انهن ٻنهي ۾ هڪ جهڙا هجن، جهڙوڪ: مون سان دشمنيءَ وارو رويو. ان طريقي سان خواب جي مسودي ۾ اختصار جي، غير معمولي ڪاريگريءَ سان پيش ٿيڻ جو امڪان موجود رهندو آهي.

جڏهن خواب ۾ ٻن ماڻهن جي وچ ۾ هڪ جهڙو عنصر پيش ٿيندو آهي ته اهو هڪ ٻئي / اضافي پاسي ڏسڻ جو اشارو هوندو آهي، جنهن کي هڪ جهڙي مخفي عنصر سان، چنڊچاڻ جي ذريعي پيش ڪرڻ ممڪن نه هوندو آهي. حقيقت اها آهي ته خواب ۾ اڻ ڏرين ۽ هڪ جهڙن عنصرن سان نظر ايندڙ مرڪب تصوير! نتيجي اخذ ڪرڻ ۾ اسان جي رهنمائي ڪري ٿي ته مخفي گڏيل / هڪ جهڙي، مخفي عنصر کان علاوه ڪو ٻيو عنصر به خوابي خيالن ۾ موجود آهي.

ان ريت، شناخت يا مرڪب تصوير جي جوڙجڪ خوابن ۾ گهڻن مقصدن کي سرانجام ڏيڻ جو فرض ادا ڪندي آهي، جن مان پهرين ته اهو عنصر پيش ڪندي آهي جيڪو هن ماڻهن ۾ هڪ جهڙو هوندو آهي، ٻيو رهجي يا وڃائجي ويل هڪ جهڙو عنصر ظاهر ڪندي آهي، ۽ ٽيون فقط هڪ جهڙي خواهش وارو عام عنصر جو اظهار ڪندي آهي. ائين ٿيندو آهي ته هڪ جهڙين خواهشن رکندڙ هن ماڻهن جا ورتاءَ هڪ ٻئي سان ملندڙ جلندڙ هوندا آهن، ۽ ائين اهي هڪ ڪان ٻئي تائين منتقل به ٿي ويندا آهن. جيئن مون "ارما جي انجيڪشن" واري معاملي کي هڪ ٻي مريضا عورت ڏانهن منتقل ڪيو ۽ خواب منهنجي خيال کي ان ڏانهن لاڙي ڇڏيو جنهن کي مان "ارما" ٿي پائيو. منهنجي چاچي واري خواب جي متعلق به خواب جو مرڪزي نڪتو ان قسم جي "ڏيوٽ" ئي هيو. مون پاڻ کي وزارت واري عهدي ذريعي پئي سچاتو ۽ پنهنجي ساٿيءَ سان انصاف وارو ورتاءُ پئي ڪيو.

منهنجو تجربو اهو ٿو ٻڌائي ته هر ڪو خواب خواب ڏسندڙ سان ئي واسطو ٿو رکي، خواب مڪمل طور تي خود غرض ٿيندا آهن. منهنجو پنهنجو آپو (Ego) به ڪڏهن ڪڏهن خواب جي متن ۾ نظر نه ايندو آهي، پر رڳو ڪجهه ٻاهرين يا بنهه اڻ لاڳاپيل ماڻهن کي ڏسندو آهيان ته آساني سان تسليم ڪري وٺندو آهيان ته ان شخص جي مماثلت ذريعي منهنجو پنهنجو مطلبي پاڻ پڻو (Ego) مخفي انداز سان ڪاربند آهي، اهڙيءَ ريت مان پنهنجو آپو خواب جي متن ۾ شامل ڪري سگهندو

آهيان. پين موقعن تي منهنجو آپو جڏهن خواب ۾ ظاهر ٿيندو آهي، ۽ جنهن صورتحال ۾ ظاهر ٿيندو آهي تہ لڳندو آهي تہ اهو مون کي سمجهائي ٿو تہ منهنجي آپي جي پويان، مماثلت ذريعي، اهو ئي "مخفي طور ٽيڪ ڏيندڙ" ماڻهو آهي. اهڙي معاملي ۾ خواب مون کي آگاهہ ڪندو آهي تہ جڏهن مان خواب جي تشريح ڪريان تہ مان ان کي پاڻ ڏانهن منتقل ڪريان. جيڪو گڏيل/ هڪ جهڙو مخفي عنصر ان ۾ئي ماڻهوءَ سان منسلڪ آهي. ڪجهہ اهڙا خواب به آهن جن ۾ منهنجي آپي جا عنصر پين ماڻهن سان گڏ ظاهر ٿيندا آهن. پوءِ جڏهن مماثلت جو حل ڪيندو آهيان تہ وري ٻيهر منهنجي آپي جيان پڏرا ٿيڻ لڳندا آهن. تڏهن انهن هڪ جهڙائين جي ڪري مون کي پنهنجي انهن خيالن جي سلسلي ۾ آپي ڏانهن رجوع ڪرڻ ۾ مدد ملندي آهي. جيڪي چنڊچاڙ واري عمل جي ڪري قبوليت کان وانجهجي ويل هوندا آهن. رلي گم ٿي ويو آهن. اهڙيءَ ريت خوابن ۾ منهنجو آپو ڪيترائي پيرا وڌاءَ واري صورت ۾: ڪڏهن سڏو سنئون تہ ڪڏهن اڻ لاڳاپيل ماڻهن جي تمثيل ۾ ظاهر ٿيندو رهيو آهي. اهڙيءَ ريت خيالن جي تمام گهٽي غير معمولي مواد منجهان، گهٽائي چڏڻ واروعمل ممڪن ٿو لڳي.[1]

اها حقيقت آهي تہ خواب ڏسندڙ جو پنهنجو "آپو" خواب ۾ ڪيترائي پيرا ۽ ڪيترن ئي شڪلين ۾ نظر ايندو آهي، جنهن جي بنياد ۾ اسان جي شعوري خيالن، مختلف هنڌن يا ڳانڍاپن کانسواءِ پي ڪا غير معمولي ڳ ہ نہ هوندي آهي. ان جو مثال ائين آهي، جيئن مان چوان تہ: "مان ننڍي هوندي ڪيڏو نہ تندرست هوندو هوس.

ڪنهن ٻئي شخص يا گروهہ جي احساس يا اوصاف کي پاڻ سان منسوب ڪرڻ واري مماثلت، جي حوالي سان ڪن خاص علائقن جا نالا، ماڻهن جي نالن جي معاملي ۾ وڌيڪ آسانيءَ سان حل ٿي ويندا آهن، ۽ انهن ۾ آپي ذريعي ڪا مداخلت ڪا نہ ٿيندي آهي، جيڪي خوابن ۾ نمايان جاين يا علائقن واري والار ڪندا آهن. منهنجي پنهنجي خواب ۾ (ڏسو: باب پنجين: خوابن جو مواد ۽ ماخذ: ب-و حصو ٻيو: خوابن جي بنياد ۾ ٻالڪپڻي جو مواد) مون جنهن شهر ۾ پاڻ کي ڏٺو ان کي "روم" ٿي سڏيو ويو پر گهٽيءَ ۾ جرمني زبان ۾ عوام جي آگاهيءَ لاءِ لڳل ڪيترن ئي اشتهارن کي ڏسي حيران ٿي ويو هوس. ان پوئين نڪتي منهنجي ان خواهش کي ظاهر ڪيو هو جنهن مون کي هڪدم پئراگ جي ياد ڏياري چڏي هئي، اهو جرمن قوم پرستن واري دور جو احساس هو جتي مان پنهنجي جواني گذاري آيو هوس. جيڪو هڪ انقلاب جيان گذري ويو هو.

جامع تخليقي جوڙجڪ جو امڪان سڀ کان اڳ ۾ ڪرداري خاصيتن تي ٻيهر هوندو آهي. جيڪو گهڙو ڪري خوابن کي عارضي طور تي وڏي عاليشان صورت ۾ اظهاربندو آهي ۽ جنهن لاءِ ان ۾ خوابن جي عنصرن جو اهو مواد متعارف ڪرائيندو آهي، جيڪو حقيقي ادراڪ جي نفي نہ ڪري سگهندو آهي. خوابن ۾ مرڪب يا جامع تصويرن جي جوڙجڪ جو نفسياتي عمل تڏهن ساڳيو ۽ بلڪل چٽو هوندو آهي جڏهن اسان تصور ڪندا آهيون يا جاڳ واري حالت ۾ يوناني ڏندڪٿائي بلا (جنهن جو مٿيون ڏڙ ماڻهوءَ جو هينيون ڏڙ گهوڙي جهڙو ٿو ٿئي، Centaur) يا وات مان باهہ جا الا ڪيندڙ اژدها (Dragon) جي تصوير ڪشي ڪندا آهيون. فرق رڳو اهو ٿو ٿئي تہ اسان پنهنجي جاڳ واري حالت ۾ تصوراتي پيداوار کي ڪهڙو رخ ٿا ڏيون ۽ ان جو ڪهڙو تاثر ٿا محسوس ڪريون. جيڪو يقينن هڪ نئين جوڙجڪ جو بنياد فراهم ڪري ٿو. پر جڏهن تہ خواب ۾ مرڪب جوڙجڪ انهن جزن جي ذريعي تعين ڪندي آهي، جيڪي اصل صورت سان بنهہ اڻ لاڳاپيل هوندا آهن، جن کي اسان خوابي خيالن جا عام جزا يا عنصر سڏيندا آهيون. خوابن ۾ مرڪب تصويرن واري جوڙجڪ تمام گهڻن ۽ پانت پانت جي وسيلن سان جڙندي آهي.

---

[1] مان جڏهن خواب ۾ نظر ايندڙ تصوير تي شڪ ٻو آهيان، جنهن جي پويان منهنجو آپو مون ڏانهن نهاريندو آهي تہ مون کي مٿين اصول جو مشاهدو ٿيندو آهي تہ نظر ايندڙ شخص، جيڪو مون کي خارج ٿيڻ (Emission) جو احساس ڏياري ٿو، ان جو تجربو مان ننڍ ۾ پر پنهنجي سر ڪري رهيو آهيان، جنهن کي منهنجي آپي ڇڄهو ڪري رکيو آهي.

انهن عملي طريقن جون گهڻيون ٻي اثر ڳالهيون، رڳو معلومات سان واسطو رکندڙ هڪڙي شيءِ جي خوبي بيان ڪنديون آهن، جيڪي پڙهڻ ٻڌڻ سان وابستا هونديون آهن. انهن ٻنهي خيالن جي جزن کي گهڻي محنت طلب طرز سان هڪ نئين تصوير ۾ ملائيندي آهي، ۽ ان عمل ۾ ڪنهن به مماثلت کي نهايت ذهانت سان استعمال ڪندي آهي. ايتري قدر جو اهي خيال واقعي ڪنهن نه ڪنهن سان وابستا هوندا آهن. اها نئين جوڙجڪ ٿي سگهي ٿو ته نهايت بيڪار ۽ بيهودي نظر ايندي هجي، يا اسان کي پنهنجي اڪابريءَ جي تصوراتي ڪاميابي محسوس ڪرائيندي هجي.

جيڪڏهن ماڻهو يا شيون، هڪ وحدت ۽ اختصار ۾ تبديل ٿي ويا آهن ته اهي پڙهڻ خواب جي ڪم ۾ ناموافق/ هم آهنگيءَ يا تال ميل جي ٺهڪاءَ کان وانجهيل ۽ غير موزون آهن. خواب جو ڪم گهڙو مواد تي منحصر ٿئي ٿو هو عصبي مرڪز جي غلطي نه ڪرڻ جوڳي تقابلي تجزيي سان، ۽ ڪيترين ئي نندڙين ۽ انوکين خاصيتن ۽ مهاندن کي ساڻ ڪري، مرڪب ۽ جامع تصوير تخليق ڪري ٿو. ان حوالي سان ٿي سگهي ٿو ته رلمل ٿيڻ جو عمل هڪ واحد تصوير ۾ ڪاميابي ماڻي نه سگهندو هجي، پر ٻن صورتن ۾ ويس ڏارڻ ۽ عڪسن جو هڪ ٻئي مٿان ظاهر ٿيڻ ۽ "ٻن منظرن" جي وچ ۾ مواد جي فطري تقاضا لاءِ ڪجهه پيش ڪرڻ جو عمل جاري رهي ٿو. جن منجهان هڪ ته مماثلت رکندڙ عڪس ان خاڪي ۾ اچي سگهي ٿو جيڪڏهن ڪو شخص ان جي تشريح جي ذريعي رستو ڳولهي وڃي، جنهن ۾ عام نظريو انفرادي ادراڪ وارن ڪيترن ئي منظرن منجهان جڙندو آهي ته ڪيس ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويندي.

خواب! يقينن انهن مرڪب جوڙجڪ جو ڊير آهي، جنهن جا ڪيترا ئي مثال مون اڳ ۾ ئي ڏنا آهن، جن مان هڪ ۾ مريض جي زندگي "گلن جي زبان" ۾ هئي، هن جي خوابي آپي سندس هٿن ۾ سايون سايون تاريون ڏٺيون، جن کي اسان ڏٺو ته انهيءَ ٻن ڳالهين کي واضع ٿي ڪيو يعني هن جي معصوميت ۽ شيطاني جنسي رحجان. تارين جي تازگي، خواب ڏسندڙ جي پنهنجي تازگيءَ جي ياد ڏيارينڊڙ هئي، جيڪا منجهس موهيندڙ احساس جي واڌ هئي. ان مرڪب جوڙجڪ جي جزن ۾ هڪ جهڙيون نشانيون خوابي خيالن ذريعي ظاهر ٿيون هيون. تازيون نڙندڙ تاريون، سندس تصور يا خيالن کي ساراهڻ، ڪاميابيءَ ۽ ڪوشش جي حوالي سان جڙيون هيون.

منهنجي هڪ ٻي مريضه پنهنجي خوابن منجهان هڪ ۾ هڪ شيءِ پيدا ڪئي هئي، جا شهر جي ٻاهران ويجهڙائيءَ ۾ سمنڊ جي پاسي ٽهيل غسل خاني ۽ گهر واري ڇڇهري (Attic) جي وچ ۾ هئي. پهرين ٻن عنصرن، "اگهاڙي ٿيڻ ۽ ڪپڙن لاهڻ" جو پاڻ ۾ هڪجهڙو لاڳاپو آهي، ۽ ان جي ٻئين عنصر سان مماثلت سندس ننڊپڙ دوران "اگهاڙي ٿيڻ" جي مجموعي تاثر سان وابستا آهي.

هڪ ٻي مرد ٻن جاين جي حوالي سان هڪ مرڪب علائقو خواب ۾ ڏٺو جتي "علاج" ٿيندو هو انهن مان هڪ ته منهنجي معائني جو ڪمرو هو ۽ ٻي تفريحي جاءِ هئي، جتي پهريون پيرو ان عورت سان ملاقات ٿي هئي، جنهن اڳتي هلي سندس زال جي حيثيت حاصل ڪئي.

هڪ چوڪريءَ کي پنهنجي وڏي ياءُ ميڇيءَ جي آنيءَ جو آچار (Caviare) کارائڻ جي دعوت ڏيڻ جو وعدو ڪيو ان رات هن خواب ۾ ڏٺو ته سندس ساڻئي ياءُ جون ٽنگون ميڇيءَ جي ڪاري رنگ جي آنيءَ جي داڻن سان لڦيل آهن. اخلاقي سوچ مطابق اهو سندس جذبي يا خيال جو ڦهلاءُ هو ۽ پنهنجي ننڊپڙ دوران ٻيبا ڪيءَ سان ڳالهائڻ واري يادگيريءَ جو چوالو هو جنهن سندس ٽنگن تي ڳاڙهن داغن جي بجاءِ ڪاري رنگ جا ڏيڪاريا، ۽ ميڇيءَ جي آنيءَ جي داڻن سان ملائي هڪ نئون خيال پيدا ڪيو جنهن خيال کي اسان ائين چئي سگهون ٿا ته: "هن کي پنهنجي ياءُ کان ڇا حاصل ٿيڻو هو."

ان خواب ۾ يا ٻين خوابن ۾ نظر ايندڙ جسم جا عضوا يا حصا: ماڻهن يا شين جي "عمل" يا "جذبن" جو ڏيان ڇڪائيندڙ ورتاءَ جي حوالي سان نظر ايندا آهن. فيرينزيءَ (Ferenczi-1910) جي پيش ڪيل هڪ خواب ۾ مرڪب تصوير ڊاڪٽر ۽ گهوڙي تي ٽهيل آهي، جنهن ۾ پڙهڻ ڊاڪٽر کي رات جو سمهڻ واري قميص پهريل آهي. انهن ٽنهي پاڻ ۾ هڪ جهڙويا گڏيل عنصر هڪ مريضه جي تجزيي ڪانپوءِ ان وقت ظاهر ٿيو هو جڏهن هن اهو ٻڌايو هو ته رات جو سمهڻ واري قميص جو

تصور نندپڻ دوران سندس والد سان وابستا هو. انهن ٻنهي معاملن ۾ سندس جنسي تجسس جو سوال موجود آهي. جڏهن هوءَ نندي هئي تہ سندس سنياليندڙ خاتون کيس فوجين جي گهوڙن جي ڪڙهہ ڏيکاريو وئي هئي، جتي کيس گهٽي تعداد ۾ گهوڙن کي ڏسڻ جو موقعو مليو هو ۽ جن کي ڏسي هوءَ ڏاڍو خوش ٿي هئي ۽ ان وقت جي سرهائي سندس معلومہ ڪرڻ يا ڇاڻڻ واري دلچسپي، سوچ کي روڪيندڙ ذهني عمل ذريعي تجسس ۾ تبديل ٿي وئي هئي

مان مٿي دعويٰ ڪري آيو آهيان تہ خوابن کي "اختلاف جي وابستگيءَ سان" سروڪار نہ هوندو آهي. ۽ فطري ترتيب جي اختلاف سان يا وري بلڪل "نہ" واري ضد سان هوندو آهي. ۽ هاڻي مان ان دعويٰ جي سلسلي ۾ ٻهرين تردید اها ڪرڻ ٿو چاهيان تہ: انهن معاملن يا واقعن جي مخصوص هڪ جهڙائي، جيڪا ٿي سگهي ٿو تہ "سدائين مزاحمت ڪندڙ" احساس جي عنوان تي مشتمل هجي يا سادي نموني شناخت ذريعي اظهاريل هجي، اهڙا ڪيترا ئي واقعا آهن جن ۾ خيالن جي مٽاسٽا ٿيندي آهي يا ٿي سگهي ٿو تہ ان تضاد سان لاڳاپيل ڪوبہ متبادل اپري اچي.

خوابي خيالن ۾ معاملن يا واقعن جي فطري ترتيب جي خلاف ٻي مخصوص هڪ جهڙائي ان درجي ٻندي ذريعي ايندي آهي، جيڪا ٿي سگهي ٿو تہ برعڪس، ابتڙ يا برخلاف (Contrariwise) هجي، يا وري بلڪل رد ڪرڻ يا ڪنهن ٻئي رخ ۾ وڃڻ جيان خواب ۾ پنهنجو رستو ڳولهي ورتو هجي، ائين جيئن عام طور تي اسان جي مذاق ڪرڻ جو انداز هوندو آهي.

بلڪل رد ڪرڻ يا ڪوبہ رخ پاڻ ئي خواب جي مواد ۾ بيان ٿيل نہ هوندو آهي، پر ان مواد جي ذريعي کٽندو آهي، جنهن جي، ڪنهن نہ ڪنهن حصي ۾ موجودگي پڌري هوندي آهي، جيڪو ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري، ڪنهن پوئين خيال جي پسگردائيءَ ۾ اڳي ئي جڙيل يا وجود ۾ آيل هوندو آهي، ۽ ٻيو رخ اختيار ڪري ويندو آهي.

"مٿي ۽ هيٺ" وارن دلچسپ خوابن ۾، مٿي چڙهڻ وارا خواب، خوابي خيالن منجهان ساڳئي نموني جهڙي ٻي شيءِ ناهي ان جي ابتڙ هجڻ جي نمائندگي ڪندا آهن. اها ڳالهہ "ڊائوڊيٽ" جي "سٽفو" جي تعارفي منظر ۾ آيل آهي تہ: "خواب ۾ ٻهرين مٿي چڙهڻ مشڪل هيو، پر پوءِ آسان ٿي ويو." جڏهن تہ "ڊائوڊيٽ" جي منظر نگاريءَ ۾ ٻهرين مٿي چڙهڻ آسان هو، پر پوءِ جيئن پوءِ تيئن مشڪل ٿيندو ٿي ويو.

"گهٽو مٿي"، ۽ "گهٽو هيٺ" واري خواب ۾ خواب ڏسندڙ جو پنهنجي پاءُ وارو رشتو! ان ٻئي رخ ۾ مڙي وڃڻ جي نمائندگي ڪري ٿو. اهو ٻئي رخ ۾ وڃڻ جي موجودگي ۽ ترتيب جي ابتڙ وارو مواد، خوابي خيالن ۾ موجود هن حصن جي وچ ڪي ظاهر ڪري ٿو ۽ اسان کي اهو خواب ڏسندڙ جي نندپڻ جي تصور ۾ نظر اچي ٿو ۽ جيڪو سندس ٽيج ڏارائيندڙ دائيءَ جي حوالي سان آيل آهي، ۽ جيڪو ناول ۾ آيل واقعي جي ابتڙ آهي، جڏهن تہ ان ۾ نائڪ پنهنجي مالڪياڻيءَ کي ڪنيو آهي. ساڳيءَ ريت منهنجي خواب ۾ بہ اهو حملو هو جيئن گونٿي ان نوجوان تي حملو ڪيو ۽ جيئن منهنجي دوست "فليس" تي ڪنهن اڻڄاتل شخص تحريري حملو ڪيو هو. خيال، جيڪو خوابي خيالن ۾ ڦري تکاري ٿي وڃي ٿو، اهو ان خيال جي تردید آهي جنهن کي گونٿي جڙ ڪنهن ديواني يا سودائيءَ لاءِ استعمال ڪيو آهي.

"رڳو پوئتي موٽايم" خواب چيو (موجود پر هڪدم نظر نہ ايندڙ معني)، پر الائي تہ چو توکي پنهنجو ڪتاب سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي، اهو تون آهين! (او تنقيدنگار) تون تہ ذهني طور تي تہ ڪونہ ٻل شخص آهين، ڪوليڪ تہ ناهين!"

گڏوگڏ مان اهو بہ سوچيان ٿو تہ اهي سمورا خواب جيڪي ڳالهين، معاملن ۽ واقعن کي ڪنهن ٻئي پاسي ڦيرائي يا موڙي ٿا ڇڏين، اصل ۾ ان ماڻهوءَ جي پسمنظر ۾ خيالن جو اهڙو حقارت جهڙو عمل يا دليل موجود هوندو آهي جنهن جو اولڙو ڦيرائي گهيرائي خواب جي تصوير ڪشي ڪندو آهي.[1] جيئن "سٽفو" جي خواب ۾ خواب ڏسندڙ جو پنهنجي پاءُ واري رشتي

---

[1] جرمن ۾ "پويان موٽائڻ ۽ پوئين طرف" کي: غلط پاسي مڙي وڃڻ (Kehrscite) ٿا سڏين. جيڪو انگريزيءَ ۾ بيهودي قسر جي اصطلاح سان سلهاڙيل آهي: مٽين پاسي يعني: جانور جي چُٽڻ کان مٿي، ۽ هيلين پاسي يعني غلط پاسي ڏي وڃڻ.

جي پاسي مڙي يا ڦري وڃڻ آهي. بهرحال اهڙين ڳالهين جو مشاهدو ڪرڻ غير معمولي ڳالهه آهي. ته ڪيئن نه هم جنس پرستيءَ (Homosexuality) جي من اچل ڳجهي طريقي سان خوابن ۾ پيش ٿئي ٿي.

اتفاق سان پنهنجي سامهون واري ڪنهن شيءِ کي پوئتي موڪلائي يا ڦيرائي پيش ڪرڻ. خواب جي ڪم جي ذريعي نهايت فائديمند ۽ مددگار هوندو آهي. ان ڪري ڪو به شخص پنهنجي ڪمن ڪارين ۾ ايندڙ موڙ کي سمجهڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي ٿو ۽ اهو موڙ ٿي خوابي خيالن ۾ پلجندڙ خواهشن واري ڪنهن تاثر جي حوالي سان. ان جي پورائي لاءِ اولين خدمت سرانجام ڏئي ٿو. ان طريقي سان خود آپي (Ego) جي ردعمل کي. پنهنجي يادگيرين جي اختلافي. ان وٽندڙ ۽ اٽڪورن حصن لاءِ اظهار جو رستو ملي ٿو ۽ اهو پوئتي موڪلائڻ يا ڦيرائڻ جو عمل ئي ان مواد جي چنڊچاڻ جي استعمال ۾ خاص طور تي مددگار ثابت ٿئي ٿو جيڪي تمام گهڻي تعداد ۾ بگڙيل ۽ بي ترتيب صورت ۾ پيش ٿيڻ لاءِ آتو هوندو آهي. ان حوالي سان هي ان کي مثبت انداز سان معذور ڪرڻ جي سگهه رکندو آهي. ته جيئن خواب سمجهه ۾ اچي سگهي.

ان حوالي سان جيڪڏهن خواب ضد وچان ان جي معنيٰ ڳولهڻ کان انڪار ڪندو آهي ته اهو خواب جي مسودي کي پڌرو ڪندڙ مخصوص پاڻ کي ڦيرائڻ جي ۽ اثر کي ڏسڻ لاءِ سدائين ڪارائتو ڪم ڪندو آهي. جنهن ڪانپوءِ سموري صورتحال هڪدم صاف ٿي ويندي آهي.

اصل موضوع واري مواد کي ڦيرائڻ کان علاوه. تاريخوار ڦيرائڻ يا موڪلائڻ کي ڪڏهن به نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي. اها خواب جي بگڙجي ويل معاملي کي سلجهائڻ جي نهايت عام قسم جي ترڪيب آهي جو پيش ڪرڻ لاءِ ان کي هموار ڪري. واقعي يا خيالن جي وهڪري جي نتيجي کي خواب جي شروع ۾ ئي لاپائتو نچوڙ پيش ڪري ۽ ان کي ان جاءِ تي رکي. جتي نچوڙ جو بنياد هجي. يا انهن ڪارڻن تائين رسي. جيڪي ان واقعي جي اڳواٽي يا رهنمائي ڪندڙ آهن. هيجان. بي چيني. عضوياتي بگاڙ نفسياتي حالت. چريائپ. بي قابو جذبي يا احساس. زناني جنسي بيماري (Hysteria) جي حملي جي صورت ۾ به ان جي معنيٰ کي مشاهدي ڪندڙن کان ڳجهو رکڻ لاءِ تاريخوار انداز سان ڦيرائڻ يا موڪلائڻ جو استعمال ٿيندو آهي. مثال طور زناني بيماريءَ ۾ مبتلا ڇوڪري. پنهنجي پهرين حملي ۾ ڪجهه رومانوي فطرت جي شين کي چاهيندي آهي. اهڙي قسم جو پيار جيڪو سندس لاشعور جي تصور ۾ ويڙل هوندو آهي: "جيئن پهرين پيري سبربن ريلوي اسٽيشن تي ڪنهن شخص ساٿس پيار جي ڪاروائي ڪئي هئي. ڪيس تصور اچي ٿو ته ان شخص ڪيئن نه ببياڪيءَ سان سندس پيرن جي تعريف ڪندي دل گهيري ورتي هئي. ۽ جڏهن هن کي ڪتاب پڙهي پڙهيو ته ڪيتري نه وٽندڙ آواز سان ڪيس مخاطب ڪيو هو ۽ پوءِ ڪيئن هوءَ ان جي پيار ۾ ڪڙجي وئي هئي ۽ پيار جي پينگهه تي لڏي هئي." هن جي ان بيماريءَ جو حملو سندس ان پيار واري منظر سان شروع ٿيندو جيڪو سندس جسم کي آخري مرحلي لاءِ اوچتي جهٽڪي سان ڇڪي وٺندو سندس چپ ائين چرڻ لڳندا جيئن ڪنهن کي مٺيون ڏيندي هجي. ۽ سندس ٻانهن جي چرپر مان لڳندو ته جڙ پيار منجهان ڪنهن کي پاڪر پريندي هجي. پوءِ هوءَ تڪڙو تڪڙو ٻئي ڪمري ۾ هلي ويندي. اچي ڪرسيءَ تي ويهندي. پنهنجي هينئن ڏڙ تي پيل ڪپڙي کي مٿي ڪندي ته جيئن کيس پنهنجا پير ڏيکاري. ٻهانو ٻڌائي ڪتاب کڻي ويهي پڙهندي. ۽ مون سان ڳالهائڻ لڳندي" اهو هو هن جو جواب جيڪو هن مون کي ڏنو هو. اُن حوالي سان "آرٽميڊورس" (Artemidorrus) چيو هو ته: "خوابن ۾ نظر آيل تصوراتي تصويرن جي تشريح ڪرڻ لاءِ يقينن ان جي ابتدا کان پڇاڻيءَ تائين پيرا ڪٽڻ گهرجن. پر ڪڏهن ڪڏهن پڇاڻيءَ کان ابتدا تائين به تشريحي پوئواري ڪرڻ گهرجي: [ڪتاب پهريون. حصو يارهون. ترجمو: ڪرائوس 1881ع ص: 20].

چند ٻين واقعن ۾ سچ پچ ته رڳو اهڙي حالت ۾ خواب جي مطلب تائين پهچڻ ممڪن ٿيندو آهي. جڏهن هو پنهنجي زندگيءَ جي ٻين ۽ مختلف واسطن متعلق مواد مهيا ڪندو آهي. مثال طور: وهم گمان وارن خيالن جي غلبي وارو هڪ اعصابي مريض. جنهن جي هڪ خواب جي پويان نندي هوندي کان "مرڻ جي خواهش" واري يادگيري لڪل هئي. جيڪا سڏي سنئين پنهنجي پيءُ لاءِ هئي. جنهن کان هو سدائين خائف رهندو هو.

هتي سندس خواب کي پيش ڪريان ٿو:

"گهر ديرسان اچڻ تي سندس پيءُ کيس ڏيڻات ڪيو."

عبارت: جنهن منجهان خواب ظاهر ٿيو ان ۾ نفسياتي تجزيي وارو علاج هو پر خواب ڏسندڙ جي حقيقي تعلق منجهان ظاهر ۾ سندس چوڻ جي انداز مان معلوم ٿي ٿيو ته هو پنهنجي پيءُ سان اصل ۾ ان ڳالهه تي ڪاوڙيل هو ته سندس پيءُ سدائين گهٽو سوير گهر ايندو هو (يعني جلد ئي)، ان حوالي سان هو سوچيندو هو ته جيڪر سندس پيءُ گهر ئي نه اچي ته بهترا ۾ اها ساڻئي ڳالهه آهي جيڪا سندس پيءُ جي مرڻ جي خواهش کي ظاهر ڪري ٿي.

هو جڏهن ننڍو وهار هو ته سندس پيءُ جي وقتي غيرحاضري ٿيندي هئي ته هو ته پاڻ کي مجرم سمجهڻ لڳندو هو ۾ ان شرمندگيءَ وچان کنهن سان جنسي اڳرائي جو ارتڪاب ڪري ونڊو هو ۾ پوءِ پنهنجي لاءِ پاڻ ئي سزا مقرر ڪندي خود ڪلامي ڪندو هو ته: ترس پٽ، پيءُ کي موٽڻ ڏي، اچي ته ڏس تنهنجي ڪيئن ٿو خبر وٺي."

اسان جيڪڏهن خواب جي مواد ۾ خوابي خيالن جي وچ واري تعلق جي مطالعي ڏانهن راغب ٿيندا سين ته اسان کي خبر پوندي ته خواب پڻ اسان کي، اسان جي ڏورانهين سوچن ۾ غور طلب ڳالهين جا نڪتا ۾ منصوبا ٻڌائڻ ۾ مدد ڪن ٿا ته ڪهڙا فرضي ڪردار ۾ انهن جون خوبيون، ڪهڙي طريقي سان پيش ڪن ٿا، ۾ انهن جي پويان لڪل خيالن جي نشاندهي ڪهڙيءَ ريت ڪن ٿا.

اسان گهٽو ڪري هڪڙي تاثر کي بيان ڪندا آهيون، جنهن جو ڏيان ڇڪائيندڙ ردعمل، مبهم يا منتشر طريقي سان، ۾ هڪ آرماڙ پيڙي جيان، جيڪو هڪ ڪمان هيٺ ڪيترائي جنگي ساموندي جهازن، ٽرڪن وغيره جو هڪڙي ضابطي هيٺ مجموعي وانگر خواب ۾ ڦڙتيءَ سان ظاهر ٿيندو آهي، جڏهن ته اسان ۾ حسوس ڪندا آهيو ته جيڪي خوابي منظر وڏيڪ واضع هوندا آهن، اهي ئي سمجهڻ ۾ غور ڪرڻ لائق هوندا آهن، ۾ ائين به ناهي ته خواب جا عنصر جيڪي ننڊ دوران حقيقي تاثر (تنتي سرشتي جي ايار) منجهان حاصل ڪيل هوندا آهن ته اهي چٽي ۾ زندگيءَ سان پرپور يادگيرين مان اپري، بين عنصرن جي ذريعي فرق ڪرڻ يا ورهائي پيش ڪرڻ جو طريقو اختيار ڪندا آهن ۾ نتيجي آڻيندڙ حقيقي حالت جو ڪو به عنصر خوابي منظرن جي شدت کي اهميت نه ڏيندو آهي.

ان کان سواءِ ائين به ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن خواب جي خاص منظرن جي حسي شدت (زندگيءَ سان پرپور ۾ چٽي)، خوابي خيالن جي نفسي/ جنسي شدت جي پاڻ سان ڳنڍيل هجي، جيڪا انهن سان لهه وچڙ ۾ ايندي هجي. بعد ۾ نفسي/ جنسي شدت، نفسي/ جنسي مقدار سان مطابقت رکندي هجي: يعني گهٽي توانائيءَ يا سگهه وارا پاڻ پڻ اهم هجن. (اهي جيڪي، خوابي خيالن جي مرڪزي نڪتي مان ايندا آهن). اسان جاڻون ٿا ۾ اهو سچ به آهي ته اهي هوبهو اهڙا ئي پاڻ هوندا آهن جيڪي چنڊچاڻ جي حوالي سان، پر ڪنهن اصول تحت خواب جي متن ۾ پنهنجو رستو نه ٺاهيندا آهن. پر اهو اندازو به خوابن جي تقابلي مطالعي ذريعي مايوس ڪندڙ ثابت ٿي سگهي ٿو ۾ اهو به ان مواد جي مطالعي جي حوالي سان، جيڪو جتان هلي اچي ٿو. چاڪاڻ ته اهو به ڏٽو ويو آهي ته هڪڙي حصي جي عنصرن جي شدت جو ٻئي حصي جي شدت سان تعلق نه هوندو آهي: حقيقت اها آهي ته اها مڪمل طور تي هڪ نئين قاعدي مطابق، سمورن نفسي/ذهني ۾ جسماني خاصيتن جي تبديل شده قيمت (Transvaluation) آهي، جيڪا خوابي خيالن ۾ خواب جي وچ ۾ پنهنجي جاءِ والاري ٿي. سڏو سنئون ورتل يا اخذ ڪيل جيڪا به شيءِ خوابي خيالن ۾ متيرو ۾ نمايان جاءِ والاري ٿي اها پڻ خواب جي انهن چند عارضي عنصرن ۾ هوبهو انداز ۾ دريافت ڪري سگهجي ٿي، جن کي ڪجهه وڏيڪ سگهارن منظرن جي ذريعي گهٽو ڪري پنهنجي پاڇي ۾ ڏيکي ڇڏيندي آهي، ۾ تمام گهٽي شدت، خواب جي انهن عنصرن جي ذريعي ظاهر ٿيندي آهي، جن جي جوڙجڪ تي چنڊچاڻ ۾ غور ويچار جو وڏو وقت صرف ٿي چڪو هوندو آهي. اسان ان کي ائين قبول ڪري سگهون ٿا ته اهو آخرڪار تعين ڪيل واقعي يا شيءِ جو ممڪن نچوڙ (خواهش جي پورائيءَ سان وابستا) هڪ واحد ترڪيب يا جوڙجڪ ذريعي واضع ڪري سگهي ٿو.

مان خواب جي گهٽي يا گهٽ شدت جي سببن يا مخصوص عنصرن جي چٽائي متعلق جنهن مسئلي کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهيان تہ: اهو ڪنهن اهڙي مسئلي سان وچڙيل نہ آهي، جيڪو خوابن جي سموري مختلف چٽائيءَ يا خوابن جي حصن سان سلهاڙيل هجي، گذريل وقت جي معاملي ۾ "چٽائي"، مبهم ۽ غير يقيني انداز سان ظاهر ٿيندي آهي، پر تازن يا ويجهڙائيءَ ۾ پيش آيل معاملن ۾ اها مونجهاري ذريعي اظهار ڪندي آهي. ان جي باوجود ان ۾ شڪ نہ ٿو ڪري سگهجي تہ خاصيتن جو وڏڻ ۽ گهٽجڻ ۾، متوازن اصولن تي هلندو آهي.

الف ياگي وارو خواب اسان کي آساني سان سمجهہ ۾ ايندڙ لڳندو آهي، جيڪو سدائين جذباتي شدت ۾ آخر تائين تاڻيل عنصرن تي مشتمل هوندو آهي، جڏهن تہ ٻئي پاسي گهٽ شدت وارن عنصرن تي مشتمل هوندو آهي.

چند معاملن ۾ اسان کي حيرت ۾ ٽيندي آهي تہ خواب ذريعي ملندڙ چٽائيءَ جي منتشر تاثر جو خواب جي سٽاءَ سان ڪو تعلق نہ هوندو آهي، پر اهي بهرحال خوابي خيالن مان ايري ايندا آهن ۽ ان جو ڏانچو جوڙيندا آهن. اهڙو منهنجو به هڪڙو خواب هو جنهن مون کي جاڳڻ کان پوءِ جهنجهوڙي ڇڏيو. واقعي نهايت بي عيب ۽ نهايت چٽي ۽ خاص انداز سان جڙيل هو. مان ٿورو جاڳيل ۽ ٿورو گهيرتن ۾ هوس تہ مون سوچيو تہ خوابن جي هڪ نئين ترتيب يا درجي بندي ڪريان، جيڪا چندچاڻ يا اختصار ڪرڻ جي موضوع کانسواءِ هجي ۽ جنهن جو نالو رکان: "ننڍ دوران تصور." پوءِ مون ان تي وڌيڪ ڪوجنا ڪئي تہ اهو ثابت ٿيو تہ خوابن دوران اهڙي نادر هجڻ واري حالت، ساڳين اوٽائين ۽ خالن (Gaps) کي ٻين جيان ئي جوڙجڪ جو حصو ٻڌائيندي آهي، ان جي ڪري مون "ننڍ دوران تصور" متعلق درجي بندي ڪرڻ جو خيال لاهي ڇڏيو.

مون تشريح بابت ڪم ڪندي هڪ پيرو ان مريض جي خواب متعلق به سوچيو هو جيڪو پهرين تہ هن مون کي ٻڌائڻ نہ ٿي چاهيو 'چاڪاڻ تہ اهو نهايت منتشر، گندو ۽ ڏهني مونجهارن وارو هو.'

گهٽي ڏيگهہ ڪرڻ ۽ مٿس زوربار وجهڻ کانپوءِ به هن اهو ڪو نہ ٿي مڃيو تہ هوءَ پنهنجي ان خواب تي يقين رکي ٿي. بهرحال هن ٻڌايو تہ: "سندس خواب ۾ تمام گهٽا ماڻهو ٿا نظر اچن، ان ۾ هوءَ پاڻ، سندس مڙس ۽ پيءُ به موجود هوندا آهن. پر هن کي سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو تہ الائي اهو مڙس سندس پيءُ هو يا..... اهو سندس پيءُ ئي هو..... ۽ اها ڳالهہ کيس سمجهہ ۾ ڪا نہ ٿي آئي."

مان جڏهن ان جي تشريح ڪرڻ ويٺس تہ پهرين اهو خواب سندس واسطيدارن سان ملڻ جلڻ تائين محدود ٿي لڳو جيڪو بنا شڪ جي هڪ ملازم چوڪريءَ جي ڪهاڻيءَ سان لاڳاپيل هو ۽ سندس پيٽ ۾ ٻار به هو پر هن کي پورو يقين نہ هو تہ 'سندس (ٻار جو) اصل پيءُ ڪير آهي؟'

هن خواب جي ذريعي پڻ "چٽائي نہ هجڻ" جو اظهار ان مواد جو حصو آهي، جنهن خواب کي چوريو يا پڙڪايو آهي، ۽ ان مواد جو حصو ئي خواب جي صورت ۾ پيش ٿيو هو: اها يا تہ خواب جي جوڙجڪ آهي يا ان ڳالهہ جو گهاڙيٽو آهي جنهن ڳالهہ تي خواب ڏسندڙ عورت سدائين حيران پريشان رهندي هئي، انهيءَ معاملي کي خواب لڪائي پيش ڪيو هو.

هڪ شخص خواب ٻڌايو تہ هڪ نڪتي تي: 'خواب صفا ڏوڀجي ويو.' هي سندس ننڍپڻ دوران ٻڌل جملو هو جيڪو ڪنهن هن ريت چيو هو: 'اسان جا سڀ خواب ڏوڀجي ويا.'

هڪ نوجوان هڪ چٽو خواب ڏٺو جنهن ۾ ڪيس ننڍپڻ جي يادن جا اهي سڀ تصور نظر آيا، جيڪي هن سالن کان سانڍي رکيا هئا. هن ڏٺو تہ: "اها اونهاري جي هڪ شام هئي ۽ هو هڪ مقامي هوٽل ۾ آيو هو ۽ هن کان پنهنجي ڪمري جو نمبر وسري ويو هو ۽ پل ۾ هڪ اهڙي ڪمري ۾ گهڙي ويو جتي هڪ وڏڙي عمر جي عورت ۽ ان جون ٻه ڏيئرون پنهنجا ڪپڙا بدلائي رهيون هيون، شايد اهي سمهڻ ٻڌي ويون. پوءِ هو اتان هليو ويو."

"هن خواب ۾ ڪجهہ خال آهن، ڪجهہ رهيل آهي."

"اتي هڪ ماڻهو موجود هو جنهن مون کي ڪيڻ جي ڪوشش ٻڌي ڪئي، ۽ مان ساڻس جهيڙڻ لڳس." هن چيو.

اصل ۾ هن پنهنجي نئڊپٽ واري دلي مراد ۽ طبيعت جي لاڙي واري تصور کي ياد ڪرڻ جي ٻلهي ڪوشش پئي ڪئي. ۽ خواب ان کي اشاري ڪنايي سان چٽو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هن خواب ۾ جيڪو مبهم حصو آهي، اهو هن جي طبيعت جي سچائيءَ کي لڪائي رهيو آهي. هن جي خواب جي حوالي سان سندس زندگيءَ جو "خال" (Gap) اهو هو جيڪو هن ٻن عورتن کي ڪپڙا بدلائيندي ۽ سمهڻ لاءِ بستري تي ويندي ڏٺو. اصل ۾ هن جي ذهن جي ڪنڌ ۾ اها ڳالهه لڪل هئي، جو نئڊي هوندي عورتن جي هيئين ڏڙ جي اوگهڙ کي ڏسڻ جو رحجان منجهس تمام گهڻو هوندو هو.

هڪ ٻئي خواب ڏسندڙ شخص جي مشابهت رکندڙ يادگيري هن ريت هئي ته: "مان فرولين سان گڏ واڪ گارٽن ريسٽورانٽ ۾ ويس..... (ان وچ ۾ ڪنهن اڻ چٽي ڳالهه رخنو وڌو) پوءِ مون پاڻ کي هڪ فحاشيءَ جي اڈي (Brothel) ۾ ڏٺو جتي مون ٻه يا ٽي عورتون ڏٺيون، جن مان هڪڙي پنهنجي سنهي جزلي ۽ ڪيچي ۾ هئي."

تجزيو: فرولين سندس پهرين صاحب جي ڏيءَ هئي، بقول هن جي ته اها سندس پيٽ جهڙي هئي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن ساٽس ملڻ ۽ ڳالهائڻ جو موقعو ملندو هو پر هڪ پيري گفتگو دوران کي اهڙيون ڳالهيون ٻه نڪتيون جن مان لڳو ٿي ته اسان ٻئي ڇٽا پنهنجي جنسي معاملن کان واقف آهيون، پوءِ هڪ پيري مون کيس چيو ته: "مان مرد آهيان ۽ تون عورت آهين." اهو ٻه هڪ پيري جڏهن ريسٽورانٽ ۾ سندس پيٽويي جي پيٽ سان ويٺي پئي ڳالهايو. ان چوڪريءَ سندس گفتگو منجهان کو خاص مطلب نه ڪڍيو. ٻئي پيري ان ٽي ريسٽورانٽ ۾ اتڪل ٽن چئن عورتن سان جڏهن گڏ ويو هو. انهن عورتن ۾ هڪ سندس پيٽ هئي، هڪ سالي ۽ سندس پيٽويي جي پيٽ ٻه شامل هئي، جنهن جو هن ذڪر ٽي ڪيو. اهي سيئي هن کان ٻيبرواهه هيون، پر اهي ٽئي عورتون سندس پينرن جيان ٽي هيون.

چتيءَ چماهيءَ هو فحاشيءَ جي اڈي تي ٻه ويندو هو. شايد ٻه يا ٽي پيرا.

سندس خواب جو تجزيو ان جي "وچ واري رخني تي" ٻڌل آهي ۽ اهو ساڳيو معاملو آهي ته هو ٻه چوڪراٽي عمر دوران منجهس ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي پيٽ جي اوگهڙ ڏسڻ جو تجسس هوندو هو. جيڪا ڪائنس نئڊي هئي. ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ سندس شعوري يادگيري خواب جي پردي تي تري آئي هئي.

انهن سيني خوابن جو مواد، جيڪو ساڳئي رات دوران ظاهر ٿئي ٿو اهو ان سموري ساڳئي مواد جي حصيءَ واري شڪل ۾ ظاهر ٿئي ٿو: انهن جي پيش ٿيڻ جي حقيقت اها آهي ته اهي ڪيترن ئي ياڏن ۽ بابن ۾ ورهائجي ويندا آهن، جن جو ڪيتروئي تعداد خوابي خيالن جي لڪل مواد ۾ جوش اپارينڊ معلومات جو حصو ٻڌجي ويندا آهن. خوابن جي تشريح جي سلسلي ۾ اهي ڪيترن ئي مڪيه حصن تي ٻڌل هوندا آهن، يا عام طور تي ساڳئي رات دوران نظر ايندڙ خوابن لاءِ اهو امڪان رد نه ٿو ڪري سگهجي ته علحده يا ساڳئي جاءِ والا ريندڙان قسم جي خوابن جو مطلب به ساڳيو ئي هوندو آهي. البت ٽي سگهي ٿو ته ساڳئي جذبي يا خيال ۽ مختلف مواد ۽ تاثر ذريعي پيش ٿيندا هجن. جيڪڏهن ائين هوندو ته پهرين اهي هم نسبتي خواب گهٽو ڪري بگڙيل / مبهم ۽ ڊپ ۾ ويڙهيل نظر ايندا آهن، جهڙيءَ ريت ڪاميابي ماڻيندڙ خيال، گهٽو ڪري اعتماد وارا ۽ نيارا هوندا آهن.

بائيبل ۾ ڪيڪ جي سنگن ۽ ڏهرين ڏڳين متعلق فرعون جا خواب، جنهن جي تشريح حضرت يوسف عليه السلام ڪئي هئي، اهي به ان قسم جا خواب هئا. يهودين جي قديم تاريخي ٻئي ڪتاب جي پنجين حصي ۾ حضرت يوسف عليه السلام جي تفصيلي تشريح ڏنل آهي جيڪا پوءِ اها بائيبل ۾ آندي وئي. پنهنجو پهريون خواب بيان ڪندي بادشاهه چيو ته: "جڏهن مون خواب ۾ اهو منظر ڏٺو ته ننڊ مان جاڳي پيس، ۽ مونجهاري ۾ پئجي ويس ۽ سوچڻ لڳس ته هي مون ڪهڙي قسم جو منظر ڏٺو آهي، اهو سوچي سمهڻ جي پيهر ڪوشش ڪرڻ لڳس، ۽ وري مون هڪ ٻيو خواب ڏٺو. اڳوٽي کان وڌيڪ وٽندڙ..... ۽ ان مون کي ڏيجاري ۽ پريشان ڪري ڇڏيو."

بادشاهه جا خواب ٻڌڻ کانپوءِ حضرت يوسف عليه السلام وراڻيو ته: "اهو خواب، بادشاهه سلامت! جيتوڻيڪ انهن خوابن جو ستاءِ جوڙجڪ جي ٻن طريقن تي مشتمل آهي پر اهي ٻئي هڪ جهڙي واقعي جي نشاندهي ڪن ٿا." (ترجمو ونسٽن 1874ع حصو پهريون صفحو 127).

جونگ (Jung, 1910) "افوهن جي نفسيات" متعلق اپياس ۾ لکيو آهي ته هڪ اسڪولي چوڪريءَ، پنهنجي اسڪولي ساهيڙيءَ جي ڳالهين مان اخذ ٿيل، جنسي عاشقاڻا احساس، خواب جي صورت ۾ تقسيم ٿي ويا هئا.

خوابن ۾ اعصابي طور جوش اپاريندڙ واسطن ذريعي پيش ٿيڻ واري نياري يا اهم طريقي متعلق "شيرنر" (Scherner. 1861) وٽان ڪافي ڄاڻ سڃاڻ ملي ٿي، جنهن کي هو خاص قانون ٿو سڏي. جڏهن ته مشاهدو ڪندڙ ماڻهو ان واقعي کي عام انداز (قانون) تحت ٿو ڏسي.

"اوٽورئنڪ" (Otto Rank, 1910) شيرنر جي ان "قانون" جي تمام گهڻي شد مد سان تصديق ڪئي آهي. هڪ چوڪريءَ کيس پنهنجو هڪ خواب ٻڌايو. جيڪو هن ان ساڳئي رات ۾ ئي، ٻن الڳ الڳ خوابن تي ٻڌل ڏٺو هو ۽ جن جي وچ ۾ هڪ وقفو به هو ۽ سندس ٻئي خواب جو اختتام جنسي ميلاپ جي پڄاڻيءَ (Orgasm) تي ٿيو. انهن ٻنهي خوابن جو مواد اسان لاءِ پاڻ ئي مددگار ثابت ٿو ٿئي ته پهريون خواب به سندس ٻئي خواب وانگر ڊپ تي آڌاريل آهي، ۽ ان جنسي ميلاپ جي پڄاڻيءَ ٻئي خواب جي ڪري ئي سندس پهريون خواب مڪمل طور تي تشريحي مدد ڪري ٿو. رئنڪ به ان حوالي سان خوابن ۾ "جنسي ميلاپ جي پڄاڻيءَ" ۽ نيڪال" ۽ ان جي گهڻي تعداد ۾ اچڻ جي نظريي جون خاص خاص نشانيون ڄاڻايون آهن.

ڪڏهن ڪڏهن! خواب ۾ ان ساڳئي صورتحال ۽ جوڙجڪ جو جڏهن ڪري ٻيهڻ، يا ان ۾ رڪاوٽ اچي وڃڻ متعلق، ڪڏهن ڪڏهن هن قسم جي لفظن ذريعي اظهار ٿيندو آهي: "پر پوءِ! اهو ائين هيو ساڳئي وقت، اها ڪا ٻي جاءِ هئي، ۽ اتي ڪجهه هن قسم جو ڪر پئي ٿيو." ٿوري وقفي ڪانپوءِ خواب جو مرڪزي سڳو وري ڳنڍيجي وڃي ٿو ۽ پوءِ اوچتو خواب جي مواد منجهان هڪ اختيار هيٺ فقرو يا مخصوص دستاويز اچي منجهس رڪاوٽ وجهي ٿو خاص طور ڌاهه ڏوهه ڪندڙ يا هٽ چراند ڪندڙ خيال.

ڪنهن لاڙي، جذبي يا سوچ کي روڪيندڙ ذهني عمل جو احساس، جيڪو عام طور تي خوابن ۾ ظاهر ٿئي ٿو ۽ ڳڻتيءَ ۽ پريشانيءَ جي تمام گهڻي ويجهڙائپ رکي ٿو ته ان جو ڪهڙو مقصد آهي؟

ڪو شخص اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر پاڻ کي ان جاءِ تي ڄميل محسوس ڪري ٿو يا ڪو شخص ڪنهن شيءِ تائين پهچڻ چاهي ٿو ته پر ڪيترين ئي مشڪل ڳالهين ذريعي رندڪجي رڪجي ٿو پوي، ريل گاڏي پنهنجي جاءِ تان رواني ٿيڻ واري آهي، پر هو ان تائين پهچي نه ٿو سگهي. ڪو شخص پنهنجي بيعزتيءَ سبب ڪنهن جو هٽ جهلڻ ٿو چاهي، پر پاڻ کي بي همٽ ٿو پائي، ان قسم جا مثال اسان اڳ ۾ باب پنجين: "خوابن جو مواد ۽ ماخذ"، جي حصي چوٿين: "مثالي يا خاص قسم جا خواب." ۽ باب ڇهين: "خواب جو عمل"، جي حصي پهرين: "اختصار ڪرڻ يا گهٽائڻ جو عمل" ۾ ڏئي آيا آهيون. پر ايجان ان جي تشريح متعلق ڪا سنجيده ڪوشش ڪا نه ورتي آهي. ان جو هڪ آسان ۽ اٽپوري جواب ۾ هي به ڇڻي سگهجي ٿو ته اها! نند ۾ ان يا اهڙي خواهش کي منتقل ڪندڙ اپار يا اڌرنگ (Paralysis) جي حرڪت پيدا ڪندڙ ترغيب آهي، جنهن جي صلاحيت، احساس يا تاثر کان اسان واقف هوندا آهيون. پر اهو به ڇڻي سگهجي ٿو ته ان صورت ۾ لاڙي، جذبي يا سوچ کي روڪيندڙ ذهني عمل جي انهن تحريڪن کي خوابن ۾ مستقل طور تي چونڊ ٿا ڏسون؟ ۽ اهي انهن احساسن متعلق مثال ڏيڻ جا ذميدار چوٽا ٿي ٻيهن! جيتوڻيڪ ڪو شخص نند دوران، ڪنهن به وقت ان کي سڏي يا حاضر ڪري سگهي ٿو! ڪنهن خاص ڳالهه جي نمائندگيءَ جي سلسلي ۾ مدد/ خدمت يا ڪا سهوليت پيدا ڪري سگهي ٿو ۽ ان کي ان وقت اپاري سگهي ٿو جڏهن خوابي خيال کي ان طريقي سان جي پيش ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿئي؟

رڪاوٽ پيدا ڪندڙ جذبو ائين ڪرڻ جي قابل نه هوندو آهي، ۽ نه ئي احساس جي طور تي خواب ۾ هر وقت ظاهر ٿيندو آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن خواب جي مواد جي هڪ سادي حصي جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي.

ٻين خوابن ۾، جن ۾ روڪيل جذبي منجهان ڪا به چرپر ظاهر نه ٿيندي آهي، ۽ نه ئي ڪنهن واقعي يا حالت جي صورت ۾ ته انهيءَ لاڙي، جذبي يا سوچ کي روڪيندڙ ذهني احساس جي چرپر ساڳئي تضاد کي، ڪجهه وڌيڪ ۽ زورائتي تاثر سان ظاهر

ڪندي آهي ۽ پنهنجي ارادي جو اظهار ڪندي آهي. جيڪو ان ارادي يا نيت جي خلاف آڏو ٿي ٻيهندو آهي. اهڙيءَ ريت روڪيل جذبي جي احساساتي چرپر "ارادي يا خواهش جي تضاد" جي نمائندگي ڪندي آهي.

اسان اهو اڳتي هلائينداسين ته خواهش کي منتقل ڪندڙ ايار يا اڏرنگ (Paralysis) جي چرپر سراسري طور تي ننڍ سان گڏ شامل ٿيڻ نفسياتي عمل جو هڪ طئي ڪيل اصول آهي. ڳڻتيءَ متعلق منهنجي وضاحت ذريعي اهو پڌ آسانيءَ سان ڏسي سگهجي ٿو ته ڪنهن روڪي ورتل جذبي يا ارادي جو مجموعي احساس، ڳڻتيءَ جي ايترو ويجهو چو آهي، جنهن جو واسطو گهڻو ڪري خواب سان رهي ٿو. "ڳڻتي" اصل ۾ لذت واري شديد جنسي خواهش/ مخالف جسمن لاءِ پيار جو احساس يا چڪ پيدا ڪندڙ (Libidinal) من اچل وارو لاڙو پيدا ڪندڙ هوندي آهي، جنهن جو اصل بنياد لاشعور (Unconscious) ۾ هوندو آهي ۽ ان کي روڪڻ وارو تحت شعور (Preconscious) هوندو آهي. اهڙيءَ ريت روڪاوٽ پيدا ڪندڙ احساس جڏهن خواب ۾ ڳڻتيءَ سان منسلڪ ٿي ويندو آهي ته اهو ارادي يا نيت جي عمل جو معاملو ٻڌجي پوندو آهي، جيڪو هڪ وقت تي جنسي فطري لذت واري کي ايارڻ جي قابل ٿي ويندو آهي ۽ اهوئي ان جنسي/ ذهني من اچل جو سبب ٻڌجندو آهي.

مان اڳتي ڪٿي، ان جي معنيٰ ۽ "ساڃاهه ۽ فتويٰ جي نفسياتي اهميت" ٻه بيان ڪندس، جيڪا گهڻو ڪري خوابن ۾ تبديل ٿي هڪ چوٽيءَ جي صورت اختيار ڪري وڃندي آهي: "بهرحال اهو رڳو هڪ خواب هو."

هتي مان ان جي پيش بندي ڪندي رڳو اهو چوندس ته اها خاص طور ڏڻل خواب کي سمجهڻ جي سلسلي ۾ هڪ قسم جي ارادي جي ڪوٽ آهي، جنهن ۾ نهايت دلچسپ ۽ سڳنيٽا يا ساڳيا مسئلا ظاهر ٿين ٿا، جن کي بيان ڪندي ڪيترو نئون مواد ۽ ان جون ڪيتريون ئي نيون معنائون ظاهر ٿين ٿيون، ڪي پيرولين ٻڌجي وڃن ٿيون ته خواب اندر خواب ۾ ڪي اسرار ظاهر ٿين ٿا، جنهن متعلق استيڪل (ص Stekel, 1909, 459) ساڳئي فڪري سوچ کي نهايت مڃڻ جهڙن مثالن ذريعي بيان ڪيو آهي. ان جو مقصد اهو آهي ته خواب ۾ ڪهڙو خواب ڏٺو وڃو آهي، هڪ پيرو ٻيهر ان جي مخصوص ڪميءَ منجهان، ان جي حقيقت کي ڳنڍيڻ گهرجي، ۽ جاڳڻ کانپوءِ اهو جاچڻ گهرجي ته خواب جي اندر خواب ڪهڙيون خواهشون ڳولهي لڌيون آهن، جيڪي حقيقت ۾ ميسارجي ۽ تباهه ٿي ويون هيون. دليل لاءِ اهو هڪ محفوظ طريقو آهي، جاڪاڻ ته خواب ۾ لڌل خواب، حقيقت جي نمائندگي ڪندڙ ۽ سچين يادگيرين تي ٻڌل هوندو آهي، جڏهن ته خواب جو تسلسل، ان جي ابتڙ رڳو اهو پيش ڪندو آهي جنهن جي متعلق خواب ڏسندڙ جي پنهنجي خواهش هوندي آهي. اهڙيءَ ريت خواب اندر لڌل خوابن ۾ ڪجهه شامل ڪرڻ، انهن خواهشن جهڙو ئي هوندو آهي جن کي خواب اڻ ٽيٽين ڳالهين جيان بيان ڪندو آهي. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته جيڪڏهن خواب جي ڪم جي ذريعي، خواب ۾ ڪو خاص واقعو خواب جي صورت ۾ پاڻ شامل ٿئي ٿو ته اهو پنهنجي طاقتور ويساهه ۽ دعويٰ سان حقيقي واقعي جي تصديق ٿيل صورت ۾ هوندو آهي. خواب جو ڪم، خواب کي ناهڻ ۾ ڪجهه به ڪرڻ کان انڪاري (Repudiate) صورت ڏيندو آهي ۽ ائين ان کوجنا جي تصديق ٿيندي آهي ته خواب خواهشن جو پورائو ڪندڙ هوندا آهن.

(4)

نمائندگيءَ ۾ مقصد تي غور ويچار
CONCIDERATION OF REPRESENTABILITY

اسان هن وقت تائين انهن سبب کي ڳولهڻ ۾ مصروف هئاسين، جن جي ذريعي خواب، خوابي خيالن جي تعلق کي پيش ڪن ٿا. ان کوجنا دوران اسان بهرحال "قيرقار جي عام فطري عمل" جي موضوع کي هڪ کان وڌيڪ پيرا ۾ چهيو جيڪو خوابي خيالن جي مواد کي خواب جي جوڙجڪ جي مقصد تحت برداشت ڪري ٿو. اسان اهو پسنديو ته مواد، ان تعلق جي تمام وڏي مقدار ۾ گنجائش کي اگهاڙو ڪري ٿو ڇڏي ۽ دٻاءَ ۾ سوڙهه ڏانهن روانو ڪري ٿو ڇڏي جڏهن ته ساڳئي وقت ان جي جزن منجهان شدت جو گم ٿي وڃڻ يا هڪ جوهيءَ جاءِ تي رسي وڃڻ، نئين قاعدي مطابق تبديل ٿيل نفسياتي مواد جي ڪجهي اڇوٽ جو عمل به بحث هيٺ آندوسين. هيل تائين اسان جنهن گم ٿي وڃڻ واري عمل تي غور ٿي ڪيو اهو پنهنجو ڪو ويجهو ۽ لاڳاپيل رستو وٺي، ڪنهن ٻئي خاص خيال ڏانهن مڙي وڃي ٿو ۽ اهو پنهنجي مقصد ۽ گهرج مطابق اختصار کي آساني پيدا ڪري ڏئي ٿو ۽ انهن جي وچ ۾ هن جزن جي بجاءِ خواب ۾ هڪ گڏيل عنصر پنهنجو رستو ڳولهي وٺي ٿو.

وڃائجي وڃڻ/ گم ٿي وڃڻ يا هڪ جاءِ جي بجاءِ ٻي هنڌ هلي وڃڻ جي ٻئي قسم متعلق اسان ايجان بحث شروع نه ڪيو آهي. تجزيو اسان کي اهو ٻڌائي ٿو ته ان جي ٻي نوعيت ۽ خاصيت به موجود هوندي آهي ۽ جيڪا پاڻ کي واسطيدار خيالن جي مجموعي زباني تاثرات جي تبديليءَ جي ذريعي اظهاريندي آهي. انهن ٻنهي معاملن ۾ وڃائجي وڃڻ يا هڪ جاءِ کان ٻئي هنڌ ڏڙي وڃڻ جو عمل پنهنجي لاڳاپن جي سنگهر سان سلهاڙيل هوندو آهي. پر اهڙي قسم جو عمل ڪيترين ئي نفسياتي دائرن ذريعي ظاهر ٿي سگهي ٿو ۽ وڃائجي وڃڻ جي نتيجي ۾ هڪ معاملي جو هڪ جزو ٻئي عنصر جي جاءِ والاري سگهي ٿو. پر ٻئي معاملي ۾ هڪ جزو زباني تاثر جي طريقي سان ٻئي عنصر جي ذريعي جاءِ بدلائي سگهي ٿو.

هڪ جاءِ کان ٻئي هنڌ هلي وڃڻ جو اهو ٻيو قسم جيڪو خواب جي سٽاءَ ۾ ظاهر ٿئي ٿو ان کي نه رڳو ڪا وڏي نظرياتي دلچسپي هوندي آهي، پر هڪ خاص سوچ، ڪٽپ ۽ نهايت عمدي طريقي سان ٻيهودگيءَ کي واضع ڪندو آهي، جن ۾ خواب لڪل حالت ۾ هوندا آهن. خوابي خيالن ۾ هڪ جاءِ کان ٻئي هنڌ رخ اختيار ڪري وڃڻ جو نتيجو تصويري ۽ تڪميلي تبادلي لاءِ گهٽو ڪري رنگن کانسواءِ ۽ گڏوڇڙ ٿيل يا منجهيل علامتن جي مجموعي ذريعي نڪرندو آهي. فائدي ۽ مقصد جي حوالي سان اهي تبديليون اکين ڏانهن ٽپي ايندڙيون آهن. خواب جي حوالي سان ڪنهن به شيءِ جي تصوير جڙندي آهي، ته اها شيءِ نمائندگيءَ لاءِ پيش ٿيڻ جي قابل هوندي آهي: اها ان واقعي جي مطابق متعارف ٿي سگهندي آهي، جنهن ۾ گڏوڇڙ ٿيل تاثرات، خواب ۾ پيش ٿيندڙ مشڪلاتن جي ساڳئي قسم سان تعلق رکندا آهن. جيئن اخبار ۾ ڪو سياسي مضمون، پڙهندڙن کي مختلف وضاحتن کان آگاهه ڪندو آهي، تيئن ئي، پر رڳو ذميداريءَ جي حوالي سان ئي نه، پر چندڇاڻ ۽ اختصار جي دلچسپيءَ سبب به پيش ڪيل هوندو آهي، ته جيئن ان تبديليءَ منجهان فائدو حاصل ٿي سگهي.

گهٽي وقت کان استعمال نه ٿيل خوابي خيال، (تصور يا سوچون) منجهيل صورت ۾ اپري ايندا آهن، پر جڏهن هڪ پيرو اهي تصويري ٻوليءَ ۾ تبديل ٿي ويندا آهن ته خواب جي ڪم کي جنهن قسم جون نشاندهيون ۽ تضاد درڪار هوندا آهن. يلي ته اهي اتي اڳ ۾ موجود نه به هجن، پر پوءِ به اهي انهن کي تخليق ڪري، انهن منجهان هڪ نئين تاثراتي تصويري ٻولي جوڙي، سمجهڻ ۾ پهرين کان وڌيڪ آساني پيدا ڪندڙ ۽ خواب سان ڳنڍيل مواد جي سنيار جو سبب بڻجندا آهن. ڇاڪاڻ ته هر زبان ۾ پنهنجا مضبوط اصطلاح موجود هوندا آهن، جيڪي ان جي تاريخي ارتقا جو نچوڙ هوندا آهن ۽ اهي نظرياتي تعلق

کان وڌيڪ انساني واسطن ۾ رچيل ۽ مشهور هوندا آهن ۽ ان کي ائين به سمجهائي سگهجي ٿو ته خواب جي جوڙجڪ جي دوران ثانوي عمل جو جيڪو سنو حصو ڪم ڪري ٿو، اهو وڪريل خوابي خيالن کي گهٽائڻ لاءِ، ماڻهوءَ جي انفرادي خيالن لاءِ انهن رستن کي ڳولهي، انهن مناسب ۽ موزون زباني تبديلين سان گڏگڏ هلندي، انهن کي جامع ۽ ممڪن هڪجهڙائيءَ واري تاثر ۾ تبديل ڪري ٿو.

ڪوبه هڪڙو خيال، جنهن جو تاثر ڪن ٻين سببن جي ڪري پيدا ٿيل هوندو آهي ته اهو چونڊڻ ۽ طئي ڪرڻ واري انداز سان ڪنهن ٻئي ممڪن تاثر جي جوڙجڪ سان ملائي ڇڏيندو آهي، ائين جيئن شاعري جي معاملي ۾ ٿيندو آهي ته جيڪڏهن شعر ڪنهن بحر وزن ۾ لکبو آهي ته ان جي ٻي مصرع ٻن شرطن تي ٻڌل هوندي آهي: يعني ان جو بيان يا مفهوم واضع ٿيندو هجي، ۽ ان جو اسلوب/ طرب يا لئي تي مشتمل هجي.

ساڳئي نموني ڪجهه مثال اهڙا به ملن ٿا جن ۾ بيانيه تبديليءَ جو تاثر خواب جي اختصار ۾ مدد ڪندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن ته لفظن جي ورتاءَ سبب سڌيءَ طرح به مدد ڪندو آهي، انهن جي منجهيل يا ٻٽين معنائن منجهان خوابي خيالن جا ٻيا به ڪيترائي تاثر پيدا ٿيندا آهن. ان طريقي سان ذهانت ۽ ظرافت واري سموري صلاحيت جي ماتحت خطو خواب جي ڪم جي حوالي هوندو آهي. خوابن جي جوڙجڪ ۾ لفظن جي ڪردار ادا ڪرڻ واري عمل تي حيرت ڪرڻ جي ضرورت نه آهي، ڇاڪاڻ ته اهي بين به ڪيترن ئي خيالن کي ڳنڍيندڙ ۽ رد ڪندڙ هوندا آهن، ٿي سگهي ٿو ته اهي "مقدر واري مونجهاري" سان وابستا هجن يا اعصابي اڻ ڇنائيءَ سان ڳنڍيل هجن، جيڪي خوف واري حالت ۽ سوچ فڪر جي غلبي جو بنياد ٻڌجندا آهن.

اهو ڏسڻ آسان آهي ته خوابي خيالن جو بگاڙ پڻ تاثر کي غائب ڪرڻ منجهان ڪيئن فائدو ونڊندو آهي. جيڪڏهن هڪ مبهم لفظ کي به ٻن مبهم لفظن جي بدران استعمال ٿيندو آهي ته ان جو نتيجو "پنيلائيڊ يا اصل ڳالهه کان ڦيرائڻ" نڪرندو آهي. ان حوالي سان جيڪڏهن اسان جي روزاني سنجيدگيءَ وارن خيالن جو اظهار يا رويو تصويرن ذريعي بدلجڻ لڳندو آهي ته اسان جي سمجهه ان کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، ڇاڪاڻ ته خواب اسان کي اهو ڪو نه ٻڌائيندو آهي ته ان جا جزا واقعي تشريح ڪرڻ جهڙا آهن يا اهي ڪي تصويري خيال آهن، يا اهي سڌو سنئون خوابي خيالن سان ڳنڍيل آهن، يا ڪنهن ثانوي خيال جي ذريعي ڪنهن مثال يا اصطلاح کي ٽنبيو ويو آهي. هر ڪنهن خوابي جزي جي تشريح گهڙي ڪري شڪ ۾ مبتلا ڪندڙ هوندي آهي، مثال طور:

الف: اسان يا ته ان جي تشريح متضاد جذبن جيان، منفي يا مثبت خيال سان ڪندا آهيون.

ب: يا ته اسان ان جي تشريح/ تعبير يادن/ يادگيرين جيان تاريخي تناظر ۾ ڪندا آهيون.

ٻ: يا ته اسان انهن جي تشريح علامتن جي ذريعي ڪندا آهيون.

پ: يا وري ان جي لفظن جي آڌار تي تشريح ڪندا آهيون.

مان هتي هڪ اهڙو خواب بيان ڪريان ٿو جنهن جو غور ڪرڻ وارو حصو منجهيل خيال منجهان تصويرن ۾ تبديل ٿئي ٿو:

هي خواب منهنجي هڪ واقف عورت جو آهي، جنهن ڏٺو ته:

"هو منظوم ڊرامي ڏسڻ لاءِ ويٽل هئي، اتي "وڪنگر" جو منظوم ڊراميو پيش ٿيڻ وارو هو. جيڪو صبح جي اٽڪل ائين وڳي ختم ٿيڻو هو. هال ۾ ميزون رکيل هيون، جن تي ويٽل ماڻهو ڪجهه کائڻ پيئڻ ۾ مصروف هئا. هن جو سوٽ جيڪو تازو شاديءَ واري رسم تحت ٻاهران آنند ماس (Honeymoon) ڪري موٽيو هو، پنهنجي نوجوان زال سان هڪ ميز تي ويٽل هو، جن جي پرسان هڪ سهڻو امير ماڻهو ويٽل هو ۽ سندس سوٽ جي زال به اهڙي ئي امير پئي لڳي. هال جي وچ ۾ هڪ وڏو پيلپائو لڳل هو جنهن جي چوگرد ڪجهه ڏاڪا هئا ۽ مٿي هڪ چبوترو ٺهيل هو، مٿي موسيقيءَ جون هدايتون ڏيندڙ ٻيٺو هو جنهن جي

شڪل "هنس رچر" سان پئي ملي. هو ان چبوتري جي اردگرد گهميو پئي، ۽ اتان ئي موسيقيءَ جو هدايتون پئي ڏنائين. ۽ سندس سازنده هيٺ پيلپائي جي پرسان ويٺل هئا. هوءَ پاڻ به پنهنجي هڪ واقف ساهيڙيءَ سان ڪنهن ننڍي گئلري ۾ ويٺل هئي. سندس ننڍي پيٽ ناگواريءَ وچان چاهيو پئي ته پنهنجو هٿ ايو ڪري ڪٽان ڪو ٽاندو ڪٽي سندس هٿ تي رکي ڇڏي، چاڪاڻ ته اهو ڊرامو گهٽو ڊگهو ٿي ويو هو."

خواب ۾ جيئن ته رڳو هڪڙي ئي واقعي جي عڪسبندي ٿيل آهي. پر ان جي ڪنهن ٻئي رخ ۾ نهارڻ سان معلوم ٿيندو ته اهو بلڪل بي معنيٰ لڳندو. مثال طور "هال جي وچ ۾ هڪ پيلپائو..... مٿانهينءَ تان ٻيهي موسيقار جو پنهنجي سازندن کي هدايتون ڏيڻ، پيٽ جو سندس هٿ تي ٽاندي رکڻ جي خواهش....."

۽ اهو ئي سبب هو جو مون جاڻي ٻجهي سندس خواب جي تشريح ڪرڻ کان لنوايو پئي. پر جيئن ته مون کي خواب ڏسندڙ جي ذاتي زندگيءَ جي باري ۾ ٻه خبر هئي، ان ڪري مان هن جي خواب جي ڪجهه حصن جي تشريح آسانيءَ سان ڪري ٿي سگهيس. مان جاڻان ٿو ته هن کي سازدن سان نهايت گهٽي همدردي هئي، چاڪاڻ ته ننڍي هوندي سندس مائٽن ڪيس ان شوق ۾ وڌڻ کان روڪيو هو. ان حوالي سان "پيلپائو" هڪ استعاري جي طور تي هال ۾ ٽهيل بالڪونين جي وچ ۾ ٻيٺل آهي، جنهن ۾ هن "هنس" نالي شخص کي باقي سمورن سازندن کان مٿانهينءَ تي ڏسڻ ٿي چاهيو. پيلپائو ان سموري تصوير جو هڪ مرڪزي نڪتو هو. جنهن جي هيٺين حصي جي جوڙجڪ ان ماڻهوءَ جي وڏپڻ کي ظاهر ڪري رهي هئي، مٿيون چبوترو جنهن ۾ موسيقار جو ڪنهن قيديءَ وانگر يا پجري ۾ قيد جانور وانگر چوڌاري ڦرڻ، ۽ ان جي نالي مان نااميديءَ جو تصور ٿي ايريو (جڙ اهو موسيقار نه پر گدڙ هجي)، بهرحال اهو سيڪجهه هن جي تقدير جي نمائندگي ڪري رهيو هو. ان ۾ ٻه خيال گڏجي هڪ لفظ "چريائپ جي ٽنب" جهڙي اکر کي ظاهر ڪري رهيا آهن. هن خواب، پيشڪش جو جيڪو طريقو اختيار ڪيو هو ان جي ٻئي ۽ بگاڙي پيش ڪيل ڳجهي قفل کي کولڻ لاءِ اسان کي اها ئي ڪنجي استعمال ڪرڻي پوندي جيئن "ڪوئلي" منجهان لڪل محبت جي نشاندهي ٿئي ٿي.[1] هوءَ پاڻ ۽ سندس ساهيڙي اجان تائين غيرشادي شده هيون. (ڊرامو گهٽو ڊگهو ٿي ويو هو= ويني وينٽي بيزار ٿيڻ لڳيون هيون). سندس ننڍي پيٽ به ڪٽي ڪنهن لڪل محبت ۾ گرفتار هئي، ۽ ان کي به پنهنجي شاديءَ ۾ تاخير جو احساس هو. پر اسان ڏٺو ته خواب پاڻ اهو ٻڌائي نه سگهيو آهي ته اها دير ڪيتري عرصي جي آهي.

جيستائين خواب جي ان سموري ڪهاڻيءَ جو تعلق آهي ته اسان ان جو عنوان "پنهنجو ڪردار نياڻڻ" رکي سگهون ٿا. اسان جي هن "لڪل محبت" جي متعلق تشريح ۾، خواب ڏسندڙ جو اهو "سوت" به مددگار ثابت ٿئي ٿو جيڪو پنهنجي زال سان هڪ بالڪونيءَ ۾ ويٺل آهي، جيڪو "پيار جي اظهار" جي علامت آهي. ان حوالي سان خواب ظاهر ۽ لڪل پيار جي متضاد جذبن کي پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ خواب ڏسندڙ جي محبت جي اندروني گرميءَ ۽ شادي شده سوت جي زال جي ٺڏائيءَ ڏانهن اشارو نظر اچي ٿو.

ان قسم جو بحث اسان کي خواب جي ٽئين عنصر جي ڪوج ۾ مدد ڪري ٿو جنهن جي وسيلي خواب جي متن ۾ خوابي خيالن واري، بدل سدل جو حصو شامل ٿئي ٿو جيڪو گهٽو ڪري سمجهه ۾ نه ايندو آهي. ان کي: "خاص طور انهيءَ نفسياتي/ ذهني مواد جي پيشڪش تي غور ڪرڻ چئجي ٿو"، جنهن کي خواب استعمال ۾ آڻي ٿو جنهن جو گهٽو حصو تصويري عڪس تي ٻڌل هوندو آهي، ۽ "خوابي خيالن" سان جيڪي مختلف، ماتحت خيال اهميت سان ڳنڍيل هوندا آهن، اهي به ان تصويري عڪسبنديءَ کي اهميت ڏيندا آهن. ان ڪري خواب جو ڪم! انهن اڻ ڏرين واسطن سان ٻيهر سلهاڙجي

---

[1] جرمني هولي۽ ۾ ڪوئلي متعلق هڪ پهاڪو مشهور آهي ته: "نه باهه نه ڪوئلو (اڳر) ڪنهن لڪل محبت کان وڌيڪ نه هرندو آهي، جنهن جي هاڪ کي به ڪو محسوس نه ڪري سگهندو آهي. "نهائينءَ کان نينهن سڪ منهنجا سهرين (شاهه) (سنڌ ۾ آڪاڻن وقتن ۾ محبوب سان رات جي اونداهيءَ ۾ ملڻ لاءِ پيار ڪندڙ عورت "ڪوئلو" موڪليندي هئي. (ب.م)

وڃڻ کي ڪنهن نئين زباني ترڪيب ذريعي نہ گهٽائيندو آهي. خيالن جي متن جو ڪنهن ٻئي سانچي يا وهڪري ۾ آڻڻ وارو طريقو به ساڻئي وقت اختصار کان ڪم وٺندو آهي ۽ تعلقات به پيدا ڪندو آهي. اهي هونئن پاڻمرادو ڪنهن ٻئي خيال سان گڏجي تيستائين پيش نہ ٿي سگهندا آهن. جيستائين اهو ٻيو خيال اڳ ۾ ئي پنهنجي اصلوڪي صورت مان تبديل ٿيل نہ هوندو جيڪي پاڻ ڪنهن نہ ڪنهن ڏڃ تي ملندا رهندا آهن.

"هربرٽ سلبرر" (Herbert Silberer_1909) خوابن جي حوالي سان خيالن جي تصويري عڪس ۾ تبديل ٿيڻ جي مشاهدي کي سڏو سنئون سمجهڻ لاءِ هڪ سٺو رستو ٻڌايو آهي. هن "خوابي ڪم جي الڳ ٿلڳ ٿي وڃڻ" واري هڪ عنصر جو اپياس ڪيو آهي. جڏهن به ڪو شخص ڪنهن پريشانيءَ ۾ مبتلا هوندو ۽ ستل به هوندو ۽ هو پاڻ کي ڪنهن ڏاهپ واري شرط سان قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو تڏهن سندس اهي شدت وارا "خيال" هن کان الڳ ٿيندا ويندا آهن. تڏهن اهي ڪنهن جامع تصوير ۾ ظاهر ٿيندا آهن. جنهن کي هو پنهنجي خيالن جي نعم البدل طور شناخت ڪندو آهي. سلبرر (Silberer) جو ان نعم البدل کي "خودعلامتي" (Auto_Symbolic) جهڙو ڪو درست يا مناسب اصطلاح نہ ڏنو آهي.

مان هتي سلبرر جي اپياس مان ڪجهہ مثال پيش ڪريان ٿو:

مثال پهريون: مان سمجهان ٿو تہ مان مضمون جي ڪنهن اڻ سڌي جملي کي ٻيهر ٿو لکان.

علامت: مان ڏسان ٿو تہ مان ڪاتيءَ جي هڪ ٽڪري مان ڪجهہ ناهڻ ٿو چاهيان.

مثال ٻيو: مان مافوق الفطرت معاملن جي اپياس لاءِ هڪ ڪتاب پنهنجي گهر ۾ آڻيان ٿو ان منجهان منهنجو اهو مطلب آهي تہ مان شعور جي مٿانهين ۽ ان جي لکل تهن کي وجود جي اپياس لاءِ تحقيق ڪريان.

علامت: مان هڪ ڏگهي چاقوءَ سان ڪيڪ کي ڪاٽي سلائيس ناهيان ٿو.

تشريح: چاقوءَ سان منهنجي عمل جو مطلب آهي: "پنهنجي ڪم ۾ مشغول رهڻ" جيڪو ان عمل جي حوالي سان ثابت ٿئي ٿو. هاڻي اچو تہ اوهان کي ان جي علامتن بابت ٻڌايان: عام طور تي مان مانيءَ سان گڏ ڪيڪ به ڪاٽي رکندو آهيان ۽ پاڻ سان گڏ ويندل ماڻهن کي به کارائيندو آهيان. ڏگهو چاقو "احتياط" کي ظاهر ڪري ٿو ڪيڪ کي ڪاٽي ان جا "ڳنڍرا ناهڻ" مشڪل معاملن کي صفائيءَ سان حل ڪرڻ جي علامت ٿين ٿا. ۽ ان ڪيڪ ۾ چاقو به نهايت احتياط سان استعمال ٿئي ٿو. ان جو هڪ مطلب اهو به آهي تہ "مان اصل ڳالهہ جي تهہ تائين پهچڻ لاءِ پنهنجو ڪم نهايت احتياط ۽ آهستگيءَ سان ڪندو آهيان."

پر انهن کان سواءِ هن تصوير ۾ ڪجهہ ٻيون علامتون به موجود آهن: مثال طور "ڪيڪ" پاڻ مختلف "تهہ واري شيءِ" جي علامت آهي. جنهن جي مٿان چاقو وڃهي. ان جا ڳنڍرا ڪرڻ لاءِ اڳتي پوئتي ڪري هلائي ڪاٽي ٿو. اهي تهہ "شعور ۽ خيالن" جا تهہ آهن.

مثال ٽيون: مان پنهنجي خيالن جي وهڪري ۾ اصل ڳالهہ جا ڏاڳا وڃائي ويٺس. مان انهن کي ڳولهڻ جي ٻيهر ڪوشش ڪريان ٿو پر لڳي ٿو تہ مون کان شروعاتي نڪتو ڪٿي رهجي ويو آهي.

علامت: پريس جي ڪمپازيٽر جو حرفن کي گڏ ڪري ڪمپوز ڪرڻ وقت ان جي ڪمپوز ڪيل آخري سٽ ڪري پئي آهي.

پڙهيل لکيل ماڻهوءَ جي ذهني زندگيءَ ۾ جيڪي حوالا، قول، مذاحيہ لطيفا يا گيت شامل ٿي ويندا آهن. اهي به "خوابي خيالن" ۾ عام جام ٻيا ڦرندا گهرندا آهن. ائين جيئن مختلف سبزين سا پريل کي گاڏيون هوندیون آهن. جهڙيءَ ريت اهي مختلف سبزيون جهڙوڪ گوبي ۽ گوگڙن جون پاڇيون انسان جي صحت کانسواءِ ٻين. خواهشن جو پورائو نہ ڪري سگهنديون آهن. تيئن اهي قول، حوالا، گيت يا لطيفا به ماڻهوءَ جي خوابي مزاج ۾ شامل ٿيندا رهندا آهن.

اسان جڏهن غور ڪنداسين تہ اسان ان حقيقت تائين جلد رسي ويندا سين تہ خواب "نعم البدل" جي طور تي اصلوڪي صورت کي پيش نہ ڪندا آهن.

(۵)

خوابن ۾ علامتن ذريعي اظهار:
REPRESENTATION BY SYMBOLS IN DREAMS

گذريل حصي ۾ سوانحي خوابن جي تشريح دوران اسان کي ٻيون ٻه گهڻيون نشانيون هٿ آيون ته ماڻهوءَ ۾ علامتن جي موجودگي شروع کان ونڊي ئي ٿئي ٿي، پر رڳو وقت جي گذرڻ ۽ مشاهدي ۽ تجربي جي سبب ان جي شدت ۾ گهٽتائي يا واڌ پيدا ٿئي ٿي. ۽ جيئن ته مان ڪجهه وقت تائين ولهيلم استيڪل (Wilhelim Stekel_1911) جي اثر هيٺ رهيو هوس، جنهن ڪري مان هن جي ئي ڳالهه تي گهڻو انحصار ڪندو رهيو آهيان، پر هن نفسياتي تجزيي متعلق ڪنهن نفعي پهچائڻ بجاءِ نقصان ئي رسايو آهي، هن علامتن جون ڪيترين ئي اڻ وسهندڙ معنائون لکيون آهن. مان استيڪل جي خدمتن جو منحرف نه آهيان پر جيڪڏهن هو انهن تي نظرثاني ڪري ته بهتر. چاڪاڻ ته هن جي تشريح محيط جهڙي آهي ئي ڪا نه. جنهن لاءِ هن اهو طريقو اختيار ڪيو آهي، جيڪو تجربي طور ناڪام ثابت ٿيو آهي. هو "علامتن جي تشريح بشارتن جي ذريعي ڪري ٿو." بهرحال هن جي ان "خاص تحفي" لاءِ مان سندس تهه دل سان شڪر گذار آهيان، پر اهو تحفو عام طور تي سمجهه ۾ نه ٿو اچي. چاڪاڻ ته اهو تنقيد کان بالاتر ٿي ٿو وڃي ۽ ان جي نتيجن ڳولهڻ ۾ نهايت دشواري پيدا ٿئي ٿي.

نفسياتي تجزيي جي تجربي ۾ ٽيل اڳيرائيءَ اسان جو ڏيان ان پاسي ٻه ڇڪايو آهي ته اهي مريض جيڪي علامتن کي سڏيءَ طرح سمجهڻ جي لائق هوندا آهن. اهي ان قسم جي علامتن تي پريشان ٿي ويندا آهن خاص طور تي اهي سخت ذهني هيٽاپ يا ديوانگيءَ ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن ۽ پوءِ هڪ اهڙو وقت ٻه ايندو آهي جو هر خواب ڏسندڙ جي باري ۾ اهڙين علامتن کي قبول ڪيو ويندو آهي ۽ ائين انهن ۾ شڪ، بدگماني يا ڏڪوڙ جو لاڙو پيدا ٿي ويندو آهي. پوءِ اسان جڏهن خوابن ۾ جنسي رجحانن متعلق پيش ٿيندڙ علامتن سان گهڻا مانوس ٿي ويندا آهيون ته اهو سوال اسان کي پابند ڪري ڇڏيندو آهي ته ڪيتريون ئي علامتون، اڪرن کي ڏنگين ڏڏين لکيرن ذريعي لکڻ (Grammalogues) واري مختصر نويسي (Sort hand) جيان مسلسل، ساڳي ئي معنيٰ ۾ پيش نه ٿيندڙيون آهن. ان سلسلي ۾ شايد اسان کي خوابي رمز وارن پيغامن جي، اصل حالت ۾ اتارڻ واري اصول کي پڙهڻ لاءِ هڪ ٻيو ڪتاب لکڻو پوندو. ان نڪتي متعلق اسان ائين چئي سگهون ٿا ته: "اهڙو علامتي سرشتو خوابن لاءِ ڪو نيارو نه آهي پر ان جي اصل خاصيت، تصور ڪري ونڊڻ يا لاشعور جي تمثيل ڪرڻ آهي. جيئن اهڙي خاصيت جو اظهار گهڻو ڪري ماڻهو لوڪ گيتن، لوڪ ڪهاڻين، ڏند ڪٿائن، ديومن، ديوتائن، زباني اصطلاحن، استعارن، سياڻپ يا تازين پراڻين مذاهبي ڳالهين ذريعي ڪندو آهي، تيئن خواب ورين ان کان وڌيڪ خاصيت رکندو آهي.

جيڪڏهن اسان خوابن جي علامتن جي درست نشاندهي ڪري ونون ته جيڪر خوابن جي تشريح اسان کي حدن کان ٻاهر، فضا ۽ فلڪ کي ٻه سمجهڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿي ۽ علامتن جي نظريي سان ڳنڍيل ڪيترائي نه حل ٿيندڙ مسئلا ٻه حل ڪري سگهجن ٿا. اسان پاڻ تي اڻ سڏيءَ طرح وضاحت ڪندڙ علامتن جي ٻيهر نشاندهي ڪرڻ تي پابندي وڌي آهي، پر اهي سيني قسمن جون نشانيون، ان تصوير جي چٽي نظريي کي ٻين اڻ سڏيءَ طرح ٿيندڙ تشريحن ۾ پاڻ اڙائڻ کان روڪين ٿيون.

اڃڪلهه جيڪي ٻه شيون علامتن سان سلهاڙيل آهن اهي پنهنجي نظريي ۾ قديم تاريخي واقعن ۽ ٻوليءَ جي سچاڻپ/ واقفيت سان ڳنڍيل آهن، جن جو واسطو پوبان چڏيل يادگار آثارن، تحفن، نوادرات، فڪر ۽ تعليم سان آهي ۽ اهي انهن پراڻين ئي نشانين ذريعي ظاهر ٿين ٿيون. ان حوالي سان اسان ان جو مشاهدو ڪري سگهنداسين ته ڪيترن ئي معاملن ۾ عام قسم جون علامتون، ٻوليءَ جي عام واهپي ذريعي ڪيئن نه وڌنديون ويجهنديون رهن ٿيون، جنهن جو ذڪر "سلبرر" ٻه ڪيو آهي ته: "ڪيتريون ئي

علامتون ايترين ئي پراڻيون آهن جيتري اها بولي. توڙي جو ٻيون ٻوليون تمام گهڻيون پراڻيون ۽ هونديون آهن. اهي علامتون "گجهن خيالن" جي اصل حالت کي لکائڻ لاءِ پيش ٿيندڙ آهن. جن منجهان کيترين علامتون عام عادتن جيان ساڳيءَ ئي شيءِ سان سلهاڙجي اظهار ڪندڙ آهن. ان جي باوجود خوابن ۾ نفسي/ ذهني نج يا اهم پيوندي روپ وساريل/ چڏي ڏنل نه هوندو آهي. جنهن کي خواب علامتي انداز ۾ پيش ڪرڻ بجاءِ پنهنجي اصلي معنيٰ ۾ پيش ڪندو آهي. جڏهن ته ڪن ٻين موقعن تي خواب ڏسندڙ جون ذاتي يادگيريون، نفسي/ جنسي علامتون هر قسم جي شين کي قوت بخشيندڙ آهن. جيڪي عام طور تي اثرانداز نه ٿيندڙ آهن.

جيڪڏهن خواب ڏسندڙ وٽ علامتي انتخاب جو وڏو تعداد موجود آهي ته خواب سندس ذاتي خيالن، موضوع ۽ مواد جي حوالي سان ۽ سندس ئي خواهش مطابق چونڊ ڪندو آهي. جنهن کي ان جي ذاتي انفرادي قبوليت چئي سگهون ٿا.

"هيولاڪ" (Havelock Ellis_ 1911,109) مڃي ٿو ته: "ان ۾ ڪوشڪ نه آهي ته اسان جا خواب علامتن سان تمٽار هوندا آهن. ان ڪري اها ڳالهه ميڙ جهڙي آهي ته خوابن ۾ علامتن جي موجودگي، نه رڳو تشريح ۾ مدد ڪندي آهي پر وڌيڪ مشڪلات به پيدا ڪندي آهي. ان کي سمجهڻ يا ان جي تشريح جي طريقي جو هڪ اصول ته اهو آهي ته علامتي عنصرن جي تشريح ڪرڻ لاءِ خواب ڏسندڙ پنهنجي ذاتي تعلق ۾ اسان لاءِ ڪنهن مشڪل ۾ وجهڻ جو ڪم نه ڪري. ڇاڪاڻ ته سندس ڳالهين کي لکائڻ سبب خواب متعلق تجرباتي/ تنقيدي فيصلي ڪرڻ ۾ رڪاوٽ پيدا ٿيندي

اهڙن موضوعن جي اصل لياقت يا پابندين جو مثال هن ريت به آهي ته "هڪ بادشاهه ۽ هڪ راڻي"، جيڪي اصل ۾ خواب ڏسندڙ جي "والد ۽ والده" جي نمائندگي ڪندا آهن. ۽ شهزادو يا شهزادي" خواب ڏسندڙ جي "پنهنجي راڻي هجڻ يا راڻي هجڻ" جي تشريح ڪندڙ علامتون آهن. ساڳيءَ ريت شين جي صورت ۾ ڪائي، وڻ جون ٽاريون يا ڇتيون (Umbrellas) مرداڻي عضوي جي علامت ٿين ٿيون. اهڙيءَ ريت ڏڪيو، تيز هٿيار، چاقو، خنجر، پڙ ساڳي نمائندگي ڪندڙ علامتون آهن. نهيرڙ (Nail_File) به نهن کي اڳيان پويان يا هيٺ مٿي گسائڻ واري به مرداڻي عضوي سان وابستا ممڪن صورت پٽجي ٿي. "پيٽيون، صندوقون، ڪٻاٽ يا انهن جا خالي خانا"، "ڳپ" (Uterus) جي نمائندگي ڪندا ڏٺين ٿا. ساڳيءَ ريت خال واريون شيون، هر قسم جا ٽانڪا، پيڙيون پڙ ساڳي نمائندگي ڪندڙ علامتون ٿين ٿيون. ٽيبل يا مانيءَ واري ميز يا بورڊ عورت جي علامت آهن. خود سمهڻ وارو ڪمرو به زال جي علامت ۾ پيش ٿيندو آهي.

خوابن ۾ "ڪمرا" گهٽو ڪري عورت جي علامت ٿين ٿا. جنهن جي تشريح ڪندي اهو ڏسڻو پوندو آهي ته اهو ڪمرو ڪليل هو يا بند هو. ان حوالي سان ڪمرن مان گذرڻ جي علامت جسم فروش عورتن جي رهائش سان وابستا ٿئي ٿي. يا معنيٰ ۾ ڪمرن ۾ گهمڻ جي علامت، شاديءَ جي خواهش کي ظاهر ڪري ٿي. ڏيکيون، ڏاڪا يا ڏاڪڻ يا ان تي چڙهڻ ۽ ان تان لهڻ جنسي عمل جي نشاندهي ڪندڙ ٿين ٿا. لسيون ديوارون جن تان خواب ڏسندڙ لهي پنهنجي گهر اچي ٿو. ته اها علامت سندس ڪنهن گهٽي پريشانيءَ کي ظاهر ڪري ٿي. نيڪ ناءِ تصوير ۾ زميني منظر جنهن ۾ پليون يا ٽڪيل پهاڙيون نظر ايندڙ هجن ته اهي به مرد جي عضوي جي علامت ۾ ظاهر ٿين ٿا.

ڪجهه عدد علامتون "استيڪل" به ٻڌايون آهن پر اهي ايتان تائين چٽيءَ طرح تصديق نه ٿي سگهيون آهن. هُن "علامتن جي تشريح" جي مجموعي ۾ جيڪي علامتون ڏنيون آهن. انهن منجهان خاص طور تي "موت جي علامتن" متعلق لکيل حصي تي کوجنا ڪرڻ جي ضرورت آهي. ۽ استيڪل جي لکت ۾ ڪمي ئي ان ئي ڳالهه جي آهي ته هن جي شڪن شبهن تي ٻڌل تحقيق تي تنقيد ڪانه ٿي آهي.

استيڪل وٽ خوابن ۾ "ساڃي" ۽ "ڪاهي" جو مطلب "اخلاقي قدرن جو نظام" آهي. "ساڃي" جو مطلب سدائين مثبت پاسو ليکيو ويندو آهي ۽ "ڪاهي" کي "جرم يا ڏوه" سان وابستا ڪيو ويندو آهي. جڏهن ته "ڪاهو پاسو" "هم جنس پرستيءَ"، مائٽن سان زنا جو رجحان، محرم مرد ۽ عورت جي پاڻ ۾ بدڪاري" ۽ گمراهه ڪندڙ جنسي خيالن جي به نمائندگي ڪري سگهي ٿو. اهڙيءَ ريت "ساڃو پاسو" "شادي"، "وصل" يا خواب ڏسندڙ جي ذهنيت مطابق "زنا خوريءَ" جي علامت ٿي سگهي ٿو.

استيڪل مطابق: "خواب ۾ نظر ايندڙ مائٽ گھٽو ڪري مرداڻن جسماني عضون جي علامت هوندا آهن." پر مان انهن کي رڳو پٽن، ڏيئرن ۽ جوان پينرن پائرن متعلق علامتن جي تصديق ڪريان ٿو. ظاهر آهي ته هر ڪنهن جا انفرادي معاملا ۽ مشاهدا يا تجربا ٿين ٿا. ان حوالي سان مان سمجهان ٿو ته استيڪل جو ڪم بنيادي طور هڪ اهم ڪوشش ضرور آهي پر منهنجي تجربي ۾ استيڪل جي نتيجي ڪيڙ واري راءِ اصل حقيقت ۾ مونجهارو پيدا ڪندڙ آهي. ۽ اها به حقيقت آهي ته ننڊيپڻ ۾ ٻار جي ذهن ۾ جنسي رجحان ان سطح جو نه ٿيندو آهي، جيترو جوان مرد جو ان ڪري نوجوان ماڻهوءَ جي خواب ۾ ان جي ننڊيپڻ جو تجربو لاشعوري تصور جيان پيدا ٿي سگهي ٿو ۽ اهو به ممڪن آهي ته اهو تصور ڪيس ڪنهن ٻئي رخ ڏانهن گهِلي وڃي.

هاڻي مان هتي خوابن ۾ استعمال ٿيندڙ علامتن متعلق ڪي مثال شامل ڪندس، ان خيال کان ته اهي علامتون تشريح لاءِ ڪيئن ۽ ڪهڙي ناممڪن انداز سان اظهار ڪن ٿيون ۽ اهي مختلف معاملن ۾ ڪيئن نه اجهل نموني ۾ مداخلت ڪن ٿيون.

(6)

ڪجھ مثالي خواب

TYPICAL DREAMS

(پھريون)

ٽوپلو ماڻھوءَ جي علامت ۾

هي هڪ ان عورت جو خواب آهي جيڪا انبوه ۾ وڃڻ ۽ ڪليل ميدان يا ويڪرين جاين کان ڊپ جي عارضي (Agoraphobia) ۾ مبتلا هئي:

"مان سياري جي موسم ۾ هڪ گھٽيءَ ۾ گھمان پئي، مون کي مٿي تي هڪ خاص شڪل وارو ٽوپلو پيل هو ان جو وڇون حصو مٿي مڙيل هو ۽ ان جا پاسا هيٺ ڪريل هئا." (چوندي هوءَ گھبرائيجي وئي) ان جو هڪ پاسو ٻئي کان هيٺ هو، پوءِ مون کي ٿوري خوشي محسوس ٿي، ۽ اعتماد بحال ٿيڻ لڳو. پوءِ مان نوجوان آفيسرن جي ٽولي وٽان لنگھيس، مون کي لڳو ته اهي مون کي ڪوبه نقصان رسائي نه سگھندا."

هن خواب ۾ "ٽوپلي" جي تعلق سان ڪابه نشاني ظاهر نه ٿي ٿئي، پر مان چوان ٿو ته ان ۾ شڪ نه آهي ته اهو "ٽوپلو" مرداڻو عضوو آهي. اهو يقينن عجيب ٽولڪي! ان ڪري مبادا اهو مرد ئي هجي، چاڪاڻ ته اوهان "مڙس ڳولھڻ" واري محاوري مان سمجھي سگھو ٿا ته "عورت مرد جي چانوڙ هوندي آهي." ان حوالي سان منهنجو چوڻ اهو آهي ته جنهن عورت کي اهڙي مضبوط مرد جو سهارو حاصل آهي ته ان کي ڪنهن به نوجوان آفيسرن جي ٽولي کان ڊڄڻ نه گھرجي، ۽ هن جو "گھٽيءَ ۾ اڪيلو گھمڻ" سندس "بدڪاريءَ ڪان بچڻ جي تصور" کي ظاهر ڪري ٿو.

(ٻيون)

انبوه ۾ وڃڻ

ڊيل ميدان يا ويڪري جاءِ ۾ وڃڻ جي ڊپ (Agoraphobia) ۾ مبتلا عورت جو خواب:

"هن جي والده سندس ننڍي ڏيءَ کي ڪٽي اماٽي ڇڏيو هو. ان ڪري هوءَ پاڻ ئي وڃڻ لڳي. پوءِ هوءَ پنهنجي ماءُ سان گڏ ريل ۾ پئي وئي ته هن پنهنجي ننڍي ڏيءَ کي ريل سان گڏ ڊوڙندي ڏٺو ته هن به ساڻس گڏ ڊوڙڻ لاءِ پاڻ کي پابند سمجھيو. پوءِ هن سندس هڏا نڙڪندي ٻڌا (جنهن هن ۾ مونجھارو پيدا ڪري ورتو پر هن کي ڊپ نه پئي ٿيو). پوءِ هن ريل جي ڏهي مان ٻاهر نهاريو ته ڪٽي هن جا حصا پويان ته رهجي نه ويا آهن. پوءِ هن پنهنجي ماءُ کي مدد ڪرڻ لاءِ چيو ته جيئن سندس ننڍي ڏيءَ ساڻن گڏ هلي."

هن خواب جي تشريح ڪرڻ ايتري سولي ڳالھ نه آهي. چاڪاڻ ته هن ۾ ڪيترن ئي خوابن جا حصا جڙندا ٿا هلن، جن کي سمجھڻ لاءِ انهن سمورن خوابن کي ساڻ ڪٽي هلڻو پوندو. هتي علامتن جي جوڙجڪ کي سمجھڻ نهايت مشڪل ڪم آهي، چاڪاڻ ته مريضه جي پهرين ڳالھ سندس ان تاريخي سفر وارو تصور پيش ڪري ٿي، جيڪو هن اعصابي مرض جي سلسلي ۾ پنهنجي سنيالينڊ ڏسان گڏ سلھ جي اسپتال کان واپسيءَ دوران سفر ڪيو هو. اهڙي وقت اهو چوڻ ضروري نه آهي ته هن پنهنجي دل ۾ پيار محسوس ڪيو هو. هن جي ماءُ کيس پري ڪري ڇڏيو هو ۽ هن جو ڊاڪٽر ريلوي اسٽيشن تي ساڻس

اچي مليو هو ۽ ڪيس مرض مان چوٽڪاري جي خوشيءَ وچان گلدستي جو تحفو ڏنو هو هن کي ان وقت ڏکيائي ۾ محسوس ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ ته ان موقعي تي سندس ماءُ ۾ موجود هئي. ان حوالي سان هن جي ماءُ سندس محبت ۾ رخنو وجهندڙ لڳي رهي هئي، ۽ هن جي ماءُ سندس ننڍپڻ ۾ ئي اهڙو ڪردار ادا ڪيو هو. جنهن حوالي سان هن پويان پئي نهاريو ته ڪٿي پويان ته ڪجهه رهجي نه ويو آهي!

هن خواب جي مُهاڙي پڪ سان هن جي ننڍي ڏيءَ متعلق معاملن تي سوچڻ جي پاسي رخ ڪري ٿي. جيڪا ساڻس گڏ ڊوڙي ٿي ۽ پاڻ کي لائق بنائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. پر سندس تعلق ڪيس ڪنهن ٻئي پاسي لاڙي رهيو آهي. هن کي ياد ٿو اچي ته هڪ پيري اتفاق سان پنهنجي پيءُ کي غسلخاني ۾ پئيڻ پاسي کان اگهاڙو ڏٺو هو. هن جو ڏيءَ متعلق "ننڍي" لفظ استعمال ڪرڻ جو سبب ۾ اهو هو جو سندس ڏيءَ اڃان ڇڻ سالن جي آهي. هن جي ماءُ ان ننڍي ڏيءَ کي پري موڪليو هو ته جيئن پاڻ ڪنهن سان اڪيلائي ۾ ملي سگهي. هن جي "گهٽين ۾ اڪيلي سر گهمڻ" واري تصور ۾ نه ڪو مرد آهي نه ئي ڪو جنسي تعلق. ۽ هوءَ جنسي تعلق کي پسند نه ٿي ڪري. بس رڳو ننڍپڻ ۾ پنهنجي ماءُ جي ساڻ سبب پريشان رهندي هئي. جنهن ڪري هن جي رغبت پنهنجي پيءُ جي پاسي هئي.

(ٽيون)

هڪ نوجوان جو خواب،

جنهن جو پنهنجي پيءُ سان ڏهني لاڙو نه هو.

"هو پنهنجي پيءُ سان گڏ پسار ڪندو پئي ويو ته ڪيس پنهنجي پيءُ جي اوگهڙ نظر آئي. هن کي ان تي اچرج لڳو ته سندس پيءُ چيو ان ۾ حيران ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي. پوءِ هو هڪ ويڪري اڳڻ ۾ پهتا. جنهن تي جست جو هڪ ڍڳو ٿهه چڙهيل هو. هن جي پيءُ چاهيو ته هو ان جو ڪو ڍڳو حصو چڪي لاهي وٺي. پر اڳ ۾ هيڏانهن هوڏانهن نهارجاءِ ته توکي ڪو ڏسي ته ڪو نه ٿوا. هن ڪيس چيو ته: جيڪڏهن هو رڳو ڪنهن پورهيت کي چوندو ته اهو هڪدم لاهي وٺندو. اتي هڪڙي ڏاڪڻ سرنگهه وانگر ان اڳڻ کان هيٺ پئي وئي. ۽ ان جو ٽنيو چمڙي جهڙي ڪنهن نرم مواد منجهان ٺهيل هو. ٽنيي جي پڇڙيءَ تي هڪ وڏو ڪوٺهيل هو ۽ ان کانپوءِ وري هڪ ٻيو ٽنيو هو."

تشريح:

خواب ڏسندڙ ان قسم جي مريضن منجهان هو جنهن جو علاج دوائن وسيلي فائديمند ڪو نه پئي نظر آيو ۽ ڪجهه نڪتن تي هن جو خيال هو ته انهن جي وضاحت نه ٿيڻ گهرجي. پر آخرڪار هن اسان جي ڳالهه کي قبول ڪيو. هن پنهنجي خواب کي هيڏانهن هوڏانهن جي ڳالهين ملائڻ کانسواءِ ئي ٻڌائي ورتو. هن جي پيءُ خواب ۾ ڪانئس پڇيو هو ته اهو سيڪجهه چاهي؟ انهن مرداڻن عضون جو ٻيو ڪهڙو ڪم آهي؟ پر خواب ڏسندڙ ان جي ابتڙ ڏٺو. جيڪو هن جي خوابي خيال يا خواهش جيان ايري آيو هو. ديوار تي چڙهيل جست جي چادر پهرين پيري ڪنهن علامت جيان ڦهليل نه هئي. پر اها سندس پيءُ جي ڪاروباري جاءِ جي ديوار تي چڙهيل چادر هئي. دوراندیشيءَ جي حوالي سان مان ان جست کي ڪنهن ٻئي مواد سان ڳنڍيان ٿو. جنهن سان اصل ۾ سندس پيءُ جوئي واسطو آهي. ان حوالي سان مان سندس خواب جي لفظن ۾ ڪا تبديلي نه ٿو آڻيان.

خواب ڏسندڙ پنهنجي پيءُ جي ڪاروبار ۾ داخل ٿيو هو جتي هن کي سندس فرم جي ڪمن ۾ ناڪي جي ورهاست تي سخت اعتراض هو نتيجي طور (جيڪڏهن تون ڪنهن پورهيت کي چوندين ته) هن سمجهيو ٿي ته هو گراهڪن کي دوکو ڏئي رهيو آهي. "چڪي لاهڻ" سندس پيءُ جي ڪاروبار ۾ بي ايمانيءَ جي خيال کي ظاهر ڪري ٿو. خواب ڏسندڙ پاڻ به هڪ بي وضاحت ڏني. جنهن سندس "مشت زنيءَ" جي معاملي کي ظاهر پئي ڪيو.[1]

---

[1] هي خواب 1911ع دوران وڌيڪ وضاحت سان پيش ڪيل آهي. هي خواب گهٽي عام سطح جي سوانحي وضاحتن تي ٻڌل نه آهي. جنهن ۾ هن پنهنجي جنسي رغبتن جو احوال ڏنو آهي. جنهن ۾ عمارتون، علاقا ۽ زميني ڏيک، انساني عضون جي علامتن ۾ پيش ٿيل آهن.

(چوٽون)

هڪ اٺڙهيل عورت جو خواب جنهن جو مڙس سپاهي هو.

"ڪو شخص گهر جو دروازو پيڇي اندر آيو ته مان ڏڇي ويس، ۽ سپاهيءَ کي سڏ ڪيم. پر هو شايد ڪليسا ڏانهن هليو ويو هو جنهن ۾ ڪيترا ئي ڏاڪا آهن. ۽ ڪن دڪان آهن. ڪليسا جي پويان ٽڪري آهي. جنهن تي ڪائيءَ جو هڪ ڳورو بند پيل آهي. سپاهيءَ مٿي تي مضبوط قسم جو ٽوپ پاتو آهي. ڪلهن تي پتل جا ڪالر ۽ سيني تي انعامن وارا پلا لڳل اٿس. هن کي پوري رنگ جي ڏاڙهي آهي. ٽڪريءَ جي ٻنهي پاسن تي گهاٽو گهاٽو گاهه آهي. پوءِ اها ٽڪري ڦري ڪائيءَ جي ٽي وڃي ٽي."[1]

(پنجون)

ٻارن جي خصي (Castration) ڪرڻ جا خواب:

الف: "هڪ ٻار ٽن سالن ۽ پنجن مهينن جو جنهن کي پنهنجي پيءُ جي جنگ تان موٽڻ ناپسند هو هڪ ڀيري صبح جو سجاڳ ٿيو ته نهايت پريشان ۽ ڏاڍو جذباتي هو ۽ هر هر ائين پئي چيائين ته: "بابا پنهنجو سِرُ ٽالهيءَ ۾ ڇو نه رکي ويو آهي.....؟ ڪالهه رات ته هن پنهنجو سِرُ ٽالهيءَ ۾ رکيو هو."

ب: هڪ شاگرد جيڪو اعصابي طور بي خياليءَ جي غلبي ۾ مبتلا رهندو هو جنهن کي سندس ڇهن سالن جي ڄمار ۾ مسلسل هن قسم جا خواب ڏسڻ ۾ پئي آيا: "هو حجام جي دڪان تي وڃي ٿو ۽ پنهنجا وار ڪترائي ٿو. هڪ ڏڳهي ۽ تيز نگاهن واري عورت وٽس اچي ٿي ۽ سندس سِرُ ڪاٽي ٿي ڇڏي. هن ان عورت کي سڃاتو ته اها سندس ماءُ هئي."

(ڇهون)

پيشاب جي متعلق علامتون:

هتي اٺ عدد تصويرون ڏنل آهن. جن جو عنوان آهي: "فرينچ نرس جو خواب" ۽ ڏنو وڃي ته انهن ۾ آخري هڪ تصوير اهڙي آهي جنهن ۾ نرس، ٻار جي روئڻ تي جاڳيل نظر اچي ٿي. جنهن مان خبر پوي ٿي ته باقي ست تصويرون، خواب جي مرحلن جي نمائندگي ڪري رهيون آهن.

پهرين تصوير ٻار جي اندروني انهيءَ اپار جي اظهار کي ظاهر ڪري ٿي. جنهن سندس نرس کي آخرڪار نند مان اٿڻ تي مجبور ڪيو آهي. ٻار پنهنجي ضرورت کان پوريءَ طرح واقف آهي. جنهن لاءِ هن کيس مدد ڪرڻ لاءِ ٿي چيو. پر خواب ۾ نرس کيس ڪمري ۾ سمهڻ بجاءِ ٻاهر گهمڻ لاءِ وٺي وڃي ٿي.

ٻي تصوير ۾ نرس کيس هڪ گهٽيءَ جي ڪنڊ ۾ وٺي آئي آهي. جتي هو پيشاب ڪري ٿو ان ڪري هاٿي هوءَ کيس سمهارڻ لاءِ وٺي وڃي سگهي ٿي. پر منجهس اندر ۾ اٿيل جوش اڃان به موجود آهي. البت سندس جوش اڃان وڌڻ لڳو آهي. نندڙو ٻار ڏسي ٿو ته سندس نرس ڏانهس ٽوريو ٻه ڏيان نه ٿي ڏئي ته وڏيون وڏيون رڙيون ڪرڻ ٿو لڳي ۽ رڙيون ڪندي نرس کي مدد ڪرڻ لاءِ احساس ڏيارڻ ٿو چاهي. پر هن وٽ نند مان اٿڻ جو ڪو به جواز ڪونهي. ان ڪري ستل ئي رهي ٿي.

---

[1] ڪليسا، ڏاڪا، دڪا، ٽڪري، ڪائيءَ جو بند، ٽوپ، پتل جا ڪالر، انعامي ٻلا، گهاٽو گاهه وغيره انسان جي جنسي عضون جون علامتون آهن.

ٽين تصوير ۾ ساڳئي وقت خواب ۾ هڪ ايريل جوش جو ترجمو مختلف رخن تي بدل علامتن ذريعي ڪرڻ لڳي ٿو. ۽ پاٽي ۽ جو وهڪ روهار جي پيشاب واري عمل جي حوالي سان ڦهلجڻ لڳي ٿو.

چوٿين تصوير ۾ اهو پاٽي ايترو ته جهجهو ٿي ويل ڏيکاريل آهي جو پري کان ان ۾ ٻيڙي ترندي نظر اچي ٿي.

پنجين تصوير ۾ اڪيلي سر هلائڻ واري ٻيڙي ۽ ڏي ٻيڙي ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي.

ڇهين تصوير ۾ اهو ڏو ٻيڙو سفري ٻيڙي ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو.

۽ ستين تصوير ۾ اهو سفري ٻيڙو ڏي، جهاز ۾ تبديل ٿيل نظر اچي ٿو.

۽ نيٺ مصور ڏي ڏهانت سان نند ۾ غلطان نرس جي نئرپائي ۽ کي منظر جي صورت ۾ آندو آهي. ته پيشاب ڪرڻ لاءِ اٿڻ جي ڪوشش کي خواب ڪهڙي طريقي سان پيش ٿو ڪري [1]

(ستون)

ڊاڪٽ جو خواب [2]

"مان پنهنجي بلاڪ واري فليٽ جي ڊاڪٽ تان لهان پيو. ان نندڙي چوڪري ۽ جي پويان (جنهن مون سان ڪجهه ڪيو هو) ته وڃي ڪيس کا سزا ڏيان. ڊاڪٽ ۾ اوچتو هڪ ڊاڪي تي ڪجهه نظر آيو (شايد ڪا نوجوان عورت هئي) ان نندي چوڪري ۽ کي منهنجي لاءِ روڪي بيهاريو. مون به چوڪري ۽ کي جهلي ورتو پر مون کي ياد ناهي ته مون ڪيس کو ڏڪ هنيو پر اوچتو مون پاٽ کي ڊاڪٽ جي وچ ۾ ئي ڪنهن ٻار سان سنجوگ ڪندي ڏٺو. جڏ مان هوا ۾ بيٺل هوس. پوءِ مون کي پنهنجي ڪاپي پاسي ۾ نندييون تصويرون نظر آيون. ان تصوير تي مصور جي بجاءِ منهنجي دستخط ٿيل هئي. مون اتي پنهنجي نالي جو پهريون حصو ڏٺو. ائين پئي لڳو. جڏ منهنجي جنم ڏينهن جو تحفو هجي. پوءِ مون انهن ٻنهي تصويرن جي اڳيان ڪاغذ جو هڪ پرزو چنبڙيل ڏٺو. شايد ان تي ائين لکيل هو ته: "سستيون تصويرون ائين ئي تنگيل هوندينديون آهن" پوءِ مون کي لڳو ته مان بستري تان هيٺ زمين تي ڪري پيو آهيان. تڏهن مان جاڳي پيس ۽ پنهنجي ڪپڙن ۾ آلاڻ محسوس ڪيم."

تشريح: خواب ڏسڻ کان اڳ واري شام جو خواب ڏسندڙ ڪتابن جي دڪان تي ويو هو. جتي هن اهڙي ئي قسم جون ٻه تصويرون ٻ ڏٺيون هيون. جيڪي ڪيس خواب ۾ نظر آيون هيون. هو انهن نندين تصويرن جي گهٽو ويجهو ٻ ويو هو. چاڪاڻ ته اهي هن کي ڏاڍيون وٽيون پئي. هن انهن تصويرن تي مصور جو نالو ٻ ڏٺو پر اهو ڪنهن اڻڄاتل مصور جو نالو هو. ان ئي شام جو هو پنهنجي دوستن وٽ ويو هو. جتي هن جمهوريه چيڪ (Bohemain) جي رهندڙ نوڪرياڻي ۽ جو قصو ٻڌو هو. جنهن وڏي فخر سان ٻڌاڻون پئي هنيون ته هن پنهنجو ناجائز ٻار انهن ڊاڪٽين تي ڇڏيو آهي. ان ڳالهه خواب ڏسندڙ کي سوچڻ تي مجبور ڪيو ته ڇا ان نوڪرياڻي ۽ وٽ ڪنهن مرد سان ميلاپ ڪرڻ لاءِ ڪا جاءِ ڪا نه هئي! ۽ ٽي سگهي ٿو تي انهي ۽ ڊاڪٽ تي ئي هن سنجوگ ڪيو هجي! خواب ڏسندڙ کي اهو هڪ مذاق پئي لڳو. ان ڪري خواب کيس ان مذاق جو مزو چکايو.

گذريل ڏينهن جي ان تجربي کانسواءِ ٻ ڏسجي ته هو پنهنجي فليٽ ۾ سالن کان رهندو پئي آيو پر ڪيڏن لاءِ گهٽو ڪري اها ڊاڪٽ ئي استعمال ڪندو هو ۽ ڊاڪٽ تان ڏاڍي تيزي ۽ سان ٻ لهندو هو (جڏ اڏامندو هجي)، پر وارن فليٽن جي ڊاڪن تي هن ڪڏهن چوڪرن کي اهڙيون حرڪتون ڪندي ٻ ڏٺو هو جنهن جي ڪري خواب سندس ان تصور کي ورجايو هو.

---

[1] تصويرون انگريزي ايڊيشن جي صفحي 487 تي ڏنل آهي.

[2] اوتو رئنڪ جو بيان ڪيل ۽ تشريح ڪيل، جيڪو شايد شايع نه ٿيو آهي.



A French Nurse's Dream

خواب ۾ جنسي جوش وارو اظهار سندس ننڍپڻ جي ضدي ۽ اذيت پسند طبيعت جي ڪري ٿيو آهي، جو منجهس مخالف جسمن سان پيار جي ڇڪ (ننڍپڻ واري جنسي/ فطري جبلت) جو محرڪ ايجان به موجود آهي. تصويرن متعلق منهنجو اهو چوڻ آهي ته اهي عورتن جي علامت آهن: ننڍي تصوير: ننڍي عمر جي ڇوڪري ۽ وڏي تصوير: وڏي يا جوان عورت آهي. ۽ اها ڳالهه به واضع آهي ته "سستيون تصويرون" (ائين ئي ٿنگيل هوندیون آهن) "عورتن ڏانهن راغب هڻڻ جي علامت ظاهر ڪن ٿيون. ننڍي تصوير تي مصور جي بجاءِ پنهنجو نالو ڏسڻ ۽ اهو محسوس ڪرڻ ته اها تصوير ڪيس جنهن ڏينهن جي تحفي طور ملي آهي، ته اهو سندس مائٽاڻي مونجهاري کي واضع ڪري ٿو جيئن هن بوهمين جي نوڪرياڻيءَ واري ڳالهه: "ڏاڪڻ تي چڙيو هو" ٻڌي هئي.

"جاڳڻ ڪانپوءِ ڪپڙن ۾ آلاڻ کي محسوس ڪرڻ" سندس ننڍپڻ واري مشت زنيءَ کي ظاهر ڪري ٿو. جيڪو اصل کي ڏسي ان جهڙي عمل ذريعي ئي لذت (Prototype Pleasure) حاصل ڪرڻ جهڙي صورت آهي.

(اٺون)

جزوي طور ترميم ٿيل خواب:

منهنجو هڪ مريض آهي، جنهن پنهنجي اعصابي ضابطي سبب پاڻ تي جنسي لذت کان پاسي رهڻ جو قسم کاڌو آهي، هن جا سيئي تصور (لاشعوري طور) پنهنجي ماءُ تي مرڪوز آهن. هن کي گهٽو ڪري پنهنجي سائٽيءَ سان گڏ ڏاڪڻ تي مٽي چڙهڻ وارا خواب نظر ايندا آهن. هڪ پيري مون کيس مشتزنيءَ جي عمل کان روڪڻ وارو اشارو ڪندي چيو هو ته: "اهو عمل ايترو نقصانڪار نه آهي پر پنهنجي جوش ۽ جذبي کي قابو رکڻ واري پابنديءَ سان پنهنجي اندر پاڻ سان ڏاڍ ڪرڻ جي عمل مان لطف ته پوءِ به وٺين ٿو."

منهنجي ان سمجهاڻيءَ ڪانپوءِ کيس خواب آيو:

"هن جي پيانو سيکارينڊڙ استاد کيس پيانو وڄائڻ کان منع ڪئي، ڇاڪاڻ ته هن پياني جي جاهين تي هٿ ڦيرڻ چڏي ڏنو هو ۽ ڪيترين ئي راڳڻين جو به رياض ڪرڻ چڏي ڏنو هو."

هن خواب متعلق مان اهو ٿو چوان ته پياني جون چاهيون به "ڏاڪڻ" جي مثل آهن، ۽ سمورو پيانو به پوري ڏاڪڻ جيان آهي، جيڪو درجي بدرجي ٻئي سپٽڪ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو.

اوهان ڏسندا ته هن خواب ۾ هن جا ڪيترائي خيال موجود آهن، جيڪي سندس جنسي حقيقتن ۽ خواهشن جي نمائندگي ڪن ٿا.

(نائون)

حقيقت جو احساس ۽ تسلسل جي نمائندگي:

پنجتيهن سالن جي هڪڙي شخص هڪ خواب ٻڌايو، جنهن ۾ هن پنهنجي ڇٽن سالن جي ڄمار واري يادگيريءَ کي نهايت ڇٽيءَ ريت ڏٺو هو: (هو ٽن سالن جو هو ته سندس پيءُ گذاري ويو هو. انڪري هڪ وڪيل سندس پرگهور لهندو هو) ان وڪيل هڪ ڏينهن به وڏيون ناسپاتيون آنديون هيون، جن مان هڪ هن کي ڪائڻ لاءِ ڏني هئائين، ۽ هي ان ئي ڪمري جي ڇڪي ۾ رکي چڏي هئائين." (هو خواب منجهان ان شوق ۾ جاڳيو هو ته اتي اها هي ناسپاتي به ڪائي، جنهن لاءِ هن ماءُ کي اها هيءَ ناسپاتي ڏيڻ لاءِ چيو. جيڪا ايجا به ڇڪي ۾ ئي رکي هئي، تنهن تي ماٽس ڪلي ويٺي هئي.)

تشريح: وڪيل هڪ جهونو ۽ نهايت ڪلمڪ ماڻهو هو ۽ خواب ڏسندڙ کي ايجان تائين ياد هو ته ان هڪ ڏينهن به وڏيون ناسپاتيون آنديون هيون، ۽ اهو ڇڪو به ايجان اتي ئي ٿنگيل هو جيڪو هن خواب ۾ ڏٺو هو. هن جي خواب ۾ هيو ڪجهه به

نظر نہ آيو هو حالانڪ ان وقت سندس ماءُ ڪيس پنهنجو خواب ٻڌايو هو تہ: "ٻہ ڪبوتر سندس پرسان وينا هئا، مان هنن کي اڏارڻ ڇاهيان ٿي تہ اهي اڏامي وڃڻ جي وائي ٿي نہ ٿا وارين."

خواب ڏسندڙ جي رشتن جي ناڪامي، علامتي ردوبدل جي ذريعي سندس خواب جي تشريح ڪرڻ لاءِ اسان کي آساني پيدا ڪري ٿي ڏئي. ٻہ وڏيون ناسپاتيون، سندس ماءُ جا ٽڻ آهن، جن مان ڪيس غذا ملندي هئي، ۽ اها حقيقت هئي تہ هو جڏهن ٻہ جاڳندو هو تہ سندس ماءُ ڪيس ڪير ڏائڻ لاءِ ٽڻ ڏئي چڏيندي هئي. ۽ خواب ڏسندڙ جي خيالن ۾ اڃان تائين ماءُ جي ٽڻن سان لڳي پنهنجي اندر جي اسات لاهڻ جو خيال موجود آهي.

(ڏهون)

عام ماڻهوءَ جي خوابن ۾ علامتي نظريي جو سوال

نفسياتي تشريح ڪندڙن جي طرفان هميشہ هڪ اعتراض واريو ويندو آهي، جنهن تي آخرڪار "هيولاڪ ايلس" اهو جواز ڏئي آواز اٺاريو تہ خوابي علامت گهڙو ڪري اعصابي/ ذهني پيدوار جي ذريعي ظاهر ٿي سگهي ٿي، جيڪا ڪنهن عقل ۽ فضيلت ۾ هڪ ڪري ماڻهوءَ مان ظاهر نہ ٿي سگهي. پر تحليل نفسيءَ جي تحقيق ان جو ڪو بنياد ڳولهي نہ سگهي آهي، پر رڳو عام رواجي ۽ اعصابي مونجهارن واري زندگيءَ جي وچ ۾ فرق ظاهر ڪندڙ پيمانا پيش ڪيل آهن. جڏهن تہ حقيقت ۾ خوابن جي تشريح مطابق، ڊپايل خيال يا اعصابي مونجهارا عام رواجي توڙي صحتمند ماڻهوءَ ۾ هڪ جيترو اثر ڪندڙ ٿين ٿا، ۽ انهن ٻنهي قسمن جي ماڻهن جي اثراندازيءَ جي نشاندهي، "علامتن جي جوڙجڪ" ذريعي ڪري سگهجي ٿي. ڪنهن تندرست ماڻهوءَ جا سَنوان سادا خواب ٻہ حقيقت ۾ نهايت سادي مواد تي ٻڌل هوندا آهن، ۽ اعصابي مونجهارن ۾ مبتلا ماڻهن جي علامتي جوڙجڪ ڪان گهڙو وڌيڪ ڪرداري خصلتون رکندڙ ۽ آساني سان سمجهہ ۾ ايندڙ علامتن تي ٻڌل هوندا آهن. چاڪاڻ تہ اهي فڪري چنڊچاڻ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل هوندا آهن. جڏهن تہ اعصابي مونجهارن واري شخص جي خوابن جي بگڙيل علامتن کي سمجهڻ ۽ انهن جي تشريح ڪرڻ ٿورو ڏکيو ڪم هوندو آهي.

انهيءَ جي مثال ۾ مان هڪ ڇوڪريءَ جو خواب پيش ٿو ڪريان، جيڪا اعصابي مونجهاري ۾ مبتلا نہ آهي پر هوءَ هڪ محتاط طبيعت واري ڏاهي ڇوڪري آهي. هن سان گفتگو دوران مون کي خبر پئي تہ هوءَ ڪٿي مڱڻي هئي پر ڪجهہ مسئلن جي ڪري هن جي شاديءَ ۾ رندڪ پئجي وئي هئي، جيڪا آخرڪار ملتوي ٿي وئي هئي:

"مان جنم ڏينهن جي خوشيءَ ۾ ميز جي وچ تي گل سجايان ٿي."

هڪ سوال جو جواب ڏيندي هن ٻڌايو تہ: هن اهو خواب نهايت خوشيءَ جي احساس سان پنهنجي ان گهر ۾ ڏٺو هو جنهن ۾ هاڻي هوءَ نہ رهندي آهي.

هي هڪ مشهور علامت آهي، جنهن ۾ ڪنهن ٻہ لوڻ مرچ ملائڻ ڪانسواءِ ۽ ممڪن طريقي سان ان جو ترجمو ڪري سگهجي ٿو: اهو خواب هن جي شاديءَ جي خواهش جو تاثر ظاهر ڪري ٿو. ميز! جنهن جي وچ تي هوءَ گل سجائي ٿي، اها ميز هوءَ پاڻ آهي. مون هن کي ٻڌايو تہ "ميز جو وچ" هڪ غير رواجي علامت آهي، جنهن کي هن قبول ڪيو پر مون هن کان وڌيڪ ڪوبہ سوال نہ ڪيو ۽ احتياط ڪندي سندس خوابي علامتن جي تعلق جي مطلب بيان ڪرڻ کان لنوائي چڏيو. پر مون ڪائنس ايترو ضرور پڇيو تہ: "هن کي پنهنجي خواب جي بين حصن سان وابستا معاملن تي ڪجهہ ڳالهائڻو آهي تہ ضرور ڳالهائي."

پر هن پنهنجي مائيٽي طبيعت جي ڪري ڪجهہ ٻہ نہ چيو.

پر مون جڏهن "گلن" متعلق پڇيو تہ چوڻ لڳي: "اهي مهانگا گل هئا، شايد ئي ڪو انهن کي خريد ڪري سگهي، انهن کي خريدڻ لاءِ گهڙو ڪجهہ ڏيڻو پوندو آهي.... اهي اسان جي وادي ۾ ڦٽندڙ نيلوفر جا گل هئا، هلڪا واڱڻائي، گلابي يا شايد اهي گلنار هئا."

مون سنڌس گفتگو مان لفظن "نيلوفر ۽ گلنار" جي حوالي سان اندازو لڳايو تہ هن جي خواب ۾ گلن جو نظر اچڻ "پاڪدامنيءَ" جي علامت آهي. جيستائين "وادي‌ءَ" جو تعلق آهي تہ اهو عورت جي عضوي جي علامت سان ئي وابستا آهي ۽ "مهانگا گل" سنڌس پارسائيءَ جي نشاندهي ڪري رهيا هئا. "انهن کي خريدڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ ڏيڻو پوندو آهي." سنڌس زال ۽ ماءُ ٻڌجڻ جي خواهش کي ظاهر ڪري ٿو. "جنم ڏينهن" جي معنيٰ ۾ سنڌس "ٻار کي جڻڻ جي خواهش" متعلق آهي. "سجايان ٿي...." سنڌس ٻاراڻي راند وانگر ظاهر ٿئي ٿي.

اصل ۾ خواب ڏسندڙ ڇوڪري پنهنجي شرميلي طبيعت سبب پنهنجي جنسي رجحان تي پابندي مڙهي آهي، جنهن ڪري منجهس جنسي ڪمي پيدا ٿي پئي آهي، جنهن کي هوءَ جاڳيل حالت ۾ قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. ان ڪري خواب کيس ان ڪميءَ کان آگاهہ ڪيو آهي. هوءَ "پاڻ کي" هڪ "ميز" وانگر ڏسي ٿي. "ميز جو وچ" سنڌس ڪنواري هجڻ کي ظاهر ڪري ٿو. هن جي خواب مان کيس اجايو يا فالتو ڳانڍاپو نظر نہ ٿو اچي.

بعد ۾ خواب ڏسندڙ ڇوڪريءَ خواب ۾ واڌاري واري صورتحال کان آگاهہ ڪيو:

"مان سائي رنگ جي گهنجن واري ڪڙڪندڙ ڪاغذ ۾ گلن کي سجايان ٿي."

ٻڌائيندي چوڻ لڳي: "اهي نفيس ڪاغذ آهن..... گلن جي وچ ۾ ٿوري وٿي نظر اچي ٿي. ڪاغذ بخمل وانگر نرم ٿو لڳي.

"سائو رنگ" هن جي "اميد" جي علامت آهي، ۽ هوءَ ڪنهن مرد جي تصور ۾ پاڻ کي سينگاريل ٿي چاهي. سنڌس خواب اهو ظاهر ڪري ٿو تہ هن کي پنهنجي عضون سان بہ گهڻو پيار آهي. پاڻ کي جنم ڏينهن جي تيارين وانگر سينگاريل ٿي چاهي. پر هن جي شرميلي هجڻ سبب، هن پنهنجي جنسي خواهشن جي اپار کي دٻائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي، جنهن جي ڪري منجهس جنسي گهٽتائي پيدا ٿي پئي آهي.

مان سمجهان ٿو تہ اسان ٽلهي ليکي انهن خوابن کي ٻن درجن ۾ تقسيم ڪرڻ جو جواز پيش ڪري چڪا آهيون. هڪڙا اهي آهن: جن جو مطلب سدائين ساڳيو هوندو آهي ۽ ٻيا اهي: جن جي متن سان مشابهت هوندي آهي، جن جي تشريح ۾ بہ ڪا خاص مٽ سٽ يا قير گهير نہ هوندي آهي. پهرين درجي جي خوابن جو مثال مان باب پنجين: "خوابن جو مواد ۽ ماخذ" جي حصي پ: ۾ "امتحاني خوابن" جي عنوان هيٺ ڏٺي آيو آهيان.

"ريل جي ڇتي وڃڻ" وارا خواب بہ "امتحاني خوابن" وانگر ساڳيو اثر ڇڏيندڙ هوندا آهن، جن جي وضاحت ٻڌائي ٿي تہ اسان ان سلسلي ۾ درست ڪم ڪيو آهي. اِهي اُهي خواب آهن جيڪي ننڍ ۾ محسوس ٿيندڙ ڪنهن ٻئي قسم جي پريشاني/ اڻ تڻ، کي دلاسو ڏيندڙ هوندا آهن. مثال طور "مرڻ جي ڊپ" وغيره لاءِ تسلي ڏيندڙ هوندا آهن. جن ۾ ڪنهن سفر تي "رواني ٿيڻ" واري علامت بہ "مرڻ" متعلق عام ۽ مستند هوندي آهي. پر اهي خواب اهو دلاسو ڏيندا آهن تہ "ڊڄڻ جي ضرورت نہ آهي. فڪر نہ ڪر تون روانو نہ ٿيندين، يعني مرندين نہ ڳٽتي نہ ڪر، اهو ڪنهن ٻئي پيري ايندو."

اصل ۾ انهن پنهي قسمن جي خوابن کي سمجهڻ ٿورو مشڪل ڪم آهي. چاڪاڻ تہ "پريشاني يا ڳٽتي" خود "دلاسي ۽ آٽت" جي احساس سان ڳنڍيل آهي. ساڳيءَ طرح مون "ڏند جي ڪرڻ" ۽ "اڌامڻ" جي خوابن متعلق بہ تجزيو ڪيو آهي، ۽ اتفاق سان پنهي قسمن جا خواب هڪ ئي شخص ڏٺا هئا، جيڪو جنس پرستيءَ جي عادت ۾ قاتل هو.

"مثالي خوابن" جي ٻئي قسم ۾ اهي خواب شامل آهن، جيڪي گهڻو ڪري "اڌامڻ"، "هوا ۾ هلڻ"، "ڪِرڻ" "ترڻ" بابت آهن. هتي سوچڻ جي ڳالهہ اها آهي تہ آخر اهڙي قسم جي خوابن جو ڪهڙو مطلب آهي؟ پر اها بہ حقيقت آهي تہ اهڙن سوالن جو عام رواجي جواب ڏيڻ بہ ناممڪن آهي. بهرحال اسان ائين ٻڌو آهي تہ واقعن ۽ موقعن جي حوالي سان انهن جو مطلب بہ مختلف ٿئي ٿو ۽ اهو بہ محسوسات جو ڪچويا بي اعتبار مواد آهي، جيڪو سنڌس ئي فڪري/ ذهني وسيلن منجهان پيدا ٿئي ٿو.

تحليل نفسيءَ جي ذريعي مليل معلومات مون کي انهن ڳالهه تي پابند ڪري ٿي ته اهڙن خوابن جو ڪو قطعي يا فيصلاڪن حل بيان ڪريان ۽ خود پاراٿي عمر جي تاثراتي نشانين کي پيهر پيش ڪريان جيڪي انهن جي راندين، حرڪتن سان جُڙيل آهن، جيڪي پارن جون حد کان وڌيڪ دلپسند مشغوليون آهن. مان نه ٿو سمجهان ته دنيا ۾ ڪو اهڙو چاڇو به موجود هوندو جنهن پنهنجي پارن کي پانهن کان يا پيرن کان جهلي ڦيرڻ نه پارايون هوندين يا پنهنجي پيرن تي ويهاري هيٺ مٿي ڪري جهولايو نه هوندو، پڻيءَ تي چاڙهي گهمايو نه هوندو يا پنهنجي جنگهن ۾ وڪوڙي ڦاسايو نه هوندو بستري تي اڇلايو نه هوندو. پار اهڙن تجربن مان ڪڍهن نه ٽڪيا آهن ۽ قلابزيون کارائڻ لاءِ وري وري پيا چوندا آهن. اهڙين مشغولين ۾ پار ڏڇندا به آهن، ته خوشيءَ کان رڙيون به ڪندا آهن، ڪجهه سالن کان پوءِ پار انهن کي پنهنجي خوابن ۾ به ورجائيندا آهن. پر خوابن ۾ اهي هٽ نڪري ويندا آهن، جيڪي کين ڪيڏائيندا، ٽپا ڏياريندا ۽ هوا ۾ اڇلائيندا هئا. خوابن ۾ هو بنا سهاري جي اڏرندا ۽ ترندا آهن. وري جيڪڏهن هو ڪنهن سرڪس ۾ ڪنهن بازيگر کي بازيون ڏيکاريندي ڏسندا آهن ته سندن يادون موٽي ايندين آهن. چوڪرن ۾ چٽپڻ يا بي قابو جذبن (Hysterical) جو حملو به ڪڍهن اهڙي قسم جي مهارت حاصل ڪرڻ وارن ڪرتبن سبب ٿيندو آهي ۽ کيڏڻ ڪڏڻ سبب کين جيڪا خوشي محسوس ٿيندي آهي، اها منجهن جنسي/ نفسي اپار جو به سبب بڻجندي آهي ۽ اهي راحت پيدا ڪندڙ احساس انهن تجربن سان ڳنڍيجي منجهن ڳٽتيءَ ۽ پريشانيءَ ۾ به تبديل ٿي ويندا آهن ۽ مائرون ڄاڻين ٿيون ته انهن ٽپڻ ڪڏڻ جي پڇاڙي رسڻ جهيڙي ۽ روئڻ تي ٿيندي آهي.

هاڻي مون وٽ ڪاوڙيا احساسن کي اپارڻ واري ان نظريي کي رد ڪرڻ لاءِ سڀ ميدان آهي ته: "ننڊ دوران ڪنهن شيءِ جي ڇهاءَ واري احساس، يا ڦڙڻ جي حرڪت سان پيدا ٿيندڙ احساس سبب اسان اڏامڻ ۽ ڪِرڻ جا خواب ڏسندا آهيون." منهنجو خيال آهي ته اهڙا احساس پاڻمرادو انهن يادگيرين جي حصي طور پيهر پيش ٿيندا آهن، جن کي خواب پاڻ پويان وجي ڪٽي ايندو آهي، جنهن کي اسان ائين چئي سگهون ٿا ته اهي "خواب جي متن" جو حصو هوندا آهن، ذريعو يا وسيلو نه هوندا آهن.

کيڏڻ ڪڏڻ يا ٻين حرڪتن جي اثرن تي مشتمل ساڳئي قسم جو مواد پوءِ ساڳئي قسم جي ڪارڻ ذريعي اڳيان ايندو آهي، جيڪو خوابي خيالن جي هر ممڪن نمائندگي ڪندڙ هوندو آهي. اڏامڻ يا هوا تي هلڻ (خوشيءَ جي اصول) کي مختلف تشريحن جي ضرورت آهي، جيڪا هر ڪنهن جي انفرادي خاصيتن ذريعي ڏسبي آهي، جڏهن ته ٻين لاءِ اهي مثالي خواب، جي ذمري ۾ ايندا آهن.

منهنجي هڪ مريضه عورت ٻڌايو ته:

"مان گهٽيءَ ۾ تمام مٽانهين تي پئي اڏاميس، ڏرتيءَ تي پير ئي نه پئي لڳو."

هن جي اڏامڻ وارو خواب زمين تان "پير" کڻڻ ۽ پنهنجي "مٿي" کي هوا جي اونچائيءَ ڏانهن ڪرڻ ذريعي سندس ٻن خواهشن جو پورائو ڪري ٿو.

هڪ ٻي عورت جي "اڏامڻ جي خواب" منجهان مون کي سندس پڪيءَ جيان اڏامڻ جي خواهشن پئي نظر آئي. ڪنهن عورت خواب ۾ پاڻ کي فرشتي جيان آسمانن جو سئر ڪندي ڏٺو چاکاڻ ته هوءَ ڏينهن جو فرشتي جيان اڏامي ڪا نه ٿي سگهي! اڏامڻ جو احساس ماٿهوءَ ۾ گهٽو ڪري پکين جي هوا ۾ اڏرڻ واري مشاهدي منجهان به ٿئي ٿو.

ويانا جي ڊاڪٽر پال (Dr. Paul Federn of Vienna) هڪ وٽندڙ نظريو پيش ڪيو آهي ته: "اڏامڻ وارن خوابن جو گهٽو تعداد، عضوياتي اپار جي خوابن سان منسلڪ آهي. اهڙي غير معمولي حقيقت مورلي وولڊ (Mourly Vold) جهڙي خوابن متعلق سنجيده ذهن رکندڙ محقق به ڪئي آهي، هو وري هر قسم جي تشريح کان دل ڦيرڻ واريون ڳالهيون ٿو ڪري پر اڏامڻ ۽ هوا ۾ ترڻ وارن خوابن متعلق هو عضوياتي اپار (Erotic) واري تشريح کي ئي مڃي ٿو. هن جو چوڻ آهي ته عضوياتي

اپار ئي هوا ۾ ترڻ وارن خوابن جو سگهارو محرڪ آهي، جيڪو بدن ۾ اپرندڙ لهرن جي قوت کي محسوس ڪري ٿو ۽ خواب سان شامل ٿي. "اپار ۽ نيڪال" جو سبب بڻجي ٿو.

خوابن ۾ "پاڻ کي هيٺ ڪِرندي ڏسڻ" هڪ ٻئي رخ کان ڳڻتيءَ جي خصلتن سبب به ڏسڻ ۾ ايندو آهي، جنهن تشريح ڪرڻ خاص عورتن جي سلسلي ۾ گهڻي مشڪل نه هوندي آهي، چاڪاڻ ته هوءَ هيٺان پَوَڻ جي علامتي استعمال ۾ جهڪاءَ جو پيڪر هوندي آهي.

اهي ماڻهو جيڪي گهڻو ڪري ترڻ جا خواب ڏسندا آهن، ۽ ان جي ڇهاءَ ۽ لهرن مان وڏو مزو وٺندا آهن، انهن مان گهڻا "هنڌ منڌا" (Bed_ Wetters) به هوندا آهن.

"باهه" جي متعلق تشريح دوران اسان ڏٺو ته ٻار گهڻو ڪري باهه سان به راند ڪندا آهن. پر جيئن مائٽ کين باهه سان کيڏڻ کان منع ڪندا آهن تيئن کين هنڌ ۾ مٽڻ واري عارضي تي به ناراض ٿيندا آهن ۽ ان جو ڪو علاج ڳولهيندا آهن.

مثالي خوابن جي سلسلي ۾ ٻيا به ڪيترا خواب آهن جيڪي هتي شامل ڪري سگهجن ٿا، مثال طور: "سوڙهين گهٽين مان گذرڻ" "گهر جي سمورن ڪمرن ۾ گهمڻ"، "چورن کان ڀڄڻ" (خاص طور اهي ماڻهو جيڪي سمهڻ کان اڳ چوريءَ جي ڊپ سبب احتياطي تدبيرون ڪندا آهن)، ڏاندن يا گهوڙن سميت، جهنگلي جانورن کي ريجهائڻ"، چاقوءَ، ڇُريءَ يا خنجر سان ڊيڄارڻ"، پوين ۾ن قسمن جا خواب گهڻو ڪري ڳڻتيءَ ۾ مبتلا ماڻهن کي نظر ايندا آهن.

اسان ڪيترن ئي خوابن متعلق ساڪ سان چئون ٿا ته جيڪڏهن انهن جي تشريح احتياط سان ڪئي وڃي ته اهي گهڻو ڪري "ٻه طرفي جنسي رويي" (Bisexual) وارا ثابت ٿيندا، يا جيڪڏهن تشريح جي وڏاءَ کي مڃبو ته گهڻا خواب "هم جنس پرستيءَ" جا ثابت ٿيندا. مان ته ائين به چوندس ته سمورن خوابن جي جنسي / نفسي تشريح ڪرڻ گهرجي ته جيئن خوابي علامتن کي سمجهڻ ۾ آساني پيدا ٿئي، چاڪاڻ ته مان اڳي به ڪٿي لکي آيو آهيان ته" "انتهائي معصوميت وارا خواب به "عضوياتي اپار جي خواهش" جي ڪري ظاهر ٿين ٿا. البت مان اهو به مڃان ته ڪيترا خواب مختلف سببن جي ڪري به نظر ايندا آهن."

خوابن ۾ جنسي رغبت جي لڪل صورت ان ريت به نظر ايندي آهي، جيئن هن خواب ۾ آهي:

"مان ۽ن ننڍپڻ جاين جي ٽورو پويان ٻيٽو آهيان. هڪ ننڍي گهر جو دروازو بند آهي، منهنجي زال مون کي سوڙهي گهٽيءَ مان مٿي گهر ڏانهن وٺي اچي ٿي ۽ بند دروازي کي ڏکوڻي کولي ٿي ۽ مان ترڪي آسانيءَ سان اندر هليو ٿو وڃان."

جيڪڏهن ڪنهن کي تشريح ڪرڻ جو ٽورو به تجربو هوندو ته هو ان "سوڙهي گهٽيءَ" ۽ بند ٽيل دروازي کي کولڻ" جو مطلب آسانيءَ سان سمجهي سگهندو ته اهي "جنسي علامتون" ئي آهن.

مثالي خوابن جي ڏمري ۾ مان هتي "ارنيسٽ جونز" (Ernest Jones) جي مضمون منجهان هڪ "جمڻ جو خواب" ٿو پيش ڪريان:

"هوءَ سمنڊ جي ڪناري بيٺي آهي ۽ هڪ ننڍڙي ٻار ڏانهن نهاري رهي آهي، جيڪو ڪيس پنهنجو ٿو لڳي. ٻار پاڻيءَ ۾ بيٺو آهي ۽ هوءَ ان کي تيستائين ڏسندي ٿي رهي جيستائين پاڻي سندس ڳچيءَ تائين اچي پهچي ٿو. ان وقت منظر ماڻهن سان پريل هوٽل ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو. سندس مڙس ڪيس ڇڏي وڃي ٿو ۽ هوءَ هڪ "اجنبي مرد سان گفتگو ڪرڻ لڳي ٿي."

هن خواب ۾ "سندس مڙس جو ڇڏي وڃڻ ۽ ڪنهن اجنبيءَ سان گفتگو ڪرڻ" مان اهو اندازو لڳائڻ مشڪل نه آهي ته ان عورت جو ڪنهن غير مرد سان تعلق آهي. خواب جو پهريون حصو "ٻار جي ڇڏڻ" جي تصور تي ٻڌل آهي. ڏند ڪٿائن جيان خوابن ۾ به ٻار جي سرجنا "ٻچيداني‌ءَ جي پاڻياڻ" ۾ ٿئي ٿي. جنهن کي اها عورت سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ ٻيٺل ڏسي ٿي ۽ نهارڻ

مان سندس اها خواهش ظاهر ٿئي ٿي تہ هوءَ ان کي ان پاڻيءَ مان ڪيڻ ٿي چاهي، هن کي ڪٿي صاف ستڙو ڪري، پنهنجي گهر ۾ رکڻ ٿي چاهي.

"بچاءَ" جي حوالي سان ايندڙ خواب بہ عورت کي پار جي جمڙ جي سلسلي ۾ نظر ايندا آهن.

پيشاب ڪرڻ جي تحرڪ متعلق خوابي علامتون شروع کان ونيءَ ئي شناخت ٿيل آهن. "بقراط" (Hippocrates) جورايو آهي تہ: "پهاڙ ۾ "پاڻيءَ جو وهڪرو" مثاني جي خرابيءَ کي ظاهر ڪري ٿو."

هيولاڪ (Havelock Ellis_ 1911_164) ۽ شيرنر (Scherner_ 1861_189) جو خيال آهي تہ "پيشاب ڪرڻ جو تحرڪ" گهٽو ڪري ساڳئي وقت جنسي رجحان وارن خوابن جي نمائندگي ڪندڙ هوندو آهي."

"مثاني متعلق خوابن جون علامتون" جيئن پنهنجي مشهور جنسي علامتن جيان ظاهر ٿيندڙ آهن تيئن بالڪپڻي جي حوالي سان بہ ساڳيون ئي جڙندڙ آهن. مثال طور: "پاڻي" = پيشاب (مني)، "پيڙي" = پچيداني، پيتي، (پيشاب ڪرڻ)، "ترڻ = مثاني جو پرجي وڃڻ، "برسات" = پيشاب ڪرڻ.

(7)

ڪجهه مثال:

SOME EXAMPLES

خوابن ۾ ڳٽ ۽ گفتگو

CALCULATIONS AND SPEACHES IN DREAMS

خوابن تي انتهائي وڏي حڪومت ڪندڙ هن چوٽين عنصر جي متعلق بيان ڪرڻ کان اڳ، مان پڙهندڙن کي صلاح ڏيندس ته اهي منهنجي گڏ ڪيل مثالن جو مطالعو ضرور ڪن، جن جي تحقيق جي سلسلي ۾ مون وڏا ڪشالا ڪيا آهن، جيڪڏهن انهن کي نظرانداز ڪبو ته خوابن جي تشريح جو روح ئي ختم ٿي ويندو.

هاڻي مان اوهان کي ڪجهه مثالن ۽ واقعن جي ذريعي خوابن جي پيش ٿيڻ جا نيارا ۽ غير معمولي طريقا ٻڌائيندس:

هڪ عورت خواب ڏٺو ته:

"نوڪر ياڻي، ڏاڪڻ تي چڙهيل هئي، ۽ جيئن ئي هن دري صاف ڪرڻ شروع ڪئي ته هڪ پولو ۽ هڪ بگهڙ مٽس چڙهائي ڪري آيو ته هن انهن کي هڪل ڪري مون ڏانهن اماڻي ڇڏيو. پر پولو ٽپو ڏئي مٽس چڙهي ويٺو اهو ڏاڍو ڪراهت وارو ۽ بچان ڏيارينڊڙهو."

هن خواب نهايت سادي صورت ۾ پنهنجو مقصد حاصل ڪري ورتو آهي، هن ۾ گفتگو جي هڪ تصوير آهي جيڪا مڪمل طور تي لفظ: "پولي" ۽ جانورن جي نالن کي عام طريقي سان گار گند واري لهجي ۾ پيش ڪري ٿو ۽ خواب ۾ پيش ٿيل صورتحال جو مطلب گهٽ وڌ اهو ئي آهي: يعني هڪل، هوڪرو يا گارگند.

خوابن جي ان موجوده سلسلي ۾ خواب جي ڪم جا ٻيا سادا مثال هن ريت آهن، ان جو هڪ ٻيو خواب، جنهن به ساڳيو انداز اختيار ڪيل آهي:

"هڪڙي عورت وٽ هڪ ٻار آهي جنهن جي مٿي واري حصي ۾ واضع طور تي ڪَپ پيل آهي، هن (خواب ڏسندڙ عورت) ٻڌو ته ٻار ڳپ ۾ وڌڻ لڳو آهي، ڊاڪٽر چوي ٿو ته هن جي مٿي کي، ڊاءَ ذريعي سڌي شڪل ڏئي سگهجي ٿي، پر ان سان هن جو ميڇالو ڦسي پوندو. خواب ڏسندڙ عورت سمجهي ٿي ته اهو ٻار جڏ هوءَ پاڻ ئي آهي ۽ هن سان ائين ڪبو ته ڪيس کو مقصان نه رسندو."

هي خواب "ٻارن مٿان تاثر" بابت تجريدي نظريي جي هڪ چيڙهالي پيشڪش تي ٻڌل آهي، جنهن جي تشريح تڏهن ممڪن ٿي سگهي هئي، جڏهن هوءَ مون وٽ علاج لاءِ آئي هئي.

هن واقعي ۾ خواب جي ڪم ٿوري فرق وارو طريقو اختيار ڪيو آهي:

"ٻاهرين فضا نهايت خوفناڪ هئي، اتي هڪ گندو ۽ ڏڪار جوگو هوٽل هيو. ڪمري جي پتين مان پاڻي پئي سميو. بستري تي وڇايل چادرون به صفا گنديون هيون." (خواب جو ٻيو حصو هن مون کي پوءِ ٻڌايو هو.)

هن خواب جو مطلب آهي: "اجايو/ فالتو" (Superfluous). هي مجرد خيال (Abstract Idea) جيڪو خوابي خيالن ۾ موجود هو اهو پهرين ست ۾ رخ بدلائي "اجايو/ فالتو" (Superfluous) منجهان، "چلڪڻ" (Overflow) جي صورت اختيار ڪري ويو يا اهو "مٿان وهڻ" يا پاڻياٽ" ٻڌجي ويو. جيڪو ڪمري جي پتين مان سِمندڙ پاڻيءَ ڏانهن اشارو ڪري ٿو. بستري جي چادر به گندي هئي ته ان حوالي سان به هر شيءِ ۾ گندگيءَ جي چلڪڻ جو خيال پيش ٿئي ٿو.

اسان کي ان ڳالهه تي عجب کائڻ نه گهرجي ته خوابن ۾ پيش ٿيندڙ مقصد جي حل جي صورت ۾ لفظن جي صورتخطي، انهن جي آوازي صورت کان گهڻ اهم ٿئي ٿي، خاص طور تي اسان کي لوڪ گيتن ۾ هاڻاٽن ٻيتن جي آوازي شڪلين کي پنهنجي ذهن ۾ رکڻو پوندو جاکاڙ ته هار يا ڳوناٽا ماڻهو الف ب واري صوءِ تخط ءَ کان واقف نه هوندا آهن، اهي رڳو آوازن جي سهاري اهي لفظ اچارياندا آهن.

"رئنڪ" هڪ خواب لکيو آهي ته:

"هڪ عورت خواب ۾ هڪ ٻنيءَ مان هلندي، مڪئيءَ جا ڪيترا سنگ ڪاٽيا. سندس جوانيءَ واري دور جو سندس هڪ دوست هن جي ويجهو اچي ٿو ۽ هو ڪوشش ڪري هن سان ملڻ کان لنوائي ٿي."

هن خواب جي تشريح اهو ٻڌائي ٿي ته هي خواب "چميءَ" سان وابستا آهي، هڪ عزت/ اعزاز واري مِنيءَ (Honourable Kiss) سان، ۽ جيئن ته اناج جي سنگ ڪاٽڻ متعلق جرمني ٻوليءَ ۾ لفظ: "Ahren" اچي ٿو تيئن Kuss in Ehren جو مطلب ٻه اها عزت واري مِني ٿئي ٿو جنهن لاءِ جرمني ٻوليءَ ۾ هڪ پهاڪو ٻه مشهور آهي ته: "ڪو ٻه ان عزت واري چُمي کان انڪار نه ڪري سگهندو آهي."

ان حوالي سان خواب ڏسندڙ عورت پهرين چمي انهن مڪئيءَ جي سنگن کي ڏني آهي، جيڪي هن ٻنيءَ مان گذرندي ڪاٽيا هئا، يعني "پٽيا" نه پر "ڪاٽيا" هئا، ۽ "مڪئي جي سنگ کي چمي ڏيڻ" خواب ڏسندڙ جي لڪل جنسي خيالن کي ظاهر ڪري ٿو.

ٻئي طرف، ٻين معاملن ۾ ٻوليءَ جي صوتي ارتقا خوابن جي شين يا ڳالهين کي آساني بڻائي ڇڏيندي آهي. هر ٻوليءَ کي لفظن جي تصويري ٻولي ٻه ٿيندي آهي، جنهن جي ذريعي درست قسم جي نشاندهي ڪري سگهبي آهي، پر اڇڪلهه اها بي رنگ ۽ تجريدي خيالن ذريعي استعمال ٿي رهي آهي، ۽ خواب انهن سمورن لفظن کي انهن جي قدامت سان سيڃاڻڻ ۽ شناخت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جدت کي سمجهڻ ۽ ان کي پيش ڪرڻ لاءِ ڪيس ٽورو پوئتي وڃڻو پوندو آهي. مثال طور هڪ ماڻهوءَ پنهنجي ياءِ جو خواب ڏٺو آهي هڪ ٻيتيءَ جي صورت ۾، جنهن جي تشريح اها ٿئي ٿي اصل ۾ "ڪٻاٽ" سان تبديل ٿيل آهي، جيڪو جرمني ٻوليءَ ۾ جدت جي حوالي سان "رڪاوٽ" يا "پابندي" جي صورت ۾ استعمال ٿئي ٿي، جنهن جو مطلب ٿيو ته سندس ياءِ ساٿس ملڻ لاءِ پاڻ تي پابندي مڙهي آهي.

هڪ ٻئي شخص خواب ڏٺو ته: "هو هٿن پيرن سان بانڍڙا پائيندي جبل جي چوٽيءَ تي چڙهي ويو آهي، جتي هن غير معمولي ۽ نهايت وسيع نظارو ڏٺو. هتي هي شخص پاڻ کي پنهنجي ياءِ سان گڏ سيڃاڻي ٿو جيڪو هڪ اخبار جو ايڊيٽر هو ۽ مشرقي معاملات سان لهه وچڙ ۾ هوندو هو."

هڪ ٻئي شخص خواب ڏٺو ته: "هو هٿن پيرن سان بانڍڙا پائيندي جبل جي چوٽيءَ تي چڙهي ويو آهي، جتي من سير معمولي ۽ نهايت وسيع نظارو ڏٺو. هتي هي شخص پاڻ کي پنهنجي ياءِ سان گڏ سيڃاڻي ٿو جيڪو هڪ اخبار جو ايڊيٽر هو ۽ مشرقي معاملات سان لهه وچڙ ۾ هوندو هو."

"گاٽفرائيڊ ڪيلر" (Gottfried Keller) جي ناول "گريني هينرخ (Der Griine Henrich) جي چوٽين باب جي ڇهين حصي ۾ هڪ خواب ٻه ملندڙ جلندڙ آهي، "جنهن ۾ هڪ ڳٻاٽتو ڇٽگي گهوڙو جَوَن جي عمدي پوک ۾ چَري ڦِري رهيو هو ان جو هر هڪ سنگ ذائقي ۾ بادام جهڙو نهايت منو هو ۽ ڪشمش.. جهڙي ڳاڙهي ريشم ۽ جهنگ واري (Pig) جي چمڙي سان ويڙهيل...."

ليڪڪ (يا خواب ڏسندڙ) پنهنجي انهن خوابي تصويرن ذريعي، تشريح ٻه پاڻ ئي ٻڌائي ٿو ته: "گهوڙو پڪ ئي پڪ احساس جي ڪتڪتائي ڪندي سڏي رهيو آهي ته: "جَوَ منهنجو چيد تا ڪن" جنهن جو اصطلاحي مطلب آهي ته "خوشحالي ءَ مون کي نقصان ڏنو آهي."

"هينزن (Henzen_ 1890) لکيو آهي ته: گفتگو جي حوالي سان خواب: ذو معنيٰ (Puns) يعني ساڳئي اچار وارا لفظ استعمال ڪندو آهي جن جي مناسبت جي حوالي سان معنيٰ ٻي هوندي آهي، ۽ لفظن کي ڦيرائي پيش ڪرڻ ۽ گهٽو ڪري پراڻين، ناروي جي باشندن جي جنگي داستانن ۽ بهادريءَ جي ڪارنامن جي ڏڳهين ڪهاڻين جيان ڳالهيون ڪندو آهي، جنهن منجهان مس مس وڃي ڳولهي لهبو آهي ته خواب صاحب اصل معاملي کي اڻ چٽو نه رکيو آهي پر لفظن جي راند کيڏي آهي.

اهو پاڻ هڪ اهم ڪم آهي ته خوابن جي پيش ٿيڻ يا خوابن ۾ خيالن جي نمائندگيءَ جي انهن طريقن کي گڏ ڪجي، ۽ ڪنهن اصول تحت انهن جي درجي بندي ڪجي. ڇاڪاڻ ته پيش ٿيڻ جي ڪجهه طريقن جي تشريح ڪجهه اهڙي آهي جو اهي جڙ کي "مذاق" هجن، ۽ اهو به چيو ويندو آهي ته خواب ڏسندڙ جي مدد ڪانسواءِ خوابن کي سمجهي نه ٿو سگهجي.

1. هڪ شخص خواب ڏٺو ته: "هو ڪنهن کان سندس نالو پيو پڇي، پر هو ان لاءِ سوچي ڪو نه پيو."

اوهان ڏسو ته خواب ڏسندڙ پاڻ ئي پيو وضاحت ڪري ته هو ڪنهن جو نالو به پڇي پيو ۽ سوچي به ڪو نه پيو. وري مٿان سوال ٿو ڪري ته "ان جو مطلب ڪهڙو آهي، ۽ حيرت وچان چوي ٿو ته "هن ڪڏهن اهڙي قسم جو خواب نه لڏو آهي" (1911).

2. هڪ بيمار عورت مون کي هڪ خواب ٻڌايو: "جنهن ۾ سيئي ماٺهو خاص طور تي ڏٺو هئا." ان جو مطلب ته: هوءَ ان جاءِ تي وئي هئي، جنهن کي خواب سندس نندپڻ جي ڪنهن واقعي سان ڳنڍيو آهي. ائين ٿيندو آهي ته "عمر ۾ وڏي ٿي وڃڻ وارا ماٺهو ڏٺا لڳندا آهن." هوءَ پاڻ ته پنهنجي خواب جي مسودي ۾ موجود نه آهي، پر جيئن ته ڏسي ٿي ته ان جو مطلب آهي ته هوءَ رڳو تصويري طور موجود نه آهي، پر جيئن ته ڏسي ٿي ته ان جو مطلب آهي ته هوءَ رڳو تصويري طور موجود نه آهي. خواب جي حقيقت اسان کي سندس نندپڻ جو حوالو ڏئي ٿي. جنهن کي ڪنهن ٻئي انداز سان پيش ڪيو ويو آهي. جنهن جو ترجمو اهو ٿي سگهي ٿو ته اهو: "وقت وچوٽيءَ ۾ تبديل ٿي ويل آهي."

هن خواب جي ڪردار ۽ منظر ۾ وڏو فاصلو آهي، جنهن جي ڏڳهي رستي جي پچاڙيءَ تائين يا ڪنهن شڪ وارن شيشن منجهان، بهرحال هوءَ ڪنهن ڏرامي جي غلط پڃاڻيءَ ڏسي رهي آهي (1911ع).

3. هڪ شخص جيڪو پنهنجي مصروف زندگيءَ ۾ تجريدي انداز وارو ماٺهو هو ٿيندو ائين هو ته سندس مجموعي خيال کي پيش ڪرڻ لاءِ جملي ۾ اهي لفظ نه هوندا هئا پر پوءِ به ان مان سندس مڪمل خيال جو اظهار ٿيندو هو. هو نهايت ذهين، حاضر جواب هو. هڪ پيري خواب ڏنائين ته: "هو هڪ ريلوي اسٽيشن تي آيو آهي، ريل به اڃا اچڻ واري هئي، پوءِ چا ٿيو جو پليٽفارم پوئتي ريل ڏانهن وڃڻ لڳو. ريل تيستائين ويٺي رهي."

پوئتي ٿيڻ واري ان بگڙيل صورت اصل ۾ چا پئي ڪرڻ چاهيو! اسان جي تشريح مطابق خواب ڏسندڙ جاڳ ۾: اصل ۾ هڪ تصويرن وارو ڪتاب ڏٺو هو، جنهن ۾ هڪ شخص اونڌو ٽيل هو ۽ پنهنجي هٿن سان رستي تي هليو پئي (1911).

4. ڪنهن ٻئي وقت تي ان ساڳئي شخص مون کي هڪ مختصر خواب ٻڌايو جيڪو تصويري ڳجهارت جي انداز سان گذريل وقتن جي يادگيريءَ تي ٻڌل هو. هن ڏٺو ته: "هن جي چاچي ڪيس کار ۾ ويهي چمي ڏني."

خواب ڏسندي ئي هو مون وٽ تجزيي لاءِ ڊوڙندو آيو. پر مان ان متعلق ڪو اندازو به لڳائي نه سگهيس، منهنجو خيال آهي ته اهو "خود لذتيءَ" متعلق هو (1911ع).

5. هڪ شخص خواب ڏٺو ته: "هو ڪنهن عورت کي بستري جي پويان چڪي رهيو آهي." ان جو مطلب آهي ته هن، ان کي اهميت پئي ڏني (1911ع).

6. هڪ شخص سپنو ڏٺو ته: "هو هڪ آفيسر ٿي ويو آهي ۽ بادشاهه سان مهاڏو اٽڪائي ويٺو آهي." ان جو مطلب آهي ته هو پنهنجي پيءُ جي مخالفت ۾ مصروف آهي (1914ع).

7. هڪ شخص خواب ڏٺو ته: "هو ڪنهن شخص جو ٽنڊل هڏو جوڙي رهيو آهي." هن خواب جي تشريح اهو ٻڌائي ٿي ته "ٽنڊل هڏي" جوڙڻ جو خيال، ٽنڊل شاديءَ سان لاڳاپيل آهي (1914ع).

8. خواب ۾ ڏينهن جو وقت گهٽو ڪري خواب ڏسندڙ جي ٻالڪپڻي واري عمر کي ظاهر ڪندو آهي. ائين هڪ شخص کي خواب ۾: "صبح جا سوا پنج" نظر آيا"، جنهن جو مطلب عمر جا پنج سال ۽ ٿي مهينا آهي، ٿي سگهي ٿو اها عمر خواب ڏسندڙ جي ان وقت هجي، جڏهن کيس ننڊ ويڻ ۽ جاڳو هجي (1914ع).

9. هتي عمر جي نشاندهي ڪندڙ هڪ ٻيو طريقو به ڏجي ٿو. هڪ عورت خواب ڏٺو ته: "هوءَ ٻن ننڍين چوڪرين سان گڏ گهمي رهي آهي، جن جي عمرين ۾ پندرهن مهينن جو فرق مختلف هو."

هوءَ پنهنجي خاندان يا واسطيدارن متعلق ياد ڪرڻ جي قابل نه هئي، پر هن کي پنهنجي ننڍپڻ دوران به ڏيرا سخت ڏک لڳڻ وارا واقعا ياد هئا. هڪڙو ڏيرو جڏهن هوءَ ساڍين ٽن سالن جي هئي ۽ ٻيو ڏيرو هوءَ ڇهن سالن نوَن مهينن جي هئي. (پندرهن مهينن جو فرق) (1914ع).

10. ان ۾ ٿورو به عجب نه آهي ته جيڪو شخص نفسياتي تجزيي وارو علاج ڪرائيندو هجي ته ان کي اميدن وارا ڪيترائي خيال ۽ علاج مان فائدي وارو تاثر ڏيندڙ خواب اڇي سگهن ٿا. اهڙو ماڻهو خواب ۾ پاڻ کي موٽر ڪار ۾ سفر ڪندي ڏسي سگهي ٿو. جاڳندي جيڪي خيال سندس من ۾ ايرن ٿا اهي خوابن ۾ به اڇي سگهن ٿا. (1919ع).

11. هتي مان "وي تاسڪ (V. Tausk) جي مضمون مان ڪجهه مثال پيش ڪريان ٿو جيڪي خوابن ۾ ڪپڙن ۽ رنگن بابت آهن:

الف: "ٻارن سنياڻڻ واري هڪ نوڪرياڻيءَ پاڻ کي وڏي چمڪ دمڪ واري لباس ۾ ڏٺو جيڪو سندس ٻنڊڻن وٽ ڏاڍو سوڻهو هو." ان خواب جي معنيٰ سندس لفظ چمڪ دمڪ (Luster) منجهان ظاهر ٿئي ٿي ته اها "پُر لذت" (Lustful) خيال واري عورت هئي.

ب: ڪنهن شخص ڏٺو ته "هڪ چوڪريءَ رستي تي سفيد روشنيءَ ۾ تڙپئي ڪيو جنهن کي رڳو سفيد انگي پيل هئي." خواب ڏسندڙ جو هڪ "سفيد" (Miss White) نالي واري چوڪريءَ سان محبت هئي.

ب: فرائو (Frau) نالي هڪ شخص خواب ۾ "ويانا جي اسي سالن جي پوڙهي اداکاره "بلي سيل" (Blesel) ڏٺي، جيڪا صوفي تي ويٺي هئي ۽ ڪيس حفاظتي پوشاڪ پهريل هئي. هن ٽيبل ۽ ڪرسين تي ٽپا ڏيڻ شروع ڪيا. هن پنهنجي هٿ ۾ خنجر جهليو هو ۽ پوءِ وڃي آئيني ۾ پاڻ کي ڏسڻ لڳي. ۽ هٿ وڌائي ان کي پنهنجو دشمن سمجهي مٿس خنجر سان وار ڪرڻ لڳي."

هن خواب جي تشريح ڪندي معلوم ٿيو ته اهو خواب ڏسندڙ وڏي عرصي کان "مثاني جي عارضي" (Blase) ۾ مبتلا هو. اداکاره بلي سيل صوفي تي پنهنجي "تجزيي ڪرڻ" لاءِ ويٺي هئي. هن جڏهن پاڻ کي ڏسي/ سمجهي ورتو ته آئيني جي اڳيان وڃي هن کي لڳو ته هوءَ ڪنهن بيماريءَ ۾ مبتلا هجڻ بجاءِ ايان تندرست ۽ دلپذير ٿي لڳي.

12. خواب ۾ وڏي ڪاميابي:

"هڪ شخص خواب ڏٺو ته "هو پيٽ واري مائي آهي ۽ بستري تي ستل آهي، هن ان صورتحال کي ڏاڍو بيهودو سمجهيو هن سڏ ڪيو: "مان پاڻ آهيان يا مان اها مائي آهيان... ۽ ائين سندس وات مان لفظ نڪتو: "پگل پٽر."

تجزيي دوران، دماغ تي زور ڏيندي ٻڌايائين ته اها "نرس" هئي، پوءِ هن جملو پوري ڪندي چيو ته: "بستري جي پويان هڪ نقشو ٽنگيل هو جنهن جي آخري پيڙيءَ تي هڪ ڪائيءَ جي پٽي ٺهيڙيل هئي. پوءِ مون اها پٽي لاٿي ۽ ان کي جهلي مون چيو هاٿي ان جو اختتام ٿيو. مون ان کي وچ مان نه پگهو پر اهو به ٽڪر تي ڇيو. پوءِ مون ويمر ڪرائڻ جي سلسلي ۾ مدد لاءِ سڏ ڪيو."

هن بنا ڪنهن مدد جي خواب ٻڌائيندي خواب ڏسندڙ جڏ پاڻ ئي تشريح ڪري ڇڏي "پٽي لاٿي". يعني هن پنهنجي آرام واري حالتن کان فرار پئي چاهيو پنهنجي عورتاڻي رويي جي خلاف علاج ڪرڻ ٿي چاهيو ڪاڻ جي پٽي متعلق خيال هن ريت بگڙيل نظر آيو جو علاج ۾ ديگهه ئي هن کي بيزار پئي ڪيو. اصل ۾ هو نامرد هو ۽ زنانين ادائن ۾ قائل هو.

13. هڪڙي خواب جي تجزيي دوران، جيڪو مون کي فرانس ۾ سمجهڻ لاءِ مليو هو، جنهن ۾ خواب ڏسندڙ کي مان (فرائيڊ) هڪ "هاٿي" جي روپ ۾ نظر آيو هوس. تنهن تي مون خواب ڏسندڙ کي چيو ته: "اهو ڪهڙي سبب ٿيو جو مان توکي خواب ۾ هاٿي نظر آيس." ان تي چوڻ لڳو: "چاڪاڻ ته تون مون سان فساد ٿو ڪرين."

خواب جو ڪم بصري (ڏنل) مواد کي پيش ڪرڻ ۾ گهڻو ڪري ائين ڪامياب ٿي ويندو آهي، جيئن ڪنهن ڪرڻي جو هڪ مرڪز کان ٻئي طرف وڃڻ ۽ وچ واري فاصلي تي مُڙڻ يا موٽ کائڻ (Refract) وارو عمل ٿيندو آهي، جهڙوڪ ٽيڪ نالا، غير رواجي ۽ عجب تعلقات جوڙ ٽيڙو استعمال. اهڙي قسم جو هڪ منهنجو پنهنجو خواب هن ريت آهي: "منهنجي هڪ پراڻي استاد بروڪي[1] مون کي وڊڪٽ جي ذميداري سونپي. ان لاءِ هن مون کي هڪ مڇي ڏني جا چاندي جهڙي ۽ اڇي ڪاغذ جهڙي هئي."

"بروڪي" سان منهنجو نهايت مشڪل پر ادب وارو تعلق هو ۽ مان سوچڻ لڳس ته اهو چاندي جهڙو ڪاغذ (مضمون) ان ليڪڪ جو هو جنهن مڇي جي تنتي سرشتي تي ليک لکيو هو جنهن کي مون پنهنجي جواني دوران ڏاڍو پسند ڪيو هو.

هتي مان هڪڙو ٻيو خواب ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان. جيڪو ڪنهن ٻارڙي ڏٺو هو ۽ جنهن جو تجزيو نهايت آساني سان ٿي سگهي ٿو: "مون کي ياد آهي ته مان اهو خواب تڏهن ڏٺو هو جڏهن مان ننڍي هئس." هڪ عورت چيو هو. "الله سائين منهنجي مٽي تي ڪڙ جي ڪنپ وارو ٽوپلو پاتو هو. اهو مان گهڻو ڪري ماني کائڻ وقت ٻه ٻائيندي آهيان. ته جيئن ٻين ٻارن جي ٽالهين ۾ ڏسي سگهان ته انهن کي ڪاڏو ڪارائڻ ۾ ڪير ٿو مدد ڪري."

هن خواب ۾ ٻين سڀني ڳالهين کان وڌيڪ اهم "الله سائين" جي طرفان مٽي تي ٽوپلي پارائڻ" جو مطلب ان جي حفاظت جي احساس کي اجاگر ڪري ٿو.

---

[1] فرائيڊ 1876 کان 1882 تائين ويانا جي نفسياتي اداري "بروڪي" جي ليبارٽري" (Bruske`s Laboratory) ۾ ڪم ڪندو هو ته ارنيسٽ بروڪي (Ernst Brucke_1819_92) ان جو نگران هو.

(الف)

خوابن ۾ ڳڻپ

CALCULATIONS IN DREAMS

خواب جي ڪم جي اصل فطرت ۽ اهو طريقو جنهن ذريعي هو متن يا مواد سان ڪيڏندو آهي، تہ ان وقت خوابي خيال ڪيس جاڻ ڏيندڙ بنجي ويندا آهن. اهڙيءَ ريت جڏهن اسان خوابن ۾ نظر ايندڙ ڪجهہ ڳالهين تي غور ڪرڻ لڳندا آهيون يا انهن جو مطلب ڪيڏندا يا حساب ڪندا آهيون تہ انهن مان گهڻا مافوق الفطرت لڳندا آهن. ۽ مستقبل جي متعلق ڪنهن اظهار جو انداز اختيار ڪندا آهن. پر ڪي خواب وري "ڳڻپ" جي ڏمري جا هوندا آهن. ڪجهہ اهڙي قسم جا خواب هتي ڏجن ٿا:

(1)

هڪ عورت جي خواب جو مختصر حصو جيڪو هن علاج جي اختتام کان ٿورو اڳ ۾ ڏٺو هو:

"هن کي ڪنهن شيءِ جي لاءِ ڪجهہ پئسا ڏيڻا هئا. هن جي ڏيءَ سندس ٻنوءَ مان ٽي فلورنس ۽ 65 ڪروزرس ڪنيا. خواب ڏسندڙ کانئس پڇيو: "چا پئي ڪرين؟ خرچ تہ رڳو 21 ڪروزرس ايندا."[1]

خواب ڏسندڙ جي گهريلو حالتن متعلق منهنجي معلومات مطابق هي خواب بنا ڪنهن ٻي وضاحت جي سندس ذهانت جي نشاندهي ڪري ٿو. اها عورت ڪٽان ٻاهران آيل هئي ۽ سندس ڏيءَ ويانا جي اسڪول ۾ پڙهندي هئي. ان ڪري هن تيستائين مون کان علاج ڪرائڻ پئي چاهيو. جيستائين سندس ڏيءَ ويانا جي اسڪول ۾ هئي. سندس ڏيءَ جي اسڪول جو سال بہ لڳيڃ ٽن هفتن کانپوءِ پورو ٿيڻو هو ان جو مطلب هو تہ عورت جو علاج بہ ختم ٿيڻو هو. خواب ڏسڻ کان هڪ ڏينهن اڳ اسڪول جي هيڊ ماسٽرياڻيءَ ڪيس چيو تہ: "تون ان ڳالهہ تي غور ڪر تہ تنهنجي ڏيءَ اسڪول ڇڏي نہ وڃي ۽ ٻئي سال لاءِ بہ پڙهي. هيڊ ماسٽرياڻيءَ جي صلاح کانپوءِ هن جو خيال اهو بہ هو تہ ساڳئي وقت ڪيس پنهنجو علاج بہ ڪرائڻو پوندو. ۽ اهو ئي معاملو هو جيڪو خواب ۾ حوالو ٻڌجي پيش ٿيو.

تجزيو: هڪ سال اٽڪل 365 ڏينهن تي مشتمل ٿئي ٿو ۽ چوڪريءَ جي اسڪول ڇڏڻ جي ٽن هفتن جا 21 ڏينهن ٿين ٿا. خواب ۾ انگن جو عدد، وقت ۽ دورانيي جو تعلق، پئسن جي حوالي سان پيش ٿيو آهي. يعني "وقت ئي پئسو آهي" ۽ خواب ڏسندڙ جي من ۾ اهو خيال ويڻل آهي تہ جيڪر سندس علاج ۽ ڏيءَ جي پڙهائيءَ جو خرچ ڪجهہ گهٽجي تہ بهتر.

(2)

هڪ ٻئي خواب ۾ عدد ۽ ڳڻپ جو مثال ٿورو مونجهارو پيدا ڪندڙ آهي. هڪ عورت جنهن جو خيال آهي تہ هوءَ اڃان بہ جوان آهي، جنهن ڪجهہ سال ٿيا آهن تہ شادي ڪئي آهي. سندس مڙس "ايلس" بہ هن جو همعصر رهيو آهي، هو جڏهن مڱيا هئا تہ هن عورت هي خواب ڏٺو هو:

"هوءَ هڪ اسٽيج ڊراموڏسڻ لاءِ پنهنجي مڙس سان گڏ ويئي آهي. سندس پاسي واريون ڪرسيون صفا خالي آهن. هن جي مڙس کيس چيو تہ: "اتي رڳو مسٽر ايلس ۽ ان جي مڱيندي پڙ ويهڻ چاهين ٿا. پر اهي ڪي سٽيون سيٽون نہ آهن. ٽي

---

[1] فلورنس ۽ ڪروزرس آسٽريا جا پراڻا سڪا آهن. هڪ فلورنس هڪ سئو ڪروزرس جي برابر آهي ۽ هن ڪتاب جي اشاعت وقت آمريڪي سڪي: هڪ شلنگ 10 پالر ۽ 40 سينٽ جي برابر هو.

عدد هڪ فلورن ۾ 50 ڪروزرس لاءِ ان ڪري اهي ڪٽڻ ضروري آهن. هن سوچيو ته جيڪڏهن اسان وٽ هجن ها ته اسان کي ڪو نقصان نه هو."

تشريح: هڪ فلورن ۾ 50 ڪروزرس جو بنياد ڪهڙو آهي؟ ان جو گذريل ڏينهن جي واقعي واري حقيقت سان ڪهڙو تعلق آهي؟

تشريح: هن جي ماٽيلي پيٽ پنهنجي مڙس هٿان 150 فلورن وارو تحفو ڏانهس موڪليو هو. چاڪاڻ ته پاڻ زيورن خريد ڪرڻ لاءِ ڪيس تڪڙو وڃڻو هو. اهو به ڏسڻ گهرجي ته 150 فلورن، هڪ سئو فلورن ۾ 50 ڪروزرس ڪان سئو پيرا وڌيڪ هئا. ته اهي ٽي عدد ڪٿان اچي ويا؟

جي! اصل ۾ اهو ٽن جو عدد هن جي هڪ ساهيڙيءَ جي مڱڻي جي عرصي سان ڳنڍيل هو جيڪا هن کان ننڍي هئي. باقي جيستائين خالي ڪرسين جو معاملو آهي ته اهو هن جو پنهنجي مڱيندي کي چيڙائڻ واري معاملي تي معافي تلافيءَ جي نوعيت کي ظاهر ڪري ٿو. جو هن ان ڊرامي ڏسڻ جو منصوبو جوڙيو هو ۾ ان لاءِ هن ڪيس ٽڪيٽن خريدڻ لاءِ چيو هو ۾ هن ڪيس لنوائيندي چيو هو ته "ٽڪيٽون سپ وڪامي ويون آهن." پر جڏهن هوءَ پاڻ پنهنجي مڱيندي کي ساڻ ڪري ٽڪيٽون خريد ڪرڻ آئي ته ڪيس ٽڪيٽون به ملي ويو ۾ ايتري قدر جو اندر هال ۾ هڪ پاسو خالي به هو.

خواب ۾ پيش ٿيل خوابي خيال متعلق منهنجو تجزيو هن ريت آهي ته: "جلدي شادي ڪرڻ جو معاملو ڪجهه مناسب نه هو مون کي ايتري "تڪڙ" به ڪا نه هئي. مان ايلس جي حوالي سان سوچيان ٿي ته مون کي هن کان "سئو پيرا" وڌيڪ سئو مڙس ملي ٿي سگهيو. مان جيڪڏهن انتظار ڪريان ها، جيڪڏهن ماٽيلي پيٽ کي تڪڙ نه هجي ها ته هن جي بجاءِ ماٽيلي پيٽ سميت ٽي ٽڪيٽون وٺان ها. ۾ هن کان وڌيڪ سٺا ٽي ٽين ٿا، جو فيصلي ڪرائڻ ۾ آساني ٿئي ٿي.

(3)

مان جنهن بلاڪ ۾ رهندو آهيان، ان جو مالڪ پوليس ڪاتي ۾ آفيسر آهي. خواب ڏٺائين ته:

"هو گهٽيءَ جي سنيال تي مامور آهي. انسپيڪٽر هن ڏي اچي ٿو. هو 22 نمبر آهي پر سندس ڪالر تي لڳل 62 يا 26 جو عدد لڳل آهي. ۾ اهڙا ٻيا به ڪيترائي نمبر لڳل آهن."

"گهٽيءَ جي سنيال" وارو معاملو ته هن جي خواهش جو پورائو آهي. باقي خواب ڏسندڙ سموري عدد کي توڙيو آهي. چاڪاڻ ته اهو 2262 آهي. هن کي ياد آيو ته هڪ ڏينهن اڳ ۾ ٽاٽي تي ملازم پيشه ماٺهوءَ جي ملازمت جي عرصي بابت گفتگو ٿئي هلي. ۾ ان انسپيڪٽر کي 62 سالن جي عمر ۾ رٽائر ٿي پينشن تي وڃڻو هو ۾ خواب ڏسندڙ رڳو 22 سال نوڪري ڪئي هئي. جڏهن ته ٻن سالن ۾ مهينن کانپوءِ سندس 90 سيڪڙو پگهار ۾ اضافو ٿيڻو هو. هن کان وڏو آفيسر يعني 2262 نمبر انسپيڪٽر جنهن جي ڪالر تي اهو نمبر لڳل آهي، اهو سيڪجهه خوب ڏسندڙ پاڻ آهي. جيڪو رٽائر ٿيڻ وقت پوري ۾ پرپور پينشن ڪٽندو.

(ب)

خوابن ۾ تقريرون/ گفتگو
SPEACHES IN DREAMS

اسان آساني ۽ سان چئي سگھون ٿا تہ حقيقت ۾ "خواب جو ڪم" ئي ڪا "ڳڻپ" يا درست يا غلط نہ ڪندو آهي، پر هو رڳو اهي عدد يا انهن جي ڳڻپ پيش ڪندو آهي جيڪي خوابي خيالن ۾ موجود هوندا آهن. خاص طور ان مواد جو تصور پيدا ڪرڻ لاءِ جيڪو ڪنهن ٻئي طريقي سان پيش نہ ٿي سگھندو آهي. ان حوالي سان خواب جو ڪم عددن يا ڳڻپ کي مقصد جي اظهار طور ڪندو آهي، بلڪل ان ريت جيئن سندس خيالن سان، انهن جي لفظن، نالن، گفتگو يا تقريرن سان لهہ وچڑ وارو انداز هوندو آهي، جن جي سچائپ زباني انداز سان پيش ڪرڻ ذريعي ڪندو آهي.

خواب جو ڪم پاڻ ئي ڪا گفتگو يا تقرير نہ گھڙيندو آهي، پر جيڪا گفتگو يا تقرير ڪيل هوندي آهي ۽ اها خيالن ۾ موجود بہ هوندي آهي تہ بہ انهن ۾ پنهنجي طرفان ڪجهہ بہ نہ ڳنڍيندو آهي. البت انهن کي ٽڪرن ۾ ورهائي يا ان جا ٽڪرا ڪائي يا رد ڪري ۽ هڪ نئون روپ ڏئي پيش ڪندو آهي، جنهن جي تشريح ڪرڻ وقت خبر پوندي آهي تہ خواب جي ڪم ڪهڙن ٻن ٽن يا ان کان وڌيڪ حصن کي ڪائيو يا جوڙيو آهي، ۽ اسان ان ڳالهہ تي حيران ٿيندا آهيون تہ خواب اهڙو حقيقي ۽ تازو توانو ڪم ڪيڏي نہ محنت سان ڪيو آهي. هن ڏس ۾ اهو ٻڌائڻ بہ ضروري آهي تہ اعصابي مونجهارن/ دماغي خلل ۾ مبتلا ماڻهوءَ جو رويو بہ بلڪل خوابن جهڙو هوندو آهي، مان هڪڙي مريضہ کي سچائان ٿو جنهن ۾ اهي ئي علامتون آهن، غير شعوري طور تي ۽ پنهنجي مرضيءَ جي خلاف... ڪجهہ نہ ڪجهہ ٻڌندي رهندي آهي، جيڪي هن جا وهم ۽ سوداءَ (Hallucination) آهن. هن جي ذهن ۾ گانا پيا وڄندا آهن، يا گانن کي سمجهڻ کان سواءِ ئي جهولڻ لڳندي آهي، پر هن کي وسوسي يا ماليخوليا (Paranoia) جي بيماري بہ نہ آهي.

اسان جيڪڏهن ويجهو وڃي ڏسنداسين تہ خوابن ۾ گفتگو يا تقريرون ائين لڳنديون جيئن ڪنهن وڏي عمارت ۾ متيءَ جي گاري يا سيمنٽ سان جوڙيل ننڍيون وڏيون سرون هجن.

حقيقت اها آهي تہ خوابن ۾ اهڙي قسم جي خاڪي چٽڻ جو عملي تعلق ان گفتگو سان هوندو آهي، جنهن گفتگو ۾ حساسپڻي جي لياقت هوندي آهي، جنهن کي خود خواب ڏسندڙ ڪنهن سان بيان ڪيو هوندو آهي. ٻئي قسم جون تقريرون يا بيان اهڙا هوندا آهن، جيڪي هن جا چيل نہ هوندا آهن، پر ڪنهن ٻئي کان ٻڌل هوندا آهن، پر ان جي باوجود هن جي سوچ جو محرڪ بڻجي ويندا آهن. يا ڪنهن قسم جي غير متوقع گفتگو بہ خوابي خيالن جو حصو بڻجي ويندي آهي. "مان نہ ٿو سمجهان، مان نہ ٿو ڄاڻان، مون نہ سوچيو آهي، مون سان فضيلت سان ڳالهايو" جهڙا جملا بہ خواب ۾ شامل ٿي ويندا آهن، جنهن کي اسان خواب جو معصوميت وارو ڪم سڏيندا آهيون. ان حوالي سان خواب جي انهن معصوم آوازن/ گفتگو جو پهريون حصو خواب جي ٻئي حصي جي تصور جو سبب بڻجندو آهي ۽ خواب ۾ نهايت شاندار نموني سان هڪ تصوراتي دنيا اڏجي ويندي آهي ۽ ساڳئي وقت ان کي رد بہ ڪري ڇڏيندو آهي.

هتي هڪڙو مثال پيش ڪريان ٿو جنهن ۾ "گھٽن" جي بجاءِ "سمورن" جي ساڳئي نتيجي تي پهچڻ جو حوالو اچي ٿو:

"خواب ڏسندڙ هڪ وسيع اڳڻ ۾ بيٺو آهي، جتي ڪجهہ مئل ماڻهن جا لاشا ساڙيا پيا وڃن. "مان وڃان ٿو..." هو چوڻ لڳو "مان هي سڀ ڪجهہ ڏسن برداشت نہ ٿو ڪري سگھان."

پوءِ هو ڪاسائيءَ جي ٻن ٻارن سان مليو. "واهه!" هن چيو. "چا هن جو ذائقو سٺو نه آهي؟"

"نه" ٻن چوڪرن مان هڪ چيو. ايترو سٺو به ناهي."

"حالانڪ اهو ماڻهوءَ جو ماس هو."

هن جو جملو: "مان هي سيڪجهه ڏسڻ برداشت نه ٿو ڪري سگهان." اهو هن جو پنهنجو جملو نه هو. باقي خواب جي معصوم پيشڪش هن حوالي منجهان ظاهر ٿئي ٿي:

خواب ڏسندڙ ۽ ان جي زال رات جي مانيءَ جي دعوت تي پاڙي وارن ڏانهن ويا. اهي نهايت شاندار ماڻهو هئا پر انهن شروع ۾ بک وڌائڻ لاءِ ڪا سوادي شيءِ سندن آڏو پيش نه ڪئي. البت هڪ ميزبان پوڙهي عورت سندن آڏو گوشت اڇي رکيو ۽ مٿن زور پريو. ان زور پرڻ متعلق جرمنيءَ ۾ هڪ مزاحيه پهاڪو آهي. جيڪو گهٽو ڪري ماڻهو پنهنجو خيال پيش ڪندي چوندو آهي. جنهن جو مطلب "جبر بالزنا" جي ويجهو نڪري ٿو.

"هن مان ڪجهه چَکوا!" خواب ڏسندڙ اهو جملو نه ٻڌايو پر هن چيو ته: "ڪا سوادي شيءِ اسان جي اڳيان پيش نه ڪئي وئي آهي." جنهن تي ان عورت چيو ته: "توهان هٽ ته وڌايو ڪائي ته ڏسو." ان کان پوءِ هن انهن جي دل رکڻ لاءِ ان گوشت مان ڪجهه حصو ڪاڌو. جنهن کانپوءِ چوڙ لڳو: "واقعي هي ته ڏاڍو لذيذ آهي."

خواب ڏسندڙ جو اهو جملو ته: "مان هي سيڪجهه ڏسڻ برداشت نه ٿو ڪري سگهان." ان پاڙيواري ميزبان پوڙهي عورت متعلق سندس لڪل جنسي خواهش جو اٽوٽندڙ اظهار آهي.

ڪجهه صفحا پهرين مون "بروڪي ليبارٽري" جي حوالي سان هڪ خواب پيش ڪيو هو. اهڙو هڪ ٻيو خواب هتي پيش ڪريان ٿو جنهن ۾ ڪجهه ٻيون هدايتون به ڏسي سگهجن ٿيون:

"مان رات جو "بروڪيءَ جي تجربيگاهه" ۾ ويس. دروازي کڙڪڻ سبب دروازي کولڻ لاءِ ويس. دروازو کوليم ته پروفيسر "فليشل" (Ernst Fleischl Von Marxow_1846_91) [1] ڪجهه اجنبي ماڻهن سميت اندر آيو ۽ چند جملن ڳالهائڻ کانپوءِ اڇي پنهنجي ٽيبل تي ويٺو."

ان کانپوءِ مون ٻيو خواب ڏٺو ته: "منهنجو دوست "فليشل" ڏاڍي خاموشيءَ سان جولاءِ ۾ ويانا آيو" مان هن سان هڪ جاءِ تي پنهنجي دوست "پ" سان گفتگو دوران مليس. ۽ پوءِ انهن سان گڏجي ڪنهن جاءِ تي ويس. جتي هو هڪ ٻئي جي سامهون ٽي ويٺا. وچ ۾ ڪا ننڍي ميز رکي هئي. مان ان جي سوڙهي ڪنڊ تي ويهي رهيس. فليشل پنهنجي پيٽ جي متعلق چوڙ لڳو ته رڳو ڪلاڪ جي ٽئين حصي ۾ هوءَ فوت ٿي وئي. (وري چوڙ لڳو) اها شايد ابتدا هئي. منهنجي دوست "پ" هن جي ڳالهه نه سمجهي. فليشل مون ڏانهن منهن ڪري چوڙ لڳو: "مان "پ" کي انهن معاملن متعلق ڪيترو سمجهايان. (هن ڪجهه سمجهيو ئي ڪو نه پئي... چاڪاڻ ته هو زندهه نه هو). پر مون ساڻس اصل ۾ چا ٿي چوڙ چاهيو تڏهن مان پنهنجي غلطي محسوس ڪرڻ لڳس. تڏهن مون "پ" کي ڏهن ڏريعي دماغ ۾ وجهڻ وارين نظرن سان نهاريو.

منهنجي چتائي نهارڻ تي هو پيلو ٿي ويو هن جو هُليو ڏنڊلو ٿي ويو ۽ سندس اکيون صفا نيريون ٿي ويون. ۽ پگهر جي ويو. مون سرهائي محسوس ڪئي ۽ محسوس ڪيم ته ارنيسٽ فليشل پڻ خوش ٿيو آهي. پر ڪنهن پوت کان گهٽ نه اهڙو پوت جيڪو موٽي آيو هجي. ۽ مون کي ائين لڳو ته اهڙي قسم جا ماڻهو تيستائين جيئندا رهندا آهن. جيستائين ٻيا ان کي سارينداً رهندا آهن."

---

[1] فرائيڊ جي دور ۾ بروڪيءَ جي تجربيگاهه ۾ ڪم ڪندڙ سائنسدان: ارنيسٽ فليشل وان مارزوو (Ernst Fleischl Von Marxow_ 1846_91)

هي خواب ڪيترين ئي خصلتن سان پريل آهي، ۽ حقيقت اها آهي ته مان ان خواب متعلق انتهائي تنقيدي تجربي مان پئي گذريس. ۽ مون کي لڳو ته مان غلطيءَ تي آهيان. چاڪاڻ ته "منهنجو خيال بجاءِ (Non Vivit) چوڻ جي ته "اهو جيئرو نه آهي" مون چيو: (Non Vixit) "هو زنده نه رهندو." سائنسي نڪتي نظر سان منهنجو انهن ماڻهن سان واسطو نه هجڻ جهڙو هو جيڪي مئل هئا ۽ خوابن ۾ به لڳندو هو ته اهي "مئل" ئي آهن. پر منهنجي بگڙيل خيال ۽ آخري انومان مون کي مطمئن ڪري ڇڏيو ته "مان غلطيءَ تي هوس."

سچ پچ ته هي خواب پريشان ڪندڙ اهڙين گهٽين ڳالهين سان وابستا آهي، ۽ مون کي انهيءَ منجهائيندڙ مار کي مڪمل طور تي حل ڪرڻ جو ڪشالو آڏو هو ۽ ان ۾ شڪ نه آهي ته مان انهيءَ ڪم کي مڪمل ڪرڻ جي لائق نه هوس. پوءِ هن خواب ۾ مون چا پئي ڪيو؟ شايد مان وڏن ۽ اهم ماڻهن جي اڳيان پنهنجي امنگن جي قرباني ڏيڻ پئي چاهي. يا سوچيم پئي ته خوابن جي متعلق معنائن لڪائڻ وارو خيال منهنجي سموري ڪم تي پاڻي ڦيري ڇڏيندو.

هن خواب جو مرڪزي عنصر اهو منظر آهي، جنهن ۾ مان تباهه ڪندڙ نظرن سان "پ" ڏانهن نهاريو هن جون اکيون عجب جهڙيون ٿي ويون هيون ۽ منهنجي چتائي نهارڻ تي هو پيلو ٿي ويو هن جو هُليو ڏنڏلو ٿي ويو هو. اهو منظر بنا مبالغي جي ان جاءِ تان نقل ٿي آيو هو جتي مان اصل ۾ تجربو پئي ڪيو. ان وقت منهنجي ذهن ۾ خيال آيو هو ته "مان نفسياتي اداري ۾ مثالن سان سمجهائڻ وارو استاد هوس. ۽ ان سلسلي ۾ مان صبح جو سوير ئي ڪم شروع ڪري ڏيندو هوس. جا ڳالهه "بروڪيءَ" جي ڪنن تائين پهتي ته مان شاگردن جي تجربيگاهه ۾ ٽورو دير سان ٽواچان. هڪ ڏينهن هو پنهنجي پوري وقت تي اچي تجربيگاهه ۾ ويٺو ۽ منهنجي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو ۽ جڏهن مان آيس ته هن مون کي ڪجهه به نه چيو بس رڳو هڪ گهوريندڙ ۽ خطرناڪ نگاهه مون تي وڌائين (جيئن خواب ۾ مون "پ" ڏانهن نهاريو هو) ۽ مان پاڻ کي گهٽجندي، ننڍو ٿيندي محسوس ڪرڻ لڳس. اصولن ۽ پابندين جي اڳيان منهنجي لاءِ ته ڪو ٻيو چارو به نه هو. اهڙيءَ نهار جو شايد ئي ڪنهن کي اندازو هجي. پنهنجي استاد يا انتهائي اهم ماڻهوءَ جي اهڙين نگاهن جو... جن اکين ۾ مون سدائين سونهن ۽ شفقت چلڪندي ڏٺي هئي. هن جي پوڙهي هجڻ جي باوجود سندس اکيون وٽندڙ هيون. جن ۾ مون ڪڏهن به ڪاوڙ ڪا نه ڏٺي هئي. انهن ۾ ڪاوڙ کي ڏسي مون ۾ جيڪو خوف پيدا ٿيو هو اها سموري ڪيفيت منهنجي ان خواب جي تصوير ۾ هئي.

"هو زندهه نه رهندو" (Non Vixit) ۽ "هو مئل آهي" (Non Vivit) جي اصل مفهوم کي ڳولهڻ ۾ مون کي ڪافي عرصو لڳو. بهرحال مان فيصلو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس. پر آخر ڪار اهي ٻئي لفظ منهنجي خواب ۾ چٽيءَ طرح ظاهر ٿيا. اهي "چيل يا ٻڌل" لفظ نه هئا پر اهي ڏٺل لفظ هئا. پوءِ منهنجي ذهن ۾ آيو ته اهي لفظ مون کٽي ڏٺا هئا. ها ياد آيو: "اهي لفظ ويانا جي "هاف برگ جي بادشاهي محل ۾ "قيصر جوزف" يادگار جي قدمن وٽ اُڪريل هئا."

خواب ۾ مون ڏٺو ته منهنجو دوست فليشل جولاءِ جي مهيني ۾ ويانا آيو هو. جڏهن ته جاڳ جيون ۾ فليشل ڪڏهن به جولاءِ ۾ ويانا نه آيو هو. پر جولاءِ جو حوالو اصل ۾ "جوليئس سيزر" جي نالي پٺيان منسوب ٿيل آهي. ان ڪري خواب پنهنجي ثانوي ڪم واري خصلت ذريعي منهنجي خواب ۾ جولاءِ جي مهيني کي شامل ڪيو.

هڪڙي مزيدار ڳالهه اوهان کي ٻڌايان ته: "مان جڏهن ٻاريهن سالن جو هوس ته هڪ پيري اسان ٻارن جي اڳيان "شلر" (Schiller) جو لکيل ڊاءِ روبر" (Die Rauber) ڊراميو پيش ڪيو هو جنهن ۾ "سيزر" جي مقابلي ۾ "بروٽس" جو ڪردار مون ادا ڪيو هو جنهن ۾ منهنجو سوٽ "جان" به شامل هو. جيڪو وڏي عرصي ڪانپوءِ هڪ پيري انگلينڊ ڪان اسان وٽ "جولاءِ" ۾ گهمڻ آيو هو.

هي مزيدار ڳالهه اها آهي ته مان جڏهن ننڍو هوس ته منهنجو پنهنجي ان سوٽ سان کل مذاق، پيار يا جهيڑو جهڳڑو به ٿيندو رهندو هو هڪ ڀيري "جان" بابا کي دانهن ڏني، جنهن تي بابا ته مون کي ڪجهه نه چيو پر ڏاڏي ڇينپ ڪڍي ۽ ڏڪو ڏيندي پڇيو ته: "جان کي ڇو ماريو اٿئي؟"

مان لڳ ڀڳ ٻن ٽن سالن جو مس هوس ۽ پوريءَ طرح ڳالهائي به نه سگهندو هوس، تڏهن به ڏاڏي کي ٻڌايو هيم ته: "مون هن کي ان ڪري ماريو چاڪاڻ ته هن به مون کي ماريو هو."

منهنجي خواب ۾ بالڪپڻي جو اهو منظر پيش ٿيو هو جنهن ۾ مون Non Vixit ۽ Non Vivit جا لفظ استعمال ڪيا هئا، اهي لفظ منهنجي ان عمر جي ٻاتي ٻوليءَ سبب مون کان Wichsen واري اچار سان ادا ٿيا هوندا، جيڪو انگريزيءَ ۾ لفظ Vixen هو جنهن جو مطلب آهي جهيڑاڪ، چيڑاڪ.

اوهان ڏسندا ته خواب اهڙي ڳالهه کي ملائڻ لاءِ ڪنهن به قسم جو شرم محسوس نه ڪندو آهي.

(8)

بي معنيٰ خواب:
ABSURD DREAMS

خوابن جي تجزيي جي سلسلي ۾ اسان بي معنيٰ، اجاين، نامناسب يا ڪل ڏيارينڊڙ نتيجن متعلق چند ڳالهيون ضرور ڪيون آهن. پر انهن جي مڪمل ڪوجنا واري معاملي کان بلڪل بہ لنوائي نہ ٿو سگهجي. ڇاڪاڻ تہ انهن حالتن منجهان بہ اسان کي خوابن جي حقيقتن جي نشاندهي ڪرڻ ۾ مدد ملندي آهي ۽ اهو ياد رکڻ گهرجي تہ "خوابن جو اهو اجايو بي معنيٰ يا ڪل جهڙو رويو ئي انهن شين، ڳالهين ۽ معاملن جو اصل اظهار هوندو آهي، جن جي متعلق "خواب انهن جي اهميت کان انڪار ڪندو آهي."

ان سلسلي ۾ مان ڪجهہ مثال ڏينداس، جن ۾ اها بي معنويت رڳو ظاهر هوندي آهي، ۽ جيئرو جلدي ئي سگهندو آهي، اوترو جلدي خواب جي ان مفهوم کي ائين گم ڪري ڇڏيندي آهي، جو اسان ان کي آسانيءَ سان سمجهي بہ ويندا آهيون. مون کي اهڙا ڪي چند خواب ئي هٿ لڳا آهن، جيڪي اتفاق سان خواب ڏسندڙ جي مري ويل پيءُ سان وابستا آهن.

(i)

هي هڪ مريض جو خواب آهي، جئن سالن جو هو تہ سندس پيءُ وفات ڪري ويو هو:

"هن جو پيءُ ساٺس قبر جهڙي مصيبت ۾ مليو هو رات واري ريل ۾ سفر ڪري رهيو هو. جيڪا پنڌ ۽ تان لهي وئي هئي، ڏهن جون سيٽون بہ هڪ ٻئي ۾ قاسي ۽ هر پاسي کان ڏبجي ويون هيون." (پوءِ خواب ڏسندڙ ڏٺو تہ) هو بستري تي پيل آهي ۽ هن جي کاهي اک جي پرسان زخم آهي، جيڪو سڌي رخ ۾ آهي، هو حيران ٿي رهيو هو تہ هو پنهنجي پيءُ سان ان مصيبت ۾ مليو ڪيئن هوا جڏهن تہ هو اڳ ۾ مئل هو. (پوءِ هن ٻڌايو تہ) هن جون اکيون ڪيئن صاف هيون!"

خوابن جي اصولي نظريي مطابق اسان پهرين هن خواب جي متن کي بيان ڪنداسين، جنهن جي شروعات ڪرڻ لاءِ دليل بہ ڏوڙائيندا سين، تہ جڏهن خواب ڏسندڙ کي خواب ۾ حادثي جو خيال آيو هو تہ هن کان پنهنجو پيءُ وسريل هو جيڪو قبر ۾ (خواب دوران) ساٺس سالن کان گڏ هو. پر جيئن خواب اڳتي وڌي ٿو تہ يادگيري بہ ان ۾ شامل ٿئي ٿي، ۽ حيرت" ئي سندس خواب ۾ اڳواٽي ڪري ٿي، حالانڪ هو ننڊ ۾ ستل آهي. تجزيو اسان کي بهرحال اهو ضرور سيکاري ٿو تہ ان قسم جي وضاحت لاءِ ڪوشش وٺڻ بلڪل بيڪار آهي، ڇاڪاڻ تہ خواب ڏسندڙ بہ ڏينهن اڳ ۾ پنهنجي پيءُ جو مجسمو ڏٺو هو (جنهن جو مٿيون ڏاڙسندس خواب جو حصو بڻيو آهي)، ۽ سندس پيءُ جو مجسمو ان خود نہ ناهيو هو البت اهو مجسمو بہ ڪنهن تصوير تان ئي ناهيو ويو هو. ان ڪري هن جو خيال "تباهيءَ" يا "مصيبت" جي پاسي لڙي ويو آهي، ۽ ٻيو تہ جنهن اهو مجسمو ناهيو هو ان مجسمي کي پنهنجي ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ رکي ڇڏيو هو جيڪو تمام سوڙهي جاءِ تي رکيل هو.

خواب ڏسندڙ جي پيءُ کي جڏهن بہ ڪاروباري يا گهريلو پريشاني ٿيندي هئي تہ مٿي کي هٿ ڏئي ويٺو سوچيندو هو جنهن کي خواب ڏسندڙ خواب ۾ سندس لوندڙين جي حوالي سان ۽ "ريل جي ڏبن جون سيٽون بہ هڪ ٻئي ۾ قاتل ۽ ڏبجي ويل" ڏٺيون. خواب ڏسندڙ جڏهن جئن سالن جو هو تہ سندس پيءُ ڪيس تحفي طور ڇري واري بندوق وٺي ڏني هئي، ۽ اتفاق سان اها پريل بہ هئي، سو جڏهن هن هلائي تہ گولي سندس پيءُ جي اک ۾ لڳي هئي، جيڪا اک بعد ۾ هن ڪيرائي ڇڏي هئي: (هن جون اکيون ڪيئن صاف هيون!) خواب ڏسندڙ کي پنهنجي پيءُ جي زخمي ٿيڙ جو واقعو سدائين ياد ايندو هو تہ هو ان غم ۾ ڪيتري ديرا داس ٿي ويندو هو.

پر هن خواب جي بگڙيل صورت، ڪنهن بہ ريت لاپرواهيءَ جو نتيجو ظاهر نہ ٿي ڪري

(ii)

هتي هڪڙو ٻيو خواب پيش ڪريان ٿو جيڪو منهنجي پنهنجي ذات سان وابستا آهي:

"منهنجو پيءُ 1896ع ۾ گذاري ويو. "پنهنجي مرڻ کان اڳ منهنجي پيءُ تاتاري نسل جي وچ ۾ هڪ سياسي ڪردار ادا ڪيو ۽ انهن کي ڪٽي پاڻ سان گڏ سياسي ميدان ۾ آندو. (هتي مون هڪ ننڍي ۽ غير واضع تصوير ڏني) ماڻهن جو وڏو انبوهه هو حالانڪ اهي جرمن پارليامينٽ ۾ موجود هئا، پر ڪي ماڻهو ڪرسين تي به ٻيٺا هئا ۽ ڪيترائي ماڻهو سندس چوگرد ڪنا ٽيل هئا. مون کي "گاريبالدي" (Garibaldi) ياد آيو جيڪو پنهنجي موت جي بستري تي به خوش هو ته هن جو ڪيل وعدو سچو ثابت ٿيو."

اسان بهرحال ان کان وڌيڪ منجهيل خواب بہ ڏسي سگهون ٿا!

هي خواب انهن ڏينهن جو آهي، جڏهن هنگريءَ جا رهواسي پارليامينٽ جي ڪمن ۾ رندڪ پوڻ سبب رياست ۾ برپا ٿيل وڳوڙ کي ختم ڪرائڻ لاءِ گڏ ٿيا هئا. جن کي "ڪولومن زيل" (Koloman Szell) ڏريعي تحفظ مليو هو.[1] ان منظر جي "غير اهم تصوير" جو خواب ۾ "تمام ننڍڙي ماپ واري تصوير" ڏريعي نظر اچڻ، ڪنهن وضاحتي واسطي کانسواءِ نہ آهي. ڇاڪاڻ ته اسان جا خوابي خيال سدائين تصويرن ڏريعي پيش ٿيندا آهن. جيڪي لڳيڇ زندگيءَ جيڏا ڏگها هوندا آهن. خواب ۾ جيڪا تصوير مون ڏني، اها جنديءَ تي لٽل ڪائيءَ وانگر، آسٽريا جي تاريخ کي بيان ڪرڻ واري انداز سان پيش ڪيل هئي. ڪاريگر "پريسبرگ" (Pressburg) جي پارليامينٽ ۾ "ماريا ٿيريسا" (Maria Theresa) کي ڏيکاريو هو.[2] ماريا ٿريسا جيان، منهنجي خواب ۾ اهو منهنجو پيءُ هو جنهن جي چوگرد ماڻهو ڪنا ٽيل هئا.

منهنجي پيءُ جي پوسٽ مارٽم ٽيسٽ سبب سندس ڳٽا ڳاڙها ٿي ويا هئا، مون کي جڏهن اهي ياد آيا ته منهنجي خيالن مان ڏوڙي وجي خواب ۾ رسيا.

جنهن ٻار جي اکين اڳيان سندس پيءُ جو موت ٿئي ٿو ته ان ٻار جي ذهن تي نہ مٽجندڙ منظر ۽ ڪيفيت قائم رهي ٿي. ۽ اهو سيڪجهہ چاهي بہ نہ ٿو! ۽ اها ئي صورت خواب ۾ بگڙيل يا منجهيل انداز سان اچڻ جهڙي ٿي ويندي آهي. ۽ انهن يا اهڙين تصويرن کان آڇپو ناممڪن آهي. مري ويل ماڻهن جو نظر اچڻ، انهن سان ڳالهائڻ، انهن سان ميل ميلاپ ڪرڻ/ رکڻ وارن خوابن جي تشريح ڪرڻ تمام آسان آهي. ڇاڪاڻ ته اهي ان ڪري ظاهر ٿيندا آهن جو اسان انهن جي متعلق سوچيندا آهيون. "منهنجو پيءُ جيئرو هجي ها ته جيڪر مان هيئن چوانس ها!" خواب ان خيال "جيڪڏهن" واري قسم کي اظهارڻ جي لياقت نہ رکندا آهن.

مثال طور "هڪ جوان ماڻهو جنهن جي ڏاڏي پنهنجي پويان تمام وڏو ورثو ڇڏيو آهي. ۽ هو پنهنجي ڪمن ڪارين لاءِ ان ملڪيت منجهان خرچ ڪرڻ لڳي ٿو ته ان جو ڏاڏو سندس خيالن ۾ اچي ٿو (جڏ ٻيهر جيئرو ٿئي ٿو) ۽ اهڙيءَ طرح هو احتياط سان ان جي ملڪيت کي خرچ ڪرڻ متعلق غور ڪرڻ لڳي ٿو." ۽ اسان اهو بہ ڏٺو آهي ته ماڻهوءَ جي مرڻ کانپوءِ اسان لاپرواهي بہ ڏيکارينداآهيون ته مرڻ وارو مري ويو هاڻي سيڪجهہ منهنجي حوالي آهي. ساڳيءَ طرح خواب بہ حقيقي طور تي مئل ماڻهوءَ جي شاهدين، واقعن ۽ سندس اطمينان واري احساس کي انساني ذهن ۾ زنده بہ رکندو آهي ته ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي ته ان جي احساسن ۾ مداخلت کي گهٽو وقت قائم رکڻ بجاءِ ڏاهي بہ چڏيندو آهي.

---

[1] هنگري ۾ سخت قسم جي سياسي صورتحال 1898ـ9 دوران، "زيل" جي ئي ڪوشش سان گڏيل حڪومت جي جوڙجڪ ٿي هئي.

[2] ماريا ٿريسا جي مدد ۾ هنگريءَ جا ماڻهو نعرو هڻندا هئا ته "اسان پنهنجي بادشاهہ لاءِ جان جي بہ قرباني ڏيندا سين."

هڪ ٻئي قسم جو بگاڙو يا مونجهارو به ٿيندو آهي، جيڪو خوابن ۾ پنهنجي مڙل مائٽن جي حوالي سان ظاهر ٿيندو آهي، جنهن ۾ ذليل ڪرڻ، چرچو ڪرڻ يا طعني ڏيڻ جو اظهار نه ٿيندو آهي[1] ۽ ڪجهه به نه ڪرڻ جي انتهائي درجي جي نشاندهي به ڪندو آهي، ۽ ان ڏانهن خيال جي نمائندگيءَ کي ممڪن بڻائيندو آهي، جنهن کان خواب ڏسندڙ گهڻو ڪري بيپرواهه هوندو آهي، يعني خوابن جو اهو قسم تيستائين چٽو نه هوندو آهي يا وضاحت ڪري نه سگهندو آهي، جيستائين کو شخص پنهنجي ذهن ۾ ان حقيقت کي نه ٿو ويهاري ته خواب: "ڪهڙي ڳالهه جي خواهش ڪئي آهي؟ ۽ حقيقت ڇا آهي؟" جي وچ ۾ فرق نه ڪري سگهندو آهي."

مثال طور کو شخص پنهنجي پيءُ جي پوڙهپڻي ۾ بيماريءَ دوران خدمت ڪري ٿو ان جي موت تي کيس نهايت وڏو صدمو رسي ٿو ته ڪڏهن ڪڏهن ههڙو سمجهه کان ٻاهر خواب به اچي سگهي ٿو:

"هن جو پيءُ ٻيهر زندهه ٿيو آهي ۽ هن سان سدائين وانگر ڳالهائي ٿو پر (غير معمولي ڳالهه اها آهي ته) هو واقعي مڙل هو ۽ هو ان ڳالهه کان ئي واقف نه هو."

هي خواب ان صورت ۾ سمجهه ۾ اچي سگهي ٿو جيڪڏهن انهن لفظن: "پر هو واقعي مري ويل هو" ۾ڏڙ کانپوءِ اسان نتيجي طور ان ۾ خواب ڏسندڙ جي خواهش کي شامل ڪريون! جيڪڏهن اسان ان جي وضاحت ڪريون ته: "هو ان ڳالهه کان واقف نه هو" ته پوءِ اها هن جي خواهش ئي هئي.

هن جڏهن بيماريءَ دوران پنهنجي پيءُ جي خدمت پئي ڪئي ته هن جي دل ۾ ڪيترا ئي پيرا اهو خيال آيو هو ته "جيڪر سندس پيءُ مري ويجي." اهڙي ٻاجهاري پٽ کي اهو خيال رڳو ان ڪري پئي آيو ته هن جي ان بيماريءَ ۾ ڇُڙڻ کان جان آزاد ٿي ويجي. پيءُ جي مرڻ کانپوءِ هن جو صدمي سبب غم جو اظهار ڪرڻ به ساڏس همدرديءَ جو جهُپو (خواهش) به لاشعوري طور پنهنجي بدناميءَ يا الزام کان بچڻ سبب آهي.

اهو سچ آهي ته مري ويل ماڻهوءَ سان خواب ڏسندڙ جي پيار سبب ان جي خوابن جي تشريح ڪرڻ آسان ته آهي، پر خواب ڏسندڙ ڪڏهن به ان تشريح منجهان مطمئن نه ٿيندو آهي، ان جو سبب سندس انتها درجي جو جذباتي واسطو هوندو آهي. ان حوالي سان عام طور تي اهو ڏٺو ويو آهي ته ان قسم جي خوابن ۾ مڙل ماڻهو جيئرو ئي نظر ايندو آهي، ۽ اوچتو ان جي فوتگيءَ جو احساس به پيدا ٿيندو آهي، پر اهو وري به خوابن ۾ جيئرو نظر ايندو آهي. اهو تاثر يقينن منجهائيندڙ هوندو آهي.

ٻئي قسم جي خوابن ۾، جن ۾ خواب ڏسندڙ مڙل ماڻهوءَ سان تعلق ۾ هوندو آهي ته خواب ڏسندڙ گهڻو ڪري ان منجهان پنهنجي لاءِ موت جو تاثر اخذ ڪندو آهي. ان صورت ۾ جيڪڏهن خواب ڏسندڙ اوچتو پاڻ کي اهو چوڻ لڳي ته: "هو ايترو گهڻو اڳ ۾ چو مري ويو." ته هو پنهنجي سوال جو انڪار ڪري رهيو آهي ۽ اهو ميڙ لاءِ تيار ئي نه آهي ته اهو سندس ئي موت جي نشاني آهي. پر مان هڪ خاص ارادي سان ان احساس کي ميڙان ٿو ته خوابن جي تشريح جي ذريعي، خوابن جي ان خاصيت جا سمورا راز اڃان ظاهر نه ٿي سگهيا آهن.

(iii)

هتي مڙل پيءُ متعلق هڪ ٻيو خواب پيش آهي:

"اسپتال جي ڪمن لاءِ ڪنهن جي رهيل پئسن جي واسطي مون وٽ 1851ع واري سال ۾ منهنجي هم واري هند تان، ٽائون ڪائونسل جي هڪ گاڏي مون کي ڪڍڻ آئي. مان پاڻ کي هڪ گهر ۾ موجود ڏٺو ۽ مان 1851ع تائين اڃان جيئرو هوس، ۽ هڪ ٻيءُ جاءِ! منهنجي پيءُ سان وابستا هئي، ۽ منهنجو پيءُ اڳ ۾ ئي مڙل هو. مان هن وٽ ٻئي ڪمري ۾ ويس، جتي هو

---

[1] هي جملو 1911ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي، جنهن جي متعلق فرائيڊ اڳ ۾ به واضع ڪيو آهي ته خوابن ۾ بگاڙو خوابي خيالن ۾ "بيهودگي، ذليل خوار ڪرڻ، نڏولي يا چرچو ڪرڻ يا طعني هڻڻ" سبب به ٿيندو آهي. اصل ۾ فرائيڊ هيل تائين اهو ڪم مڪمل نه ڪيو آهي، البت ان جي نتيجي بابت اڃيان: "خوابن ۾ ڏاهپ وارين سرگرمين" ۾ چٽيءَ ريت سمجهايو آهي.

هڪ بستري تي ستل هو ۽ مون کيس ان گاڏيءَ متعلق ٻڌايو. مون کي عجب لڳو ته هن يادڪندي چيو ته 1851 ۾ مان گھٽو پيتل هوس ۽ مون پاڻ کي قفل ۾ بند ڪري ڇڏيو هو هي اهو وقت هو جڏهن هو "ت" جي فرم ۾ ڪم ڪندو هو. "سو تو شراب استعمال ڪيو آهي؟" مون کانئس پڇيو "چا تون ان کانپوءِ جلد ئي شادي ٻه ڪندين؟" مون ڳٽ ڪئي ته مان واقعي 1856ع ۾ جائو آهيان. جيڪو بدلجي ويل نظر پئي آيو."

اسان سيئي گھٽو ڪري ان ڳالهه جو مشاهدو ڪندي حيران ٿيندا سين ته هن خواب ۾ ڪنهن ديني تڪرار يا بحث ۾ پوڻ وارو معاملو ڪلي پيو آهي، ۽ منهنجو پيءُ صاف گوئي ڪندي ان بيهودگيءَ تي اختلاف ڪري رهيو آهي. ان قسم جو ڪليل اظهار خاص طور خواب جي عمل جي ناتي ڇنڊڇاڻ جو ڪم اسان جي عقيدن ۾ تضاد پيدا ڪري رهيو آهي. صورتحال بلڪل واضح آهي بهرحال! جيڪڏهن ان تي غور ڪجي ته هن واقعي ۾ منهنجو پيءُ محض هڪ ڏيکاءُ واري صورت ۾ پيش ٿيو آهي، ۽ اختلاف ٻه ڪنهن ٻئي جي حوالي سان نمودار ٿيو آهي. جيڪو هن خواب ۾ هڪ تصور جيان ظاهر ٿيو آهي. جڏهن ته هي خواب ڪنهن جي خلاف بغاوت جي وهنوار ڏانهن مڙيل آهي، جنهن جي پويان خواب ڏسندڙ جو پيءُ ڏيکيل آهي، ۽ مخالف هتي بلڪل سچو آهي. تجسس جي ڪارڻ خواب ان قسم جو اظهار ڪيو آهي. ان خواب جي ظاهر ٿيڻ ڪانپوءِ مون ٻڌو ته مون ڪان تجربي ۽ عمر ۾ منهنجي هڪ پراڻي نفسياتي علاج ڪندڙ ساٿيءَ (جنهن جو فيصلو تنقيد ڪان مٿانهون هوندو آهي) چيو آهي ته "رد ڪرڻ ۽ عجب ڪائڻ" جي حقيقت اها آهي ته هڪ مريض جي سلسلي ۾ سندس تحليل نفسيءَ وارو علاج خود پنجين سال ۾ داخل ٿيو هو.

خواب جو پهريون جملو ان لڪل حقيقت جو چٽو اشارو ڪنايو آهي، ته ڪنهن وقت منهنجي ان ساٿيءَ منهنجي پيءُ جي خدمت ڪئي هئي، پر منهنجي پيءُ ان جون گھرجون پوريون نه ڪيون هيون" يعني اسپتال جي ڪمن لاءِ ڪنهن جا رهيل پئسا (Fees) ادا نه ڪيا هئا ۽ پوءِ جڏهن اسان جي دوستيءَ وارو تعلق گھڻڇڻ لڳو ته مان پاڻ پيءُ ۽ پٽ جي وچ ۾، ان قسم جي جذباتي تضاد ۾ قاسي ويس، جيڪو اڳ ۾ ئي پيدا ٿيل هو.

خوابي خيالن انهيءَ روپي جي خلاف شديد قسم جو احتجاج ڪيو آهي، جنهن اڳ ۾ منهنجي مريض جي علاج کي سامهون آندو آهي، جنهن جو علاج مان ايترو تڪڙو نه پئي ڪري سگھيس، ان ڪري خواب ۾ين ڳالهين کي به شامل ڪري ڇڏيو آهي.

"چا هو ڪنهن ٻئي ڊاڪٽر کان واقف هو؟" مان سوچڻ لڳس. "ٻيو ڪير هن جو تڪڙو علاج ڪندو؟" "چا هو ان ڳالهه کان واقف ناهي، ته منهنجي علاج جي معاملي کانسواءِ ٻيا به ڪيترا معاملا آهن." بهرحال ان قسم جون حالتون لڳيڃ حياتيءَ جي آخري لمحي تائين پنهنجي سر تي کٽڻيون پونديون آهن. جڏهن ماڻهوءَ کي علاج کانپوءِ تندرست زندگي گذارڻ جي اميد هجي ته سچي زندگيءَ جي مقابلي ۾ علاج لاءِ چئن يا پنجن سالن جو عرصو کڻڻي وڏي اهميت ٿو رکي.

هن خواب ۾ مونجهاري يا بگاڙ جي تاثر جو وڏو حصو خوابي خيالن جي مختلف حصن مان آيل جملا آهن. جيڪي بنا ڪنهن مٽ ست جي گڏجي ڊوڙندا آيا آهن. جهڙوڪ: "مان هن وٽ ٻئي ڪمري ۾ ويس." اهو جملو پنهنجو اصل موضوع چڏي اچي پهتو آهي. ڇاڪاڻ ته اصل ۾ مان پنهنجي پيءُ وٽ اهو اطلاع ڪرڻ ويو هوس ته "مان شادي ڪري رهيو آهيان. توهان جي صلاح کانسواءِ."

مون کي ياد ٿو اچي ته منهنجي ان جملي تي، منهنجي پوڙهي پيءُ ان موقعي تي پنهنجي بي غرض محبت جو اظهار ڪيو هو. جيڪو ڪنهن ٻئي عام پيءُ کان مختلف هو ۽ اهڙي مشاهدي خواب کي، پنهنجي پيءُ تي چٽر ڪرڻ جي اجازت ڏني. ڇاڪاڻ ته خوابي خيالن ۾ اهڙا خيال پيءُ جي بجاءِ ٻين جي حوالي سان جمع ٿيل هئا، خاص طور انهن ماڻهن سان اٿڻ ويهڻ سبب جيڪي ٺٽوليون ڪندا رهندا آهن ۽ گھٽو ڪري ائين ئي اسان جا پسنديده شخص به هوندا آهن. پر هر قسم جي چنڊچاڻ جي عمل جي فطرت اها هوندي آهي ته سچين شين جي بجاءِ اها منع ٿيل ڪوڙين ۽ غلط ڳالهين کي همٿائيندي آهي.

ٻيو جملو "يادگيريءَ جو تاثر ٿو ڏئي ته: "هن ياد ڪندي چيو ته 1851ع ۾ مان گهٽو پيتل هوس ۽ پاڻ کي قفل ۾ بند ڪري چڏيو هو." جيڪو منهنجي پيءُ سان نه پر اهو هڪ مهان شخص "مينيرٽ" (Theodor Meynert_ 1833_1892) سان وابستا هو جيڪو ويانا يونيورسٽيءَ ۾ نفسياتي علم جو پروفيسر هو مان جنهن جي قدمن جي ڏاڪڻ تي هليس ۽ جنهن جو مون سان ڏاڍو سٺو رويو هو ۽ مان سندس عزت ۽ ڪندو هوس پر ٿوريءَ ئي عرصي ۾ هن جي رويي ۾ تبديلي اچي وئي ۽ هو منهنجو ظاهر ظهور دشمن بڻجي ويو.[1]

خواب مون کي ياد ڏياريو ته هن هڪ ٻيري اهو ڇيو هو ته: "هو جڏهن جوان هو ته هن کي ڪلوروفارم (Chloroform) هڪ بي رنگ ڪيميائي پاڻياڻ، جنهن کي ڊاڪٽر بيهوشيءَ لاءِ استعمال ڪندا آهن) سان نشي وٺڻ جي عادت هئي."

ان خواب مون کي سندس مرڻ کان ٿورو اڳ وارو هڪ ٻيو واقعو ياد ڏياري چڏيو آهي، جنهن ۾ منهنجي مرداڻي چتپڙ (Male_ Hysteria) جي موضوع متعلق ان تحرير سبب تنازعو پيدا ڪري مون کي چڪتاڻ ۾ مبتلا ڪيو ويو هو جنهن کي هن رد ڪيو هو.

مان جڏهن سندس اٺتر بيماريءَ سبب عيادت ڪرڻ لاءِ وٽس ويس ۽ سندس طبيعت متعلق پڇيم ته هو ڪافي دير تائين ڳالهائيندو رهيو جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ هن چيو: "توکي خبر آهي ته مان پاڻ مرداڻي چتپڙ جي اهڙن مريضن مان هڪ چٽو پٽو مريض رهيو آهيان." پوءِ هن مڃيو ۽ مون کي مطمئن ڪندي حيرت ۾ وجهي چڏيائين. مان سوچڻ لڳس ته پوءِ چو ايترو وقت اجائي ضد ۾ مبتلا رهيو. انهن چئن يا پنجن سالن جو عرصو اهو عرصو هو جيڪو مون پنهنجي ان ساڻي پروفيسر "مينيرٽ" سان گذاريو هو جنهن جو ذڪر مون پهرين ۾ ڪيو آهي، پر اهو عرصو منهنجي شاديءَ جي حوالي سان ۾ ثابت ٿئي ٿو ۽ خود ان مريض سان ۾ منسلڪ آهي، جنهن جي تندرست ٿيڻ ۾ چار پنج سال لڳا هئا.

"پنج سال چا آهن؟" خوابي خيالن سوال پڇندي چيو. "اهڙو ڪو ۾ عرصو نه آهي، چاڪاڻ ته جيستائين منهنجو تعلق آهي ته اهو ڳٽڪ ۾ نه ٿو اچي."

"مون وٽ منهنجي لاءِ وڏو وقت آهي."

ايڪونجاهه (51) سال اها عمر آهي، جيڪا ماڻهوءَ کي ٿوري مشڪل ۽ خطري واري لڳندي آهي، ۽ مون کي ياد آهي ته منهنجو ساڻي اوچتو ان ئي عمر ۾ گذاري ويو هو. ان معاملي تي تفصيلي گفتگو اسان اڳتي هلي ڪنداسين.

(iv)

نمبرن متعلق خواب

"منهنجي هڪ واقف: "هير ايم" (Herr M) کي سندس هڪ مضمون جي سلسلي ۾ مٿس انتهائي غير واجبي طور تي حملو ڪيو ويو هو منهنجو خيال آهي ته هو "گوئٽي" کان گهٽ حيثيت وارو نه هو، پر "هير ايم" کي بهرحال ان حملي ۾ ڏاڍي خراب نموني ۾ لتاڙيو ويو هو. هن ڪنهن ميز جي پرسان اٿي بيهي پنهنجي ساڻين کي پئي ٻڌايو: هن جو ڪفن دفن "گوئٽي" تي ڪو اثر چڏيندڙ نه هو، بهرحال اهو منهنجو ذاتي تجربو هو. مان نتيجو ڪيڻ لاءِ تاريخوار انگن اکرن تي هلڪي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس، پر اهو ڪم مون کي محال نظر آيو. "گوئٽي 1832ع ۾ مئو هو، ان صورت ۾ "هير ايم" ان کان اڳ مئو هوندو. "هير ايم" ان وقت صفا جوان هو، اها ۾ اعتبار جوڳي ڳالهه آهي ته هو ان وقت ارڙهن سالن جو هو، مون کي گهٽي يڪ نه آهي پر بهرحال اسان کهڙي عمر ۾ هئاسين، ان ڪري منهنجي سموري ڳٽڪ، اڻ چٽائيءَ ۾ پگهرجي وئي. اتفاق سان اهو حملو "گوئٽي" جي "فطرت" تي لکيل مشهور مضمون تي مشتمل آهي."

---

[1] ان تڪرار جو تفصيلي ذڪر فرائيڊ جي سوانحي مطالعي (1925) جي پهرين باب ۾ آيل آهي.

اسان هن خواب ۾ "هڪ اٽوٽندڙ ڳالهه جي جواز ڏيڻ واري طريقي کي" جلدي ڳولهي سگهون ٿا." "هير ايمر" کي مان سچاڻان ٿو (ميز جي چوگرد ويٺل ساٿي). گهٽو عرصو نه ٿيو آهي جو هن مون کي پنهنجي پاءُ جي چڪاس لاءِ چيو هو جنهن ۾ هن "عام قسم جي اڌرنگ" جون علامتون ڏٺيون هيون. هن جو شڪ درست هو. پر هن جي اچڻ واري موقعي تي، گفتگو دوران هڪ غيرواجبي واقعو پيش آيو. مريض پنهنجي پاءُ کي پنهنجي نوجوانيءَ جي نادانين تي ڳالهائڻ کان روڪي رهيو هو. مون ڳالهه بدلائي کانئس ڇمڻ جو سال پڇيو ته جيئن مختصر حساب لڳائي کيس سمجهائي سگهان ته ان جي ذهني ياداشات جي ڪمزوريءَ جو ڪهڙو سبب آهي! پوءِ به هو ان ڳالهه تي بضد هو ته هو بلڪل چگو ٻلو آهي. ان حوالي سان مان خواب ۾ پنهنجي ئي اڌرنگ جي وِساري واري ارڪان جو رويو پئي ڏيکاريو: (ته هو ان وقت ارڙهن سالن جو هو مون کي گهٽي پڪ نه آهي پر بهرحال اسان کهڙي عمر ۾ هئاسين. ان ڪري منهنجي سموري ڳٽپ، اڻ چٽائيءَ ۾ پگهر جي وئي.)

خواب جي مواد جو ٻيو حصو وري ويجهڑائيءَ واري واقعي مان جُڙيو آهي: "طب متعلق هڪ رسالي جي ايڊيٽر سان منهنجا سٺا دوستاڻا تعلقات هئا. هن منهنجي برلن جي هڪ دوست "ايف" (Fliess) جي آخري ڪتاب جي هڪ مضمون تي سخت ناگوار جملن سان جُلهه ڪري جڙ سندس شخصيت کي چيپاتي (Crush) ڇڏيو هو. تنقيد هڪ نوجوان تبصري نگار ڪئي هئي، جنهن جي سوچ ۾ راءِ تمام معمولي سطح جي هئي. ان ڪري مون خيال ڪيو ته ان جي خلاف هڪ مضمون لکي ان دوست ايڊيٽر کي ڏيان. پر ٿيو ائين جو هن منهنجي مضمون شايع ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. پر مون دانشمنديءَ کان ڪم ونڊي ڪيس خط لکيو ته: "اهڙين ڳالهين جي ڪري اسان جي وچ ۾ تعلقات تي اثر نه پوڻ گهرجي." (هن جو ڪفن دفن "گوئٽي" تي ڪو اثر ڇڏيندڙ نه هو).

خواب جي مواد جو ٽيون حصو منهنجي هڪ مريضه جي پاءُ جي سلسلي سان وابستا آهي. جيڪو ذهني بيماريءَ ۾ مبتلا هو: (فطرت) ۾ ڊاڪٽرن جو چوڻ هو ته: هن جي دماغي خلل جو سبب "گوئٽي" جي "فطري اپياس/نظريي" جو مضمون آهي. منهنجو پنهنجو خيال اهو ته ماڻهن ۾ جنسي معلومات جي ڪمي آهي. انڪري انهن جو لاڙو گهٽو جنس پرستيءَ ڏانهن ٿئي ٿو ۽ ثابت ٻه ائين ٿيو! ته مريض جي پنهنجي عضوي ڏانهن رغبت گهٽي هئي: (هو ان وقت ارڙهن سالن جو هو).

مان اها ڳالهه ٻه هتي ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ته "فليس" جي جنهن ڪتاب تي سخت قسم جي تنقيد ٿي هئي، ته ان تي عجب ڪائڻ ٻه فطري هو ۽ ان جي جواب ۾ مضمون لکڻ لاءِ تاريخوار تفصيل گڏ ڪرڻ ٻه ضروري هئا: (مان نتيجو ڪيڻ لاءِ تاريخوار انگن اکرن تي هلڪي روشني وجهڻ لڳس).

هن خواب ۾ معاملن کي "ابتڙ" انداز ۾ پيش ڪرڻ جا گهٽائي مثال موجود آهن. مثال طور: جيڪڏهن چئجي ته گوئٽي ان نوجوان تي حملو ڪيو ته غلط ٿيندو پر جيڪڏهن چئبو ته نوجوان "گوئٽي تي حملو ڪيو ته درست ٿو لڳي. چاڪاڻ ته "گوئٽي" امر آهي. پر مان ته تحقيق جي سلسلي ۾ "گوئٽي" جي گذاري وڃڻ جي سال تي پئي سوچيو.

(9)

خوابن ۾ ڏاهپ واريون سرگرميون

INTELECTUAL ACTIVITY IN DREAMS

منهنجي هيءَ ٻي ڏيواري آهي ته مان اهو ثابت ڪريان ته: "خواب جو ڪم" انهن ٽن عنصرن جي ميلاپ تي ئي ٻڌل آهي، جيڪي موضوع مطابق چٽن حالتن جي سنهڙ سان "خواب جي ڪم جي ترجمي" ڪرڻ کانسواءِ ڪوبيو مخصوص ڪم نه ڪٽي ايندا آهن. سوال اهو ئي آهي ته يا ته ڏهن ئي پنهنجي سموري ڏاهپ، فطري مهارت تي ٻڌل سگهه يا صلاحيت سان خوابن کي هلائي ٿو يا رڳو ڏاهپ جي انهن شعبن جي حصن ذريعي غلط سانچو ٿو گهڙي يا حقيقتن کي مسخ ٿو ڪري!

هن مهل تائين اسان ڪيترائي خواب بحث هيٺ آندا آهن، جن ۾ متن جي ساڃاهه ڪنهن هڪ جاءِ يا حالت مان ٻي جاءِ يا حالت ۾ وڃڻ، حصن ۾ ورهائڻ، پري هليو وڃڻ، تنقيد ڪرڻ يا تعريف جو اظهار ڪرڻ وارن عنصرن تي روشني وڌي آهي، ته اهي خواب جي ڪجهه مخصوص عنصرن ۾ ڪيئن نه عجب جهڙو احساس پيدا ڪن ٿا، ۽ انهن لاءِ وضاحتن ڏيڻ جي ڪوشش ٻه ڪئي وئي آهي ۽ جوازن جي سيڙپڪاري ٻه ڪئي وئي اهي. مان هاڻي اها ڪوشش ڪندس ته انهن اٽيل اختلافن جي حوالي سان چند حقيقتن کي پيش ڪريان، جنهن لاءِ مون ڪجهه مثالن جي چونڊ ڪئي آهي.

منهنجو جواب (مختصر طور تي) هن ريت آهي ته: خوابن ۾ جيڪا ٻه شيءِ، ساڃاهه يا فتويٰ جي طور تي ظاهري سرگرميءَ جيان پيش ٿئي ٿي، اها "خوابي ڪم" جي ڪا ڏاهپ واري مهم يا ڪاريگري نه ليڪبي، پر ان کي "خوابي خيالن" جي "مواد جي ميڙي چونڊي" چئبو. جيڪا ڪنهن ٿهيل ٽڪيل اڏاوت جيان ڪجي اچي، خواب جي پيشڪش واري مواد تائين پهچي ٿي.

مان ان ڳالهه جو حوالو اڳتي ٻه ڏينندس، ڇاڪاڻ ته فيصلو وري ٻه "جاڳڻ ڪانپوءِ" ٿيندو آهي ۽ اهو ٻه ان خواب جو جيڪو ياد رهجي ويندو آهي ۽ ڪي احساس مرتب ڪندو آهي ۽ خواب جي هڪ حصي کان وٺي ان جي وسعت ۾ جيڪو ٻه لڪل مواد هوندو آهي، اهو تشريح جي ذريعي ئي سمجهه ۾ ايندو آهي.

(i)

باب ڇهين: "خواب جي عمل" جي حصي ٽئين: "خوابن ۾ نمائندگيءَ جي مقصد" ۾ مان هڪ حيرت انگيز مسئلي آيو آهيان، (اهڙو ٻيو مثال ان کان اڳ ۾ ٻه ڏنو اٿم) جنهن ۾ هڪ مريضه عورت پنهنجي خواب ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو هو ڇاڪاڻ ته اهو ايترو واضع نه هو ته "خواب ۾ هن جنهن مرد کي ڏٺو هو اهو سندس ڀاءُ هو يا سندس پيءُ هو." ان کان پوءِ سندس خواب جو هڪ ٻيو حصو اهو هو جنهن ۾ هڪ "گند جي ٽوڪري" (Misttruger_Dust_bin) ظاهر ٿي هئي، جنهن کيس کا يادگيري ڏياري ڇڏي هئي، ته جڏهن هن پنهنجي گهر کي پهريون پيرو سينگاريو هو ته هڪ موقعي تي ڪنهن نوجوان مائٽن جي موجودگيءَ ۾ ساڻس مذاق ڪيو هو ته: "مان سيانڻي "گند لاءِ ٽوڪري" وٺي ايندس." پر ٻئي ڏينهن تي اهو نوجوان جڏهن سندس گهر آيو ته "گند جي ٽوڪريءَ" ۾ نيلوفر جا گل وڇهي آيو هو.

هن خواب جو اهو ننڍڙو حصو جرمني زبان جي هڪ چوٽيءَ جي نمائندگي ڪري ٿو: (Nicht auf meinen Mist gewachsen) "پوتو منهنجي پاڻ تي وڌو نه ٿيو آهي." جنهن جو مطلب آهي ته: "ان معاملي ۾ مان ذميوار نه آهيان." يا "اهو منهنجو مسئلو نه آهي."

جڏهن تجزيو مڪمل ٿي ويو تہ اهو واضح ٿيو تہ "خوابي خيالن" جو تعلق اصل ڪهاڻيءَ جي چڌيل اٿرن سان هو جيڪو خواب ڏسندڙ پنهنجي نوجوانيءَ ۾ ٻڌو هو تہ: "هڪ چوڪريءَ کي پار ڪيئن ٿو ٿي سگهي، يا اهو ڪيئن ثابت ڪجي تہ ان پار جو اصل ٻيءَ ڪير آهي؟"

ان جو مطلب اهو ٿيو تہ هتي خواب، جاڳ واري حالت جي خيالن جي نمائندگي ڪئي آهي، ۽ فيصلو بہ جاڳ واري حالت منجهان خواب ۾ پيش ٿيو آهي.

(ii)

هي بہ ساڳئي قسم جو معاملو آهي. منهنجي هڪ مريض خواب ڏٺو جنهن منجهس دلچسپيءَ وارو اثر پيدا ڪيو ننڍ مان جاڳڻ کان پوءِ هڪدم هن پاڻ کي چيو: "مان ڊاڪٽر کي ضرور ٻڌائيندس تہ..."

هن خواب! تشريح کي ۽ جنسي لاڳاپن واري صحبت جي تصور کي، چٽو چٽو ڪري پيش ڪيو. چاڪاڻ تہ علاج دوران هن دل ۾ اهو پڪو پهہ ڪيو هو تہ ڊاڪٽر کي نہ ٻڌائيندس.

(iii)

هي ٽيون مثال مان پنهنجي تجربي منجهان ٿو ڏيان:

"مان "پ" سان گڏ اسپتال ۾ ويس، ان ضلعي جي پاسي، جتي گهر ۾ باغ هئا. ساڳئي وقت مون کي گمان ٿيو تہ خوابن کان اڳ ۾ مان گهٽو ڪري هن ضلعي ۾ اڳ بہ آيو آهيان. مون کي رستي جي پوري سُڌ ڪانہ هئي، هن مون کي رستو ٻڌايو تہ اڳيان ڪنڊ تي هڪ رهڻ ۾ ڪاڌي وارو هوٽيل آهي (اندر بند آهي، ڪو ڪليل باغ نہ آهي)، تڏهن مون ڪانئس "فرائو ڊوني" (Frau Doni) متعلق پڇيو تہ هن ٻڌايو تہ هوءَ پويان هڪ ننڍي ڪمري ۾ پنهنجي ٽن ٻارن سميت رهندي آهي. مان ان ڏانهن وڃڻ لڳس، پر مان اتي اچان پهتس مس تہ صفا منهنجي ٻن ڏيئرن جهڙيون چوڪريون مليون. مان انهن سان ٿوري دير بيٺس، پوءِ مان انهن کي پاڻ سان انڪري وٺي آيس، تہ جيئن مان پنهنجي زال کي ڪا چينپ ڪيان تہ هنن ٻارڙين کي ائين چو چڏي ڏنو هيءِ"

جڏهن جاڳيس تہ مون پاڻ کي نهايت مطمئن محسوس ڪيو. ان جو سبب اهو هو تہ مون پاڻ کي وضاحت پئي ڏني تہ: "مون اهڙو خواب اڳ ۾ ڏٺو آهي[1]." مزي جي ڳالهہ تہ تشريح يا تجزيي مون کي ان قسم جي ڳالهہ سيکاري ئي نہ آهي، تہ پوءِ خواب، منهنجي لڪل مواد مان کهڙي ڳالهہ ظاهر ڪرڻ ٿي گهري! ۽ نہ ئي ان تي کو فيصلو ڏنائين؟

منهنجي شاديءَ جي اهميت اها هئي تہ مون کي پار ٽپڻا هئا، ۽ "پ" اهو ماڻهو هو جنهن سان منهنجي زندگيءَ جو هڪ وڏو عرصو! بنهي صورتن ۾ سماجي توڙي مادي طور گڏ گذريو هو. پر سوچڻ جي ڳالهہ اها آهي تہ کهڙي ماڻهوءَ ٻارن جي خواهش کان سواءِ شادي ڪئي آهي! هن خواب جي مڪمل تشريح تہ ان جي ڪا معنيٰ اخذ ڪانہ ٿي ڪري. البت بہ واقعا خواب جي خدمت ۾ ضرور پيش ٿيا آهن:

هڪ ڏينهن اڳ ۾ مون اخبار ۾ "فرائو ڊونا" (Frau Dona) جي مرڻ جي خبر پڙهي هئي، جيڪو خواب ۾ "فرائو ڊونا" (Frau Dona) جي صورت ۾ تبديل ٿي ويو. "ڊونا" جو موت "ويم" دوران ٿيو هو ۽ منهنجي زال ٻڌايو هو تہ: "هن جي سارسنيال ساڳيءَ دائيءَ پئي ڪئي، جنهن مون (فرائيڊ جي زال) کي بہ ٻار ڄڻايا هئا. "ڊونا" جو نالو مون تي ان ڪري اثرانداز ٿيو جو ڪجهہ عرصو اڳ ماڻ ساٺس هڪ انگريزي ناول جي سلسلي ۾ مليو هوس.

---

[1] هن موضوع تي تفصيلي بحث تازو آيل "فلسفي جون رنگينيون" (Revue Philosophique_1896_98) ڪتاب ۾ "خوابن ۾ يادگيرين جو دوکو" (Paramnesia in Dreams) جي عنوان سان آيل آهي. (هي خواب اڳتي باب ڇهين: "خواب جي عمل" جي حصي نائين: "خوابن ۾ اثرانداز ٿيندڙ جذبا" ۾ آندل آهي).

خواب کي ٻيو واقعو ان ساڳئي ڏينهن جي ڏريعي هٽ لڳو هو جيڪو منهنجي وڏي پٽ جي جنم ڏينهن واري رات تي، شاعراڻن تحفن کي ڏسي سرهو پئي ٿيو.

(iv)

مان ان ڏينهن بہ ساڳيو اطمينان محسوس ڪيو هو جڏهن مون پنهنجي پيءُ جي تاتاري نسل جي وچ ۾ ("گاريبالدي" Garibaldi جي مرڻ کان پوءِ) سياسي ڪردار ادا ڪرڻ وارو منجهيل قسم جو خواب ڏٺو هو. ان وقت جو احساس خواب جي آخري حصي سان سلهاڙيل هو:

"مون کي "گاريبالدي" (Garibaldi) ياد آيو جيڪو پنهنجي موت جي بستري تي بہ خوش هو تہ هن جو ڪيل وعدو سچو ثابت ٿيو." (هي ان احساس جو تسلسل هو جيڪو مون کان وسري ويو هو). هاڻي تشريح مون کي ان قابل بڻايو آهي تہ مان پڪ سان چئي سگهان ٿو تہ خواب ان خال کي پرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مان پنهنجي وڏي پٽ جو حوالو بہ شامل ڪرڻ ٿو چاهيان جنهن تي مون پهرين پيري تاريخي نالیواري شخصيت وارو نالو "ڪروم ويل" (Cromwell) رکيو هو جيڪو مون کي ننڍي هوندي کان وٺندو هو خاص طور تڏهن کان، جڏهن کان مان انگلينڊ آيو هوس. ٻار جي جمڙ کان هڪ سال اڳ ۾ ئي مون ڏهن ۾ ويهاري ڇڏيو هو تہ هاڻي جيڪڏهن مون کي پٽ جمندو تہ ان جو نالو مان اهو رکندس ۽ مون کي ان خيال تي ڏاڍي سرهائي محسوس ٿي هئي. ان حوالي سان اوهان ڏسي سگهو ٿا تہ پيئرن (Fathers) جو اندر ۾ ڏٻايل احساس برتري "ميگالومانيا" (Megalomania) (ماڻهو جي پنهنجي صلاحيت يا فرضي ڪارنامن جي احساس ۾ مبتلا ٿيڻ) ڪيئن نہ پنهنجي ٻارن جي خيالن ۾ منتقل ٿي وڃي ٿو ۽ اها ڳالهہ يقيني نظر اچي ٿي تہ اهو بہ انهن مان هڪڙو رستو آهي، جنهن ۾ ڏٻايل/ڏٻجي ويل اهي احساس حقيقي حياتيءَ ۾ اهميت سان شامل رهن ٿا ۽ پوءِ اهي خوابن ۾ پيش ٿيڻ لڳن ٿا.

(v)

هاڻي مان "ساڃاه ۽ فتويٰ" جي حوالي سان غور ڪيل تاثرات ڏانهن موٽي ٿو اچان، جيڪي خواب جي پاسي پاڻ گذاريندا آهن، پر جاڳ جيون ۾ انهن جي منتقل ٿيڻ جي عمل ۾ تسلسل نہ هوندو آهي. انهن جي متعلق مثالن کي ڏسڻ لاءِ اوهان منهنجي هن ڏميواريءَ ۾ منهنجي رهنمائي ضرور ڪجو چاڪاڻ تہ مان خوابن جي مقصد کي ڪنهن ٻئي رخ سان ڏسڻ لڳو آهيان.

"گوئٽي" جي "هَير" تي حملي متعلق سموري خواب ۾ "ساڃاه" وارو عمل آيل آهي:

"مان نتيجو ڪيڻ لاءِ تاريخوار انگن اکرن تي هلڪي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس." ۽ اهو هڪ بگڙيل ۽ اجايو خيال هو تہ "گوئٽي" منهنجي ڪنهن واقف نوجوان ڇوڪري تي ادبي حملو ڪيو آهي.

"هوان وقت ارڙهن سالن جو هو."

اهو آواز خود ڳٽپ جي سلسلي ۾ ٻيهر ٻاهر آيو آهي تہ: "مون کي گهٽي پڪ نہ آهي، پر بهرحال اسان ڪهڙي عمر ۾ هئاسين."

انهن سموري جملن منجهان اسان کي هڪ غير يقيني ۽ شڪ واري صورتحال نظر ٿي اچي.

اهڙيءَ ريت اهي سڀ "ساڃاه" جا عمل آهن، جيڪي خواب ۾ جڙيا آهن، پر تشريح اهو ٿي ظاهر ڪري تہ: "انهن جا لفظ جيڪي خواب جي تجزيي ۾ بنهہ اٽنر ٿين ٿا، جيتوڻيڪ ساڃاڻي وقت هر هڪ اجايو خاڪو يا مناسب نشان هٿي ويندو آهي، پوءِ بہ ٿي سگهي ٿو تہ ان روشنيءَ ۾ ڪنهن ٻئي رستي سان ڪنيل هجن. ان جملي: "مان نتيجو ڪيڻ لاءِ تاريخوار انگن اکرن تي هلڪي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس." مون کي پنهنجي دوست "فليس" جي جاءِ تي اچي ٻيهاريو جنهن واقعي زندگيءَ جي تاريخوار انگن اکرن کي ڳولهڻ جي ڪوشش ٻئي ڪئي. پروڙ/قطعي فيصلي جي حوالي سان زوريءَ کسڻ واري خاصيت وارو اهو جملو پوئين ۽ پيش ٿيندڙ ڪل جهڙي جملي جي خلاف احتجاج طور پيش ٿيو هو. وچ ۾ ٽنبجڻ/ٽنبجڻ وارو جملو: "پر اهو ڪم مون کي محال نظر آيو." تنهن کان پوءِ واري جملي سان وابستا هو.

"پر اهو ڪم مون کي محال نظر آيو." وارو جملو مان گهڻو ڪري ڳالهه کي مختصر ڪرڻ لاءِ ان مريض عورت کي چوندو رهيو آهيان، جنهن پنهنجي پاءُ جي معاملي جي تاريخ/تفصيل ٻڌائي هئي، ڇاڪاڻ ته جنسي رجحان ان مريض جي فطرت (Nature) ۾ شامل هو جنهن ڪري مون کي ائين چَوٽو ٿي پيو ان ۾ "گوٽني" واري ڪتاب جو تعلق نه هو. اهو سچ آهي ته هتي اهو "فيصلو" ڪڏري ويو خواب ۾ نه پر حقيقت ۾! ۽ خاص طور ان وقت جڏهن اهو "خوابي خيالن" ۾ ميڙجي سيڙجي گڏ پئي ٿيو ته غير واجبي فائدي جي لاءِ ٻين کان ڪم ڪرائڻ واري چڪر ۾ پئجي ويو ۽ خواب جي متن ان "فيصلي" کي ائين ئي کڻي ورتو جيئن هو "خوابي خيالن" جي ٽوڙيل يا اڻ پورن حصن کي کڻندو آهي.

18 جي عدد سان خوابن ۾ "فتويٰ يا قطعي فيصلي جو خواب ۾ تعلق بنهه احمقپڻي تي ٻڌل آهي، ۽ جيڪو عبارت جو حقيقي طور تي ذهن نشين ٿيل/ چڌيل نشان آهي، ان منجهان ان فيصلي جو ڪاغذ ڪاڙيو ويو آهي.

خوابن ۾ "فتويٰ يا فيصلي" بابت ظاهري طور ڪهڙا قرارداد عمل ۾ اچڻ گهرجن، جن تي اسان کي ياد ڏيارڻ جا اصول جوڙيل هجن! (اهو بحث اسان باب ٻئي: "خوابن جي تعبير جي طريقي" جي شروع ۾ ئي ڪري آيا آهيون) ٻئي پاسي جيتوڻيڪ اهو مشاهدو ٿيو آهي ته "نفسياتي قوت" ئي خوابن ۾ ڪم ڪندي آهي، جيڪا ان ڳانڍاپي جي نهايت واضع طور تي تخليق ڪندي آهي، جنهن لاءِ ائين چئجي ته: "اها قوت، ان مواد کي "نظرثاني" ڪرڻ لاءِ اڀرتي اماڻيندي آهي، جيڪو مواد "خوابي ڪم" جي ذريعي پيدا ٿيندو آهي. اها ئي اسان کي "وضاحت جي وسيلي" جي آمهون سامهون آڻي بيهاريندي آهي، جنهن جي اهميت جي باري ۾ ۽ خاص طور "خواب جي جڙڻ واري عمل ۾ چوٽين عنصر جو ڏميداريءَ سان ڏنل فيصلو" اسان اڳيان باب ڇهين: "خواب جو عمل" جي حصي ڏهين: "ثانوي نظرثاني" ۾ لکيو آهي.

(vi)

هتي خوابن ۾ "فيصلاڪتي طريقي" جا ڪجهه ٻيا مثال به پيش ڪجن ٿا، جيڪي مون اڳ ۾ ئي جمع ڪري رکيا آهن. ڪل ڏيارينڊ يا بگڙيل خواب ۾ منتقلي يا مٽ سٽ جو مثال مون "ٽائون ڪائونسل" واري خواب ذريعي پئي ڏنو ته: مون ڪانئس پڇيو "ڇا تون ان ڪان پوءِ جلد ئي شادي ٻه ڪندين؟ مون ڳٽ ڪئي ته مان واقعي 1856ع ۾ ڄائو آهيان، جيڪو بدليل نظر پئي آيو." اهو سمورو هڪ منطقي نتيجي جي ڪيڙي ۾ ويڙهيل هو. منهنجي پيءُ 1851ع ۾ شادي ڪئي هئي ۽ هن جي انتقال کان پوءِ مان ئي خاندان جو ووڏو ياتي هوس ۽ 1856ع ۾ ڄائو هوس، ۽ جيئن ته اسان ڄاڻون ٿا ته اهو ڪوڙ بدوڙ وارو نتيجو هو جيڪو خواهش جي پورائي واري دلچسپيءَ سبب گهڙيو ويو هو ۽ خوابي خيال فوقيت وچان ڊوڙي آيو ته: "ڇئن يا پنجن سالن جو عرصو ڪو گهڻو وڏو ته نه آهي، اهو ڳٽ ۾ ته نه ٽوڙيو."

جهڙيءَ ريت خوابي خيال ان جي رخ جو تعين ڪندا آهن ته ان صورت ۾ منطقي نتيجن جي ترتيب جو هر قدم پنهنجي متن ۽ جوڙجڪ ۾ ڪنهن ٻئي انداز سان به وضاحت ڪري سگهي ٿو. اُهو اُهو مريض هو جنهن جي متعلق منهنجي ساٿيءَ جي ڏٺهي تجزيي، سارو معاملو منجهائي چڌيو هو. هن فيصلو ڪري چڌيو هو ته علاج جي ختم ٿيڻ سان ئي هو شادي ڪري ونڊندو. خواب ۾ پنهنجي پيءُ سان منهنجو سوال جواب هڪ قسم جي پڇاڳاڇا يا امتحان هو ۽ مون کي يونيورسٽيءَ جي پروفيسر جي ياد پڙ ڏياري رهيو هو جنهن پنهنجي شاگرد کان صفا ٽڪائيندڙ تفصيل پئي ورتا، ۽ جنهن شاگرد پاڻ کي هن جي تقريرن ٻڌڻ لاءِ آماده ڪيو هو.

اهڙيءَ ريت خواب ۾ نتيجو ظاهر ڪندڙ تصويرن جي ورجاءَ واري عمل کان سواءِ ڪا ٻي معنيٰ نه ٿي رکي، جيڪا خوابي خيالن جي مواد جي هڪ ٽڪري جيان ظاهر ٿئي ٿي. ان ۾ ڪجهه نئون به شامل ٿئي ٿو. جيڪڏهن نتيجو يا نچوڙ خواب جي متن ۾ ظاهر ٿئي ٿو ته پوءِ اهو سوال نه ٿو اٿي ته اهو خوابي خيالن منجهان آيو آهي، پر ائين ٿي سگهي ٿو ته اهو يادگيرين ۾ گڏ ٿيل مواد جو ڪو ٽڪرو هجي، يا اهو منطقي گڻين ۾ خوابي خيالن جو هڪ پورو سلسلو ڳنڍيل هجي. بهرحال "خوابن ۾ نتيجي جو ظاهر ٿيڻ" خوابي خيالن ۾ "نتيجي جي موجودگي" ئي ڪارڻ هوندو آهي.

ان نڪتي تي مان اهو ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته اهي "پنج سال" طبي تعليم سان وابستا آهن، ۽ جيڪي هيڏي ساري موضوع لاءِ تعليم جو تمام گهڻ عرصو آهي، خود مون کي پنهنجي ڪم ۾ ڪيترائي سال لڳي ويا آهن، جڏهن ته مون طبي تربيت جو نتيجي کي جلد ڏسڻ ٿي چاهيو.

ساڳئي خواب جو ابتدائي حصو ڪجهه جملن تي مشتمل آهي، جيڪو "دليل" جي نالي کي ئي ٿو ٽڏي چڏي، اهو دليل حالانڪ ڪل جهڙو يا بيهودو نه آهي، پر اهو ٿي سگهي ٿو ته جاڳ واري حالت ۾ آيل خيال هجي: "مون خواب ۾ ايان تائين ٽائون ڪائونسل طرفان آيل اطلاع متعلق گمان پئي ڪيو. پهرين ڳالهه اها آهي ته مان 1851ع ۾ هن دنيا ۾ ئي ڪونه آيو هوس، ۽ پي ڳالهه ته جنهن معاملي سان منهنجي پيءُ کي وابستا ڪيو ويو هو ته اهو ته اڳ ۾ ئي گذاري ويو هو." اهي ٻئي بيان پنهنجي جاءِ تي نه رڳو درست آهن پر اهي اصل دليل سان به هوبهو متفق آهن.

منهنجي ويجهڙائيءَ واري تشريح ٻڌائي ٿي ته: "خواب منهنجي انتهائي گهري ڇڪتاڻ ۽ ڪل جهڙي خوابي خيالن مان اُپري آيو هو." ۽ اسان جيڪڏهن اهو فرض ڪري وٺون ته جيڪڏهن چنبڙاڻ/ڪاٽ ڪوٽ جي سرگرميءَ وٽ ڪي طاقتور سبب/دليل موجود هوندا ته اسان اهو سمجهي سگهون ٿا ته خوابي ڪم جي هر سرگرميءَ جي به ڪل جهڙين صلاحن کي، غلط ثابت ڪرڻ جي نيت هوندي پلي ته اها خوابي خيالن ۾ ڪنهن اهڙي مثالي نموني تي مشتمل هجي جنهن کي تجزيي يا مشاهدي طور پيش ڪري سگهجي.

تجزيي مان اهو ٿو ظاهر ٿئي ته خوابي ڪم کي ايتري آزادي نه آهي ته هو برابريءَ جي بنياد تي فيصلو ڪري پر اهو مقصد جي حاصل ڪرڻ لاءِ خوابي خيالن جي مواد کي استعمال ڪرڻ جي خدمت ائين سرانجام ڏيڻ ۾ رڌل رهندو آهي. جيئن اکرن جي ڳٽڀ جي علم (Algebra) ۾ برابري، وزن، مقدار يا مفاصلي لاءِ جوڙ ڪٽ جي نشانين ۽ عددن جو سرشتو جُڙيل هوندو آهي، ته ان کي سمجهڻ هڪڙي ڳالهه آهي، ان جو نقل ڪرڻ ٻي ڳالهه آهي، ۽ ظاهر آهي ته نقل ڪرڻ واري کي انهن نشانين ۽ علامتن مان جواب ڪيڻ مشڪل ئي ٿي پوندو.

خواب جي متن ۾ اهي ٻئي دليل ته انهيءَ گڏيل مواد مان ڳولهي سگهجن ٿا، پر منهنجي لاءِ ائين سوچڻ نهايت تڪليف رسائيندر آهي ته ڪجهه حدون اهڙيون به آهن جيڪي اعصابي خلل (Psychoneurosis) جي سلسلي ۾ شڪ پيدا ڪندڙ ۽ جلد جوش ۾ اچڻ واري يا ڪل ڏيارينڊ موجود پر نظر نه ايندڙ حالتن جي وضاحتن ڪرڻ کان روڪين ٿيون. مثال طور مان اهو فرض ٿو ڪريان ته منهنجي زندگيءَ جي ٻئي سال وارا اثر/تاثر يا خود پهرين سال وارا به مون تي اثرانداز ٿيا هوندا، جيڪي مون کي ياد پلي نه ايندا هجن پر اهي ميڇالي ۾ ته رڪيل/گڏ ٿيل ئي آهن نه. ڪنهن لاءِ ائين بهرحال چئي سگهجي ٿو ته اهي متحرڪ يا زندهه نه آهن.

(vii)

"خوابن ۾ تقريرن" واري حصي ۾ پوڙهي پروفيسر "بروڪي" جو ذڪر آيل آهي:

"هن مون تي تمام وڏي ۽ عجيب ذميداري عائد ڪئي هئي، جيڪا منهنجي پنهنجي جسم جي هيئين ڏڙ واري حصي جي وڊڪٽ متعلق هئي ۽ مان پنهنجي ڊونگري (Pelvis) ۽ ٽنگن کي وڊڪٽ واري هال ۾ اڳي ئي ڏيکاري چڪو هوس، پر ڪنهن ڊيچاريندر خيال کان نا لوئيس اين (Louis N) منهنجي پرسان ينڊل هو ۽ منهنجي چڪاس ڪري رهيو هو. هن منهنجي ڊونگري منجهان آنبا گونڊا ڪيڊي ٻاهر رکيا، پوءِ هن ڏنو ته ننڍيو ۽ وڏو آندوپاڙ ۾ ملي ويا هئا، جتي هڪ هلڪي گلابي ڦرڙي (Protuberance) نڪتل هئي، (جنهن خواب ۾ هڪ وڏي رت ڳڙي (Hemorrhoids) متعلق سوچ ڏني) جنهن جي مٿان اڇو مچيءَ جي چلر جهڙو تهه چڙهيل هو جنهن کي هن احتياط سان لاٿو هو ۽ مون کي ڇوٽ (Town) اماڻي ڇڏيو هو. جيئن ته مان ٽڪل هوس ان ڪري مون سفر لاءِ پنهنجي لاءِ هڪ الڳ گاڏيءَ جو بندوبست ڪيو (ٽائون ڪائونسل جي هڪ گاڏي مون کي ڪنٽڙ آئي)، منهنجي لاءِ عجب جهڙي ڳالهه اها هئي ته ان گاڏيءَ مون کي گهر تائين ته پهچايو پر اها گهر ۾ اندر گهڙي وڃي ٻاهرين پڌر تي نڪتي، چاڪاڻ ته مان

هيئين فليٽ ۾ رهندو هوس جنهن جو دروازو به ڪليل هو ۽ گاڏي به ٻاراڻي گاڏڻي وانگر هٽن سان جهلي هلائڻ واري هئي. ان سموري سفر جي حوالي سان مان مختلف قسم جا نظارا ڏسندو آيس.

پڏر سمورو گپ سان پريو پيو هو. منهنجي ٽنگن جي تڪليف جي ڪري گاڏي واري مون کي پاسي واري ڪنڊ تي اچي لاٿو. اتي ڪي ماڻهو هڪ ڳاڙهي هندستانڙ يا ڪنهن رولو عورت جي چوگرد ويڙل هئا. مان انهن جي پاسي کان ۽ گپ کان پاڻ بچائيندي پنهنجو رستو ٺاهي، اڳتي وڃڻ لڳس ته وڊڪٽ جي باوجود مون کي پنهنجي چاق چڪي پلي هجڻ جو احساس ٿيڻ لڳو. آخر ڪار مان هڪ ننڍي ڪائين جي گهر تائين پهتس جنهن جي پچڑيءَ تي هڪ ڏرڙ به هو. منهنجي رهنمائي ڪندڙ مون کي به ڪائيءَ جا تختا آڻي ڏنا، جيڪي هن ڏرڙوٽ رکيا، تڏهن مون کي خيال آيو ته منهنجي ٽنگن ۾ ايتري طاقت ته نه آهي جو تختن تي چڙهي. هن ڏرڙ جي وٽيءَ مان ٽپي وڃان. ان وقت مان واقعي پنهنجي ٽنگن جي ڪري ڊڄڻ لڳس پر ان سوراخ مان ٽپي وڃڻ جي اميد رکڻ وقت مون ڏٺو ته ان ٽُنگ جي ٻاهران ڪائيءَ جي ديوار کي ٽيڪ لڳايو ڪي به نوجوان شخص ويٺل هئا. ۽ سندن پر ۾ ٻار به ستل هئا. مون کي ڏرڙ مان ٽپي وڃڻ هونئن ته ڏاڍو ڏکيو پئي لڳو پر مان انهن بن ٻارن جي ڪري انهيءَ مان ٽپي وڃڻ ٽي چاهيو ۽ ائين مان ننڍ مان جاڳي پيس، جاڳيس ته پنواٽيون پئي آيون."

جيڪڏهن ڪنهن شخص کي "خوابن جي ڪاٽ ڪوٽ" متعلق معمولي معلومات به هوندي ته اهو هن خواب جي متعلق آساني‌ءَ سان تصور ڪري سگهندو ته هن جي تشريح کي مڪمل ڪرڻ لاءِ ڪيترا نه ڪوڙ ساترا ڪاغذ ڪارا ڪرڻا پوندا! خوشقسمتي‌ءَ سان، بهرحال هن موجوده عبارت/تحرير مان رڳو هڪڙو نڪتو ڪٽندس، جيڪو خوابن ۾ حيران ڪندڙ يا عجب ۾ وجهندر مثال کي مهيا ڪري ٿو. جيڪو وچ ۾ ٽنبڻ/هٽ چراند يا ناجائز اندراج (Interpolation) واري عمل جو اظهار ڪري ٿو: "نهايت عجيب."

هن خواب جو واڪو "لوئيس اين"(Louis N) سان وابستا آهي، جيڪا خوابن جي سلسلي ۾ منهنجي مددگار جي حيثيت ۾ مون سان گڏ ڪم ڪندي هئي. ان مون کي سڏيو هو.

"مون کي ڪجهه پڙهڻ لاءِ ڏيو" هن چيو.

مون کيس رائيڊر هيگرڊ جو ڪتاب "شي"(Raider Haggard's She) پڙهڻ لاءِ ڏنو. اهو هڪ حيران ڪندڙ ڪتاب آهي. سجو سارو ڪنهن لڪل معنائن سان ٽمٽار. مون کيس وضاحت ڏيندي چيو: "هڪ لافاني عورت! اسان جي احساسن ۽ اُمنگن جي بقا آهي...."

اتي هن مون کي ٽوڪيندي چيو: "ان ڳالهه جي مون کي اڳ ۾ ئي خبر آهي. تو وٽ پنهنجو ڪجهه به نه آهي؟"

"نا منهنجو لافاني ڪم ايجا تحريري صورت ۾ نه آيو آهي."

ٺيڪ آهي! اسان تنهنجي انهن بنيادي ۽ هٽ ٽوڪين وضاحتن کي تڏهن ئي سمجهڻ لڳنداسين، جن لاءِ تو وعدو ڪيو آهي ته اهي پڙهڻ جهڙا ٻڌائيندس." چٽر واري انداز ۾ چوڻ لڳي.

ان نڪتي تي مون محسوس ڪيو ته ڪو پيو شخص به آهي جيڪو مون کي فهمائش ڪري رهيو آهي. هن جي واتان اهو جملو ٻڌي مان خاموش ٿي ويس، تڏهن مون پنهنجي نظر ۽ ضبط تي گهري نظر وڌي ۽ پاڻ کي چيم ته "پڙهندڙ مون کي خوابن جي ڪتاب لکڻ لاءِ چونڊيو آهي، ۽ اهو مون کي لکي ڏيکارڻو آهي."

خواب ۾ جيڪا ذميداري مون تي مڙهي وئي هئي، جنهن جي حوالي سان پنهنجي جسم جي وڊڪٽ وارو معاملو نظر آيو هو. اهو منهنجي خوابن جي سلسلي سان ئي ڳنڍيل هو ۽ پوڙهي "بروڪي‌ءَ" جو اچڻ به بلڪل درست هو. چاڪاڻ ته خوابن جي تجربي واري عملي تعليم جي ابتدائي سالن ۾ ائين ٿيو هو جو مون پنهنجي هڪ ڪوجنا تي ساهيءَ دوران ٽيڪا ڪرڻ جي ايتري قدر اجازت ڏني هئي ته يلي ان تي احتجاج يا ناراضگيءَ جو اظهار ڪن. چاڪاڻ ته بعد ۾ مون کي اهو ليڪ شايع ڪرائڻو هو.

پيو خيال منهنجو "لوئيس اين"(Louis N) جي گفتگو ذريعي شروع ٿيو هو. چاڪاڻ ته هن جي گفتگو منهنجي ذهن کي ان مواد ڏانهن موڙي وئي، جنهن طريقي سان هن رائيڊر هيگرڊ جي ڪتاب "شي"(Raider Haggard's She) جي حوالي سان مون تي

توڪ ڪئي هئي، جنهن جو حتمي نتيجو "نهايت عجيب" ساڳئي ليکڪ جي ٻئي ڪتاب: "دنيا جي دل"(Heart of the World) ڏانهن مُڙي ويو ۽ خواب ۾ عدد وارا عنصر انهن ٻنهي تصوراتي ناولن منجهان آيا هئا. گپ واري ميدان ۾ جتي ماڻهو گڏ ٿيو وينا هئا، ۽ اهو ڏرڻ جنهن منجهان تختن جي سهاري ٽپي وڃڻ وارو منظر رائيڊر هيگرڊ جي ڪتاب "شي" مان آيل هو. "ڳاڙهي هندستاني چوڪري ۽ ڪائيءَ جو گهر" وري ساڳئي ليکڪ جي ٻئي ڪتاب "دنيا جي دل"(Heart of the World) مان آيو هو. انهن ٻنهي ناولن ۾ رهنما شخصيت "عورت" آهي، ۽ ٻئي ناول انتهائي "خطرناڪ سفر" تي ٻڌل آهن. جيتوڻيڪ "هوءَ" (She) انهيءَ جوڪر واري رستي تي دليريءَ سان وڃڻ جو خاڪو چٽي ٿي، جيڪو ان کان اڳ ۾ اڻ ڏٺل ملڪ جيان هو ۽ جنهن کي ڏاڍي مشڪل سان طئي ڪيو ويو هو.

"جنگهن ۾ ٽڪ جو احساس" جيڪو مون کي خواب ۾ پئي ٿيو اهو منهنجي ڏينهن واري ڪم جي ڪري هو جو واقعي ۽ ان ٽڪ سبب پاڻ کي اهو پئي چيو ته: "ايان ڪيترو پنڌ جهاڳڻ لاءِ منهنجون جنگهون مون کي سات ڏينديون؟"

جوڪائتي مهم جي سلسلي ۾ لکيل ناول "شي" جي پڇاڻي، ان جي پاڻ يا ٻين لاءِ "امرتا" جي بجاءِ زمين هيٺ غرق ٿيل هڪ اونهي آڙاهه مان نڪرڻ جي حوالي سان سنڊس "رهبر واري" صورت ۾ پيش ٿيل آهي. اها حقيقت آهي ته ان قسم جو ڊپ، خوابي خيالن (سوچن) ۾ ٻنا مبالغي جي سرگرمي ويندو آهي.

"ڪائيءَ جي گهر" جو پڙ "ڪاٺ جي تابوت" يا "قبر" سان لاڳاپو آهي، ۽ مان پاڻ به اڃان جڙ ڪنهن قبر ۾ پيل هوس. پر اها اصل ۾ "اوروبتو" شهر جي پرسان واري قبر هئي، جنهن کي هاڻوڪي اٽليءَ جي باشندن کوٽايو هو جنهن جو وچون سمهڙ وارو حصو سوڙهو هو جن جي پاسن تي پٿر جي ٻن سرن جي ديوار ٺهيل هئي، جنهن ۾ ٻن نوجوانن جا هڏا پيل هئا.

خواب ۾ ڪائيءَ وارو گهر بلڪل اهڙوئي هو رڳو انهن پٿر جي ٻن سرن کي تبديل ڪري ڪائيءَ جي ٻن تختن کي پيش ڪيو ويو هو. ان حوالي سان خواب جو چوڙ هو ته: "جيڪڏهن تون قبر ۾ ئي آرام ڪندين ته پوءِ توکي وري کوٽي ڪيڏو پوندو." انهيءَ تبديليءَ جو مقصد ان لاڳو ٿيندڙ ذميداريءَ جي سنائيءَ ۾ اميد رکڻ هو. مان ننڍ مان اُڻندي پنواڻيون پئي محسوس ڪيون ته ان جو سبب اهو جو مون کي اها ٻڌائتي هئي ته جن ٻارن جا والدين ڪاميابي ماڻي نه سگهندا آهن ته انهن کي ان ڪاميابيءَ لاءِ سر تي جوکم کڻڻ گهرجي.

(viii)

منهنجي هن ٻئي خواب ۾ "عجب جو تاثر" آهي، جيڪو سڄو سارو تشريح لاءِ پيش نه ڪندس پر ان جو ٿورو حصو پيش ڪندس جنهن جي ٻن نڪتن ۾ اسان جي دلچسپي آهي. مون جولاءِ جي ارڙهين يا اٺويهين تاريخ جي رات جو "سودبن ريلوي لائين"(Sudbhn_Railway Line) جي ذريعي سفر پئي ڪيو ۽ مون پنهنجي ننڍ ۾ پڙهو:

"هولٿرن" (Hollthurn)[1] ڏهن منٽن ۾ اچڻ واري آهي، ۽ مون ان وقت سمجهيو ته طبعي تاريخ وارو عجائب گهر "هولٿرينس"(Holothurians) آهي، ۽ اها جاءِ هئي، جتي هڪ سوريهه ان ملڪ جي وڏي هٿيلي بادشاهه جي خلاف ويڙهه ڪئي هئي. جي ها! بلڪل اهو حملو آسٽريا (Austria) جي سڌاري لاءِ هو شايد اها جاءِ "اسٽيريا"(Styria) ۾ هئي، يا "ٽيرول"(Tyrol) ۾ هئي. پوءِ مون هڪ ننڍو عجائب گهر ڏٺو جنهن جي ماضيءَ جا آثار ۽ ان جو سامان سڙو ماڻهن محفوظ ڪري ورتو هو. مون ان مان ٻاهر اچڻ ٽي چاهيو پر ٽوري هڪ پئي ٽي. پليٽفارم تي چند عورتن وٽ ميوو رکيل هو. اهي زمين تي هرڪائيندڙ انداز سان پنهنجي ٽيلهين کي جهلي ٻينيون هيون. مان ڏنس پئي. چاڪاڻ ته مون کي پڪ ڪانه هئي ته مون وٽ وقت آهي الائي نا پر اسان اڃان هلياسين ڪونه پئي. اوچتو مون پاڻ کي هڪ ٻئي ڏٻي ۾ ڏٺو ته ان جو فرنيچر ۽ سيٽون ايتريون سوڙهيون هيون جو ماڻهوءَ جي پٺي به ڏٻي جي ديوار ۾ پئي ڏٻي/لڳي. اهو ڏسي مان حيرت ۾ پڄجي ويس. مون کي محسوس ٿيڻ لڳو ته شايد مون ننڍ ۾ ئي ڏٻو بڏلايو آهي. اتي ٻيا به ماڻهو موجود هئا، جن ۾ هڪ انگريز ٻيڙ ۽ ياءِ به شامل هئا ۽ انهن جي پرسان پٽ تي ننڍڙي الماريءَ ۾ رکي ڪتاب به رکيل

---

[1] هولٿرن: اهو ڪنهن به جاءِ جو نالو نه آهي.

پئي نظر آيا. انهن منجهان مون "ڪلرڪ ميڪس ويل" (Clerk Maxwell) جا ٽلها ۽ خاڪي ڪپڙي جي پائي وارا ٻه ڪتاب "قومن جون قيمتي شيون" (The Wealth of Nations) ۽ "مادو ۽ تحريڪ" (Matter and Motion) ڏٺا. مرد پنهنجي پيٽ ڪان "شلر" (Schiller) جي ڪتاب لاءِ پڇيو شايد هوءَ اهو وساري آئي هئي. مون کي ائين لڳو جڙ اهي ٻئي ڪتاب منهنجا هجن يا متان هنن جا هجن. ان نڪتي تي مون سندن گفتگو تي ڌيان ڏيندي مداخلت ڪرڻ جو خيال ڪيو ته جيئن مان دليل ڏئي ڪين يقين ڏياري سگهان. "پوءِ جاڳي پيس ته پاڻ کي سجو پگهريل ڏٺم. ڇاڪاڻ ته سموريون دريون بند هيون. ريل "ماربرگ" (استريا Styria) منجهان پئي گذري

مان جيئن ئي ان خواب کي لکڻ ويٺس ته ان جو هڪ ٽڪرو منهنجي اکين اڳيان ڦرڻ لڳو. جيڪو منهنجي يادن مان ترڪي ويو هو: "مون پاءُ پيٽ کي ڪنهن خاص ڪم جي حوالي سان (انگريزيءَ ۾) چيو: انهن جي پاران.... پر اظهار منهنجي پاران ٿيو. مرد پنهنجي پيٽ کي چيو "اهو ٺيڪ آهي."

خواب هڪ ريلوي اسٽيشن جي نالي سان شروع ٿيو ٿي سگهي ٿو ان مون کي ٿوري دير جي لاءِ جاڳائي ڇڏيو هجي، ۽ ان اڌ ننڊ اڌ جاڳ ۾ پڪ سان مون "ماربرگ" پهريون پيرو ٻڌو يا ٿي سگهي ٿو بعد ۾ "شلر" جي خواب جي حوالي سان ٻڌو هجي. جيڪو "ماربرگ" ۾ جائو هو حالانڪ اهو ان وقت "استريا" ۾ نه هو[1]. مان پنهنجو سفر ڪن خاص موقعن تي ۽ گهٽو ڪري پهرين درجي واري وڏي آرامده ڊبي ۾ ڪندو هوس. ريل مسافرن سان سموري پريل هئي ۽ مون پنهنجي ڊبي ۾ هڪ عورت ۽ هڪ مرد کي ڏٺو جيڪي ڏاڍا مغرور پئي لڳا، پر مان ساڻن نهايت نرميءَ سان پيش آيس، پر انهن کوڏيان نه ڏنو.

اهي زال مڙس هڪ ٻئي جي پرسان ويٺل هئا، جن جي پٺي ريل جي انجڻ ڏانهن هئي، گهٽا سڌريل ۽ نه هئا ۽ انهن کي ڪنهن ٻئي جي تڪليف جو به ڪو احساس ڪونه هو. مون پنهنجون نظرون دريءَ جي پاسي ڦيرائي ڇڏيون. پوءِ اوچتو در بند ٿي ويو ته هنن جي پاڻ ۾ صلاح مشورو شروع ٿي ويو ته دريون کولجن يا نه. منهنجي پنهنجي حالت به اهڙي هئي، جو مون چاهيو ٿي ته تازي هوا جهڻيان. اها رات ڏاڍي گرم هئي ۽ بند ڊبي ۾ ساهه پيو هوساڻجي. منهنجي سفري تجربن مون کي اهو سيکاريو آهي ته ان قسم جي سنگدلي ۽ ضد جو اظهار انهن ماڻهن جي ڪري وڌيل هوندو آهي، جيڪي مفت ۾ يا اڌ ٽڪيٽ جي خرچ تي سفر ڪندا آهن. پوءِ جڏهن ٽڪيٽ چڪاسڻ وارو آيو ته مان ته پنهنجي ٽڪيٽ کيس ڏيکاري چڪو جيڪا ظاهر آهي مهانگي خريد ڪيل هئي، هن جڏهن انهن کان ٽڪيٽ جي پڇا ڪئي ته زالس منهن کي گنجهائي مٽس چٽر ڪندي چوڻ لڳي: "منهنجي مڙس وٽ مفت ۾ سفر ڪرڻ جي اجازتي ٽڪيٽ آهي." مرد پنهنجي جاءِ تي پُرسڪون ويٺو رهيو. هن هڪ اکر به زبان مان نه ڪڍيو. پوءِ مان آرام ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس.

ان اڻ وٽندڙ سفري ساٿيءَ جي متعلق پلاند وارو جذبو منهنجي خواب ۾ اُپري آيو. ماڻهو اها اميد ته رکي ئي نه ٿو ته ان جي خيال ۾ پيدا ٿيل خفگي يا بيعزتيءَ جو احساس خواب ۾ چو ٿو پيدا ٿئي؟ بهرحال اهوئي خيال هو جيڪو خواب جي پهرين اڌ ۾ اثرانداز ٿيو هو.

جڏهن خواب جي اها ضرورت پوري ٿي ته پي خواهش احساس جي وسيلي پاڻمرادو جُڙي پئي. جيئن ته انهن (زال مڙس) جي ڪري مون کي خفو پئي ٿيو ۽ چاهيم پئي ته جيڪر ڪنهن ٻئي ڊبي ۾ هليو وڃان، ته خواب، ريل جي گاڏي جي تبديليءَ واري خواهش کي ۽ بنا ڪنهن تڪرار جي، پاڻ ئي پورو ڪري ورتو هاڻي معاملو اهو آهي، ته مان ايترو جلدي ۽ اوچتو ريل جي ٻئي ڊبي ۾ ڪيئن هليو ويس؟ ان جي ڪا يادگيري مون وٽ بهرحال ڪانه هئي! ها البت رڳو هڪڙي وضاحت ٿي سگهي ٿي ته: "مان شايد ننڊ دوران ئي ٻئي ڊبي ۾ هليو ويو هوندس."

---

[1] "شلر" اصل ۾ "ماربرگ" ۾ نه جائو هو. پر اهو "ماربخ" (Marbach) هو جنهن کان جرمنيءَ جو هر اسڪولي شاگرد واقف آهي، ۽ مان پاڻ به ان ڳالهه کان باخبر آهيان. اهڙي قسم جي ٻي غلطيءَ جو ذڪر باب پنجين "خوابن جي مواد ۽ ماخذ" جي حصي ٻئي: "خوابن جي بنياد ۾ بالڪپڻي جي مواد" ۾ ڪري آيو آهيان. جيڪا بين الاقوامي غلطيءَ لاءِ ڪنهن ٻئي نڪتي تي ترڪي وئي هئي، جنهن جي وضاحت مون "روزمره جي نفسياتي علاج" ۾ ڪئي آهي.

اهڙو واقعو ڪڏهن ڪڏهن ٿيندو آهي، اهڙا ڪجهه مثال اعصابي مرضن جي علاج ڪندڙ ڊاڪٽرن جي تجربي مان به ملي سگهي ٿا.

تشريح جي معاملي ۾ اهو ممڪن آهي ته ان جو ڪو ٻيو حل به ڪڍيو وڃي، ان صورت ۾ مان وضاحت ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو ڇاڪاڻ ته مان جڏهن خواب جي ڪم جي حوالي سان ڏسان ٿو ته مون کي لڳي ٿو ته اهو معاملو منهنجو نه پر منهنجي هڪ اعصابي مريض کان نقل ٿي مون تائين رسيو آهي. مان ان کان اڳ به هڪ نهايت اعليٰ تعليم يافته ۽ انتهائي نرم دل ماڻهوءَ جي متعلق چئي آيو آهيان، ته ڪنهن ويجهي مائٽ جي مري وڃڻ کان جلد پوءِ منجهس پنهنجي مارجي وڃڻ جو وهم پيدا ٿي پيو هو ۽ ان ڊپ سبب هن پنهنجي حفاظت جو به انتظام ڪيو هو. اهو سندس اندروني طور پيدا ٿيل وهم ۽ گمان وارن خيالن جو غلبو هو ڪنهن گهٽيءَ مان گذرندو هو ته هٿيار جو بار ڪلهي تي کڻي پيو هلندو هو پاڻ سيني کي گهوري ڏسندو هو پر جيڪڏهن ڪو پيو ڏانهس نهارينڊو هو ته سمجهندو هو ته اهو ڪيس ماري وجهندو ان ڪري هو اتان جلدي کسڪي ويندو هو. پوءِ هڪڙو وقت اهڙو به آيو جو پاڻ کي ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيائين، پر اتي به پاڻ کي غير محفوظ پائيائين ته گهر ڇڏي رهڻ لاءِ ڪنهن ٻئي هنڌ هليو ويو ان وقت هن جي دماغ ۾ اها ڳالهه ويهي رهي هئي ته: "ڪجهه به ٿي پوي مون کي هن گهر مان نڪري ڪنهن ٻئي گهر ۾ وڃي رهڻ گهرجي." جنهن کان پوءِ هو اتي به پنهنجا در ۽ دريون بند رکندو هو ۽ گهر جون چابيون به پنهنجي پراڻي ملازم جي حوالي ڪيون هئائين ۽ ان کي تنبيهه ڪئي هئائين ته اهي "هن کي" ڪڏهن نه ڏجان ۽"

ان جي پويان حقيقت ڪهڙي به هجي پر بين شين سان گڏ هي ۽ به حقيقت آهي ته اهو "قابيل (حضرت آدم عليه السلام ۽ ٻيبي حوا جي وڏي پٽ هابيل جو قاتل) جي ساڙ وارو تصور" (Cain_phantasy) آهي، جيڪو ماڻهن ۾ يا ٻئن لاءِ موجود هوندو آهي ۽ جيڪي خود قاتل هوندا آهن، انهن کي وري اخبارن ۾ آيل خبرون پيون چرڪائيندڙيون آهن، ته ڪٿي انهن جي ڳولها، سزا ۽ انعام لاءِ ڪو اشتهار نه آيو هجي، اهي به ائين ڊپ ۾ چٽن پٽين ۾ واڙجي ويهندا آهن. ان حوالي سان ائين چئي سگهجي ٿو ته جيڪڏهن هو ڪنهن به وقت گهر کان نڪرندو ته پڪ سان هو شعوري ساڃاهه واري حالت ۾ نه هوندو ۽ اها ساڃي ئي ڪيفيت خون ڪرڻ واري جي به ٿئي ٿي، جڏهن هو خون ڪرڻ لاءِ گهران نڪرندو آهي، ته پنهنجو هوش وجائي چڪو هوندو آهي.

ان حوالي سان منهنجي تشريح جي اصل ڪوشش اهوئي تاثر ڏئي رهي آهي ته مون ريل جو ٻهو انهيءَ لاشعوري حالت ۾ تبديل ڪيو هو ۽ ائين خواب کي خوابي خيالن مان هڪ ٺهيل نڪيل مواد مليو هو. (ڏسو: باب پنجون: "خوابن جو مواد ۽ ماخذ" حصو چوٿون: "مثالي يا خاص قسم جا خواب.")

مون کي اها خبر آهي ته خواب ڏسندڙ جي ان مرض جون پاڙون، نندي هوندي کان پنهنجي پيءُ جي خلاف وروڌي جذبن سان سلهاڙيل آهن. ان ڪري مون ان کي پنهنجي ذات سان ڏٺو آهي. ڇاڪاڻ ته منهنجو مشاهدو آهي ته نندي هوندي ٻار پنهنجي پيءُ جي سمهڻ واري ڪمري ۾ ويندو آهي ته اهو ڪيس چڙب ڏئي ڪمري مان نڪري وڃڻ ۽ آئيندي پنهنجي سمهڻ واري ڪمري ۾ وري نه اچڻ جو حڪم صادر ڪندو آهي.

خوابن ۾ "فيصلي" جو عمل، خوابي خيالن مان ائين پهچندو آهي، جيئن اصل منجهان، ان جهڙي ڪا بي شيءِ ناهڻ وارو (Prototype) عمل هوندو آهي، اهو اصول آهي ته "ورجاءُ" اصل متن مان سڏائين سادي، ناقص ۽ وچ ۾ ٽنبڻ واري انداز سان ٿيندو آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن ائين جيئن اسان گذريل مثال ۾ پيش ڪري آيا آهيون ته اهو "ورجاءُ" ايترو چٽو ۽ نج هوندو آهي جو اهو خوابن ۾ پنهنجي انفرادي "ڏاهپ واري سرگرميءَ" جو تاثر ڏيندو آهي، ۽ اُهو اهو ئي نڪتو هوندو آهي جتان اسان جو ڏيان نفسياتي سرگرميءَ جي پاسي لڏي ويندو آهي، جيڪو خواب جي ڪنهن بنا تبديليءَ واري جوڙجڪ سان گڏجي تيستائين ظاهر نه ٿيندو آهي، جيستائين ڪيس لاڳاپيل عنصرن کي پاڻ ۾ رلمل ڪرڻ جي ضرورت نه پوندي آهي.

(10)

خوابن ۾ اثر انداز ٿيندڙ جذبا:
AFFECTS IN DREAMS

"اسٽرائيڪر" (Striker.1879_51) اسان جو ڏيان نهايت تيز فهم مشاهدي جي حقيقت ڏانهن ڇڪايو آهي ته "خوابن ۾ اثر انداز ٿيندڙ جذبو" توهين ڏکاريا حقير سمجهڻ جي ان ساڳئي انداز جيان وهنوار نه ڪندو آهي. جيئڻ جاڳڻ ڪانپوءِ اسان ان جي عام رواجي عادت سمجهي ان جي متن کي رد ڪري ڇڏيندا آهيون.

"جيڪڏهن مان خواب ۾ ڪنهن چوري کان ڊنو آهيان" ته اهو سچ آهي ته اهي سچا چور نه آهن. پر تصوراتي آهن. پر ڊپ ته ڇو پچو آهي! (ڏسو: باب پهريون: خوابن جي مسئلن سان سائنسي ادب جو رويو/ تعلق). حصو ڇهون: "خوابن ۾ اخلاقي شعور" جي آخر ۾). ۽ جيڪڏهن مان خواب ۾ خوشي محسوس ٿو ڪريان ته اهو به اوتروئي سچ آهي. اسان جو احساس اسان کي ٻڌائيندو آهي ته "خوابن ۾ جذبي جو تجربو" جاڳ واري حالت کان ڪنهن به ريت گهٽ اثر ڇڏيندڙ نه هوندو آهي. ۽ خواب پنهنجي "تمثيلي مواد" کان وڌيڪ پربور قوت سان پنهنجي "ذهني تجربي جي حق ادائيءَ" تي زور ڏيندو آهي. هونئن به جذبن کي اسان پنهنجي جاڳ جيون ۾ ايتري شدت سان شامل نه ڪندا آهيون. ڇاڪاڻ ته اسان ڪنهن به جذبي جو نفسياتي ڪاٿو تيستائين نه ڪري سگهندا آهيون. جيستائين اهو ڪنهن تصور واري حصي سان ڳنڍيل نه هجي. جيڪڏهن "جذبو ۽ خيال" پنهنجي "خاصيت ۽ شدت" ۾ اڻ ٺهکندڙ يا هم آهنگ نموني گڏ نه هجڻ جوگو هوندو آهي ته اسان جي جاڳ واري حالت ۾ ڪيل فيصلو هٽئون نڪري ويندو آهي.

اهو سڀائين حيرت جهڙو معاملو رهيو آهي. ته خوابن ۾ "تصوراتي مسودو" جوش پيدا ڪندڙ نتيجي ذريعي سانڌ نه ڏيندو آهي. جن کي اسان جاڳيل خيال ۾ اڻ تر سمجهندا آهيون.

"اسٽرومپيل" (Strumpell_1877,27) جو چوڻ آهي ته: خيال! خوابن ۾ پنهنجي نفسياتي سگهه/ اهميت کي نروار ڪندو آهي. پر غير موافق يا برخلاف قسم جي واقعن ۾ جتي جذبي جي شدت/ توانائي پنهنجي مواد سان سلهاڙجي اظهار ڪندي آهي. انهن ۾ ڪا ڪمي ڪانه ڪندو آهي. مان انهيءَ خواب مان خطري ۾ مبتلا ٿي پئي سگهيس. ڇاڪاڻ ته اها بنا ڪهن ڊپ يا ناپسند ڪرڻ واري احساس جي. انتهائي خطرناڪ ۽ بيجان ڏيارينڊ صورتحال هئي.

خواب۔ جيون جي اها مخصوص پيرولي/ ڳجهارت. لڳيڄ ۽ مڪمل طور تي ۽ بنا دير جي اثر ڪندڙ احساس جي حوالي سان اسان جڏهن خواب جي چٽي مواد کان ڳجهي يا لڪل متن وٽان گذري ويندا آهيون ته پين گهٽن معاملن جي پيٽ ۾ اها پيرولي اوچتو گم ٿي ويندي آهي ۽ اسان ان ڳجهارت جي پرواهه به نه ڪندا آهيون. پر جيڪڏهن اها لڳاتار هوندي آهي ته پوءِ گهٽتي ٿيندي آهي.

تشريح اسان تي اهو ظاهر ڪري ٿي ته تمثيلي يا تصوراتي انداز وارو مواد گهٽو ڪري پوئتي هٽي ويندو آهي. ۽ ان جي جاءِ تي متبادل مواد جاءِ والارينڊو آهي. جڏهن ته "جذبو" پنهنجي جاءِ تي اڻ مٽيل هوندو آهي. اها هڪ عجب جهڙي ڳالهه آهي ته تصوير يا تمثيل وارو مواد جنهن کي خواب پنهنجي مطلب خاطر بگاڙيندو آهي. سو پڻ "جذبي" سان گهٽي دير تائين گڏ نه هلندو آهي. پر بنا ردوبدل جي ذهن ۾ موجود رهندو آهي.

نفسياتي مونجهاري جي معاملي ۾. جيڪي "جذبا" چنڊ چاڻ جي وسيلي. مزاحمت ۽ مخالفت پاران مڙهيل هوند آهن. اهي "جذبا" ترڪيبي جزن جي نظرثاني ڪيل هوندا آهن. ۽ انهن جي هلندي پچندي ڪجهه گهٽ هوندي آهي. ۽ اهي

اڪيلي سِر ئي اسان کي ڪا نشاني ڏيندا آهن تہ اهي ڪنهن گہ ٿي ويل خيال جو پورائو ڪندڙ آهن. اهي ارڪان خوابن کان وڌيڪ "اعصابي خلل/نفسي اوٽائيءَ (Psychoneurosis) پر ڏنا ويا آهن. پنهنجي خاصيت جي حوالي سان انهن جو اثر انداز ٿيڻ بلڪل درست هوندو آهي، جڏهن تہ اسان ان جي اعصابي طور "هوشياريءَ جي غائب ٿيڻ واري واڌ تي" ڏيان ڏيندا آهيون. جيڪڏهن بيچيني، چريائپ يا چٽپٽ واري مريض، کي ڪنهن عجب جهڙي معاملي تي انفرادي طور تي خوف ٿو اچي يا جيڪڏهن وهم گمان وارن خيالن جي غلبي ۾ مبتلا آهي ۽ پاڻ تي الزام ڏرڻ، ندامت يا پنهنجي بدناميءَ جي اهڙين ايذائيندڙ ڳالهين تي آچرج ٿو ڪائي تہ اها ايڏي اهم ڳالهہ نہ آهي، اهي سيئي ڳالهيون اصل رستي تان هٽيل آهن، چاکاڻ تہ اهي تصور يا تمثيلي مواد سان مطابقت رکندڙ هوندیون آهن.

"غير اهم يا محض ڪجهہ نہ هجڻ" وارا جذبا ضرورت مطابق هوندا آهن، جيڪي ناڪاميءَ واري ويڑهہ/ چڪتاڻ سبب ايري ايندا آهن، چاکاڻ تہ اهي تصور يا تمثيلي مواد مان، خيالن جي سرگرميءَ جي ابتدا ڪندڙ نڪتي جيان ڪجي ايندا آهن. نفسياتي تجزيو انهن جذبن جي شناخت جي وسيلي، انهن کي پنهنجي صحيح جاءِ تي ڪڍي ايندو آهي ۽ انهن ڏهجي ويل، گم ٿي ويل يا هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تي هلي ويل "جذبن" کي متبادل رستي ذريعي انهن کي اصل خيالن سان ڳنڍيندو آهي. انهن سيني جي اٽٽر حد اها آهي تہ "جذبي جو وهڪرو"، ۽ "تصوراتي يا تمثيلي مواد"، جنهن کي اسان پنهنجي عادت مطابق سمجهندا آهيون، تيئن جتادار عضوياتي اڪائيءَ کي ترتيب ڏئي يا قائم رکي نہ سگهندو آهي، پر اصل ڳالهہ اها آهي تہ اهي ٻئي الڳ الڳ ۽ مقرر لوازماتي وجود رکندڙ ٿي سگهي ٿو تہ تجزئي جي حوالي سان پاڻ ۾ محض ٽاکيل هجن ۽ ٿي سگهي ٿو تہ هڪ ٻئي کان ڇڪل ۽ هجن. خواب جي تشريح، معاملي جي اها ئي حقيقت بيان ڪندي آهي.

مان هتي هڪ اهڙو مثال پيش ٿو ڪريان، جنهن جي تجزيي منجهان اها وضاحت ملي ٿي تہ "جذبو" ڪهڙيءَ ريت ظاهر ظهور غير حاضر رهي ٿو، جڏهن تہ ان جي ابتڙ تصوراتي يا تمثيلي مواد، پنهنجي حقيقي روشنيءَ مطابق جاري ٿئي ٿو:

(الف)

"هن صحرا ۾ تي شينهن ڏٺا، هڪڙو انهن مان ڪِليو پئي، پر هن کي انهن مان ڊپ نہ پئي ٿو، پوءِ بهرحال انهن کان پري ويڙهہ جو سوچي هوءَ هڪ وٽ تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي، پر هن اتي پنهنجي سؤٽ کي ڏٺو جيڪا فرانسيسي ملازمہ هئي اها اتي اڳ ۾ئي موجود هئي."

ان خواب جي تشريح اسان کي هن قسم جو مواد فراهم ڪري ٿي: جيئن تہ هن جي خواب جي سراسري بيپرواهيءَ جو سبب سندس انگريزي زبان ۾ جوڙيل جملو آهي تہ ان حوالي سان سندس مطلب ٿئي ٿو: شينهن جي سونهن جو زيور سندس ڪنڌ جا وار آهن."

هن جي پيءُ جي ڏاڙهيءَ جا وار ڪجهہ اهڙي طرز جا هئا، جو سندس منهن شينهن جي وارن جهڙو ٿي لڳي، ۽ سندس انگريز ملازمہ "مس ليئونس" (Lyons) جي نالي سان سڏبي هئي. هن جي هڪ ساهيڙيءَ ڪيس جرمن ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتاب "شينهن جي شاعري" (Ballads of Loewe) موڪليو هو. ان حوالي سان اهي ٽئي اهي ئي شينهن هئا تہ پوءِ هن کي انهن کان ڊڄڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي!

هن هڪ ڪهاڻي پڙهي هئي، جنهن ۾ هڪ شيدي ڪردار هو، جنهن کي سندس ساٿيءَ انقلاب لاءِ اپاريو هو سو اهو جڏهن زخمي ٿي پيو هو تہ پاڻ کي بچائڻ لاءِ وٽ تي چڙهي ويو هو.

هوءَ پنهنجي انتهائي جذبي سان متي وئي هئي، پنهنجي ڪجهہ اٽڪورين يادگيرين سان، جهڙوڪ: "واري ڪڍي گيچڻ ۾ وجهو تہ ان مان وهندڙ واريءَ کي ڏسي شينهن پاڻهي هليو ويندو." خواب ڏسڻ کان اڳ هوءَ پنهنجي مڙس جي وڏي آفيسر سان ملي هئي، اهو نهايت نرم مزاج شخص هو جنهن شفقت وچان سندس هٿ جي پٽيءَ تي چمي ۽ ڏني هئي، ۽ هوءَ ان چميءَ کان

ڏني ڪانه هئي. حالانڪ هو هڪ خطرناڪ جيت جهڙو هو ۽ جنهن ملڪ جي وڏي شهر جي هوءَ رهواسڻ هئي اتي. ان جو ڪردار "سماجي شينهن" جي علامت طور مشهور هو. سو اهو شينهن! "سانوڻ جي اڌ رات جي خواب" (Midsummer night Dream) جهڙو شينهن آهي. جنهن کان هن کي ڪوبه ڊپ ڪونه هو.

(ب)

منهنجو هي ٻيو مثال هڪ نوجوان چوڪريءَ جي ان خواب متعلق آهي. جنهن ۾ هن پنهنجي پيڙ جي ننڍي پٽ کي ڪائيءَ جي تابوت ۾ مئل حالت ۾ ڏٺو هو (ڏسو باب پنجون: خوابن جو مواد ۽ ماخذ. حصو ٽيون: خوابن ۾ جسماني جيو گهرڻن جو بنياد). جنهن کي نه درد پئي محسوس ٿيو نه ئي ڪو صدمو. اسان تجزيي ذريعي ڏسي آيا آهيون ته ائين آخر ڇو ٿو ٿئي.

خواب سندس ان خواهش کي محض لڪايو آهي. ته هوءَ ان ماڻهوءَ کي ڏسڻ ٿي چاهي جنهن سان هن ٻيهر پيار ڪيو هو ۽ سندس جذبي ان جي اصل حالت کي لڪائڻ بنا. سندس خواهش سان رلمل ڪرڻ ٿي چاهيو ان ڪري ان ۾ ڪو رنج يا درد موجود ڪونه هو.

ڪجهه خوابن ۾ جذبو بهرحال. تصور ۾ موجود مواد سان لهه وچڑ ۾ ايندو آهي. ۽ ان جي جاءِ ان جذبي سان بدلائي ڇڏيندو آهي. جنهن جو ڳانڍاپو حقيقي جذبي سان هوندو آهي. بين خوابن ۾ مونجهارن کي تحليل ڪري يا ان جو خاتمو ڪري اڳتي وڌي ويندو آهي. جذبو پنهنجي اظهار لاءِ ان خيال کان مڪمل طور تي ڇڄي ڏار ٿي ويندو آهي. جيڪو خواب ۾ ڪنهن ٻئي نڪتي سان سلهاڙجي ان جاءِ تي پيش ٿيندو آهي. جتي خوابي عنصرن جي هڪ نئين جوڙجڪ ٿيندي آهي. ان حالت ۾ صورتحال اها ساڳي ئي ٿيندي آهي جيڪا اسان کي خوابن ۾ "فيصلي" واري عمل ۾ نظر ايندي آهي. جيڪڏهن خوابي خيالن ۾ ڪو اهم نتيجو جڙيل هوندو آهي ته خواب پڙ ان تي مشتمل هوندو آهي. پر ٿي به سگهي ٿو ته خواب ۾ نتيجو ڪنهن ٻئي يا مختلف مواد سان متا سٽا ڪري ونڊي. اهڙي ڦير گهير گهٽي پاڳي تي ڪانه ٿيندي آهي. پر ان ڦير گهير جو دارومدار متضاد جذبن. لفظن يا قوتن. نفي ۽ مخالفت (Antithesis) جي اصولن تي هوندو آهي.

انهيءَ آخري امڪان جو مثال هيٺ ڏنل خواب ۾ ڏسي سگهجي ٿو جنهن کي مون نهايت تفصيلي تشريح لاءِ پيش ڪيو آهي:

(ب)

"سمنڊ جي ڪناري هڪڑي گرجا هئي. پوءِ ڏٺم ته اها سمنڊ کان گهٽو پري نه هئي. پر هڪڑي سوڙهي ڳسي ان پاسي وهي پئي. اتي گورنر "هير پ" (Herr P) موجود هو. مان آڏرپاءَ واري وسيع ڪمري ۾ هن سان گڏ بيٺو هوس. ڪمري جي وچ ۾ ٽي دريون هيون. جتي سهڻا سٽيا گل. ڪنهن قلعي جا ڪُنگرا پئي لڳا. مان هڪ سامونڊي فوجي آفيسر جي ڪارڪن جي حيثيت ۾ ان فوجي چوڪيءَ تي مامور هوس. اسان کي دشمن جي جنگي ٻيڙي جي اچڻ جو ڊپ هو. چاڪاڻ ته اسان جنگ واري صورتحال ۾ هئاسين. "هير پ" ته سچ پچ هليو ئي ويو ۽ مون کي اهڙيون هدايتون ڏئي ويو ته جڏهن توهان کي ڊپ اچي ويڑهي ته توهان کي چا ڪرڻ گهرجي. هن جي معذور زال پڻ پنهنجي ٻارن سميت ان ڏهڪاءَ سبب ان قلعي ۾ موجود هئي. "جيڪڏهن بمن ۽ گولن جو وسڪارو شروع ٿئي ته وڏو هال خالي ڪرايل آهي." هن ڏگهو ساهه کنيو ۽ وڃڻ لاءِ پٺي ڏني ته مون کانئس پڇيو ته: "جيڪڏهن ڪا ضرورت پوي ته مان اوهان سان رابطو ڪيئن ڪريان؟" هن جواب ۾ ڪجهه چوڻ چاهيو پر اوچتو هو ڪري پيو ۽ مري ويو. ان ۾ شڪ نه آهي ته مون پنهنجو سوال ڪري مٿس ڪو غير ضروري دٻاءُ نه وڌو هو. هن جي مرڻ کان پوءِ مون تي ٻئي ڪنهن به قسم جو اثر نه ٿيو. مان رڳو ان شڪ ۾ مبتلا هوس ته سندس بيوه زال هن گرجا ۾ تيستائين ترسندي. جيستائين مان هن جي موت جي خبر وڃي وڏي ڪمانڊر کي ڏئي اچان يا پاڻ ئي وڏي آفيسر جي درجي تي اچي. هن

گرجا جي ذميداري سنياليان! مان وڏي اچي دريءَ وٽ ينس ۾ ائين لڳو جڻ اهي ٻيڙا اڳ (ماضيءَ) جيان پوئتي پئي ويا... ماضيءَ ۾ اهي واپاري جهاز هئا، جيڪي گهري نيري پاڻيءَ جي پاسي تڪڙا پئي ويا. انهن مان ڪي ٻاڦ تي هلندڙ سامونڊي جهاز هئا تہ ڪي جاين ۾ پڌر وارا هئا. پوءِ منهنجو ڌيان اچي ينس ۾ اسان ٻئي دريءَ کان ٻاهر سوڙهي گسيءَ ڏانهن ڏسڻ لڳاسين. ان مهل هڪ ٻيڙي ڪي ڏسي اسان ڏانهن وياسين ۽ ٻنهي کان رڙ نڪري وئي: ڇاڪاڻ تہ جنگي ٻيڙا هميڏانهن پئي آيا. پر ڏٺوسين تہ اهو هڪڙو ئي ٻيڙو هو جيڪو پهرين موٽي ويو هو. پر هي ان کان ٿورو ننڍو هو ۽ سندس وچ وارو حصو ڪجهہ مزاحيہ انداز ۾ مختصر ڪيل هو ان جي پڌر تي انوکي ۽ پيالي وارين شڪلين جون پيتيون پيل هيون. جيڪي چٽيون نظر اچي رهيون هيون. اسان وڏي آواز سان چوڻ لڳاسين: اهي نيرن ڪرائڻ وارا جهاز آهن."

"جهازن جي تيز رفتار "گهري نيري پاڻيءَ" ۽ چمنيءَ مان نڪرندڙ ڪاري ناسي دونهين" گڏجي پريشانيءَ ۽ شيطانيءَ جي تاثر کي تخليق ڪيو آهي. خواب ۾ "ايڊرياٽڪ" (Adriatic) وارا علائقا: منهنجي ڪيترن سفرن "ميرا ميئر"، "ڊيونو"، "وينس" ۽ "اڪيوليا"[1]، وارا گڏيل نظر آيا آهن.

چند هفتا اڳ، مان پنهنجي ياءُ سان ايسٽر واري موقعي تي "اڪيوليا" ويو هوس. ان جي سونهن اڃان تائين منهنجي خوابن ۾ تازي آهي. خواب وري آمريڪا ۽ اسپين جي وچ ۾ لڳندڙ بحري جنگ جو تصور آڻي پيش ڪيو هو. منهنجي ان ڳڻتيءَ سبب جو منهنجا مائٽ آمريڪا ۾ رهند اهئا.

خوابي جذبي ۾ ٻہ نڪتا هن ريت آهن:

1. جذبي جي پهرين نڪتي ۾ اميد يا آسرو غائب آهي: ڇاڪاڻ تہ جنهن حقيقت ڏانهن زوردار ڏيان ڇڪجي ٿو اهو گورنر جو مري وڃڻ آهي، جنهن جو مرڻ مون تي اثر انداز نہ ٿو ٿئي.

2. ٻيو نڪتو اهو آهي: جڏهن مان سوچيان ٿو ۽ جنگي جهاز ڏسان ٿو تہ مان ڏڃان ٿو ۽ ڏپ جا اهي سمورا احساس مان ننڍ ۾ محسوس ڪريان ٿو.

نهايت ئي سڻي نوني تعمير ٿيل هن خواب ۾ جذبا ڪجهہ اهڙي نموني ۾ تقسيم ٿيا هئا جو منهنجو نمايان تضاد لنوايل هو. گورنر جي مرڻ تي منهنجي ڏڃڻ جو ڪهڙو سبب هو البت گرجا جي اڳواڻ جي حيثيت ۾ جنگي جهازن کي ڏسڻ سبب ڏڃڻ جو ڪو جواز ضرور هو.

بهرحال تشريح اهو ٿي ٻڌائي تہ "هير پ" رڳو منهنجو پنهنجو متبادل هو (خواب ۾ مان هن جي لاءِ متبادل هوس). اهو گورنر مان هوس، جيڪو اوچتو مري ويو. خوابي خيالن منهنجي جلدي مري وڃڻ سبب خاندان جي مستقبل جي ڳڻتي پئي ڏيکاري ۽ خوابي خيالن وٽ رڳو اها ئي ڏک رسائيندڙ ڳالهہ موجود هئي، جنهن ان احساس کان اتان ڇني، جنگي جهازن واري معاملي سان ڳنڍيي ڇڏيو هو.

ٻئي طرف تشريح اهو ٻہ ظاهر ڪري ٿي تہ: "خوابي خيالن جي سطح جو وڏو حصو جنگي جهازن جي يادگيرين سان گهٽو پريل آهي." هڪ سال اڳ ۾ ٻہ: وينس ۾ اسان پنهنجي رهائش وارين درين مان سارو ڏينهن "ريوا ڊيگلي شيووني" (Riva degli Schiavoni) جي سحر انگيز سونهن ڏسندا هئاسين، جتان ان نيري ڍنڍ جي ڪاري پاڻيءَ کي اطلسي ڪپڙن جي تاڪين وانگر ڪلندي ويڙهجندي ڏسندا هئاسين. انگريزي ٻيڙا گهٽو ڪري ثقافتي رسمن جي آڇيان لاءِ ٻہ ڪتب ايندا هئا، اوچتو منهنجي زال، خوشيءَ وچان صفا ٻارن وانگر رڙيون ڪري چوڻ لڳي:

---

[1] "اڪيوليا" (Aquileia) چند ميلن تي محيط ٻيٽ آهي، جيڪو سمنڊ سان ڳنڍيل ڍنڍ (Lagoon) جي ننڍي گسيءَ سان ملیل آهي. انهن ٻيٽن مان "گراڊو" (Grado) نالي ٻيٽ ٻہ اتي موجود آهي. اهي سمورا هنڈ ايڊرياٽڪ جي اترئين پاسي آخر ۾ آهن. جيڪي 1918ع کان اڳ "آسٽريا" جو حصو هئا.

"او اهي انگريزي جنگي جهاز پيا اچن."

خواب ۾ مان انهن ساڳين ئي لفظن سبب ڏنو هوس.

خوابن ۾ گفتگو اسان جي روزمره جي گفتگو مان اچي ٿي. (ڏسو باب ڇهون: خواب جو عمل، حصو ڇهون: خوابن ۾ تقريرون/گفتگو). خواب جو ڪم! منهنجي زال جي چيل لفظ "انگريز" کان لنوائي نه سگهيو. هاڻي هتي "خوابي خيالن جو" خواب جي "پڌري مواد ۾" تبديل ٿيڻ جو عمل ڏسو: جو مون پنهنجي خوشيءَ وارن جذبن کي ڊپ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو ۽ مون وٽ رڳو هڪڙو اشارو آهي ته ان ردوبدل خود "خواب جي لکل متن" جي حصي جو تاثر پئي ڏنو. هي مثال ثابت ڪري ٿو ته "خواب جو ڪم" خوابي خيالن واري ڳانڍاپي کي چنڊ ۾ آزاد آهي، ۽ خواب جي متن مان چونڊيل ڪنهن به ٻئي نڪتي سان متعارف ڪرائي سگهي ٿو.

مان هتي "نيرن واري جهاز" جي متعلق تفصيلي تشريح ڪرڻ ٿو چاهيان: "نيرن وارن جهاز" جو خواب ۾ ظاهر ٿيڻ صورتحال بابت هڪ بي معنيٰ نتيجو اخذ ڪندڙ آهي، جنهن کي عقل جي سطح تي آڻڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو.

مان ته اهو بار بار چوان ٿو ته "خواب جو ڏيان ڇڪائڻ وارو عمل" ذهن ۾ بلڪل هوبهو هوندو آهي، ۽ اهو ئي مون تي نمايان ٿيو آهي، ۽ حقيقت اها آهي ته ڏيان ڇڪائڻ وارو عمل اسان جي دلچسپين سان ئي ڳنڍيل هوندو آهي ۽ اها دلچسپي "ايٽريوسڪين" (Etruscan) شهرن جي عجائب گهرن سان وابستا آهي. اتي ڪاري رنگ جا مستطيل ٽانوَر ڪيل هئا، جن کي جهلڻ لاءِ ٻنهي پاسن کان مُٺيا/ هَٿيا ٺهيل هئا، جيڪي چانهن جي ڪوپن ۽ پيالن جهڙا هئا، ۽ نيرن ڪرڻ لاءِ ڪي پراڻيون ته ڪي جديد ڪرسيون رکيل هيون. جن لاءِ اسان پڇيو ته انهن ٻڌايو ته: اهي ڪرسيون "ايٽريوسڪين" عورتن جي غسل لاءِ آهن، جن تي پف پائوڊر رکيل هئا، ۽ اسان مذاق ڪندي پئي چيو ته: "اهو خيال واقعي سٺو آهي، جو اهو اسان به گهر ڪٽي هلون ڇاکاڻ ته اسان سان به هڪ گهر پاتياٽي گڏ آهي."

خواب ۾ ان جي ظاهر ٿيڻ جو مقصد: "ڪارو غسلخانو" (جنهن کي اسان ماتمي لباس Toilette سڏيندا آهيون) جيڪو ظاهر ظهور "موت" جو حوالو آهي. ساڳيءَ ريت خوابي خيالن جي ٻي پڇاڻيءَ مون کي، مري ويل ماڻهن جا تابوت بردار ٻيڙا" ياد ڏياريا، جن ۾ اوائلي دور جا مردا پاڻيءَ جي حوالي ڪرڻ لاءِ ڪنيا ويندا هئا. ان نڪتي اها وضاحت پئي ڪئي ته "خواب ۾ ٻيڙا واپس موٽي ان ڪري پئي آيا."

"هن ٻيڙي تي هر ڪو محفوظ آهي،
پوڙهو ماڻهو آسانيءَ سان،
بندرگاهه تائين تري ويندو."

("شلر" جي لکيل "زندگي ۽ موت متعلق علامتي قصي جو حصو) جيئن ته خواب ۾ لفظ "انگريزي"، ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته: جهاز جو ٽٽڻ (ship_break) نيرن واري جهاز (breakfast) جي مقصد لاءِ استعمال ٿيو آهي، اهڙيءَ ريت انگريزي لفظ (breakfast) جو آواز انگريزي لفظ (break fast) سان ٺهڪي ٿو ۽ (break fast) هڪ ته جهاز سان وابستا آهي، ٻيو ته لفظ (breaking) اصل جهاز جي ٽٽڻ سان سلهاڙيل آهي، ۽ (Fasting) يعني "لنگهڻ" ڪاري يا ماتمي لباس سان ڳنڍيل آهي.

پر اهو لفظ "نيرن وارو جهاز" (Breakfast ship) خواب جو نئون تخليق ڪيل لفظ آهي. جيڪا شيءِ، وجود آهي، ۽ مون کي ياد به آهي ۽ اها منهنجي يادگار ۽ پُر لطف سئر جو حصو به آهي. ٿيو هن ريت هو ته اسان کي "اڪيوليا" ۾ پيش ڪيل ڪاڌي لاءِ بدگمان ڪيو ويو هو. ان ڪري اسان اڪيوليا ۾ ئي "گوريزيا" جي دڪان تان ڪاڌي جو سامان ۽ پيڻ لاءِ قيمتي آئرش شربت جي بوتل خريد ڪري آيا هئاسين. جيئن ته ٽپال ڪٽي هلندڙ ننڍو ٻاڦ وارو ٻيڙو "ڊلي مي" (Dille Mee) جي واهه تان نيري ڍنڍ واري پاسي کان "گراڊو" جي طرف ڏاڍو آهستي پئي هليو. ان ٻيڙي تي هئاسين به اسان چند ياتي، سو ڏاڍي مزي سان ٻيڙي جي اڳڻ ۾ ئي ويهي نيرن ڪيئسين. ۽ ائين اهو ٻيڙو اسان لاءِ "نيرن وارو جهاز" بڻجي ويو. جنهن جي پويان اسان جو پُر لطف

سڙيادن جو حصو بڻجي ويو ۽ خواب ان کي ڳجهو رکي، وڏي رنج ۽ ملال واري انداز سان ۽ نهايت اڻجاتل ۽ پراسرار مستقبل جي خيالن جو اظهار ڪيو.

تصور ۽ تمثيلي مواد مان جذبن کي علحده ڪرڻ جو عمل، انهن خيالن کي جنم ڏئي ٿو جيڪي خواب جي جوڙجڪ دوران ظاهر ٿين ٿا، اهي تمام حيرت انگيز هوندا آهن، پر ائين نه ته انهن جي ذريعي خوابي خيالن جي رستي تان رڳو ضروري اختصار ئي خواب جي متن ۾ ڪشالو ڪري ٿو اچي. اسان جيڪڏهن خوابي خيالن ۾ موجود جذبن جي انهن جذبن سان پيٽ ڪنداسين، جيڪي خواب ۾ ظاهر ٿين ٿا ته هڪڙي شيءِ ته هڪدم چٽي ٿي پوندي

جيتوڻيڪ خواب ۾ جيڪي جذبا موجود هوندا آهن، اهي خوابي خيالن منجهان ئي نسرندا آهن، پر انهن جو ابتي انداز سان پيش ٿيڻ حقيقي نه هوندو آهي. خواب عام طور تي، ان نفسياتي مواد جي پيٽ ۾ جذبي جي حوالي سان ڪم ڪرڻ جي طريقي ۾ ڏاڍو مفلس هوندو آهي.

مان جڏهن خوابي خيالن کي ٻيهر جوڙيندو آهيان ته منهنجي عادت آهي ته مان انهن منجهان ڪيترين ئي شديد قسم جون نفسياتي ترغيبون ڳولهيندو آهيان، جيڪي پاڻ کي محسوس ڪرائڻ لاءِ ٻين تي حڪمرانيءَ جي جاکوڙ ڪنديون آهن ۽ نهايت سختيءَ سان انهن جي مخالفت ڪنديون آهن. اهڙي صورت ۾ مان جيڪڏهن خواب ڏانهن موٽي ايندس ته اهو مون کي لڳاتار بي رنگ نظر نه ايندو يا شديد قسم جي جذباتي ڏنگ کانسواءِ نظر نه ايندو.

خواب لاپرواهيءَ جي سطح کي گهٽائڻ جو ڪم ڪندو آهي، ان رڳو متن جي پر گهٽو ڪري منهنجي خيالن جي جذباتي ڏنگ کي به گهٽائڻ جو ڪم ڪندو آهي. ان حوالي سان چئي سگهجي ٿو ته خوابي ڪم! جذبن جو عيوضي هوندو آهي. مثال طور باب پنجين: "خوابن جو مواد ۽ ماخذ": جي حصي پهرين: "خوابن ۾ تازي ۽ غير متعلق مواد" جي سلسلي ۾ مون "زراعت متعلق طويل مقالي وارو هڪ خواب" ڏنو آهي ته خيال، منهنجي پنهنجي چوند جي عمل ۽ پنهنجي ڪم ۾ تنها هجڻ کي درست قرار ڏيڻ واري، تيز طبيعت جي پڙڪائيندڙ عذر سان هموار ٿيندي واسطو رکيو ۽ خواب ان منجهان ايري، هڪ اڻ ڏريو منظر ڏاهي ورتو ته: "مون هڪ مقالو پئي لکيو اهو منهنجي اڳيان رکيو هو جنهن جي هر صفحي تي رنگين پن پيل هئا، جن مون کي انهن رنگ برنگ پوٽن جي ياد پئي ڏياري، جيڪي هِت هُت پئي اڏاميا."

شيون پئي صورت ۾ به ٿي سگهن ٿيون: جذبن جي جيئري جاڳندي وضاحت پنهنجو رستو پاڻ ڏاهي خواب ۾ پيش ٿي سگهي ٿي.

جذبن جي شدت متعلق خواب جي عملي ڪم ۾ زباني طور تي وڌيڪ مڪمل وضاحت ۽ ان جي پيشڪش متعلق باب ستين: "خوابن جي عمل جي نفسياتي پهلو"، جي حصي پنجين: "ابتدائي ۽ ثانوي عمل" ۾ بحث ڪيو آهي. هتي مان پنهنجي متعلق رڳو ٻن نڪتن جو حوالو ڏيڻ ٿو چاهيان. پهرين ته مان ان وقت ڪجهه ٻين سببن جي ڪري لاچار هوندو آهيان، جڏهن جذبن جي تصوير مرڪز کان پاسي تي تيار ڪيل سلسلي جيان جاري ٿيندي آهي، ۽ بدن جي اندروني حصن تائين پهچي، هڪ جهڙائيءَ پيدا ڪندڙ تحرڪ واري عمل جي ذريعي رطوبت ۾ شامل ٿي تنتي سرشتي کي متحرڪ ڪندي آهي[1] مثال طور نند جي حالت ۾ تحرڪ پيدا ڪندڙ ترغيب/ من اچل کي ٻاهرين دنيا ڏانهن اماڻڻ جو اظهار ملتوي ٿيل هوندو آهي، ۽ مرڪزي رخ کان پاسي تي تيار ڪيل يا مٿان کان هيٺ وڌڻ واري قوت کي، جذبن جي سڏ ورنائڻ لاءِ لاشعوري سوچ جي ذريعي نند دوران جاري ڪرڻ ۾ وڌيڪ مشڪل پيش ايندي آهي. اهڙيءَ حالت ۾ متحرڪ ترغيبون خوابي خيالن جي عمل دوران

---

[1] جذبن جي جاري ٿيڻ کي، مرڪزي رخ کان پاسي تي تيار ڪيل (Centrifugal) ان ڪري بيان ڪيو ويو آهي، جو اهو ڏهن جي مشيني سرشتي جيان سڏو سنئون بدن جي اندرين حصن ڏانهن وڃي ٿو جنهن لاءِ فرائيڊ "عصبي اضافو" بدن جي تنتي سرشتي کي متحرڪ ڪرڻ (Innervations) جو اصطلاح جوڙيو آهي.

اظهار ڪندیون آهن. پنهنجي فطري ڪمزوريءَ سبب ۾ گهٽو ڪري انهن کان، جيڪي گهٽ ڪمزور هوندیون آهن ۾ خوابن ۾ پنهنجو رستو آسانيءَ سان ڳولهي ونڊندیون آهن.

ان حوالي سان "جذبن جو ذهن مان نڪرڻ" ڪنهن به صورت ۾ خواب جي ڪم جو نتيجو نه هوندو آهي پر اهو نند جي حالت جو نتيجو هوندو آهي. اهو سچ به ٿي سگهي ٿو پر اهو سمورو سچ نه آهي. اسان کي بهرحال دماغ ۾ ويهارڻو پوندو ته ڪنهن به مونجهاري جي وابستگي وارو خواب، نفسياتي قوتن جي وچ ۾ اختلاف کي سمجهوتي واري صورت ۾ پيش ڪندو آهي. هڪ شيءِ جي لاءِ ڪيترين ئي خواهشون جڙنديون آهن، ۽ اهي ڪاٽ ڪوٽ يا چنڊ چاڙ جي قوت جي ڪنهن ٻيءَ شيءَ جي حوالي سان، اختلافي جدوجهد ڪنديون آهن. اسان اهو پڌ ڏنو آهي ته لاشعوري سوچ پاڻ ئي خيالن جي اختلاف ۽ تضاد جي پاجاريءَ ۾ پئي وهندي رهندي آهي، ۽ خيالن جو اهو سمورو وهڪرو، جذبي جي پاسي لڙي اچڻ جي خاصيت رکندو آهي. جيڪڏهن اسان انهيءَ لاڙي، جذبي يا سوچ کي روڪيندڙ ذهني عمل جي نتيجي ۾ جذبن کي ئي ذهن مان ڪڍي ڇڏيندا سين، ته اسان ان وقت هر لحاظ کان غلطيءَ تي هونداسين. جيڪي ذهني توڙي جسماني اوسر لاءِ هڪ ٻئي تي غير موافق سرگرميءَ ۾ مصروف هوندا آهن، ۽ جن کي چنڊ چاڙ وارو محرڪ دٻائي چڏڻ جي عمل ۾ رڌل رهندو آهي. ان ڪري جذبن کي روڪيندڙ ذهني عمل تي، خواب جي چنڊ چاڙ واري ٻئي نتيجي طور ۽ خواب جي بگڙيل پهرين نتيجي جيان، ضرور غور ڪرڻ گهرجي.

مان هتي مثال طور هڪڙو خواب پيش ڪريان ٿو جنهن ۾ خوابن جي متن جي اڻ ڏٺي احساس جو آواز پنهنجي متضاد، مخالف ۽ نفي ڪندڙ خوابي خيالن جي وچ ۾ وضاحت ڪري سگهي ٿو. هي هڪ مختصر خواب آهي، جنهن کي پڙهندي، پڙهندڙن کي ڪراهت ايندي:

(ب)

"هڪ پهاڙي! جنهن جي ڪليل هوا ۾ هڪ پاسائتي جاءِ جيان، جنهن ۾ ويهڻ جي هڪ ميز رکيل آهي، جنهن ۾ هڪ ڊگهو سوراخ آهي، جيڪو پاتال تائين اونهو آهي. ان جي ٽيڪ واري ڪنڌ مضبوطيءَ سان ڏيکيل آهي، جنهن جي تري ۾ گپ ۽ چڪ جي گڏ وڇڙ ٽيل نندڻين وڏين شين جو ڍير آهي، جڙ تازو ڪنهن رفع حاجت ڪئي آهي، جنهن ۾ تازگيءَ جو احساس به آهي، ميز جي پويان گاهه جا ٻوٽا به آهن، مان ميز تي مُٽان ٿو مُٽ جي ڌار سان هر شيءِ صاف ٿي وڃي ٿي. اهو گڏ وڇڙ ٽيل ڍير آسانيءَ سان پري ٿي وڃي ٿو ۽ ان جو منهن نظر اچي ٿو اهو ائين پئي لڳو جڙ ان ۾ ايجان ڪجهه رهيل آهي."

مون خواب دوران ڪراهت ڇو محسوس نه ڪئي؟

چاڪاڻ تا جيئن تجزيو ٻڌائي ٿو ته تمام گهڻا وٽندڙ ۽ اطمينان ڏيارينڊڙ خيال به خواب جا عيوضي ٻڌجي ايندا آهن. تشريح جي سلسلي ۾ هڪدم جا ڳالهه منهنجي ذهن ۾ اپري آئي آهي، اها "آگين (Augean) جو ڪِنو واڙو"[1] آهي، جنهن کي "هيرڪيوليس" (Hercules) صاف ڪيو هو. اهو هير ڪيوليس "مان" هوس. گاهه ۽ ٻوڙا "آئوسي" (Aussee) جا هئا، جتي ڪنهن وقت ۾ منهنجا ٻار ترسيل هئا. انهن ڏينهن ۾ مون کي خبر پئي هئي ته ٻارن ۾ اعصابي عارضي جا عنصر پيدا ٿي رهيا آهن، ان ڪري انهن کي بچائن لاءِ مون کين ٻاهر موڪلي ڏنو هو. ۽ "ڪرسي" بلڪل اهڙي ئي هئي، جا مون کي هڪ مريضه تحفي طور ڏني هئي، جنهن مون کي ياد پئي ڏياريو ته منهنجي مريضن مون کي ڪيتري نه عزت ڏني آهي. سچ پچ ته خود "ماٺهن جي ڪرفتيءَ واري عجائب گهر" جو تجزيي به ٿي سگهي ٿو جيڪو منهنجي لاءِ دلي سرهائيءَ جو سبب ٻڌيو هجي.

---

[1] يونان (ايلس) جو ڏند ڪٿائي بادشاهه آگيس" جنهن تي هزار وهٽ پاليا هئا، جنهن جي ڪري ڏيهه سال ملڪ ۾ گند ڦهلجندو رهيو، جنهن کي "ايلفيوس" ندي پار ڪري، هير ڪيوليس هڪڙي ڏينهن ۾ صاف ڪري ڇڏيو هو.

بهرحال اهو به ٿي سگهي ٿو ته گهٽي ڪراهت مون کي حقيقت ۾ ٿي به هجي، ۽ خواب ۾ اها اتليءَ جي حسين سرزمين جي يادگيريءَ منجهان آئي هجي، جتي جيئن سيئي ڄاڻين ٿا ته اتي جي ننڍين شهرن جي رستن تي اهڙا ئي پائخانه تعمير ٿيل آهن.

"پيشاب جي ڌارسان هر ڪا شيءِ صاف ٿي وئي"، ته اها بنا مبالغي جي "عظمت جي نشاني" آهي. اها ان حوالي سان ته "گليور" (Gulliver) لِلِيپُٽ (Lalliput) ۾ باهر جي تمام وڏي اوڙاهه کي به هن ائين وِسايو هو جيتوڻيڪ ان تي، اتي ڀينڊي راٽيءَ جي ساڻس نااتفاقي ٿي پئي هئي، پر "گارگنٽو" (Gargantua) پٽ "رابيليايس" (Rabelais)[1] جي "مٽانهين" ماڻهوءَ (Supper Man) پئرس جي رهندڙ تي پاڻ کان ائين بدلو ورتو هو جو "ناٽيرڊئم" (Natre Dam) تي لانگ ورائي وينو هو ۽ شهر جي پاسي مُٽڻ لڳو هو. گذريل ڏينهن جي شام جو منهنجي سمهڻ کان اڳ ۾ بلڪل ائين ٿيو هو جو مان "رابيليايس" جي متعلق "گارنيئر" (Garnier) جي تشريح جو اپياس پئي ڪيو. واقعي عجب جهڙي ڳالهه اها آهي ته مون کي پنهنجي تعلق "انسانن ۾ مٽانهون" ماڻهوءَ هجڻ جي شاهدي ملي. ناٽيرڊئم جو ڪنارو پئرس ۾ منهنجو پسنديده تفريحي مقام هو جڏهن به شام جو مان واندو هوندو هوس ته گرجا جي برج تي، راڪاسن ۽ شيطانن جي وچ واري جاءِ ۾ وڃي ويهندو هوس.

۽ هاڻي اچو ته خواب جي جذباتي مقصد جي سچائيءَ جو سبب ڏسون:

اها اونهاري جي گرم شام هئي، ۽ مون کي انهيءَ شام دوران "بي قابو جذبن" ۽ "جنسي گمراهيءَ" جي وچ ۾ فرق بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻو هو ۽ هر ڪا شيءِ مون کي اڻ وٽندڙ ۽ مڪمل طور تي منهنجي اصولن جي خلاف پئي لڳي. مان ڏاڍو ٽڪل هوس ۽ پنهنجي انهيءَ مشڪل ڪم ۾ ڪنهن به ريت منهنجي دل ڪانه ٿي لڳي. مان ماڻهوءَ جي خرابيءَ/ برائيءَ وارين ڏڻن کان پري پوڻ ٿي چاهيو ۽ اهو ئي سبب هو جو مان اتليءَ جي حسن ڏسڻ کان پوءِ پنهنجي ٻارن ڏانهن موٽي ويڻ ٿي چاهيو. انهيءَ طبعي رويي دوران مان تقرير ڪرڻ کان پوءِ هال مان نڪري ان ڪيفي ۾ اچي وينس، ان ڪليل فضا ۾ ڪائڻ لاءِ جيڪو ڪباب مليو اهو صاف ستڙو هو. پر ايتري ۾ هڪ نوجوان، جنهن اندر هال ۾ منهنجي تقرير ٻڌي هئي، وڏي مون ڏانهن آيو ۽ پنهنجي پرسان ويهڻ لاءِ چئي هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. مون ڪباب کائي. ڪافيءَ جي پيالي ۾ هٿ وڌو ته اهو نوجوان چاپلوسي ڪندي چوڻ لڳو:

"مون توهان جي تقرير مان گهڻو ڪجهه پرايو آهي، ۽ توهان ڪيئن نه بلڪل ڪليل اکين سان ڏسو ٿا. ڪيئن "آگين وارو ڪِنو گند گهڙيءَ ۾ صاف ڪري ڇڏيو ۽ منهنجي ذهن ۾ اعصابي نظريي متعلق بدگمانيءَ کي ڪڍي ڇڏيو." پوءِ وري ڳالهه کي مختصر ڪندي چوڻ لڳو ته: "توهان عظيم انسان آهيو"

هن جي ائين چوڻ تي مون پنهنجي طبيعت ۾ خفو محسوس ڪيو پر مان پنهنجي انهن ٻچان ڏيارينڊڙا احساسن سان جنگ ڪرڻ لڳس، ۽ هن کان جند ڇڏائي، جلدي اچي گهر پهتس. سمهڻ کان اڳ ۾ "رابيليايس" جا ورق ورائڻ لڳس. "ڪورناڊ فريڊيننڊ ميئر" (Leiden eines Knaben)[2] جي هڪ ڪهاڻي: "هڪ ڇوڪري جا غم" (A Boys Sorrows) پڙهڻ ويٺس. اهو هو مواد جنهن کي خواب شامل ڪيو هو. "ميئر" جي ڪهاڻي جيئن ته مون ننڍي هوندي پڙهي هئي، ان ڪري منهنجي دماغ ۾ ويڻل هئي، ۽ خواب جو اهو حصو ننڍپڻ جي يادگيرين جي سلسلي ۾ ڳنڍيجي ويو ۽ ائين ڏينهن وارو ٽڪ، گرمي ۽ خفو خواب ۾ ڪراهت واري منظر جو سبب بڻيو هو.

خواب جو ٻيو ۽ متبادل رستو ايڏان اهو به آهي، جنهن ۾ خواب جو ڪم خوابي خيالن مان ڪجهه به گهٽائڻ ڪانسواءِ ئي جذبن سان لهه وچڑ ۾ آيو هو جنهن سولائيءَ خاطر انهن کي ابتو ڪري ڇڏيو هو. جنهن لاءِ اسان اڳ ۾ ئي ٻڌائي آيا آهيون ته خيال ۽ ان جو متبادل به بهرحال ذهن ۾ اڳ ۾ ئي موجود هوندو آهي، رڳو عبارت پنهنجو فيصلو ڪندي آهي. هڪ شيءَ جي

---

[1] "رابيليايس" يوناني دانشور ۽ فرانس جو مشهور انسان دوست ليکڪ.

[2] "ڪورناڊ فريڊيننڊ ميئر" Cornard Fredinand Meyer 1825_1898 سئٽزرلينڊ جو مشهور شاعر، تاريخي ناول نگار.

ڪنهن ٻيءَ/ مخالف شيءِ ۾ تبديلي، تمام ويجهن يا گهرن لاڳاپن جي ذريعي ممڪن هوندي آهي. خيال جون اهي ڪڙيون اسان جي ذهن ۾ موجود مخالف خيالن سان ڳنڊيل هونديون آهن. ان قسم جا ٻيا به ڪيترائي وجائجي ويل واقعا، چنڊ چاڙ، ڪي پڃاڻيءَ تائين رسائڙ ۾ مدد ڪندا آهن، پر اهي سدائين "خواهشن جي پورائي" جي پيداوار بڻجي پوندا آهن. خواهشن جي پورائي جو ڪم اٽوٽندڙ شين ڪي ان جي مقابلي وارين ۾ مخالف شين سان بدلائي انهن کي هموار ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو نه هوندو آهي.

اهڙيءَ ريت جيڪو جذبو خوابي خيالن/ سوچن سان وابستا هوندو ان کي به مخالف شين ۾ پاڻ کي هموار ڪري خواب پنهنجي جوڙجڪ ڪندو رهندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ائين به لڳندو آهي ته خواب جڙ جذبن جي ابتڙ به عمل ڪري ٿو جيڪو وري خواب جي چنڊ چاڙ جي اصول تحت هوندو آهي.

اسان جي سماجي اٽڪي ويٺڻ جيڪا اسان کي خواب جي ڪات ڪوٽ واري اصول لاءِ نهايت پسنديده هڪ جهڙائي/ واري صورت ميسر ڪري ڏيندي آهي، ان کي پڙ اسان ڏهائي ڇڏيندا آهيون ۾ اصولي طور تي ڀهاني يا منافقت واري خيال کان جذبن جي ابتڙ عمل ڪرڻ لڳندا آهيون. مان جيڪڏهن ڪنهن شخص سان ان جي ڪنهن ڳالهه تي غور ڪرڻ لاءِ ڳالهائيندس ته ان جي دلجوئي ڪندي نيڪ خيالن جو اظهار ڪندس، گڏوگڏ اها ڳالهه به اهم هوندي ته مان پنهنجي جذبن جا ڪجهه تاثرات اهڙي نموني ادا ڪندس جيڪي منهنجي خيالن جي زبان ذريعي ڪنهن جي درد گهٽائڙ جو اظهار ڪندا. اسان جيڪڏهن ان سان زباني طور مخاطب ٿيندا سين ته اسان پوريءَ طرح نرم مزاج نه لڳنداسين، پر جيڪڏهن اسان پنهنجي نظرن جي چرپر يا شڪل ۾ هٿن جي اداڪگيءَ ۾ قبوليت يا نفرت جو اظهار نه هوندو ته اسان جا اهي جذبا جيڪي اسان جي واتان ظاهر ٿيندا، ان جو تاثر ان سامهون واري مخاطب جي صورت تي به ساڳيو هوندو. اهڙيءَ ريت منهنجي چنڊچاڙ هر صورت ۾ منهنجي جذبن کي روڪي وٺندي، پر جيڪڏهن مان مڪريل يا منافقت جو ماهر هوندس ته مون کي مخالف جذبي واري ظاهرداريءَ کي اختيار ڪرڻو پوندو. جڏهن ڪاوڙيل هوندس ته مرڪندس، ۾ ڪنهن تباهيءَ جي خواهش هوندي ته نهايت مصنوعي نظر ايندس.

اسان جذبن جي ابتڙ رويي متعلق نهايت عمدا مثال پيش ڪري آيا آهيون، جيڪي خوابن ۾ خوابي ڪات ڪوٽ جي طرفان ظاهر ٿين ٿا، جيئن منهنجي چاچي جي پيلي ڏاڙهي (باب چوٿون: خوابن ۾ تاثر جو بگڙجي وڃڻ). پنهنجي دوست "آر" جي لاءِ گهڻو مصنوعي رويي محسوس ڪرڻ جڏهن ته حقيقت جي روشنيءَ ۾ خوابي خيال ان کي "ييوقوف" ٿو سڏي اهو پڻ جذبن جي ابتڙ وارو مثال آهي. جيڪو خواب جي چنڊچاڙ واري عمل جي موجودگيءَ بابت پهريون اشارو هو. اهڙن معاملن ۾ دعويٰ ڪرڻ جي ضرورت نه آهي ته خواب جو ڪم ڪجهه به نه هجڻ جي باوجود ان قسم جا غير موافق يا ابتا جذبا ٿو تخليق ڪري.

چاچي واري خواب ۾، جنهن ۾ مون متضاد ۾ مصنوعي جذبن جو ذڪر ڪيو آهي، ممڪن آهي ته اهي نندپڻ جي حوالي سان (جيئن اسان ان خواب جي ٻئي حصي ۾ مشورو ڪيو آهي) چاچي پائتيي جي رشتي جي صورت ۾ نندپڻ جي مخصوص ۾ اوائلي تجربي جي فطرت منجهان هجن. جنهن جو تجزيو باب ڇهين: خواب جو عمل: جي حصي ڇهين: خوابن ۾ گفتگو جي آخر ۾ ۾ حصي نائين: "خوابن ۾ اثر انداز ٿيندڙ جذبا" ۾ آندو آهي، جنهن ۾ سمورين دوستين ۾ نفرتن جو ذڪر آهي.

جذبن جي ابتڙ هجڻ جي اهڙي قسم جو بهترين مثال "فيرينزي" (Ferenzi_1916) جي خوابن متعلق ڪوجنا ۾ ملي ٿو: "هڪ وڏي عمر جو سليقي وارو مرد، هڪ رات پنهنجي زال جي ڪري جاڳي ٿو جنهن کي سندس زال ٻڌايو آهي ته نند ۾ هو ڏاڍا وڏا ٽهڪ ڏيندو آهي. تنهن ڪانپوءِ ان شخص پنهنجو هي خواب بيان ڪيو آهي:

"مان بستري تي ستل آهيان، ته هڪ شخص منهنجي ڪمري ۾ اچي ٿو جنهن کي مان سڃاڻان ٿو. مان اٿي بتي ٻاريان ٿو پر اها ٻري ڪا نه ٿي. مان وري وري ڪوشش ڪريان ٿو پر ناڪام ٿيان ٿو. پوءِ منهنجي زال منهنجي مدد ڪرڻ لاءِ بستري تان اٿي ٿي، پر مدد نه ٿي ڪري، ڇاڪاڻ ته هوءَ غير مرد جي موجودگيءَ ۾ روشني ڪرڻ نه ٿي چاهي. آخر ڪار هوءَ واپس پنهنجي بستري تي وڃي ٿي. انهيءَ تي مون کي ڪل اچي وڃي ٿي ته منهنجي زال مون کي چوي ٿي: "تون وري ڇا لاءِ ٿو ڪلين؟ ڇو ٿو ڪلين؟" پر مان تيستائين ڪلندو رهيس جيستائين مون کي جاڳ نه ٿي."

ٻئي ڏينهن ويچارو مرد ڏاڍو اداس هوءِ سندس متي ۾ سور به هو هن کي پنهنجي خواب ۾ ڪلڻ واري عمل وڏي فڪر ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو.

تجزياتي طور غور ڪجي ٿو ته هي خواب ڪلائيندڙ يا ڪا تفريح مهيا ڪندڙ خواب نه آهي. "هڪ شخص جنهن کي هو سڃاڻي ٿو سندس ڪمري ۾ اچي ٿو." خواب جي ڳجهن خيالن ۾ اها ڪنهن وڏي ۽ اڻڄاتل دنيا سان وابستا "موت جي تصوير آهي."

هن جي ذهن ۾ جا تصوير اپري آهي، اها هڪ ڏينهن اڳ جي واقعي سان وابستا آهي. وڏڙي عمر وارو اهو مرد اصل ۾ "رڳن" ۽ "وار نلين" جي وچ وارين رت جي ننڍين نسن ۾ سختي پيدا ٿي وڃڻ (Arterio_ Sclerosis) جي عارضي ۾ مبتلا هو. هن وٽ پنهنجي موت متعلق سوچڻ جو وڏو سبب به اهو هو. ننڍ ۾ بنا رڪاوٽ جي ڪلڻ، سندس ان خيال تي سڏڪن پوڻ ۽ روئڻ جي جاءِ والاري آهي. ته ڪيس موت اچڻو آهي، هن جي هٿان بتيءَ جو نه ٻرڻ به اهو واضع ڪري ٿو ته هاڻي وڌيڪ روشني نه ٿي سگهندي. هن جو غم ۾ مبتلا ڪندڙ اهو احساس سندس سنجوڳ جي ڪوششن سان به سلهاڙيل آهي. ٿورو وقت اڳ ۾ هن ان قسم جي ڪوشش به ورتي هئي پر "مان وري وري ڪوشش ڪريان ٿو پر ناڪام ٿيان ٿو. پوءِ منهنجي زال منهنجي مدد ڪرڻ لاءِ بستري تان اٿي ٿي، پر بتي ٻارڻ ۾ مدد نه ٿي ڪري" هو محسوس ڪري چڪو آهي ته هو هيڻاهينءَ ڏانهن ڏڪبو پيو وڃي.

خواب جو ڪمزور سندس "نامرد هٿ ۽ مرڻ" جي غمناڪ خيالن ۽ هن جي "سڏڪن کي ٽهڪن ۾" بدلائي. مذاحيه منظر ذريعي پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي.

خوابن ۾ هڪ قسم اهڙو به آهي جنهن کي خاص طور تي "مڪريلو ٻتاڪي ۽ منافقاڻو" چئي سگهجي ٿو جيڪو "خواهشن جي پورائي" جي نظريي متعلق پرک ڪرڻ تي وڏو زور ڏئي ٿو.[1] انهن خوابن ڏانهن منهنجو ڏيان ان وقت ويو هو جڏهن "فرائو ڊاڪٽر ايم هلفيرڊنگ" (Frau Dr. M. Hilferding) "پيٽر روزگرس" جي ترتيب ڏنل خوابن جو دستاويز بحث لاءِ "ويانا جي نفسياتي تجزياتي سوسائٽيءَ" ۾ ڪٽي آيو هو.

"روزگرس" پنهنجي ڪهاڻيءَ "برطرف ڪيل"[2] ۾ لکي ٿو ته:

"اصولي طور تي مان نهايت پُرسڪون ننڊ ڪرڻ وارن منجهان آهيان. پر ڪيترين راتين کان مون کي پوريءَ ريت آرام نه مليو آهي. پنهنجي مقدس پيشي جي جنون ۽ شاگرد واري حيثيت ۾ مون اهڙيون ڪوڙراتيون قربان ڪيون آهن ۽ پاڻ کي هڪ پل لاءِ به واندو نه ڇڏيو آهي. جڏ مون تي ڪنهن درزيءَ جو پاڇو پيل آهي.

جيتوڻيڪ ائين نه ٿيو آهي ته ڏينهن جي وقت ۾ مون تي ماضيءَ جو ڪو اولڙو پيو هجي، يا ان جي شدت کي محسوس ڪيو هجي، پر جيڪو ملڪ فتح ڪرڻ جهڙو خيال رکي ٿو يا زمين کي بهشت بنائڻ جي ڪم ۾ رڌل رهي ٿو ته اهو پيءَ ڪنهن به ڳالهه ڏانهن ڏايان نه ڏيندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن شخص جي فلسطيني رهواسيءَ جهڙي ڪل/ چمڙي نه هجي ۽ ڏرتي ۽ بهشت فتح ڪرڻ هلي ته ان کي گهٽو ڪجهه ٻيو به ڪرڻو پوندو ۽ مان نه پئي ڪري سگهيس. مان جڏهن ڦوهه جوانيءَ ۾ هوس ته رات جي خوابن کان وڌيڪ ڏينهن جا سپنا ڏسندو هوس. وڏا وڏا خيال پچائيندو هوس. ائين منهنجي ذهن تي پنهنجي ماضيءَ جو يادون به گهڻيون تازيون رهنديون هيون ۽ انهن جو اثر به هر ڪنهن شيءِ تي پوندو هو. پر جڏهن منهنجي اندر ۾ فلسطين سمائجي ويو ته مان غير اهم ڳالهين جي قيد مان نڪري آيس. مان پاڻ کان سوال به ڪندو هوس. ته مان ائين چو ٿو ڪريان. ڏينهن جي فڪري سوچن بجاءِ رات جو خواب لهان ته وڌيڪ بهتر نه ٿيندو!

---

[1] مٿيون جملو ۽ حوالو آسٽريا جي مشهور ليکڪ "پيٽر روزگرس" (Peter Rosegger_ 1843_1918) جو آهي، جنهن تي ٽيل بحث 1919ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

[2] Fremd gemacht- Dismissed والڊيميٽ (Waldheimat) جي ٻئي مجموعي ۾ ص: 303.

"مان هڪ ڪاريگر درزيءَ وانگر پنهنجي استاد درزين جي رهبريءَ ۾ بنا ڪنهن اجرت جي سندن ڪارخانن ۾ ٿي گهٽو وقت گذاريندو هوس. ۽ ائين مان انهن جي ويجهڙائيءَ ۾ ڪپڙو ڪترڻ، سبڻ يا استري ڪرڻ ۾ سکي ويو هوس. پر پوءِ مون کي خيال ٿيو ته منهنجي اصل جاءِ اها نه آهي. ۽ جيئن ته مان شهري ماڻهو هوس ان ڪري مون سوچيو ته ڪنهن ٻئي ڪم ۾ هٿ وجهجي. ۽ ائين مان گهٽو ڪري ڪم کان لنوائي موڪل ۾ ڪري ونڊو هوس. هڪ ڏينهن منهنجي استاد ۾ مون کي محسوس ڪرايو ته:

"تون هتي وقت نه وڃاءِ. درزڪي ڪم کان وڌيڪ بهتر ڪو ٻيو ڪم ڳولهه."

ان ڏينهن کان پوءِ جيڪڏهن مان ڪم کان لنوائيندو هوس يا دڪان تي اچڻ کان گسائيندو هوس ته استاد کان ڏڪا ۾ کائيندو هوس. پر ڪنهن قسم جي اجرت ڏيڻ جو خيال هن کي ڪڏهن ۾ نه آيو. پوءِ مان دڪان جي اونداهين ڪوڻين ۾ پاڻ کي بند ڪري ويٺس ته:

"مان آئيندي ڪم نه ڪندس. ۽ بس مون کي موڪل ڏي"

پر استاد هڪ ۾ نه ٻڌي. ۽ هڪ ٽڪو ۾ تريءَ تي نه رکيائين. مجبوريءَ وچان مان سندس مددگار جي حيثيت ۾ سندس ٿي دڪان تي سبڻ جو ڪم ڪندو رهيس.

سپنن جي انهن ٽڪائيندڙ ڪلاڪن کان پوءِ جاڳڻ ۾ ڪيڏو نه لطف آهي. پر جيڪڏهن مان اهو پڪو ارادو ڪري ونڻان ته جيڪڏهن مخالفت جي باوجود اهو ئي خواب وري نظر اچي ته مان ان سموري منظرنامي کي پري اڇلائي ڇڏيان. ۽ پنهنجي پوري طاقت سان رڙ ڪري چوان:

"اها محض اڪلبازي آهي."

چاڪاڻ ته مان ته بستري تي ئي ستل آهيان. ۽ ننڊ ڪرڻ ٿو چاهيان.

پر هيءَ رات وري به مان پاڻ کي درزيءَ واري ڪارخاني تي ويٺل ٿو ڏسان.

ائين الائي ته ڪيترا سال گذري ويا انهيءَ طلسماتي تسلسل ۾.

پر هاڻي اهو ٻيهر هن ريت ٿيو جو:

منهنجو استاد ۽ مان وري "ايلفل هوفر" (اهو هاري جنهن جي گهر ۾ مان پهريون پيرو ڪم سکڻ ويو هوس) وٽ گڏجي ڪم ڪرڻ لڳاسين. منهنجو استاد منهنجي ڪم مان بلڪل به خوش نه هو. چوڻ لڳو:

"مان جاڻڻ چاهيان ٿو ته تون هن وقت تائين ڪٿي ويهي ڦورا ڦولهيندو رهيو آهين؟" هن مون ڏانهن ڪاوڙ وارين نگاهن سان نهاريو.

منهنجي لاءِ اهو مناسب هو ته مان اٿي هن کي چئي ڏيان ته:

'مان توسان رڳو ان ڪري گڏ آهيان جو مان توکي راضي ڏسڻ ٿو چاهيان. نه ته هي گوءِ هي ميدان..... پر مان ائين ڪري نه سگهيس.'

مون ته ان تي به اعتراض نه ڪيو. جڏهن منهنجي استاد مون کي شاگرديءَ دوران، ڪرسي خالي ڪرڻ ۽ ميز صاف ڪرڻ لاءِ چوندو هو ۽ مان ڪنڌ ۾ ٻيهي سئي ڏاڪي سان ڪپڙن ۾ بٽڻ ٽاڪڻ لڳندو هوس.

ساڳئي ڏينهن درزڪي ڪم جو هڪ ٻيو ڪاريگر (مڪريلو ۽ ٻهروپيو) ڪارخاني ۾ آيو. هو جمهوريه چيڪ جو رهواسي هو. هن اسان وٽ اٽڪل اٽويهه سال اڳ هتي ئي ڪم ڪيو هو ۽ هڪ پيري بورچيخاني جي پويان ڪاريز ۾ ڪري پيو هو. ايندي شرط ويهڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو. پر جيئن ته ويهڻ جي ڪا جاءِ ڪا نه هئي. تڏهن مون سوالیه انداز سان استاد ڏانهن نهاريو ته هن مون ڏانهن ڪنڌ ورائي چيو:

"تو وٽ سبڻ ڪرڻ جو ته ڪو هنر آهي ڪونه! سو تون وڃي سگهين ٿو. تون برطرف آهين."

ان تي مون کي ايترو ته ڊپ ٿيو جو ان خوف کان جاڳي پيس.

صبح جي هلڪي پوري روشني، بغير پردي واري منهنجي سجاتل گهر جي دريءَ منجهان ڇٽي رهي هئي. مصوريءَ جي فن جا حسين شاهڪار منهنجي "لافاني هومر" (Eternal Homer) "ديو قد دانتي" (Gigantic Dante)، "اڻ برميچندڙ شيڪسپيئر" (Incomparable Shekespeare)، شانائتو گوئٽي" (Glorious Goethe)، سمورا عاليشان ۽ امر هئا.

ٻئي ڪمري منجهان جاڳيل هارن جا سريلا، پيارا ۽ تازگيءَسان پرپور آواز اچي رهيا هئا، شايد پنهنجي ماءُ سان ڪل مذاق پئي ڪيائون. مون ائين پئي محسوس ڪيو جڙ دلڪشيءَ ۽ حسن جو هڳاءُ حاصل ڪري ورتو هجي، ڪو لوڪ گيت ڳولهي ورتو هجي. اها پرامن، شاعراڻي ۽ روح کي راحت ڏيندڙ حياتي، جنهن ۾ مان انساني خوشيءَ کي وڏي فڪر ۽ ڏيان سان محسوس ڪري سگهان ٿو.

پر هو اچا تائين مون کي آزاريندو ٿو رهي، حالانڪ مان پنهنجي استاد ڏانهن هر وقت ڏيان ڏيندو ٿو رهان، پر پوءِ به مان هن جي طرفان "برطرف ڪيل" آهيان.

ان رات مان ڪيڏو نه حيرت ۾ مبتلا هوس، جنهن ڏينهن شام جو منهنجي استاد مون کي برطرف ڪري چڏيو هو. مون سڪون مان مزو ماڻيو هو مان درزيءَ وارن ڏينهن بابت ڪو به خواب ڏسڻ نه ٿي چاهيو جنهن مون کي ڪيئي سال پوئتي ڌڪي چڏيو هو اهي ڏينهن جيڪي ڪنڌ ڪڙڻ جا هئا، ڪنهن به چلولائيءَ کان خالي هئا، پر ان جو پاڇو پوءِ به ڪيترا سال مون سان گڏ رهيو.

خوابن جو هي سلسلو هڪ اهڙي ليڪ جي خوابن تي ٻڌل آهي، جيڪو پنهنجي جوانيءَ ۾ ماهر درزي هو جنهن ۾ "خواهشن جي پورائي" جي غلبي جي شناخت ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. خواب ڏسندڙ جون سموريون پر لطف ڳالهيون ڏينهن جي وقت جون آهن. جڏهن ته سندس خوابن ۾ اڃان تائين زندگيءَ جي اداسين جو پاڇو سندس روح کي رڌاڙيندو رهي ٿو جنهن مان هو جند ڇڏائي چڪو آهي.

منهنجا پنهنجا به ڪجهه خواب اهڙي قسم جا آهن، جيڪي مون کي معمولي روشني ڏيڻ جي قابل نه هوندا آهن. هڪ نوجوان ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ مون به گهڻو وقت ڪيميائي اداري ۾ گذاريو آهي، هڪ قابل ماڻهوءَ جي حيثيت ۾، جنهن جي ان تجرباتي اداري کي گهرج هئي. ان حوالي سان مون پنهنجي جاڳ واري زندگيءَ ۾ خاص طور تي تربيت دوران ان کي ڪڏهن به صلاحيتن کان وانجهيل ۽ خفو ڏيارينڊڙ ڪم نه سمجهيو هو. ٻئي طرف مسلسل تجربي گاهه ۾ مختلف تجزين ۽ تجربن تي ڪم ڪرڻ وارا خواب وقفي وقفي سان پيا نظر ايندا هئا. اهي خواب ان ساڳئي نمونو، امتحاني خوابن جيان ناخوشگوار آهن، ۽ وڌيڪ انوکا يا واضع به نه آهن. جيتوڻيڪ مون انهن مان هڪڙي خواب جو تجزيو به ڪيو هو، پر تڏهن مون کي لفظ "تجزيو" ڏاڍو وٽندڙ هو. جڙ خوابن کي سمجهڻ جي مون کي ڪا ڪنجي ملي وئي هئي. انهن ڏينهن ۾ مان گهڻو "تجزيو ڪندڙ" مشهور هوس، ۽ هاڻي جڏهن ڪيترن ئي خوابن جو تجزيو ڪري هن منزل تي پهتو آهيان ته مان ائين چئي سگهان ٿو ته اهو رڳو تجزيو نه پر "نفسياتي تجزيو" آهي، ۽ هاڻي مان ان ڳالهه تي واضع ٿي ويو آهيان.

مان جيڪڏهن ان قسم جي تجزيي ڪرڻ جي معاملن تي پنهنجي اندر فخر کي وڌايان ته ظاهر آهي مون کي پنهنجي ڏينهن جي ڪارگذاريءَ دوران ڪاميابيءَ لاءِ محنت به وڌيڪ ڪرڻي پوندي، منهنجا خواب مون کي رات جو انهن بين خوابن جي ناڪام تشريح جي يادگيري ڏيارينڊا آهن، جن تي مون کي فخر محسوس نه ٿيندو آهي، اهي انهيءَ ماهر درزيءَ جي خوابن وانگر پوڙائي (Parvenu) جي بدسلوڪيءَ وارا خواب هوندا آهن، جيڪو هڪ ڏينهن مشهور ليڪ ٿي ويو. پر خواب لاءِ "پوڙائي جي غرور" ۽ ان جي "خود احتسابي" جي تضاد جي وچ ۾ ڪيئن ممڪن آهي ته هو ايندڙ وقت جو پاسو جهلي ۽ غير اخلاقي خواهش جي پورائي بجاءِ ڪنهن سياٽپ واري مواد جو اطلاع ڏئي؟

جيئن مان اڳي چئي آيو آهيان تہ ان سوال جو جواب تمام گھٹيون دشواريون پيدا ڪري سگھي ٿو، اسان رڳو اهو چئي سگھون ٿا تہ خواب جو بنياد "جذبات جي تصوراتي وڌاءَ" جي پھرين واقعي يا حالت سان جڙندو آهي، پر خفويا چڙ ڏيارينڊ خيال ان تي ڪنھن ٻڌي پاٽيءَ جيان هارجڻ لڳندو آهي ۽ خواب ۾ پنھنجو رستو تلاش ڪندو آهي. ٿي سگھي ٿو ذهن ۾ ويٺل ڪنھن غلط ڪاريءَ ذريعي جنسي لذت واري (Masochistic) من اڇل ياد ڏيارينڊو هجي، ۽ اها ئي من اڇل ان کي پوئتي موڪلائي پيش ڪرڻ جي ذميدار هوندي آهي. مون کي ان سطح جي خوابن تي اعتراض نہ آهي تہ اهي "خواهشن جي پورائي" ۾ فرق آڻي، "بدسلوڪيءَ وارن خوابن" جي عنوان هيٺ پيش ٿين ٿا. مان انھن کي خوابن جي صلاحيت واري نظريي طور نہ ٿو مڃان، جيڪي مون هيل تائين پيش ڪيا آهن، اهي انھن جي خاص ھوليءَ جي علم سان مصلحت کان وڌيڪ اهم نہ آهن، جيڪي دشوارين کي راحت سمجھندا آهن ۽ جيڪي ان اسرار کي ڳولھڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تہ سامھون وارو ھڪ راءِ ٿيو آهي. پر اهڙن ڪجھ خوابن کي غور سان جاچڻ کانپوءِ انھن منجھان ايجان ڪجھ وڌيڪ روشني / رهنمائي ملي ٿي.

منھنجي تجربي گاھ وارن خوابن منجھان ھڪ خواب جي غير واضع پسمنظر جو حصو ان عمر جو ھو جڏھن پنھنجي طبي پيشي ۾ ڏاڍو غمگين ۽ ناڪاميءَ جي سالن منجھان پئي گذريس. مان جيستائين ڪنھن نوڪريءَ تي نہ چڙھيو ھوس تيستائين ڪمائڻ جو ڪو واضع خيال مون ۾ پيدا ڪو نہ ٿيو ھو. پر ساڳئي وقت/ اوچتو مون تي آشڪار ٿيوتہ مون کي ڪيترن ئي ڇوڪرين مان ڪنھن ھڪ سان شاديءَ لاءِ چونڊ ڪرڻ جي آزادي آهي. تڏھن مون پاڻ کي ايجان بہ وڌيڪ جوان محسوس ڪيو ۽ پاڻ کي ھر شيءِ کان اعليٰ سمجھڻ لڳس. ۽ اها عورت بہ پاڻ کي جوان ۽ تازو توانو محسوس ڪرڻ لڳي، جنھن مون سان مشڪل سالن دوران تڪليفن ۾ ساڻ ڏنو ھو. خواب جو لاشعوري طور پڙڪائيندڙ عمل اھڙيءَ ريت ظاھر ڪرڻ لڳو جيئن ڪنھن وڏندڙ عمر جي ماڻھوءَ جي خواهشن کي باقاعدي ٽُڪي ٽُڪي ختم ڪندو آهي. تانءِ ۽ خود احتسابي جي وچ ۾ تضاد ذهن جي ھي سطح تي ڏمڙ مچائيندو آهي. ۽ اھو سچ آهي تہ اھو خواب جو ئي طئي ڪيل متن ھوندو آهي، پر اها رڳو جوانيءَ جي لاءِ تمام گھري پاڙ واري خواهش ھوندي آهي ۽ اها ئي خواهش، خواب ۾ تضاد کي ممڪن طور تي پيش ڪري سگھندي آهي.

اسان جڏھن جاڳيل ھوندا آھيون تڏھن بہ گھٽو ڪري پاڻ کي ائين چوندا آھيون تہ: "ھاڻي تہ شڪر آهي ڏينھن سٺا پيا گذرن، پر اڳي تہ ڏاڍا ڏکيا ڏينھن گذريا آھن." "سيڪجھ ساڳيو ئي آهي، اڳي بہ سيڪجھ پيارو ھو ھاڻي بہ پاڻ جوان آھيون." ھتي تحليل نفسيءَ، شخصيت کي آپي (Ego) ۽ ماڻھپي (Supper_ Ego) ۾ تقسيم ڪيو آهي، جنھن منجھان "ماڻھپي جي اھڙن "ڏوھ ڏنڊ وارن خوابن" ۾ "خواهشن جي پورائي" کي آسانيءَ سان شناخت ڪري سگھجي ٿو. ڏسو باب ستون خوابن جي عمل جو نفسياتي پھلو حصو ٽيون: خواهشن جو پورائو."

ٻئي قسم جي خوابن جو ٽولو[1] جنھن جو سفر مان پنھنجي سر گھٽو طئي ڪري آيو آھيان جن کي مان "مڪريلي، رياڪار ۽ ڍاڻن ٻڌاڪن ھڻڻ (Hypocritical) واري صورت ۾ سڃاڻان ٿو جن جي ٻيھر مطابقت انھن ماڻھن سان پيدا ڪندڙ متن ذريعي ٿئي ٿي، جن جي دوستي ڪيترا ئي سال اڳي ختم ٿي ويل ھوندي آهي. اھڙن معاملن ۾ انھن جو تجزيو سنڊس عام عادت مطابق انھن واقعن ذريعي ظاھر ٿيندو آهي، جن جي متعلق مون کي انھن جي پراڻن دوستن جي گھاٽي دوستيءَ وارين باقي بچيل يادن متعلق، انھن پراڻن دوستن کي "اجنبي يا دشمن" جي حيثيت ۾ ڪيل ورتاءَ تي غور ڪرڻ جي ضرورت پوندي آهي.

خواب بھرحال مخالف رشتن/ واسطن جو تصور چٽيندو آهي.

---

[1] مڪريلي، رياڪار ۽ ڍاڻن ٻڌاڪن ھڻڻ وارا ڪجھ وڌيڪ خواب، خاص طور ھڪ عورت جي ھم جنس پرستيءَ جي حوالي سان فرائيڊ جي مقالن جي حصي ٽئين بہ شامل آھن.

خوابن متعلق هڪ تخليقي ليکڪ جو جڙيل فيصلو ان حوالي سان مڃڻ جهڙو آهي ته ان خوابن جي تفصيل ۽ متن کي پنهنجي علم آهر غير ضروري ۽ "بتال هٿ واري حالت" جي طور تي بيان ڪيو آهي. ان حوالي سان هن جا خواب ڪيترائي ٿي مسئلا پيدا ڪندڙ آهن، جن کي هڪدم حل ڪرڻ گهرجي، پر ان لاءِ شرط اهو آهي ته ان جي متن تي پوريءَ طرح ڌيان ڏنو وڃي.

"اونو رئنڪ" مون کي ان ڳالهه جي نشاندهي ڪرائي آهي ته: "گرمس جي پرين جي آکاڻين ۾: "ننڍڙو درزي" (The Little Tailor) ان ساڳي "پوڊائي (Parvenu) واري متن جهڙو خواب آهي. "درزي ان ڪهاڻيءَ جو نائڪ آهي ۽ بادشاهه جو نياڻو آهي، هڪ رات هو پنهنجي پراڻي هٽ جي هنر جو خواب ڏسي ٿو ته هو پنهنجي زال (شهزاديءَ) جي پر ۾ ويٺو آهي، هوءَ ڪجهه بدگمان آهي، هوءَ سندس خواب جا اکر پڙي، ٻيءَ رات مسلح سپاهين ذريعي کيس قيد ڪرائي ٿي، پر ننڍڙو درزي ان ڳالهه کان آگاهه آهي ته سندس خواب سچو آهي."

"بيڪار تصور ڪري ڇڏڻ جي مونجهاري وارو طريقو"، ان خيال کان گهٽتائيءَ وارو ۽ پوئتي مڙيل هوندو آهي جو اهو خوابي خيالن تي اثرانداز ٿيندو آهي ۽ خوابي خيال آخرڪار خوابن جي مناسب ترڪيبي اسلوب ذريعي ان کي مطمئن ڪري سگهڻ لاءِ انهن کي خواب جي پاسي موڙي وٺندو آهي، ۽ ان ريت اهي مڪمل طور تي تجزيو ڪيل هوندا آهن.

مان هتي "خوابن ۾ جذبن جي اظهار" متعلق ڪجهه وڌيڪ مثال پيش ٿو ڪريان، جن ۾ ڪجهه شمار ڪيل امڪان مون ڳولهي ورتا آهن:

(ٽ)

جيڪڏهن اسان "پوڙهي بروڪيءَ" جي منهنجي پنهنجي "ڊونگري" جي وڊڪت بابت ڏنل عجيب ڏميداريءَ واري خواب ڏانهن ٿورو پوئتي موٽي اينداسين ته اسان کي ياد ايندو ته ان خواب ۾ مان پاڻ ڏيڃاريندڙ احساس (Grauen) جي دعويٰ ڪرڻ کان بلڪل عاري هوس. هاڻي ڏسو ته اهو هڪ خيال کان منهنجي "خواهش جو پورائو" ڪندڙ احساس هو. وڊڪت جو مطلب هو: "خود شناسي يا پنهنجي شخصيت جو تجزيو"، جنهن جي سهاري مان هلان ڪريان پيو. جهڙوڪ خوابن جي هن ڪتاب جي شايع ڪرائڻ جي سلسلي ۾ جيڪي ايذاءَ پوڳٽا پيا آهن ته سچ پچ ته ڪڏهن ڪڏهن دل چوي ٿي ته هن اختتام پذير تحرير کي شايع ڪرائڻ جي خيال کي ڪجهه سالن لاءِ ملتوي ڪري ڇڏيان. پوءِ هڪ خواهش منهن ڪڍي ٿي ته مون کي انهيءَ "خفو ڏيارينڊڙ احساس" کي تيستائين روڪڻ گهرجي، جيستائين اهو احساس خواب ۾ ڪنهن "خوفناڪ" (Grauen) حد تائين نه ٿو رسي، ان لفظ (Grauen) جي پي معنيٰ مطابق "مان وڌندڙ اڃاڻ کي نظرانداز ڪرڻ تي خوش هوس"، ۽ "اڃاڻ" منهنجي وارن جي يادگيري ۾ ڏياري رهي هئي ته مون کي ڪنهن به صورت ۾ دير ڪرڻ نه گهرجي. ۽ آخرڪار پنهنجي هارن لاءِ هڪ خيال ايري ٿو ۽ ته انهن کي منهنجي مشڪل سفر واري منزل ڏانهن هلڻ تي غور ڪرڻ گهرجي ۽ ائين خواب جو اختتام ٿئي ٿو.

هاڻي اچو ته انهن ٻن خوابن تي وڌيڪ غور ڪريون، جن ۾ "اطمينان جي تاثر" منهنجي جاڳڻ کانپوءِ ترتيب بدلائڻ جو طريقو اختيار ڪيو.

هڪڙي خواب جي معاملي ۾ اطمينان جو ڏنل سبب "اميد رکڻ" آهي، جنهن جي ڪوجنا مون هاڻي ڪئي آهي ته ان جو ڪهڙو مطلب آهي؟ جو مون اهو خواب اڳ ۾ ڏٺو آهي، جڏهن ته حقيقت ۾ اهو اطمينان مون کي، منهنجي پهرين هار جي پيدائش جي حوالي سان هو.

ٻئي معاملي ۾ ظاهر سبب منهنجو ويساهه هو ته اها ڪنهن مرض جي سلسلي ۾ پيشنگوئي (Prognosis) هئي، جيڪا هاڻي سچ ثابت ٿي هئي، جڏهن ته حقيقي حوالو ان پوئين خواب جهڙو ئي هو جنهن ۾ منهنجي ٻئي پٽ جي جنم متعلق

آجيان جي خوشي هئي. هتي جذبن، جن "خوابي خيالن" جي مخالفت جي باوجود خوابن ۾ چڙهت پئي ڪئي، پر اهو چوڻ وڌيڪ سچيت آهي ته خواب شين کي رڳو سادو ڪري پيش نه ڪندو آهي. اسان جيڪڏهن صرف هن تشريحن تي ٿوري وڌيڪ گهرائيءَ سان غور ڪري ڏسنداسين ته اهو "اطمينان" ڪاڻ ڪوڻ کان فرار ٿي، ڪنهن ٻئي وسيلي/ لنگهه ذريعي پهتو آهي. ان ٻئي وسيلي کي ڪاڻ ڪوڻ جي ڊپ جا پنهنجا بنياد آهن، ۽ جيڪڏهن اهو پاڻ کي ساڳيءَ شڪل ۾ نه لڪائيندو ته ان جا نتيجا پڪ سان مخالفت کي ايارڻ جو ڪم ڪندا، ۽ "اطمينان" جا جائز تاثر انهيءَ "وسيلي" سان ايري، پنهنجي حد منجهان ترڪي اچي ان سان ملندا جيڪي اجازت جي قابل هوندا آهن.

اتفاق سان، مان انهن خوابن جي اصل معاملن کي ثابت نه ٿو ڪري سگهان، پر زندگيءَ جي ٻين شعبن منجهان مثال ڪٽي پنهنجو مقصد بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس، جيئن هي مثال ونو:

منهنجو هڪ ساٿي وارو شخص هجي، جنهن کي مان پسند نه ڪندو هجان. ان ڪري هن کي جيڪڏهن ڪا تڪليف رسندي ته ظاهري طور تي مون ۾ خوشيءَ جو احساس ضرور پيدا ٿيندو، پر منهنجي فطرت جو اخلاقي پهلو منهنجي ان جذبي کي رستو نه ڏيندو. اخلاقي طور تي مان پنهنجي ان خواهش جو اهو اظهار نه ڪري سگهندس ته هو ته ڪو وڏو بدقسمت آهي! ۽ جيڪڏهن هو بنا ڪنهن ڏوهه جي ڪنهن شامت يا بدنصيبيءَ ۾ مبتلا ٿي ٿو وڃي ته مان پنهنجي اطمينان جي جذبي کي دٻائي ونندس، ۽ پنهنجي خيالن تي دٻاءُ وجهندس ۽ اندر ۾ افسوس جي ڪيفيت محسوس ڪندس. منهنجو خيال آهي ته هر شخص اهڙين حالتن مان گذريو هوندو ۽ ڪڏهن نه ڪڏهن ائين ضرور محسوس ڪيو هوندو.

پوءِ ڇا ٿو ٿئي؟

اهو شخص جنهن کي مون پسند نه ٿي ڪيو پنهنجي ئي ڪنهن غلطيءَ سبب واقعي ڪنهن اٽوٽ معاملي ۾ قاسي پيو هجي، ته مان پنهنجي اطمينان وارن خيالن جي لغام کي ڍلو ڪري ڇڏيندس، ۽ دل ۾ سوچيندس ته ڇڪو ٿيو جو هن کي اها سزا ملي، ۽ مان پاڻ ئي ٻين ڪيترين ماڻهن وانگر منصف مزاج سمجهڻ لڳندس. بهرحال مان مشاهدو ڪري سگهندس ته مون کي "منهنجو اطمينان" انهن ٻين ماڻهن کان وڌيڪ پرپور نظر ايندو ۽ جيستائين ان جذبي جو اظهار نه ٿيندو اهو تيستائين منهنجي نفرت واري رضامنديءَ ذريعي مون وٽ جمع ٿيل هوندو. پر ڪاڻ ڪوڻ يا گهٽائڻ وارين عملي حالتن ۾ اهي جذبا گهٽي دير تائين جڏاءُ نه ڪري سگهندا آهن.

سماجي زندگيءَ ۾ اهو رويو، سان کي عام جام نظر ايندو آهي، ۽ گهٽو ڪري تڏهن، جڏهن ڪيني، دشمني، ڏڪار ۽ ڪراهت جو اظهار ڪندڙ ماڻهو يا غير معروف اقليت جا ڪارڪن، غلط ڪمن ۾ ملوث هوندا آهن. انهن جون سزائون انهن جي غلط ڪارين جي اصولن سان تعلق نه رکنديون آهن، پر سندن غلط ڪارين ۽ سندن ننڍيءَ دل واريون سوچون اصول ۽ قانون جي خلاف ورزي ڪنديون آهن. انهن کي پنهنجي ڪيل نتيجن جي به پرواهه نه هوندي آهي.

ان ۾ ڪوشڪ نه آهي، ۽ اهو سچ به آهي ته جيڪي سزا جو ايذاءُ به سهن ٿا پوءِ به اهڙي عمل ۾ ملوث رهن ٿا، اهو ان ڪري جو اهي اطمينان جي حوالي سان، گهٽي عرصي کان اندر ۾ دٻايل جذبن جي نيڪال جي نتيجن کان آگاهه نه هوندا آهن. اهڙن معاملن ۾ "جذبو" پنهنجو خصوصيت جو جواز رکي ٿو پر مقدار جي حوالي سان وانجهيل رهي ٿو ۽ خود احتسابي، جيڪا انهن کي هڪ نڪتي تي رسائي ٿي، اها رڳو ٻئي جي سلسلي ۾ آزمائش يا امتحان کي نظرانداز ڪرڻ جي سگهه پيدا ڪري، ۽ ان سلسلي ۾ جيڪڏهن هڪ پيرو اهو دروازو ڪولبو ته پيا به ڪيترائي ماڻهو پنهنجو رستو ناهي امن ۽ محبت جي گهر ۾ اچي پهچندا.

اعصابي خلل جي ڪردار سازيءَ ۾ نمايان نشاني، حقيقت ۾ اها آهي ته "جذبي کي اظهارڻ لاءِ هڪ اهليت رکندڙ سبب" انهيءَ جي نتيجي کي موزون انداز سان پيش ڪرڻ آهي، جيڪو خاصيت يا قابليت جي لحاظ کان قابل قدر هجي ۽ تائيدي ثبوت ڏيندڙ هجي، پر گڏوگڏ تمام گهٽين صلاحيتن جو حامل هجي، پوءِ انهن جي، ساڳين نڪتن ذريعي وضاحت ڪري سگهجي ٿي، ته جيئن ڪنهن حد تائين نفسياتي وضاحت کي به قبول هجي.

گھٽائي، گھٽو ڪري "جذبي" جي انهن "ذريعن" منجهان اپري ٿي، جيڪي يادن ۾ گذريل وقتن تي، لاشعوري طور ڏيايل صورت ۾ رهجي ويل هوندا آهن. اهي "ذريعا" لاڳاپيل واسطيداريءَ وسيلي، حقيقي اجراءَ واري ترتيب ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيندا آهن، ۽ اها جاري ٿيل ترتيب، جذبي جي انهن بين ذريعن منجهان ناقابل اعتراض ۽ جائز مطلب وارو رستو کولينديِ آهي.

هاڻي اچو تہ انهن اشارن/ تجويزن کي، نفسياتي جوڙجڪ تي لاڳو ڪريون ۽ ڏسون تہ "جذبي جو اظهار" خوابن ۾ ڪيئن ٿو ٿئي.

"اطمينان" جيڪو خوابن ۾ اظهار جي ٿو ۽ اظهار ڪري سگهي ٿو اهو هڪدم "خوابي خيالن" جي ان جاءِ ڏانهن ڏيان ڏيندو آهي، جيڪا گھٽو ڪري/ همیشہ ڪنهن حوالي طور مڪمل نموني نروار نہ هوندي آهي. انڪري اصول مطابق ان کي "خوابي خيالن" جي ٻئي ۽ ان وسيلي ڏانهن نهارڻ جي ضرورت پوندي آهي. جيڪو ڪات ڪوٽ جي دباءَ هيٺ هوندو آهي. ان دباءَ جي نتيجي ۾ اهو ذريعو/ وسيلو "اطمينان" سان نہ پر عام رواجي انداز ۽ غير موافق/ الٽي نتيجي سان پيش ٿيندو آهي. جذبي جي پهرين "ذريعي" جي موجودگيءَ جو هجڻ بهرحال ضروري آهي، ان ڪري ٻيو ذريعو "اطميناني تاثر" جي دباءَ تان هٽ ڪڍڻ لاءِ تيار ٿيندو آهي ۽ اهو پهرين ذريعي پاران "اطمينان" متعلق زور ونائڻ يا تيز ڪرڻ جي عملي اجات ڏيندو آهي. اهڙيءَ ريت اهو "جذبو" خوابن ۾ ڪيترن ئي ذريعن جي وفاق جي سنگم سان پيش ٿيندو آهي ۽ خوابي خيالن جي مواد جي حوالي سان پختي هجڻ جا گھٽا ئي جواز رکندڙ هوندو آهي.

خواب جي ڪم دوران، جذبن جا ذريعا، جيڪي هڪجڙائيءَ جي تاثر پيدا ڪرڻ جي قابل هوندا آهن، اهي گڏجي انهن کي تخليق ڪندا آهن.

اسان تجزيي جي حوالي سان انهن مونجهارن کي سمجهڻ لاءِ ٿوري اندروني ساجاهہ حاصل ڪري چڪا آهيون. خاص طور ان خواب جي سلسلي ۾ جنهن ۾ جملو: "هو زنده نہ رهندو" (Non Vixit) ادا ٿيل هو. جيڪو اصل ۾ منهنجي ٻاراڻي عمر ۾ اهو ٻاتي نموني (Non Vivit) يعني "هو مئل آهي" ادا ڪيو هو. ان خواب ۾ جذبي جي وضاحتن جون مختلف خاصيتون، متن جي پيشڪش جي ٻن نڪتن: هڪ ورودي (Hostile) ۽ ٻيو ايذائڻ يا ڏک پهچائڻ، تڪليف (Distressing) جي احساسن تي، اجنبي جذبات جي سرسي حاصل ڪرڻ جي ذريعي گڏ ٿيون هيون. اهي اجنبي جذبات خواب ۾ لفظن جي صورت ۾ پاڻ هر تو استعمال ٿيا هئا، جن جون ڪڙيون ان نڪتي تي اچي ٻيٽيون هيون. ۽ مون انهن ٻن لفظن سان پنهنجي حريف دوست جي مئل هجڻ جو اعلان ڪيو هو. ۽ خواب جي آخر ۾ وري ڏاڍو سرهو هوس ۽ مون ان جي امڪان کي مڃيو ۽ مون ڄاتو پئي تہ جاڳ واري حالت ۾ ان جي مرڻ ڪانپوءِ روح جي صورت ۾ موٽي اچڻ يقينن هڪ اجايو خيال هو جيڪو فقط تصوراتي خواهش ذريعي ئي محسوس ڪري سگهجي ٿو.

مون ايجان خواب جي جلد جوش ۾ اچڻ واري حالت (Excitability) جي سبب کي شامل نہ ڪيو آهي. اهو هڪ نهايت اهم ۽ خواب کي انتهائي غور سان سمجهڻ جي رهنمائي ڪندڙ عنصر آهي. مان برلين شهر ۾ پنهنجي هڪ دوست "فليس" کان پڌو هو تہ هو آپريشن ڪرائڻ جي لاءِ پئي ويو پر وڌيڪ خبر چار ويانا جي سندس ويجهن مائٽن کان ملي هئي. هن جي آپريشن کان پوءِ جا پهرين خبر مون تائين پهتي هئي، اها ايتري پروسي جوگي نہ هئي، جنهن ڪري مون کي ڳڻتي محسوس ٿيڻ لڳي. پوءِ مون وٽس وڃڻ وڌيڪ بهتر سمجهيو پر اوچتو ان وقت مان پاڻ هڪ اهڙي سخت سور ۾ مبتلا ٿي ويس جو چرڻ پرڻ بہ تڪليف ڏئي رهيو هو.

سوچ! مون کي ان وقت اطلاع ڪيو تہ مان پنهنجي دوست جي حياتيءَ لاءِ فڪرمند آهيان. هن کي رڳو هڪ پيڙ هئي، جنهن کي مان نہ سيڃاڻيندو هوس. ۽ مون کي رڳو ايتري خبر هئي تہ اها پنهنجي جوانيءَ ۾ ئي ڪنهن مختصر علالت کانپوءِ فوت ٿي وئي هئي: "خواب ۾ فليس پنهنجي پيڙ متعلق ڳالهائي رهيو هو ۽ چئي رهيو هو تہ هوءَ ڪلاڪ جي ٽئين حصي ۾ گذاري وئي هئي." مون ان ڪري ائين سمجهيو هو تہ شايد پيڙ وانگر هن ۾ بہ مدافعت نہ هجي ۽ هن جي متعلق ڪا ڏک جهڙي خبر اچي ٽڪاءَ

ڪري، ان ڪري مون کي ضرور سفر ڪري وڻس وڃڻ گھرجي. پر مان ديرسان پھتس. جنھن لاءِ مان پاڻ کي ندامت جي احساس کان روڪي نہ سگھيس.[1]

"ديرسان پھچڻ" پڻ خواب جو مرڪزي نڪتو ٿي ايريو ھو پر اھو "بروڪيءَ" جي ان منظر جي ذريعي نمائندگي ڪري رھيو ھو جڏھن ھو منھنجي شاگرديءَ واري زماني ۾ منھنجو شاناڻتو استاد ھو. جنھن پنھنجي گھوريندڙ نيرين اکين سان ڏيڃاري ڇڏيو ھو.

ان کان جلد ئي پوءِ اھو خيال فليس جي حوالي سان. ان انداز سان ايري آيو ھو. اھو منظر (بروڪيءَ سان) جنھن جو مون کي تجربو ٿيو ھو. خواب پنھنجي ترتيب ذريعي اھو ٻيھر پاڻ پيش نہ ڪيو ھو. پر ڪنھن ٻي تصوير خواب ۾ نيرين اکين کي اڇڻ جي اجازت ڏني ھئي. جنھن مون کي تباھيءَ وارو ڪردار سونپيو ھو. اھو ابتو سلسلو حقيقت ۾ منھنجي خواھشن جي پورائي لاءِ ھو.

پنھنجي دوست جي تندرستيءَ متعلق منھنجي ڳڻتي. ۽ منھنجو وڻس نہ پھچڻ. ان لاءِ ندامت محسوس ڪرڻ. تہ ھو خاموشيءَ وچان مون کي ڏسڻ لاءِ ويانا آيو ھو. ان حوالي سان جنھن ضرورت کي مون محسوس ٻڌي ڪيو اھا منھنجي پنھنجي بيماريءَ متعلق پاڻ کان معافي وڃڻ جي ھئي. انھن سمورين سوچن گڏجي جذبات جو ھڪ طوفان پيدا ڪيو ھو. جنھن کي نند ۾ مون چٽيءَ ريت محسوس ڪيو ھو. ۽ اھو ئي سوچون. خوابي خيالن جو دائرو ٻڌيل ھيون.

پر خواب جي جوش ايارڻ جو ڪو ٻيو سبب بہ ھو. جنھن مون تي بنھہ ابتڙ اثر ڪيو ھو. اھو آپريشن کان ڪجھہ ڏينھن پوءِ آيل طبي چڪاس واريون ناسازگار پرچيون ھيون. جنھن لاءِ مون پابندي لڳائي ھئي تہ انھن جو ذڪر ڪنھن سان نہ ڪيو وڃي. طبي چڪاس وارن انھن ڪاغذن جي ڪري منھنجي طبيعت ۾ بدمزگي پيدا ٿي پئي ھئي. ڇاڪاڻ تہ انھن ڪاغذن منھنجي مرضيءَ جي خلاف ھڪ غير ضروري تباھيءَ جو ڏس پئي ڏنو.

مون ڄاتو پئي تہ اھي ھدايتون منھنجي دوست جي طرفان اظھاريل نہ ھيون. پر بي شعوري يا وڌيڪ ڳڻتيءَ جي ثانوي عمل جي حوالي سان ھيون. پر انھن جي ويس بدلائڻ واري رويي جي ڪري مان نھايت ڳڻتيءَ ۾ پئي ڳريس. ڇاڪاڻ تہ اھو سيڪجھہ بنا جواز جي نہ ھو.

جيئن تہ اسان سيئي ڄاڻون ٿا تہ اھو رڳو ندامت محسوس ڪرڻ جو ئي معاملو آھي. ۽ اھو ئي احساس ماڻھوءَ کي پريشان ڪري ڇڏيندو آھي. منھنجي ذھن ۾ جيڪي ڪجھہ بہ موجود ھو اھو سچ آھي تہ اھو منھنجي انھيءَ دوست سان نہ پر منھنجي زندگيءَ جي شروعاتي دور سان سلھاڙيل ھو.

ان موقعي تي مان پنھنجي پن دوستن جي وچ ۾ نھايت مشڪل محسوس ڪئي ھئي. اھي ڪنھن بحث ۾ پئجي ويا ھئا ۽ ھڪ ٻئي سان غير ضروري پئي ڳالھايائون ۽ ان وقت شرم مون کي پئي آيو. اھي ٻئي منھنجي ذھن ۾ اڃان بہ موجود ھئا. انھن ٻنھي

---

[1] اِھو اُھو تصور ھو جيڪو لاشعوري طور سوچن جي حصي مان جڙيو ھو جنھن نھايت تيزيءَ سان (Non Vixit) يعني "ھو زنده نہ رھندو" جي جاءِ تي (Non Vivit) يعني ھو مئل آھي" جي گھر ڪري ورتي. "تو اچڻ ۾ دير ڪئي"، "ھو گھڻي دير جيئرو رھي نہ سگھيو" مان گذريل صفحن تي بيان ڪري آيو آھيان (ڏسو باب ڇھون: خواب جو عمل: حصو ڇھون: ضبط ڏاڻ يا تشدد) تہ (Non Vivit) يعني "ھو مئل آھي" واري جملي جي خوابي پيشڪش کي ضرورت ھئي.

دوستن مان هڪ "پروفيسر فليشل" هوءِ ٻئي کي مان "جوزف" جي نالي سان بيان ڪري آيو آهيان. منهنجو دوست ۽ خواب ۾ حريف جي صورت ۾ پيش ٿيل اهو "پ" ئي آهي.[1] ۽ اهو خواب جي گهٽائڻ ۽ هڪ جي بجاءِ ٻي جاءِ تي رکڻ جو عمل آهي.

منهنجي تازن ڏينهن وارو خوف، جيڪو طبي چڪاس وارين پرچين ڏيکارڻ جي پابندي (فليس جي بيماريءَ جي سلسلي) سان وابستا هو ته اهي ڪٽي ڪنهن ٻي جاءِ تي نه پهچي وڃن. ان ۾ منهنجو ورڌي خيال به ٿي سگهي ٿو جيڪو منهنجي نڊيپڻ کان هلندو آيو هو. جنهن متعلق مون اڳ ۾ بيان ڪيو آهي ته مان پنهنجي هڪ سال وڌي پائٽيي سان گهري گهاتي پيار جي باوجود دشمني جي سوچ رکندو هوس. منهنجو پائيٽيو خو.ن ۾ به نظر ايندو هو خاص طور سيزر ۽ بروٽس جي ڌارامي واري خواب جي سلسلي ۾. حالانڪ منهنجي پنهنجي طبيعت ۾ نفرت ڪرڻ جا جزا نه هئا ۽ مان سدائين پنهنجي دوستن کي تازرو توانو ڏسڻ جي خواهش رکندو هوس.

خوابن جي تجزيي جي سلسلي ۾ اسان ائين سمجهي سگهون ٿا ته: بالڪپڻي واري يادگيري ور ور ڪري اچي ٿي ۽ ڪجهه ٻين ڳالهين سان گڏ هڪ پختي تصور ۾ بدلجي وڃي ٿي. ٻن دوستن جو ڪنهن معامي تي جهيڙو هو (ڪهڙو معاملو هو اهو ان سوال تي منحصر آهي، جيئن ته يادگيري يا نام نهاد يادگيري ان ۾ چٽي ڏسي سگهجي ٿي). هرهڪ کي هڪ ٻئي تي صبغت حاصل ڪرڻ جو جوش هو ۽ جيستائين خواب جو تعلق هو ته مان ڄاڻان ٿو ته مان غلط هوس (مون پاڻ پنهنجي غلطيءَ کي ميڃيو).

منهنجي ڏاڏي مون کي ڏڪو ڏيندي چيو ته "تو هن کي ماريو آهي." جنهن تي مون پنهنجو بچاءُ ڪندي چيو ته: "مون هن کي ان ڪري ماريو آهي جو اڳ ۾ هن مون کي ماريو هو."

خوابي خيال چوي ٿو ته: "جيڪڏهن اوهان مون کي رستو ڏيندءِ ته مان درست نموني ۾ اوهان جي خدمت ڪري سگهندس. اوهان چوٽا مون کي ڪنهن ٻئي رستي تي اڇلائي ڇڏيو جي ائين آهي ته پوءِ مون کي به توهان جي ضرورت نه آهي! مان ڪنهن ٻئي سان ڪيڏي ونندس."

اهڙيءَ طرح خيال جنهن رستي تي هلڻ لڳندا آهن، ته انهن جي نمائندگي به خوابن جي رهنمائيءَ ۾ ائين ٿي ٿيندي آهي. اُهو اُهو وقت هو جڏهن مون پنهنجي دوست جوزف (پ) سان به ساڳئي قسم جي ڳالهه تي، گهٽ وڌ ڳالهايو هو. هو بروڪيءَ جي تجربيگاهه ۾ استاد جي حيثيت سان منهنجي ئي نقش قدم تي پئي هليو. حالانڪ ملازمت جي ترقي، طويل ۽ بيزار ڪندڙ هئي ۽ نه ئي بروڪيءَ جي تجربيگاهه وارا ۽ مددگار پنهنجي جاءِ تان سُرڻ جي خيال ۾ هئا، پر هي نوجوان ڏاڍو بي صبر هو. ان دوران هن کان متيري عهدي وارو پروفيسر فليشل بيمار ٿي پيو ۽ "پ" جي خواهش هئي ته ڪيس هر صورت ۾ پلي ته خراب معنائن ۾ ئي، سندس ترقي ٽيڙ گهرجي. هن جو اهو خيال نامعقول نه هو چاڪاڻ ته ڪجهه سال اڳ مون پاڻ ملازمت واري هڪ خالي جاءِ کي پرڻ لاءِ اهڙي اتساهيندڙ خواهش کي اندر ۾ سانڍيو هو. ڏنو اهو ويو آهي ته جتي به اهڙي عهدي يا ترقيءَ جي ڳالهه هوندي آهي ته خواهشن جو رستو ڪلي پوندو آهي ۽ ائين انهن کي دٻائڻ جو سڌ به پڌڻو پوندو آهي.

---

[1] ان موضوع جي متعلق "برن فيلڊ (Bernfeld_ 1944) جي مقالي ۾ به حقيقتون آندل آهن. ان وقت فرائيڊ "بروڪي جي تجربيگاهه" ويانا جي نفسياتي اداري ۾ 1876 کان 1882 تائين ڪم ڪندو هو. ارنيسٽ بروڪي (1819 کان 1892) ان جو مڪيه نگران هو. فرائيڊ واري دور ۾ ان جي ٻن مددگارن مان هڪ سگمنڊ ايزنر (Smund Exner_ 1846_1925) هو ۽ ٻيو ارنيسٽ فليشل وارن مارزوو (Ernst Fleischl von Marxow_ 1846_91) هو جيڪي ڏه ڏه سال فرائيڊ کان وڏا هئا. فليشل پنهنجي عمر جي آخري سالن ۾ جسماني بيماريءَ سبب وڏي تڪليف ۾ گذاريو. جوزف بريوئر (Josef Breuer_ 1842_1925) سان به فرائيڊ جي ان نفسياتي اداري ۾ ملاقات ٿي هئي، جيڪو فرائيڊ کي "جنسي بيمارين جي اپياس" (Studies on Hysteria_1895) ۾ مدد ڪندو هو. ۽ ٻيو "جوزف" هن موجوده تجزيي ۾ شامل آهي. پهريون "جوزف" فرائيڊ جو مرحوم دوست ۽ حريف "پ" يعني جوزف پينيٽ (Josef Paneth_ 1857_90) هو جنهن نفسياتي اداري ۾ فرائيڊ جي مقابلي ۾ نمايان ڪاميابي حاصل ڪئي هئي (ارنيسٽ جوزف بابت باب: ڏسو فرائيڊ جي سوانح حيات (1953) ۾.)

شيڪسپيئر واري "شهزادي هال" ۾ پنهنجي پيءُ جي بيمار ٿيڻ تي تاج پائڻ لاءِ ڪا مزاحمت نه ڪئي هئي،[1] پر هن کي اميد ضرور هئي، سو خواب مون کي نه پر منهنجي دوست کي خواهش جي سلسلي ۾ سندس طبيعت جي سختيءَ جي سزا پئي ڏني.[2]

"جيئن ته هو نهايت جذباتي هو پر مون کيس موڙي ورتو."[3] جيئن ته هو ڪنهن ٻئي جي هٿ جو انتظار نه پئي ڪري سگهيو ان ڪري هو پاڻ هٿي ويو. ۽ اهي منهنجا ئي خيال هئا، جيڪي پنهنجي يادگار يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿيڻ کان هڪدم پوءِ مون سوچيا هئا، اهي خيال هن جي متعلق نه هئا پر ڪنهن ٻئي شخص جي لاءِ هئا، ان ڪري مون خواب ۾ اطمينان کي محسوس ڪيو هو. خوابي خيال جي تشريح اها ئي آهي ته هو چوي ٿو ته: "ڪنهن سزا وانگر ئي سهي، مان توهان جي درست ڏس ۾ صحيح خدمت ڪري سگهان ٿو."

پر خواب جي چنبڇاڙ واري عمل جو ڇا ٿيو؟

اهو انهن پاڻڀٽي وارين ببباڪ سوچن جي وهڪري جي خلاف پنهنجي طاقتور اعتراض کي اپاري چو نه سگهيو؟ ۽ ان اطمينان کي تبديل ڪري، ان خيالن جي وهڪري کي، غير اطميناني احساس ۾ تبديل چو نه ڪيو؟

ان جي وضاحت هن ريت آهي ته مان سمجهان ٿو ته خيالن جا ٻيا اعتراض جوڳا وهڪرا، ساڳئي ماڻهوءَ جي ڳاندياپي سان، ساڳي ئي اعتراض کي ڳولهيندا آهن. ۽ پنهنجي جذبي جي ان ڪيفيت واري نظاري ۾ ظاهر ٿيندا آهن. جيڪي بالڪپڻي جي لڪل پاسن کان اپري ايندا آهن.

ريتن رسمن دوران منهنجا ٻيا سماجي ۽ معاشي خيال، يادن جي جهروڪن مان ليئا پائيندا آهن. ۽ مان انهن جي چرندڙ پرندڙ پاڇن ۾ سوچيندو آهيان ته ڪيترا نه قدر وارا دوست مون کان الڳ ٿي ويا آهن. ڪي مري ويا آهن ته ڪي لاڳاپن جي ٽٽڻ سبب وڇڙي ويا آهن. پوءِ به اها منهنجا خوشنصيبي آهي جو مون انهن جا نعم البدل ڳولهي ورتا آهن، جن مون کي اهو ڪجهه ڏنو آهي، جيڪو شايد ئي ڪو ٻيو ڏئي سگهي، سو به زندگيءَ جي اهڙي موڙ تي جتي نئين دوستي آساني‌ءَ سان جڙي نه ٿي سگهي، پر مان ان وٽ کي ڪڏهن نه ڇڏيندس منهنجي اطمينان، منهنجي وڇڙيل دوستن جي نعم البدل ۾ قرار حاصل ڪيو آهي، جن کي خوابن ۾ اچڻ جي ڪا به جهل پل نه آهي، پر انهن جو ڪسڪي وجهڻ، پاڻ سان گڏ ننڊپيڙ وارو وروڌي اطمينان آڻي اڳيان ٿو رکي. ان ۾ شڪ نه آهي ته ننڊپيڙ جا لاڳاپا، منهنجي همعصرن لاءِ وڌيڪ قوت ڏيندڙ ۽ جواز سان پرپور لاڳاپن جو بنياد فراهم ڪندڙ ثابت ٿين ٿا ۽ اها ٻاراڻي ڪاوڙيا نفرت پڻ پنهنجي نماندگي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿي.

ان حوالي سان اهو به چئي سگهجي ٿو ته بهرحال خواب! خيالن جي ٻئي وهڪري جي هڪ چتي تصور تي ٻڌل هوندو آهي، جيڪو نهايت جائز نموني، اطمينان جي رهنمائي ڪندو آهي. ٿورو وقت اڳ، هڪ ڏکڻي عرصي جي اميد ڪانپوءِ منهنجي هڪ دوست (فليس) کي ڏيءَ جائي آهي. مان جاڻان ٿو ته هو پنهنجي جلدي وڇڙي ويل پيٽ جي موت تي ڪيتري نه گهرائيءَ سان غمگين هوندو. مون ان ڳالهه کي لکي ڇڏيو آهي، پوءِ ڪيس ٻڌائيندس ته ۽ مون کي اميد آهي ته هو پنهنجي پيٽ لاءِ اڻاهه پيار کي محسوس ڪري ان ٻار، کي پنهنجي چاتيءَ سان لڳائيندو ۽ اها ٻارڙي پنهنجي وجود سان سندس نه پرجندڙ خال کي آخرڪار پري ڇڏيندي.

---

[1] هينري چوٿون، ايڪٽ چوٿون، منظر پنجون.

[2] اهو به ڏيان ۾ رکڻ گهرجي ته "جوزف" جي نالي منهنجي خوابن ۾ روڊو ڪردار ادا ڪيو آهي (ڏسو منهنجي چاچي متعلق خواب: باب چوٿون: خوابن ۾ تاثر جو بگڙجي وڃڻ جي ابتدائي صفحن ۾) منهنجو پنهنجو "آپو" (Ego) خود انهيءَ ماڻهوءَ جي نالي پويان لڪل ڏسي سگهجي ٿو جڏهن ته جوزف (حضرت يوسف عليه السلام) هڪ اهڙي معروف ۽ معتبر نبيءَ جو نالو آهي، جيڪو بائيبل ۾ خوابن جي تشريح ڪندڙ جي حوالي سان مشهور آهي.

[3] بروٽس جو جملو: جوليئس سيزر ايڪٽ ٽيون، منظر ٻيون.

اهڙيءَ ريت خيالن جو اهو مجموعو ٻيهر خواب جي لکل متن ۾ ثانوي خيالن سان جڙي ٿو جتان لاڳاپيل رستو التي رخ ۾ مڙي وڃي ٿو:

"کوبہ خيال اٽمت نہ هوندو آهي."

ظاهر ۾ کا بہ شيءِ نہ نظر نہ ايندي آهي پر پوءِ بہ موتي اچڻ جهڙي هوندي آهي. ۽ اهو سيکبھ بہ جيکو اسان ماضيءَ ۾ وڃائي چڪاسين، سو بہ موتي ايندو آهي.

۽ هاڻي سوچن جي اختلافي عنصرن جي وچ واريون لاڳاپيل ڪڙيون، منهنجي دوست جي ويجهي حقيقت ٻڌجي ويون آهن، جو هن پنهنجي ڏيءَ جو نالو بہ اهو ئي رکيو آهي جنهن سان مان ننڍي هوندي راندين کيڏندو هوس. جيکا هاڻي منهنجي عمر جي ٿي وئي آهي، ۽ اها ئي منهنجي پراڻي دوست/ حريف جي پيڙ آهي. ان وقت مون کي ڏاڍي خوشي محسوس ٿيڻ لڳي، جڏهن مون کي خبر پئي تہ ننڍڙيءَ جو نالو "پائولين" رکيو ويو آهي. ان اتفاقي تصور هڪ جوزف جي جاءِ تي خواب ۾ ٻئي جوزف کي پيش ڪيو. هتي منهنجي خيالن، منهنجي پنهنجي ٻارن جي نالن کي موضوع ٻڌايو آهي. "ٻارن جا نالا بہ جڙ کي روح جيان موتي ايندا آهن." ۽ بهرحال مون تي انهن جو ئي اولڙو هو. چاڪاڻ تہ ٻاراڻپي وارو رستو بہ جهڙوڪر امر رستو هجي!

ٻئي نڪتي نگاهہ سان خوابن ۾ جذبن جي متعلق ڪجهہ ٻيا بہ حوالا موجود آهن. نند ۾ ستل ماڻهوءَ جي ذهن ۾ جيکي غلبو ڪندڙ عنصر ٿين ٿا، تي سگهي ٿو تہ اهي ائين جڙندا ۽ قائم ٿيندا هجن جنهن کي اسان مزاج، ڪيفيت (Mood) يا ڪنهن جذبي جو لاڙو سڏيندا آهيون ۽ اهي خوابن تي اثرانداز ٿيندا هجن. ان قسم جو مزاج ماڻهوءَ جي ڏينهن جي دوران ٿيندڙ تجربن ۽ پنهنجي سوچن مان بہ ايري سگهي ٿو يا ان جي ايري اچڻ جو ڪارڻ طبعي هجي (ڏسو باب پنجون خوابن جو مواد ۽ ماخذ، حصو ٽيون خوابن ۾ جسماني جيو گهرڙن جو بنياد). انهن ٻنهي معاملن ۾ اهي خيالن جي وهڪري سان شامل هوندا آهن. خوابي جوڙجڪ جي نڪتي نگاهہ کان، ان جو تعلق اڻ ڏريو هوندو آهي، يا تہ اهي ڪڏهن ڪڏهن مزاج جي ابتدائي سوچن (خوابي خيالن) جو تمثيلي مواد ٻڌجي پوندا آهن، يا وري خواب ڏسندڙ جي جوش جذبي واري سياڻ ڏريعي. ثانوي طور تي پاڻ مرادو ايري ايندا آهن، جنهن جو اسان طبعي بنيادن تي تجزيو ڪندا آهيون. جيڪڏهن ڪنهن حوالي سان خوابن جي تعمير ان صورت ۾ ٿيندي آهي تہ اها رڳو خواهشن جي پورائي جي ئي نمائندگي ڪندڙ هوندي آهي، ۽ اهي جذبا انهن خواهشن منجهان ئي لڙي ايندا آهن، جن ۾ نفسياتي طور چوريندڙ قوت هوندي آهي.

نند دوران ايڏائيندڙ يا ڏک رسائيندڙ ڪيفيت، اپار ڪائيندڙ طاقتور خواهشن جي ڏريعي بہ خواب کي چوريندڙ ٿي سگهي ٿي، جن کي بہ خواب توڙ رسائيندو آهي. جنهن مواد سان ڪيفيتون رلمل هوندیون آهن، اهي تيستائين پنهنجو ڪم ڪندیون رهنديون آهن، جيستائين اهي خواهش جي پورائي لاءِ استعمال نہ ٿيون ٿين. خوابي خيالن ۾ جيکا تڪليف پهچائيندڙ ڪيفيت، وڏيڪ اثرانداز ٿيندڙ حصي ڏريعي شدت سان پنهنجو ڪردار ادا ڪري ٿي، اُها اُها زوريءَ ڏٻايل خواهش واري من اچل/ ترغيب آهي، جيکا پنهنجي استعمال جو فائدو ڪڍندي، نمائندگي حاصل ڪري وٺي ٿي. ان حالت ۾ يا ڪنهن بہ ٻي صورت ۾ دک درد واريون اهي ڪيفيتون، پنهنجي موجودگيءَ سبب لازمي طور تي پيش ٿيڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن ۽ اهي پيش ٿيڻ جي ڏميداريءَ سبب نهايت مشڪل رستو بہ ڳولهي وٺنديون آهن ۽ اها "ڏميداري" ئي پيش ٿيڻ لاءِ زور بہ لڳائيندي آهي.

(11)

ثانوي جائزو/ نظر ثاني
SECONDARY REVISION

۽ هاڻي آخرڪار اسان خوابن جي جوڙجڪ سان وابستا چوٿين عنصر جي پاسي پهتا آهيون. اسان جيڪڏهن خوابن جي متن جي متعلق پنهنجي ڪوجنا کي انهيءَ ئي اسلوب سان جاري رکنداسين، جنهن کي اسان شروع کان ئي خوابي متن جي واضع ڏسڻ ۾ ايندڙ واقعن ۽ گڏوگڏ سوچن (خوابي خيالن) جي ماخذن ڏريعي پيٽيو آهي، جنهن جي ڪري اسان انهن عنصرن جي وضاحت تائين پهتا آهيون جن کي بلڪل نوان مفروضا ۽ عقيدا (Assumption) چئي سگهجي ٿو.

منهنجي ذهن ۾ خواب ڏسندڙ جي متعلق ڪهڙي قسم جا خيال آهن، جيڪي سندس خوابن ۾ خواب جي متن جي ذريعي "حيران ٿيڻ آهن، رد ٿي ويا آهن" يا ان شخص "مزاحمت ڪندڙ يا خفو ڏيارينڊڙ جذبا محسوس ڪيا آهن." جيئن ته مون گذريل حصي ۾ ڪيترن ئي خوابن جا مثال پيش ڪيا آهن ۽ ڏيکاريو آهي، ته خوابن ۾ انهن تنقيدي احساسن جي اها گهٽائي، حقيقت ۾ سوچن تصورن يا خوابي خيالن جي خلاف هدايتن تي ٻڌل نه هوندي آهي، پر سوچن جي حصن جي موٽ هوندي آهي، جيڪا موزون ۽ مناسب اختتام جي استعمال لاءِ ورتاءِ ڪندي آهي، پر ان قسم جو ڪجهه مواد پنهنجي ليکي ان جي وضاحت جو آڌار نه ٻڌجندو آهي، پر اهو سوچن جي ان مواد سان مليل هوندو آهي جيڪو بظاهر ڪٿي به نه لهندو آهي.

پوءِ ان تنقيدي راءِ جو ڇا مطلب آهي يا ان بابت ڪهڙو مثال آهي، جيڪو خوابن ۾ گهڙو ڪري پيش ٿو ٿئي: "اهو رڳو خواب آهي؟" (ڏسو باب ڇهون: خواب جو عمل حصو ٽيون: خوابن ۾ نمائندگيءَ جو مقصد).

هتي اسان وٽ خواب جي تنقيد جو هڪ سچو ٽڪرو به موجود آهي، اهڙي حالت جاڳيل صورت ۾ به پيدا ٿي سگهجي ٿي ۽ گهٽي عام جام پڻ. اصل ۾ اها جاڳائڻ جي ابتدا آهي، ۽ ايذاءُ يا ڏک رسائيندڙ احساسن متعلق، ان ساڃاهه سان ته اها ننڊ جي وادي آهي، ۽ مثال طور پيش ٿيڻ جي وسيلي، لڳاتار عمل ۾ رهندي آهي.

جڏهن اهو خيال ته: "اهو رڳو خواب آهي!" خواب دوران ذهن تي ايري ايندو آهي ته ان جو مقصد اهو ساڳيو ئي هوندو آهي، جيئن رنگ منچ تي "آفين باخ" (Affenbach) جي مذاحيه منظوم ڊرامي: "لابيلا هيلن" (La bella Helene) جا لفظ اچاريل آهن.[1] ان جو مقصد ان جي اهميت کي گهٽائڻ آهي، جنهن جو تجربو ٿي رهيو آهي، ان لاءِ برداشت جي قوت کي پيدا ڪرڻ آهي. ۽ ان ننڊ جي هڪ مخصوص انتظامي شعبي لاءِ لولي‌ءَ جو ڪم سرانجام پئي ڏئو. ان چڑ ۾ وٽ ڪوشش وٺڻ ۽ خواب جي تسلسل کي، يا ڊرامي جي منظر کي قائم رکڻ جو ئي سبب هو.

ان کان ته بهتر آهي ته ماٺهو ستل ئي هجي ۽ خواب کي لنوائي ڇڏي، ڇاڪاڻ تا "اهو رڳو خواب ئي آهي"

منهنجي حقير تنقيدي فيصلي مطابق: "اهو واقعي رڳو هڪ خواب ئي آهي." جيڪو خواب ۾ نظر آيو آهي، تڏهن جڏهن چندڇاڻ جو عمل صفا ستل نه آهي، ۽ اهو ئي محسوس ڪري ٿو جنهن کان خواب بي خبر آهي، ۽ ان کي اجازت ڏئي

---

[1] ٻئي ايڪٽ ۾ پارس ۽ هيلن جي وچ ۾ رومانوي دو گانو (Duet) جنهن جي پڇاڻيءَ تي اهي "مينيلاس (Menelaus) کي ڏسي حيران ٿين ٿا. [يوناني ڏند ڪٿا جو ڪردار مينيلاس، ايٽريوس (Atreus) جو فرزند، اسپارٽا (Sparta) جو بادشاهه جيڪو هيلن جو مڙس هو هيرميوني (Hermione) جو پيءُ ۽ ۽ ۾ آگامينن (Agamemnon) جو ننڍو ڀاءُ هو. جڏهن ٽراءِ (Troy) جو شهزادي، پارس هيلن کي اغوا ڪري ويو هو ته مينيلاس يونان جي ٻين بادشاهن کي ٽراءِ جي خلاف جنگ ۾ مدد لاءِ چيو هو] (انٽرنيٽ: وڪي پيڊيا).

اڳتي اماڻي ٿو. ان احساس کي ڊپائڻ ۾ دير ٿي وڃڻ سبب ۽ چنڊچاڻ جي قانون تحت اهڙا لفظ اچارجڻ ۾ اچن ٿا، جيڪي ان "ڳٽتيءَ" يا ايذاءِ يا ڏک رسائڻ جي ذريعي اپريل هوندا آهن. نفسياتي اصطلاح مطابق ان جو مثال "گروهه" ۾ شامل ماڻهن جي قدم بہ قدم اڳتي وڌڻ" (Espritd Escalier) جهڙو آهي.

اهو مثال بهرحال اسان کي مڃڻ جهڙي شاهدي مهيا ڪري ڏئي ٿو تہ خواب ۾ شامل هر ڪا شيءِ خوابي خيالن منجهان ئي نہ ايندي آهي، پر اهو ممڪن آهي تہ اها ئي شيءِ خواب جي متن ۾ هٿ ونڊائيندي هجي، جيڪا اسان جي جاڳ واري حالت دوران اڻ ورڇيل (Indistinguishable) نفسياتي سوچن جي عمل ذريعي ٺهندي آهي.

هاڻي، هتي سوال اهو ٿو اپري تہ ڇا اها شيءِ ڪن مخصوص معاملن ۾ اپري ايندي آهي يا نفسياتي شعبا، جيڪي بين طريقن سان چنڊچاڻ جو عام طور تي ڪردار ادا ڪندا رهندا آهن، اهي خوابن جي جوڙجڪ ۾ حصو ونڊندا آهن؟

ان ٻئي نعم البدل جي حق ۾ فيصلو ڏيندي اسان کي ڪا هيڪ ڪا نہ ٿي ٽڻي. ان ۾ ڪوشڪ نہ آهي تہ خوابن ۾ ان وابستا شعبي جو اثر رسوخ اسان ڪنهن حد تائين رڳو سوچن تي لڳايل پابندين، غفلتن ۽ وساري ڇڏيل ڳالهين/ ۽اقعن جي ذريعي شناخت ڪندا آهيون. اهو پڻ ڳالهين يا واقعن کي انهن جي وچ ۾ ٽنبڻ ۽ انهن ۾ واڌاري ڪرڻ لاءِ ذميدار هوندو آهي.

خوابن ۾ ان ناجائز اندراج، ڍاهه ڊوهه يا هٽ، چراند وارن معاملن کي سجاڻڻ سولو آهي. اهي گهٽو ڪري، "شڪ شرم، ہڏتر، هيڪ (Hesitation)، ڇڪ، گويا، جيڪڏهن اهو معاملو هجي تہ" واري انداز سان بيان ٿيندي نظر ايندا آهن. اهي پاڻ ۾ خاص طور تي چٽا، مضبوط يا زندگيءَ سان پرپور نہ هوندا آهن ۽ سدائين انهن نڪتن تي متعارف ٿيندا آهن، جيڪي خوابي متن جي ٻن حصن ۾ ڳانڍاپو جوڪم سرانجام ڏيندا آهن يا ائين چئجي تہ اهي خواب جي ٻن خالن جي وچ ۾ جوڙيل پل جو ڪم ڪندا آهن. اهي سوچن جي مواد منجهان نج نتيجو اخذ ڪرڻ جي پيٽ ۾ يادگيرن ۾ آساني‌ءَ سان ذهن نشين نہ ٿي سگهندا آهن.

جيڪڏهن خواب وسري وڃي تہ اهو ان جو پهريون حصو هوندو آهي، جيڪو گم ٿي ويندو آهي ۽ مون کي سخت حيرت ٿيندي آهي تہ اهڙن خوابن جي شڪايت بہ عام جام ڪئي ويندي آهي، پر اهڙن وسري ويل خوابن جي رڳو سڃڻ ئي برقرار رهندي آهي (ڏسو باب باب ڇهون: خواب جو عمل: حصو پهريون: اختصار ڪرڻ يا گهٽائڻ جو عمل). اهڙن خوابن جي هڪدم گم ٿي وڃڻ جو بنياد بہ انهن ڳنڊيل خيالن سان ئي هوندو آهي.

مڪمل طور تي تجزيي ۾ اهي وچ ۾ هٽ چراند يا ڍاهه ڊوهه ڪندڙ معاملا ڪڏهن ڪڏهن حقيقت جي حوالي سان اهڙي خيانت بہ ڪري ونڊندا آهن جنهن سان وابستا مواد، سوچن ۾ بہ موجود نہ هوندو آهي، پر ان سلسلي ۾ مون کي نهايت محتاط آزمائش مان گذرڻو پوندو آهي. ڇاڪاڻ تہ اهڙي نشاندهي تمام گهٽ خوابن ذريعي ٿيندي آهي: اصول مطابق جيتوڻيڪ وابستا خيال، سوچن ۾ ڪنهن مواد کي موڪائي ڏيڻ واري اڳواڻي نہ ڪندا آهن، پر جيڪو مواد پنهنجي حوالي سان يا ضرورت کان وڌيڪ پختي هجڻ جي پابنديءَ مطابق خواب ۾ قبوليت جي اهل نہ هوندو آهي تہ ان ڏانهن لاڙو ڪندو آهي. اهو بہ رڳو غير روايتي ۽ ممڪن حد تائين، جنهن منجهان خواب جي جڙڻ ۾ نفسياتي عمل نظر ايندو هجي، ان جي ئي ذريعي اسان هڪ نئين تخليق تي غور ڪرڻ واري عمل ۾ محو ٿي ويندا آهيون. ان جو عرصو ڪيترو بہ ڊگهو هجي پر اهو آخرڪار خيالن جي وادي‌ءَ مان ليپي ويندو آهي.

اها شيءِ جيڪا فرق رکي ٿي، ۽ ساڳئي وقت تي خوابي ڪم جي ان حصي کي پڌرو بہ ڪري ٿي،[1] تنهن جو هڪ مقصد آهي. اهو عمل اهڙي طريقي سان ورتاءُ ڪندو آهي جيئن ڪو شاعر ڪنهن فلسفيءَ کي بدنيتيءَ سان بيان ڪري

---

[1] ڪنهن جاءِ تي فرائيڊ اهو بہ ڄاڻايو آهي تہ: ثانوي نظرثاني‌ءَ جو عمل، خواب جي ڪم جو حصو نہ آهي.

خواب جي جوڙجڪ ۾ ائين خال پرجڻ لڳندا آهن، جيئن ڪنهن قاتل ڪپڙي ۾ چَتي لڳندي آهي.[1] ان سموري ڪوشش جي نتيجي ۾ خواب پنهنجي اجائي يا بيهودي اظهار کي وڃائي ويهندو آهي، ۽ اڻ لاڳاپيل انداز اختيار ڪندو آهي، ۽ ٿورويا وڌيڪ صحيح سمجهه ۾ ايندڙ تجربي جو نمونو يا نقل بڻجي ويندو آهي. پر ان جي ڪوشش، هر پيري ڪاميابيءَ جا تاج پائي نه سگهندي آهي.

خواب! جيڪي مافوق الفطرت انداز سان ظاهر ٿيندا آهن، ٽي سگهي ٿو ته اهي ڪنهن نقص ڪانسواءِ، بي عيب، منطقي ۽ جواز سان پرپور هجن، ۽ اهي ڪنهن ممڪن صورتحال منجهان شروعات ڪري چڪا هجن، ۽ موزون ۽ مناسب ترميم جي ڪڙين منجهان هلي آيا هجن، ۽ انهن جو نتيجو عام طور تي ڪنهن عجب جو ڪارڻ نه هجي. جيڪي اهڙي قسم جا خواب هوندا آهن اهي نفسياتي عمل جي ذريعي دور رس ٿيندا آهن، اهي سڃاڻ خيالن جيان ساڳين خصلتن وارا ٿيندا آهن. انهن جي اظهار ۾ ڪا معنيٰ هوندي آهي، پر اها معنيٰ، پنهنجي سچي سيڌاڻپ منجهان ڏاڍو جلدي ميسارجي ويندي آهي. انهن جي تجزيي ڪرڻ لاءِ اسان پاڻ کي ان ڳالهه تي قائل ڪري سگهون ٿا ته ثانوي نظرثاني ا ن مواد سان نهايت آزادگيءَ سان ڪيڏي ٿي، ۽ ان موجود مواد جي انهن لاڳاپن کي گنجائش جي حد تائين استعمال ڪري ٿي.

منهنجي اها خواهش نه آهي ته خواب جي تعمير ۾ ان چوٽين قوت بابت غير مشروط طور تي تردید ڪري ڇڏيان، جنهن کي اسان جلد ئي هڪ قديم آگهيءَ جي طور تي شناخت ڪري ونڊاسين. اها حقيقت آهي ته اها قوت انهن چئن مان هڪڙي آهي، جنهن سان اسان ڪن پين واسطن ذريعي واقف آهيون. مان ان چوٽين عنصر جي ان وسعت کي به غلط قرار نه ٿو ڏيان، جيڪو خواب لاءِ هڪ نئين تخليق ۾ بهرو ونڊي ٿو. هي عنصر سوچن ۾ موجود نفسياتي مواد جي چونڊ کي اهميت ڏيندو آهي ۽ خواب جي ظاهري ڏيکاءَ واري تعمير ۾ هڪ مزدور وانگر ڪم ڪندو آهي. مون ڪافي جاين تي خوابي خيالن (Dream_thoughts) جي مواد متعلق "سوچن" جو لفظ استعمال ڪيو آهي، جيڪو اصل ۾ خيالي اڌام وهم، يا تصور (Phantasy) آهي، هتي جرمنيءَ ۾ به آڪاڻن وقتن کان اهو لفظ استعمال ٿئي ٿو پر اهو رڳو خيال ۽ تصور (Imagination) لاءِ استعمال ٿيندو رهيو آهي، جنهن مان منهنجي مراد تصوراتي جوڙجڪ (Imaginative Formation) آهي، جيڪا اسان ڪيترن ئي طريقن سان ڪندا آهيون خاص طور پوءِ پچائيندا آهيون، نوان نوان خيال من ۾ آڻيندا آهيون، ان سلسلي ۾ مان ڪڏهن ڪڏهن ڏينهن جا خواب (Day_ dreams)[2] جو لفظ به استعمال ڪندو رهيو آهيان، جيڪو به جاڳ واري حالت ۾ ڏينهن وارن خيالن يا سوچن سان مشابهت رکندڙ آهي.

اسان جي ذهني سوچن جي ذريعي زندگيءَ ۾ جيڪا تعمير پنهنجو ڪردار ادا ڪري ٿي ان کي نفسيات جي ماهرن اڃان پوريءَ طرح نه سمجهيو آهي ۽ نه ئي ان جي ڪا چٽي تشريح ڪئي آهي، ان ڏس ۾ "ايم. بينيڊڪٽ" (M.Benedikt) ڪامياب آئيندي جي اميد واري ابتدا ڪئي آهي. تصور ۽ تجربي جو ادراڪ رکندڙ ليکڪ، ڏينهن جي خوابن جي اهميت ۽ ان جي يقيني صلاحيت کان پاڻ بچائي نه سگهيا آهن، هتي اسان وٽ اهڙا گهٽائي ليکڪ موجود آهن جن ڏينهن جي خوابن کي پنهنجي ڪهاڻين ۾ آندو آهي، جن مان هڪڙو "الفونس ڊائوديٽ" (Alphonse Daudet) آهي.

"الفونس ڊائوديٽ" پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ نندڙي ڪردار جي ڏينهن جي خوابن کي پيش ڪيو آهي (ڏسو باب ستون: "خوابن جي عمل جو نفسياتي پهلو حصو پيو: "پشيماني، پڇتاءُ يا افسوس.")

---

[1] انهن چند سٽن جو تصور "هائني" (Heine) جي ڊاءِ هيم ڪير" (Die Heimkehr_1.VIII) تان ورتل آهي. ان سڄي تحرير جو حوالو فرائيڊ پنهنجي نئين تعارفي تقريرن (New Introductory Lectures_ 1933) جي ابتدا ۾ پيش ڪيو آهي.

[2] فرائيڊ پوءِ 1908ع ۾ "ڏينهن جي خوابن" متعلق به مضمون لکيا هئا. ان کانپوءِ 1922ع ۾ "جي وارنڈانڪ" (Warendonck) جو ڪتاب: "ڏينهن جي خوابن جي نفسيات" جي عنوان سان شايع ٿيو هو جنهن جو مهاڳ فرائيڊ لکيو هو.

اعصابي مونجهارن متعلق اپياس، نهايت عجب جهڙي کوجنا واري رهنمائي ڪري ٿو ته: "اهي خيال/ تصور يا ڏينهن جا خواب، بي قابو جذبن، چريائپ، بيچيني يا جنسي بيماريءَ جي علامتن جو اڳواڻ ۽ هڪدم ڏس ڏيندڙ/ خبردار ڪندڙ هوندا آهن. بي قابو جذبا، بيچيني يا چٽپڙ جون علامتون، يادگيرين سان سلهاڙيل نه هونديون آهن، پر تصوراتي اڏام يادگيرين جي بنياد تي ضرور ٿيندي آهي.

ڏينهن دوران خيالن جو مسلسل شعوري اظهار اسان کي ان جوڙجڪ جو ادراڪ ڏيندو آهي، پر اهي خيال ائين هوندا آهن جڙ ان قسم جا "تصور" شعوري هجن، جڏهن ته انهن مان ڪيترا ئي لاشعوري هوندا آهن، جن جي متن ۾ ۽ پنهنجي اصلوڪي ڏيل مواد منجهان، لاشعوري طور دليل ۽ جاري رهندا آهن. ڏينهن دوران پيدا ٿيندڙ خيالن يا تصورن جي خاصيتن جي باريڪبينيءَ سان ٽيل کوجنا، اسان تي آشڪار ڪري ٿي، ته اسان جي ڏينهن وارن خيالن جي اها پيداواري جوڙجڪ ڪيئن نه رات دوران ساڳئي انداز سان ڪجي ٿي وڃي، جنهن انداز کي اسان "خواب" ٿا سڏيون.

ڏينهن وارا اهي خواب (خيال يا تصور)، رات جي خوابن (خيالن ۽ تصورن) سان پنهنجي تمام وڏي ملڪيت ورهائيندا آهن. "ڏينهن جي انهن خوابن" جي جاچ پڙتال/ چنڊچاڙ تمام ٿوري وقت ۾ ۽ انهن مان اخذ/ تجويز ٿيل مقصد کي "رات جي خوابن" سان هم آهنگيءَ جي خدمت سرانجام ڏيندا آهن.

خوابن جيان، اهي "مقصد" خواهشن جو پورائو هوندا آهن، خوابن جيان اهي ٻالڪپڻي جي تجربن منجهان اخذ ٿيل تمام گهڻن اثرن تي ٻڌل هوندا آهن، خوابن جيان چنڊچاڙ جي ذريعي ڪنهن حد تائين اهي اثر هلڪا ٿي ۽ گهٽجي، فائديمند ٿي پوندا آهن.

اسان جيڪڏهن انهن جي جوڙجڪ تي غور ڪنداسين ته اسان اهو رستو دريافت ڪري وٺنداسين، جنهن ۾ خواهش وارا مقصد، جيڪي ان جي جڙڻ لاءِ ڪم ڪندا آهن، اهي ان مواد سان رلمل ٿي ويندا آهن، جيڪي انجي تعمير لاءِ ان جي ٻيهر رڃابندي ڪندا آهن ۽ ان کي هڪ نئين ۽ سالم شڪل ڏيندا آهن. اهي گهٽو ڪري، نندپڻ جي يادن جي ان ساڳي ئي تعلق تي ٻڌل هوندا آهن، جتان هو ائين هلي ايندا آهن جڙ انهن کي روم شهر جا قديم ۽ ڪنڊر ٿي ويل شاندار محل اڏيا هجن، جن جي فرشبندي ۽ پيلپاون جي اڏاوت لاءِ جديد دور جي سامان جي ضرورت هجي.

"ثانوي جائزي/ نظرثانيءَ" جو عمل، جنهن ۾ اسان خوابن جي متن کي صورت ڏيندڙ چوٽين وهنوار کي بيان ڪنداسين، جيڪو اسان کي سرگرميءَ جي اثرانداز ٿيڻ جو هڪ پيرو ٻيهر ڏس ڏئي ٿو، اهو وهنوار ڏينهن دوران تخليق ٿيل خوابن/ خيالن جي جذباتي نيڪال ۾ ڪنهن روڪ يا ڪنهن ٻئي اثر رسوخ ۾ قاسڙ کان آزاد هوندو آهي.

ان کي اسان آسان لفظن ۾ ائين چئي سگهون ٿا ته اسان جو اهو چوٽون عنصر پيش ٿيل مواد جي سانچي/ ڍول کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ ان کي ڏينهن وارن خوابن/ خيالن جيان پيش ڪندو آهي. جيڪڏهن ان قسم جي ڏينهن جو خواب، اڳ ۾ ئي خوابي خيالن جي سنگهر ۾ جڙيل هوندو آهي ته خوابن ۾ نتيجو آڻيندڙ هي چوٽون عنصر ان نهيل ڪُکيل ڏينهن جي خواب کي تحويل ۾ وٺڻ کي اهميت ڏيندو آهي ۽ ان کي ڳولهي خواب جي مواد ۾ متعارف ڪرائي ڇڏيندو آهي.

ڪجهه اهڙا اب به هوندا آهن جيڪي فقط ڏينهن جي خوابن (خيالن ۽ وهمن) جو ورجاءُ هوندا آهن، اهي گهٽو ڪري لاشعور ۾ پنهنجي تسسل سان موجود هوندا آهن. جيئن هڪ چوڪري جو خواب، جنهن ۾ هن "ٽراءِ جي لڙائيءَ وارن گهوڙن سان جنگي رٿ ٻڌي هلايو (ڏسو باب ٽيون: خواب، خواهشن جو پورائو ڪندڙ هوندا آهن، ص 251).

منهنجي پنهنجي "آٽو ڊِداسڪر" (Autodidasker) لفظ واري خواب ۾ (باب ڇهون: خواب جو عمل، حصو پهريون: اختصار ڪرڻ يا گهٽائڻ جو عمل" جو v ص: 526) جنهن جي ٻئي حصي ۾ سمورا واقعا ڏينهن واري وقت جي خيالن کي ٻيهر جنمڻ ۾ وفاداريءَ جو ثبوت ڏيندڙ آهن، پروفيسر "اين" سان گفتگو دوران پاڻ ۾ ڏاڍا معصوم آهن. مونجهارو پيدا ڪندڙ حالتن جي حوالي سان، تڏهن مطمئن ٿيا هئا، جڏهن اهي وجود ۾ آيا هئا ۽ ائين عام طور ۽ لاڳاتار ٿيندو آهي ته نهيل نڪيل تصور

خواب جي رڳو هڪڙي حصي کي تشڪيل ڏيندو آهي، يا ته تصور جو رڳو هڪڙو حصو زور لڳائي خواب ۾ پنهنجو رستو ناهي وٺندو آهي. تنهن کانپوءِ تصور ڪيل خيال، لڪل مواد جي ٻين حصن جيان عام وهنوار ڪندو آهي، ۽ گهڙي ڪري خواب ۾ ان جي وجود رکڻ واري مقرر خيال جي سچاڻپ جاري رهندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو منهنجي گهڙن خوابن جا حصا، مختلف تاثرات متعلق سڪون ظاهر ڪندڙ علامتن تي ٻڌل آهن، اهي مون تي ائين ئي اثرانداز ٿين ٿا، جيئن هئا، وڏي سولائيءَ سان سمجهه ۾ ايندڙ وڏيڪ ڪنديل ۽ ساڳئي خواب جي ٻين حصن کان وڏيڪ تيزيءَ سان گذرندڙ اهي جن کي مان سمجهان ٿو ته اهي شعوري تصور آهن، جيڪي پنهنجو رستو خواب جي تاڃي پيٽي ۾ ڳولهين ٿا، پر مان ان قسم جي تصور جي ارادي يا موقف جي متعلق فيصلي ڪرڻ ۾ ڪڏهن به ڪامياب نه ٿي سگهيو آهيان. ان کان سواءِ اهي تصور/ خيال، خوابي خيالن جي ٻين پاڻ جيان ٻهايل، گهڻايل ۽ هڪ ٻئي تي چڙهيل (Superimposed) هوندا آهن.

ڪي وري هڪڙي حالت مان ٻي حالت ۾ وڃڻ يا مٽ سٽ وارا خواب هوندا آهن، جن جي وچ ۾ اهي معاملا مواد جو يا خواب جي رڳو ظاهري ڏيک جو اڻ گهڻايل ۽ انتهائي مخالف انتظام سنيالينڊا آهن، جن ۾ اهي خواب جي مواد ۾ انهن مان رڳو هڪڙي جزي جي يا وري غير حقيقي پر انهين ڏيک ذريعي نمائندگي ڪندا آهن.

خوابي خيالن ۾ "تصوراتي اڏام" نهايت چٽو اظهار ڪندي آهي، ۽ ڪنهن نه ڪنهن فائدي جي ذريعي تعين پڻ ڪندي آهي ۽ چندبچاڻ ۽ اختصار لاءِ گهربل ضرورتن کي آڇ ڏيندي آهي.

خوابن جي تشريح لاءِ مثالن جي چوند ۾ مون ممڪن حد تائين انهن خوابن کان لنوائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جن ۾ لاشعوري تصور جو ڪو غور لائق حصو ادا ٿئي ٿيو پر خاص طور "هن نفسياتي عنصر" جي تعارف جي ناتي "لاشعور جي نفسياتي سوچ" بابت ضرورت کان وڏيڪ ڏگهو بحث چڙي پوندو، پر ائين به نه آهي ته "تصور ۽ ان جي لاڳاپي" متعلق غور ڪرڻ کان جان ڇڏائڻ ٿو چاهيان! چاڪاڻ ته تصور ۽ ان جي اثرن هيل تائين خوابن ۾ پنهنجو گهڙو رستو ناهي ورتو آهي، جن منجهان ڪيترا ئي ڇٽا تروڙا خوابن جي پويان ڏسي سگهجن ٿا. بهرحال مان هڪڙو وڏيڪ خواب ضرور بيان ڪندس، جيڪو ٻن مختلف ۽ مخالف تصورن تي ٻڌل آهي، جيڪي پاڻ ۾ چند نڪتن تي مطابقت رکن ٿا، جن منجهان هڪڙو ته سڪڙو ڪوکلو ۽ ابهرو آهي، جڏهن ته ٻيو اهڙو آهي، جهڙو پهرين جي تشريح هجي (ص: 503)

بي قابو جذبن، چريائپ يا جنسي بيمارين جي معاملي ۾ پنهنجي تشريحي ٽڪري ۾ مون ان قسم جي خواب جو تمام سٺو تشخيصي تجزيو ڪيو آهي، هڪ ٻئي مٿان چڙهيل تصورن ۽ ڪنهن شيءِ سان لاڳاپيل هڻڻ جا ڪجهه عدد مثال پيش ڪيا آهن. مون خوابن جي جوڙجڪ ۾ تصورن جي ڪردار ادا ڪرڻ واري اهميت متعلق غلط اندازو لڳايو هو پوءِ جڏهن مون پنهنجي خوابن جي تجزيي تي ڪم شروع ڪيو جيڪي عام طور تي بحث مباحثي ۽ خيال جي تضادن جي ٻيٽ ۾ ڏينهن جي خوابن تي گهٽ ٻڌل هئا. ٻين ماڻهن جي معاملن جي حوالي سان "رات جي خوابن" ۽ "ڏينهن جي خوابن" ۾ مڪمل مشابهت کي سمجهائڻ آسان هو. جنسي بيمارين يا چٽپڙ جي مريضن سان. انهيءَ ساڳئي چٽپڙ جي حملن پڻ گهڙو ڪري خوابن جي ذريعي پنهنجي جاءِ والاري، ۽ ائين ڪنهن کي قائل ڪرڻ آسان ٿي پيو ۽ اها نفسياتي جوڙجڪ ۽ ڏينهن جي تصور، پنهي جي لاءِ خواب، جلدي خبردار ڪندڙ ثابت ٿيو.

رڳو هڪڙو خواب هو جنهن بابت مون ڪا احتياطي ڪاغذ نه لکيو هو بس غلط رستي تي ڊوڙ هن ريت هئي:

"خواب ڏسندڙ هڪڙو غير شادي شده نوجوان هو هڪ ريسٽورانٽ ۾ ويٺو هو جتي هو سدائين اچي مانيو ڪائيندو هو جيڪو سندس خوابن ۾ حقيقي طور تي پيش ٿيندو هو. بعد ۾ ڪجهه گهٽا ماڻهو ظاهر ٿيا، جيڪي هن کي ڪنڌي ڪٽي هليا ويا، انهن مان هڪڙي کيس قيد ڪرڻ ٿي چاهيو. هن ميز تي پرسان ويٽل ساڻين کي چيو:

"مان بعد ۾ ڏڻي چڏيندس، مان موتي ايندس."

پر انهن کيس چٽر ڪندي مخاطب ڪيو:

"اسان ان متعلق سڀ واقف آهيون. تہ اهي سڀ ڇا ٿا چون."

ان ڪانپوءِ هڪ مهمان کيس سڏيو: "هتي وچ، هڪ ٻيو بہ آهي."

پوءِ هن کي هڪ سوڙهي ڪمري ۾ وٺي ويا. جتي ڪا عورت هئي. جا ڪنهن بار کي جهلي ويٺي هئي. هن سان گڏ آيل ماڻهن مان هڪ ڇٽي چيو:

"هي آهي هير مُلر (Herr Muller)".

هڪ پوليس انسپيڪٽر يا ڪو اهڙو ئي آفيسر هو ان جي هٿ ۾ ڪارڊ يا ڪاغذ جا ٽڪرا هئا ۽ ورجائي چوڻ لڳو: "ملر، ملر، ملر."

آخر ڪار هن خواب ڏسندڙ کان سوال ڪيو ڪيو جنهن تي هن جواب ڏنو:

"جي مان ڪندس."

پوءِ هن مڙي عورت ڏانهن نهاريو تہ هن کي لڳو تہ هن هاٿي ڏٺهي ڏاڙهي لڳائي آهي."

هتي انهن بن عنصرن کي جدا ڪرڻ کو مشڪل ڪم نہ آهي: جن مان اچاتر و ۽ تڪڙو تصور "قيد ڪرڻ" وارو هو جنهن کي جيتوڻيڪ خواب جي ڪم ان ئي وقت/ تازو گهڙيو هو پر ان جي پويان ڪجهہ ٻيو مواد بہ نظر اچي ٿو جنهن کي خواب جي ڪم ٿوري هلڪي ۽ ٻي شڪل ۾ پيش ڪيو هو يعني "شاديءَ جو تصور."

اهي ٻئي خاصيتون جيڪي ٻنهي تصورن ۾ هڪ جهڙيون هيون. اهي پنهنجي خاص چٽائيءَ سان پڌريون ٿيون هيون. ان ساڳئي طريقي سان جيئن "گئلٽن" (Galton) جون مرڪب تصويرون هيون. "نوجوان جو وعدو ڪرڻ" (جيڪو ان وقت تائين ڪنوارو هو) تہ هو موتي ايندو ۽ ساڳئي ميز تي اچي پنهنجي دوستن سان گڏجي ماني کائيندو. سندس ويجهن دوستن جو ناستڪي (جن جي تجربي ۾ ڪيس گهٽو سمجهايو هو) انداز سان چوڻ هو تہ: "هُتي وچ، هڪ ٻيو بہ آهي." (شاديءَ لاءِ اوسيڙڙي ۾ ويٺل عورت).

اهي سمورا خاڪا آسانيءَ سان هڪ نعم البدل تشريح ۾ موزون ٿيل آهن. ۽ اهو پڻ: "جي مان ڪندس." هن پنهنجي آفيسر جي سوال جي جواب ۾ چيو. ڪاغذن جي ٿهي ڏانهن مڙڻ، ساڳئي نالي جو ورجاءُ ڪرڻ: شاديءَ جي جشن جي حوالي سان سمجهي سگهجن ٿا، جن کي هڪ ئي ماڻهوءَ جي نالي جي ورجاءَ سبب اهي ان جي مبارڪباد جا ڪارڊ بہ ٿي سگهن ٿا.

شاديءَ جو تصور اصل ۾ ڪاميابيءَ جي نشاني کي ظاهر ڪري ٿو جيڪو "قيد" واري تصور جي پشت پناهي ڪري ٿو جنهن ۾ ڪنوار جي موجودگي بہ شامل آهي. هاٿي هتي اهو سوال ضرور گر ڪٽي ٿو تہ: "ڪنوار کي ڏاڙهي ڪٿان اچي ئي!"

ان جو حوالو اهو آهي تہ هڪ ڏينهن اڳ ۾ خواب ڏسندڙ پنهنجي هڪ دوست سان گهٽيءَ منجهان گذريو پئي. سندس اهو دوست بہ شاديءَ جي سلسلي ۾ هن جهڙو ئي شرميلو هو جنهن رستي هلندي ڪارن وارن وارو حسين عورت ڏانهن سندس ڌيان ڇڪائيندي چيو هو تہ:

"جيڪڏهن هن جهڙي عورت کي چند سالن ۾ پنهنجي ٻيءُ وانگر ڏاڙهي نڪري اچي تہ....."

پوءِ هن مڙي عورت ڏانهن نهاريو.

"مان بعد ۾ ادا ڪري ڇڏيندس." وارو جملو ٿي سگهي ٿو خواب ڏسندڙ جي سُهري جي روپي سان لاڳاپيل هجي. حقيقت اها آهي تہ هر قسم جا ڪتڪا (Qualms) خواب ڏسندڙ جي، شاديءَ متعلق ڊپ واري تصور کان چٽيءَ ريت محفوظ رکڻ جي چڪر ۾ هئا. هن کي اهو بہ ڪتڪو هو تہ ڪٽي سندس ڪنوار واري آزادگي، شاديءَ واري قيد ۾ نہ بدلجي وڃي.

اسان جيڪڏهن هڪ لمحي لاءِ ان نڪتي ڏانهن موٽي اچون تہ: خواب جو ڪم نهايت خوشيءَ سان ٺهيل ٽڪيل تصور کي استعمال ڪرڻ بجاءِ خوابي خيالن جي گڏيل مواد منجهان ڪٽي استعمال ڪندو آهي.

هاڻي اسان خوابن سان وابستا اهڙي قسم جي حيراني پريشانيءَ کي حل ڪرڻ جي قابل ٿي ويا آهيون. باب پهرين: خوابن جي مسئلن سان سائنسي ادب جو روپو/ تعلق. جي حصي ٻئين: ترغيب ۽ خوابن جا ماخذ/ بنياد. جي الف: باهرين (خارجي) دماغي جوش واري حواسي حالت. ص: 88 تي. مان هڪ مشهور کهاڻيءَ تي بَدّل "مائوري" جو خواب ڏنو آهي. جنهن جو سمهڻ وقت ڪنڌ لڙي ويو هو ۽ ننڊ دوران هن فرانس جي انقلاب وارن ڏينهن جو هڪ ڏکهي کهاڻيءَ تي مشتمل هڪ خواب ڏٺو هو:

"هن خواب ۾ پاڻ کي شاهي حڪومت جي ڏهڪاءُ دوران ڏٺو. ڪيترن خوفناڪ قتل و غارت جي منظرن ڏسڻ کانپوءِ آخرڪار هن کي به انقلابي عدالت ۾ آندو ويو. جتي هن روبيس پيري. مارات. فوقيئر تنويليءَ کي موجود ڏٺو ۽ انهن ڏينهن جي ڪيترن ئي زير نه ٿيندڙ گهوڙن کي ڏٺو. هن کان سوال ڪيا ويا. ۽ ڪيترن ئي واقعن کان پوءِ. جيڪي هن کي ياد ڪرڻ پئي آيا. هن کي ڏوهاري قرار ڏنو ويو ۽ ڪيس ڦاهو ڏيڻ لاءِ. ماٿهن جي انبوهه ڏانهن وٺي آيا. هن کي سوريءَ تي چاڙهيو ويو ۽ ڪيس ڪواز سان ٻڌو ويو. پوءِ اهو مٿي ڪهيو ۽ سر کي ڌڑ کان ڌار ڪندڙ ڪات سندس ڪنڌ تي ڪرڻ وارو هو. جو هن محسوس ڪيو ته سندس ڌڙ سسيءَ کان ڌار ٿي ويندو. انهيءَ ڊپ ۽ ڪُٽنيءَ کان هڪدم جاڳي پيو. تڏهن ڏٺائين ته هو بستري تان ڪافي هيٺ لڙکي آيو هو ۽ سندس ڪنڌ به انهيءَ پاسي لڙهکي ويو هو. جنهن پاسي ڪات مٿان ڪرڻ وارو هيس."

اها هڪ غير امڪاني (Imporable) ڳالهه آهي ته "مائوري" جي خواب ان تصور کي پيش ڪيو آهي! جيڪو سندس يادگيرين ۾ ڪيترا سال پهرين کان. ۽ ٺهيل ٺڪيل نموني جمع ٿيل هو. جيڪو اپري آيو هو! يا مان ائين چوان ته: "اهو ڪو اشارو ڪنايو هو!" جيڪو ان چرپر کان واقف هو. جنهن جي تحرڪ کيس ننڊ مان جاڳايو هو. جيڪڏهن ائين هيو ته ان جي سموري تڪليف واري احساس کي ڇڏڻو پوندو ۽ ان ٿوري عرصي ۾ خواب جي هڪ ڏکهي دور جي کهاڻي ۽ ان جي تفصيل گهڙڻ واري عمل کي پاسي تي اڇلائڻو پوندو. ها البت ان کهاڻيءَ جو اڳواٽ سندس دماغ ۾ هجڻ جي دعويٰ کي رد نه ٿو ڪري سگهجي.

هتي ان "خواهش واري تصور" کي سمجهڻ جو هڪ سٺو موقعو آهي. جيڪو مائوري جي ڪتاب پڙهڻ دوران، حاڪيو هو. منهنجو خيال آهي ته خوابي کهاڻي فقط ان نوجوان جي نهايت طاقتور جوشيلن ۽ جذباتي تاثرات جي اثر ڏريعي جڙي هئي. مائوري جي خواب جي سانديل يادگيرين ۾ هڪڙو خاڪو نمايان آهي. جنهن کيس ماٿهن جي وڏي انبوهه ۾ ڦاسيءَ واري جاءِ ڏانهن وڃڻ جي اڳواٽي ڪئي هئي. جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هن جو تصور حقيقت ۾ هن کان وڏيڪ معنائون رکندڙ نموني وارو هو.

ان صورت ۾ اهو سمجهڻ ضروري نه آهي ته اهو ڏيگهه ۾ تيار ٿيل تصور سندس ننڊ دوران جڙيو هوندو. مثال طور جيڪڏهن ڪو سازن تي ڪا ڌن وڄائي ۽ ڪوئي شخص چوي ته اهو "موزارٽ" جي ڪمپوز ڪيل ڌن جو حصو آهي ته ان هڪڙي لمحي دوران سندس ذهن ۾ ڪيترين ئي وابستا يادون هڪدم اپري ايندين آهن. ساڳيو ئي معاملو لاشعوري سوچن سان وابستا آهي ته اهي اپرندڙ جوش جذبي واربون سوچون. نفسياتي بندرگاهه منجهان. ڌڙ کان ڌار ڪرڻ وارن انهن سمورن تصورن کي لنگهڻ جي اجازت ڏيندين آهن. پر تصور ننڊ دوران پاڻ خواب ۾ نه ويندو آهي. پر اهو ننڊ ۾ پيل شخص جي يادگيرين ۾ موجود هوندو آهي. جاڳڻ کانپوءِ هو تصور جي سمورن تفصيلن کي ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. جيڪي مجموعي طور تي سندس خواب ۾ نظر ايندا آهن. اهڙن معاملن ۾ ڪنهن جو به مطلب پاڻ کي پڪ ڏيارڻ نه هوندو آهي ته هن کي واقعي ڪجهه يا اهو سڀ ڪجهه ياد هو جيڪو هن خواب ۾ ڏٺو هو.

ٺهيل ٺڪيل تصورن جي معاملي ۾ اها ساڳي ئي وضاحت آهي. جيڪا سڃي/ پوري اپرندڙ جوش جي ذريعي تحرڪ ۾ اچي ٿي. اها وضاحت ڪن ٻين خوابن تي به لاڳو ٿي سگهي ٿي. جيڪي اپري ايندڙ جذبن تي ڏيان ڏيارينڊڙ هوندا آهن. مثال طور دوزخ رسائيندڙ مشين جي ڏڏڪي کان اڳ ۾ "نيپولين جو جنگي خواب."

خوابن جي متعلق "جسٽائن توبوولسڪا" (Justine Tobowolska) پنهنجي گڏ ڪيل مقالن جي مجموعي ۾ "خوابن ۾ وقت" بابت واضع ٽڪرو لکيو آهي، جيڪو مون کي گهڻو معلوماتي لڳو. انهن مان هڪڙو "مئڪيريو" (Macario_1857_46) بہ بيان ڪيو آهي، جيڪو ڊرامن جي هڪ ليکڪ "ڪيسي مير بئنجور" (Casimir Banjour) جي خواب متعلق آهي:

"هڪ ڏينهن شام جو بئنجور پنهنجي هڪ ڊرامي بابت ڪيل پهرين ڪارڪردگي ڏسڻ ٿي چاهي، پر هو ايترو ته ٿڪل هو جو پردي کلڻ کان اڳ ۾ ئي ڪيس ننڊ اچي وئي. ننڊ ۾ هو پنهنجي ڊرامي جي پورن پنجن ايڪٽن دوران هر منظر جي حوالي سان ڏسندڙن جي مختلف جذبن کي بہ ڏسندو رهيو. ڊرامي جي پڄاڻيءَ تي جڏهن تاڙين جي گونج ۾ سندس نالو ورتو ويو ته هو گدگد ٿيڻ لڳو. پوءِ اوچتو هو جاڳي پيو. هن کي پنهنجي ڪنن ۾ اڪين تي يقين ئي نہ پئي آيو ته هن کا ايڏي ڊگهي ننڊ ڪئي هئي، جڏهن ته هن منٽن جي ننڊ ۾ هن کي ته رڳو بہ ستون مس ٻڌڻ ۾ اچن ها.

هن خواب جي معاملي ۾ خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو ته اهو سيڪجهه جلد بازيءَ ۾ پيش نہ ٿيو هو جو ايتري ٿوري وقت ۾ خواب ڏسندڙ پنجن ايڪٽن وارو ڊراموڏٺو يا مختلف منظرن دوران ماڻهن جي ردعمل جو مشاهدو ڪيو ۽ نہ ئي ننڊ دوران اهو سڀ ڪجهه ڪنهن تازي مواد جي پيشڪش منجهان اپري اچڻ جي بہ ضرورت مطابق هوا! پر ٿي سگهي ٿو ته اهو "تصوراتي سرگرميءَ" جو ڪو حصو ٻيهر پيش ٿيو هجي.

"جسٽائن توبوولسڪا" پين ليکڪن وانگر ان حقيقت تي زور ڏنو آهي ته: "خواب، خاص طور تي خيالن جي تيز رفتاريءَ واري عملي خاصيت سان لاڳاپيل ۽ پين خوابن کان بلڪل مختلف/ ابتڙ نظر ايندو هوندو آهي، ۽ انهن جي سانيڙ جو مختصر بيان بہ بنهہ تفصيل سان موجود هوندو آهي. جنهن جي خاصيت بہ اهڙي ئي قسم جي ٻيهر ٺهيل تصور جهڙي هوندي آهي، ۽ خوابي ڪم جي ذريعي ڇهڙ سان تحويل ۾ وٺڻ جي پابند هوندي آهي. پر اتفاق سان ليکڪ اهو نتيجو ڪيڙ ۾ ناڪام ٿيندا آهن.

مان بهرحال کا دعويٰ نہ ٿو ڪريان ته سمورا ايار ڪائيندڙ خواب ان وضاحت کي قبول ڪندا هوندا، يا خوابن ۾ خيالن جي تيز رفتاري، ان طريقي سان صفا معطل ٿي سگهي ٿي.

خوابن جي مواد جي "ثانوي جائزي/ نظرثاني" ۽ خوابي ڪم جي باقي جزن جي وچ ۾ تعلق جي هن نڪتي تي غور ڪرڻ واري معاملي کان لنواڻ ناممڪن آهي. ائين بهتر نہ ٿيندو ته اسان کو اندازو لڳايون ته پهرين مرحلي ۾ خواب جي تعميري جزن ۾، چندڇاڻ کان بچڻ لاءِ، اختصار جي رجحان کي ڪهڙي ضرورت پوندي آهي، ۽ غور ويچار ڪرڻ جي ذميداريءَ جي نفسياتي مقصد جي ذريعي، مهيا ڪيل مواد منجهان، عارضي خوابي مواد پاڻ ۾ گڏجي خوابن تي ظاهر ٿيندا آهن، ۽ تنهن کانپوءِ اهو مواد ٻيهر ترميم ڪيل شڪل ۾ ۽ ان ٻئي شعبي جي ضرورت مطابق ممڪن حد تائين موافق/ نهڪندڙ بڻائيندو آهي؟

ائين ورلي ئي ممڪن هوندو آهي.

اسان کي تسليم ڪرڻو پوندو. حالتن مان ڪنهن بہ هڪ جي ڏانچي ناهڻ لاءِ ڪنهن حد تائين ٻئي جزي جي پهرين مطالبن سان، جن سان خواب ضرور مطمئن ٿي وڃي ۽ اها حالت انهن جهڙي هجي جنهن کي اختصار ذريعي اختيار ڪيو ويو هجي، ته چندڇاڻ پنهنجي مزاحمت/ مخالفت، ذريعي اها حالت مٿس مڙهيندي آهي، ۽ "نمائندگيءَ جي قابليت"، خوابي خيالن ۾ موجود جهجهي تعداد وارو مواد مٿس، ورتايل ۽ چوندڙ احساس/ فهم تي ساڳئي وقت تي ترتيب ڏيڻ جو عمل ڪندي آهي.

بهرحال هر صورت ۾ خواب جي جُڙڻ لاءِ اهي چارئي حالتون سرگرم رهندڙ آهن، جن مان اها هڪ آخري اسان جي سمجهه ۾ آئي آهي، جنهن جا مطالبا خواب تي پيدائشي اثر رسوخ کان ڪنهن بہ صورت ۾ گهٽ ظاهر نہ ٿيندا آهن.

اهو ويچار (Consideration)، ان معاملي کي تمام گهڻو ممڪن ٿو بڻائي ته نفسياتي عمل، اتان ڪجي اچي ٿو، جنهن کي اسان خوابن جي متن جي، اها "ثانوي نظرثانيءَ" ڪري بيان ڪيو آهي، جيڪا اسان جي جاڳ واري حالت جي سرگرميءَ جي

نشاندهي ڪندي آهي. اسان جي جاڳ دوران شعور ۽ لاشعور جي وچ واري حصي (Preconscious) ۾ گڏ ٿيندڙ سوچون ادراڪيل مواد جي پاسي لاڙو/ رويو رکنديون آهن، ۽ انهن سان ساڳئي رستي سان وڃي ملنديون آهن جنهن طريقي سان اسان خوابن جي متن جي متعلق لاڙو/ رويو رکندا آهيون. اها اسان جي جاڳيل خيالن جي فطرت آهي ان حوالي سان ان قسم جو مواد مسلسل ترتيب جي عمل ۾ مصروف هوندو آهي ۽ ائين اسان جي سمجهه ۾ ايندڙ "توقع" کي مجموعي طور تي ثابت ڪرڻ لاءِ ان ۾ پنهنجي تعلق کي ڳنڍيو رکندو آهي. حقيقت اها آهي ته اسان ان ڏس ۾ گهڻو دور هليا ويندا آهيون. هڪ پڙهندڙ شعبدي باز جي معمولي اٽڪل ۾ اسان جي دانشوراڻي عادت واري اعتباري رويي سبب، اسان کي ٺڳي وڃندي آهي. حواسن ذريعي محسوس ٿيندڙ تاثرن جي مختلف انداز کي سمجهڻ جون ڪوششون، اسان کي ادراڪ ۽ فهم ۾ آڇيندڙ رهنديون آهن، پر اسان گهڻو ڪري عجب جهڙن عقيدن ۽ قياسي پوندا آهيون يا وري جيڪو مواد سامهون هوندو آهي ان جي سچائيءَ تي پيا شڪ ڪندا آهيون.

ان رويي جون شاهديون اسان کي عالمگير سطح تي ملن ٿيون. اسان پنهنجي مطالعي دوران انهن غلط چپيل اکرن تي ڏيان نه ڏيندا آهيون، چاڪاڻ ته اهي اصل مقصد کي تباهه ڪري ڇڏيندا آهن. ان جي جاءِ تي اسان رڳو اندازو لڳائيندا آهيون يا تصور ڪندا آهيون ته اسان جيڪو به پڙهون پيا سو بلڪل درست پيا پڙهون. هڪ مشهور فرانسيسي رسالي جي ايڊيٽر جو چوڻ آهي ته: "مان ان ڳالهه تي شرط لڳائيندو آهيان ۽ ڏڪهن ڏڪهن مضمونن جي ستن ۾ لفظ "اڳيان" يا "پويان" وڃهي ڇپائي ڇڏيندو آهيان، پر اڄ تائين ان پاسي ڪنهن جو به ڏيان نه ويو آهي، ۽ ائين مان هميشه پنهنجو شرط ڪٽي ويندو آهيان."

ڪيترا سال اڳي مون هڪ اخبار ۾ ڪوڙ تي ٻڌل مزاحيه واقعو پڙهيو هو. هڪ پيري فرانس جي قانون ساز عدالتي اداري جي هال ۾ ويهڻ دوران، هال ۾ ڪنهن انتهاپسند بم اڇلايو جنهن جي نتيجي ۾ ڊپٽي صاحب پنهنجي جرعت وارن جملن سان ماڻهن جي پاڻ کي روڪڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. اخباري نمائندن، گئلريءَ ۾ ويٺل ماڻهن کان ان انتهائي پرتشدد ڪاروائيءَ بابت تاثرات وٺڻ شروع ڪيا. انهن مان به ماڻهو جيڪي ڪن ٻين صوبن مان آيل هئا، جن مان هڪڙي جو چوڻ هو ته:

"اهو سچ آهي ته مون هڪڙي تقرير جي ختم ٿيڻ وقت بم ڦاٽڻ جو آواز ٻڌو، پر مون تڏهن تسليم ڪري ورتو ته پهريون ڏماڪو تڏهن ٿيندو آهي، جڏهن اسپيڪر تقرير ڪري پنهنجي جاءِ تي ويهندو آهي."

ٻئي شخص جنهن اڳ ۾ به ڪافي تقريرون ٻڌيون هيون، اهو به ان ساڳئي نتيجي تي پهتو هو، بس رڳو هن وڌيڪ ايترو چيو ته:

"اهو ڪاءُ خاص طور تي ڪامياب تقرير جي پوري ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ ڪيو ويو هو."

ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته اسان جي عام رواجي سوچڻ جو طريقو اهو ئي آهي ۽ اهو ئي "نفسياتي شعبي" جو طريقو آهي، جيڪو خوابن جي متن منجهان ان مطالبي سان مقصد حاصل ڪرڻ جو ذريعو ٻڌجي ٿو ته اهي سمجهه ۾ ايندڙ ۽ چٽا هجن، جيڪي ان پهرين تشريح جو موضوع ٻڌجن ٿا، ۽ نتيجي طور انهن جي مڪمل غلط فهمي پيدا ڪندڙ ثابت ٿين ٿا (ص: 616).

خواب جي ظاهري تسلسل جي سلسلي ۾ پنهنجي تشريح جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ ان جي شڪجڻ واري اصليت منجهان اهو طريقو بنا تبديليءَ جي ۽ بنهه لازمي اصول تحت جاري رکڻو ٿو پوي، ۽ ساڳيو ئي رستو وٺي خوابي خيالن جي مواد ڏانهن موٽڻو ٿو پوي، پوءِ پلي ته اهي خواب پاڻ ۾ چٽا هجن يا منجهيل هجن.

اسان (ص: 572) تي خوابن جي وسعت جي صلاحيت ۽ ان جي چٽائيءَ ۽ منجهيل صورتحال جي وچ ۾ بحث ڪري آيا آهيون. اهو معاملو خواب جي انهن حصن تي مدار ٿو رکي، جيڪي "ثانوي جائزي/ نظرثانيءَ" ذريعي کي چٽا تاثر بيان ڪرڻ جي قابل هوندا آهن، جڏهن ته ڪجهه حصا، جن تي ان جي ڪوشش ناڪا ٿيندي آهي ته اهي منجهيل هوندا آهن. خواب جا "منجهيل حصا"، ساڳئي وقت پاڻ ۾ تمام "گهٽ چٽا حصا" هوندا آهن. پر اسان اهو نتيجو ڪڍي سگهندا آهيون ته خواب جو ثانوي ڪم، خود مختلف خوابي عنصرن جي پيوندي روپ ڏيڻ واري شدت کي پيش ڪرڻ جو ذميوار هوندو آهي.

مان جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جي ڳولها لاءِ چوطرف نهاريان، جنهن سان مان خواب جي تسليم ڪيل حتمي جوڙجڪ کي پيٽيان، جيئن اهو عام سوچ کانپوءِ پنهنجو حصو ڳنڍيندو آهي، تہ مان مجهان ٿو تہ ڳجهارت واري انداز سان پٽر تي اکريل اکرن کان وڌيڪ بهتر ڪا بي ڳالهہ نہ ٿي ليي، جنهن سان مشهور فرانسيسي رسالي جي ايڊيٽر سالن تائين پنهنجي پڙهندڙن کي پئي وندرايو هو. ان جو ارادو پڙهندڙن کي اهو باور ڪرائڻ آهي تہ: "تضاد اپارٽ لاءِ جن اکرن تي جملو مشتمل هوندو آهي، ان جي هڪجهڙائي، هڪ آواز ۽ ادا ٿيندڙ پدن ذريعي ۽ هڪ نئين طريقي تي بدل هوندي آهي، تہ يعني مختلف معنيٰ وارا لفظ هڪ جهڙي آواز ۽ ادا ٿيندا آهن. اهڙا نج لاطيني لفظ جتي ڪٿي بيا استعمال ٿيندا آهن، بئي نڪتي تي اسان کي اختصار ڪيل (Abbreviated) لاطيني لفظ ملن ٿا، ۽ ايجان ان ايڏنگي روپي جي ڪجهہ بين نڪ ن جي حوالي سان، ڪيترن ئي بي معنيٰ ۽ بي واسطا لفظن کي درگذر ڪري ڇڏڻ واري روپي سبب اسان پاڻ کي هروپرو نڳيندا بہ رهندا آهيون. اسان جيڪڏهن انهن کي مذاق واري خيال کان لنوائي بہ ڇڏيندا آهيون تہ بہ اسان کي گهرجي تہ هر ان ڳالهہ کي بروپانيون، جيڪا واقعي خراب هوندي آهي. ائين اکرن تي سدائين مستحڪم انداز سان نظر وجهڻ گهرجي، ۽ انهن جي ظاهري ترتيب تي بلڪل بہ ڏيان نہ ڏيڻ گهرجي.[1] ۽ انهن کي پنهنجي مادري هولي ۽ جي اثاثي سان جوڙڻ گهرجي.

"ثانوي جائزو/ نظرثاني" خواب جي ڪم ۾ هڪ اهو نتيجو آڻيندڙ حالت آهي، ۽ ان موضوع بابت ليڪڪن جي گهڻي تعداد مشاهدو ڪيو آهي ۽ ان جي اهميت ۽ خاصيت کي گهڻو ساراهيو آهي. "هيولاڪ ايلس" ان عملي طريقي بابت نهايت دلچسپ لمومات ڏني آهي: "نند واري شعوري حالت، جنهن جو اسان تصور پڻ ڪري سگهون ٿا، ان لاءِ ائين چئي سگهجي ٿو تہ اهو پاڻ بہ نتيجو آڻڻ ۾ رڌل هوندو آهي"

اسان جو استاد اهو بہ چوي ٿو تہ: "جاڳ واري شعوري حالت، جيڪا دليل ۽ منطق سان نهايت سگهاري نموني ڳنڍيل رهي ٿي، اها، بين شين کي بہ ڏاڍو جلدي گڏ ڪري وٺي ٿي، ۽ والاريل وابستگيءَ کان اڳ ۾ انهن کي هر طرح جي ترتيب بہ ڏئي ٿي."

جاڳ واري خيال سان گڏجي ڪم ڪرڻ واري طريقي جي متعلق، خاص چٽائيءَ سان نشاندهي "ڊيلاڪروئس (Delacroix_ 1904,926) ڪئي آهي: اهو اصل ۾ اسان جي جاڳ واري حالت جي احساسن متعلق منطقي امداد وارو ڪم آهي." جيمس سولي (James Sully_1893,355_6) پڻ ان خيال جو آهي، ۽ "جسٽائن توبوولسڪا" (Tobowolska_ 1900,93) بہ ائين ئي چوي ٿو:

"ذهن! منطقي طور اڻ لاڳاپيل خيالن منجهان ۽ سوداءِ/ وهم (Hallucination) وارن وهڪرن مٽان، ان ساڳئي ڏينهن دوران پيدا ٿيل احساسن کي ڪٽي اڇڻ جون ساڳئي منطقي ڳانڍاپي ذريعي سنجيدهہ ۽ لاڳيتو ڪوششون وٺندو آهي. هو انهن سمورين علحده ٿيل ۽ غير جانبدار عڪسن کي تصوراتي ڪڙين سان ملائيندو آهي ۽ انهن جي وچ ۾ پيدا ٿيل وڏي خال کي روڪي ڇڏيندو آهي."

چند بين ليڪڪن جي چوڻ مطابق، ترتيب ڏيڻ ۽ تشريح ڪرڻ جو اهو عمل خود خواب دوران پاڻ ئي شروع ٿي ويندو آهي ۽ جاڳڻ کانپوءِ بہ تسلسل قائم رکندو آهي.

ان سلسلي ۾ "پائولهان" (Paulhan_1894,546) چوي ٿو تہ:

---

[1] "ثانوي جائزي/ نظرثاني" جي سرانجاميءَ واري عمل جو حوالو "پرين جي آڪاڻين" ذريعي (ص459)، ۽ آڊيپس متعلق (ص:482) تي ڏنل آهي. خيالن جي سوچ جي غلبي ۽ خوف واري حالت (ص: 459) ۽ وسوسن ۽ مالي‌خوليا متعلق تقريرون: فرائيڊ جي تعارفي تقريرون (1916). خوابن ۾ ثانوي جائزي/ نظرثاني ۽ خيالن جي جوڙجڪ جي هڪ جهڙائيءَ واري طريقي ۽ سچائپ جي علامت". حرامريا ناجائز رسمون" تي تعارفي تقريرون جي باب ڏهين جي حصي چوڏهين ۾ آندل آهي.

"مان گھٽو ڪري ائين سمجھندو آھيان تہ خواب بھرحال حادثاتي طور نياڳ وارا ٿي سگھن ٿا، يا ڪنھن حد تائين يادگيرين ۾ ٻيھر ياڳ وارا ٿي سگھن ٿا. تصور جو انتظام ھلائڻ وارو اھو رجحان، جيئن ننڊ ڪان شروع ٿيو ھو تيئن ئي جاڳڻ ڪان پوءِ پوريءَ ريت مڪمل ٿي ويندو آھي، ان طريقي سان خيال جي حقيقي رفتار جاڳ واري تصور جي سڌارو آڻيندڙ تبديليءَ ذريعي، ظاھري طور وڌي ويندي آھي."

"برنارڊ ليرو" (Bernard_Leroy) ۽ "جستائن توبوولسڪا" (592, 1901) جو چوڻ آھي تہ: "ان جي ابتڙ تشريح / تجزيو ۽ ساڳي ترتيب وارو لاڳاپو خواب ۾ نہ رڳو پيش ٿيندڙ تفصيل جي ذريعي، پر جيڪا تفصيل جاڳ جيون ۾ موجود ھوندي آھي، ان جي ذريعي بہ ڪجي ايندو آھي."

بھرحال، خوابن جي جُڙڻ ۾ اھو ڄاتل سڃاتل ڪار وھنوار اڻ تڙ نموني، پنھنجي اھميت جو وڏيڪ اندازو لڳائيندو آھي تہ جيئن خوابن جي تخليق جي سموري ڪاميابيءَ جو ڇڻ مٽس ئي ڄُھلي پوي.

تخليق جي ان عمل متعلق "گوبلوٽ" (Goblot_1896, 288) ۽ ان کان وڌيڪ "فوڪالٽ" (Foucault_1906) خيال ڏيکاريو آھي تہ: "اھو جاڳ واري حالت ۾ ڪيل چڙپر جو عمل آھي." انھن ٻنھي ليکڪن لاءِ جاڳ وارن خيالن جي لاڳاپي کي، ننڊ دوران داخل ڪرڻ خواب جي تعمير جي ھڪ لياقت آھي."

"برنارڊ ليرو" ۽ "توبوولسڪا" انھن جي راءِ تي پنھنجي خيال جو اظھار ڪندي لکن ٿا تہ: "اھو خيال ئي ٿي سگھي ٿو جيڪو جاڳ دوران ئي خوابن کي ممڪن انداز ۾ ھٽ ڪري وڃي ٿو."

انھن ٻنھي ليکڪن جو بيان اھو بہ آھي تہ: "جاڳ دوران خيال، خواب جي جُڙڻ لاءِ منسوب ٿي وڃن ٿا انھن خيالن منجھان ئي جڙيل عڪس، ننڊ جي خيالن ۾ پيش ٿين ٿا."

"ھربرٽ سلبرر" (Herbert Silberer) جنھن جي لاءِ مان اڳ ۾ بہ چئي آيو آھيان، ھن جو خيال آھي تہ: "اھي خيال جيئن آھن، تيئن ئي خواب، انھن جي ھر زاويي کي عڪسن ۾ تبديل ڪرڻ واري عمل ۾ مصروف ٿي وڃن ٿا، ۽ انھن تي ڏاھپ واري سرگرمي مڙھين ٿا، خاص طور تي ان وقت جڏھن ماڻھو ٽڪل يا ننڊاڪڙو ھوندو آھي. اھڙن موقعن تي اھي خيال جيڪي ادراڪ جي وسيلي ڪنھن شيءِ کي سمجھڻ دوران اوچتو گم ٿي وڃن يا ھڪ جاءِ جي بجاءِ ٻئي پاسي ھليا وڃن تہ اھي، مجرد خيالن (Abstract thoughts) جي اصول تحت نعم البدل جي صورت ۾ موٽ کائيندا آھن ۽ جڏھن انھن تجربن دوران وجود ۾ اچي ويندا تہ انھن جا عڪس بہ ايري ايندا آھن ۽ خواب جي ڪنھن بہ عنصر جھڙا ٿي پوندا آھن. ڪڏھن ڪنھن شيءِ جي نمائندگي ڪندا آھن تہ ڪڏھن ڪنھن ٽڪ، تڪليف، مشڪل ۽ ڪم ۾ دل نہ لڳڻ واري وھنوار ذريعي ظاھر ٿيندا آھن. انھن جي پيش ٿيڻ کي ائين چئي سگھجي ٿو تہ اھا داخلي حالت (Subjective State) آھي، جا مقصد جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش متعلق عملي طريقي جي نمائندگي ڪري ٿي.

"سلبرر" ان قسم جون ئي وارتائون بيان ڪيون آھن، جن مان ھڪڙي وارتا، اسان جي ان پوئين خواب جي سلسلي ۾ نظر اچي ٿي. "سلبرر" ان کي ڪنھن شيءِ جي بناوٽ جي ترڪيبي جزن واري متي (material phenomenon) جي ابتڙ "گھرج آھر عمل ڪندڙ متو (functional phenomenon) سڏيو آھي، جنھن کي قبول ڪري سگھجي ٿو.

"سلبرر" مثال طور ھڪ خواب ڏنو آھي:

ھڪ پيري شام جو مان پنھنجي صوفي تي ويٺو ھوس ۽ پاڻ کي ڏاڍو ننڊاڪڙو پئي محسوس ڪيم. ان جي باوجود مون پاڻ تي فلسفي جي مسئلن تي سوچڻ لاءِ زور رکيو. مون "وقت" جي سلسلي ۾ "ڪانٽ" (kant) ۽ "شوپنھار" (Schopenhauer) جي خيالن جي پيٽ ڪرڻ ٿي چاھي. منھنجي ننڊاڪڙي ھجڻ جو نتيجو اھو نڪتو جو مان پنھنجي دماغ ۾ انھن ٻنھي جي لاءِ ڪنھن بہ دليل کي ڊوڙائي نہ پئي سگھيس، جا پيٽ ڪرڻ جي لاءِ انتھائي ضروري بہ ھئي. ڪيترين ئي اجاين ڪوششن کانپوءِ پنھنجي ذھن ۾ پنھنجي سموري ارادن جي سگھ سان ھڪ پيرو ٻيھر "ڪانٽ" جي ڪسوٽيءَ کان متاثر ٿي ويس، تہ جيئن مان انھن کي "شوپنھار" جي "مسئلن جي بيان" سان لاڳو ڪري سگھان. پوءِ مون پنھنجو ڌيان ان خط ڏانھن لاڙي ڇڏيو، پر وري

ڏهن "کانٽ" جي پاسي مڙڻ جي کوشش ڪيم ته مون ڏٺو ته سندس دليل مون کي هڪ پيرو ٻيهر عارضي ڏهني چوٽڪارو ئي ڇڏيو ۽ مون ان ڪتاب کي ٻيهر ائين ئي کڻي ورتو. اها ٻلهي کوشش "کانٽ" جي ان دستاويز کي ڳوکهڙ لاءِ پئي ڪيم. ٻيڪو منهنجي ذهن ۾ ڪٿي گم ٿي ويو هو. اوچتو منهنجي پوٽيل اکين آڏو اچي ويو. بلڪل هڪ ٿوس ۽ پيوندي روپ ۾، جڏهن خواب جي تصوير جيان هئي:

(1)

"مون بي مروت سيڪريٽريءَ کي معلومات ڏيڻ لاءِ چيو. جيڪو پنهنجي لکڻ واري ٽيبل تي جهڪيل هو ۽ منهنجي نڪري گهرج تي ڪو ڌيان نه ڏنائين. پوءِ هن پاڻ کي ٽوروسڏو ڪيو ۽ مون تي نه ميڙ ۽ جواب نه ڏيڻ واري نهار وڌائين."

هتي ڪجهه ٻيا مثال ٻه پيش ڪجن ٿا جيڪي ڪڏهن جاڳ ته ڪڏهن ننڊ جي وچ ۾ لڏڻ لمڻ (Oscillation) سان ڳنڍيل آهن:

(2)

حالت:

صبح جو جاڳ واري! "جيتوڻيڪ مان گهري ننڊ (نيم بيهوشيءَ واري حالت) ۾ هوس، ۽ مون تي گڏيل خواب جا پاڇا پئي پيا، ۽ خواب ۾ هڪ قسم جو تسلسل هو مان جاڳڻ ۽ هوش ۾ اچڻ جي ڪوشش پئي ڪئي، پر وري ان غنودگيءَ ۾ ئي رهڻ پئي چاهيم.

منظر:

"مان هڪ هڪ فوٽ جي مفاصلي تي پيل هڪ ڪتاب کي پئي اورانگهيو، پر اهو وري پوئتي سُري پئي ويو."

(3)

حالت:

مون گهٽي دير بستري ۾ سمهڻ ٿي چاهيو يا ائين چئجي ته مان ننڊ کي رستو پئي ڏنو ته جيئن وڌيڪ دير تائين سمهيو پيو هجان.

منظر:

مان ڪنهن (مرد يا عورت) کي خدا حافظ چيو ۽ ان (عورت) سان جلد ملڻ لاءِ چيو."

"گهرج آهر عمل ڪندڙ متو" (Functional Phenomenon) ماٺهن يا شين جي بجاءِ حالت جي نمائندگي ڪري ٿو. "سلبرر" اصولي طور ان جو گهري ننڊ ۾ هجڻ ۽ جاڳڻ وارين، ٻنهي حالتن ڏريعي مشاهدو ڪيو آهي. اهو سمجهڻ سولو آهي ته خواب جي تشريح جو واسطو رڳو ويجهي معاملي سان آهي. "سلبرر" جيڪي مثال ڏنا آهن اهي ميڙ جهڙا نظر اچن ٿا، ته ڪيترن ئي خوابن جي متن جا آخري حصا، جيڪي جاڳ ڏريعي هڪدم نتيجو ڪيندڙ ٿين ٿا، ۽ جاڳڻ جي ارادي يا جاڳڻ واري عمل بابت گهٽ يا وڌ ڪجهه ٻه پيش ڪندڙ نه ٿيندا آهن. ٿي سگهي ٿو ته اهڙن عڪسن جي نمائندگي ڪنهن خاص معنيٰ ۾ ٿيندي هجي، جيئن چائنڊ ٿيهي آهي: (چائنڊ، چوڪٽ، دروازي، يا منڊ جو علامتي نظريو (threshold symbolism): "هڪ ڪمري مان نڪرڻ، ٻئي ڪمري ۾ داخلا ٿيڻ، ڪٽي وڃڻ، گهر تي اچڻ، ساٿيءَ کان جدا ٿيڻ، پاٽيءَ ۾ ٽهي ڏيڻ وغيره."

بهرحال مان ان تي تبصري ڪرڻ کان پاسو نه ٿو ڪريان. ڇاڪاڻ ته مان خوابي عنصرن متعلق وضاحت ڪرڻ کان اڳتي نڪري آيو آهيان. ٿي سگهي ٿو اهو ان چائنڊ، چوڪٽ، دروازي، يا منڊ جو علامتي نظريو (Threshold symbolism)

منهنجي پنهنجن خوابن يا انهن جي موضوعن سان وابستا هجي، جن جي تشريح مان ڪري چڪو آهيان. ٿوري گهٽ ئي سهي پر "سلبرر" جي معلومات ڪي قدر ميڙ جهڙي آهي.

اهو ڪنهن بہ طرح اڻ ادراڪيل يا غير امڪاني نہ آهي تہ "منڊ وارو علامتي نظريو" خوابن جي وچين حصي جي ڪجهہ عنصرن جي اٽڪ تي روشني وجهي سگهي ٿو: ان جي جاءِ تي، مثال طور جتي گهري نند ۾ گهيرڻن واري ڪيفيت جو معاملو هجي ۽ ان ڪيفيت کي توڙي خواب مان جاڳڻ جو ارادو هجي. پر ان جي ميڙ جا مثال ايجان ظاهر نہ ٿيا آهن.

اسان ان حقيقت کي ميڙ لاءِ تيار آهيون تہ جاڳيل حالت جي خيالن جو خوابن جي تعمير ۾ حصي ڳنڍيڻ وارو نظريو هڪ ٻي شڪل ڏيڻ ۾ بهرو ٿو وٺي، جنهن کي اسان اڳي ئي "ثانوي جائزي/ نظر ثاني" جي عنوان سان بحث هيٺ آڻي چڪا آهيون. ان حوالي سان اسان اهو ڏٺو تہ اهو ڏيان طلب حصو جنهن ڏينهن دوران اثر انگيز انجام سانديو آهي، اهو نند دوران خواب ۾ پنهنجو تسلسل قائم رکي ٿو ۽ "ثانوي جائزو" ان جي جاچ پڙتال ڪري ٿو ان تي تنقيد ڪري ٿو ۽ انهن ۾ دخل اندازيءَ جي قوت کي بچائي ٿو ۽ نهايت اعتبار جوڳي انداز سان ذهني شعبي ۾ ان کي شناخت ڪندي نظر اچي ٿو اها قوت ان پاسي چنڊچاڻ کي جاري رکي ٿي، جتي ڪنهن کي جوڙڻ يا واسطي ظاهر ڪرڻ واري لاڳاپي ڏيکارڻ وارو طاقتور اثر رسوخ خواب جي جڙڻ لاءِ ورتل طريقي تي پابندي وجهي ٿو.

"سلبرر" جا مشاهدا اهڙن معاملن ۾ مددگار ثابت ٿين ٿا، ۽ اها حقيقت آهي تہ ڪجهہ حالتن ۾ شخصي مشاهدي جا قسم ان ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿا ۽ خواب جي متن ۾ پنهنجو حصو ڳنڍيين ٿا. شخصي مشاهدي واري شعبي جا ممڪن واسطا، جيڪي فلسفياڻين ذهنن ۾ خاص طور نمايان ٿي سگهن ٿا، خاص طور شعور مان لاشعور ۾ جمع ٿيندڙ ويچارن ڏانهن ۽ گمراهہ ڪندڙ مشاهدن ڏانهن، وويڪ/ ضمير ڏانهن ۽ خوابن جي چنڊچاڻ ڏانهن. نهايت موزون انداز سان ڪنهن ٻئي جاءِ تي ورتاءُ ڪندا آهن.

هاڻي مان خواب جي ڪم متعلق هن ڀڳهي مذاڪري جو تت ڪيڻ جي ڪوشش ڪندس.

اسان هڪ سوال جي ذريعي ان ڳالهہ سان بہ منهن ڏنو تہ ڇا ذهن پنهنجي سمورين لياقتن ۽ مهارتن ذريعي خوابن جي تعمير ۾ بنا ڪنهن لڪ لڪاءَ جي، خدمت ۾ مصروف هوندو آهي، يا انهن جي رڳو ڪنهن اڻ پوري حصي تي عملي پابندي لڳائيندو آهي؟

اسان جي ڪوجنا اسان جي رهنمائي ڪندي ان جي جوڙجڪ کي صفا رد ڪري ڇڏيو جنهن ۾ حالتن جي متعلق اٽپورو سوال گهڙيو ويو هو. جيڪڏهن اسان ان سوال جو جواب ان بنياد تي ڏيون ها، جنهن تي اهو ٻڌل هو تہ اسان جو فرض هو تہ انهن ٻنهي جي نعم البدل طور ڪو ويساهہ وارو جواب ڏيون ها، جنهن جو اظهار گڏيل مفاد جي ڪري باهمي ۽ امتيازي طور تي پاڻي پائيواريءَ ذريعي ٿيندو آهي. تي سگهي ٿو تہ خواب جي جڙڻ دوران ۾ جدا جدا عمل، ذهني سرگرميءَ ۾ فرق ڪندا هجن، يعني: "خوابي خيالن جي پيداوار ۽ انهن جي خوابي متن ۾ تبديلي."

خوابي خيال انتهائي سمجهہ پريا/ شعوري هوندا آهن، جن جي سموري تعميري اسان جي وت ۽ وس آهر نفسياتي قوت جي خرچ تي ٿيل هوندي آهي. اهي سوچون يا خيال پنهنجي عملي طريقي ذريعي شعوري عمل ۾ جاءِ والاريندو آهن، جنهن منجهان ڪجهہ ترميم ڪانپوءِ اسان جون شعوري سوچون پڻ ايڊٽ لڳنديون آهن. بهرحال نهايت دلچسپ ۽ منجهائيندڙ سوال خوابن سان سلهاڙجي ويندا آهن، حالانڪ انهن سوالن جو ڪو خاص رشتو خوابن سان نہ هوندو آهي، ۽ نہ ئي انهن کي خوابن جي مسئلن جي حل ڪرڻ لاءِ ڪوسڌ ٿيندو آهي.

ٻئي پاسي خواب جي جُڙڻ دوران ذهني عمل جي ٻي سرگرمي، لاشعوري خيالن کي، خواب جي متن ۾ شامل ڪرڻ آهي، جيڪا "خوابي حيات" جي خاص، نياري، نج ۽ اهم خاصيت آهي. اهو خوابي ڪم اسان جي جاڳ وارن خيالن جي تصويرن منجهان وڌيڪ نڙي پکڙي ويندو آهي. خواب جو ڪم جاڳ وارن خيالن کان گهٽو لاپرواهہ نہ هوندو آهي، گهٽو ٻي سمجهہ، گهٽو ويساري ۾ قاتل ۽ وڌيڪ اٽپورو نہ هوندو آهي، اهو ان جي وصفن، لياقتن يا صلاحتن کان بلڪل مختلف هوندو آهي، اهو ئي سبب

آهي جو هڪدم ان سان برميچي نه سگهندو آهي. خواب! شعور وانگر نه سوچيندو آهي، نه ئي ڪا ڳڻپ يا فيصلو ڪري سگهندو آهي. خواب! ڪنهن به شيءِ کي نئون روپ ڏيڻ لاءِ پاڻ تي پابندي مڙهيندو آهي.

خواب! ڳڻپ يا ڳاڻاٽي جي ذريعي انهن حالتن جو سير حاصل بيان ڪندو آهي، جن جي نتيجي کي پيش ڪرڻ لاءِ ڪيس اطمينان هوندو آهي. انهيءَ پيداواري صلاحيت سبب، خواب چندچاڻ کان ٽنائي ويندو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ خواب جو ڪم نئين قاعدي مطابق تبديل ٿيل نفسياتي قيمت بندي(Transvaluation) جي نڪتي تحت گم ٿي ويل نفسياتي شدتن جو استعمال ڪندو آهي.

خيال پوءِ! عڪسي مواد ۽ آوازي(Acoustic) علم وارن يادگار نقشن ۾ امتيازي طور يا فوقيت وچان ٻيهر پيش ٿيندا آهن ۽ انهن جي ضرورت خواب جي ڪم تي مڙهيندا آهن، جنهن کي اسان نمائندگيءَ جي قابليت تي غور ڪرڻ (Consideration of representability) ٿا چئون. جيڪا اڃي نئين تازي گم ٿي ويل معاملي سان گڏبي آهي. تمام وڏين شدتن جو پيش ٿيڻ به ممڪن هوندو آهي، جيڪي رات جو پوءِ خوابي خيالن کي پنهنجي موجود هجڻ جو احساس ڏيارينديون آهن، جن جو مقصد وسيع/ جامع چندچاڻ جي ذريعي حل ٿيندو آهي. اها شدت خوابي خيالن جي لازمي جزي منجهان نڪري ايندي آهي ۽ خيالن جي وچ ۾ منطقي واسطن ڏانهن ٽورڻو ڏيندي آهي. اهي واسطا بنيادي طور تي خواب جي ڪجهه رسمي خصلتن ۾ اصل حالت کي لڪائڻ جي نمائندگي ڪندا آهن. ڪو به جذبو خوابي خيالن (سوچن) سان ڳنڍيل هوندو آهي ته اهو پنهنجي تصور واري مواد کان گهٽ اصلاحي حالتن مان گذرندو آهي. اهي جذبا اصولي طور تي ڊهيل/ ڊهايل هوندا آهن. اهي جڏهن استعمال ٿيندا آهن ته اهي انهن خيالن کان ڇڄي ڏاري ٿي ويندا آهن، جن سان باقاعدي طور تي ڳنڍيل هئا. پوءِ ساڳئي ئي خاصيتن وارا جذبا ساڻن اڃي ملندا آهن.

خواب جي ڪم جو رڳو هڪڙو حصو ۽ هڪ اهو جيڪو معيار سان نه ٺهڪندڙ سطح تي عمل ٿو ڪري، اهي ٻئي جاڳ وارن خيالن جي ايار جي ذريعي ان سموري مواد تي ڪم ڪن ٿا، ۽ ٻين ليڪن جي ڏنل راين جيان ڪي قدر خوابن جي تعمير ۾ سموري سرگرمي لاڳو ڪن ٿا.[1]

---

[1] چوٿين، پنجين، ڇهين ۽ ستين اشاعت (1914 کان 1922) تائين ان نڪتي تي "اوتو رئنڪ" جي ٻن مقالن تي مشتمل بحث ڏنو ويو آهي، جن جو عنوان آهي: "خواب ۽ تخليقي تحرير" (1914)، ۽ "خواب ۽ ڏند ڪٿائون" (1914).

باب ستون

خوابن جي عمل جو نفسياتي پهلو:
THE PSYCHOLOGY OF THE DREAM- PROCESSES

پين جي ٻڌايل خوابن منجهان، هن نڪتي جي حوالي سان، هڪڙي خواب تي اسان جو خاص ڌيان ويو آهي. اهو خواب مون کي هڪ عورت ٻڌايو هو جنهن به خوابن متعلق تقرير ذريعي ٻڌو هو جنهن جي اصل سرچشمي جي متعلق مان ايجان تائين اٽڄاڻ آهيان. ان عورت تي هن خواب جي مواد وڏو اثر ڇڏيو هو ان کري ان عورت انهيءَ خواب کي پنهنجي انداز سان بيان ڪيو جنهن ۾ هن پنهنجي خواب جي به ڪجهه عنصرن کي گڏائي ڇڏيو هو. سندس گفتگو جو انداز اهڙو هو جو ڪجهه خاص نڪتن تي پنهنجي هاڪاري خيال کي به پيش پئي ڪيائين.

هن مثالي خواب جي ابتدا هن ريت آهي:

هڪ ٻيءَ رات ڏينهن پنهنجي بيمار پٽ جي پرسان ويهي، پڄاڻيءَ تائين سندس تيمارداري پئي ڪئي. ٻار جي مرڻ کانپوءِ تڪ سبب هو سمهڻ لاءِ پئي ڪمري ۾ ويو هن ڪمري جو در ڪليل ئي ڇڏي ڏنو ته جيئن سامهون واري ڪمري تي نظر رکي سگهي، جتي سندس پٽ جو مڙهه رکيل هو. لاش جي چوڌاري مومبتيون به پئي ٻريون ۽ ان جي نظرداريءَ لاءِ هڪ پوڙهو چوڪيدار به موجود هو جيڪو هلڪي آواز سان مقدس آيتون پڙهي رهيو هو. ٿوري دير سمهڻ کانپوءِ پڻس خواب ڏٺو ته:

"هن جو پٽ سندس بستري جي پرسان اچي بيٺو آهي ۽ ٻانهن کان جهلي کيس اڻاريندي سسپس واري انداز ۾ چئي رهيو آهي: "باب ڇا تون نه ٿو ڏسين ته مان باهه ۾ سڙان پيو؟"

هو هڪدم ننڊ مان ڇرڪ پري اٿي پيو ۽ ڏٺائين ته واقعي پئي ڪمري ۾ تمام گهٽي روشني ڦهليل هئي. هو گهبرائجي اٿي ان ڪمري ۾ ويو جتي ڏٺائين ته پوڙهو چوڪيدار اڪير وچان پنهنجون ٻانهون سندس پياري پٽ جي مڙهه تي رکي اونڌو ڪريل آهي، ۽ ٻرندڙ مومبتي جي ڪِري پوڻ سبب ان کي باهه وکوڙي وئي آهي.

هن متحرڪ خواب جي تشريح صفا سولي آهي ۽ منهنجي مريضه به صحيح ائين ئي ٻڌايو جيئن هن تقرير دوران ٻڌو هو.

روشنيءَ جا ڪرڻا ڪليل در منجهان سمهيل ماڻهوءَ جي بند اکين تي پئي پيا، جنهن ڪيس ان فيصلي تي پهچايو ۽ جاڳي پيو. ان جو هڪ پيو سبب اهو به آهي ته جڏهن هو سمهڻ ويو هو ته سندس دل ۾ خيال آيو هوندو ته متان هي پوڙهو چوڪيدار صحيح نموني سان مڙهه جي سنيال ڪري نه سگهي.

جيستائين سندس مري ويل پٽ جي جملي جو معاملو آهي ته اهو جملو به ٿي سگهي ٿو ته تيمارداريءَ دوران هن پٽ کان ئي ٻڌو هجي ته: "بابا مان سڙان پيو..." ۽ "بابا ڇا تون نه ٿو ڏسين؟" يا ڪنهن پئي جذباتي موقعي تي چيل هجي، خاص طور ماڻهو جڏهن تيمارداريءَ دوران ٿورو غافل هوندو آهي، ته بيمار اهڙي ئي شڪايت ڪندو آهي.

پر ان جي شناخت اها آهي ته خواب کي پنهنجي عمل ۾ ڪا معنيٰ نظر آئي آهي، جيڪا ٿي سگهي ٿو خواب ڏسندڙ جي نفسياتي تجربن جي سلسلي منجهان داخل ٿي هجي.

پوءِ به اسان اچرج ۾ آهيون ته خواب اهڙي قسم جي صورتحال ۾ ڇو اظهار ڪيو هو؟ جو ڪيس هڪدم سجاڳيءَ جو سڏ ٿيو هو!

چا پريشاني ۽ خواب کي تخليق ڪري سگھي ٿي؟

ان حوالي سان خواب ڏسندڙ جي ذهن ۾ اهو خيال ۽ ضرور پيدا ٿيو هوندو ته متان ميڙ ٻتيءَ جي ڪِرڻ سبب باهه نه لڳي وڃي. ۽ اهو ئي خيال سندس خواب ۾ ذهني چُستيءَ ۽ سندس پريشانيءَ جو سبب بڻيو آهي.

ٻيو ته مڙل ٻار جو رويو خواب ۾ بلڪل ڪنهن زنده ماڻهوءَ وانگر هو هن پاڻ پنهنجي پيءُ کي آگاهه ڪيو هو ۽ سندس بستري تي اچي سندس ٻانهن کان جهليو هو بلڪل ائين ئي جڏهن ٻار جي پهرين جملي تي ڏيان ڏجي ٿو ته بيماريءَ دوران پڻ سندس ٻانهن کان ئي جهلي چيو هوندو.

اسان هتي اهو مشاهدو ۽ ڪري سگھون ٿا ته هي خواب پڻ خواهش جي پورائي تي ٻڌل آهي. اصل ۾ بيقراريءَ يا پريشانيءَ جي تحريڪ هڪ ٻي زوردار تحريڪ سان اڳتي وڌائڻ جي قوت (Propelling power) کي پيدا ڪندي آهي. ۽ اهائي اڳتي ڌڪيندڙ قوت يقيني طور تي خواهش ٿي سگھي ٿي.

جڏهن ٻيءُ بدن ۾ ٽڪ محسوس ڪيو ته سندس من ۾ ٿوري دير ننڊ ڪرڻ جي خواهش پيدا ٿي هئي.

بهرحال، ان ۾ شڪ نه آهي ته ڪو خاص عنصر هن مختصر خواب ۾ ضرور آهي، جنهن اسان جو ڏيان ڇڪايو آهي. هيل تائين اسان اصولي طور خوابن جي ڳجهين معنائن سان ۽ ان جي ڪوج لڳائڻ جي طريقن سان ۽ مخفي رکڻ جي مقصد سان منسلڪ رهيا آهيون.

خوابن جي تجزيي جا مسئلا هن وقت تائين، تصوير جي مرڪز والاري ورتا هئا. ۽ هاڻي اسان هڪ اهڙي خواب تي پهتا آهيون جنهن سان تشريح جو ڪو به مسئلو پيدا نه ٿو ٿئي. جنهن جي معنيٰ به پڌري پئي آهي.

(1)

خوابن جو وسري وڃڻ:
THE FORGOTTING OF DREAMS

منهنجي صلاح اها آهي ته اسان پهرين ان موضوع تي موٽي اچون، جيڪو "مشڪل کي ايارين ٿو" جنهن تي اسان اڳ تائين ڪو غور نه ڪيو آهي، پر اسان ان کي خوابن جي تجزيي مان خارج به نه ٿا ڪري سگهون، خاص طور ماڻهن جا به جملا ٻڌا اٿئون ته خوابن جي متعلق اوهان جي معلومات ايتري خاص نه آهي، بهرحال اسان جنهن ڪم ۾ هٿ وڌو آهي ان کي توڙ تائين رسائڻ به ضروري آهي.

هن "مشڪل" متعلق پهرين ته اسان کي اهو ڏسڻو آهي ته اسان خواب جي ڪهڙي ڳالهه ياد رکندا آهيون، ۽ اسان پنهنجي غير اعتبار يادن جي پڇ ڳاهه جي صورت ۾ خاص طور انهن خوابن متعلق جيڪي وسري ويندا آهن، يا ياد نه ايندا آهن، اهڙن خوابن جي تشريح بابت ڪهڙي قسم جا فني تجربا ڪيا ويا آهن، ٿي سگهي ٿو ته اهي پنهنجي متن جو نهايت اهم حصو هجن. عام طور تي ائين ئي ٿيندو آهي ته اسان جڏهن پنهنجي ڪنهن خواب ڏانهن ڏيان ڏيندا آهيون ته اسان ان حقيقت کي سمجهڻ لاءِ وڏا هٿ پير هڻندا آهيون، پر افسوس جو اهڙا خواب اسان جي سمجهه کان گهڻو دور هليا ويندا آهن، اسان کي ڪجهه به ياد نه ايندو آهي، بس رڳو هڪ هلڪي سڃڻ هوندي آهي جا بي يقينيءَ هوندي به من ۾ پئي ڦيرا ڏيندي آهي.

ٻيو ته ان ڳالهه تي شڪجڻ جو اهم سبب اهو به هوندو آهي ته اسان جي خوابن جون يادگيريون رڳو سڃڻديل ئي نه هونديون آهن پر اهي غلط (Inaccurate) ۽ ڪوڙ ڪرڻ واريون (Falsified) به هونديون آهن. هڪ پاسي اهي شڪ پيدا ڪندڙ ٿيندیون آهن ته الائي ته ڪهڙو خواب ڏٺو هيوسين! ۽ واقعي اهو خواب اسان جي يادگيرين جيان ڇڪل ۽ ڏنڊلوئي هيو. ۽ ٻئي پاسي پڻ شڪ پيدا ڪندڙ به ٿيندو آهي ته ڪٿي اهو خواب يادن سان ائين ئي ته ڳنڊيل نه هوا جيئن خواب ۾ نظر آيو هو. اسان جيڪڏهن ان کي ٻيهر ڏسڻ جي ڪوشش ڪريون تڏهن به ائين ڪري نه سگهنداسين، ڇاڪاڻ ته اهو اتي ته هيو ئي ڪو نه!

يا ڪا ٻئين ۽ بنا سوچ سمجهه واري ڪهڙي ڳالهه هئي جا وسري وئي هئي!

بهرحال اسان نه ته ان ۾ ڪا ناهه ٿوهه ڪري ٿا سگهون نه ئي ان کي ڪاٽي نندو ڪري ٿا سگهون، نه ئي ان کي ڦيرائي گهيرائي ٿا سگهون! ان ڪري فيصلي ڪرڻ جو ڪو به امڪان نه ٿو نظر اچي ته اصل ۾ اهو ڪهڙو مواد ٿي سگهي ٿو.

سچ پچ ته هڪ ليڪڪ "اسپيٽا" (Spita_1882, 338) به ان نڪتي تي رڳو رايو لکيو آهي ته:

"جيستائين خواب ڪنهن قسم جي فرمان يا لاڳاپي جو اظهار ٿو ڪري ته اهي لياقتون رڳو ان ۾ ان وقت اظهاريون، جڏهن اسان پنهنجي ذهن جي ذريعي ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين."

تڏهن اهو خطرو به ضرور لاحق ٿي ويندو آهي ته جن شين جو جيترو قدر هئڻ گهرجي ها، اهي اسان جي ناقدريءَ جي ڪري، واريءَ وانگر هٿن جي آڱرين مان وهي ويون آهن.

هيل تائين اسان خوابن جي تشريح جي حوالي سان اهڙن چتائن (Warnings) تي ڪڏهن ڏيان نه ڏنو آهي، ان جي ابتڙ اسان ان جي مختصر تشريح ڪي اهم سمجهندا آهيون، ۽ انهن نڪتن کي چڏي ڏيندا آهيون جيڪي گهٽا ظاهر يا چٽا نه هوندا آهن ۽ خواب جي جوڙيل غير يقيني مواد تي ويساهه ڪندا آهيون. مثال طور "ارما" جي خواب (ص: 22) جو هڪ جملو: "مون هڪدم ڊاڪٽر ايم کي سڏيو." (ص: 233). تڏهن اسان اندازو لڳايو ته جيستائين ان مختصر جملي متعلق خواب

۾ کا تفصيل موجود نہ هوندي تہ ان کي پيش ٿيڻ جو رستو ڪٽان لينداو! يقينن ان جو اصل ڪٽي تہ ضرور موجود هوندو. ائين اسان ان بدقسمت مريضہ جي ڪهاڻيءَ تائين پهچي سگهياسين، جنهن جي پرسان مان ٻيئو هوس، جو مون کان وڌيڪ تجربيڪار ساٿيءَ مون کي "هڪدم" سڏايو هو.

يا اهو ظاهر ظهور بگڙيل خواب، جنهن ۾ 51 ۽ 56 جي وچ ۾ تعداد جي فرق کي نظرانداز ڪري ڪيترا ئي پيرا 51 جي انگ کي شامل ڪيو ويو هو (ص: 643_642). اهي پيپرواهيءَ ۾ سطحي طور ڏيان ڏيڻ جا مثال آهن، جن مان اسان نتيجو اهو ڪڍيو تہ خوابن جي متن ۾ لڪل يا ڳجهن خيالن يا سوچن جو هڪ پيو رستو به آهي، جيڪو 51 واري نمبر جي اڳواڻي ڪري ٿو يعني "اسان ان رستي سان هلندي خوابن تي غلبو حاصل ڪندڙ خيالن جي وهڪري جي چمڪندڙ تضاد ۾ ڏکيي حياتيءَ جي ٻٽاکن ۽ فضول خرچيءَ ۾ زندگيءَ جا 51 سال گذاري چڪيا آهن، جيڪا هن وقت منهنجي عمر جي حد آهي، "هو زنده نہ رهندو" (Non Vixit) خواب (ص: 634)، ۾ غير محسوس انداز سان ناجائز اندراج ٿيل هو جنهن کي مون پهرين نظر ۾ نظرانداز ڪري چڏيو هو: جيئن "پ" هن کي سمجهڻ ۾ ناڪام ٿيو هو: منهنجي دوست "پ" هن جي ڳالهہ نہ سمجهي. فليشل مون ڏانهن منهن ڪري چوڻ لڳو." وغيره.

جڏهن تشريح ٿيڻ لڳي تہ مان انهن لفظن جي پاسي لڙي ويس، ۽ انهن مون کي منهنجي نندپڻ جي تصور ۾ آڻي ٻيهاريو جيڪا خوابي خيالن (سوچن) ۾ هڪ وچين ڳنڍ هئي، ۽ اها انهن سٽن ذريعي آئي هئي:

ڪڏهن تون مون کي سمجهي نہ ٿو سگهين،
ڪڏهن مان پڻ تو کي سمجهي نہ ٿو سگهان،
ايان تائين اسان ٻئي، پاڻ کي
ڪنهن گپ ۾ گچيل ٿا پانيون،
چا اسان، ڪڏهن هڪ ٻئي کي سمجهي سگهنداسين!.[1]

هر تشريح لاءِ اهڙن مثالن ڏيڻ سان اصل معاملي جي تهہ تائين پهچي سگهجي ٿو ۽ اهڙا مثال هوبهو ڏيکاري سگهن ٿا تہ خواب جا انتهائي انفرادي توڙي غير اهم عنصر به ان جي تجزيي لاءِ بنهہ اٽٽر هوندا آهن پر جيڪو ڪم هٿ ۾ آهي، اهو ضرور رکجي ويندو جيڪڏهن انهن عنصرن تي پورو ڏيان نہ ڏبو تہ پوءِ گهڻي دير ٿي ويندي اسان تشريح جي سلسلي ۾ خوابن جي اهميت ۽ ان ۾ پيش ٿيندڙ لفظن جي هر قسم جي گهاڙيٽي ۽ رخ سان ۽ ان جي وقت سان به جڏهن اهي ظهور ۾ اچن ٿا، باقاعدي طور تي منسلڪ آهيون، ۽ خواب جي ان عبارت سان به جنهن کي اسان بي معنيٰ ۽ اٽڪورويا ناڪافي سمجهندا آهيون.

مختصر طور تي اهو چئي سگهجي ٿو تہ اسان گهڻو ڪري انهن سان هڪ "مقدس حڪم نامي" جيان ورتاءُ ڪندا آهيون، جيئن گذريل ليکڪن ان کي ريچڪ واري ۽ ٽياڪڙ جي ٻڌايل فيصلي مطابق مهيا ڪيو آهي، ۽ جلد بازيءَ ۾ ڪنهن ذهني انتشار جيان هڪ ٻئي سان گڏائي چڏيو آهي. ان ڪري اهو تضاد وضاحت چاهي ٿو.

جيڪڏهن ٻيا ليکڪ ان کي غلط نہ سمجهن تہ خوابن جي حقيقت متعلق اسان جي نئين ۽ سوچڻ سمجهڻ واري ڪامياب سگهہ جي روشنيءَ ۾ وضاحت اسان جي حق ۾ آهي، ۽ تضاد به مڪمل طور تي دور ٿي سگهي ٿو. اهو سچ آهي تہ سوچن کي خوابن جي ذريعي ٻيهر پيش ٿيڻ واري ڪوشش کي سمجهڻ بجاءِ اسان انهن کي بگاڙي چڏيندا آهيون: هتي اسان هڪ پيرو ٻيهر خوابن جي تشريح جي ان عملي طريقي کي ائين ئي ڳولهيندا سين، جيئن اسان خواب جي ثانوي جائزي کي ان شعبي جي ذريعي بيان ڪيو جيڪو سوچ کي عام سطح تي کڻي ٿو اچي، (ص: 628)، ۾ سوچن جو اهو "بگاڙ" ان وري ورتل جائزي جي حصي کانسواءِ جن ۾ خوابي خيال سدائين خوابي چنبڙاڻ جي نتيجي جو موضوع بڻجندا آهن، پاڻ کا الڳ حيثيت نہ رکندو آهي. ان نڪتي تي ٻين ليکڪن به ڏيان ڏنو آهي يا ائين چئجي تہ اهي "خوابي بگاڙ" (Dream_ distortion) جي ان حصي

---

[1] هائيني جي ڊرامي "هيمڪير مري ويو" (Die Heimkehr) جو منظوم مڪالمو.

تي بدگمان آهن. جيڪو وضاحتي پيشڪش جو ڪم سرانجام ٿو ڏئي، ان لاءِ اهي وڌيڪ دلچسپي نه ٿا رکن. جڏهن ته اسان سمجهون ٿا ته "بگاڙڻي" جي سرانجاميءَ جو عمل دور رس هوندو آهي. جڏهن ته گهٽ پڌرو بگاڙڻو لڪل خوابي خيالن منجهان خواب ۾ اڳي ئي واڌارو ڪري چڏيندو آهي.

پوين ليڪڪن جيڪا غلطي ڪئي آهي، اها رڳو اها آهي ته انهن اهو سمجهيو آهي ته خواب جي اصلاحي يا حالتن مطابق هلندڙ صورت صرف پورالي ۽ چڙواڳ هوندي آهي، پر انهن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ اسان کي خواب جي غلط اڳواڻي ڪندڙ تصوير ملي ٿي. انهن ان ۾ نفسياتي واقعن ۽ مرحلن کي گهٽ اهميت ڏني آهي.

منهنجو خيال آهي ته خوابن کي پورالو چڙواڳ يا آمراڻو سمجهڻ درست نه آهي، اهي ته نهايت عام جيان اظهار ڪندا آهن. جيڪڏهن خيالن جي وهڪري جو ڪو هڪ عنصر به رهجي ويندو آهي ته سندس پڪو ارادو ان کي هڪدم هڪ ٻئي عنصر جي ذريعي متاثر ڪندو آهي. مثال طور مان ڪنهن عدد متعلق بنا سوچ سمجهه جي سوچڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو پر اهو ناممڪن آهي ته اهو نمبر منهنجي اڳيان چٽي نموني ظاهر ٿئي، يا منهنجي خيالن جي ذريعي ان انگ جو تعين يقيني ٿي سگهي، پل ته اهو منهنجي ترت ارادي سان لاڳاپيل ڇو نه هجي.

انهن ڏانهن ترميم وارو عمل، جاڳ جيون جي ترتيب جي نگرانيءَ هيٺ هڪ نئين ترجيح جي صورت ۾ خواب ئي اماڻيندا آهن. اهي ان مواد سان هم صحبتي هوندا آهن، جن کي اهي ٻئي هنڌ اماڻيندا آهن. اسان کي ان مواد ڏانهن رستو ڏيکارڻ واري خدمت سرانجام ڏيندا آهن، جن ۾ نعم البدل طور ڪنهن ٻي صورت ۾ بدلجي وڃڻ جي گنجائش هوندي آهي.

پنهنجي مريضن جي خوابن جا تجزيا ڪندي، ڪڏهن ڪڏهن مان ان اعتماد کي شامل ڪندو آهيان، جنهن مون کي ڪڏهن به ناڪام ٿيڻ نه ڏنو آهي. جيڪڏهن ڪنهن مريض جو خواب سمجهڻ ۾ ٿورو مشڪل لڳندو آهي ته مان ان کي ٻيهر ٻڌائڻ لاءِ چوندو آهيان. ۽ ٻيهر جڏهن هو ساڳيو خواب بيان ڪندو آهي ته ان ۾ ورلي ڪو ساڳيو لفظ استعمال ڪندو آهي، پر خواب جا حصا جيڪي هو مختلف انداز سان ٻڌائيندو آهي ته ان جي ذريعي مون تي خواب جي لڪل ۽ ڪمزور نڪتن جون حقيقتون به عيان ٿيڻ لڳنديون آهن: اهي منهنجو مقصد ائين سرانجام ڏيندڙ آهن جيئن "هيگن" (Hagen) "سيگفرائيڊ" جي چولي / چوغي (Cloak) تي پرت وارن نشانن ذريعي سرانجام ڏنو هو.(1) اهو ئي اهو نڪتو آهي جنهن سان خوابن جي تشريح شروع ڪري سگهجي ٿي. مريضن کي منهنجي استدعا هوندي آهي ته اهي پنهنجي خوابن جي انهن حصن کي ٻيهر بيان ڪن جن مان کين تنبيهه / نتيجي جو احساس ٿيو هجي ته جيئن مان ان جي حل ڪرڻ لاءِ درست سوچ ويچار ڪري سگهان. منهنجي اهڙي زور پرڻ سبب اهو مريض هڪ هڪ پنهنجي خواب جي اصل حالت کي لڪائيندي ۽ انهن ڪمزور حصن تي پردو وجهندي، پنهنجي شڪل ۽ آواز جي تاثر کي اهڙي چالاڪيءَ سان بيان ڪندو آهي ته جيئن سندس خواب جي معنيٰ ڪنهن ٻئي تي عيان نه ٿي سگهي. اهڙي صورت ۾ منهنجو ڏيان خواب کان وڌيڪ سندس انهن تاثرات ڏانهن چڪجي ويندو آهي، جن کي هو روڪڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. خواب جي حل کان بچڻ لاءِ خواب ڏسندڙ کي وڏي پريشانيءَ سان منهن ڏيڻو پوندو آهي ۽ سندس اها پريشاني ئي مون کي سندس خواب متعلق اندازو لڳائڻ ۽ ان جي قائل ڪرڻ جو بنياد فراهم ڪندي آهي.

پوين ليڪڪن وٽ هن معاملي سان وقف ٿي وڃڻ لاءِ ڪو جواز ئي ڪو نه هو جڏهن ته انهن وٽ "شڪ، بي يقيني، فيصلي تي نه پهچي سگهڻ" متعلق سوچڻ جو وسيع ميدان مهيا ٿيل هو جن جي وسيلي اسان کي خوابن بابت فيصلن ڪرڻ ۾

---

(1) "سيگفرائيڊ" جي بدن تي زخم جو رڳو هڪڙو داغ هو ۽ "هيگن"، "ڪريملڊ" (Kriemhld) کي ان جي زخم ڏيکارڻ لاءِ راضي ڪيو هو. چاڪاڻ ته رڳو ان کي ئي خبر هئي ته "سيگفرائيڊ" جي بدن جي ڪهڙي حصي تي زخم جو نشان هو. جتي پرت واري انداز سان (سندس ڪنهن مڪيه عضوي تي) نئين ڏو منڊيئڙو ٺهيل هو. بعد ۾ "هيگن" ئي ڪيس ڪنهن چهنبدار شيءِ سان گهاءُ ڪري چڏيو هو. (نبيلنگينلائيڊ Nibelungenlied 15 ۽ 16)

آساني ٿئي ها. فيصلي لاءِ "شڪ" کي ڌاهپ واري سند نه هوندي آهي، پر اهو هڪ عام طريقو آهي، جنهن ۾ اسان جي يادگيرين جي درست هجڻ جي به ڪا ضمانت نه هوندي آهي ۽ ايجان تائين اسان ماڻهن جي سوانحي تفصيل منجهان نتيجو ڪڍڻ لاءِ خارجي جواز ڏيڻ بجاءِ مجبوري وچان عقيدن کي ڳنڍيندا آهيون.

خواب هجي توڙي ان جو اعتبار جوڳو تفصيل هجي، "شڪ" اصل ۾ خوابي چندڇاڻ واري عمل ذريعي جيڪي سوچون اثرانداز ٿيڻ واري مزاحمت سبب شعور ۾ داخل ٿيندڙيون آهن، انهن منجهان هڪ پيرو ٻيهر ۽ درست نتيجو ڪڍڻ ۾ مدد ڪندو آهي.[1] اها مزاحمت/ مخالفت، گهڻي وڃڻ يا نعم البدل جي ذريعي نيڪال نه ٿيندي آهي، پر اها ڪجهي ايندي آهي ۽ مخالفت جي باوجود "شڪ/ بي يقينيءَ" جي صورت ۾ جڏاءُ ڪري ٻيهندي آهي، اهو "شڪ" ان مواد سان سلهاڙيل هوندو آهي، جيڪو ڪيس ٻاهر اڇڻ جي اجازت ڏيندو آهي. ان "شڪ" متعلق اسان گهڻو ڪري غلطفهميءَ جو شڪار هوندا آهيون. جڏهن ته اهو چوڪسي/ خبرداريءَ لاءِ هوندو آهي، ۽ ڪڏهن به خواب جي عنصر تي وڌيڪ زور سان حملو نه ڪندو آهي، پر رڳو ڪمزور ۽ غير واضع عنصر تي سندس زور هلندو آهي. جيئن ته اسان اڳي ئي اهو معلوم ڪري آيا آهيون ته سمورن نفسياتي خاصيتن جي ڏَڻ قاعدن موجب تبديل ٿيل ڪٽ يا قيمت بندي، سوچن (خوابي خيالن) ۽ خوابن جي وچ ۾ جاءِ والاريندي آهي (ص: 532). بگاڙ رڳو نفسياتي اهميت کي هٽ ڪٽائڻ جي ذريعي ممڪن ٻڌائيندو آهي: هن کي انهن مقصدن جي ذريعي پاڻ اظهارڻ جي عادت هوندي آهي ۽ موقعي محل سان نتيجي تي مطمئن ٿيڻ کان وڌيڪ سندس ڪا به گهرج نه هوندي آهي. پوءِ جيڪڏهن خواب جي متن جو ڏنڊلو يا منتشر عنصر، "شڪ" کان سواءِ يا اضافي طور تي حملو ڪري ٿو ته اسان کي پڪو اشارو ملي ويندو آهي ته اسان کي ضبط ڪيل سوچن منجهان تقابلي طور تي ۽ سڌو سنئون نتيجو پيو فراهم ٿئي.

قديم رياستن مان هڪ رياست ۾ نئين جاڳرتا جي هڪ عظيم انقلاب[2] کانپوءِ شين جي حالت ڪيئن نه بدلجي وئي هئي، اعليٰ ۽ طاقتور خاندان، جن کي هر شيءِ تي حڪم هلندو هو، انهن کي ڏيهه نيڪالي ڏني وئي ۽ سمورن وڏن ڪامورن جي جاءِ تي ٿَون ماڻهن کي پرتي ڪيو ويو. جيڪي تمام مفلس ۽ محتاج هئا ۽ بي طاقت، بي وسيلي خاندانن جا پاتي هئا، يا انهن جا پرانهان مائٽ هئا، ان کان علاوه جيڪي شهري حقن کان محروم هئا يا انهن کي شڪ/ بي اعتباريءَ واري نظر سان ڏٺو ويندو هو، انهن کي شهرن ۾ رهڻ جي اجازت ڏني وئي. شڪ/ بي اعتباريءَ واري اها هڪ جهڙائي يا مشابهت ئي اسان جي هن معاملي واري "شڪ"/ بي اعتباريءَ سان تعلق ٿي رکي. اهو ئي سبب آهي جو خواب جي تشريح ڪندي مان ان ڳالهه تي زور ڏيندو آهيان ته "پڪ"/ يقين سان مقرر ڪري چڏيل سموري تخميني کي مڪمل طور تي "ترڪ ڪري چڏڻ گهرجي"، ۽ اڻ چٽي ۽ ڪمزور امڪانن ۽ ڏڪن هڏڻ بجاءِ خواب ۾ نظر آيل هِن يا هُن شيءِ تي مڪمل اعتماد ۽ يقين سان سلوڪ ڪرڻ گهرجي.

خواب جي ڪنهن به عنصر کي ڳولهڻ لاءِ اهو ڏٺو ويو آهي ته جيستائين اهو رويو مستحڪم طريقي سان اختيار نه ڪبو ته تجزيو يا تشريح جو سلسلو رڪجي ويندو. جيڪڏهن ڪنهن عنصر جي ڪٽ ڪرڻ ۾ "شڪ" پيدا ٿئي ته ان کي مريض جو نفسياتي نتيجو سمجهڻ گهرجي، چاڪاڻ ته ڪو به خيال رضاڪار عنصر بڻجي اڇي مغز ۾ نه ويهندو آهي.

---

[1] زناني/ مرداڻي جنسي بيمارين، هيجان، بيچيني، بي قابو جذبا، چريائپ، چٽپڙ (Hysteria) جي معاملن ۾ جسماني يا دماغي عمل منجهان شڪ گمان جي ساڳئي صورتحال نظر ايندي آهي.

[2] چوڏهين، پندرهين ۽ سورهين صديءَ ۾ يورپ ۾ ادب ۽ فن جي اها تحريڪ، جنهن فنون لطيفه کي نئين زندگي ۽ جاڳرتا ڏني.

نفسياتي تجزيو واقعي مشڪوڪ هوندو آهي، ان جو هڪ اصول آهي تہ: "جيڪڏهن تشريح جي ڪم ۾ مداخلت ڪبي تہ اها مزاحمت آهي."[1]

خوابن جو وسري وڃڻ پڻ تيستائين ناقابل وضاحت رهي ٿو جيستائين نفسياتي چنڊچاڑ جي قوت ان ۾ حصو نہ ٿي وٺي. ڪيترن ئي معاملن ۾ ماڻهو ساري ساري رات خوابن جي احساس سان سفر ڪندو ٿو رهي، پر موٽ ۾ هڪ معمولي ۽ ڪا وسري ويل حقيقت پلاءَ ٿي پوي، ائين جڙ سيڪجهہ خواب ۾ ئي رهجي ويو هجي.

حقيقت اها آهي تہ اسان گهڻي ڪان گهڻا خواب جاڳ دوران ئي وساري ويهندا آهيون، ۽ گهڻي جفاڪشيءَ جي باوجود بہ گهڻو ڪري ياد نہ ڪري سگهندا آهيون. پر مان ان خيال جو آهيان تہ ان "ويساري جي جڳهہ" اندازي کان مٿي ان جاءِ تي ڪاٿو لڳائڻ واري هوندي آهي، جتي ساڳئي قسم واري ۽ اصل کان وڌيڪ سمجهڻ جي گنجائش موجود هوندي آهي، جيڪا اسان جي علم جي مقدار مطابق خواب ۾ خال پيدا ڪري ڇڏيندي آهي. خواب ۾ ان سموري گم ٿي ويل مواد کي بحال ڪرڻ يا پنهنجي اصل حالت تي واپس آڻڻ تشريح جي حوالي سان ممڪن آهي. ان جي تجزيي ذريعي ثابت ڪرڻ لاءِ بس! ڪجهہ وڌيڪ ڏيان ۽ شخصي انتظام جي گهڻي ضرورت هوندي آهي، پر ان ذريعي اهو ظاهر ٿيندو آهي تہ اتي ڪنهن بہ وروڌيءَ (مزاحمت ڪندڙ) جي ڪا گهٽتائي ڪا نہ هئي، پر ان جي ڪم جو مقصد خواب کي وسارائڻ جو هو.

هتي مان "تعارفي خطن" (فرائيڊ، 17، 1916) ۽ "تقريرن" منجهان: "شڪ جي مطلب ۽ خوابن ۾ بي يقينيءَ" متعلق ۽ ساڳئي وقت مواد جي هڪ عنصر ۾ سوڙهو ٿي وڃڻ، باوجود ان جي تہ ٿوري دير ڪانپوءِ خواب ڪاميابيءَ سان پنهنجو تجزيو اظهاري سگهي، پيش ٿو ڪريان.

هڪ وهمي (Scepcail) مريضہ پنهنجي مرض دوران، هڪ ڏڪهو خواب ڏٺو تہ: "چند ماڻهو ڪيس منهنجي ڪل مذاق واري ڪتاب متعلق ٻڌائن ٿا، وڏي تعريف ڪن ٿا. پوءِ هن جي اڳيان هڪ ٻيو ڪتاب "درياهي لنگهہ" سامهون آيو يا "لنگهہ" متعلق شايد ڪو ٻيو ڪجهہ هو، هن هن اهو نہ ٿي ڄاتو اهو سمورو ڏنڊلو هو."

ان ۾ شڪ نہ آهي تہ اوهان ان عنصر "درياهي لنگهہ" متعلق اهو ئي خيال ڪندا هوندا تہ اهو ڏنڊلو هو ۽ اهو ئي تشريح لاءِ بي پهچ ثابت ٿيندو!

اوهان ان کي مشڪل سمجهڻ ۾ درست آهيو، پر مشڪل ان ڏنڊلڪي منجهان نہ ايري هئي، اهي ٻئي: يعني "مشڪل ۽ ڏنڊلڪو" ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري اپريو هو. خواب ڏسندڙ تي "درياهي لنگهہ" جي واسطي سان ڪجهہ بہ ظاهر نہ ٿيو هو جو مان ان تي ڪا روشني وجهي سگهان. ٿورو پوءِ شايد اهو ٻيو ڏينهن هو ان نڪتي جي حقيقت متعلق مريضہ مون کي ٻڌايو تہ:

"منهنجو خيال آهي تہ مان ان سان ڪجهہ ڪري ونان."

اهو مذاق ئي هو جيڪو هن ٻڌو هو.

هڪ سامونڊي ٻيڙي تي "ڊوور" (Dover) ۽ "ڪلئس" (Clais) جي وچ ۾ هڪ مشهور ليڪ هڪ انگريز سان گفتگو ڪئي هئي، جنهن ڪانپوءِ ڪنهن موقعي تي اهو جملو ورجايو ويو تہ:

---

[1] هي حاشيو 1925 ۾ شامل ڪيل آهي: اهو اصطلاح تہ "جيڪڏهن تشريح جي ڪم ۾ مداخلت ڪبي تہ اها مزاحمت آهي" آساني سان غلط فهمي پيدا ڪري سگهي ٿو. اصل ۾ اهو هڪ تيڪنيڪي اصول آهي ۽ تجزيي ڪرڻ واري لاءِ تنبيهہ آهي، اهو تڪراري نہ ٿو ٿي سگهي تہ تشريح جي سلسلي ۾ ڪيترن ئي رونما ٿيل واقعن جي ذميداري، مريض جي ارادن تي مڙهي نہ ٿي سگهجي: مثال طور: "پيءُ پٽ جي هٿان قتل نہ ٿيو آهي، يا جنگ ختم ٿي وئي آهي" وارا جملا تشريح کي پچائيءَ تي پهچائي ٿا ڇڏين. پر ان جي پويان مشاهداتي وڏاءُ بيان کي هاڪاري، سچو ۽ نئون ٻڌائي ٿو ڇڏي، پر جيڪڏهن مريض جو مداخلت ڪندڙ واقعو حقيقي آهي ۽ مريض تي آزاديءَ تي آڏاريل هوندو تہ مداخلت جي فراهمي، پاڻ ئي، بنا مبالغي جي ظاهر ٿي پوندي.

"عزت ۽ مذاق ۾ رکجو هڪ قدم جو فاصلو آهي."

"جي!" ليڪڪ جواب ۾ چوڻ لڳو: "لا پاس دي ڪلئس" (Le Pas de Calais) يعني "فرانس عزت وارو آهي ۽ انگلينڊ چرچائي آهي."

"پاس دي ڪلئس" (Pas de Calais) درياهي لنگهه آهي، ۽ "ڊوور" جهڙو سوڙهو آهي، جيڪو پاڻيءَ جي ٻن وڏن پاڻن کي ملائيندو آهي.

هاڻي توهان ٻڌايو ته آيا مان سوچيان ته هن خواب سان چا ٿيو!

جي! مان بلڪل سوچيان ٿو ۽ خواب جي منجهائيندڙ عنصر کي حل ڪريان ٿو. توهان کي اهو "گمان (شڪ) ٿئي ٿو ته اهو مذاق خواب جي ظاهر ٿيڻ کان اڳ ۾ لاشعوري خيال جي پويان "درياهي لنگهه" وارو عنصر موجود هو؟

توهان اندازو ڪري سگهو ٿا ته اهو بعد ۾ هڪ ايجاد جيان متعارف ٿيو آهي؟

"تعلق" شڪ آڻڻ جي ان خيال کي رد ڪري ٿو جيڪو خواب ڏسندڙ جي ساراهڻ واري ظاهري جذبي جي پويان لڪل آهي: ۽ ان جي پڌري ڪرڻ جي خلاف سندس مزاحمت جي عام سبب ٻنهي وابستا خوابي عنصرن: "تعلق ۽ ڏنڊلکي" کي متعارف ڪرائڻ ۾ دير ڪرائي ڇڏي آهي. خوابي عنصر جو پنهنجي لاشعوري پسمنظر جي خوشبو ان ۾ هڪ اڻ سڌي اشاري (Allusion) جيان موجود هئي، پر اها بين کان ڌار ڪرڻ جي ذريعي ناقابل فهم بڻجي پئي هئي.

حقيقت کي ميڙ واري شاهدي اها آهي ته خوابن جو وسري وڃڻ هڪ شعوري رجحان وارو (Tendentious) اهي ۽ مزاحمت جو مقصد تڏهن سرانجام ڏيندو آهي، جڏهن تشريح ذريعي ويساري جي ابتدائي سطح تي مشاهدو ڪيو آهي، ۽ تشريح لاءِ به ممڪن تڏهن ٿيندو آهي جڏهن ويساري جي تعارفي سطح تي مهيا ٿيندو آهي. اهو تشريحي ڪم جي وچ ۾ ائين اتفاقي نموني نه ٿيندو آهي ته خواب جو درگذر ڪيل حصو روشن ٿي وڃي ۽ پنهنجي آخري تحرڪ تائين وساريل هئڻ کي بيان ڪري سگهي.[1]

هاڻي اها ڳالهه ڏيان ۾ رکڻ گهرجي ته خواب جو اهو حصو جيڪو فراموشيءَ واري حالت جي انهيءَ رستي کان محفوظ آهي، اهو ئي ثابت ۽ اهم حصو آهي، جيڪو خوابي حل جي لاءِ سڌائين نئين رستي تي پيل هوندو آهي، ۽ انهيءَ جي ڪري مقابلي ۾ بين ڪيترن حصن منجهان اظهار جو رستو اختيار ڪندو آهي. خاص قسم جي خوابن جي وچ ۾ ان مجموعي جي ذريعي اهو هڪڙو جنهن ۾ ان جي حصي جو مواد ان طريقي سان شامل ٿيندو آهي، جيئن ڪو خيال اڳ ۾ ڪيو ويو هجي.[2]

اهو هڪ "سفري خواب" هوندو آهي، جنهن ۾ مان انهن بن اڻ سهمت ساٿي مسافرن کان انتقام وٺندڙ هوندو آهيان، ۽ جن کي گهٽو ڪري مجموعي بيحيائيءَ جي ڪري اڻ تشريحيل ئي ڇڏي ڏيندو آهيان (ص: 589). تڏهن درگذر ڪيل لاپرواهيءَ سبب وسري ويل حصو هن ريت ڏوڙندو ايندو آهي:

مون "شلر" جي ڪم مان هڪڙي جو حوالو ڏيندي چيو (انگريزيءَ ۾): "اهو اتان آهي...." پر غلطيءَ جو خيال ايندي ئي مون ان کي درست ڪيو: "اهو ان جي ڪري آهي...."

"جي ها!" ماٺهوءَ پنهنجي پيٽ تي واضع ڪندي چيو:

---

[1] ويساري جي عام سببن متعلق منهنجو هڪ مختصر مضمون: ويساري جو نفسياتي نظام" لکيل آهي (فرائيڊ 1898)، جيڪو منهنجي "روزمره جي نفسياتي علاج" جي پهرين حصي ۾ شامل ڪيل آهي (فرائيڊ 1901).

[2] ان جو ٻيو مثال ص: 239 تي باب چوٿين: خوابن ۾ تاثر جو بگڙجي وڃڻ: ۾ ڏنل آهي، ۽ ٻيو "ڊورا" جي ٻڌي خواب جي تشريح ۾ آندل آهي.

"هن چيو تہ درست آهي...."[1]

خوابن ۾ پاڻ درستگيون ڪرڻ وارو معاملو چند ليڪن جي سلسلي ۾ نهايت حيرت انگيز نظر ٿو اچي. انهن تي نظر وجهڻ جي ضرورت نہ آهي پر ان جي جاءِ تي انهن يادگيرين جو مثال ڏيندس، جيڪي هن خواب ۾ منهنجي زباني ڀُل چُڪ جي نشاندهي ڪن ٿيون. مان جڏهن اٽويهن سالن جو هوس تہ پهريون پيرو انگلينڊ گهمڻ ويو هوس. ۽ سارو ڏينهن مون آئرش سمنڊ جي ساحل تي گذاريو هو. ۽ ساحل تي هجڻ سبب فطري طور منهنجو ڌيان سامونڊي ساهوارن ڏانهن ئي رهيو. پر خاص طور تي ستاري واري مڇي (Starfish) ۾ ڌيان مرڪوز رهيو. "هولٿرن" (Hollthurn) ۽ ساحلي لهجي مطابق "هولوٿورينس" (Holothurains) خواب جي ابتدا ۾ ظاهر ٿيو هو. جڏهن هڪ ننڍڙي پياري ڇوڪري مون ڏانهن وڌي آئي ۽ چوڻ لڳي:

"چا هيءَ (It) ستاري واري مڇي آهي؟ چا هيءَ (It) جيئري آهي؟"

"جي ها!" مون ڪيس جواب ۾ چيو: "هيءَ (He) جيئري آهي." ۽ اوچتو ان ساڳئي جملي (هيءَ (It) جيئري آهي) ڪي درست انداز ۾ نہ ورجائيندي مون کي لفظ (He) جي غلط هجڻ جو احساس ٿيڻ لڳو ۽ ان سبب پريشاني محسوس ڪرڻ لڳس.

خواب اصل ۾ ان زباني ڀُل کي ڪنهن ٻئي هنڌان آندو هو. جيڪا جرمني زبان جي جملي جو ترجمو هئي. جيڪا "طرفان يا پاران" جي نہ پر "سان" ۽ "ان جي ڪري" واري تعلق ۾ اظهاريل هئي.

بهرحال اسان خواب جي ڪم جا مقصد ۽ ان جي پڇاڻيءَ تي پهچڻ لاءِ سندس چوند جا بي پرواهہ طريقا سمجهي ورتا. ان جي اهڙي ڦيرگهير جي اثرانداز ٿيڻ تي اسان عجب نہ ڪائيندا آهيون. ان جي ڪري جو چنڊچاڻ جو عالیشان حصو انگريزيءَ واري لفظ From ۽ جرمني واري لفظ Fromm (خداپرست Pious) جي آوازي هڪجهڙائيءَ جي امڪاني نشاندهي ڪري ٿو. پر سامونڊي ساحل واريون بيگناهہ يادون خواب ۾ ڪيئن اچي پڌاريون ٿيون؟ جو جملي ۾ لفظ He جي ڪري جنس ئي بدلجي وئي.

اتفاق سان اها ئي خواب جي حل جي چابي آهي. ان کان علاوه مان عيني مشاهدي ذريعي حقيقتن کي سمجهيو آهي تہ "خوابن جو وسري وڃڻ" تمام وڏي حد تائين مزاحمت ۽ مقابلي جي پيداوار آهي. منهنجي هڪ مريض مون کي ٻڌايو تہ: "هن هڪڙو خواب تہ ڏٺو آهي پر ان جي هر ڳالهہ وسري وئي آهي. جيتوڻيڪ اڃي ائين ڪڏهن بہ نہ ٿيو آهي."

مون پنهنجي ان مريض کي سمجهايو ۽ سندس همٿ ٻڌارائي تہ پنهنجي ڪنهن اڻ وٽندڙ يا اختلافي خيال کان آگاهہ ڪري. وڏي مشڪل سان مان کيس مجائڻ ۾ ڪامياب ٿيس. تڏهن ٻڌايائين تہ:

"جي. جي! هاڻي مان ٻڌائي سگهان ٿو تہ مون خواب ۾ چا ڏٺو هو."

اسان پنهنجي دليلن جي حوالي سان جنهن مزاحمت يا مقابلي جي ڳالهہ ٿي ڪئي. سا ئي سندس وساريل خواب کي ٻيهر ٻڌائڻ لاءِ ڪارگر ثابت ٿي. هن جي اندر مان مزاحمت کي باهر آڻڻ واري ڪوشش ذريعي مون سندس يادگيرين منجهان خواب کي ڳولهي ورتو. ان ساڳئي طريقي سان جيڪڏهن ڪو مريض پنهنجي ڪنهن ڪم ۾ ڪنهن نڪتي تي پهچي ويندو تہ هو پنهنجي ان خواب کي ياد ڪرڻ جي بہ قابل ٿي ويندو. جيڪو هن بہ چار ڏينهن اڳ ۾ ڏٺو هوندو ۽ تيستائين وسري ويل ئي هوندو.[2]

---

[1] هي حاشيو 1914 ۾ شامل ڪيل آهي: ڊارئين زبان جي استعمال ذريعي اهڙي قسم جون درستگيون. خوابن ۾ اتفاقي نموني نہ ٿيندڙ آهن. پر گهڙو ڪري ٻين ماڻهن سان لاڳاپيل هونديون آهن. "ماوري" (Maury_ 1878,143) هڪ پيري ان وقت خواب ڏٺو جڏهن هن انگريزي زبان پئي سکي. تہ ڪنهن شخص کي ٻڌايائين پئي تہ "مان سپان نہ پرهينءَ تو وٽ ايندس." پر هن جيڪو جملو (انگريزيءَ ۾) استعمال ڪيو ان جو مطلب هو تہ "مان توکي ڪالهہ سڏيندس." جڏهن تہ ان کي بہ درست ڪجي تہ اهو جملو هن ريت ٿئي ٿو تہ "مون توکي ڪالهہ پئي سڏيو."

[2] هي حاشيو 1914 ۾ شامل ڪيل آهي: "ارنيسٽ جونز" (Ernest Jones) لکيو آهي تہ: "هڪ جهڙائي پيدا ڪندڙ يا مشابهت رکندڙ معاملو گهڙو ڪري تڏهن ظاهر ٿيندو آهي جڏهن خواب مريض جي ان ٻئي خيال کي ڪٿي تشريح ڪرڻ لڳندو آهي. جيڪو ساڳئي رات خواب ۾ پيش ٿيو هجي. پر ان جي ڪا بہ مزاحمت بدگمانيءَ يا شڪ ۾ مبتلا ڪندڙ نہ هجي.

تحليل نفسيءَ جو تجربو اسان کي هڪ ٻيو ثبوت ٻه فراهم ڪري ٿو ته "خوابن جو وسري وڃڻ" اختيار رکندڙ حصن جي ٻاڻ ذريعي حقيقت کان وڌيڪ مزاحمت تي آڌار رکندو آهي. انڪري جاڳ ۾ ننڊ واريون حالتون هڪ ٻئي سان ملڻ هونديون آهن. علاج هيٺ ٻين مريضن يا تشريح ڪندڙن جي پيٽ ۾ مون سان عام طور تي ائين نه ٿيندو آهي ته ڪو چوي ته خواب جي ڪري مان هڪدم اٿي پيس، پر مان ان جي تشريح لاءِ ننڊ ۾ خواب دوران ئي ڏاهپ کان ڪم وٺندو آهيان. اهڙن معاملن ۾ مان جيستائين خواب کي مڪمل طور تي نه سمجهندو آهيان، تيستائين ان جي پچر نه ڇڏيندو آهيان. ڪڏهن ڪڏن مون اهو تجربو ٻه ڪيو ته صبح جو ننڊ منجهان پوريءَ ريت سجاڳ ٿيڻ کانپوءِ اهي ٻئي حالتون: تشريح ڪرڻ واري سرگرميءَ ۾ خواب جي مواد متعلق سيڪجهه وساري ويهندو آهيان، حالانڪ اهو ٻه سمجهندو آهيان ته مان هڪ خواب ڏٺو ۽ مون ان جي تشريح ٻه ڪئي هئي. گهڻا ڀيرا ائين ٻه ٿيو آهي ته خواب منهنجي تشريح جي سلسلي ۾ ڪيل سرگرمي جو ڪجهه نشانيون ڳولهيون ٻه آهن، پر فراموشيءَ واري حالت ۾ موٽائي ٻه ڏنيون آهن. ان ڪري منهنجي ڏاهپ واري سرگرمي، ان خواب کي منهنجي ذهن ۾ محفوظ رکڻ ۾ ڪامياب ٻه ٿي ويندي آهي.

ايڏا تائين منهنجي تشريحي سرگرميءَ ۽ جاڳ وارن خيالن جي وچ ۾ اهڙو ڪو نفسياتي خال پيدا نه ٿيو آهي، جيئن خوابن جي وسرڻ واري معاملي ۾ اختياريءَ وارا حصا پنهنجي عمل جو پڇاڙو ڪندا آهن.

"مارٽن پرنس" (Morton Prince_1910,141) کي وسرڻ وارن خوابن متعلق منهنجي ڏنل تشريح تي اعتراض آهي، ان بنياد تي اهو "ويسارو" خاص لفظن جي پلجڻ يا انهن خاص لفظن جي ياداشت ختم ٿي وڃڻ (Amnesia) وارو معاملو آهي، جيڪو ذهن جي لاتعلق حالت سان ڳنڍيل آهي. "مارٽن پرنس" وارو اعتراض، بنيادي طور منهنجي ٻڌايل (خاص لفظن جي پلجڻ واري) وضاحت ۾ ڪنهن ٻه قسم جو امڪاني واڌارو نه ٿو ڪري، منهنجي وضاحت خود ان جي تڪڙي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ سراسري اهميت ۽ ڪٽ جو نتيجو آهي. هن جا پڙهندڙ اهڙيءَ ريت ياد ڏيارينداَ آهن ته انهن "ختم ٿيل تعلق وارين حالتن" متعلق هن جا سمورا تفصيل کوجنا واري سرگرم ڪوشش جو نتيجو نه آهن.

مان پنهنجي مشاهدي جي بنياد تي ان قسم جو مسودو تيار ڪري رهيو آهيان، جيڪو مون کي ٻڌائي ٿو ته: "خواب! ذهن جي ٻين عملن جيان ويساري جو ڪم نه ڪندو آهي، ۽ ان جي ناموافق صورتحال سان يا خود ذهن جي ٻين ذهن نشين ٿيل يادگيرين جي عملن/ فعلن جي حوالي سان ڪنهن ٻه ريت پيٽي نه ٿو سگهجي. مون وٽ ته پنهنجي ئي تمام گهڻن خوابن جو وڏو مجموعو جمع ٿيل آهي، جيڪو ڪنهن هڪ سبب يا چند ٻين سببن جي ڪري، هن وقت تائين مون انهن جو مڪمل تجزيو نه ڪيو هو ۽ تشريح ڪرڻ کانسواءِ ئي ڇڏي ڏنو هو ۽ هاڻي هڪ يا ٻن سالن جي وچ ۾ انهن مان ڪجهه خوابن جي تشريح، ان مقصد سان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم ته جيئن پنهنجي خيالن جي وضاحت ۾ مدد ڏيندڙ مواد گهڻو پيش ڪري سگهان. منهنجون اهي سموريو ڪوششون هر موقعي تي ڪامياب ٿيون آهن، ۽ سچ پچ ته هن ڏڪهي عرصي/ وقفي، مون کي تشريح بابت وڌيڪ آسانيون پيدا ڪري ڏنيون آهن. ان دوران ويجهڙائيءَ واري وقت جون ممڪن وضاحتون حاصل ٿيون ۽ ساڳئي وقت مان انهن باطني مزاحمتن تي سرسي ٻه حاصل ڪري ورتي آهي، جن گذريل وقتن ۾ مون تي رندڪ وجهي ڇڏي هئي.

تنهن کانپوءِ مون جڏهن انهن تشريحن کي خوابي خيالن سان پيٽڻ شروع ڪيو ته مان خواب جي وقت تي پاڻ کي حال (Present) سان نروار محسوس ڪيو ۽ پرانهن ڳالهين کي ثابت ڪرڻ يا مڃڻ جو موقعو ٻه مليو مون گهڻو ڪري اهو ئي ڏٺو ته نوَن ۾ ڪيترا پراڻا ٻه شامل ڪيل آهن، جنهن تي منهنجي حيراني‌ءَ مون کي بدنام ٿيڻ کان جلد ئي روڪي ورتو ڇاڪاڻ ته مان مريضن جي عادتن کي ٻه جاچيندو رهيو هوس، جيڪي پنهنجي اوائلي وقتن جا خواب ٻڌائيندا هئا، ۽ تشريح نئين زماني جي ڪرائڻ ڇاهيندا هئا. مان جڏهن ساٿن ڳڻتيءَ وارن خوابن تي گفتگو ڪندو هوس ته ڪين ٻه مثال ڏئي تشريح جي ڪم کي ملتوي ڪري ڇڏيندو هوس. ان سلسلي ۾ مون پهريون تجربو اعصابي ارڪانن واري خواب جي سلسلي ۾ ڪيو. پوءِ جڏهن

مان "اعصابي نفسيات ۾ "جنسي بيماري، هيجان، بيچيني، بي قابو جذبا، چريائپ، چٽپٽ" (Hysteria) جي معاملن جو علاج شروع ڪيو تہ مون تحليل نفسيءَ جي ذريعي ٻين بہ گهڻين بيمارين جي علامتن متعلق بہ معلوم ڪري ورتو. مان اصل ۾ چاهيان پيو تہ انهن بيمارين جو ڪو ترت علاج ڳولهي وٺان. ان کان اڳ مان انڪل 1895ع ڌاري هڪ عورت جي حوالي سان "جنسي بيماريءَ متعلق وضاحتي اپياس تي ڪم ڪري چڪو هوس[1] جنهن کي سندس پندرهن سالن جي عمر ۾ "چريائپ" جا دورا پئي پيا.[2]

۽ هاڻي مان "ڪتجي ويل نڪتن" جي موضوع جي تشريح بابت ڪجهہ عدد پيا مثال بہ پيش ٿو ڪريان تہ جيئن پڙهندڙ منهنجي وضاحت کي، جانچي/سمجهي وٺن. تنهن کانپوءِ پنهنجي خوابن تي بہ لاڳو ڪري ڏسن.

ڪنهن بہ شخص کي اها اميد نہ هوندي آهي تہ سندس خواب جي تشريح، من وسلويٰ (Manna) جيان آسمان مان ڪِري سندس جهوليءَ ۾ اچي پوندي[3] اصل ۾ مشق، مشاهدي ۽ تجربي جي ضرورت آهي. خود ذهني لاڙن، واقعن يا حقيقتن کي بہ منطقي طور تشريح جي ضرورت آهي. ۽ انهن ٻين احساسن ۽ جذبن ڏانهن بہ ڌيان ڏيڻ گهرجي، جن کان اسان سدائين لنوائيندا رهندا آهيون. شايد ان ڪري جو انهن جي ادراڪ جي خلاف ڪو بہ نفسياتي تحرڪ تڪرار نہ ٿو ڪري. خوابن جي تشريح سدائين هڪ ويهڪ ۾ ڪري نہ ٿي سگهجي. اسان جڏهن لاڳاپن جي هڪ ڏگهي زنجير جي توڙ تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪنداسين تہ ضروري نہ آهي تہ هميشہ ٽڪجي پتون. پلا ان ڪنهن جي خواب کان سمجهہ حاصل ڪرڻ کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي شيءِ اهم ٿي سگهي ٿي! منهنجو خيال آهي تہ ٻئي ڪنهن جي لاءِ تمام وڏي ذهانت وارو منصوبو اسان تي منڪشف ٿي سگهي ٿو ۽ ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ خواب جو ڪو ٻيو حصو اسان کي وڌيڪ موهي وڌي، ۽ ڪنهن ٻئي خواب متعلق سوچڻ لاءِ نوان طبق روشن ڪري ڇڏي.

تشريح جي ان طريقي کي "جزوياتي خوابي تجزيو" (Fractional dream interpretation) چئجي ٿو ۽ اهو انتهائي مشڪل سان ٽيندو آهي تہ تشريح جي ڏنڊي ۾ ابتدا ڪندڙ ان ڳالهہ کي سمجهي سگهن تہ انهن جي ذميداريءَ جي اها انتها نہ آهي تہ انهن پنهنجي هٿن سان ڪنهن خواب جو تجزيو ڪيو آهي! هن کي محسوس ٽيندو تہ اهو تجزيو ڪو فهم پيدا ڪندڙ آهي، منطقي طور تي لاڳاپيل آهي، ۽ خوابي مواد جي هر عنصر تي روشني وجهندو آهي. ان ساڳئي خواب جي ٻي تشريح بہ ٿي سگهي ٿي، يا "تشريحي وڏاءُ" بہ ٿي سگهي ٿو جنهن جي ڪري ان ۾ محتاط رهڻ جو خيال پيدا ٿئي ٿو. حقيقت اها آهي تہ لاشعوري خيالن جي وهڪري جي گهڻائيءَ منجهان ڪو نظريو جوڙڻ ايترو آسان نہ هوندو آهي. سمورين ڪوششون جذبن ۽ تاثرات کي ڳولهڻ لاءِ هونديون آهن.

اهو بہ آسان نہ آهي تہ خوابي ڪم جي ذريعي اظهاريل ڪاريگري سدائين اظهار جي طريقن سان ٽڪراءَ ۾ ايندي هجي. اهو اظهار جون ڪيتريون ئي معنائون ساڻ ڪٽي ايندو آهي. پرين جي آکاڻين واري هڪ ننڍڙي درزيءَ جيان، جنهن ويني ويني ست مڪيون ماري ڇڏيون هيون.

منهنجا پڙهندڙ تشريح بابت ڪيل غير ضروري هوشياري ڏيکارڻ تي هميشہ مون تي تهمت هڻندا آهن، پر مان سمجهان ٿو تہ تجربو ڪين پاڻ ئي سمجهائي ڇڏيندو.

---

[1] برائر ۽ فرائيڊ گڏجي ڪم ڪيو هو ۽ اها مريضہ فرائو ڪاسيلي ايم (Frau Cacilie M) هئي، جنهن جي علاج واري معلومات ان مطالعي ۾ شامل آهي.

[2] هي حاشيو 1919ع ۾ شامل ڪيل آهي: جيڪي خواب ابتدائي ٻاراڻي عمر ۾ اچن ٿا، ۽ اهي ڪيترن ڏاهاڪن تائين يادگيرين ۾ محفوظ رهن ٿا، ۽ گهڻو ڪري پنهنجي مڪمل حسي چٽائيءَ سان محفوظ رهن ٿا، اهي اسان لاءِ مريض جي معاملي جي واقعاتي حقيقت (Case history) کي سمجهڻ جي قابل بڻائيندا آهن ۽ اهي واقعي سدائين وڏي اهميت جا حامل ٽيندا آهن، ۽ قياس، اصول ۽ غير عملي نظرياتي مونجهارن بابت ٻين بہ ڪيترين ڳالهين جي سلسلي ۾ اسان جي وڏي رهنمائي ڪندا آهن. جيئن "ڳهڙ جهڙي" ماڻهوءَ وارو خواب فرائيڊ جي ذهن ۾ موجود هو.

[3] من وسلويٰ، اهو کاڌو جيڪو الله سائينءَ بني اسرائيل کي صحرا ۾ عطا ڪيو هو.

(الف)

تشريح متعلق وضاحتون

ٻئي پاسي مان ان خيال کي يقيني نہ ٿو چئي سگھان، جنھن کي پھريون پيرو "سلبرر" بيان ڪيو ھو تہ: "سمورن خوابن کي، يا ڪيترن خوابن يا خوابن جي ڪجھ قسمن کي، ہن مختلف تشريحن جي ضرورت ھوندي آھي، جيڪي پاڻ ۾ ريلي پکو پختو ڳانڍاپو رکندڙ ھجن. انھن تشريحن منجھان ھڪ کي "سلبرر" "تحليل نفسيءَ وارو (Psychoanalytic) طريقو سڏيو آھي، جيڪو خواب کي ڪا معنيٰ ڏيندو آھي، ۽ اھا معنيٰ سڀائين نئين پٽ جي جنسي رحجان جي قسمن سان سلھاڙيل ھوندي آھي. ۽ ٻي ۽ تمام اھم تشريح کي ھن "تعميري ۽ اخلاقي" (Anagogic) نالو ڏنو آھي، جيڪو انتھائي سنجديده خيالن کي ظاھر ڪندو آھي ۽ گھٽي اونھي ۽ عميق مان ڳولھي ايندو آھي، جنھن کي خوابي ڪم پنھنجو مواد ڪري ڪٽندو آھي.

"سلبرر" خوابن جي تشريح جي ہن مختلف تشريحن جي ضرورت بابت پنھنجي ان راءِ جي حمايت ۾ ڪا بہ شاھدي نہ ڏني آھي. ان ڪري مان ان جي ھٽ ٿوکي حقيقت تي اعتراض ڪريان ٿو باوجود ان جي تہ ھو چا ٿو چوي، چاڪاڻ تہ تمام گھڻن خوابن کي ڪنھن بہ قسم جي وڌاءَ واري تشريح جي ضرورت نہ ھوندي آھي، ۽ گھڻا مخصوص ۽ ڪيترا ئي اخلاقي يا تعميري تشريحي لحاظ کان بي اثر ھوندا آھن.

ان کان علاوہ بہ ويجھڙائي وارن سالن ۾ ہين نظرين جي حوالي سان بہ ان حقيقت کي نظرانداز ڪرڻ ممڪن نہ آھي، تہ "سلبرر" جا رايا ڪنھن حد تائين ان مقصد جي اثر ھيٺ آھن، جيڪي انھن بنيادي حالتن کي لکائڻ جي ڪوشش ڪندا آھن، جن ۾ خواب جڙندا آھن ۽ پنھنجون دلچسپيون جبلي فطري جڙن (Instinctual roots) کان ڦيرائي ڇڏيندا آھن. چند معاملن ۾ مون "سلبرر" جي بيان ڪيل وضاحتن کي بہ چڪاسي ڏٺو آھي.

جائزو اھو ظاھر ٿو ڪري تہ اھڙن معاملن ۾ "خواب جو ڪم"، جاڳ جيون جي انھن چڙوچڙ خيالن جي تمام وسيع سلسلي منجھان، جيڪي سڏي سنئين نموني پيش ٿيڻ جي قابل نہ ھوندا آھن، انھن کي خواب جو روپ ڏيڻ جي مسئلي سان پاڻ منھن ڏيندي نظر ايندو آھي. مان "ڏاھپ واري" مواد جي ٻئي مجموعي جي ذريعي ان مسئلي کي حل ڪرڻ جي لاڪيتو ڪوشش ڪري رھيو آھيان. ڪجھ تہ انھن چڙوچڙ خيالن سان سطحي طور تي وابستا آھن، جن کي اسان "تمثيلي" (Allegorical) چئي سگھون ٿا، ۽ اھي ساڻئي وقت تي ٿوري تڪليف سان پيش ٿيڻ جي قابل بہ ٿين ٿا.

خواب جي چڙوچڙ قسم جو جائزو ان رستي سان پاڻ ئي اڳيان ايندو آھي، جڏھن خود خواب ڏسندڙ بنا تڪليف جي پيش ڪندو آھي: مواد جي بلڪل درست جائزي سان ٿيل ھٽ چراند کي نھايت سنجيدھ طريقي سان ڏٺو ويندو آھي، جيڪو ھاڻي عام ٿيڻ لڳو آھي.

جيڪڏھن اھو سوال پڇيو وڃي تہ: "چا ھر خواب جو تجزيو يا تشريح ٿي سگھي ٿي؟" تہ ان جو جواب نفيءَ ۾ آھي.

اھو بھرحال نہ وسارڻ گھرجي تہ خوابن جي تجزيي جي معاملي ۾ اسان انھن نفسياتي قوتن جي مد مقابل ٻيٺا آھيون، جيڪي خيالن کي چڙوچڙ ڪرڻ جون ذميدار آھن. اھو جيئن تہ وابستا قوت جو سوال آھي، پلي تہ اھو ڏاھپ واري دلچسپيءَ سان ھجي، اسان جي شخصي انتظام واري اھليت ھجي، يا اسان جي نفسياتي علم ۽ خوابن جي تشريح جي مشق ھجي، اسان کي ان قابل بڻائي ٿي، جنھن سان اسان پنھنجي باطني مزاحمتن تي حاڪميت ڪري سگھون. ٿوري مفاصلي تائين وڃڻ سڀائين ممڪن ھوندو آھي، گھڻو پري تائين بہ وڃي سگھجي ٿو تہ سوچي بہ سگھجي ٿو ھر واقعي سان ھلي بہ سگھجي ٿو تہ ان

جي متعلق اسان پاڻ کي سمجهائي ٻه سگهون ٿا تہ "خواب جي جوڙجڪ هڪ با معنيٰ تعمير آهي." ۽ جيئن تہ اصول آهي تہ ماڻهو ان ڳالهہ تي ٻہ ضرور سوچيندو آهي تہ ان تعمير جو مقصد ڪهڙو آهي؟

خوابن جو سمورو سلسلو هڪ يا مهينن جي عرصي تائين لاڳيتو هلندو آهي. جيڪو گهڻو ڪري عام قسم جي بنيادن تي هلندو آهي. ان ڪري انهن جو تجزيو ٻہ هڪ ٻئي سان لاڳاپن واري صورت ۾ ئي ڪري ڪهر جي. هڪ ٻئي پويان ايندڙ ٻن خوابن جي معاملي ۾ گهڻو ڪري اهو ڏٺو ويو آهي تہ هڪڙو مرڪزي نڪتي کي اڻين ڪٽندو آهي. جو اهو ٻئي کي ٻہ گهيرو ڪري وٺندو آهي ۽ ان جي ابتڙ ٿي ويندو آهي. ۽ اڻين انهن جو جائزو پڙ گڏيل رضامنديءَ جي آڌار تي بدلجي ويندو آهي. مون اهڙا مثال اڳ ۾ ٻہ ڏنا آهن جيڪي اهو ظاهر ڪن ٿا تہ ساڳئي رات جو مختلف خوابن جو اڇڙ هڪ عام ڳالهہ آهي. جن کي مجموعي طور تي هڪ ئي تشريحي زاويي سان ڏسبو آهي (ص: 581).

خوابن جي پوريءَ طرح يا مڪمل طور تي تشريح ڪرڻ جي سلسلي ۾ اڃان ٻہ گهڻا رستا مبهم ۽ اڻ ڇڻا ڇڏي ڏنا ويا آهن. ان ڪري جو اسان تشريح ڪرڻ دوران ان ڳالهہ کان آگاهہ هوندا آهيون تہ خوابن خيالن (سوچن) جو هڪ منجهيل ڄار آهي. جيڪو اڻين آساني‌ءَ سان سلجهائي نہ ٿو سگهجي ۽ نہ ئي خوابن جي مواد کي سمجهڻ جي سلسلي ۾ اسان جي معلومات ۾ ڪا مدد ڪري سگهي ٿو. اهو ئي خواب جو بحر بيڪران آهي. جنهن جو چيڙو ڪنهن اڻجاتل اونهائي‌ءَ تائين هليو وڃي ٿو.

اسان جن سوچن کي تشريح جي ذريعي هٿ ۾ ڪنيو آهي. اهي شين جي فطرت منجهان اخذ ٿيل نہ هوندیون آهن. جن جي ڪا نہ ڪا پڇاڻي آهي. پر اهي سوچون سدائين هر ڏسا ۾ شاخن ڪيڙ جي پوئواري ڪنديون رهنديون آهن ۽ اسان جي سوچن جي وسيع ڪائنات جي هر ڏسا ۾ ۽ سڙ ڪرڻ جون عادي هونديون آهن. اهي جڏهن ڪنهن جاءِ/ نڪتي تي. جڏهن خاص ڏخيري واري جاءِ منجهان نشرياتي رسد بند ٿيندي آهي تہ "خوابي خواهشون" (Dream wishes) ڪنهين وانگر ايرڻ لڳنديون آهن.

پر اسان کي وري ٻہ "ويساري جي خوابن" ڏانهن موٽي اچڻو آهي. چاڪاڻ تہ اسان ڪنهن انتهائي اهم نتيجي تي پهچڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيا آهيون. اسان اهو ڏسي آيا آهيون تہ جاڳ جيون ۾ خاص طور تي انهن سمورن خوابن کي بنا مبالغي جي وسارڻ يا وساري ڇڏڻ جو لاڙو هوندو آهي. جيڪي رات جو ننڊ ۾ ڀُڙندا آهن. جاڳڻ کان پوءِ يعني ڏينهن جو اهي مجموعي طور تي يا ٽڪرو ٽڪرو ٿي ذهن منجهان ترڪندا. کسڪندا ۽ نڪرندا ويندا آهن. ۽ اسان ان لاءِ وري ٻہ ذهن جي يادگيرين سنياڻڻ واري شعبي/ حافظي تي ڏوهہ ڏيندا آهيون. جيڪا خواب جي خلاف ذهن جي مدافعتي/ مزاحمتي قوت هوندي آهي.

جيڪڏهن اها ڳالهہ درست آهي تہ وري اهو سوال ٿو اٿي تہ ان ذهني /مزاحمت جي هوندي خواب ڪيئن ٿو جَڙي سگهي؟

اچو تہ هڪ انتهائي وڏو معاملو ٿا کڻون. جنهن ۾ جاڳ جيون. خواب کان چوٽڪارو ٿو حاصل ڪري تہ جيئن اهو ڪڏهن بہ ظاهر نہ ٿئي! ان معاملي ۾ نفسياتي قوتن جي هڪ ٻئي تي هلندي پڇندي وارو غور ويچار. اسان جو انومان. نتيجي ڪيڙ ۾ يقينن رهنمائي ڪندو آهي. تہ خواب حقيقت ۾ ڪنهن بہ صورت ۾ ظاهر نہ ٿئي ها. جيڪڏهن رات واري مزاحمت/ مدافعت اڻين طاقتور نہ هجي ها جيئن ڏينهن دوران طاقتور هئي. اسان ان جو نچوڙ هن ريت ڪڍيو آهي تہ رات واي عرصي ۾ مدافعت/ مزاحمت جي قوت ٽوري گهٽجي ويندي آهي. پر اسان جاڻون ٿا تہ مدافعت/ مزاحمت جي سموري قوت ۾ گهٽتائي نہ ٿي اچي. ان ڪري اسان کي جڏهن خواب جو ڪو حصو جڙندي نظر ٿو اچي تہ اهو ٽوري گهٽي بگڙيل يا بدليل شڪل ۾ ٿو نظر اچي. پر اسان وري بہ اها ئي راءِ ٿا رکون تہ ٿي سگهي ٿو رات جو اها مدافعتي/ مزاحمتي قوت گهٽجي ويندي هجي. ان ڪري خواب جو جڙڻ ممڪن ٿي پوندو هجي.

تصويرڪشيءَ واري نفسيات اسان کي ٻڌائي ٿي تہ خوابن جي جڙڻ جو هڪ اصول (Sin qua non) آهي. يعني: "دماغ ننڊ واري حالت ۾ هجي." ۽ هاڻي اسان ان حقيقت کي بيان ڪري سگهون ٿا تہ:

"ننڊ جي حالت ئي خواب جي تشڪيلي عمل کي ممڪن بڻائيندي آهي. ڇاڪاڻ ته شعوري عمل منجهان پهچندڙ (Endopsychic) ويچارن جي چنڊچاڙ جي قوت گهٽجي ويندي آهي."

اسان جڏهن خوابن جي نفسياتي تجزيي ۾ ايجان ڪجهه وڌيڪ پڙ ٿي ويندا سين ته انهن عنصرن کي به ڳولهي ونڊاسين جيڪي خوابن جي تشڪيل کي ممڪن بڻائن ٿا. جنهن جي ذريعي اسان خوابن کي هڪ ٻئي زاويي سان به ڏسي سگهنداسين. ائين به ٿي سگهي ٿو ته خوابي خيالن جي خلاف مزاحمت، شعوري نتيجي جي ڪري هجي، ۽ ڪنهن به گهٽتائيءَ کان پاسو ڪري ان جي قوت ۾ شامل ٿيندي هجي. ۽ اهو اعتبار جوگو خيال ٿو نظر اچي ته اهي ٻئي عنصر يعني مزاحمت جي قوت کي "گهٽائڻ" (Reduction) ۽ ان جي قوت کان نٽائڻ (Evasion) خوابن جي تشڪيل لاءِ فائديمند هجن. اهي ٻئي عمل هڪ ئي وقت تي ننڊ جي حالت جي ذريعي ممڪن بڻجن ٿا.

هاڻي خوابن جي تجزيي جي سلسلي ۾ اسان واري طريقي تي ڪيل اعتراضن جي پاسي ٿا اچون. اسان جو طريقو انهن سمورن عقيدن کي ڪنهن مقصد خاطر ترڪ ڪرڻ تي ٻڌل آهي، جيڪي عام طور تي پاڇي وانگر اسان جي پويان لڳل آهن ۽ اسان جي ذهنن تي حڪمراني ڪن ٿا. ۽ اسان جو ڏيان خواب جي هڪڙي ئي عنصر تي اٽڪائي ڇڏين ٿا. جڏهن ته اسان جي ذهن ۾ ڪيترائي نوان نوان خيال ۽ خاڪا جُڙن ٿا.

اسان خوابن جي ٻئي حصي تي ڏيان ٿا ڏيون. ۽ ان طريقي سان خواب متعلق تشريح جو طريقو اختيار ٿا ڪريون. اسان پاڻ کي پنهنجي خيالن جي رهنمائيءَ حاصل ڪرڻ جي اجازت ٿا ڏيون. ۽ نتيجي ۾ اسان هڪ نئين عقيدي سان متعارف ٿا ٿيون ته: "اهي سوچون ئي آهن، جيڪي خواب جو بنياد بڻجن ٿيون."

اسان جا نقاد اسان جي ان سِٽ تي بحث ڪن ٿا، پر ان کي قبول ڪرڻ ۾ ڪهڙي عجب جهڙي ڳالهه آهي جو خواب "ڪنهن" (Something) سان ئي ته ڳنڍيل هوندو آهي. ۽ اها ڪا غيرمعمولي ڳالهه به نه آهي جو اسان پنهنجي بي مقصد ۽ ريچڪ تي ٻڌل سوچن جي وهڪرن کي خوابن ۾ ڏسندا آهيون! پر امڪان اهو آهي ته اسان پاڻ کي نٿڳندا آهيون. اسان تعلق جي زنجير کي رڳو هڪڙي ڪڙيءَ کان جهليندا آهيون. ۽ ان کي تيستائين نه ڇڏيندا آهيون. جيستائين ان کي توڙي نه ڇڏيون. اسان جيڪڏهن ٻئي عنصر کي ڪٽندا آهيون ته ان منجهان رڳو هڪڙي ئي اميد رکندا آهيون. ان ڪري اسان جي تعلقات جي اٽوٽ حقيقت به ننڍڙي ۽ سوڙهي ٿي ويندي آهي. جڏهن ته اسان جي ذهنن ۾ سدائين نوان نوان خيال پيا ايندا آهن. پوءِ به اسان انهيءَ ٻئي خوابي منصوبي جي تشريح ذريعي انهن ئي واسطن جي ويجهو ويندا آهيون. جيڪي به ڪنهن نه ڪنهن ريت پهرين ئي ڪڙين سان ڳنڍيل هوندا آهن. پوءِ اسان اهو سوچي پاڻ کي فريب ڏيندا آهيون ته اسان خواب جي انهن ٻنهي "عنصرن" جو رستو ڳولهي ورتو آهي.

جيستائين اسان پنهنجي خيالن جي ان روپي کي اها آزادي نه ڏيندا سين ته هڪ خيال ٻئي سان ئي ڳنڍيل هوندو آهي، تيستائين اسان پاڻ کي صحتمند ذهن وارو ماڻهو چَورائي نه سگهنداسين. هڪ جي پويان ٻئي هٿراڏو خيال جي هڪدم پهچي وڃڻ تي اسان کي ڪنهن مشڪل سان منهن نه ڏيڻو پوندو آهي. اهي به سوچون ئي هونديون آهن. جن کي اسان خوابي خيال به چئي سگهون ٿا. پر اهي ايتريون مستند نه هونديون آهن.

اسان کي ايا تائين خوابي خيالن متعلق ڪوبه علم نه آهي. ته اهي چا آهن! اسان انهن کي رڳو خواب جي نفسياتي نعم البدل طور ثابت ڪرڻ ٿا گهرون. اسان جيڪڏهن انهن اعتراضن جي جوابن ڏيڻ ۾ مصروف ٿي ويندا سين ته پوءِ اسان پنهنجي طريقي جي وضاحتن کان به پاسي ٿي ويندا سين. مون ته ابتدا ۾ ئي ان نڪتي جو اظهار ڪيو هو ته "خوابن جي تجزيي بابت" اسان جو طريقو جنسي بيمارين، هيجان، بيچيني، بي قابو جذبا، چريائپ، چٽپٽ (Hysteria) جي علامتن کي ختم ڪرڻ جيان ساڳيو (Identical) ئي آهي. ۽ اسان جي درست هجڻ جو طريقو اسان کي "مطابقت" (Coincidence) واري اوچتي

اظهار ۾ انهن ارڪانن جي گم ٿي وڃڻ يا تشبيهه جي استعمال جي ذريعي چتاءُ ڏيندو آهي. هاڪاريت ان عبارت ۾ هوندي آهي، جنهن منجهان وضاحت سان گڏ برداشت وارين ڪيفيتن جو به اظهار ٿيندو آهي. بهرحال اسان وٽ ان مسئلي کان نتائج جو ڪو سبب نه آهي، ته ان جو پورالي لاڙي ۾ بي مقصد خيالن جي زنجير جي ذريعي اڳياڙي واري منزل تي پهچڻ ڪيئن ممڪن آهي! ۽ اسان ان بابت رڳو حل نه ڪيندا آهيون پر ان کي پاڻون پٽي چڏيندا آهيون.

اهو سچ نه آهي ته اسان جڏهن خواب جي تشريح جي ڪم ۾ رڌل هجڻ جي باوجود بي مقصد خيالن جي وهڪري کي به ساڻ ڪٽي ٽا هلون، يا اسان آچوتن پاڇولن کي چڏي ڏنو آهي. ۽ انهن ۾ ڪنهن مجبوريءَ وچان غير شعوري خيال (Involuntary ideas) داخل ڪري چڏيو آهي. جي ها! مان ثابت ڪري سگهان ٿو اسان سدائين انهن سيني با مقصد خيالن کي ٿوري دير لاءِ پري به اڇلائي چڏيندا آهيون، جن جي متعلق اسان اڳ ۾ ئي "واقف" هوندا آهيون. ان جي ڪري ئي اسان هڪدم انهن اڻ واقف خيالن تائين رسي به ويندا آهيون، يا اسان غلطيءَ وچان ان کي "لاشعور" (Unconscious) جئي وڻندا آهيون.

ڪنهن مقصد خاطر ڪي خيال جڏهن بنهنجي جاءِ والاري وڻندا آهن ته ان کانپوءِ اهي غير شعوري خيالن (Involuntary ideas) جي سلسلي کي موڙڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهڙي صورت ۾ اسان پنهنجي ذهن جي عملي طريقي تي ڪو دباءُ نه وجهي سگهندا آهيون، جيڪو اسان کي سدائين بامقصد سوچن کانسواءِ به لاتق بڻائي سگهندو آهي، مان ته ڪنهن نفسياتي مونجهاري واري حالت کان واقف نه هوندو آهي آهيان پر خيال مون کي مبتلا ڪري سگهندا آهن.[1]

نفسيات جا ماهر پڻ نفسياتي عملي طريقن بابت پنهنجي پراڻن اعتقادن کي تياڳڻ لاءِ تيار آهن. مان ان کي حقيقت سمجهان ٿو ته خيال جا وهڪرا، ڪنهن مقصد کانسواءِ جنسي بيمارين (Hysteria) يا وسوسن/ماليخوليا (Paranoia) ۾

---

[1] ان ڳالهه کي ايڏا گهڻي دير نه ٿي آهي جو منهنجو ڏيان ان حقيقت ڏانهن ڪڇي ويو هو ته "ايڊيورڊ وان هارٽمئن" (Aduard von hartmann) به نفسيات جي ان اهم معاملي تي ساڳيو رايو ڏنو آهي: فني تخليق ۾ لاشعور (Unconscious) جو جيڪو حصو پنهنجو ڪردار ادا ڪري ٿو ان متعلق پنهنجي ويچارن ۾ ان جي قانون کي خيالن جي ان ڳانڊاپي سان چٽيءَ طرح واضح ڪيو آهي جيڪي شراڪتي طور تي لاشعور ۾ با مقصد خيالن جي حڪمراني هيٺ ڪم ڪن ٿا. جيتوڻيڪ هو قانون جي دائري کان اڻواقف هو پر هن ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته "حواسن مان پيش ٿيندڙ تمثيلن جي هر قسم جو امتزاج، جڏهن باقائدگيءَ سان موقعو نه ڏجائيندو آهي. ته اهو پڃاڻيءَ تائين ضرور پهچائي چڏيندو آهي. تڏهن ان کي لاشعور جي مدد جي ضرورت پوندي آهي ۽ جيڪو حصو شعوري دلچسپيءَ سبب پنهنجو ڪردار ادا ڪندو آهي اهو لاشعور کي بيشمار ممڪن خيالن منجهان هڪ مخصوص خيالن کي چونڊڻ جو تحرڪ ڏيندو آهي. اهو لاشعور آهي. جيڪو سندس دلچسپيءَ سبب، ان خاص مقصد جي چونڊ ڪندو آهي ۽ "هي انهن چڙوچڙ سوچن ۾ خيالن جي ڳانڊاپي جي پيٽ ۾ حواسن مان لست جي خاطر اپرندڙ تصور ۽ فني امتزاج ۽ ڪل مذاق جي پيداوار کي تمام سني نموني سنياڻي رکندو آهي." انهيءَ جي ڪري خيالن جي ڳانڊاپي جون جوش اپارينڊڙ خيالن لاءِ مقرر ٽيل حدون (خالص نفسياتي ڳانڊاپي جي خيال کان)، محفوظ رهي نه سگهنديون آهن. اهڙيون مقرر ڪيل حدون پنهنجو جواز رکي سگهن ٿيون. اهو به تڏهن جڏهن مالڪوءَ جي زندگيءَ ۾ اهڙيون حالتون موجود هجن، جنهن جي ڪري هو نه رڳو هر شعوري مقصد تحت پر اثر رسوخ کان يا لاشعور جي هر دلچسپيءَ ۽ هر غلبو ڪندڙ مزاج کان به آزاد هجي.

بهرحال اها صورتحال ڏاڍي مشڪل سان رونما ٿيندي آهي ان لاءِ پلي ته ڪو غير ارادي طور تي پنهنجي خيالن جي وهڪري کي مڪمل طور تي ترڪ ڪرڻ جو ڏيڪ ڏئي يا ڪو غير شعوري طور تي پنهنجي حسين خوابن جي حوالي سان پاڻ کي ئي تياڳ ڏئي چڏي، ان جي باوجود ٻي وندر وروڻهن سندس مزاج ۽ احساسن تي حاوي ٿئي ٿي. ۽ سندس خيالن جي ڳانڊاپي ۾ ڪنهن نه ڪنهن معاملي جو اثر رسوخ سدائين قائم رهي ٿو.

اڌيڪي شعوري (semi_ conscious) خوابن ۾ سدائين اهڙا ئي خيال ڪن پل جي اظهار لاءِ مڪيه (شعوري) دلچسپيءَ سان واسطو رکندا آهن. تاڪيد يا اهميت، احساس ۽ مزاج جي مٽان اهڙيءَ ريت اثر رسوخ هلائيندا آهن جو خيالن جو آزاد تسلسل، تحليل نفسيءَ جي اصولن طريقن کي ممڪن انداز ۾ بلڪل "هارٽمئن" جي نفسياتي اپياس موجب، تائيدي ثبوت ڏيندڙ ٻڌجي پوي ٿو. "ڊوپريل" (Du PreL_1885,107) ان حقيقت جو حوالو ڏيندي لکي ٿو ته: "گستاخيءَ وچان ڪنهن جي نالي کي ياد ڪرڻ کانپوءِ جيئن ته اهو اسان جي ذهن ۾ ويهي رهندو آهي ته ٻئي پيري بنا ڪنهن هڪ يا تنبيهه جي ذهن منجهان هڪدم نڪري نروار ٿيندو آهي." هن ان منجهان نتيجو اخذ ڪيو آهي ته اهو "لاشعور" آهي جنهن ۾ با مقصد/ ڪارائتيون سوچون گهٽ جاءِ والا رندون آهن، ان ڪري نتيجو هڪدم شعور ۾ داخل ٿي ويندو آهي. (Aduard von hartmann 1890,I, Section B, chapter v.)

ظاهر نہ ٿيندا آهن. جنهن کانپوءِ اهي خوابن جي جڙ يا ان جي گهربل نتيجي جو حصو بڻجندا آهن. ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ اهي ڪنهن ديسي قسم جي نفسياتي مونجهارن ذريعي ظاهر نہ ٿين. ان حوالي سان جيڪڏهن اسان "لوريٽ" (Leuret 1834,131) جي ذهانت واري صلاح ميجون ٿا تہ: "خود نشي ۾ وڌل وارو مونجهارو پيدا ڪندڙ حالت کي بہ پنهنجي هڪ معني آهي." تہ انهن خيالن جو خال پرڻ اسان لاءِ مشڪل ئي ثابت ٿيندو آهي. انهن خيالن جي مشاهدي ڪرڻ لاءِ هڪڙو خيال مون پاڻ بہ جوڙيو آهي.

سرسام، بيهوشي، اضطراب يا نشي ۾ وڌل (Deliria)، چند چاڻ جو اهڙو ڪم آهي، جيئن روس واريون سرحدي اخبارون ڏارين صحافين جي خبرن جي سلسلي ۾ ڪنديون آهن تہ جيئن سندن اخبارون پڙهندڙن جي حوالي سان هٿئون هٽ ڪپي وڃن ۽ پنهنجي ڏنڊي کي جاري رکڻ لاءِ احتجاج طور تي اخبار جي هڪ ڪنڊ ۾ خالي جاءِ کي ڪارو ڪري ڇڏيندا آهن.

ائين ٿي سگهي ٿو تہ خيالن جو آزادگيءَ وارو ورتاءُ، ڳانڍاپن جي ناگهاني ڪڙين سان، هاجو رسائيندڙ دماغي عضوياتي عمل ۾ نظر اچن. اعصابي خلل/ نفسي اوٽائيءَ جي حالت ۾ بہ سوچن جي وهڪري تي چندچاڻ جي اثر رسوخ جو تاثر واضح ٿي سگهي ٿو. جيڪي سوچون ڪنهن مقصد تحت ڏکجي اڳيان ايندڙيون آهن، اهي لکل ئي رهنديون آهن.[1] اهي انهن ڳانڍاپن ۾ سدائين پروسي جوڳين سوچن وارين نشانين جيان، مقصد تحت ايريل خيالن جي اثر رسوخ وارن ڳانڍاپن وانگر مطابقت رکندڙ هونديون آهن. جيڪڏهن اتفاق سان ڳانڍاپا يا تصوراتي عڪس پاڻ ۾ گڏجي ويندا آهن تہ اهي صوتي/ لفظي مشابهت يا ناقص تڪبنديءَ ۽ بن کان وڌيڪ معنائون رکندڙ لفظن جي ذريعي ۽ هڪ عارضي يا محدود ڪيل وقت تائين، بنا ڪنهن معنوي ڳانڍاپي جي متاڇري يا ابهري انداز ۾ واضح ٿيندا آهن.

يا وري ائين، جيئن اسان هر قسم جي واسطيداريءَ ۾ ڪل پوڳ ڪندا آهيون يا لفظن سان کيڏندا آهيون. سوچ جي سلسلن ۾ اها ڪرداري خاصيت موجود هوندي آهي، جيڪا خواب جي عنصرن طرفان، وچ وارن/ ثانوي خيالن طرف اڇواٽي ڪندي آهي. ڪيترن ئي خوابن جي تشريح ۾ ان قسم جا ڪوڙ واقعا، اسان ڪنهن حيرانيءَ ڪانسواءِ نہ ڏٺا آهن.

ڪو بہ تعلق ڏيلو نہ ٿيندو آهي، نہ ئي هر مذاق وارو معاملو خراب هوندو آهي، اهي رڳو هڪ خيال ۽ ٻئي خيال جي وچ ۾ پل جو ڪم سرانجام ڏيندا آهن. پر ان قسم جي سچي وضاحت کي ايتري آسانيءَ سان سمجهي وٺڻ بہ تازي کوجنا جي ڪري ممڪن ٿيو آهي.

جڏهن بہ هڪڙو نفسياتي عنصر ٻئي سان اعتراض جوڳي يا اچاتري ۽ ابهري ڳانڍاپي ذريعي واسطيداري جوڙيندو تہ اتي پڻ جائز مناسب ۽ گهرو تعلق انهن جي وچ ۾ ضرور موجود هوندو ۽ جيڪو چندچاڻ واري مزاحمت تي مدار رکي ٿو.[2]

اچاترين يا ابهرين سوچڙ جي حصيداريءَ جي مروج يا مقبول هجڻ جو اصل سبب، ڪنهن مقصد خاطر پيش ٿيندڙ خيالن کي ترڪ ڪرڻ نہ هوندو آهي، پر اهو چندچاڻ جو زور هوندو آهي. اچاتريون دوستيون، گهرين واسطيدارين ۾ تبديل ٿي سگهنديون آهن. جيڪڏهن چندچاڻ عام انداز سان ڳنڍيندڙ رستن کي بي گذر (Impassable) ڪري

اسان مشابهت واري طريقي سان تصوير ٿي سگهون ٿا: پهاڙي علاقي جي، جتي آمدورفت جي روزاني مداخلت، (يا مثال طور ٻوڏ) مرڪزي لنگهہ بند ڪري ڇڏيل آهن. اوسي پاسي وارا رستا بہ ٿي سگهون ٿا، پر اتي تہ مشڪل ۽ مزاحمت جي

---

[1] حاڻيو 1909ع ۾ شامل ڪيل: هن هاڪاري بيان جي تصديق "سي جي جونگ" بہ چريائپ، ديوانگي سخت ذهني ڪسائي يا هيبٽائپ (Dementia Praecox) جي معاملن ۾ ڪئي آهي (C.G.Jung 1907).

[2] فرائيڊ پنهنجي هن ڪم ۾ هر هنڌ تي "چندچاڻ واري مزاحمت/ مدافعت" متعلق چئي آيو آهي ۽ وڌيڪ وضاحت "مزاحمت/ مدافعت جي نظريي" ۽ "چندچاڻ" جي وچ ۾ تعلق متعلق سامهون آئي آهي اها فرائيڊ جي "نيون تعارفي تقريرون" (1933) ۾ 29 هين تقرير ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

باوجود آمدرفت ايا جاري آهي. ۽ پيادل هلڻ وارن جا رستا به ٿي سگهون ٿا. جيڪي عام طور تي رڳو شڪاري استعمال ڪندا آهن.

هتي هڪڙن "بن معاملن" ۾ فرق ڪري سگهجي ٿو جيتوڻيڪ اهي پنهنجي محرڪ/ جوهر ۾ هڪجڙا آهن. انهن مان هڪڙي ۾ چنڊچاڻ رڳو انهن بن خيالن جي وچ ۾ ڳانڍاپي جي خلاف هدايتون ڏني ٿو. جيڪي ناقابل اعتراض ۽ الڳ ٽلڪ آهن. جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ به خيال حق ۽ ورثي واري انداز سان شعور ۾ داخل ٿين ٿا. انهن جي وچ ۾ ڳانڍاپو مسلسل مخفي رهي ٿو. پر ان جي جاءِ تي هڪ سڪٽي واسطيداري انهن جي وچ ۾ ظاهر ٿئي ٿي. جنهن لاءِ شايد اسان هونئن ڪڏهن به نه سوچيو هو.

اهو لاڳاپو هميشه خيالن جي مجموعي جي ڪنهن حصي سان ڳنڍيل هوندو آهي. ان کانسواءِ انهن تي به جيڪي ڏيجي ويل ۽ ضروري ڳانڍاپي تي ٻڌل هوندا آهن.

"ٻيو معاملو" اهو آهي ته جتي به خيال. پنهنجي مواد جي حوالي سان پاڻ ۾ چنڊچاڻ جو سبب بڻيل آهن. جي ائين آهي ته اهي ڪڏهن به پنهنجي اصلوڪي شڪل ۾ ظاهر نه ٿيندا آهن. پر ان جي جاءِ تي ترميم ٿيل شڪل ۾ تبديل ٿي ويندا آهن. ۽ تبديل ٿيل ٻئي خيال اهڙي رستي جي چونڊ ڪندا آهن. جڙ انهن کي اچاتري يا ابهري واسطيداري هجي. اهي ان ضروري لاڳاپي کي ورجائيندا آهن. جيڪي انهن. ٻنهي تبديل ٿيل خيالن سان مليل هوندا آهن.

انهن ٻنهي معاملن ۾ چنڊچاڻ جي زور جو نتيجو هڪ جاءِ جي بجاءِ ٻي جاءِ تي هلي وڃڻ نڪرندو آهي يعني عقل ۽ فضيلت ۾ هڪ گري ۽ سنجيدهه لاڳاپي کان اچاتري ۽ واضح طور تي ٻيهودي هنڌ تي وڃي رسندو آهي.

هيل تائين اسان هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ جاءِ بدلائڻ واري قسم جي اظهار کان واقف ٿيا آهيون. اسان کي ڪو خفو نه ٿيندو آهي. جڏهن اسان خوابن جي تعبير جي سلسلي ۾ انهن اچاترن ۽ ابهرن لاڳاپن تي آڌار رکندا آهيون.[1]

اعصابي خلل جي نفسياتي جائزي وٺڻ ۾ اهي ٻئي علامتون. مڪمل طور تي پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيندیون آهن. چاکاڻ ته جڏهن شعوري مقصد کي اجاگر ڪرڻ وارا خيال ترڪ ٿي ويندا آهن ته لڪل مقصد کي اجاگر ڪرڻ وارا خيال. موجود خيالن تي حاوي ٿي ويندا آهن ۽ اچاترا يا ابهرا خيال ڪنهن جاءِ تي گهرائيءَ ۾ دٻيل يا دٻايل انهن خيالن جو نعم البدل بڻجي. منتقل ٿي ويندا آهن. سچ اهو آهي ته مجيل قاعدن. ضابطن ۽ اصولن سان ثابت ڪرڻ ئي نفسياتي جائزي جي فن/ ٽيڪنڪ جا بنيادي ٽنب آهن. مان جڏهن پنهنجي مريض کي سمجهاڻي ڏيندي پڇندو آهيان ته:

"ان قسم جا تياڳيل اولڙا تنهنجي دماغ ۾ ڪٿان آيا؟"

۽ تڏهن مان هن جي ويچارن ۽ گمانن تي پورو پروسو ڪندو آهيان. ته هو بامقصد خيالن کي ترڪ نه ڪندو چاکاڻ ته اهو هن جي علاج جو معاملو هوندو آهي. پوءِ هن جا معصوم ۽ ڏکويل احساس ۽ ٻيون به ڪيتريون شيون سامهون ايندیون آهن. جيڪي هن جي بيماريءَ جي حقيقت سان منسلڪ هونديون آهن. مقصد خاطر آيل خيال هڪ ٻيو به آهي جنهن تي مريض کي ڪو به شڪ گمان نه هوندو آهي.

مجيل قاعدن. ضابطن ۽ اصولن سان ثابت ڪرڻ وارن ٻنهي مفروضن (Theorems) جي اهميت جي ڪٽ ۽ انهن متعلق ان کان به وڌيڪ تفصيلي معلومات اسان ڏني آيا آهيون. جيڪي نفسياتي تجزيي جي ٽيڪنيڪ لاءِ نهايت اهم آهن.

---

[1] ان قسم جو ساڳيو غور اسان اچاترن ۽ ابهرن ڳانڍاپن تي برابر ڪندا آهيون. چاکاڻ ته اهي خوابن جي متن منجهان صفا چٽا نظر ايندا آهن. جنهن جو مثال "مائوري" جي ٻن خوابن ۾ آندل آهي ص: 136_137). اعصابي مريضن مون کي انهن "يادگيرين جي فطرت" متعلق سيکاريو آهي. ته ان ۾ نمائندگيءَ جو نهايت پسنديده طريقو موجود هوندو آهي. اهي اهي موقعا هٿ. جڏهن اسان جاڳ جي سمورن ڪتابن ۽ لفتن جا صفحا جاچيندا هئاسين. انهن بالغ ٿيندڙ نوجوانن وانگر جيڪي جنسي خواهشن جي پورائي لاءِ شاعريءَ جي ڳولها ڪندا آهن (اهو مثال "ڊورا" جي ٻئي خواب ۾ آيل آهي).

هاڻي جڏ اسان بہ سرحدي اخبار جي لڪ لڪوٽيءَ واري انداز جيان آخر خوابن جي تشريح کان واقف ٿي ويا آهيون، سو هاڻي باقي اڳتي[1]

اسان جي انهن ڳالهين جو سچو نچوڙ اهو آهي تہ اسان کنهن هاريءَ وانگر انهن اعتراضن جو لابارو کري، کجهہ سٽن آنَ داڻن کي ميڙي ورتو آهي، خاص طور تي اسان کي انهن مان کنهن جي بہ مثال ڏيڻ جي ضرورت نہ پئي تہ: "تشريح دوران هر واسطيداري ظاهر نہ ٿيندي آهي، جيڪا رات جو خواب جي ڪم ۾ جاءِ والاريندي آهي. اها حقيقت آهي تہ جاڳ واري حالت ۾ تشريح کي بيان ڪرڻ لاءِ اسان اهي ساڳيا ئي رستا وٺي هلندا آهيون، جيڪي خوابن ۾ نظر آيل سوچن جي انهن ارکانن ۽ علامتن جي پاسي موٽائي هلندا آهن، ۽ خواب جو ڪم انهن منجهان ابتو يا غير موافق رخ اختيار ڪندو آهي. پر ائين تمام گهٽ ٿيندو آهي تہ اهي رستا ٻنهي پاسن کان هلندا هجن. ڏينهن جو اسان گهٽو ڪري تازن خيالن جي سهاري هلندا ڦرندا آهيون، ۽ پوءِ اهي ئي ثانوي يا وچولن خيالن ۽ خوابي خيالن (سوچن) سان لهہ وچڑ ۾ ايندا آهن، يعني هڪ نڪتي کان ٻئي نڪتي تي وڃي رسندا آهن. اسان ڏٺو تہ ان طريقي سان ڏينهن واري تازي مواد جي پنهنجي دلچسپي تشريح واري زنجير ۾ ڪيئن جڪڙجي ٿي وڃي! اهو پڻ ممڪن آهي تہ مزاحمتي قوت ۾ واڌ جي ڪري بہ "رات" جو وڳڙو ان مواد کي هڪ نئون روپ ڏيندو هجي ۽ وڌيڪ پيچدار، فريبي ۽ متبادل رستي جي ضرورت پڄجي ويندو هجي. موافقت ۽ مددي فطرت جا ڪيترا ئي خيال، اسان ڏينهن دوران اهڙيءَ ريت، ٽوپيندا ٽاڪيندا ۽ اڻندا رهندا آهيون، پلي تہ انهن جي ڪا نفسياتي اهميت نہ بہ هجي، پر جيتري قدر انهن جو وس هلندو آهي، اهي اسان جي سوچن جي اوتري قدر اڳواڻي ڪري ان جاءِ تائين رسندا آهن، جن جي اسان کوج لڳائيندا آهيون.

---

[1] مڃيل قاعدن ضابطن ۽ اصولن سان ثابت ڪرڻ وارن ٻنهي مفروضن (Theorems) جي جن جو سڌ/ آواز ان وقت ڏاڍو اڻ وٽندڙ محسوس ٿيندو آهي جڏهن اهي جُڙڻ لڳندا آهن، ان کي "جونگ" پنهنجي شاگردن تي استعمال ڪري ڏٺو هو تہ اُن جو نتيجو اهو ئي نڪتو هو.

(2)

موٽ کائڻ وارو عمل

REGRESSION

اسان جي خلاف جيڪي اعتراض اٿيا هئا، تہ چا انهن جي رد ڪرڻ ۾ ئي اسان مصروف ٿي وڃون يا اسان بچاءَ وارن هٿيارن متعلق معلومات ڏيون تہ اهي ڪٽي رکيل آهن. بهرحال اسان نفسياتي تحقيق لاءِ پنهنجي ڪنيل ذميداريءَ کان منهن موڙي نہ ٿا سگهون. جنهن لاءِ اسان هڪ طويل سفر ۾ پاڻ کي هٿياربند ڪندا رهيا آهيون. هاڻي اچو تہ پنهنجي کوجنا جي اصولن کي مختصر ڪريون:

خواب هڪ نفسياتي عمل آهي، ۽ اهو ايترو ئي اهم آهي جيترو کوپيو. ان جي تحرڪ جا وسيلا هر واقعي سان، خواهش کي پوري ڪرڻ لاءِ سلهاڙيل هوندا آهن. پر ان جي حقيقت کي "خواهش واري صورت ۾" چٽي نموني شناخت ڪري نہ سگهبو آهي. ان ۾ ڪيترين نيارين يا نج سان گڏوگڏ اجايون، نامناسب ۽ بيهوديون ڳالهيون بہ شامل هونديون آهن. جيڪي نفسياتي چنڊچاڻ جي ڪوشش ۽ اثر رسوخ جي ڪري هونديون آهن. جيڪي، چنڊچاڻ کان گسائڻ کي ضروري سمجهي، پنهنجي جڙڻ واري عمل دوران موضوع بڻيل هونديون آهن. ان ڪري نتيجو آڻيندڙ ٻيا جزا جيڪي پنهنجي جڙڻ جي لاءِ حصو ڳنڍيندا آهن. اهي ئي پنهنجي نفسياتي مواد جي ڪاٽ ڪوٽ جي ضرورت بڻجي پوندا آهن، ۽ سندن ممڪن صورت سبب اهي حواسي / دماغي عڪسن ۾ پيش ٿيندا آهن. ان جي باوجود اهي بنا تبديليءَ جي نہ هوندا آهن ۽ سندس گهُر اها ئي هوندي آهي تہ خواب جي جوڙجڪ جو باهريون ڏيک عقل ۾ ايندڙ ۽ سمجهہ پريو هجي. انهن جي ڏيتي ليتيءَ جو هر معاملو تازي/ ويجهڙائيءَ واري نفسياتي دليل جي بنياد تي سچ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ خيالن جا رستا کولينڊو آهي: خواهش جي وچ ۾ گڏيل رشتو جيڪو خواب جي متحرڪ قوت هوندو آهي، ۽ اهي چار حالتون هونديون آهن. جن جي ذريعي خواب جي جڙڻ جو بنياد بڻبو آهي. ائين جيئن رشتن جي وچ ۾ گذريل ڳالهين جي ڳولهڻ جي ضرورت پوندي آهي ۽ شين جي انهن واسطن ۽ انهن جي ڪڙين ۾ خوابن جون جايون اڏيون آهن. جيڪي ذهني زندگيءَ طرفان گڏ ڪيل ۽ سونپيل هونديون آهن.

مان اوهان کي ياد ڏيارينڊو هلان تہ خوابن جو اهو مسئلو ايجان حل ڪرڻو آهي. جنهن جي لاءِ مون هتي هن موضوع کي آندو آهي. اهڙن خوابن جو تجزيو ڪرڻ مشڪل نہ آهي. پر مثال طور "هار جي سڙڻ" واري خواب تي اسان ايجان تفصيلي گفتگو نہ ڪئي آهي. ان کي سمجهڻ لاءِ مان اڳ ۾ هڪڙو سوال ٿو ڪريان تہ اهو منظر خواب ڏسندڙ جاڳ ۾ ڏسڻ بجاءِ خواب ۾ ڇو ڏٺو ۽ پنهنجي خواهش منجهان هڪ جي شناخت ڪيئن ڪئي، جنهن سندس مئل پٽ کي زندهہ ڪري پيش ڪيو؟

ان تي وڌيڪ بحث اسان تي اها ڳالهہ ظاهر ڪندو تہ هڪ بي خواهش بہ هئي جنهن پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. خواهش جي پورائيءَ بابت اهو پهريون موقعو هيو جيڪو سمهڻ دوران سوچن جي عملي تسلسل واري صورت ۾ خواب ۾ بدلجي ويو هو. جيڪڏهن اسان خواهش جي پورائي کي بيڪار تصور ڪري چڏي ڏيون تہ اسان ڏسنداسين تہ رڳو هڪڙي خاصيت، بن نفسياتي واقعن جي ترتيب ۾ فرق ڪرڻ يا ورهائڻ جي عمل کي چڏي ڏيندي... خوابي خيال ڏوڙڻ لڳندو: "مان ڪمري مان روشني ايندي ڏسان پيو جتي هڪ مئل پار جو لاش سڙڻ وارو آهي."

"خواب! روشنيءَ جي انهن ترورن کي اڻ متيل انداز ۾ ورجائي رهيو هو پر انهن کي ان ئي حالت ۾ پيش پئي ڪيائين. جيئن ان وقت واقعي موجود هئا ۽ جن کي جاڳ واري حالت جيان ئي، حواسن جي ذريعي پئي شناخت ڪيائين. هتي اسان کي خواب جي عملي طريقي جي نفسياتي خاصيت واري نهايت ئي عام ۽ نهايت ئي حيرت انگيز ڳالهہ هٿ آئي آهي:

هڪڙو خيال! ۽ جيئن اصول آهي تہ "ڪنهن شيءِ جي متعلق خيال" اصل ۾ اهو "خواهش ڪيل/ چاهيل" هوندو آهي، ۽ خواب ۾ نوس (Objectified) شڪل ۾ پيش ٿيندو آهي: هڪ منظر جيان نمائندگي ڪندڙ يا ائين چئجي تہ اسان کي پنهنجي ڪيل تجربي وانگر لڳندو آهي.

پوءِ ٻہ ڪيئن؟ ڇا اسان ان کي خوابي ڪم جي نياري، نج يا اهم "ڪرداري وصف" (Characteristic) وانگر وضاحت ڪندا آهيون يا ڪنهن ڏاڍي سهڻي ڍنگ سان ڪو سوال ڪندا آهيون؟ آخر نفسياتي عملي طريقي ذريعي شين جي جوڙيا زنجير جي ڪڙين کي ڪيئن ڳولهي هٿ ڪندا آهيون؟

جيڪڏهن اسان مواد تي گهرائيءَ سان غور ڪنداسين، تہ اسان کي مشاهدو ٿيندو تہ "لڳيڪ ٻہ نمايان ۽ آزاد خاڪا، جوڙجڪ جي ڪرداري وصف جي صورت ۾ خواب جي ذريعي ڪنيل هوندا آهن. هڪڙي "حقيقت" تہ اها آهي تہ خيال "شايد، متان، مبادا، لڳيڪ، ممڪن آهي، ٿي سگهي ٿو" (Perhaps) جهڙي لاپرواهہ انداز سان، ۽ ويجهي صورتحال جيان پيش ايندو آهي. ٻي حقيقت اها آهي تہ "خيال" تصويري عڪسن ۽ آوازن (گفتگو) ۾ بدلجي ويندا آهن.

ذڪر ڪيل ان خاص خواب ۾ خيالن جي تبديلي، پنهنجي ئي خيالن ۾ ڪيل زمان حال واري ۾ اميد گفتگو ئي اظهار ڪيو هو جيڪو خاص طور نمايان نظر نہ ٿي آيو. اهو ان ڪري ٿيو جو هن خواب ۾ خواهش جي پوري ٿيڻ ذريعي ڪنهن ٻئي تي غور ڪرڻ بجاءِ رڳو اهو غير معمولي ماتحت حصو ئي ڪردار ادا ڪري پئي سگهيو جنهن ۾ تصور ڪيل خواهش، جاءَ وارن خيالن مان چڃي نہ سگهي هئي. جيڪا پوءِ ننڍ تائين ڪجي آئي هئي، مثال طور "ارما جي سئيءَ وارو خواب"، جنهن جي خوابي خيال ۾ "تمنائي اظهار" جي نمائندگي هئي: "جيڪڏهن رڳو "اوتو" ئي ارما جي بيماريءَ جو ذميدار هو" تہ خواب تمنا جي اظهار کي ڏيڻي ڇڏي ها ۽ ان کي بدلائي سڏو سنئون زمان حال ۾ ئي ڪٽي اڇي ها: "جي ها، اوتو ئي ارما جي بيماريءَ جو ذميدار آهي." تبديلين منجهان هيءَ پهرين تبديلي آهي، جيڪا پڙاڻ بگڙيل خواب جي ذريعي سوچن ۾ هلي آئي هئي.

اسان کي خوابن جي ان پهرين خصوصيت متعلق وڌيڪ ڏيڪهہ ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي. اسان تصويرن ذريعي سمجهاڻي ڏئي سگهون ٿا: شعوري خيالن جي اڏام واري ڪائنات جي پاسي لڳل ڏيان کي ۽ خوابي خيالن کي، جيڪي پنهنجي تصوراتي انداز جي مواد ۾ ساڳئي طريقي سان لهہ وچڙ ڪندا آهن. جيئن "ڊائوڊيٽ مونسيئر جويوس" (Daudet Monsieur Joyeuse) ڪم چڙي، پيرس جي ڳلين ۾ پٽڪندو رهندو هو جڏهن تہ سندس ڏيئرن کي اهو ئي گمان هو تہ هو ڪا ملازمت ڪري رهيو آهي ۽ پنهنجي آفيس ۾ ويٺو آهي. هو پنهنجي ترقيءَ جا خواب پيو ڏسندو هو تہ ڪڏهن نہ ڪڏهن هو ڪا ملازمت ڳولهي ونڊندو ۽ ان لاءِ کيس ڪو هلندي پچندي وارو ٻہ کيس مدد ضرور ڪندو."[1] هو اهي خواب زمان حال ۾ ڏسندو هو اهڙيءَ ريت خواب ۾ ٻہ ساڳي ئي نموني زمان حال جو ئي استعمال ڪندو هو ۽ بلڪل ڏينهن جي خوابن (سوچن) جيان. اهو زمان حال ئي آهن، جنهن ۾ خواهشون، تڪميل واري اميد ذريعي پيش ٿيندين آهن.

پر خواب پنهنجي ٻي ڪرداري وصف ۾ ڏينهن وارين سوچن سان شامل راءِ ٿيندو آهي: خاص طور تي پنهنجي تصور واري مواد جي حقيقت جي لاءِ خيالن مان حواسي/ دماغي عڪسن ۾ منتقل ڪرڻ واري حالت ۾، جنهن ۾ اعتقاد شامل هوندو آهي ۽ اهو ٽيل تجربي جيان ئي ظاهر ٿيندو آهي. مان بنا ڪنهن دير جي اهو شامل ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان تہ هر خواب، خيال مان ڪٽي حواسي/ دماغي عڪسن ۾ منتقل ڪرڻ جو مظاهرو نہ ڪندو آهي. اهي خواب ئي هوندا آهن جيڪي رڳو خيالن تي ئي ٻڌل هوندا آهن. پر اهي خوابن جي لازمي فطرت جي لحاظ کان رد نہ ٿي سگهندا آهن. منهنجو "آٽو ڊڊاسڪر" (Autodidasker) (ص 440) پروفيسر اين سان "ڏينهن جي خيالن جي اڏام" وارو خواب ٻہ ساڳئي قسم جو آهي، جنهن ڏينهن دوران آيل خيالن جي مواد منجهان مس مس ڪجهہ وڌيڪ حواسي/ دماغي عنصر ان ۾ شامل ڪيا هئا، ۽ هر خواب ۾ ڪنهن ٻہ قسم جي خيال تي ويچار ڪيل ڏيڪهہ جي حوالي سان، اصل ۾ اهي هڪڙا اهڙا ترڪيبي عنصرن هوندا

---

[1] "الفونس ڊائوڊيٽ" (Alphonse Daudet) جي ڪهاڻي "لي نباب" (Le Nabab) جي نالي جي متعلق فرائيڊ پنهنجي ڪتاب: "روزاني زندگيءَ جا نفسياتي علاج" جي پهرين مسودي جي باب ستين ۾ بحث ڪيو آهي.

آهن. جن وٽ آرام سکون جهڙي کا ڳالهه نه هوندي آهي جو اهي، سوچن کي حواسي شڪل ڏئي سگهن. پر اهي ان قسم جي رستي سان رڳو خيال واري سادي انداز ۾ هوندا آهن يا ڄاتل سڃاتل هوندا آهن. جن کي اسان جاڳ واري حالت ۾ معمول مطابق سمجهندا ۽ سڃاڻيندا آهيون. هتي اهو به ضرور ياد رکڻ گهرجي ته اهڙي قسم جي خيالن جو تبادلو رڳو خوابن ذريعي ئي حواسي/ دماغي عڪسن ۾ ظاهر نه ٿيندو آهي: اهي سوداءَ وهم (Hallucination) ۽ ادراڪ وسيلي ڪنهن شيءِ کي سمجهڻ يا ڪشف (Vision) جي صورت ۾ به ۽ بين خودمختيار وجود رکندڙ شين جيان به ظاهر ٿيندا آهن. جن لاءِ ائين چئجي ته اهي تندرستيءَ ۾ به ته اعصابي خلل جي نشانين ۾ به ظاهر ٿيندا آهن. مختصر ته هاڻي جنهن تعلق کي اسان چڪاسيون پيا، اهو کو الڳ ٽلڳ نه آهي. ان جي باوجود به اهو سچ آهي ته خوابن جي اها ڪرداري وصف جيڪا وقت سر پيش ٿيندي آهي ته اسان جو به ڏيان ڇڪائي ونڊندي آهي. انڪري اسان لاءِ خوابن جي دنيا متعلق، ان کانسواءِ تصور ڪرڻ ناممڪن ٿي پوندو آهي. پر جڏهن اها دنيا اسان کي سمجهه ۾ اچي ويندي آهي ته اسان بحث مباحثي جو سفر ڪرڻ شروع ڪندا آهيون. جيڪو اسان کي تمام گهڻي ڏورانهين ملڪ تي رسائي ڇڏيندو آهي.

خوابن جي نظريي متعلق جن ليڪڪن پنهنجا رايا ڏنا آهن. پنهنجي پڇا ڳاڇا ڪرڻ لاءِ ابتدائي نڪتي طور انهن منجهان مان ڪو نه ڪو رايو ضرور ڪڍندو آهيان. خوابن جي موضوع بابت ڪيل مختصر بحث جي سلسلي ۾ اسان جي عظيم شخصيت "فيڪنر" (Fechner_1889,2,520_21) اهو خيال ڏيکاريو آهي ته:

"خوابن جو عملي منظر نامو جاڳ واري تصور يا تمثيل جي بلڪل مختلف هوندو آهي."

اها رڳو قياس آرائي آهي. جيڪا خوابي حيات کي خاص طور تي نيارو سمجهڻ تي ٻڌل آهي.

انهن اڪرن منجهان، "نفسياتي علائقي" (Psychical locality) متعلق اسان کي ڇا ٿو حاصل ٿئي! مان ان حقيقت کي صفا رد ڪندس ته ميڇالي! (mental appartus) جنهن سان اسان جو هتي واسطو آهي. ان متعلق اسان کي اها پڪ خبر آهي ته اهو عضوياتي تشريحي انداز سان ڪم ڪرڻ لاءِ هر دم تيار هوندو آهي. ۽ مان ذهن جي "نفسياتي حصن ۾ موجود رغبت يا برغلائيندڙ لاڙي متعلق عضوياتي تشريح جي تعين ڪرڻ ۾ نهايت احتياط کان ڪم ونڊندو آهيان. مان گهڙو ڪري نفسياتي بنيادن تي پاڙيندو آهيان ۽ رڳو چند ڳالهين تي عمل ڪرڻ جو مشورو ڏيندو آهيان. ته جيئن اسان ان اوزار جي تصوير جوڙي سگهون. جيڪا اسان جي ذهني ڪارڪردگيءَ لاءِ ڪنهن خوردبينيءَ (Microscope) جيان آهي. يا تصوير ڪشيءَ جي ڪنهن اوزار وانگر آهي. يا ايجان ئي ڪنهن ٻئي قسم جو اوزار آهي! جنهن بنياد تي نفسياتي علائقي جو مواد ان اوزار جي اندروني معاملن سان ڳنڍيل رهي ٿو ۽ ان جا عڪس ابتدائي مرحلن ۾ آڻي پيش ڪري ٿو. اسان کي خبر آهي ته خوردبيني يا دوربينيءَ (Telescope) جي ذريعي ڪنهن به شيءِ جي اهم نڪتن جا حصا تمام باريڪيءَ سان ظاهر ٿيندا آهن ۽ ائين اسان انهن عنصرن کي حتمي قرار ڏيندا آهيون. ساڳيءَ ريت انهيءَ سلسلي ۾ ڪنهن ڪميءَ/ اوٽائيءَ يا ان جي ڪنهن سان مشابهت رکندڙ عڪس جي صورت ۾ مون کي معافي ونڊ جي ضرورت کا نه پوندي آهي. ان قسم جون مشابهتون اسان کي اسان جي ڪوشش ۾ رڳو مدد ڪنديون آهن ۽ اسان جي ارادي کي مضبوط ٻڌائينديون آهن. جنهن جي ڪري اسان ذهن جي مونجهارو پيدا ڪندڙ عمل کي نهايت چٽيءَ ريت سمجهي سگهندا آهيون. ان حوالي سان ڪنهن اڻ ڄاتل معاملي کي سمجهڻ لاءِ اسان پهرين مدد انهن عارضي خيالن کان ونڊ جي ڪوشش ڪندا آهيون. ان لاءِ مان پهرين موقعي تي اڌوري، خام يا ڪچي پڪي قياس آرائيءَ کي اهميت ڏيندو آهيان ۽ ائين مان نهايت مضبوط قسم جو مواد هٿ ڪري ونڊندو آهيان.

اهڙيءَ ريت اسان ذهني ڪم جي تصوير ڪشي، هڪ جامع اوزار جيان ڪندا آهيون. جن جي جزن، پاڻ يا عنصرن کي اسان "شعبن" (agencies) جو نالو ڏيندا آهيون[1]، يا وڌيڪ واضح ڪرڻ لاءِ ان کي "حقيقتن، اصولن ۽ نظرين/ تدبيرن جو ڳنڍيل مجموعو يا نظام" (System) سڏيندا آهيون. سو به هي جاءِ ۾ منتقل ٿيڻ جي پيش بندي ڪندو آهي ته جيئن

---

[1] جرمني زبان ۾ اهو لفظ Instanzen استعمال ڪيل آهي جنهن جي ادبي معنيٰ واقعا/ موقعا آهي. "موقعو/ واقعو "پهرين انصاف" واري معنيٰ ۾ اصطلاحي طور استعمال ٿيندو آهي.

اهي رڻون، هڪ ٻئي سان ماحولي ڪشادگيءَ جي مسلسل جاري هجڻ تي لڳيڄ ٻيهڙ جهڙيون ٿي سگهن، ان ساڳئي انداز سان، جيئن دوربيني ۾ ترتيب سان لڳايل آتشي شيشا هڪ ٻئي پويان لڳل هوندا آهن: قطعي طور تي چئي سگهجي ٿو ته ان لاءِ ڪنهن به دليل يا قياس آرائيءَ جي ضرورت نه هوندي آهي. جيئن ته "نفسياتي نظام" ماحولي ڪشادگيءَ جي حوالي سان رڃابندي ڪندو آهي، تيئن ان لاءِ ايترو ئي ڪافي هوندو آهي، پر جيڪڏهن مقرر ٿيل هدايتون حقيقت جي حوالي سان قائم هونديون آهن ته ميسر ٿيل "نفسياتي عمل ۾ جوش يا ولولو" ان نظام منجهان، خاص طور عارضي ترتيب سان گذرندو آهي. البت بين عملي طريقن ۾ ترتيبي سلسلو مختلف به ٿي سگهي ٿو ۽ اهو به ممڪن آهي ته اسان ان کي ائين ئي چڏي ڏيون. تت/ خلاصي جي حوالي سان اسان دماغي سرشتي جي انتظامي عنصرن متعلق، آئيندي ڳالهائيندا سين.

پهرين شيءِ جنهن اسان جو ڌيان ڇڪايو آهي ته: "هي "سرشتو" (Apparatus) تدبيرن، حقيقتن، نظرين ۽ نظامن جو مرڪب سرشتو آهي، ان کي پنهنجو هڪ ادراڪ آهي، هڪ رخ آهي." اسان جي هر نفسياتي سرگرميءَ جي ابتدا، اندروني توڙي بيروني جوش ۽ جذبي سان ٿيندي آهي، ۽ پڄاڻي، بدن جي تنتي تحرڪ ذريعي "عصبي اضافي گرماڻ" (Innervation) تي ٿيندي آهي.[1]

اهڙيءَ ريت اسان ان کي حواسي/ دماغي (Sensory) ۽ خواهش کي منتقل ڪندڙ اپار جي مقصد (Motor end) سان منسوب ڪندا آهيون. حواسن يا مشڪن جي چرپر جو مقصد (Sensory end) هڪ اهڙي طريقي تي ڪاربند هوندو آهي، جيڪو علم، ادراڪ ۽ دريافت جي آڇيان ڪندو آهي ۽ خواهش کي منتقل ڪندڙ اپار يا تحرڪ ڪنهن ٻي جاءِ تي ٽيڪ ڏيندو آهي، جيڪو تحرڪ پيدا ڪندڙ سرگرميءَ جا دروازا کولي ڇڏيندو آهي. نفسياتي عمل، عام طور تي، ادراڪي مقصد کان منتقل ٿيندڙ اپار ڏانهن اڳيرو ٿي ويندو آهي. اهڙيءَ ريت نفسياتي ڪاروهنوار هلائيندڙ سرشتي جي رٿا واري تصوري خاڪي (Schematic picture) جيان صفا عام قسم جي تصويري نمائندگي ڪري سگهندو آهي.



FIG. 1

بهرصورت نفسياتي ڪاروهنوار هلائيندڙ سرشتو (Psychical apparatus) هڪ اولڙي وارو سرشتو (Re ex apparatus) جوڙيندو آهي ۽ اولڙي وارا عملي تسلسل ئي هر قسم جي نفسياتي عمل جو مثالي نمونو ٻڌجندا آهن.

ٻيو ته حسي/ حواسي/ دماغي يا مشڪن جي چرپر جي تعارف لاءِ اسان وٽ پهريان فرق ڏيڪاريندڙ بنياد مو رد هوندا آهن. اسان جي نفسياتي سرشتي جي ادراڪ/ دريافتن ۾ نقل يا نشان (Trace) پري ٿي ويندو آهي ۽ انهيءَ تي ڪو تصور

---

[1] عصبي اضافي گرماڻ: اڃ چٽويا هن کان وڌيڪ معنائون رکندڙ اصطلاح آهي. اهو گهڻو ڪري تعميري خيال کان استعمال ٿيندو آهي، يعني ڪجهه تنتن جي اندروني چرپر يا بدن جي حصن جي "عضوياتي ورڇ"، يا تنتي سرشتي جي قوت جي نشريات (ان تازي واقعي جيان) خاص طور مرڪزي عضوي کان نيڪال ڪندڙ يا اتان آڻيندڙ نظام آهي.

جوڙيندو آهي. ان طريقي کي اسان "يادن جو نشان" (Memmory trace) چئي سگهون ٿا: ۽ ان جي ڪم جي وابستگيءَ کي اسان "يادگيرين" جي نالوڙئي سگهون جيڪڏهن اسان نفسياتي عمل کي سرشتي سان ڳنڍيڻ واري ارادي ۾ يقيني هوندا آهيون، تہ يادگيرين جا نقش ۽ نشان سرشتي جي رڳو مستقل ترميمي جزن يا عنصرن تي انحصار ڪندا آهن. پر جيڪڏهن ڪنهن ٻئي هنڌ تي، اڳ ۾ ئي انهن جي نشاندهي ٿيل هوندي تہ ظاهر آهي، انهن کي "فرض ڪري ونڻ" ۾ مشڪل ضرور پيدا ٿيندي. چاڪاڻ تہ هڪ يا ساڳيو طريقي ڪار پنهنجي موافق يا مناسب ماحول جي حقيقت پٽاندر ترميمن کي استعمال ڪري سگهي ٿو ترميم لاءِ تازن واقعن جي آڏرپاءَ ۾ مستقل طور تي دروازا کولي رکي ٿو. ان عملي اصول سان هم خيال ٿيڻ لاءِ جيڪو اسان جي تجربن تي حڪمراني ڪري ٿو اسان انهن ٻنهي عملي طريقن کي، ان ڪري مختلف ترتيب ۾ ورهائيندا آهيون. اسان ڪنهن دليل يا وضاحت جي حوالي سان ڪنهن ڳالهہ کي واقعي طور سمجهڻ لاءِ قياس آرائي ۾ ڪندا آهيون چاڪاڻ تہ نظام جي اڳياڙيءَ ۾ ڪيس مستقل طور تي اپاريا تحرڪ ملندو رهندو آهي، پر انهن جو چڏيل نشان ذهن نشين نہ ٿيندو آهي. ان ڪري اهو يادگيرين ۾ بہ موجود نہ هوندو آهي. جيئن تہ ان جي پويان هڪ ٻيو سرشتو بہ هوندو آهي، جيڪو پهرين طريقي ڪار جي پَل آپل واري جذباتي اپار کي، مستقل خاڪن/ نشانن ۾ تبديل ڪندو آهي. اسان جي نفسياتي ڪاروهنوار هلائيندڙ سرشتي جي رٿا وارو تصوري خاڪو (Schematic picture) هن ريت آهي:



FIG. 2

اها جاتل سجاتل حقيقت آهي تہ اسان مستقل طور تي محض سمجهہ/ فهم وارو مواد ئي نہ پر ان کان گهڻو ڪجهہ وڌيڪ بہ ذهن نشين ڪندا آهيون. جيڪو ادراڪي سرشتي تي اجائي مداخلت ڪندو آهي. اسان جو فهم يا ادراڪ اسان جي يادگيرين ۾ پهرين ۽ ان کان اڳ يا ساڳئي وقت ۾ ظهور پذير ٿيندڙ واقعن کي اظهار ڏيڻ واري انداز ۾ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هوندو آهي. اسان ان حقيقت کي "ساڻ، حصيداري ۽ خيالن جو ذهني ڳانڍاپو" (Association) چوندا آهيون.

هاڻي اها ڳالهہ چٽي ٿي وئي آهي تہ جيڪڏهن ادراڪي سرشتي وٽ ڪا ٽوري بہ يادگيري نہ هوندي تہ اها حصيداريءَ وارن نشانن کي ذهن نشين بہ نہ ڪري سگهندي، اهڙي صورت ۾ ڪي علحدہ ادراڪي عنصر پنهنجي عملي ڪم ۾ برداشت نہ ڪري سگهڻ واري نموني، رنڊڪ وجهندا آهن. جيڪڏهن اوائلي ڳانڍاپن منجهان ڪجهہ بچيل هوندو آهي تہ اهو ان تازي سرت تي اثر انداز ٿيڻ جي مشق ڪندو آهي. تڏهن اسان سمجهندا آهيون تہ انهن ڳانڍاپن جو بنياد ڏيڻهن جي ياداشت ۾ مدد ڏيندڙ (Mnemic) نظام تي آڌاريل آهي. ڳانڍاپا اهڙيءَ ريت ان حقيقت ۾ هموار ٿيل هوندا آهن. جيئن مداخلتن جي ڪميءَ جي نتيجي ۾ سهوليت مهيا ڪندڙ دڳ سان سلهاڙ جي وڃجي، تڏهن جلد جوش ۾ اچڻ واري حالت، گذاريل ڏينهن جي ياداشت ۾ مدد ڏيندڙ عنصر سان گڏجي، هڪ جي بجاءِ ياداشت ۾ مدد ڏيندڙ ٻئي عنصر منجهان ڦڙتيءَ سان نشر ٿيڻ لڳندي آهي.

فيصلي لاءِ ڪنهن ڳالهه تي ويچار ڪرڻ وارو عمل، موجود شيءِ کي ضرورت جي حوالي سان، ڪنهن هڪ نہ پر ڪيترن ئي ڏينهن جي ياداشت ۾ مدد ڏيندڙ انهن عنصرن منجهان ظاهر ڪندو آهي، جن ۾ هڪ ۽ ساڳيو جوش جذبو هوندو آهي، اهي مختلف ۽ مستقل طور محفوظ ٿيل دفتر کي چڏي ادراکي عنصرن جي ذريعي منتقل ٿيندا آهن. گذاريل ڏينهن جي ياداشت ۾ مدد ڏيندڙ سرشتا، پهرين ته فطري طور ڳانڊاپن جي دفتر تي مشتمل هوندا آهن، ته جيئن وقت سِر ظهور پذير ٿيندڙ واقعن سان منهن ڏئي سگهن، جڏهن ته ساڳيو ادراکي مواد، ڪن ٻين قسمن جي حوالي سان، پوئين نظام سان مطابقت جو بندوبست ڪندو آهي. ان ڪري انهن پوين سرشتن منجهان هڪ جي: مثال طور ساڳئي قسم جي ڳانڊاپي جي شاهدي ۽ ساڳيءَ ريت ٻئي ۾ به ملندي ته ان قسم جي سرشتي جي نفسياتي اهميت ۽ خاصيت کي لفظن ۾ ٽنبڻ جي ڪوشش ڪرڻ وقت جو زيان ٿيندو. ان جي "ڪرداري وصف" يادگيرين جي خام مواد جي مختلف ترڪيبي جزن منجهان، پنهنجي ڳانڊاپن جي جاتل سڃاتل ۽ تمام ويجهين تفصيلن تي انحصار ڪندي آهي. جڏهن ته اسان کي بنيادي قسم جي خيال تي ورتايل مزاحمت جي حدن تي ٻڌل اشارو ملندو آهي، جيڪو انهن موافق يا مناسب عنصرن منجهان جلد جوش اپارڻ وارو رستو ناهي ڏيندو آهي.

هن نڪتي تي مان عام فطرت متعلق هڪڙي راءِ ڏيان ٿو جيڪا اهم مقصد جي دلالت ڪري سگهي ٿي. اهو ادراکي سرشتو آهي، جيڪو گنجائش کانسواءِ ترميمن کي استعمال ڪندو آهي، ۽ اهڙيءَ ريت انهن يادگيرين کانسواءِ پڻ، جيڪو سمورين حواسي/ دماغي لياقتن جي ڪيترن ئي قسمن سان، اسان کي "شعور" مهيا ڪندو آهي. ٻئي طرف اسان جون يادگيريون، انهن کي قبول نہ ڪنديون آهن، جيڪي تمام گهري نموني اسان جي ذهنن تي ڇپيل هونديون آهن، جن ۾ "لاشعور" به هوندو آهي. اهي "شعور" به جوڙي سگهنديون آهن، پر ان ۾ شڪ نہ آهي ته اهي، جڏهن لاشعوري حالت ۾ هونديون آهن ته پنهنجا سمورا تاثر به پيدا ڪري سگهنديون آهن. اسان پنهنجي ڪرداري وصف متعلق جيڪو ڪجهه بيان ڪندا آهيون، اهو اسان پنهنجي يادگيرين ۾ محفوظ نقشن، نشانن جي بنياد تي ڪندا آهيون، ۽ ان کان علاوه جيڪي نشان يا تاثر اسان تي وڌيڪ اثرانداز ٿيندا آهن، اهي اسان جي جوانيءَ جي شروعاتي دور وارا هوندا آهن، انهن منجهان ڪجهه هوبهو انداز سان شعور ۾ سدائين پيا پلجندا رهندا آهن. پر جيڪڏهن يادگيريون هڪ پيرو ٻيهر شعور ۾ ايندڙ آهن ته اهي حواسي/ دماغي لياقت جو نماءُ نہ ڪنديون آهن يا ادراڪ جي پيٽ ۾ تمام هلڪي نموني اظهار ڪنديون آهن، ۽ انهن حالتن جي پڪ ڏيارڻ لاءِ ٽوڙي روشني وجهنديون آهن، جيڪي اعصابي خلل جي اپار ذريعي اڳواٽي ڪنديون آهن، جيڪڏهن اها ادراکي سرشتي واري يادگيري ۽ ان جي لياقت ۾ تصديق ٿيل هونديون آهن ته امتيازي طور "شعور" تي گڏيل تنقيد ڪنديون آهن.[1]

اسان نفسياتي استعمال ۾ ايندڙ سامان جي تعمير جي سلسلي ۾ مشڪن جي چرپر ۽ حواسي/ دماغي ادراڪ جي مقصد متعلق هڪ مفروضو قائم ڪيو هو ته اها ڪنهن به حوالي کانسواءِ ئي خواب ۾ يا نفسياتي معلومات جي وسيلي جڙندي آهي، جنهن منجهان نتيجو ڪڍڻ ۾ هاٿي اسان پڙڻي ويا آهيون. خوابن ذريعي شاهدين جي مدد سان اسان ان سرشتي جي ٻئي حصي کي به سمجهي ويا آهيون.

اسان اهو به ڏٺو ته اسان انهن ٻنهي نفسياتي شعبن بابت دعويٰ ۽ دليل جو خطرو ڪٽي به خوابن جي جوڙجڪ جي وضاحت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهيون، جن مان هڪڙي ته تنقيد جي حوالي سان سرگرميءَ کي وڌائيندي رهندي آهي، جنهن ۾ شعور جي روڪ ۽ برطرفي شامل هوندي آهي. تنقيد وارو شعبو جنهن کي اسان توڙتائين رسايو آهي، اهو تنقيدي شعبي جي بنسبت، شعور جي تمام ويجهي تعلق ۾ هوندو آهي: اهو شعور ۽ ويجهڙائيءَ جي وچ ۾ هڪ پردي جيان ٻيئل هوندو آهي. ٻيو

---

[1] حاشيو 1925 ۾ شامل ٿيل آهي: مون هيل تائين اهو مشورو پئي ڏنو آهي ته شعور اصل ۾ يادگيرين جي نقش قدم جي عيوض اپرندو آهي. ان لاءِ ڏسو منهنجو مضمون: مافوق الفطرت لکڻيون (Mystic writing_ pad, 1925)، ۽ "مسرت واري اصول جي ٻئي پار" (Pleasure 1920 Principle)، يادگيرين متعلق هي هاڻوڪو سمورو بحث، فرائيڊ جي "خطن" مان انهن ٻنهي ٽڪرن کي پڙهڻ سان وڌيڪ چٽو ٿي سگهي ٿو. پر ان موضوع تي ايجان به وڌيڪ "ڏليس" سائنسي نفسيات" ۾ لکيو آهي.

تہ اسان تنقيدي شعبي جي نشاندهي ڪرڻ جا سبب ڳولهيا/ لڌا. ان شعبي جي مدد سان جيڪو اسان جي جاڳ جيون جي رهنمائي ڪندو آهي، ۽ اسان جي شعوري عمل جو رضاڪارانه طور تي تعين ڪندو آهي. جيڪڏهن اسان پنهنجي مفروضن سان هم خيال ٿيندا سين تہ اسان انهن شعبن کي سرشتن ذريعي بحال ۽ ڪري وٺنداسين. تنهن ڪانپوءِ اسان جو آخري فيصلو يقينن اسان کي، خواهشن کي منتقل ڪندڙ اپار جي پڃاڻ/ مقصد (Motor end) جي ان تنقيدي سامان کي ڳولهي لهڻ ۾ رهنمائي ۽ ڪندو. اسان هاڻي پنهنجي نفسياتي سرشتي جي رڃا واري تصوري خاڪي جي بن طريقن کي متعارف ڪريون ٿا، جن کي اوهان شعوري ڳانڍاپن جي نالي سان واضح ڪري سگهو ٿا:



FIG. 3

خواهشن کي منتقل ڪندڙ اپار جي مقصد (Motor end) بابت مشيني سرشتي جي جڳاءَ کي، اسان "شعور کان اڳ" (Preconscious) يعني "تحت شعور" طور بيان ڪنداسين.[1] ان ڳالهه جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ تہ ان ۾ جيڪي جلد جوش ۽ اڇڻ وارا عملي طريقا پيدا ٿيندا آهن، اهي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي شعور" ۾ داخل ٿي ويندا آهن. تہ جيئن پيون حالتون مهيا ڪري ان جو پورائو ڪري سگهن. مثال طور اهي جڏهن شدت جي ڪنهن درجي تي پهچندا آهن تہ ان عملي تسلسل" کي "ڌيان ڏيڻ" (Attention) چئبو آهي، جيڪو خاص رستن مان ورڇ ڪندو آهي. ساڳئي وقت تي، رضاڪارائي تحرڪ جي چاپي ۽ ان سرشتي وٽ هوندي آهي. ان جي پويان ڪم ڪندڙ نظام کي، اسان "لاشعور" (Unconsious) طور بيان ڪنداسين، چاڪاڻ تہ ان کي سواءِ "تحت شعور" (Preconscious) جو "شعور" (Conscious) ڏانهن وڃڻ جو لنگهہ نہ هوندو آهي. ان وٽان گذرڻ وقت جوش جذبو اپاريندڙ عمل، کيس ترميم جي لاءِ سفارش ڪندو آهي.[2]

---

[1] شعور کان پهرين سوچن يا خيالن لاءِ استعمال ٿيندڙ اصطلاح، جنهن کي "تحت شعور" ۽ چيو ويندو آهي يعني شعور جو اهو حصو جنهن ۾ جڏهن ۽ يادن جو سلسلو روان دوان هوندو آهي. ان حوالي سان جيڪي ڪجهه "لاشعور" (Unconsious) ۾ هوندو آهي. اهو ۽ شعور ۾ اچڻ لاءِ هميشہ تيار رهندو آهي.

[2] هي حاشيو 1919ع ۾ شامل ڪيل آهي: اسان جيڪڏهن نفسياتي ڪاروهنوار هلائيندڙ سرشتي جي رڃا وارو تصوري خاڪي (Schematic Picture) لاءِ اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪنداسين، جنهن ۾ حقيقتن ۽ اصولن جو مجموعو لڪيرن جي طريقي واڱر ورڻي کي ترتيب ڏيندو آهي. اسان رکو ان حقيقت تي انحصار ڪندا آهيون تہ سرشتو ادراڪ جي پهچ کان گهڻو پري هوندو آهي، ۽ اهو ادراڪ ٿي هوندو آهي جنهن ۾ "شعور" پاڻ کي ان جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي تہ "ادراڪ" جو مطلب "شعور" آهي. (ان حوالي سان فرائيڊ وڌيڪ بحث پنهنجي هڪ مضمون: "آپي" (Ego) ۽ "هستيءَ" (Id) ۾ "ذهن جي نفسياتي سرشتي جو تصوري خاڪو" (Schematic picture of the mind in the Ego and the Id, 1923) ۾ آندو آهي ۽ ان کي ٻيهر نيون تعارفي تقريرون" (New Introductory lectures_1933) ۾ آندو آهي، جنهن ۾ وڌيڪ زور "رواجي يا مخصوص عمل" جي بجاءِ جوڙجڪ" تي ڏنل آهي.

اسان پنهنجي ادراڪي نظام جي سادگيءَ جي ڪري انهن سرشتن ۾ لاشعور جي سرشتي پاران، خواب کي جوڙڻ وارن ڳالهين جي محرڪن کي بعد ۾ ڳولهيندا آهيون؟

اصل ۾ اسان پنهنجي ايندڙ بحث جي حوالي سان اهو سمجهي وٺنداسين ته اها ڳالهه حقيقت پٽاندر درست نه آهي، ۽ اها ڳالهه به سمجهي وٺنداسين ته "خوابن جي جڙڻ جو عملي طريقو پاڻ کي انهن سوچن/ خوابي خيالن (dream_ thoughts) سان ڳنڍيڻ واري خدمت بجا آڻيندو آهي، جيڪي لاشعور جي نظام جي ملڪيت هوندا آهن. ۽ اسان جڏهن خوابي خواهش (Dream_wish) تي غور ڪنداسين ته اسان کي اهو نظر ايندو ته "متحرڪ قوت"، خوابن کي وجود ۾ آڻڻ لاءِ خود ادراڪ منجهان آڻي تي پيش ڪري ٿو ان پوئين عنصر جي ٿورائتي هجڻ سبب، لاشعوري سرشتي کي اسان خواب جي تعميري عمل جو شروعاتي نڪتو ڪري ڪٽندا آهيون. خيالن جي پي سموري جوڙجڪ جيان، خواب کي چورڻ/ پڙڪائڻ وارو عمل هڪ قدم اڳتي وڌي ادراڪ منجهان آڻيندو آهي، ۽ اتان آڻي شعور کي رستو ميسر ڪري ڏيندو آهي.

تجربي اسان تي انڪشاف ڪيو آهي ته اهو رستو لاشعور کان شعور ڏانهن اڳواڻي ڪندي خوابي خيالن کي، ڏينهن جي دوران چنڊچاڻ جي مدافعتي قوت جي ذريعي ويڙهي چڏيندو آهي. رات جو وري اهي شعور ڏانهن ويندڙ رستو هٽ ڪري وٺندا آهن، پر سوال ٿو اٿي ته اهي ڪيئن ڪندا آهن، ۽ ترميم جي ڪهڙي مهرباني مڃيندا آهن. جيڪڏهن خوابي خيال ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪو وسيلو مهيا ڪري ڏيندو آهي ته اها ڳالهه ان ڪري به درست آهي جو رات جو لاشعور ۽ تحت شعور جي سرحدن جي وچ وارن محافظن جي مزاحمت/ مدافعت گهٽجي ويندي آهي، ان ڪري اسان اهي خواب ڏسندا آهيون، جن ۾ خيالن جي فطرت هوندي آهي ۽ جيڪي سودائن ۽ وهمن کانسواءِ هوندا آهن، ۽ گهٽو ڪري اهو ڪجهه ڏسندا آهيون جن ۾ اسان جا ذوق شوق سانڊيل هوندا آهن. اهڙيءَ ريت لاشعور ۽ تحت شعور جي بنهي سرشتن جي وچ ۾ چنڊچاڻ جي گهٽجي وڃڻ سبب انهن خوابن جي جوڙجڪ کي، "آٽو ڊڊاسڪر" (Autodidasker) لفظ واري خواب جيان واضح ڪري سگهجي ٿو. پر هار جي سڙڻ واري خواب جيان نه جنهن کي اسان پنهنجي جاچ پڙتال لاءِ ابتدائي نڪتي جي صورت ۾ بيان ڪيو هو.

هڪڙو ئي رستو آهي جنهن جي ذريعي اسان بيان ڪري سگهون ٿا ته "وهمن ۽ سوداءَ" وارن خوابن (Hallucinatory dreams) ۾ چا ٿو ٿئي جو اسان کي چوٽو ٿو پوي ته جلد جوش ۾ اچڻ واري حالت، پوئتي هٽڻ واري رخ ۾ وڃڻ لڳي تي ۽ اڳتي منتقل ڪرڻ جي بجاءِ خواهشن کي منتقل ڪندڙ اپار جي مقصد (Motor end) بابت مشيني سرشتي جي استعمال جو سامان مشڪن جي چرپر جي مقصد (Sensory end) ڏينهن هليو وڃي ٿو ۽ آخرڪار ادراڪي سرشتي تائين پهچي وڃي ٿو. اسان جيڪڏهن ان کي اڳتي وڌندڙ/ ترقي پذير (Progressive) چئون، يعني نفسياتي عمل جي ذريعي ورتل هدايتون، جاڳ دوران لاشعور منجهان اپرنديون آهن ته پوءِ ان جي ابتڙ خوابن کي پويان کان موٽ ڪائيندڙ رجعت پسند ۽ زوال پذير (Regressive) ڪرداري وصف وارو چوٽو پوندو.[1]

---

[1] حاشيو 1914 ۾ شامل ڪيل: خوابن جي زوال پذير هڻڻ جي حقيقت متعلق پهريون پيرو تيرهين صديءَ جي علمي نظرياتي ليکڪ "البرٽس مئگنس" (Albertus Magnus) جو هڪڙو اشارو سندس تحرير: "من ۾ خيالن جي اچڻ جو عمل" (Imaginatio) ۾ ملي ٿو. هو ٻڌائي ٿو ته: "ماڻهن يا شين جي ڏيان ڇڪائيندڙ عمل يا جذبن سبب پيدا ٿيندڙ احساسي تحرڪ ۽ مشڪن جي چرپر جي گڏ ٿيل تصور ذريعي خواب جُڙندا آهن، ۽ انهن جو عمل جاڳ جيون واري حالتن منجهان ابتڙ يا پويان مڙيل رخ ۾ ڪلي ايندو آهي" (آنڊل حوالو: ٻاءِ پين _Diepgen) (1912,14. "هوبيس" (Hobbes) پنهنجي ڪتاب: "راڪاس/ آئت" (Leviathan, 1651) حصي پهرين، باب ٻئي ۾ لکي ٿو ته: "مجموعي طور تي اسان جا خواب، اسان جي جاڳ دوران جڙيل تصورن جي ابتڙ هوندا آهن، ۽ نند اچڻ کان اڳ واري سوچ يا چرپر يا نند ۾ غلطان هجڻ بعد تنتي سرشتي جي تحرڪ ذريعي خواب جو جڙڻ ٿيندو آهي." (آنڊل حوالو: "هيولاڪ ايلس" (Havelick Eliss_ 1911,109) ۽ "برائر" (Breuer) جي "هيسٽيريا جو اپياس" حصو پهريون، باب ٽيون ان ڪانپوءِ 1895ع ۾ "برائر" ۽ "فرائيڊ" ڳڏجي: وهم ۽ سوداءَ جي واپستگين" تي ڪيل گفتگو جنهن ۾ "پوئتي هٽڻ وارو عمل" (Retrogressive)، ۽ جلد جوش ۾ اچڻ واري حالت (Excitation)، يادگيرين واري هنڌ تان اظهاريل ٻڌايا آهن ۽ انهن جو چوڻ آهي ته اهي پنهنجي منصوبي يا مطلب خاطر ادراڪي سرشتي مٿان اثرانداز ٿيندا آهن.

اهو "پويان کان موٽ کائي اڇڻ وارو عمل" شڪ شبهي کانسواءِ خوابي عمل جي هڪ "نفسياتي ڪرداري وصف" بڻجي ويندو آهي. پر اسان کي ياد رکڻ گهرجي ته "پويان کان موٽ کائي اڇڻ وارو" عمل رڳو خوابن ۾ ئي ظاهر نه ٿيندو آهي. ڄاڻي ٻجهي جمع ڪيل يادون ۽ اسان جي عام رواجي سوچڻ جو ٻيو ترڪيبي عمل، نفسياتي عملي نظام ۾ پويان کان موٽي ايندڙ عمل کي به شامل ڪندي آهي. ۽ گڏوگڏ ٿيل تصوري انداز (جيڪو وٽس موجود هوندو آهي) کان ڪٽي، بي اعتبار يادن جي چڊيل نشانن/ عڪسن کي موٽائي ڏيڻ جو ڪم ڪندو آهي. جاڳ واري حالت ۾ بهرحال اها پوئتي موٽائڻ/ پويان کان ڪٽي اڇڻ واري چرپر گڏريل ڏينهن جي ياداشت ۾ مدد ڏيندڙ عڪسن کي پهچ کان وڌيڪ نه ڦهلائيندي آهي. اها چرپر ادراڪ ۾ آيل وهمن ۽ وسوسن جي عڪسن کي نئين سري سان پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿيندي آهي.

پوءِ اهي خوابن ۾ ڪيئن ايندا آهن؟

اسان خوابن ۾ ڪات ڪوٽ جي ڪم تي ان وقت غور ڪندا آهيون، جڏهن اسان خيالن سان شامل تيزيءَ ۽ شدت کي، مثال ڪري وٺڻ واري انداز سان سوچيندا آهيون، تيئن اها تيزي يا شدت خوابي ڪم ۾ مڪمل طور تي هڪ جي بجاءِ ٻي خيال ۾ منتقل ٿي ويندي آهي. اهو ممڪن آهي ته اها مٽ ست، عام رواجي نفسياتي عمل ۾، جيڪا ادراڪي سرشتي جي جذباتي حملي کي ممڪن بڻائيندي آهي، اها پوئتي موٽ ڪائيندڙ رخ ۾ خيال جي شروع کان، زندگيءَ سان ڀرپور چمڪندڙ مضبوط حواسي/ دماغي انتها تي رسندي آهي.

غور ڪرڻ واري عملي اهميت ۾ وڌاءُ ڪرڻ بابت اسان پاڻ کي ڪو فريب يا دولاب نه ٿا ڏيون. اسان ان کي ڳوڙهي يا ناقابل وضاحت جي متي (Phenomenon) جي نالي ڏيڻ کان وڌيڪ ٻيو ڪم نه ڪيو آهي. يعني هڪ خيال (جتان هو اصل ۾ هلي ٿو) جڏهن خواب جي حواسي/ دماغي عڪس ۾ تبديل ٿئي ٿو ته اسان ان کي "واپسيءَ وارو عمل/ پويان کان موٽ کائي اڇڻ وارو عمل" (Regression) سڏيندا آهيون.[1]، ۽ اهو قدم پڻ جواز جي طلب ڪري ٿو.

اهڙن نالن جي فهرست (Nomenclature) ڏيڻ ۾ ڪهڙو نڪتو سمايل آهي. جڏهن ته اهي اسان کي ڪجهه به نئون نه ٿا سيکارين؟

مون کي يقين آهي ته اهو لفظ "موٽ يا واپسي" اسان کي گهٽو ڪجهه سمجهڻ ۾ مدد ڪندو، خاص طور تي ان حقيقت سان ڳنڊيندڙ، جنهن کان اسان پنهنجي ان "تصوري خاڪي" (Schematic Picture) جي حوالي سان اڳي ئي واقف آهيون. جنهن ۾ ذهني سرشتو اسان کي، "ادراڪ/ حس" يا "رخ/ رهنمائي" ڏيندو آهي، ۽ اهو ئي نڪتو آهي جنهن تي تصوير، ان جي جوڙجڪ جي حوالي سان، ان جي آزمائش جي لاءِ، اسان کي بنا ڪنهن وڌيڪ اولڙي جي، خواب جي جوڙجڪ جي وڌيڪ ڪرداري وصف، ٻيهر ڏيڻ/ واپس ڪرڻ شروع ڪري ٿي جيڪڏهن اسان خوابن جي عملي ڪم کي، پنهنجي ذهني دليل يا دعويٰ واري سرشتي ۾ زوال پذير اظهار سمجهنداسين، ته اسان اڳ ۾ ته ان حقيقت کي مشاهداتي وضاحت جي بنياد تي پرکيندا سين، ته اسان جي سوچن سان تعلق رکندڙ سمورا منطقي واسطا خوابي سرگرميءَ دوران گم ٿي ويندا، يا ٿي سگهي ٿو ته وڌي ڪوشش کانپوءِ انهن کي ڳولهي لهجي.

اسان جي ڏنل "تصوري خاڪي" مطابق اهي واسطا، "پهرين ياد" (First Mnem) جي نظام تي ٻڌل نه هوندا آهن، پر ڪن ويجهڙين يادن تي ٻڌل هوندا آهن، ۽ "واپسيءَ/ موٽائڻ" واري عملي معاملي ۾ تاثر جي حوالي سان ادراڪي عڪسن کي چڊي باقي، ڪجهه نه ڪجهه نقصان ضرور ٿيندو آهي. واپسيءَ واري عمل ۾ سوچن جا تاڪيا، خام مواد جي رنگ ۾ حل ٿي ويندا آهن.

---

[1] واپسيءَ جي ان عمل کي نفسياتي اصطلاح مطابق: اهڙي نفسياتي خرابي به چئبو آهي، جنهن ۾ هوشمند وڏي عمر جو ماڻهو هاراڻو رويو اختيار ڪندو آهي.

اها ڪهڙي ترميم آهي جيڪا "واپسيءَ" کي ممڪن پيشڪش ڪري ٿي. جيڪا ڏينهن جي وقت ۾ ظاهر نه ٿي ٿئي؟

ان نڪتي تي اسان کي اٽپوري ثبوت منجهان نتيجو ڪيڻ وارو متن هٿ ڪرٽو پوندو آهي. ان ۾ شڪ نه آهي ته هڪڙي ئي خيال تي غور جي نتيجي ۾ استعمال ٿيندڙ ذهني قوت ۾ اها تبديلي ايندي آهي، جيڪا مختلف سرشتن سان جڙيل هوندي آهي، اها انهن جذباتي شدت واري عملي سرشتن مان گذري تبديل ٿي سهوليت کي وڌائيندي آهي يا گهٽائيندي آهي. پر ڪنهن به قسم جي سرشتي منجهان ساڳي ئي نتيجي جو تاثر هڪ جي بجاءِ گهٽن رستن سان نڪرندو آهي. اسان جا پهريان خيال يقينن نند جي حوالي سان هوندا آهن ۽ جذباتي ذميداريءَ تي غور ڪرڻ جي نتيجي ۾ استعمال ٿيندڙ ذهني قوت ۾ تبديليون، مشڪن جي چرپر يا حسي مقصد جي سرشتي (Sensory end) ڏانهن ڪجي ويندیون آهن. ڏينهن جي دوران، ادراڪي سرشتي پاران عام قبوليت وارو هڪ مسلسل رجحان، خواهشن کي منتقل ڪندڙ اپار واري سرگرمر رخ ۾ جاري رهندو آهي، پر اهو رجحان رات جو رڪجي ويندو آهي ۽ اها رنڌڪ جذبات جي ان رجحان کي گهٽي دير تائين روڪي نه سگهندي آهي، جيڪا مخالف مقصد ۾ روان رهندي آهي. هتي اسان کي "باهرين دنيا جا در ٻيڪڙجندي" نظر اچن ٿا، جتي خوابن جي نفسياتي ڪرداري وصفن متعلق ڪن خيالن يا نظرين تي بدّل وضاحتن جهڙا اختيار به ٿين ٿا.

خوابن ۾ "واپسيءَ" جي وضاحت متعلق بهرحال اسان کي اهو ذهن ۾ ضرور رکڻ گهرجي ته "واپسيءَ وارا عمل" (Regressions) مرض جي حوالي سان جاڳ واري حالت ۾ پڻ ظاهر ٿيندا آهن. اهڙن معاملن ۾ "واپسيءَ وارو عمل" حسي رجحان جي ظاهر ٿيڻ جي باوجود بنا ڪنهن تشريح جي اڳيان واري رخ ۾ جاري رهندو آهي. ذهني/ اعصابي خلل جي حوالي سان جنسي بيمارين، هيجان، بيچيني، بي قابو جذبن، چريائپ جي دورن (Hysteria)، وسوسن ۽ مالياخوليا (Paranoia) ۽ خواب يا خيال تصور، ادراڪ وسيلي ڪنهن شيءِ کي سمجهڻ يا دوراندیشيءَ وارين صلاحيتن يا ڪشف (Vision) بابت منهنجي ڏنل وضاحتن مطابق، ذهني عمل جا عام رواجي موضوع ان ڪري آهن جو حقيقت ۾ اهي پڻ "واپسيءَ وارا عمل آهن." يعني "خيال ۽ عڪسن ۾ تبديل ٿيندا آهن." پر اهي رڳو خيال ئي هوندا آهن جيڪي ان تبديليءَ جو ڪشالو ڪندا آهن، سي به اهي جيڪي يادگيرين جي گهٽو ويجهو سلهاڙيل هوندا آهن، ۽ اهي ئي پوشيده ٿي ويندا آهن يا ڏهجي ويندا آهن يا "لاشعور" ۾ رهجي ويندا آهن.

مثال طور هيسٽيريا جو منهنجو هڪ نوجوان مريض، ٻارهن سالن جو چوڪرو هو، جيڪو گهري نند منجهان چرڪ پري اٿي پوندو هو. ڪيس "ساوا چهرا ۽ ڳاڙهيون اکيون" نظر ايندیون هيون، جيڪي ڪيس ڏيجارينديون هيون. ان غير معمولي صورتحال جو "ماخذ/ بنياد" ڏهايل هو ان وقت جڏهن هو شعور ۾ هو ۽ هن اهو چار سال اڳ ۾ ڏٺو هو. چوڪري پاڻ کي ننڊپڻ جي خراب (مشت زنيءَ سميت) عادتن جي چٽاءِ ڏيندڙ نتيجن ۾ پيش ڪيو هو. هڪ عادت، جنهن جي متعلق منهنجو مريض ماضيءَ جي تجربن تي هاڻي ندامت محسوس ڪرڻ لڳو هو. سندس ماءُ به سندس سست رويو سائو چهرو ۽ ڳاڙهسريون اکيون ڏسي، ان وقت ئي نشاندهي ڪئي هئي.

اها هئي ان چوڪري جي چرڪڻ جي اصليت، جنهن جو مقصد رڳو "ماءُ واري تنبيهه" جو ياد ڏيارڻ هو. چاڪاڻ ته اهڙي قسم جا ٻار بچڙاين ۾ پلجندا آهن. اسڪولن ۾ پڙهي به نه سگهندا آهن ۽ جواني ۾ ئي مري ويندا آهن. منهنجي ننڍڙي/ جوان ٿيندڙ مريض، اسڪولي تعليم ۾ ترقيءَ کي نه ڏسي جڻ "اڳ ڪٿيءَ" (Prophecy) جو هڪ حصو پورو ڪري ورتو هو. اهو سيڪجهه هن کي پنهنجي غير شعوري خيالن منجهان نظر ٿي آيو جيڪي هن تي ظاهر ٿي رهيا هئا، جڏهن ته هو ان جي ٻئي حصي کان ڌنل هو. مون ٿورو وقت سندس علاج ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ هو نند ڪرڻ جي قابل ٿي ويو. منجهانئس اها شرميلي عادت به نڪري وئي ۽ هو پنهنجي اسڪول ۾ تمام سٺن نمبرن ۾ ڪامياب به ٿي ويو.

ساڳئي طرح مان ڪشف/ خيال، تصور ادراڪ وسيلي ڪا شيءِ سمجهڻ يا دوراندیشيءَ واري صلاحيت (Vision) جي به وضاحت ڪندس، جيڪا هيسٽيريا جي هڪ ٻئي مريض جي حوالي سان مون تي ظاهر ٿي.

اها چاليهن سالن جي عورت هئي، هڪ ڏينهن صبح جو جڏهن هن جي اک کلي ته هن پنهنجي پاڻ کي ڪمري ۾ ڏٺو. حقيقت ۾ سندس پاڻ پاڳل خاني ۾ هو. عورت جو ننڍو پٽ سندس پر ۾ ستل هو هن جڏهن پنهنجي ٻار جي مامي کي ڏٺو ته ان جي سخت ڳڙٻڙ جي ڊپ وچان پنهنجي پٽ کي بچائڻ لڳي، هن چادر ڇڪي ان ٻار جي منهن تي وڌي، ان ئي وقت عجيب نموني ۾ نظر آيل پاڇو سندس نظرن کان هڪدم غائب ٿي ويو.

اهو منظر ان عورت جي ننڍپڻ جي يادگيرين جو ترميم ٿيل ترجمان هو ۽ جيئن ته اهو "شعور" هو جيڪو سندس ذهن جي تمام گهڻي ويجهي ۽ سموري "لاشعوري مواد" سان سلهاڙيل هو. سندس دائيءَ ڪيس ٻڌايو هو ته هن جي ماءُ جيڪا پنهنجي جوانيءَ دوران گذاري وئي هئي ۽ تڏهن هوءَ (منهنجي مريضہ) ايجان ارڙهن مهينن جي مس هئي. هوءَ مورچا روگ/ مرگهيءَ يا زناني جنسي دوري (Hysteria) واري بيماريءَ ۾ مبتلا هئي، اها به اڳ پنهنجي پاءُ (خواب ڏسندڙ عورت جي مامي) جي ڪري ڏٺي وئي هئي، جنهن پاڻ کي پوت ڪري پيش ڪرڻ لاءِ پنهنجي مٿان چادر ويڙهي هئي. اهڙيءَ ريت اهو نظارو يادگيرين جي ساڳئي عنصر تي ٻڌل هو: "پاءُ جو نظر اچڻ، چادر ڊپ ۽ ان جو نتيجو." پر عنصر هڪ ٻئي انداز جي عبارت تحت جُڙيا هئا ۽ ٻين خيالن، يا دوراندیشيءَ واري صلاحيت (Vision) ۾ تبديل ٿيا هئا. "دوراندیشيءَ" يا "خيالن" جو ظاهري مقصد، جيڪو تبديل ٿيو هو اهو ان عورت جي ننڍڙي ٻار سان وابستا هو جنهن لاءِ هن سمجهيو ٿي ته اهو به پنهنجي مامي جي نقش قدم تي هلندو ڇاڪاڻ ته ان جا مهانڊا به پنهنجي مامي جهڙا هئا.

"خيالن جي واپسيءَ واري عملي تبديليءَ جهڙن واقعن جي شاهديءَ لاءِ اسان کي يادگيرين جي اثر رسوخ کي، خاص طور ننڍپڻ جي يادن جي حوالي سان، نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي، جيڪي ڏهيل رهجي ويندیون آهن يا لاشعور ۾ تسلسل قائم رکيو ويٺيون هوندیون آهن. جيڪي خيال، ان قسم جي يادن سان ڳنڊيل هوندا آهن ۽ جن ۾ چندڇاڻ واري روڪ ٽوڪ جو تاثر شامل هوندو آهي، اهي يادن جي موهه سبب؛ موت کائيندا رهندا آهن، ۽ ان ئي جوڙجڪ ذريعي نمائندگي ڪندا آهن، جن ۾ خود يادون پلجنديون رهنديون آهن.

مون کي پڻ ياد ٿو اچي ته اهڙي هڪڙي حقيقت مون کي "برابر" واري "جنسي دوري" متعلق ڪيل اپياس ۾ به نظر آئي هئي، ته: "جڏهن ٻالڪپڻي جي ڪن منظرن کي "شعور" ۾ آڻڻ ممڪن ٿئي ٿو (يل ته اهي يادن ۾ هجن يا تصور ۾) ته اهي سوداءَ/ وهم جيان نظر ايندا آهن، ۽ رڳو بيان ٿيڻ واري عمل دوران پنهنجي ڪرداري وصف وڃائي ويهندا آهن." اهو هڪ اضافي ۽ گهڻو ويجهو مشاهدو آهي ته انهن ۾ پڻ، جن جون يادگيريون عام طور تي نظر ايندڙ طرز جون نه هوندیون آهن، ته ٻالڪپڻي جون اوائلي يادگيريون، زندگيءَ سان پرپور صلاحيتن واري حس کان گهڻو دور رهجي ويندیون آهن.

هاڻي اسان کي پنهنجي ذهن ۾ اها ڳالهه واضع ڪرڻ گهرجي ته ننڍپڻ جي تجربن يا تصورن جي ذريعي سوچن ۾ ڪيڏيون نه وڏيون ۽ گهڻيون ڪرداري وصفون پيدا ٿين ٿيون، ڪيئن نه انهن جا ڪيترا ئي حصا خوابي متن ۾ ٻيهر داخل ٿيندا رهن ٿا ۽ اتان خوابي خواهشون پڻ پنهنجي منهن ڏوڙندیون اچن ٿيون. اسان انهيءَ ٿيڻ جهڙي ڳالهه کي رد نه ٿا ڪري سگهون ته خوابن ۾، خيالن جو عڪسن ۾ تبديل ٿيڻ، پڻ موهه/ ڪشش جي ڪري هوندو آهي، جنهن ۾ يادون بصري (Visual) صورت ۾ تربيت وٺنديون رهنديون آهن، ۽ نئين سِري سان پيش ٿيڻ جي شوق/ اوسيئڙي ۾ رهنديون آهن. خيالن تي انحصار ڪنديون آهن. شعور کان پاڻ کي ڪاٽي رکنديون آهن ۽ اظهار جي لاءِ رستي جي ڳولها ۾ رهنديون آهن.

ان حوالي سان "خواب کي ٻالڪپڻي جي منظرن جي لاءِ متبادل طور بيان ڪري سگهجي ٿو جيڪو تازن تجربن جي ترميمي صورت ۾ تبديل ٿئي ٿو." ڇاڪاڻ ته ٻالڪپڻي جا منظر پنهنجي اصل مادي صورت ۾ وري نه ٿا ڏسي سگهجن. ان ڪري اهي خوابن ذريعي موٽي ايندا آهن.

ان رستي جو اشارو جن ۾ نندپڻ جا منظر يا تمثيلي انداز سان ٻيهر پيدا ٿيڻ واري قوت رکندڙ نظارن جا عڪس، خوابن جي متن ۾ ڪنهن مثالي (Model) نموني سان عمل ڪندا آهن. اهي هر قسم جي دعويٰ دليل جي ضرورت کي رد ڪري ڇڏيندا آهن. ان بيان کي "شيرنر" ۽ سندس پوئلڳن "انساني اندروني جوشيلي اپار جي وسيلن" جي حوالي سان پيش ڪيو آهي. مطلب ته جڏهن خواب خاص طور تي چٽائي سان اظهار ڪندا يا بصري عنصرن کي چٽائيءَ سان ثابت ڪندا ته ان وقت "جوش جي بصري" حالت ئي پيش ٿيندي، جيڪا عضون ۾ اندروني طور اپريل تحرڪ يا جوش جو عڪس هوندي آهي. اسان کي ان دليل تي ڪنهن بحث ڪرڻ جي ضرورت نه آهي پر ٽي سگهي ٿو ته اسان پاڻ مواد منجهان اهو اندازو لڳايو هجي ته "اها جوش اپاريندڙ حالت، رڳو نظر ايندڙ عضون (نڪ، ڪنن، اکين، هٿن، ٻانهن، پيرن يا آڱرين) جي نفسياتي ادراڪ جي سرشتي سان لاڳو ٿيندي آهي." جڏهن ته وڌيڪ اها نشاندهي به ملي ٿي ته جوش واري اپار يا تحرڪ جي حالت جو ستاءِ يادگيرين جي ذريعي ٿئي ٿو جيڪا بصري جوش جي "وري استعمال ۾ اچڻ واري حالت" آهي، جيڪا حقيقت ۾ هڪدم اپري اچڻ وارين حالتن مان هڪ آهي. بالڪپٽي جي يادن ذريعي ان قسم جي نتيجي ظاهر ٿيڻ بابت مان پنهنجي تجربي منجهان ڪو سنو مثال پيش نه ٿو ڪري سگهان. منهنجا خواب عام رواجي آهن، ۽ حسي عنصرن ۾ گهٽ امير آهن. ان ڪري مان ٻين جا مثال ٿو پيش ڪريان. پر مان پنهنجي هڪڙي نهايت چٽي ۽ سهڻي خواب جو مثال پيش ڪريان ٿو جيڪو مون ڪجهه سال اڳ ڏٺو هو ان جي خوابي مواد منجهان مان وهم ۽ سوداءِ جي چٽائيءَ کي، حسي لياقتن جي تازين يا ٿورو ويجهين نشانين ذريعي آسانيءَ سان ڳولهي سگهان ٿو. جيئن مون صفحي 533 تي آندو آهي.

مون هڪ خواب قلمبند ڪيو هو جنهن ۾ گهرو نيرو پاڻي ۽ پورو ناسي دونهون، جيڪو جهاز جي چمنيءَ مان نڪري رهيو هو ۽ گهٽيون ناسي ۽ ڳاڙهيون عمارتون، جيڪي مون کي پويان ويندي محسوس ٿيون. جن مون تي ڳوڙهو اثر ٿي ڇڏيو. هن خواب ۾ جيڪڏهن ڪو بصري اپار ڳولهي سگهي ٿو ته ٻڌائي ته اهو ڇا هو جن منهنجي نظر ايندڙ عضون کي اهڙي قسم جي اپار جي حالت ۾ پيش ڪيو؟

يقينن اهو تازو تاثر هو جيڪو پاڻ اڳ وارن ڪيترن ئي تاثرن سان وڄي مليو هو. مون جيڪي رنگ پهرين موقعي تي ڏٺا هئا، اهي راندين جي پيتيءَ سان وابستا هئا، جنهن کي مون خواب ڏسڻ کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ ڏٺو هو اصل ۾ منهنجي ٻارن انهن راندين وارين سِرُن منجهان. هڪ تمام سهڻي عمارت تيار ڪئي هئي، ۽ مون کان تعريف ڪرائڻ لاءِ مون کي ڏيکاري هئي. وڏيرڙيون سرون ساڳئي گهاتي ناسي ۽ نندڙيون سرون اهڙي ئي نيري ۽ هلڪي پوري رنگ واريون هيون.

انهن رنگن جو تعلق منهنجي اتليءَ ۾ ڪيل پوئين سفر سان هو: نيري رنگ جي دڙن سبب جدا ٿي ويٺل هو ۽ "ڪارسو" (Carso) جو رنگ[1] خواب ۾ رنگن جي سونهن جو ورجاءُ منهنجي يادن منجهان نظر آيو هو.

اچو ته هاڻي ان معاملي کي گڏ ڪٺي هلون ته اسان خوابن جو ڪهڙو نيارو ميلاپ ڳولهي لڏو. جيڪو پنهنجي تمثيلي مواد کي، حواسي/ دماغي عڪسن منجهان آڻي ٻيهر نشر ڪري ٿو. اسان خوابي ڪم جي ان خاصيت جي وضاحت نه ڪئي آهي، ۽ اسان ان کي ڪنهن جاتل سجاتل نفسياتي اصول تحت به نه ڳولهيو آهي، پر اسان ان کي اهڙي انداز سان ڪنيو آهي، جنهن ۾ اڻجاتل مفهوم ڪيڻ جي صلاح شامل رهي آهي، ۽ اسان ان جي ڪرداري وصف لفظ "واپسيءَ واري عمل" (Rrgression) سان ڪندا آهيون. هڪڙي تجويز آهي ڇاڪاڻ ته مون کي لڳي ٿو ته "موٽ ڪائڻ واري سموري عمل" جو ممڪن هجڻ ڪهڙي به جاءِ تي ظاهر ٿيندو هجي، اهو ان مزاحمت جو نتيجو آهي جيڪو شعور منجهان ان وڏندڙ خيال جي

---

[1] ٽريستي (Trieste) جي پويان پوئو (Plateau) ۽ چن جي ٽڪريءَ وارو حصو.

ڪنهن عام رواجي رستي سان مخالفت ڪندڙ آهي، ۽ يادگيريءَ جي موجودگي جي ذريعي، ساڳئي ئي وقت واري ڪشش تمام وڏي حواسي/ دماغي قوت سان، خيال تي مشق ڪري ٿي.[1]

خوابن جي معاملي ۾ موٽ ڪائڻ وارو عمل، ٿي سگهي ٿو ته اڳتي وڌندڙ/ "گردش ڪندڙ رجحاني وهڪري" جي خاتمي ذريعي وڌيڪ سهوليت پيدا ڪندو هجي. جيڪو ڏينهن جي دوران حواسي عضون منجهان، "موٽ ڪائڻ واري" ڪنهن بي صورت ۾ وهي آيو هجي، ان مددگار ڪار وهنوار جي غير موجودگي، يقيني طور تي موٽ ڪائڻ وارن بين مقصدن جي لاءِ، تمام گهٽي شدت سبب جڙندي آهي. بهرحال اسان کي اهو وسارڻ نه گهرجي ته "خيالن جي موٽ ڪائڻ جي حوالي سان نفسياتي مرض وارن معاملن ۽ خوابي عمل طرفان منتقل ٿيندڙ قوت ۾ اسان جي عام رواجي ذهني زندگيءَ ۾ ياد ايندڙ/ ظاهر ٿيندڙ گذريل خيالن ۾ فرق آهي. انهن پراڻن خيالن جي معاملن ۾ ادراڪي سرشتو سوداءَ يا وهم کي پيش ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ممڪن بڻائيندو آهي، جنهن کي اسان تشريح ذريعي خوابي ڪم متعلق "پيش ٿيڻ/ نمائندگي ڪرڻ جي قابليت جي غور فڪر" (Considerations of Representability) طور بيان ڪيو آهي. ٿي سگهي ٿو ته اهي "منتخب موهه" جي ان لاڳاپي سان ڪجي ايندا هجن، جن جي تجربي يا تاثر بصري/ عڪسي طور گڏ ٿيل نظارن ذريعي، خوابي خيالن (سوچن) کي ڇهيو هجي.

وڌيڪ اها نشاني به اڳيان اچي سگهي ٿي ته اعصابي خلل جي نشانين/ علامتن جي جڙڻ واري نظريي ۾ بنسبت خوابن جي، "واپس آڻڻ واروعمل" اهم ڪردار گهڻ تواداڪري اصل ۾ "واپسيءَ واروعمل" تن قسمن ۾ ورهايل آهي:

الف: نقشن/ خاڪن يا مقام نگاريءَ وسيلي واپسيءَ جو عمل" (Topographical regression)، ادراڪي سرشتي جي تصوري رٿا واري تصويري (Schemaitic Picture) خيال کان، جنهن کي متي بيان ڪيو ويو آهي.

ب: عارضي يا محدود ڪيل واپسيءَ جو عمل" (Temporal regression) ان حد تائين، جيستائين پراڻي نفسياتي جوڙجڪ جو سوال/ معاملو آهي.

ب: "مقرر رسمن يا قاعدن پٽاندر واپسيءَ جو عمل" (Regression)، جنهن ۾ اظهار جي اوائلي زمانن وارين علامتن نشانين جي طريقي تحت، عام رواجي انداز سان جاءِ والا رينديون آهن.

واپس اچڻ جا اهي ٽئي قسم اهي آهن، جن منجهان هڪ ته تري ۾ هوندو آهي، ۽ گڏجي ڪنهن اصول جيان اظهاريو آهي، ته پراڻي وقت ۾ چا هوا ۽ اڳوڻين صورتن ۾ ان جي جوڙجڪ ڪيئن هئي! ۽ نفسياتي نقش نگاريءَ ۾ اهي، ادراڪي سرشتي جي مقصد جي ڪيترو ويجهو هئا!

اسان "خوابن ۾ واپسيءَ جي عمل" متعلق موضوع کي ائين چڏڻ وارا نه آهيون، حالانڪ اسان اڳي به گهڻو ڪجهه بيان ڪري آيا آهيون ته واپسيءَ جي صورت ۾ گهڻيون ڳالهيون نندپڻ جيڄ يادگيرين منجهان داخل ٿين ٿيون، جن جي اظهار جو طريقو ٿورو بدليل هوندو آهي ۽ وقت جي گذرڻ سان انهن جي شدت ۾ به ڪافي ڪمي پيشي ٿي ويندي آهي. نندپڻ جي انهيءَ انفراديت جي پويان اسان نندپڻ جي حوالي سان نسلي ارتقا جي هڪ تصوير جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، انساني نسل جي ارتقا جو اهو سلسلو فرد جي ذهني ترقيءَ ۾ زندگيءَ جي مختلف موقعن تي، عروج/ پهچ جي اختصار ذريعي اثرانداز ٿئي ٿو. ان حوالي سان اسان "نطشي" (Nietzsche) جي اثباتي دعويٰ تي به سوچي سگهون ٿا ته "خوابن ۾ انسانيت جا ڪجهه اڳوٽا آثار

---

[1] هي حاشيو 1914 ۾ آندل آهي: موٽ ڪائڻ يا موٽي اچڻ واري عمل جو هر نظريو ان ڳالهه تي ئي منحصر هوندو آهي ته خيال، نتيجو آڻيندڙ حالت وارن هن عنصرن جي گڏيل اثر رسوخ سبب ڏهيل، ڏهايل رڪيل يا روڪيل هوندا آهن. اهي هڪ پاسي کان (شعوري چنڊچاڻ جي ذريعي) ڏڪيا آهن، ۽ ٻئي پاسي کان (لاشعور جي ذريعي) ڇڪجي ايندا آهن، ۽ ماڻهو ان وڏي عمارت (Pyrmaid) واري رستي سان چوٽيءَ تي پهچي ويندو آهي، جنهن جون چارئي ڪنڊون اوچائيءَ تي پاڻ ملنديون آهن.

ڪيئن ڪر ڪندا آهن. "جن تائين هاڻي اسان ڪنهن ڏڳهي سفر جي بجاءِ سڏي سنئين ۽ ويجهي رستي سان پهچي سگهون ٿا" ۽ اسان کي اها اميد آهي ته خوابن جي تشريح اسان کي ماڻهوءَ جي اصلوڪي ورثي کي سمجهڻ ۾ وڏي رهنمائي ڪري سگهي ٿي ته هن ۾ پيدائشي/ فطري نفسياتي مونجهارا کهڙا آهن. اسان جي تصوري امڪان جي پيٽ ۾ "خواب ۽ اعصابي خلل" ماڻهوءَ جي ماضيءَ جي ڪيترين ئي يادگار نشان کي سنيالينديِ نظر اچن ٿا. ان ڪري تحليل نفسي، تجرباتي سائنس جي وچ ۾ اها دعويٰ ڪري سگهي ٿي. جيڪا آڪاڻين عمارتن جي پيهر تعمير سان ۽ انساني نسل جي ابتدائي ڏڏلن دورن سان سلهاڙيل آهي.

ٿي سگهي ٿو ته اسان جي ڪيل، خوابن جي نفسياتي اپياس جي هن حصي اسان کي گهڻو مطمئن نه ڪيو هجي، پر اسان پاڻ کي ان خيال تحت همٿ ڏياريندا رهون ٿا ته اسان هڪ گهور اونداهيءَ مان هڪ رستي جي تعمير ڪئي آهي. اسان جيڪڏهن مڪمل طرح غلطيءَ تي نه آهيون ته بين رستن تي هلڻ واري رهنمائي اسان کي رکجڻ تي مجبور ڪري نه سگهندي ۽ ائين هڪ وقت اهڙو ايندو جو اسان پاڻ کي ڪولهي لهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا سين.

(3)

خواهش جو پورائو
WISH- FULFILMENT

باهر ۾ سڙندڙ ٻار واري خواب، "خواهشن جي پورائي" جي نظريي متعلق، پيش ايندڙ مشڪلاتن تي غور ڪرڻ ۾ انهن مسئلن سان منهن ڏيڻ لاءِ اسان جي آجيان ڪئي آهي. ان ۾ شڪ نه آهي ته ابتدا ۾ اسان ان ڳالهه تي حيران ٿيا هئاسين ته خواب، خواهشن جي پورائي کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهن ۽ نه ئي "ڳڻتيءَ جي خوابن" جي حوالي سان پيدا ٿيل اختلافي صورت وارا آهن.

جڏهن تشريح ڪندڙ ماهرن، اسان تي پهريون پيرو خوابن جي پويان ان جي لڪل معنيٰ ۽ نفسياتي اهميت کي پڌرو ڪيو هو ته اسان ان جي هڪ جهڙائيءَ واري ڪرداري وصف جي معنيٰ ڳولهڻ لاءِ واقعي تيار نه هئاسين. ارسطوءَ جي چوڻ مطابق، جيڪا هڪ سادي سودي وضاحت آهي ته:

"خواب سوچيندو آهي ته ننڊ ۾ ماڻهو ڪيڏي نه پرسڪون حالت ۾ آهي (جيئن اسان به ننڊ ۾ هوندا آهيون)، جنهن کانپوءِ اسان جي ڏينهن واري سوچ، مختلف قسم جا نفسياتي ڪردار ادا ڪندي آهي: جهڙوڪ فتويٰ/ فيصلا (Judgment)، انومان (Inference)، ترديد يا نفس مارڻ واري حالت (Denail)، اميدون (Expectations)، ارادا، نيت (Intention) وغيره.

ته پوءِ پاڻ کي، رات جي وقت ۽ اڪيلي سِر خواهشن کي پيش ڪرڻ ۾ پابند هجڻ تي چوٽي آماده ڪريءِ يا ائين نه آهي؟ جڏهن ته ٻين گهٽن خوابن منجهان، اسان کي ڪجهه ٻين قسمن جي نفسياتي ڪردار ادا ڪندي نظر ٿا اچن، مثال طور "پريشانيون" (Worries)، خواب جي صورت ۾ تبديل ٿي وڃن ٿيون؟ ۽ اهو خواب نه هو جنهن جي مثال سان اسان هي حصو شروع ڪيو آهي، (پنهنجي پَر ۾ نهايت صاف ۽ چٽو) پر اسان جو مقصد فقط اهڙي قسم جي خواب سان آهي. ستل ٻيءَ تي جڏهن روشنيءَ جا ترورا ٻيا ته هن پريشانيءَ وچان نتيجو اخذ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته پڪ ئي پڪ مومبتي ڪري پئي هوندي جنهن جي ڪري ٿي سگهي ٿو ته باهر لاش کي وکوڙي وئي هجي. پوءِ هن جي ذهن خواب ۾ ئي پنهنجي فيصلي/ خيال کي بدلايو ۽ "ڪفن جي سڙڻ" سندس حواسن کي زمان حال جي صورت ۾ تحرڪ ڏنو.

پر وري ڳالهه اها ئي ٿي سامهون اچي ته ان ۾ خواهش جي پورائي ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو؟

ڇا اسان ان ۾ "خيال جي فوقيت وچان اثرانداز ٿيڻ" کي ڏسڻ کان قاصر آهيون، جيڪو جاڳ واري حالت ۾ جتاءِ ڪري ٻيهر هو يا سندس جاڳ دوران ڪنهن نئين امڪان جي نشاندهي جو اپرندڙ تاثر سندس من ۾ پيدا ٿيل هو؟

اهو سمورو سچ آهي، ۽ اسان کي محڙ تي مجبور ڪري ٿو ته خواب ۾ خواهشن جي پورائي متعلق ادا ٿيندڙ ڪرداري وصف کي وڌيڪ ويجهڙائيءَ سان جاچيون ۽ خود "جاڳندڙ/ جاڳيل خيالن" (Waking thoughts) جي اهميت تي به سوچيون، جيڪي رڳو ننڊ ۾ به جاري ٿا رهن.

اسان اڳ ۾ ته پاڻ ئي خواهشن جي پورائي جي پويان هلندا ڏرندا رهندا آهيون، جيڪو خوابن ۾ ٻن ٽولين ۾ ورهائجي ويندو آهي. اسان ڪجهه خواب ته اهڙا به لڌا آهن جيڪي خواهشن جي پورائي جو چٽو اظهار آهن ۽ ٻيا وري اهڙا آهن، جن ۾ خواهشن جو پورائو سڌاڻپ ۾ نه ٿو اچي، ۽ ممڪن مقصد ڪيڙ جي حوالي سان اصل حالت کي ظاهر ڪرڻ بجاءِ ڳجها ٿي وڃن ٿا. ان پوئين انداز وارن خوابن ۾ اسان خوابي ڪات ڪوٽ جي ڪم کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. اصولي طور ڏنڏلي قسم جي "خواهشن جو پورائو" اسان کي ٻارن جي خوابن منجهان ملندو آهي: اهي بلڪل مختصر، صاف ۽ اظهار ۾ آزاد خواهشن وارا خواب ڏسندا آهن، ۽ مان ته ان ڳالهه تي زور ڏيندس ته اهڙين لياقتن وارا خواب وڏن ۾ به ظاهر ٿيندا آهن.

اسان ٻيو سوال اهو ٿا ڪريون ته اهي خواهشون اصل ۾ ڪٿي هونديون آهن جو خوابن ۾ اچي سچ ثابت ٿيڻ لڳنديون آهن؟

ممڪنات کي ڪهڙي پيٽ يا اختلاف آڏو اچي ٿو؟ يا ان قسم جي اپرندڙ سوال متعلق، اسان جي ذهن ۾ ڪهڙا نعم البدل پيدا ٿين ٿا؟

مان سمجهان ٿو ته: ڏينهن دوران حياتيءَ جي شعوري طور ادراڪيل معاملن ۽ نفسياتي سرگرميءَ جي وچ ۾ اهو فرق ظاهر ڪرڻ يا اختلاف ڏيکارڻ "تضاد" (Contrast) آهي، جيڪو لاشعوري طور مسلسل موجود رهي ٿو جنهن کان اسان رڳو رات جو واقف ٿيندا آهيون. مان ان قسم جي خواهش جي وجود کي ٽن ممڪن ذريعن ۾ ورهائي سگهان ٿو:

(1) هن قسم جي خواهش ڏينهن جو اپريل هوندي آهي: جيڪا خارجي سببن جي ڪري مطمئن نه هوندي آهي، ان صورت ۾ اعترافي/ قبول ڪيل خواهش، جنهن سان سندس ڪو خاص وهنوار ٿيل نه هوندو آهي، اها رات جي لاءِ وقف ٿي ويندي آهي.

(2) هيءَ خواهش به ڏينهن دوران ئي پيدا ٿيل هوندي آهي پر ڪجهه به ڪرڻ کان انڪاري هوندي آهي، جنهن جي ڪري اها شيءِ سڏَ ئي رهجي ويندي آهي، پر ڪنهن به وهنوار ۾ شامل نه ٿيڻ سبب ڏيجي به ويندي آهي.

(3) هن خواهش جو ڏينهن واري اٽڪي ويهڻيءَ سان تعلق نه هوندو آهي، ۽ اها ذهن جي ڏيجي ويل/ ڏهائي چڏيل حصن ۾ شامل خواهشن منجهان هڪ هوندي آهي، جيڪا اسان کي رات جو متحرڪ ڪندي آهي.

اسان جيڪڏهن نفسياتي سرشتي جي تصوري رٿا واري تصوير ڏانهن وري موٽي ايندا سين ته اسان پهرين قسم جي خواهشن کي "تحت شعور" (Pcs) جي حد ۾ رکنداسين. اسان قطعي طور تي اهو ئي سمجهون ته ٻئي قسم واريون خواهشون تحت شعور" (Pcs) واري سرشتي منجهان هلي "لاشعور" (Ucs) ڏانهن اچن ٿيون:

جيڪڏهن ائين آهي ته پنهنجي هجڻ کي ڪٿي قائم رکن ٿيون؟ جو اسان اهو نتيجو ٿا ڪڍون ته ٽئين قسم جي خواهشن وارو جوش يا محرڪ گڏجي، "لاشعور" (Ucs) جي سرشتي کي اورانگهي وڃڻ جي قابل نه هوندو آهي. مطلب اهو ٿيو ته جيڪڏهن خواهشون انهن مختلف سرچشمن منجهان ٿيون اچن ته اهي خوابن جي لاءِ به ته هڪ جيتري ئي اهميت ٿيون رکن ۽ انهن کي تحرڪ لاءِ اپارڻ جي قوت به منجهن هڪ جيتري ٽئي ٽي.

اسان جيڪڏهن خوابن جي سلسلي ۾ پنهنجي ذهنن کي ڪنهن نڪتي تي آڻيندا سين ته ان سوال جو جواب به اسان کي ملي ويندو ۽ اسان کي هڪدم خيال اچي ويندو ته اسان، کي "تازي طلب جي محرڪن" (Current Wishful impulses) جي نالي ۾ خوابي خواهشن جي چوٽين سرچشمي/ ماخذ جو به واڌارو ضرور ڪرڻو پوندو جيڪو رات جي وڳڙي ۾ (اڄ يا جنسي ضرورت تحت) متحرڪ ٿيندو آهي.

هاڻي ٻئي نڪتي متعلق هڪ رايو اهو جوڙيندا سين ته شايد خوابي خواهشن جي اصل ٽڪاڻي تي، خوابن کي چورڻ واري اهليت جو اثر رسوخ نه هلندو آهي. مان اوهان کي ننڍڙي چوڪريءَ وارو خواب، ياد ڏياري سگهان ٿو جنهن ڏينڌ واري سٹر جي عرصي کي ڏگهو ڪري چڏيو هو جنهن سٹر ۾ ڪيس ڏينهن دوران رخنو پئجي ويو هو يا پارن جا ڪي ٻيا خواب به جيڪي مان اڳ (ص: 206 تي) بيان ڪري آيو آهيان. انهن جون اهي گڏيل ڏينهن واريون خواهشون بيان ڪيل آهن، جيڪي اٽپوريوز ته هيون پر ذهن مان نڪتل به نه هيون. آرزو وارا واقعا، جيڪي ڏينهن دوران ڏيجي ويندا آهن اهي، خوابن ۾ پنهنجو رستو ڪيترين ئي شين تي مشتمل ۽ گهڻي وڏاءَ واري نموني ناهي ونندا آهن. ان سلسلي ۾ مان هڪ سادو مثال پيش ڪندس:

خواب ڏسندڙ هڪ عورت هئي، جيڪا ماڻهن سان مذاق ڪندي هئي، خاص طور پنهنجي دوستن سان، ۽ هڪ ٻي عورت جيڪا هن کان ننڍي هئي، ازدواجي بندڻ ۾ ٻڌجي وئي. سارو ڏينهن هوءَ پنهنجي هڪ نوجوان واقف شخص متعلق پڇندي رهي، جنهن کي ان سڃاتو به ٻئي پر هن خيال ڪيو ته اهو شخص چا سوچيندو ان ڪري هن کي ڪو جواب ته نه ڏنائين،

پر ان جي حقيقي تعريف ڪري ڪيس چپ ڪرائي ڇڏيائين. تہ اهو "ہارهن" ماڻهن جيترو طاقتور آهي، ۽ سچ ٻہ اهو ہو تہ اهو شخص اٽڪل "ہارهن" ماڻهن جيترو ئي طاقتور هو. ان رات اهڙي ئي قسم جو ڪو شخص ڪيس خواب ۾ نظر آيو تہ هن ان کان ٻہ ساڳيو سوال پڇيو ۽ هن ڪيس ساڳئي عدد واري انداز سان ئي جواب ڏنو.

اسان ٿوروپويان "عددي تجزيي" متعلق پڙهي آيا آهيو تہ جڏهن ٻہ ڪو خواب بگڙجي وڃڻ جي صورت مان گذرندو آهي تہ خواهش "لاشعور" مان اپري ايندي آهي ۽ انهن منجهان خاص ڪڙي، جيڪا ڏينهن واري وقت دوران ادراڪيل نہ هوندي آهي. اهڙي ريت پهرين جهلڪ ۾ ائين نظر ايندي آهي، جڙ اهي سيئي خواهشون هڪ جيتريون اهم هجن ۽ خوابن ۾ هڪ جيتري قوت رکندڙ هجن.

مان هتي کا ثابتي ڏيڻ نہ ٿو چاهيان تہ چاکاڻ تہ سچ اهو ئي آهي، پر مان اهو ضرور چوندس تہ مان فرض ڪري وٺڻ وارو پرپور لاڙو رکان ٿو تہ خوابي خواهشون رخ ڏيڻ يا تعين ڪرڻ لاءِ پابند هوندیون آهن. اهو سچ آهي تہ ہارن جا خواب خواهش کي، شڪ کانسواءِ ثابت ڪندا آهن. اها خواهش جيڪا ڏينهن دوران لهہ وچڙ نہ ٻہ ڪندي آهي، تہ ٻہ اها خواب کي چورڻ جو ڪم ڪري سگهندي آهي. پر اهو هرگز وسارڻ نہ گهرجي تہ اها ہار جي خواهش هوندي آهي، هڪ آرزومند محرڪ جي طور تي، جيڪا مڪمل نموني ہار جي ئي سگهہ/ شدت تي مدار رکي ٿي. منهنجو خيال آهي تہ اها گهٽي بي يقيني ڳالهہ آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن نوجوان جي معاملي ۾ جيڪا خواهش ڏينهن دوران پوري ڪانہ ٿي سگهندي آهي، اها خواب کي جنمڻ ۾ گهٽي طاقتور هوندي آهي! ان جي ابتڙ مون کي ائين ٿو لڳي تہ اسان جي خيالن جي سرگرمي جي ذريعي اسان جي جبلتي حيات متان، اچتي وڌائڻ وارو ضابطو مشق/ عمل ڪندو رهي ٿو ان جي ڪري اسان اهڙين شدت واري خواهشن جي جوڙجڪ ڪرڻ ۾ قائم رکڻ کي جيئن ہار بي لاپ سمجهندا آهن. تيئن گهٽي کان گهٽي لاتعلقيءَ ۽ دستبرداريءَ ڏانهن جهڪاءُ رکندا آهيون. ان معاملي ۾ انفرادي فرق بہ ممڪن آهي، ۽ اهو بہ ڏنو ويو آهي تہ ڪيترا ئي ماڻهو پين جي مقابلي ۾ پنهنجي ہاراٿي طرز واري ذهني رويي کي گهٽي عرصي تائين ذهن نشين رکندا آهن. اهڙيءَ ريت انهن جي تصور ۽ بصيرت ۾ ڪمي رهجي ويندي آهي، اهي ائين ئي جيئندا آهن، جيئن ابتدائي سالن ۾ گذاريندا هئا.

پر مان سمجهان ٿو تہ عام طور تي ڪا خواهش، جيڪا پوين ڏينهن ۾ اڻ پوري يا اڌوري رهجي ويندي آهي، اها نوجوانن جي حوالي سان خواب کي وجود ۾ آڻڻ لاءِ ناڪافي هوندي آهي. مان بلڪل مڃان ٿو تہ آرزومند محرڪ جوش/ اپار) ابتدائي طور شعور ۾ وجود رکي ٿو جيڪو خواب جي پڙڪائڻ ۾ حصو وٺي ٿو پر اهو ان کان وڌيڪ ٻيو ڪجهہ بہ نہ ڪندو آهي. خواب تيستائين مادي صورت اختيار نہ ٿو ڪري سگهي جيستائين تحت شعور (Pcs) ۾ موجود خواهش، ڪنهن ٻي جاءِ تان ڪٽي آڻڻ واري عمل ۾ ڪامياب نہ ٿي ٿئي.

حقيقت ۾ "لاشعور" (Ucs) منجهان آڻڻ بابت: منهنجو دليل اهو آهي تہ شعوري خواهش، خواب کي پڙڪائيندڙ تڏهن ٿي سگهي ٿي، جڏهن اها "تحت شعور" ۾ ڪنهن خواهش کي، ان ساڳئي روش تحت جاڳائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ۽ ڪيس وڌيڪ طاقتور بنائڻ جي قوت حاصل هجي.

اعصابي خلل جي نفسياتي تجزيي تحت جيڪي نشانيون ظاهر ٿين ٿيون، انهن تي مان غور ڪندو آهيان تہ اهي لاشعوري خواهشون سدائين چوڪس رهنديون آهن، ۽ پنهنجي اظهار جي سلسلي ۾ پنهنجو رستو ڳولهڻ لاءِ هر وقت تيار هونديون آهن، ۽ جيئن ئي شعور منجهان، پنهنجي محرڪ جي شدت کي ڏڪو ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي، تہ پنهنجي وڏي زور کي پنهنجين ننڍين توڙي پوين/ گذريل وقتن جي خواهش جي پاسي منتقل ڪرڻ لاءِ تيار رهنديون آهن، بعد ۾ اهي ائين ظاهر ٿيندیون آهن جڏهن "شعوري خواهش"، خواب ۾ اڪيلي سر پاڻ ميرايو هجي. خواب جي ظاهري صورت ۾ سڙڪن تي رهنمائيءَ لاءِ لڳل نشان (Finger_ Post) جيان رهگو ڪجهہ ننڍڙيون ۽ نراليون نشانيون خدمت سرانجام ڏينديون آهن ۽ "لاشعور" پاران اسان کي تسڪين واري طاقتور رستي تي اچي ڇڏينديون آهن.

گذريل وقتن واريون يا نندڙيون خواهشون، پنهنجي سموري ذهني عمل سان لافانيت (Indestructibility) واري ڪرداري ونڊ ورچ ڪنديون آهن، جيڪي حقيقت ۾ لاشعوري هونديون آهن، اهي رڳو لاشعوري سرشتي (Ucs) سان وابستا هونديون آهن. اهي هڪ قسم جون سڙڪون هونديون آهن، جن تي جيڪا شيءِ هڪ پيرو رهجي وئي سا سڄي ڄمار لاءِ اتي ئي رکي هوندي، اها ڪڏهن به بيڪا نه ٿيندي آهي، ۽ جڏهن به جلد جوش ۾ اچڻ وارو لاشعوري اپار انهن کي ٻيهر نفسياتي قوت ڏيندو آهي ته اهي سدائين نيڪال وارو لاشعوري اپار انهن کي ٻيهر نفسياتي قوت ڏيندو آهي ته اهي سدائين نيڪال وارو جوشيلو عمل ڪرڻ لڳنديون آهن. جيڪڏهن مان ڪا تمثيل استعمال ڪريان ته ائين چئي سگهان ٿو ته اهي رڳو تباهيءَ ۽ بربادي جي ان ساڳئي طريقي تحت قابل هونديون آهن، جيئن ڪو پوت رت چوسڻ لاءِ ٻي زندگي وٽي، جاڳيو هجي. هڪ ٻئي خيال کان تحت شعور جو سرشتو (Pcs) فاني قسم جو هوندو آهي، ۽ اعصابي خلل جي تحليل نفسيءَ وارو علاج ان ئي تفاوت تي ٻڌل هوندو آهي.

جيڪا خواهش خواب ۾ پيش ٿيندي آهي، اها گهڻو ڪري نندي هوندي واري عمر سان وابستا هوندي آهي ۽ جوان ماڻهوءَ جي معاملي ۾ اها تحت شعور منجهان وجود ۾ ايندي آهي، ٻارن جي معاملي ۾ جيڪڏهن تحت شعور (Psc) ۽ لاشعور (Usc) جي وچ ۾ ونڊ ورچ جو اختلاف يا ڪاٽ ڪوٽ جو معاملو نه هوندو آهي يا اها ونڊ ورچ رڳو آهستي آهستي ئي پنهنجو خاڪو جوڙيندي آهي ته اها جاڳ جيون منجهان آيل اٽپوري، اڻ ڏيل خواهش هوندي آهي. مان ڄاڻان ٿو ته اها دعويٰ، سموري ڪائناتي ثابتيءَ تي پوري نه ٿي لهي، پر اها منطقي طور تي ڪنهن اختلاف کانسواءِ، ڪنهن عام رواجي ڏيتي ليتيءَ جيان ۽ انهن بنا شڪ شبهي وارن معاملن ۾ پڻ اڪثر پوري لهندي آهي.

منهنجي خيال ۾ آسائتا محرڪ (Wishful impulses) شعور منجهان ان ڪري نڪري ويندا آهن جو جاڳ جيون انهن کي خوابن جي جڙڻ لاءِ ثانوي حيثيت ۾ جڳ ڏيس نيڪالي ڏئي، ثانوي درجي طور خوابن جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي. مان انهن خيالن جي ساڳئي انداز سان پوئواري ڪندو آهيان، جيڪي خوابن کي نفسياتي طور چورڻ يا پڙڪائڻ لاءِ غور ڪرڻ ڏانهن موت ڪائيندا آهن. جيڪي خيال جاڳ جيون ۾ بچيل هوندا آهن، اهي خواهشن کان علاوه هوندا آهن. اسان جڏهن سمهڻ جو فيصلو ڪندا آهيون ته اسان ڪنهن خيال تي غور ڪرڻ جي نتيجي ۾ استعمال ٿيندڙ ذهني قوت کي عارضي طور تي ڏينهن وارن خيالن سان ڳنڍيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهيون. جيڪڏهن واقعي ڪوائين ڪري سگهي ٿو ته اهو سڀ نندڙ ڪندڙ هوندو آهي، ان ڏمري ۾ پهريون مثال اسان کي "نيپولين" (Napoleon) جو ملي ٿو.

پر اسان ائين ڪرڻ ۾ سدائين ڪامياب نه ٿيندا آهيون، نه ئي اسان مڪمل طور تي ڪامياب ٿي سگهندا آهيون. حل نه ٿيل مسئلا، پيڙا، پريشانيون، تباهه ۽ برباد ڪندڙ تاثر / احساس.... خيالن جون اهي سيئي سرگرميون نندڻ ۾ ڪجي ايندڙ آهن ۽ ڏهن جي عملي طريقن جي مدد سان سرشتن ۾ شامل ٿي ويندڙ آهن، جنهن کي اسان "تحت شعور" (Preconscious) جو نالو ڏيندا آهيون. جيڪڏهن خيالن جي جوش يا اپار جي درجي بندي ڪرڻ جو خيال ڪريون، جيڪا نندڻ ۾ مسلسل عمل پيرا رهي ٿي ته اسان ان کي هيٺ ڏنل ڪجهه تولين ۾ ورهائيندا سين:

(1) ڏينهن دوران نتيجو اخذ ڪرڻ لاءِ ڪهڙي شيءِ نه ٿي سگهي يا ڪرڻ کان رهجي وئي، جو موقعي مان فائدو وٺڻ ۾ رڪاوٽ پئجي وئي.

(2) ڪهڙي شيءِ سان ڏيتي ليتي ڪا نه ٿي سگهي، جنهن ۾ پنهنجي ڪمزوري يا ڏاهپ جي ڪميءَ جو احساس پيدا ٿيو هجي، ڪهڙي ڳالهه حل نه ٿي سگهي.

(3) ڪهڙي شيءِ کي رد ڪيو ويو ۽ ڏينهن دوران ڏهائي ڇڏيو ويو. (اهي سيئي اسان ضرور شامل ڪندا آهيون).

(4) ڏينهن دوران تحت شعور جي سرگرمين جي ذريعي، طاقتور گروهه جي عملي ڪردار اسان جي لاشعور تي ڪهڙو اثر ڇڏيو.

(5) ڏينهن دوران پيدا ٿيل تاثرن جو مجموعو خاص طور اهي جن سان اسان پنهنجي بيپرواهيءَ سبب ڪا خاص سوچ ويچار نه ڪئي هجي.

منهنجو خيال آهي ته نفسياتي طور پيدا ٿيندڙ انهن سختين/ شدتن کي معمولي سمجهڻ نه گهرجي، جيڪي ڏينهن (جاڳ) واري حياتيءَ جي پونجيءَ جي ذريعي، ننڊ واري حالت ۾ متعارف ٿين ٿيون، ۽ خاص طور گڏ ٿيل انهن احساسن يا ڪيفيتن منجهان جيڪي حل نه ٿيل مسئلن جا مجموعا هوندا آهن. ۽ پوءِ اهي شدتون پنهنجي اظهار لاءِ رات دوران مسلسل جدوجهد ڪنديون رهنديون آهن ۽ اسان ان ساڳي ئي يقين سان اهو اندازو لڳائيندا آهيون ته ننڊ جي حالت، جلد جوش ۾ اچڻ واري عمل لاءِ ان کي، لاشعور ۾ اسان جي عادتن واري ممڪن انداز سان اتساهيندي آهي، ۽ ان جي شعوري نتيجي ڪيڻ لاءِ پجاڻيءَ تائين کڻي آڻيندي آهي. جيتري قدر اسان جي سوچ جا عملي سلسلا، رات جو عام رواجي انداز سان شعور ۾ اچڻ جي قابل هوندا ته اسان پوريءَ ريت ننڊ ڪري نه سگهنداسين. مان اهو چوڻ جي قابل نه آهيان ته تحت شعور جي سرشتي ۾ ڪهڙي ترميم ٿيڻ لڳندي آهي، جيڪا ننڊ واري حالت جي ذريعي ڪجهي ايندي آهي.[1] پر ان ۾ شڪ گمان نه ٿو ڪري سگهجي ته ننڊ جون نفسياتي/ ڪرداري وصفون، ان خاص سرشتي جي جذباتي نتيجي ۾ وڏي ضرورت تحت ترميمن ڏانهن نهاريندڙ آهن، هڪ اهڙو سرشتو جيڪو چرپر جي قوت واري صورت ۾ پڻ پهچ جي اختيار ۾ هوندو آهي، جيڪو ننڊ دوران معذور هوندو آهي.

ٻئي پاسي خوابن جي نفسيات مون کي ڪو اهڙو سبب پيش نه ٿي ڪري جو مان چئي سگهان ته ننڊ کي ترميمون پيدا ڪندي آهي، ان کان سواءِ ته لاشعور جي سرشتي ۾ شين جي سرسي حاصل ڪرڻ ۾ ثانوي ڪردار ادا ڪندي آهي، ٻيو ڪو رستو نه آهي، سواءِ ان جي ته اها ان جوش يا ايار تي انحصار ڪري جيڪو تحت شعور مان رات جو ظاهر ٿيندو آهي، بنسبت ان جي ته جلد جوش ۾ اچڻ واريون خواهشون، لاشعور مان ايري اچن. تحت شعور وارا جوشيلا محرڪ، لاشعور منجهان سگهه وڌائڻ وارا رستا لازمي طور ڳولهي ونندا آهن، ۽ لازمي طور تي لاشعوري جوشيلا محرڪ پنهنجي چوسول وارن رستن (Circuitous Paths) سان گڏجي ساڻ ڏيندا آهن.

پر تحت شعور جي پوئين ڏينهن جي باقيات جو خوابن سان ڪهڙو تعلق آهي؟

ان ۾ شڪ نه آهي ته اهي خوابن ۾ تمام گهٽي تعداد ۾ گڏجي، پنهنجو رستو ڳولهي ونندا آهن، ۽ اهي خواب جي مواد کي استعمال ڪرڻ جي لائق بڻائيندا آهن ته جيئن رات جو پڻ انهن کي شعور ۾ داخل ڪري سگهجي. سچ پچ ته اهي موقعي محل سان خوابي مواد تي غلبو ۽ حاصل ڪري ونندا آهن، ۽ خود ڏينهن جي سرگرميءَ ڏانهن کڻي وڃڻ لاءِ زور بار وجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

اهو پڻ يقيني آهي ته ڏينهن جي باقيات، خواهشن جيان سمجهڻ ۾ آسان هوندي آهي، پوءِ ڀلي ته ڪنهن پي ڪرداري وصف واري چونه هجي، پر ان جو ڳانڍاپو وڏي هدايت ڏيندڙ ضرور هجي، ۽ خواهشن جي پورائي واري نظريي لاءِ ان جي تڪراري اهميت مثبت انداز جي هجي، اهڙي صورتحال جو مشاهدو ڪرڻ، ان عمل ۾ شامل هوندو آهي، جنهن جي ذريعي اهي باقيات اڳتي روانو ٿيندڙ آهن ۽ ائين خواب تائين پهچي ويندڙ آهن.

ان سلسلي ۾ اسان هڪڙو خواب کڻون ٿا جيڪو اسان اڳي بيان ڪري آيا آهيون، مثال طور هڪ خواب ۾، جنهن ۾ "اوٽو" منهنجو دوست (ڏسو باب پنجون: خوابن جو مواد ۽ ماخذ: حصو چوٿون: مثالي يا خاص قسم جا خواب (ص: 497) مون کي عارضي ۾ مبتلا نظر آيو هو. هڪ ڏينهن اڳ ۾ هن جي ڦوٽاريل اکين کي ڏسي ٿورو پريشان ٿي ويو هوس، ۽ جڏهن هر شيءِ هن

---

[1] خوابن جي نظريي جي حوالي سان مان پنهنجي مقالي: "مافوق النفسيات جو اضافو" (Meta_ Psychological Suppliment) ۾ اهي وڌيڪ شيون به ضرور شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس، جيڪي ننڊ دوران سرسي حاصل ڪن ٿيون ۽ سوداءِ يا وهم واري صورتحال جو تعين ڪن ٿيون.

سان لاڳو هئي. ان جي پريشانيءَ مون کي وڏي ڳڻتيءَ ۾ وجهي ڇڏيو هو ۽ ان ڳالهه مون تي ايترو اثر ڪيو جو مون کي لڳو ڇڙ مون ننڊ (سپني) ۾ اندازو پئي لڳايو. اصل ۾ مان ان جي ڪوج لڳائڻ لاءِ ڳڻتيءَ ۾ هوس ته هن سان اها ڪهڙي ويڌن ٿي هئي. ان پريشانيءَ رات جو خواب دوران "تاثر" کي ڳولهيو جنهن کي مون بيان ڪيو هو ان جو متن پهرين جاءِ تي ٻي معنيٰ هو ۽ ٻي جاءِ تي ان ۾ خواهش جي پورائي لاءِ ڪا عزت ڪانه هئي. جنهن ڪانپوءِ مون پريشانيءَ جي ان نامناسب تاثر جي اصليت جي ڪوج لڳائڻ شروع ڪئي، جنهن کي مون ڏينهن دوران محسوس ڪيو ۽ تشريح جي لاءِ مون ان لاڳاپي جي حوالي سان ان حقيقت کي ڳولهي ورتو جنهن مون کي منهنجي دوست سان ڪي قدر "لارڊ بائرن" وارين نشانين سان مماثلت جو احساس ڏياريو ۽ منهنجي پنهنجي پروفيسر "آر"، ڏانهن منهنجو ڏيان ڪڇي ويو. ڏينهن دوران آيل انهن ٻنهي خيالن منجهان مون کي ان جي متبادل جي لاءِ رڳو هڪڙي خيال جي چونڊ ڪرڻي هئي. ان لاءِ مان پاڻ کي پروفيسر "آر" جي تعلق متعلق سڄو وقت پنهنجي لاشعور ۾ سوچن کي گهڙيندو رهيس. ان دوران نندپڻ جي واقعي جي نشاندهيءَ جي حوالي سان منهنجي ذهن تي پنهنجي نندپڻ جي اڻ وسرندڙ/ جٽادار خواهشن مان هڪڙي مٿيرائيءَ جي احساس واري (Megalomaniac) خواهش[1] پوري ٿي هئي. نهايت بيهودن خيالن مون کي پنهنجي دوست جو دشمن بڻائي ڇڏيو هو جنهن ڏينهن دوران ٻيو ڪجهه به ڪرڻ کان انڪاري ڪري ڇڏيو هو. جنهن خواهش جي ڪنهن ٻي جاءِ تي ترڪي وڃڻ جي موقعي وقت جهلي/ گرفتار ڪري ورتو ۽ ان کي خواب ۾ نمائندگيءَ لاءِ پيش ڪري ڇڏيو پر منهنجي ڏينهن واري پريشانيءَ به خواب جي متن ۾ هڪ قسم جي تاثر لاءِ متبادل کي به پئي ڳولهيو.

ڏينهن وارن خيالن ۾ پنهنجي سِر کا خواهش موجود ڪانه هئي، پر ان جي ابتڙ هڪ پريشاني ضرور هئي، جنهن ڪنهن طريقي سان لاڳاپي جو رستو پئي ڳولهيو يا نندپڻ واري ڪنهن ٻي خواهش سان پئي پاڻ کي ڳنڍيو. جيڪا ان وقت "لاشعوري" يا ڏبجي ويل هئي، جنهن هن کي وسيلو مهيا ڪري پئي ڏنو..... اهڙي سڻي نموني، جيئن ڪنهن جڙي ٻوٽيءَ کي اُباري ان مان ست يا عرق ڪڍبو آهي. اهو سچ آهي ته ان جي اصل جاءِ "شعور" هو.

وڏيڪ غلبو ڪندڙ پريشاني" اها هئي، وڏيڪ مجبور يا لاچار اها ڳڙي هئي، جنهن کي قائم ٽيڙو هو ان لاءِ هن کي ڪنهن به ڳانڍاپي جي ضرورت ڪا نه هئي ته خواهش جي مواد ۽ ان پريشانيءَ جي وچ ۾ ڪهڙو لاڳاپو آهي، ان ۾ ڪو شڪ نه اهي ته اسان جي مثال ۾ ڪٿي به اهڙي ڳانڍاپي جو ذڪر ٽيل نه آهي.

اها ڳالهه ڪارائتي ٿي سگهي ٿي[2] ته اسان ان سوال جي جاچ پڙتال کي جاري رکون، ۽ ان تي غور ڪريون ته خواب ان وقت ڪيئن ٿو برتاءُ ڪري، جڏهن خوابي خيال پنهنجي "مواد" سميت وٽس اڇي حاضر ٽين ٿا، جيڪو خواهشن جي پورائي لاءِ مڪمل طور تي محفوظ ٽيل هوندا آهن. اتي پريشانين کي، سڻو جواز آهي، پيڙا جا اولڙا، ايذائيندڙ حقيقت پسنديون پنهنجو پنهنجو جواز رکن ٽيون. ان قسم جي ڪيترن ئي ممڪن نتيجن کي بن درجن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

الف: خوابي ڪم: ڪن غير موافق خيالن جي ذريعي، انهن سمورن ايذائيندڙ خيالن کي، انهن سان ڳنڍيل، دٻائي ڇڏيل ۽ ڏک رسائيندڙ تاثرات سان بدلائڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي ٿو ۽ ان جو نتيجو سڌو سنئون خواب جي اطمينان جو نڪرندو آهي، يعني هڪ اهڙي پڌري خواهشن جو پورائو ٿي ويندو آهي، جنهن کي ڏسڻ ڪانپوءِ ان جي متعلق وڏيڪ چوڻ جي ضرورت نه پوي

ب: ڏک ڏيندڙ يا اداس ڪندڙ خيال پنهنجو رستو پاڻ ناهيندا آهن، گهٽ يا وڌ ترميمي هوندا آهن، پر خوابي مواد جي وضاحتي پيشڪش ذريعي سچاپجڻ ۾ گهٽا گهٽ نه هوندا آهن. اهو ئي معامو هوندو آهي جو خوابن جي "خواهش واري نظريي" جي جواز يا معقوليت متعلق شڪ شبها پيدا ڪندا آهن ۽ وڏيڪ جانچ جي، ضرورت پوندي آهي. ان قسم جا خواب

---

[1] برتريءَ جو احساس Megalomania هڪ اهڙي بيماري آهي، جنهن ۾ ماڻهو پنهنجي صلاحيت يا فرضي ڪارنامن جي احساس ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي.

[2] اهو ۽ ٻيا پنج جملا به 1919 ۾ شامل ڪيل آهن.

جن ۾ دک يا اداسيءَ جي عبارت هوندي آهي، اهي يا تہ ڪنهن اختلافي تجربي سان سلهاڙيل هوندا آهن يا وري اهي، جيڪي انهن سموري دکن دردن جو نچوڙ هوندا آهن، جيڪي پنهنجي تصور يا تمثيل واري انداز جي متن ذريعي تائيدي ثبوت ڏيندڙ هوندا آهن، يا اهي ڳڻتي کي وڌائيندڙ جاڳائڻ جو ڪم ڪندڙ بہ ٿي سگهن ٿا.

تجزيو! ذريعو ثابت ڪرڻ يا مثالن سان سمجهائڻ جي قابل هوندو آهي تہ اهي دل ڏکائيندڙ خواب خواهشن جو پورائو ڪندڙ هوندا آهن، ۽ آرام ۽ اطمينان کان گهٽ نہ هوندا آهن.

لاشعور ۾ دٻايل خواهشن، جنهن جي پوري ڪرڻ ۾ خواب ڏسندڙ جو آپو (Ego) ڏک رسائڻ جو تجربو ڪرڻ ۾ ناڪام نہ ٿيندو آهي، تہ اهو ان گذريل ڏينهن جي دکدائڪ باقيات جي جڏاءُ ڪيل جذباتي حملي کي ڏنل موقعي منجهان فائدو وٺندو آهي؛ هو انهن جي مدد لاءِ کين قرض ڏيندو آهي، ان مقصد لاءِ انهن جي ڪارگذاريءَ کي خوابن ۾ داخل ٿيڻ جي قابل بڻائيندو آهي.

پر جيئن تہ "الف" واري مجموعي ۾ لاشعوري آرزو شعور سان هم زبان ٿيل هئي، ۽ "ب" واري مجموعي ۾ لاشعور ۽ شعور (دٻايل آرزو ۽ آپي) جي وچ ۾ تمام وڏو مفاصلو پڌرو پئي نظر آيو ۽ پرين واري آڪاٽيءَ جي صورتحال ۾ اهي ٽي خواهشون هيون، جيڪي پريءَ پاران هڪ زال ۽ مڙس کي انهن جي پوري ٿيڻ لاءِ تحفي طور ڏنيون ويون هيون.

ڪنهن دٻجي ويل خواهش جي پوري ٿيڻ وارو اطمينان ان ريت تمام وڏي انداز سان مڙي سگهي ٿو تہ جيئن ڏينهن واري باقيات سان سلهاڙيل انهن ڏکوئيندڙ احساسن سان متوازن ٿي سگهي. ان معاملي ۾ خوابن جو احساساتي آواز مختلف ٿيندو آهي، ان جي باوجود سندس هڪ هٽ تي وٺس ان خواهش کي پورو ڪرڻ هوندو آهي تہ ٻئي هٽ تي ڊپ جو پورائو ڪرڻ هوندو آهي. يا ائين بہ ٿيندو آهي تہ ستل آپو (Sleeping ego) خواب جي جوڙجڪ ۾ وڏي حصي جو وندر ڪندو آهي، جيڪو دٻجي ويل خواهش جي اطمينان تي هڪ زورائتي پر جائز يا جڳائيندڙ ڪاوڙ ذريعي ردعمل ڏيندو آهي ۽ پنهنجي سِر پريشانيءَ يا ڳڻتيءَ جي اوچتي اخراج سان خواب جي پڇاڙيءَ ڏانهن وڃي ايندو آهي.

اهڙيءَ ريت ان ڳالهہ کي ڏسڻ ۾ اسان کي ڪا تڪليف ڪانہ ٿيندي آهي تہ ناخوشگوار خواب ۽ ڳڻتيءَ يا پريشانيءَ وارا خواب اسان جي نظريي مطابق، اطمينان جا سچار ۽ سڏا خواب هوندا آهن ۽ جهجهي تعداد ۾ خواهشن جي پورائي جيان هوندا آهن.

ناخوشگوار خواب پڻ "سزا وارا خواب" (Punishment_ dreams) هوندا آهن (ڏسو باب ڇهون: خوابن جو عمل، حصو ڏهون خوابن ۾ اثر انداز ٿيندڙ جذبا) (ص پ 688). اهو يقينن مڃڻ گهرجي تہ انهن جي شناخت جو مطلب هڪ لحاظ کان خوابن جي نظريي ۾ هڪ نئون واڌارو آهي. انهن ۾ لاشعوري خواهش جيترو اهو چاڻو پر جي! جنهن کي اسان وري بہ "خواهش" ئي ٿا سڏيون، جو خواب ڏسندڙ کي ڪنهن دٻجي ويل ۽ لڪل من اڇل جي ترغيب جي سزا پوڳڻي ٿي پوي! ان حد تائين جو ان قسم جا خواب ان حالت ۾ ايندا آهن، جن کي اتي هار مڃڻي پوندي آهي، خواب کي جوڙڻ لاءِ متحرڪ قوت، يقيني طور تي ان خواهش پاران مهيا ڪيل هوندي آهي، جيڪا لاشعور جي ميڙا چوندي سان وابستا هوندا آهي.

ويجهڙائيءَ واري نفسياتي تشريح بهرحال اسان کي اهو ڏيکاري ٿي تہ اهڙا خواب پين خواهشن وارن سپنن کان ڪيئن مختلف هوندا آهن.

"ب" واري مجموعي جي تشڪيل جي معاملي ۾، خوابن جي تعمير ڪندڙ خواهش لاشعوري هوندي آهي، ۽ اها دٻجي ويل سامان ۾ سٽيل هوندي آهي، جيتوڻيڪ سزا وارن خوابن ۾ "خيال" لاشعور جهڙو ئي هوندو آهي، ۽ اهو يقينن ان سهيڙيل سامان جيان ئي شمار ٿيندو آهي، جيڪو دٻجي ويل سان نہ پر "آپي" سان سلهاڙيل هوندو آهي. اهڙيءَ ريت سزا وارا خواب ان امڪان جو اشارو ڪندا آهن، ۽ خوابن جي تعمير ۾ بنسبت مناسب سمجهڻ يا قياس طور وٺڻ جي، آپي جو حصو وڌيڪ هوندو آهي. خوابن جي بناوٽ جو ڳانڍاپو وارو نظام عام طور تي نهايت چٽو ۽ نمايان هوندو آهي، ۽ جيڪڏهن "شعور" ۽ "لاشعور" جي وچ ۾ مخالفت هوندي آهي تہ ان جي جاءِ تي اسان ان کي "آپي" ۽ "تڪليف واري يا دٻايل سوچ" چوندا آهيون.

معاملي جو نفسي اوٽائي/ اعصابي خلل (Psychoneurosis) تي منحصر هجڻ کانسواءِ بهرحال ائين ٿيندو ڪونهي. ۽ ان جي ڪري اها ڳالهه اسان جي هاٿوڪي ڪم ۾ ڪجي ڪا نه آئي آهي. مان رڳو اهو اضافو ڪندس ته "سزا وارا خواب" ڏينهن جي موڙي يا پونجيءَ واري ان حالت جو عام طور تي موضوع نه بڻجندا آهن. جيڪي ڏک يا تڪليف رسائڻ جي قسم جا هوندا آهن. ان جي ابتڙ اهي نهايت آساني سان ظاهر ٿيندا آهن جتي ڪو معاملو سامهون هوندو آهي. جتي ڏينهن جي بقايا وارا خيال اطمينان ڏيارينڊڙ احساس جا هوندا آهن. پر جنهن اطمينان جو اهي اظهار ڪندا آهن. اهو ڳجهو رهجي ويندو آهي. جيڪڏهن اتي ڪا فطري مخالفت هوندي آهي ته "الف" واري مجموعي سان وابستا خوابن جيان رڳو انهن خيالن جو چڏيل نشان يا نقل ئي خوابي پيشڪش ۾ اظهار ٿو آهي.

"سزا وارن خوابن" جي انتهائي لازمي ڪرداري وصف ان جي معاملي ۾ ائين هوندي آهي جو خواب جي بناوٽ ڪندڙ خواهش. "لاشعوري خواهش" نه هوندي آهي. جيڪا ڏهڪي ويل سامان منجهان (لاشعوري سرشتي Psc منجهان) هلي آيل نه هوندي آهي. پر هڪ تعزيري يا سزا ڏيندڙ (Punitive) خواهش ان جي خلاف ردعمل ڏيندي آهي ۽ "آپي" جي ميڙي چونڊيءَ سان سلهاڙيل هوندي آهي. ان هوندي به ساڳئي وقت، اها "لاشعوري" به هوندي آهي.[1]

هتي مان پنهنجو هڪڙو خواب پيش ڪريان ٿو ته جيئن مان سمجهائي سگهان ته مان چا ٿو چوڻ چاهيان. خاص ان رستي سان. جنهن ۾ خواب جو ڪم. پوئين ڏينهن واري تڪليف سان وابستا پيشبنديءَ جي پونجيءَ سان. وهنوار ڪندي نظر اچي ٿي:

غير واضع ابتدا:

"مون پنهنجي زال کي چيو ته مون وٽ تولاءِ هڪ نئين شيءِ آهي. بلڪل خاص. هن خطري جو چتاءُ ڏنو ۽ ٻڌڻ کان انڪار ڪري چڏيو. مون کيس يقين ڏياريو ته ان ڪاوڙ جي بدلي ۾ ڏاڍي سرهي ٿيندي. جڏهن هوءِ مون کي ٻڌندي. ۽ مان هن کي ٻڌائڻ شروع ڪيو ته اسان جي پٽ جي آفيسرن جي روز ماني کائڻ واري هنڌ (Mess) تان ڪجهه رقم (اٽڪل 5000 ڪرون)[2] آيا آهن..... ڪنهن اعزاز جي حوالي سان.... تقسيم.... ساڳئي وقت مان هڪ ننڍي ڪمري ۾ هليو ويس. اهو سامان سڙي واري ڪمري جيان هو.... ڪجهه ڏسڻ لاءِ.... اوچتو منهنجو پٽ ظاهر ٿيو. هو پنهنجي ڪاموري واري لباس ۾ نه هو پر ڪيس سوڙهي راند واري (ساموندي مڇيءَ جهڙي) پوشاڪ پهريل هئي. متي تي هڪ ننڍي ٽوپي. هو هڪ پيتيءَ تي چڙهي بينو جيڪا الماريءَ جي پرسان پيل هئي. ائين ئي لڳو جڙ الماريءَ تي ڪا شيءِ رکندو هجي. مون هن کي سڏ ڪيو: هن ڪو جواب نه ڏنو. مون کي ائين ئي نظر آيو جڙ سندس منهن يا نراڙ تي پٽي ٻڌل هجي. هو پنهنجي وات ۾ ڪنهن شيءِ ماپائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ڪا شي اندر ڏوهي رهيو هو. ۽ هن جي وارن تي پوري رنگ جا داغ لڳل هئا. مون سوچيو: 'ڪٿي هو ٺڪل ته نه آهي؟ ۽ هن کي ڪُوڙا ڏنڊ پيل آهن.'

هن کي ٻيهر سڏڻ کان اڳ ۾ مان جاڳي پيس. مون ۾ ڪنهن به ڳڻتي جو احساس ڪونه هو. پر منهنجي دل گهٽي ڏڪ ڏڪ پئي ڪئي. منهنجي سامهون لڳل گهڙيال ڏيڪاري پيو ته اهو ساڍين ٽن جو وقت هو.

---

[1] حاشيو 1930ع ۾ شامل ڪيل: اهو نڪتو تحليل نفسيءَ متعلق ويجهڙائيءَ وارين ڪوجنائن منجهان هڪ آهي ۽ "ماٿهيي" (Supper_ ego) جي حوالي لاءِ بلڪل ٺهڪندڙ آهي. "الف" واري درجي وارا خواب. خواهش واري نظريي کانسواءِ آهن (خاص طور ڪنهن صدمي يا تشدد سبب لڳندڙ ذهني ڏک واري صورت ۾) جن جي متعلق اسان "راحت ڏيندڙ اصول کان مٿانهان" 1920ع ۾ "نين تعارفي تقريرن" 1933ع جي ڏريعي بحث ڪيو آهي.

[2] ڪرون (Krone) ناوري، ڊينمارڪ، سويڊن ۽ آئس لينڊ جو سڪو.

هڪ پيرو پيهر منهنجي لاءِ مڪمل تشريح پيش ڪرڻ ناممڪن ٿي پيو آهي. مان پاڻ کي پرحال پابند ٿو ڪريان ته ڪجهه مائيٽن نڪتن تي ڪجهه ضرور لکان ته هڪ ڏينهن اڳ واري ڏکوئيندڙ صورتحال کي خواب ڪهڙي طرح اپار ڏئي ٿو! حقيقت اها اهي ته بنا ڪنهن خبر ڏيڻ جي اسان جو پٽ هڪ هفتي جي لاءِ محاذ تي ويل هو. هاڻي اهو ڏسڻ آسان آهي ته خواب جي متن، قائل ٿيڻ جي احساس کي اظهاريو آهي ته هو اتي فوت ٿي ويو آهي يا زخمي ٿي پيو آهي. خواب جي ابتدا هڪ سگهاري ڪوشش کي، ڏکوئيندڙ خيالن کي التي جوڙ ڏريعي چٽيءَ ريت منتقل ڪري ڏيکاريو آهي. مون وٽ سمجهائڻ لاءِ ڪجهه وڌيون ۽ قبول ڪرڻ جهڙيون خبرون آهن. "ڪجهه موڪليل رقم جي متعلق... اعزاز..... تقسيم..... (رقم: منهنجي طبي پيشي جي مجيل اظهار مان هلي آئي هئي: ۽ اها اصل ۾ موضوع کان بنهه ڦيرائي چڏڻ جي ڪوشش هئي)، پر اهي ڪوششون ناڪام ويون. منهنجي زال ڪنهن خوف سبب بدگمان هئي، ان ڪري منهنجي ڳالهه نه پئي ٻڌائين. لکل حالتون پڻ ڪجهه نازڪ هيون ۽ ڊجي ويل حوالا هر پاسي کان ان ۾ داخل ٿيڻ جي تلاش ۾ هئا. جيڪڏهن منهنجو پٽ مارجي ويندو ته ان جو آفيسر سندس سامان سڙو ضرور موڪلينڊو ۽ مون کي هن جي پائرن، پينرن ۽ پين ماٺهن ۾ اهو چڏيل سامان ورهائڻو به پوندو. هڪ اعزاز! به گهٽو ڪري اهڙي آفيسر کي ضرور ملندو آهي. جيڪو جنگ جي ميدان ۾ مارجي ويندو آهي. اهڙيءَ ريت خواب ستاءِ ڪري، پهرين ست ۾ تردید جو سڏو سنئون تاثر ڏنو ان هوندي به بگڙجي وڃڻ واري ڪم ۾ خواهش جي پورائي جي طرف جهڪاءُ پوءِ به پئي ڏيکاريو. خواب دوران علائقي جي تبديلي سمجهه ۾ ايندڙ آهي، جيئن "سلبرر" منڊ جو علامتي نظريو (Threshold Symbolism) بيان ڪيو آهي. (ص 612)

اسان ٻڌائي نه ٿا سگهون، اهو سچ آهي، منهنجي ايذاءُ رسائيندڙ خيالن کي اهڙي قسم جي تاثر ڏيڻ جي لاءِ اهو ڇا هيو! جيڪو ڪنهن عمل يا مقصد واسطي متحرڪ قوت، خواب کي مهيا ڪيو هو. منهنجو پٽ ڪٽي ڪرندي به نظر نه آيو هو پر هو ته ڪنهن وانگر "مٽي پئي چڙهيو." هو پنهنجي سپاهيءَ واري لباس ۾ به نه هو پر راندين واري پوشاڪ ۾ هو: ان جو مطلب ته حادثي جو هنڊ، جنهن جي متعلق مان هاڻي ڳڻتي محسوس ڪريان ٿو. اهو شروعاتي راندين منجهان ڪنيل هو ان دوران هو ڪنهن پهاڙيءَ تي چڙهيو هو ۽ سندس سٽر واري هڏي ڀڄي پئي هئي. پي ڳالهه ته جنهن قسم جي پوشاڪ هن کي پهريل هئي، جنهن منجهان هو درياءِ مچيءَ وانگر پئي لڳو ته ان تي اوچتو مون کي ڪنهن جو ننڍپڻ ياد اچي ويو. اهو اسان جو ننڍڙو حرڪتي ڏوهتو هو. جڏهن ته ڳڻ وارن تي مون کي پنهنجي جاتي جو مرهيات پيءُ ياد اچي ويو جنهن پنهنجي سموري جمار جنگ وارين حالتن ۾ گذاري هئي.

ته پوءِ ان جو مطلب ڇا ٿيو؟

پر مان ته ان متعلق گهٽو ڪجهه چئي آيو آهيان.

سامان سڙي واري ڪمري جو هنڊ، جتي هڪ الماري رکيل هئي ۽ هن اتان ڪجهه کڻڻ ٿي چاهيو. (پر خواب ۾ هن الماريءَ تي ڪجهه رکڻ پئي چاهيو)، انهن تصورن اتفاق سان مون کي منهنجو اهو حادثو ياد ڏياري چڏيو! جڏهن مان ايجان ٽن سالن[1] جو مس هوس ته مان سامان سان سٽيل ڪمري ۾ استول رکي ان تي چڙهي، ڪجهه کڻڻ ٿي چاهيو. اها ڪا الماري هئي يا ٽيبل، پر استول ترڪي ويو ۽ مان ڦهڪڙ 'چي هيٺ پٽ تي ڪريس ۽ ان استول جي ڪنڊ منهنجي ٻوٽ تي، هيئين جاڙيءَ وٽ لڳي هئي.

يادگيري "نصيحت پرين" خيالن جي ڏريعي ڳنڊيل هئي:

"ته تون ڪم درست نموني ڪندو ڪر."

يعني ڪنهن دلير سپاهيءَ جي دل ۾ آيل ڪنهن ورڊي جذبي ڏانهن به اشارو آهي.

---

[1] خواب منجهان جاڳڻ ڪانپوءِ گهڙيال ۾ ساڍن ٽن جي وقت جي، خواب ۾ ٽن سالن واري ياد سان وابستگي، امڪان جوڳي آهي.

گهري تجزيي آخرڪار مون کي ان ڳالهه تي آماده ڪري ورتو ته مان ان جي کوج لڳايان ته اها ڳجهي ترغيب ڪهڙي هئي، جنهن منهنجي پٽ جي خوفناڪ حادثي ۾ اطمينان ڳولهيو هو:

اهو اصل ۾ ساڙ(Envy) هو جيڪو جوانن جي جواني ڏسي ڪاڙن ماڻهن کي محسوس ٿيندو آهي، ۽ پوءِ به منجهن هوڏ هوندي آهي ته اهڙا ايجان به ڪنهن کي ڪيرائي، گهوگهو ڏئي مارڻ جهڙا آهن.

هتي انڪار ڪرڻ جو سوال ئي نه ٿو اٿي سگهي ته اها هوبهو "ڏکوئيندڙ جذبن" جي شدت هئي، جيڪا ان ڪري ايري آئي هئي ته جيڪڏهن اهڙي ڪا اپاڳي ڳالهه واقعي ٿي وڃي ته ان جو نتيجي اهو نڪرندو ته "جذبو" ان قسم جي ڏهڪي ويل خواهش جي پورائي کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندو ان حوالي سان ته ان لاءِ ڪنهن همٿ يا آڇت کي ڳولهجي.

لاشعوري خواهش جي ذريعي خوابن ۾ جيڪو ڪردار ادا ٿئي ٿو هاڻي مان ان جي اختصار ڏيڻ جي صورتحال تي پهچي ويو آهيان. مان اهو ميڙ لاءِ تيار آهيان ته سمورن درجن وارا خواب، ڏينهن واري حياتيءَ جي اصولي يا خصوصي پونجيءَ منجهان ايري آيل معاملن کي چورڻ يا پڙڪائڻ جو ڪم ڪندا آهن. ۽ مان سمجهان ٿو ته منهنجي خواهش به ٿي سگهي ٿو ديرپا هجي، جو جڏهن مان هڪ اعليٰ پيماني جو پروفيسر هوس، ته ان مون کي رات جو سک سان سمهڻ واري اجازت به ڏئي ڇڏي هجي، جيڪڏهن منهنجي دوست جي صحت جي پريشاني، مون کي پوئين ڏينهن کان ثابت قدم رهڻ تي نه اپاري ها (ص: 498_497 ۽ 543)، پر اها پريشانيءَ اڪيلي سِر خواب کي جوڙي نه پئي سگهي. ڪنهن عمل يا مقصد واسطي اندر ۾ موجود نيت واري سگهه، جنهن جي گهرج خواب کي هئي، اها "خواهش" جي ذريعي مهيا ڪيل هئي. پريشانيءَ جو اهو ڪاروبار آهي: ڪنهن خواهش کي جهلي وٺڻ ۽ ڪنهن عمل يا مقصد واسطي اندر ۾ موجود نيت واري سگهه جيان خواب ۾ ڪردار ادا ڪرڻ.

صورتحال! هڪ جهڙائي پيدا ڪرڻ جي ذريعي واضع ٿي سگهي ٿي. ڏينهن جي وقت وارا خيال، خواب جي لاءِ سيڙپڪار (Entrepreneur) وارو ڪردار تمام سٺي نموني نباهي سگهن ٿا. پاڻ سيڙپڪار ائين هوندو آهي، جيئن ماڻهو چوندا آهن ته: هن وٽ منصوبا به هوندا آهن ته اڇيرائيءَ جا گُر به هوندا آهن پر سرمايي کانسواءِ ڪجهه به نه ٿو ڪري سگهجي. ان کي سرمائيدار (Capitalist) گهرجي، جيڪو رقم لڳائي، خرچ برداشت ڪري سگهي، ۽ اهو سرمائيدار جيڪو خوابن جي لاءِ نفسياتي خرچ مهيا ڪندو آهي، اهو ثابت طور تي ايترو ئي غير متنازع هوندو آهي، جيتري قدر گذريل ڏينهن جا خيال ٿي سگهن ٿا، ۽ اها آهي "لاشعور منجهان آيل خواهش".[1]

ڪڏهن ڪڏهن سرمائيدار پاڻ ئي سيڙپڪار هوندو آهي ۽ سچ پچ ته خوابن جي معاملي ۾ اهو واقعو عام جام هوندو آهي. "لاشعوري خواهش"، ڏينهن جي سرگرمين ذريعي چوريندڙ ۽ اياريندڙ ٿيندي آهي، ۽ خواب جي تعمير ۾ اڇيرائي ڪندي آهي. ان ڪري اقتصادي صورتحال ۾ بين ممڪن لاهين چاڙهين يا مٽ سٽ کي مون خوابي عمل جي تسلسل سان تشبيهه ڏني آهي. سيڙپڪار هو پاڻ ٿي سگهي ٿو ۽ سرمايي جي حوالي سان ٿورو گهڻو سرمايو به لڳائي سگهي ٿو. پر گهڻا سيڙپڪار سرمائيدار وانگر ئي سرمايو لڳائيندا آهن. ڪي سرمائيدار وري سيڙپڪاريءَ جي ضرورتن لاءِ گڏجي به ڪم ڪري سگهندا آهن. بلڪل ساڳئي رستي سان، اسان خواب جي گذرگاهن کي پار ڪري آهيون، جيڪي هڪ جي بجاءِ بين گهڻين خوابي خواهشن جي ذريعي مدد ڪندڙ آهن. ۽ ائين ئي هڪ جهڙي لاهين چاڙهين تان به، جن تان آسانيءَ سان گذري يا ڊوڙي ڏکي سگهجي ٿو، پر انهن ۾ اسان جي وڌيڪ دلچسپي ڪا نه آهي. پر اسان خواب جي خواهش کي سمجهڻ لاءِ پاڻ کي بهرحال وقف ڪري ڇڏيو آهي.

ڪا شيءِ جا ڪنهن نه ڪنهن ريت بن شين سان واسطو رکندڙ هجي، پر الڳ هجڻ واري مشابهت (Tertium Comparationis) (مشابهت جو ٽيون ترڪيبي عنصر) ۾، جنهن مشابهت کي مان استعمال ٿو ڪريان اها "مقدار" جي هڪ

---

[1] مٿين تحرير جي انهن ٻنهي پوين نمايان ٿيڻ متعلق فرائيڊ، "ڏورا جي پهرين خواب" جي آخر ۾ پرپور انداز سان تجزيو ڏنو آهي، جنهن ۾ پنهنجي راءِ جو واڌارو ڪري ان جي درست هجڻ جي پوري تصديق ڪئي آهي.

جيترائي هوندي آهي.[1] جهڙيءَ ريت مناسب حد تائين سيڙپڪار کي رقم جي اڪلاءَ جو اختيار هوندو آهي، تيئن خوابن جي تعمير ۾ هيڪاري هڪ وڏي تفصيل ذريعي نروار ڪرڻ جو مقصد لاڳو ڪرڻ جي قابل هوندي آهي. ڪيترن خوابن ۾ ان جي مرڪزي نڪتي کي ڳولهي ونڊڻ آسان هوندو آهي، جيڪو خاص حواسي شدت ذريعي نشاندهي ڪندو آهي. جيئن مان صفحي 417 تي لکي آيو آهيان.

اهو مرڪزي نڪتو اصولي طور خواهش جي پورائي جي نمائندگي ڪندڙ هوندو آهي. ان لاءِ ته جيڪڏهن اسان خوابي ڪم جي لاءِ آندل هڪ جاءِ کان پي جاءِ واري متا سٽا يا گم ڪري ڇڏڻ وارا خيال، دل ۾ نه آڻيون ته اسان ڏسنداسين ته خوابي خيالن ۾ ترڪيب عنصرن جي نفسياتي شدت به اصل خواب جي متن ۾ حواسي/ دماغي شدت وارن جزن جي ذريعي منتقل ٿي ويندي. جيڪي ترڪيبي جزا خواهشن جي پورائي جا پاڙيسري هوندا آهن. گهٽو ڪري ساڻس مطلب سان مطلب رکندا آهن. پر اخذ ڪيل ايذائيندڙ خيالن ۾ بدلجي ويندا آهن. جيڪي خواهش جي خلاف ڊوڙڻ لڳندا آهن. پر پنهنجي وجود ۾ پابند هجڻ جي باوجود مرڪزي نڪتي سان هٿراڏو طور ڳانڊاپو ڇو قائم رکندا آهن؟ اصل ۾ انهن کي تمام گهٽي شدت جي ضرورت پوندي آهي، جيڪا انهن کي خواب ۾ پيش ٿيڻ جي قابل بڻائيندي آهي. اهڙيءَ ريت خواهشن جي پورائي جي "طاقت" جو نمائندگيءَ لاءِ "عيوضي" ٿي اچڻ پنهنجي اوسي پاسي وارن انهن دائرن ۾ ڏنڊلو ٿي ويندو آهي، جن ۾ سمورا عنصر اچي وڃن ٿا ۽ اهي به جن جو انهن ۾ ڪو مطلب نه هوندو آهي. خوابن جي معاملي ۾ اهي عنصر جيڪي ڪيترين ئي خواهشن جي ذريعي ذهانت سان هلندا آهن. انهن جي لاءِ مختلف خواهشن جي پورائي جي حدن کي لاحد ڪرڻ آسان هوندو آهي، ۽ خوابن ۾ رهجي ويل خال، انهن دائرن/ مدارن ۾ گهٽو ڪري سرحدي دائرن/ مدارن جيان سمجهه ۾ ايندڙ هوندا آهن.

جيتوڻيڪ اسان مثال طور پيش ٿيندڙ ڳالهين جي ڪري غور فڪر وارن انهن معاملن جي اهميت کي گهٽائيندا آهيون، جيڪي خوابن ۾ ڏينهن جي باقيات جي ذريعي ڪردار ادا ڪن ٿا، پر اهي، انهن ڏانهن ڏيان ڏيڻ لاءِ ڪجهه وڌيڪ ڪارائتا ٿين ٿا. مان ان خيال جو آهيان ته اهي خواب جي جڙڻ جو لازمي جزو هوندا آهن. هيل تائين جيڪي تجربا پڌرا ٿيا آهن، انهن جي حيرتناڪ حقيقت اها آهي ته هر ڪنهن خواب جي متن ۾ ويجهي ڏينهر واري وقت جي تاثرن جو ڪو نه ڪو واسطو ضرور آهي. گهٽو ڪري غير اهم يا ناقص قسم جو ئي سهي، پر اهو ڳولهي لهڻ جهڙو هوندو آهي. اسان هن وقت تائين ان خوابي نظام جي آميزش جي وضاحت جي ضرورت متعلق ڪو اضافو نه ڪيو آهي، ۽ ائين ڪرڻ رڳو ان طرح ممڪن آهي ته جيڪڏهن اسان پنهنجي ذهن ۾ مستحڪم خيال قائم ڪريون ته لاشعوري خواهش جي ذريعي جيڪو حصو پنهنجو ڪردار ادا ڪري ٿو اهو اعصابي خلل واري نفسي عمل کان معلومات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اسان اڳ ۾ اهو سکي آيا آهيون ته لاشعوري خيال، پنهنجي شدت کي منتقل ڪرڻ جي ذريعي، ۽ پاڻ کي محفوظ ڪرڻ لاءِ تحت شعور ۾ داخل ٿيڻ جي قابل هوندا آهن ۽ اهو به ته ڪنهن به اهڙي خيال سان واسطي قائم ٿيڻ جي ذريعي، اتي جي ڪنهن به تاثر جي رڳو ذهني سرگرمي يا مشق ٿي سگهي ٿي، جيڪو خيال اڳ ۾ ئي تحت شعور جي ملڪيت هوندو آهي. هتي اسان کي انتقال (Transference) جي حقيقت[2] حاصل ٿئي ٿي، جيڪا اعصابي خلل واري ذهني زندگيءَ متعلق ڪيترين ئي حيرت ۾ وجهندڙ منطقي مشاهدن جي وضاحت مهيا ڪري ٿي.

---

[1] هڪجيتري مقدار يا هڪ جهڙائي پيدا ڪرڻ واري معاملي ۾ اهو "سرمايو" آهي، ۽ خواب جي سلسلي ۾ اها "نفسياتي سگهه" آهي.

[2] فرائيڊ پنهنجي خطن ۾ سڏائين اهو ساڳيو لفظ: "انتقال يا بدل سدل" (Ubertragung) استعمال ڪيو آهي. جيتوڻيڪ اهو نفسي عمل سان اڃ واڪيل نه آهي، پر هن ڪنهن حد تائين "مختلف" کي بيان ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو آهي. ان کي هن پهرين تحليل نفسيءَ جي طريقي سان ڪيل علاج دوران دريافت ڪيو هو جنهن کي هن، انهن همعصر (ساٿو يا شيون، جن جو عمل يا جذبا ڏيان ڇڪائين يا سامهون اچن) احساسن تي "منتقل ٿيڻ" جو عمل سڏيو هو جيڪي اصل واري انداز سان ۽ جيڪي لاشعوري طور تي هاراڻي عمر وارن ڏيان ڇڪائيندڙ جذبن سان لاڳو ٿي ٿيا. اهو لفظ هڪ ٻئي حوالي سان هن ڪتاب ۾ ظاهر ٿيو آهي.

لاشعوري رِٽ، جيڪا اهڙيءَ ريت شدت جي غير مستحق (Undeserved) حرارت حاصل ڪري ٿي، اها "انتقال" جي ذريعي، يا ته اڻ ٽٽيل (Unaltered) ڇڏي ڏيندي آهي يا جيڪو خيال جي ان متن منجهان اچي ٿو ان تي، ترميمي طريقي جو دباءُ وجهي سگهي ٿي، جيڪو "انتقال" کي اثر انداز ڪري ٿو. مون کي اميد آهي ته اوهان روز مره زندگيءَ طرفان مشابهت رکندڙ تصوير ڏيڻ تي مون کي درگذر ڪندا. پر مان اهو چوڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو ته ڪنهن "ڏيجي ويل خيال" جي صورت ان سان مشابهه آهي، جيئن اميريڪا جي ڏڻدن جو ڊاڪٽر جرمنيءَ ۾ جنهن کي تيستائين ڪنهن به عمل جي اجازت نه هوندي آهي جيستائين اصولي طور تي طبي پيشي ۾ سند يافته نه هوندو ۽ ڪائيءَ جي گهوڙڙي وانگر خدمت نه ڪندو ۽ خاص طور تي قانون جي نظرن ۾ پناه ورتل نه هوندو. ۽ جهڙيءَ ريت ائين ڪڏهن نه ٿو ٿي سگهي ته ڪي جسماني علاج ڪندڙ ڪنهن وڏي سطح واري پيشي جي لاءِ ڏڻدن واري ڊاڪٽر سان ان قسم جو الحاق ڪري سگهي، بلڪل ائين، "تحت شعوري" يا "شعوري" خيال، جنهن "ڏيان" جو ڪشش ڪندڙ تمام گهڻو ذخيرو اڳ ۾ ئي گڏ ڪري ورتو هجي، ان جو تحت شعور ۾ هٽ وجهي، ڪنهن ڏيجي ويل خيال کي انفرادي طور چونڊڻ تيستائين ممڪن نه ٿو ٿي سگهي. جيستائين ان جي ڍڪ (Cover) جي صورت ۾ عمل نه ڪندو. لاشعور پنهنجي نسبتن کي تحت شعور جي چوڌاري موجود تاثرن، خيالن ۽ احساسن کي اٽڻ جي اهميت ڏيندو آهي، جيڪي يا ته "اڻ ڏريا" هوندا آهن، جن تي گهڻو "ڏيان ڏنل نه" هوندو آهي، يا وري اهي جيڪي "رد ٿيل" هوندا آهن، جن ته ڪاعدي ڏيان ڏري، پوءِ "هٽ ڪٽي ورتل" هوندو آهي.

اسان جيڪڏهن دعويٰ ڪريون ته ڏيجي ويل خيالن جي "انتقال" لاءِ ساڳئي ضرورت، جنهن کي اسان اعصابي خلل وارين بيمارين جي تجزيي ذريعي دريافت ڪيو آهي، سا پڙ خواب جي ڪم ۾ رڌل رهندي آهي، ته بلڪل هيٺين سطح تي خواب جون به ڳجهارتون سلجي ٽيون وڃن: ڇڙ ته هڪ حقيقت سامهون اچي ٿي وڃي ته خوابن جو هر تجزيو "تازي تاثر" کي ظاهر ڪندو آهي جيڪو پنهنجي تاڃي پيٽي ۾ اهڙيءَ ريت ئي اٽيل هوندو آهي ۽ اهو به ته: تازو عنصر گهڻو ڪري نهايت خسيس قسم جو هوندو آهي. ان متعلق اسان اڳ ۾ به چئي آيا آهيون ته ڪهڙو سبب آهي جو اهي تازا ۽ خسيس قسم جا جزا خوابن ۾ سمورن ۽ تمام آڳاٽي ۽ اوائلي خوابي خيالن لاءِ ڪنهن متبادل جيان لڳاتار پنهنجو رستو ڳولهي ونندا آهن. ۽ اهو به ته: اهي انهيءَ ڪاٽ ڪوٽ يا چنڊ چاڙ جي خطري کان به بيپرواهه هوندا آهن، جيڪا "مدافعتي قوت" متن مڙهيندي آهي.

پر جيئن حقيقت اها آهي ته غير ضروري يا معمولي عنصرن کي به چنڊ چاڙ طرفان ڪيل وضاحت سبب، آزاد هٽڻ جي ترجيح مليل هوندي آهي، ان جي ڪري ئي ته ويجهڙائيءَ وارا عنصر منتقل ٽيڻ جي عملي ضرورت لاءِ اهڙن ئي اصولي سٽاءَ وارن نڪتن سان ظاهر ٽينداآهن. تاثرن يا نشانن جا ٻئي ٽولا، انهن ڏيجي ويل خيالن جي گهرج کي، مواد لاءِ مطمئن ڪندڙ هوندا آهن. انهن جو رشتو واضع طور تي، انهن خسيس قسم جي خيالن سان ايجان قائم هوندو آهي، چاڪاڻ ته انهن وٽ تشڪيل ڏيڻ لاءِ واقعا/ موقعا نه هوندا آهن، ۽ ويجهڙائيءَ وارن عنصرن وٽ انهن کي جوڙڻ جو به وقت نه هوندو آهي.

پوءِ اهو ڏسي سگهجي ٿو ته ڏينهن واري بچت سچت، جن منجهان اسان هاڻي خسيس تاثرن يا نشانن جي درجي بندي ڪري سگهون ٿا، نه رڳو لاشعور کان ڪجهه اڏارو وٽ سان، جڏهن اهي خوابن جي جوڙجڪ ۾ پاڻي پائيوار ٽيڻ ۾ ڪامياب ٽين ٿا، ته لڳي ٿو ته جڙ ڊبلتي زور ڏيجي ويل خواهش جي رحم ڪرم تي هجي، پر اهو پڙ "منتقل" ڪرڻ لاءِ ڳاڏيابي جي ضروري نڪتن سان لاشعور کي ڪجهه نه ڪجهه پيش ضرور ڪندو آهي.

جيڪڏهن اسان جي اها خواهش هجي ته ذهني عملي نڪتن تي ايجان وڌيڪ گهرائيءَ سان نظر ڪريون، ته اسان کي تحت شعور ۽ لاشعور جي وچ ۾ جلد جذبات ۾ اڇڙ واري حالت جي هڪ ٻئي تي، اثرانداز ٽيڻ واري معاملي تي وڌيڪ روشني وجهڻي پوندي. ان موضوع جي اڳيرائي، جيڪا نفسي/ اعصابي مرض جي صورت ۾ اسان تشڪيل ڏني آهي پر انهيءَ تي، جيئن اڳيرائي ٽيڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ ايجان خوابن اسان کي ڪا خاص مدد ڪا نه ڪئي آهي.

مون وٽ "ڏينهن واري پونجيءَ" جي سلسلي ۾ شامل ڪرڻ لاءِ رڳو هڪڙي شيءِ وڌيڪ آهي: ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته "اها ئي هڪڙي شيءِ آهي" جنهن ۾ سمايل ايتريون سچيون پچيون ۽ بيزار ڪندڙ ڳالهيون به موجود

هوندیون آهن جیکي ننڊ ئي حرام کري ڇڏیندیون آهن، پر اهي خوابن کي تنگ نہ کندیون آهن، پر اهي ان جي ابتڑ هڪ "محافظ" جیان تعلق رکندیون آهن. مان ان نکتي تي اڳتي موٽي ایندس.

اسان کنهن حد تائین خوابي خواهشن جو اپیاس کیو آهي: اسان انهن کي انهن جي اصلي صورت ۾ لاشعور جي علائقن ۾ ڳولهي ورتو آهي. اسان انهن جو ڏینهن جي باقیات سان تعلق جو تجزیو کیو آهي. جن ۾ انهن جو مڙئ: یا ته خواهشن جي پاسي یا کن ٻین قسمن جي نفسي من اچل ڏانهن، یا وري ویجهڙائيءَ وارن نشانین جي طرف ٽیوٽي. ان رستي سان اسان هر کنهن جي دعويٰ لاءِ هڪ خالي جاءِ به چڏیسین ته متان کیترن ئي عنصرن ۾ عددن تي ٻڌل (Multifarious) سجاڳ خیالي سرگرمیون، خوابن جي تشکیلي عمل جي سلسلي ۾ کردار ادا کرڻ واري اهمیت جي حمایت ۾ نہ ایري اچن. اهو ناممکن ته نہ آهي، تنهن هوندي به اسان جو کاتو کلیل هجي ته جیئن انتهائي معاملن جون اهي سمجهاڻیون ۾ وضاحتون به شامل ٿي سگهن، جن ۾ هڪ خواب ڏینهن وارین سرگرمین ڏانهن راغب ٿیندو آهي ۾ جاڳ جیون جي انهن چند اڻ حل ٿیل مسئلن جو خوشگوار حل کڍي ڏیڻ لاءِ اچي رسندو آهي.

اسان سیني کي ان قسم جي مثال جي ضرورت آهي، ته جیئن اسان ان جو تجزیو به کري سگهون ۾ بالکپٽي وارن اصل سببن یا ڏیجي ویل خواهشن جا سرچشما ڳولهي سگهون، جن جي مدد کنهن مقصد سان واڳیل هجڻ ۾ تحت شعور جي سرگرمین جي کوششن کي سگهارو بنائڻ ۾ کامیاب ٿئي ٿي. پر اها سموري مدد اسان کي ان پیرولیءَ کي پیڻ ڏانهن هڪ قدم به اڳتي وڌي نہ ٿي هلي ته ائین چو آهي جو لاشعور وٽ سواءِ خواهش جي پورائي جي مقصد واري سگهه جي، ننڊ دوران ڏیڻ لاءِ ٻیو کجهه به نہ آهي. ان سوال جو جواب یقینن خواهشن جي نفسي فطرت تي روشني وجهڻ سان ملندو ۾ ان جي جواب ڏیڻ جو مقصد، نفسي/ ذهني کار وهنوار هلائیندڙ سرشتي متعلق تصوري رٿا واري خاکي (Schematic Picture) جي حوالي سان پیش کیل آهي.

ان ۾ شک نہ آهي ته نفسي/ ذهني کار وهنوار هلائیندڙ سرشتو پنهنجي حال (Present) واري پورٽٿا، ارتقا جو تمام ڊگهو عرصو لتاڙي پهتو آهي. اچو ته ان کي، ان جي عملي وسعت جي ابتدائي مرحلي ڏانهن، پوئتي کڻي هلڻ جي کوشش کریون. دلیل اهو آهي ته: ان جي جواز کي ٻین رخن ۾ ڏسڻ، اسان کي ٻڌائي ٿو ته پهرین نفسي/ ذهني کار وهنوار هلائیندڙ سرشتي جون کوششون ان تسلسل واري پاسي هیون، جیکي جوش اپاریندڙ تحرک لاءِ به ممکن حد تائین آزاد هیون[1] نتیجي ۾ ان جو پهریون ڏانچو "اولڙو کندڙ" وهنواري منصوبي تي هلڻ لڳو ته جیئن حواسي/ دماغي جذبات ان تي ٻیجا مداخلت کري ۾ خواهش کي منتقل کندڙ ایار سان گڏجي نه پهچ نیکال کري سگهي. پر زندگيءَ جي تکڙي ڊیان طلبیندڙ حالتن، ان سادي عملي تسلسل ۾ رکاوٽ ٿي وڌي، ان کري ان وهنوار جي وڌیڪ ترقيءَ لاءِ ان کي "محرک" تي پابند کیو ویو. زندگيءَ جي هنگامي حالتن پهرین ته جسماني جیو گهرڻن جي اهم ضرورتن جي صورت ۾ ان سان مهاڏو اٽکایو. اندروني ضرورتن جي ذریعي جلد جوش ۾ اچڻ واریون حالتون یا جذبا پیدا ٿیا، جن نیکال/ اظهار لاءِ تحرک جي تلاش کئي، جن کي "اندروني تبدیلي" یا "جذبن جي اظهار" طور بیان کیو ویو جهڙوڪ: بک وگهي هڪ ٻارڙيءَ جو رڙیون کرڻ یا بیکسيءَ وچان ڏڙها/ ٽڏا هڻڻ.

پر صورتحال ساڳي اڻ ٿیل رهي. جلد جوش ۾ اچڻ واري حالت لاءِ، جیکا اندروني ضرورت تحت اپري ٿي آئي، اها گهڙي پل واري تاثیر یا احساس جي پیدا ٿیل زور جي کري نہ هئي. پر ان لاءِ هئي، جنهن لاءِ هڪ مسلسل کاروائيءَ جي ضرورت هئي. تبدیلي رڳو ان صورت ۾ اچي سگهي پئي، جیکڏهن کنهن طریقي (جیئن ٻارڙيءَ پئي کیو) یا پئي "اطمینان

---

[1] اهو هٽ ٿوکیو "استقلال وارو اصول" آهي، جنهن کي "مسرت کان مٿانهین اصول" تحت بحث کیو ویو هو پر اها بنیادي دعويٰ اڳي ٿي موجود هئي، جنهن کي فرائیڊ پنهنجي نفسیاتي تحریرن ۾ آندو آهي (مرتب جو نوٽ)

جي تجربي" جي ذريعي حاصل ڪري سگھجي ها. جيڪا اندروني طور اپرندڙ تحريڪ کي پڄاڻيءَ تي رسائي پئي سگھي. ان "اطمينان جي تجربي" جو لازمي عنصر هڪ "خاص ادراڪ" آهي (اسان جي مثال مطابق اها "خوراڪ" آهي)، گذاريل ڏينهن جي ياداشت ۾ مدد ڏيندڙ (Mnemic) اهو تصورا جيڪو تڏهن کان وٺي ماٺهوءَ سان واڳيل رهيو آهي، جڏهن کان "ضرورت" جي ڪري جذبن جي پيداوار ٿي آهي ۽ ماٺهوءَ ئي ان کي دريافت ڪيو آهي ۽ يادگيرين جي ذريعي سانڍيو آهي. ان سلسلي جو نتيجو آخرڪار قائم ٿي ويو ان کانپوءِ هيو وقت اهڙو آيو جو ان "ضرورت" نفسي من اچل/ ذهني ترغيب کي ٽيڪ ڏني ۽ اها بنا دير جي انساني سوچ ۾ داخل ٿي وئي، جنهن نفسي/ دماغي قوت ذريعي گذاريل ڏينهن جي ياداشت ۾ مدد ڏيندڙ ادراڪيل تصوراتي عڪسن/ منظرن کي هيهر ڳولهڻ ۽ هيهر سڏڻ ۽ پڪارڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن کي "اصلوڪي اطمينان جي صورتحال کي هيهر بحال ڪرڻ" سڏيو ويو.

ان قسم جي "من اچل" کي اسان ان ڪري "خواهش" سڏيون ٿا جو اهو ادراڪيل من اچل جو هيهر اظهار ٿي ته "خواهش جو پورائو" آهي، ۽ خواهش جي پوري ٿيڻ جو رستو به ڪيڏو نه مختصر آهي، ۽ هي اهو ئي رستو آهي، جيڪو ادراڪ/ سمجهه جي مڪمل نفسي/ ذهني قوت جي ضرورت جي ذريعي، پيدا ٿيل جذبن جي ايار واري علائقي کان سڏي سنئين رهنمائي ڪندو آهي. اسان کي اهو تسليم ڪرڻ کان ڪو به روڪي نه ٿو سگھي ته اتي نفسي/ ذهني ڪار وهنوار هلائيندڙ سرشتي جي هڪڙي تمام اوائلي قسم جي وادي هوندي آهي، جنهن ۾ اهو رستو اصل ۾ واديءَ منجهان آڏي ترڇي انداز سان ٺهيل هوندو آهي، جنهن ۾ خواهشون سواداءَ پيون پڇائيندیون رهنديون آهن. اهڙيءَ ريت ان نفسي سرگرميءَ جو پهريون مقصد "ادراڪيل شناخت" (اطمينان جي تجربي سان هوبهو انداز ۾ ادراڪيل) کي پيش ڪرڻ هوندو آهي، ۽ ادراڪ جو ورجاءُ جيڪو ضرورت جي مطمئن ٿيڻ سان ڳنڊيل هوندو آهي.

زندگيءَ جي تمام سخت تجربي، ان آڪاٿي قسم جي خيالن جي سرگرميءَ کي، هڪ وڏيڪ ڪارائتي ۽ هيءَ تدبير ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. "ادراڪيل شناخت" (Perceptual identity) جو "واپسيءَ" (Regression) واري نندڙي عملي رستي سان گڏجي نفسي/ ذهني ڪار وهنوار هلائيندڙ سرشتي ۾ قيام ڏهن جي ڪنهن به پاسي ساڳيو نتيجو نه ٿي ڏنو جيئن خيال تي غور ڪرڻ جي نتيجي ۾ استعمال ٿيندڙ ذهني قوت يا جذباتي حملي (Cathaxis) جي ادراڪ منجهان ٿي نڪتو. "اطمينان" مخالفت جي باوجود ثابت قدم رهڻ جي ضرورت جي پيروي ڪا نه ٿي ڪئي. اندروني ذهني قوت کي به بيروني عضوياتي قوت جيان پنهنجي هڪ اهميت ٿي سگھي ٿي، جيڪڏهن ان کي برقرار رکڻ لاءِ ڪا روڪ ٽوڪ نه هجي، جيئن وهم ۽ سوداءَ جي ذهني انتشار واري مرض (Hallucinatory Psychoses) ۾ ۽ بک ۾ تصوراتي دنيا جا فڪر (Phantasies) ظاهر ٿيندا آهن. جيڪي ماٺهوءَ جي سمورين نفسي/ ذهني سرگرمين کي برباد ڪري ڇڏيندا آهن ۽ خواهش جي حاصلات جي مقصد سان جذباتي طور واڳي ڇڏيندا آهن. ڪنهن نتيجي تي پهچڻ جي حوالي سان نفسي قوت جي تمام گهٽي قابل قدر خرچ لاءِ "واپسيءَ" کي، ان جي پوري خرچ ٿي وڃڻ کان اڳ روڪڻ جي عمل کي به ڏيان ۾ رکڻ ضروري هوندو آهي، ته جيئن اها گذري ويل ڏينهن جي ياداشت ۾ مدد ڏيندڙ تصوراتي صورت کان اڳتي نه نڪري وڃي ۽ ٻين رستن جي ڳولها ڪرڻ جي قابل ٿي سگھي. جيڪي آخرڪار انهيءَ گهربل "ادراڪيل شناخت" تائين سندس رهنمائي ڪندا آهن. جيڪا بيروني دنيا جي هدايتن پاران قائم ٿيل هوندي آهي.[1]

"واپسيءَ" جو ڪنهن لاڙي، جذبي يا سوچ کي روڪيندڙ ذهني عمل ۽ تنهن کانپوءِ جلد جذبات ۾ اڇڻ واري حالت جو موڙ ان ٻئي سرشتي جو ڏنڏو هوندو آهي، جيڪو غير ارادي/ حادثاتي تحرڪ جي قبضي ۾ هوندو آهي، جيڪو پنهنجي پهرين پيري لاءِ چرپر جو استعمال انهن مقصدن لاءِ ڪندو آهي، جيڪي ڪيس اڳ ۾ ياد ڪيل هوندا آهن. ۽ مونجهارو پيدا ڪندڙ سمورين سرگرمين، ان وقت جي چرپر لاءِ نفسي/ ذهني قوت ذريعي ياداشت ۾ مدد ڏيندڙ ادراڪيل تصوراتي عڪسن/ منظرن منجهان ڪتجي (Spun Out) ايندا آهن. اتي اها ادراڪيل شناخت، بيروني دنيا جي ذريعي قائم ٿيل هوندي آهي.

---

[1] حاشيو 1919 ۾ شامل ڪيل: ٻين لفظن ۾، اها چتائي ٿي ويندي آهي ته اتي يقينن حقيقي جاچ پڙتال جا اصول قائم آهن، ته جيئن ڏسي سگھجي ته شيون يا معاملا حقيقي آهن يا نه

خيالن جي اها سموري سرگرمي، خواهشن جي پورائي ڏانهن وڃڻ واري رستي جي لاءِ رڳو هڪ "چوسول" کي قائم ڪندي آهي، جيڪو يقيني طور تي تجربي جي بنياد تي جڙيل هوندو آهي.[1]

خواب اصل ۾ پاڻ ڪجهه به نه هوندو آهي، بس رڳو وهم، "سوداءَ يا پورن پچائڻ وارين خواهشن جو نعم البدل" هوندو آهي، ۽ اهي خواهشون خود ئي شاهد هونديون آهن ان ڪري خواب به خواهشن جي پورائي وارا ٿي ويندا آهن. تيستائين ڪجهه به نه هوندو آهي جيستائين اسان جي ڪا خواهش، اسان جي ذهني سرشتي کي ڪم ڪرڻ لاءِ ترتيب نه ٿي ڏئي. خواب! اصل ۾ پنهنجي خواهش کي پورو ڪرڻ لاءِ "موت ڪائڻ" واري ننڍڙي رستي سان گڏجي، اسان لاءِ رڳو محفوظ ڪندو آهي، ان حوالي سان اهو نفسي/ ذهني سرشتي جي، وهنوار جي ابتدائي اسلوب جو هڪ نمونو هوندو آهي، هڪ اهڙو اسلوب! جيڪو پنهنجي قابليت ۾ تمام گهٽ واڌ ۾ ڇڏيل هوندو آهي. جاڳ جيون کي ڪهڙي ڳالهه غلبو ڪيو! جيتوڻيڪ ذهن به تيستائين جُوان هو ۽ منجهس سوچڻ سمجهڻ جي قابليت به گهٽ هئي، پر هاڻي اهو ائين نظر ايندو آهي، جڏ رات جي وڳڙي ۾ تمام آڳاٽن هٿيارن، جهڙوڪ تيرن، تلوارن ذريعي ڪيس ڏيڻ نيڪالي ڏني وئي هجي، جنهن کي جوڌا جوان اڏ رستي تي ڇڏي آيا هجن، اهو وري هڪ پيرو اهڙي جاءِ تي موٽي ايندو آهي جتي، جيئن هارڻن کي وقتي طور سنيالڻ لاءِ رکبو آهي يا جتي ننڍا ننڍا ٻوٽا رکيا آهن ته جيئن انهن جي پيوندڪاري ڪجي.

"سپنا ڏسڻ ٻاراڻي ذهني زندگيءَ جو حصو هوندو آهي، جيڪو ڏيڻ ۾ ڏکيو آهي."

نفسي/ ذهني سرشتي جي حوالي سان ان قسم جي ڪم جا اصول، جيڪي عام طور تي ڏينهن وارن وقتن ۾ ڏيڻ ۾ ڏکيو ويندا آهن، اهي ذهني انتشار واري نفسي مرض ۾ هڪ پيرو پيهر ويجهڙائي وارا ٻڌجي ويندا آهن، ۽ ان کانپوءِ اسان جي ضرورتن ۽ خواهشن جي اطمينان لاءِ بيروني دنيا جي تعلق سان عدم حيثيت يا موزونيت جي گهٽتائيءَ جو اظهار ڪندا آهن.

لاشعوري آرزومند سوچن واريون ترغيبون گهٽو ڪري ڏينهن جي وقت ۾ پاڻ کي، چٽيءَ ريت اثرائتو ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن، ۽ "انتقال" (Transference) جي حقيقت اها آهي، جيئن اسان کي ذهني انتشار واري نفسي مرض (Psychoses)، ۾ نظر ايندو آهي، جيڪي تحت شعور جي سرشتي تي پنهنجي سنجيده ڪوشش جو زور لڳائي شعور ۾ داخل ٿيندو آهي ۽ پوءِ چرپر جي قوت جو قبضو هٽ ڪري ونڊندو آهي. اهڙيءَ ريت لاشعور ۽ تحت شعور جي وچ ۾ انهن دليلن جي چنڊچاڻ ٿيندي آهي، جن جي هئڻ جو عمل، اسان جي خوابن تي هڪ مثبت قوت ٻڌجي ايندو آهي، اسان جي ذهني صحت لاءِ شناخت جو حق ادا ڪرڻ ۽ نگهبان جيان عزت ڏيڻ جو ڪم ڪندو آهي. اسان بهرحال پنهنجي لاپرواهيءَ جي ڪري ان نگهباني‌ءَ واري ڪردار جي عزت نه ڪندا آهيون حالانڪ رات جو ان جون سرگرميون اسان کي سڪون بخشيندڙ آهن، هو ته ڏهڻ ويل چاهتن کي لاشعور ۾ اچڻ جي اجازت ڏيندو آهي، گم ٿي ويل نشان ڳولهيندو آهي، ۽ انهن پورن انهن سورن کي، موٽائي ٻيهر پيش ڪرڻ کي ممڪن ٻڌائيندو آهي؟

مان سمجهان ٿو ته صفا ائين به نه آهي! جو اهو نگراني ڪندڙ تنقيدي چوڪيدار رڳو آرام ڪندو هجي، ۽ اسان وٽ ثبوت به آهي ته هن جي ننڍ ايڏي گهري نه هوندي آهي يا هو چرپر واري سگهه جا دروازا به ٻيڪڙي چڏيندو آهي. هن کي انهيءَ جي پرواهه نه هوندي آهي ته عام رواجي طور لاشعور جون کهڙيون چاهتون، ڪنهن لاڙي، جذبي يا سوچ کي روڪيندڙ ذهني عمل واريون آهن، جيڪي گهوڙي وانگر داسوڙا هڻي منجي تي چڙهي سگهن ٿيون، اسان ان تعلق جي ضرورت کي محسوس نه ڪندا آهيون، اهي تيستائين بي ضرر هونديون آهن، جيستائين اهي متحرڪ سرشتي جي چرپر کي حرڪت ۾ نه آڻين، جنهن

---

[1] خوابن جي "خواهشن جي پورائي" واري سرگرميءَ جي باري ۾ "لي لورين" (Le Lorain_ 1895) واجبي طرح ساراهه ڪئي آهي: جنهن لاءِ هو چوي ٿو ته: "خواهشن جي پورائي لاءِ ائين نه ٿيندو آهي، جيئن ٽڪ يا ماندائيءَ واري ڪيفيت ۾ سنجيدگيءَ سان ڪنهن اٿوندڙ شيءِ يا بار ڪڍ ۾ بيزاري ٿيندي آهي يا جيئن سفر سيڙپ يا ڪاروبار ڪرڻ لاءِ ڪا ڏکيهي جدوجهد ڪرڻي پوندي آهي ۽ مختلف رستا اختيار ڪرڻا پوندا آهن، ۽ زندگيءَ جو سمورو لطف برباد ٿي ويندو آهي.

جي ذريعي اڪيلي سِر باهرين دنيا ۾ ترميم ڪري سگهنديون آهن. نند جي حالت، ڪنهن ڪوٺ ۾ پناهه ڏيڻ جي ضمانت ڏيندڙ هوندي آهي، ان جي ڪري ان جي سنيال انتهائي اهم ٿي ويندي آهي.

صورتحال ۾ ن وقت گهٽ بي ضرر هوندي آهي، جڏهن خواب وچايل شين جي عيوض ڪجهه ٻيون اهڙيون شيون آڻيندو آهي جيڪي تنقيدي چنڊچاڻ جي اخراجي قوت جي ڪري، رات جي آرام جو سبب نه بڻجنديون آهن. ۽ مرض جي حوالي سان ان قوت ۾ گهٽتائي اچي ويندي آهي، يا ائين چئجي ته اهو لاشعوري جذبن جي ايارن کي، مرض جي حوالي سان زور ونائڻ يا تيز ڪرڻ جو عمل هوندو آهي، جيتوڻيڪ تحت شعور اڃان نفسي قوت (Cathect) جي ذريعي طاقت حاصل ڪرڻ ۾ رڌل هوندو آهي ۽ پنهنجي پرسان ٻيڙل چرپر جي قوت کي گذرڻ لاءِ رستو ناهي ڏيندو آهي. جڏهن ائين ٿيندو آهي ته نگراني ڪندڙ اڃان وڌيڪ طاقتور ٿي ويندو آهي، تڏهن لاشعوري (Usc) جذباتي ايار، تحت شعور (Psc) تي غلبو ڪري وڃندو آهي، بعد ۾ اسان جي ڳالهائڻ ۽ چرپر تي ضابطو حاصل ڪري وڃندو آهي: يا زوريءَ سوداءَ وارن خيالن کي موڪلائي آڻيندو آهي. ۽ ڏهني ڪار وهنوار هلائيندڙ سرشتي کي (جيڪو ان جي استعمال لاءِ تشڪيل ڏنل نه هوندو آهي) ادراڪ جي تجرباتي موهيندڙ مهارت جي ذريعي، اسان جي نفسياتي قوت جي تقسيم کي هدايتون ڏيندو آهي. ان قسم جي حالت ۾ ٿيندڙ معاملن کي اسان "ڏهني انتشار وارو نفسي مرض" (Psychoses) چوندا آهيون.

هاڻي اسان ان رستي تي پهتا آهيون جتان پاڻ "ايي ٿيٽ" (Erection) متعلق نفسياتي عمارت جي اڏڻ ۾ ڪتب ايندڙ ڪوازن ۽ ٻئي سامان سان گڏ اڳتي هلنداسين، جنهن کي اهڙي نڪتي تي روڪي آيا هئاسين، جتي هڪڙا ۽ سرشتا "لاشعور" (Usc) ۽ تحت شعور (Psc) متعارف ڪرايا هئا. ۽ هتي ان کي توسيع ڏيڻ جا ڪجهه ٻيا سبب آهن ته جيئن اسان "خواهشن" متعلق، خوابن جي تعمير لاءِ اڪيلي سِر ڪم ڪندڙ نفسي/ ڏهني متحرڪ قوت تي ٿورو وڌيڪ غور ڪريون. اسان اهو خيال به قبول ڪيو آهي ته اهو ڪهڙو سبب آهي جو خواب بنا تبديليءَ جي يا ثابت طور تي "خواهشن جو پورائو" ڪندا آهن، ائين ته نه آهي ته اهي لاشعوري سرشتي جي پيداوار هجن، جن جي سرگرميءَ کي، خواهشن جي "پوري ڪرڻ کان سواءِ" ٻيو ڪجهه سمجهڻ جي نيت ئي نه هوندي آهي، ۽ جنهن وٽ چاهت وارين ترغيبن کان سواءِ ڪنهن ٻين قوتن تي اختيار نه هوندو آهي. جيڪڏهن اسان پنهنجي ڳالهه تي زور ڏيندا سين، ته ان جي باوجود ته اسان جي درست بنيادن ٻڌل، خوابن جي تجزيي متعلق، نفسي/ ڏهني سوچن يا ڪلپنائن (Speculations) جي دور رس نتيجن سبب ڪا ڏگهي هلچل شروع ٿئي ته ان کي ثابت ڪري ڏيکارڻ لاءِ اسان پابند به آهيون ته اهي نفسي/ ڏهني سوچون يا ڪلپنائون اسان کي اسان جي رابطن منجهان ئي، خوابن ۾ داخل ڪرڻ لاءِ وسيلا مهيا ڪنديون آهن، جيڪي ڪن ٻين نفسي/ ڏهني جوڙجڪ وارن معاملن کي به شامل ڪري چڏينديون آهن. جيڪڏهن اهڙي ڪا شيءِ لاشعور وٽ موجود هوندي آهي، يا ڪنهن لحاظ سان ان جهڙي، (اسان جي بحث جي حوالي سان) ڪا ٻي شيءِ هوندي آهي ته خواب! رڳو پنهنجي طرفان اها وضاحت ڪري نه سگهندا آهن ته هر خواب، خواهشن جو پورائو هوندو آهي، پر خوابن کان سواءِ، ٻيون به ڪيتريون صورتون آهن، جن ۾ ماڻهن جون غير رواجي طريقن سان اونڌيون سڌيون خواهشون پوريون ٿيندڙيون رهنديون آهن. ۽ اها حقيقت آهي ته جيڪو نظريو: سمورين دماغي بيمارين، نفسي/ اعصابي خلل وارن اهجاڻن کي پڃاڻيءَ تائين پهچائڻ جو انتظام هڪڙي ئي رٽيل منصوبي تحت سنياليندو آهي، اهو پاڻ اعلان ڪندو آهي ته: اهي پورائي جي حوالي سان تحت شعور جون ئي خواهشون آهن.[1] اسان جي وضاحت خواب کي رڳو پنهنجي طبقي/ درجي ۾ پهريون ڪارڪن ٻڌائي ٿي، جيڪو نفسيات جي ماهرن لاءِ نهايت وڏو اظهار ڪندڙ

---

[1] حاشيو 1914 ۾ شامل ڪيل: "يا ائين چوڻ وڌيڪ درست ٿيندو ته: هڪ اهجاڻي حصو لاشعوري خواهشن جي پورائي سان مطابقت ٿو رکي ته ٻيو حصو ڏهني تعمير سان ٿو رکي، جيڪو خواهش جي خلاف ڪم ڪندو آهي."

هوندو آهي، جنهن ۾ هڪ سمجھ هوندي آهي، جيڪا، خالص طور تي نفسي/ دماغي طب جي مسئلن جي، نفسياتي رخ ذريعي نتيجي (هڪ کي ٻئي کان جدا ڪرڻ جي عمل) تائين رسائيءَ جي دلالت ڪندي آهي.[1]

خواهشن جي پورائي جي ان طبقي/ درجي جو ٻيو ڪارڪن، مثال طور جنسي بيماريءَ، ٻيڇيني يا چٽپڙ (Hysteria) ۾ مبتلا آهي تہ ان ۾ هڪ لازمي قسم جي ڪرداري وصف هوندي، پر مان ان کي خوابن منجھان ڳولھي نہ سگھندس. مان تحقيق مان سکيو آهي، جنهن کي مان هن ڪم جي دوران ڪيترا ڀيرا شامل ٻہ ڪيو آهي تہ هيسٽيريائي مرض جي اهڃاڻي جوڙجڪ جي سلسلي ۾ ڪنهن ڇاڻايل شيءِ کي آڻڻ واري صورت، اسان جي ذهن جي انهن ٻنهي رجحانن جو هڪ راءِ ٿي، هڪ نڪتي تي اچي گڏ ٿيڻ هوندو آهي. مرض جو ڪو ٻہ اهڃاڻ، لاشعوري خواهش جو رڳو تسليم ڪيل تاثر نہ هوندو آهي، تحت شعور منجھان هڪ خواهش، جيڪا مرض جي ساڻگئي ئي اهڃاڻ/ آثار ذريعي پوري ٿي سگھندي آهي، اها پڻ موجود هوندي آهي. جيئن تہ مرض جي اهڃاڻ/ آثار وٽ، هر حالت ۾ تعين ڪرڻ لاءِ گھ ۾ گھٽ ٻہ عنصر هوندا آهن: هڪڙو هر ان سرشتي منجھان شامل هوندو آهي، جيڪو تضاد سان واڳيل هوندو آهي. جيئن تہ خوابن جي معاملي ۾ قطعي طور تعين ڪندڙ عنصرن جي اهڃاڻن/ آثارن جي گھڻن جوازن پيدا ڪرڻ جي وڌيڪ گنجائش نہ هوندي آهي جو حاضر ٿي سگھن. ان ڪري اهي! هر حالت ۾ تعين ڪندڙ عنصر، بنا تبديليءَ جي لاشعور (Usc) منجھان نہ ايرندا آهن. جيتري قدر مون کي معلوم آهي تہ خيالن جو وهڪرو لاشعوري خواهش جي خلاف ردعمل ڏيندو آهي. جھڙوڪ "پاڻ کي پاڻ سزا ڏيڻ" ان ڪري مان بھرحال هڪ عام دليل ڏيندو آهيان تہ هيسٽيريا جا اهڃاڻ رڳو اتي وڃڻ لڳندا آهن، جتي ٻن مخالف خواهشن کي پورو ڪرڻو هوندو آهي، ۽ اهي مخالف خواهشون ڌار ڌار ۽ مختلف نفسي/ ذهني سرشتي منجھان ايرنديون آهن، ۽ هڪ ئي تاثراتي نڪتي تي گڏ ٿيڻ جي قابل هونديون آهن (ان سلسلي ۾ منهنجي لکيل مقالي: "جنسي بيمارين ٻيڇيني ۽ چٽپڙ جي اهڃاڻن" جي متعلق منهنجي ويجھڙائيءَ واري "هيستريائي تصوراتي دنيا" جو "ٻہ طرفي جنسي رويي (Bisexuality) سان تعلق جي نسخي/ ترڪيب کي پيٽائي ڏسو.) هتي مثال ذريعي مختصر نموني مقصد کي پيش ڪري سگھجي ٿو. منهنجي هڪ مريض خاتون جنهن کي جڏهن دورو پوندو هو تہ اوڪارا ڏيندي هئي، ۽ الٽيون ڪندي هئي. هن کي لاشعوري طور ڊپ ويڙهي ويو هو تہ پنهنجي دوست سان ملاقات ڪرڻ سبب ڏکي ٿي وئي آهي. انهن الٽين سبب هوءَ تمام گھڻو ڪمزور ٿي وئي ۽ سندس سونهن ٻہ جھڪي ٿي وئي. اهڙا اهڃاڻ خاص طور پاڻ کي سزا ڏيڻ وارن خيالن جي وهڪرن لاءِ مجرڻ جھڙا هوندا آهن ۽ خود "ٻني جنسي رويي" جي حقيقت کي ٻہ ظاهر ڪن ٿا.

خواهش جي پورائي جو عملي طريقو ٻہ لڳيڃ ساڳيو آهي، جيئن اوائلي ايراني (Parthian) راڻيءَ قديم روم جي "ڪراسس" واري جوڙيل ٽن حڪمرانن تي مشتمل سياسي نظام (Triumvirate) کي ٻئي هلايو.

ڪراسس جو اعتقاد هو تہ هو سيزڙپڪاريءَ واري مهم ۾ دلچسپي ان ڪري ٿو رکي جو هن کي سون سان پيار آهي، ۽ هن جي مرڻ کانپوءِ سندس دولت سان موهہ سبب ايراني راڻيءَ سندس نڙيءَ ۾ سون پگھاري وجھرايو هو. ۽ ان وقت چيو هو:

"اچي هي وٺ! جنهن کي تو چاهيو پئي!"

پر انهن سيني ڳالهين جي باوجود اسان خوابن جي متعلق ان حد تائين ڇاڻي آيا آهيون تہ اهي خواهش جي پوري ڪرڻ جو اظهار لاشعور منجھان ڪندا آهن. جيتوڻيڪ اهو مٿيرو ۽ نمايان غلبو ڪندڙ نظر ايندو آهي، پر تحت شعور جو سرشتو ان ڳالهہ ۾ مطمئن ٿيندو آهي، جڏهن پگڙجي وڃڻ وارن معاملن جي ڪجهہ وڌيڪ تعداد کانپوءِ مٿس زور پريندو آهي. عام

---

[1] حاشيو 1914 ۾ شامل ڪيل: "جيئن هگلنگس جئڪسن" (Hughlings Jackson) چيو: "توهان سهڻن جي تلاش ۾ گھٽو ڪجهہ ڪري وٺو تہ توهان وري ٻہ ڇڻ ڪنهن ديوانگيءَ کي ڳولهي ولندا" (ارنيسٽ جونز جو قول 1911، جنهن پهريون پيرو هگلنگس جئڪسن جي واتان ٻڌو هو.)

اصول تحت اهو ممڪن نہ آهي تہ خيالن جي وهڪري کي ڳولهي لهجي، جيڪو خوابي خواهش جي مخالفت ڪندو آهي، ۽ خواب ۾ تسليم ڪرائيندڙ خيال! ان جي نقل يا ان سان گهٽي ملندڙ شيءِ يا ماڻهوءَ کي پڻ ڳولهي لهڻ مشڪل آهي. ها البت هتي پڪڙيل خوابي تشريحن کي اسان تخليقي ردعمل جي نشاني سمجهندا آهيون، جيئن هڪڙو مثال ڏنو اٿم تہ منهنجي "چاچي جي خواب ۾ (پيلي رنگ جي ڏاڙيءَ سان نظر آيل) منهنجي دوست "آر" لاءِ منهنجا ڏکارا احساس" (ڏسو باب چوٿون: خوابن ۾ تاثر جو بگڙجي وڃڻ: ص 272). پر اسان تحت شعور منجهان ڪٿان نہ ڪٿا ان جو گم ٿي ويل پاڻُ ڳولهي سگهون ٿا، جڏهن تہ لاشعور منجهان آيل خواهش، هر قسم جي بگاڙ جي ڪشالي ڪيڻ کانپوءِ پنهنجو اظهار خواب ۾ ڳولهي ونڊ جي قابل هوندي آهي، تڏهن مٿيرو غلبو ڪندڙ سرشتو ننڊ جي ڪري خواهش منجهان هٽ ڪيڻ ونندو آهي، اهو تسليم ڪندي تہ جيڪا خواهش ترميم جي حوالي سان ڪجي آئي آهي، تہ اها جذباتي حملي جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ ذهني قوت کي نفسياتي سرشتي جي عمل دوران پيش ڪرڻ جي قابل هوندي آهي، ۽ مخالفت جي باوجود اها قوت، ان خواهش ۾ ننڊ دوران سموري رات ثابت قدم رهندي آهي.[1]

تحت شعور جي حوالي سان اها تعين ڪيل خواهش، ننڊ جي تجربي لاءِ خواب جي تعمير ۾ هڪ عام سهوليت پيدا ڪندڙ نتيجو ڏيندي آهي. ٿورو ترسو! مون کي اهو خواب ياد ڪرڻ ڏيو... جيڪو هڪ شخص ڏٺو هو جنهن کي ٻئي ڪمري منجهان ايندڙ روشنيءَ جي ترورن نتيجي ڪيڻ جي رهنمائي ڪئي هئي، جتي مڪل ٻار جو لاش سڙي رهيو هو (ص: 740). پيءُ اهو نتيجو خواب ۾ ڪيڏيو ان جي بجاءِ جو روشنيءَ جي ترورن ذريعي پاڻ ئي سجاڳ ٿي پوي ها، پر هو سجاڳ تڏهن ٿيو جڏهن پنهنجي مڪل پٽ کي مٿان بيهي سڙڻ واري دانهن ڏيندي ڏٺو هئائين. ۽ اسان اهو به مشورو ڏنو هو تہ نفسياتي قوتن منجهان هڪڙي ئي ذميدار هئي، جنهن اهو نتيجو ڪڍيو هو جنهن ان هڪڙي لمحي ڪي، ٻار جي زندگيءَ جي تصوير ڏيکارڻ لاءِ ٿورو ڊگهو ڪري ورتو هو. ٻيون خواهشون "لاشعور ۾ دٻجي ويل" بنيادن منجهان ايندڙ يون آهن، جن کان اسان گهٽي حد تائين محتاط رهندا آهيون. ان ڪري اسان خوابن جي تشريح ڪرڻ جي قابل نہ هوندا آهيون، پر اسان اها دعويٰ ڪري سگهون ٿا تہ هن شخص جي خواب جي پيداوار ۾ وڏيڪ متحرڪ قوت پيءُ جي ننڊ ڪرڻ واري هئي، ٻار جي حياتيءَ جيان، جيڪا خواب لاءِ هڪ لمحي لاءِ ڊگهي ٿي وئي هئي، ۽ سندس ارادي تحت خواب هلندو رهيو يا "مان اٿي پوندس" هر ٻئي خواب ۾ جيئن ٿيندو آهي تہ ننڊ جي خواهش لاشعور کي سهارو ڏيندي آهي. صفحي 251 تي مان ڪجهہ خواب بيان ڪري آيو آهيان، جن ۾ خوابن جي طرفان ڏنل چٽي آساني جو اظهار آهي، پر حقيقت ۾ سمورا خواب اهڙي ساڳي ئي تصوير ڪشيءَ جي دعويٰ ڪندڙ هوندا آهن. ننڊ کي جاري رکڻ جي خواهش جي سلسلي ۾ ڏاڍي آسانيءَ سان جاڳ واريءَ حالت جيان خواب نظر ايندا آهن، جيڪي بيروني حواسي/ عضوياتي اپار يا جوش ۾ اهڙي نهڪندڙ طريقي سان ردوبدل ڪندا آهن تہ جيئن ننڊ جو تسلسل جاري رهي، اهي انهن بيروني حواسن کي جڙ رسين سان ٻڌي ڇڏيندا آهن، ان حوالي سان انهن کي باهرين دنيا جي عملي امڪاني يادگيريءَ کان محروم ڪري ڇڏيندا آهن. اها ساڳي خواهش يقينن، بهرحال بين سمورن خوابن کي ظاهر ٿيڻ جي منظوريءَ ۾ هڪ جيترو ڪردار ادا ڪندي آهي، پلي تہ اها رڳو جسم جي چرپر منجهان آئي هجي، پوءِ به اهي ان جي موضوع کي، ننڊ کان باهر ئي دهمڪ ۽ لوڏو ڏئي پري ڪري ڇڏيندا آهن. ڪجهہ معاملن ۾ جڏهن خواب شين کي گهٽو پري ڪٽي ويندو آهي تہ لاشعور شعور کي چوندو آهي:

"ڪا ڳالهہ ناهي، پلي ستل ئي هجين، آخرڪار اهو رڳو خواب ئي تہ آهي." (ص: 735). پر اها ڳالهہ خوابن جي حوالي سان اسان جي ذهني سرگرميءَ تي غلبي جي مجموعي رويي طور بيان ڪيل آهي، جڏهن تہ ان کي چٽي نموني اظهاريو نہ ويو آهي.

---

[1] مون هي خيال، "ننڊ جي نظريي" منجهان اڏارو ورتو آهي، جيڪو "لي بيولٽ" (Liebeault_ 1889) جو انهن محققن لاءِ پيش ڪيل آهي، جيڪي هن موجوده ترقي يافت دور ۾ به "منڊڻ يا هٿراڏو طور بيهوش ڪرڻ" جي (Hypnotic) عمل کي ورجائي رهيا آهن.

مان ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ: "ننڊ واري سموري حالت دوران اسان اعتبار جوڳي انداز سان ائين سمجهندا آهيون تہ اسان خواب پيا ڏسون. جيئن اسان سمجهندا آهيون تہ اسان ننڊ پيا آهيون."

اسان ان مخالف دليل تي پڻ سان ڪو خاص ڌيان ڪو نہ ڏنو آهي. تہ اسان جو شعور ايندڙ وقت جي معلومات کي نہ آڻي سگهندو آهي. البت اهو پراڻي معلومات کي آڻڻ تي اڪتفا ڪندو آهي. خاص انهن واقعن تي جڏهن انهن متعلق چندڀاڻ جو عمل ان جي هجڻ متعلق ڪجهہ محسوس ڪندو آهي. ۽ جيئن اهي موجود هئا. انهن تان نگراني ۽ جو هٿ هٽائي ڇڏيندو آهي.

ٻئي پاسي ڪجهہ ماڻهو اهڙا ٿين ٿا. جيڪي رات دوران بہ باشعور هوندا آهن تہ اهي ننڊ پيا آهن ۽ خواب ڏسي رهيا آهن ۽ اهي ئي پنهنجي خوابن جي شعوري حقيقت کي رخ ڏيندي نظر ايندا آهن. مثال طور جيڪڏهن ان قسم جو خواب ڏسندڙ خواب جي رخ متائڻ سبب مطمئن نہ ٿيندا آهن تہ اهي. جاڳڻ کانسواءِ ئي ان کي اتي روڪي سگهندا آهن ۽ پنهنجي رخ ۾ ٻيهر شروعات ڪندا آهن. جهڙيءَ طرح هڪ مشهور ڊراما نگار پنهنجي ذهني ڊپاءَ جي باوجود ان ڊرامي جي پڄاڻيءَ کي خوشگوار بڻائي سگهي ٿو. يا ٻئي پيري جڏهن خواب کيس جنسي جوش واري ڪنهن حالت ۾ مبتلا ڪري ٿو تہ هو پنهنجي منهن سوچي سگهي ٿو:

"مان اهڙي خواب سان وڌيڪ گڏ هلي نہ ٿو سگهان. ۽ نہ ئي مان پاڻ کي جنسي لذت ڏيندڙ اخراج ذريعي برباد ٿو ڪري سگهان. مان ان کي روڪي ونڊندس ۽ موٽائي ان پاسي ونڊي ايندس جتي حقيقي صورتحال موجود آهي."

"مارڪئس ڊي هيروي ڊي سينٽ ڊينيس" (Marquis d'Hervey de Saint_Danys,1867, 268 "واشيدي" (Vaschide_ 1911,139) جي قول جي حوالي سان دعويٰ ڪئي آهي تہ: "خوابن جي سلسلي ۾ ڪنهن عمل جي رفتار وڌائڻ جي قوت کي حاصل ڪرڻ تہ جيئن هو راضي ٿي وڃي. ۽ انهن کي اهو رخ ڏئي سگهي. جنهن جي هو چونڊ ڪري هن معاملي ۾ ائين ٿو لڳي تہ "ننڊ ڪرڻ جي خواهش" ڪنهن "پي تحت شعوري خواهش" کي جاءِ ڏئي ٿي. جڏ ان جي خوابن جو مشاهدو ڪندي هجي. ۽ ان مان لطف حاصل ڪندي هجي. ننڊ پنهنجي پٺ ۾ خواهش سان گڏ ائين هلي سگهندڙ/ پاڻ نسرندڙ هوندي آهي. جيئن جاڳڻ لاءِ ذهني طور محفوظ ڪيل مقصد سان هلندي آهي. ڪن خاص حالتن کي پورو ڪرڻو هوندو اٿس. جيئن ٻار کي سنياليندڙ ماءُ يا ٽيچ ڊارائيندڙ دائي (ص: 432). ان ڪانسواءِ اها هڪ مشهور حقيقت آهي تہ جن ماڻهن جي خوابن ۾ دلچسپي هوندي آهي تہ جاڳڻ ڪانپوءِ وٽن غور ڪرڻ لاءِ خوابن جو وڏو تعداد موجود هوندو آهي.

"فرينزي" (Ferenczi. 1911) خوابن جي رخ ڏيڻ جي چند بين مشاهدن متعلق هڪ بحث مباحثي ۾ اها نشاندهي ڪئي تہ: "خواب انهن خيالن تي ڪم ڪندو آهي. جيڪي ذهن کي والاري ونڊندا آهن. ان وقت هر پاسي کان: اهي هڪڙي خوابي عڪس کي روانو ڪري ڇڏيندا آهن. جيڪڏهن اهو خواهش جي پورائي واري ڪاميابيءَ ۾ خطرو يا گمان پيدا ڪندڙ هوندو آهي ۽ ڪنهن نئين حل جي تجربي منجهان گذرڻ لڳندو آهي. تيستائين اهي خواهش جي پورائي جي تعمير ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن. جيڪي آخر ڪار ذهن جي ٻنهي سرشتن کي. هڪڙي سمجهوتي تحت مطمئن ڪري ڇڏيندا آهن.

(4)

خوابن ذريعي احساس جو اپار
AROUSAL BY DREAMS
خوابن جو ڪم
THE FUNCTION OF DREAMS
فڪر ۽ ڳڻتيءَ جا خواب
ANXIETY- DREAMS

هاڻي تہ اسان اهو سمجهي ورتو تہ سموري رات دوران لاشعور ننڊ جي خواهش تي ڏيان ڏينڊو آهي. هاڻي اسان ان رستي تي پهچي ويا آهيون جو خوابن جي عملي ڪم واري سمجهہ کي ساڻ ڪٽي هڪ قدم اڳتي وڌون. پر منهنجو خيال آهہ " اڳ ۾ اسان ان جو خلاصو بيان ڪريون تہ اسان چا سمجهي/ سکي آيا آهيون!

صورتحال هيءَ آهي تہ: يا تہ پوئين/ گذريل ڏينهن جون بچيل سچيل ڳالهيون. جاڳ جيون جي سرگرميءَ منجهان نڪري ٿيون وڃن! ۽ اهو صفا ممڪن نہ آهي تہ ان مان جذباتي حملي جي نتيجي ۾ استعمال ٿيندڙ سموري ذهني قوت پوئتي هٽي وڃي! يا وري ڏينهن دوران جاڳ جيون جي سرگرمي. لاشعوري خواهش کي ڪنهن مسئلي يا مصيبت ۾ مبتلا ڪري ڇڏي. يا اهي ٻئي واقعا ڪو اتفاق يا مطابقت وارو معاملو جوڙيندا هجن (اسان ان ڏس ۾ هر قسم جي امڪانن متعلق اڳ ۾ ئي بحث ڪري آيا آهيون.) لاشعوري خواهش ڏينهن جي بچت سچت سان. پاڻ ئي منسلڪ ٿي ويندي آهي. ۽ مٽن بدل سدل واري صورت ۾ اثرانداز ٿيندي آهي. ائين يا تہ ڏينهن جو ٿيندو آهي. جيڪا تازي مواد منجهان منتقل ٿي آيل هوندي آهي. يا تازي خواهش جيڪا ڏيايل هوندي آهي. لاشعور پاران ڏنل سگهہ جي ذريعي هڪ نئين حياتي حاصل ڪندي آهي. اها "خواهش" پنهنجي زور ۽ جوش جو پيچرو. ان عام رواجي پيشقدميءَ ذريعي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. جيڪو خيالن جي عمل ذريعي. لاشعور کان شعور طرف ويندڙ چونڊيل رستو هوندو آهي (ان ڏانهن. جنهن سان خواهش حقيقي طور وابستا هوندي آهي). پر اها چنڊچاڻ جي خلاف اٿي ٻيهندي آهي. جيڪا تيستائين عمل ۾ مشغول هوندي آهي ۽ ٻين تي اثرانداز ٿيڻ جي سگهہ اڳيرائي ڪندي آهي. هن نڪتي تي اها بگڙجي وڃڻ تي ردعمل ڏيڪاريندي آهي. جنهن لاءِ خواهش جي تازي مواد سان مٽا سٽا ذريعي. رستي جي فرش بندي اڳ ۾ ئي ٿيل هوندي آهي. نتيجي ۾ ڪنهن حد تائين اها وهمي غلبي واري (Obsessive) ارادي يا مغالطي (Delusion) يا اهڙي ئي قسم جي ڪنهن رستي تي هوندي آهي.

۽ اها "سوچ" آهي جيڪا منتقل ٿيڻ يا بدل سدل جي ذريعي آخر تائين تاڻيل هوندي آهي ۽ چنڊچاڻ جي ڪري پنهنجي اظهار ۾ بگڙيل هوندي آهي. ان جي اڳتي وڌندڙ وک بهرحال تحت شعور جي سمهڻ واري حالت جي ذريعي رڪجي ويندي آهي. (امڪان اهو آهي تہ اهو سرشتو ان حملي جي خلاف. پنهنجي پاڻ ۾ گهنجڻ سبب پنهنجو بچاءُ ڪندو هجي.) نتيجي طور خوابي طريقو واپسيءَ واري پيچري ۾ داخل ٿيندو آهي. اهو ان تي انحصار ڪندو آهي. جنهن کي ننڊ واري حالت ۾ نج يا اهم هڪجهڙائيءَ سان پيش ٿيڻ جي فطري صلاحيت هوندي آهي. اهو ان پيچري تي اڳواڻي ڪندو هلندو آهي. جنهن تي يادن جي مجموعي ذريعي ڪشش يا موهہ واري مشق ٿيل هوندي آهي. انهن مان ڪجهہ يادگيريون. رڳو جذباتي ڏميداريءَ واري عڪسي صورت ۾ پنهنجو وجود

رکندیون آهن. پر پوين يا گذريل سرشتن جي محاورن جيان ترجمي جي صورت ۾ نه هوندیون آهن (ص: 764_763). ان پيچري سان واپس اچڻ جي سلسلي ۾ خوابي عمل جي تسلسل کي نمائندگيءَ جي قابليت ٻيان ڪرڻ سان واسطو ظاهر ڪرڻو هوندو آهي (مان انهيءَ ڏياڻ سوڙهه جي سوال تي اڳتي هلي لکندس: ص 864_863 تي).

هاڻي ٻئي حصي جو انگڙونگڙ سفر مڪمل ٿيو.

پهريون حصو ارتقا جو حامي هوندو آهي. لاشعوري منظرن يا تحت شعور جي خيالي اڏام جي حوالي سان اڳواٽي ڪندو آهي. جڏهن ته ٻيو حصو چندچاڻ جي سرحدن پاران اڳواٽي ڪندو آهي ۽ وري موٽي ادراڪ ڏانهن هليو ويندو آهي. پر جڏهن خوابي عمل جو متن ان حقيقت جي ڪري ادراڪيل هوندو آهي ته جيئن هوندو آهي. تيئن ئي چندچاڻ ۽ ننڊ دوران تحت شعور جي ذريعي پيل رندڪ کان نتائڻ جو رستو ڳولهيندو آهي (ڏسو ص: 731) اهو ڏيان ڇڪائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي ۽ شعور پڙ ان ڏانهن ڏيان ڏيندو آهي.

شعور! جنهن کي اسان حواسي عضون جي روشنيءَ ۾ نفسي/ ذهني قابليتن جي ادراڪ جي حوالي سان ڏيندا آهيون. اهو جاڳ جيون ۾ جوش جذبن کي بن رخن ۾ حاصل ڪرڻ جي قابل هوندو آهي. هڪڙي جاءِ تي هو جوش جذبن کي ادراڪ جي سرشتي جي سموري دائري منجهان حاصل ڪندو آهي ۽ ان سان گڏوگڏ خوشيءَ ۽ اڻ وٽندڙ جوش جذبن کي به حاصل ڪري سگهندو آهي. جيڪو گهٽو ڪري رڳو ان نفسياتي صلاحيت کي ثابت ڪندو آهي. جيڪو ان سرشتي جي اندر ئي. قوت جي ترتيب بدلائڻ سان سلهاڙيل هوندو آهي. پر لاشعور جي سمورن عملي سلسلن ۾، تحت شعور سميت، نفسي/ ذهني قابليت گهٽ هوندي آهي ۽ انڪري شعور سان (ادراڪ جي خوشيءَ يا غم کانسواءِ) ڪو اختلاف نه ڪندو آهي. ان ڪري اسان نتيجي تي پهچي ويندا آهيون ته: "خوشيءَ يا دک کي ٻاهر ڪيڻ جو سلسلو نفسي/ ذهني قوت ذريعي پاڻ مرادو پر اهو به وڌيڪ نفيس نموني ۾ آهنگ بنائڻ واري امڪاني ڪردار ادا ڪرڻ جي ذريعي، حرڪت ڪندڙ هوندو آهي." پوءِ هن لاءِ ضروري ٿي پوندو آهي ته "سوچن جي سلسلي کي" حاضر يا غير حاضر ناخوشگواريءَ مٽان گهٽ پاڻيندڙ ٻڌائي. ان مقصد لاءِ، تحت شعور جي سرشتي کي، پنهنجي قابليت کي استعمال ڪرڻ جي ضرورت پوندي آهي. جيڪا شعور لاءِ موهيندڙ هوندي آهي: ۽ اها تمام گهڻي منطقي نظر ايندي آهي. جيڪا ان کي تحت شعور جي عملي سلسلي جي ڳانڍاپي ذريعي، آوازي اهڃاڻن واري ياداشت ۾ مدد ڏيندڙ سرشتي سان ملائيندي آهي. اهو نظام اهليت کانسواءِ نه هوندو آهي (ص: 920). ان سرشتي جي لياقتن جي وسيلي، شعور، جنهن کي هيل تائين اڪيلي سِر حسي عضون جو ادراڪ هو اهو پڙ اسان جي خيالن جي عملي سلسلي جي هڪ حصي لاءِ محسوس ڪندڙ عضوو ٻڌجي پوندو آهي. ان ڪري "هتي آهن"، "جيئن جتي هيا" ۽ حواسي/ دماغي سطح: هڪڙي سطح جو رخ ادراڪ جي پاسي هوندو آهي، ۽ ٻي سطح جو رخ تحت شعوري سوچ جي عملي سلسلي ڏانهن هوندو آهي.

مان يقين سان چوان ٿو ته "ننڊ جي حالت ئي، شعور جو اهو حواسي/ دماغي سطح جوڙيندي آهي، جنهن جو رخ ٻي اثر جوش جذبي کان گهٽو دور ادراڪي سرشتي جي پاسي رخ ڪرڻ جي پيٽ ۾ تحت شعور جي پاسي هوندو آهي. گڏوگڏ رات جي وقت سوچن جي عملي سلسلي جي دلچسپيءَ کي تياڳي چڏڻ جو هڪ مقصد هوندو آهي: سوچ! ننڊ جي ضرورت سبب، تحت شعور جي لاءِ روڪ/ جهل جي پاسي ايندي آهي. پهرين پيري، خواب بهرحال ادراڪ جي صورت ۾ هوندو آهي، ۽ اهو ان ڪيفيت ۾ هوندو آهي جو شعور کي انهن صلاحيتن جي ذريعي جلد جوش ڏياري سگهي، جن جي هن کي ضرورت هوندي آهي. اهو حواسي/ دماغي جوش جذبو پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ/ مسئلو اٽارڻ لاءِ اڳيان وڌندو آهي ته سندس لازمي عمل کهڙو آهي: هو تحت شعور ۾ موجود نفسي/ ذهني قوت ذريعي سگهه حاصل ڪرڻ واري حصي کي هدايتون ڏيندو آهي. ان ڏيان سان ته جوش جذبي جو ڪارڻ کهڙو آهي ص: 890). بهرحال اها ڳالهه مڃيل آهي ته هر هڪ خواب کي ان جو اپاريندڙ تاثر به ٿئي ٿو جيڪو تحت شعور جي ساڪن قوت واري حصي کي ترتيب ڏئي ٿو ۽ ان کي عملي قدم کڻڻ لاءِ اپاري ٿو. جنهن کي اسان سلسليوار ۽ چٽي نموني غور ڪرڻ کانپوءِ ان کي "ثانوي جاڙي" جو عنوان ڏنو آهي. ان ڪري چوان ٿو ته خواب ان جي ذريعي ائين وهنوار ۾ رهندو آهي جيئن

ڪنهن ٻئي ادراڪيل مواد سان وهنواريل رهندو آهي. انهن جو ميلاپ، جيتري قدر انهن جو مواد کين اجازت ڏيندو آهي، تہ ساڳين اميد پرين سوچن جي ذريعي ٿيندو آهي، ايتري قدر جو خوابي عملي سلسلي جي ان ٽئين حصي کي ڏنل ڪوبہ رخ هڪ پيرو ٻيهر اڳتي وڌندڙ يا ارتقا جو حامي ٻڌجي ويندو آهي.

"غلط فهميءَ کي دور ڪرڻ"، خوابن جي عملي تسلسل جي تاريخوار تعلق، متعلق هڪ لفظ آهي، جيڪو پنهنجي جاءِ تان نہ هٽندو آهي. اٽپوري ثبوت منجهان. هڪ نهايت من موهيندڙ نتيجو ڪيڙ جي حوالي سان "گوبلوٽ" (Goblot_1806,289) مشورو ڏنو آهي تہ ان پر شڪ نہ آهي تہ پيرولي‌ءَ جي ذريعي نظر آيل "مائوري‌ءَ جي سسي‌ءَ جو ڏڙڪان ڏار ٿيڻ وارو خواب (ص:78)، جنهن پر هن سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي تہ خواب! ڪيئن نہ نند ۾ جاڳ جو عمل ڪري ڏيکاريو. نند مان جاڳڻ وارو عمل ٿورو وقت وٺندو آهي، ۽ ان گهيرٽ دوران خواب بہ ظاهر ٿيڻ لڳندو آهي. اسان سمجهندا آهيون تہ آخري خوابي عڪس ايترو تہ سگهارو هوندو آهي جو اسان کي اڌارڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندو آهي. جڏهن تہ حقيقت اها آهي تہ اهو رڳو ان ڪري سگهارو هوندو آهي جو اسان ان وقت پاڻ بہ سجاڳ ٿيڻ لاءِ تيار هوندا آهيون.

"سپنا تہ جاڳ ئي هوندا آهي، پر اها ابتدا هوندي آهي"

ان نڪتي کي "ڊوگاس" (Dugas_1897) پر ئي بيان ڪري ويو آهي تہ "گوبلوٽ" پنهنجي نظريي جي بچاءَ ڪرڻ کان اڳ، گهٽين ئي حقيقتن کي رد ڪري سگهيو ٿي.

خواب ان عرصي پر ظاهر ٿيندا آهن جڏهن اسان سجاڳ نہ هوندا آهيون، مثال طور ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ "اسان خواب پر ڏسون پيا تہ اسان خواب پيا ڏسون!"

خوابي ڪم متعلق اسان پنهنجي معلومات جي حوالي سان، ٿي سگهي ٿو اسان ان سان سهمت نہ ٿيندا هجون ۽ چئون تہ اهو تہ رڳو سجاڳيءَ واري عرصي جو احاطو ٿو ڪري ۽ اهو اسان کي ان وقت ان جي ابتڙ! "هئڻ جوگو نظر ايندو آهي." ڇاڪاڻ تہ خوابي ڪم جو پهريون حصو تحت شعور جي ضابطي هيٺ ڏينهن دوران اڳ پر ئي شروع ڪندو آهي. ان جو ٻيو حصو: جنهن تي چندڇاڻ جي ذريعي ترميم مڙهيل هوندي آهي، مٿس شعوري حواسن جي ذريعي موهہ جي مشق ٿيل هوندي آهي، ۽ پنهنجي طريقي سان ادراڪ تي زور وجهندو آهي. ان پر ڪوشڪ نہ آهي تہ انهن سيني جو اڳتي وڌڻ رات جو ئي ٿيندو آهي، ۽ ان حوالي سان اسان پاڻ کي سدائين درست پائيندا آهيون، جڏهن احساسن جو اظهار خواب جي ذريعي ساري ساري رات پيا ڏسندا آهيون. تڏهن تہ اسان ائين نہ چوندا آهيون تہ اهو ڇا آهي! (ص: 666).

پر ائين فرض ڪري وٺڻ مون کي غير ضروري ٿو نظر اچي تہ خوابن جا عملي سلسلا، ڪنهن تاريخوار/ زمانن وارن واقعن جي سلسلي سان، شعور پر اچڻ واري لمحي تائين، واقعي کي بحال رکندڙ ٿيندا آهن! جن جي مون وضاحت ڪئي آهي تہ: "پهرين ظاهر ٿيندڙ شيءِ تبديل ٿيل خوابي خواهش هوندي آهي" ان پر بگاڙو چندڇاڻ جي ذريعي ٿيندو آهي، بعد پر "زوال پذير" تبديلي ان رخ پر هلڻ لڳندي آهي. مون پنهنجي تحقيق پر انهن ڳالهين کي ئي اختيار ڪيو آهي، پر حقيقت پر چا ٿو ٿئي، بيشڪ ائين ٿئي ٿو تہ هڪ ساڳئي دور پر ٿيندڙ ڪوجنائون، هڪ رستي کان ٻئي رستي تي، جذباتي چيڪلن تي پيون ڦيرا پائن، هاٽي هي آهي تہ وري ڪجهہ دير پر ائين نہ آهي وارو معاملو جاري آهي. ان ڏس پر هڪ خاص موقعي پرست ٽولو مستقل طور تي پنهنجي هدايتن جا ڳنڍا جاري ڪندا رهندو آهي. منهنجي ڪجهہ شخصي تجربن مون کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪيو آهي، ڇاڪاڻ تہ خوابن جي عملي ڪم جا نتيجا هڪ رات يا هڪ ڏينهن پر اخذ نہ ٿا ڪري سگهجن، ان لاءِ هڪ عرصو گهرجي ۽ منهنجي راءِ آهي تہ خود خواب جي گهرج جي لاءِ ان کي ظاهر ظهور سمجهہ پر ايندڙ ٻٽائجي، جهڙي‌ءَ ريت هڪ ادراڪيل واقعو خود خواب ڏسڻ کان اڳ شعور کي موهيندو آهي، ان کانپوءِ بهرحال وک تيز ٿي ويندي آهي، ان ساڳئي نڪتي تي خواب ساڳيو ئي رواج اختيار ڪندو آهي، جيئن حواسن جي مدد سان ڪجهہ ٻين ڳالهين کي بہ ساڃاهيندو آهي. اهو ڪنهن آتشبازيءَ وانگر هوندو آهي، جنهن جي تياريءَ پر تہ ڪافي وقت لڳي ويندو آهي پر اهي ڦٽاڪا ڪي ٿوٿا ڪري، هڪ لمحي پر سڙي ويندا آهن.

خوابي ڪر جي عملي سلسلي کي ان وقت يا تہ شعور جو ڏيان ڇڪائي تحت شعور کي پڙڪائڻ لاءِ خوابي ڪر منجهان وقت ۾ ننڊ جي گهرائيءَ کان هٿي ڪري مناسب مقدار ۾ توانائي/ سگهہ گهربل هوندي آهي. يا ان ۾ ڪاميابي ماڻڻ لاءِ سنڊس توانائي/ سگهہ مناسب مقدار ۾ هوندي آهي ۽ اها جاڳڻ کان هڪ پل اڳ ۾ تائين فراهميءَ واري حالت ۾ رهندي آهي ۽ جاڳ سان لاڳاپجڻ لاءِ وڌيڪ ڏيان سان حرڪت ڪندي آهي. گهٽا خوب ان جي پيٽ ۾ گهٽو ڪري گهٽ نفسياتي سگهہ/ شدت سان ظاهر ٿيندا آهن. اهڙي صورت ۾ سپنا ماٺهوءَ جي جاڳڻ جو انتظار ڪندا آهن. پر اها حقيقت بہ واضح ڪرڻ ضروري آهي تہ جيڪڏهن اسان گهري ننڊ منجهان اوچتو جاڳي پوندا آهيون تہ اسان ڪجهہ ائين محسوس ڪندا آهيون. تہ جڻ! ايجان بہ خواب ئي پيا ڏسون. اهڙن معاملن ۾ اسان جڏهن پنهنجي مرضيءَ سان جاڳندا آهيون تہ اسان جيڪا پهرين شيءِ ڏسندا آهيون. اهو اهو ادراڪيل مواد هوندو آهي. جيڪو خواب جي ذريعي تعمير ڪيل هوندو آهي ۽ هڪدم پوءِ اسان ان ادراڪيل مواد متعلق سوچيندا آهيون جيڪو اسان کي باهرين دنيا کان آڇيل هوندو آهي.

وڏي نظرياتي دلچسپي بهرحال سپنن سان سلهاڙيل هوندي آهي. جن ۾ ننڊ جي وچ ۾ ئي اسان کي اپارڻ يا اسان ۾ جوش پيدا ڪرڻ جي سگهہ هوندي آهي. دماغ ۾ ڪنهن خاص مقصد لاءِ مصلحت يا ذاتي مفاد هوندو آهي. جيڪو هر هنڌ جو رواج رهيو آهي. پوءِ اسان سوچيندا آهيون تہ خواب ۾ ڇو نظر آيو؟

تہ اها "لاشعوري خواهش" هئي. جنهن کيس "تحت شعور ۾ سانديل خواهش" کي پوري ڪرڻ لاءِ ننڊ ۾ مداخلت جو اختيار ڏنو هو. ان ۾ ٿورو بہ شڪ نہ آهي تہ اها "وضاحت" ان توانائيءَ تي مدار رکي ٿي. جنهن جو اسان کي علم نہ هوندو آهي. اسان جيڪڏهن اهڙي معلومات حاصل ڪرڻ چاهيون تہ ممڪن آهي تہ اسان ڳولهي ونون تہ خواب کي اجازت ڏيندڙ توانائي. پاڻ ئي معاملو هٿ ۾ کڻي ٿي ۽ ان منجهان ڪجهہ اهو حصو خرچ ڪري ٿي. جيڪو ٿورو يا گهٽو ان توانائيءَ جي ورهاست واري ڏيان کان ڏار ٿيل هوندو آهي ۽ لاشعور ۾ رکيل معاملي سان پيتائي. ڏينهن واري حوالي سان سوگهو ڪيل هوندو آهي. جنهن کانپوءِ رات جو پيش ٿيندو آهي. تجربو اهو ٻڌائي ٿو تہ خواب ننڊ سان نسرندو آهي. حالانڪ رات دوران گهٽا پيرا ننڊ بہ ڦٽائيندو آهي. ڪي ماٺهو تڪڙو جاڳي پوندا آهن. تہ وري ٻيهر هڪدم گهري ننڊ بہ پئجي ويندا آهن. جڻ ننڊ ۾ ڪنهن جي منهن تان مڪ اڏري وئي هجي. اهو عارضي طور جاڳ جو معاملو آهي ۽ جيڪڏهن کو ٻيهر گهري ننڊ پئجي ٿو وڃي تہ مداخلت بہ جڻ ڇوتڪارو حاصل ڪري ٿي وڃي. جيئن باب پنجين: خوابن جو مواد ۽ ماخذ حصي ٽئين: خوابن ۾ جسماني جيو گهرڙن جي بنياد. (ص: 425). ۾ ٻار سنياليندڙ نوڪرياڻيءَ يا ڪير ڏاريندڙ ڏائيءَ جي ننڊ. واري مشهور محاوري ذريعي سمجهايو ويو هو. ننڊ جي خواهش کي پورو ڪرڻ جو عمل. خاص ڪنهن رخ ۾ ڏيان ڏيڻ واري مقدار ذريعي برقرار رکڻ سان ئي گڏهلي سگهڻ جهڙو ٿيندو آهي.

ان نڪتي تي اعتراض ضرور اٿي ٿو. جيڪو لاشعوري عمل جي وڌيڪ سڻي معلومات جي بنياد تي ٻڌل آهي ۽ مون کي. پاڻ کي بہ اها دعويٰ آهي تہ شعوري خواهشون سدائين متحرڪ هونديون آهن. پر ان جي باوجود اهي ايتريون سگهاريون نظر نہ ايندیون آهن جو ڏينهن جي دوران اهي پاڻ کي ادراڪ جي قابل بڻائي سگهنديون هجن. جيڪڏهن. بهرحال. جيتوڻيڪ ننڊ جي حالت غلبو ڪندي آهي. تڏهن بہ لاشعوري خواهش. خواب جي تعمير ۾ پاڻ کي سگهارو ظاهر ڪندي آهي ۽ ان سگهہ سان تحت شعور کي اپاريندي آهي. پوءِ خواب جي اچڻ سان ان جو ٻل ڇو ناڪام ٿي ويندو آهي. جڏهن تہ ان جي علم ۾ بہ هوندو آهي؟ ڇا خواب ادراڪي طور تي ٻيهر رونما ٿيڻ واري عمل ۾ اڳتي نڪري وڃڻ کي موڪلائي. ماکيءَ جي ڏنگ جي سور جيان تسلسل نہ ٽوڙي؟ اسان کي ڪهڙو حق آهي جو اسان اها دعويٰ ڪريون تہ خواب ننڊ ۾ رخني وجهڻ کي پري ٽوڙ اڇلائي چڏي؟

اهو بلڪل سچ آهي تہ لاشعوري خواهشون سدائين متحرڪ هونديون آهن. اهي انهن پيچرن جي نمائندگي ڪنديون آهن. جيڪي سدائين "منجهان يعني آرپار گذريل" هوندا آهن. تڏهن جذبات جو پيمانو بہ انهن جو ئي استعمال ڪندو آهي. (ڏسو باب ستون: خوابن جي عمل جو نفسياتي پهلو حصو ٽيون: خواهش جو پورائو ص: 813). سچ پچ تہ اها لاشعور جي عملي سلسلي جي نهايت واضح خصوصيت آهي. ڇاڪاڻ تہ خواهشون ناس نہ ٿي سگهنديون آهن. لاشعور ۾ ڪا بہ شيءِ انهن کي پڇاڻيءَ تائين

رسائي/ پهچائي، ورائي/ موٽائي يا پلائي/ وسارائي نه سگهندي آهي. جڏهن ڪو به شخص اعصابي/ نفسي خلل (Neuroses) ۽ خاص طور جنسي بيماريءَ (Hysteria) جو مطالعو ڪري ڏسندو ته ان کي، اها زندگيءَ سان پرپور انداز سان سندس اندر ۾ گهر ڪري ويٺل نظر ايندي. سوچن جي تحت شعور وارو پيچرو، جڏهن جذبات جو چڱو خاصو مقدار هڪ هنڌ گڏ ٿي ويندو آهي ته جنسي بيماريءَ جي حملي جي نيڪال ۾ اڳواٽي ڪندو آهي، اهو هڪدم هڪ پيرو ٻيهر آربار اڇڻ وڃڻ جهڙو ٿي ويندو آهي، ٽيهه سال اڳ بيعزتيءَ يا خواريءَ جو تجربو به بلڪل ساڳئي انداز سان ڪردار ادا ڪندو آهي، جيئن ٽيهه سال اڳ ٽيل هوندو آهي. تيئن ئي جذبن جي لاشعوري ماخذن منجهان لنگهڻ جو رستو هٿ ڪري وٺندو آهي. جيئن ئي سندس يادگيري ان کي ڇهندي آهي ته اها تڪڙي ۾ رانگهه پري ٻيهر زندگيءَ ڏانهن موٽي ايندي آهي، ۽ پاڻ کي جذبات سان نفسي/ ذهني قوت ذريعي طاقت حاصل ڪندڙ ٻڌجي پوندي آهي، جيڪا پوءِ حملي ذريعي نيڪال جو تحرڪ ڳولهي وٺندي آهي.

هي اهو ساڳيو نڪتو آهي، جتي نفسياتي علاج، مداخلت ڪندو آهي. علاج ڪندڙ جي ذميداري، ان نڪتن کي لاشعوري عملي سلسلن لاءِ ممڪن ٻڌائڻ آهي. يادگيرين جو ڏڏلو ٿي وڃڻ ۽ نقشن يا تاثرن جون جذباتي ڪمزوريون، گهٽو ڪري ديرپا نه ٽيندڙيون آهن، جن ڏانهن اسان جو جهڪاءُ پنهنجي ئي شاهديءَ/ مشاهدي سبب هوندو آهي، جن کي اسان پنهنجي ذهني يادن جي تهن ۾ نقش ٽيل، ابتدائي دور جي تاثرن، نشانن جي صورت ۾ بيان ڪندا آهيون، اهي حقيقت ۾ ثانوي طور ٽيل ترميمون هوندڙيون آهن، جيڪي گهٽو ڪري جسماني پورهيي جي ذريعي ياد ڪندا آهيون. اهوادا ٽيندڙ سمورو ڪم "تحت شعور" آهي، ۽ نفسياتي علاج جو طريقو تحت شعور جي ئي اثر/ غلبي هيٺ، سواءِ لاشعوري ڪرداري روپي جي، ڪنهن ٻئي معاملي کي جاري رکي نه سگهندو آهي (ڏسو ص: 774).

اهڙيءَ ريت ڪن خاص لاشعوري جذبات جي عملي طريقن لاءِ به ممڪن نتيجا هوندا آهن، يا ته اهي پاڻ ڇڏائي وڃن، جن جي معاملي ۾ پوئواري ڪندڙ جزا چند معاملن تي آخرڪار رستو ڇڏي وڃن، ۽ اهو "اڪيلو موقعو" جذبات جي نيڪاليءَ لاءِ تحرڪ جو ڳولهائو هجي، يا وري اهو بجاءِ نيڪال ٽيڙ جي، تحت شعور ۽ پنهنجي جذباتي اثر هيٺ آيو هجي، يا ٿي سگهي ٿو تحت شعور جي ذريعي محدود ٿي ويو هجي. اهو انهن منجهان ٻيو نعم البدل آهي، جيڪو خواب ڏسڻ جي عمل دوران ظاهر ٿيندو آهي. تحت شعور طرفان نڪتل جذباتي نتيجو ادراڪجڻ ڪانپوءِ خواب واري لاشعوري جذباتي شدت کي هدايتون ڏيڻ ۽ ڪنهن رخني کان بي طاقت ڪرڻ واري پابندي مڙهي، شعوري جذبات جي ذريعي، خواب سان ملڻ لاءِ اڏ رستي تائين ويندو آهي، جيڪڏهن ائين واقعي هوندو آهي ته خواب ڏسندڙ ننڊ منجهان ٽوري هڪ معمولي پل لاءِ جاڳي پوندو آهي، ۽ واقعي جڏ منهن تا مک اڏامي وئي هجيس، جنهن جي ڪري سندس ننڊ ڦٽي وئي هجيس. هاڻي اسان ته پرهه ڦٽڻ شروع ٿي آهي، ڇاڪاڻ ته اصل ۾ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اهو ئي وڌيڪ ڪارائتو طريقو آهي ۽ لاشعوري خواهش کي پنهنجي وات اختيار ڪرڻ لاءِ واپسيءَ واري رستي تان هٽي، ان تي ظاهر ٽيڙ جي وڏي رعايتي اجازت هوندي آهي ته جيئن خواب جي تعمير ٿي سگهي ۽ جنهن کانپوءِ خواب کي پابند ڪري سگهي، ۽ تحت شعور جي ڪم لاءِ گهٽ خرچ ۾ ان جو نيڪال ڪري سگهي، ۽ تسلسل جي صورت ۾ ننڊ جي سموري عرصي لاءِ لاشعور تي لغام وجهي قابو ڪري ٻڌي ڇڏي (ص: 826).

سچ پچ ته اها اميد هئي ته خواب ڏسڻ ان جي باوجود ته، اهو هڪ حقيقي عملي سلسلو آهي، پر اهو ڪنهن ڪارائتي يا مقصد عمل کان به ڪنهن صورت ۾ گهٽ نه آهي، جيڪو پاڻ کي ذهني قوتن/ وسيلن جي گڏيل عمل کي مهيا ڪري ڏيڻ ۾ هٽ وندائي ٿو. ۽ هاڻي اسان ڏسي سگهون ٿا ته اهو ڪهڙو عمل ڪندو آهي. خواب ڏسڻ جو عمل، لاشعور ۾ موجود ان جذبات کي، تحت شعور جي ضابطي هيٺ موٽائي آڻڻ جي ذميداري سنياليندو آهي، جيڪي چڙو اڳ ڇڏيل هيون، ۽ ائين ڪندي هو لاشعوري جذبات کي هڪ طرفي سوراخ (Safety_valve) منجهان خارج ڪرڻ جي خدمت سرانجام ڏيندو آهي، ۽ ساڳئي وقت تي، ان جي موٽ ۾ ننڊ منجهان سجاڳ ٽيڙ جي سرگرميءَ جو معمولي مقدار خرچ ڪري، تحت شعور واري ننڊ جو بچاءُ به ڪندو آهي. اهڙيءَ ريت بين سمورين نفسياتي اڏاوتن جي انهيءَ سلسلي، سان جڙيل، جزي سان سمجهوتي جو طريقو جوڙيندو آهي.

اهڙيءَ ريت هو انهن ٻنهي سرشتن جي خدمت ۾ رڌل رهندو آهي، ۽ جڏهن هو ڪنهن وقت ۾ ڪنهن خواهش کي انهن سرشتن ۾ پرڻ لڳندو آهي ته تيسيتائين اهي ٻئي هڪ ٻئي سان ٽهڪندڙ/ گڏ هلي سگهندڙ ٿي ويندا آهن. اسان جيڪڏهن خوابن جي "نيڪال جي نظريي" (Excretion theory) طرف پويان هلنداسين، جنهن کي "رابرٽ" (Robert_1886) پيش ڪيو هو جنهن جي وضاحت مون صفحي 173 تي ڪئي هئي ته اسان هڪ جهلڪ ۾ ڏسي سگهنداسين ته ان جي جوهر/ محرڪ جي حوالي سان اسان کي خوابن جي عملي سلسلي جي ان ڳڙ ڳوٽ کي ميڙو پوندو حالانڪ "رابرٽ" سان سندس خيالن جي دائري سان اختلاف ٻڌڻ سگهجي ٿو (باب پنجون: خوابن جو مواد ۽ ماخذ: حصو پهريون: خوابن ۾ تازو ۽ غير متعلق مواد ص: 354).

ڇا رڳو اهو ئي عملي سلسلو آهي، جيڪو خوابن کي سونپيل نظر اچي ٿو؟ جي ها! مان ڪنهن ٻئي کي نه ٿو سمجهان. اهو سچ آهي ته "ميڊر" (Maeder_1912) اهو ڏيکاريڙ جي ڪوشش ڪئي هئي ته خوابن کي اظهاريڙ جو هڪ ٻيو عملي سلسلو ٻڌڻ آهي، يعني "ثانوي عملي سلسلو." هن هڪ درست مشاهدي منجهان نتيجو ڪيو هو ته ڪجهه خوابن جو مواد "تضادن" کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ٻڌڻ ڪندو آهي، جن منجهان حقيقتون، بعد ۾ ظاهر ٿيل هوندیون آهن، ۽ اهڙيءَ طرح جن جو روپو ڪجهه اهڙي قسم جو هوندو آهي جو لڳندو آهي جڙ اهي ننڍ مان جاڳڻ لاءِ ان جا پيرا ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندو هجي. ان ڪري هو خوابن ۾ جانورن يا ٻارن جي راندين جي وچ ۾ هڪ جهڙائيءَ وارن عڪسن کي ٻاهر آڻيندو آهي، ٽي سگهي ٿو ته اهي پيدائشي/ فطري جبلتن واري عملي ڪاروائيءَ جي طور تي شناخت ٿيندڙ هجن، ۽ بعد ۾ ڪنهن سنجيده سرگرميءَ جي تياريءَ جيان نظر ايندا هجن، ۽ دليل جي صورت ۾ اڳتي وڌي آيل هجن، جنهن تي خواب پنهنجو عملي ڪردار ادا ڪيو هجي. "ميڊر" ۽ ان کان ٿورو پوءِ ان کي "الفريڊ ايڊلر" (Alfred Adler_ 1911) ٻڌايو ته ان تي زور ڏنو هو ته خواب پنهنجي عملي سلسلي ۾ "اڳتي جي لاءِ ٻڌايو سوچڻ جو ڪم ڪندا آهن" ان قسم جي تشريح مون 1905ع ۾ "هيسٽيريا دوران اڻ پوري حصي جي تجزيي" جي صورت ۾ ڏني هئي، جنهن ۾ خواب رڳو ارادن جو اظهار ڪندو آهي ۽ انهن کي هر رات پيو ورجائيندو آهي، جيستائين اهو ٻاهر نه نڪري وڃي.

ان صورت ۾ هڪ معمولي اولڙو ٻڌايو اسان کي متاثر ڪندو آهي. ان وقت خوابن جو "ثانوي جاڙي وارو عمل" ان تي، خواب جي تشريحي موضوع جيان، ان متعلق "غور ڪيل" جو اعلان نه ڪندو آهي، پر اڳتي جي ڳٽتي ڪندو آهي، ارادن ۽ نيتن کي جوڙيندو آهي، مسئلن کي حل ڪرڻ وارين ڪوشش کي صورت ڏيندو آهي، جيڪي بعد ۾ جاڳ جيون ۾ ميڙ جهڙيون ثابت ٿيندیون آهن. اهي سيئي، ۽ ٻيون ٻڌايو ڪيتريون هڪ جهڙيون شيون، لاشعور ۽ تحت شعور جي ڏهني سرگرمين جي پيداوار هوندیون آهن، اهي ڏينهن جي پونجيءَ جيان، ننڍ جي حالت ۾ جٽاءُ ڪري ٻيئل هوندیون آهن، ۽ لاشعوري خواهش سان ملي ويندیون آهن ۽ خواب کي اطلاع ڪنديون آهن. اهڙيءَ ريت خواب جو اڳتي جي لاءِ سوچڻ جو عملي سلسلو گهٽو ڪري تحت شعور جي سجاڳ سوچ جو سلسلو هوندو آهي، جنهن جا پيداواري فائدا، اسان کي خوابن جي تجزيي جي ذريعي، يا ڪنهن ٻئي انداز سان اسان تي آشڪار ٿيندا آهن. اسان پنهنجي عادت مطابق خوابن ذريعي پڌري ٿيندڙ متن کي "هوبهو/ ساڳيو (Identical) سمجهندا آهيو، پر اسان کي خوابن جي متعلق محتاط ٿيڻ گهرجي ۽ مونجهارو پيدا ڪندڙ خوابن کي خوابن جي لڪل خيالن سان پيٽڻ جي غلطي نه ڪرڻ گهرجي.

جيتري قدر ٻن خواهشن جي خصلتن جو تعلق آهي ته اهي پاڻ ۾ هم آهنگ هوندیون آهن، ۽ ان ممڪن معاملي ۾ اشارو ڏينديون آهن، جنهن ۾ خوابن جو عملي سلسلو صدمي يا ڏک ۾ مبتلا ٿي سگهي ٿو. خوابي عمل لاشعور جي ان خواهش جي منشا پوري ڪرڻ لاءِ آڇيان ڪندو آهي، پر جيڪڏهن اها ڪوشش تحت شعور جي مٿان زورائتي انداز سان ٽڪراءُ پيدا ڪندي آهي ته ان صورت ۾ ننڍ کي جاري رکڻ ممڪن نه هوندو آهي، پوءِ خواب ڪنهن طريقي سان سمجهوتي جي پيڇڙي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ۽ ننڍ جي ٻئي اڌ واري ذميداريءَ کي ساڻ ڪٽي هلڻ ۾ ناڪام ٿي ويندو آهي. ان معاملي ۾ خواب هڪدم ٽٽي پوندو آهي ۽ پاڻ کي مڪمل طور تي جاڳ واري حالت ۾ بدلائي ڇڏيندو آهي. ٻيهر ننڍ نه اچڻ وارو سمورو ڏوهه حقيقت ۾ خواب جو ڏوهه نه هوندو آهي، اهو بجاءِ ان جي جو ننڍ کي پناهه ڏيندڙ ثابت ٿئي، پر هو ننڍ ڦٽائڻ واري ڪردار ۾

ظاهر ڪيئن ٿو ٿئي! جڏهن ته ان جي اسان سان رنج يا ڪا ڪاوڙ به نه آهي، جو پنهنجي مقصد کي پوري ڪرڻ لاءِ ننڊ حرام ڪري ڇڏي هجيس. اهو رڳو عضون جي اندروني چرپر جي اتڪل هلائڻ يا ڪا تدبير ڪرڻ جي حالت ۾ نه ٿيندو آهي، جيڪو عام طور تي ڪارائتي مان ڦري بيڪار ٿي ويندو آهي، ۽ جيترو جلد ممڪن ٿي سگهندو اٿس ته حالتن ۾ رخنو وجهندڙ ثابت ٿيندو آهي، ۽ اهڙي ڪنهن معاملي کي اپاري ونڊندو آهي، جيڪو ٿورو گهڻو ترميم ٿيل هوندو آهي، ۽ آرام ۾ پيل خلل آخرڪار ترميم لاءِ هڪ نئين مقصد ڏانهن ڇڪائيندو آهي، ۽ ان جي خلاف تحرڪ ڏريعي، عضون جي چرپر جي ڪم جي باقاعدي نگراني۽ واري سرشتي کي ترتيب ڏيندو آهي.

منهنجي ذهن ۾ ڳڻتي۽ وارن خوابن متعلق اها ئي ته ڳالهه آهي، ۽ ان حوالي سان ته مان خواهشن جي پورائي جي نظريي جي خلاف ان خيال جي شاهدي۽ کان لنوائڻ وارو نه ٿو ٿي سگهان. مان ته ايجان اهو ٿو سمجهان ته مان ڪيترين ئي حدون پار ڪري آيو آهيان، وچ وچ ۾ واقعا، اشارا ڪنايا ۽ انهن جون وضاحتون ڏيندو آيو آهيان. ان اعتقاد جي متعلق اسان وٽ وڌيڪ اختلاف جي گنجائش نه آهي ته نفسياتي طور حرڪت ڪندڙ يا تبديل ڪندڙ سگهه جيڪا ڳڻتي۽ کي وڌائي ٿي، ان جي باوجود خواهش جي پوري ڪرڻ واري نه ٿي ٿي سگهي. اسان ڄاڻون ٿا ته اها، ان حقيقت جي ڏريعي واضع ٿي سگهي ٿي ته خواهش هڪ سرشتي سان سلهاڙيل ٿئي ٿي، جيڪو لاشعوري سرشتو آهي. جيتوڻيڪ اها ڪجهه به ڪرڻ کان انڪاري هوندي آهي ۽ پين سرشتن جي ڏريعي ڏبايل هوندي آهي، ۽ اهو تحت شعور هوندو آهي.[1]

ڪو به نتيجو آڻيندڙ هڪ پيو وهنوار جيڪو اڃان وڌيڪ اهم هوندو آهي، ۽ دور رس به هوندو آهي پر اهو گهڻو ڪري عام ماڻهوءَ جي ڏريعي نظرانداز ڪيل هوندو آهي. ان ۾ شڪ نه آهي ته خواهش جو پورائو هڪ راحت ڏيندڙ احساس پيدا ڪري ٿو پر پوءِ اتي هڪ سوال پيدا ٿئي ٿو ته "ان جو واسطو ڪنهن سان آهي؟" ڇا ان ماڻهوءَ سان جنهن خواهش ڪئي هئي! جي ها، يقينن! پر جيتري قدر اسان جي معلومات آهي ته "خواب ڏسندڙ جو پنهنجي خواهشن سان تعلق مخصوص انداز ۾ ٿئي ٿو. مختصر طور تي هو انهن کان انڪاري به هوندو آهي، هو انهن جي چنڊ چاڙ به ڪندو آهي، هن کي انهن سان ڪو خاص چاهه به نه هوندو آهي. ان ڪري انهن جو پورائو ڪيس گهڻي راحت به نه ڏيندو آهي. البت ان جي برعڪس: ۽ تجربو اهو ٿو ٻڌائي ته سندس اهو برعڪس احساس، ڳڻتي۽ جي صورت ۾ بدلجي ويندو آهي، ۽ ان حقيقت جي وضاحت اڃان ٿيڻي آهي.

اهڙي۽ ريت خواب ڏسندڙ پنهنجي خوابي خواهش سان ناتو اتڪل اهڙن ٻن مختلف ماڻهن، (جن جو تعلق عام طور تي ڪجهه مضبوط خصلتن سان هوندو آهي) سان پيٽ ڪري ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ان جي متان ڪنهن اضافي وضاحت جي سلسلي ۾ مان توهان کي مشهور پرين جي آڪاڻي ياد ڏياريان، جنهن جو حوالو مان صفحي 459 تي ڏئي آيو آهيان، جنهن ۾ توهان ڏسندا ته ساڳي ئي صورتحال ورجايل آهي. هڪ سٽين خصلتن واري پري، هڪ شادي شده غريب جوڙي کي تن خواهشن پوري ٿيڻ جو تحفو ڏئي ٿي، اهي تمام گهڻو خوش ٿين ٿا، ۽ انهن تن خواهشن جي چونڊ لاءِ انتهائي احتياط سان پنهنجي ذهن کي تيار ڪن ٿا. پر سندن پر واري گهر منجهان مصالحيدار قيمي جي رڌڻ جي خوشبو اچي ٿي ته سندس وات پاڻي پاڻي ٿئي ٿو تڏهن عورت انهن منجهان ڪجهه ڪابن کائڻ جي خواهش ڪري ٿي، ته ان مهل ئي سندن دسترخوان تي اهي ڪوفتا ڪباب اچي وڃن ٿا، ائين انهن جي پهرين خواهش پوري ٿي وڃي ٿي. پر مرد ڪاوڙجي وڃي ٿو ۽ خواهش ڪري ٿو ته اهي ڪوفتا ڪباب منهنجي زال جي نڪ تي چنبڙي وڃن. ۽ ائين ٿئي ٿو جو اهي سموريا ڪباب هن جي نڪ تي چنبڙي وڃن ٿا، ۽ ائين سندن ٻي خواهش به پوري ٿي وڃي ٿي. پر مرد جي خواهش، سندس زال جي لاءِ نهايت اٽوٽندڙ هئي، باقي ڪهاڻي ته اوهان ضرور پڙهي هوندي ته ٽين خواهش اها ئي ٽيڻي هئي ته اهي ڪوفتا ڪباب زالس جي نڪ تان لهي وڃن! ان نيڪ پريءَ ته انهن کي ڪيترين ٻين واسطن سان استعمال ڪرڻ لاءِ تحفو ڏنو هو. ان مثال ڏيڻ جو مقصد رڳو اهو هو ته ان ڏريعي ان امڪان جي وضاحت ٿي سگهي ته جيڪڏهن ٻن ماڻهن جو پاڻ ۾ ايڪو نه آهي ته هڪڙي شخص جي خواهش جو پورائو ٻئي کي به راحت رسائي نه سگهندو.

---

[1] حاشيو 1919 ۾ شامل ڪيل، جنهن جو مواد، متن سان گڏ رکيو ويو آهي. تحليل نفسيءَ متعلق "تمارفي تقريرون" فرائيڊ: 1916، 17ع.

ماڻهو يلي ته نفسياتي صحت ۾ ڪامل به هجي پوءِ به تحت شعور جي ڏريعي لاشعور جي محڪوميت مڪمل نه هوندي آهي: دٻاءُ/ ضبط جي گنجائش انسان جي صحيح حالت واري نفسي/ ذهني حرارتي ڪيفيت جي درجي جو اشارو ڪندي آهي. اعصابي خلل جون علامتون اهو ظاهر ڪنديون آهن ته به سرشتا هڪ ٻئي سان تضاد ۾ هوندا آهن. اهي ان سمجهوتي جي پيداوار هوندا آهن جيڪي تضاد کي وقتي طور تي پڄاڻيءَ ڏانهن ڪڍي ايندا آهن. هڪ پاسي اهي پنهنجي جذبات جي نيڪاليءَ جي لاءِ لاشعور کان ٻاهر نڪرڻ جي اجازت ڏيندا آهن، ٻئي هن کي گڏيل نيڪال وارو بندرگاهه مهيا ڪندا آهن. جڏهن ته ٻئي پاسي اهي تحت شعور لاءِ ڪنهن حد تائين لاشعور کي ضابطي ۾ آڻڻ کي ممڪن بڻائيندا آهن. اهو غور ڪرڻ لاءِ هدايتون جاري ڪندو آهي. جهڙوڪ: جنسي بيماريءَ سبب پيدا ٿيندڙ خوف واري حالت (Hysterical Phobia) يا انبوه ۾ وڃڻ يا اڪيلي گهٽيءَ ۾ وڃڻ جي ڊپ جي عارضي (Agoraphobia) ۾.

اچو ته هڪڙو مثال ٿا وٺون ته اعصابي/ نفسي خلل ۾ مبتلا مريض اڪيلي سِر گهٽي پار ڪرڻ کان ڊڄي ٿو (ان حالت کي "علامتون آثار يا اهڃاڻ" (Symptoms) چوندا آهيون) ته جيڪڏهن انسان ان جي ان عمل کي ڪيڏي ٻاهر ڪرڻ لاءِ ان تي دٻاءُ وجهي، ان جي اهڃاڻ کي مِٽائي ڇڏيون. جنهن جي متعلق هن کي يقين آهي ته هو دماغي طور ڪمزور آهي. جنهن جي نتيجي ۾ مٿس ڳلٿيءَ جو حملو ٿيندو آهي. ٻئي حقيقت به اها آهي ته خالي گهٽي مان گذرڻ واري ڳلٿيءَ يا خوف جو حملو گهٽو ڪري ان جي ڳاڻي پر ڪِري پوڻ سبب ظاهر ٿيندو آهي. ان ڪري انسان کي نظر ايندو آهي ته: ڳلٿيءَ جي اهڃاڻن جي اوچتي ظاهر ٿيڻ کي درگذر ڪرڻ وارو معاملو به ڪنهن ترتيب سان تعمير ٿيل آهي. خوف واري حالت (Phobia) به ڳلٿيءَ جي خلاف سرحدي مورچا بنديءَ جيان ڪڙي ٽي ٻيهندي آهي.

هن عملي سلسلي ۾ تاثرن منجهان آيل نتيجي ڏريعي ڪردار ادا ڪندڙ حصن جي جانچ کان سواءِ انسان جو بحث اڳتي وڌي نه ٿو سگهي. پر انسان ائين رڳو هاٿوڪي وقت سان واسطو رکندڙ نقص جي حوالي سان ڪري سگهون ٿا. انسان جيڪڏهن اندازو لڳايون ته لاشعور جو دٻاءُ سيني جي مٿان ان ڪري ضروري آهي ته جيڪڏهن لاشعور ۾ سوچن جو مجموعو پنهنجي سِر هليو ويو هجي ته اهو ڪو نتيجو ڪيڏي سگهي ٿو جيڪو اصل ۾ راحت ڏيندڙ نظري وصف وارو هوندو پر ٻيهر روڪڻ واري عمل يا ضبط (Repression) جي ظاهر ٿيڻ ڪانپوءِ اهو نتيجو ناخوشگواريءَ ۾ تبديل ٿي ويندو آهي ٻئي ذهن مان زوريءَ ڪيڏي ڇڏڻ واري زور يا دٻاءُ (Suppression) جو مقصد ٻئي نتيجو پڻ ناخوشگواريءَ جي خارج ٿيڻ جو بچاءُ ڪندو آهي. ذهن مان زوريءَ ڪيڏي ڇڏڻ يا دٻائڻ جي ڪوشش لاشعور جي تمثيلي يا تصور واري مواد مٿان تيسيتائين قهلجڻ لڳندي آهي. جيسيتائين متن منجهان ناخوشگواري خارج ٿيڻ شروع ٿيندي آهي. اهو ڪنهن پروڪي واقعي ڏانهن اشارو ڪرڻ نتيجو اخذ ڪندڙ تاثرن جي فطري وصفن جي پيداوار جي هڪ باقاعدي مخصوص مفروضي جيان آهي (ڏسو ص: 687 حاشيو.) اهو خواهش کي منتقل ڪندڙ اپاريا رطوبت ساز (Secretory) عمل جيان لاشعور ۾ موجود سوچن کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ چاهيءَ جو ڪم ڪندو آهي. تحت شعور جي ڏريعي قائم ڪيل غلبي جي طاقت تي پابند رهڻ واربون سوچون اهي اهي ئي آهن. جيڪي اڳ هوندين هيون پنجو ڏنل (Inhibited)، من اچل طرفان اماٽي ڇڏيل ساهه ۾ سوڙهه پيدا ڪندڙ نڙگهٽ ۾ سور جو احساس اپاريندڙ جيڪي نتيجو ڏيندڙ تاثرن کي وڌائيندڙ رهنديون آهن. انڪري جيڪڏهن تحت شعور طرفان هڪ ئي خيال تي غور ڪرڻ جي نتيجي ۾ استعمال ٿيندڙ ذهني قوت رڪجي وڃي ته خطرو اهو هوندو آهي ته لاشعوري جذباتي اپار اهڙي قسم جي تاثراتي زور کي خارج ڪرڻ لڳندا آهن (جيڪي اڳ ۾ ئي ٻيهر دٻائڻ/ ضبط واري نتيجي جيان ظاهر ٿيل هوندا آهن). جيڪي ڳلٿيءَ جيان رڳو ناخوشگواريءَ جي تجرباتي ڪيفيت ۾ ٿيندا آهن.

جيڪڏهن خوابي عملي سلسلو ان کي شامل ڪرڻ جي اجازت ڏيندو آهي ته هڪ خطري واري صورت پيدا ٿي پوندي آهي. حالتون: جيڪي ان جي حقيقت پسنديءَ کي طئي ڪنديون آهن يا ان کي رخ ڏيندڙ آهن ته دٻاءُ/ ضبط واربون ڪيفيون يقيني طور تي ظاهر ٿيندڙ آهن ۽ دٻايل يا ڏجي ويل خواهشن جون ترڪيبون گهٽي قدر سگهاريون ٿي ويندڙ آهن. اهڙيءَ ريت

اهي طئي ڪيل حدون خوابن جي جوڙجڪ جي نفسياتي دائري کان ٻاهر هونديون آهن. جيڪڏهن ڳڻتيءَ جي اپرڻ متعلق اسان جي موضوع جو واسطو ننڍ دوران لاشعور جي آزادگيءَ واري عنصر سان نه هجي ها تہ اسان ڳڻتيءَ جي خوابن متعلق بحث کي ضرور ڇڏي ڏيون ها.

ڳڻتيءَ جي خوابن جي نظريي متعلق جيئن تہ مان ان جي اعصابي نفسي خلل جي نفسياتي عملي سلسلن ۾ حصن جي حوالي سان اڳي ئي بيان ڪري چڪو آهيان، پر رڳو هڪڙي شيءِ وڌيڪ آهي جيڪا مان ڪري سگهان ٿو. هيل تائين مان اهو پئي سمجهيو تہ اعصابي ڳڻتي "جنسي ڪارٽن" جي ڪري وڌي ٿي، هتي مان ڳڻتيءَ وارا چند خواب تجزيي لاءِ ان حوالي سان پيش ڪريان ٿو جن منجهان جنسي رجحان واري مواد جو خوابي خيالن ۾ ظاهر ٿيڻ جو عمل نظر اچي ٿو. مون وٽ هن هلندڙ موضوع جي هڪڙي پاسي تي ڇڏي ڏيڻ لاءِ هڪڙو سنو سبب به آهي جو منهنجي "اعصابي خلل وارن مرضن" جا ڪجهہ اهڙا مثال موجود آهن، جيڪي "نوجوان ماڻهن جي ڳڻتيءَ جي خوابن" جي حوالي سان آهن.

ڪي درجن سال اڳ، جڏهن مون پاڻ سچو پچو ڳڻتيءَ جو خواب ڏٺو هو، پر مون کي هڪڙو خواب چٽيءَ طرح ياد آهي، تڏهن مان ستن يا اٺن سالن جي ڇمار جو هوس. جنهن کي مون تجزيي لاءِ ٽيهہ سال پوءِ پيش ڪيو هو. اهو هڪڙو نهايت زندگيءَ سان ڀرپور خواب هو جنهن ۾ مون:

"پنهنجي پياري ماءُ کي ڏٺو هو سندس چهري تي ننڍ جا خاص پرسڪون تاثرات هئا، ہن يا ٽن ماڻهن پکين جي چهنبن سان ڪيس ڪٽي ڪمري ۾ آندو ۽ بستري تي ليٽائي ڇڏيو."

جاڳندي ئي منهنجي اکين ۾ ڪوڙها هئا ۽ ڏندڪارون پري روئڻ لڳس ۽ مون ماڻڻن جي ننڍ ڦٽائي ڇڏي.

اهي عجيب قسم جا ۽ غير فطري طور قداور ۽ ڏگهين چهنبن وارا پکي صيهونيت جي مقدس لکڻين (انجيل) ۾ ڏنل پکين جي تصور منجهان آيل هئا، (اهڙي قسم جي متي وارو "شهباز پکي" مصر جي خدائن ذريعي به ڏيکاريل آهي، جيڪو مرڻ واري جي تابوت تي به ٽهيل هوندو آهي) منهنجي ماءُ جي منهن تي پرسڪون تاثر منهنجي ڏاڏي جي حوالي سان نظر آيا هئا، جنهن جو ڪجهہ ڏينهن اڳ انتقال ٿي ويو هو. هن خواب جي تشريح، ثانوي تجزيي مطابق هن ريت آهي تہ "منهنجي ماءُ مري چڪي هئي ۽ مان ان ڳڻتيءَ وچان جاڳي پيو هوس، جيڪا تيستائين منهنجي اندر ۾ رکيل هئي، جيستائين مون پنهنجي ماڻڻن جي ننڍ نہ ڦٽائي. مون کي ياد آهي تہ مون جڏهن پنهنجي ماءُ کي جيئرو ڏٺو تہ مان پاڻ کي ٻيهر دلجاءُ ڏيڻ جي ڪوشش پئي ڪئي تہ هوءَ مري نہ وئي آهي. پر خواب جو اُهو "ثانوي جائزو" پڻ ڳڻتيءَ جي اثر هيٺ تيار ڪيو ويو هو. جنهن کي هاڻي وڌايو ويو هو. مان ان کي "پريشان" نہ هوس تہ ڪا منهنجي مري وئي آهي، پر مون خواب جو تجزيو پنهنجي تحت شعور جي نظرثاني جي خيال کان ڪيو هو ڇاڪاڻ تہ مان اڳ ۾ ئي "ڳڻتيءَ" ۾ مبتلا هوس. ڳڻتيءَ کي پويان کان ڳولهي سگهجي ٿو جڏهن شعور مان ڪڍي ڦٽو ڪرڻ يا ضبط جو عمل دليل جي دنيا ۾ داخل ٿئي ٿو تڏهن خواب جي عڪسي متن ۾ جنسي خواهش جو چٽو يا اڻ چٽو تاثر به ملي ويندو آهي.

ستاويهن سالن جو هڪ ماڻهو اٽڪل هڪ سال کان سخت بيمار هو. پڌايائين تہ هو جڏهن يارهن ۽ پندرهن سالن جي وچ واري ڇمار جو هو تہ هُو مسلسل سخت ڳڻتيءَ وارا خواب ڏسندو هو. پڌائڻ لڳو تہ:

"هڪ ماڻهو ڪهاڙيءَ سان ڪنهن ڳالهہ لاءِ مون کي رائفل پيو. مان پڇڻ جي ڪوشش پئي ڪئي پر ڏڪر تہ جڙ مان ساڻو/اڏ مئو ٿي ويو هجان. جوان جاءِ تان چري ئي نہ پئي سگهيس."

هي عام قسم جي ڳڻتيءَ واري خواب جو سنو مثال آهي، جنهن ۾ ڪنهن به ريت جنسيت جو شڪ نہ ٿو ڪري سگهجي. هاڻي اچو تشريح جي طرف: خواب ڏسندڙ! خواب ڏسڻ کان اڳ پنهنجي چاچي کان ٻڌو هو تہ: "هڪ رات ڪيئن هڪ گهٽيءَ ۾ چند مشڪوڪ قسم جي ماڻهن کيس سوڙهو ڪيو هو." خواب ڏسندڙ ان جي تعلق پاران اهو نتيجو ڪڍيو هو. جيتري قدر ڪهاڙي جو معاملو هو تہ هڪ پيري وڃ چانگيندي سندس هٿ زخمي ٿي پيو هو جنهن کان پوءِ هو پنهنجي ننڍي پاءُ سان گڏجي ماڻڻن ڏانهن

آيو. هڪ پيري هو پنهنجي پاءُ سان وڙهيو هو ۽ کيس بوٽ سان ڌڪو هنيو هئائين. جنهن جي ڪري ان جي مٿي مان رت ٽڙڻ لڳو هو پر ماٽس سختيءَ سان کي چيو هو ته:

"مان سمجهان ٿي ته هڪ ڏينهن تون هن کي ماري ئي ڇڏيندين!"

ان وقت کان وٺي هن جي ذهن تي ان فساد جهيڙي ۽ کاوڙ جو خيال موجود هو. هن جي ذهن تي نوَن سالن وارو اهو واقعو بہ بيٺل هو انڪري اهو ننڍي عمر جو واقعو اوچتو خواب ۾ ظاهر ٿيو هو. هن جا مائٽ گهر دير سان آيا هئا ۽ هن اهو سمجهيو هو ته اهي ايندي شرط سمهي پيا هئا. ٿوري ئي دير ۾ هن کي سهڪڻ جا ۽ ڪجهہ ٻيا آواز ٻڌڻ ۾ آيا جيڪي هن کي عجيب ۽ پوائتا پئي لڳا. ۽ هن پنهنجي بستري ۾ پاسا پئي بدلايا. هن جي خيالن مان اهو ٿو نظر اچي ته هن پنهنجي پاءُ جي حوالي سان، مائٽن ۽ پنهنجي وچ ۾ رشتن جو سنڌو ڪيڊي ورتو هو. هن جهيڙي ۽ جدوجهد جي نظريي تحت پنهنجي ۽ پنهنجي مائٽن جي وچ ۾ هڪ گروهي اٽڪٻٽ وارو خيال ذهن ۾ رکيو هو ۽ هن هڪ پيري پنهنجي ماءُ جي بستري تي رت جا چنڀا بہ ڏٺا هئا.

منهنجو چوڻ اهو آهي ته اهو ته روز مره جي تجربي منجهان ئي معلوم ٿئي ٿو ته وڻن جي وچ ۾ جنسي سنجوڳ جو اثر ننڍين تي بہ پوندو آهي. چاڪاڻ ته اهي شخصي تجربي کان اڳ ۾ ان کي ڪا پراسرار ڳالهہ سمجهندا آهن. ۽ مان جنسي اپار جي موضوع سبب اها وضاحت ڪرڻ ٿو چاهيان ته اهي شڪ بہ هارن کي ڳٽتيءَ جي پاسي ڇڪي ويندا آهن. جڏهن ته تجربي ٿيڻ کان اڳ ۾ ٻار اهڙيون جنسي حرڪتون ڪندي کي بہ شرم محسوس نہ ڪندا آهن ۽ خاص طور وڻن جي جهلڙ ڪانپوءِ منجهن سنجيدگي ۽ ڳٽتيءَ جو احساس بہ پيدا ٿيندو آهي.

خاص طور تي رات جي دوران ڊپ جي متعلق بہ مان ساڳئي قسم جي وضاحت ڏيندي ڪا هڪ محسوس نہ ٿو ڪريان. ته اونداهيءَ ۾ ڊپ جي حملي ۾ سوداءَ يا وهم جو حملو ٿيندو آهي. جيڪو هارن جي معاملي ۾ گهٽو ڏٺو ويو آهي. ۽ ان حوالي سان جنسي لذت واري ڪشش کي نہ سمجهي سگهڻ پڻ ڏٺو ويو آهي. کوجنا يقينن اسان کي. ان حملي جي ڪيفيت جي ظاهر ٿيڻ کي ثابت ڪري ڏيکاري سگهي ٿي. ته تيسيتائين لذت واري شديد جنسي خواهش (Sexual libido) ۾ نہ رڳو اتفاقي جذباتي اپار جي تاثرن ذريعي واڌ ٿيندي آهي. پر ڪاميابي ماڻڻ واري لهرن جي اوچتو پيدا ٿيڻ سبب بہ واڌ وارا عمل ورجائجڻ لڳندا آهن. بهرحال ان مشاهدي جي بنياد تي وڌيڪ مواد نہ هجڻ سبب مان ان وضاحت جي ثابتي ڏيڻ جي قابل نہ آهيان.

ٻئي پاسي هارن جي بيمارين جي ماهر ڊاڪٽرن (Paediatricians) مقصد جي رسائيءَ جي ذريعي رڳو هڪڙي پاسي ڪمي ڪئي آهي. جيڪا انهن سمورن مشاهدي ۾ ايندڙ واقعن يا حقيقتن کي سمجهڻ کي آسان بڻائي ٿي. پلي ته اهي جسماني جيوَ گهرڻن (Somatic) منجهان يا نفسياتي حوالي سان هجن. ڪنهن کل جهڙي واقعي کي اهڙي رستي سان پيش ڪرڻ تي مان زور نہ ٿو ڏئي سگهان. جنهن ۾ طبي ڏندڪٿائن واري هوشياريءَ جي حد محدود ٿي وڃڻ جو ڪارڻ بڻجي. منهنجو پيش ڪيل واقعو "ڊي بيڪر" (Debacker_1881,66) جي تحريري دستاويز "بستري ۾ پيشاب وهي وڃڻ جي علامت" (Pavor Nocturnus) تان ورتل آهي.

تيرهن سالن جي همار جو چوڪرو نزاڪت ۽ نفاست وارو تندرستا پورن پڇائڻ ۾ گرفتار ٿي ويو. هن جي نند ۾ خلل پوڻ لڳو. ائين هفتي ۾ هڪ پيرو مٽس ڳٽتيءَ ۽ وسوسي جو حملو ٿيڻ لڳو. هو پنهنجي خوابن کي سدائين سانڊي رکندو هو. هو چوندو هو ته "ڪو پوت وٽس اچي واکا ڪري چو ٿو ته: "اسان توکي هٽ ڪري ورتو آهي. هاڻي اسان توکي هٽ ڪري ورتو آهي."

جنهن کانپوءِ ڏامر ۽ گندرف جي بوءِ ۽ سندس کل جڙ ٻاهر جي اُلي سان سڙڻ لڳندي هئي. هو ڊپ وچان خواب مان جاڳي پوندو هو. پر ان وقت ڊپ جي باوجود هو کا بہ رڙ نہ ڪندو هو. پوءِ جڏهن هو پنهنجي آواز ڏانهن ڌيان ڏيندو هو ته ڪيس پنهنجو جملو ائين ٻڌڻ ۾ ايندو هو:

"نہ نا مون نہ ڪيو آهي، اهو مون ڪان نہ ٿيو آهي، مون ڪجھ بہ نہ ڪيو آهي."

يا: "مهرباني ڪري ائين نہ ڪريو، ٻيهر مان ائين نہ ڪندس."

يا ڪڏهن ڪڏهن: "البرٽ ائين ڪڏهن نہ ٿو ڪري سگهي."

پوءِ هن ڪپڑا لاهي سمهڻ ڇڏي ڏنو، چاڪاڻ تہ باهر جو اهو اُلو ڪيس تڏهن پڪڙيندو هو جڏهن هو ڪپڑا لاهي سمهندو هو. ان جي باوجود ڪيس اهي جنن وارا خواب نظر ايندا هئا، جنهن سندس صحت کي لوڏو ڏئي ڇڏيو. پوءِ هن کي شهر موڪليو ويو جتي هن کي تندرست ٿيڻ ۾ ارڙهن مهينن جو عرصو لڳو. پوءِ هڪ ڀيري جڏهن هو پندرهن سالن جو ٿيو تہ وري لفظ "Parties" (دعوتون) ٻڌي پريشان ٿي ويو. پوءِ هن ٻڌايو تہ:

"ان کي مڃڻ جي مون ۾ ٿوري بہ همٿ نہ آهي، پر مون کي هڪ احساس سدائين ڪنهن ڪنڊي وانگر چيندو رهندو آهي ۽ منهنجي بدن ۾ جذبات جو تمام وڏو جوش پيدا ٿيندو آهي، ۽ پوءِ هڪ وقت اهڙو ايندو آهي جو دل چوندي اهي تہ گهر جي دريءَ کان ٽپو ڏئي ڇڏيان."

حقيقت اها آهي تہ نتيجي ڪيڻ ۾ هڪڙي نندڙي مشڪل پيش آهي، مثال طور:

(1) تہ چوڪرو پنهنجي ابتدائي عمر ۾ پاڻ مان جنسي لذت حاصل ڪرڻ جو شڪار هو جنهن کان هو بلڪل انڪاري هو: "البرٽ ائين ڪڏهن نہ ٿو ڪري سگهي." جيڪا ڳالهہ ڪيس ايندڙ مصيبت ۽ خطري جو احساس پيدا ڪندي هئي. ان بري عادت جي عيوض رات جو سندس بستر و خراب ٿي ويندو هو.

(2) جوان ٿيندي ئي هن پنهنجي جنسي عضوي کي ڪنهڻ سان ابتدا ڪئي هئي، پر.....

(3) ضبط ڪرڻ جي ڪوشش سندس اندر ۾ ٽنڊ لڳي ۽ هو لذت واري شديد جنسي خواهش کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو جيڪا فڪر ۽ ڳڻتيءَ ۾ تبديل ٿي وئي، ۽ سندس ڳڻتيءَ ۽ پريشانيءَ ڪيس آٽي ان رستي تي اڇي بيهاريو جنهن تي ڪيس جنن پوتن جا آواز اڇڻ لڳا هئا.

هاڻي اچو تہ اصل ليڪ "ڊي بيڪر" (Debacker_1881,66) جي "شديد جنسي طلب" (Libido) جي پيش ڪيل مشاهدي منجهان اخذ ٿيندڙ نتيجن تي غور ڪريون:

(1) چوڪر تي اها جواني‌ءَ واري اثرانداز ٿيندڙ سگهہ هئي، جنهن ڪيس عمدي صحت کي قائم رکڻ بجاءِ ڪمزوريءَ ڏانهن ڏڪي ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ سندس دماغي قوت ۽ خون ۾ ڳاڙهن جزن جي گهٽتائي ٿيڻ لڳي ۽ هو ڪمزور ۽ لاغر ٿي پيو.

(2) دماغي قوت ۽ خون ۾ ڳاڙهن جزن جي گهٽتائيءَ (Cerebral Anaema) سندس ڪرداري وصفن ۾ تبديلي پيدا ڪري ڇڏي ۽ هن جو ذهن جنن پوتن جي اولڻ ۽ وسوسن جي ور چڙهي ويو ۽ رات جو فعال ٿيڻ واري ذهني وڳوڙي خيالن ۾ قاسي پيو. لڳيڃ ڏينهن جو بہ انهن وسوسن ۽ پريشانين ۾ گذارينڊو هو.

(3) چوڪر جي جنن پوتن وارو خيال سندس پس منظر ۾ مذهبي خيالن جي ڪري پيدا ٿيو هو. چاڪاڻ تہ ايجان هو ٻار هو.

(4) سندس ذهن مان اهي سپ خيال ۽ نقش گم ٿي ويا، جڏهن هو جسماني طور ڪوشش وٺي شهر پهتو ۽ پنهنجي جوانيءَ کي بچائڻ ڏانهن ڌيان ڏنائين.

(5) ڪشش واري اثر رسوخ جو بنياد پار جي ذهني حالت تي مدار رکندو آهي، جيڪو سندس خانداني لڳ لاڳاپن، يا پويان سندس پيءُ کي پر ميل يا سوزاڪ جو مرض رهيو هجي.

۽ هاڻي اچو آخري نتيجي تي: اسان هن معاملي جي درجي بندي، کاڌي خوراڪ جي گهٽتائيءَ سبب نيم بيهوشيءَ (Deliria) دوران جسم جي حرارت (Apyretic) جي حوالي سان ڪندا آهيون، جنهن کي اسان آڪسيجن جي ڪميءَ سبب خون جي رڪاوٽ (Ischaemia) دوران ظاهر ٿيندڙ حالت سان منسوب ڪندا آهيون.

(5)

ابتدائي ۽ ثانوي عمل:
(پيهر ڏيائڻ وارو عمل/ ضبط)
THE PRIMARY AND SECONDARY PROCESSES, REPRESSION

خوابن جي عملي نفسياتي سلسلي متعلق وڌيڪ گهرائيءَ سان جرعت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مان پاڻ کي سخت نميداريءَ ۾ مبتلا ڪري رهيو آهيان. جڏهن انهن منجهان ڪنهن هڪ جي معاملي ۾ ممڪن آهي ته منهنجي ذهني قوتن جو تفصيلي اظهار مشڪل سان ٿي سگهيو هجي. مجموعي طور تي ان مونجهاري ۾ جيڪي ترڪيبي جزا موجود آهن، سچ پچ ته انهن جي هر هڪ نڪتي کي ڪاميابيءَ سان واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. مون کي انهن بنيادن منجهان اميد رکڻ ڪان يقينن لنوائڻ گهربو هو جن تي اهي اڳ ۾ئي ٻڌل آهن. ۽ پنهنجي استادن طرفان ورتل اهڙي قسم جون تڪليفون وٺڻ منهنجي وس ڪان ٻاهر آهن.

حقيقت ۾ مان خوابن جي نفسيات جي حوالي سان، انهن سيني جي باري ۾ ڏنڊ پري رهيو آهيان، ڇاڪاڻ ته مان پنهنجي خيالن جي تاريخي ارتقا جي پوئواري ڪرڻ نه ٿو چاهيان، جيتوڻيڪ خوابن جي موضوع متعلق، مقصد حاصل ڪرڻ جو منهنجو پنهنجو طريقو آهي، جنهن جو دائرو اعصابي خلل/ مرض متعلق گذريل نفسياتي ڪم تي منحصر نه آهي. منهنجو ڪورٽيل ارادو نه آهي ته مان ويجهڙائيءَ وارين تحقيقن کي پنهنجي تازي ڪم جو بنياد بڻايان. توڙي جو مان پنهنجي خواهشن مطابق، عملي طور طريقن جي بجاءِ خوابن کي، اعصابي خلل/ مرض نه بابت نفسياتي علاج جي مقصد حاصل ڪرڻ جي خيالن کان ان جي مخالف رخ ۾ ائين ٻڌ ڪيو آهي. مان انهن سمورين پريشاني کان ٻاهر واقف آهيان، جن ۾ منهنجا پڙهندڙ مبتلا هوندا، تنهن هوندي ٻه مان گهڻين حقيقتن کي واضح ڪرڻ کان منهن ڦيرائي نه ٿو سگهان.

ان حالت ۾ شين جي متعلق پنهنجي اطمينان کي ڏسي مان ٿوري دير جي لاءِ هڪ ٻي ڳالهه تي غور ڪرڻ سبب خوش ٻه ٿيو آهيان، ته منهنجي محنت کي وڏي قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويو آهي. مون ابتدا ۾ ئي هن موضوع سان منهن ڏيڻ وقت ائين محسوس ڪيو هو، جيئن منهنجي پهرين باب منجهان نظر ايندو. خوابن متعلق ماهراڻي راءِ جو اختيار رکندڙ، خوابن جون ڪرداري وصفون نهايت حرفت واري انداز سان بيان ڪيون هيون، جن ۾ گهڻا ئي اختلاف هئا. خوابن جي مسئلن تي منهنجي طريقي ڪار، وڏ ۾ وڏا اختلافي سوچ فڪر لاءِ هڪ ويڪري جاءِ خالي ڇڏي آهي. مون ان جي پيش ڪرڻ کي، ان ڪري ضروري سمجهيو آهي ته جيئن انهن ٻنهي نظرين متعلق غير مشروط ترديد جو رستو کلي پوي. هڪڙو خيال اهو هو ته خواب ڏسڻ هڪ بي معني سلسلو آهي (ڏسو باب پهريون: خوابن جي مسئلن سان سائنسي ادب جو روپو/ تعلق، حصو پنجون: خوابن جي نفسياتي خاصيتن جي سجاٽپ/ فرق، ص: 129). ٻيو خيال اهو هو ته خواب! جسماني جيوَ گهرڙن جي چرپر سبب نظر اچن ٿا (ڏسو باب پهريون: خوابن جي مسئلن سان سائنسي ادب جو روپو/ تعلق، حصو ستون: خوابن جا نظريا ۽ انهن جو ڪم ص: 170). ان ڪانسواءِ مان انهن قائم ڪيل سمورن اختلافي عقيدن جو جواز ڳولهي انهن کي گڏيل مفاد جي حوالي سان هڪ نڪتي تي گڏ ڪرڻ جي قابل ٿي ويس. يا ائين چئجي ته مان پنهنجي مونجهارو پيدا ڪندڙ نظريي کي سمجهڻ ۽ اهو ڏسڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهيان: ته اهي حقيقت جي ڪنهن حصي تي روشني ٻه ڪري سگهن ٿا.

اهو خيال! ته خواب ڏينهن وارين دلچسپين ۽ ڪم ڪار وارين ڳالهين کي ڪٽي ايندا آهن (ص: 45_46)، ته اهو ڳجهن خوابي خيالن جي دريافت ذريعي مڪمل طور تي تصديقي رايو ثابت ٿيو آهي. اهي لڪل خوابي خيال انهن ڳالهين سان وابستا هوندا آهن، جيڪي اسان کي اهم نظر ايندا آهن. ۽ اسان ۾ تمام گهڻي دلچسپي پيدا ڪندڙ هوندا آهن. خواب ڪڏهن ٻه معمولي قسم جي تفصيلن کي نه وارايندا آهن، پر جيئن ته آسان سببن کي ڳولهڻ ۾ اسان غير موافق خيالن کي ٻه قبول ڪندا آهيون، ان ڪري اهو ٻه

سوچيندا آهيون ته خواب! گذريل ڏينهن جي خسيس ۽ اڻ ڏرين ڳالهين کي کڻڻ کان بہ انڪار ڪندو آهي (ص: باب پهريون: خوابن جي مسئلن سان سائنسي ادب جو روپو/ تعلق، حصو ٻيو: "خوابن جو مواد خوابن ڏريعي يادگيرين جو اڇڻ ص: 64)، ۽ ڏينهن واري وڏي دلچسپيءَ تي سندس ضابطو نہ هوندو آهي، جيستائين يا ڪنهن حد تائين جاڳ واري سرگرميءَ منجهان هٽ نہ ڪيي (ص: 64). اسان کي نظر ايندو ته خواب جي متن کي سڌي نموني جهلي رکڻ وارو عمل، خوابي خيالن کي، ترميم واري تاثر ڏريعي ان جي ڪري ڏيندو آهي، ته جيئن تعلق وارن مختلف حصن جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو وارو نظام قائم هجي، جيئن اسان ڏٺو ته خواب جو عملي سلسلو ويجهڙي وقت واري يا اڻ ڏريي تمثيلي مواد کي اختيار ۾ آڻڻ لاءِ اها آسانيءَ ڳولهيندو آهي، جيڪا جاڳ وارين سوچن جي سرگرميءَ جي ڏريعي ايجان لازمي طور گهربل نہ هوندي آهي، ۽ ان خيال کان بہ ته اهم چا آهي؟ البت جيڪي اڻ ڏرين سوچن لاءِ اعتراض جوڳيون هونديون آهن، انهن جي چنڊچاڻ جي ڪري پنهنجي نفسياتي شدت منتقل ڪندو آهي.

حقيقت اها آهي ته خواب غير معمولي درجي جي تفصيلي يادگيريءَ کي قائم رکندڙ (Hypermnesic) هوندا آهن. (ص: 52) ۽ ٻالڪپڻي جي مواد مان پوري ڏميواريءَ سان ڪٽ ڪري ڪٽي ايندا آهن (ص: 60)، جيڪو اسان جي سڪيا ۽ اپياس جي لاءِ پيڙهه جو پٿر هوندو آهي. خوابن جي متعلق اسان جو نظريو آهي ته خواهشون ٻال جَتيءَ ۾ ئي، خوابن جي جوڙجڪ لاءِ اٽڪل منشا واري سگهه ڏريعي وجود ۾ آڻن ٿيون.

فطري طور! اهي اسان تي ڪنهن خاصيت يا مقصد تي شڪ شبهي پاران ظاهر نہ ٿيندڙ آهن، جيڪي ننڊ دوران حواسي چرپر جي بيروني تجربي جي ڏريعي محسوس ٿيندڙ آهن (ص: 72) پر اسان کي اهو مواد خوابي خواهش سان ساڳئي ئي تعلق سان ٻيئل نظر ايندو آهي، جڏهن ڏينهن وارين سوچن جي باقيات، ڏينهونڪين سرگرمين منجهان نڪري وئي هجي. اسان کي سوچ سان اختلاف جو ڪو سبب نظر نہ ايندو آهي، جيئن خواب گهٽو ڪري غلط خيال واري تاثر جيان خارجي حواسي چرپر جي صورت ۾ تشريح ڪندا آهن، پر اسان اهو محرڪ ڳولهيندا آهيون، جيڪو ان تشريح لاءِ دليل مهيا ڪندو آهي، اهو دليل! جنهن کي ٻين ڪيترن ليکڪن تفصيل سان ٻڌائڻ کان سواءِ ئي ڇڏي ڏنو آهي. اها تشريح ان طريقي سان ٿيڻ لڳندي آهي، ته جيئن ادراڪيل شيون ننڊ ۾ مداخلت نہ ڪري سگهن، ۽ اهي خواهش کي پوري ڪرڻ جي قابل بہ هجن. ننڊ دوران حواسي عضون ۾ جوش ڪائيندڙ جذبن جي داخلي/ ذهني حالت مطابق ٿيندڙ اظهار متعلق "ٽرمبل لاڊ" (Trumbull ladd_ 1892) بہ ثابتي ڏني آهي (ڏسو باب پهريون: خوابن جي مسئلن سان سائنسي ادب جو روپو/ تعلق: حصو ٻيون: ترغيب ۽ خوابن جا ماخذ/ بنياد ص: 70)، ۽ اهو سچ آهي ته اسان ان کي خوابن جو خاص ماخذ سمجهيو ئي نہ آهي، پر اسان هاڻي يادگيرين جي وري موٽي اڇڻ واري نتيجي تي پهچي، خوابن جي پويان ڪم ڪندڙ سرشتي جي وضاحت ڪرڻ جي قابل ٿي ويا آهيون.

اندروني عضوياتي احساس، جيڪي وضاحت جي حوالي سان عام طور تي خوابن جي شهه رڳ جي اهميت رکندا آهن، اهي هڪ جاءِ تي ذهن نشين ٿيندا آهن، جيڪي اسان جي نظريي مطابق نهايت سهاجها هوندا آهن. اهڙا احساس، مثال طور: هيٺ ڪِرڻ جا احساس، ترڻ يا ڪنهن جذبي کي روڪڻ جا احساس، جن کي خواب استعمال ڪندا آهن، اهي ئي اسان کي مواد اهو مهيا ڪندا آهن، جن جي حوالي سان اسان اصل معاملي تائين سولائيءَ سان پهچي ويندا آهيون.

اهو خيال بہ ته خواب جو عمل، تڪڙو ۽ اتي جو اتي نتيجو ڏيندڙ هوندو آهي، ته اسان سمجهون ٿا ته شعور جي اڳ ۾ تعمير ڪيل خوابي متن ڏريعي حاصل ڪيل ادراڪ مطابق اها ڳالهه درست آهي. اهو بلڪل ممڪن ٿو لڳي ته خواب جي عملي سلسلي ۾ اڳوٽا يا مثال طور پيش ٿيندڙ حصا ٿورو آهستي ڊوڙندا آهن، ۽ ترورن وانگر چمڪا ڏيندا آهن. اسان ته سپنن جي اها پيرولي بہ سَلي ورتي آهي، جنهن ۾ مواد جو تمام وڏو ڏيل خزانو بہ نهايت مختصر وقت ۾ اچي ڏگو جهليندو آهي، ان ڪري اسان سمجهون ٿا ته اهڙن معاملن ۾ هٽ وجهڻ جو سبب بہ اهو ئي هوندو آهي ته ذهن ۾ مواد اڳ ۾ اڌيل، نهيل پيو هوندو آهي.

اها بہ حقيقت آهي ته يادگيرين جي ڏريعي خواب پيچ ڏاهه بہ ڪندا آهن ته بگڙيل صورت بہ اختيار ڪندا آهن (ڏسو باب پهريون: خوابن جي مسئلن سان سائنسي ادب جو روپو/ تعلق، حصو ڇوٽون: جاڳڻ کانپوءِ سپنا وسري ڇو ويندا آهن؟ ص:

108) ۾ اسان طرفان خواب جي "ويساري" واري عمل کي قبول ۽ ڪيو ويندو آهي، پر اسان جي راءِ ۾ ترتيب ڏيڻ واري عمل ۾ ڪا رنڊڪ يا رڪاوٽ لاءِ آخري ۾ متن وارو حصي جي پڄ ڌاهه واري سرگرميءَ کان وڌيڪ نه هوندي آهي، جيڪا خواب جي جڙڻ جي ابتدا کان عمل ڪرڻ لڳندي آهي.

ڇڪتاڻ وڌائڻ ۾ واضع طور تي نه سَرچي سگهڻ واري تڪرار جي حوالي سان توڙي جو ذهن رات جو ستل هوندو آهي، يا ائين چئجي ته رات جي وڳڙي ۾ هن جو اختيار پنهنجي جسماني شعبن تي ايترو نه هوندو آهي جيترو ڏينهن جو هوندو آهي (ڏسو باب پهريون: "خوابن جي مسئلن سان سائنسي ادب جو رويو/ تعلق: حصو پنجون: خوابن جي نفسياتي خاصيتن جي سڃاڻپ/ فرق، ص: 116). ان حالت ۾ ٻڌي ٽوليون صحيح هونديون آهن پر مڪمل طور تي صحيح نه هونديون آهن. اسان کي خوابي خيالن منجهان اهڙيون کوڙ پڌريون علامتون ملنديون آهن جيڪي انتهائي مونجهارن ۽ ڏاهپ واري عمل ۾ ملوث نظر ايندڙ آهن ۽ ذهني سرشتي جي سموري وسيلن کي هدايتن ڏيڻ جو ڪم سرانجام ڏينديون آهن، جيتوڻيڪ اهي خوابي خيالن جي ڏينهن دوران پيدا ٿيندڙ معاملن سان تڪرار نه ڪري سگهنديون آهن، تاڪيدي طور تي تسليم ڪنديون آهن ته اتي ذهن جي ستل حالت جيان ڪا اهڙي شيءِ ضرور موجود آهي. اهڙيءَ ريت اڻ پوري يا اڌ ننڊ اڌ جاڳ ۾ پڻ (ڏسو باب پهريون: "خوابن جي مسئلن سان سائنسي ادب جو رويو/ تعلق"، حصو ستون: "خوابن جا نظريا ۽ انهن جو ڪم" ص: 169-170)، ان خاصيت جو اظهار ڪنديون آهن، حالانڪ اسان اهو ڏسو آهي ته ننڊ جي حالت ۾ ڪهڙيون ڪرداري وصفون، ذهني ضمانت جي ٽوڙ ڦوڙ نه ڪنديون آهن، پر نفسي/ ذهني سرشتو انهن جو ڏيان رکندو آهي، جن جو ننڊ جي خواهش مٽان، ڏينهن دوران، اختيار يا قبضو هوندو آهي. بيروني دنيا کان هٽ ڪڍڻ يا هٽي وڃڻ وارا جزا، پنهنجي سڃاڻپ کي اسان جي منصوبي ۾ ذهن نشين ڪرائيندا آهن: مدد به اهي ڪندا آهن، باوجود ان جي ته اهي، خوابن ۾ نمائندگيءَ جي زوال پذير ڪرداري وصفن کي ممڪن بنائڻ لاءِ ٿري يا هيٺين حصي تائين تعين ڪندڙ جزا نه هوندا آهن. خيالن جي قافلي جي غير ارادي دستبرداري وارو رخ، تڪراري نه ٿيندو آهي، پر اهو ذهني زندگيءَ جي سموري مقصد جي حوالي سان مايوس نه ڪندو آهي، جنهن کي اسان ڏسي آياسين ته اهو ڪنهن مقصد خاطر ترڪ ڪري ڇڏيل خيالن کانپوءِ مجبوريءَ ۾ يا غير شعوري طور آيل خيال کيئن ٿا واڳون سنيالي وٺن.

اسان رڳو خوابن ۾ خيالن جي ذهني ڳانڍاپن جي ڊلي ٿي وڃڻ جي حقيقت کي ئي قبول نه ڪندا آهيون (ڏسو باب پهريون: خوابن جي مسئلن سان سائنسي ادب جو رويو/ تعلق، حصو پنجون: خوابن جي نفسياتي خاصيتن جي سڃاڻپ/ فرق، ص: 134) پر اسان ڏيکاريو آهي ته اهي بدگمانيءَ کان گهٽو وڌيڪ ڦهلاءُ ڪندا آهن. اسان اهو به ڏٺو ته اهي ڊلا ٿي ويل ذهني ڳانڍاپا، بين جي لاءِ کيئن نه رڳو خدمت بجا آڻيندڙ متبادل بڻجي ويندا آهن، جيڪي جاتل سجاتل، معقول ۽ جواز وارا هوندا آهن. اهو بلڪل سچ آهي ته اسان خواب کي اجايو نامناسب، گندو ۽ ڪل جهڙو به بيان ڪيو آهي، پر مثالن اسان کي اهو به سيکاريو ۽ سمجهايو آهي ته "خواب ڪيترو نه باشعور ٿئي ٿو پلي ته اهو گندو يا ڪل جهڙو نظر ايندو هجي.

خوابن کي سونپيل ڪمن سان اسان کي اختلاف نه آهي، ڇاڪاڻ ته خواب ذهن جي لاءِ بچاءَ واري هڪ طرفي سوراخ مان اخراج وارو ڪم ڪندو آهي ۽ "روبرٽ" جي لفظن ۾: نقصان رسائيندڙ سموريون شيون، خوابن ۾ پيش ٿيڻ لاءِ نقصانڪار ئي ٿي ويندیون آهن، نه رڳو ائين ٿيندو آهي پر اسان اهو به مشاهدو ڪيو آهي ته اهي اسان جي "ٻڌي خواهش جي پوري ٿيڻ" واري نظريي سان به بلڪل ٺهڪندڙ انداز ۾ خوابن ذريعي ڪجهي ايندیون آهن، پر انهن ۾ جنهن طريقي سان لفظ سازي ٿيندي آهي، يا ائين چئجي ته اهي جنهن انداز سان جملن جي جزن کي بنائڻ جو عمل ڪندا آهن، اها ڳالهه "روبرٽ" کان وڌيڪ اسان کي سمجهه ۾ آئي آهي. اها راءِ ته خواب پنهنجي عملي سلسلي ۾ آزاد هوندو آهي (ڏسو باب پهريون: "خوابن جي مسئلن سان سائنسي ادب جو رويو/ تعلق، حصو ستون: "خوابن جا نظريا ۽ انهن جو ڪم" ص: 177) ۽ اسان جي انهن نظرين جي نمائندگي ڪندو آهي، جيڪي تحت شعوري سرگرمين جي حقيقتن ذريعي خوابن ۾ گهڙي اچڻ جا مجاز هوندا آهن.

جملي جي جزن کي بنائڻ جو عمل، جيئن: "پار جي تخم (Embryo) واري نڪتي نظر سان، ڏهن جو خوابن ۾ موٽائي اچڻ وارو عمل" يا خوابن کي بيان ڪرڻ وارا "هيولاڪ" جا استعمال ڪيل لفظ: "قديم دنيا جا وسيع جذباتي ۽ اٽپورا ۽ ناقص خيال، اسان جي پنهنجي اعتماد ۽ خوشين ۽ اميدن تي اثرانداز ٿيندا آهن. جيڪي اوائلي يا قديم سرگرميءَ وارا طريقا، جيڪي ڏينهن دوران ڏهجي ويندا آهن، اهي خوابن جي جوڙجڪ سان جُڙيل هوندا آهن." اسان "سولي" (Sully_ 1893,362) جي تحرير جيان اهو قبول ڪرڻ جي ٻ قابل ٿي ويا آهيون ته: "اسان جا خواب ڪامياييون ماڻيندڙ انهن (آڪاٽين) شخصيتن کي محفوظ ڪرڻ جا وسيلا هوندا آهن. اسان جڏهن سمهندا آهيون ته پويان هليا ويندا آهيون، شين کي پراڻي انداز سان ڏسندا ۽ انهن جي متعلق محسوس ڪندا آهيون، اهي جذبا، لاڙا، ترغيبون ۽ سرگرميون ٻا جيڪي گهڻو وقت اڳ اسان تي اثرانداز ٿيون هيون." اهو خيال ٻ اسان لاءِ ڏيلاڪي" ڪان گهٽ نه آهي ته: "ڪهڙيون ڪهڙيون شيون ڏهجي ويون هيون، جيڪي وري خوابن جو متحرڪ ڏريعو بڻجي اپري اچن ٿيون."

اسان "شيرينر" جي "خوابي تصورن ۽ تمثيلن" متعلق بيان ڪيل حصي جي اهميت، جي ٻ ان جي پنهنجي ڪيل تشريح کان وڌيڪ تعريف ڪري آيا آهيون، پر اسان سندس خيالن کي، جيئن هئا، تيئن ئي، پر مسئلن مطابق مختلف صورتن ۾ پاڻ سان گڏ سفر ۾ ساڻ ڪنيو آهي.

نُڪتو اهو نه آهي ته خواب تصور تخليق ڪندا آهن، پر ڪنهن حد تائين تصورن يا تمثيلن جي شعوري سرگرميءَ جو خوابي خيالن جي تعمير ۾ تمام وڏو حصو هوندو آهي. اسان هيل تائين "شيرينر" جي اڌار لاهڻ جي ڪوشش ۾ ٻ رُڌل رهيا آهيون، جنهن خوابي خيالن جي ماخذ ڏانهن نه رڳو اشارو ڪيو آهي، پر هر شيءَ جي ويجهڙائيءَ واري انداز سان، جيئن هن خواب جي ڪم کي بيان ڪيو آهي، ته "اهو ماخذ ڏينهن دوران لاشعور جي سرگرميءَ جي سلسلي ۾ واقعي سارهه جوگو ڪم ڪندو آهي، ۽ اهو ئي خوابن کي چورڻ ۾ اعصابي خلل وارين علامتن کان گهٽ انتظامي مددگار نه هوندو آهي." اسان خوابن جي ڪم ۾ فرق واري گهڻي قدر مختلف معلومات فراهم ڪرڻ جي خدمت سرانجام ڏني آهي، البت تعبير واري حوالي سان ٿوري محدود ضرور آهي.

اسان جو مقصد بهرحال خوابن ۽ ذهني بگاڙ جي وچ واري تعلق کي ترڪ ڪرڻ نه آهي، پر اسان خوابن جي تشريح جي سلسلي ۾ هڪ مستحڪم سوچ ڏريعي، نوان ۽ تازا ميدان هموار ڪيا آهن.

اهڙيءَ ريت اسان خوابن جي اڌاوت وارين جاين کي، خاص طور تي پنهنجي آڪاٽن ليکڪن جي متضاد ڪوجنا جي حوالي سان ڳولهڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهيون، مان خوابن جي تشريح واري نظريي متعلق پنهنجي ڪم جي جدت جو پاڻ ئي متعرف آهيان، جنهن اسان کي پاڻ ۾ ملايو آهي، جن منجهان ڪجهه نظرين کي مختلف استعمال لاءِ ٻ چونڊيو آهي، ان حوالي سان اسان ڪجهه ليکڪن جي معلومات کي رد ٻ ڪيو آهي، ان جي باوجود اسان جي تشريح جي ماڻي ايجان مڪمل نه ٿي آهي. ڪيترن ئي حيران ڪندڙ ۽ منجهائيندڙ سوالن کانسواءِ، جن ۾ اسان نفسي / دماغي اڻ چٽائيءَ منجهان پنهنجو رستو ناهڻ ۾ ملوث ٻ رهياسين ۽ اسان ويجهڙائيءَ وارين متضاد مشڪلاتون ٻ ڏٺيون. هڪ پاسي اسان سمجهيو پئي ته خوابي خيال مڪمل طور تي عام رواجي (Normal) ذهني سرگرميءَ منجهان ايرن ٿا، پر ٻئي پاسي اسان خوابي خيالن ۾ سوچن جا ڪيترائي غير رواجي (Abnormal) عملي سلسلا ٻ ڏٺا، جن خوابن جي متن ۾ واڌارو پئي ڪيو جن کي اسان خوابن جي تشرح ۾ مختلف جاين تي ورجايو ٻ پئي. اسان خوابن جي ڪم جي عملي سلسلي ۾ تمام گهڻيون شيون بيان ڪيون، جن تي آڪاٽن ليکڪن، نفسي / ذهني عمل متعلق نهايت هيٺين سطح تي تمام وڏي ۽ سخت تنقيد پئي ڪئي، جيڪي عقلي سوچ واري عملي سلسلي جي وڏين وسعتن ۾ ڏور هليون ٿي ويون. ائين ٿي سگهيو ٿي ته اسان رڳو آگاهيءَ ۽ مدد وارا گهٽ ڳولهي، پنهنجي جاچ پڙتال جي ذريعي ان مشڪل کي حل ڪري چڏيون ها، پر مون تمام ويجهڙائيءَ کان ويهي، اڻ پورن ثبوتن منجهان خوابي جوڙجڪ جي معاملن جي جاچ پڙتال ڪئي آهي.

هڪ خواب، جيئن اسان ڳولهي لڌو آهي، اهو ڪيترين ئي سوچن منجهان قرار حاصل ڪري ٿو جيڪي اسان جي روزمره جي زندگيءَ ۾ هڪ مڪمل دليل واري سلسلي سان جُڙي ٿو. ان ڪري اسان ان ۾ شڪ نه ٿا آڻيون، چاڪاڻ ته واقعي اهي

سوچون اسان جي عام رواجي ذهني زندگيءَ جي پيداوار هوندا آهن. اسان جا سمورا لڳ لاڳاپا جن کي اسان پنهنجي سوچن جي وهڪري ۾ وڌو مان ڏيندا آهيون، اهي هڪ قسم جون ڪرداري وصفون ٻڌجي اسان جي ارادن، مونجهارن يا ڪاميابين تي اثر انداز ٿيندیون آهن، جن کي اسان سوچن ذريعي ورجائي به ڏسندا آهيون. ان ڪري ان ڳالهه کي تسليم ڪرڻ جي گهٽي ضرورت پيش نه ايندي آهي ته اها ئي سرگرمي ننڍ واري حالت ۾ پيش رفت ڪندي آهي. اهو به ممڪن آهي ته اسان جي نفسي/ دماغي ننڍ واري حالت! هيل تائين صفا روڙي بجريءَ سان پريل ۽ منجهيل قسم جون تصويرون گڏ ڪري رکيون هجن. حالانڪ اهي خيال گذريل ڏينهن جي ڪمن ڪارين منجهان ئي پيدا ٿيل هوندا آهن، پر ٿي سگهي ٿو ته اهي تصويرون شروع کان ئي اسان جي شعوري مشاهدي واري عمل مان نه گذريون هجن، ۽ ٿي سگهي ٿو ته ننڍ کان اڳ ۾ مڪمل ٿيون هجن. اسان گهٽو ڪري ان مان اهو نتيجو ڪيڏي سگهندا آهيون ته "سوچ جون تمام گهٽيون مونجهارو پيدا ڪندڙ پڃاڻيون، شعور جي مدد کانسواءِ ئي ممڪن ٻڌجي ويندیون آهن." هيءَ هڪ حقيقت آهي ته اسان جنسي بيماري، بي قابو جذبن (Hysteria) واري مريض يا وهم گمان وارن خيالن جي غلبي (Obsessions) ذريعي پيدا ٿيندڙ سوچن کي سمجهڻ ۾ اسان کڏهن به ناڪام نه ٿيا آهيون. اهي خوابي خيال، بلاشبهه شعور لاءِ ٻڌڻ جوڳا نه هوندا آهن، ان جا به ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا، جو ڏينهن دوران اسان جي شعور ۾ نتيجي لائق نه ٿا ٻڌجن. شعور پاران کو نتيجو ڪڍڻ جو عمل خاص طور تي نفسي/ دماغي طور تدارڪ واري سهوليت سان ڳنڊيل هوندو آهي (ڏسو باب ستون: "خوابن هي عمل جو نفسياتي پهلو" حصو ٻيو: "موت ڪائڻ وارو عمل" ص: 798_797)، اهو "ڏيان ڏيڻ" آهي، يعني اهڙو عمل جيڪو رڳو هڪ مخصوص مقدار ۾ موجود هوندو آهي، جيڪو سوچن جي وهڪري منجهان، چند خاص سببن ۽ سوالن جي ڪري رخ بدلائي سگهندو آهي.[1] هڪ ٻيو رستو به آهي، جنهن ۾ ان قسم جي سوچن جو قافلو شعور منجهان پاسو ڪري نڪري ويندو آهي. اسان جي شعوري اولڙن جي عمل جو سلسلو اسان تي ظاهر ڪندو آهي ته اسان پنهنجي "ڏيان" جي ڏسيل ان پيچري جي پويان پيا هلون، ان حالت ۾ جيئن اسان ان پيچري تي هلڻ لڳندا آهيون ته اسان هڪ سوچ/ خيال تائين پهچندا آهيون، جيڪا ايجان ڪنهن تنقيد جي سهاري تي ٻيئل نه هوندي آهي، اسان پوءِ ان کي ٽوڙڻ مروڙڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون: ۽ اسان "ڏيان" جي جذباتي نتيجي لاءِ ذهني قوت کي استعمال نه ڪندا آهيون، اهڙيءَ ريت جنهن "سوچ جي سلسلي" اڳيرائي ڪئي هئي، ۽ ان جي تاجي پيٽي کي تيڙ واري هڪ لڳاتار ڪوشش کي، بنا ڪنهن غور فڪر جي، برطرف ڪري ڇڏيو هو اها سوچ وري موت ڪائيندي آهي، چند حالتن ۾ ڪجهه نڪتن تي، يا انهن بين تي، جيڪي خاص طور شدت جي ڪنهن سطح تي پهچي ويل هوندي آهي، ته اها "ڏيان" تي زور رکندي آهي. اهڙيءَ ريت جيڪڏهن سوچ جو سلسلو شروع ۾ ئي (لڳيڃ شعوري طور) فيصلي يا فتوي جي ذريعي رد ٿي ويندو آهي ته اهو غلط ئي هوندو آهي، يا ان کانسواءِ اهو ڏاهپ واري تڪڙي خيال مطابق هوندو ته ان جو نتيجو اهو نڪرندو جو سوچ جو اهو سلسلو شعور جي ذريعي نظر نه آيل يا مشاهدو نه ڪيل انداز وانگر اڳيرائي ڪندو آهي، جيستائين ننڍ جي شروعات ٿئي.

خلاصو: اسان سوچن جي قافلي/ سلسلي (Train of thought) کي ائين بيان ڪيو آهي جيئن "تحت شعور" (Preconscious)، جنهن کي اسان عقلي ۽ مڪمل طور تي قبول ڪندا آهيون، ۽ اهو به مڃيندا آهيون ته يا ته اهو "نظرانداز ٿيل" (Neglected) هوندو آهي يا "ٽڪي ويل يا دٻجي ويل (Suppressed) رهجي ويندو آهي.

هاڻي اچو ته آزاد انداز کي شامل ڪريون ته سوچن جي سلسلي متعلق اسان کهڙي قسم جي تصوير ڪشي ڪندا آهيون! اسان جو ويساهه آهي ته ڪنهن مقصد واري (Purposive) سوچ! ابتدا کان ئي هڪ جذباتي تحرڪ پيدا ڪندي آهي، جنهن کي اسان اصطلاحي طور "نفسياتي سگهه ذريعي حاصل ڪندڙ قوت (Cathectic energy) سڏيندا آهيون، اها

---

[1] "ڏيان" متعلق نظريو فرائيڊ جي آخرين تحريرن ۾ گهٽو استعمال ٿيل آهي، ۽ ٻئي طرف ان جي عڪسبندي سندس ڪتاب "سماجي نفسيات (1950) جي مطالعي" ۾ ٿيل آهي.

پنهنجي انهن واسطيدار پيچرن کان وجائجي ويندي آهي، جيڪي مقصد واري سوچ جي ذريعي چونڊيل هوندا آهن. "سوچن جو قافلو" جيڪو نظرانداز ٿيل (Neglected) هوندو آهي، انهن ۾ هڪ اهو به هوندو آهي، جنهن وٽ سوچن تي غور ڪرڻ جي نتيجي ۾ استعمال ٿيندڙ اها قوت پهچي نه سگهندي آهي، ان کي "سوچن جو قافلو/ سلسلو" دٻيل (Suppressed) رهجي ويندو آهي يا ڪجھ به ڪرڻ کان انڪاري (Repudiated) ٿي ويندو آهي، اهو وري اتي هوندو آهي جتي غور ڪرڻ جي نتيجي ۾ استعمال ٿيندڙ قوت هٽ ڪٽي وڃندي آهي. انهن ٻنهي معاملن ۾ اهي ٻئي پنهنجي جذبات کي الوداع ڪري ويندا آهن. اڙ ٽر حالتن هيٺ سوچ جو سلسلو مقصد خاطر استعمال ٿيندڙ سگهه پاڻ ئي "شعور" جو ڏيان ڇڪائڻ جي قابل ٿي ويندي آهي ۽ ان موقعي تي، شعور جي انتظامي مددگار جي طرف کان حساس ۽ تمام گهٽي جذباتي سگهه پهچندي آهي. شعور جي فطرت ۽ عملي سلسلي متعلق اسان اڳتي صفحي 928_927 تي بيان ڪنداسين.

سوچن جو سلسلو يا ته خود بخود رڪجي ويندو آهي يا وري مخالفت جي باوجود ثابت قدم رهندو آهي. اسان انهن پهرين آيل سوچن جي نتيجي جي تصويرڪشي، سوچن جي سلسلي سان سلهاڙيل ان سگهه جي حوالي سان ڪندا آهيون، انهن سمورن منجهيل شراڪتي پيچرن سميت، جن منجهان روشني يا ان جا ڪرٽا خارج ٿيندا آهن. اها قوت! ايرندڙ جذبن جي صورت ۾ سوچ جي، نشريات واري سموري نظام کي ترتيب ڏيندي آهي، ۽ طئي ٿيل وقت جي لاءِ آخر تائين هلندي آهي تنهن کان پوءِ مري ويندي آهي، جيئن جذبن جي شدت پنهنجي نڪرڻ لاءِ اطمينان ڏيندڙ قوت ۾ تبديل ٿي ويندي آهي.

جيڪڏهن اهو پهريون حاصل ٿيل نتيجو واضع ٿيڻ لڳندو آهي يا اڇي مٿان پوندو آهي ته جيتري قدر خواب جي جوڙجڪ جو تعلق آهي ته روش، عمل يا ڪنهن به طريقي جي وڌيڪ اهميت نه رهندي آهي. اسان جي تحت شعور ۾ لکي ويهي رهڻ يا تاڙ ۾ ويهڻ، بهرحال اتي مقصد حاصل ڪرڻ واريون ڪي ٻيون سوچون به هونديون آهن. جيڪي اسان جي لاشعور جي سرچشمن ۽ خواهشن منجهان ايندڙيون آهن، ۽ اهي سڀائين چوڪس رهنديون آهن. اهي، "سوچن سان جذباتي لڳاءَ رکندڙ ٽولي" تي قبضو ڪري وٺنديون آهن، جيڪي پنهنجا منصوبا ڇڏي ويندا آهن. اهي، ان ٽولي ۽ لاشعوري خواهش جي وچ ۾ پنهنجو تعلق قائم ڪري وٺنديون آهن. ۽ ان قوت کي "منتقل" ڪري سگهنديون آهن، جيڪا لاشعوري خواهش سان وابستا هوندي آهي. جيتوڻيڪ پهتل سگهه ان کي شعور ۾ داخل ٿيڻ جو حق نه ڏيندي آهي، پر پوءِ به نظرانداز ڪيل يا ڏهجي ويل سوچ جو سلسلو ثابت قدم رهڻ يا جٽاءُ ڪرڻ جي صورت وٺي وٺندو آهي. اسان ان کي هن ريت بيان ڪري سگهون ٿا ته "تحت شعور واري سوچ جي سلسلي هيل تائين لاشعور منجهه جيڪي ڪجھ موجود هو اهو ان ڇڪي ڏيو ورتو!

اڻپوري ثبوت يا اڳڪٿي ڪرڻ منجهان ڪجھ ٻيا به نتيجا نڪرندا آهن، جيڪي خوابن جي جوڙجڪ ۾ اڳيرائي ڪندا آهن. تحت شعوري سوچ جو سلسلو لاشعوري خواهش سان اڳ ۾ ئي منسلڪ ٿي سگهي ٿي، ۽ ان جي ڪري ڪنهن مقصد خاطر غور ڪرڻ جي نتيجي ۾ استعمال ٿيندڙ قوت (Purposive Cathexis) جي غلبي جي سبب ڪجھ به ڪرڻ کان انڪاري هجي، يا لاشعوري خواهش، ڪن سببن جي ڪري (جسماني جيو گهرڻن جي چرپر جي ڪري ٻا) متحرڪ ٿي هجي، ته نفسي/ ذهني پونجيءَ جي منتقليءَ جي انهن اثرن کي، ساڻن ملڻ لاءِ سندن اڏ رستي تي اڇڻ کانسواءِ ئي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪري سگهي ٿي، جيڪي تحت شعور جي ذريعي نفسي/ ذهني قوت حاصل نه ڪري سگهيا هجن. پر انهن ٽنهي معاملن جو آخري نچوڙ ساڳيو ئي هوندو آهي، ۽ سوچ جو سلسلو تحت شعور ۾ ان ريت وجود ۾ ايندو آهي، اهو تحت شعور جي ڪنهن سوچ تي غور ڪرڻ جي نتيجي ۾ استعمال ٿيندڙ ذهني قوت کانسواءِ هوندو آهي، پر اها ذهني قوت وٽس "لاشعوري خواهش" وٽان پهچندي آهي.

ان نڪتي کان اڳتي، سوچ جي قافلي کي تبديلين (Transformations) جي سنگهر مان گذرڻو پوندو آهي، جنهن کي اسان عام قسم جي نفسي/ ذهني عملي سلسلي کان وڌيڪ نه سڃاڻيندا آهيون ۽ اهو ان نتيجي ڏانهن اڳواڻي ڪندو آهي جيڪو اسان کي هڪ بڪوڪري ڇڏيندو آهي ۽ اسان مونجهاري ۾ مبتلا ٿي ويندا آهيون: نفسياتي علاج جو ڏانچو ان جوڙجڪ تي ٻڌل هوندو آهي. مان انهن عملي سلسلن کي به شمار ڪندس ۽ انهن جي درجي بندي به ڪندس.

(1)

ماڻهوءَ جي انفرادي سوچن جي توانائي يا سگهه جو مقدار ئي مجموعي طور تي "نيڪال" جي نتيجي کيڙ جي قابل هوندو آهي، ۽ هڪ سوچ کي ٻي سوچ ڏانهن اڳيرو ڪري ڇڏيندو آهي تہ جيئن وڌين خوبين وارا ۽ پروسي جوڳا خيال جڙي سگهن (ڏسو باب ڇهون: "خواب جو عمل"، حصو ٽيون: "خوابن ۾ نمائندگيءَ جو مقصد" ص: 575_576). جڏهن اهو عملي سلسلو ڪيترائي ڀيرا ورجائجڻ لڳندو آهي تہ سوچ جي سموري سلسلي جي توانائي آخرڪار هڪڙي تصور واري يا تمثيلي خوبيءَ واري خاڪي تي ئي ڏيان ڏيندي آهي. هتي اسان وٽ "دٻاءُ"، "سوڙهه" يا "زور" (Compression) ۽ "اختصار ڪرڻ"، "گهٽائڻ" يا "گهٽجڻ" (Condensation) جي حقيقت موجود آهي، جيڪا خواب جي ڪم ۾ تمام ويجهي واقفيت رکندڙ آهي. اها اها آهي، جيڪا گهٽو ڪري پريشان ڪندڙ/ مونجهاري ۾ وجهندڙ انهن تاثرن جي ڏمیوار هوندي آهي، جيڪي اسان تي خوابن جي ذريعي اثرانداز ٿيندا آهن. اهي يا اهڙا تاثر اسان کي پنهنجي ذهني زندگيءَ ۾ ڪنهن بہ لحاظ سان ساڳيا يا هڪ جهڙا هرگز نہ لڳندا آهن ۽ اهي بلڪل عام رواجي ئي لڳندا آهن ۽ شعور ڏانهن بہ سولائيءَ سان پهچڻ لائق هوندا آهن. عام رواجي زندگيءَ ۾ بہ اسان اهڙا اهڙا خيال ڳولهيندا آهيون جيڪي جوڙيندڙ نڪتن وارا يا سوچن جي سمورن سلسلن جو آخري نتيجو ڪيندڙ هجن، جن ۾ نفسي/ ذهني تمام اعليٰ درجي جي خاصيت هجي، پر انهن جي خاصيت، ڪنهن اهڙي مهانڊي جي ذريعي واضع نہ ٿيندي هجي، جيئن اندروني ادراڪ ۾ مشاهداتي طور تي حواسي/ دماغي اسلوب يا ورتاءَ واري هوندي آهي. انهن جي ساڃاهه/ ادراڪ واري نمائندگي، پنهنجي نفسي/ ذهني خاصيت واري حوالي سان وڌيڪ شديد نہ هوندي آهي. گهٽائڻ يا گهٽجڻ واري عملي سلسلي ۾ ٻئي پاسي اندروني طور تي هر نفسي/ ذهني ڳانڍاپو تصور يا تمثيلي مواد زور وٺائڻ يا تيز ڪرڻ واري عمل ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. ڳالهه ساڳي آهي، ائين، جيئن جڏهن ڪتاب تيار ڪري ڇپائيءَ لاءِ پريس ڏانهن موڪلبو آهي، جنهن ۾ مون سمجهڻ لاءِ ڪجهه اهم لفظ شامل ڪيا هجن، ۽ پريس ان کي پني جي خاص حصي تي، پنهنجي مضبوط قسم جي ڇپائيءَ ذريعي محفوظ ڪيو هجي يا مان ساڳيا لفظ پنهنجي زباني طور وڏي آواز ۽ تيرج سان ادا ڪندو هجان ۽ انهن جي شدت کي واضع ڪندو هجان.

انهن ٻنهي هڪ جهڙائين مان، پهريان ڏنل ٻئي مثال اسان کي، هڪدم خوابي ڪم جي ذريعي هڪ مرڪب[1] لفظ ياد ڏياري ڇڏيندا.[2] فني تاريخ لکندڙن اسان جو ڏيان ان حقيقت ڏانهن ڇڪايو آهي تہ آڳاٽن تاريخي مجسمن جي ذريعي بہ ساڃائي اصول تحت خدمت سرانجام ڏني وئي آهي، انهن ماڻهن جي مرتبي کي وڌو ڪري پيش ڪري سندن عظمتي سطح کي اجاگر ڪيو ويو آهي. بادشاه کي بہ سندس اميرن وزيرن توڙي دشمنن جي قد بت جي پيٽ ۾ ٻيٽو ٽيٽو وڌو ڪري پيش ڪيو ويو آهي. روم جي آڳاٽي دور ۾ ڪنهن مڪار دغاباز جو مجسمو ٺاهڻ بہ ساڃائي معنيٰ رکندڙ هو. بادشاه جو مجسمو شهر جي وچ چونڪ تي لڳايو ويندو هو ۽ ان جي وڏي حفاظت ڪئي ويندي هئي، جيتوٽيڪ هن جا دشمن سندس پيرن ۾ ويهي سجدا ڪندا هئا، پر اهي پوءِ بہ انهن قداور ماڻهن جي اڳيان رواجي ۽ ننڍي قد وارا ڄامڙا ئي رهيا. عام ماڻهن جو وڏي مان مرتبي واري ماڻهوءَ سان جهڪي ملڻ جو رواج بہ آڳاٽن وقتن کان هلندو ٿو اچي، اهو انهن زمانن جو ئي اولڙو آهي، جيڪو اڄڪلهه بہ ڪمزور ۽ نادار ماڻهن تي پوندو ٿو رهي.

اهو رخ! جنهن ۾ خوابن ۾ گهٽائڻ يا اختصار جو عمل اڳيرائي ڪندو آهي، اهو تحت شعور جي عقلي تعلق جي ذريعي، هڪ پاسي خوابي خيالن جو تعين ڪندو آهي تہ ٻئي پاسي لاشعور ۾ عڪسي يادگيرين جي ٽڪ ۽ ورجاءَ جي ذريعي

---

[1] مرڪب: چند وصفن ۾ طبع يا عضوياتي بنيادن سان ملندڙ نائٽروجن ۽ هائيڊروجن جو مرڪب (Trimethylamin).

[2] ارما جي سرنج وارو خواب: ڏسو باب ٻيو: "خوابن جي تعبير جو طريقو"، "نمائنده خواب جو تجزيو" ص: 204.

طئي ڪندو آهي. گهٽائڻ يا گهٽجي وڃڻ جي سرگرميءَ جو نتيجو جذباتي شدت جي ئي ڪاميابيءَ جو نتيجو هوندو آهي، جنهن کي ادراڪي نظامن جي رستي منجهان لنگهڻ جي قوت گهربي آهي.

(2)

آزاد ٽيڙ لاءِ هڪ پيرو ٻيهر پابند ٽيڙ: جنهن سان جذباتي شدتون منتقل ٿي سگهن: اهي "وچ واريون/ ثانوي سوچون" (intermediate ideas) هونديون آهن، ملندڙ جلندڙ سمجهوتو ڪندڙ هونديون آهن. اهي اختصار واري اثر رسوخ هيٺ تعمير ٿيندڙيون آهن.

اهو! وري عام رواجي سوچن جو ڪو اڻ ٻڌل سلسلو هوندو آهي، جتي مرڪزي دٻاءُ جو آڌار ان "درست" تصور يا تمثيلي عنصرن جي چونڊ ۾ برقرار رکڻ واري عمل تي هوندو آهي. ٻئي پاسي مرڪب جوڙجڪ ۾ سمجهوتا، جڏهن اسان تحت شعوري سوچن کي گفتگو جي انداز ۾ واضع ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون تہ منتقل ٿيندڙ اشاري مطابق نهايت حيرت انگيز ۽ غير معمولي انداز ۾ اظهار ڪندا آهن. انهن کي اسان "زبان جي ترڪي وڃڻ" يا "هيڪڻ" واري ذمري ۾ رکندا آهيون.

(3)

سوچون! جيڪي پنهنجون شدتون هڪ ٻئي ڏانهن منتقل ڪنديون آهن، صفا هيٺاهينءَ تي ٻيهر ۽ گڏيل تعلق جي معمولي سطح تي ٻيهر سوچن ڏانهن، تہ اهي ان قسم جي ڀڄاڻيا پي سان منسلڪ ٿي ويندڙيون آهن. جيڪي اسان جي عام سوچن ۾ ڏاکاريا بيڄان جو احساس/ جذبو ايياري چڏيندڙيون آهن ۽ اسان کل مذاق واري ابتر حالت ۾ مبتلا ٿي ويندا آهيون. خاص طور تي اسان ساڻگئي اچار وارا لفظ (Homonym) ڳولهيندا آهيون. جيڪي صورتخطيءَ ۾ مختلف هوندا آهن، پر انهن ۾ زباني هڪ جهڙائي هوندي آهي ۽ انهن جي معنيٰ به ٻي هوندي آهي.

(4)

اهي خيال! جيڪي گڏيل مفاد جي ڪري اختلافي هوندا آهن، اهي هڪ ٻئي کان پري ٽيڙ جي ڪوشش به نہ ڪندا آهن، پر مخالفت جي باوجود ثابت قدم رهندا آهن. اهي گڏجي اختصار جي بناوٽ ڪندا آهن، ائين جڙ انهن جي وچ ۾ ڪا مخالفت ئي نہ هجي، يا اهي سمجهوتو ڪرڻ لاءِ ائين پهچندا آهن جو اسان جون شعوري سوچون جيڪر انهن کي ڪڏهن برداشت نہ ڪن، پر اسان جو عمل انهن جو سدائين خير مقدم ڪندو آهي.

اهي آهن غير رواجي عملي سلسلي جا چند اثرائتا ۽ نمايان مثال، جن منجهان معلوم ٿيندو تہ گذريل وقتن وارا، منطقي بنيادن تي تعمير ٿيل خوابي خيال، خوابي ڪم جي معاملي ۾ موضوع ڪيئن بڻجن ٿا. ۽ اهو به ڏسي سگهجي ٿو تہ انهن عملي سلسلن جي مرڪزي ڪرداري وصف اها ٿي نظر اچي تہ سموروزور/ دٻاءُ نفسياتي قوت ذريعي جوڙيل سگهه جي حرڪت پذيريءَ تي رکجي، ۽ نيڪال جي قابل ٿجي. نفسي/ ذهني مواد ۽ ترڪيبي جزن جي باضابطہ معنيٰ، جيڪا جذباتي نتيجي ۾ استعمال ٿيندڙ قوتن سان لاڳاپيل هوندي آهي، اها رڳو نندڙو نتيجو ڏيڻ وارو ڪم ڪندي آهي، جنهن لاءِ ائين چئجي تہ اختصار ۽ سمجهوتي واري تشڪيل رڳو موٽ ڪائڻ واري عمل (regression) کي سهوليت ڏيڻ لاءِ ڪجي ايندي آهي، ائين تڏهن ٿيندو آهي جڏهن سوچن جو عڪسن ۾ تبديلي آڻڻ جو عمل ٿيڻ لڳندو آهي.

پر تشريح، ۽ ڪجهہ قدم اڳتي يعني خوابن جي "گهٽن جزن جي ڪل ۾ امتزاج" (Synthesis) جو عمل، جيڪو تصويرن ۾ موٽائي ڏيڻ وارو طريقو شامل نہ ڪندو آهي، اهو ائين ئي آهي، جيئن پروفيسر اين سان "آنوڊياسڪر" لفظ واري

گفتگو (ڏسو باب ڇهون: خواب جو عمل، حصو پهريون: "اختصار يا گهٽائڻ جو عمل" ص: V 525) ۾ به اختصار (Condensation) ۽ گم ٿي وڃڻ (Displacement) جو ساڳيو عمل هو.

اهڙيءَ ريت اسان سفر ڪري ان نتيجي تي پهتا آهيون ته خوابن جي تشڪيل ۾ بنيادي طور ٻه مختلف قسم جا نفسي/ ذهني عمل وابستا آهن. جن مان هڪڙو باقاعدي منطقي طور تي خوابي خيالن کي پيدا ڪندو آهي، جن جي معقوليت (Validity) عام رواجي سوچن کان گهٽ نه هوندي آهي، جڏهن ته ٻيو انهن خيالن سان هلت هلندو آهي، جن ۾ تمام وڏي درجي جي پريشاني هوندي آهي ۽ اهي غير منطقي هوندا آهن. ان حوالي سان اسان اڳي ئي باب ڇهين ۾ ان ٻئي نفسي/ ذهني عمل کي، خوابي ڪم جي درست انداز جيان الڳ ڪري پيش ڪيو آهي. هاڻي اسان ان جي اصلوڪي صورت تي ڪهڙي روشني وجهون؟

ان سوال جو جواب ڏيڻ اسان جي لاءِ ناممڪن نه آهي، جيڪڏهن اسان اعصابي مونجهارن بابت نفسياتي مطالعي ڏانهن پيش رفت نه ڪنداسين، خاص طور جنسي/ ذهني بيماري، بي چيني، چريائپ ۽ چٽپڙ (Hysteria) بابت. انهن ۾ پڙ ساڳيا غير منطقي نفسي/ ذهني عمل ملن ٿا، ان کان علاوه ٻئي ڪنهن طريقي سان جنسي/ ذهني بيماريءَ جي غلبي تي پيدا ٿيندڙ "علامتن" متعلق پيرائتي معلومات اسان کي ڪانه ٿي ملي. جنسي/ ذهني بيماريءَ ۾ پڙ اسان مڪمل منطقي خيالن جي قطار کي پار ڪري آيا آهيون، جيڪي اسان جي شعوري خيالن لاءِ هڪ جيترو جواز رکن ٿا. پر شروع ۾ اسان انهن جي موجودگيءَ کان ان صورت ۾ باخبر نه هئاسين، ۽ تنهن ڪانپوءِ اسان انهن کي پيهر جوڙڻ جي ڪوشش ڪري ٿي سگهياسين. جيڪڏهن ڪنهن نڪتي تي اهي پاڙ اسان جي ڏيان ڏيارڻ تي زور پرين ها ته اسان تجزيي ذريعي ڪوج لڳائي ونون ها ته مرض جا اهي ڪهڙا آثار يا اهجاڙ آهن، جيڪي عام رواجي خيال پيدا ڪن ٿا، ۽ وري غير رواجي سلوڪ جي پاسي لاڙيا وڃن ٿا: اهي اختصار جي مقصد تحت ۽ سمجهوتي جي تشڪيل جي ڪري، هڪ اڀهري يا اچاتري سڪٽي يا ڪوڪلي (Superficial) وابستگيءَ جي ذريعي ۽ اختلافي ٻي پرواهيءَ واري طريقي سان علامتي تبديليءَ واري صورت اختيار ڪن ٿا، ۽ اهو عمل واپس ٽيڙ واري پيچري سان گڏگڏ هلندي به ٿي سگهي ٿو. ان حوالي سان خوابي ڪم جي ڪرداري وصف وارن عنصرن جي مڪمل شناخت جي وچ ۾ ۽ اهي نفسي/ ذهني سرگرمين وارا، جيڪي نفسي اوٽائي/دماغي بيماريءَ وارين (Psychoneurotic) علامتن ۾ خارج ڪن ٿا، اسان انهن کي، خوابن ڏانهن ڪٽي اچڻ واري صورت ۾ تائيدي ثبوت ڏيندڙ محسوس ڪريون ٿا، جنهن منجهان جنسي/ ذهني بيماريءَ جا نتيجا به نڪرن ٿا.

اسان ان ڪري اهو نظريو به جنسي/ ذهني بيماريءَ جي نظري اصولن کان اڳاڙو ورتو: ته رڳو عام رواجي قسم جي سوچن جو قافلوئي غير رواجي قسم جي نفسي/ ذهني بيماريءَ جي علاج لاءِ پيش ٿيندو آهي، جنهن جي قسم کي هن ريت بيان ڪنداسين، ته جيڪڏهن "لاشعوري خواهش" نندپڙ واري دور کان هلي آئي آهي ۽ "ضبط" واري حالت ۾ آهي ته اها ان تي منتقل ٿي ويندي آهي. ان ريت ان نظريي سان اسان خوابن جي نظري اصول جي تعمير ان دليل تي ڪندا آهيون ته خوابي خواهش، جيڪا تحرڪ جي قوت اڻ لکي انداز سان مهيا ڪري ٿي، جيڪا لاشعور جي ايجاد ڪيل هوندي آهي.

دليل: جنهن کي مان پنهنجي سِر جيئن جو تيئن ئي مڃڻ لاءِ تيار آهيان، چاڪاڻ ته دليل عام طور تي هر ڳالهه کي ثابت ڪري نه سگهندو آهي، پر اهو غير ثابت به نه هوندو آهي. پر جڏهن اسان اهو واضع ڪرڻ لڳنداسين ته "ٻاڻ واري ڪيفيت يا ضبط" جي معنيٰ "هڪ اصطلاح" آهي جنهن سان اسان الائي ڪيترا پيرا ڪيڏيو آهي، پر هاڻي ضروري ٿي پيو آهي ته ان کي اسان پنهنجي نفسياتي عمارت لاءِ تعميري سامان طور ڪٽي اڇتي هلون.

اسان هن کان اڳ ۾ آڳاٽي نفسي/ ذهني سرشتي متعلق ڳالهه ٻولهه ڪري آيا آهيون، جنهن جون "سرگرميون/ مصروفيتون" هڪ ڪوشش جي ذريعي ڏڳ ٿي ويل جذبات کان پاسو ڪرڻ جي نگراني ڪن ٿيون ۽ جيتري قدر ممڪن ٿي سگهي ٿو اهي جذبات کانسواءِ ڪيفيتن کي بحال رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون. ان جي ڪري اهي عڪسي تصوير ناهيندڙ

اوزار/ سرشتي جي منصوبا بندي۽ تي ٿھن ۽ واڌ کائن ٿيون. تحرڪ جي قوت کي پھرين پيري ۾ آڻي ونڊ، بدن ۾ اندروني ڦير گھير جي ڪري ٿئي ٿو پوءِ اڪلاءِ به ھن جي اختيار ۾ ھوندو آھي ته اھو ڪھڙي پيچري جي ذريعي نيڪال ٿو ڪري اسان اھو بحث "اطمينان جي تجربي" جي نفسي/ ذھني نتيجي تي ڪرڻ پيا ويچون. ۽ انھيءَ ناتي اسان اڳي ئي ھڪ ٻئي دليل جي مدد پئي ورتي. سامھون آيل ان نتيجي جي ڪري ته "جذبات جون ڳنڍيون پرجي وڃڻ" (مختلف رستن سان اپري آيل، جن سان اسان جو تعلق نہ آھي) وارو معاملو بيقراريءَ ناخوشگواري محسوس ڪرائيندو آھي ۽ اھو ئي ان سرشتي کي متحرڪ ڪندو آھي. ان خيال کان خوشگواريءَ يا اطمينان وارا اھي تجربا ورجائيندو آھي، جيڪي جذبات جي ڪمي يا گھٽتائيءَ سان منسلڪ ھوندا آھن ۽ ٿوري گھٽي خوشي ڏيندڙ ھوندا آھن. سرشتي ۾ ان قسم جي لاڙي جي شروعات ناخوشگواريءَ کان ٿيندي آھي، پر ان جو مقصد راحت ئي حاصل ڪرڻ ھوندو آھي. اسان ان کي "خواھش" جي اصطلاح ۾ رکيو ۽ اسان اھو ساڪ سان ٿا چئون ته اھا رڳو "خواھش" ئي ھوندي آھي، جيڪا سرشتي کي متحرڪ ڪرڻ جي قابل بڻائيندي آھي، ۽ جذبات جي حوالي سان ان ۾ خوشيءَ ۽ غم جا احساس پاڻمرادو ۽ مناسب انداز ۾ ڦرندا گھرندا آھن. پھرين ڪيل خواھش، اطمينان جو احساس پيدا ڪندڙ ياد جيان ھوندي آھي ۽ ڪنھن وھم يا سودائي نفسي/ دماغي قوت جيان لڳندي آھي، اھڙا سوداءُ بھرحال، جيڪڏھن نيڪال جي معاملي کي بحال يا برقرار رکي نہ سگھندا آھن ته "وھڪري جي خاتمي" (Cessation) جي ضرورت ۾ اٽپورا/ ناڪافي ثابت ٿيندا آھن يا ان راحت جي پاسي ھليا ويندا آھن، جيڪا اطمينان سان منسلڪ ھوندي آھي.

پي مصروفيت يا سرگرمي: يا اسان ان کي ٻئي سرشتي جي مصروفيت يا سرگرمي چئي سگھون ٿا. جيسيتائين ادراڪ يا ساڃاھ جو تعلق آھي ته اھو سرشتو پويَن گذاريلَ ڏينھن جي ياداشت ۾ مدد ڏيندڙ جذباتي نتيجي (Mnemic Cathaxis) کي عمل ڪرڻ جي اجازت نہ ڏيندو آھي ۽ اتان نفسي/ ذھني زوراورين کي پابند ڪندو آھي، عيوض ۾ ضرورت منجھان اپرندڙ جذبات کي، چئني پاسي ويندڙ پيچرن سميت، جيڪي آخرڪار رضاڪاراٽي ھلچل جي ذريعي ٻاھرين دنيا کي اھڙي طريقي سان گھٽائيندو آھي جو سندن اطمينان جي حقيقي ساڃاھ تائين پھچڻ ممڪن ٿي پوندو آھي. ان نڪتي تي اسان اڳي ئي نفسياتي ڪار وھنوار ھلائيندڙ سرشتي جي رٿا وارو تصوري خاڪو (Schematic Picture) ڏئي آيا آھيون. "اصل ۾ ۽ سرشتا ئي اھي جيوڙا آھن، جيڪي مڪمل طور تي ساري نظام کي ھلائن ٿا، جن کي اسان "لاشعور" ۽ "تحت شعور" سڏيو آھي."

ٻاھرين دنيا ۾ جوش جذبي جي قوت کي گھٽائڻ وارو عمل گھٽو موثر ٿيندو آھي، ۽ ان جي ڪري تمام گھڻن تجربن جو مواد به گذاريلَ عرصي وارين يادگيرين ۾ مدد ڏيندڙ سرشتن (mnemic systems) ۾ گڏ ٿيندو ويندو آھي، ۽ لاڳاپن جي مستقل دفتر ۾ جھجھي انداز ۾ جمع ٿيندو ويندو آھي، جيڪو ڪنھن مقصد خاطر گڏ ٿي ويل مختلف سوچن جي ذريعي رابطو ڪندو آھي (ڏسو باب ستون: "خوابن جي عمل جو نفسياتي پھلو" حصو ٻيو "موت کائڻ وارو عمل" ص: 654).

ھاڻي اسان پنھنجي دليل جي سلسلي ۾ ھڪ قدم اڳتي ٿا ڪڻون: اُن ٻئي سرشتي جي سرگرمي، ثابت قدميءَ سان پنھنجي رستي جو ڏيان رکندي آھي، ۽ نعم البدل اماڻيندي آھي ۽ جذباتي نتيجي ۾ اپرندڙ قوت کان ھٽائڻ جي ڪوشش ڪندي آھي، ھڪ پاسي جي ضرورت تحت، يادن جو سمورو مواد آسانيءَ سان سندس قبضي ۾ اچي ويندو آھي، پر ٻئي پاسي قوت جو اجايو خرچ ٿيڻ لڳندو آھي، جيڪڏھن اھو ھيل تائين نڪتل ڪيترن ئي جذباتي نتيجن جي آڏار تي، سوچن جي ٻين گھڻن پيچرن سميت، ۽ اھڙيءَ ريت نيڪال جو سبب بڻجي به پوي ته به ڪارآمد مقصد ۽ اھو موجود گھٽيل مقدار ٻاھرين دنيا جي لاءِ به گھٽجي ويندو آھي. مان بھرحال دليل جي بنياد تي سچ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس ته پنھنجي اھليت يا خاصيت جي خاطر ٻيو سرشتو! ھڪڙي ئي خيال تي غور جي نتيجي ۾ استعمال ٿيندڙ ذھني قوت جي مڪيہ حصي کي، ۽ گم ٿي ويل رڳو ھڪڙي ننڍڙي حصي کي لاڳو ڪرڻ جي ذريعي، سڪون ۽ اطمينان واري حالت کي برقرار رکڻ ۾ ڪامياب ٿيندو آھي.

انهن عملي سلسلن جي جاڙ وارن حصن کان (جيڪي جسمن مٿان قوت ذريعي عمل جي نتيجي ۾ حرڪت ۽ سڪون پيدا ڪندڙ آهن) مان اڻ واقف آهيان. جيڪڏهن ڪنهن جي خواهش هجي ته سنجيدگيءَ سان نفسي/ذهني هڪ جهڙائي رکندڙ يا پيدا ڪندڙ انهن خيالن کي ڪٽي ڏسي ۽ انهن جي تصويري چرپر جي مقصدن جي ڳولها ڪري، جيڪي پوري جسم جي نظام کي هلائيندڙ اعصابي تنتي گهرڻن (Neurones) سان گڏ هوندا آهن. منهنجو سمورو زور پهرين نفسي/ ذهني سرشتي جي ان سرگرميءَ تي ڏنل آهي، جنهن سرگرميءَ جو بنياد جذباتي مقدار جي آزاداڻي انداز سان نيڪال کي بچائڻ واري خيال تي ٻڌل آهي. جڏهن ته ٻيو سرشتو ان سرگرميءَ منجهان، جذباتي غور فڪر جي خيال کان نيڪال کي ٻنجو ڏيڻ ۽ جذباتي نتيجي ذريعي استعمال ٿيندڙ قوت کي سڪون ۽ اطمينان ۾ تبديل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندو آهي. بيشڪ اهو ساڳئي وقت پنهنجي سرگرميءَ جو درجو به ڪجهه متاثر ڪري رکندو آهي. بهرحال مان اهو ٿو سمجهان ته ٻئي سرشتي جي غلبي هيٺ، جذبات جو نيڪال، پڪ سان انهن ٿوس يا جذبن، احساسن کان وانجهيل حالتن جي ذريعي انتظام هلائيندو آهي، جيڪي پهرين سرشتي جي اثر هيٺ پوري سگهه سان موجود هوندیون آهن. جڏهن سرشتو هڪ پيرو ٻيهر پنهنجي کوجنا واري سوچن جي سرگرميءَ منجهان مجموعي نتيجو اخذ ڪندو آهي ته اهو روڪيل ذهني عملن کي آزاد به ڪندو آهي، ته جذبات کي به پوئتي روڪي وٺندو آهي ۽ پوءِ انهن کي هلچل يا حرڪت ۾ اخراج جي اجازت ڏيندو آهي.

ڪي دلچسپ قسم جا اولڙا پوئواري ڪندا آهن، جيڪڏهن اسان اخراج جي ان لاڙي يا جذبي کي روڪيندڙ ذهني عمل جي، جيڪو ٻئي سرشتي جي ذريعي ۽ ناخوشگواريءَ واري اصول جي ذريعي، باقاعدي اثراندازيءَ جي وچ وارن رشتن متعلق غور ڪندا آهيون. تڏهن اسان خوشي، راحت يا اطمينان جي ابتدائي تجربن جي، متضاد جذبن، لفظن يا قوتن جي مخالفت (Antithesis) کي به جاچي ڏسندا آهيون. جهڙوڪ: باهرين خوف يا ڪراهت ڏيارينڊ شين جا ڪيل تجربا. اچو ته مثال وٺون ته جيڪڏهن ابتدائي عملي اوزار (سرشتو) ساڃاهيل انهيءَ من اچل ذريعي، بي جا مداخلت ڪري ٿو جيڪو جذباتي تڪليف جو سبب بڻيل به رهي ٿو ته خواهش کي منتقل ڪندڙ غير مربوط اپار واري پيشڪش يا وضاحتون، تيسيتائين پوئواري ڪنديون رهنديون، جيسيتائين انهن مان ڪا هڪڙي، ادراڪ منجهان ٽي پوئتي هٽي وڃي، ۽ ساڳئي وقت تڪليف مان به جان ڇڏائي وڃي. جيڪڏهن ادراڪ ٻيهر ظاهر ٿئي ٿو ته چرپر يا هلچل به ان ٽي وقت ورجاءُ ڪندي آهي (اها پڇڙ واري چرپر، ٽي سگهي ٽي) جيستائين هڪ پيرو ٻيهر ساڃاهه جي سرشتي منجهان هٽي نه ٽي وڃي. ان معاملي ۾ ڪو به لاڙو يا جهڪاءُ ادراڪ منجهان، درد/ تڪليف جي حوالي سان نفسي/ ذهني قوت ذريعي ٻيهر طاقت حاصل ڪرڻ کي جاري نه ٿو رکي، يا ته سوداءُ وٺي ٿو وڃيس يا وري ڪنهن ٻئي رستي سان اظهارجڻ ٿو لڳي. ان جي ابتڙ پراٽي سرشتي ۾ جيڪڏهن لاڙو يا جهڪاءُ، گذريل عرصي واري ياداشت ۾ رهجي ويل هوندو آهي ته ان جي تڪليف واري ڪيفيت کي هڪدم برطرف ڪري ڇڏيندو آهي. جيڪڏهن ڪا ڳالهه ان کي ورجائڻ جي ڪوشش به ڪرائيندي آهي ته اها به ان ٽي سبب جي ڪري جو انهيءَ جي جذبات، ادراڪ ۾ اڻل ڪائڻ لڳندي آهي، ان ڪري اها ناخوشگواريءَ جي احساس کي پڙڪائڻ لڳندي آهي.

يادگيرين جو پاسو ڪري وڃڻ: ادراڪ ۾ رهجي ويل پوئين "ڀاڄ" (Flight) جي "ورجاءُ" کان وڌ نه هوندو آهي، اها پڻ ان حقيقت جي ذريعي سهوليت پيدا ڪري ڏيندي آهي ته "يادون ادراڪ يا ساڃاهه کي پسند نه ٿيون ڪن، اهي وڌيڪ ڪنهن وابستگيءَ ۾ رهڻ نه ٿيون چاهين، انهن وٽ شعور کي جهنجهوڙڻ جي وڌيڪ قابليت نه آهي" ۽ اهڙيءَ ريت اهي نئين تازي خيال تي غور جي جذباتي نتيجي ۾ استعمال ٿيندڙ قوت ۾ ڪشش محسوس ڪندیون آهن.

ڪنهن به قسم جي يادگيرين جي نفسي/ ذهني عمل جي ذريعي، اها بيڪار ڪوشش ۽ مسلسل نتائڻ يا پاسو ڪرڻ، اسان کي ساڳئي قسم جي پريشان ڪندڙ معاملي برداشت ڪرڻ ۾ مبتلا ڪندو آهي، جنهن جو پهريون مثال "نفسي/ ذهني دباءُ/ ضبط" آهي. اها هڪ جاتل سڃاتل حقيقت آهي ته اسان جڏهن ايذاءُ يا تڪليف جي احساس کي لنوائڻ/برداشت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون ته اها شترمرغ واري سوچ هوندي آهي، جيڪو واريءَ ۾ منهن وجهي سوچيندو آهي ته مون کي ڪوئي نه ٿو ڏسي، ۽ اهائي سوچ اسان کي خاص طور نوجوانن جي عام ذهني زندگيءَ ۾ اڃان تائين نظر اچي ٿي.

ناخوشگوار اڻ وٽندڙ يا دل ڏکوئيندڙ اصول جو نتيجو پهرين ته سرشتي جي حوالي سان، پنهنجي خيالن جي تحرير يا تقرير منجهان، ڪنهن به اختلافي شيءِ کي آڻڻ لاءِ مڪمل طور تي نااهل هوندو آهي، اهو ڪجهه به ڪرڻ جي قابل نه هوندو آهي، سواءِ "خواهش" جي. جڏهن شيون ان نڪتي تائين پهچنديون آهن ته پئي سرشتي جي سوچڻ واري سرگرميءَ ۾ تيستائين رندڪ پئجي ويندي آهي، جيستائين تجربي تي انحصار ڪيل سندس سمورين يادن جي آزاديءَ سان لنگهڻ جي ضرورت پوي، هتي به امڪان انهن کي پيش ڪري سگهن ٿا. يا ته پئي سرشتي جي سرگرمي، پاڻ کي اڻ وٽندڙ اصول کان باقاعدي آزاد صورت ۾ هم آهنگ ڪري ۽ اڻ وٽندڙ يا ڏکوئيندڙ يادگيرين بابت بغير مشڪل جي اڳيرائي ڪري يا وري ڏکوئيندڙ يادن جي لاءِ نفسي/ ذهني قوت حاصل ڪرڻ جو ڪو پيو رستو اختيار ڪري، جيڪو ڏک تڪليف جي اخراج کان پاسو ڪرڻ جي قابل هجي. پهرين ته اسان انهن اڻ وٽندڙ اصولن خاطر سمورن امڪانن کي معطل ڪري ڇڏيندا آهيون، جيڪي جذبات جي حوالي سان پئي سرشتي ۾ ايتري ئي چٽيءَ نموني نگراني ڪندا آهن، جهڙيءَ ريت پهرين سرشتي ۾.

تنهن ڪري اسان باقي بچيل امڪانن سان هلڻ لڳندا آهيون، جنهن رستي سان ڏکوئيندڙ يادن جي لاءِ نفسي/ ذهني قوت حاصل ڪرڻ وارو پيو سرشتو گڏ ويندو آهي، جنهن ۾ انهن جي نيڪال/ اخراج لاءِ جذبي يا سوچ کي روڪيندڙ ذهني عمل شامل هوندو آهي. بهرحال نيڪال کي روڪيندڙ ذهني عمل جو رخ ناخوشگواريءَ کي وڌائڻ جي پاسي هوندو آهي. اسان کي دليل يا دعويٰ لاءِ بهرحال نفسي/ ذهني قوت پئي سرشتي ڏيعي، ٻن رخن کان رهنمائي ڪندي آهي، جنهن ۾ ساڳئي وقت جذبات جي نيڪال کي روڪيندڙ ذهني عمل هوندو آهي: اسان ڏکوئيندڙ معاملن کي وڏيڪ اهميت ڏيندا آهيون ۽ انهن جي رهنمائيءَ هيٺ هلندا آهيون (جيئن گذريل جملن منجهان نظر اچي ٿو.) ۽ گڏوگڏ اعصابي بل" يا همٿ جي گهٽ مقدار ۾ خرچ ڪرڻ واري اصول تي پڻ گامزن هوندا آهيون. اچو ته اسان ذهن ۾ انهيءَ "ثابت قدميءَ" (Firm)) کي ڪٽي هلون، جيڪا انهن سمورين ڊيل ڪيفيتن يا ضبط وارين حالتن جي ڪنجي آهي:

پيو سرشتو رڳو نفسي/ ذهني قوت ڏيعي سوچ حاصل ڪري سگهي ٿو جيڪڏهن اهو ڪنهن اڻ وٽندڙ لاڙي، جذبي يا سوچ کي روڪيندڙ ذهني عمل ۾ واڌاري جي صورت اختيار ڪندو ته ئي سگهي ٿو ان مان نڪري وڃي. تڏهن هر ڪا شيءِ پاسو ڪري ويندي آهي، جيڪا ان جذبي يا سوچ کي روڪڻ جي عمل ۾ مصروف هوندي آهي، اها پهرين سرشتي جي پيٽ ۾ پئي سرشتي لاءِ بي پهچ هوندي آهي، ان ڪري ناخوشگوار يا ڏکوئيندڙ اصول جي حق ۾ هڪدم برطرف ئي ويندي آهي. ايڏاءَ يا "ناخوشگواريءَ جي جذبي کي روڪيندڙ عمل" ان کي مڪمل ڪرڻ جي بهرحال ضرورت نه سمجهندو آهي، ان جي شروعات تيسيتائين يقينن اجازت جهڙي هوندي آهي، جيسيتائين پيو سرشتو ان واڪيل يادگيريءَ جي اصليت کان ۽ ان جي اڻ سونهائيندڙ امڪان کان، واقف نه ٿيندو آهي، ان مقصد تحت، جيڪو سوچن جي عملي سلسلي جي نظر ۾ رهيو هو. مان نفسي/ ذهني عمل جي ان سلسلي کي بيان ڪريان ٿو جنهن کي پهريون سرشتو هڪ "ابتدائي عمل" (Primary Process) جيان اڪيلي سر تسليم ڪندو آهي ۽ ان عملي سلسلي کي جنهن جو نتيجو پئي سرشتي جي ڏريعي، جذبن يا سوچن کي روڪيندڙ ذهني عمل پاران، "ثانوي عمل" (Secondary Process) جيان مڙهيل هوندو آهي. ابتدائي ۽ ثانوي عملي سرشتي ۽ دليل جي وچ ۾ فرق اهو آهي ته نفسي/ ذهني قوت جو مخصوص عمل به انهن ۾ مختلف انداز ۾ پنهنجو ڪم سرانجام ڏيندو آهي.[1]

ايان هڪڙو پيو سبب به آهي، جنهن لاءِ جيئن مان پڌائي سگهيو آهي ته پيو سرشتو "ابتدائي عملي سلسلي" کي درست ڪرڻ جو ڪم سرانجام ڏيندو آهي. ابتدائي عمل، جذبات جي نيڪال جي سلسلي ۾ خود جذبات جي گڏ ڪيل مقدار جي مدد

---

[1] فرائيڊ جو بنيادي نظريو به اهو آهي، اهي ان نظريي سان سلهاڙيل هوندا آهن ته نفسي/ ذهني قوت ٻن طريقن سان ظاهر ٿيندي آهي: هڪ "آزاد" (Free) يا "متحرڪ" (Mobile) نموني جيئن لاشعوري سرشتي ۾ ظاهر ٿيندي آهي، پيو "ٽينگن، ٽپن" (Bounds) يا "پرسڪون ساڪن" (Quiescent) جيئن تحت شعوري سرشتي ۾ ان ڳالهه جو بحث فرائيڊ پنهنجي خطن ۾ "شعور" (1915) ۽ "راحت کان مٿانهين اصول" (Beyond the Pleasure Principall 1920) ۾ ڪيو آهي، فرائيڊ پنهنجي انهن خيال جو اظهار هيستيريا جي متعلق "برائر" سان گڏجي ڪيل اڀياس جي ڏريعي 1895 ۾ به ڪيا آهن.

سان. اهڙيءَ ريت سنجيده ڪوشش ونندو آهي. جيڪا ادراڪي شناخت ڪي. اطمينان جي تجربي ذريعي قائم ڪري سگهندي آهي. ثانوي عمل" بهرحال ان ارادي کي ترڪ ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ان کي. ان جي بي جاءِ تي ڇڏي ايندو آهي. جتي "سوچ جي شناخت" جو (انهيءَ تجربي سان) انتظامي قيام هوندو آهي. سموري سوچ جو عمل. (اطمينان وارين يادگيرين منجهان) ساڳئي يادگيريءَ جي ساڳئي جذباتي ذميداريءَ ڏانهن. چئني پاسي چڪري (Circuitous) جيان هوندو آهي. ان کانسواءِ ان کي بي ڪا راهه نه هوندي آهي. (**يادا** ڪنهن مقصد خاطر سانديل **سوچ**). جنهن کي. ثانوي درجي واري متحرڪ تجربن ذريعي. خواهش کي منتقل ڪندڙ ايار جي پهچڻ جي هڪ پيرو پيهر اميد هوندي آهي. "خيال" پاڻ ۾. انهن سوچن جي شدت جي ذريعي. گمراهه ڪندڙ اڳواڻيءَ کانسواءِ. پنهنجي لاڳاپيل پيچرن ۽ "سوچن" جي وچ ۾ يقيني واسطو رکندا آهن. پر اهو سمجهڻ سولو آهي ته سوچن جو اختصار (وچولو ۽ سمجهوتو ڪندڙ جوڙجڪ وارو). شناخت جي مقصد کي حاصل ڪرڻ ۾ پوءِ به رندڪ وجهندڙ هوندو آهي. جيسيتائين اهي ڪنهن هڪ خيال لاءِ ٻئي جو متبادل ٻڌجن. اهي ان پيچري تان پاسيرا ٿي ويندا آهن. جنهن پيچري پهرين خيال مان سندس رهنمائي ٿي ڪئي. ان قسم جا عملي سلسلا ثانوي خيالن ۾ بهرحال وسوسي/ شڪ واري انداز ۾ ڦري وڃن ٿا. اهو ڏسڻ پڻ آسان آهي ته ناخوشگواريءَ وارو اصول. پين حوالن جي پيٽ ۾ خيالن جي سلسلي جي رسد نهايت اهم رهنمائيءَ جي ذريعي رسائيندو آهي. ۽ "خيالن جي شناخت" کي قائم رکڻ لاءِ ان جي راهه ۾ روڙا اٽڪائيندو آهي. اهڙيءَ طرح سوچڻ جو عمل. ناخوشگواريءَ واري اصول جي ذريعي. گهٽي کان گهٽو امتيازي ۽ باضابطي انداز سان پنهنجي آزادگيءَ جو مقصد ماڻيندو آهي ۽ خيالن جي سرگرميءَ ۾ اڪيلي سِر ڪردار نباهڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ضرورت جيان. تاثر جي وڌڻ تي پابندي لڳائيندو آهي.[1]

عملي ڪردار ادا ڪرڻ جي حوالي سان اها تمام وڏي عمدگي ۽ نرملتا جي حاصلات آهي. جنهن جو وڏيڪ مقصد جذباتي ذميداريءَ جو احساس ايارڻ هوندو آهي. جيڪو "شعوري سوچ. سرت يا ڌيان" (Conciousness) جي ذريعي ايندو آهي. جيئن اسان چاٽون ٿا پربهرحال مڪمل طور تي "مقصد" ورلي ئي حاصل ٿيندو آهي. عام ڏهني زندگيءَ ۾ به اسان جون سوچون. اڻ سهائيندڙ اصولن جي مداخلت سبب به. سدائين غلط ثابت ٿيندیون آهن.

اهو بهرحال اسان جي ڏهني عملي سرشتي جي. عملي اهليت ۾ ڪو خال نه هوندو آهي. جيڪو ان کي خيالن لاءِ ممڪن بڻائيندو آهي. جيڪو پاڻ کي. ابتدائي نفسي/ ڏهني "سوچن جي حوالي سان ثانوي سرگرميءَ جي پيداوار" طور پيش ڪندو آهي. ان لاءِ اهو ضابطو آهي. جنهن جي سلسلي ۾ اسان ان سرگرميءَ يا مصروفيت کي بيان ڪري رهيا آهيون جيڪا "خوابن" ۽ "جسماني/ ڏهني بيمارين جي علامتن" جي اڳواڻي ڪري ٿي. نااهلي! انهن بن عنصرن جي ميلاپ منجهان ايري ٿي. جيڪي اسان جي ارتقائي تاريخ مان سفر ڪري ايندا رهن ٿا. انهن مان "هڪڙو جزو" سموري ڏهني سرشتي ۾ ويڙهجي وڪوڙجي ويندو آهي. هن جوبن سرشتن جي وچ واري تعلق تي تڪراري اثر رسوخ هلندو آهي. جڏهن ته "ٻيو جزو" پاڻ کي ناهي رکندو آهي ۽ ڦير گهير ۽ لاهه چاڙهه واري حرارت کي محسوس ڪندو آهي. ۽ ڏهني زندگيءَ ۾ عضوياتي اصليت جي جبلتي قوتن کي پيدا ڪندو آهي. ٻئي عنصر بالڪپٽي دوران وجود ۾ ايندا آهن ۽ ترميمن جي اوچتي عمل کي. اسان جي "ڏهني ۽ بدن جي اندروني چرپر مان جڏهن ڏهني سرشتي ۾ نفسي/ ڏهني عمل جي اظهار منجهان هڪ کي: "ابتدائي" ڪري بيان ڪريان ٿو ته منهنجي ذهن ۾ ڪهڙي ڳالهه هئي. جنهن سراسري طور تي "اهميت" ۽ "اهليت" تي غور ڪرڻ سان واسطو نه ٿي رکيو. مان ارادو پڻ ڪيو هو ته ڪو اهڙو نالو چونڊيندس. جيڪو ان تاريخوار اهميت ڏانهن اشارو ڏئي سگهندو. اهو سچ آهي ته جيتري قدر اسان جي ڄاڻ آهي ته اهڙو ڪو به نفسي/ ڏهني سرشتو موجود نه آهي. جيڪو رڳو "ابتدائي عمل" جي وابستگيءَ ۾ هجي. يا اهو سرشتو ڪنهن حد تائين ڪنهن نظريي/ خيال تي ٻڌل افسانو آهي؟ پر اها گهٽي قدر هڪ حقيقت آهي ته: "ابتدائي عملي سلسلا" ابتدا کان ئي ذهني نظام ۾ پيش ٿيندا آهن. جيتوڻيڪ اهو معاملو رڳو زندگيءَ جي وچ ۾ ئي هوندو آهي. جنهن دوران "ثانوي عملي

---

[1] ناخوشگواريءَ جي گهٽ مقدار وارو خيال. "اڪيلي سِر" ڪردار نباهڻ. اصل ۾ گهٽي ۽ مقدار جي ظاهر ٿيڻ کي بچائڻ جي ڪري. فرائيڊ استعمال ڪيو آهي. جيڪو هن گهٽا سال پوءِ "ڳڻتيءَ" جي مسئلن متعلق استعمال ڪيو هو. ڏسو "سوچن کي روڪيندڙ عمل. علامتون ۽ ڳڻتي" (Inhibitions, Symptoms and Anxiety_1926) باب يارهون.

سلسلن" جا راز عيان ٿيندا آهن. ۽ رڪجڻ يا روڪجڻ ۾ نہ ايندا آهن. ۽ "ابتدائي عمل" کي ڏکي ڇڏيندا آهن. ۽ ائين بہ ٿيندو آهي تہ انهن جي مڪمل حڪمراني زندگيءَ جي اڻ وسرندڙ حصي تائين نہ پهچندي آهي. "ثانوي عملي سلسلن" جي سستيءَ يا ديرسان ظاهر ٿيڻ جي نتيجي ۾، اسان جي وجود جا اهم حصا لاشعوري آسن اميدن تي ٻڌل چاهتون (Unconscious wishful impulse) اسان جي مخصوص سوچ سمجهہ لاءِ بي پهچ ٿي ويندیون آهن. ۽ تحت شعور جو جذبي يا سوچ کي روڪيندڙ ذهني عمل انهن گذريل خواهشن جي ذريعي ڪردار نباهيندو آهي، جن تي هميشہ لاءِ پابندي عائد ڪيل هوندي آهي. ۽ پوءِ لاشعوري من اچل منجهان اپاريل هدايت سميت مصلحت وارو رستو اختيار ڪندو آهي. اهي لاشعوري خواهشون، سمورين آڳاٽن ذهني رغبتن/ رجحانن کي مجبور ڪرڻ يا ماري مڃائڻ وارا تجربا ڪندیون آهن. ان زور جي ڪري اهي رجحان، خدمت بجا آڻيندا آهن. انهن سان شامل ٿيندا آهن يا جيڪي سنجيدگيءَ سان ڦيرو ڪائي ڪنهن وڏي مقصد جو رخ ڪندا آهن. ثانوي عملي سلسلي جي سستيءَ يا ديرسان ظاهر ٿيڻ جو وڏيڪ نتيجو هڪ بي جاءِ تي اهو نڪرندو آهي جو ڪذاريل ڏينهن/ عرصي جي ياداشت ۾ مدد ڏيندڙ مواد جو وسيع دائرو "تحت شعوري جذبات جي نتيجي ۾" بي پهچ ٿي ويندو آهي.

بالڪپڻي ڪان آرزوئون سانڊي سفر ڪري آيل رجحان، جيڪي ڪڏهن بہ ناس نہ ٿا ٿي سگهن نہ ئي ڪنهن رندڪ جي باوجود رڪجي ٿا سگهن، انهن منجهان ڪجهہ جن جو "ثانوي سوچ وارن" خيالن جي ڪنهن مقصد خاطر پورائو اختلافي يا متضاد ٿي ويندو آهي. انهن خواهشن جو پورائو خوشي يا راحت جو تاثر گهٽي دير تائين پيدا ڪري نہ سگهندو آهي البت ناخوشگواريءَ جي تاثر کي پيدا ڪري ڇڏيندو آهي: ۽ اها هوبهو ان ئي تاثر جي بدليل شڪل هوندي آهي، جيڪا ان محرڪ/ جوهر جو ڏانچو جوڙيندي آهي، جنهن کي اسان "دٻيل ڪيفيت، ٻيهر دٻائڻ واري عمل يا ضبط" (Repression) جي اصطلاح طور ڪتب آندو آهي.

دٻائڻ واري ڪيفيت يا ضبط جا مسئلا ان سوال تي مبني آهن تہ اهي ڪيئن هوندا آهن. ۽ ڪهڙين متحرڪ قوتن سان پابند هوندا آهن جو اهڙي تبديلي ظاهر ٿيندي آهي: پر مسئلو اهو آهي تہ هتي اسان ان کي رڳو ڇهي سگهون ٿا.[1] اسان لاءِ اها چٽائي ڪافي آهي تہ ان قسم جي تبديلي، ارتقا جي حوالي سان ظاهر ٿيندي آهي. اسان رڳو ان رستي کي ياد ڪندا آهيون، جنهن ۾ نديڙپڻ جي دور واري بچاڻ يا ناراضگي داخل ٿي ويندي آهي، پوءِ اها جڏهن وسري ويندي آهي تہ وري بہ اهڙي ئي ڪنهن تجربي دوران موٽي بہ ايندي آهي ۽ اها ئي ثانوي سرشتي جي سرگرميءَ سان سلهاڙيل هوندي آهي. يادگيريون ان بنياد تي، جنهن تي لاشعوري خواهش تاثر جي نيڪال متعلق رهنمائي ڪندي آهي، اها تحت شعور تائين ڪڏهن بہ نہ پهچندي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ تاثر جو اخراج انهن يادگيرين سان وڃي ملندو آهي جيڪي ڪڏهن بہ روڪ ٽوڪ نہ ڪنديون آهن. تاثرن جي ان پوري نسل/ اُپٽ وٽ اهو ئي سبب هوندو آهي تہ اهي سوچون، خود تحت شعوري خيالن واري رستي ذريعي بعد ۾ بي پهچ ٿي ويندیون آهن، جنهن جي ڪري اهي پنهنجي اشتياق ۽ خواهش جي زور کي بدلائي ڇڏيندیون آهن. ان جي ابتڙ ناخوشگواريءَ وارو اصول واڳون سنياليندو آهي، جيڪو تحت شعور جو سبب ۽ اثر جي وچ ۾ رابطي جو ذريعو بڻيو آهي، جيڪو هن کي خيالن جي تبديليءَ کان پري ڪندو آهي. اهي خيال/احساس پاڻ کي بہ پوئتي ڪري ڇڏيندا آهن، جنهن کي اسان "ضبط" سڏيون ٿا. ۽ ائين آهي تہ بالڪپڻي جي گڏ ٿيل يادگيريون، جيڪي اڳ ۾ تحت شعور منجهان موٽي آيون هيون، اهي "دٻائڻ واري ڪيفيت يا ضبط" جو لازمي شرط (Sin quq non) بڻجي ويندیون آهن.

ڪيترائي مددگار معاملا: ناخوشگواريءَ جا همعصر معاملا، تحت شعور ۾ خيالن جي تبديليءَ پاران، جذباتي نتيجي ۾ استعمال ٿيندڙ قوت تان هٽ ڪڻ سان گڏ ۽ ان منجهان نڪرندڙ نتيجي جي، اها خاصيت آهي تہ ناخشگواريءَ واري اصول جي مداخلت ڪارائتي مقصد واري خدمت سرانجام ڏيندي آهي. پر ان وقت اهو ٻيو معاملو هوندو آهي جڏهن ضبط ٿيل/ ڪيل لاشعوري خواهش کي، عضوياتي سگهہ ملندي آهي، جيڪا ان کي تبديل ٿيندڙ خيالن ڏانهن اماڻيندي آهي، ان رستي

---

[1] ان موضوع تي فرائيڊ "ضبط" (Repression_ 1915) متعلق هڪ الڳ مقالي ۾ سير حاصل بحث ڪيو آهي ۽ پنهنجي نين تعارفي تقريرن" (New Introductory Lectures_ 1933) جي تقرير نمبر 32 ۾ بہ بيان ڪيو آهي.

سان اها انهن کي، ان حالت ۾ جاءِ ڏيندي آهي ته جيئن انهن جي جذبات جي ذريعي، انهن جي رستي تي زور پرڻ جي کوشش ڪري سگهن، باوجود ان جي جو جيڪڏهن تحت شعور مان نڪرندڙ جذبات جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ قوت وڃائي ويهن تڏهن به زور کي استعمال ڪري سگهن. ان کانپوءِ اهي خيال تحت شعور جي لاءِ پنهنجي بچاءَ ۾ جدوجهد ڪرڻ لڳندا آهن، موٽ ۾ ضبط وارن خيالن جي مخالفت ۾ سگهه وڌائڻ لڳندا آهن. يعني خيال تي غور ڪرڻ جي نتيجي ۾ استعمال ٿيندڙ مخالف ذهني سگهه Anticathaxis پيدا ڪندا آهن، جنهن کانپوءِ تبديل ٿيندڙ خيال، جيڪي "لاشعوري خواهش جا ڦيٽا" هوندا آهن، انهن جي رستي تي ڪنهن سمجهوتي واري نوع ۾ زور پريندا آهن، جيڪي علامتن جي پيداوار ڏريعي پهچندا آهن. پر ان چڑپر جي ڪري ضبط ڪيل خيال، هڪ پاسي لاشعوري آسن اميدن تي هڏل چاهتن جي ذريعي، ۽ ٻئي پاسي تحت شعور جي جذباتي نتيجي ۾ استعمال ٿيندڙ قوت جي ترڪ ڪرڻ جي ذريعي، انتهائي سختيءَ سان مقصد تي غور ڪرڻ لڳندا آهن. اهي پوءِ ابتدائي نفسي/ ذهني عملي سلسلي جو موضوع ٻڌجي ويندا آهن، جن جو هڪڙو مقصد خواهش کي، منتقل ڪندڙ ايار جو نيڪال ڪرڻ هوندو آهي، يا جيڪڏهن پيچرو ڪليل هوندو آهي ته گهربل ادراڪي خاصيت/ شناخت تحت وهم ۽ سوداءَ وارو عمل نئين سِري سان پيش ٿيڻ لڳندو آهي.

اسان اڳي مشاهدو ڪري آيا آهيون ته اسان ماڻهوءَ جي بيهودي يا سمجهه کان وانجهيل عملي سلسلي کي رڳو ڏيڄي ويل يا ڏهايل، روڪيل ڪيفيت ۽ صبر ۽ ضبط وارن خيالن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ بيان ڪيو هو. هاڻي اسان ان سموري صورتحال ۾ پنهنجو رستو ٿورو اڳيرو ڏسي سگهون ٿا. نامعقول يا سمجهه واري سگهه جي ڪوٽ وارا عمل، جيڪي نفسي/ ذهني سرشتي ۾ ظاهر ٿيندا آهن، اهي "ابتدائي" هوندا آهن. اهي تڏهن پيش ٿيندا آهن، جڏهن سوچون! تحت شعور جي جذباتي ڏميداريءَ واري سگهه جي ذريعي ترڪ ٿي وڃن ٿيون، ۽ پاڻ ئي ڇڏي وڃن ٿيون ۽ وري شعور جي طرفان، جذبي يا سوچ کي روڪيندڙ ذهني قوت سان پرڇڻ لڳن ٿيون، جيڪي باهر نڪرڻ لاءِ سخت جاکوڙ ڪنديون آهن. ان ڏس ۾ اسان لاءِ ڪجهه ٻيا مشاهدا به مددگار ثابت ٿيا آهن ته اهي عملي سلسلا جن کي اسان نامناسب ۽ نامعقول ڪري بيان ڪيا آهن، حقيقت ۾ اهي عام رواجي عملي سلسلن جون غلطيون نه آهن، يا ڏاهپ جي ڪا پل چڪ نه آهن، پر اهي نفسي/ ذهني سرشتي جي سرگرميءَ جا ڍنگ آهن، جيڪي روڪيندڙ ذهني عمل کان آزاد ٿي ويندا آهن. اهڙيءَ ريت اسان ڏسنداسين ته تحت شعور جي جذباتي ايار مان پيدا ٿيندڙ مٽ ست واري عملي چڑپر ساڳين ئي عملن جي ذريعي حڪمراني ڪندي آهي، ۽ تحت شعور جَي سوچن سان، لفظن جو ڳانڍاپو وڃائجي وڃڻ ۽ مونجهارن جو ساڳي آسانيءَ سان مظاهرو ڪري سگهي ٿو جيڪو پوءِ ارادي ۽ مقصد سان منسوب ٿي ويندو آهي. آخرڪار ان جي "تصديق" ان جي سرگرميءَ ۾ "واڌ" هوندي آهي، جيڪا بهرحال اهم ٿي پوندي آهي. جڏهن عمل جا اهي "ابتدائي انداز" رڪيل يا روڪيل هوندا آهن، جن کي ان حقيقت ذريعي ڏسي سگهبو آهي، جڏهن اسان کل مذاق وارا تاثر پيدا ڪندا آهيون، ته اهو قوت جو اضافو هوندو آهي، جيڪڏهن اسان سوچ جي انهيءَ ڍنگ کي، شعوري طور ان رستي سان ئي هلائڻ تي زور پريندا آهيون ته ان جو اخراج ٽهڪن (Laughters) جي صورت ۾ ئي ٿيندو آهي.

نفسي اوٽائي، اعصابي خلل يا دماغي بيماريءَ (Psychoneurosis) جي بچاءَ ڪرڻ جو نظريو هڪ ناقابل تردید ۽ ڏسڻ ۾ نه ايندڙ حقيقت جيان هوندو آهي، جيڪو رڳو ٻاراڻي عمر جي جنسي چاهت منجهان هوندو آهي، ۽ ان عمر ۾ ئي ضبط جي ڪيفيت کي (سندس تاثرن جي تبديليءَ سميت) پوڳي وٺندو آهي. ٻالڪپڻي جي عرصي کان اوسر تائين هو ضبط جي ڪيفيت تي به ظابطو ڪري وٺندو آهي پر ان جو نتيجو هن جو پاڻ کي تڪليف ۾ وجهڻ، ناڪوار عمل منجهان راحت حاصل ڪرڻ به ثابت ٿئي ٿو جنهن جي ڪري آهستي آهستي منجهس هر قسم جي نفسي اوٽائي ۽ اعصابي خلل جون علامتون پيدا ٿيندیون آهن.[1]

---

[1] ان موضوع تي فرائيڊ: جنسي رجحان بابت تن مضمونن (Three Essays on the Theory of Sexuality_ 1905) ۾ تفصيل سان لکيو آهي، جنهن ۾ هن جنسي لذت وارن معاملن ۽ خوابن ۽ انهن کان بچاءَ جا طريقا به بيان ڪيا آهن.

مان هتي ان نڪتي کي اڏورو ئي ڇڏيان ٿو ڇاڪاڻ ته مان خوابي خواهشن جي لاشعور منجهان اڀ لکي نموني هلي اچڻ متعلق اڳي ئي گهڻو مواد پيش ڪري چڪو آهيان.

نه ئي مان پنهنجي پڙهندڙن کي خوابن جي جوڙجڪ ۾ جنسي بيمارين جي نفسي/ فطري قوتن متعلق وڌيڪ معلومات وٺڻ جي صلاح ڏيندس. في الحال ته اسان حقيقت پٽاندر ڪافي سڀ معلومات ڏٺي آيا آهيون. بهرحال نفسي/ ذهني چندڇاڻ متعلق اسان جي اپياس جي ڪري ڪيترين ئي تبديلين رونما ٿيندين. ۾ خوابي مواد متعلق عقلي يا بي عقليءَ وارا معاملا ورجائجڻ لڳندا. ان جي باوجود اهو سچ آهي ته خوابن جي جوڙجڪ متعلق هن قسم جون ڪوششون جنسي بيمارين جي علامتن جي جوڙجڪ جي مشاهدن کي تمام ويجهڙائي کان ظاهر ڪن ٿيون.

خواب! بهرحال مرض جي حوالي وارو تشريحي ڏيک نه هوندو آهي پر اهو ڪنهن پهرو کي واقعي ڏانهن اشارو ڪندو آهي. پر نفسي/ ذهني توازن ۾ رخنو نه وجهندو آهي. هو پنهنجي پويان لياقت يا خاصيت جو نقصان نه ڇڏيندو آهي. اهو اندازو ڪري سگهي ٿو ته عام ماڻهن جي خوابن جو ڪو مجموعي نتيجو يا نچوڙ، مريضن جي خوابن جهڙو نه ڪري. پر مان ائين سمجهان ٿو ته ڪنهن واربل اعتراض کي آسانيءَ سان رد ڪري سگهجي ٿو. پوءِ جيڪڏهن اسان پويان کان ئي مشاهدي ۾ آيل واقعن ۾ انهن جي ذريعي تحرڪ پيدا ڪندڙ قوتن جي مخالفت/اختلاف ۾ دليل ڏيڻ شروع ڪيون ته ۽ اسان کي يقيناً اهو ميڙو پوندو ته اعصابي خلل جي ذريعي لاڳو ٿيندڙ نفسي/ ذهني حصن جي حرڪت پذيريءَ جي نظام سبب ذهن ۾ رخني جو پيدا ٿيڻ مرض جي حوالي سان نه ٿيندو آهي. پر اهو ذهني سرشتي جي عام رواجي جوڙجڪ سان. اڳ ۾ئي موجود هوندو آهي.

۽ نفسي/ ذهني نظام! يعني: "هڪ کان ٻئي ڏانهن وڃڻ واري رستي تي چند ڇاڪ ڪرڻ" ۾ "ڪنهن جذبي يا سوچ کي روڪيندڙ ذهني عمل ۾ هڪڙي سرگرميءَ جي ذريعي ٻئي کي ڏکي ڇڏڻ"

ٻنهي جو شعور سان تعلق يا مشاهدي ۾ آيل حقيقتن جي جيتري قدر به درست تشريح ٿي سگهي ٿي. ته اها ئي آهي ته اهي سيئي اسان جي ذهني سرشتي (ميڄالي) جو فطري حصو هوندا آهن. ۾ خواب اسان کي انهن منجهان هڪڙو رستو ڏيکاريندا آهن. جيڪو ان جي جوڙجڪ کي سمجهڻ ۾ مدد ڪندو آهي. جيڪڏهن اسان پاڻ کي ٿوري گهڻي نئين معلومات حاصل ڪرڻ جي حوالي سان پابند ڪنداسين. جيڪا يقين تي قائم هوندي ته اسان خوابن لاءِ پوءِ به ائين چئي سگهنداسين ته: "اهي. اهو ثابت ڪري چڪا آهن ته ڪهڙي ڊيل/ لڪل شيءِ آهي جا ڳل ٽڙيل ماڻهوءَ جيان. عام ماڻهوءَ ۾ به مسلسل ۾وجود رهي ٿي. ۽ نفسي/ ذهني عمل ۾ مصروف رهي ٿي."

خواب پاڻ انهيءَ ڊهجي ويل يا لڪل مواد جي وضاحت ۽ پيشڪش جي وچ ۾ رهي ٿو: اهو ان معاملي ۾ هڪ نظرياتي خيال تي ٻڌل هوندو آهي. ۽ ڪنهن به نظريي کي ملحوظ رکڻ کانسواءِ ان جي لاتعداد معاملن جو مشاهدو ڪري سگهي ٿو. خاص طور تي انهن معاملن ۾ جيڪي خواب زندگي جي چرڪائيندڙ خاصيتن جو نهايت چٽيءَ ريت اظهار ڪندا آهن. جاڳ جيون ۾ ذهن جي ڪند ڪڙڇ ۾ ڊيل يا لڪل مواد پنهنجي تاثرات جي تلاش ۾ بچاءَ جا رستا ڳولهيندو رهندو آهي. ۽ پنهنجي اندروني ادراڪ کي ڪاٽي ڦٽو ڪري ڇڏيندو آهي. ۽ ان حقيقت تي پابند رهندو آهي ته انهن ۾ اختلافن جي موجودگي هڪ بيڪار ڳالهه آهي. ان صورت ۾ هڪ پاسو ٻئي جي حق ۾ چونڪارو حاصل ڪري وٺندو آهي. پر رات جي وڳڙي ۾ سمجهوتي واري جوڙجڪ جي حوالي سان زور يا اثر جي مقصد تحت. اهو ڊيل يا لڪل مواد. شعور جي رستي تي زور هلائڻ جا مقصد ۽ ڊنگ ڳولهڻ لڳندو آهي.

"جيڪڏهن مان ڪنهن وڏي طاقت کي جهڪائي نه سگهندس ته وڃي جهنم ۾ جاءِ ڪندس."[1] "خوابن جي تشريح: ذهن جي لاشعوري سرگرمين/ مصروفيتن جي معلومات جي هڪ عظيم الشان شاهراهه آهي."

---

[1] فرائيڊ جرمني زبان ۾ لکيل هڪ مقالي: (Geammelte Schriften) ۾ اهو حوالي طور آندو آهي. جيڪو هن ورجل "Virgil_ (Aeneid, vii, 312) جي تحرير تان. ڊيل يا لڪل جبلتي جوش جي ڪوشش جي تصوير جي ارادي/ رڻ کي اثرائتو ڪري پيش ڪرڻ لاءِ ڏنو آهي."

خوابن جي تشريح جي ذريعي اسان ان مرڪب کي سمجهڻ لاءِ هڪ قدم اڳتي کڻي سگهون ٿا، جيڪو پنهنجي سمورن اُپائن ۾ نهايت حيرت انگيز ۽ پراسرار ٿئي ٿو. رڳو هڪڙي نندڙي وک، بيشڪ رڳو هڪڙي وک ئي سهي: پر اها وري به هڪ شروعات ئي ٿيندي ۽ اها شروعات اسان کي، پلي انهن ٻين اڏاوتن جي بنيادن تي ئي سهي، پر ان جي وڌيڪ تشريح پيش ڪرڻ جي لائق ضرور ٻڌائيندي، جيڪا وري به مرض جي حوالي تي ئي موٽي ايندي.

بيمارين کي سمجهڻ لاءِ: اهي جيڪي وڏا "عمل ڪرڻ" وارا ڏاها ٿا سڏجن، سي ذهن جي اهڙن ڪارنامن کي لنوائي نه ڇڏيندا، اميد آهي ته اهي وڏي ولولي سان انهن جي مختلف جزن جي سگهه، سختين شدتن ۽ ڪمزورين کي بيان ڪندا، جيڪي ظاهر ڏسڻ ۾ نه ايندا آهن.

مان ڪوشش ڪندس ته اڳتي هلي ڪٽي، انهن ٻنهي شعبن جي گڏيل عملي نظام کي بيان ڪريان، ته اهي عام قسم جي ذهن ۾ به کهڙي نه عمدگيءَ ۽ نفاست سان ڪم ڪن ٿا.[1]

---

[1] خواب کي رڳو مشاهدي ۾ آيل اهو واقعو نه ٿو چئي سگهجي، جيڪو اسان کي علاج جي حوالي سان مرض جي انهن بنيادن ڳولهڻ جي اجازت ڏيندو آهي، جيڪو نفسيات جي علم جي ذريعي، ذهني بيمارين جي نفسياتي/ تجرباتي علاج جي ذريعي ممڪن هوندو آهي. (مضمونن جو مختصر سلسلو 1898 ۽ 1999، تيسيتائين نامڪمل) فرائيڊ ان سلسلي ۾ روزاني زندگيءَ جي مشاهدن تي ڪيترائي مضمون لکيا ۽ انهن منجهان ساڳيو نتيجو ڪڍيو (1919) انهن سان گڏ ڪجهه ٻيا به مضمون هئا: ويسارو زبان جو ترڪن، هيڪن، گنديون حرڪتون، جيڪي "روزمره جون ذهني/ نفسي بيمارين ۽ انهن جو علاج (The Psychopathology of Everyday_ Freud, 1901)

لاشعور

۽

شعور

(سُرت ۾ بي سُرتيءَ جي حقيقت)

THE UNCONSIOUS AND CONSCIOUS- REALITY

اسان نهايت ويجهڑائيءَ سان ڏسنداسين تہ گذريل حصي ۾ نفسياتي بحث اسان کي اهو تسليم ڪرڻ جي آڇ ڪئي هئي تہ خواهشن کي "منتقل ڪندڙ اپار جي مقصد (Motor end) کي هلائيندڙ نظام جي حوالي سان "بن سرشتن" جو ڪو مادي وجود نہ هوندو آهي، پر جذبات جي عملي سلسلي يا ان جي نيڪال جا، "بن قسمن جا ڍنگ" موجود هوندا آهن. اسان لاءِ اهو سمورو هڪ ئي آهي، جيڪڏهن اسان ان خيال کان اهو محسوس ڪيو تہ اسان ان کي واپس، "اڻڄاتل حقيقت" جي ڪجهہ وڌيڪ ويجهي جاءِ تي رکڻ جي حالت تي بيٺل آهيون تہ ان سلسلي ۾ لڳي ٿو تہ اسان پنهنجي نظرياتي عمارت جي سامان کي پاڻ ئي ڪٿي دور اڇلائي ڇڏڻ لاءِ تيار ٿي ويا آهيون. سو اچو تہ ڪجهہ درست نظرين ذريعي ڪوشش ونون، جيڪي ٿي سگهي ٿو اسان کي ان وقت کان منجهائي رهيون هجن، جڏهن کان "بن سرشتن" جي طرف، ذهني سرشتي ۾ بن علائقن جيان، جيئن جو تيئن (Literal) ۽ نهايت ڪچي مال واري خيال سان پئي نهاريوسين، تہ جن نظرين پنهنجي اظهار جون علامتون "تڪليف ۽ ضبط واري سوچ جي پاسي" ڪنهن رستي جي ذريعي زور ڏيڻ تي، " پئي چڏيو تہ اسان لاشعوري سوچن جي متعلق پئي ڳالهايوسين، تہ جيئن انهن معاملن کي بہ ڳولهجي جيڪي تحت شعور ڏانهن منتقل ٿين ٿا ۽ شعور جي پاسي کان آمدرفت جاري رکن ٿا. هاڻي جيڪا ڳالهہ اسان جي دماغ ۾ آئي آهي، اها ائين نہ آهي تہ اسان ان سلسلي ۾ ڪا ٻي سوچ شامل ڪئي آهي، جنهن کي اسان ڪنهن تان نقل ڪري ان ٻي جاءِ تي رکڻ وارا آهيون! جيڪو اصل سان گڏوگڏ ۽ تسلسل سان موجود هوندو آهي ۽ وهمي/ گماني شيءِ جي زور تي ان کي شعور ۾ ٽنبي چڏيون، ظاهر آهي تہ ان سلسلي ۾ يقيني طور تي اسان احتياط کان ڪم ونڊي خيال جي آزادگيءَ سان علائقي/هنڌ جي تبديلي ڪنداسين. اسان وري بہ تحت شعور جي ان خيال متعلق ڳالهائيندا سين، جيڪو ٻيهر ڏهجي ويل آهي، يا باهر نڪري ويو آهي، جنهن کي لاشعور جهلي ورتو آهي. اهي تصوراتي عڪس انهن سوچن جي مجموعي منجهان، ڪنهن ميدان جي ٽڪري هٽ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ سفر ڪري اينڊا آهن، اهي اسان کي مثال ڪري ونڊ جي رغبت ڏيندا آهن تہ اهي جيئن جو تيئن ئي سچا آهن، چاڪاڻ تہ هڪ جاءِ ۾ ڏهني گروهہ بنديءَ واري صورتحال، انهن کي پچاڻيءَ ڏانهن ونڊي ايندي آهي ۽ پوءِ ڪنهن ٻي تازي علائقي ڏانهن ونڊي ويندي آهي. هاڻي اچو تہ اسان پنهنجا اهي استعارا بدلايون، ۽ انهن جي بدلي ۾ جيڪي حقيقي تعميراتي ڪمن سان سڌي نموني منسلڪ هجن، اها استعمال ٿيندڙ ذهني قوت بہ گڏ هوندي آهي، يا وري ان منجهان تارو ڪري ويندي آهي، ان ڪري واسطي واري اڏاوت ان خاص سگهہ جي اثر هيٺ اچي ويندي آهي، يا ان کان پاسو ڪري ويندي آهي!

هتي اسان شين متعلق مقام نگاريءَ واري نمائندگيءَ کي ولولو پيدا ڪرڻ وارين ڳالهين جي ذريعي هڪ پيرو ٻيهر بحال ڪرڻ جي ڪوشش پيا ڪريون. اسان تہ اهو به چيو پئي تہ "حرڪت پذيري" پاڻ پنهنجي سِر نفسي/ ذهني نظام نہ آهي، پر اهو بدن جي تنتي سرشتي کي متحرڪ ڪرڻ جو نظام آهي.[1]

ان جي باوجود مان ان کي مصلحت پسندي ٿو سمجهان ۽ ٻن سرشتن جي تمثيلي تصوير جي استعمال کي تسلسل سان رکڻ جي ڪري تائيدي ثبوت ڏيندڙ ٿو سمجهان. اسان انهن گڏ ٿيل سوچن کي ٻيهر پيش ڪرڻ جي غلط استعمال واري ان ڏنگ کان اسان پاسو ڪري سگهون ٿا. سوچون ۽ نفسي/ ذهني تعميري سلسلا عام طور تي تنتي سرشتي جي عضوياتي جزن ۾ ڪنهن جاءِ تي محدود نہ هوندا آهن، پر ڪنهن حد تائين، جيئن ماڻهو چئي سگهي ٿو تہ "انهن جي وچ ۾" جتي مزاحمتي قوتون ۽ آسانيون، پاڻ ۾ ملائڻ واري مطابقت مهيا ڪنديون آهن. هر شيءِ اسان جي اندروني/باطني بصيرت جي حاصلات جي حقيقت هوندي آهي، جيئن روشنيءَ جي ڪرڻن جي مفاصلي ذريعي دوربيني عڪس کي پيدا ڪندي آهي، پر اسان سرشتن جي وجود کي، دوربينيءَ جي شفاف شيشن (Lenses) جيان، جيڪي عڪس اچليندا آهن، تسليم ڪندڙ آهيون (جيڪي پاڻمرادو ڪنهن بہ ريت نفسي/ ذهني طور کو مقرر وجود رکندڙ نہ آهن ۽ نہ ئي ڪڏهن اسان جي نفسي/ ذهني ادراڪ وٽ سولائيءَ سان پهچي سگهندا آهن.) ۽ جيڪڏهن اسان ان هڪ جهڙائيءَ پيدا ڪندڙ عمل کي جاري رکون تہ چندبچاڻ کي، عملي عڪسن جي موڙي آڻڻ وارن ٻن سرشتن جي وچ ۾ پيٽ ڪري سگهون ٿا، جيڪو ان وقت جاءِ والا ريندو آهي، جڏهن روشنيءَ جو ڪرڻ هڪ نئين رابطي منجهان گذرندو آهي.

جهڙيءَ ريت اسان کي پنهنجي نفسياتي ماهر وارو معاملو هٿ ۾ آهي تہ هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ نظرياتي خيالن تي غور ڪجي، جيڪي موجوده دور جي نفسيات تي راڄ ڪن ٿا ۽ انهن جي پنهنجي "متي" سان پر کي ڏسجي.

نفسيات جي علم ۾ "لاشعور جو مسئلو" "لپس" (Lipps_ 1897) جا زوردار لفظ آهن. اهي نفسياتي مسئلن بجاءِ "نفسيات جي مسئلن" تي آهن. گهڻي وقت کان "نفسيات" جو علم پڙهڻ مسئلن ۾ ڦاٽل رهيو آهي ۽ عام طور تي اهو سمجهيو ويو آهي تہ "نفسي/ ذهني" عمل معنيٰ "شعور" ۽ وري "لاشعوري نفسياتي عمل" کي بہ ساڳي ڳالهہ سمجهيو پئي ويو جيڪو حواسن ذريعي ڇُهي/ محسوس ڪري سگهڻ واري حوالي سان بلڪل غلط آهي. ڪنهن بہ ناموافق ذهني حالت متعلق طبعي علم جي ماهرن (Physicians) جي ذريعي ڪيل نفسياتي ارتقا جي مشاهدن جو تہ سوال ئي نہ ٿي اٿيو. طبعي علاج ڪندڙن ۽ زندگيءَ جي حڪمت ۽ ان جا معاملا حل ڪندڙ ماهر (Philosopher) جيڪڏهن رڳو گڏجي ايتري ڳالهہ سمجهي ونڻ ها تہ "لاشعور جي نفسي/ ذهني عملن" جو اصطلاح بلڪل درست ۽ نوس طريقي سان قائم حقيقت جو تائيدي ثبوت ڏيندڙ اصطلاح آهي، پر طبعيات جي ماهرن شڪ کان رڳو ڪلها لوڏايا هئا. جڏهن انهن کي يقين ڏياريو ويو تہ: "شعور" نفسي/ ذهني ورهاست ڪندڙ هڪ ڪرداري وصف آهي." ۽ جيڪڏهن هو تڏهن ئي زندگيءَ جي حڪمت ۽ ان جا معاملا حل ڪندڙ ماهرن جي قولن ڏانهن ڏيان ڏئي ونڻ ها تہ انهن کي اهو اندازو بہ ٿي وڃي ها تہ سندن وهنوار ساڳي معاملي سان نہ آهي يا علاج جي جن طريقن تي ڪم ڪري رهيا آهن، اهي نفسياتي علم وارا نہ آهن. رڳو ذهني زندگيءَ جي هڪڙي اعصابي خلل يا نفسي اوٽائيءَ جو مشاهدو ڪري ونڻ ها يا رڳو هڪڙي خواب جي تشريح ڪري ونڻ ها تہ بہ منجهن اڏول ويساهہ پيدا ٿي پوي ها! جيئن تہ اهو معاملو گهڻو مونجهارو پيدا ڪندڙ آهي، پر ساڳئي وقت نهايت سمجهہ وارين سوچن جو عملي سلسلو بہ آهي، جيڪو ڪڏهن بہ نفسي/

---

[1] حاشيو 1925 ۾ شامل ڪيل: ان راءِ کي ان شناخت کان پوءِ وڌيڪ تفصيل سان بيان ڪرڻ ۽ ان ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي هئي، ڇاڪاڻ تہ تحت شعوري سوچ جي لازمي جزي جي، زباني نمائندگين جي باقيات سان واڳيجي، هڪ حقيقت هئي.

ڏهني عملي سلسلن جي عنوان کي رد نہ ٿو ڪري، جيڪو "شعور جي موضوع" تي مبني هجڻ کانسواءِ ظاهر نہ ٿو ٿي سگهي.[1] اهو سچ آهي تہ طبعي علاج ڪندڙن، شعور جي انهن عملي سلسلن متعلق نہ سکيو آهي، جيسيتائين انهن جي آڏو شعور مٿان پوندڙ اثرن کي نہ آڻبو تيسيتائين انهن تي ڪنهن بہ قسم جو مشاهدو رَسي نہ سگهندو. پر اها شعوري ڪوشش، ٿي سگهي ٿو نفسي/ ڏهني عملي سلسلي جي ڪرداري وصف کي لاشعور جي عملي سلسلي منجهان ڪنهن ٻئي انداز سان ظاهر ڪري وٺي، تہ جيئن اندروني ادراڪ امڪاني طور تي هڪ کي ٻئي جي لاءِ نعم البدل نہ بڻائي سگهي. طبعي علاج ڪندڙن کي، شعوري تاثرن کان لاشعوري نفسي/ ڏهني عمل طرف، نتيجي اخذ ڪرڻ جي سلسلي ۾ آزادي محسوس ڪرڻ گهرجي. انهن کي اهو بہ سکڻ گهرجي تہ شعوري طور سامهون آيل نتيجو رڳو لاشعوري عمل جي لاڳاپن جو پرانهون نفسي/ ڏهني نتيجو هوندو آهي ۽ پويون/ گذريل معاملو پنهنجي اصلي ڪيفيت جيان شعوري نہ رهي سگهندو آهي، ۽ ان کان علاوه اهو بہ سمجهڻ گهرجي تہ پويون يا گذريل معاملو وري پيش پڻ ٿيندو آهي ۽ ان جي وجود کان انڪار ڪرڻ جي باوجود ۽ هر صورت ۾ "شعور" ڏانهن عمل بہ ڪرڻ لڳندو آهي.

ذهن جي علائقي ۾ موجود اصلوڪي مقدار کان وڌيڪ شعوري جائداد کي، ڪنهن بہ درست حوالي سان ممڪن هجڻ کان اڳ ۾ ترڪ ڪري ڇڏڻ بہ لازمي آهي. "لپس" (Lipps_ 1897,146) جا لفظ آهن تہ: "لاشعور يقيني طور تي نفسي/ ڏهني زندگيءَ کي عام بنيادن تي تسليم ڪندو آهي. لاشعور هڪ تمام وڏو دائرو هوندو آهي، جنهن ۾ شعور جا ننڍا ننڍا دائرا سمايل هوندا آهن. هر شعوري شيءِ کي لاشعوري طور ابتدائي منچ/ تماشاگاهہ هوندو آهي. جڏهن تہ لاشعور ان منچ تي جيڪو ڪجهہ جاري رکي سگهندو آهي، ۽ ان جي باوجود نفسي/ ڏهني عمل جي ڪٽيل پوري ملهہ وٺڻ جي دعويٰ بہ ڪندو آهي. لاشعور! هڪ سچي نفسي/ ڏهني حقيقت آهي:

"ٻاهرين دنيا جي حقيقت جيان ان جي اندروني ۽ تمام ويجهي فطري نسبت کان اسان تمام گهٽو اڻ واقف رهيا آهيون. اها حقيقت شعور ۾ موجود تفصيل جيان، ائين ئي اڻپوري نموني پيش ٿيندي آهي. جيئن اسان پنهنجي حواسي عضون جي ذريعي ٻاهرين دنيا سان مواصلاتي سلسلي ۾ اڻپورا رهجي ويندا آهيون."

هاڻي تہ شعوري زندگيءَ ۽ خواب زندگيءَ جي وچ ۾ پراڻا متضاد جذبا، لفظ يا قوتون، لاشعور جي نفسي/ ڏهني حقيقت جي قائم ٿي وڃڻ سبب، پنهنجي مناسب مقدار ۾ گهٽجي بہ ويا آهن. ڪيترن ئي خوابن جا مسئلا، ۽ انهن جي تفسيرن تعبيرن سان، جن سان اڳوڻن ليکڪن جا نهايت ويجها ۽ گهاڻا واسطا هئا، انهن جي سڄي ساري اهميت ختم ٿي وئي آهي. بس رڳو چند سرگرميون باقي بچيون آهن، جن جي ڪري بہ خوابن جي جلد جوش ۾ آيل سلسلي ۾ ڪامياب ڪارڪرگي ايجان حيران ڪندڙ رهي آهي، پر تن جو بہ هاڻي خوابن سان ديرپا لاڳاپو نہ رهيو آهي، پر لاشعوري سوچ! جيڪا ڏينهن جي دوران سرگرم رهي آهي، ان ۾ رات جو گهٽي گهٽتائي ڪا نہ ٿي اچي. "شيرينر" (Schemer_1861,114) جي چوڻ مطابق تہ: "خواب! بدن جي نمائندگيءَ جي علامتن کي ناهڻ ۾ مصروفيت نظر ايندا آهن.

---

[1] حاشيو 1914 ۾ شامل ڪيل: مان ان ليکڪ جي نڪتي کي سمجهائيندي نهايت خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان، جنهن خوابن جي ايپاس جي ذريعي ساڻ ٻا نتيجا اخذ ڪيا آهن، جيئن مون شعوري ۽ لاشعوري سرگرميءَ جي وچ ۾ تعلق کي بيان ڪيو آهي. ليکڪ "دو پريل (Du Prel_ 1885, 47) لکي ٿو تہ: ڪنهن معاملي لاءِ جيڪڏهن شعور ۽ ذهن جو سلسلو ساڻيو هوندو اهي تہ دماغ جو فطري مسئلو اهو هوندو آهي تہ اهو ابتدائي تحقيقات (Prelimnary investigation) لاءِ نهايت چٽيءَ ريت سجاڳ ڪندو آهي. ان ابتدائي سوال جو جواب خواب جي ذريعي ناڪاري هوندو آهي، جيڪو اهو ظاهر ڪندو آهي تہ دماغ جو نظريو ان شعور جي پيٽ ۾ نهايت وسيع هوندو آهي، ان ساڻئي قسم جي رستي سان، جنهن ۾ طبعي طريقي جو ڪشش زور، نهايت اعليٰ طريقي سان روشني/ تاباني دائري جي پهچ کان ٻاهر ٿي لهلبو آهي ۽ ٻيهر ("مودسلي" (Maudsley_ 1868, 15) جو ڏنل حوالو): "اهو سچ آهي، جيڪو دماغ ۾ پڻ واضح طور تي برداشت نہ ڪري سگهندو آهي تہ شعور دماغ سان زمان ۽ مڪان جي لحاظ کان هڪ جيتري ڪشادگي نہ رکندو آهي.

هاڻي اسان اهو ڄاتو ته اهي نمائندگيون لاشعور جي تصوراتي دنيا جي (جنسي چاهتن مان اخذ ڪيل ۽ ممڪن هجڻ جوڳي) پرواز جي پيداوار آهن. جيڪي پنهنجي اظهار جو رستو ڳولهيندیون آهن. نه رڳو خوابن ۾ پر جنسي بيماريءَ (Hysteria) دوران پيدا ٿيندڙ خوف واري حالت ۾ ڪجهه بين علامتن ذريعي به اظهار ڪندیون آهن. جيڪڏهن ڪو خواب ڏينهن وارين سرگرمين تي ياڏيندو آهي ۽ انهن کي مڪمل ڪندو آهي ته ڪن تازن ۽ اهم خيالن تي به روشني وجهندو آهي. اسان کي انهن سيني جي ضرورت پوندي آهي جنهن تي خواب لڪائڻ واري عمل تحت ڪو پردو وجهي ڇڏيندو آهي. اهو خوابي پيداوار جو سلسلو هوندو آهي جو اهو ذهن جي گهرائيءَ مان، مبهم يا اڻ چٽين قوتن جي ذريعي، مددي معاملن جي ڪارگذاريءَ کي بيان ڪندو آهي. جيئن "تارتينيءَ" جي خواب ۾ ابليس اچي ڪيس وائلن تي راڳ جي ڌن ٻڌائي هئي.[1]

ڏاهپ واري ڪارنامي جي ڪاميابي به ساڳي ذهني قوت سبب ٿيندي آهي. جيڪا ڏينهن جو به ساڳي قسم جو نتيجو ڏيندي آهي. اسان جو ڏاهپ ۽ فني پيشڪش جي شعوري ڪرداري وصفن ڏانهن اندازي کان وڌيڪ جهڪاءُ هوندو آهي. تاريخ اسان کي اهڙن چند پيداواري صلاحيتون رکندڙ انسانن جي متعلق ٻڌائي ٿي. جن اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته ڇا ضروري آهي؟ ۽ انهن جي تخليقن ۾ ڪهڙي نواڻ آهي! جيڪا اڳ ۾ رٽيل سوچ کان به اڳ ۾ وٺن آئي هئي. ۽ سيڪجهه جڻ ٺهيل ٽڪيل کين حاصل ٿيو هو. ان ۾ ڪو عجب ڪونهي جيڪڏهن اهڙي ڳالهه ڪنهن ٻئي جي معاملي ۾ ٽئي ٿي. جتي هر ڏاهي جي غور فڪر جو ذهني شعبو اهڙي ضرورت محسوس ڪندو آهي. ته اتي شعوري سرگرمي پڻ پنهنجو حصو ڳنڍيندي آهي. جيڪڏهن اسان خوابن جي تاريخي اهميت متعلق الڳ موضوع ڪري ڪٽون ته ان مشڪل کي شايد ئي منهن ڏئي سگهجي. هڪ ته لڳي ٿو ته جڻ خواب کي! ڪي سردار يا رئيس ڪاروباري سيڙپ جي سلسلي ۾ ڪنهن ڪاميابيءَ جي باهمٽ پيش رفت جي لاءِ ڪانئس انهن ڪمن ڪرائڻ تي مجبور ڪندا هجن. جيڪي تاريخ کي تبديل ڪري ڇڏيندا آهن. پر اهي رڳو تازو مسئلو اپاريندا آهن. جيتري قدر خواب جو تعلق آهي ته هن وٽ ذهن جي ٻين واقف قوتن جي پيٽ ۾ هڪ عجب جهڙي سگهه هوندي آهي. ۽ پوءِ اهڙو ڪو به مسئلو باقي نه بچندو آهي. جڏهن خواب! انهن چاهتن يا ترغيبن کي تاثرات جي صورت ۾ شناخت ڪرائيندو آهي. جيڪي ڏينهن دوران قوت مدافعت جي دباءُ هيٺ رهنديون آهن. پر اهي رات جي وڪڙي ۾ من کي تقويت رسائيندڙ تاثرن جي سگهه کي ڳولهڻ جي به قابل هوندیون آهن.[2]

خوابن جو ماضيءَ جي يادگار نشانن ذريعي مانُ ڏيڻ، درست نفسياتي بصيرت تي ٻڌل هوندو آهي ۽ ماڻهوءَ جي دماغ ۾ هٽ نه ايندڙ/ چڙواڳ ۽ لازوال قوتن کي عقيدت جو احساس ڏيارڻ هوندو آهي. ۽ روحاني قوت ڏانهن، جيڪا خوابي خواهش کي جنم ڏيندي آهي. ان ۾ اسان پنهنجي لاشعور جي ڪم کي ڳولهيندا آهيون.

اهو سيڪجهه بنا ارادي جي نه ٿيندو آهي: مان پنهنجي وضاحت ڪيل لاشعور جي ڳالهه ٿو ڪريان. اصل ۾ مان فلسفين ۽ "لپس" جي لاشعور کي ساڳئي نموني بيان نه ڪيو آهي. انهن جي لاءِ اهو محاورو رڳو "شعور" سان تضاد جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو آهي. جنهن نظريي سان انهن جو اختلاف هو. اهو گهٽي گرميءَ ۽ بچاءَ تي مبني هو. اهي نظرياتي

---

[1] اٽليءَ جو معروف وائلن نواز ۽ ڪمپوزر جيوسيپي تارتيني (Giuseppe Tartini_ 1692_1770)، جنهن پنهنجي موسيقيءَ جي سلسلي ۾ هڪ ڌن "سوناتا" (Sonata_ G Minor) ٺاهڻ تي وڏي مٿي ماري ڪئي هئي. پر هڪ ڏينهن جڏهن هو ٽڪجي سمهي پيو ته خواب ۾ ڏٺائين ته ابليس وائلن تي اها ڌن وڄائي رهيو هو جنهن جي وڄائڻ ۾ ڏينهن جو ڪيس مشڪل پيش آئي هئي. پوءِ هو خواب منجهان جاڳيو ۽ ان کي ياد ڪري لکي. وائلن تي وڄائڻ شروع ڪيائين. تارتيني جي اها ڌن ابليس جي عنوان (Trillo del Diavolo) سان ئي تمام گهٽي مشهور ٿي.

[2] سڪندر اعظم خواب ڏٺو ته "ڪا وئيشا (Satyr) سندس ڍال تي رقص ڪري رهي آهي" "آرسٽينڊر" کي لڳو ته اها شايد، شام جي معرڪي ۾ بادشاهه جي حاضريءَ دوران "ٽائر" جي اوسي پاسي ۾ موجود هجي. سو هن "ساتر" جي اکرن جو اشتقاق ڪيو: "سا" ۽ "تر" ۽ ان جو مطلب ڪيو "ٽائر تنهنجو آهي" ۽ بادشاهه تي زور پريو ته حملو ڪري ڇڏي. چاڪاڻ ته هو ان شهر جو مالڪ ٿي ويندو." اتفاق سان خواب زباني ادا ٿيندڙ لفظن جي تاثر سبب نهايت ويجهڙائيءَ سان وابستا هو. ڏسو باب ٻيو: خوابن جي تعبير جو طريقو "الف": نمائنده خواب جو تجزيو ص: 223)

اختلاف ۾ ايترو ته ڪاوڙيل هئا جو "شعور" ۾ ڪانسواءِ انهن جو "لاشعور جي نفسي/ ذهني عملي سلسلي تي به جهيڙو پئي هليو. "لپس" پنهنجي دليل سان ڪجهه شيون اڳيريون ڪيون ته جيڪو سمورو نفسي/ ذهني عمل، "لاشعور" کي وجود ۾ آڻي ٿو ته ان جو ڪجهه حصو "شعور" ۾ موجود به رهي ٿو." پر "لپس" ان نظريي کي ائين ثابت نه ٿو ڪري جيئن، جنهن جو تت اسان خوابن جي حوالي سان ۽ جنسي بيماريءَ (Hysteria) جي علامتن جي بناوٽ بابت منطقي طور تي ڪيو هو.

"جاڳ جيون جو عام رواجي مشاهدو ضرورت مطابق، بنا ڪنهن شڪ جي، پاڻ ئي ثابت ڪندو آهي."

نئين کوجنا ڪرڻ، جيڪا اسان نفسياتي جوڙجڪ جي تشريح جي ذريعي سکيا آهيون ۽ ان نوعيت جي سکيا جي پهرين شاگرد جي حيثيت ۾ مان ائين چئي سگهان ٿو ته: "خواب حقيقت تي ٻڌل هوندو آهي ته مان اهو به چوان ٿو ته "لاشعور" (جيڪو نفسي/ ذهني عمل آهي) ۾ مختلف طريقن سان ڪم ڪندي نظر ايندو آهي، ۽ اهو جيئن عام روزمره زندگيءَ جي معاملن ۾ ڪم ڪندو آهي، تيئن ئي مرض جي حوالي سان به ڪندو آهي." اهڙيءَ طرح "لاشعور" جا به قسم ٿين ٿا، جن جي متعلق ايجان تائين نفسيات جي ماهرن کي فرق ظاهر ڪري نه ڏيکاريو آهي.

اهي ٻئي "لاشعور" ئي آهن جيڪي نفسيات جي حوالي سان ئي استعمال ٿين ٿا، پر اسان جي خيال ۾: انهن منجهان هڪڙو جنهن کي اسان اصطلاحي طور "لاشعور" سڏيو. اهو پڙ "شعور" جي لاءِ ناقابل شنوائي/ نه ٻڌڻ جوڳو هوندو آهي. ۽ اسان جڏهن "تحت شعور" جو اصطلاح ڪتب آڻيون ٿا، ته اهو ان ڪري جو ان ۾ جوش جذبات هوندا آهن. چند اصولن جي مشاهدي ڪرڻ کانپوءِ اهو سچ ثابت ٿيو آهي، ۽ ممڪن آهي ته رڳو تازي/ هلندڙ چندڇاڻ منجهان لنگهي پار پوڻ کانپوءِ به لاشعور جي قبوليت کانسواءِ ئي شعور تائين پهچڻ جي قابل ٿي ويون. حقيقت اها آهي ته جذباتي اپار جو شعور تائين پهچڻ به يقينن هڪ مقرر ٽيل تسلسل جي ذريعي، يا درجي وار ترتيب مقرر ڪندڙ شعبا (جيڪي اسان تي ان ترميم جي ذريعي ظاهر ٿيندا آهن. جن جي ترميم، چندڇاڻ جي ذريعي ٽيل هوندي آهي) اسان کي ماحولي ڪشاڪيءَ متعلق هڪ جهڙائيءَ سان جڙي هلڻ جي لائق بڻائيندا آهن.

اسان انهن ٻنهي سرشتن جي هڪ ٻئي سان تعلق کي واضح ڪري آيا آهيون، ۽ "شعور" جي پاسي اهو چئي ته "تحت شعور جو سرشتو"، "لاشعور ۽ "شعور" جي وچ ۾" عڪس ڏيکاربندڙ پردي (Screen) وانگر ٻيئل هوندو آهي. تحت شعور جو سرشتو رڳو شعور جي رڪاوٽن منجهان لنگهڻ جي ڪوشش نه ڪندو آهي پر اهو ان لنگهه تي به رضاڪاراڻي تحرڪ جي قوت سان قبضو به ڪندو آهي، ۽ متحرڪ مقصد واري قوت جي ورهاست جو ان جي ان حصي ۾، جنهن کان اسان واقف هوندا آهيون، "ڏيان" واري صورت ۾ اڪلاءِ به ڪندو آهي.

اسان کي "مٿانهين شعور" (Supraconscious) ۽ "هيٺانهين شعور" (Subconscious) ۾ "فرق واري موضوع" تي لکڻ کان ضرور پاسو ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته اسان جي اڄوڪي دور ۾ نفسيات متعلق تحرير ٿيندڙ ادب ۾ اهي ٻئي اصطلاح تمام گهڻو مشهور آهن. جنهن ۾ اهڙي قسم جو "فرق" رڳو شعور جي نفسي/ ذهني عمل جي هڪ جهڙائي تي زور ڏيڻ لاءِ وڌي احتياط سان ڪٽيل/ سوچيل سمجهيل رٽابندي ٿو نظر اچي.[1]

---

[1] مٿين يا مٿانهين شعور (Supraconscious) جو لفظ لاطيني زبان ۾ شعور جي مٿانهين درجي تي عقلي ۽ منطقي طور ڪم ڪندڙ ذهن جي حصي لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. عام طور تي شعور پنجن حواسن ۽ دماغ سان وابستا هوندو آهي، ماڻهن ائين سمجهندا آهن ته انهن جو شعور بيدار آهي، جيڪا ڳالهه غلط آهي، ڇاڪاڻ ته روزمره زندگيءَ ۾ ڪيترائي ماڻهو گهري نند ۾ هوندا آهن. مٿانهون شعور ماڻهوءَ جي اندر (روح) الهام ۽ ڪشف سان لاڳاپيل آهي، جيڪڏهن ماڻهو پنهنجي مٿانهين شعور کي ڪشف لاءِ استعمال ڪري ٿو ته اهو وڏي قوت وارو آهي، ۽ اهو به ياد رکڻ گهرجي ته هيٺائيءَ ۾ ماڻهوءَ جا عضوا پوريءَ ريت ڪم نه ڪندا آهن. اهڙيءَ ريت جيڪي ماڻهو پنهنجي مٿانهين شعور کان ڪم نه وٺندا آهن، اهي به اهڙي ئي هيٺائيءَ ۾ مبتلا هوندا آهن. ڄڃه اسرارن کي جاڻڻ هڪ لدني علم آهي، اندروني اک دماغ جي ان اندروني صنوبري مادي کي ڪوليو لهندي آهي، جنهن جو پاڙون ڪنول جيان پاتار ۾ هوندیون آهن. مٿانهون شعور اتي رهندو آهي، اهو مادو دماغ جي مٿانهين حصي تي هوندو آهي، جيڪو هڪ جوهر وانگر جسم جي هڪ حصي کان ٻئي حصي تائين منتقل ٿيندو آهي ۽ اتي اثر

هاڻي جيڪا شيءِ باقي رهي ٿي اها آهي: "محسوس ڪندڙ عضون" بابت نفسي/ ذهني عملي لياقتن جو ادراڪ." تصويري رٿا (Schematic Picture) ذريعي ڪيل ڪوشش مطابق اسان رڳو" شعوري ساڃاهه" بابت هڪ خاص عملي سرشتي جي درست ڪم جي وضاحت پئي ڪئي، ۽ ان لاءِ شعور (Cs) جو مشاهدو بلڪل درست نظر آيو. ان جي ٻوس اٽاڪي ۾ اسان ان کي خوبين جي ذريعي، جذبات جي اثر پذيريءَ وانگر "ساڃاهه واري سرشتي" (Pcpt) سان ملندڙ جلندڙ سرشتو ٻڌايو پر مٽ ست جي ذهن نشين ٿيل نقشن/ نشانن ۾ ڪمزوريءَ سبب چيوسين ته انهن وٽ پوري يادگيري نه هوندي آهي. نفسي/ ذهني عملي سرشتو جيڪو پنهنجي "ساڃاهه واري سرشتي" جي حواسي عضون سان ٻاهرين دنيا جي پاسي رخ ڪندو آهي، اهو پاڻ شعور (Cs) جي حواسي عضون ذريعي ٻاهرين دنيا سان لاڳاپيل هوندو آهي، جنهن جو ترتيبي/ ترڪيبي جواز انهن ئي حالتن ۾ رهندو آهي.

هتي اسان هڪ پيرو ٻيهر اختياري شعبن جي ڪيل درجي بندي واري اصول سان ملنداسين، جيڪو ان سموري سرشتي جي جوڙجڪ تي حڪمراني ٿو هلائي. جذباتي مواد ۽ پاسن کان شعوري حواسي عضون ۾ بنا رنڊڪ جاري رهندو آهي، هڪ "ساڃاهه واري سرشتي" جي، جنهن جا جذباتي ايار ان جي گڏن جي ذريعي طئي ٿيندا آهن، اهو ممڪن هجڻ جوڳي "تازي نظرثاني" سندس سامهون رکندو آهي، جيڪا شعوري صلاحيت وارو احساس ٿي پوندي آهي، ۽ جنهن جا مقداري عمل ۽ صلاحتي احساس رکندڙ هوندا آهن. اهي سرشتي منجهان اندران پاڻ ئي، راحت ڏيندڙ يا بيچين ڪندڙ سلسلو ٻڌجي پوندا آهن، تڏهن ڪجهه طئي ٿيل ترميمن جي حوالي سان، اهي پنهنجو رستو شعور جي پاسي ڌاهي وڃندا آهن.

اهي فلسفي! جيڪي انهن عقلي ۽ گهڻن منجهيل خيالن جي جوڙجڪ کان واقف آهن انهن لاءِ، شعور تي ذميداري رکڻ ڪانسواءِ شعور جي ڪنهن حصي ۾ پيدا ٿيندڙ مشڪل کي ڳولهڻ ممڪن آهي. انهن کي ڏيکاري سگهجي ٿو ته اهو مونجهارو پيدا ڪندڙ نفسي/ ذهني عمل، اجايو يا فالتو انداز ۾ اولڙو ڪندڙ تصوير کان گهڻو وڌيڪ نه ٿو ٿي سگهي. ٻئي طرف اسان پنهنجي شعوري سرشتي ۽ ادراڪي سرشتي جي وچ ۾ هڪ جهڙائي پيدا ڪندڙ انهيءَ پريشانيءَ يا ذهني انتشار کان بچيل آهيون. اسان جاڻون ٿا ته اسان جي حسي عضون جي ادراڪ جي نتيجي ۾ جذبات تي غور ڪندڙ ذهني قوت، انهيءَ ئي پيچري سميت رخ ڪندي آهي، جنهن منجهان آيل، حواسن جي جذباتي ڪيفيت ڦهلجڻ لڳندي آهي: "ساڃاهه واري سرشتي" (Pcpt) جي ڳڻن پري "جذبات"! نفسي/ ذهني سرشتي ۾ متحرڪ مقدار جي نيڪال جي نگرانيءَ جو ڪردار ادا ڪندي آهي. اسان ساڳيو عمل، شعور (Cs) جي حسي عضون جي ڏڪي ڇڏڻ سان به منسوب ڪري سگهون ٿا: چند نئين صلاحيتن کي ساڃاهڻ جي ذريعي، جيڪو جذباتي ذميداريءَ جي متحرڪ مقدار جي رهنمائيءَ لاءِ هڪ نئون حصو جوڙيندو آهي ۽ انهن کي گهربل نتيجي لاءِ فائديمند مصلحت سان ورهائيندو آهي. ان وٽندڙ يا اٽوٽندڙ ساڃاهه جي مدد جي ذريعي، اهو

ڏيکاريندو آهي، اهڙي قسم جي مٿانهين شعور کي حاصل ڪرڻ لاءِ "ڏيان لڳائڻ" جي مشق ڪرڻي پوندي آهي، ائين اهو ماڻهو ان لاتاني هيڪڙائيءَ سان رلمل ٿي ويندو آهي، جيڪا سندس ئي اندر ۾ رهندي آهي.

هيٺانهين شعور" (Subconscious) کي پهريون پيرو 1893 ۾ استعمال ڪيو ويو هو، جنهن کي 1895 ۾ "جنسي بيمارين جي ايٽياس" ۾ يعني دماغ جو حصو جيڪو شعوري ساڃاهه ۾ ناقص هجي، پيش ڪيو ويو هو. اٽپورو شعور يا جنهن شعور ۾ ڪا وڌ هجي. "ڪارل جونگ" جو خيال آهي ته جيئن ته هڪ حد تائين ماڻهو پنهنجي نظر ايندڙ حد تائين سجاڳ هوندو آهي، پر ان سان گڏ ان جو هڪ متبادل گدام (Store) به هوندو آهي، جتي سندس معلومات ۽ تجربن جي ياداشت گڏ ٿيل هوندي آهي. نفسيات جي لغت ۾ ڏنل آهي ته: "هيناهون شعور" من اچل جي زور وارو احساس آهي، جيڪو ڪل جي هيلين تهه ۾ موجود هوندو آهي ۽ اهو تنتن سان گڏ هڏن تي به اثرانداز ٿيندو آهي. (انٽرنيٽ تان ورتل معلومات.)

جذبات جي نتيجي ۾ خارج ٿيندڙ قوت تي اثرانداز ٿيندو آهي. نه ته هي صورت ۾ صلاحيتن کي غائب ڪرڻ. "لاشعوري سرشتي" جو ڪهڙو مقصد آهي! اهوائين ممڪن ٿو لڳي ته پهرين پيري ۾ ناخوشگواري يا تڪليف پيدا ڪندڙ اصول، جذباتي نتيجي ۾ خارج ٿيندڙ قوت کي پاڻمرادو غائب ڪري ڇڏڻ جي نگراني ڪندو هجي. پر اهو به ممڪن آهي ته انهن صلاحيتن جو شعور مددي ۽ وڌيڪ تفاوتي نگرانيءَ هيٺ ڪجهه ٻيو متعارف ٿيندو هجي. ۽ پوئين/ گذريل جي مخالفت جي قابل پڻ هجي. ۽ جيڪو پنهنجي لياقت تحت سرشتي جي قابليت تي پورو لهندو هجي. ان جي اصلوڪي منصوبي جي تضاد ۾. نفسياتي قوت حاصل ڪرڻ ۽ ان تي ڪم ڪرڻ ته ناخوشگواريءَ جو اخراج ڪنهن سان لاڳاپيل آهي!

اسان اعصابي مونجهارن بابت نفسياتي تعليم منجهان سکيو آهي ته نگراني ڪندڙ يا ضابطو رکندڙ عملي سلسلو. حواسي عضون جي صلاحيتن جي حامل جذبن کي ڪٽي اڇڻ جي ذريعي. سرشتي جي عملي سرگرميءَ ۾ تمام وڏو ڪردار ادا ڪندو آهي. ناخوشگواريءَ جي ابتدائي اصول جي پاڻمرادو مٽيرائي ۽ نتيجي ۾ اهليت تي مڙهيل پابندين. حواسي/ دماغي طريقي جي باقاعدي نگرانيءَ جي ذريعي مداخلت ڪندين آهن. اهي پاڻ کي پنهنجي ليکي ئي تحرڪ ۾ تبديل ڪنديون آهن. اسان ڏٺو ته "واپسيءَ وارو عمل" (Regression) يادگيرين تي اثرانداز ٿئي ٿو جيڪو جيتوڻيڪ هڪ ڪارائتي خدمت سرانجام ڏيڻ سان شروعات ڪري ٿو بنيادي طور تي ڪنهن لاڙي. جذبي يا سوچ کي روڪيندڙ ذهني عمل يا ذهني ضابطي تحت ٿيل نقصان جي اڳواٽي ڪندو آهي. اهوادراڪ کان گهٽو وڌيڪ ۽ آسانيءَ سان سامهون آيل نتيجو ظاهر ڪندو آهي. چاڪاڻ ته پويان کان ئي نفسي/ ذهني حواسي عضوا (Psychial Sense_ Organs). کيس جذباتي نتيجو ڏيندڙ قوت وڌيڪ پهچائي نه سگهيا هئا. هڪ پاسي اهو سچ آهي ته هڪ "خيال". جيڪو محفوظ ٿيڻ کان رهجي ويندو آهي ته اهو شعور ۾ به اچي نه سگهندو آهي. چاڪاڻ ته ان جو دٻاءَ. ضبط (Repression) کي پوڳيل برداشت ڪيل هوندو آهي. پر ٻئي پاسي ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته ان قسم جو "خيال" رڳو دٻيل ئي هوندو آهي. چاڪاڻ ته ڪجهه ٻين سبب جي ڪري شعوري ساڃاهه منجهان پاسيرو ٿي ويندو آهي. هتي ڪجهه ان قسم جا اشارا آيا آهن جن مان اسان. پنهنجي علم علاج جي (Therapeutic) طريقي جو فائدو ونندي ضبط روڪ. دٻاءَ جو خاتمو ڪري سگهون ٿا. جنهن کان اسان اڳي ئي گهڻا متاثر ٿيل آهيون.

جذباتي حملي کي وڌيڪ اپارينڊ ذهني سگهه (Hyper Cathaxis) جنهن جي متحرڪ منصوبابندي. نگران شعوري/ حسي عضون جي اثر پذيريءَ سبب. ان جي لياقتن جي نئين سلسلي جي "تخليقي حقيقت" ٿيندي آهي. جنهن جي ڪري باقائدي ضابطو رکندڙ نئون عمل. جيڪو ماٺهن جي جانورن کان اشرف هجڻ طرف اصولي شڪل ۾ ڏانچي ناهڻ جي پيٽ ۾ پنهنجي قدرتي مظهرن علامتن ۽ مقصدن سان واسطو رکندڙ (Teleological) نقط نظر کان. تفسير يا وضاحت سني نموني نه ڪري سگهندو آهي. منجهن خيالن جو عملي سلسلو خوشيءَ يا غم واري. جذباتي اپار لاءِ ڳڻن کانسواءِ هوندو آهي. جيڪو ساڻن همنوا ٿيندو آهي ۽ جيڪو پنهنجي منجهائيندڙ ممڪن تاثرات جي حوالي سان سوچ مٽان يقيني حدن اندر جاري رهندو آهي. ان حوالي سان ته جيئن خيالن جا اهي عملي سلسلا صلاحيت حاصل ڪري سگهن. اهي انسان ذات سان زباني/ واتين ويٽي يادگيرن ذريعي سلهاڙيل هوندا آهن. جن جي ڳڻن جي باقيات. انهن ڏانهن شعور جو ڏيان چڪاڻ لاءِ ڪافي هوندي آهي. ۽ سوچن جي سلسلي کي. شعور منجهان جذباتي نتيجي ۾ خارج ٿيندڙ هڪ نئين متحرڪ قوت حوالي ڪندي آهي.

شعور جي مسئلن جي سموري جهجهاڻي. رڳو هيستيريائي خيالن جي تجزيي جي ذريعي جهلي سگهجي ٿي. انهن جو هڪڙو تاثر (Impression) ته اهو ملندو آهي ته جيئن تحت شعور منجهان. شعوري طور غور فڪر جي نتيجي ۾ استعمال

ٽيندڙ قوت جي ڦير گھير جي عمل جي نشاندهي، چنڊچاڙ جي ذريعي ٽيندي آهي. تيئن لاشعور (Ucs) ۽ تحت شعور (Pcs) جي وچ ۾ به ٽيندي آهي. پر اها چنڊچاڙ رکوانهيءَ اهليت واري حد اندر حرڪت ۾ ايندي آهي ته جيئن گھٽ شدت وارن خيالن جو ڏانچو جان ڇڏائي نڪري وڃي.

هر قسم جا ممڪن مثال ڏئي سگھجن ٿا ته ڪو خيال شعور مان پاسو ڪري ڪيئن ٿو نڪري وڃي! يا ان کي ڪجھ پابندين تحت، شعور ڏي اماڙڻ لاءِ ڪيئن ٿو زور پريو وڃي! اهي به اعصابي خلل/ نفسي اوٽائيءَ واري منطقي تشريح جي بنيادي تاجي پيٽي ۾ شامل ڏنا ويا آهن: ۽ اهي سيئي، چنڊچاڙ ۽ شعور جي وچ ۾ تمام گھٽي ويجھڙائيءَ ۽ موت ۾ نيائيندڙ سات واريون نشانيون آهن.[1] مان ان نفسياتي پاڇولن متعلق آخر ۾ به مثال پيش ڪندس.

گذريل سال مون کي، هڪ ڏهين ۽ بي فڪر قسم جي ڇوڪريءَ جي تپاس متعلق مشوري لاءِ سڏيو ويو هو ڇوڪري نهايت عجب ۽ وجھندڙ لباس پاتو هو. جڏهن ته اصول اهو آهي ته عورت جو لباس به تفصيلي مطالعي لاءِ غور طلب هوندو آهي. هن هڪ ته پڪين جي رنگين ڪنين وارا ڪپڙا پاتا هئا، مٿان سيني وارا بيڙا به بند ٽيل ڪو نه هئس. هن کي جنگھن ۾ سور جي شڪايت هئي، ۽ چوندي ئي هن پنھنجي جنگھ جي وچين حصي (Calf) وٽان ڪپڙو مٽي ڪري ڏيکاريو. اصل ۾ هن کي جيڪا تڪليف هئي، اها سندس بدن جي اندر ڪنھن شيءِ جي چنبڙڻ ۽ اڳتي پوئتي ٽيندڙ ڪنھن شيءِ متعلق هئي. جنھن جي ڪري ڪيس چڪر پئي آيا. ڪڏهن ڪڏهن سندس سمورو جسم آڪڙجي ٽي ويو. منھنجو هم پيشہ ساٿي، جيڪو ان چڪاس دوران مون سان گڏ هو منھنجي منھن ۾ نھاريو لڳو هن کي سندس تڪليف کي سمجھڻ ۾ ڪا دشواري ڪا نه پئي ٿي. پر جنھن حقيقت اسان کي حيرت ۾ پئي وڌو اها اها هئي ته ان ڇوڪريءَ جي ماءُ کي ڪا به پريشاني ڪا نه هئي. چاڪاڻ ته ڇوڪريءَ اهو سيڪجھ پاڻ پئي ٻڌايو ۽ ان دوران ان عورت ڪجھ به نه ڳالهايو. ان معاملي ۾ اهو ممڪن هو ته چنڊچاڙ جو عمل، ڪنھن تصوراتي معاملي تي راضي ڪرڻ واري طريقي سان ڪيس بيوقوف بڻائيندو هجي، جيڪو عام طور تي تحت شعور ۾ ڪنھن به خلل يا خرابيءَ ڪانسواءِ جاري رکندو آهي ۽ نهايت معصوم طريقي سان اصل حالت کي لڪائي، شعور ۾ داخل ڪندو آهي، جنھن جي ڪري ماڻھو ۾ شڪايت جو پيدا ٿيڻ ممڪن ٽي پوندو آهي.

هي هڪڙو ٻيو مثال آهي:

چوڏهن سالن جي عمر وارو هڪ ڇوڪرو تحليل نفسيءَ ذريعي ٽيندڙ علاج جي سلسلي ۾ مون وٽ آيو. جنھن کي مشڪن جي ڇڪ، پٺن ۾ مروڙ (Tic_ Convulsion) جنسي بيماريءَ واريون التيون، مٽي جو سور وغيره جي شڪايت هئي.

مون سندس علاج شروع ڪيو ۽ ڪيس يقين ڏياريو ته پنھنجون اکيون بند ڪري ۽ جيڪي تصويرون ڏسي يا سندس ذهن ۾ جيڪي خيال اچن، انھن متعلق مون کي ٻڌائيندو هلي ته جيئن مان علاج بابت سوچي سگھان. پوءِ هو مون کي تصويرن ذريعي ٻڌائڻ لڳو.

مون ڏي اچڻ کان اڳ هن جو آخري تاثر سندس يادگيريءَ منجھان تصويري انداز ۾ ورجائجي آيو. هن پنھنجي چاچي سان گڏ چوپڙ راند پئي ڪيڏي. هن پنھنجي سامھون چوپڙ راند واروڪپڙو وڇايل ڏٺو هن کي راند جا مختلف انداز ۽ بار بار پاسا بدلائڻ نظر آيا. ڪڏهن خوش ته ڪڏهن بيزاري ۽ ڪڏهن ته ڌاري جي چال تي ڪاوڙ. پوءِ هن چوپڙ واري

---

[1] تحت شعور ۽ شعور جي وچ ۾ چنڊچاڙ متعلق فرائيڊ جي ويجھڙائيءَ واري لکڻين ۾ گھڻو ذڪر نه ٿو ملي. البت ان بابت تفصيلي بحث سندس "شعور" متعلق لکيل مقالي (1915) جي حصي ڇھين ۾ آيل آهي.

ڪپڙي تي خنجر پيل ڏٺو جنهن لاءِ هن جو خيال هو تہ اهو سندس پيءُ جو هو پر پوءِ بہ هن جو ڏيان چوپڙ واري ڪپڙي تي جميل رهيو. پوءِ هن ان ڪپڙي تي ڏاڙو پيل ڏٺو ۽ ان کانپوءِ ڪوڏر ڏٺي. پوءِ هن جي اڳيان هڪ پوڙهي هاريءَ جي تصوير آئي، جنهن جي هٿ ۾ ڪوڏر هئي ۽ سندس گهر کان ٿورو پرپر و گاهه جي مٿان وڃي رهيو هو.

ڪجهه ڏينهن کانپوءِ مون هن جي ڏنل تصويري سلسلي جو مطلب ڪڍيو. چوڪرو پنهنجي خانداني ناخوشگوار حالتن سبب پريشان هو هن جو پيءُ طبيعت ۾ سخت مزاج هو. پنهنجي ڪمن ۾ برجستو هو پر ان چوڪري جي ماءُ سان شاديءَ جي سلسلي ۾ ناخوش هو ڪاوڙ ۾ تپي ڳاڙهو ٿي ويندو هو ٿوري ٿوري ڳالهه تي هُل هنگامو ڪندو هو ۽ آخر ڪار هن، ان عورت کي طلاق ڏئي ڇڏي هئي ۽ هڪ نرم نازڪ ۽ پيار ڪندڙ جوان عورت سان شادي ڪئي هئي. ائين هوءَ هن چوڪري جي نئين ماءُ بڻجي وئي هئي ۽ اهو سڀڪجهه هن چوڏهن سالن جي چوڪري جي بيمار ٿيڻ کان ڪجهه عرصو اڳ ٿيو هو. هن جي اندر ۾ پنهنجي پيءُ لاءِ ڏهيل ڪاوڙ سندس ذهانت واري تاثر سبب تصويري سلسلي ۾ جڙي وئي هئي، جنهن جو متن، سندس ڏنل ڪٿائن وارين يادگيرين ذريعي مهيا ٿيل هو. هڪڙو "ڏاڙو" تہ اهو هو جنهن سان "زيوس ديوتا" (Zeus) پنهنجي پيءُ کي خصي ڪري ڇڏيو هو ۽ "ڪوڏر ۽ پوڙهي هاريءَ جي تصوير" "ڪرونس"(Kronos) [1] جي نمائندگي ٿيل ڪئي، ان پوڙهي فساديءَ (ڪرونس) جي، جنهن پنهنجي ٻارن کي کڻي ڇڏيو هو جنهن تي زيوس اهڙي لاپرواهه "پيءُ" سان پلاند ڪيو هو (ڏسو باب پنجون: "خوابن جو مواد ۽ ماخذ" حصو چوٿون: "مثالي خاص قسم جا خواب" ص: 404).

هن مريض چوڪري جي پيءُ کي شاديءَ کانپوءِ ٻار ڄائو هو هن جي ذهن ۾ پنهنجي پيءُ واري خراب رويي جو ردعمل هن پنهنجي جنسي تباهيءَ سان پئي ڏٺو چوپڙ راند "ڪيڏڻ" سندس جنسي عضوي سان ڪيڏڻ جي علامت آهي. هن معاملي ۾ تمام پراڻيون ڏيل يادگيريون اڳتي ايندي نظر اچن ٿيون، جيڪي بہ لاشعور منجهان بي مقصد تصويرن جي هڪ چوواٽي تان ترڪي شعور ۾ آيل آهن.

اهڙيءَ ريت مان ان نفسياتي معلومات کي، (خوابن جي نظرياتي اهميت بابت مددي ايپاس کي ان ابتدائي روشنيءَ ۾ ڏسڻ ٿو چاهيان). جيڪا نفسي اوٽائي يا دماغي خلل (Psychoneurosis) جي مسئلن تي پوي ٿي، پر ڪير ان جي نتيجي جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهي ٿو جيڪا "ذهني سرشتي جي جوڙجڪ" پنهنجي سموري عملي سلسلي کان حاصل ٿي سگهي ٿي! هيل تائين اسان تائين پهتل تازي معلومات چا اسان کي اجازت نہ ٿي ڏئي تہ اسان دوائن جي وسيلي علاج جي علمي سهوليت ۽ اهليت جي حوالي سان، نفسي اوٽائي يا دماغي بيماريءَ کي علاج لائق بنائڻ تي زور لڳائي سگهون؟

پوءِ هن ايپاس جي عملي اهميت ڪهڙي هوندي؟

مان اهڙا سوال ايرندي ٻڌان ٿو!

دماغ جي عملي سلسلي کي سمجهڻ لاءِ حاصل ڪيل وسيلن بابت، ماڻهوءَ جي انفرادي، لکل ڪرداري وصفن طرف؟

ان ايپاس جي ڪهڙي اهميت هوندي؟

چا! خوابن جي ذريعي ظاهر ٿيندڙ لاشعوري چاهتن جي حقيقي جوش جو ذهني زندگيءَ ۾ ڪو اهم ڪردار نہ آهي؟

---

[1] ڪرونس، زيوس جو پيءُ هو ۽ ڪيس ٻيا پٽ بہ هئا: پوسيڈن (Poseidon) هيڊس (Hades) هيسٽيا (Hestia) ڊيميٽر (Demeter) ۽ هيرا (Hera).

چا! ڊيجي ويل خواهشن جا به ڪي اخلاقي قدر يا مطلب نه آهن؟ جيڪي انهن خواهشن تي روشني وجهن ٿا، جيڪي خوابن ۾ اڳيرائي ڪن ٿا، ۽ تي سگهي ٿو اهي ڪنهن ڏينهن ڪنهن بي شيءِ ڏانهن اڳيرائي ڪري وڃن؟

انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ لاءِ مان باڻ ڪي منصف نه ٿو سمجهان. مون کي خوابن جي انهن مسئلن طرف وڌيڪ غور ڪرڻو نه آهي. مان بهرحال اهو سوچيان ٿو ته .وم جو شهنشاهه غلطيءَ تي هو جڏهن هن پنهنجي ڪيترن موضوعن منجهان هڪڙي جي تعميل ڪئي هئي. چاڪاڻ ته هن خواب ڏٺو هو ته ڪو شخص بادشاهه کي قتل پيو ڪري (ڏسو باب پهريون: "خوابن جي مسئلن سان سائنسي ادب جو روبو/ تعلق"، حصو ڇهون: "خوابن ۾ اخلاقي شعور" ص: 126). هو پهرين ته ان ڳالهه کي ڳولهيندو هو ته سندس خواب جو مطلب ڇاهي، پر گهٽو ڪري ان خواب جي اها معنيٰ نه هوندي هئي جيڪا ڪيس نظر ايندي هئي، يا هو سمجهندو هو. ان جي ڪري هو رڳو ماڻهن کي پيو مارائيندو هو. پر جيڪڏهن خواب ڪنهن ٻئي متن جو هجي ها ته به روم جو شهنشاهه پنهنجي معنيٰ جي لحاظ کان ذاتي زندگيءَ ۾ عملي طور گهٽ انصاف وارو هو.

چا اسان جي پنهنجي دماغ کي "پلئٽو" (Plato) جو قول ڪو سهارو نه ٿو ڏئي سگهي. جيڪو چوي ٿو ته: "وڏين خوبين وارو (صالح، پارسا) ماڻهو خواب جو مواد جوڙيندو آهي، ۽ بيڪار (بدڪار) ماڻهو خوابن ۾ به اها ئي بدڪاري ڪندو آهي، جيئن هو حقيقت ۾ هوندو آهي." مان سمجهان ٿو ته اهو مثال، بهرحال خواب جي ورتاءَ کي سمجهڻ لاءِ بي مثال آهي.

ائين ته نه آهي ته اسان لاشعوري خواهشن جي حقيقت سان واڪيل آهيون! مان چئي نه ٿو سگهان: خيالن جي هڪڙي حالت مان بي حالت ۾ وڃڻ/ مٽ سٽ جي عمل يا وچولي قسم جي سوچن جي ڪري مان يقينن ان جي تردید ڪندس. جيڪڏهن اسان لاشعوري خواهشن ڏانهن، انهن جي سچي ۽ بنيادي شڪل ۾ گهٽجي وڃڻ واري صورت کي ڏسندا سين ته اسان ان نتيجي تي ضرور پهچنداسين. ان ۾ شڪ نه آهي ته نفسي/ ذهني حقيقت جي، "وجود" جي هڪ مخصوص شڪل آهي، پر ان لاءِ مادي حقيقت" (Material Reality) واري سلسلي ۾ منجهڻ نه گهرجي.[1]

اهڙيءَ ريت ماڻهن کي، پنهنجي خوابن جي لافاني هجڻ جي ذميداري قبول ڪرڻ لاءِ غير رضامندي يا مخالفت جو ڪو جواز نظر نه ٿو اچي. جڏهن ته ذهني سرشتي جي ڪم ڪرڻ جو ڍنگ، شعور ۽ لاشعور جي وچ ۾ صحيح نموني جي هم آهنگي پيدا ڪرڻ آهي، هو احساس جي اثر هيٺ سدائين خبردار رهندو آهي ۽ شانائتي قدرداني ڪندو آهي، ۽ اسان جي خوابن ۾ جيڪي اخلاقي لحاظ کان، وڏن عيبن هاڻا حصا ۽ تصور پيش ٿيندا آهن، انهن کي خارج ڪرڻ ۽ ڪٽي غائب ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ان سلسلي ۾ "هنس سئش" (Hans Sachs_ 1912,569) جو چوڻ آهي ته: "جيڪڏهن اسان پنهنجي شعور ڏانهن ڏسندا سين ته اسان کي لڳندو ته اهو پنهنجي خوابن جي ذريعي اسان کي، اسان جي همعصر (حقيقي) صورتحال متعلق ٻڌائيندا آهن. اسان کي اهو معلوم ڪرڻ لاءِ ان تي اچرج ڪائڻ نه گهرجي ته خواب ۾ ڏنل ڪنهن قداور ديوَ کي ڏسون ته تشريح لاءِ آتشي شيشا ڪٽي ويهي ان کي ڳولهڻ ۽ ان جي جاچ پڙتال ڪريون.[1]

---

[1] 1914 ڌاري اهو جملو هن ريت شايع ٿيو هو: ڪنهن "ساهواري جي فطري مهارت تي ٻڌل سگهه يا صلاحيت" (Faculty)، پوءِ 1919 ڌاري ان کي بدلائي جسماني وجود رکندڙ "مادو" (Material) ڪري لکيو ويو آهي.

[1] هتي لاطيني زبان جو هڪ لفظ Infursorian استعمال ڪيل آهي، جيڪو اوائلي ننڍين پر هڪ جهڙي جيوَ گهرڙي تي ٻڌل جانورن جي انهن سنهن، خاص طور پنبڙين جي وارن لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي، جن کي دوربينيءَ ڪانسواءِ ڏسي نه ٿو سگهجي. ساڳيءَ ريت عضون جي اندر هڪ اهڙو باريڪ مادو ٿئي ٿو (انترنيٽ)

عملي ۾ شعوري طور اظهاريل خيال يا اصول، ماڻهوءَ جي ڪردار متعلق فيصلي ڪرڻ جي عملي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪافي هوندا آهن. "عمل هميشہ پهرين پرکيا آهن": ڪيترين ئي دلي چاهتن لاءِ جيڪي شعور منجهان پنهنجو رستو تلاش ڪنديون آهن، جن کي ذهني زندگيءَ جون حقيقي قوتون نصيب نہ ٿينديون آهن ۽ ائين اهي نسرندي ئي فنا ٿي ويندیون آهن. حقيقت اها آهي تہ اهڙيون دلربايون پنهنجي اڳيرائيءَ ۾ ڪنهن نفسي/ ذهني رنڀڪن سان ميل نہ ڪائيندیون آهن، ان ڪري تہ لاشعور يقيني هوندو آهي تہ اهي ڪنهن نہ ڪنهن مهل يا حالت ۾ ضرور رکجي ويندیون. اهو هر صورت ۾ هدايت يا ڇاڻ ڏيندڙ هوندو آهي. گهٽي لناڙجي ويل پنيءَ تي ٻيهر ڏيان ڏيڻ لاءِ تہ جيئن ان منجهان اسان جون خوبيون فخر سان ٻهار جي گلن جيان مهڪ لڳن. ائين ڪنهن ڪنهن ٿيندو آهي جو ماڻهو پنهنجي ماضيءَ جي اخلاقيات جي وچ ۾ ڪنهن سامهون آيل سادي متبادل چونڊ تي يقين جي باوجود پنهنجي ڪرداري مونجهاري سبب سرگرميا ولولو پيدا ڪندڙ قوتن جي ڪري هِتي ٻيو نهارين ٿو آهي.

ٻ اسان لاءِ ايندڙ وقت جي معلومات ڏيڻ جي حوالي سان "خوابن جي اهميت" ڪهڙي هوندي؟ يقينن ان جو تہ سوال نہ پيدا نہ ٿو ٿئي (ڏسو باب پهريون: "خوابن جي مسئلن سان سائنسي ادب جو روبو/ تعلق" ص: 32) تہ اهو ڪا سچي چوڻ بجاءِ اسان کي ايندڙ وقت جي ڪا ڇاڻ ضرور ڏيندو.[1]

خواب پنهنجي پراڻن زمانن کان ونڊي سفر ڪندو رهيو آهي، ان جي باوجود آڳاٽو عقيدو تہ: "خواب وقت کان اڳ ۾ يعني مستقبل جي متعلق اڳڪٿي ڪندڙ هوندا آهن تہ ان سچ کي رد نہ ٿو ڪري سگهجي. پر هي مستقبل! جيڪو اڃوڪين حوابي تصويرن کي لافاني يا لازوال خواهش جي ذريعي ماضيءَ جي پرپور پسنديدگيءَ تحت پيش ڪري ٿو.

---

[1] رڳو 1911ع واري ايڊيشن ۾ هي حاشيو ان ئي نڪتي تي نظر آيو هو: ويانا جي پروفيسر ارنيسٹ اوفينهيم (Professor Ernest Oppenheim) مون کي لوڪ ادب منجهان شاهدي ڏيکاري هئي تہ "خوابي نظريي جو هڪ طبقو آهي، جنهن ۾ پيغمبري معنائن کان پنهنجي معروف عقيدن ۾ پڻ پاسو ڪيو ويو آهي، ٻ انهن ۾ ننڊ دوران پوين/ گذريل خواهشن ٻ ضرورتن جي داخل ٿيڻ جي حوالي سان باقاعدي ٻ درست معلومات ملي ٿي. هن اهڙن خوابن جي هڪ مختصر تفصيل ڏني آهي، جن کي مذاحيہ ڪهاڻين جي طريقي سان پيش ڪيو ويو آهي. "لوڪ ادب ۾ خوابن جو ذڪر" جي عنوان سان فرائيڊ، ارنيسٹ اوفينهيم 1958 ٻ 1911ع) سان گڏجي مضمون لکيو آهي، جيڪو هڪ ہي معياري ايڊيشن ۾ شايع ٿيو آهي.

بيدل مسرور بدوي



بيدل مسرور هڪ آرٽسٽ آهي. هڪ ليکڪ، هڪ راڳي، حفيظ شيخ تي لکيل هن جو پورٽريٽ "اولڙا اولڙا ـ زندگي اولڙا" سنڌي ادب جي هڪ اهم تحرير آهي. حفيظ شيخ جي حوالي سان، اهڙي تحرير اڄ تائين نه لکي وئي آهي. مون ان کي "مهراڻ" ۾ ڇپيو هو. ان تي مون کي فخر آهي.

هڪ ليکڪ طور بيدل مسرور جي ڪرڻٽ تي کاٽيون، ناول، ناوليٽ، ڪالم ۽ تحقيقي مضمون آهن. ان ڏس ۾ "ڪلياتِ مسرور" جو مثال ڏئي سگهجي ٿو. بيدل مسرور جو سنگيت جي حوالي سان، لطيف سائينءَ جي ڪلام کي نوٽيشن تي آڻڻ به هڪ اهم ڪارنامو آهي، جيڪو اڃا منظرعام تي نه آيو آهي.

بيدل مسرور هڪ پيدائشي آرٽسٽ آهي، هڪ گُڻي ڳائڻو آهي، خاص ڪري هن جديد شاعريءَ کي جيئن ڳايو آهي، ان سان جديد سنڌي شاعريءَ کي وڏي وسعت ملي آهي ۽ اها انهن ماڻهن تائين به پهتي آهي، جيڪي پڙهي نه ٿا ڄاڻن. هن منهنجا به ڪيترا ڪلام ڳايا آهن.

شاعريءَ ۾ به بيدل جي پنهنجي پسند آهي، هن جي ڳائڻ جو پنهنجو انداز آهي. بيدل ڪڏهن ڪڏهن ته اهڙي ڏکئي فارميٽ کي ڳائڻ لاءِ چونڊيندو آهي ۽ ان کي جيئن نپائيندو آهي ته ان تي حيرت ٿيندي آهي!

ايياز جو مشهور نظم "مان ڏوهي هان!" هن ڏاڍي جذبي سان ڳايو آهي. ان ۾ کوبه شڪ نه آهي ايياز جيڪي ڪجهه لفظن ۾ چيو آهي، بيدل جي سُرن ان کي "دوآتشه" ڪري ڇڏيو آهي ـ ان چوڻ ۾ به وڌاءُ نه ٿيندو ته هن جيڪي ڪجهه به ڳايو آهي، اهو جذبي سان ئي ڳايو آهي.

بيدل نه رڳو راڳي آهي، پر سنگيتڪار به آهي. هو ڪلام جي ڌُن به پاڻ ٺاهيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن مان ڪيس چوندو آهيان ته توهان ٻئي جي ڪمپوزيشن ۾ به ڳايو! پوءِ سوچيندو آهيان ته "اهو ٻيو" ڪمپوزر سنڌ ۾ آهي ڪٿي؟! ڪاش! اهو منهنجو سپنو ساڀيان ٻڌجي! پر شايد اهو "ٻيو" به هوپاڻ ئي آهي!

امداد حسيني

21 ـ جولاءِ 2003ع

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.